سلسلہ معرفۃ الکرام
جو چھپن کتاب



سوانح حیات

قدوۃ الاولیاء

حضرت پیر محبوب الٰہی

بقلم

صاحبزادہ محمد کرم اللہ نقشبندی قادری

المعروف (دلبر سائیں) مدظلہ العالی۔

بمجاورہ نشین بخانقاہ عالیہ فیصل آباد شریف، ساتلی۔

بسم الله الرحمن الرحيم

سلسله معرفة الكرام جو ستون كتاب

سوانح حيات

قدوة الأولياء

پيرِ طريقت، واقفِ رموزِ معرفت حضرت خواجہ محمد الاهي بخش

(المعروف)

حضرت پير محبوب الاهي

رحمة الله عليه

دربار عاليه فضل آباد شريف ماتلي

بقلم

صابر ادريس محمد اكرم الله قادري نقشبندي

دلبر سائين

بسم الله الرحمن الرحيم

كتاب جا جملي حق واسطا جامعه مدينة العلم جي ذمي محفوظ آهن

كتاب جو نالو:	**سوانح حيات حضرت پير محبوب الاهي** رحمت الله عليه
نگارش قلم :	صاحبزاده محمد كرم الله نقشبندي قادري المعروف "دلبر سائين"
چاپو پهريون:	جمادي الثاني 1433 هـ
تعداد:	هك هزار
كمپيوٽر لي آئوٽ:	فقير محمد اسماعيل چنا.
چپائيندڙ:	فقير محمد نواز كرمي
ناشر :	جامعه مدينة العلم صالح آباد ملير كراچي.
هديو:	

هي كتابُ لاجواب ۽ دلبر سائين جا لكيل پيا اهم كتاب ۽ تقريرون اوهان انٽرنيٽ تي ب پڙهي سگهو ٿا، ٻڌي سگهو ٿا، ڏسي سگهو ٿا. پتو هي آهي:

www.peerdilbar.com

بسم الله الرحمان الرحيم

فهرستِ مضامين

كتاب سوانح حيات حضرت پير محبوب الاهي

نمبر	عنوان	صفحہ
1	سارُوٽيُون ۽ سلام	25
2	پيش لفظ	29
3	**پهريون باب خاندان آباءُ و اجداد**	49
4	علم الانساب	50
5	علم الانساب ڇا آهي؟	51
6	علم الانساب جي اهميت	51
7	عِلم القيافَه	53
8	رضاعت جا اثرات	54
9	نسبُ ۽ آفاقي ۽ آسماني اثرات	55
10	نسب جا احڪام ظاهر تي آهن	55
11	شجرة النسب مڪمل بيان ڪرڻ مشڪل آهي	56
12	پنهنجي ذات متائڻ	58
13	نسب ۾ طعنو هڻڻ	60
14	**انساني نسل جي ارتقا**	65
15	ڏرتي تي موجود قومون	66
16	عرب ۽ قبائل عرب	68
17	اوس ۽ خزرج قبيلا	70
18	**انصارن جو شان ۽ مانُ**	71
19	انصارن جي فضيلت ۽ انهن سان اُلفت	73
20	انصارن بابت آخرين وصيتون	76

21	نبي ڪريم ﷺ جا ناناڻا	77
22	دنيا جي ملڪن ۾ انصارن جي آبادي	79
23	**سنڌ ۽ هند ۾ عربن جي آمد**	81
24	علم حديث جي ڦهلائڻ ۾ سنڌين جو حصو	83
25	سنڌ باب الاسلام	86
26	سنڌ ۾ انصارن جي آبادي	88
27	خواجہ ڪرم الله انصاري	89
28	سيرتِ سيدنا ابو ايوب انصاري سندس اولاد جو سنڌ ۽ هند ۾ اچڻ	90
29	ابوايوب انصاري جو اولاد سيوهڻ سنڌ ۾	97
30	خاندان شيخ محمد مراد انصاري	100
31	حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليہ جو نسب نامو	101
32	شجرة النسب جي تصديق	103
33	خانواده حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليہ	106
34	ميان محمد صالح رحمة الله عليہ (پٽ ڏاڏو)	106
35	وڏيرو جان محمد رحمة الله عليہ (ڏاڏو)	106
36	بيبي ڪامل رحمة الله عليها (ڏاڏي)	107
37	حضرت محبوب الاهي رحمت الله عليہ جو ڏاڏڻگ	109
38	محبوب الاهي جو والد ماجد حضرت قاضي خدا بخش رحمۃ اللہ علیہ	110
39	محبوب الاهي جي والده ماجده	114
40	حضرت محبوب الاهي جو نانڻگ	115
41	**حضرت محبوب الاهي جي ولادت ۽ ننڍپڻ**	118
42	حضرت خواجہ محمود نقشبندي رحمۃ اللہ علیہ جي بشارت	118
43	حضرت خواجہ محمود قادري رحمۃ اللہ علیہ جي بشارت	119

44	نالي رکڻ جو سبب	119
45	ولادت باسعادت	119
46	حضرت قاضي خدا بخش رحمۃ اللہ علیہ جي گهراٽي جو مختصر احوال	121
47	محبوب الاهي رحمۃ اللہ علیہ جا ٻاٽر ۾ انهن جو اولاد	122
48	**ٻيون باب حصولِ علم**	127
49	محبوب الاهي جي تعليم جو آغاز	128
50	قرآن شريف، عصري تعليم، فارسي ڪتاب	128
51	نماز سان نينهن	129
52	هن جي فيض مان جڳ فيضياب ٿيندو	129
53	مدرسہ ڪڙيہ غلام الله	130
54	مدرسہ ڳوٺ سلطان چانڊيو	131
55	پاٽ شريف جي مدرسي ۾	131
56	مدرسہ مظهر الحق نصر پور	132
57	مدرسہ يارو ديرو ۾	132
58	دستارِ فضليت	133
59	خدمتِ خلق جو جذبو	133
60	علم خاطر تڪليفون برداشت ڪرڻ	133
61	علمي شغف	134
62	سلسلۂ تدريس	135
63	استاد کي لکيل خط (عربي)	136
64	سندن استاد کي لکيل فارسي خط	137
65	**محبوب الاهي رحمۃ اللہ علیہ جا اساتيذ ۽ اسانيد**	139
66	پهريون استاد: حضرت مولانا محمد چٹل لغاري	139

67	پيون استاد: حضرت مولانا محمد اسحاق رحمة الله عليه	140
68	ٽيون استاد: حضرت مولانا خان محمد آڳرو رحمه الله عليه	144
69	چوٿون استاد: مولانا عبد الرحمان ڀير رحمة الله عليه	146
70	مولانا عبدالرحمان جا استاد	147
71	مولانا محمد عظيم شيدا جي ڪافي چار هولين مِ	147
72	مولانا غلام حسين دريشاڻي جون ٻه عجيب ڳالهيون	148
73	محبوب الاهي جي استادن جو سلسلو نبي ڪريم ﷺ تائين	150
74	سندن استادي سَنَد متصل نبي ڪريم ﷺ تائين	151
75	سندن سند امام البخاري کان نبي ﷺ تائين	152
76	ٻين سند متصل امام بخاري کان نبي ڪريم ﷺ تائين	153
77	لائق ۽ فائق استادن جو قابل ۽ عاقل شاگرد	154
78	توڪل علي الله جو رنگ	154
79	سندن شاگرد	154
80	مولانا نور احمد جي گواهي	155
81	**سندن ڪجهه فتوائون**	156
82	ياءِ ۽ چاچي هوندي چا ماءِ نڪاح ڪري ڏئي سگهي ٿي؟	156
83	فاسق جي امامت بابت فتويٰ	157
84	افضليتِ ابوبڪر صديق رضي الله عنه بابت محبوب الاهي جي فتويٰ	159
85	حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه جون علمي خدمتون	163
86	بهترين استاد هڻا	163
87	خطاطي	163
88	حاشيه آرائي	164
89	**ٽيون باب حصولِ فيض روحاني**	165

90	محبوب الٰہی رحمت اللہ علیہ تلاش منزل مِ	165
91	کانہ ڈُکی ڈک ری	165
92	محبوب الٰہی رحمۃ اللہ علیہ حضرت میاں محمود رحمۃ اللہ علیہ جی صحبت مِ	168
93	محبوب الٰہی رحمۃ اللہ علیہ حضرت پیر محمد قاسم رحمۃ اللہ علیہ رحمۃ اللہ علیہ جی صحبت مِ	170
94	بیعتِ اول سلسلہ عالیہ قادریہ	170
95	خاندان مِ ولادت	171
96	تعلیم مِ تربیت	171
97	شادی مبارک	172
98	صورت مِ سیرت	172
99	بیعت مِ خلافت	174
100	ادب مِ احترام	174
101	تصنیف و تالیف	175
102	وصال پر ملال	175
103	محبوب الٰہی رحمۃ اللہ علیہ حضرت سائین مشوری صاحب جی صحبت مِ	176
104	عجیب خواب	176
105	تلاشِ رھنما	177
106	خواب جی حقیقت	178
107	محبوب الٰہی رحمۃ اللہ علیہ قطب عالم حضرت پیر منا سائین رحمۃ اللہ علیہ جی صحبت مِ	179
108	بیعتِ ثانی سلسلہ عالیہ نقشبندیہ	179
109	حُلیو شریف	181
110	خدمات و تعلیمات	181
111	سجادہ نشینان	183
112	خُلفاءِ غفاري	184

113	خانقاهِ غفاري جو نظام	185
114	حضرت محبوب الاهي جو نقشبندي سلسلو	188
115	قلبي كيفيتون	190
116	مجمع البحرين	190
117	ذكر و فكر	191
118	خلافت نقشبنديہ	192
119	تبليغي كاوشون	193
120	گھوٽ جي شادي ۽ دين جي آبادي	193
121	خلفاءِ كرام سان مددگاري	195
122	استاد جو اقرار	196
123	محبوب الاهي سان مخالفتون	197
124	**محبوب الاهي رحمۃ اللہ علیہ جي پير كامل سان محبت**	199
125	پير سان محبت جو مقام	199
126	محبوب الاهي جي محبت	201
127	مرشد جي دعوت كرڻ	202
128	من پرين پچن هي قرباني كنهن كئي؟	202
129	سر گهر ٻچا ٻار كيان قربان	203
130	ننگر جي خدمت	204
131	محبوب الاهي رحمۃ اللہ علیہ سان سندن مرشد جي محبت	205
132	تدريس بجاءِ تبليغ جو حكم	205
133	خلافتِ مطلقہ	206
134	**قطبِ عالم پير منا سائين پاران محبوب الاهي جي سندِ خلافت**	207
135	شيـخ كامل	210

136	رحمتپوري رنگ	210
137	ولي ۽ محفوظ هوندا آهن	211
138	فنا في الله بقا بالله	212
139	رباني عالم ۽ ولي الله	213
140	محبت جي يڪرنگي	213
141	پير منا سائين جو وصال ۽ محبوب الاهي جو مصلحانہ ڪردار	214
142	پير منا سائين رحمۃ اللہ علیہ جي وصال بعد جماعت جي ساڻن تجديد بيعت	215
143	فيوضات جي پالوٽ	218
144	غيبي اشارا	219
145	نور جي لاٽ	220
146	**چوٿون باب ديني ۽ ملي خدمات**	221
147	**خدمت جي بهترين صورت: ديني مراڪز قائم ڪيائون**	224
148	پهريون مرڪز ڪُرڪٽ ڳوٺ	224
149	ٻيون مرڪز خير محمد چانڊيو	226
150	خير محمد ڳوٺ تي نور جي بارش	227
151	مخالفتون	227
152	خير خواهن جو وفد	228
153	ٽيون مرڪز الله آباد خانپور	229
154	قطبِ عالم رحمۃ الله عليہ جي آمد	230
155	ابليس جون آهون	231
156	الله آباد ۾ رنگي جا رنگ	231
157	خانصاحب جون محبتون	233
158	رهائشي عرصو	237

159	چوٽون مرڪز غريب آباد	238
160	سورهن گهوٽن جي اجتماعي شادي	242
161	پنجون مرڪز تماچي جميجو	243
162	عجيب واقعو	245
163	اصلاح عوام	245
164	ڇهون عارضي مرڪز ٽنڈو جام	246
165	ستون مرڪز فضل آباد ماتلي	247
166	فضل آباد ۾ دين جي آبادي	248
167	ماتلي ۾ اچڻ جو سبب	248
168	اٺون مرڪز ڪرمپور دادو	250
169	ڪرمپور ۾ فيض ۽ فائدي جو منظر	251
170	ڪرمپور لاءِ دعا ۽ التجا	253
171	**خدمت جي ٻين صورت: مسجدون تعمير ڪرايائون**	254
172	غفاري مسجد	254
173	فضلي مسجد ڪرمپور	255
174	ڪنهن کان سوال نه ڪجاءِ	256
175	ڏهه روپين ۾ مسجد تيار	257
176	مسجد ڏاڍي سٹي ٺهرائي اٹئي	257
177	مسجدون آباد ڪيائون	258
178	**خدمت جي ٽين صورت: ديني مدرسا قائم ڪيائون**	259
179	اتحادِ علماءَ جون ڪوششون ڪيائون	259
180	مدرسه ڪرڪٽ	260
181	مدرسه رياض الهديٰ خانپور	260

182	مدرسہ عربیہ انوار الاھي ماتلي	262
183	مدرسہ عربیہ مخزنِ الاھي	263
184	**خدمت جي چوٿين صورت: قلمي تبليغ ڪيائون**	263
185	پھرين قلمي خدمت تبليغي خط لکيائون	263
186	ٻين قلمي خدمت شرعي فتوائون لکيائون	264
187	ٽين قلمي خدمت اصلاحي ڪتاب لکيائون	265
188	ڪتابي تبليغ	265
189	**خدمت جي پنجين صورت: معاشي ۽ سماجي سڌارا آندائون**	270
190	محتاجن جي معاشي مدد ڪيائون	270
191	بي روزگارن کي حلال روزگار سان لاتائون	270
192	نياڻيون پرٽائڻ ۾ مدد ڪيائون	272
193	بيمارن جو علاج ڪرايائون	272
194	روحاني علاج ڪيائون	272
195	برين رسمن جي پاڙ پٽيائون	274
196	**خدمت جي ڇهين صورت : صالح افراد تيار ڪيائون**	275
197	**1. ضمير جا زنگ لاتائون**	275
198	خلفاءَ کي توجھ	276
199	فقيرن متان حالات و واردات	276
200	سنگدل ۽ روئي ويھندا ھئا	276
201	نور محمدي ﷺ	277
202	توجھ جي تاثير	278
203	**2. ڪردار سازي ڪيائون**	280
204	**3. ڳولن جا ڳوڙ سڌاريائون**	282

205	لاڙ ۾ هڪ مهيني جو سفر	284
206	ڪاڇي تي ڪرم جو ڪر	286
207	هديءِ عقيدت	287
208	ٻيڙي پار پهچي وئي	287
209	4. فاسقن کي سڌاريائون	288
210	بي انتها بدڪار	289
211	5. چورن کي مور بنايائون	290
212	6. نشيباز سڌاري ڇڏيائون	291
213	7. جُوا جا اڈا بند ڪرايائون	292
214	8. شيعن کي سُني بنايائون	293
215	9. وهابين کي سُني بنايائون	294
216	10. ڪافر مسلمان ڪيائون	294
217	11. عورتن جو اصلاح ڪيائون	295
218	12. علماء جو اصلاح ڪيائون	297
219	13. جنن کي فيض ڏنائون	298
220	**پنجون باب مجالس محبوب الاهي**	299
221	سندن مجلسي زندگي	300
222	پهرين مجلس:عشق الاهي جي بيان ۾	306
223	ٻين مجلس: تلاوتِ قرآن جي فضيلت	309
224	ٽين مجلس عشق ۾ اطاعتِ رسول ﷺ	312
225	چوٿين مجلس زبان ۽ نگاهه جي حفاظت	315
226	پنجين مجلس گهريلو زندگي جا مسائل ۽ مشاڪل	318
227	ڇهين مجلس ذڪر خفي ۽ ذڪر جلي	319

228	ستين مجلس فقيرن جي خدمت ڪرڻ	320
229	اٸين مجلس محبت پري گفتار	322
230	نائين مجلس ڏگهي عمر ۾ نيڪ عمل	325
231	ڏهين مجلس ظلم کان بچو	329
232	يارهين مجلس عورتن جي عبادت ۾ زهد	331
233	بارهين مجلس ڪاوڙ ڪائڻ	336
234	تيرهين مجلس تبليغ جا فضائل	338
235	چوڏهين مجلس اول خود عمل ڪيو	339
236	پندرهين مجلس صحبتِ صالحين	340
237	سورهين مجلس گمراهه ماڻهن جا طبقا	345
238	سترهين مجلس رچي جي ريتا ٿيا	351
239	ارڙهين مجلس محبت پري گفتار	355
240	اٽويهين مجلس عزم استقامت ۾ استقلال	365
241	ويهين مجلس مبلغن جي همت افزائي	367
242	ايڪيهين مجلس اصطلاحات حضرات نقشبنديہ	368
243	باويهين مجلس بيعت اول ۾ بيعت ثاني	373
244	بزرگن جو توجهہ	375
245	ڪرامت کان استقامت افضل آهي	376
246	تيويهين مجلس سُهٽا خواب	377
247	چوويهين مجلس دل جـي دنيا	379
248	پنجويهين مجلس عادتون ۾ مجبوريون	385
249	پنجويهين مجلس مستورات ۾ مجلس	387
250	چويهين مجلس لاالٰہ الااللہ جو ذڪر	389

251	ستاويهين مجلس حلال ۽ حرام بابت	392
252	اناويهين مجلس مخالفن کي جواب نہ ڏيو	393
253	**ڇهون باب ملفوظات شريف**	397
254	1. مصريءَ جون تڙُون	398
255	2. سُرهاڻ پريون سِتُون	407
256	3. حڪايات و واقعات	415
257	سفر حج1397هـ	458
258	**ستون باب مڪتوبات شريف** (انونجاهه خط)	461
259	**اٺون باب شعر و شاعري**	535
260	غزل مولود ۽ ڪافيون	536
261	ابيات محبوب الاهي	563
262	مثنوي محبوب الاهي	569
263	خطبات محبوب الاهي	587
264	**نائون باب مُڪاشفات ۽ ڪرامات**	591
265	ڪرامت ڇا آهي؟	591
266	ڪشف ڇا آهي؟	591
267	ڪرامات و مڪاشفات اولياءِ	592
268	ڪرامتن جا قسم	594
269	ڪرامت ۽ استدراج ۾ فرق	596
270	سڀ کان وڏي ڪرامت	596
271	ڪرامتن جو انڪار	597
272	**حضرت محبوب الاهي جا مڪاشفات ۽ ڪرامات**	599
273	خوابن ۾ تبليغ	600

274	حسي ۽ معنوي ڪرامتون	600
275	جيڪي چيائون ٽي پيو	601
276	هي نينگر مفتي ٽيندو	601
277	داروغي مان عالم	601
278	لٽو ڏول ڏيهه تان	602
279	لفظن جي تاثير	602
280	فراستِ مومنانه	602
281	برادري جي ورهاست	603
282	خواب ۾ ديدار	603
283	عجيب ڪرامت	604
284	لگڻ سان لڳل پاڻي	604
285	عرض جيڪو اگهي ويو	604
286	ڪشف القبور	605
287	اڏيرو لال جي دعوت	606
288	دعا جي تڪڙي اجابت	606
289	دعائن جي قبوليت	607
290	الله وٽ سفارش	607
291	قاسي گهاٽ تان واپسي	608
292	سفيد پوش	608
293	باعزت بري ٽي اچڻ	609
294	مراقبي ۾ مهرباني	609
295	ڏاندن جو جوڙو	610
296	اجڙيل گهر جي آبادي	610

297	تنگدستي ختم ٿي وئي	611
298	ستن مان ستھتر	611
299	برکتون ئي برکتون	611
300	بيمارن کي شفا	612
301	ماتلي ۾ منھنجو طبيب	613
302	پڙھيل پاٽيءَ جا ڇنڊا	613
303	لاعلاج جو ڪامياب علاج	613
304	اکيون روشن ٿي ويون	614
305	مڇرن کان نجات	614
306	پرينءَ جا پيزار	614
307	بادل برسڻ آئيا	615
308	ماتليءَ تي مينھن اُنا	615
309	وسي وسي مينھن سيئي پٽَ پُسائيا	615
310	چانڊين جو پير	617
311	پڪل پوک جي حفاظت	617
312	نئون ليسن ڪرائڻ	618
313	ظالم جي ذلت	618
314	شادي ۽ اولاد	619
315	ڪاري مان مئو	621
316	جيل مان آزادي	623
317	نئين زندگي	625
318	**ڏھون باب صورت ۽ سيرت**	627
319	1. جيئن ڏئو هو مون	628

320	نوري منظر	634
321	پيري ۾ به اهڙو حسن	634
322	گفتار جي اثر انگيزي	635
323	2. جن ڏٺو جاڻن اُهي	637
324	جي مُرڪڻ سان دل موهي ويا	637
325	پيڪرِ جمال و ڪمال	637
326	منهن ۾ مٺيا	638
327	بي تڪلفي ۽ سادگي	638
328	3. حُسنِ صورت	639
329	حُسن و جمال ڇا آهي؟	639
330	حُسن محبوب الاهي	640
331	4. حُسنِ سيرت	647
332	حاضر جوابي	653
333	مريدن سان مهرباني	653
334	جانورن جي خبر گيري	653
335	5. خوراڪ ۽ پوشاڪ	654
336	6. محبوبِ الاهي جي سيرت جا درخشان پهلو	656
337	محبتِ الاهي ۾ سرشار هئا	656
338	پيڪرِ عشقِ رسول ﷺ هئا	661
339	شريعت جا تابعدار هئا	663
340	متقي ۽ پرهيزگار هئا	667
341	عالم هئا ۽ عالمن جا قدردان هئا	670
342	عابد زاهد هئا	671

343	صابر ۽ شاكر هئا	672
344	متوكل علي الله هئا	673
345	اهل دل ۽ اهل نظر هئا	678
346	خليق ۽ شفيق هئا	679
347	متواضع ۽ منكسر المزاج هئا	680
348	صُلح پسند ۽ مُصلح هئا	683
349	دلير ۽ بهادر هئا	684
350	تحمل ۽ بردباري وارا هئا	684
351	مُستغني الحال هئا	685
352	خوش طبع ۽ خوش مزاج هئا	687
353	احسان كرڻ وارا هئا	687
354	بي مثال مرشد ۽ مربي هئا	688
355	مهمان نواز مهربان هئا	694
356	حقوق العباد جي پاسداري	697
357	فوت ٿيلن کي ايصال ثواب	698
358	7. معمولات	701
359	شاعري جو شغف	703
360	كافين جو كيف	705
361	رمضان المبارک جا معمولات	706
362	تربيتي نشستون	706
363	8. اوراد و وظائف	709
364	ديدارِ مصطفيٰ ﷺ لاءِ عمل	709
365	ختمِ حضرت غوثِ الثقلين شيخ عبدالقادر جيلاني رحمۃ اللہ علیہ	713

366	**يارهون باب انتقال پر ملال**	717
367	سفر آخرت	717
368	ختم شريف	718
369	سجاده نشيني جو اعلان	719
370	بخار کفارو آهي	720
371	بسترِ علالت تي	721
372	نوري نصيحت	724
373	صبر ۽ شکر	725
374	اجتماعي وصيت	728
375	بيمارين جو غلبو	731
376	استغراقي کيفيت	731
377	چهري جي چمڪ	732
378	سفر آخرت	733
379	کرامات بوقتِ وصال	735
380	نماز جنازه	736
381	مزار پر انوار	736
382	کتبهٔ مزار	737
383	قبي شريف جي تعمير	738
384	**بارهون باب شاديون ۽ اولاد**	739
385	ازدواجي زندگي	739
386	تعليم و تربيت	740
387	پهرين گهرواري حضرت بيبي خاتون ۽ ان مان اولاد	743
388	صاحبزاده کليم الله	743

389	ٻين گهرواري حضرت بيبي هدايت خاتون ۽ ان مان اولاد	746
390	صاحبزاده حسن الله	747
391	صاحبزاده فضل الله	748
392	صاحبزاده كرم الله	748
393	ٽين گهرواري حضرت بيبي سعيده خاتون ۽ ان مان اولاد	749
394	صاحبزاده خليل الله	751
395	صاحبزاده عطاء الله	753
396	صاحبزاده شفيع الله	754
397	صاحبزاده نعمت الله	756
398	صاحبزاده حبيب الله	758
399	سجاده نشين	759
400	منهنجو تعارف	760
401	قلمي كاوشون	766
402	كرمي خلفاء	780
403	**تيرهون باب خلفاءِ كرام**	785
404	خلفاءِ كرام لاءِ شرائط ۽ ضوابط	787
405	خليفه صاحبزاده كليم الله انصاري	788
406	خليفه صاحبزاده حسن الله انصاري	790
407	خليفه فقير كرم الله	792
408	خليفه حضرت محمد حسين لاهوري	795
409	خليفه حضرت مولانا اشرف علي لغاري	797
410	خليفه حضرت روشن علي مزاري	800
411	خليفه حضرت محمد صديق راجپوت	802

412	خليفہ مولانا گل حسن سومرو	804
413	خليفہ حافظ نظام الدين جوٹيجو	808
414	خليفہ مولانا امير بخش سومرو	809
415	خليفہ حضرت كمال الدين لا شاري	812
416	خليفہ حضرت محمد موسيٰ رند	814
417	خليفہ مولانا محمد اسماعيل ڈيپر	818
418	خليفہ جناب خليفہ محمد رمضان رحماني	824
419	خليفہ جناب محمد عالم چانڈيو	826
420	خليفہ مولوي محمد اسلم نوري	830
421	خليفہ جناب محمد حسين خاصخيلي	831
422	خليفہ مولانا غلام شبير جوٹيجو	833
423	خليفہ جناب فتح محمد لغاري	834
424	خليفہ محمد صالح چانڈيو	836
425	خليفہ علي حسن كوسو	839
426	خليفہ محمد صالح كھيري	840
427	خليفہ جناب كريم بخش پتوجو	842
428	خليفہ قاري غلام حيدر تونسوي	843
429	خليفہ مولانا علي مراد	843
430	خليفہ محترم قمر الدين ناريجو	844
431	خليفہ محمد يوسف	845
432	خليفہ محترم ملك محمد	846
433	خليفہ الله ڈتو چانڈيو	847
434	خليفہ مولانا محمد امين ميمڻ	848

435	خدمتگار ۾ خاص فقير	850
436	**چوڏهون باب عداوتون ۽ عنايتون**	851
437	موافقتون ۽ مخالفتون	851
438	عـداوتـن جا اطراف	853
439	عـداوتـن جا اقسام	854
440	عداوتن مطابق عنايتون	855
441	سختيون ۽ سور درجن جي بلندي جو سبب آهن	856
442	عـداوتـن جا اسباب	857
443	انبياءَ واولياءَ جا مخالفين؟	858
444	حاسدن جون کاروايون	862
445	اسلام جي ڏيڍ هزار سالہ تاريخ جو دل ڏکوئيندڙ پهلو	865
446	صحابہ ڪرام کي ايذايو ويو	866
447	امام جعفر صادق تي ڪوڙو الزام مڙهيو ويو	867
448	اويس قرني جي مذاق اڏائي ويندي هئي	867
449	حضرت مالڪ دينار کي مارَ ڪُٽَ ڪئي وئي	868
450	امامِ اعظمؒ کي ايذايو ويو	870
451	امام احمد بن حنبلؒ کي ڪوڙا هنيا ويا	872
452	محبوب سبحاني رحمة الله عليہ سان مخالفتون ٿيون	873
453	حضرت ابراهيم بن ادهم کي سخت ڏُکويو ويو	874
454	شيخ احمد رفاعي رحمة الله عليہ کي ايذايو ويو	874
455	حضرت امام غزالي رحمة الله عليہ کي ڏُکايو ويو	875
456	بايزيد بسطامي رحمة الله عليہ کي پٿر هنيا ويا	876
457	حضرت امام رباني کي قلعي ۾ قيد ڪيو ويو	877

458	ابوالحسن شاذلي رحمة الله عليه کي ملک بدر ڪيو ويو	877
459	شيخ فريد الدين گنج شڪر رحمۃ اللہ علیہ جي شان ۾ گستاخي	878
460	خواجہ نظام الدين کي نا شائسته ڪلما چيا ويا	879
461	خواجہ بهاءالدين زڪريا رحمۃ اللہ علیہ متان پٽر اڇلايا ويا	879
462	مخدوم آدم ٺٽوي کي شهيد ڪرڻ جو منصوبو	880
463	حضرت پير مهر علي شاهہ رحمۃ اللہ علیہ متان قاتلاڻا حملا	881
464	سلطان الاولياء رحمة الله عليه کي ايذايو ويو	882
465	حضرت پير روضي ڏاڻي رحمۃ اللہ علیہ کي تڪليفون ڏنيون ويون	882
466	شاهہ ولي الله محدث دهلوي جي شديد مخالفت ٿي	883
467	حضرت مخدوم بلال رحمة الله عليه کي شهيد ڪيو ويو	883
468	اختلافن جي صدي	885
469	ڪنهن کي ڪافر چوڻ اُڌ ماريڻ مثل آهي	886
470	اعليٰ حضرت احمد رضا خان بريلوي جو قول	887
471	احاديثِ نبويہ ۾ ڪنهن کي ڪافر سڏڻ تي تنبيہ	887
472	اسان جي قبلي ڏانهن منهن ڪرڻ وارن کي ڪافر نہ چئو	889
473	نيتن جو مالڪ الله آهي	890
474	حضرت پير روضي ڏاڻي رحمة الله عليه جا فرمودات	892
475	بزرگن جي مخالف جو انجام چا ٿيندو؟	893
476	محبوب الاهي سان مخالفتون	894
477	ڪين گارين پريا خط لکيا ويا	894
478	عزيزن پاران اذيتون	895
479	سندن مرشد وٽ شڪايتون	895
480	وڏيرن وٽ فيصلا ڪرايا ويا	896

481	سندن خلاف جلسا کيا ويــ ﷺ	896
482	سندن حويلي ۾ چور موکليا ويا	897
483	سندن مٿان ڪيس ڪيا ويا	897
484	ساڻن مناظرا ۾ مباحثا ڪيا ويا	899
485	تقريرن تي بندش وڌڻ جي ڪوشش	903
486	حسد جي بـ ڪا حد هجي	903
487	سندن مٿان قاتلاڻا حملا ڪيا ويا	904
488	مٿن ڪفر جي فتويٰ مڙهي وئي	905
489	جوابي ڪاروايون؟	906
490	اهي ميوبدار وڻ وانگر هئا	906
491	حضرت پير روضي ڏٽي رهبر جا عجيب مثال	907
492	حق وارن جي حمايت	908
493	شيخ بهاءُ الدين زڪريا جي سُجاڻ	908
494	حضرت پير سائين روضي ڏٽي جي سيوستاني ڪي سُجاڻ	909
495	لمحهءِ فڪريه	912
496	**پندرهون باب شخصيات جا تاثرات**	913
497	حضرت محبوب الاهي معاصرين جي نظر ۾	913
498	حضرت ميان منظور احمد مدنيءَ جون محبتون	914
499	حضرت پير محمد قاسم مشوريءَ جو سندن پيشاني چمڻ	915
500	حضرت سمٿا سائين ۾ محبوب الاهي جي ملاقات	916
501	حضرت ميان عمر الدين چنا جون چاهتون ۾ محبتون	917
502	حضرت ميان گلڻ فقير جا عجيب الفاظ	918
503	حضرت مولانا نبي بخش زرداريءَ جا تاثرات	919

504	استاد العلماء حضرت علامہ عبدالرحمان نتوي جا تاثرات	921
505	محسن سنڌ ڈاکٹر نبي بخش بلوچ	924
506	حضرت علامہ مولانا احمد ملاح رحيم آبادي	926
507	حضرت محبوب الاهي بابت مختلف کتابن مٿ آيل مواد	928
508	**تقريظون** : حضرت خواجہ عبدالغفار عرف پير مٹا سائين ثاني	933
509	حضرت پير عبدالخالق قادري	935
510	حضرت سيد سردار ضياءِ الله شاهہ جيلاني	936
511	علامہ پير مفتي خليل احمد جان اشرفي	937
512	حضرت علامہ مولانا محمد ادريس طاهري بخشي غفاري	938
513	پير طريقت حضرت سيد جيئل شاه مدظلہ العالي	939
514	حضرت پير محمد حضور بخش نقشبندي غفاري صديقي	940
515	حضرت علامہ صاحبزاده غلام محمد دائودي نقشبندي	941
516	حضرت پير سيد رازق ڏنو شاهہ بخاري	944
517	حضرت علامہ سيد مريد کاظم شاهہ بخاري	945
518	حضرت پير صاحبزاده ابو الخير محمد زبير مدظلہ	946
519	حضرت ابو امجد صوفي رضا محمد عباسي قادري	947
520	حضرت علامہ و مولانا مفتي عبدالرحمان نتوي	948
521	حضرت مولانا مفتي محمد شريف سرکي	949
522	حضرت علامہ مفتي محمد جان نعيمي	950
523	حضرت علامہ و مولانا شفيق احمد قادري	951
524	محترم پروفيسر اسرار احمد علوي	952
525	حضرت علامہ و مولانہ حافظ الله بخش قادري	953
526	حضرت علامہ مفتي محمد ابراهيم ۽ علامہ مفتي گل حسن نعيمي	954
527	حضرت علامہ مولانا سيد فهيم احمد راشدي	955

528	مفتي الله ڈنو جماراٹي ابڑو نقشبندي غفاري مدظلہ	955
529	حضرت مفتي عبد الحليم غفاري	957
530	حضرت علامہ محمد امين خليلي غفاري	959
531	حضرت علامہ حبيب الرحمان گبول طاهري بخشي غفاري	960
532	مفتي عبدالرحيم طاهري	962
533	مفتي حضور احمد نقشبندي طاهري	963
534	مفتي مختيار احمد تالڑي طاهري	964
535	محترم و مكرم بيدار مورائي طاهري	966
536	حضرت علامہ و مولانا گل محمد	971
537	حضرت علامہ و مولانا غلام مصطفيٰ بگھيو	972
538	حضرت مولانا مفتي نذير احمد سكندري	974
539	حضرت مولوي امير بخش سومرو سكندري	976
540	حضرت مولانا غلام قادر ڈيپر سكندري	977
541	حضرت علامہ و مولانا سيد احمد شاه	980
542	حضرت مولوي احمد ذهين مگسي	980
543	حضرت حافظ سيد نور مصطفيٰ شاهہ	981
544	مولانا محمد يامين جماري (رحماني)	982
545	مولانا جان محمد طاهري	983
546	محترم و مكرم ڈاكٹر غلام عباس مهيسر طاهري	985
547	مولانا حافظ بدر الدين آگرو	993
548	محترم ڈاكٹر غلام نبي پياسي	995
549	هي كتاب لاجواب فقير جاويد احمد كرمي	996
550	مآخذ و مراجع	1001

رَبَّنَا لَا تُؤَاخِذْنَا اِنْ نَّسِيْنَا اَوْ اَخْطَاْنَا ۚ رَبَّنَا وَ لَا تَحْمِلْ عَلَيْنَا اِصْرًا كَمَا حَمَلْتَهٗ عَلَى الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِنَا ۚ رَبَّنَا وَ لَا تُحَمِّلْنَا مَا لَا طَاقَةَ لَنَا بِهٖ ۚ وَ اعْفُ عَنَّا ۟ وَ اغْفِرْ لَنَا ۟ وَ ارْحَمْنَا ۟ اَنْتَ مَوْلٰىنَا فَانْصُرْنَا عَلَى الْقَوْمِ الْكٰفِرِيْنَ ۝ ۲۸۶

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

بابا سائين! او منهنجا بابا !

الله رحيم جون اوهان مٿان ڪروڙين رحمتون هجن.

شال اوهان جي مزار تي مالڪ جي مهر جا ڪڪر هر دم وسندا رهن.

اي منهنجي اکين جا نار، اي منهنجي دل جا دلدار! اي منهنجا استاد !

اي منهنجا مرشد ! اي منهنجا مُربي! اي صوفين جا سرواڻ ! اي عالمن جا اڳواڻ !

اوهان مٿان آسمان تان رحمتون وسنديون رهن ! رحيم جي رحم جون ٽڏيون هيرون اوهان تي هَلنديون ۽ گُهلنديون رهن. الله ڪريم اوهان جي مزار مٿان مينهن جي قطرن، واري جي ذرڙن، وٽن جي پنن جيتريون، بلڪ لا تعداد رحمتون نازل فرمائي.

اوهان وڏي محنتن سان علم حاصل ڪيو. پنهنجي علم تي عمل ڪري ڏيکاريو.

اوهان ڪيڏا ڪريم هئا ! اوهان مِ ہاجھ ۽ شفقت جا ڪي مڻ سمايل هئا.

اوهان علم ۽ فضل جي کاڻ هئا. مالڪ ڪريم وٽ اوهان جا وڏا ماڻ هئا.

اوهان ان نسب مان هئا، جيڪي عِلم ۽ عَلم، حِلم ۽ قلم وارا هئا، شهسوار ۽ صاحبِ تلوار هئا. سجاده ۽ سخاوت، قوت ۽ قيادت انهن جي علامت هئي. پوئين دور مِ اوهان نعم السلف جو نعم الخلف هئا. بلڪ اوهان بقيه السلف هئا. اوهان جي شُهرت جو سج تريءِ هيئان کو نہ لِکو. حاسدن ۽ مُعاندن جون ڦُوڪون اوهان جي عزت ۽ عظمت واري چراغ کي اَجمائي نہ سگهيون. جنهن کي جبار خود روشن ڪيو هيو، اجنبي آگرين تي ڪيڏن وارا ان کي اجمائڻ جي ڪوششن مِ خود اُجمامِي ويا.

اوهان جي صورت باجمال هئي. اوهان جي سيرت باڪمال هئي.

اوهان جي تقويٰ بي مثال هئي. اوهان صالحين ۾ سر فهرست هئا. اوهان عالمن جي پهرين صف ۾ هئا. اوهان کيڏا بردبار ۽ کيڏا حليم هئا! اوهان خطاکارن کي معاف ڪندڙ، نيڪوکارن سان نواز شون ڪندڙ هئا. اوهان عمر الله جي عشق ۾ روئندي گذاري.

بابا سائين! اوهان جو راتين جو مصلي مٿان ويهي روئڻ اصلي نہ ٿو وسري.

جڏهن اوهان مٺڙي مٺڙي زبان سان هي بيت پڙهندا هئا !

منهنجا محبوب تو سان دل اڙي آ، وئي سورن اندر ۾ سا سڙي آ،
منهنجا محبوب لهي وڃ يادگيري، روئي روئي منهنجي ٿي وئي ٿئي پيري.

ان وقت اسين ٻڌڻ وارا به اکين جا لڙڪ روڪي نہ سگهندا هئاسين.

اوهان جون مجلسون اصل نہ ٿيون وسرن. جڏهن اوهان سُريلي آواز ۾ الله جو ڪلام پڙهندا هئا تہ سنگ دل ماڻهو به ميڻ مثل ٿي لڙڪ لاڙي ويهندا هئا.

اوهان جي آواز ۾ ڪيڏي ڪشش هئي ! اوهان جي لفظ ۾ ڪيڏي تاثير هئي !

بابا سائين ! اوهان جا نماڻا نماڻا نينڀ، ينل ينل اکڙيون، عشق حبيب ﷺ ۾ سُڏڪڻ ۽ ڏُکڻ اصل نہ ٿو وسري. اوهان عمر جون اڪثر راتيون پنهنجون پاسراتيون بستر کان جدا رکيون. اوهان راتين جو پنهنجو مصلو آباد ڪيو. اوهان دنيا سان دل نہ لاتي، اوهان مال ۽ مايا تن ۽ دولت کي تياڳ ڏئي الله جي محبت ۽ رسول الله ﷺ جي عشق کي قبول ڪيو!

بابا سائين ! اڄ اوهان جي مسجد ۽ اوهان جي وعظ واري ڪُرسي اُداس آهي.

اوهان ڪيئن نہ محفلن کي پنهنجي مٺڙي گفتار ۽ علمي ڪلام سان موهي وڃهندا هئا!

صبح جو تلاوتِ قرآن اوهان جي عادت هئي. ذڪرِ رحمان اوهان جي علامت هئي.

اوهان ڪامل هئا اڪمل هئا، اوهان روحاني رهبر هئا، دلين جا دلبر هئا، اکين جا انور هئا، ساهہ جا سينگار هئا، اکين جا نار هئا، غريبن جا غمخوار هئا، اڙين جا آڌار هئا، عشق وارن جي مجلسن جا سينگار هئا، دلين جا دلدار هئا.

اوهان پنهنجي عمر اسلام جي خدمت ۾ گذاري ڇڏي.

اوهان سنتن تي عمل ڪري ڏيکاريو، اوهان خَلق کي سڌو رستو سيکاريو. اوهان عالم هئا علم جا خادم هئا. اوهان نبين جا وارث هئا، اوهان ابناءِ زمانہ ۾ پنهنجو پاڻ ملهائي ويا.

اوهان جتي محبت جا خيما کوڙيا، خلق اوهان جي ڏسڻ لاءِ مشتاق بنجي پهچندي هئي. اوهان وسندڙ ڪَکَرُ هُئا، اوهان رحمت جو مينهن هئا، اوهان علم ۾ عمل جو روشن ڏينهن هئا، اوهان عالي همت ۾ عزم ۽ شينهن هئا.

اوهان صحت توڙي سُقم ۾، خوشي توڙي غم ۾، مشغولي توڙي ڪم ۾، ڪڏهن ذڪر الاهي کان غفلت ڪونہ ڪئي. اوهان پنهنجي هٿان ڪڏهن ڪنهن کي ڪونہ ڏکويو. اوهان سائل کي خالي نہ وراڻيو، اوهان مسافرن کي جيءُ ۾ جايون ڏنيون. اوهان مريدن لاءِ مِهر وارا هئا، اوهان پاڙيچن سان پيار ڪرڻ وارا هئا. لاڙيچن سان لطف ڪرڻ وارا هئا . اوهان علم جو بحر هئا، شفقت جو شهر هئا، پريم ۾ پريت جي نهر هئا.

منهنجا بابا سائين ! اوهان جي فجر جي قرائت، تراويح جي تلاوت، رات جي عبادت، محبت وارن جي امامت، ڏينهن جو ڪتابن جو مطالعو، روزن جي افطار واري دعا، تقرير جي شروع وارو خطبو، روئڻ وارو رُتبو، راتين جي مناجات، ماڻهن سان ملڻ جو عجيب انداز، پٽن سان پيار، نياڻين سان شفقت ۾ گهٽ ڪائڻ، گهٽ ڳالهائڻ، گهٽ سمهڻ اهي اوهان جون عجيب عادتون ڪڏهن ڪونہ وسرنديون.

اوهان جي گفتار ذڪر هئي، ماڻ فڪر هئي ۾ نظر عبرت هئي. اوهان جي مجلسن ۾ قرار هيو، اوهان جي ادائن ۾ پيار هيو، اوهان جي اکين ۾ اسرار هيو، اوهان جي زيارت فيض بشارت هئي. اڄ دليون اوهان کي سارن ٿيون. اکيون لڙڪ هارن ٿيون.

سَرَ نِسريا پانڊ، اَتَـرَ لڳا آءُ پرين،
مون تو ڪارڻ ڪانڊ، سهسين سُڪائون ڪيون.

بابا سائين! الله اوهان مٿان رحم فرمائي!

اوهان سنڌ جي سونهن هئا، عارفن جي وِرُونهن هئا. اوهان سنڌ کي روحاني رونقون واپس ورائي ڏنيون. اوهان بلاشڪ مسندِ علم ۾ قلم جا حقيقي حقدار هئا. ڇو جو اوهان جي گفتار علم جا موتي هئي. اوهان ناموس رسالت ۾ ناموس صحابہ جا پاسبان هئا. اوهان حجازي جي حب (ﷺ) جا پيڪر هئا. اوهان جي قلم جو تيز رفتار گهوڙو تحقيق جي ميدانن ۾ دوڙندو رهيو. اوهان جو ڪردار مثالي هيو.

اوهان زندگي ۾ وڏا ڏک ۽ ڏُنا، پنهنجن جا سُور ۽ سُنا، پراوَن جا ڏولاوا ۽ ڏُنا. رفيقن جا رُساما ۽ رقيبن جون جھڪون ۽ جھولا ۽ سُنا پر اوهان پنهنجي اعليٰ همت، قلمي قوت، سحربياني، خوش الحاني ۽ قادر الڪلامي سبب سيني مٿان حاوي رهيا پوءِ ۽ اوهان انهن مٿان برڻ جي ٽڏڙي ڇانوَ وانگر آس ۽ آسائش بنجي رهيا.

اوهان جي همت ۽ استقامت کي سلام. اوهان جي پامردي کي سلام!

بابا سائين اسان کي اُباڻڪو ڪري ويئو ! اڄ اکيون اوهان جي ديدار لاءِ مشتاق آهن. اڄ دل اوهان جي درشن پسڻ کان اداس ۽ نراس آهي.

تَدْمَعُ الْعَيْنُ، وَيَحْزَنُ الْقَلْبُ، وَلَا نَقُولُ إِلَّا مَا يُرْضِي رَبَّنَا، وَاللَّهِ إِنَّا بِكَ يَا اَبَانَا لَمَحْزُونُونَ

اڄ پڻ اکڙين سڃڻ پنهنجا ساريا،
ڳلن تان ڳوڙهن جون بوندون بس نه ڪن،
سندي سڪ پرين لوڪ ڏُني نه لهي.

بابا سائين اوهان صبح صادق وارو ستارو هئا، جلدي اسان کان وڇڙي ويا. هونئن به چوندا آهن ته صبح جي ستارن جي عمر گهٽ ٿيندي آهي.

جَزَي اللهُ عَني خَيرَ الْجَزَاء يَا اَبَتَاهُ رَحمک الله يَا اَبَتَاهُ

سَلَامٌ عَلَيْكُمْ بِمَا صَبَرْتُمْ فَنِعْمَ عُقْبَى الدَّارِ.

السَّلَامُ عَلَيْكُمْ أَهْلَ الدِّيَارِ مِنَ الْمُؤْمِنِينَ وَالْمُسْلِمِينَ.

إِنَّا إِنْ شَاءَ اللَّهُ بِكُمْ لَاحِقُونَ.

أَنْتُمْ فَرَطُنَا وَنَحْنُ لَكُمْ تَبَعٌ . وَنَسْأَلُ اللَّهَ لَنَا وَلَكُمُ الْعَافِيَةَ .

سلام بابا سائين سلام ! اوهان کي پنهنجي ڪمتر ڪرم الله جي پارت هجي.

بابا جيسين جيئرو آهيان اوهان جا ڳُڻ ڳائيندو رهندس.

نماڻو ويڳاڻو اوهان جو پچو
ڪرم الله.

پیش لفظ

الحمد لله المتوحد بالعظمة والجلال، والمتفرد بالبقاء والكمال، احمده سبحانه واشكره علىٰ جزيل الانعام والافضال، واشهد ان لا اله الا الله وحده لا شريك له، لا الـٰه الا هو الكبير المتعال، واشهد ان سيدنا ونبينا محمدا عبده ورسوله المنقذ بإذن ربه من الضلال، الداعي الىٰ كريم السجايا وشريف الخصال، صلى الله عليه وسلم وبارك عليه وعلىٰ آله وصحبه خير صحب وآل، والتابعين ومن تبعهم بإحسان الىٰ يوم الوصال اما بعد:

حمد ۽ ثنا الله جي ذات پاڪ لاءِ، جيڪو هر ڪمال ۽ جمال جو خالق ۽ مالڪ آهي. اهو هر صفت ۽ ثنا جو حقدار آهي، جنهن جهان جون جوڙون جوڙيون. انسان کي آشرفُ المخلوقات بنايو. ڪيس خلافت جي خَلعت عطا ڪري "كَرَّمنَا بَنِي آدَمَ" جو تاج پهرايو. پنهنجي قرب جي قابل بنائي، پنهنجي وچايل فرش "زمين" تي رهايو. زمين جي سطح کي پکيڙي ۽ وڇاٽي وانگر وڇائي، انسان جي جيائپي جي ضرورتن سان مالامال فرمائي، ان مٿان آسمان کي ڇپر ڇانوَ ۽ ڇت بنايو. ان کي انسانن لاءِ سکون قرار ۽ امن جو آستانو ۽ رهڻ جو آشيانو بنايو. خالق اڪبر ذوالجلال والاڪرام خود اعلان فرمايو:

اللَّهُ الَّذِي جَعَلَ لَكُمُ الْأَرْضَ قَرَارًا (غافر: 64)

اهو الله ئي تہ آهي جنهن اوهان لاءِ زمين کي قرار جي جاءِ بنايو.

زمين جي سيني تي مٺي پاڻي جا چشما جاري ڪيائين ۽ نهرون وهايائين. جن مان ماڻهو ۽ جانور پکي ۽ پَکڙ سيراب ٿين ٿا. پوکون آباد ٿين ٿيون. ڪي ميوبدار ۽ گهاٽا گهاٽا ڇانوَ وارا تہ ڪي سونهن وارا وڻ بنايائين. هوائن جون هيرون گهُلايائين. ڏينهن جو ڏيئو سج ۽ رات جي روشني لاءِ چنڊ کي چمڪايائين. ان قادر جي قدرت سان زمين جو پيٽ چيري ساوا سلا ٻاهر نڪرن ٿا، جيڪي انسانن ۽ جانورن جو قوت ۽ غذا بنجن ٿا.

قادر پنهنجي ڪرم سان زمين جي مٽي ڪي نرم بنايو جنهن ڪي ڪوٽي ان مان ماڻهو پنهنجي رهڻ جون جايون بنائن ٿا ۽ ميتن ڪي عزت ۽ احترام سان اُن اندر دفن ڪن ٿا.

وَالْأَرْضَ فَرَشْنَاهَا فَنِعْمَ الْمَاهِدُونَ (الذاريات: 48)

۽ زمين ڪي اسان وڇايو، سو اسان بهترين سنوارڻ سڌو ڪرڻ وارا آهيون.

درود ۽ سلام: ان پياري پيغمبر، سٺي سرور مدني منور (صلي الله عليہ وعليٰ آلہ وصحبہ وسلم) مٿان جيڪو باعثِ تخليقِ ڪائنات آهي. اهو نور آهي ۽ دلين جو سرور آهي. اهو بشير ۽ نذير آهي اهو سراج منير آهي. اهو ڪريم آهي، مؤمنن مٿان رئوف ۽ رحيم آهي. اهو خَطِيبُ الأَمَم آهي، اهو جَمِيلُ الشِّيَمِ آهي. اهو دلدار آهي، اهو مختار آهي. اهو حضرت آدم ۽ ان جي سڀ اولاد جو سردار آهي. بلڪ سردارن جو سردار آهي. ان جو گهراٽو گهراٽن جو سردار آهي. ان جي ذات ذاتين جي سردار آهي. ان جي پولي پولين جي سردار آهي. ان جو زمانو زمانن جو سردار آهي. ان جا پيارا يار شيخين ڪريمين (حضرت ابوبڪر ۽ حضرت عمر رضي الله عنهما) جنت جي ونڊي عمر وارن جا سردار آهن. ان جو برادر، فاتح خيبر، اسد الله الغالب سيدنا علي بن ابيطالب ﷺ عرب جو سردار آهي. ان جي نياڻي سيدہ طيبہ، طاهره زڪيہ، راضيہ، مرضيہ فاطمة الزهراء رضي الله عنها جنت جي عورتن جي سردار آهي. ان جا ٻڇا حسنين ڪريمين عظيمين شهيدين رضي الله عنهما جنت جي جوانن جا سردار آهن. ان جو شهر شهرن جو سردار آهي. ان جي مسجد سڀ نبين جي مسجدن جي سردار ۽ "خاتم مساجد الانبياء" آهي. ان جا هڙئي يار مهاجر توڙي انصار سڀ شان ۽ مان وارا ۽ هدايت جا ستارا آهن. الله جل جلاله انهن مٿان راضي ٿي ڪري انهن سيني کي رَضِيَ اللّٰهُ عَنهُم وَرَضُوا عَنهُ جو اعزاز عطا ڪيو آهي. انهن جي الفت جنت جي بشارت آهي، انهن سان عداوت جهنم جو ڇڪو آهي.

رحمتون ۽ برڪتون : الله جي انهن اولياءَ ۽ عارف ٻانهن مٿان جن پنهنجون عمريون الله جي عبادت ۽ نبي ڪريم ﷺ جي اطاعت ۾ گذاري ڇڏيون. جن راتيون روئندي گذاريون ۽ ڏينهن ڏُسڪندي گذاريا. اهي انمول انسان پاڻ جاڳي لوڪ کي جاڳائي ويا. اهي قوتِ عشق سان قومن جون تقديرون ٺتائي ويا. اهي لکين گمراهن کي گس لائي ويا.

عشق جي آمازي سان ابليس جا ٻيلا ٻاري ويا، محبوب جي محبت ۾ سِرن جا سودا ڪري محبت جي ميدانَ ۾ پاڻُ ملهائي ويا.

موت ڇا ماري انهن کي جي مرڻ کان اڳ مُئا،
آهي مرڻو موت کان اڳ کو مرڻ وارو هجي؟

اهي اڄ به زندهه زماني ۾ آهن: هونئن ته هن ڌرتيءَ تي لکين انسان آيا ۽ پنهنجو وارو وڃائي وڃي قبرن جا مهمان ٿيا. ڪنهن کي به هميشه هتي رهڻ نه ڏنو ويو نه رهڻ ڏنو ويندو. جيڪو آيو سو وڃڻ لاءِ، جيڪو جائو سو مرڻ لاءِ. پر هڪڙا ماڻهو مرڻ بعد سڄ پڄ به مري ويندا آهن. جهان ۾ انهن جو ڪو نام و نشان باقي نه رهندو آهي. پر هڪڙا مور ماڻهو مرڻ بعد به زندهه رهندا آهن. ڇو جو انهن جو ذڪر ۽ فڪر، انهن جي الفت ۽ محبت ماڻهن جي من مان نه ويندي آهي. هڪڙا ويا ته وڃڻ ڪاڻ هليا ويا ۽ هڪڙا خوش نصيب وڃڻ کان پوءِ ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ جهان ۾ موجود آهن. انهن جو ذڪر جهان ۾ موجود آهي. انهن جي ياد ڌرتي وارا وساري نه ٿا سگهن. انهن پنهنجي قول ۽ ڪردار سان، ڏاهپ ۽ ڪارنامن سان ماڻهن جي دلين ۾ محبت ۽ عقيدت جو اهڙو ته جذبو پيدا ڪيو جو سوين سال گذري وڃڻ بعد به انهن جي ياد انسانن جي دلين ۾ هر دم تازي رهي ٿي. پراڻن توڙي پنهنجن جي دلين ۾ انهن جو مان ۽ مرتبو موجود رهي ٿو. اهي مرڻ بعد به زندهه آهن.

اهي عشق جو مچ مچائي ويا هن، اهي لنوءُ دلين ۾ لڳائي ويا هن،
سُنل قوم کي جي جاڳائي ويا هن، اهي اڄ به زندهه زماني ۾ آهن.

نور جا قنديل : ڏينهن ۽ راتيون، هفتا ۽ مهينا، صديون ۽ سال وقت جا ماپا آهن. سج اپري لهي وڃي ٿو. سال اچي ۽ گذري وڃي ٿو. صدي شروع ٿي نيٺ گذري وڃي ٿي. هر ڏينهن دنيا تي ڪيئي نقوش ڇڏي وڃي ٿو. هر گذريل وقت کي ماضي سڏبو آهي. ماضي هتن مان هلي وڃي ٿي. هر ڪو ماڻهو وارو وڃايون هليو وڃي ٿو. پر ڪي ڪي ماڻهو اهڙا انمول انسان هوندا آهن جيڪي پنهنجي پويان زماني ۾ گهَرا اثر ۽ اڻ مٽ نشان ڇڏي ويندا آهن. زمانو انهن کي صدين تائين وساري نه سگهندو آهي. اها به ڏاتر جي ڏات آهي ڪنهن کي ڪهڙي خوبي سان نوازي ته ڪنهن کي ڪهڙي فضيلت ڏئي.

قرآن، حديث، فقہ، تصوف، فلسفو، علم، ادب، فکر، سائنس، آرٽ، جراحت، طب، نجوم، رياضي، فلڪيات اهي سڀ علوم آهن جن مٿ انسانُ عقل آزمائي ٿو. پوءِ اگر الله جي مرضي شامل حال هجي تہ ڪو ماڻهو انهن علمن مان ڪنهن مٿ عجيب ڪارنامو سرانجام ڏئي ڏرتي تي پنهنجو نالو هميشہ لاءِ روشن ڪري وڃي ٿو.

عشق و محبت، درد و سوز، لگن ۽ محنت وغيره وري انسانن جي اندر مٿ اپرندڙ جذبا آهن. ڪن ڪن ماڻهن منجهہ اهي جذبا وري اهڙو پروان چڙهندا آهن جو اهي جذبا انهن ماڻهن جي علامت ۽ سُڃاڻ بنجي ويندا آهن. اهي انسانَ بہ عظيم هوندا آهن جيڪي عشق ۽ محبت، علم ۽ عرفان، فڪر ۽ نظر، اخلاق ۽ ڪردار، جُرئت ۽ همت، شجاعت ۽ دليري، حق گوئي ۽ بيباڪي واري بي داغ زندگي جا مالڪ هوندا آهن. اهي حق ۽ باطل جي ڪشمڪش مٿ حق کي صاف ۽ اُجرو ڪري ماڻهن اڳيان پيش ڪندا آهن. اهي ماڻهن جي من مٿ پنهنجو گهر جوڙي ويندا آهن. اهي عظيم انسان تاريخ جا رُخَ موڙي ڇڏيندا آهن. اهي اڻ ٽڪ جدوجهد ۽ مسلسل محنت سان امت جي پيڙي سير مان ڪيڏي ڪناري آڻي پڄائيندا آهن. پوءِ انهن جي وصال بعد بہ زمانو انهن کي وساري نہ سگهندو آهي. اهي ماڻهو نور جا روشن قنديل هوندا آهن، جن کي ڏسي پٽڪيل مسافر راهہ لهندا آهن.

الله جي انهن عارفن، عاشقن، عالمن، صالحن، ڪامل، اڪمل اولياڻن ۽ علم و عمل، عشق و محبت جي جذبن جي پيڪرن مان هڪ عظيم علمي فڪري ۽ روحاني هستي، جنهن دنيا مٿ پنهنجي وجود مسعود ۽ تعليمات جي خير ۽ خوبين جا اڻ مِٽ اثر ڇڏيا سا پيڪرِ حُسن وجمال شخصيت حضرت خواجہ محمد **الاهي بخش** رحمت الله عليہ عرف **محبوب الاهي** انصاري رحمۃ اللہ علیہ بہ آهن.

جن پنهنجي پوري زندگي راهِ محبت ومعرفت مٿ بسر ڪري ڇڏي هئي. انهن پنهنجي زندگي جو هر لمحو الله جي بندگي ۽ محبوب عربي ﷺ جي غلامي ۽ خلق خدا جي فيض رساني کي ارپي ڇڏيو هيو. سندن شمار انهن عظيم انسانن مٿ ٿئي ٿو جي عظمت جو مينار هئا. جن کي ڏسي پٽڪلين کي راهہ ملندي هئي. سندن سُرهي سيرت کي اگر سِٽن مٿ سمائڻ جي ڪوشش ڪجي تہ بلاشڪ :

- پاڻ هر هڪ سان احسان ڪرڻ ۾ اڳرا هئا.
- سخاوت جي ميدان جا شهوار هئا.
- سيني جي صفائي وارا هئا.
- نفس جي نماڻائي وارا ۽ دل جي نرمي وارا هئا. بدگماني کان بچندڙ هئا.
- هر وقت الله جي ذڪر ۾ مشغول رهندا هئا.
- سنتن تي عمل ڪندا هئا ۽ بدعتن کان بچندا هئا.
- هر هڪ سان چڱائي ڪندا هئا تانجو برائي ڪندڙ سان به پلائي ڪندا هئا.
- ڪڌهن ڪنهن سان برائي نه ڪيائون نه ڪنهن جي بدخواهي سوچيائون.
- شڪ شبهن واري ڳالهه کان بچندا هئا.
- عمل ۾ اخلاص رکڻ وارا هئا ۽ مريدن کي به اخلاص تي زور پرينداهئا.
- رياءِ ۽ ڏيکاءِ، نمود ۽ نمائش کان پري رهڻ وارا هئا.
- پاڻ اديب ۽ خليق هئا.
- استقامت کي ڪرامت مٿان ترجيح ڏيندا هئا.
- پنهنجي اصلاح بعد ٻين جي اصلاح جي وڏي ڪوشش ڪندا هئا.
- فتني ۽ فساد واري ڳالهه کان ٻيزار رهندا هئا.
- دوستن مٿان اعتبار ۽ مريدن سان پيار رکڻ وارا هئا.
- غفلت وارن ماڻهن ۽ غفلت وارين جاين کان بچڻ جي ڪوشش ڪندا هئا.
- عزت واري کي عزت ڏيندا هئا، ردي کي ستارڻ جي ڪوشش ڪندا هئا.
- ڏگهيون اميدون، ڏگها منصوبا اصل نه بنايائون. هر وقت پاڻ کي مسافر سمجهيائون.
- ٿوري تي قناعت ڪفايت ڪرڻ وارا هئا.
- نه ڪنهن ۾ طمع رکيائون، نه ڏيڻ واري کي منع ڪيائون، نه مليل کي جمع ڪيائون.
- ڪين ڪاوڙ تمام دير سان ايندي هئي ۽ جلدي لهي ويندي هئي.
- يتيمن جي پالنا ڪندا هئا. ٻي وطن مسافرن جي پرگهور ڪندا هئا.
- سندن زبان مٺي هئي، ڪڌهن ڪاوڙ ۾ ڪُڌو لفظ ڪونه ڪڍيائون.

- بلڪ سندن زبان مان هر وقت سڻ ۾ سهڻا الفاظ نڪرندا هئا.
- نہ ڪڏهن گار ڏنائون نہ ڪنهن کي گندو لفظ ڳالهايائون.
- هر هڪ سان اخلاق ۾ اخوت سان پيش ايندا هئا.
- هر ڪم ۾ وچٿرا رهندا هئا. گهر جو خرچ پکو به وچٿرائي سان ڪندا هئا.
- لباس به وچٿرو پهريندا هئا.
- جفاڪارن، خطا ڪارن، بدڪارن، گنهگارن سان به پلائي ڪندڙ هئا.
- غُلو ڪان بچڻ وارا هئا.
- ڪوڙ ڪُپت، گلا خوري، چغلخوري کان سختي سان منع ڪندا هئا.
- ڪنهن جي جائز ۾ نيڪ سفارش ڪرڻ ۾ عار نہ ڪندا هئا.
- ٻاجهه ۾ شفقت، مهر ۾ مروت جا پيڪر هئا.
- تڪليفن تي صابر ۽ نعمتن جا شاڪر رهندا هئا.
- هميشہ سچ ڳالهايائون. سچ سيکاريائون ۽ سچ ڏيکاريائون.
- پاڻ جواد هئا، الله جي ڏنل مال کي الله جي محتاج مخلوق مٿان خرچ ڪندا هئا.
- درگذر ڪرڻ سندن عادت هئي.
- وسيع الظرف، وسيع القلب ۽ وسيع الصدر هئا.
- تهجد نماز جا پابند هئا. بيمارين ۾ اشارن سان به تهجد نماز ادا ڪيائون.
- صلہ رحمي ڪندڙ هئا، عزيزن پاران مليل اهنجاين باوجود به قطع رحمي ڪونہ ڪيائون.
- خاموشي سندن عادت هئي، زبان جي گهٽي حفاظت ڪنداهئا.
- اجائي گفتگو، وڌا ٽهڪ ڏئي ڪلڻ کان بچندڙ هئا.
- هر رات ۾ تهجد بعد دعا استغفار ۾ گهٽو گريہ ڪندا هئا.
- دوستن کان منهن نہ موڙيائون جنهن ڇنو ان سان جوڙيائون. جنهن منهن موڙيو ان سان به نہ ٽوڙيائون.
- عبادتگذاري، شب خيزي، ديده ريزي سندن عادت هئي.
- گناهن کان نفرت ڪندا هئا، گنهگارن کي قريب ڪري دين سيکاريندا هئا.

- سندن چهرو هميشہ مُرڪندڙ ۽ هشاش بشاش هوندو هيو.
- غم الم تڪليف جي وقت ۾ سندن چهري تي سڪون اطمينان ۽ وقار هوندو هيو.
- لباس صاف ستڙو رکندا هئا. ميرائي گدلائي کي نا پسند ڪندا هئا.
- نفساني خواهشن کان ڪنارو ڪندي سنتن تي عمل ڪندا هئا.
- ٻنهين ڌرين جي ڳالهہ اطمينان سان ٻڌي پوءِ فيصلو عدل ۽ انصاف سان ڪندا هئا.
- هميشہ پنهنجي ذاتي اخراجات يا گهريلو ضروريات خاطر زمين آباد ڪرائيندا هئا.
- اولاد ۾ برابري، گهروارين سان عدل انصاف ڪندا هئا.
- پوري عمر ڪنهن سان ظلم ڪونہ ڪيائون پر ظالمن جا خود ظلم سَنائون.
- جنهن ڪم جو ارادو ڪندا هئا تہ ان جي پوري ڪرڻ ۾ دير نہ ڪندا هئا.
- عزم ۽ همت ،استقلال ۽ استقامت، پامردي ۽ جوانمردي سندن عادتون هيون.
- سستي ۽ ڪاهلي، غفلت ۽ تڪاسلي کي نا پسند ڪندا هئا.
- هميشہ عفت ۽ عصمت وارا رهيا. اکين کي محرمات کان محفوظ رکيائون.
- بدگوئي، فحش گفتار کي سخت نا پسند ڪندا هئا.
- معافي ونڊ وارن کي جلد معاف ڪري ڇڏيندا هئا.
- مريدن کي علم جي طلب ڪرڻ ۽ جمل کان بچڻ جي ترغيب ڏيندا هئا.
- سندن همت اعليٰ ۽ عزم پختو هوندو هيو.
- بيمارن کان پڇڻ لاءِ هلي ويندا هئا.
- پاڻ غيرتمند هيا، پوري زندگي باوقار ۽ غيور مؤمن مثال بسر ڪيائون.
- سندن رنج توڙي خوشي خدا خاطر هوندي هئي.
- نہ ڪنهن کي هٿان ڏکايائون نہ ڪنهن کي پنهنجي هٿ يا زبان سان ايذايائون.
- بُخل کان بچڻ وارا هئا.
- سندن سٺا اخلاق ڏسي دشمن بہ متن موهجي پوندا هئا.
- گهروارن سان سٺو ورتاءُ ڪندا هئا.
- پاڙيسرين جو گهٽو خيال ڪندا هئا.

- سندن گفتار ۾ حڪمت هوندي هئي.
- حلم، بردباري، حق گوئي سندن سڀڻا اوصاف هئا.
- جڏهن خوش ٿيندا هئا تہ سندن چهرو گلاب جي گل وانگر ٻهڪندو هيو.
- جڏهن ناراض ٿيندا هئا تہ سندن چپ ڦرڪندا هئا.
- سبحان الله، الحمدلله، استغفر الله، الله اڪبر گهٽو پڙهندا هئا.
- پاڻ بيحد حياءِ وارا ۽ وفادار ۽ ڪفايت شعار هئا.
- هميشہ الله جي خوف ۾ رهندا هئا. هلندا هئا تہ گردن جُهڪائي نيازمندي سان.
- هر معاملي ۾ تقويٰ ۽ پرهيزگاري اپنائيندا هئا.
- سندن گفتار آهستہ، شائستہ، نرم ۽ من موهيندڙ هوندي هئي.
- هارن سان ٻاجهہ، وڏن سان وڏّ ڪندا هئا. ڪراڙن سان قربَ ڪندا هئا.
- تقرير ۾ ماڻهن کي رب جي رحمت جي اميد سان گڏ ان جي قهر ۽ غضب کان بہ ڊيڄارينداهئا.
- هر حال ۾ رب جي رضا تي راضي رهندا هئا.
- نرم روي، پرده پوشي، سخاوت، عنايت سندن عادت هئي.
- پوري عمر نہ ڪنهن سان جهڳڙو ڪيائون نہ ڪنهن کي جهيڙيائون نہ ڇيڙيائون.
- شانتيءِ صلح کي پسند ڪندا هئا.
- شجاعت مردانگي سندن طبيعت ۾ سمايل هئي.
- تبليغ دين، اصلاح امت کي پنهنجي مقاصدِ زندگي ۾ شامل ڪري ڇڏيو هئائون.
- تدبر ۽ تفڪر، معاملہ فهمي ۽ صِدق سُخني سندن عادات هيون.
- نيڪين ۾ تعاون جي ترغيب ڏيندا هئا.
- جاهلاڻين ريتن رسمن جي پاڙ پٽڻَ ۾ عمرپر ڪوششون ڪندا رهيا.
- شعائر الله جي حُرمت ۽ تعظيم ڪيائون ۽ سيکاريائون.
- بد فالي کان بچندڙ ۽ رب تي توڪل رکندڙ هئا.
- ماڻهن جي ڏکن غمن کي ميٽڻ ۾ عمر پر ڪوششون ڪندا رهيا.

- انکساري ۽ عاجزي نماڻائي ۽ نمنائي سندن طبيعت ۾ سمايل هئي.
- غرور، تکبر، خود پسندي، خود بيني کان هميشہ بچندا رهندا هئا.
- جهاد بالنفس کي اعظم الجهاد سڏيندا هئا.
- اتحاد ۽ اتفاق تي زور ڀريندا هئا. افتراق ۽ انتشار کان بچڻ جي ترغيب ڏيندا هئا.
- حلال کاڌو کائڻ جي تعليم ڏيندا هئا.
- امانتداري، کفايت شعاري وارا هئا.
- نيکين جو امر ڪندا هئا، برائين کان بچڻ جي صلاح ڏيندا هئا.
- هميشہ ماڻهن کي الله ڈانهن موٽڻ (رجوع الي الله) جو تاکيد ڪندا هئا.
- هميشہ ايثار ڪيائون ۽ ايثار سيکاريائون.
- ابو امان ۽ مرشد پاڪ جيتر جيئرا هُيون حج تي نہ ويا، انهن جي خدمت ۾ مصروف رهيا. پوءِ جڏهن مٿن حج فرض ٿيو تہ عمر ۾ هڪ پيرو حج ادا ڪيائون.
- صالح مريدن کي خوشخبريون ڏيندڙ هئا.
- گهٽو روئڻ وارا، گهٽ کلڻ وارا ۽ گهٽي مسڪرائڻ وارا هئا.
- ڏاڍا دل جا نرم هئا.
- ڏيرج آهستگي سان هلندا هئا.
- اتباع سنت ۽ اجتناب از بدعت سندن عمري دستور رهيو.
- نيڪي ڪندڙ سان نيڪي ۽ برائي ڪندڙ سان پلائي ڪندڙ هئا.
- جو چياڻون ڪري ڏيکاريائون، جو وعدو ڪيائون پاڙي ڏيکاريائون.
- جنهن جاءِ تان گذريا پنهنجي محبت جا اڻ مٽ آثار ڇڏي ويا.
- پاڻ خود علمُ هئا، عالم هئا، مُعَلم هئا.
- اونداهي رات ۾ پٽڪيل مسافرن کي راهہ ڏسيندڙ ستارا هئا.
- يتيمن مسڪينن لاءِ ڇپر ۽ ڇانوَ هئا.
- تواضع جا منجهن مڙ هئا.
- زهد ۾ اول درجي جي زاهدن منجهان هئا.

❋ طبيعت ۾ بهادر هئا.

❋ ڪٽي اڇيان ڪمڙو به لات صاحب چو نہ هجي پر حق جو ڪلمو چوڻ ۾ ڪڏهن به ڪونہ ڪيهائينندا هئا. ان بي باڪي ۽ حق گوئي سبب کين ڪافي امتحانن مان به گذرڻو پيو. متن سورن جا ڪيئي سج اپريا پر سورن جا سج پنهنجا پاڇا متائيندي اُلهي ويا مگر پاڻ استقامت جو عظيم سُتون بَنِيا ٻينا رهيا.

❋ پاڻ لَا يَخَافُونَ لَومَةَ لَائِم جي عملي تصوير هئا.

❋ پاڻ هزارين دلين کي روشن ڪري ويا.

❋ روحن کي معرفت جي رنگ ۾ رنگي ويا.

❋ پاڻ فيض ڪرامت ۽ برڪت وارا هئا.

❋ پاڻ پنهنجي روحاني قوت ۽ ڪمال سان، مڙئي گفتار ۽ حسن وجمال سان، سهڻن اخلاقن ۽ خوش خصال سان هزارين گم گشتگانِ باديہ ضلالت کي گس لاتائون.

❋ جاهلانہ ريتن رسمن جي پاڙ پٽيائون. باطل جي ٻوٽ کي ٻُنجو ڏنائون.

❋ پاڻ عالم فاضل هيا، محقق مدقق هيا. پرهيزگار متقي متورع هيا.

❋ پاڻ زهد ۽ ورع، تقويٰ ۽ ترڪ دنيا ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هئا.

❋ معقول ۽ منقول ۾ يدِ طوليٰ رکندا هيا.

❋ شعر گوئي ۾ به طبع آزمائي فرمايائون.

❋ سلوڪ ڪاهيائون ڪمايائون ٻين کي روحانيت جا اسرار سيکاريائون ۽ ڏيکاريائون.

❋ وَصل جي وَٽي پيتائون، هزارن کي عشق الاهي جي چاٽ چکايائون.

❋ سندن خط تمام حسين هيو. شڪل بيحد جميل هئي.

❋ ازل ۾ جڏهن علم ۽ حلم جي وندِ ۽ ورهاست پئي ٿي تہ کين وڏا ماڻ مليا هئا جن کي ساري عمر ماڻهن ۾ وندِيندا ورهائيندا رهيا.

❋ پاڻ خاشع ۽ متواضع هئا. بَقِيۃُ السلف ۽ حُجَّۃُ الخلف هئا.

* سندن شمار سندَ جي انهن حقاني ۽ رباني علماءِ ۾ ٿئي ٿو جن پنهنجي قول ۽ ڪردار سان، علم ۽ معرفت سان اڃايل دلين جي آبياري ڪئي.
* پنهنجي لکيل، مواعظِ حسنہ سان پريل، ڪتابن سان ماڻهن جي عقيدن جو اصلاح ڪيائون. ايمانن کي تازگي بخشيائون. طالحن کي صالح، جاهلن کي عالمُ بنايائون. هزارين ماڻهو سندن چشمءِ فيض مان پرتِ جو پلُـرُ پـي پَلِيا.
* پاڻ جهالت جي پاڙ پٽيائون. علم جي درخت کي پنهنجي قربائتي قلم جي چَسُ سان، محبت واري مَسُ سان، لڙڪن واري وَسُ سان آباد ڪيائون، بلڪ سرسبز ۽ شاداب ڪيائون.
* سندن ذوق واري زبان ۽ قُوّت وارو قلمُ فقہ ۽ تصوف، علم ۽ عرفان جي وادين ۾ ڊوڙندا رهيا.
* پاڻ تقاليدِ جاهليہ، رُسوماتِ غير شرعيہ جو قلعو قمع ڪيائون.
* سندَ جي ڳوٺن ڳليين ۾ هر جاءِ هلي ويا. ماڻهن جي خوشين جي موقعن يا غمين جي ميڙاکن ۾ هلي وڃي محمدي پيغام پهچايائون. ماڻهن کي نبوي تعليم سان آشنا ڪيائون. ان پڙهين گنوارن جتن جي تربيت ڪيائون.
* حڪمت ۽ بالغ نظري سان خلقِ خدا کي راهِ راست تي آندائون.
* وڏي تعداد ۾ ماڻهن کي رجوع الي الله ڪرايائون.
* پاڻ اصلاح نفس جا عجيب انداز اپنايائون.
* تَربِيَةُ المُريدين ۽ اِرشَادُ الطالبين ۾ عجب انداز رکندا هئا.

مليء المنبر مسکا من به قمت خطيبا

اتری ضم خطيبا ام تری ضمخ طيبا

* مطالعي جي محبت عمر جي آخري ايام تائين قائم ۽ دائم رَهِيَن.
* شب خيزي ۽ آهِ سحر گاهي ۽ تهجد گذاري سندن عمر پر جو معمول رهي.
* حسنِ خُلق سندن طبيعت ۾ سمايل هيو.
* نگاهون هيٺ رکندا هئا. هميشہ عفيف ۽ شفيق رهيا.
* قادر قدير وڏي فياضي سان کين پنهنجي نعمتن سان نوازيو هيو. چهري جو حسن وجمال ڏسي هر ڪنهن جو من موهجي پوندو هيو. حسنِ اخلاق ڏسي هر ڪو سندن محبت

مِ مشتاق ٿي پوندو هيو. جيڪو بہ چند گهڙيون ساڻن گڏ ويهي رس رهاڻ ڪندو هيو سو سندن گرويدو بنجي پوندو هيو.

❋ دوستي ۾ دشمني خدا خاطر رکيائون. پنهنجا ذاتي مطلب ۾ مفاد وچ مِ نہ وڌائون.

❋ جنهن سان لاتائون توڙ نياياٻون.

❋ ماڻهن ساڻن والهانہ محبت رکيائون.

❋ پاڻ جتي بہ جلوه نمائي ڪندا هئا تہ هزارين حيران ۾ مستان سندن ديدار جا مشتاق اچي ڪٺا ٿيندا هئا.

❋ پاڻ نہ هزارن سان ملڻ مِ ملول ٿيا، نہ ڪنهن سان مُنهن گهنجائي گفتگو ڪيائون.

❋ نہ در تي دربان بيهاريائون، نہ ملڻ ۾ ملاقات لاءِ ڪنهن کي انتظار ڪرايائون.

❋ نہ ڪنهن ملڻ لاءِ آيل ماڻهو کي دران بغير در شن واپس ورايائون.

❋ سندن مجلس مِ امير ڪبير توڙي فقير دلگير سڀ يڪسان هوندا هئا. بلا تڪلف هرڪو حضور مِ اچي پنهنجو مطلب مقصد بيان ڪندو هيو. پاڻ وڏي مِهر ۾ محبت سان ان جو عرض ٻڌي دعا جا هٿ کڻندا هئا.

❋ رب ڪريم کين مُستجَابُ الدعوات بنايو هيو. قبوليت سندن قريب هوندي هئي. جڏهن دعا جا هٿ کڻندا هئا تہ قبوليت بنا دير اچي سندن سلام ڪندي هئي.

❋ صالح عمل سندن عادت هئي. خدمتِ خلق سندن نظر مِ عبادت هئي.

❋ جڏهن پاڻ پيري جي پُور مِ هئا، سندن هڏ هيڏا ٿي چُڪا هئا تہ بہ مهمانن مسافرن کي هٿن سان ڪٽي کارائڻ جي هِيَيِن مان هَير نہ ڪيڏيائون.

❋ رب العالمين کين رَقِيقُ القلب ۾ شَفِيقُ الطبع بنايو هيو. ٻئي جو غم سهي نہ سگهندا هئا. ان جي غمن غلط ڪرڻ لاءِ ظاهري ڪوششن سان گڏ دعائن جا عطيا بہ عنايت ڪندا هئا.

❋ سائل کي خالي نہ ورايائون. محتاج جي مدد کان ڪنڌ نہ ڪيڏايائون.

❋ رب العالمين سندن مُنهن مِ مٺيا رکي هئي. سندن چهري مِ رعب ۾ جلال، هيبت ۾ وقار هوندو هيو. ان جي باوجود مَنجهن تواضع ۾ نيازمندي جا مڙ هوندا هئا.

❋ ڪرم سندن عادت هئي حلم سندن فطرت هئي. ڪثرت ذڪر الله سندن مشغلو هيو.
❋ پوري عمر پنهنجي قول ۽ ڪردار سان خلق خدا کي نفعو ڏنائون.
❋ سندن طبيعت نماڻائي ۽ عاجزي انڪساري سان بلڪل پريل هئي. نہ ڪڏهن پنهنجي تعريف پاڻ ڪيائون نہ ٻئي جي واتان پنهنجي تعريف ٻڌڻ پسند ڪيائون.
❋ گهر هجي يا مسجد، ڇڙن هارن ۾ هجن يا مريدن ۾، صبح هجي يا شام، ڏينهن هجي يا رات هر وقت پاڻ ذڪر الاهي ۾ مشغول رهندا هئا.
❋ خِلوت جي لمحن ۾، فرصت جي وقتن ۾ توڙي جلوت جي وقتن ۾ الغرض هر حال ۾ هر آن ۾ سندن روح جي وَرُونهن ذڪرِ خدا ۽ عشقِ مصطفيٰ ﷺ هوندو هيو.
❋ هر وقت متن واردات باطنيہ جو نزول رهندو هيو. ڪيڏي مهل ڪو شعرِ محبت جهونگاريندو هيو تہ يڪدم متن گريہ جي ڪيفيت طاري ٿي ويندي هئي.
❋ عشق الاهي سندن نس نس ۾ سمايل هيو. وحدانيت تي گفتگو ڪندا هئا تہ الله جي هيڪڙائي ڪبريائي بيان ڪندي ڪلاڪن جا ڪلاڪ گذري ويندا هين. الله جي قُوتن ۽ قدرتن جمال ۽ جلال جو بيان ڪندا هئا تہ مجلس متان هڪ ڪيف طاري ڪري ڇڏيندا هئا.
❋ پاڻ عشقِ رسول ﷺ جا مجسمہ هئا. شل ڪو مديني جي ڳالهہ ڪري پوء تہ سندن نماڻا نيٹ ٽمِيو پيا ٽمندا، بلڪ وسيو پيا وسندا هئا. جڏهن خود مجلس ۾ سهڻي حبيب ڪريم ﷺ جي اوصافِ حميده، خصائل، فضائل ۽ شمائل محموده جو بيان ڪندا هئا تہ سندن مبارڪ اکيون سانوٽي جي بارش وانگر برسنديون رهنديون هيون. جماعت متان بہ وجداني ڪيفيت طاري ٿي ويندي هئي.
❋ اهو منظر اڄ بہ منهنجي اکين اڳيان آهي جڏهن هڪ فقير منڙي آواز ۾ شعر پڙهيو ::

ڪيئن وساري ويهان مير مديني وارو
دائم دل ۾ آهي ياد پيغمبر پيارو

❋ پوء تہ پاڻ ائين پئي رُنا جيئن ننڍڙو ٻار سُڏڪي سُڏڪي روئندو آهي.
❋ هڪ حاجي مديني پاڪ مان موٽي آيو، پاڻ ان سان ملڻ ويا تہ دلبر نبي جي دربار ۽ سندس شهر مبارڪ جي در و ديوار، رَندن ۽ راهُن، جون ڳالهيون پڇندا رهيا ۽ روئندا رهيا.

❋ روئڻ کين ڏاڄ ۾ مليو هيو. رات جو مصلي تي روئندي نظر ايندا هئا. صبح جو حلقہ مراقبي ۾ روئندي نظر ايندا هئا. رات جي مجلس ۾ روئندي نظر ايندا هئا، صبح جي محفل ۾ روئندي نظر ٻا هئا. تان جو سندن مرشد ٻ کين "**روئڻو خليفو**" سڏيو ۽ سندن جماعت ۾ پاڻ ان نالي سان مشهور هوندا هئا.

❋ قرآني قانون جي پاسباني کيائون. نبوي تعليم خود عملي صورت ۾ مريدن متعلقين اڳيان پيش کيائون.

❋ منجهن اهڙي کا مالڪ کريم مٺاس رکائي هئي جو جيڪو هڪ ڀيرو سندن محفل ۾ ويٺو سو کانئن جدا ٿيڻ گوارا کونہ ڪندو هيو.

❋ سندن شمار الله جي انهن عارف ٻانهن ۾ ٿئي ٿو، جن جي ڏسڻ سان الله ياد اچي ويندو آهي.

❋ پاڻ زهد ۽ عبادت طاعت ۽ تقويٰ، علم ۽ عرفان، خدمتِ خلق ۽ خدمتِ دين سبب خالق توڙي مخلوق اڳيان اعليٰ مقام ماڻيائون.

❋ اهڙيون عظيم سنتون جن تي ماڻهن عمل ڪرڻ ڇڏي ڏنو هيو پنهنجي ڪاوشن سان انهن سنتن جو احياءِ ۽ اجراءِ کيائون.

سندن آواز :۾ رب العالمين اهڙي کا ڪشش رکائي هئي جو جڏهن بيان ڪندا هئا تہ سُٽن کي سجاڳ ڪري ڇڏيندا هئا. سندن آواز مٺڙو مٺڙو هيو. نہ اهڙو زوردار جو ڪنن کي ڏهڙي ۽ ڪرڙي نہ اهڙو جهيڻو جو ٻڌڻ وارو وري وري پيو واجهائي تہ ڇا فرمايائون؟ مگر سندن آواز درميانو هوندو هيو. جڏهن قرآن سُرَ سان پڙهندا هئا تہ سيني مان سريرون نڪري ويندیون هيون. جمعہ جي نماز ۾ اڪثر سورة البقرة جون آخري آيتون اهڙي مٺڙي ۽ رقت انگيز آواز ۾ پڙهندا هئا جو نمازين جون اکيون آليون ٿي پونديون هيون.

مولانا علي مراد سکر واري فرمايو تہ مون کي سندن قرآن پڙهڻ اهڙو متاثر ڪيو تہ جو سندن مريد ٿي ويس. شاهہ سائين جا شعر جڏهن ترنم ۽ تَـغَنّـم سان جهونگارينداهئا تہ خود ٻ روئندا هئا تہ راجن کي رئاري ڇڏيندا هئا. ائين پيو محسوس ٿيندو هيو جڪ خود پٽائي جو روح ٻ پر ۾ ٻيٺو ٻڌي رهيو هجي.

رومي جي مثنوي جا سوين شعر کين ياد هوندا هئا. مثنوي پڑهڻ جو سندن انداز ئي عجيب هوندو هيو. سعدي جا شعر، حافظ شيرازي جا غزل، خيام جون رباعيون ائين پڙهندا هئا جو مجلس مٽان کيف و سرور جون کيفيتون طاري ڪري ڇڏيندا هئا. هڪ پيري هڪ صبح جي محفل ۾ پنهنجي ناهيل وائي پڙهيائون پوءِ ته پوري جماعت ۾ آهه وٻڪاءُ جاري ٿي ويو. وائي جا لفظ هي هئا :

پرين وڃ هجان پياري، ٽيان نه ڪنياري،
ڇا ڪنديون ماڻهن جون پوءِ ميارون.
آگو نه اڳهاڙي عيب لا مونجهه انهيءَ آهيان ماري ٽيان نه ڪنياري

هڪ مجلس ۾ پاڻ خواجه غلام فريد جا هي لفظ جھونگاريائون.

يار ماهي نال لڳ گيان دليان، گول گول ٽهڪيان شهر ديان گليان۔
عشق ماهي دے ميکوں رُلايا، بار برہ دا سر تے چوايا، وطن چھوڑيوسے پرديس رُليان۔
تير هجر دا ماريں ميکوں، رو رو حال سناواں کنھن کوں، روندے روندے راتيان ڈھليان۔
عرض فريد دا سن تو مولا، يار چنبيل نال ڪڏ تھميسين ميلا، الله ملے سين وچھڑيان دليان۔

ان وقت سندن نيٽن جو جر جاري هيو ۽ جماعت ائين تڙپي رهي هئي جيئن ڪڙ تکبير مهل تڙپندو آهي. ان ڏينهن پوري جماعت کي اهڙو روحاني ننگر ڪرايائون جو ماڻهن کي ظاهري ننگر کائڻ جي ضرورت ئي نه ٿي. پٽ جو پاٽيون اڇيان پريل رهيون ماڻهن گرهه کائڻ جي گنجائش محسوس کو نه ڪئي.

تربيتي ڪاوشون: رمضان المبارڪ ۾ پاڻ جماعت کي دربار تي گهرائيندا هئا. پورو مهينو عقائد جي، فقهي ۽ روحاني تربيت ڪندا هئا. صبح شام تربيتي مجلسون ۾ ذڪر ۽ فڪر جون محفلون جاري رهنديون هيون. پورو مهينو ساري جماعت جي ننگر پاٽي جو اهتمام پنهنجي هڙان وڙان ڪندا هئا. شرڪاءِ جي دلين کي ڏوئي اڇو اُجرو ڪندا هئا. ماڻهو موٽندا هئا ته هڪ نئين زندگي ونڊي واپس ورندا هئا. ان مبارڪ ماهه ۾ شهر واسين کي به فرمائيندا هئا ته اهي به شرڪت ڪن ۽ انهن جي ننگر جو اهتمام به خود ڪندا هئا.

هڪ پيري اهڙي ئي تربيتي پروگرام جي پڄاڻي ۾ اختتامِ رمضان تي جڏهن جماعت الوداع ڪرڻ لڳي تہ سندن مبارڪ پنهنجيون پُسي پيون. پاڻ خليفي محمد صالح چانڊئي کي شعر پڙهڻ جو امر ڪيائون. ان جڏهن الوداع جو شعر پڙهيو پوءِ تہ پاڻ بہ زارو قطار رنا تہ پوري جماعت ۾ بہ ريمات پڄجي ويا. شعر هي هيو:

وٽان مون نہ وڃو، هاروچا مون وٽ رات رهو. ..اڄا هڪڙي رات رهو.

1. اُڻ نہ پلاٽيو اوٽيا، ڏاڳهن ڏاڻُ ڏيو.
2. وڃڻ وايون نہ ڪريو، مون وٽ ساعت سهو.
3. اڏيءِ چاڙهي انگڙا، وجهنديس ماس ڳهو.
4. ادیون "شاهہ لطيف" چئي، ڏکن سان نہ ڏهو.

سوانح حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه :

پاڻ منهنجا جسماني والد، روحاني رهبر، مرشد ۽ مربي هئا. پنهنجي پيار ۽ پاڇو سان پنهنجي شفقت پرئي گود ۾ مون کي پاليائون. ميڙ ۽ محبت سان تعليم ڏنائون ۽ پنهنجي نوراني نظر سان روحاني ۽ اخلاقي تربيت فرمايائون. وڏي وقت کان دل ۾ اها تمنا هئي تہ سندن سوانح سميڙي ۽ سميٽي گڏ ڪري لکان. مگر ڪجهہ ڪوتاهيون، ڪجهہ سُستيون ڪجهہ مجبوريون آڏو ايندیون رهيون. وڏي رڪاوٽ منهنجي ڪم علمي ۽ ڪم همتي هئي. اهڙي روحاني رهبر، الله جي وڏي ولي جي شان ۾ لکان تہ ڪيئن لکان! ڇو تہ ڪنهن بزرگ جو تذڪرو لکڻ نهايت نازڪ ڪم هوندو آهي. هڪ قابل درزي، ماڻهو جي قد ڪاٺ، معيار ۽ مقدار مطابق ڪپڙو سبندو آهي. اگر ڪپڙو ڍگهو ڪري وڌائين يا صفا سوڙهو ڪري وڌائين تہ نہ پهرڻ واري کي پسند ايندو نہ ڏسڻ پسڻ وارن کي.

ان لاءِ چيو ويو آهي تہ: قدر ثم اقطع اول پوري ماپ ڪر پوءِ ڪپڙو ڪٽ!

ڪنهن ڪامل جي تعريف مناسب ڪلمن سان سمٽي سجندي آهي. اگر ان ۾ وڌاءُ ٽي وڃي يا گهٽاءُ تہ اهو ڪپڙو قابل ستائش ڪونہ ليکبو آهي.

آءٌ ان سوچن ۾ هيس تہ سندن پيارا خليفا، جيڪي هر لحاظ کان قابل، لائق ۽ شان ۽ مان وارا علم ۽ عمل وارا آهن تن مان ڪونہ ڪو ضرور قلم کڻندو.

پر پوءِ شايد مون وانگر انهن مان بہ ڪنهن جي قلم اها جسارت ڪو نہ ڪئي. وقت گذرندي ديرنہ ٿو ڪري اڄ سندن پرده پوشي ڪي بہ ڏهاڪا پورا ٿي ويا آهن. پوءِ توڪل جو ٽُر هو ٻڌي هن عميق ۾ لهي پوڻ جو پڪو پهہ ڪيم.

ڪجهہ حقائق ۽ حالات، حڪايات ۽ ملفوظات، واقعات ۽ روحاني واردات مون پنهنجي حال سارُو سندن زندگي مبارڪ ۾ جمع ڪيا هئا. اهي ڪجهہ سندن نظر مبارڪ مان بہ گذريا هئا. پاڻ انهن کي پسند فرمايو هئائون.

ملفوظات جي مزدوري : جڏهن سندن مجلس ٿيندي هئي تہ ڪُنڊ ڪناري کان ويهي خاص خاص ڳالهيون تڙ تڪڙ ۾ لکي وٺندو هيس يا ڪنهن معتبر فقير کان سندن کا ڳالهہ پڌندو هيس تہ اها بہ لکي وٺندو هيس پوءِ فارغ وقت ۾ ان کي اُتاري لکندو هيس. هڪ دفعي حجري ۾ آءٌ سندن ملفوظات لکي رهيو هيس تہ اوچتو پاڻ داخل ٿيا. فرمايائون چا ٿا ڪيو؟ عرض ڪيم تہ ملفوظات شريف لکي رهيو آهيان. پوءِ پاڻ ڪرسي تي وينا ۽ لکيل ورق پڙهڻ لڳا ڪافي دير تائين پڙهي پوءِ فرمايائون تہ همت ڪري لکي وڃو پوءِ انشاء الله اوهان کي ان جي مزدوري بہ ملندي. [1] پوءِ هي نقل بيان فرمايائون تہ : منهنجي مرشد ڪريم (حضرت پير منا سائين رحمت الله عليه) کي پنهنجي مرشد کو ڪتاب لکڻ لاءِ ڏنو. جڏهن پاڻ اهو لکي پيش ڪيائون تہ پير سائين جن آگر جو اشارو ڪري فرمايو "**شابس**". پوءِ سائينجن فرمايو تہ سندن آگر جو اهڙو اثر ٿيو جو ان جي لذت ڪيتري عرصي تائين محسوس ڪندو هوس. پوءِ پاڻ هن فقير مٿان بہ مهر نظر فرمايائون. الحمد لله علىٰ ذالڪ.

سو هاڻي دل چاهيو تہ سندن سوانح کي مڪمل ڪيان جيئن منهنجون سيني ۾ سانڍيل سارُوٽيون بہ محفوظ ٿي وڃن ۽ جمع ٿيل مواد بہ منظر تي اچي وڃي ۽ سندن خلفاءِ ۽ فقراءِ جيڪي سندن زندگي مبارڪ جا عيني شاهد آهن تن جون شاهديون بہ قلمبند ٿي وڃن.

منهنجو منشور : هن دور ۾ بزرگن جي سوانح لکڻ وارا ماڻهو عموماً هن قسمن جا آهن. **هڪڙا** لکڻ وارا مريدين، متعلقين ۽ مُحبّين آهن. جي لکڻ ۾ تمام گهٽو غُلو (وڏاءُ) ڪن ٿا.

---

[1] سندن اها ملفوظات "جلاءُ القلوب" ۽ "حق نما" جي صورت ۾ شايع ٿي چڪي آهي.

ڪوڙيون ڪرامتون ۾ ڪوڙا قصا لکن ٿا. يا وري بزرگن جي اهڙي اجائي تعريف لکن ٿا جيڪا حقيقتن کان گهڻو پري هوندي آهي. يا وري بزرگن جي شخصيت جا انساني، طبعي ۽ فطري گوشا لِڪائي ڇڏن ٿا. اهي بزرگن جي اهڙي تصوير پيش ڪن ٿا جو جڏڪ اهي فرشتن وانگر معصوم هئا يا انسان بجاءِ ڪا ماورائي مخلوق هئا.

ٻيا لکڻ وارا وري ادبي لڏي جا ماڻهو آهن. جيڪي پنهنجي لفظن جي ڪاهه نُوهه تي گهڻو ڏيان ڏين ٿا. يا وري اهي علمي ادبي ۽ تاريخي پاسن کي اجاگر ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا پر بزرگن جي اصل تعليم ۽ انهن جي زندگي جو منشور ۽ دستور انهن ادبين جي لَـفَّاظي ۾ لڪي وڃي ٿو.

هن فقير انهن ٻنهين قسمن کان هٽي اصل حقائق کي پوري امانتداري ۽ ديانتداري سان لکيو آهي. سندن صورت ۽ سيرت، علم ۽ عمل، قول ۽ ڪردار، تعليم ۽ تربيت ، ڪشف ۽ ڪرامتن وغيره لکڻ ۾ هر قسم جي گهٽتاءِ ۽ وڌاءَ کان ڪنارو ڪيو آهي.

اوائلي حالات جو بنياد : هن سوانحي ڪتاب ۾ لکيل سندن اوائلي حالات جو بنياد سندن اهو قلمي بياض آهي، جيڪو پاڻ پنهنجي مبارڪ هٿن سان سندن نجي ۽ ذاتي حالات بابت لکيو هئائون. جنهن ۾ سندن نسب نامو، ننڍپڻ جا حالات، تعليم جا احوال ۽ ڪٽي ڪٽڻ استادن وٽ، ڪمڙين تاريخن ۾ ڪمڙا ڪمڙا ڪتاب پڙهيا؟ ڪنهن جي بيعت ڪيائون؟ شاديون جا احوال، اولاد جمڻ جون تاريخون ڪجهه سفرن جا احوال وغيره لکيا هئائون.

ٻيو منهنجا پنهنجا ذاتي مشاهدا آهن. چوته سندن وفات 1411ھ ۾ ٿي آهي ۽ منهنجي ولادت 1385 ھ ۾ ٿي آهي. سن شعور تائين پهچڻ وارا ست سال ڪاٽي به اٺويهه سال بچن ٿا. آءٌ سندن زندگي مبارڪ جي اٺويهه سالن جو اکين ڏٺو شاهد آهيان.

ان عرصي ۾ آءٌ ساڻن ديس پرديس گڏ رهيو آهيان. مون سندن گهريلو زندگي ۽ مجلسي زندگي ويجهڙائي کان ڏٺي هئي. مون کين عشق الاهي ۾ آهه وزاري ڪندي روئندي به ڏٺو هيو ته خوشين ۾ ڪلندي به ڏٺو هيو. کين هڪ مشفق پيءُ جي صورت ۾ به ڏٺو هيو ته هڪ مهربان استاد ۽ هڪ روحاني رهبر جي حيثيت ۾ به ڏٺو هيو.

سندن رضا جا نظارا ۾ ڏڻا هيم ته سندن ڪاوڙ ۾ غصي جا منظر ۽ اکين سان ڏڻا هيم. سندن خَلوتون ۽ ڏڻيون هيم ته سندن جَلوتن ۾ ۽ همدم ۽ همقدم رهيو هيس. اهي سڀ احوال مون بنا مبالغي جي قلمبند ڪيا آهن.

سندن نندپڻ، جواني، تعليم ۽ تربيت بابت مزيد معلومات مون قابل اعتماد ماڻهن کان در در سيلانين وانگر سفر ڪري هلي وڃي حاصل ڪئي آهي. مثلاً: مون کي خبر پئي سندن هم سبق مولانا نبي بخش زرداري سيوهڻ ۾ رهي ٿو ته اتي هلي وڃي ان کان احوال ورتم. سندن هڪ پيو شاگرد جي زماني جو ساٿي مولانا محمد عالم چنو ڏلجي جي پاسي ۾ ڪنهن نندڙي ڳوٺ ۾ رهي ٿو ته اتي وڃي ان کان معلومات حاصل ڪيم. مون کي خبر پئي ته سندن ڪجھ بروهي مريد خضدار بلوچستان ۾ رهن ٿا ته مون اتي وڃي انهن کان معلومات حاصل ڪئي. مريدن جي سينن ۾ سانڍيل سُخن کي جمع ڪيم. ٽڙ پکڙ قصن کي کوڙي قريب ڪري ترتيب ڏنم. سڄار صحبتيئن جي زبانن تي هلندڙ قصن واقعن کي قلم ذريعي ڪاغذ تي قابو ڪري پنهنجي محبتن ۾ ڏوتل لفظن سان سينگاري ۽ سنواري عارفن اڳيان آندم. ان طرح هن ڪتاب لکڻ ۾ مون بلوچستان ۽ سنڌ سونهاري جي دور دراز علاقن جا سفر ڪري مواد ۽ معلومات حاصل ڪئي آهي. ان هوندي به آءٌ سندن شايانِ شان ڪتاب لکي نه سگهيو آهيان.

كَرِّرْ عَلَيَّ حديثه يا حادي * فحديثه يجلو الفؤادالصادي

اي حُدي خوان (اُنن مٹان ڳائڻ وارا) سندس ڳالهه وري وري ڪر ڇو جو سندس گفتار اونداهن سينن کي اُجاري ٿي.

جيڪي منهنجي ڪتابن جا مستقل قاري آهن، انهن جي خدمت ۾ عرض ته: قطبِ عالم حضرت پير منا سائين رحمة الله عليه جي خلفاءِ ڪرام جي تذڪري **"تذكرة الخلفاء الغفارية"** ۾ جيڪا حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه جي مختصر سوانح پيش ڪئي هيم، ان جو مواد هن ڪتاب مان ئي ورتو هيم. جن اهو ڪتاب پڙهيو آهي انهن کي هتي اگر ورجاءِ محسوس ٿئي ته ان تڪرار لاءِ معذرت خواهه آهيان. ڪٿي ڄاڻي واڻي عربي عبارتن يا عربي فارسي شعرن جو ترجمو نه لکيو اٿم ڇو ته اهي مقامات عوام لاءِ نه پر خواص لاءِ آهن.

حضرت جن جي سوانح کان علاوه ب هن کتاب ۾ مون ساڻن لاڳاپيل ٻين کافي شخصيتن جي سوانح کي محفوظ ڪيو آهي، جيئن سندن استاد ۽ استادن جا استاد سندن مشائخ، سندن گهراڻي جا افراد وغيره. ڪتاب ۾ درپرده مون ان دور جي سياسي، سماجي، معاشي، معاشرتي وايو منڊل ۽ شهرن ڳوٺن جي جاگرافيائي حدود ۽ قيود کي ب پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. جتي موقعو مليو آهي تہ سوانح کان علاوه ب ٻين ڪيئي علمي ۽ تحقيقي مضمونن تي بحث ڪيو آهي. جيڪي حديثون يا حڪايتون آندیون آهن حاشيہ ۾ انهن جي تخريج ب ڪندو ويو آهيان. متن جي وضاحت ۽ ضروري معلومات لاءِ حاشيہ آرائي ب ڪئي اٿم. ڇو تہ ڪن ماڻهن جي منهنجي ڪتاب جي متن کان وڌيڪ حاشين تي نظر هوندي آهي.

مان انهن مشائخ عظام ۽ علماءِ ڪرام جو بيحد ممنون ۽ مشڪور آهيان جن هن ڪتاب جي باري ۾ تقريظون لکي پنهنجا قيمتي تاثرات عنايت فرمايا آهن ۽ هن ناچيز جي همت افزائي ڪئي آهي. **لک ٽورا سائين لک قرب اوهان جا لک احسان.**

پنهنجي پياري خليفي منظور احمد "ماهرو" کي مبارڪ ڏيان ٿو جيڪو ڪتاب جي مواد گڏ ڪرڻ ۽ تقريظن جي حصول ۾ منهنجو همدم ۽ هم قدم رهيو آهي.

جموني شينهن فقير محمد نواز مجذوب کي جس هجي جنهن هن ڪتاب جي ڇپائي ۾ وڏي محنت ۽ مشقت برداشت ڪئي آهي.

هن ڪتاب ۾ اگر ڪا خوبي آهي تہ اها صرف الله جي عطا ۽ مهرباني سبب آهي. اگر ڪا غلطي يا ڪمي يا ڪوتاهي آهي تہ اها منهنجي خطا آهي. آءٌ ان جو شڪر گذار ٿيندس جيڪو منهنجي غلطين جي مون تي نشاندهي ڪري.

رَبَّنَا لَا تُؤَاخِذْنَا إِنْ نَسِينَا أَوْ أَخْطَأْنَا

فقير ڪرم الله انصاري.

11 جمادي الثاني 1433 هـ دربار فضل آباد شريف ماتلي.

باب پهريون

حضرت محبوب الاهي رحمت الله عليه کي قادر قدير متحاسن ۾ محامد جو مجموعو بنايو هيو ۽ قدرت کين وڏي فياضي سان فيض ۽ فضيلت ۽ شرف ۽ شان، مقام ۽ مان عطا ڪيو هيو. پاڻ حسين خوبين جو مجموعو هيا. علم جو وڻن خزانو هيو. تقويٰ ۽ ورع ۾ پنهنجو نظير پاڻ هئا. سندن چهري ۾ وجاهت ۽ هيبت هئي. مُنهن ۾ مَٽيا هئي. حلم ۽ تواضع جا منجهن ڪي مڙ هئا. پاڻ عالم ۽ عامل، مُعلم ۽ مُدَرس، مُصلح ۽ مُحسن، عادل ۽ امين هئا. عمر الله جي اطاعت، مديني جي مير ﷺ جي محبت ۽ علم جي خدمت، تعليم ۽ تدريس، تبليغ ۽ تربيت ۾ گذاريائون. پنهنجي جمار جو اڪثر حصو صلاتن ۽ صيامن، سجود ۽ قعود، عبادت ۽ سخاوت ۾ گذاريائون. پاڻ مڪارم الاخلاق ۽ محاسن الاعمال جو حسين مجموعو هيا. پٽڪيل ماڻهن کي راهِ راست ڏيکارڻ ۽ سيکارڻ لاءِ هدايت جو مينار هئا. خشيت الاهي سندن رڳ رڳ ۾ رَچيل هئي. محبت الاهي سندن مَن ۾ وَسيل هئي. پاڻ افراط ۽ تفريط کان بچڻ وارا ۽ اعتدال جي مدرسي جا مُدرس هئا. پاڻ عقائد صريحه ۽ افڪارِ صحيحه تي عامل هئا ۽ علماء ربانين جي پهرئين صف ۾ هئا.

سندن سُهڻي صورت ۽ سُرهي سيرت، سندن جمال ۽ ڪمال، خوش الحاني ۽ سحر بياني، قادر الڪلامي ۽ نيڪ نامي، اعليٰ همت ۽ قلمي قوت ۽ سندن زندگي مبارڪ جي احوال اوڙ کان اڳ، ڪجھ سندن نسب، قوم قبيلي ۽ سندن ذات بابت بيان ڪيو ويندو. پر ان کان اڳ به ۾ تمهيداً نسب جي جاڻ، اسلام ۾ ذات پات جي اهميت ۽ حيثيت بابت بيان ڪيو ويندو ته انساني نسل جي ابتدا ۽ ذاتين جي ارتقا ڪيئن ٿي؟ قومن ۽ قبيلن جي اصل ۽ نسل بابت مختصر بيان ڪيو ويندو. توڙي جو هي موضوع هڪ جدا ڪتاب لکڻ جي تقاضا ڪري ٿو پر پوءِ به موقعي موافق ۽ محل مطابق ان جو ڪجھ بيان ضروري لڳي ٿو. جيڪو اهل علم لاءِ بيحد مفيد ۽ علم جي اجاين لاءِ شيرين شربت وانگر آهي.

علم الانساب

نسب ڇا آهي؟

النَّسَبُ : القَرابَةُ أو في الآباءِ خاصَّةً [1]

نسب مِٽي يا خاص اباڻي رشتي کي سڏبو آهي.

(النسب) القرابة ويقال نسبه في بني فلان هو منهم (ج) أنساب (النسبة) الصلة أو القرابة [2]

نسب مائٽي کي سڏبو آهي. چيو ويندو آهي ته هن جو نسب فلاڻي قبيلي سان آهي، ان جو مطلب اهو ان قبيلي مان آهي. نسب جو جمع انساب آهي. نسب لاءِ پي يا ويجهڙائي کي به سڏبو آهي.

نسب لغت ۾ قُرابت يا قُربيٰ يا ويجهڙائي جي معنيٰ ۾ ايندو آهي. مثلاً فلاڻي جو نسب سومرو آهي. ان جي معنيٰ ته اهو سومرن جي قبيلي مان آهي.

نسب: سُجاڻ جو ذريعو آهي، ڳانڍاپي جو وسيلو آهي، تعلق پيدا ڪرڻ جو بنياد آهي. نسب ميلاپ، محبت، ٻاجهه، مِٽي، مِٽ ۽ محبت جو ذريعو آهي. نسب جي ذريعي قبائلي نظام قائم ٿيو. سرداري نظام جو بنياد پيو. مجتمعات جو اهتمام ٿيو. نسب ناناڻو هجي يا ڏاڏاڻو اها سڀ رب جي جوڙيل جوڙ آهي. قرآن عزيز ۾ آهي ته:

وَهُوَ الَّذِیْ خَلَقَ مِنَ الْمَآءِ بَشَرًا فَجَعَلَهٗ نَسَبًا وَّ صِهْرًا ؕ وَكَانَ رَبُّكَ قَدِیْرًا ۝۵۴

(الفرقان)

۽ اهو ئي آهي جنهن پاڻي (وانگر نطفي) مان ماڻهو کي پيدا ڪيو پوءِ ان کي نسب ۽ ساهُرن (جي قرابت) وارو بنايائين ۽ توهان جو رب وڏي قدرت وارو آهي.

---

[1] قاموس المحيط ج 1 ص 176

[2] المعجم الوسيط ج 2 ص 912

علم الانساب ڇا آهي؟

نسب جي ڄاڻ ۾ سُجاڻ واري علم کي علم الانساب سڏبو آهي. اهو علم تعارف ۾ تقارب، الفت ۾ ڳانڍاپو جو ذريعو هوندو آهي. جيئن ته پوري انسانيت هڪ وڻ وانگر آهي، جنهن جون ٽاريون ڏرتيءَ تي پکڙيل آهن. کمڙي ٽاري کڻان نکتي ۾ کٽي پهتي؟ آباءِ واجداد يعني پيئر ڏاڏن ۾ پڙڏاڏن جي ڄاڻ، پوٽن ۾ پڙ پوٽن ۾ ايندڙ نسلن کي پهچائڻ واري علم کي "علم الانساب" سڏبو آهي. يا هيئن چئجي ته انسانيت جي گذريل نسلن جو علم ايندڙ نسلن تائين پهچائڻ واري علم کي "علم الانساب" سڏبو آهي.

عربن وٽ نسب جي علم ۾ ان ڄاڻ جي وڏي اهميت ۾ حيثيت هئي ۾ آهي. ان کي باعثِ فخر سمجهندا آهن. عهدِ قديم کان اهي پنهنجي اعليٰ ذات تي وڏو ناز کندا هئا. ان موضوع تي شعر پڙهندا هئا. اگر کنهن اعليٰ قبيلي سان انهن جو "صلہ" ۾ ڳانڍاپو هوندو هيو ته ان تي وڏو فخر کندا هئا. پر اسلام اچي ان نسبي فخر ۾ ذات پات جي غرور کي کالعدم قرار ڏئي، عزت ۾ شرف جو بنياد تقويٰ کي قرار ڏنو.

يَاأَيُّهَا النَّاسُ إِنَّا خَلَقْنَاكُمْ مِنْ ذَكَرٍ وَأُنْثَىٰ وَجَعَلْنَاكُمْ شُعُوبًا وَقَبَائِلَ لِتَعَارَفُوا إِنَّ أَكْرَمَكُمْ عِنْدَ اللَّهِ أَتْقَاكُمْ إِنَّ اللَّهَ عَلِيمٌ خَبِيرٌ (الحجرات:13)

اي انسانو بيشڪ اسان اوهان کي هڪ مرد ۾ هڪ عورت مان پيدا ڪيو ۾ اسان اوهان کي ذاتيون ۾ قبيلا بنايو ته جيئن (هڪ ٻئي کي) سڃاڻي سگهو. بيشڪ اوهان مان الله وٽ وڌيڪ عزت وارو اهو آهي جيڪو وڌيڪ پرهيزگار آهي. بيشڪ الله علم وارو باخبر آهي.

انسانن ۾ اڪرم اهو آهي، جيڪو اتقيٰ ۾ پرهيزگار آهي جنهن ۾ تقويٰ ۾ طهارت ۾ ايماني قوت قوي آهي، اهو سيني کان پلو آهي. ڪافرُ سندس ڪفر ۾ شرڪ، عصيان ۾ طغيان سبب اشقيٰ يعني وڏو بدبخت آهي. اسلام نسب کي صرف سڃاڻڻ جو ذريعو قرار ڏنو آهي شعوب ۾ قبائل بنجڻ جو مقصد تعارف ۾ سڃاڻ قرار ڏنو آهي.

علم الانساب جي اهميت: جيئن ته هن علم مان ذاتين ۾ قومن ۾ انهن جي پُڻ بنياد جي سُڌ پوي ٿي ۾ ان علم سبب ماڻهو پنهنجي اباڻن، ناناڻن، ماماڻن ۾ چاچاڻن کي سڃاڻي ٿو ۾ انهن سان متي مائٽي ڳنڍيڊي ٿو ۾ انهن جي سار سنڀال لهي ٿو.

ان کري بقدر ضرورت اهو علم حاصل کرڻ ضروري آهي. ڪنهن چيو آهي تہ :

من لم يعرف النسب لن يعرف الناس

جيڪو نسب نہ ٿو سڃاڻي سو ماڻهن کي چا سڃاڻي سگهندو؟

ابوهريره رضي الله عنه روايت ڪئي امام الانبياء رسولِ اڪرم هادي عالم ﷺ فرمايو تہ:

تَعَلَّمُوا مِنْ أَنْسَابِكُمْ مَا تَصِلُونَ بِهِ أَرْحَامَكُمْ

فَإِنَّ صِلَةَ الرَّحِمِ مَحَبَّةٌ فِي الْأَهْلِ مَثْرَاةٌ فِي الْمَالِ مَنْسَأَةٌ فِي أَثَرِهِ [1]

پنهنجي نسبن جي علم مان ايترو سکو جنهن سان مائٽيون ڳنڍيي سگهو. جو تہ مائٽي ڳنڍڻ زمين ۾ محبت پيدا کرڻ جو ذريعو آهي. مال ۾ واڌارو آڻي ٿي يا موت جي وقت ۾ تاخير کري ٿي.

نسب جي ذريعي ماڻهن جي سڃاڻ ٿيندي آهي. جو تہ نالا نالن جمڙا هزار آهن. هڪ نالي وارا ماڻهو هڪ ڏوڙ ۾ هزارين هجن ٿا. ان کري چئبو آهي تہ :

فلاڻو پٽ فلاڻي جو اهو پٽ فلاڻي جو ذاتِ فلاڻي.

اسلام ۾ نسب جي اهميت ان سُڃاڻ کاڻ آهي. باقي ان تي فخر کرڻ درست نہ آهي. هر انسان کي ضروري آهي تہ پنهنجي ذات پات کي جاڻي سڃاڻي. پنهنجي ابن ڏاڏن بابت معلومات رکي. اُن سان پنهنجن پراڻن جي پروڙ پوندي. صلہ رحمي جو موقعو ملندو. حضرت سيدنا ابوبکر صديق رضي الله عنه علم الانساب جو وڏو ماهر هيو. پاڻ قريش جي نسب ۾ عرب جي قبائل جي نسبن بابت وڏي جاڻ رکندو هيو. حضرت جُبير مطعم، ابن عباس، عقيل بن ابي طالب رضي الله عنهم به علم نسب جا وڏا ماهر هئا. خود نبي کريم ﷺ پاڻ به علم الانساب جا ماهر هئا. روايت ۾ آهي عَمرو بن مره چيو تہ مان رسول کريم ﷺ وٽ ويٺل هيس پاڻ فرمايائون: جيڪو هتي معد قبيلي وارو آهي سو اٿي وڃي.

---

[1] اخرجه الحاكم في المستدرك علي الصحيحين ج 4 ص 178 وقال هذا حديث صحيح الإسناد و لم يخرجاه تعليق الذهبي في التلخيص: صحيح ، ورواه احمد في مسنده ج 14 ص 456، ورواه الترمذي ج 4 ص 351 قال الشيخ الألباني : صحيح .

الانساب ج 1 ص 12، 13 لامام ابو سعد عبد الكريم بن محمد بن منصور السمعاني المتوفي 562 هـ

مان کپڑا چنڊي اٽڻ لڳس ته پاڻ فرمايائون تون ويهه وري ٻئي پيري ٻه ائين فرمايائون مان اٽڻ لڳس ته پاڻ فرمايائون تون ته معد جونه پر حِميَرَ قبيلي جو آهين. [1]

ان واقعي مان معلوم ٿيو ته ان ماڻهو کي پنهنجي قبيلي ۾ ذات جي ايتري جاڻ نه هئي جيتري نبي کريم ﷺ کي ان جي نسب جي جاڻ هئي.

عِلم القِيافة

انسان جي طبيعت، شڪل و شبيه ۾ ان جي ظهور ۾ ضمور ۾ ان جي اباڻن توڙي ناناڻن جو اثر رهندو آهي. ايستائين جو ان جي جسم جي ساخت ۾ بناوت ۾ ٻه اباڻن يا ناناڻن جو اثر رهندو آهي. ان سُجاڻ واري علم کي "**علم القيافة**" سڏبو آهي.

علم قيافه جا ماهر جسم جي علامتن تي سُجاڻي وٺندا آهن ته هي ڪمڙي نسل ۾ نسب مان آهي. ڇو ته هڪ قبيلي جي ماڻهن ۾ عموماً ۾ پيءُ پٽ ۾ خصوصاً ڪجهه نسلي ۾ وراثتي خوبيون ۾ خصلتون يڪسان هوندیون آهن. جن کي ان علم جا ماهر سجاڻي وٺندا آهن. عرب ۾ مُدلج قبيلو علم القيافه ۾ ماهر ليکيو ويندو هيو. ان علم جي ماهرن جي شهادت کي رسول کريم ﷺ ٻه قبول فرمائيندا هئا. جيئن بخاري ۾ روايت آهي ته:

اصحابي سڳورو زيد رضی اللہ عنہ جنهن کي پاڻ کريم ﷺ پُٽيلو ڪري پاليو هيو. ان جو پٽ اُسامه جيڪو پڻ حبيبن کريم ﷺ وٽ تمام پيارو هيو. ٻنهين پيءُ پٽن جي رنگ جي اختلاف سبب انهن جي صحيح رشتي جي باري ۾ بعض ماڻهن جي ذهن ۾شڪوڪ رهندا هيا. هڪ پيري ٻئي پيءُ پٽ سُتل هئا. ٻنهين متان ڪپڑو ڍڪيل هيو. صرف سندن پير ظاهر هيا ته ان وقت مُدلج قبيلي جو هڪ قيافه شناس شخص آيو ان جڏهن ٻنهين جا پير ڏٺا ته چوڻ لڳو هي ٻئي هڪ ٻئي مان آهن. ان جي اها شاهدي ٻڌي پاڻ کريم ﷺ تمام گهڻو خوش ٿيا. سيده عائشه صديقه رضي الله عنها چيو ته:

دَخَلَ عَلَيَّ رَسُولُ اللَّهِ ﷺ ذَاتَ يَوْمٍ وَهُوَ مَسْرُورٌ.

هڪ ڏينهن حضرت حبيب کريم ﷺ مون وٽ آيا پاڻ خوشيءَ ۾ مسرور هئا. فرمايائون:

---

[1] المقصد العلي في زوائد أبي يعلى الموصلي (1/70)

يَا عَائِشَةُ، أَلَمْ تَرَيْ أَنَّ مُجَزِّزًا الْمُدْلِجِيَّ دَخَلَ عَلَيَّ فَرَأَى أُسَامَةَ بْنَ زَيْدٍ وَزَيْدًا وَعَلَيْهِمَا قَطِيفَةٌ، قَدْ غَطَّيَا رُءُوسَهُمَا وَبَدَتْ أَقْدَامُهُمَا، فَقَالَ: إِنَّ هَذِهِ الْأَقْدَامَ بَعْضُهَا مِنْ بَعْضٍ ①

اي عائشہ ڀڏئي مجزز مُدلجي مون وٽ آيو ان اسامہ ۽ زيد کي ڏنو انهن جا منهن کپڙي سان ڍڪيل هيا ۽ پنهنجن جا پير ظاهر هيا. چوڻ لڳو ته هي پير هڪ ٻئي مان آهن.

چو ته اصل ۽ فرع جي درميان کافي شين ۾ هڪجهڙائي هوندي آهي. انڪري قرآن ڪريم صلہ رحمي جو حڪم ڏنو آهي.

وَأُولُوا الْأَرْحَامِ بَعْضُهُمْ أَوْلَىٰ بِبَعْضٍ فِي كِتَابِ اللَّهِ ١ (الانفال: 75)

۽ رشتيدار الله جي ڪتاب ۾ (صلہ رحمي ۽ وراثت جي لحاظ کان) هڪ ٻئي جا وڌيڪ حقدار آهن.

رضاعت جا اثرات

نسبي اثرات وانگر انسان ۾ رضاعي اثرات به ٽين ٿا. ماڻهو جنهن عورت جو کير پيئي ٿو ان عورت کي سندس رضائي ماءُ سڏبو آهي. کير جو به ماڻهو جي طبيعت متان وڌو اثر پوندو آهي. انڪري بعض علماء چيو آهي ته پنهنجي ٻچڙن کي فاجر عورتن يا ڪافرياڻين يا مشرڪياڻين جو کير نه پياريو.

وَيُكْرَهُ الِاسْتِرْضَاعُ بِلَبَنِ الْحَمْقَاءِ، كَيْلَا يُشْبِهَهَا الْوَلَدُ فِي الْحُمْقِ.

فَإِنَّهُ يُقَالُ: إِنَّ الرَّضَاعَ يُغَيِّرُ الطِّبَاعَ ②

۽ (بارڙن کي) بيوقوف عورتن جو کير پيارڻ مڪروهه آهي جيئن اولاد انهن وانگر (بي وقوف) نه بنجي پوي چو ته چيو ويندو آهي ته کير طبيعتون متائي ڇڏيندو آهي.

---

① صحيح البخاري (8/157) سنن ابن ماجه (2/787) مصنف عبد الرزاق الصنعاني (7/448) مسند إسحاق بن راهويه (2/219) مسند أحمد ط الرسالة (40/118)

② المغني لابن قدامة (8/194) : المغني الشرح الكبير لابن قدامة دار الفكر ج 9 ص :229 احكام النسب لحماية الاسرة في الاسلام الدكتور محمد بنيعيش دار الكتب العلمية ص :53

نسبُ ۽ آفاقي ۽ آسماني اثرات:

حضرت يوسف عليه السلام خواب ۾ ڏٺو هيو ته :

اِذْ قَالَ يُوْسُفُ لِاَبِيْهِ يٰٓاَبَتِ اِنِّيْ رَاَيْتُ اَحَدَ عَشَرَ كَوْكَبًا وَّ الشَّمْسَ وَ الْقَمَرَ رَاَيْتُهُمْ لِيْ سٰجِدِيْنَ ۝۴ (يوسف)

ياد ڪر جڏهن يوسف (عليه السلام) پنهنجي پيءُ کي چيو: اي منهنجا بابا! مون (خواب ۾) يارهن ستارا ۽ سج ۽ چنڊ کي ڏٺو آهي جيڪي مون کي سجدو ڪري رهيا آهن.

ان خواب جي تعبير ۾ پيءُ کي سج، امڙ کي چنڊ ۽ ڀائرن کي ستارا سڏيائين.

نسب جي نسبت آسماني اِجرام سان ڏيڻ ۾ عجيب حڪمتون آهن. ڇو ته گهر هڪ ڪهڪشان وانگر آهي ۽ ان ۾ گهر جا افراد ستارن ۽ سيارن وانگر آهن جيڪي:

وَكُلٌّ فِيْ فَلَكٍ يَّسْبَحُوْنَ ۝۴۰ (يٰسٓ)

۽ سيئي (ستارا ۽ سيارا) پنهنجي مدار ۾ حرڪت ڪندا رهن ٿا.

نسب جا احڪام ظاهر تي آهن :

هر ماڻهو پنهنجي ذات قوم ۽ قبيلو، نسب ۽ نسل اهو ئي سڏائيندو آهي جيڪا ان کي سندس وڏن کان خبر ملندي آهي. باقي حقيقتون ته الله پاڻ ٿو جاڻي. قرآني آيت آهي:

اَلَّذِيْنَ اٰتَيْنٰهُمُ الْكِتٰبَ يَعْرِفُوْنَهٗ كَمَا يَعْرِفُوْنَ اَبْنَآءَهُمْ ؕ

وَاِنَّ فَرِيْقًا مِّنْهُمْ لَيَكْتُمُوْنَ الْحَقَّ وَ هُمْ يَعْلَمُوْنَ ۝۱۴۶ (البقرة)

۽ جن ماڻهن کي اسان ڪتاب عطا فرمايو، اُهي ان رسول (حضرت محمد ﷺ) کي ائين سڃاڻن ٿا جيئن پنهنجن پٽن کي سڃاڻندا آهن ۽ يقيناً انهن مان هڪ ٽولو جاڻي واڻي حق کي لڪائي رهيو آهي.

جڏهن اها آيت نازل ٿي ته حضرت عمر فاروق رضی اللہ عنہ حضرت عبدالله بن سلام رضی اللہ عنہ کان پڇيو جيڪو اهل ڪتاب جو وڏو عالم هيو.

يا أبا حمزة: هل عرفت محمداً كما عرفت ابنك؟

اي ابو حمزه چا تو نبي ﷺ کي ائين سڃاتو جيئن پٽ کي سڃاڻندو آهين؟ ته چيائين :

نَعَم. لأن الله بعث أمينه في سَمائه إلى أمينه في أرضه بنعتِه فعرفْتُه.
فأمّا ابني فما أدري ما أحدَثَتْ أُمُّه. ①

هائو. حبيبن ڪريمن ﷺ کي پنهنجي پٽ کان به وڌيڪ سڃاڻان ٿو ڇو ته آسمان جو امين (جبريل) زمين جي امين (محمد ڪريم ﷺ) تي سندس تعريف ۽ توصيف ڪٹي آيو (جن جي ڪلام ۾ ڪو شڪ نه آهي) ان مان مون کين سڃاتو. پر پنهنجي پٽ جي باري ۾ مان نه ٿو ڄاڻان سوا ان جي جيڪا ڳالهه سندس ماءُ ڪئي.

شجرة النسب مڪمل بيان ڪرڻ مشڪل آهي:

نسب جي جيترين پيڑهين جي پڪي پُختي ڄاڻ هجي اوترو بيان ڪرڻ گهرجي. ان کان وڌيڪ چئجي والله اعلم (الله بهتر ڄاڻي ٿو) ڇو ته ڪوبه ماڻهو پنهنجي نسب کي توڙ تائين ڪامل مڪمل بيان ڪري نه ٿو سگهي. ان ڪري جو ڇ ۾ تاريخ انسانيت جا اهڙا دور آيا آهن جن جو علم صرف الله جي ذات کي آهي.

سيدنا عبد الله ابن مسعود ﷺ کان روايت آهي ان هيءَ آيت پڙهي :

اَلَمْ يَأْتِكُمْ نَبَؤُا الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِكُمْ قَوْمِ نُوْحٍ وَّ عَادٍ وَّ ثَمُوْدَ ١ۛ وَ الَّذِيْنَ مِنْۢ بَعْدِهِمْ ١ۛ لَا يَعْلَمُهُمْ اِلَّا اللّٰهُ ١ۛ (ابراهيم :9)

ڇا توهان کي انهن ماڻهن جي خبر نه پهتي جيڪي توهان کان پهريائين ٿي گذريا آهن، (اُهي) قوم نوح ۽ عاد ۽ ثمود (جي قومن جا ماڻهو) هيا ۽ (ڪجهه) ماڻهو جيڪي انهن کان پوءِ ٿيا انهن کي الله کان سواءِ ڪوبه نه ٿو ڄاڻي (ڇو ته اُهي صفحهءِ هستي کان بلڪل نيست و نابود ٿي چڪا آهن). پوءِ چيائين ته : ڪذب النسابون : نسب وارن ڪوڙ هنيو.

حضرت حبيب ڪريم ﷺ جيڪي ساري ڪائنات جي علوم جا امام آهن. خود پنهنجي نسب بابت معد بن عدنان تائين بيان ڪري پوءِ خاموش ٿي ويندا هئا.

---

① معاني القرآن وإعرابه للزجاج (2/235)

فرمائيندا هئا تہ:

كَذَبَ النَّسابون. نسب وارن کوڙ هنيو آهي. ①

جيڪي مٿي اجداد بيان ڪن ٿا، اها ظني ڳالهہ آهي. الله پاڪ چئو بيان فرمائي ڇڏيو آهي تہ: لَا يَعْلَمُهُمْ اِلَّا اللّٰهُ ۱ الله ئي انهن کي جاڻي ٿو.

ابوهريره رضي الله عنه چيو: كذب النسابون: نسب وارن کوڙ هنيو.

چوتہ الله ان ڳالهہ جي نفي ڪئي آهي تہ ماڻهن کي ان جي خبر ئي نہ آهي. (وقرونا بين ذلك كثيرا) چو جو وچ ۾ گهڻا قرن گذريا آهن. اهي ايترا زمانا آهن جن جو عدد الله ئي جاڻي ٿو. ابودحيہ چيو تہ:

أجمع العلماء على أن النبي كان إذا انتسب لم يجاوز عدنان ②

ان ڳالهہ تي علماءِ جو اجماع آهي تہ نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جڏهن پنهنجو نسب بيان ڪندا هئا تہ عدنان کان مٿي بيان نہ ڪندا هئا. اها روايت ابن سعد ۽ ابن عساڪر ابن عباس کان آندي آهي.

علامہ بلاذري انساب الاشراف ۾ آڻي ٿو تہ حضرت ابن عباس رضي الله عنه چيو تہ:

كَانَ رَسُولُ اللّٰهِ صلي الله عليه وسلم إِذَا بَلَغَ فِي النَّسَبِ إِلَى أُدَدَ، قَالَ: كَذَبَ النَّسَّابُونَ، كَذَبَ النَّسَّابُونَ، قَالَ اللّٰهُ عَزَّ وَجَلَّ: (وَقُرُوناً بَيْنَ ذٰلِكَ كَثِيراً)

قَالَ ابْنُ عَبَّاسٍ: وَلَوْ شَاءَ رَسُولُ اللّٰهِ صلي الله عليه وسلم أَنْ يَعْلَمَهُ لَعَلِمَهُ. ③

---

① نهاية الأرب في معرفة أنساب العرب (ص: 353)، الأنساب للصحاري (ص: 52)، الجوهرة في نسب النبي وأصحابه العشرة (1 / 23)

② التيسير بشرح الجامع الصغير (2/206)

③ أنساب الأشراف للبلاذري (1/12):

رسول الله ﷺ جڏهن ادد تائين پنهنجو نسب بيان كندا هئا فرمائيندا هئا نسب وارن كوڙ هنيو، نسب وارن كوڙ هنيو. الله عزوجل ته فرمائي ٿو "ان جي وچ ۾ گهٽا قرن آهن" پوءِ ابن عباس فرمائيندو هيو ته اگر رسول الله ﷺ جاڻڻ چاهن ها ته جاڻي وٺن ها. انكري نسب بابت جيتري جاڻ هجي بيان كجي، اڳتي خاموشي اختيار كرڻ گهرجي.

حضرت فاروق اعظم رضي الله عنه جو قول:

كَذَبَ النَّسَّابُونَ مَا يَجُوزُ اللَّهَ تَعَالَىٰ وَقُرُونًا بَيْنَ ذَٰلِكَ كَثِيرًا [1]

نسب وارن كوڙ هنيو الله تعالىٰ كان نه ٽپا وڃن (ان ته فرمايو آهي ته) ان جي وچ ۾ گهٽا زمانا آهن. نسب جو علم ايترو سكو جنهن جي ذريعي مٽيون ڳنڍيو سگهو ۽ وارث سڃاڻي سگهو ۽ ستارن جو علم ايترو سكو جنهن سان رات ۾ ڏينهن جي گهڙين كي سڃاڻي سگهو ۽ رستا سڃاڻي سگهو ۽ چند جون منزلون سمجهي سگهو.

پنهنجي ذات متائڻ

جڏهن الله وٽ مان ۽ شان، عزت ۽ عظمت جو معيار تقويٰ ۽ پرهيزگاري آهي ته پوءِ جيكو ماڻهو الله وٽ پنهنجو مرتبو چاهي ٿو ان كي تقويٰ اختيار كرڻ گهرجي. پنهنجي ذات متائي كو به ماڻهو الله وٽ عزت ۽ مان حاصل كري نه ٿو سگهي. شريعت پاك مطابق كنهن به ماڻهو كي جائز نه آهي جو اهو پنهنجي ذات متائي ۽ كا هي ذات سڏائي. توڙي جو ان جي ذات ۾ كو نقص هجي يا ماڻهن جي نظر ۾ اها گهٽ ذات ليكي ويندي هجي كنهن كي جائز نه آهي جو پنهنجي اباڻن ۽ ڏاڏاڻن جي بجاءِ پاڻ كي ٻين جو اولاد سڏرائي. ائين كرڻ وارو ماڻهو الله جي پاران لعنت جو حقدار ٿي وڃي ٿو.

1. رب العالمين جل جلاله فرمايو ته:

ادْعُوهُمْ لِآبَائِهِمْ هُوَ أَقْسَطُ عِنْدَ اللَّهِ (الاحزاب: 5)

---

[1] تاريخ المدينة لابن شبة (3/798)

انهن کي سندن پيئرن جي نالي سان سڏيو اها الله وٽ وڌيڪ انصاف واري ڳالهه آهي.

2. رحمة للعالمين ﷺ فرمايو: سيدنا عمرو بن شعيب پنهنجي پيءُ ۽ ان سندس ڏاڏي کان روايت ڪئي ته حضرت حبيب ڪريم ﷺ فرمايو:

كُفْرٌ بِاللّٰهِ تَبَرُّؤٌ مِنْ نَسَبٍ وَإِنْ دَقَّ اَوِ ادِّعَاءٌ إِلٰى نَسَبٍ لَا يُعْرَفُ (مسند احمد)

پنهنجي نسب کان پڇڻ الله سان ڪفر ڪرڻ آهي تورٌي جو ٽورو هجي، يا اها ذات سڏائڻ جيڪا سچائي ئي نه.

سيدنا سعد ﷺ چيو ته مون رسول الله ﷺ کان ٻڌو پاڻ فرمايائون:

مَن ادَّعَىٰ إِلَىٰ غَيْرِ أَبِيهِ وَهُوَ يَعْلَمُ أَنَّهُ غَيْرُ أَبِيهِ فَالْجَنَّةُ عَلَيْهِ حَرَامٌ [1]

جيڪو ماڻهو جاڻي واڻي پاڻ کي ٻئي پيءُ جو پٽ سڏائي ته ان مٿان جنت حرام آهي.

3. سيد الصديقين فرمايو:

خليفهء راشد سيدنا ابوبڪر صديق ﷺ جو فرمان عالي شان آهي ته:

مَنِ انْتَسَبَ إِلَىٰ غَيْرِ اَبِيهِ اَوْ تَوَلّٰى غَيْرَ مَوَالِيهِ

فَعَلَيْهِ لَعْنَةُ اللّٰهِ وَالْمَلَائِكَةِ وَالنَّاسِ اَجْمَعِينَ [2]

جنهن ماڻهو پاڻ کي ڪنهن ٻئي جو پٽ سڏايو يا (ڪنهن غلام) پنهنجي آقا کان سواءِ پاڻ کي ٻين جو غلام سڏايو ته ان مٿان الله جي ۽ ملائڪن ۽ سڀ ماڻهن جي لعنت آهي.

4. امام العادلين:

خليفه راشد حضرت عمر فاروق ﷺ فرمايو ته:

تعلموا العربية فانها تزيد في المروة وتعلموا النسب

فرب رحم مجهولة قد وصلت بعرفان نسبها [3]

---

[1] اخرجه البخاري في بَاب مَنْ ادَّعَىٰ إِلَىٰ غَيْرِ أَبِيهِ واخرجه مسلم وابن منده في الإيمان ج 2 ص 635 وقال اسناده صحيح وابن ماجه وابو داؤد والدارمي والدر المنثور ج 6 ص 562

[2] رواه ابن ماجه ورواه نحوه المسلم . والترمذي. ابو داؤد واحمد في مسنده

[3] المستطرف ج 2 ص 23

عربي سکو چو تہ اها مروت ۾ اضافو آڻي ٿي ۽ نسب جي ڄاڻ حاصل ڪيو چو تہ ڪافي آھ سُجاتل مائٽيون نسب جي سڃاڻڻ سان ڳنڍيجي پون ٿيون.

نسب ۾ طعنو ڏيڻ

انسان هجڻ ۾ يا حقوقِ انسانيت جي اعتبار کان سڀ انسان پاڻ ۾ ڪنگي جي ڏندن وانگر برابر آهن. پوءِ تقويٰ ۽ زهد عبادت ۽ ورع سبب الله کريم کن کي کن مٿان فضيلت عطا ڪندو آهي. انس بن مالڪ رضی اللہ عنہ کان روايت آهي رسول الله ﷺ فرمايو تہ :

الناس كأسنان المشط [1]

وفي رواية ان الناس كلهم مستوون كاسنان المشط

ماڻهو سڀ ڪٽي جي ڏندن وانگر پاڻ ۾ برابر آهن.

سيدنا سهل بن سعد رضی اللہ عنہ کان مروي حديث ۾ آهي حضرت حبيب ڪريم ﷺ فرمايو تہ:

النَّاسُ مُستَوُونَ كَأَسْنَانِ الْمُشْطِ وَإِنَّمَا يَتَفَاضَلُونَ بِالْعَافِيَةِ

فَلَا تَضْحَبَنَّ رَجُلًا لَا يَرَى لَكَ مِثْلَ مَا تَرَى لَهُ. [2]

سڀ ماڻهو ڪنگي جي ڏندن وانگر پاڻ ۾ برابر آهن ۽ عافيت جي سبب هڪڙو ٻئي کان وڌيڪ ٿي ويندو آهي. پوءِ تون اهڙي ماڻهو سان سنگت نہ ڪر جيڪو تولاءِ ائين نہ تو ڏسي جيئن تون ان لاءِ ڏسين ٿو.

توڙي جو سڀ انسانَ پنهنجي انسان هجڻ ۾ پاڻ ۾ برابر آهن. باقي الله جي عطائن، شان ۽ مانَ، مقام ۽ مرتبي، عقل ۽ خِلقت، صورت ۽ سيرت ۾ سڀ پاڻ ۾ برابر نہ آهن. الله کريم هڪڙن کان ٻين تي وڌيڪ نواز شون ڪندو آهي. رب کريم فرمايو تہ :

اُنْظُرْ كَيْفَ فَضَّلْنَا بَعْضَهُمْ عَلٰى بَعْضٍ ؕ وَلَلْاٰخِرَةُ اَكْبَرُ دَرَجٰتٍ وَّ اَكْبَرُ تَفْضِيْلًا ۝۲۱ (الاسراء)

---

[1] مسند الشهاب القضاعي (1/145)

[2] الكنى والأسماء للدولابي (2/524)

ڏس اسان انهن مان کن کي ڪمڻي طرح فضيلت ڏئي ڇڏي آهي ۽ يقيناً آخرت (دنيا جي مقابلي ۾) درجن جي لحاظ کان (پر) ڏاڍي وڏي آهي ۽ فضيلت جي لحاظ کان (پر) ڏاڍي وڏي آهي.

وَهُوَ الَّذِيْ جَعَلَكُمْ خَلٰٓئِفَ الْاَرْضِ وَرَفَعَ بَعْضَكُمْ فَوْقَ بَعْضٍ دَرَجٰتٍ لِّيَبْلُوَكُمْ فِيْ مَآ اٰتٰىكُمْ ۭ اِنَّ رَبَّكَ سَرِيْعُ الْعِقَابِ ۚ وَاِنَّهٗ لَغَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ۝١٦٥ (الانعام)

۽ اهو ئي الله آهي جنهن توهان کي زمين ۾ نائب بنايو ۽ توهان مان کن کي کن تي درجن ۾ بلند ڪيو تہ جيئن هوُ انهن (شين)۾ توهان کي آزمائي جيڪي ان توهان کي(امانتاً) عطا ڪري ڏنيون آهن. بيشڪ توهان جو رب (عذاب جي حقدارن کي) جلد سزا ڏيڻ وارو آهي ۽ بيشڪ اهو (مغفرت جي اميدوارن کي) وڏو بخشڻ وارو ۽ بيحد رحم فرمائڻ وارو آهي.

نسب ۾ عيب ڪڍڻ جهالت آهي:

ڪنهن کي جائز نہ آهي جو پنهنجي نسب تي فخر ڪندي ٻئي ڪنهن مسلمان جي نسب ۾ عيب ڪڍي يا طعنو هڻي، اسان جو دين ان جي اجازت نہ ٿو ڏئي. ڪنهن جي نسب ۾ عيب ڪڍڻ، انڌو تعصب رکڻ اهو ڪافرن جي اعمال مان آهي ۽ جاهليت جي ريت آهي ۽ اهو ڪبيرن گناهن مان آهي.

مسند احمد ۾ ابو مالڪ اشعري رضی اللہ عنہ کان روايت آهي ، نبي ڪريم ﷺ فرمايو :

أَرْبَعٌ فِي أُمَّتِي مِنَ الْجَاهِلِيَّةِ لَا يَتْرُكُونَهُنَّ: الْفَخْرُ فِي الْأَحْسَابِ، وَالطَّعْنُ فِي الْأَنْسَابِ، وَالِاسْتِسْقَاءُ بِالنُّجُومِ، وَالنِّيَاحَةُ [1]

منهنجي امت ۾ جهالت واريون چار شيون (رهجي ويون) آهن جن کي ماڻهو ڇڏن نہ ٿا، پنهنجي حسب تي فخر ڪرڻ، ٻين کي نسب ۾ طعنو ڏيڻ، ستارن (جي اعداد ۽ حساب) سان بارش طلب ڪرڻ، ميت تي پار ڪيڻ.

---

[1] مسند أحمد (37/544)؛ مصنف عبد الرزاق الصنعاني (3/559) مصنف ابن أبي شيبة (3/60) مسند أبي يعلى الموصلي (3/148) صحيح ابن حبان (7/413)

پاڻ ڪريم ﷺ فرمائن تا اهي چار شيون اهڙيون جاهلاڻيون آهن جن کي ماڻهو چڏن نه تا سيدنا ابو ذر رضی اللہ عنہ چيو ته منهنجي هڪ پاءُ جي ماءُ عجمڙ هئي. (عرب قبيلي جي نه هئي) مون ان کي سندس ماءُ بابت طعنو ڏنو.

ان ماڻهو منهنجي اها شڪايت رسول الله ﷺ سان وڃي ڪئي. پوءِ جڏهن مان رسول الله ﷺ سان مليس ته حضرت حبيب ڪريم ﷺ مون ڏانهن ڏسي فرمايو:

يا أبا ذر، إنك امرؤ فيك جاهلية [1]

اي ابوذر تون اهڙو ماڻهو آهين جو تو ۾ اڃا جهالت (جي ڳالهه) آهي.

ڪنهن کي ماءُ بابت مٺو ڏيڻ يا انجي نسب ۾ طعنو هڻڻ جاهليت جي عادت آهي.

سيدنا ابوهريره رضی اللہ عنہ چيو ته رسول الله ﷺ فرمايو ته:

شُعْبَتَانِ لَا تَتْرُكُهُمَا أُمَّتِي: النِّيَاحَةُ وَالطَّعْنُ فِي الْأَنْسَابِ [2]

ٻه شعبا اهڙا آهن جن کي منهنجي امت چڏي نه ٿي. پار ڪيڻ ۾ نسب ۾ طعنو هڻڻ.

بدڪلامي بدڪرداري آهي:

ڏئو اهو ويو آهي ته جڏهن ڪو ماڻهو ڪنهن سان بغض رکي ٿو ته پنهنجي نفساني سڏن کي سامهون رکندي يا ڪنهن ٻئي جي تقليد ڪندي ان جي اکين مان حياءِ، دل مان مرم ۽ شرم، روح مان رحم ۽ اندر مان عدل نڪري وڃي ٿو. هاڻي ان کي اڳلي جون خوبيون ۽ خاميون نظر اچن ٿيون، ثواب ۽ عيب نظر اچن ٿا. ان جو حسن ۽ قبح نظر اچي ٿو بلڪ ان جي اندر اگر کا پئسي جيتري غلطي آهي ته ماڻهن اڳيان پنج روپين وانگر ڪري پيش ڪري ٿو. ان جون نيڪيون وسري وڃن ٿيون، ان جا احسان پلجي وڃن ٿا. نيڪي ڏسڻ کان ان جون اکيون انڌيون ۽ ڪن ٻوڑا بنجي پون ٿا. اهو بغض ۽ حسد ۾ هواءِ نفس جي غلبي ۾ اهو نه ٿو سمجهي ۽ سوچي ته اهو چا ٿو چوي ۽ چا ٿو لکي.

---

[1] صحيح مسلم (3/1282)

[2] الأدب المفرد مخرجا (ص: 143) صححه الباني

نظروا بعين عداوة ولو انها * عين الرضا لا ستحسنوا ما استقبحوا

بحتري چيو تہ:

اذا محاسني اللاتي اُدِلُّ بها * كانت ذنوني فقل لي كيف اعتذرُ

واذا الحبيب أتى بذنب واحد * جاءت محاسنه بألف شفيع

فأن يكن الفعل الذي ساء واحدا * فأفعاله اللاتي سررن كثير

قيامت جي ڏهاڙي رب کريم به تہ به پڙ لڳائيندو هڪ پڙ مٿ نيکيون تہ ٻئي مٿ برائيون رکيون ويندیون پوءِ جنهن جون نيکيون گھٽيون ٿي ويون تہ براين جي باوجود ان کي جنت مٿ موکليو ويندو.

سعيد بن المسيب جو قول:

ظُلم لاخيك ان تذكر منه اسوأ ما تعلم و تكتم خيره[1]

اهو تنھنجو پنھنجي ياءِ سان ظلم آهي جو ان جي برائي جيکا ڄاڻين ٿو سا تہ بيان کرين ٿو پر ان جي خير کي لکائي ڇڏين ٿو.

قول عجيب: کنھن چيو آهي تہ:

اعطوا كل ذى حق حقه وانزلوا كل ذى منزلة منزلته

هر حقدار کي ان جو حق ڏيو ۽ شان واري کي ان جو مان ڏيو.

صُمٌّ إذَا سَمِعُوا خَيْرًا ذُكِرْتُ بِهِ ... وَإِنْ ذُكِرْتُ بِسُوءٍ عِنْدَهُمْ أَذِنُوا

فطانة فطنوها لو تكون لهم * مروءة او تقى لله ما فطنوا

ان يسمعوا شيئاً طاروا به فرحاً * مني وما سمعوا من صالح دفنوا[2]

گلا نهايت برو فعل آهي:

---

[1] الجامع لاخلاق الراوي: ج 2 ص 202

[2] عيون الاخبار: ج3 ص 94

ڪنهن جا عيب قطارن، ڪنهن کي نسب ۾ طعنا ڏيڻ يا منهن تي مٺا هٺڻ يا ڪنهن جي پر پٺ گلا ڪرڻ درست نه آهي. قرآن ۾ گلا ڪرڻ کي مثل پاڻ جي گوشت کائڻ سان تشبيه ڏني وئي آهي. ڪنهن جو عيب ڏسي ان کي ڍڪڻ الله وٽ پسنديده عمل آهي.

سيدنا سعيد بن المسيب جو قول آهي ته:

إنه ليس من شريف ولا عالم ولا ذي فضل إلا وفيه عيبٌ ولكن من الناس من لا ينبغي أن تذكر عيوبه: من كان فضله أكثر من نقصه وهب نقصه لفضله. [1]

ڪو به شريف يا عالم يا ڪو صاحبِ فضيلت اهڙو نه هوندو جنهن ۾ ڪو عيب نه هجي پر ماڻهن مان کي اهڙا آهن جن جو عيب قطارن مناسب ئي نه هوندو آهي. جنهن جون خوبيون ان جي نقصن کان وڌيڪ آهن ته ان جي ڪمين کي ان جي فضيلت حوالي ڪرڻ گهرجي.

ڪنهن چيو آهي ته:

تعطي الشهرةُ علي العيوب كالشمس غطي نورها علي نارها

شُهرت عيبن کي ائين ڍڪي ٿي جيئن سج جي روشني انجي ڳاڙهاڻ کي ڍڪي ڇڏيندي آهي.

ڪنهن فوت ٿيل جي برائي بيان ڪرڻ ايا به برو عمل آهي:

بي بي عائشہ روايت ڪئي رسول الله ﷺ جي اڳيان ڪنهن مثل ماڻهو جي برائي بيان ڪئي وئي پاڻ فرمايائون ته:

لا تذكروا هلكاكم إلا بخير [2]

پنهنجي فوت ٿيلن جو خير کان سواءِ ٻيو ڪو ذڪر نه ڪيو.

حضرت عبد الله بن عمر رضي الله عنه چيو ته رسول الله ﷺ فرمايو ته:

كُفُّوا عَنْ أَهْلِ لَا إِلَـٰهَ إِلَّا اللهُ لَا تُكَفِّرُوهُمْ بِذَنْبٍ،

---

[1] صفة الصفوة (1 / 347)، البداية والنهاية مطبوعه إحياء التراث (9 / 118)، مسالك الأبصار في ممالك الأمصار (4 / 7)، الاعلان بالتوبيخ لمن ذم التاريخ للسخاوي: ص 49

[2] سنن النسائي (4 / 52)

فَمَنْ أَكْفَرَ أَهْلَ لَا إِلَـٰهَ إِلَّا اللهُ فَهُوَ إِلَى الْكُفْرِ أَقْرَبُ. ①

لااله الاالله چوڻ وارن (جي براين بيان ڪرڻ) کان رُکجي وجو. انهن جي ڪنهن خطا سبب انهن کي ڪافر نه ڪوٽيو چو ته جيڪو لااله الا الله چوڻ وارن کي ڪافر قرار ڏئي ٿو اهو پاڻ ڪفر جي ويجهو پهچي وڃي ٿو.

انساني نسل جي ارتقا

الله جي ذاتِ پاڪ آهي، جنهن انسانِ اول سيدنا آدم عليہ السلام کي پنهنجي قدرت ڪامل سان پيدا فرمايو. پوءِ ان جي وجود مان سندس جوڙ بيبي حواء کي پيدا فرمايو ۽ پوءِ انسانذات جي بنياد ان هڪ جوڙي مان سندس پٽ پوٽا ۽ نسل در نسل اربين انسانن کي پيدا فرمائي هن جهان کي آباد فرمايو. رب پاڪ ٿو فرمائي:

يَاأَيُّهَا النَّاسُ اتَّقُوا رَبَّكُمُ الَّذِي خَلَقَكُمْ مِنْ نَفْسٍ وَاحِدَةٍ وَخَلَقَ مِنْهَا زَوْجَهَا وَبَثَّ مِنْهُمَا رِجَالًا كَثِيرًا وَنِسَاءً (النساء: 1)

اي انسانو پنهنجي پالڻهار کان ڊجو جنهن اوهان کي هڪ جيءَ مان پيدا ڪيو ۽ ان مان ان جو جوڙو پيدا ڪيائين ۽ انهن ٻنهين مان گهڻا مرد ۽ عورتون پکيڙيائين.

قرآن عظيم ڊاروَن جي نظريي کي رد ڪندي فرمائي ٿو ته انسانِ اول حضرت آدم عليہ السلام آهي، ان مان ان جو جوڙ بيبي حواءَ پيدا ڪئي وئي آهي. پوءِ انهن جي نسل کي رب ڪريم زمين تي پکيڙيو آهي. ان هڪ جوڙي مان قومون ۽ قبيلا پيدا ٿيا. جيئن هر قوم لاءِ ڌرتي جا دنگ جدا جدا آهن، تيئن هر قوم جي هولي جدا، رنگ روپ جدا، رهٽي ڪهٽي

---

① المعجم الكبير للطبراني (12/272)

جداءِ لباس جداءِ ريتون رسمون جدا جوڙيا ويا آهن. اها سڀ قادر جي قدرت آهي. سڀ انسانن مان اهي وڌيڪ پلا آهن جيڪي وڌيڪ پرهيزگار آهن. رب جو فرمان آهي:

يَا أَيُّهَا النَّاسُ إِنَّا خَلَقْنَاكُمْ مِنْ ذَكَرٍ وَأُنْثَىٰ وَجَعَلْنَاكُمْ شُعُوبًا وَقَبَائِلَ لِتَعَارَفُوا إِنَّ أَكْرَمَكُمْ عِنْدَ اللَّهِ أَتْقَاكُمْ إِنَّ اللَّهَ عَلِيمٌ خَبِيرٌ (الحجرات:13)

اي انسانو بيشڪ اسان اوهان کي هڪ مرد ۽ هڪ عورت مان پيدا ڪيو ۽ اسان اوهان کي ذاتيون ۽ قبيلا بنايو تہ جيئن (هڪ ٻئي کي) سڃاڻي سگھو.

بيشڪ اوهان مان الله وٽ وڌيڪ عزت وارو اهو آهي جيڪو وڌيڪ پرهيزگار آهي. بيشڪ الله علم وارو باخبر آهي.

انسان ۽ جهان

انساني زندگي زمين متان هردم فعال ، متحرڪ ۽ ترقي پذير آهي. ڏرتي تي اچڻ بعد وقت گذرڻ سان انسان ترقي ڪندو ويو. قومن ۽ قبيلن ۽ مختلف تهذيبن ۽ تمدنن ۾ ورهائبو ويو. فرد مان افراد، افراد مان اقوام ظهور پذير ٿي پيون. هڪ ماڻهو جي اولاد منجهان هڪ قوم پيدا ٿي پئي. هر پنجاهه سٺ سالن ۾ پراڻا چهرا مٽيءَ ۾ پرده پوش ٿي وڃن ٿا، ورِي نوان چهرا نمودار ٿين ٿا.

ڏرتي تي موجود قومون :

قديم مؤرخ ۽ نسب جا ماهر ان ڳالهہ تي متفق آهن تہ هن وقت زمين متان موجود جملي قومون ۽ قبيلا حضرت نوح عليہ السلام جو اولاد آهن. اهو هن طرح جو جڏهن طوفان آيو تہ آدم عليہ السلام جو سڀ اولاد فوت ٿي ويو هيو. سواءِ انهن اسي جڻن جي جيڪي ٻيڙي ۾ سوار ٿيا هئا. پوءِ طوفان بعد اهي جڏهن حضرت نوح عليہ السلام سان گڏ زمين تي لٿا تہ انهن مان بہ ڪنهن جو اولاد باقي نہ بچيو سواءِ نوح عليہ السلام جي اولاد جي.

هي اهڙي ڳالهہ آهي جنهن تي علماء مان ڪنهن جو بہ اختلاف نہ آهي. [1]

رب العالمين قرآن پاڪ ۾ فرمايو تہ :

---

[1] موسوعة القبائل العربيه لمحمد سليمان الطيب ج 1 ص 24

وَلَقَدْ نَادَانَا نُوحٌ فَلَنِعْمَ الْمُجِيبُونَ * وَنَجَّيْنَاهُ وَأَهْلَهُ مِنَ الْكَرْبِ الْعَظِيمِ * وَجَعَلْنَا ذُرِّيَّتَهُ هُمُ الْبَاقِينَ * وَتَرَكْنَا عَلَيْهِ فِي الْآخِرِينَ

(الصافات: 75، 76، 77، 78)

ع البت تحقيق نوح اسان کي سڏيو پوءِ اسان کمڙا نه سڻا دانهن ورنائڻ وارا آهيون ع اسان ان کي ع ان جي گهراٽي کي وڏي تکليف کان ڇوٽڪارو ڏنو ع اسان ان جي اولاد کي باقي رکيو ع اسان پوين م ان جي (سار اهه ع واکاڻ کي) باقي رکيو.

ان آيتن بابت ابن ڪثير ع ٻين تفسيرن سيدنا ابن عباس ﷺ کان روايت آندي آهي ته:

لم تبق الا ذرية نوح عليه السلام [1]

ڏرتي تي نوح عليه السلام جي اولاد بنا ٻيو ڪو نه بچيو.

حضرت قتاده ان آيت جي تفسير م چيو ته:

الناس كلهم من ذرية نوح عليه السلام [2] ماڻهو سڀ نوح عليه السلام جو اولاد آهن.

حضرت سمُرة ﷺ چيو ته حضور نبي ڪريم ﷺ آيت (وَجَعَلْنَا ذُرِّيَّتَهُ هُمُ الْبَاقِينَ) بابت فرمايو ته: نوح جا تي پٽ هئا: حَامٌ وَسَامٌ وَيَافِثُ [3]

امام احمد روايت آندي آهي ته حضرت حبيب ڪريم ﷺ فرمايو ته: [4]

سام ابو العرب وحام ابو الحبش ويافث ابو الروم

سام عربين جو ابو آهي ع حام حَبَشِيين جو ابو آهي ع يافث رُوميين جو ابو آهي.

---

[1] قال الامام محمد بن احمد القرطبي المتوفي 671 ، أن جميع الخلق الآن من ذرية نوح عليه السلام تفسير القرطبي ج 7 ص 233 مطبوعه دار الشعب القاهرة * وقال محمد بن جرير الطبري في تفسيره ذرية نوح هم الذين بقوا في الأرض بعد مهلك قومه وذلك أن الناس كلهم من بعد مهلك نوح إلى اليوم إنما هم ذرية نوح (انظر تفسير الطبري ج: 23 ص: 67)

[2] تفسير ابن كثير سورة الصافات.

[3] رواه الترمذي.

[4] عَنْ عِمْرَانَ بن حُصَيْنٍ، وَسَمُرَةَ بن جُنْدُبٍ، أن النَّبِيَّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ، قَالَ: "وُلِدَ لِنُوحٍ ثَلَاثٌ: فَسَامٌ أَبُو الْعَرَبِ، وَحَامٌ أَبُو الْحَبَشِ، وَيَافِثُ أَبُو الرُّومِ". المعجم الكبير للطبراني (13/ 33)

سنن الترمذي (5/ 365) مسند أحمد بن حنبل (9/5) مسند البزار (10/ 408)

تفسير قرطبي ۾ آهي ته حضرت نوح عليه السلام جا ٽي پٽ هئا يافث ، سام ۽ حام. انهن مان سڀ انسان پيدا ٿيا. [1]

يافث : علم انساب جي ماهرن مطابق يافث جو اولاد سام ۽ حام جي اولاد کان تمام گهڻو ٿيو. ان مان جيڪي قومون قبيلا ۽ امتون پيدا ٿيون تن ۾ ترڪ ۽ انهن جي جنس مان قبچاقي، تاتاري، غزي، سلجوقي، هياطلتي، خِلجي، شرڪسي، خرزي، چيني، فرنگي قوطي، يوناني ۽ ياجوج ماجوج جيڪي سدِ سڪندري ۾ بند آهن. رومي اهي سڀ يافث جي اولاد مان آهن.

سام : هي سندس وچون پٽ هيو، ان مان يافث توڙي حام کان گهٽ نسل پيدا ٿيو پر اهي نسل انساني جا اڳواڻ ٿيا. نبوت سندس اولاد جي حصي ۾ آئي. ان مان عربي، آشوري، سرياني، فارسي، ڪردي، ڪنعاني، نبطي، آرامي ۽ انهن کان علاوه عرب جا قبائل جيئن بني مدين، بني اسرائيل وغيره سام جي نسل مان پيدا ٿيا.

حام : هي حضرت نوح عليه السلام جو ننڍو پٽ هيو. ان مان جيڪي قبائل پيدا ٿيا تن مان مصري قدماء (قبطي) ڪوش يعني سنڌي ۽ هندي، سوڊاني ان جون چارُون جيئن زنگي، حبشي، نوبي، زويلي، وغيره. بربري جيڪي بلادِ مغرب ۾ اڄ تائين آباد آهن انهن جي باري ۾ اختلاف آهي ته اهي حام جو اولاد آهن يا سام جو؟ ڪن چيو ته اهي ڪنعاني ۽ سام جي اولاد مان آهن. نسب جي ڪن عالمن چيو ته اهي اسماعيل جي اولاد مان آهن انهن جو پيءُ بَرّ بن قيدر هيو. ان پنهنجي پيءُ جي بي فرماني ڪئي پيءُ چيس :

يَا بَرّ اِلَى البَرّ لَسْتَ بر اي بر وچ بر ڏي تون نيڪ نه آهين.

ان ڏينهن کان ان جو اولاد بربر جي نالي سان مشهور ٿيو.

ڪن وري انهن بابت پي راءِ ڏني آهي ته اهي يمن جي حمير قبيلي مان قحطاني آهن. [2]

---

[1] تفسير قرطبي سورة الصافات.

[2] موسوعة القبائل العربية ج 1 ص 25 . 26

عرب ۽ قبائلِ عرب

عرب عُربہ مان ورتل آهي جيڪو صحراءَ يا رڻ پٽ کي چئبو آهي. جيئن ته ان سرزمين جو گهڻو حصو صحرائي (عُربہ) آهي ان کري ان ملڪ کي عرب سڏيو وڃي ٿو ۽ اتان جي رهواسين کي عربي سڏيو وڃي ٿو.

امام راغب اصفهاني لکيو ته : عرب لفظ جي معنيٰ آهي فصيح اللسان.

جيئن ته هي قوم پنهنجي زبان داني تي ناز ڪندي، پاڻ کي عربي ۽ ٻين کي عجمي گونگو يا مُنجهيل آواز وارو سمجهندي هئي. ان کري ان قوم کي عرب سڏيو ويو. عرب زباني تقسيم جي اعتبار کان سامي سڏجن ٿا چو ته اهي سام بن نوح عليہ السلام جي اولاد مان آهن

عربن جا قسم: عرب بن قسمن جا آهن.

پهريان عرب بائدة پيا عرب باقيہ.

عرب بائدة : هي اهي عرب آهن، جيڪي تاريخي دور کان هزارين سال اڳ مِٽجي چڪا هئا. جيئن عاد، ثمود، طسم، جديس، جرهم عمالقہ وغيره . صرف الهامي ڪتابن يا عرب جي ڪن قديم شاعرن جي شعرن ۾ انهن جو ذڪر ملي ٿو، باقي انهن جو نسل اڄ دنيا ۾ موجود نہ آهي.

عرب باقية : هي عرب بن قسمن جا آهن. پهريان عرب عاربہ پيا عرب مستعربہ.

عرب عاربة : اهي قحطان جي اولاد مان آهن، انهن کي عرب الجنوب ڏاکڻيان عرب سڏجي ٿو. اهي اصل يمن جا رهواسي هئا. عرب جا اصل آبادڪار اهي هئا. انهن جي عاليشان محلن جا کنڊرات اڄ تائين بہ عرب جي ڏاکڻين علائقن ۾ موجود آهن.

عرب مستعربة : هي عدنان جو اولاد آهن. اهي عرب جي اترئين علائقن جا رهواسي هئا. اهي حضرت اسماعيل عليہ السلام جو اولاد آهن.

قبـائلِ عرب

ابن خلدون لکيو ته :علم الانساب جي ماهرن مطابق ساري دنيا جا عرب ٽن نسبن ڏانهن موٽن ٿا.

عدناني: اسماعيل عليه السلام جو اولاد. رسول الله ﷺ ۾ قريش سڀ ان جي نسل مان آهن.

قحطاني: اهي قحطان بن هميسع بن ايبن بن قيذار، بن نبت بن اسماعيل جو اولاد آهن.

ڪن چيو تہ قحطان اهوئي يقطن آهي، جنهن جو ذڪر تورات شريف ۾ آهي.

پاڻ عابر جو پٽ هيو. سبا جي قوم ۾ مديني پاڪ جا اوس ۾ خزرج جا قبيلا ان ئي قحطان جي اولاد مان آهن. ان جو اولاد اڄ بہ عرب جي گهڻن علاقن ۾ ڇانئيل آهي. تانجو عجم جي گهڻن علاقن ۾ بہ ان جو اولاد موجود آهي.

قُضاعي: حمير وارا قضاعہ بن مالڪ جي نسل مان آهن. [1]



عرب عاربة (قحطاني نسب)



عرب مستعربة (عدناني نسب)

---

[1] تاريخ ابن خلدون ج 2 ص 289. وفي تاريخ ابي الفداء: قضاعة وهو قضاعة بن مالك بن حمير بن سبأ وقيل قضاعة بن مالك بن عمرو بن مرة بن زيد بن مالك بن حمير بن سبأ وكان قضاعة المذكور مالكاً لبلاد الشحر وقبر قضاعة في جبل الشحر . ومن قضاعة أيضاً كلب وهم بنو كلب بن وبرة بن ثعلبة بن حلوان بن عمران بن إلحاف بن قضاعة وكانت بنو كلب في الجاهلية ينازلون دومة الجندل وتبوك وأطراف الشام. تاريخ أبي الفداء (1/148)

اوس ۾ خزرج قبيلا

هي به عرب جا قحطاني قبيلا آهن، جيڪي حارثه بن ثعلبه جي نسل مان آهن. اهي اصل يمن جا رهواسي هيا. ظهورِ اسلام کان نَوسئو سال اڳ جدّهن يمن ۾ سبأ وارن مٿان وڏي تباهي آڻيندڙ طوفان "سيل العرم" آيو هيو، جنهن جو ذڪر قرآن پاڪ ۾ موجود آهي تہ اتان جا ڪجھ قبيلا نقل مڪاني ڪري جزيرهءِ عرب جي مختلف حصن ۾ اچي آباد ٿيا هئا.

انهن قبيلن مان اوس ۽ خزرج به هئا جن اچي مٹي شهر مديني پاڪ ۾ رهائش اختيار ڪئي. اوس ۽ خزرج ٻئي سڳا پائر هيا انهن جي پيءُ جو نالو حارثه بن ثعلبه عمرو بن عامر، بن حارثه بن امرء القيس بن ثعلبه بن مازن بن الازد بن الغوث بن بنت مالڪ بن زيد بن ڪهلان، بن سبا، بن يشجب بن يعرب بن قحطان هيو.

اوس ڪي هڪ پٽ هيو، جنهن جو نالو مالڪ هيو. جدّهن تہ خزرج ڪي پنج پٽ هيا. جن جا نالا عمرو، عوف، جشم، ڪعب ۽ حارث هئا. اوس ۽ خزرج جي ماءُ جو نالو "قيلہ" هيو. ان ڪري انهن ٻنهين قبيلن کي قيلہ جو اولاد ٻہ سڏيندا هئا. جدّهن حبيب ڪريم ﷺ هجرت ڪري مديني پاڪ پهتا هئا تہ هڪ يهودي رڙ ڪري ڪري چيو هيو:

يا ابناء قيله هذا جدكم اي حظكم الذي تنتظرون

اي قيلہ جا اولاد ! هي اوهان جو صاحب (محبوب) اچي رهيو آهي جنهن جو اوهان انتظار پئي ڪيو.

انصار جو شان ۾ مَانُ

حضرت محبوب محمد مصطفيٰ احمد مجتبيٰ ﷺ جهانن مٿان رحمت جو ڪڪر بنجي برسڻ آيا. رب ڪريم سندن تبليغ دين ۾ اشاعتِ مذهب لاءِ سرزمينِ عرب کي منتخب فرمايو. اها زمين ساري ڪرهِ ارض جي سردار زمين بنجي پئي. سندن اطاعت غلامي ۾ فرمانبرداري لاءِ صفِ اول ۾ جنهن قوم کي منتخب ڪيو ويو، اهي عرب هئا. انهن ايمان آڻڻ وارن پيروڪارن جي هڪ جماعت هجرت جي قرباني ڏني، اباڻو شهر مڪو

چڏي مديني پاڪ پهتا. اهي مَڪي آهن، انهن کي "**مهاجر**" سڏجي ٿو. ٻين نُصرت ۾ مدد جي قرباني ڏني. اهي مَدَني آهن، انهن کي "**انصار**" سڏجي ٿو. اهي اولين مسلمين هئا. جن اسلام لاءِ قربانيون ڏنيون انهن کان پوءِ قيامت تائين اچڻ واري امت مان کوبہ انهن جو مٽ ثاني نہ ٿو ٿي سگهي. نہ کو انهن کان شان ۾ مان مقام ۾ مرتبي ۾ اعليٰ يا بالا ٿي ٿو سگهي. مهاجرين سان محبت رکڻ جو امر آيو آهي تہ انصارن سان الفت رکڻ جو بہ حڪم آهي. انصار جي معنيٰ "**مددگار**" آهي.

حضرت انس بن مالک رضي الله عنه کان ڪنهن پڇيو تہ اي ابو حمزه ! "انصار" جو نالو اوهان خود پاڻ کي سڏيو يا ان نالي سان اوهان کي رب پاڪ سڏيو آهي. پاڻ فرمايائون:

قَالَ بَلْ سَمَّانَا اللّٰهُ [1] بلڪ الله خود اسان کي ان نالي سان سڏيو آهي.

مهاجرن ۾ انصارن جي واکاڻ ڪندي رب فرمايو:

اِنَّ الَّذِيْنَ آمَنُوا وَهَاجَرُوا وَجَاهَدُوا بِأَمْوَالِهِمْ وَاَنفُسِهِمْ فِي سَبِيلِ اللّٰهِ وَالَّذِيْنَ آوَوا وَنَصَرُوا اُولَائِكَ بَعْضُهُمْ اَوْلِيَاءُ بَعْضٍ وَالَّذِيْنَ آمَنُوا وَلَمْ يُهَاجِرُوا مَالَكُمْ مِنْ وَلَايَتِهِمْ مِنْ شَيْءٍ حَتّٰى يُهَاجِرُوا (الانفال: 72)

بيشڪ اهي ماڻهو جن ايمان آندو ۾ هجرت ڪيائون ۾ پنهنجي مالن ۾ جانين سان الله جي راهہ ۾ جهاد ڪيائون ۾ اهي (انصار) جن (مهاجرن کي) جڳهہ ڏني ۾ مدد ڪيائون. اهي هڪ ٻئي جا دوست آهن ۾ اهي ماڻهو جن ايمان آندو ۾ هجرت نہ ڪئي تہ اوهان کي انهن جي دوستي جو ڪو لاڇار ناهي، ايستائين جو اهي هجرت ڪن.

مهاجرين وانصار جي دلين ۾ الله ڪريم ايمان پختو ڪري چڏيو هيو. الله عزوجل فرمايو:

وَلَا كِنَّ اللّٰهَ حَبَّبَ اِلَيْكُمُ الْاِيمَانَ وَزَيَّنَهُ فِي قُلُوبِكُمْ وَكَرَّهَ اِلَيْكُمُ الْكُفْرَ وَالْفُسُوقَ وَالْعِصْيَانَ اُولَائِكَ هُمُ الرَّاشِدُونَ.

---

[1] صحيح البخاري (5/38)

۽ پر الله اوهان کي ايمان محبوب بنائي ڏنو ۽ انکي اوهان جي دلين ۾ سينگاريائين ۽ کفر ۽ نافرماني ۽ گناهه اوهان کي مَٹيان بنائي ڏنائين. اهي ئي ماڻهو دين جي راهه تي گامزن رهڻ وارا هوندا آهن.

الله کريم انصارن کي پکو سچو مومن سڏيو ۽ انهن جي واکاڻ ڪندي فرمايو:

وَالَّذِينَ آوَوا وَنَصَرُوا أُولَٰئِكَ هُمُ الْمُؤْمِنُونَ حَقًّا (الانفال: 74)

۽ اهي جن پناهه ڏني ۽ مدد ڪئي اهي حقيقي مومن آهن.

بخاري ۾ آهي حبيب کريم ﷺ هڪ ڏينهن انصارن بابت خطبو ڏيندي ارشاد فرمايو:

أَيُّهَا النَّاسُ فَإِنَّ النَّاسَ يَكْثُرُونَ وَتَقِلُّ الْأَنْصَارُ حَتَّىٰ يَكُونُوا كَالْمِلْحِ فِي الطَّعَامِ فَمَنْ وَلِيَ مِنْكُمْ أَمْرًا يَضُرُّ فِيهِ أَحَدًا أَوْ يَنْفَعُهُ فَلْيَقْبَلْ مِنْ مُحْسِنِهِمْ وَيَتَجَاوَزْ عَنْ مُسِيئِهِمْ ①

اي انسانو ماڻهو گهڻا ٿيندا پر انصار گهٽبا، تانجو (اهي تعداد ۾) اٽي ۾ لوڻ وانگر باقي بچندا پوءِ اوهان مان جيڪو انهن جي مٿان اهڙي ڳالهه جو والي ٿئي جنهن ۾ انهن کي نقصان پهچائڻ يا نفعي رسائڻ جو امڪان هجي تہ انهن جي نيڪين کي قبول ڪري انهن جي اڻ وٽندڙ شين کان درگذر ڪري.

انصارن جي فضيلت ۽ انهن سان الفت :

انصار حبيب کريم ﷺ جا پيارا ۽ دل وارا هئا. انهن سان پاڪ پيغمبر پاڻ پيار رکيو ۽ پنهنجي امت کي انهن سان الفت رکڻ جي ترغيب ڏنائون. ايستائين جو انصارن جي محبت کي ايمان جي نشاني ۽ انصارن سان بغض ۽ عناد کي نفاق جي نشاني قرار ڏنائون. پاڻ پنهنجي پيار پري زبان سان انصارن کي تہ دعا ڏنائون انهن جي پٽن نياڻين اهل عيال کي تہ دعا ڏنائون پر قيامت تائين انهن جي ايندڙ نسلن کي بہ رحمت جون دعائون

---

① صحيح البخاري، حسب ترقيم فتح الباري (2/14)

ڏنائون. الله جي محبوب ﷺ جي دعائن جي برڪت سان اڄ به انصار جتي به وسن رسن تا اتي شاد آباد آهن. براء رضي الله عنه چيو ته مون رسول الله ﷺ کان انصارن بابت ٻڌو فرمايائون:

الْأَنْصَارُ لَا يُحِبُّهُمْ إِلَّا مُؤْمِنٌ وَلَا يُبْغِضُهُمْ إِلَّا مُنَافِقٌ

فَمَنْ اَحَبَّهُمْ اَحَبَّهُ اللّٰهُ وَمَنْ اَبْغَضَهُمْ اَبْغَضَهُ اللّٰهُ ①

انصارن سان مومن ماڻهو ئي محبت رکندو ۽ انهن سان منافق ماڻهو ئي دشمني رکندو. پوءِ جنهن انصارن سان محبت رکي الله ان سان محبت رکندو ۽ جنهن انصارن سان بغض رکيو الله ان سان بغض رکندو.

حضرت انس رضي الله عنه چيو ته رسول الله ﷺ فرمايو:

آيَةُ الْمُنَافِقِ بُغْضُ الْأَنْصَارِ وَآيَةُ الْمُؤْمِنِ حُبُّ الْأَنْصَارِ (رواه مسلم وفي رواية له

حُبُّ الْأَنْصَارِ آيَةُ الْإِيمَانِ وَبُغْضُهُمْ آيَةُ النِّفَاقِ

منافق جي نشاني انصارن سان بغض رکڻ ۽ مومن جي نشاني انصارن سان محبت رکڻ آهي. صحيح مسلم جي ٻي روايت ۾ آهي ته پاڻ ڪريم ﷺ فرمايو: انصارن جي محبت ايمان جي نشاني ۽ انهن سان بغض نفاق جي نشاني آهي.

صحيح مسلم ۾ حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي چيائين رسول الله ﷺ فرمايو ته:

لَا يُبْغِضُ الْأَنْصَارَ رَجُلٌ يُؤْمِنُ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْآخِرِ جيڪو ماڻهو الله تي ۽ قيامت واري ڏينهن تي ايمان رکي تو سو ڪڏهن به انصارن سان بغض ڪو نه رکندو.

انصارن سان الفت جو صلو:

اسلام لاءِ انصارن عظيم قربانيون ڏنيون. دين جي مٽان تن ڏن من سپ ڪجهه قربان ڪيائون. حبيبن سندن باري ۾ دعائون گهريون جيڪي قادر سپ قبول ڪيون. انهن جي محبت سان ايمان وڌي تو. حضرت نبي ڪريم ﷺ فرمايو ته:

وَلَا يُؤْمِنُ بِاللّٰهِ مَنْ لَمْ يُؤْمِنْ بِي وَلَا يُؤْمِنُ بِي مَنْ لَا يُحِبُّ الْأَنْصَارَ ①

---

① رواه البخاري في كتاب المناقب و مسلم في كتاب الايمان.

جيڪو مون تي ايمان نہ آڻي تہ ان الله تي ايمان نہ آندو ۽ جيڪو انصارن سان محبت نہ رکي تہ ان مون تي ايمان نہ آندو.

ابو دائود طيالسي عدي بن ثابت کان روايت آندي چيائين مون براء بن عازب ﷺ کان ٻڌو ان چيو تہ رسول الله ﷺ انصارن بابت فرمايو تہ :

الْأَنْصَارُ لَا يُحِبُّهُمْ إِلَّا مُؤْمِنٌ وَلَا يُبْغِضُهُمْ إِلَّا مُنَافِقٌ فَمَنْ أَحَبَّهُمْ أَحَبَّهُ اللَّهُ وَمَنْ أَبْغَضَهُمْ أَبْغَضَهُ اللَّهُ ②

انصارن سان مؤمن ماڻهو ئي محبت رکندو. منافق ماڻهو ئي انهن سان بغض رکندو. جيڪو انصارن سان محبت رکي تہ الله ان سان محبت رکندو ۽ جيڪو انهن سان بغض رکي تہ الله ان سان بغض رکندو.

رسولِ اعظم ﷺ انصارن سان محبت رکندا هئا انهن جي واکاڻ کندا هئا. فرمايائون:

الْأَنْصَارُ شِعَارٌ وَالنَّاسُ دِثَارٌ ③ انصار شعار آهن ۽ ٻيا ماڻهو دثار آهن.

شعار : اهڙي کپڙي کي سڏبو آهي ، جيڪو لڳن سان لائي ڏکبو آهي.

دثار : اهڙي کپڙي کي سڏبو آهي ، جيڪو مٿان ويڑهيو ويندو آهي.

يعني انصار نبي ﷺ کي پيارا ۽ سندن تمام ويجهو آهن ۽ سندن خاص ماڻهو آهن.

إِنَّ الأَنْصَارَ عَيْبَتِي الَّتِي آوِي إِلَيْهَا. فَأَكْرِمُوا كَرِيمَهُمْ. وَتَجَاوَزُوا عَنْ مُسِيئِهِمْ ④

بيشڪ انصار منهنجا ويجها آهن مون انهن وٽ اجمو بنايو آهي. پوءِ اوهان انهن جي عزت وارن جي عزت ڪيو ۽ انهن جي خطائن کي بخشي ڇڏيو.

ترمذي ۾ حضرت اُبيّ بن کعب ﷺ کان روايت آهي پاڻ ڪريم ﷺ فرمايو تہ:

---

① مسند أحمد ج 27 ص 211

② صحيح البخاري بَاب حُبِّ الْأَنْصَارِ.

③ صحيح البخاري حسب ترقيم فتح الباري (5/200)

صحيح مسلم (3/108) سنن ابن ماجة (1/113)

④ المعجم الكبير للطبراني ج13 ص 424)

لَوْلَا الْهِجْرَةُ لَكُنْتُ امْرَأً مِنَ الْأَنْصَارِ

اگر هجرت نہ هجي ها تہ مان بہ انصارن مان هک مرد هجان ها.

ترمذي ڪتاب المناقب ۾ انصارن جي اولاد بابت پاڪ پيغمبر ڪريم ﷺ جي گهريل هڪ دعا، هنن لفظن ۾ ملي ٿي پاڻ دعا گهريائون تہ:

اللّٰهُمَّ اغْفِرْ لِلْأَنْصَارِ وَلِذَرَارِيِّ الْأَنْصَارِ وَلِذَرَارِيِّ ذَرَارِيهِمْ [1]

اي الله انصارن جي مغفرت فرماءِ ۽ انصارن جي اولاد جي ۽ انهن جي اولاد جي اولاد جي (انهن جي قيامت تائين اچڻ وارن نسلن جي) مغفرت فرماءِ.

انصارن بابت آخرين وصيتون:

پاڻ ڪريم ﷺ هميشہ انصارن جي باري ۾ نصيحتون ۽ وصيتون ڪندا رهيا تانجو ظاهري عمر مبارڪ جي آخري ايام ۾ بہ صحابہ ڪرام ڪي انصارن جا فضائل بيان ڪري ٻڌايائون ۽ انهن سان احسان ڪرڻ جو حڪم فرمايائون. طبقات الڪبريٰ ۾ ان باري ۾ ڪيترين ئي حديثون آيون آهن. انهن مان هڪ ۾ سيدنا ابوسعيد خُدري رضي الله عنه ان لمحن جو ذڪر ڪندي ٻڌائي ٿو جڏهن سندن طبيعت مبارڪ ناساز هئي ۽ ماڻهو حضرت حبيب ڪريم ﷺ جي انتظار ۾ ٻيٺا هئا هڪ ٻئي کان سندن باري ۾ پڇي رهيا هئا. تہ پاڻ ٻاهر نڪتا ۽ ڪپڙو مبارڪ ڪلهن ڪي ويڙهيل هين. سندن مٿي مبارڪ ڪي اڇي رنگ جي اڇڙي ويڙهيل هئي. پاڻ منبر شريف تي اچي ٻيٺا ماڻهو ايترا اچي گڏ ٿيا جو مسجد شريف ڀرجي وئي پوءِ پاڻ ڪلمہ شهادت پڙهڻ کان جيئن فارغ ٿيا تہ فرمايائون:

يَا أَيُّهَا النَّاسُ، إِنَّ الْأَنْصَارَ عَيْبَتِي وَنَعْلِي وَكِرْشِي الَّتِي آكُلُ فِيهَا، فَاحْفَظُونِي فِيهِمُ اقْبَلُوا مِنْ مُحْسِنِهِمْ، وَتَجَاوَزُوا عَنْ مُسِيئِهِمْ [2]

---

[1] اخرجه الترمذي (5/713) وقال هذا حديث حسن صحيح.

[2] حديث جا لفظ هي آهن: عَنْ أَبِي سَعِيدٍ الْخُدْرِيِّ قَالَ: خَرَجَ رَسُولُ اللهِ صلى الله عليه وسلم وَالنَّاسُ مُسْتَكْفُّونَ يَتَحَيَّزُونَ عَنْهُ فَخَرَجَ مُشْتَمِلًا، قَدْ لَوَحَ كَرَدِيُّ ثَوْبِهِ عَلَى عَاتِقَيْهِ، عَاصِبًا رَأْسُهُ بِعِصَابَةٍ بَيْضَاءَ، فَقَامَ عَلَى الْمِنْبَرِ وَثَابَ النَّاسُ إِلَيْهِ حَتَّى امْتَلَأَ الْمَسْجِدُ، قَالَ فَتَشَهَّدَ رَسُولُ اللهِ صلى الله عليه وسلم حَتَّى إِذَا فَرَغَ قَالَ: يَا أَيُّهَا النَّاسُ، إِنَّ الْأَنْصَارَ عَيْبَتِي وَنَعْلِي وَكِرْشِي الَّتِي آكُلُ فِيهَا، فَاحْفَظُوا فِيهِمُ اقْبَلُوا مِنْ مُحْسِنِهِمْ، وَتَجَاوَزُوا عَنْ مُسِيئِهِمْ الطبقات الكبرى مطبوعه دار صادر (2/251)

اي انسانو انصار منهنجا ويجها ۽ منهنجا نعل ۽ ان برتن وانگر آهن جنهن ۾ مان کاوان ٿو پوءِ منهنجي ڪري انهن جي حقن جي حفاظت ڪيو انهن جون نيڪيون قبول ڪيو ۽ انهن جون خطائون معاف ڪيو.

ترمذي ۾ حضرت انس ﷺ کان مروي هڪ هي حديث ۾ آهي ته پاڻ ڪريمن ﷺ انصارن لاءِ هنن لفظن ۾ دعا فرمائي.

اللّٰهُمَّ اغْفِرْ لِلْأَنْصَارِ وَلِأَبْنَاءِ الْأَنْصَارِ وَلِأَبْنَاءِ اَبْنَاءِ الْأَنْصَارِ وَلِنِسَاءِ الْأَنْصَارِ

اي الله انصارن جي مغفرت فرماءِ انهن جي پٽن پوٽن ايندڙ نسلن ۽ انصارن جي زالن جي مغفرت فرماءِ.

سبحان الله نبي ڪريم ﷺ جي انصارن بابت گهريل اها دعا الله پاڪ پنهنجي بارگاهه ۾ اهڙي قبول ڪئي جو صديون گذري ويون مگر اڄ بہ دنيا ۾ انصارن جو اولاد هر جاءِ تي شاد آباد آهي.

نبي ڪريم ﷺ جا ناناڻا

پاڪ پيغمبر ﷺ جي ڏاڏي عبدالمطلب جي ماءُ (سندن پڙ ڏاڏي سيدنا هاشم جي گهرواري) خزرج قبيلي جي شاخ بني نجار مان انصارن عورت هئي. سندس نالو سلميٰ بنت عمرو بن زيد بن لبيد، بن خداش بن عامر غنم، بن عدي بن النجار، بن ثعلبة، بن الحارث بن الخزرج هيو.[1]

عصابہ: اهڙي ڪپڙي کي چئبو آهي جيڪو ڏور سبب يا گهٽي تيل لڳائڻ بعد متي کي ويڙهيو آهي. جيئن ته هي واقعو حبيب ڪريم ﷺ جي عمر مبارڪ جي آخري ايام جو آهي جڏهن سندن طبيعت مبارڪ ناساز هئي، پاڻ نڪتا ته سندن متي مبارڪ کي اڇي رنگ جي اڇڻي ويڙهيل هئي. الْعِصَابَةُ: الشَّيْءُ يُعْصَبُ بِهِ الرَّأْسُ مِنْ صُدَاعٍ. مقاييس اللغة (4/337)

الْعِصَابَةُ: مَايعصب بِهَا الرَّأْس أَي يشد لرياسة أَو مرض. تفسير غريب ما في الصحيحين البخاري ومسلم (ص: 383)

(والعِصَابَةُ بالكَسْرِ:) مَا عُصِبَ بِهِ، كالعِصابِ. بالكَسْر أَيْضاً، والعصب قالَه ابنُ مَنْظُور. وعَصَبَهُ تَعْصِيباً: شَدَّه. واسمُ مَا شُدَّ بِهِ العِصَابَةُ. وَفِي الأَسَاس. وَيُقَال: شَدَّ رأْسَه بعِصَابَة. وخَمَّرَه: تاج العروس (3/380)

[1] الاستبصار في نسب الصحابة من الانصار لابن قدامة ص 30

انصارن جي بيعت: بيعتِ عقبہ ثانيہ ۾ جن ستر ماڻهن حضرت حبيب كريم ﷺ سان بيعت ڪئي هئي انهن مان ٻارهن جڻا "اوس" قبيلي جا هئا باقي سڀ "خزرج" قبيلي جا انصار هئا. انهن ۾ به عورتون به هيون. ①

نرالي عطا: سيرت جي ڪتابن ۾ مشهور واقعو آهي ته جڏهن حُنين جي فتح کان بعد غنيمتن جا مال قريشن ۾ ۽ نَوَن مسلمانن ۾ ورهايا ويا ته انصارن جي ڪن نوجوانن چيو ته جنگيون اسان ڪيون ۽ مالُ مڪي وارن ۾ تقسيم ٿي رهيو آهي. تنهن تي پاڻ ڪريم ﷺ انصارن کي گهرائي جي الفاظ فرمايا ۽ دعائون ڏنيون هيون انهن مان هي لفظ به هيا ته:

اللَّهُمَّ ارْحَمِ الْأَنْصَارَ وَأَبْنَاءَ الْأَنْصَارِ وَأَبْنَاءَ أَبْنَاءِ الْأَنْصَارِ

اي الله انصارن تي رحم ڪر انهن جي ٻڇن تي رحم ڪر. انصارن جي پٽن جي پٽن (قيامت تائين انصارن جي ايندڙ نسلن) تي رحم فرماءِ. پوءِ پاڻ ڪين فرمايائون اي انصارو:

أَفَلَا تَرْضَوْنَ أَنْ يَذْهَبَ النَّاسُ بِالْأَمْوَالِ وَتَرْجِعُونَ إِلَى رِحَالِكُمْ بِرَسُولِ اللَّهِ

اي انصارو ڇا اوهان ان ڳالهه تي راضي نه آهيو! جڏهن ماڻهو پنهنجي (ماڳن) ڏانهن موٽندا ته ڪريون ۽ اٺ وٺي ويندا ۽ اوهان سان گڏ الله جو رسول (ﷺ) هوندو.

ان خوشخبري تي انصار ايترو رنا جو: فَبَكَى الْقَوْمُ حَتَّى أَخْضَلُوا لِحَاهُمْ

انصار ايترو رنا جو سندن سونهاريون پسي پيون ۽ چوڻ لڳا:

رضينا بالله ورسوله مما سواه. ②

اسان (دنيا جي ڪنهن به) شيءِ جي بجاءِ الله ۽ ان جي رسول سان راضي ٿي ويا سين.

حضرت انس رضی اللہ عنہ چيو ته هڪ ڏينهن حضرت حبيب كريم ﷺ وينا هئا ته:

هڪ انصارڻ عورت پنهنجي ٻارڙي سميت رسول الله ﷺ وٽ آئي. پاڻ ڪريمن ﷺ ان سان ڳالهائيندي فرمايو ته: وَالَّذِي نَفْسِي بِيَدِهِ إِنَّكُمْ لَأَحَبُّ النَّاسِ إِلَيَّ مَرَّتَيْنِ ③

---

① وكانت بيعة العقبة الثانية إذ بايع النبي سبعون رجلاً وامرأتان. موسوعة الدفاع عن رسول الله صلى الله عليه وسلم (1/191)

② مسند أحمد بن حنبل (3/76) مصنف ابن أبي شيبة (14/529) السيرة النبوية لابن هشام (5/177)

③ صحيح البخاري، حسب ترقيم فتح الباري (5/40) صحيح مسلم (7/174)

قسم ان ذات جو جنهن جي هٿ ۾ منهنجي جان آهي اوهان (انصار) سڀ ماڻهن کان وڌيڪ مون کي پيارا آهيو. اها ڳالهه پاڻ ۾ پيرا چيائون .

انصارن جي ويڑهن (گهرن جي مجموعن) ۾ به خير آهي:

امام بخاري ابو اسيد ساعدي رضي الله عنه کان روايت آڻڻ تا رسول الله ﷺ فرمايو تہ :

خَيْرُ دُورِ الْأَنْصَارِ بَنُو النَّجَّارِ ثُمَّ بَنُو عَبْدِ الْأَشْهَلِ ثُمَّ بَنُو الْحَارِثِ بْنِ الْخَزْرَجِ ثُمَّ بَنُو سَاعِدَةَ وَفِي كُلِّ دُورِ الْأَنْصَارِ خَيْرٌ ①

انصارن جي ويڑهن مان پهلا ويڑها بني نجار جا آهن، پوءِ بني عبد الاشهل جا پوءِ بني حارث بن خزرج جا پوءِ بني ساعدة جا ۽ انصارن جي سيني ويڑهن ۾ خير آهي.

دنـيـا جي ملڪن ۾ انصارن جي آبادي

الله ڪريم ستن آسمانن مٿان انهن کي انصار جو لقب عطا ڪيو ۽ پاڪ پيغمبر ﷺ جي زبان وحي ترجمان انهن کي "مددگار" جي سهڻي نالي سان سرفراز فرمايو. پاڪ پيغمبر جي خدمت ڪيائون. پوءِ دين جي ترويج ۽ اشاعت خاطر اُهي ۽ انهن جو اولاد اطرافِ و اڪنافِ عالم ۾ پکڙجي ويا. تانجو دنيا جي اڪثر و بيشتر ملڪن کي انصارن جي پاڪ قدمن جي سعادت نصيب ٿي. سنڌ، هند، ايران، مصر، شام، شمالي افريڪا، مغرب، اندلس، آفريڪا، آمريڪا ۾ انصارن جا قبائل اڄ به موجود آهن. توڙي جو انهن جو تعداد نبي ڪريم ﷺ جي قول مطابق اٿي ۾ لوڻ برابر آهي. مثلاً :

موريتانيا ۾ انصار البصادي رهن ٿا.

---

① رواه البخاري و مسلم و احمد في مسنده

شمال آفريڪا ۾ قيس بن سعد بن عباده خزرجي انصاري جو اولاد آل نافع، آل انفع جي نالي سان آباد آهن.

جمهوريه مصر ۾ قيس بن سعد بن عباده انصاري خزرجي جو نسل البقريه ۽ البيرقية جي نالي سان آباد آهي. **ڪويت** ۾ آل دليجان بنو نجار جا انصاري آهن.

مدينہ منوره ۾ ابوطلحہ زيد بن سهل انصاري جو اولاد آل زين الدين نجم الدين موجود آهي.

متحده عرب امارات ۽ **عمان** ۾ خزرجي انصارن جو نسل آل خريبان جي نالي رهن ٿا

سعودي عرب ۽ **خليج** ۾ حضرت عُباده بن صامت رضی اللہ عنہ جو نسل آل جامع جي نالي معروف آهي. سعودي جي شهرن الحساء ، المبرز ۽ اوپارين علائقن ۾ ۽ خليج جي ڪافي جاين تي آل عبد القادر موجود آهي جيڪي سيدنا ابوايوب انصاري رضی اللہ عنہ جو اولاد آهن.

ليبيا ۽ **تيونس** ۾ عبد الجداوي السلمي الخزرجي الانصاري جو اولاد آل سبال العين جي نالي سان مشهور آهي. سيدنا أُبَيّ بن ڪعب ۽ سيدنا جابر بن عبد الله انصاري جو اولاد سوڊان جي اترين علاقن ۽ وچ سوڊان ۾ گهٽي تعداد ۾ آباد آهي. [1]

مڪي جا انصار: هن وقت مڪي پاڪ ۾ انصارن جا ڏهه پاڙا آباد آهن. ابوحميد الساعدي الانصاري جو اولاد بيت المتوڪل ۾ رهائش پذير آهي.

سيدنا ابوايوب نصاري رضی اللہ عنہ جو اولاد مڪي پاڪ مدينہ منوره ۾ آباد آهي. مڪي ۾ اهي بيت الايوبي نالي پاڙي ۾ رهن ٿا.

عائلة الانصارية هي انصارين جو وڏو قبليو آهي، جيڪو حجاز جي مختلف شهرن ۾ رهائش پذير آهي. اهو قبيلو بن حصن ۾ آهي.

1. **البشابشة**: اهي عبد القادر بن بشيش بن محمد انصاري جو اولاد آهن.
2. **القديرات**: اهي عبد الله بن سليمان بن محمد بن احمد الخلي انصاري جو اولاد آهن [2]

---

[1] معجم اسر قبيلة الانصار في العصر الحديث لشيخ مرتفئ الانصاري .

[2] نسب الانصار في الحجاز .

ان طرح انصار جڏهن الله جي دين جي اشاعت لاءِ دنيا ۾ نڪتا ته اتي رَسي وَسي ويا، انڪري اڄ تائين انهن جو اولاد دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود آهي ۽ اهي جتي به آهن شاد آباد آهن.

سنڌ ۽ هند ۾ عربن جي آمد

چوندا آهن ته: "ماڻهو درياءَ جي موجن مثل آهن". درياءَ جون ويرُون ڪڏهن ڪهڙي رخ تي ڪڏهن ڪهڙي رخ تي وهنديون آهن، ڪڏهن هڪ طرف وڃي وري واپس ورنديون آهن، انسانَ به ان طرح ڌرتي تي هلندا رهندا آهن. ڪڏهن انفرادي طرح ته ڪڏهن قومن ۽ قبيلن جي صورت ۾ ماڻهو زمين جي مختلف حصن تي لڏ پلاڻ ڪن ٿا. ان طرح سان ڪٿي ويران پٽ آباد ٿين ٿا ته ڪٿي وسندڙ شهر ويران ٿي وڃن ٿا. ڪٿي عرب جا ماڻهو عجم ۾ وڃي رهائش اختيار ڪن ٿا ته وري ڪٿي عجم جا ماڻهو عرب ۾ پکڙا اڏي ويهن ٿا. ڪٿي عرب جا عرب ۾ ته عجم جا عجم ۾ نقل مڪاني ڪن ٿا، ان جو هڪ مثال پاڪستان ٺهڻ وقت پاڪستان جي هندن جي هندستان ڏانهن ۽ هندستان جي مسلمانن جي پاڪستان ڏانهن تاريخي لڏ پلاڻ به آهي.

پوءِ جا قوم جهڙي علائقي ۾ وڃي رهي ٿي اتان جي رهٽي ڪهٽي، ريتون رسمون ۽ هولي اختيار ڪري ٿي. پوءِ لڳي ٿو ته جڏڪ اهي اصل ئي اتان جا رهواسي آهن. تمام گهٽ قومون اهڙيون آهن جيڪي پنهنجي اصل نسل کي ياد رکن ٿيون. سنڌ جا سوين گهراٽا عرب ۾ آباد آهن، جيڪي هاڻي ڳالهائن عربي، ريتون رسمون عربي اٿن. ڪنهن کي ڪل ڪانهي ته اهي اصل سنڌي آهن. عرب جا سوين گهراٽا سنڌ ۾ آباد آهن جيڪي هولي سنڌي ڳالهائن ٿا، ريتون رسمون سنڌ واريون اٿن. انهن کي خود به شايد پڪ نه هجي ته اهي اصل عربي آهن. مثلاً:

بوقري قبيلو جيڪو سعودي عرب ۾ آباد آهي، اهي اصل ۾ سنڌ جا پر ڳڙي آهن.

ميمني سعودي عرب جا وڏا تاجر آهن اهي اصل ۾ سنڌ جا ميمڻ آهن.

جيلاني اهي اصلاً حجاز ۾ پوءِ عراق جا عرب آهن، جيڪي سنڌ ۾ گهٽين جاين تي آباد آهن.

عربن جي سنڌ ۾ ۽ سنڌين جي عرب ۾ آمد رفت :

حضرت آدم عليہ السلام جنت مان لٿا سندن هبوط هندستان ۾ ٿيو هيو. سندن پيشاني ۾ جيڪو نور محمدي (ﷺ) چمڪي رهيو هيو، ان جو ڏرتيءَ تي پهريون ظهور هند ۾ سنڌ ۾ ٿيو. نبي اڪرم ﷺ پنهنجي حيات طيبہ ۾ پنهنجي پنج اصحابن کي پنهنجي خط مبارڪ سميت سنڌ موڪليو هيو. پوءِ اهي جڏهن سنڌ جي هاڻوڪي شهر حيدرآباد (ان وقت جي نيرون ڪوٽ) ۾ آيا تہ ڪافي سنڌي ماڻهن اسلام قبول ڪيو پوءِ به اصحابي سڳورا واپس مدينہ موٽي ويا باقي ٽي اصحابي سنڌ ۾ ئي رهي پيا. سنڌ واسين کي اسلامي احڪام سيکارينديسنڌ ۾ ئي وفات ڪيائون سندن قبرون به سنڌ جي سهٽي ڏرتي تي آهن.

اها روايت شيخ عابد سنڌي انصاري جي ڏاڏي علامہ محمد مراد انصاري رحمہ اللہ پنهنجي ڪتاب دفينة المطالب ۾ امام سيوطي جي جمع الجوامع کان هنن لفظن ۾ آندي آهي:

ان رسول الله ﷺ ارسل كتابه الي اهل السند علي يد خمسة نفر من اصحابه فلما جائوا الي السند في قلعة يقال لها نِيرَنْ اسلم بعض اهله ثم رجع منه اصحابه اثنان مع الوافد عليه من السند وبقي ثلاثة منهم في السند واظهر اهل السند بالاسلام وبينوا لاهل السند الاحكام وماتوا فيه وقبورهم فيه الآن موجودة.[1]

جڏهن سڀاڻهن سنڌين کي پاڪ پيغمبر جي نبوت و رسالت جي خبر پئي تہ هتان اهي وفد جي صورت ۾ مدينہ پاڪ روانا ٿيا. سرور عالم ﷺ جي بارگاهہ بيڪس پناهہ ۾ سندن وفات کان ٽي ڏينهن اڳ مدينہ پاڪ پهتا هئا. سندن گفتار ٻڌائون ۽ ايمان آندائون. جيئن امام جلال الدين سيوطي رحمہ اللہ سيدنا علي رضی اللہ عنہ کان روايت آڻن تا ، پاڻ

---

[1] دفينة المطالب ج 4 ص 119 وعزاه الي جمع الجوامع للسيوطي

ڪريم ﷺ خود فرمايو تہ هڪ ئي ڏينهن ۾ سنڌ ۾ افريقا جا ٻہ وفد اسان جي خدمت ۾ ٻڌڻ ۾ فرمانبرداري ڪرڻ لاءِ اچي رهيا آهن.

حديث جا لفظ هن طرح آهن:

عن علي ﷺ أن رسول الله ﷺ ذكر أنه يفد عليه وفدان في يوم واحد من السند وأفريقة بسمعهم وطاعتهم ①

تاريخ يعقوبي وارو آٿي ٿو تہ اهو وفد محبوبن ڪريمن ﷺ جي وفات ڪان صرف ٽي ڏينهن اڳ مديني پاڪ پهتو هيو. روايت جا لفظ هن طرح آهن:

أنه يقدم علي في مدينتي هذه في يوم واحد وافدان: أحدهما وافد السند والآخر وافد أهل إفريقية فلا يمضي بعد ذلك ثلاثة أيام حتى أغيب في لحدي. ②

اهو وفد يا وفد جا ڪجهہ ماڻهو جڏهن مديني مان موٽيا هوندا تہ انهن جيڪي حديثون حبيبن ڪريمن ﷺ کان ٻڌيون هونديون سي ضرور سنڌ تائين آنديون هونداٿون.

علم حديث جي ڦهلائڻ ۾ سنڌين جو حصو:

مٿين روايتن مطابق سنڌين کي صحابيت جو شرف ٻہ ملیو ۽ نبي ڪريم ﷺ کان سڌي طرح حديث کي روايت ڪرڻ جو اعزاز ٻہ حاصل ٿيو. پوءِ خلفاءِ راشدين جي دور ۾ ٻہ سنڌي ماڻهو علم جي طلب ۾ حجاز ويندا رهندا هئا ۽ حجازي سنڌ ۾ ايندا رهندا هئا.

جڏهن محمد بن قاسم سنڌ فتح ڪئي ۽ سنڌ کي "باب الاسلام" جو شرف نصيب ٿيو ۽ پوءِ گهڻي تعداد ۾ عرب جا عالم، محدث ۽ مفسر سنڌ ۾ وارد ٿيا ۽ سنڌ جا طالب علم حصولِ علم لاءِ عرب ممالڪ ۾ پهتا ۽ اتان علمِ حديث جي روشني ڪڍي سنڌ آندائون تہ

---

① جامع الأحاديث للامام السيوطي مسند علي بن ابيطالب ج 29 ص 408 ، مختصر تاريخ دمشق ج 4 ص 364 ، كنز العمال في سنن الأقوال والأفعال للهندي ج 7 ص 248)

② تاريخ اليعقوبي لشيخ أحمد بن أبي يعقوب بن جعفر بن وهب بن واضح الكاتب ج 1 ص 256

بقول مقدسي جي : "سنڌ جا اڪثر مسلمان حديث تي عامل آهن ۽ مرڪزي شهر حنفي فقيهن ۽ عالمن کان خالي نه آهن. هتي نه ڪي مالڪي آهن، نه معتزلي نه حنبلي. [1]

علامہ ياقوت حموي ته سنڌ جي قديم شهر ديبل جو ذڪر ڪندي لکي ٿو :

وقد نسب إليها قوم من الرواة منهم أبو جعفر محمد بن إبراهيم الديبلي جاور مكة روى عن أبي عبد الله سعيد ابن عبد الرحمن المخزومي وحسين بن حسن المروزي وابنه إبراهيم بن محمد الديبلي يروي عن موسى بن هارون [2]

ديبل ڏانهن حديث روايت ڪندڙن جي هڪ جماعت منسوب آهي. انهن مان ابو جعفر محمد بن ابراهيم ديبلي به آهي جيڪو مڪي ۾ رهيو ۽ ابو عبد الله سعيد بن عبد الرحمان مخزومي ۽ حسين به حسن المروزي کان حديثون روايت ڪيائين. ديبل جي عالمن مان سندس پٽ ابراهيم بن محمد ديبلي به آهي جنهن موسيٰ بن هارون کان حديث روايت ڪئي. ابوجعفر محمد بن ابراهيم الديبلي المڪي اهو پهريون سنڌي عالم ۽ محدث آهي جنهن رسول الله ﷺ جي خطن مبارڪن کي جمع ڪري ترتيب ڏئي لکيو. دنيا جي ڪتب خانن ۾ اڄ به ان ڪتاب جا قلمي نسخا موجود آهن.

ابوالعباس احمد بن عبد الله ديبلي ثم نيشاپوري اهو سنڌي عالم محدث ۽ فقيه آهي جيڪو حديث جي علم جي حاصل ڪرڻ لاءِ ماوراءُ النهر کان مصر تائين پوري مشرقِ وسطيٰ جا سفر ڪري ان پايه جو محدث ٿي موٽيو جو امام حاڪم جهڙو مشهور محدث به سندس شاگردن مان آهي.

الحمد لله سنڌ جي عالمن کي اهو شرف حاصل آهي جو هر دؤر ۾ اهي حديث جي علم ۾ ماڻهن جا معتبر رهيا آهن. هن وقت به دنيا ۾ جيڪو حديث جو علم ڏسڻ ۾ آهي، ان ۾ سنڌي عالمن جو وڏو حصو آهي. حديث جي ڇهن مشهور ڪتابن " صحاح ستہ " ۾ خود ڪافي سنڌي عالمن جون مرويات احاديث موجود آهن.

---

[1] احسن التقاسيم ص 481

[2] معجم البلدان ج 2 ص 495

محبت پري سنڌ: سنڌ جي ڌرتي مانَ واري ۾ محبت واري آهي. سنڌ جي ماڻهو ۾ مالڪ ڪريم عجيب محبت، سڪ ۽ سُرهاڻ رکائي آهي. جيڪي قومون سنڌ ۾ اچي آباد ٿيون انهن کان پنهنجا وطنَ وسري ويا. وري جي قومون ڪن مجبورين سبب سنڌ ڇڏي ويون تہ اهي سنڌ کي اصل وساري نہ سگهيون. مثلاً هندستان جي ورهاڱي کان پوءِ جيڪي هندو سنڌ ڇڏي ويا سي اڄا بہ انڊ پور جي ماڻهو ۾ ڪوڏي جون هوائون ياد ڪري روئندا آهن.

ظهور اسلام کان اڳ توڙي پوءِ، عرب ۾ سنڌ جا پاڻ ۾ گهرا لاڳاپا رهيا آهن. عرب جا واپاري ۾ سياح سنڌ ۾ ايندا رهيا آهن تہ سنڌي وري عرب ڏانهن ويندا رهيا آهن. علماءِ جي چواڻي قرآن مجيد ۾ ٻي الفاظ اهڙا آيا آهن جيڪي اصل سنڌ ۾ هند جا آهن پوءِ عربي ٻولي انهن کي پاڻ ۾ ضم ڪري ورتو آهي ۽ انهن لفظن جي خوشنصيبي آهي جو اهي قرآن ڪريم ۾ آيا آهن. اهي ڪافور، مشڪ آهن. ڪن تہ چيو تہ لفظ طوبيٰ بہ اصل هندي آهي ۽ " ابلعي " هندي ۾ پيئڻ کي سڏبو آهي. والله اعلم [1]

ظهور اسلام بعد اسلامي برادري سنڌ کي عرب سان ملائي ڇڏيو. پاڪ پيغمبر ﷺ جي پيشنگوئي سچي ثابت ٿي. سيدنا ابوهريره ﷺ کان روايت آهي چيائين:

حَدَّثَنِي خَلِيلِي الصَّادِقُ رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ أَنَّهُ قَالَ يَكُونُ فِي هَذِهِ الْأُمَّةِ بَعْثٌ إِلَى السِّنْدِ وَالْهِنْدِ [2]

مون کي منهنجي دوست، سدا سچ ڳالهائڻ واري رسول الله ﷺ خبر ٻڌائي تہ : هن امت مان هڪ جماعت سنڌ ۽ هند ڏانهن ويندي.

سندن اهو قول ان وقت سچو ثابت ٿيو جو علامہ بلاذري جي بقول : جڏهن امير عثمان ﷺ جي خلافت جي ڏاهاڙن ۾ پاڻ حڪيم عبدي کي هند ڏانهن موڪليائون. پوءِ وري حضرت علي ﷺ جي خلافت جي ڏاهاڙن ۾ حارث بن مرة العبدي کي سنڌ موڪليو ويو.

---

[1] عرب ۽ هند جا لاڳاپا ص 45.

[2] اخرجه احمد في مسنده ج: 2 ص: 369 والنسائي في كتاب الجهاد باب غزوة الهند والبخاري في تاريخ الكبير والطبراني في الاوسط .

پوءِ سنہ 44 ھ مهلب بن ابي صفرة جي قيادت ۾ مسلمانن سنڌ ۾ هند ۾ جهاد ڪيو. [1]

سنڌ ۾ عربن جا شهر:

علامہ بلاذري جي بقول : عرب حڪمراني جي ڏاڙن ۾ خاص عرب قبيلن جي محفوظ رهائش لاءِ سنڌ ۾ منصوره ۾ محفوظ آباد جا شهر ٻڌايا ويا هئا. [2]

سنڌ باب الاسلام

سنہ 96ھ [3] ۾ اموي خليفي وليد بن عبد الملڪ جي ڏاڙن ۾ حجاج بن يوسف ثقفي جو نيائو محمد بن قاسم لشڪر وٺي آيو ۽ سنڌ فتح ڪيائين. سندس لشڪر ۾ گهڻن عرب قبيلن جا ماڻهو شامل هئا انهن مان ثقفي، مغيره، ڪلابي، قيسر، ازدي، البڪري، العبدي، النجدي، عتبي، انصاري، بنو اسد، بنو وائل بنو تميم وغيره قبيلن جا گهڻا عرب ساٿس گڏ هئا انهن مان ڪي واپس عرب ڏانهن وري ويا ڪن ته سنڌ ڪي پنهنجو مسڪن بنايو.

هڪ ته سنڌ اصل ڪان امڙ جي گود وانگر راحت جي جاءِ، امن ۽ سڪون جو پينگهڙو رهي آهي. ٻيو وري اسلام جي آمد سان اها مزيد مهر ۽ محبت جو مسڪن بنجي پئي. ٽيون عربستان ۾ اُموي ۽ عباسي حڪمرانن جي زور آورين ۽ زيادتين ڪان پريشان ٿي امن ۽ سڪون جي زندگي گذارڻ جي تلاش ۾ عرب جي ماڻهن سنڌ جو رخ ڪيو ۽ هتي اچي رهائش اختيار ڪئي. خانوادهِ نبوت جا افراد ۽ تبع تابعين منجهان گهڻا عالم ۽ فاضل سنڌ ۾ آيا ۽ هتي ئي اچي آباد ٿي ويا. فتح ڪان پوءِ سنڌ ۾ عرب جي عابدن زاهدن ۽ تاجرن مبلغن جي آمد جو سلسلو جاري ٿي ويو. انهن جي تعليمات سان سنڌ ۾ اسلام پکيڙيو ۽ انهن مبلغن سنڌ ۾ مستقل رهائش اختيار ڪئي. انهن جو نسل سنڌ ۾ وڌيو.

---

[1] فتوح البلدان للبلاذري ص 420 فتوح السند . دلائل النبوة ج 2 ص 772

[2] فتوح البلدان ص 430 . 431 مطبوعه دار الكتب العلمية بيروت .

[3] هو محمد بن القاسم الثقفي أول من فتح السند سنة 96 هـ حاشية مسالك الأبصار في ممالك الأمصار (49/3)

عرب قومون سنڌ ۾ خشڪي رستي مڪران جي سرحد کان ۾ بحري رستي ڊيبل جي بندر کان ساڪري ۾ نٽي کان ٽيندي نيرون ڪوٽ، سيوستان کان ٽيندي ملتان تائين پهتيون.

علافي عرب قبيلي جا پنج سئو ماڻهو راجا ڏاهر جي ڏهاڙن ۾ سنڌ ۾ اچي آباد ٿيا هئا. محمد بن قاسم جي آمد وقت به اهي سنڌ ۾ موجود هئا. [1]

ان کان علاوه عرب جون ڪافي قومون سنڌ ۾ اچي آباد ٿيون. مثلاً

سيد : هي اصل قريشي هاشمي عرب آهن جيڪي مختلف رستن سان سنڌ ۾ داخل ٿيا ۽ هتي ئي مستقل رهائش اختيار ڪيائون. هتي جي هولي، سنڌي ڳالهائڻ شروع ڪيائون. سنڌ جي شهرن کان پهراڙين تائين هر جاءِ تي سيدن جون حويليون اڄ به موجود آهن.

صديقي: هي اصل سيدنا ابوبڪر صديق ﷺ جو اولاد آهن. جيڪي سنڌ ۾ گهٽين جاين تي آباد آهن. مثلاً هالا، پاٽ وغيره جا صديقي بزرگ.

سرهندي : هي اصل سيدنا عمر فاروق ﷺ جو اولاد آهن.

قاضي : اروڙ فتح ڪرڻ بعد محمد بن قاسم شرعي ڪاروبار ۽ شرعي فيصلن لاءِ موسيٰ بن يعقوب بن طائي بن محمد بن شيبان بن عثمان الثقفي کي قاضي مقرر ڪيو.[2] ان جو اولاد اڄ به قاضي جي قبيلي سان مشهور آهن. سنڌي ڳالهائن ٿا. حالانڪ اهي اصل ثقيف قبيلي جا عرب آهن.

تميم: عرب جو قبيلو بنو تميم جيڪو چمين پيڙهي ۾ حضرت حبيب ڪريم ﷺ جي نسب سان ملي ٿو، ان جي هڪ شاخ سنڌ ۾ آباد آهي، جيڪي هتي هاڻي تميم ذات سڏجن ٿا، هولي سرائڪي کي سنڌي ڳالهائن ٿا. سنڌ جي منگي قوم به تميم قبيلي جي شاخ آهي. [3]

---

[1] سنڌ ۾ عرب نسل تميم "تميم" جي مختصر تاريخ : مرتب عبدالرزاق تميم جيڪب آباد.

[2] چچ نامو سنڌي ص 246 چاپيل سنڌي ادبي بورڊ حيدر آباد .

[3] سنڌ ۾ عرب نسل تميم "تميم" جي مختصر تاريخ : مرتب عبدالرزاق تميم جيڪب آباد.

پنهور : هي حضرت حارث جي اولاد مان عربي نسل آهن. [1]

سنڌ ۾ افغانستان کان مسلمانن جي آمد:

چوٽين صدي هجري ۾ دوباره مسلمانن سنڌ کي فتح ڪيو. سلطان محمود غزنوي جو والد ۾ پوءِ خود سلطان محمود غزنوي سنڌ تي ڪاهون ڪري آيو. سنڌ کي فتح ڪرڻ بعد هتي دوبارو مسلمانن جي آبادڪاري ٿي. سلطان محمود کان پوءِ اٽن صدين تائين يعني تيرهين صدي هجري ۾ انگريزن جي آمد تائين واري دورن ۾ سنڌ تي مسلمان حڪمران حڪومت ڪندا رهيا.

سنڌ ۾ انصارن جي آبادي

سنڌ ۾ هند ۾ انصارن جي آبادڪاري

چوٽين صدي هجري ۾ جڏهن سڄي اسلامي دنيا علم جي نور سان منور هئي، ان وقت سنڌ تي هباري خاندان جي حڪومت هئي، تنهن وقت بغداد ۾ بصري وانگر سنڌ ۾ به منصوره ۾ ديبل ۾ ٻين ڪيترن شهرن ۾ اسلامي علوم جا مرڪز هئا. سنڌ جي ڪنڊ ڪڇ ۾ ديني مدرسن جو جار وڇايل هيو ۾ گهر گهر دارالعلوم بنيل هيو. ان علمي ڦهلاءُ ۾ عرب قومن جو تمام گهڻو عمل دخل هيو.

---

[1] سنڌ ۾ عرب نسل تميم "تميم" جي مختصر تاريخ ص 14 ؛ مرتب عبدالرزاق تميم جيڪب آباد.

سنڌ سڳوري ۾ مختلف ادوار ۾ مختلف جهات کان انصار آيا ۽ هتي ئي رسي وسي ويا. مثلاً قبائل انصار جا کي فرد محمد بن قاسم جي لشکر سان گڏ آيا ۽ پوءِ اهي سنڌ جي مختلف شهرن ۾ آباد ٿي ويا. جيئن سيوهڻ شريف ۽ آس پاس ۾ هن وقت به کافي انصاري گهراٽا آباد آهن. مثلاً شيخ محمد صالح انصاري جيکو سيوهڻ جي قريب باجارا ڳوٺ جو رهواسي هيو. سندس وڏا محمد بن قاسم سان گڏجي سنڌ ۾ آيا هئا. هن وقت به سندس اولاد جا چار پاڙا معروف آهن. 1. احمداٹي. 2. بائداٹي 3. موساٹي. 4. مُلاٹي. مُلاٹي پاڙي وارن جا وڏڙا باجارا مان سيوهڻ منتقل ٿي آيا، جيکي هاٹي سيوهڻ جي معزز ۽ محترم گهراٽن مان آهن. [1]

خواجہ کرم الله انصاري

کي انصاري وري تبليغ يا جهاد يا واپار يا کنهن ٻئي سانگ سان سنڌ ۾ آيا ۽ هميشہ لاءِ هتي ئي رهي پيا. انجو هک مثال پيش آهي:

حضرت خواجہ کرم الله انصاري رحمة الله عليه مدينہ منوره جي انصارن مان هک نهايت صالح سخي مرد هيو. حضرت خواجہ محمد زمان رحمت الله عليه لنواري شريف وارا جڏهن حرمين شريفين ويا تہ مولانا کرم الله انصاري جي ساٿن مديني ۾ ملاقات ٿي. سندن فيض برکت ڏسي مريد ٿيو پر سندن محبت ۾ اهڙو تہ موهجي پيو جو پنهنجو اباٹو شهر مدينو پاک ڇڏي مرشد سان گڏجي سنڌ هليو آيو ۽ سنڌ کي پنهنجو وطن بنائي ڇڏيائين. بزرگن کيس خلافت ڏني. سندن امر سان سندن هک مريد بلال ملاح جيکو ڪلجي جو رهواسي هيو جي نياٹي سان نکاح کيائين ۽ ان مان اولادي ٿيو. ڪلجي ۾ رهيو اتي وفات کيائين. سندن مزار بہ ڪلجي جي پاسي ۾ زيارتگاهہ آهي.

بلال ملاح جي نياٹي مان کيس ٻہ فرزند حاجي هدايت الله ۽ مولوي عبد الصمد ۽ هک نياٹي پيدا ٿي. مولوي عبد الصمد جي اولاد مان سنڌ جو برک عالم استاد العلماء مولانا

---

[1] ان ئي گهراٹي جي هک معزز جناب محترم غلام ياسين پٽ نبي بخش پٽ تاج محمد پٽ محمد صالح انصاري سان اسان جي ملاقات ٿي. پاڻ نيڪ سيرت ۽ باصلاحيت شخصيت جا مالڪ آهن. پنهنجي پٽن سميت صحافت جي پيشي سان لاڳاپيل آهن.

محمد هاشم انصاري رحمت الله عليه ۾ سندس پاءُ مولوي حاجي عبد الله آهي. سندن نسب هن طرح آهي: مولانا محمد هاشم انصاري بن مُلا محمد، بن حافظ الله ڏنو، بن حاجي احمد، بن مولوي عبدالصمد بن خواجه كرم الله [1] مدني انصاري. [2]

ان طرح سندن سڳوري ٻاڇ به كافي تعداد ۾ انصاري گهرانا آباد آهن.

مٺين ڪلاڇي جي قريب حضرت خواجه كرم الله انصاري رحمة الله عليه جي مزار ۽ ضريح مبارڪ

سيرت حضرت سيدنا
ابوايوب انصاري رضي الله عنه
سندس اولاد جو سنڌ ۾ هنڌ ۾ اچڻ

عالمِ باعمل، وليءِ ڪامل، عارفِ اڪمل، حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه جو سلسلءِ نسب صحابيءِ جليل، ميزبانِ مصطفيٰ حضرت سيدنا ابو ايوب انصاري رضي الله عنه سان ملي ٿو، ان ڪري تبرڪًا ڪجهه سندن سيرت ذاتي بيان ڪجي ٿي. پوءِ بيان ڪبو ته سندن اولاد ڪيئن ڪڏهن ۽ ڪهڙي رستي سان سنڌ ۾ وارد ٿيو ۽ حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه جو نسب ساڻن ڪهڙن ۽ ڪيترن واسطن سان ملي ٿو.

حضرت ابو ايوب خالد بن زيد انصاري رضي الله عنه :

---

[1] حضرت محبوب الاهي رحمت الله عليه هڪ پيري ڏلجي جي طرف تبليغ جي سفر ۾ هئا. خواجه ڪرم الله انصاري جي دربار تي ويا. ڪافي دير مراقبي ۾ ويٺا. جڏهن واپس موٽيا ته فرمايائون هاڻي پٽ جائو ته ان جو نالو ڪرم الله رکندس. پوءِ جلدي هن فقير جي ولادت تي ٻاڻ منهنجو نالو "ڪرم الله" رکيائون.

[2] معراج سوانح نمبر ص 201، انوار علماء اهلسنت ص 814، 815.

امام، عالم، فقيہ، مجاهد حضرت سيدنا خالد بن زيد بن كليب بن ثعلبة بن عوف بن غنم بن مالك بن النجار ابو ايوب الانصاري النجاري ﷺ انصارن جي قبيلي بنو نجار مان هيو. منڀ م ليلة العقبة واري رات جن ٽيهتر خوشنصيبن سهڻي حبيب كريم ﷺ جي هٿ تي بيعت ڪئي هئي پاڻ انهن مان هڪ هيو.[1] جڏهن پاڻ ڪريم ﷺ مواخاتِ مدينہ قائم ڪئي تہ حضرت مصعب بن عُمير ﷺ کي حضرت ابو ايوب انصاري رضی اللہ عنہ جو ڀاءُ بنايائون.[2]

بعض سوانح نگارن سندن سيرت هن طرح بيان ڪئي آهي:

حضرت ابو ايوب انصاري نجاري "بني غنم بن مالك بن نجار" قبيلي مان هئا. پاڻ پنهنجي ڪنيت "ابوايوب" سان مشهور ٿيا. سندن والده هند بنت سعد بن عمرو بن امراءُ القيس بن مالك بن ثعلبة بن ڪعب بن خزرج بن الحارث بن خزرج اڪبر هئي. پاڻ غزوه بدر سميت سڀ غزوات م شريڪ ٿيا.

حضرت حبيب ڪريم ﷺ جڏهن بني عمرو بن عوف وٽان قباءِ مان نڪتا تہ حضرت ابوايوب انصاري ﷺ وٽ نزول فرمايائون. وٽس ئي رهيا تانجو پاڻ اتي مسجد نهرايائون ۽ پنهنجا حجرا نهرايائون پوءِ ان طرف منتقل ٿيا. مواخاتِ مدينہ م پاڻ ڪريمن ﷺ جڏهن اصحابن کي هڪ ٻئي جو ڀاءُ بنايو هيو تہ حضرت مصعب بن عمير ﷺ کي حضرت ابو ايوب ﷺ جو ڀاءُ بنايو هئائون.[3]

امام بغوي سندن نسب نامہ هن طرح لکيو آهي: "ابو ايوب خالد بن زيد بن كُليب بن ثعلبة بن عبد بن عوف بن غنم بن مالك بن النجار بن عمرو بن الخزرج".[4]

ابو ايوب انصاري وٽ پاڻ ڪريم ﷺ هڪ مهينو رهيا.[5]

---

[1] البداية والنهاية: ج 2 ص 164

[2] الاصابة: ج 1 ص 405

[3] الاستيعاب في اسماء الاصحاب ج 1 ص 253

[4] معجم الصحابة ج 2 ص 218 للبغوي.

[5] تهذيب التهذيب في رجال الحديث ابن حجر عسقلاني ج 2 ص 249

پاڻ بيعتِ عقبہ ۾ شريڪ هئا، بدر، احد ۽ سڀ مشاهد ۾ شريڪ ٿيا. سندن رهائش مدينہ ۾ هئي حضرت علي ﷺ سان گڏ خارجين سان جنگ ڪيائين. حضرت علي ﷺ سان گڏ مدائن ۾ آيا هئا. سندن شهادت بعد به ڪافي عرصو زنده رهيا. تانجو بلادِ روم امير معاويہ جي خلافت دوران غازي بنجي نڪتا. هيثم بن عدي چيو ته پاڻ 50 هـ ۾ وفات ڪيائون. واقدي سنہ 52 هـ بيان ڪيو آهي. [1]

مُسند احمد ۾ حضرت ابو امامہ باهلي ﷺ کان روايت آهي چيائين اسان سان ابو ايوب انصاري ڳالهہ ڪئي ته:

رسول الله ﷺ اسان جي گهر ۾ لڌا (منهنجي گهر جا به طبقا هئا. مان متئين ۾ ۽ پاڻ ڪريم ﷺ هيٺئين طبقي ۾ رهيا) مون عرض ڪيو يا رسول الله مون کي اها ڳالهہ ڏکي لڳي ٿي جو مان متي هجان ۽ اوهان هيٺئين طبقي ۾ هجو. پوءِ پاڻ ڪريم متئين طبقي ۾ آيا ۽ ابو ايوب هيٺئين طبقي ۾ رهائش پذير ٿيو. [2]

حديث جو شوق : حضرت ابو ايوب انصاري رضی اللہ عنہ کي رسول الله ﷺ جي حديثن سان اهڙو عشق هيو جو هڪ ٻيري صرف هڪ حديث ٻڌڻ لاءِ مدينہ منوره کان مصر ويو جتي اصحابي حضرت عقبہ بن عامر ﷺ کان اها حديث ٻڌي وري واپس موٽي آيو. [3]

امام نووي چيو ته حضرت ابو ايوب انصاري رضی اللہ عنہ رسول الله ﷺ کان هڪ سؤ پنجاهہ حديثون روايت ڪيون آهن. انهن مان ستن حديثن تي بخاري ۽ مسلم متفق آهن ۽ هڪ ۾ بخاري منفرد آهي ۽ پنجن ۾ مسلم منفرد آهي. [4]

سندن شاگرد : جن حضرت ابو ايوب انصاري رضی اللہ عنہ ﷺ کان علم پرايو ۽ حديث ٻڌي ۽ روايت ڪئي انهن ۾ معروف اصحابي ۽ تابعي شامل آهن. انهن مان حضرت براء بن عازب ابن عباس، ابن عمر، ابو امامہ، زيد بن خالد الجمني، مقدام بن معديعرب، انس بن

---

[1] تهذيب التهذيب في رجال الحديث ابن حجر عسقلاني ج 2 ص 270

[2] مسند احمد ج 38 ص 500. سيرت ابن هشام. طبراني معجم كبير.

[3] مسند الحميدي: ج 1 ص 189

[4] تهذيب الاسماء واللغات: ج 2 ص 177

مالڪ، جابر بن سمره رضي الله تعالي عنهم اجمعين اصحابي ۽ تابعين مان حضرت موسيٰ بن طلحة افلح، ربيع بن خثيم وغيره شامل آهن.[1]

وفات وقت بيان ڪيل حديث : ترمذي ۾ آهي ته جڏهن حضرت ابو ايوب انصاري رضي الله عنه جي وفات جو وقت ويجهو ٿيو ته فرمايائون اڄ ٻڌو اوهان کي اها ڳالهه ٿو ٻڌايان جيڪا مون رسول الله ﷺ کان ٻڌي هئي پر ساري عمر اوهان کان لڪائيندو رهيس (ته متان ماڻهو عمل ڪرڻ ڇڏي ڏين) مون رسول الله ﷺ کان ٻڌو پاڻ فرمايائون :

حَدَّثَنَا قُتَيْبَةُ حَدَّثَنَا اللَّيْثُ عَنْ مُحَمَّدِ بْنِ قَيْسٍ قَاصِّ عُمَرَ بْنِ عَبْدِ الْعَزِيزِ عَنْ أَبِي صِرْمَةَ عَنْ أَبِي أَيُّوبَ أَنَّهُ قَالَ حِينَ حَضَرَتْهُ الْوَفَاةُ قَدْ كَتَمْتُ عَنْكُمْ شَيْئًا سَمِعْتُهُ مِنْ رَسُولِ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ سَمِعْتُ رَسُولَ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يَقُولُ لَوْلَا أَنَّكُمْ تُذْنِبُونَ لَخَلَقَ اللَّهُ خَلْقًا يُذْنِبُونَ وَيَغْفِرُ لَهُمْ [2]

جي توهان گناهه ڪرڻ ڇڏي ڏيو ته الله اهڙي مخلوق پيدا ڪندو جي گناهه ڪندا (معافي ونڊندا) ۽ الله انهن کي بخشي ڇڏيندو.

پاڻ رسول الله ﷺ وٽ وحي جي ڪاتبن مان هئو.

انهن ڏهن مان ڏهون هيو جن قرآن جمع ڪيو هيو.[3]

فقهي مسائل ۾ صحابه ڪرام ڪائنس رهنمائي ونڊندا هئا. ڪنهن فقهي معاملي ۾ تڪرار ٿيندو هيو ته ابو ايوب انصاري رضي الله عنه جو فيصلو سڀ مجندا هئا. جيئن حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنه ۽ حضرت مِسور بن مخرمة رضي الله عنه جو احرام واري جي غسل جي مسئلي تي اختلاف ٿيو ته مسئلو حضرت ابو ايوب انصاري رضي الله عنه کان پڇيائون ۽ ڏرين قبول ڪيو.

وفات ۽ مزار :

---

[1] تهذيب الڪمال : ج 1 ص 353

[2] سنن الترمذي ج 11 / ص 447. المعجم الڪبير للطبراني ج 4 / ص 213)

[3] عيون الاثر : ج 2 ص 316

حضرت ابو ايوب انصاري ﷺ حضرت سيدنا علي رضي الله عنه سان سڀ جنگين ۾ گڏ رهيو. تانجو امير معاويه ﷺ جي زماني ۾ بلادِ روم مان قسطنطنيه (موجوده ترڪي جي استنبول) شهر ۾ حضرت وفات پاتائين. اهو سنه 50 يا 51 هه هيو.

علامه ابن عبدالبر جي بقول پاڻ امير معاويه ﷺ جي ڏينهن ۾ جهاد ۾ نڪتا. وات تي بيمار ٿي پيا جڏهن بيماري وڌي وئي ته فرمايائون مان مري وڃان ته منهنجو جنازو به جهاد جي راهه ۾ ڪٽي هلجو. پوءِ جڏهن دشمنن سان صفن ۾ سامهون ٿيو ته مون کي پنهنجي پيرن ۾ دفن ڪجو. پوءِ ائين ڪيائون.

وقبر ابي ايوب قرب سور ها معلوم الى اليوم معظم يستسقون به فيسقون [1]

حضرت ابوايوب ﷺ جي قبر قلعي جي ديوار وٽ جاتل سڃاتل آهي ماڻهو ان جي عزت ڪندا آهن، سندن وسيلي سان مينهن طلب ڪندا آهن ته مينهن وسندو آهي. [2]

وَكَانَ الرُّومُ إِذَا أَمْحَلُوا كَشَفُوا عَنْ قَبْرِهِ؛ فَأُمْطِرُوا [3]

رومين تي جڏهن بارش بند ٿي ويندي هئي ته ابوايوب انصاري جي قبر شريف کوليندا هئا ته انهن تي مينهن وسايو ويندو هيو. معجم الصحابه ۾ مجاهد جو قول آهي ته :

قال مجاهد: فكانو اذا قحطوا كشفوا عن قبره فمطروا قال: وبني الروح على قبره بناء وعلقوا عليه اربع قناديل تسرج. [4]

جڏهن قسطنطنيه وارن تي قحط پوندو هيو ته سندس قبر شريف کي کوليندا هئا ته انهن تي مينهن وسايو ويندو هيو. روح (نالي حاڪم) سندن قبر متان قبو اڏايو هيو ۽ ماڻهن ان ۾ چار قنديل روشن ڪيا هئا.

---

[1] الاستيعاب ج 1 ص 354

[2] جمعه 23 جمادي الثاني 1432 هه مطابق 27 مئي 2011 تي هن فقير (ڪرم الله) کي سندن دربار تي حاضري جي سعادت نصيب ٿي. جيڪا ترڪي جي شهر استنبول جي يورپ واري حصي ۾ مسجد سلطان ايوب جي صحن جي سامهون موجود آهي. سندن شاندار قبر شريف ڏسڻ آهي. روحاني ڪيفيات جي پالوٽ آهي. سندن مهمان نوازي اڄ به جاري آهي.

[3] المجالسة وجواهر العلم (90/4):

[4] معجم الصحابة ج 2 ص 222



استنبول ترڪي ۾ حضرت ابو ايوب انصاري ﷺ جي مسجد ۽ مزار

حضرت ابو ايوب ﷺ انصاري ﷺ جو اولاد :

هن شان واري عزت ۾ عظمت واري اصحابي سڳوري جنهن کي رب ڪريم پوري مديني مان پسند ڪيو. پنهنجي نبي ﷺ کي سندس مهمان بنايو. جنهن ساري زندگي سهڻي حبيب ﷺ جي غلامي ۾ پوري ڪئي. وري سندس اولاد کي الله ڪريم پسند ڪيو. علم ۽ عمل جي نور سان انهن جا سينا روشن ڪري دنيا وارن لاءِ رهبر ۽ رهنما بنايائين. اڄ ب ساري دنيا ۾ سندن اولاد پکڙيل آهي. پوءِ ٿوري تعداد ۾ ئي سهي پر اهي روشني جا مينار آهن جي جهان کي فيض محمدي سان منور ڪرڻ وارا آهن.

امام مت الانصاري رحمة الله عليه :

حضرت ابوايوب انصاري جي اولاد مان پهريون شخص جيڪو مدينہ مان عجم ڏانهن نڪتو سو امام مت انصاري هيو. جيڪن هيئين تاريخي حوالن مان ظاهر آهي:

سنہ 22 هـ يا 18 هـ ۾ سيدنا عمر فاروق رضي الله عنه جي دؤر خلافت ۾ خراسان فتح ٿيو. پوءِ حضرت عمر فاروق رضي الله عنه جي شهادت بعد انهن عهد ٽوڙيو. ①

وري ٻيو ڀيرو سنہ 30هـ ۾ حضرت عثمان غني رضي الله عنه جي دؤر خلافت ۾ اسلامي لشکر خراسان جي فتح ۾ دين جي اشاعت لاءِ مديني مان نڪتو. انهن جا اڳواڻ عبدالله بن عامر ۽ احنف بن قيس رضي الله عنهما هئا. ②

وكان في الجيش احد اولاد ابي ايوب الانصاري و هو "مت" فحينما فتحت مدينة هراة دخلها و اقام فيها و استوطنها. ③

ان اسلامي لشکر ۾ حضرت ابو ايوب انصاري رضي الله عنه جي اولاد مان هڪ فرد شامل هيو جنهن جو نالو "مت" هيو. پوءِ جڏهن هرات فتح ٿيو تہ ان ۾ داخل ٿيو ۽ اتي رهائش اختيار ڪيائين ۽ ان کي وطن بنايائين.

هونئن تہ سيدنا ابو ايوب انصاري رضي الله عنه جو اولاد پوري دنيا جي ملڪن ۾ پکڙيل آهي. پر اوپر جي ملڪن يا ٻر صغير طرف سندن اولاد مان سڀ کان اول نڪرڻ وارو اهو ئي امام "مت" هيو. جنهن جو هڪ پٽ اشعث بن مت بن ابو ايوب الانصاري هيو جيڪو سنڌ طرف آيو. ان جي اولاد مان شيخ محمد مراد الانصاري آهي جنهن سان حضرت محبوب الاهي رحمه الله عليه جو شجرهءِ نسب ملي ٿو.

سندس ٻيو پٽ منصور بن مت بن ابو ايوب الانصاري آهي جنهن جي نسل مان امام ابواسماعيل الهروي صاحب ڪتاب ذم الڪلام پيدا ٿيو. ④

---

① الكامل لابن الاثير : ج 3 ص 16

② تاريخ خليفه بن خياط : ص 163.164

③ شيخ الاسلام للافغاني : ص 18.23 مقدمة ذم الكلام : ج 1 ص :58. 59

④ سير اعلام النبلاء ج 18 ص 503. النجوم الزاهرة في ملوك مصر والقاهرة ج 5 ص 125

امام مت جي اولاد مان شيخ الاسلام ابو عبدالله الهروي حنبلي پيدا ٿيو. سندس نسب هن طرح آهي. ابو اسماعيل عبدالله[1] بن محمد[2] بن علي[3] بن محمد[4] بن احمد[5] بن علي[6] بن جعفر[7] بن منصور[8] بن مت[9] الانصاري الهروي.

سندس اولاد برصغير ۾ تمام گهڻو ڦهليو. سندس اولاد مان ڪجهه انصاري سلطان محمود سبڪتگين جي لشڪر سان سنڌ ۾ هند ۾ آيا ۽ اتي رهائش اختيار ڪيائون.

الاستبصار ۾ علامہ ابن قدامہ سيدنا ابوايوب انصاري رضی اللہ عنہ جي سوانح ۾ لکيو ٿه :

''وله عقب'' سيدنا ابو ايوب کي اولاد هيو. ان جي حاشيہ تي لکي ٿو:

و من عقبه شيخ الاسلام ابو اسماعيل عبد الله بن محمد بن علي بن محمد بن احمد بن علي بن جعفر بن منصور الانصاري الهروي الذي توفى 433 هـ وكان مشهوراً بالعلم وله تصانيف كثيرة ①

سندس اولاد مان شيخ الاسلام ابواسماعيل عبد الله بن محمد بن علي بن محمد بن احمد بن علي بن جعفر بن منصور انصاري هروي به آهي. جنهن سنہ 433هـ ۾ وفات ڪئي. پاڻ مشهور عالم هيو سندس گهڻا ڪتاب به لکيل آهن.

هي اهو ئي امام هروي آهي، جيڪو افغانستان ۾ حنبلي مذهب جو وڏو پرچارڪ ٿي گذريو آهي. ان ئي امام مت رحمۃ اللہ علیہ جي اولاد مان هندستان جي فرنگي محل علائقي ۾ انصاري نسل جو علمي گهراٽو آباد آهي. پوئين دور ۾ ان گهراٽي جي مشهور علمي شخصيت شيخ عبدالحي لکنوي (المتوفي: 1304) فرنگي محلي به آهي. ②

ويجهڙي دور ۾ ان ئي گهراٽي جي هي علمي شخصيت علامہ شيخ محمد عبد الباقي الايوبي الانصاري اللکنوي مدني (المتوفي: 1368) پڻ آهي.

ابوايوب انصاري رضی اللہ عنہ جو اولاد سيوهڙ سنڌ ۾:

---

① الذيل علي طبقات الحنابلة ابن رجب ج 1 ص 50 . الاستبصار ص: 71

② الرفع والتكميل لشيخ عبدالحي اللكهنوي ص 20. 23

امام مت جي پٽ اشعث جي اولاد مان جن اچي سنڌ ۾ سکونت اختيار ڪئي تن تڏهوڪي سيوستان ۾ هاڻوڪي سيوهڻ جي شهر ۾ ديرو دمايو ۽ ان شهر کي علم جي نور سان منور ڪيائون. سندن اولاد مان واعظ المسلمين، ناصح المؤمنين شيخ الاسلام محمد مراد سنڌي پيدا ٿيو. جيڪو قاري جي لقب سان مشهور هيو. پاڻ جيد عالم، متورع، صاحبِ تصانيف هيو. سندس ولادت سيوهڻ شريف ۾ ٿي. پنهنجي گهراٽي جي ڪجهه افراد سان گڏ حج لاءِ ويو. پوءِ اتي ئي رهي پيو. جيئن علامہ شوڪاني سندس پوٽي شيخ محمد عابد بن احمد علي بن محمد مراد سنڌي جو ذڪر ڪندي لکي ٿو:

وكان مستقر جده السند ثم حج وجاور حتىٰ مات[1]

شيخ محمد عابد جي ڏاڏي (شيخ محمد مراد) جي مستقل رهائش سنڌ ۾ هئي پوءِ حج لاءِ ويو ۽ اتي (حجاز ۾) رهائش اختيار ڪيائين ۽ اتي ئي وفات ڪيائين.

شيخ محمد مراد علمي گهراٽي ۾ اڪ ڪولي. ننڍپڻ ۾ قرآن حفظ ڪيائين. شرعي علمن تي عبور حاصل ڪيائين. عبادت ۽ زهد ۾ پنهنجو نالو روشن ڪيائين. ڪيس "شيخ الاسلام" جي لقب سان ياد ڪيو ويندو هيو. علامہ محمد عابد سنڌي رحمة الله عليه ڪتاب دفينة المطالب جي غلاف تي سندس لقب هن طرح لکيا آهن:

العلامة الفهامة العالم الهُمام الذي صار لجميع العلوم كالختام مفيد الطالبين قدوة السالكين الشيخ محمد مراد الواعظ الانصاري الايوبي الخزرجي[2]

---

[1] البدر الطالع بمحاسن من بعد القرن السابع للعلامة محمد بن علي الشوكاني: ج 2 ص 227

[2] دفنية المطالب هي چار ضخيم جلدن تي مشتمل قلمي ڪتاب آهي. جيڪو علامہ محمد مراد انصاري جي هٿن سان لکيل آهي. ڪتاب جو گهڻو حصو عربي پولي ۾ آهي. ڪجهه فارسي ۽ ڪجهه پراٽي سنڌي ۾ پڻ مواد آهي. هي ڪتاب علوم اسلاميہ جو مجموعو آهي. ان ۾ سيرت، تفسير، حديث، مواعظ، تصوف، علم ڪلام، تعويذات و عمليات ۽ ڳهڻ اسلامي علمن جو ذخيرو آهي. وڏي ڳالهہ هي آهي جو هن سنڌ جي عالمن جون ناياب تحريرون، علمي مسائل تي ڪيل تحقيقات جمع ڪيل آهن. سنڌ جي اهڙن عالمن جون علمي ۽ تحقيقي تحريرون لکيل آهن جن عالمن جو هن وقت سنڌ ۾ ڪنهن کي نالو به معلوم نہ آهي. هي ڪتاب مدينہ منوره جي مڪتبة عبد العزيز ڪتب خاني جي "مكتبه محموديه" واري حصي جي نوادرات ۾ شامل آهي. اگر ڪنهن علم جي قدردان سنڌي کي الله توفيق ڏئي تہ ان ڪتاب ۾ سنڌ ۾ آندوويل ۽ ان کي تخريج ۽ تعليق سان شايع ڪيو وڃي تہ سنڌ مٿان ان جو وڏو احسان ٿيندو. هن فقير ان جا ڪجهه ورق ڪاپي ڪرايا هئا. جيڪي پر ريال في صفحي جي حساب سان ڪاپي ڪري ڏنا هياتون.

جدّهن پاڻ پيري کي پهتو ته حرمين جي مجاورت اختيار ڪرڻ لاءِ سنڌ مان پنهنجي اولاد ۽ گهراٽي سميت هجرت ڪري مڪي پاڪ آيو. پوءِ جده ۾ رهائش اختيار ڪيائين ۽ اتي وفات پاتائين. حجاز ۾ سندن علم ۽ فضل تقويٰ ۽ طهارت جي ايتري شُهرت ٿي جو علم جا اجايل سندس خدمت ۾ اچڻ لڳا. حڪمرانِ وقت سندن خدمت ۾ دعائون ونڊڻ لڳا. وزير ريحان امير مڪ سرو بن مساعد جي چوڻ سان جده ۾ سندن واسطي مسجد رباط، مسافر خانو، مدرسو تعمير ڪرايو ۽ نفيس ڪتابن جو ذخيرو مهيا ڪيو. [1] سندس وفات جو سنه هن عبارت مان نڪري ٿو:

فروح و ريحان و جنة نعيم

علامہ عابد سنڌي جي ڪتاب منحة الباري شرح صحيح بخاري جي مقدمي ۾ علامہ مؤرخ شيخ ابراهيم بن عبدالله الحوثي الحسيني اليمني (المتوفي : 1223 هـ) علامہ عابد سنڌي بابت لکيو آهي ۽ اها ساڳي عبارت علامہ سائد بکداش شيخ عابد سنڌي جي سوانح جي ڪتاب ۾ ص 55 ۽ ص 73 تي پڻ آندي آهي.

وكان احد اجداده قد انتقل من المدينة المنوره الى السند وصاروا هناك قضاتها واعيانها والمرجوعَ اليهم فى المهمات واصدار الامور وايرادها وتوارثو هٰذه الوظائف الدينية اباً عن جد ولم يخل منهن عن العلم والكمال احد [2]

سندن ڏاڏن مان هڪ مدينہ منوره کان سنڌ منتقل ٿي آيو هيو. پوءِ اتي جا قاضي ۽ وڏا عالم ٿيا. ماڻهو پنهنجي معاملات ۾ پيش ايندڙ مسائل ۾ انهن ڏانهن رجوع ڪندا هئا. اهي ديني خدمتون انهن ۾ نسل در نسل منتقل ٿيندیون آيون. انهن مان ڪو به علم ۽ ڪمال کان خالي نه ٿيو.

علامہ عبد الحي ڪتاني ڪتاب فهرس الفهارس ۾ شيخ محمد عابد سنڌي بابت لکي ٿو:

---

[1] نزهة الخواطر

[2] مقدمه منحة الباري مخطوط مكتبة الملك عبدالعزيز مكتبه المحمودية مدينه منوره

محمد عابد بن الشيخ احمد بن شيخ الاسلام محمد مراد بن يعقوب الانصاري الخزرجي السندي مولدا الحنفي مذهبا النقشبندي طريقة من ذرية ابي ايوب الأنصاري ولد ببلدة سيون بلد على شاطئ النهر حوالي حيدرابَاد السند ثم هاجر الىٰ بلاد العرب مع اهله. [1]

محمد عابد پٽ شيخ احمد پٽ شيخ الاسلام محمد مراد بن يعقوب انصاري خزرجي، سنڌ جائو، حنفي مذهب رکڻ وارو ۽ نقشبندي طريقي وارو هيو جيکو ابو ايوب انصاري جي اولاد مان هيو جيکو نهر (سنڌو ندي) جي ڪناري آباد شهر سيوهڻ شريف ۾ جائو جو حيدر آباد کان اڀيان آهي. پوءِ پنهنجي گهراٽي سميت عرب ملڪ ڏانهن هجرت ڪيائين.

اڳتي علامہ ڪتاني لکي ٿو تہ پاڻ سنڌ منجهان يمن ويو اتي زبيد جي شهر جو قاضي مقرر ٿيو پوءِ منصور بالله جي طلب تي ڪيس صنعاء جو قاضي مقرر ڪيو ويو پوءِ اتان مهدي ڪيس محمد علي پاشا ڏانهن موڪليو پوءِ محمد علي پاشا ڪيس مدينہ منوره جي عالمن جو رئيس مقرر ڪيو. پوءِ مدينہ منوره ۾ ديني خدمات سرانجام ڏيندو رهيو ڪافي ڪتاب لکيائين. تان جو مدينہ منوره ۾ وفات ڪيائين ۽ جنة البقيع ۾ حضرت عثمان غني رضي الله عنه جي قبر شريف جي سامهون دفن ٿيو.

خاندان شيخ محمد مراد



[1] فهرس الفهارس والاثبات ومعجم المعاجم والمسلسلات لعبد الحي بن عبد الكبير الكتاني مطبوعه دار الغرب الاسلامي بيروت لبنان چاپو پيو سال 1402 هـ ج 2 ص 720، 721، 722.

شيخ محمد حسين بن محمد مراد انصاري :

علامہ فقيہ طبيب محمد حسين بن محمد مراد بن محمد يعقوب انصاري سنڌي سيوهڻ شريف سنڌ ۾ جائو پيڙ وٽ پڙهيو. پيڙ سان رهيو ۽ هجرت ان سان گڏ ڪيائين. پاڻ صاحبِ اسانيد ڪثير هيو. معقول ۽ منقول قرآن ڪريم جي قرائتن، تفسير، حديث، فقہ، اصول، علم الاخلاق، تزڪية النفوس ۾ وڏو علمي مقام رکندو هيو. علمِ طب ۾ وڏي مهارت رکندو هيو. صرف نحو جو ماهر هيو فقہ حنفي ۾ ان جي اصولن جو ماهر هيو. ارضِ عرب ۾ وڏي سندس شهرت هئي. شيخ عابد جي پيڙ احمد علي جي وفات بعد محمد حسين ۽ سندس پائٽيو محمد عابد يمن جي بندر حديده ۾ اچي رهيا. پاڻ پنجاهه سالن جي عمر ۾ بندر حديده ۾ وفات ڪيائين.

شيخ عبد الله بن محمد حسين بن محمد مراد انصاري:

شيخ عبد الله شيخ محمد حسين جو فرزند هيو جيڪو سندس ارضِ عرب ڏانهن منتقل ٿيڻ بعد به سنڌ ۾ مقيم رهيو. پاڻ عابد زاهد ۽ صاحبِ ورع هيو. سندس اولاد اڄا تائين سنڌ ۾ موجود آهي. حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه جو سلسلہ نسب به ساڻس ملي ٿو.

حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه جو نسب نامو:

1. محمد ڪرم الله
2. بن محمد الاهي بخش الشهير بالمحبوب الاهي
3. بن خدا بخش
4. بن جان محمد
5. بن محمد صالح
6. بن خدا بخش
7. بن صدر الدين
8. بن محمد صالح
9. بن فقير عبد الرحمان
10. بن عبد الرئوف
11. بن كرم الله
12. بن حسيب احمد
13. بن عبد القدوس
14. بن فاضل احمد
15. بن يونس
16. بن محمد
17. بن اكرم
18. بن محمد علي
19. بن عبد الله

20. بن محمد حسین
21. بن العلامة محمد مراد السیوستانی.
22. بن الحافظ محمد یعقوب
23. بن محمود الشهیر بالحافظ
24. بن الحاج عبد الرحمن
25. بن عبد الرحیم
26. بن محمد انس
27. بن عبد الله
28. بن محمد جابر
29. بن محمد خالد
30. بن مالک
31. بن ابي عوف
32. بن حسان
33. بن سالم
34. بن الاشعث الشهیر بالامام
35. بن مَتّ
36. بن ثعلبة
37. بن الجنید
38. بن مقدم
39. بن شرحبیل
40. بن اشعث
41. بن مَتّ
42. بن الصحابي الجلیل ابي ایوب رضي الله عنه الانصاري الخزرجي من بني النجار مَن نزل داره النبي المختار صلي الله علیه وسلم

شجرة النسب



المراجع : بياض محبوب الاهي (مخطوط) . وفينة الطالب المجلد الرابع (مخطوط)
الشيخ محمد عابد السندي الانصاري مطبوعه دار البشائر الاسلامية . ص 61 مقدمه طوالع الانوار شرح در المختار

شجرة النسب
جي تصديق

اها هڪ مڃيل حقيقت آهي ته جيئن عرب وارن پنهنجي قبيلن جي نسب نامن کي محفوظ ڪيو آهي، عجم ۾ ان جو ائين اهتمام نه ٿيو آهي. عجم ۾ تمام ٿورا ماڻهو آهن، جيڪي پنهنجي نسب نامي کي محفوظ ڪري پنهنجي پونير جي لاءِ سرمايو بنائن ٿا. حضرت محبوب الاهي رحمت الله عليه جو نسب نامو پاڻ پنهنجي هٿن سان سندن بياض ۾ لکيو اٿن. هي فقيرُ ان نسب نامي جي ڪاپي حجاز مقدس کڻي ويو، ان نيت سان ته علم الانساب جي ڪنهن ماهر کان ان جي تصديق ڪرائجي. مدينہ منوره ۾ خبر پئي ته علامہ شيخ سعد رُهيدل الجهني دامت برڪاتہ مدينہ منوره ۾ علم الانساب جو ماهر ۽ باحث آهي. تلاشِ بسيار بعد بحمد الله مسجد نبوي شريف ۾ ساڻس ملاقات جو شرف نصيب ٿيو. پاڻ مدينہ منوره ۾ علم الانساب جو وڏا ماهر آهي. هن وقت مدينہ منوره ۾ جيڪو به علم الانساب تي لکندو آهي سو هن شيخ ڏانهن ضرور رجوع ڪندو آهي. ڪيس عرب ۽ عجم جي ذاتين قومن ۽ قبيلن جي نسبن بابت تمام وڏي جاڻ آهي. وڏي عمر ۽ طبع جي ناسازي جي باوجود ڪيس الله ڪريم حافظي جي قوي قوة سان نوازيو آهي.

مون ڪيس حضرت سائين جن جو لکيل نسب نامو ڏيکاريو ۽ ان جي باري ۾ پڇيو؟ پاڻ اهو مون کان وٺي رکيائين. پوءِ پئي سال وري جڏهن هن فقير جي ساڻس ملاقات ٿي ته پاڻ فرمايائين اوهان جي شجري جي مون تصديق ڪري ڇڏي آهي. ان جو اصل مڪتبہ ملڪ عبد العزيز ۾ ڪتاب "دفينة المطالب" ۾ موجود آهي. جيڪو اوهان جي ڏاڏي شيخ محمد مراد سنڌي جي هٿن جو لکيل آهي. پوءِ پاڻ پنهنجي هٿن سان تصديق نامو لکي ڏنائين ۽ پوءِ فقير مڪتبہ عبد العزيز ۾ وڃي مذڪوره ڪتاب جي شجري وارن ورقن جي ڦوٽو ڪاپي ۽ ڪرائي ورتي. بعد ۾ ڏٺم ته اهو نسب نامو علامہ عابد انصاري رحمت الله عليه جي سوانح واري ڪتاب ۾ علامہ سائد بڪداش ۽ آندو آهي.

مدينہ منوره جي عالم الانساب
فضيلة الشيخ سعد رُهيدل الجُهَني مدظلہ
پاران نسب نامي جي تصديق

بسم الله الرحمن الرحيم

بڌ ملهي ٿو چوٿ ته هُن الف عه الشيخ محمد ياسين سنڌي وٽان حاصل ڪيل اصل
مخطوطه نسب الشيخ محمد ياسين سنڌي متعلق عه ڪتاب رفيعه طالب الشيخ محمد مراد
السندي وحيدت آباد سنڌ جو الشيخ محمد ڪريم الله سان ملڻ تي الشيخ محمد ياسين سنڌي جو هم
المترادف محمد مراد سنڌي ولد الله بخش سلسلہ نقشبنديہ آبو شريف راجستان هندوستان
صاحب ڪتاب ذم الڪلام الذي وحيدت آباد سنڌ جو نسبي شجرو مقدمہ مخطوطہ ڪتاب ذم الڪلام
يعني شيخ ابو سعيد ابوالخير ميهني ابو يوسف الانصاري نيشاپوري
صحيح واضح آهي الشيخ محمد ڪريم الله باب ابو يوسف الانصاري جو هن
هنڌ سلسلہ وار تمام دقيق ۽ صحيح آهي جيڪو اسان کي الشيخ الله ڏني سگهي
جنهن خوبيات العظيم لوجه الله محمد مراد المقصد وسئال الله له الجزيئه في دنياه وأخراه
والسلام

سعد رهيدل الجهني
عفي عنه
باحث في النسب

المدينة المنورة جوال رقم ٠٥٠٥٢٠٤٠٧



هي علامہ محمد مراد انصاري جي نسب نامي جي ڪاپي آهي جيڪو پاڻ پنهنجي ڪتاب دفينة المطالب ۾ پنهنجي هٿن سان لکيو اٿس. ان جي تصديق سندس استاد شيخ عبدالحليم بن يوسف سيوهاڻي ڪئي آهي. مذڪوره ڪتاب ۾ پاڻ پنهنجي شجره نسب جي مڪمل تحقيق ۽ اجداد جو احوال شرح ۽ بسط سان لکيو اٿس. ان تان اخذ ڪندي علامہ سائد ڪداش شيخ عابد سنڌي جي سوانحي ڪتاب "محمد عابد السندي الانصاري" ۾ سندس اجداد جو احوال لکيو آهي.

خانواده
حضرت محبوب الاهي
رحمة الله عليه

ڪُرڪٽ تي ڪرم جا ڪکر:

شيخ عبد الله بن محمد حسين بن محمد مراد انصاري جي اولاد مان ڪجھ افراد سيوھڻ شريف کان نقل مڪاني ڪري ضلعي دادو تعلقي خيرپور ناٿن جي ڳوٺ "ڪاٽڙي" ۾ اچي رهيا. حضرت جن پنهنجي بياض ۾ لکيو آهي ته سندن اجداد مان هڪ ڪاٽڙي مان نقل مڪاني ڪري ساڳي ئي ضلعي ۾ تعلقي جي ننڍڙي ڳوٺ "ڪُرڪٽ" ۾ اچي رهيو. جيڪو خيرپور ناٿن شاھ شهرکان تقريباً ست اٺ ڪلوميٽر اولھ طرف سم نالي ايم اين وي ڊرين (چنڊڻ) جي الھندي ڪناري آباد آهي. جتي جا مسڪين ماروئڙا اڄ بہ " آٽين ۾ چاڙهين ڏُٽ ڏهاڙي سومرا" وانگر مسڪينيءَ غربت ۾ پيا گهارين ۽ گذارين.

ميان محمد صالح رحمة الله عليه (**پڙڏاڏو**): غالب راءِ آهي ته اهو ڪرڪٽ ڳوٺ ۾ اچڻ وارو حضرت جن جو پڙڏاڏو جناب ميان محمد صالح هيو. ڪيس ميرن جي زماني ۾ زمين جا ونڊا بہ ملیا هئا. پاڻ شاهوڪار ماڻھو هوندو هيو. سندس سمٽي چال چلت ڪي ڏسي مسلمانن جي راڄ ۾ هندن جي پٺنچات ۾ ڪيس وڏي عزت جي نگاه سان ڏٺو ويندو هيو ۽ ماڻھو ڪائنس فيصلا بہ ڪرائيندا هئا.

وڏيرو جان محمد رحمة الله عليه (**ڏاڏو**): ميان محمد صالح کي هڪ ئي پٽ ٽيو. جنهن جو نالو جان محمد رکيائين. پاڻ قد جو ڊگهو ۽ جسم ۾ سنهو هوندو هيو. سونهاري سفيد ۽ باشرع هوندي هيس. اڇو پٽڪو ٻڌندو هيو. ڪيس پنهنجي علاقي جي ماڻھن گڏجي چگ مڙسي جي پگ بہ ٻڌائي هئي. ڪنهر، ڪاٽڙي ۽ ڪُنب ٽنهين ڳوٺن جو وڏيرو ، چگو مڙس ۽ سردار سڏبو هيو. ماڻھو پگ جو سوا روپيہ سالیانو ڏيندا هيس. انهن جا فيصلا ڪندو هيو. سگابندي ۽ چيڙي نبيري ۾ انهن جي اڳواڻي ڪندو هيو.

پاڻ پَٽَ جي لُنگي پڌندو هيو. گهوڙي تي سواري کندو هيو. تلوار ۾ ڍال کڻندو هيو. وڏي دٻدٻي سان هلندو هيو. طبيعت ۾ جلالي ۾ زُود رنج هوندو هيو. جلدي کاوڙجي پوندو هيو ۾ جلدي راضي ٿي پوندو هيو. ٻارڙن سان گهڻي خوشطبعي کندو هيو. ککڙن پالڻ جو گهڻو شوق هوندو هيس. حضرت جن فرمايو ته هڪ ڏينهن مون سندس ڪمري جي ڪنڊ ۾ ناهيل پچڻي مٽان سکن جو انبار پيل ڏٺو هيو. پاڻ گهڻو مهمان نواز هوندو هيو.

بيبي ڪامل رحمة الله عليها (**ڏاڏي**): هي بيبي سائڻ وڏيري جان محمد جي گهرواري ۾ حضرت محبوب الاهي جي ڏاڏي هئي. پهريائين راشدي بزرگ حضرت پير پنهل رحمة الله عليه جي گادي نشين جي مريدياڻي ٿي. ان بزرگ وٽان ڪيس سلسلہ عاليہ قادريہ جي تلقين حاصل ٿي. محنت ۾ رياضت سبب وڏو روحاني فيض حاصل ڪيائين. بزرگن جي وصال بعد حضرت ميان محمود رحمة الله عليه پوڙا لاکير لڳ خيرپور ناٿن شاهہ واري بزرگ جي بيعت ڪيائين. جنهن وٽان ڪيس نقشبندي فيوضات نصيب ٿيا. ان طرح هن بيبي سائڻ قادري ۾ نقشبندي سلاسل مان روحاني فيوضات حاصل ڪيا. پاڻ نهايت عابده زاهده ۾ شب بيدار عورت هئي. مراقبي ۾ وڏي رسد حاصل هيس. سندس خادمياڻي ڀالهہ ڪئي ته هڪ پيري ڪيس وهنجاريندي ويهڪ واريءَ جاءِ تي داغ نظر آيا پڇا ڪرڻ تي بيان ڪيائين ته ساري رات مصلي تي ويهي مراقبو ڪندي آهيان ان ڪري ويهڪ واريءَ جاءِ تي ريش ٿي پيا آهن. بي بي صاحبہ جي شب بيداري کي ڏسي ڳوٺ جا ماڻهو پئسا ۾ سون چاندي وٽس امانت رکي ويندا هئا ۾ ڪيترا ڀيرا بي بي صاحبہ جي گهر چور آيا پر ڪيس سجاڳ ڏسي واپس وري ويا. جڏهن پاڻ ذڪر ڪندي هئي ته بي اختيار محبت الاهي کان ريهون رڙيون ڪري ڏيندي هئي. سندس رياضت جو هي حال هو جو حضرت جن بيان فرمائيندا هئا ته ڏاڏي صاحبہ نَوَ ڪروڙ (90000000) ڀيرا صلواة شريف پڙهي هئي. ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي رازدانن سان اهڙا راز ۾ حقائق بيان ڪندي هئي جو اهي ماڻهو حيران ٿي ويندا هئا. فرمائيندي هئي ته منهنجو قلب بُقعہِ نور بنجي ويو آهي. فرمائيندي هئي ته گهڻي درود پڙهڻ ۾ ذڪر الاهي جي برڪت سان منهنجي قلب مٽان هر وقت الله جو نور وسندڙ ڏسان ٿي. انبياء و اولياء جي ارواح مبارڪن سان هر دم ملاقاتون ٿين ٿيون.

سائڻ مٽان آقاءِ دو عالم حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جن جي خاص شفقت هوندي هئي. فرمائيندي هئي ته اهڙي کا رات مشکل هوندي جنهن ۾ مون کي منهنجي محبوب محمد ڪريم ﷺ جو ديدار نه ٿيو هجي. مون هيٽي سان هر رات ڪريمَ پنهنجو ڪرم ڪندا آهن. پاڻ مستجاب الدعوات هئي. ڪيترا مشڪل زده ماڻهو سندن اوطاق ۾ راتيون ٽڪي اچي مشڪلاتون حل ڪرائيندا هئا.

بيبي صاحبہ جي ڪرامت: هڪ پيري پوڙ جي حالت هئي. اناج جي قِلت هئي. بيبي سائڻ گندڙي ۾ انُ وجهي درود شريف پڙهي ان جو مٽيان وارو چاپڙُ بند ڪري ڇڏيو. گهر پاتين کي چيائين ته گندڙي کي مٽان نه کولجو. باقي هينان ان کيندا رهو. پوءِ هارهن مهينا گندڙي مان انُ کيندا رهيا کائيندا، مهمان کي کارائيندا ۽ خيرات ڪندا رهيا پر ان نه ڪٽو. پوءِ بيبي سائڻ جي ننهن چيو ته ڪولي ڏسان ته باقي گهڙو بچيو آهي. مٽان چاپڙُ کولي ڏٺائين ته گندڙو مڪمل پريل هيو. پوءِ ان ڏينهن کان بعد جيئن ان کيندا ويا ڪٽندو ويو. سائڻ فرمايو اگر هن کي مٽان نه کوليو ها ته قيامت تائين ان نه کُٽي ها.

هڪ بزرگ جو فرمان:

سندن دور جو هڪ بزرگ جيڪو خود عظيم روحاني مقام جو مالڪ هيو. هڪ پيري سندن هُوٺ ۾ دعوت تي آيو. جڏهن بي بي ڪامل (حضرت محبوب الاهي جي ڏاڏِي) صاحبہ جو حال مطالعو ڪيائين ته فرمايائين ته :" ابا هن عورت جي نيڪائي اڳيان ته مردن جا به پڪا ٽا لڄن هن عورت جي عبادت واري گهر جي ڪڪ پن تي نور پيو ٽووسي".

سندن اهو ارشاد هڪ طرف پنهنجي ڪسر نفسي هئي جيڪا اولياءُ الله جي عادت آهي. ٻئي طرف غافل ماڻهن کي بيدار ڪرڻ ۽ همٽائڻ خاطر هيو ته هڪ عورت اگر ايتري محنت رياضت ڪري سگهي ٿي ته مردن کي ته وڌيڪ عبادت ۽ رياضت ڪرڻ گهرجي.

پوءِ ان بزرگ اهو به فرمايو ته : "مون هن عورت کي حج تي ڏنو هيو".

حالانڪ بي بي صاحبہ ساري عمر حج نه پڙهيو هيو. ڪيس تمام گهڙو مڪاشفو به ٽيندو هيو. پاڻ حضرت محبوب الاهي جي جمڙ جون بشارتون ڏيندي هئي ۽ جڏهن پاڻ هلاوا ته سندن خدمت ڪندي هئي ۽ پيشاني چمندي هئي ۽ ڪين دعائون ڏيندي هئي.

حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه جو ڏاڏنگ



ڪرڪٽ جي بيگن شاهه قبرستان ۾
سائين جان محمد ۽ بيبي ڪامل رحمت الله عليهما جون مزارون.

محبوب الاهي جو والد ماجد

حضرت قاضي خدابخش رحمة الله عليه :

وڏيري جان محمد کي چار پٽ ۽ هڪ نياڻي هئي. وڏي فرزند جو نالو خدابخش هيو. جيڪو بعد ۾ قاضي خدابخش جي نالي سان مشهور ٿيو. پاڻ نهايت نيڪ صالح عابد زاهد انسان هيو. طريقت ۾ حضرت خواجہ محمود رحمہ الله عليہ هوڙن لاکيرن واري جي خاص مريدن مان هيو. پنهنجي مرشد سان نهايت محبت ۽ عقيدت هوندي هيس ۽ بزرگن جي به مٿس نهايت مهرباني هوندي هئي. سندس رياضت جو حال ايستائين پهتل هيو جو پاڻ هڪ ڪتل جي ڪڙي تي چلو ڪيندو هيو. يعني روز انو هڪ ڪڙيءَ تي روزو رکندو به هيو ۽ کوليندو به هيو. ان حال ۾ چاليھ ڏينھن ذڪر فڪر ۾ گذارينڊو هيو. ڪثرتِ رياضت ومجاهدہ سبب پاڻ جسماني طرح نحيف هيو پر روحاني قوت ۾ قوي هيو.

پاڻ صاحبِ نظر هئا:

حضرت قاضي خدابخش رحمة الله عليه کي ڪشف القبور ۽ ڪشف الصدور حاصل هيو. حضرت خليفہ محمد حسين لاهوري بيان فرمايو ته هڪ پيري قاضي خدابخش رحمہ الله عليہ سان گڏ هيس. پاڻ چئوڪنڊي جي قبرستان کان گذريا. اتي هڪ قبو شريف آهي جنهن ۾ به مزارون آهن. پاڻ مزار شريف تي ختمو ڏيڻ لاءِ ويا جنهن مهل قبي جي دروازي تي پهتا ته اوچنگار ڏئي روئي پوئتي وريا ۽ قبي جي باهران ختمو شريف پڙهي، دعا گهري واپس ٿيا. مون پڇيو ته سائين ڇا سبب هيو جو توهان اندر نه هليا ۽ باهران ختم ڏنوَ ۽ روئڻ لڳا. فرمايائون هي بزرگ صاحبِ جلال ولي الله آهي. سندس پير ۾ سندس گهرواري جي قبر آهي جنهن مهل آءٌ اندر وڃڻ لڳس ته هڪل ڪري چيائين قاضي صاحب ڏسين نه ٿو ته مون سان گڏ منهنجي گهرواري جي قبر آهي تون ته اکين وارو آهين اندر ڪيئن ٿو اچين؟ انکري مون روئي ڏنو ۽ باهران ئي ختمو ڏنم.

شب خيزي: حضرت خدا بخش رحمہ الله عليہ تهجد گذار ۽ شب بيدار هيا. رات جو گهڻو حصو عبادت ۾ جاڳندي گذارينداهئا. محبوب ڪريم ﷺ سان بيحد عشق هوندو هين.

رات جو اکثر ڪري شانِ حبيبِ خدا جون مداحون پڙهندا هيا ۽ گهٽو روئندا هيا.

مرشد جي نگاهہ : ڪڏهن رات جو پَـمُـ پوندو هين تہ رات جو ئي پنهنجي مرشدن ڏانهن نڪري پوندا هيا. هڪ رات بيگاهہ وقت ۾ پاڻ پنهنجي مرشدن ڏانهن نڪتا تہ سندن پويان هڪ چور لڳو. بعد ۾ ان چور بيان ڪيو تہ ڪو سفيد ڪپڙن وارو هيو جيڪو قاضي صاحب جي اڳيان پويان پئي آيو مون کي ڦُر ڪرڻ نہ ڏنائين. پاڻ جڏهن رات جو تهجد مهل حضرت ميان محمود سائين جي آستاني پاڪ تي پهتا تہ پاڻ مسجد ۾ سندن انتظار ۾ بيٺل هئا. کين ڏسندي ئي فرمايائون: قاضي ابا اڳتي ائين رات جو تہ نہ نڪرندو ڪر پنهنجي ننڊ بہ ڪٽائين پين جا آرام بہ ڪٽائين.

خوش طبعي : حضرت قاضي صاحب رحمة الله عليہ طبعًا جلالي هئا. ان جي باوجود خوش مزاج ۽ خوش طبع بہ هئا. ڪڏهن شاعري ۾ بہ طبع آزمائي ڪندا هئا. هڪ پيري دال جي فضائل ۾ هڪ شعر ٺاهيائون، ان جا ڪجهہ هول اجا تائين هن فقير کي ياد آهن.

هوڙ جي وڏي گوڙ ڪان اسان کي دال پلي آ،
جيڪي بہ سائين ڏيندو سادي چال پلي آ.

بارڙن سان باجهہ : پاڻ بارڙن سان گهڻي باجهہ ۽ شفقت فرمائيندا هئا. هن فقير کي پنهنجي ننڍپڻ جون يادگيريون اڃن ٽيون تہ ڪڏهن ڏاڏا سائين سان ويڃهو ويهندو هيس مون کي جهولي ۾ ڪٽي گهڻي شفقت ڪندا هئا. ڪتڪتوئيون ڪندا هئا. ڪڏهن هي شعر چوندا هئا. گندڙ گُندِيءِ مان رات ڪتو ڪٽي ويو.

مرشد سان گڏ ڪيل هڪ سفر جي روئداد:

حضرت قاضي خدابخش رحمة الله عليہ بيان فرمايو تہ هڪ پيري حضرت ميان محمود رحمة الله عليہ سان گڏ ڪاڇي جي سفر ۾ هياسين ٻي جماعت بہ ساڻ هئي. رات رستي ۾ پڳجي وئي. هڪ سياري جي سردي ٻيو برسات بہ وسي پئي. رستي ۾ هڪ قبرستان هيو. هڪ بزرگ جي مزار وٽ مڪان هيو اتي اچي رات رهياسين. گهوڙا ٻڌاسين. مزار جي قريب ڪائيون ڪثير پيل هيون. پر صاحبِ مزار لاءِ مشهور هيو تہ ڪنهن کي بہ ڪائي ڪٽڻ نہ ڏيندو آهي. ميان سائين هڪ مريد کي موڪليو تہ ڪائيون ڪٽي اڇ تہ باهہ ٻاريون.

مريد کائيون کٽڻ لڳو تہ قبر مان اندران آواز ٿيو. "هُون هُون" اهو آواز پڌي مريد واپس پڇي آيو. وري ٻئي مريد چيو تہ مان ٿو کٽي اچان. وري ان کي ب اهو آواز آيو، اهو موٽي آيو. پوءِ ميان سائين جوش ۾ پاڻ اٿيا ۽ پاڻ وڃي کائين جي هڏ پڌي کنيائون. وري ب قبر مان آواز آيو: "**هُون هُون**" . تہ پاڻ فرمايائون: "**اِنّٰہٗ ثُون هُون**"، مري ويو آهين تہ ب لالچ نہ ٿو ڇڏين. اسان تا سيءَ ۾ مرون اسان کائيون کٽون تا جيکو ڪرٽو اٽئي سو ڪر.

پوءِ کائيون کٽي باهہ ٻاريائون گهٽي دير کان پوءِ رات جو مينهن ب بند ٿيو تہ هڪ شخص گهاگهر کير جي ۽ مانين جو ٿَهو کٽي آيو. بزرگ کي ڏنائين ۽ چيائين تہ مان هن صاحبِ مزار بزرگ جو مجاور آهيان. پاڻ مون کي خواب ۾ چيائون تہ منهنجا ممان آيل آهن. انهن کي ماني کاراءِ ۽ بسترا ڏي. سو ماني آندي اٿم ۽ بسترا ب. پاڻ مُسکرائي فرمايائون اڳ کائيون نہ ٿي کٽڻ ڏنائين هاٿي وري مهماني ٿو کارائي.

سچ آهي تہ الله جا ولي مزارن ۾ ب زندهہ هوندا آهن.

عجيب واقعو: حضرت قاضي خدا بخش رحمة الله عليہ بيان فرمايو تہ هڪ پيري منهنجي دل ۾ ڪنهن بري ڪم ڪرڻ جو خيال ٿيو. پوءِ يڪدم پنهنجي پير حضرت خواجہ محمود سائين جي صحبت ۾ ويس جيئن سندن اڳيان وڃي ويٺس تہ ڪجهہ ڳالهہ هولهہ ڪرڻ کان اڳ ئي بزرگن منهنجي ڏاڙهي ۾ هٿ وجهي لوڏو ڏنو ۽ چوڻ لڳا حيف هجئي قاضي صاحب تون اسان جو مريد سڏائين وري اهڙا خيال دل ۾ پيو آڻين. بس مون ان مهل سچي دل جي توبهہ ب ڪئي پوءِ ان ڏينهن کان پوءِ ب ڪيترا سال بزرگ حيات رهيا تانجو پاڻ وصال ڪري ويا پر سندس وصال کان پوءِ ب ڏهہ ٻارهن سال ٿيا آهن پر جڏهن ب دل ۾ ڪو برو خيال ايندو آهي تہ ائين محسوس ٿيندو آهي تہ بزرگ منهنجي ڏاڙهي هٿ ۾ وجهي لوڏو ڏئي چئي رهيا آهن. "حيف هجئي قاضي صاحب تون اسان جو مريد سڏائين وري اهڙا خيال دل ۾ پيو آڻين." اهو سندن تصرف ۽ توجہ هيو جو بعد از وصال ب جاري رهيو.

عبادت جو شغف: پيري ۽ بيماري ۾ ب ڪين عبادت ۽ شب بيداري جو شغف رهيو. آخري عمر ۾ جڏهن سندن نظر ڪمزور ٿي وئي شڪارپور ۾ اکين جو آپريشن ڪرائڻ لاءِ ويا. ان وقت اتي انگريز ڊاڪٽر هالن اکين جو ماهر ليکيو ويندو هيو.

خليفہ محمد حسين ساڻن گڏجي ويا، خليفي صاحب بيان ڪيو پورو ماهہ رمضان آءُ ساڻن گڏ رهيس مون سندن عبادت ۾ زهد جو عجيب شوق ڏوڪ ڏٺو. گهٽ ڪائڻ، گهٽ ڳالهائڻ، گهٽ سمهڻ سندن عادتون هيون. رات جو ڪير جو پاڻ، صبح جو چانهہ جو ڪوپ ۾ ٻہ بسڪوٽ واپر ائيندا هئا. پورو مهينو اها سندن غذا رهي. هر رات ۾ سلسلو شريف ۾ نبي ڪريم ﷺ جي مدح پائبندي سان پڙهندا هئا. مون عرض ڪيو تہ اوهان گهٽو پڙهڻ بند ڪيو ڇاڪاڻ منع ڪئي آهي. فرمايائون اهو پڙهڻ بند ڪو نہ ڪندس اڪيون ٽين يا نہ ٽين.

ٻرڙا سردارن سان تعلقات:

ٻرڙا قوم جا سردار جناب وڏيرو غلام محمد ۾ سندس پاڻ وڏيرو در محمد علائقي جا چڱا مڙس ۾ نهايت نيڪ دل ۾ فياض ماڻهو هئا. وڏيرو غلام محمد صاحب تہ وڏو طبيب ۾ حاذق حڪيم ۾ نهايت صالح انسان هيو. قاضي صاحب جن جي ساڻس دوستي ۾ نهايت ويجهڙائپ وارو تعلق هيو. هڪ ڀئي ڏاڻهن ايندا ويندا رهندا هئا.

هڪ ڏينهن قاضي صاحب جن ساڻس ملڻ لاءِ سندس ڳوٺ ويا. جڏهن واپس وريا تہ وڏيري غلام محمد صاحب کي ٻہ اڇتي وڇڻو هيو. اتفاق سان ان ڏينهن هڪ ئي گهوڙو هيو. وڏيري صاحب چيو تہ اڄ حضرت عمر فاروق ﷺ جي سنت ٿا ادا ڪيون. پوءِ هڪ ميل وڏيرو صاحب سوار ٿيو قاضي صاحب جن پيادل هليا. وري هڪ ميل قاضي صاحب جن سوار ٿيا تہ وڏيرو صاحب پيادل هليو. ائين هلندي جڏهن ڪرڪٽ جي قريب آيا تہ اهو قاضي صاحب جي سوار ٿيڻ جو وارو هيو. وڏيري صاحب جي اڇڻ جو ٻڌي پوري ڳوٺ جا ماڻهو نڪري آيا. قاضي صاحب کي سوار ۾ وڏيري صاحب کي ائين پيادل هلندي ڏسي ماڻهن کي وڏيري صاحب جي فياضي ۾ درياءِ دلي ڏسي عجب لڳو. جڏهن حضرت محبوب الاهي مدرسي ۾ پڙهندا هئا تہ هڪ ڏينهن پنهنجي والد سان گڏجي وڏيري غلام محمد صاحب وٽ ويا تہ پاڻ حضرت جن جي ذهانت ۾ فطانت ڏسي چيائين هن نينگر کي پڙهايو اسان هن کي تپيدار ڪرائيندا سين. پر الله ڪريم تہ سندن حصي ۾ تاج ولايت رکايو هيو. پاڻ حضرت جن کي نهايت پيار ۾ پاڇو سان پاليائين پڙهايائين ۾ سهڻي تربيت ڪيائين. جنهن جو بيان اڳيان اچي رهيو آهي.

تقريباً ستر سال جي همار ۾ 3 محرم الحرام 1397 هـ مطابق 25 ڊسمبر 1976ع ۾ جمعي جي شام چنيچر جي رات جنت الفردوس ڏانهن راهي ٿيو. الله کريم سندس مزار متان لکين ڪروڙين رحمتون وسائي. سندس مزار خانپور ضلعي دادو جي ڳوٺ خانپور جي لڳ مخدوم الاولياء حضرت قاضي برهان الدين رحمة الله عليه جي قبرستان ۾ آهي.

قاضي برهان الدين قبرستان لڳ خانپور ضلع دادو ۾
حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه جي والدين جون مزارون

محبوب الاهي جي والده ماجده

حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه جي والده ماجده جو نالو "**بيبي حرمت خاتون**" هيو. پاڻ صالحه عابده ۽ پارسا عورت هئي. سندس تقويٰ ايتري حد تائين پهتل هئي جو فرمائيندي هئي ته مون پنهنجي ڇڪي (محبوب الاهي رحمه الله عليه) کي ڪڏهن به بنا وضو جي ٽڄ نه پياري آهي. اڌ رات جو به اول وضو ڪري پوءِ کين کير پيارينديس هيس.

حضرت ميان محمود سائين رحمه الله عليه جي مريدياڻي هئي. پنهنجي ور سان گڏجي مرشد جي مجلس ۾ حاضر ٿيندي هئي. حضرت جن کيس پهرڻ لاءِ سنا ڪپڙا ناهي ڏيندا هئا ته ڪٽي وڃي مرشدن جي درگاهه تي پهچائي ايندي هئي. محبوبن ڪريمن ﷺ جي تعريف جا غزل ٻڌندي هئي ته زارو زار روئندي هئي. ڪڏهن ڳڇيءَ ۾ ڪپڙو وڃي دعا گهرندي هئي. ٻئي زال مڙس رات جو تهجد نماز هڪ ٻئي جي پاسي ۾ پڙهندا هئا. تهجد بعد ٻئي دعا مناجات ۾ گهٽو روئندا هئا.

سوڍا مِڙن سوَ مٽ نہ پايان مينڌري: قاضي صاحب جن کي پين پٽن سان محبت هوندي هئي پر ٻيبي سائٹ کي وري حضرت محبوب الاهي سان والهانہ محبت هوندي هئي. جڏهن گهر مِ ويهندا هئا تہ قاضي صاحب پٽن جي واکاڻ ڪندو هيو تہ جيجي سائٹ فرمائيندي هئي. تنهنجا پٽ سپ پلا پر منهنجي ٻچي جهڙو ڪو نہ ٿيندو. چوندي هئي: "سوڍا مِڙن سوَ مٽ نہ پايان مينڌري"

جيجي سائٹ جي هولي عجيب هوندي هئي. چپل کي "ڪنن وڏي" سڏيندي هئي. ان وقت جڏهن نئين نئين بجلي آئي هئي. بجلي جا بلب لڳا تہ انهن کي "لُٽيڪِٽو" سڏيندي هئي. پاڻ 26 جمادي الثاني 1396هـ مطابق 25 جون 1976ع تي جمعہ جي ڏينهن هن جهان مان لاڏاٹو ڪيائين. سندس مزار خانپور جي لڳ قاضي برهان الدين جي قبرستان مِ آهي. الله ڪريم سندس مزار متان ڪروڙين رحمتون نازل فرمائي.

حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليہ جو نانڻگ



حضرت محبوب الاهي جا ناناٽا:

قدوة الاولياء حضرت خواجہ محبوب الاهي رحمة الله عليہ جا ناناٽا ملاح قوم سان تعلق رکندا هئا. سندن والده ماجده بيبي حرمت خاتون جو والد ماجد غلام حسين عرف "گامن" ۽ سندس پيءُ محمد ادريس ۽ انجو پيءُ "ميڙائو فقير" (رحمة الله عليهم اجمعين) اهي سڀ حضرت بيگن شاهہ جا حاضري جا فقير مريد ۽ خاص خدمتگار هئا. حضرت بيگن شاهہ رحمة الله عليہ خانپور جي پرياٽي سيدن جو ويجهو رشتيدار هيو. جن جا قبا اڃ به خانپور جي قريب موجود آهن. پرياٽي سيدن جو هي گهراٽو وڏي ڪمال ۽ ڪرامتن وارو هيو. هي سيد اصل اڇ شريف جا رهواسي هئا. اتان هجرت ڪري اچي خانپور رهيا هئا. بيگن شاهہ جي مزار ڪرڪٽ جي قبرستان ۾ آهي.

محبوب الاهي رحمة الله عليہ جو پڙانو "ميڙائو فقير" سيد بيگن شاهہ جو خاص خادم هيو. ڪيس ڏاتر وتان ذات ۽ والي پاران وڃي مليل هئي.

ڪڏهن زبان مان جيڪي لفظ ڪيندو هيو ائين ٿي پوندو هيو. سيد بيگن شاهہ وارن هڪ بيبي پنهنجي عزيزن خانپور جي پرياٽي پيرن وٽ پرٽائي ڏني. ميڙائو فقير کي خدمتگري لاءِ ڏاڃ ۾ ان بيبي کي ڏنائون. هي فقير دل جان سان سيدن جي خدمت ڪندو هيو. هڪ پيري فقير آرامي هيو تہ ٻانهي ٽڏو هٽي اتاريس تہ وڃ مال جو گاهہ ڪري اچ. فقير جيئن بيبلجي اٽيو، اتي پٽيڙ پيٽ جا ڊير رکيل هئا پاڪر پري مال کي ڏيندو ويو. جيئن مال کائيندو ويو تيئن مرندو ويو. پوءِ ميڙائو فقير کي منٽون ڪيائون، "فقير رحم ڪر". پوءِ مس ماڻ ٿيو. پوءِ فقير کي بيگن شاهہ ڏانهن واپس ڪرڪٽ موڪلياٸون. ميڙائو فقير جون عجيب عجيب ڪرامتون مشهور آهن. سندس پٽ محمد ادريس به نهايت صالح مرد ۽ عبادت گذار هيو.

گامن فقير ملاح: سندس اصل نالو غلام حسين هيو. پر گامن جي عرف سان مشهور هيو. ميڙائو فقير جو پوٽو هيو. ملاح برادري ۾ هن جي وڏي عزت ۽ احترام هوندو هيو. پاڻ تمام نيڪ صالح زنده دل صاحبِ نسبت ۽ صاحبِ درد بزرگ هيو. جڏهن خدا ۽ رسول ﷺ جي ڳالهہ ٻڌندو هيو تہ بي حد روئندو هيو.

حضرت محبوب الاهي جن فرمايو تہ مون پنهنجو نانو ننڍپڻ ۾ ڏٺو هيو. جڏهن جمعي جي نماز تي خطيب خطبو پڙهندو هيو تہ نانو صاحب بي اختيار رڙيون ڪري روئندو هيو. هڪ ڀيري سندن نياڻي (محبوب الاهي جي والده) ڪيس عرض ڪيو تہ مون کي ڪو اولاد نہ ٿو ٻچي نهايت سڪايل آهيان پوءِ پاڻ هڪ اهل مماتي واري بزرگ تي استخاره ڪيائين ۽ اتان جواب مليس جيڪو اڇي پنهنجي نياڻي کي ٻڌايائين تہ: "تو کي گهٽو اولاد ٿيندو پر صبر ڪر هڪ نينگر توکي پيدا ٿيندو جيڪو جهان کي روشن ڪندو ۽ هڪ برگزيده عالم هوندو." پوءِ حضرت جن جاوا تہ نانو صاحب اڇي سندن پينگهو لوڏيندو هيو ۽ سندن بي حد خدمت ڪندو هيو ۽ سندن ڪير واري ڳڻون پاڻ ڏهندو هيو ۽ سندن والده کي مبارڪون ڏيندو هيو تہ هي نينگر ڪنهن وقت وڏو ڪامل ولي الله ٿيندو ۽ ماڻهن جا ميرا منهن ڏوئندو. هن ڪتاب کي پڙهي معلوم ٿيندو تہ اها خوشخبري الله پاڪ اهڙي طرح پوري ڪئي جو دنيا حيرت ۾ اچي وئي.

ذات نہ پڇي ذات

ماڻهو هميشہ پنهنجي ڏاڏاڻن جو سڏبو آهي نہ ڪہ ناناڻن جو. حضرت محبوب الاهي رحمت الله عليه جا ڏاڏاڻا جيئن مٿي بيان ٿي چڪو تہ انصاري نسل جا هئا. جڏهن ميان محمد صالح ڪرڪٽ ۾ آيو تہ اتي پوري ڳوٺ جي رهواسين جو تعلق ملاح قوم سان هيو. پاڻ شادي انهن مان ڪيائين. ان طرح حضرت جن جي والد ڪريم حضرت قاضي خدابخش رحمت الله عليه جي ملاح برادري جي هڪ صالحہ عابده عورت بيبي حرمت خاتون سان شادي ڪئي هئي. جنهن جي بطن مان حضرت محبوب الاهي جي ولادت ٿي. ملاح برادري سان متين مائٽين سبب گهڻا ماڻهو سندن اصل قبيلي بابت مغالطي جو شڪار ٿي ويا. ڪن ماڻهن سندن ذات بابت طعنہ زني ۾ زبان درازي ڪئي. يا للعجب و يا للاسف علىٰ هذه الحماقة!

مٹي بيان ٿي چڪو تہ ذاتيون ۾ پاڙا، قومون ۾ قبيلا سڃاڻپ لاءِ آهن، اصل ۾ لائي اها آهي جو انسان جو ڪردار سڏو هجي ۾ عمل سٺا هجن. جيڪو الله کي راضي ڪري ان جمڙو ڪو ٻلارو ناهي. ٻلي ڪٽي ڪمڙي ۾ ذات جو هجي.

پر جيڪو رب کي رُسائي ان جمڙو ۾ بد نصيب ناهي ٻلي ڪٽي ڪمڙي اوچي ذات جو ڇو نہ هجي. ڇوٽي آهي تہ: "ذات تي ناهي ڏات، جو وهي سولهي". شاهہ سائين ۾ فرمايو آهي:

نَئون نِياپو آيو، راڻي وڻان راتِ؛
لَڌيسُون لَطِيفُ چئي، ڪَنان ڏاتَرَ ڏاتِ؛
ڪَهڑي پُڇين ذاتِ؟ جي آيا، سي اڳهيا.

دنيا ۾ ڪروڑين اولياءُ الله ، زماني جا فياض، نامور شخصيتن جا مالڪ مختلف ذاتين مان ٿي گذريا آهن. اسان جي سونهاري سنڌ ۾ ۾ هزارين نامور اولياءُ جو تعلق مختلف ذاتين سان هيو. مثلاً : لنواري وارا بزرگ، هالا جا مخدوم، پاٽائي بزرگ صديقي نسل جا آهن. مخدوم محمد اسماعيل پريان لوءِ وارو ذات جو جوٽيجو هيو. مخدوم بلال سمون هيو. حضرت حافظ الملت حافظ محمد صديق پرچونڊي شريف وارو غير سيد هيو.

حضرت پير منا سائين رحمة الله عليه جو تعلق چنڙ قبيلي سان هيو. شيخ المشائخ حضرت محمد قاسم رحمة الله عليه ذات جا مشوري هئا. تہ ڇا انهن وٽ فيض نہ هيو ؟؟؟

حضرت محبوب الاهي
جي ولادت ۾ ننڍپڻ

حضرت خواجہ محمود نقشبندي رحمة الله عليہ جي بشارت :

خيرپور ناٿن شاهہ جي پرسان هوڙن لاکيرن جي ڳوٺ ۾ هي بزرگ وڏا ڪامل ولي الله صاحبِ حال ولي الله هوندا هئا. حضرت سائين بيان فرمائيندا هئا تہ "جڏهن حضرت ميان محمود رحمة الله عليه پنهنجي خاص مريدن تي توجہ ڪندا هئا تہ هڪ نظر سان سندن حال تبديل ٿي ويندو هو. ڪڏهن ڪڏهن درد انگيز دانهن هٽي چوندا هئا: اغثني يا رسول الله ائين

چئي ٿ ڌڳو ڪندا هئا ته حضور عليه السلام پنهنجو ٿ مبارڪ سندن ٿ ۾ ڏيندا هئا. حضرت سائين جن جا والد حضرت قاضي خدا بخش ﷺ ۾ والده هن بزرگ جا مريد ٿيا ۾ بزرگن جي خدمت غلامي ڪندا هئا ۾ بزرگن جو به مٿن تمام گهڻو راز هيو.

هڪ ڏينهن: حضرت قاضي صاحب پنهنجي مرشد حضرت ميان محمود رحمة الله عليه کي ظاهري تنگدستي ۾ ٻي اولادي هجڻ جي شڪايت ڪئي. بزرگ فرمايو "ٻڇا صبر ڪريو جلد توهان جا غم لهڻ وارا آهن ۾ جلد توهان جي جهولي ۾ هڪ الله جو ولي اچڻ وارو آهي." ان بشارت ٻڌڻ شرط قاضي صاحب کي يقين ٿي ويو ۾ سندن جمڻ کان اڳ ڦرهي ناهي رکيائون ته منهنجو پٽ جمندو اهو هن ڦرهي تي پڙهندو.

حضرت خواجه محمود قادري رحمة الله عليه جي بشارت :

خواجه محمود رحمة الله عليه سلسلہ عاليہ قادريہ جا بلند پايہ عظيم المقام بزرگ هئا ۾ راشدين بزرگن سان نسبت رکندا هئا. ان بزرگ حضرت جن جي والده کي مبارڪ ڏياري موڪلي ته توهان منجهان هڪ اهڙو گل پيدا ٿيندو جنهن جي خوشبوءِ ملڪان ملڪ پکڙجي ويندي.

نالي رکڻ جو سبب: حضرت قاضي صاحب جن بيان ڪندا هئا ته ڪو وقت هيو جو "پير الاهي بخش" سنڌ جو وزير ٿيو. خلافت تحريڪ جي زماني ۾ انجي نيڪ نامي ۾ نيڪ نيتي مخلوق خدا سان همدردي ۾ سندن ٻي ريائي واري وعظ تقرير ٻڌي منهنجي دل ۾ خيال پيدا ٿيو ته جڏهن مون کي ٻچو پيدا ٿيو ته ان جو نالو "الاهي بخش" رکندس ۾ ان کي عالم ڪرائيندس اهو به ائين وعظ تقريرون ڪندو ۾ مخلوق خدا کي فائدو رسائيندو. انڪري پاڻ حضرت سائين جن جي ولادت کان اڳ سندن خاطر جيڪا ڦرهي ڪڍائي هئائون ان جي هيٺان سندن نالو "الاهي بخش" به لکائي ڇڏيو هئائون. پوءِ نيٺ الله ڪريم سندن دل جي تمنا پوري فرمائي.

ولادت باسعادت : آخرڪار اهي گهڙيون اچي ويون جن لاءِ الله جا ولي مبارڪون ڏيندا هئا. اهو گل ٽڙڻ لڳو جنهن جي خوشبوءِ مُلڪان ملڪ پکڙجڻ واري هئي. اهو ولايت جو ماهتاب طلوع ٿيڻ لڳو، جنهن جو ضِهائو اونداهي رات جي روشني بنجڻ وارو هيو. سڪايل پيءُ ماءُ جي جهولي سائي ٿي. غالبًا 1348 هـ جو پهريون مهينو هيو جو هي ولايت جو آفتاب

ايريو. هزارين گمراهن کي گس لائڻ وارو بيشمار پڙڪلين جو هادي ۽ رهبر دنيا ۾ نمودار ٿيو. سندن ولادت سان پورو گهراٽو خوشين سان معمور ٿي ويو. جيجل جي جهولي سائي ٿي. ابي جي مراد مولا پڄائي، سمٿي صورت وارو ڪشادي پيشاني وارو پٽ گهڙ جي رونق بنيو.

(**منقبت**)

ولي الله ننگي نرمل، آيو ننگدار بسم الله،
سوين راڄن سندو راڻو، آيو پڳدار بسم الله.
ولين جي بشارت کي، ڪرڻ پورو آيو جاني،
ٽڙيو سوئي گلابي گل، آيو دلدار بسم الله.
اهو معشوق نوراني، ڪئي جنهن دلڙي ديواني،
نقشبندين جي نيشاني، آيو سالار بسم الله.
وڃائڻ فيض جو نعرو، آيو دلبر سو دل وارو،
اجارڻ قلب هي ڪارو، آيو منار بسم الله.
محمد مصطفيٰ جي آ، جهين تي نظر نوراني،
اهو مطلوب لاثاني، ٽيو نروار بسم الله.
"ڪرم الله" پاڳ ٽيا بالا، ملايو مُحب سو مولا،
ٽيا اولا ۽ سي سولا، آيو آڌار بسم الله.

خوشيون ۽ واڌايون: حضرت قاضي خدابخش (سندن والد) بيان فرمائيندا هئا تہ: "منهنجي پڇڙي جي جمڙ سان منهنجي گهر ۾ خوشين جو هڪ نئون دور شروع ٿي ويو. اسان تي ظاهر باطن ۾ هزارين احسان ٿي ويا. مسڪينيون شاهوڪاري ۾ بدلجي ويون. اهڙي برڪت پئي جو ماڻهو حيران ٿي ويا. ڪنهن ۽ قسم جي ڪا تڪليف وري نہ آئي. سندن جمڙ سان اسان جا اولا ڪم ۽ سولا ٿي ويا".

دل جي تمنا پرور ڪئي پوري: پوءِ منتا مطابق سندن اسم "**الاهي بخش**" رکيو ويو. پيءُ جي تمنا رب پوري ڪئي. اهو وقت پاڻ اڪثيئن ڏٺائين جو سندس پڇو عالم، عارف ۽ واعظ ٿيو. ساري سنڌ ناڙي ۾ ڪوئٹہ بلوچستان تائين هندڙين ماڳين تقريرون تبليغون ڪرڻ لڳو وڏن وڏن جلسن ۽ ڪانفرنسن ۾ معاندين اسلام ۽ شيعن ۽ وهابين جي مقابلي ۾ اهڙيون

پُرجوش تقريرون ڪيائين جو مخالفن ۾ مجيو تہ محبوب الاهي واقعي محبوب الاهي آهي. ان دؤر ۾ سندن والد ڪريم روزانو شڪراني جا نفل پڙهندا هئا.

ماءُ جي منتا : پاڻ اڃا ننڍا هئا تہ ڪين ڪا مهلڪ بيماري ٿي پئي. ايتري تائين بچڻ جو ڪو آسرو نہ رهيو. طبيبن لا علاج ڪري ڇڏيو. ڊاڪٽرن چيو تہ نينگرو چند گهڙين جو مهمان آهي. پوءِ رات جو بي گاهہ وقت ۾ سندن والده ماجده ڪين مسجد شريف ۾ ڪٽي آئي ۽ ڪپڙا لاهي مسجد ۾ سمهاريائين ۽ مسجد جي متي سندن بدن تي ملياٽين ۽ مسجد جي تڏن جون ڇيٽُون ڏاڪي ۾ ٻڌي سندن ڳچي ۾ تعويذ وانگر ڪري ٻڌائين ۽ منتا باسيائين تہ : اي خدا تون طبيبن جو طبيب آهين شفا تنهنجي هٿ ۾ آهي منهنجي ٻچڙي کي شفا ڏي آءٌ هن کي تنهنجي درجو مجاور ڪنديس تنهنجي درتي قرآن پڙهائي عالم ڪرائينديس تنهنجي درجو ٻهاريدار بنائينديس ۽ طمر ۽ تنهنجي درتي ڪرائينديس تنهنجي در جون متيُون پريندو. پوءِ جڏهن کين واپس گهر ڪٽي آئي تہ صبح جو پاڻ رُوبصحت ٿيڻ لڳا. تانجو آهستہ آهستہ بلڪل تندرست ٿي ويا. جڏڪ بيماري هئي ئي ڪونہ. پوءِ باس مطابق سندن طمر ۾ مسجد جي درتي ڪرايو ويو. جيستائين وڏڙا ٿي مسجد جي متي نہ پريائون تيسين هڪ چولي ۾ رهندا هئا. جڏهن مسجد جي متي پريائون تڏهن کين سلوار پهرائي وئي. ماءُ جي باس مطابق پاڻ ساري عمر مسجدن جي خدمت ۾ گذاريائون. مسجد کان ٻاهر آرام ڪونہ ايندو هين. مسجدن جو پاٽي پرڻ ٻهاري ڏيڻ پاڻ سمجهندا هئا. مسجد کي پنهنجو گهر سمجهندا هئا. سندن رات ڏينهن جو اڪثر حصو مسجد ۾ گذرندو هيو. تقريرون تبليغون ذڪر فڪر مراقبي ۾ مشاهدي ۾ گذاريندا هئا.

حضرت قاضي خدا بخش رحمة الله عليه **جي گهراٽي جو مختصر احوال**:

يا تہ حضرت قاضي خدا بخش کي اولاد نہ ٿيندو هيو، وري جو الله ڪريم مٽس ڪرم ڪيو سڀ کان اول حضرت محبوب الاهي جي ولادت ٿي تہ سندن بعد کين رب ڪريم ڪثير اولاد عطا فرمايو . انهن جا نالا پيش ڪجن ٿا:

1. حضرت پير محبوب الاهي رحمة الله عليه

2. مير محمد عرف "ميرل" ننڍپڻ ۾ فوت ٿيو.
3. بيبي حليمان سورهن سالن جي عمر ۾ وفات ڪيائين.
4. حضرت مولانا غلام فاروق.
5. بيبي مريم جيڪا ستن سالن جي ڄمار ۾ وفات ڪري وئي.
6. حضرت حاجي واحد بخش.
7. ڪزبانو پنج سالن جي ڄمار ۾ وفات ڪيائين.
8. عبدالحق
9. عبدالرحمان
جاڙا ڄاوا

عبدالرحمان ننڍپڻ ۾ وفات ڪئي.

محبوب الاهي رحمة الله عليه جا پائر ۽ انهن جو اولاد :

1. حضرت مولانا غلام فاروق رحمة الله عليه :

محبوب الاهي رحمة الله عليه جي ولادت بعد قاضي صاحب جن کي پيو پٽ پيدا ٿيو. نالو مير محمد عرف "ميرل" رکيائون. اهو ننڍپڻ ۾ ئي فوت ٿي ويو. ان کان پوءِ ٽئين نمبر تي حضرت مولانا غلام فاروق جي ولادت ٿي. پاڻ نهايت سخي، خوش اخلاق هئا. ميان محمود سائين رحمة الله عليه جا مريد ٿيا. انهن جي وصال بعد پير مڙا سائين رحمه الله عليه سان بيعت ڪيائون.

قطبِ عالم جي صحبت ۾:

پاڻ قطب عالم رحمة الله عليه جي سنڌ ۾ اچڻ وقت سندن آڳاٽن مريدن مان هيا. سندن فرزند مولانا ثناءُ الله بيان ڪيو ته بابا سائين فرمايو ته جڏهن پير سائين جن لاڙڪاڻي ۾ نوان نوان پهتا هئا تن ڏينهن جي ڳالهه آهي ته هڪ ڏينهن پاڻ جهنگ ويڑ جا اوزار گهرائي مون کي خليفي حاجي بخشل سويڑ ۽ به ٽي ٻين فقيرن کي ڏنائون ۽ فرمايائون ته فقيرو "انهين ميدان کون صاف ڪرو. اٽان مسجد شريف تعمير ٿيسي". مون عرض ڪيو ته سائين هت هن جهنگ ۾ ڪير ايندو؟ دربار شهر۾ هجي ها ته ڀلو هو. تنهن تي پاڻ مسڪرائيندي فرمايائون: تساکون جو ڪم دا آڪيا هي اهو ڪرو ٻيان ڳالهيان ڇوڙو". اسين خاموش ٿي وياسين. ٿوري عرصي ۾ اتي پنجن قبن واري مسجد شريف تيار ٿي وئي حويلي مبارڪ ۽

فقيرن لاءِ ننگر خانا تعمير ٿي ويا. پوءِ پاڻ حضرت خواجه فضل علي شاهه قريشي رحمة الله عليه جو سالانو عرس ملهايائون.

دربار عاليه ۾ مسجد شريف کي رنگ برنگي بلبن سان سينگاريو ۽ چمڪايو ويو. مون رحمتپور شريف جو اهو حسين منظر ڏسي ۽ هي غزل ناهيو ۽ جلسي ۾ لاڏو ٿي پڙهيو. ساري جماعت کي جذبو ٿي ويو ۽ صبح جو فجر نماز کانپوءِ سندن نوراني مجلس شروع ٿي ته پير سائين جن پاڻ منهنجي غزل جا چند شعر پنهنجي مٺڙي زبان سان پڙهي، پوءِ فرمايو ته: ميان غلام فاروق کل کلهوکا ڏينهن ها جو آکي پيا ته اڻان کير آسين اڄ غزل تيار کيتي پيئا هي". غزل هي هيو:

غزل شريف

جيکر نہ اچين ها دلبر دلدار مصطفائي، ٿئي ها نہ هت رحمتپور گفتار هيءَ نہ ڪائي.

1. سالن جا پيل پٽڙا ڪارا ڪلر وسايئي، جايون ۽ بتيون تارون نلڪا سڃڻ هٽايئي، اسم ذات، سندي بات، ڏينهن رات، وات وائي، عندليب جان گلن تي بسيار خلق آئي.

2. دعوت تنهنجي آهر جاءِ پنجاب سنڌ ڇاهي، تنهنجي سخا نرالي ٻڌي ڪي مجال ناهي، ننگر جام، ڪائن عام، صبح شام، تائين تمام، مليل خزانو خضري بازار مرتضائي.

3. نئين سر نوان نمونا قانون ٿو هلائين، محبت جا مَندَ چاڙهي حق جو هوڪو هلائين، تنهنجا ٻال، ڇايان سال، هجين شال، تون ننگپال، اهڙو ٿيو نہ ٿيندو سردار اولياءِ.

4. توکي ملي آ شاهي ڪل کان آهين قرارو، تڏهين ساري دنيا ۾ سهٽا تنهنجو آ نعرو، تون سلطان، غوث زمان، قطب دوران، مهربان، غلام فاروق تنهنجو سائل مهدار آ ٿنائي.

شاعري: پاڻ بهترين شاعر هئا. "سائل آزاد" سندن تخلص هيو. اڄ ب ريڊيو پاڪستان تي سندن ڪلام مختلف ڳائڻ وارا ڳائيندا رهندا آهن. حضرت پير مٺا سائين جي دربار تي پنهنجا ناهيل غزل پڙهندا هئا ته ماڻهن ۾ وجداني ڪيفيت طاري ٿي ويندي هئي. پاڻ 1993ع ۾ حج ب ادا فرمايو هئائون ۽ ڪافي عرصو حجاز مقدس ۾ مقيم ب رهيا.

عجيب واقعو: هڪ پيري هن فقير (ڪرم الله) سان پنهنجو واقعو بيان ڪيائون ته جن ڏينهن ۾ پاڻ مدينہ منوره ۾ مقيم هئا، سندن طبيعت گهٽي ناساز ٿي پئي. تانجو پاڻ پنهنجي زندگي مان مايوس ٿيڻ لڳا. فرمايائون مسجد نبوي تائين پهچي ب نہ پيو سگهان. هڪ رات حبيب ڪريم ﷺ ڪي روئي روئي پڪاريم. صبح جو بستر تي ليٽيل هيس ته

اچانڪ منهنجو دروازو ڪليو ۽ هڪ شخص اندر داخل ٿيو. ڪٽڪائين رنگ جو نوجوان هيو. وڏي آواز سان درود شريف پڙهندو آيو.

چيائين فڪر نه ڪيو اوهان صحتمند ٿيندا ۽ واپس ڳوٺ پهچندا. مون چيو سائين اوهان ڪير آهيو؟ فرمايائين بنگالي آهيان. فجر نماز مسجد نبوي ۾ ادا ڪيم حبيبن ﷺ جو حڪم مليو ته اوهان جي عيادت ڪندو ۽ اوهان کي صحت جي بشارت ڏيندو وڃان. ائين چئي تڪڙو ٻاهر نڪري ويو. پوءِ مون سمجهيو ته اهو ابدالن مان هيو ۽ آءُ چند ڏينهن ۾ صحتمند ٿي ويس.

سندن اولاد: پاڻ بيبي زيب النساء سان شادي ڪيائون. جنهن مان ڪين هڪ پٽ ۽ ٻه نياڻيون ٿيون. 1. حضرت مولانا ثناء الله انصاري جيڪي عالم باعمل آهن. هن وقت ٽنڊو محمد خان ۾ مقيم آهن. نيڪ صورت ۽ نيڪ سيرت آهن. الله ڪريم کين شاد آباد فرمائي. 2. بيبي مومنت. 3. بيبي ظهران. پاڻ 15 محرم الحرام 1419هـ مطابق 13 مئي 1998 ع تي اربعاء جي شام هن فاني دنيا مان لاڏاٽو ڪيائون. سندن مزار خانپور لڳ قاضي برهان الدين جي قبرستان ۾ سندن والد جي پاسي ۾ آهي.

مزار شريف حضرت غلام فاروق رحمة الله عليه

2. جناب الحاج واحد بخش رحمة الله عليه:

پاڻ قداور پهلوان، بهادر، سٺن اخلاقن ۽ عادتن وارا هئا. سندن دليري ۽ رحمدلي مثالي هئي.

سياحت: پاڻ زندگي جو اڪثر حصو سفر ۾ گذاريائون. ٻاويهه ملڪن جا سفر ڪيائون. 1. سعودي عرب 2. يمن 3. سوريا 4. عمان 5. خورفڪان 6. راس الخيمه 7. شارجه 8. دبئي 9. ابوظهبي 10. قطر 11. بحرين 12. ڪويت 13. عراق 14. ايران 15. افغانستان 16 ترڪي 17 مصر 18 تيونس 19 نائيجريا 20 لبنان 21 اردن 22 فلسطين .

پاڻ حجاج جا قافلا پلي پار وڃي ويندا هئا. سانڌ ۾ سال مدينہ منوره ۾ رهيا پنجويهہ حج ڪيائون ڏهہ سالن تائين عراق ۾ پاڪستان جي وچ۾ سفر ڪيائون ان دوران پاڻ سال جا پنج مهينا بغداد شريف ۾ رهندا هئا .

پيران پير جي ڪرامت : فرمايائون هڪ پيري بغداد شريف ۾ پيران پير جي دربار اڳيان اسان جي رهائش هئي. قافلي ۾ هڪ عورت ۽ ٻارن سميت شريڪ هئي. هڪ پيري ان جي ننڍي نينگري مٿان ڪِري پئي ماٽس دانهن ڪئي: ور بغدادي مدد ڪر. چوڪري اچي پيرن پر ٻيئي. بدن تي رهڙ ۽ نہ آيس. ڇيائين مون کي ڪنهن هٿ ڪان وٺي زمين تي آڻي ٻيهاريو.

بين ڪرامت: فرمايائون هڪ پيري بغداد شريف ۾ رهيل هئاسين قافلي ۾ عورتون ۽ هيون انهن مان ڪن جو ڪردار ٻڌو نہ هيو. هڪ عورت چيو رات پيران پير مون کي خواب ۾ فرمايو آهي تہ منهنجي پاڙي مان هن بدڪردار عورتن کي ڪيو. صبح جو اهڙا اسباب ٽيا جو پوليس چاپو هٽي صرف انهن عورتن کي ان پاڙي مان ڪيي ڇڏيو.

تين ڪرامت: پاڻ فرمايائون : هڪ پيري پاڻ هڪ قافلو وڃي بغداد شريف آيا. پيران پير محبوب سبحاني رحمة الله عليه جي دربار مان جيئن زيارت ڪري ٻاهر نڪتا تہ قافلي جي هڪ عورت جي جتي جو هڪ تاڪ گم ٿي ويو. مائي وڃي رُني تہ منهنجي جتي جو تاڪ گم ٿي ويو آهي. مون کي ساڳي جتي سنڌ واري ڪپي. ڏاڍي ڳولا ڪيائون پر نہ ملي. عورت چيو پير سائين مون کي منهنجي جتي گهرجي. ٻئي هفتي تي وڃي تہ ساڳي جتي ساڳي جاءِ تي رکي هئي.

عجيب ڪرامت : پاڻ فرمايائون هڪ پيري ڪراچي کان ڏهئي پوءِ قطر کان سلوڻ واري رستي الحاسہ پئي وياسين. وچ ۾ ريگستاني سفر هيو. سورهن ڇٽا هئاسين. ٻہ ڇٽا تہ رستي ۾ اڃ ۾ مري ويا. رات جو واريءَ ۾ پاڻ کي پوري چڏيون پيا. رڳو مُنڊيون ظاهر ڪيون پيا تہ ٽڪ لهي وڃن پيا. هڪ واريءَ جي پٽ تي هئاسين نہ آنَ نہ پاٽي، نہ رستي جي خبر. زندگي کان مايوس ٿي وياسين تہ اوچتو ڏٺوسين هڪ گاڏي آئي. ان مان پنج ڇٽا لٽا اسان کي هڪ ڊڪ پاٽي جو ڏنائون. تہ هانءُ ۾ ساهہ پيو. پوءِ وري ٻہ ٻہ ڊڪ ڏنائون. پوءِ ماني کارايائون ڪتل ڏنائون. پوءِ ڏوءِ تي پاٽي پياريائون. انهن جي هٿن جون ترين ايڏيون ويڪريون هيون جو اسان جي ٻن ترين جي برابر انهن جي هڪ تري هئي. پوءِ اسان کي

کٹي وڃي اڃين منزل تي پهچايائون ۽ اسان جي نظرن کان غائب ٿي ويا. اسان کي همت نہ ٿي سگهي تہ انهن کان پڇون تہ ڪير آهيو؟ پوءِ باقي سفر ۾ اسان کي ڪا بہ تڪليف نہ ٿي ۽ خير سلامتي سان وڃي منزل تي رسياسين.

شاديون ۽ اولاد: پاڻ بہ شاديون ڪيائون. پهرين بيبي زينب بنت صاحب خان. ان مان ڪين بہ پٽ ۽ بہ نياڻيون ٿيون. پهريون پٽ محمد امين. حضرت محبوب الاهي جي نياڻي بلقيساء سندس نڪاح ۾ هئي. ٻيو پٽ انس جيڪو ننڍپڻ ۾ فوت ٿي ويو. پهرين نياڻي بيبي ڪلثوم جيڪا حضرت محبوب الاهي جي وڏي صاحبزادي سائين ڪليم الله جي نڪاح ۾ آهي. ٻين نياڻي بيبي آمنہ . پاڻ ٻي شادي مولانا محمد ايوب جي نياڻي بيبي بلقيساء سان ڪيائون. جنهن مان ڪين ٽي پٽ پيدا ٿيا. پهريون نصر الله ٻيو سيف الله ٽيون انس جيڪو ننڍپڻ ۾ فوت ٿي ويو. هڪ نياڻي جيڪا ننڍپڻ ۾ فوت ٿي وئي.

3. جناب محترم عبدالحق:

پاڻ سڻن اخلاقن جا مالڪ آهن. زندگي جو گهڻو حصو حضرت جن سان گڏ گذاريو اٿن. منجهن تحمل ۽ تدبر، معاملہ فهمي ۽ خوش اخلاقي ٻي انداز آهي. پاڻ هڪ شادي مسمات بيبي حليمان سان ڪئي اٿن. جنهن مان ڪين ٽي پٽ ۽ بہ نياڻيون آهن.

پهريون پٽ عبدالرحمن. حضرت محبوب الاهي جي نياڻي بيبي عائشہ سندس نڪاح ۾ آهي. ٻيو پٽ شهيد عبدالجبار رحمة الله عليہ حضرت جن جي نياڻي بيبي حرمت خاتون سندس نڪاح ۾ هئي. ٽيون پٽ عبدالستار. پهرين نياڻي بيبي بختاور جيڪا حضرت محبوب الاهي جي صاحبزادي سائين خليل الله جي نڪاح ۾ آهي. ٻي نياڻي بيبي رحيمان جيڪا حضرت محبوب الاهي جي صاحبزادي سائين عطاءُ الله جي نڪاح ۾ آهي.

پسند پنهنجي پنهنجي : گهر ۾ حضرت محبوب الاهي ۽ سندن والده ۽ حاجي واحد بخش چهراڻ پسند ڪندا هئا . حضرت قاضي خدابخش ۽ سائين غلام فاروق ۽ عبدالحق مڱڻ پسند ڪندا هئا. پوءِ جڏهن عيد ٽيندي هئي تہ هرڪو پنهنجي پسند جو ڪاڏو ڪائڻ پسند ڪندو هيو ۽ گهر ۾ هڪ ويلي تي بہ طعام ڪاهڻ جو رواج نہ هيو. پوءِ عيد جي ڏينهن

ڪُٽا وجهندا هئا. مٽاڻ جو ڪُٽو نڪتو تہ طهري پيت ڪندا هئا. پوءِ چهر جا شوقين وري ان مٽان مرچ ٻَرڪي پوءِ ڪائيندا هئا .

حضرت محبوب الاهي جو اولاد: هن ڪتاب جو هڪ مستقل باب سندن ازواج ۽ اولاد بابت پيش ڪيو ويندو. انشاء الله.

باب ٻيون

علم جي اهميت ۽ ضرورت: دين جو علم حاصل ڪرڻ هر مؤمن مرد توڙي عورت متان فرض آهي. جيئن حضرت حبيب ڪريم ﷺ فرمايو تہ:

طلب العلم فريضة على كل مسلم [1] علم طلب ڪرڻ هر مسلمان متان فرض آهي.

پير بنجڻ آسان آهي. وڏو جبو پهريو، دستار پاتي چادر ويڑهي تہ ماڻهن جي نظر ۾ پير ٿي ويو پر عالم بنجڻ آسان ناهي، ماڻهو سوال ڪندا قرآن ۽ حديث جا معارف پڇندا. تصوف ۽ فقيري جي راهہ ۾ ديني علم ائين ضروري آهي جيئن انڊي کي لڪ. ڇو تہ فقيري جي راهہ جو دشمن ابليس وڏو عالم آهي ۽ ماڻهن کي گمراهہ ڪرڻ جا وڏا گُر ڄاڻي ٿو. ان سان مقابلي ڪرڻ لاءِ شرعي علوم اشد ضروري آهن. قرآن ۽ رسول الله ﷺ جي شريعت جي علم بنا ڪيئي جاهل صوفي پٽڪي ويا. نہ صرف پاڻ پٽڪيا پر پنهنجي پوئلڳن کي گمراهي جي ڏهٻ ۾ ڦاسائي ڇڏيائون. تصوف ۽ معرفت سان گڏوگڏ فقہ ۽ شرعي علم جي اهميت ۽ ضرورت بيان ڪندي فقہ مالڪي جي امام مالڪ بن انس رحمة الله عليه فرمايو:

من تصوف ولم يتفقه فقد تزندق ومن تفقه ولم يتصوف فقد تفسق ومن جمع بينهما فقد تحقق. [2]

جنهن ماڻهو تصوف حاصل ڪيو پر فقہ جو علم حاصل نہ ڪيائين تہ اهو زنديق ٿي ويو ۽ جنهن فقہ تہ حاصل ڪيو پر تصوف حاصل نہ ڪيائين تہ اهو فاسق ٿي ويو ۽ جنهن انهن ٻنهين کي گڏ ڪيو اهو حق وارو بنجي ويو.

---

[1] سنن ابن ماجه (1/81).

[2] شرح الشفا لملا علي القاري (2/510) ([5]) حاشية العلامة علي العدوي على شرح الإمام الزرقاني في الفقه المالكي ج3 ص95 شرح عين العلم وزين الحلم للإمام ملا علي القاري المتوفى 114 هـ ج1 ص33.

محبوب الاهي جي تعليم جو آغاز :

سندن امڙ بيبي **حرمت خاتون** جي گود کان ٿيو. جيڪا مخدوم محترم نهايت عابده زاهده ۽ پارسا عورت هئي. جنهن سانده ۾ سال کين بنا وضو جي ڇڄ نه پياري هئي. سردين توڙي گرمين ۾ جڏهن کيس وضو يا غسل جي حاجت هوندي هئي تہ اول پاڪ صاف ۽ با وضو ٿي پوءِ کين کير پيارينديِ هئي.

قرآن شريف: پاڻ پنهنجي والدِ گرامي وٽ پڙهيا. جڏهن پاڻ هوش سنياليائون تہ والد صاحب کين پنج وقت پاڻ سان گڏائي نماز تي وٺي ويندو هيو. پاڻ فرمايائون: "مون کي اهو وقت ۾ ياد آهي جڏهن والد صاحب مون کي پاڻ سان گڏ مسجد ۾ وٺي ويندو هيو. سومهٽي نماز بعد پاڻ ۾ ٽي ڪلاڪن تائين مسجد ۾ نوافل ۽ ورد وظيفا پڙهندو رهندو هيو ۽ آءٔ مسجد جي تڏي تي پيو مڇرن ۾ پٽجو هيس. پوءِ دل ۾ چوندو هيس تہ بابو ڪيڏو بي ترس آهي، منهنجي ننڊ جو ۽ مڇرن ۾ پٽجڻ جو ۾ خيال نہ ٿو ڪري. پر اڄ سوچيان ٿو تہ پاڻ منهنجو سڄڻ هيو، جنهن ننڊپڻ ۾ نماز جي سُٽي وڌي ۽ پوءِ نماز منهنجي جسم جي عضون وانگر بنجي وئي. ديس پرديس ۾ ڪڏهن نماز نہ چڏيم".

عصري تعليم: جڏهن پاڻ سن شعور کي پهتا تہ سندن والدِ گرامي کين گوزي جي اسڪول ۾ داخل ڪرايو. حضرت جن جي قريبي رشتيدار ماستر غلام قادر جي زباني تہ گوزي اسڪول ۾ ۾ استاد مسلمان ۽ ۾ هندو هيا. هڪ استاد نبي بخش قريشي جيڪو بيد جو ويڙل هيو. سو اسڪول جو هيڊ ماستر پڻ هيو. ٻيو استاد علي مردان چانڊيو جيڪو بهادرپورجو هيو. هنڊن مان هڪ جو نالو سومنداس ۽ ٻئي جو نالو جاچيرام هيو. چارئي استاد محنتي ۽ وقت جا پائبند هٿا. پاڻ اتي پنج درجا سنڌي پاس ڪري پوءِ فائنل پاس ڪيائون. تنهن وقت ۾ فائنل پاس هجڻ ۾ وڏي ڳالھ هوندي هئي.

فارسي ڪتاب: گوزي اسڪول ۾ عصري علوم فائنل تائين حاصل ڪرڻ دوران پاڻ فارسي تعليم استاد العلماء مولانا محمد چٽل لغاري صاحب وٽ پوري ڪيائون. جنهن جو مدرسو سندس ڳوٺ "ولي محمد" ۾ هيو. جيڪو ڳوٺ "ڪرڪٽ" جي بلڪل قريب هيو. فارسي جي مروجہ ڪتابن جھڙوڪ، پنج ڪتاب ۽ سعدي جي گلستان ۽ بوستان کان علاوه

جامي جي زليخا، رومي جي مثنوي ۾ سڪندر وغيره تائين پڙهيائون. تانجو فارسي ۾ ڪين وڏي مهارت حاصل ٿي. فارسي ۾ لکڻ پڙهڻ کان علاوه فارسي ۾ ڪلام به ڪندا هئا.

سهڻا اخلاق: اسڪول پڙهڻ واري زماني ۾ ئي پاڻ اعليٰ اخلاقن ۾ سهڻي سيرت وارا هئا. اسڪول ۾ توڙي مدرسي ۾ همسبق شاگردن کان علاوه سندن استاد به سندن تعريف ۾ توصيف مان نه ڏاڀندا هئا. استاد چوندا هئا ته هن جهڙو ذهين ۽ هوشيار محنتي ۽ سهڻين عادتن وارو طالب اسان اڳ نه ڏٺو سين.

چوندا آهن ته "سلو اهو جو انگور ٽين ڀلو". حضرت جن ۾ ننڍپڻ کان ئي ولايت ۽ بزرگي جا آثار نظر ايندا هئا. الله جو ڪرم ڪين ماءُ پيٽان ئي حاصل ٿيل هيو. هيڪاري صالح پيءُ ماءُ جي تربيت ڪين گوهر آبدار بنائي ڇڏيو. والد صاحب ڪين پنهنجي مرشد حضرت ميان محمود سائين رحمت الله عليه وٽ به وڃي ويندو هيو ۽ مرشد کان ڇڪڙي لاءِ دعائون ونڊو هيو. بزرگن جي به مٽن وڏي مهرباني هوندي هئي.

نماز سان نينهن : پاڻ جڏهن گوڙي اسڪول ۾ پڙهندا هئا. اڃا پاڻ بالغ به نه ٿيا هئا، ان وقت به نماز جا ايتري قدر پابند هوندا هئا جو ڪڏهن به نماز جو وقت قضا نه ڪندا هئا. جڏهن نماز ظهر جو وقت اسڪول ۾ ٿي ويندو هيو ۽ استادن مان به هندو هوندا هئا. نماز لاءِ نه ڇڏيندا هئا ته پاڻ بيت الخلا جو بهانو ڪري اسڪول مان نڪري جُتي لاهي ڊوڙ پائيندا هئا. ناري (نهر)مان وضو ڪري مسجد ۾ وڃي نماز ادا ڪري واپس اسڪول ايندا هئا. هڪ ڏينهن ماستر صاحب چيو ته هن نينگر جي جاچ ونو ته روز انو ڪاڏي ٿو وڃي؟ پوءِ شاگردن بيان ڪيو ته بيت الخلا جو ته صرف بهانو اٿس مگر نماز پڙهڻ وڃي ٿو. ان ڏينهن کان ماستر صاحب پابندي لاهي ڇڏي ۽ کين نماز لاءِ باقاعده اجازت ڏئي ڇڏيائين.

هن جي فيض مان جڳ فيضياب ٿيندو: جڏهن پاڻ ست درجا پڙهي فائنل پاس ڪيائون ته سندن والدِ گرامي ڪين پنهنجي مرشد ميان محمود رحمت الله عليه جي خدمت ۾ آڻي عرض ڪيو ته: "حضرتا هن منهنجي پٽ کي دعا فرمايو ته تپيداري مليس ست درجا پڙهي پُڄايا اٿس". ان تي ميان صاحب جن فرمايو ته : "هي نينگر ولي الله ٿيندو. هن کي ديني تعليم لاءِ ڪنهن مدرسي ۾ داخل ڪرايو، جيئن اسلام جي احڪام کان واقف ٿئي".

پوءِ والد گرامي کين ديني تعليم جي حصول لاءِ مدرسي ۾ داخل کيو. جڏهن ٻئي پيري پاڻ مرشد کريم وٽ آيا تہ نينگر کي وڻي ويا تہ پاڻ سندس تعليم بابت پڇيائون. قاضي صاحب جن عرض کيو تہ کيس مدرسي ۾ داخل کيو اٿم. پوءِ پاڻ تمام گهڻو خوش ٿيا ۽ فرمايائون : "جي تپيدار ٿئي ها تہ حلال حرام گڏ ڪري ها. دين جي برهادي ٿئي ها. هاڻي انشاءَ الله دين جي خدمت ڪندو ۽ هن جي فيض مان جڳ فيضياب ٿيندو". پوءِ حضرت ميان محمود رحمة الله عليہ جي پيشنگوئي واقعي سچي ثابت ٿي .

مدرسہ ڪڙيہ غلام الله

پاڻ فرمايائون: "اسڪول جي گرمين جي ۾ مهينن واري موڪل جا ڏينهن آيا تہ بابا سائين مون کي ڪڙيہ غلام الله جي مدرسي ۾ ڇڏي آيو. اتي طالبن جنهن محبت ۽ محنت سان دين جو علم پئي پڙهيو. فارسي جا بيت سُر سان پئي پڙهيائون. انهن کي ڏسي منهنجي دل ۾ زبردست شوق ٿيو تہ هاڻي ديني علم پرائيندس. جڏهن موڪل جا ڏاڙا ختم ٿيا تہ بابا سائين وٺڻ آيو. مون عرض کيو بابا سائين هاڻي مون کي اجازت ڏيو تہ مان ديني علم پڙهان. پوءِ والد صاحب جن فرمايو تہ فائنل ڪرڻ بعد اوهان کي بخوشي اجازت آهي. پوءِ پاڻ فائنل پاس ڪري حصولِ علومِ دينيہ ۾ مشغول ٿي ويا.

اسڪول ۾ فائنل پاس ڪيائون ۽ هوڏهون فارسي تعليم ۾ پوري ڪيائون پوءِ فقہ، حديث ۽ تفسير وغيره جا ڪتاب پڙهڻ لاءِ مدرسہ ڪڙيہ غلام الله ۾ داخل ٿيا. هتي حضرت مولانا محمد اسحاق صاحب رحمة الله عليہ جَيد عالمِ دين مفسر ۽ محدث سندن استاد هيو. ان بزرگ جي پڙهائي جو ڍنگ نهايت سهڻو سهل ۽ سليس هيو. الله پاڪ حضرت محبوب الاهي کي اهڙو تہ حافظو ذهن ۽ ذڪاوت ڏني هئي جو جيڪو ڪتاب پيا طالب مهينن ۾ پڙهندا هئا پاڻ اهو ڏينهن ۾ پورو ڪندا هئا. استادن جي سمجهاڻي ۽ تقرير ٻڌڻ شرط برزبان ياد ٿي ويندي هين. سندن حيرت انگيز حافظي ۽ محنت کي ڏسي شاگرد ۽ استاد عجب ۾ پئجي ويندا هئا. رات جو جڏهن طلباءِ خوابِ خرگوش ۾ هوندا هئا تہ پاڻ ڪتب بيني ۾ مصروف نظر ايندا هئا. اڄا ان مدرسي ۾ پڙهي رهيا هئا تہ کين ڪن سببن ڪري مدرسي مان منتقل ٿيڻو پيو.

مدرسہ ڳوٺ سلطان چانڊيو

ماستر غلام قادر جي ڇوڪري پاڻ ڪجھ وقت تعليم لاءِ ڳوٺ سلطان چانڊيو ۾ ويا هئا. جتي تقريباً ڏيڍ سال تائين پڙهيا. جتي مولوي عبد الرحمان ۾ مولوي محمد وارث لاکير تعليم ڏيندا هئا. جيڪي تمام محنتي استاد هئا. اڄ انهن جو مثال ملڻ مشڪل آهي. اتي اڪثر سوا سؤ کن طالب پڙهندا هئا. تعليم زبردست هئي. مگرماني جو بندوبست تمام گهٽ هيو. ان وقت جوئر جي ماني جا ڏوڏا ننڍا طالب در در تان وڃي وڻي ايندا هئا. ماني گهٽ هڻڻ سبب سڪل ماني ڪُٽي ان ۾ مِلائي ملائي پوءِ کائيندا هئا. ماستر صاحب جي بقول ان کان پوءِ پاڻ ڪجھ مهينا مراد چانڊيو ۾ ٻه تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ويا هئا. اتي مولوي عبد الرحمان چانڊيو صاحب پڙهائيندو هيو. اهو استاد ٻه وڏو محنتي هيو. هن مدرسي جو انتظام حاجي خدا بخش جي هٿ هوندو هيو. هتي طلباءَ جي طعام ۾ قيام جو بندوبست زبردست هيو، ماني پاڃي کير چانور ڀڃي پوندا هئا. طالب جيڪي ڪجھ چوندا هئا ان تي عمل ٿيندو هيو. هي مولوي صاحب ڳڙهي ياسين جو هيو پاڻ طب ٻه ڪندو هيو. طالب علمي جي وقت ۾ ٻه پاڻ هر نماز ٻا جماعت پڙهندا هئا ۾ تهجد نماز سندن معمولات ۾ شامل هئي. مطالعي مان فارغ ٿي ڪا دير ذڪر ۾ مراقبي ۾ گذارينداهئا. استاد صاحب کيڏي مهل ايندو هيو ته کين مراقبي ۾ ڏسي حيرت وٺندو هيو.

پاٽ شريف جي مدرسي ۾

پاٽ شريف عهدِ قديم کان علمي ۾ روحاني مرڪز هئي. محبوب الاهي رحمة الله عليه جي والد جا مرشد ميان محمود سائين ۾ سندن والد ۾ مرشدُ ميان محمد قاسم رحمه الله عليهما ٻئي پاٽ شريف وارن بزرگن جا مريد هيا. پاٽ شريف جي فيض و برڪت جي روحاني درگاهه مان هزارين اُجايا سيراب ٿي چڪا هئا ته هن علمي درسگاهه مان هزارين تشنگانِ علم، علمي اڄ اجهائي رهيا هئا. حضرت جن پنهنجي يادگيرين واري بياض ۾ لکيو آهي ته پاڻ پهرين ربيع الاول سنہ 1362 ھ سومر جي ڏينهن پاٽ شريف جي مدرسہ ۾ تعليم گير ٿيا. اتي مشڪواة شريف جلد ثاني شرح وقايه وغيره شروع ڪيائون.

جڏهن حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه هن درسگاهه ۾ داخل ٿيا تہ ان وقت اتي سندن استاد حضرت مولانا مولوي خان محمد آگرو رحمة الله عليه هيو. جيڪو معقول ۾ منقول ۾ مهارت تامہ رکندو هيو. سوءِ اتفاق سان مولوي صاحب گهريلو بيمارين ۾ پريشانين سبب مدرسي مان غير حاضر رهڻ لڳو ۽ سندس تدريسي شغف گهٽجي ويو.

مدرسہ مظهر الحق نصر پور

حضرت جن پهرين ربيع الاول 1364 هـ اربعاء جي ڏينهن نصرپور سنڌ جي مدرسہ مظهر الحق ۾ مولانا مولوي عبد الحق رباني وٽ تعليم گير ٿيا. اتي حسامي، قطبي، شرح جامي پڙهيائون. پر مولوي صاحب جا عقيدا تمام سخت ڏٺائون. ايتري تائين جو مولوي عبد الحق صاحب چوندو هيو تہ نفل هر گز نہ پڙهو. پيشاب کان پوءِ وٽ نہ پچايو. صوفي نہ بنجو جيڪو صوفي سڏائي ان کي مان گولي هڻان. ان جي اهڙن غلط عقائد سبب پاڻ اتان ڇڏي آيا.

مدرسہ يارو ديرو ۾

پوءِ پاڻ قمبر لڳ ڳوٺ يارو ديرو جي مدرسي ۾ آيا. جتي مخدوم العلماء حضرت علامہ مولانا حافظ عبد الرحمان ٻہر رحمه الله عليه وٽ داخل ٿيا. بقيہ تعليم درس نظامي معقول ۽ منقول سڀ اتي پڙهيا. مروجہ علوم ۾ مهارت حاصل ڪيائون. دورهہ حديث بہ مذڪوره استاد وٽ مڪمل ڪيائون.

دستارِ فضلیت

جڏهن پاڻ علومِ شرعيہ جهڙوڪ صرف، نحو، بلاغت، منطق، فقہ، اصولِ فقہ، تفسير، علومِ تفسير، حديث، اصولِ حديث ۽ فنون مروجہ جيئن خطاطي، تقرير، تحرير ۽ مناظري وغيره ۾ ماهر ٿيا تہ سندن استادن گڏجي کين علمي سند ۽ دستار فضيلت عطا ڪري پنهنجو جانشين بنايو.

نائين ذوالحج 1365ھ ۾ سندن اباڻي ڳوٺ ڪرڪٽ ۾ هڪ عظيم الشان جلسو مقرر ڪيو ويو. جنهن ۾ هزارين عوام الناس کان علاوه ڪثير تعداد ۾ علماءِ ڪرام سندن استاد ۽ مشائخ وقت شريڪ ٿيا. ان جلسي ۾ خصوصي شرڪت شيخ المشائخ حضرت علامہ محمد قاسم مشورين واري سائين رحمہ الله عليہ جي ٿي هئي. اهڙي طرح نندڙي عمر ۾ پاڻ علومِ عصريہ ۽ علومِ شرعيہ کان فارغ التحصيل ٿي دستارِ فضيلت حاصل ڪيائون.

خدمتِ خلق جو جذبو : جنهن رات سندن دستاربندي ٿي رهي هئي هزارين مهمان آيل هئا. مهمانن جي پيئڻ ۽ وضوءَ کوهن تان پاڻي آڻڻو هيو. رات جو مجلس ختم ٿي تہ هر ڪو وڃي آرامي ٿيو. پاڻ اٺيا ڏاڻون تہ سڀ ڍلا مَٽَ ۽ نادیون خالي آهن. پاڻ ڪانواڻي ڪٻي بقيہ ساري رات پاڻي پريندا رهيا. تانجو سڀ مَٽَ ڍلا ڀرم نادیون پري ڇڏيائون. صبح جو ڪم وارا سوير اٺيا تہ پاڻي پريل ڏسي هڪٻئي کان پڇڻ لڳا تہ ڪنهن پاڻي پريو آهي؟ هر ڪنهن چيو تہ اسان کي خبر ناهي. ڪو چوڻ لڳو تہ ڪو فرشتو پاڻي پري ويو آهي جو ڪنهن کي بہ خبر ناهي. سبحان الله ڪيترو ڪين خدمت جو جذبو هيو !!

علم خاطر تکليفون برداشت ڪرڻ:

پاڻ پنهنجي تعليم واري زماني جون ڳالهيون بيان ڪندا هئا تہ حيرت لڳي ويندي هئي تہ پاڻ ڪيڏي جفاڪشي سان علم حاصل ڪيائون. فرمايائون: ڪڙيہ غلام الله واري مدرسي ۾ پڙهندا هئاسين ساري ڏينهن ۾ جَوَن جي ماني جو اڌ ملندو هيو سو بہ بنا هوڙ جي. ڪڏهن جانڀي جا پن ماني جي ٽڪر تي ويڙهي رڙڪي کائي ويندا هئاسين.

دل ۾ شوق اهو رهندو هيو ته شال ديني تعليم حاصل ٿئي. هڪ پيري جمعہ جي ڏينهن هڪ طالب علم وڏي پائي تي لکيو.

بک ڙي بک. ...گهوڙا ڙي بک....بغداد ڙي بک .

اهو پائو مسجد شريف جي دروازي تي لڳائي ڇڏيائين. جڏهن ڇوٽاٽا جمعي جي نماز تي آيا انهن اهو پائو پڙهيو پوءِ مسافر طالبن جو حال معلوم ٿين پوءِ هر گهر مان هڪ هڪ ماني وڏائي ڏيڻ شروع ڪيائون. اهڙي طرح بکون ۽ ڏک برداشت ڪري تعليم حاصل ڪيائون.

کلوخ کوب: فرمايائون: نندڙا طالب گهر گهر وڃي مانيون ۽ پَٽُ وٺي ايندا هئا. اهو سڀ هڪ هنڌي ۾ جمع ڪندا هئاسين. پوءِ هڪ طالب هيو جيڪو ڪاٺ جو منڊيٺو ڪٽي ان سڀ ڪاڌن کي گهمائي پاڻ ۾ ملائيندو هيو ان طالب کي "ڪُلوخُ کوب" يعني وٽوهڙ سڏيندا هئاسين. ان ڪڍيل ڪاڌي ۾ ڏاڍو مزو ايندو هيو. اهڙو مزو اڄ تائين ڪنهن ڪاڌي ۾ نہ آيو.

فرمايائون: ڪو وقت اهڙو به آيو جو هڪ ڏانوَ ۾ پاڻي وجهي ان ۾ گدامڙي وجهي رکندا هئاسين. پوءِ بصر ڪُتي اهي به ان ۾ وجهندا هئاسين. پوءِ لوڻ مرچ وجهي ملائي کائيندا هئاسين اهو اسان لاءِ ککڙ ٻوڙ پلاءِ کان به وڌيڪ هوندو هيو.

پاڻ جڏهن يارو ديرو ۾ پڙهندا هئا ته ان دؤر جي ڏُکالهہ ڪندا هئا ته هڪ نيڪ دل عورت هڪي جيڪا مدرسي جي طالبن لاءِ سڏا طعام تيار ڪرائي موڪليندي هئي. پوءِ سڀ طالب ان مائي صاحبہ کي ڏاڍيون دعائون ڏيندا هئا. پاڻ ڪڏهن ڪڏهن ان عورت جي سخاوت ۽ نيڪدلي جا عجيب واقعا بيان فرمائيندا هئا. مائي صاحبہ جو ڪمدار سوپيدار نالي هوندو هيو. ان کي چوندي هئي ابا سوپيدار طالبن کي اڄ "سَيُون" ڪاراءِ. طالب چون امان سيون ڇا آهن؟ مائي صاحبہ فرمائي او سوپيدار هنن ويچارن شايد سيون نہ ڏٺيون آهن. وارو ڪر جلدي هنن کي سيون ڪاراءِ!

علمي شغف: طالب علمي جي دؤران پاڻ علمي شغل، ذهانت، فطانت توڙي عبادت ۽ زهد ۾ يڪتا ليکيا ويندا هئا. ڏينهن جو درس پڙهندا هئا. رات جو مطالعي کان فارغ ٿي نوافل ادا ڪندا هئا ۽ ان دور ۾ به ڪڏهن تهجد نماز کو نہ ڇڏيائون. هر رات ۾ رِقّت انگيز دعا گهرندا هئا. تمام گهٽ سمهندا هئا.

پاڻ جنهن بہ مدرسي ۾ پڙهي ويندا هئا تہ استاد توڙي طالب توڙي ساري شهر جا ماڻهو همزبان ٿي سندن وصفن جا ۽ سهڻن اخلاقن جا مذاکرا کندا هئا. سندن استاد علامہ محمد اسحاق رحمت الله عليہ جي تہ ساڻن ايڈي شفقت هوندي هئي جو پاڻ جڏهن ٻاهران ايندا هئا تہ استادَ صاحب کين پاکر پائي سندن هٿ چمندو هيو. عام ماڻهو توڙي استاد مشڪل وقت ۾ کانئن دعائون گهرائيندا هئا. سندن استاد فرمائيندا هئا تہ هڙو طالب اسان وٽ ڪڏهن بہ نہ آيو.

سلسلۂ تدريس

جڏهن پاڻ مروجہ علوم جي تحصيل کان فارغ ٿيا تہ استادن امر ڪيو تہ هاڻي ان علم جي نور کي عوام تائين پهچايو. پوءِ پاڻ پنهنجي اباڻي ڳوٺ ڪرڪٽ ۾ هڪ ديني مدرسو جاري ڪيائون. اها محرم الحرام جي پهرئين تاريخ سنہ 1366 هـ ڏينهن اڳاري هيو جو پاڻ پنهنجي ڳوٺ ڪرڪٽ جي مسجد ۽ ان جي قريب ڪچا ٿي هجرا ناهي ان ۾ پڙهائي جو سلسلو شروع ڪيائون.

پاڻ علم جا قدر شناس هئا ڇو تہ وڏي محنت ۽ مشقت سان علم حاصل ڪيو هئائون. پوءِ جيئن تدريس جو سلسلو شروع ڪيائون تہ وڏي محنت ۽ جدوجهد سان پڙهائڻ لڳا. ديني علم عام ڪرڻ جو کين ايترو شوق هوندو هيو جو رات ڏينهن مدرسي ۾ گذارينداهئا. رفتہ رفتہ سندن مدرسي جي شُهرت ٽيندي وئي پري پري کان علم جا اڇايا وٽن اچڻ لڳا. پاڻ فارسي، عربي، فقہ، تفسير، حديث، اصول، منطق ۽ اهڙي تہ مهارت سان پڙهائيندا هئا جو سندن زير تربيت طالب العلم وڏن مانجهين کي مُنجهائي وجهندا هئا.





ڪرڪٽ ۾ حضرت جن جو پهريون مرڪز مسجد ۽ مدرسو

ان ديني خدمت جي کنهن کان پگهار کو نه ورتائون. نه چندو کيائون نه کنهن اڳيان سوال جو هٿ ڊگهو کيائون. نه کنهن سان پنهنجي مسکيني جو احوال اوريائون. محض لله في الله دين جي خدمت کيائون.

استاد کي لکيل خط:

سندن علمي معيار جو اندازو سندن لکيل هن خط مان لڳائي سگهجي ٿو جيکو پاڻ مدرسي کولڻ بعد پنهنجي استاد کي لکيائون:

بسم الله الرحمان الرحيم

جناب الاجل الماجد الافخم جليل القدر کثير الفکر والنظر

ايها الاستاذ المحترم المکرم ادام الله وجودکم.

بعد تسليم وتکريم وتقبيل اليدين والرجلين واداء آداب وواجبات الاحترام مع الشوق الیٰ ذالک المقام عسیٰ ان تکونوا في ظلال العافية مع الآل الکرام الیٰ يوم القيام آمين.

انکم قد افضتم النعمة عليّ حتیٰ صِرتُ غريقها واثقلتم منکبي بالجميل حتیٰ ضعفت عن حمله وقصرت من القيام بشکره ومننتم لايعد مثلا بعدد اوراق الاشجار ومياه الابحار بتعليم العلم واخراج ظلمات الوهم وعلمتموني حق علم استادي ومرشدي ووالدي، وامي واقربائي، وحق علم امور الدنيا والعقبیٰ وجعلتموني مثل لؤلؤ بحصول افعال لابد علي الانسان جزاکم خيرا في الدارين مع الآل واقرب القرباء. آستدعي ان تجعلوني في ظلک الآن کما کنت اقرب واحب اليکم من جميع الطلباء في زمن الماضي فلقنتموني بحضور قلبک بتعليم کل العلم ليتزين قلبي بحصول علم المعقولات والمنقولات مثل عروس تتزين بحلويک باحسن خلقک تُقبل في نظر الزوج واعطني ذخيراً لاينخرب بعد مضي کثير مدة الیٰ يوم القيام لاستعمل في حالة السفر ولم احتاج الي الرجل وخلصلتم من لديکم نفعته دائمةً لايضع بکثير نفقته لله ولرسوله وخرجتم

الوسواس الشيطان الانس والجان. جاءت عليكم الي واصدق اليكم في جميع اقواله والباقي اعترفت في نفسي قد خطات وارتحلت بلا اجازتكم الي مدرسة فضل اللهيه وفي هٰذ المكان ايضاً لغضبكم لم اصب مقاصده كما رعبت زيادة مقاصده. الآن استدعیٰ منكم لي ساصيب جميع علم الظاهري والباطني من مدرستكم انشاء الله عسیٰ ان اكون تراب اقدامكم واكون في ظلكم واكون خادمكم في مجلسكم بعد فارغ التحصيل دائما. اعلم علم المعقولات والمنقولات وغيره زيادة واعلم معلومات طلّابي حصلت من لديكم ليلا نهارا واكون شاكرا لكم الیٰ يوم القيامة ان الله بصير في نفسي ان اقول وافعل ان انا كاذب اوصادق جعلتم علي يد الشفقة والنعمته وهب الله اليكم ماخلتموني سهم النعمة ان الله لايضيع اجر المحسنين والقصة بعده اجير في الحاجة في هٰذ المكان تحرق جميع اعضائي ومفصلاتي. فاستدعیٰ اخلص الله من حاجتي هٰذه جعل الله تعالیٰ مستغرقاً في بحار المعرفة والكرامة و علم المعقولات والمنقولات ماكتبت ولا حصلت في هذا المكان ولكن حصلت من لديكم ان خطات في رقيمتي هٰذه فاعفوا خطائي. والسلام عليكم وعليٰ من لديكم

احقر العباد الاهي بخش ساكن كركت

سندن استاد كي لكيل فارسي خط:

جڈھن پاڻ تحصيل علم كان فارغ ٿي پنهنجي ڳوٺ ۾ مدرسو كوليو هئائون، ان وقت پنهنجي استاد محترم حضرت علامہ عبد الرحمان پير رحمه الله عليه كي فارسي ۾ هي خط مبارك لكيائون. جنهن ۾ پنهنجي ذاتي مشاغل، صحت جي مسائل ۽ مدرسي جي تعمير، طلباء جي تعليم تدريس، طلباء جي تعداد ۽ تدريسي علوم وفنون بابت لكيو اٿن.

بسم اللہ الرحمان الرحیم

بخدمت جناب فیضماب و معلّی الالقاب قدسی خطاب

حضرت استاد کریم وراشد صمیم سلمک السلیم ورب العظیم

بعد از عبودیات وافیات سر نگونیات معروض۔ حضرتا دریغائے باللطف متبر کہ آن کریمان ہمگی خیریت است وخیر وعافیت آں مرشداں از بارگاہ ایزد متعال مدام مستدام خواہان وجویان۔

الغرض الارقام اینکہ حضرتا شفقت نامہ آن کریمان کہ برین بندگان محض شفقت است آن بماہ ربیع الاول بمورخہ ہشتم سنہ ۱۳۶۶ ھجری رسید۔ ازآن بعد آنچناں راحت در جسم و جامہ حاصل شد گویا کہ بشارت بہشت در دنیا رسیدست پس آن تحفہ برلب وچشم داشتم چراکہ شفقت نامہ شاصاحباں برائے مانحیفاں نور البصر و کحل النظر۔ حضرتا بدعائے شادرین قریہ تمام خوش خورم در بعام وکلام ولیکن بسب امراض جسد کہ بمقابل دوماہ متتابعین علیل بودم درنیاز نامہ جواب باصواب مؤخر شد۔ اکنوں احوال ما بتاریخ دوم رجب المرجب سنہ ۱۳۶۶ ھجری نوشتہ شدہ است آن خط ان شاء اللہ زودتر در وقت سعید بخدمت اقدس خواھد رسید۔

احوال ما اینست کہ حضرتا چوں از شما صاحباں رخصت گرفتہ بقریہ خود رسیدم مذآں وقت روز تدرس طالبان و توعظ مخلوقان و تحفظ قرآن و در شب وظائف مقرر مرشدان و شب خیزی عادۃ صالحان بدعاے شما صاحبان کار بستم درین کارہاے این نحیف رانصف عام گذشتہ است۔

دیگر ایں کہ نزد فقیر پنجاہ طلاب مذکر دہ یا یازدہ مونث در طلب علوم مشغول اند وقوی امید باری تعالی ازیھان زیادہ خواہند شد۔ ثالثاً اطباق وکتاب ھر فنون وعلوم عربی وفارسی واردو تفسیر وحدیث منطق وغیرھا موجود اند۔ رابعاً وفرشہاے وسکنی طالبان دوخانہ بغیر مسجد منور بحصول زکواۃ وفطرہ وغیرھا مسقف گردانیدہ ایم

الباقی عند الملاقی

مشتاق دیدار پرانوار حقیر پر تقصیر الاہی بخش عفاعنہ رب العرش والفرش

طالب علمي جي دؤر ۾ سندن فارسي اکرن جو نمونو



غزل

ز عشق دوست پرساعت دروں نالہ میرقصم
گہے در خانہ میغلطم گہے بر کنارہ میرقصم
بیا اے طوطیٔ جانی سماع شرق زادہ ده
کہ من شاہ دصلشتی ہمی بازار میرقصم
مرا خلقے میگوید گدا چندان چہ میرقصی
بیا دارم سرازیں اوستان سرا میرقصم
اگر صوفی شہ از باراں بیا خرقہ بپوشم
اگر زنار بر بستہ دراں نالہ میرقصم
منم عثماں، دو عذرے کہ خواجہ یار منصورم
ملامت میکند مر خلق کہ من بردار میرقصم

نوٹ

ولدار گفت اکہ تی گفتم و ساگوں شما
نوم کجا داری بگو گفتم سرکاں شما
گفت بزداں نیستی کہ نہ خوبام
گفت کہ زہ برتر ام تہ کہ ہوں شما
گفتم نمال مشکوہ یم قد دہ ربرو
گفتا کجا دہ باب بگو گفتم کہ زردی شما
گفت کہ نام خود بگو گفتم کہ من مسکین منم
گفت از گلگن کہ تی گفتم کہ گلبن شما
زبرش
راقم الحروف نفتیہ اللہ عنہ

محبوب الاهي رحمة الله عليه جا اساتيذ ۽ اسانيد

پهريون استاد

حضرت مولانا محمد چٹل لغاري رحمة الله عليه

حضرت محبوب الاهي رحمه الله عليه جي ديني تعليم جا پهريان استاد حضرت مولانا الحاج مفتي محمد چٹل صاحب لغاري هئا. جيڪي ڳوٺ ولي محمد لغاري تعلقہ خيرپور ناٽن شاهه ضلعو دادو سنڌ جا رهواسي هئا. سندن والد جو نالو خير محمد لغاري سندس ڏاڏي جو نالو خليفہ محمد چٹل لغاري هيو. جيڪو وڏو فياض، نيڪ صالح بزرگ ۽ ولي الله هيو. پاڻ سلسلہ عاليہ قادريہ ۾ سيد سليمان شاهه سان دست بيعت هيو. سندس وصال بعد حضرت سائين محمد صالح قريشي ڪنڊي شريف وارن سان دست بيعت ٿيو سپ وظائف ۽ لطائف طئي ڪيائين. پاڻ شُهرت کان پاسو ڪندڙ ۽ خلوت پسند انسان هيو. سندس

مزار شريف عنايت شاه قبرستان ۾ آهي. حضرت مولانا محمد چٽل جي پيدائش جمڙ بابت ٻه ڳوٺ ٻڌايا وڃن ٿا هڪ ڳوٺ چاکر ڪوٽ ڪاچو ٻيو ڳوٺ ولي محمد لغاري. سندس جمڙ جي تاريخ اندازًا 1918 ع آهي. ٻارهن سالن جي عمر ۾ پنهنجي ڳوٺ ۾ اسڪولي تعليم ۽ قرآن پاڪ ۽ ابتدائي فارسي ڪتاب مولوي خير محمد لغاري وٽ حاصل ڪيائين. پاڻ پنهنجي والد جو اڪيلو فرزند هيو 1932 کان علم حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي ڳوٺ کان سفر اختيار ڪيائين ڳوٺ ستاڻي چانڊيه ۾ حضرت مولانا عبدالرحمن چانڊيه وٽ ٻه سال رهيو علم پڙهيو ان کان بعد حضرت سائين مولانا محمد اسحاق کوهارو وٽ علم پرايائين. اتي طالب به گهٽا هئا ماحول به سٺو مليو. پورا اٺ سال مسلسل پڙهي دستار بندي ڪري پوءِ اچي اول پنهنجي ڳوٺ عبدالله لغاري شهر شهڪاٽي ۾ 1939 ۾ مدرسو کوليائين. وڏي شوق سان پڙهايائين.

سندس ابتدائي ۽ صفِ اول جي طالب علمن ۾ حضرت سائين محبوب الاهي رحمة الله عليه ۽ مولانا غلام محمد لغاري، مولوي غلام رسول لغاري، مولوي شير محمد چانڊيو، مولوي نبي بخش زرداري، مولوي نبي بخش ٻهر ۽ ٻيا شاگردتقريبا چاليهه کن شاگرد هئا. پوءِ 1942 ۾ جڏهن وڏو سيلاب آيو جنهن کي ڪاري هوڏ ٻه چوندا آهن ته ان هوڏ ۾ سندن ڳوٺ ٻڏي ويو ، پاڻ اتان لڏي وڃي ڳاڙهي ڳوٺ ۽ پوءِ عنايت شاهه قبرستان پرسان رهيا ۽ پوءِ آخر ۾ ورِي ٻه ڳوٺ ولي محمد ۾ اچي رهيا، جتي سندن آخري شاگردن مان مولوي محمد عثمان دايو ۽ مولوي عبدالڪريم ڪنهر هئا. جن وٽن تعليم مڪمل ڪري دستار بندي جو شرف حاصل ڪيو.

ان سيلاب وقت سندن اڪثر شاگرد کين ڇڏي ٻين عالمن ڏانهن تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ هليا ويا. ڪن مولانا مولوي عبدالرحمان ٻهر وٽ مڪمل تعليم حاصل ڪري دستاربندي ڪئي ته ڪن مولانا مولوي محمد اسحاق ڪنڍيائي وٽ حصولِ علم جي تڪميل ڪئي. حضرت مولانا محمد چٽل جي وفات 27 محرم الحرام 1404 هـ بروز خميس جمع رات بمطابق 1982 ڏاري ٿي سندن مزار اباڻي مقام عنايت شاهه ۾ آهي.

ٻيون استاد

حضرت مولانا محمد اسحاق رحمة الله عليه

ڪڙيو غلام الله : هي تعلقي خير پور ناٿن شاه ضلعي دادو ۾ ڪاڇي جي ڪناري ٻڌاء بند جي وَٽِ ۾ هڪ ننڍڙو ڳوٺ آهي. جتي هڪ عظيم ديني درسگاهه هئي. جيڪا مولانا تاج محمد ڪوهاري جاري ڪئي هئي. ڪوهارا قوم ڪلهوڙن جي شاخ آهي. ميرن جي دربار ۾ جنهن فتح فقير جو ذڪر ملي ٿو اهو اصل ڪڙيي جي ڪوهارن مان هيو. ان ڪانپوءِ ان ڳهراٽي ۾ 1849 ع ۾ مولوي حافظ تاج محمد ولد احسان محمد پيدا ٿيو. جيڪو جَيّد عالم، حافظ، اهل دل بزرگ ۽ قابل مُدرس ۽ شاندار شاعر هيو. مولوي سعد علي چانڊيو وٽ مدرسي ڪُور حسين ۾ عربي جا وڏا وڏا ڪتاب پڙهي پورا ڪيائين. پوءِ هالن ۾ مخدوم سرور نوح رحمة الله عليه جي مدرسي ۾ اچي هڪ عرب قاريءَ وٽ قرآن شريف حفظ ڪيائين پوءِ ڪراچي ويو.

اتي مولوي محمد عثمان نورنگ مصنف "تفسير تنوير الايمان" جي والد وٽ علم تجويد حاصل ڪري، وطن واپس اچي اباڻي ڳوٺ ڪڙيو غلام الله ۾ ديني مدرسو کولي درس وتدريس ۾ مشغول ٿيو. نهايت شب بيدار عبادتگذار مرد هيو. حضرت پير محمد پناهه عرف پنهل پير راشدي رحمه الله عليه جو دست بيعت هيو. پاڻ ٽياڻوي سالن جي عمر ۾ 1941 ع ۾ وصال ڪيائين. سندس وصال بعد سندس ٽيون نمبر فرزند مولانا محمد اسحاق صاحب پنهنجي والد جي نقش قدم تي هلي ديني مدرسي کي زور شور سان هلائيندو رهيو. (احمد خان "آصف" مصراٽي، الرحيم جون 1973)

مولانا محمد اسحاق جون ديني خدمتون:

مولانا محمد اسحاق ولد حافظ تاج محمد ڳوٺ ڪڙيو غلام الله تعلقہ خير پور ناٿن شاهه ۾ تقريباً 1306هـ ۾ جاوا. قرآن مجيد ۽ فارسي پنهنجي والد صاحب وٽ پڙهيا. ڪجهه وقت مولانا محمد صالح ماڏوي وٽ ابتدائي عربي پڙهيا. پوءِ مولانا الاهي بخش ڳوٺ هانهو لاکير وارن وٽ ۽ ڪجهه وقت مولانا عبدالڪريم ديروي (ڳوٺ رضا محمد ڏيرو) وٽ پڙهيا. ان کان پوءِ مولانا خدا بخش جمالي (ڳوٺ بهاولپور تعلقہ جوهي) وٽ پڙهيا. علم جي

تکميل مولانا عبدالرحمان چانڊيو (ڳوٺ ستاڻي چانڊيو) وٽ ڪيائون. ڪجھ وقت لاڙڪاڻي طرف ب پڙھڻ ويا ھئا. فارغ ٿي پڙھائڻ شروع ڪيائون. سڄي زندگي پنھنجي ڳوٺ ۾ تعليم ڏيندا رھيا. پاڻ ساده طبع ، خوش مزاج ھئا. ڪتاب گھٽو ڪري ياد ھوندا ھين. تعليم جو اھڙو ڍنگ ھين جو سندن شاگرد وڏا مفتي ۽ ڪامياب مدرس ٿي نڪتا. جن سان سندس نالو روشن آھي. جن کي دستاربندي ڪرايائون اھي سڀ ستر جي لڳ ڀڳ آھن. جن مان ھيٺيان علماء ب آھن جيڪي مفتي، مدرس ۽ واعظ آھن. حضرت محبوب الاھي رحمہ الله عليہ مولانا محمد صالح پرڳڙي، مولانا محمد چٽل لغاري، مولانا غلام حسين ڪارو چانڊيو (سيد پور تعلقہ ميھڙ) مولانا الاھي بخش بلوچستاني، مولانا غلام قادر لغاري (جيڪي ھن فقير ڪرم الله جا استاد ھئا)، مولانا محمد علي پنھور (راھوجا)، مولانا شفيع محمد سومرو (وايا)، مولانا عطاء الله مگريو قمبر وارو ب ڪافي عرصو مولانا جن وٽ پڙھيو ھو. سندس فرزند مولوي تاج محمد صاحب ب وٽن پڙھيو ھو.

پاڻ وفات تائين سبق پڙھائيندا رھيا، سبق پاڙھيندي فوت ٿيا. ڈاڪٽرن جھليو ھو پر فرمايائون مرٽو تہ آخر آھي پڙھائڻ نہ ڇڏيندم. آخر ۾ وٽن مولانا عبدالخالق بلوچستاني دستاربندي ڪئي.

مولانا محمد عالم چنو ٻڌايو تہ مولانا محمد اسحاق جا وارَ تمام سھٽا ھوندا ھئا. سندس صورت سھڻي ۽ پرڪشش ھئي پاڻ خوش مزاج ھيا. وڏائي ۽ شُھرت پسندي کان گھٽو پري ھوندا ھئا. ماڏو شھر ۾ جيڪو شيعہ سني مناظرو ٿيو ھيو حضرت مولانا محمد اسحاق کي ان ۾ سُنين پاران گھرايو ويو ھيو. ساٽن گڏ مولانا درويش احمد ۽ مولانا عبدالعزيز ب آيا ھئا. جنھن ۾ اھلسنت جي نمايان فتح ٿي ھئي.

استاد جي عقيدت:

حضرت محبوب الاھي رحمة الله عليه جي خليفہ والا شان جناب محمد حسين ٻڌايو تہ 1956ع ۾ خليفي صاحب جي شادي ٿي. ان تقريب ۾ حضرت محبوب الاھي کي دعوت ڏني ھئائين. ان ۾ شرڪت لاءِ آيا پئي تہ خانپور کان لاھوري ڳوٺ تائين پندرھن ويھ ميلن جو مفاصلو فقير حاجي خان سائينجن کي سائيڪل تي کڻي آيو. مجلس ۾ حضرت جن جو استاد مولانا محمد اسحاق رحمة الله عليه ب پنھنجي شاگردن سميت آيل ھيو. رات

جو ملڪ جي مشهور مدح خوانن سليمان ساهڙ ۾ دريا خان جاگيراڻي غزل پڙهيا پوءِ حضرت جن تقرير فرمائي. تقرير اهڙي ته دلپذير ۽ پُر تاثير هئي جو هر اڪ اشڪبار هئي. سائينجن جي استاد مولانا محمد اسحاق جي اڪين جا لڙڪ ٻ بس نہ پئي ٽيا. بيان بعد سائينجن کي پاکر پائي ڏايو رنو. چوڻ لڳو ته قيامت ۾ الله تعالي مون کان عملن بابت پڇندو ته سائينجن کي پنهنجو نيڪ عمل سمجهي الله اڳيان پيش ڪندس.

خليفہ صاحب ٻي حڪايت ٻڌائي ته مولانا محمد اسحاق هڪ ڏينهن درس پئي ڏنو آءٔ ان درس ۾ موجود هيس. درس ڏيندي امام اعظم رحمة الله عليه جي ڪا ڳالهہ آئي ته فرمايائين ڏسو امام اعظم دين لاءِ ڪيڏي ڪوشش ڪئي آهي. ماڻهو ختمو وري بزرگن کي ڏيندا آهن. امام اعظم کي ڪير ختمو ئي نہ ٿو ڏئي. سندن شاگردن مان مولوي عبدالرحمن نالي چيس ته سائين برابر امام اعظم جو شان آهي پر الله وارن جون ٻ دين لاءِ وڏيون خدمتون آهن. پاڻ خاموش ٿي ويو.

عجيب ڪرامت:

جناب رئيس بدر الدين ۾ سندس پاءٔ رئيس نذير احمد خان هڑڙو ٻنهين هن فقير سان هڪ عجيب ڳالهہ بيان ڪئي ته ڪو ماڻهو مولانا محمد اسحاق کي نڪاح پڙهائڻ وٺي ويو. پاڻ نڪاح پڙهائي آيا. ڪين خبر نہ رهي نڪاح تي نڪاح ٿي ويو. ٻي ڏر ڪورٽ ۾ هلي وئي دادو جي سيشن جج وٽ ڪيس هليو. جج واٽيو هيو. جج کي ٻ شوق ٿيو ته مولوي صاحب کي ڪا سزا ڏيان. ڪيس هلندو رهيو. مولوي صاحب کي ٻ پڪ ٿي وئي ته جج مون کي سزا ڏيندو. سوچيائين ته ڪنهن الله واري کان ڪا دعا گهرايان چو ته:

نگاہ ولی میں یہ تاثیر دیکھی * بدلتی ہزاروں کی تقدیر دیکھی

ڪنهن ماڻهو چيس حيدرآباد ۾ تلڪ چاڙهي تي هڪ مست فقير وينو آهي ان کان وڃي دعا گهراء. مولوي صاحب حيدرآباد آيو، ڏنائين ته هڪ ٻي لباس فقير وينو هيو. مولوي صاحب چيو ان جي هيئت ڏسي مون کي سخت نفرت ٿي ته هي ڪهڙي دعا ڏيندو؟ پرائي اگهڙ ڏسڻ ٻ گناهہ آهي. هن کان ڪهڙي دعا گهرايان. پوئتي هٽي ٻيئس ته مست مون ڏي نهاري چيو اڙي مولوي هيڏي اڇ مونکي زور ڏي. مان پيو منهن لڪايان ته پرائي

اگھڑ تي نظر نہ پوي. دل ۾ سوچيان پيو تہ پرائي اگھڑ ڈسڻ ڈوھ آھي تہ مون کي ڈسي چيائين تہ ھا نڪاح تي نڪاح پڑھڻ ثواب آھي، باقي فقير کي زور ڈيڻ گناہ آھي. پوءِ آءٌ پويان اچي پناڑن کي زور ڈنامانس. چيائين ھاٹي وچ بصرالدين سيوھاڻي وٽ تنھنجو ڪم اتان ٹيندو. مون چيو سائين مھرباني ڪيو دعا گھرو. چيائين چيو مانءِ تہ وچ بصرالدين سيوھاڻي ڈي. مان موٽيس پوٽتي. سفر ڪندي سيوھڻ اچي پھتس بک ۽ ڏاڍي لڳي ھئي. سوچيان پيو اڄ جيڪر ۽ بُسريُون ھجن تہ ڪائي وجان. سيوھڻ پھچي پچيم تہ مخدوم بصرالدين سيوھاڻي ڪٽي آھي. چيائون اھو ٹوويجي. مون کي ڈسي چيائين:

"ھان پاڻ کان ڪم نہ ٹيُس تہ وري توکي مون ڈانھن موڪليو اٽس"!

فرمايائين ويھ پاڻ گھر ويو. ٹوري دير گذري موٽي آيو تہ ۽ بُسريون ھجن ۾ متّئون مکڻ جو چاٹو رکيل ھيس. اجا ھڪ بُسري کاڌم تہ ڏوٗ ٹي ويو. ھٹ ڪڍيم. چيائين کاءِ نہ . سجي واٹ پيو چوندو اچين ۽ بسريون ھجن تہ ڪائي وجان.

مون چيو سائين بس مون لاءِ دعا گھرو تہ منھنجي جان ڇٹي. چيائين:

"وچ مولوي ھي دفعو معافي اٹئي اڳتي اھڙو ڪم نہ ڪجانءِ".

نہ دعا گھريائين نہ ھٹ ڪنيائين نہ ڪو ھاڏايائين. بس ائين ھٹ سان اشارو ڪيائين وچ. موٽي ڳوٺ پھتس ٹئين چوٹين ڈينھن تي حاضري ھئي. ڪورٹ ۾ آيس پھرين پھرين مون کي سڏ ٹيو. جيڈي مھل ڪورٹ ۾ اندر ويس جج مونکي ڈسي چيو:

"وچ مولوي ھي دفعو معافي اٹئي اڳتي اھڙو ڪم نہ ڪجانءِ"!

سيرت ذاتي: حضرت مولانا محمد اسحاق رقيق القلب ساده مزاج، فقير صفت ماڻھو ھيو. پر سفر ۾ ھلندو ھيو تہ اٹ ڏھ طالب ساڻ ڪٹي ھلندو ھيو.

وفات : علم ۽ فضل جو ھي چمڪندڙ ستارو سالن جا سال علمي خدمتون سرانجام ڏيندي بالآخر 8 شعبان 1381ھ چنچر ڏينھن وڃي پنھنجي خالق حقيقي سان مليو. پر سندس علمي پوک ھر موسم ۾ نت نئين سرسبزي ۽ شادابي سان اپري رھي آھي.

تيون استاد

حضرت مولانا خان محمد آڪرو رحمة الله عليه

پاڻ وڏا فقيہ عالم، مفتي، ۽ بهترين مُدرس هئا. پاڻ پنهنجي ڳوٺ ۾ مولانا محمد آڇري وٽ پڙهيا پر فتويٰ ۾ استاد کان بہ فائق هئا. پاڻ معقولات ۾ وڏي دسترس رکندا هئا. سندس نامياڻن شاگردن مان حضرت محبوب الاهي، مولوي نظام الدين ثاني ڪراچي وارو، مولوي ڪريم بخش آڪرو، مولوي يار محمد جويو ۽ سندس صاحبزادو مولانا محمد پريل وغيره هئا. سندس وفات لڳ ڀڳ 1388هـ ۾ ٿي. مولانا خان محمد فتويٰ ۾ مولانا همايوني جو بہ مجيل هو. ڳاهہ ڳاهيندي بہ فتويٰ لکي ڏيندو هو. (زباني مولوي يار محمد جويو)

مولانا ڪريم بخش مگسي ميهڙ وارن بہ ڪي سبق مشڪواة شريف شرح وقايہ جلد ثاني جا علامہ خان محمد آگروي وٽ پڙهيا هئا. پاڻ پنهنجي آتم ڪهاڻي ۾ علامہ خان محمد بابت لکن ٿا: "علامہ خان محمد آڪرو صاحب جن نهايت خنده پيشاني، حسين چهري وارا عجب انسان هئا. سندن والد جو نالو مولانا مولوي محمد پريل صاحب هو. اهو صاحب هڪ اعليٰ درجي جو ذهين فهيم هيو.

مولانا خان محمد قرآن ڪريم پنهنجي والد ماجد وٽ پڙهيا هئا. پوءِ سندن والد دار دنيا مان موڪلائي ويا. فارسي حضرت مولانا غلام نبي آگروي وٽ پڙهيا هئا. علم صرف مولانا محمد ڪامل سنهڙي واري نابين وٽ پڙهيا. نحومير ۽ هدايه النحو مولانا محمد صالح گاجي ڪاوڙ واري وٽ پڙهيا. ڪافيہ مولانا محمود پاتائي وٽ پڙهيا. جامي شرح وقايہ وغيره مولانا نورنگي وٽ پڙهيا. باقي مٿيان ڪتاب اعليٰ نمونی سان مولانا اميد علي جيڪب آبادي واري وٽ هدايہ اخيرين عبدالغفور، توضيح تلويح ڪبريٰ منطق ملا حسن احمد الله تا مطول مولانا اميد علي جيڪب آبادي واري وٽ پڙهيا ۽ گهوٽڪي ۾ دستار بندي ڪيائون. استاد مولوي خان محمد رحمۃ اللہ علیہ پنهنجي ڳوٺ ۾ ۽ وڃڻ ۾. پيروز شاهہ ۾ لعلورائنڪ ۾ پات شريف ۾ گهٽهڙ ۾ ۽ گهٽين جاين ۾ پڙهايو هئائون اڪثر ڪري پات شريف ۾ پڙهايائون. علامہ خان محمد آگري جي مزار پُر انوار ڳوٺ فيض محمد آگري جي جامع مسجد جي اڳڻ پرسان آهي".

(از بياض علامہ مفتي ڪريم بخش رحمۃ اللہ علیہ آتم ڪهاڻي تواريخ مصطفائي قلمي)

مولانا محمد عالم چنا پڌايو تہ مولانا خان محمد گھٽو علم هنن ٽن استادن وٽ پڑهيا هئا: 1. مولانا مير محمد نورنگ. 2. حافظ محمد ڪامل سنڌڑي وارا. 3. مولانا امير علي صاحب سومرا جيڪب آباد وارا.

حضرت ميان محمود جي سڃاڻ: مولانا محمد عالم چنو بيان ڪيو تہ حضرت محبوب الاهي ۽ منهنجي استاد علامہ خان محمد آڇرو جي نياڻي بيمار هئي. ان جي لاءِ پاڻي پڑهائڻ خاطر استاد صاحب مون کي حضرت ميان محمود لاکير رحمة الله عليه ڏانهن موڪليو. جيڪي پاڻ شريف وارن بزرگن جا مريد هئا. آءٌ منجهند جي وقت وڃي درگاهہ تي پهتس. بک ۽ ڏاڍي لڳي هئي. جيئن پهتس نہ ڪنهن سان حال احوال ڪيم نہ خبر چار تہ هڪ ٻڍڑي عورت آئي چيائين جيڪو پاڻ شريف مان شاگرد آيو آهي ان لاءِ ماني حاضر آهي. پوءِ جڏهن ميان سائين جن سان ملاقات ٿي تہ مرشدن جو پار سڃاڻندي منهنجو ڏاڍو ادب ڪيائون. گهٽ ۾ گهٽ ٽيهہ چاليهہ پيرا مون سان خوش خير عافيت ڪيائون. پاڻي ۽ پڑهي ڏنائون دعا ۽ گهريائون. پاڻي نياڻي تائين پهتو پيتائين الحمد لله نيڪ ٿي وئي.

چوٽون استاد

مولانا عبد الرحمان ٻيڑ رحمة الله عليه :

استاذ الاساتيذ واستاد الڪل حضرت علامہ مولانا مفتي عبدالرحمان ولد دوست محمد ٻيڑ ڳوٺ گل ٻيڑ تعلقہ جوهي ضلعہ دادو. سندن ولادت 1303 هـ ۾ گل ٻيڑ ڳوٺ ۾ ٿي. مولانا غلام حسين دريشاڻي پهنور وٽ قرآن شريف ناظره پڑهيائون ۽ حفظ ڪيائون. پوءِ مولانا محمد قاسم پنهور وٽ اچي فارسي ۽ عربي علم حاصل ڪيائون. ڪنزالدقائق، ڪافيہ ۽ ٻيا ڪتاب اتي پڑهيائون. پوءِ ڪجهہ وقت يارو ديرو ۾ پڑهيا. پوءِ حضرت مولانا محمد عظيم "شيدا" وٽ اچي درسِ نظامي مڪمل ڪيائون. ان مدرسي ۾ حضرت مولانا اميد علي جيڪب آباد واري وٽ معقولات جا ڪتاب ۽ پڑهيائون. تحصيل علم بعد يارو

ديرو ۾ اچي تدريس جي خدمت سرانجام ڏنائون. اتي حضرت محبوب الاهي ۽ وٽن اچي پڙهيا هئا ۽ درس نظامي مڪمل ڪيو هئائون.

خانپور تعلقو خيرپور ناٿن شاهه جي لڳ ڳوٺ "ڀٽي شريف" جي علم دوست شخصيت جناب حافظ الله ورايو جوٽيجو، مولانا عبد الرحمان کي زور پريو ته سندس ڳوٺ جي مدرسي "دار الرُشد" ۾ پاڻ اچي پڙهائن. پاڻ اها درخواست قبول ڪيائون ۽ عمر جي آخري ايام تائين تقريباً ٽيهه سال اتي پڙهائيندا رهيا. درسِ نظامي جا ڪتاب پاڻ پڙهائيندا هيا ۽ حفظ جو شعبو حافظ الله ورايو صاحب جي حوالي هيو. حافظ صاحب پاڻ ۽ عربي علم حاصل ڪيو ۽ سندس فرزندن مولانا محمد صالح، مولانا غلام محمد ۽ مولانا محمد ابراهيم ۽ درس نظامي مڪمل ڪيو. ان کان علاوه اتي گهڻا عالم فاضل وتائين فارغ ٿي نڪتا جهڙوڪ : مولانا محمد قاسم جوٽيجو، مولانا حافظ سلطان احمد ملتاني، مولوي محمد قاسم بلوچستاني، مولوي الاهي بخش بروهي، مولوي نبي بخش زرداري، مولوي محمد عالم چنڙ، مولوي عبدالله بلوچستاني، مولوي خدا بخش بلوچستاني، مولوي غلام حيدر چٽو، مولوي الاهي بخش خضري، مولوي غلام محمد لغاري، مولوي محمد حسن ملڪ، مولوي اسدالله، مولوي محمد اسماعيل لغاري، مولوي محمد سليمان جوهي، مولوي عبدالحليم چنڙ سيوهاڻي، مولوي حافظ محمد موري وارو وغيره.

پاڻ قرآن جا حافظ، احڪام قرآن ناسخ منسوخ تي ڪامل درڪ رکڻ وارا ۽ حديثن ۾ ماهر هئا. فتويٰ نويسي ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هئا. فقه جي جُزئين ڪُلين تي وڏو عبور رکندا هئا.

شاديون ۽ اولاد : پاڻ ۽ شاديون ڪيائون. هڪ گهرواريءَ مان پنج نياڻيون ۽ ٻه فرزند ٿيا.

وفات : پاڻ 19 صفر 1412هـ مطابق 30 آگسٽ 1991 ۾ 110 سالن جي عمر ۾ هن فاني جهان کان دار البقا جا راهي ٿيا. انا لله وانا اليه راجعون.

مولانا عبد الرحمان جا استاد :1. مولانا محمد قاسم پهنور دريشاٹي ڳوٺ.(2) مولانا غلام حسين پنهنور دريشاٹي. جيڪو ڳوٺ ابراهيم ڪچي ڏلجي وليج جي متصل آهي.

3. مولانا محمد عظيم سولنگي وڳڙ وارا. جيڪي عظيم عالم ۽ حاذق حڪيم ۽ بهترين شاعر هئا. سندن چئن زبانن واري شعر جو هڪ مطلع آهي:

فرياد شنو سالارِ رسل، مان تہ گولو اوهان جو آهيان اصل،
میں تو تجھ پہ فداهوں روزِازل ' قد احرق هجرک قلب وکبد.

مولانا محمد عظيم شيدا جي كافي چار هولين ۾:[1]

جنهن جي مثل نہ كوئي آ اهل زمن	بربود دلم آن شاهِ حُسن
لاحور كهون فی جنات عدن	وهی رشكِ قمر گلزار بدن
رهيو هوش عقل كجهہ كين ذرا	يک بار حسن بنمود مرا
قد كان وصالک صحت بدن	اب مجنوں سا ہے حال میرا
اهو كين ٻڌي ٿو مان كيئن كيان	آں نالہ وزاری گریہ فغان
يالیت يميل الیّ اذن	دن رین هوں میں فریاد كناں
مون كي لازم آ كرڻ توسان وفا	گر رحم كنی ور جور و جفا
ما كان بقلبي لمح سكن	تم راضی هو مجھ پر یا خفا
مل "شيدا" سان سكرات مهل	امروز رسید پیام اجل
فتعال اليہ من قبل دفن	وهی عاشق تیرا روز ازل

مولانا غلام حسين دريشاڻي جون ٻہ عجيب ڳالهيون:

جناب الله بخش دريشاڻي پنهور ٻڌايو تہ مولانا غلام حسين دريشاڻي، مولانا محمد اسماعيل پيروز شاهہ واري وٽ پڑهيا هئا ۽ بيعت مولانا فضل الله پاڻائي سان كئي هئائون. مرشد سان بيعت كرڻ بعد ٽي سال مرشد وٽ نہ ويا. غائبانہ مرشد كريم كي پئي پكاريائون. هك رات مخدوم صاحب كي نبوي حكم ٿيو تہ وجو غلام حسين رهكو اوهان كي ٿو سڏي اسان كي يا خدا كي نہ ٿو سڏي. پوءِ مخدوم صاحب جن پاڻ وٽس آيا فرمايائون هي چا ٿو كرين؟ عرض كيائين اجا اوهان تان ئي نہ پهتو آهيان تہ اڳتي كيئن وڌان. پوءِ پاڻ كين فيض ڏئي كامل كيائون.

---

[1] حضرت مولانا محمد امين الدين خليلي غفاري مدظلہ كي هي شعر برزبان ياد هيو، فقير كانئس لكي ورتو. فجزاه الله خير الجزاء

هڪ ڏينهن مولانا غلام حسين پنهنجي ساٿي جناب محمد عمر گِلال کي چيو هل تہ قاضي برهان الدين وٽ هلون. (جنهن جي مزار خانپور جي لڳ وڏي قديم قبرستان ۾ آهي) ساٿي چيو هن وقت سواري کونهي کيئن هلبو؟ چيائين منهنجي پٽيءَ تي هٿ رک اکيون بند کر. وري اکيون کول. ڏسي تہ قاضي برهان جي درگاهہ وٽ آهيون. اتي پهتا تہ سردين جي موسم هئي. فقير محمد عمر هنگورو کاڻ وارو اڳ باهہ ۾ ويون سندن انتظار ۾ وينو هيو. چيائين تو کيئن باهہ ۾ آهي؟ چيائين مون کي حضرت قاضي برهان الدين چيو تہ باهہ ۾ مولوي غلام حسين وارا ٽپا اچن.

حاجي مولوي عبدالله هنگورو ڳوٺ جُنگ شريف لڳ ڏڙهہ هنگورا وارو هڪ ڏينهن مولانا غلام حسين دريشاڻي وٽ آيو. چيائين هلو تہ پاڻ شريف هلون. جو اڄ پاڻ ۾ محبوب ڪريم ﷺ کاري کوهہ کي منو ڪرڻ اچن ٿا. پوءِ ٻئي گڏجي پاڻ ويا. کوهہ منو ٽيو. اڄ تائين موجود آهي ۽ پاڻي منو اٿس.

ڏک جهڙي ڀالهہ : سنڌ واسين جي اها پراڻي عادت رهي آهي جو اهي شخصيتن جو قدر انهن جي زندگين ۾ گهٽ ڪندا آهن. باقي انهن جي وفات بعد سو گهٽا هٿ هٺندا روئندا رڙندا آهن. پوءِ انهن جي قبرن تي قبا جوڙيندا آهن. پر انهن جي زندگين ۾ انهن جي علم عمل ۽ فيض مان گهٽ فائدو وٺندا آهن. اگر مولانا محمد عظيم ۽ مولانا عبد الرحمان جهڙا عظيم انسان ڪنهن ٻي قوم ۾ هجن ها تہ خدا جاڻي انهن جي ڪيتري قدر شناسي ڪن ها.

سندن هڪ هم سبق دوست جي بياني:

جڏهن محبوب الاهي رحمة الله عليه مولانا عبد الرحمان وٽ پڙهندا هئا تہ سندن هم سبقن ۾ مولانا نبي بخش زرداري، مولانا غلام محمد لغاري ۽ مولانا محمد عالم چنو ڪلري وارو به هئا.

مولانا محمد عالم سندن هم سبق هجڻ سان گڏ سندن نندپڻ جو دوست به آهي. هن وقت سندس عمر تقريباً نوي سال آهي. گهڻو وقت جهتيالن جي ڳوٺ ۾ پڙهايو اٿس. هاڻي ڪلري ڳوٺ لڳ پاڻ شريف ضلعي دادو ۾ رهي ٿو. نمايت نحيف بدن آهي هن فقير (ڪرم الله) سندس ڳوٺ وڃي ساڻس ملاقات ڪئي ۽ معلومات حاصل ڪئي تہ پاڻ آبديده ٿي احوال اورينديِ ٻڌايائين :

* مان ۾ محبوب الاهي رحمة الله عليه ٻڌي مولانا عبدالرحمان ٻهر وٽ گڏ پڙهيا هئاسين.
* حضرت محبوب الاهي سڀ هم سبقن ۾ فائق هوندا هئا.
* طالب علمي جي زماني ۾ ئي اولياءَ الله جا سڀ اوصاف منجهن هوندا هئا.
* سندن ڏاڏي صاحب به صاحبِ ولايت هئي.
* حضرت محبوب الاهي طالب علمي جي وقت ۾ مستجاب الدعوات هئا.
* سندن عادتون ۽ اخلاق تمام سٺا هئا.
* کڏهن به پنهنجي هٿ يا زبان سان ڪنهن کي ڪو نه رنجايائون.
* استاد محترم مولانا عبدالرحمان فارسي مولانا محمد قاسم لڌاڻي پنهور وٽ پڙهيا هئا جيڪي مولانا محمد اسماعيل ڪٽي وٽ سوپو مگسي ۾ پڙهيا هئا. عربي جا ڪتاب مولانا غلام حسين دريشاڻي پنهنور وٽ پڙهيا.
* پوءِ يارو ديرو لڱ وڱڻ ۾ حضرت مولانا محمد عظيم وٽ پڙهيا. جيڪي وڏا شاعر به هئا سندن تخلص "شيدا" هيو.
* ڪجهه ڪتاب مولانا احمد علي سومرو جيڪب آبادي وٽ پڙهيا.
* مولانا عبد الرحمان فارغ ٿيڻ بعد ڪافي سال پاڻ ان مدرسي ۾ پڙهايو هيو.
* يارو ديرو ۾ حضرت محبوب الاهي به مولانا عبد الرحمان وٽ پڙهيا هئا.
* يارو ديرو ۾ جناب شير محمد تنيي جو مدرسو هوندو هيو.

(سلسلة الذهب) محبوب الاهي جي استادن جو سلسلو نبي كريم ﷺ تائين



سندن استادي سَنَد متصل نبي كريم ﷺ تائين

سندن سند امام البخاري كان نبي صلي الله عليه وسلم تائين

استاذ الكل ، سيد الرسل ، هادي السبل
سيدنا محمد رسول الله صلي الله

سلمة بن الاكوع رضي الله عنه
يزيد بن ابي عبيد رضي الله عنه
حضرت مكى بن ابراهيم رضي الله عنه
ابو عبد الله محمد بن اسماعيل البخاري
ابو عبد الله محمد بن يوسف بن مطر
ابو محمد عبد الله بن احمد السرخسي
ابو مكتوم عيسي بن الحافظ ابي ذر
الشيخ الحافظ ابي ذر
ابو الحسين علي بن حميد الطرابلسي
ابو القاسم عبد الرحمن بن ابي حرمي
العلامة ابو احمد بن ابراهيم الطبري
ابو مجد عبد الله بن محمد النسيابوري
شهاب الدين احمد بن حجر العسقلاني
الشيخ زكريا الانصاري
الشيخ ابو الحسن محمد بن محمد العمري
الشيخ علي بن حسام الدين المتقي
الشيخ عبد الوهاب المتقي البالحقي

الشيخ عبد الحق محدث الدهلوي
الشيخ عبد الحكيم السيالكوتي
العلامة عبد الله اللبيب
العلامة ابو الحسن الشهيد
العلامة الشيخ قل احمد
العلامة محمد محدث الآريجوي
السيد عاقل شاهه لكياري
العلامة عبد الحليم كندوي
العلامة الخليفة محمد يعقوب الهمايوني
العلامة الشيخ عبد الغفور الهمايوني
قاضي عبد الرزاق تراني
مولانا غلام حسين جتوئي
العلامة محمد عقيم شيدا
العلامة غلام حسين دريشاني
العلامة عبد الرحمن پير
العلامة القدوة محمد الاهي بخش
الفقير كرم الله

بین سند متصل امام بخاري كان نبي كريم صلي الله عليه وسلم تائين

استاد الكل ، سيد الرسل ، هادي السبل

سيدنا محمد رسول الله ﷺ

سلمة بن الاكوع رضی اللہ عنہ

يزيد بن ابي عبيد رضی اللہ عنہ

الشيخ مكي بن ابراهيم رضی اللہ عنہ

ابو عبد الله محمد بن اسماعيل البخاري

ابو عبد الله محمد بن يوسف بن مطر

ابو محمد عبد الله بن احمد السرخسي

ابو مكتوم عيسى بن الحافظ ابي ذر

الشيخ الحافظ ابي ذر

ابو الحسين علي بن حميد الطرابلسي

ابو القاسم عبد الرحمن بن ابي حرصي

العلامة ابو احمد بن ابراهيم الطبري

ابو مجد عبد الله بن محمد النسيابوري

شهاب الدين احمد بن حجر العسقلاني

الشيخ المحدث زكريا الانصاري

الشيخ ابو الحسن محمد بن محمد الدمشقي

الشيخ علي بن حسام الدين المتقي

الشيخ عبد الوهاب المتقي المالكي

الشيخ عبد الحق محدث الدهلوي

الشيخ عبد الحكيم السيالكوتي

العلامة عبد الله اللبيب

العلامة ابو الحسن الشهيد

العلامة قل احمد

العلامة محمد محدث الآريجوي

السيد عاقل شاه لكياري

العلامة عبد الحليم كندوي

العلامة الخليفة محمد يعقوب

العلامة الشيخ نور محمد شهداد كوتي

الشيخ محمد حسن كهوسه

الشيخ عبد الرحمان چاندبيه

الشيخ القدوة محمد اسحاق كوهارو

شيخ الاسلام محمد الاهي بخش

محمد كرم الله الانصاري

قد قرأ الشيخ محمد حسن كهوسه عند العلامة نور محمد شهداد كوتي (انظر الرحيم مشاهير نمبر ص 91)

لائق ۽ فائق استادن جو قابل ۽ عاقل شاگرد:

محبوب الاهي رحمة الله عليه جڏهن اهڙن عظيم استادن وٽ پڙهي نڪتا تہ سندن علم ۽ عمل ۾ لاثاني هيو. پاڻ نہ صرف مقرر ۽ مولوي هئا پر بهترين مُدرس ۽ بهترين مُربي ۽ بي مثال عالم ۽ فاضل هئا. وٽن پڙهائڻ جو سمٽو ڍنگ ۽ وڻندڙ رنگ هيو.

توكل علي الله جو رنگ :

پاڻ جڏهن مدرسو كولي پڙهائڻ شروع كيائون تہ كنهن كان ۾ پگهار نہ ورتائون نہ چندو كيائون بلكہ سندن سارو نظام الله جي پروسي تي غيبي مدد سان هلندو هيو. فرقاني فرمان تي سندن عمل هيو تہ:

لَا أَسْأَلُكُمْ عَلَيْهِ أَجْرًا إِنْ أَجْرِيَ إِلَّا عَلَى الَّذِي فَطَرَنِي [هود : 51]

مان اوهان كان ان ديني خدمت جي عيوض كو اجر طلب نہ ٿو كيان منهنجو اجر ان تي ئي آهي جنهن مون كي پيدا كيو آهي.

سندن شاگرد : محبوب الاهي رحمت الله عليه پوري زندگي علمي ۽ قلمي خدمتِ دين ۾ گذاري. مرشد جي حكم مطابق پاڻ مدرسي كي بند كري تبليغ ۾ تہ مصروف ٿي ويا پر پوءِ بہ مخصوص شاگردن كي پاڻ علم جا اسباق پڙهائيندا رهيا. سندن معروف شاگردن ۾:

* صاحبزاده مولوي كليم الله علم جو ڳڇ حصو وٽن پڙهيو پوءِ آخري كتاب پڻي شريف ۾ پڙهيائين.
* مولانا محمد يوسف لغاري بن مولانا محمد چٽل لغاري ان خود ٻڌايو تہ مون حضرت جن وٽ نحوميز، منية المصلي نور الايضاح، شرح ماة عامل وغيره اهي كتاب پڙهيا هئا.
* مولانا مولوي محمد اسماعيل ڏيپر درس نظامي جا تقريبًا سڀ كتاب حضرت محبوب الاهي وٽ پڙهيو هيو. (سندس ذكر عنقريب سندن خلفاءِ ۾ اچڻ وارو آهي)
* مولانا غلام رسول ڏيپر سندن شاگردن مان هيو.
* پاڻ تدريس جو سلسلو عمر جي آخري ايام تائين جاري ركيائون. سندن آخري شاگردن مان هي فقير ناچيز كمترين كرم الله آهي. پاڻ جسماني علالت جي باوجود هن فقير كي سبق پڙهائيندا رهيا. جڏهن بخاري شريف ۽ مسلم شريف پڙهائيندا هئا تہ

اکثر سندن اکيون آليون هوندين هيون. هي فقير عبارت پڙهندو هيو جيئن جيئن حبيبن کريمن ﷺ جا واقعات ايندا هئا تہ سندن کيفيت عجيب ٿي ويندي هئي.

مولانا نور احمد جي گواهي:

مولانا نور احمد جيکو پوري زندگي حضرت جن سان مُعاند رهيو. پوءِ آخرين ڏهاڙن ۾ حضرت جن وٽ محبت جا قدم پري آيو هيو. اتفاقاً ان وقت پاڻ هن عاجز کي درس پڙهائي رهيا هئا. مولوي صاحب جيئن آيو تيئن اچي خاموش درس ٻڌڻ ويهي رهيو. حديث جي احترام سبب حضرت جن به ڏاڍس توجهہ نہ ڏنو. پاڻ هر حديث تي جيکا تقرير فرمائن پيا ۽ احاديث مان حاصل ٿيندڙ فوائد ۽ مضمرات بيان فرمائن پيا ۽ فقهاءَ جا مذاهب بيان فرمائن پيا. سندن سمجهاڻي جو انداز عجيب هيو. مولوي صاحب ساکت وجامد ٻڌندو رهيو. جڏهن درس پورو ٿيو پوءِ پاڻ ساڻس وڏي محبت سان مليا. حال احوال ٿيا. پوءِ جڏهن حضرت جن حويلي طرف روانا ٿيا مولوي صاحب چيو مون پوري زندگي پڙهائي جو اهڙو سهڻو ۽ مؤثر انداز ڪنهن عالم جو کونہ ڏٺو آهي. اسان تہ سمجهندا هئاسين پاڻ صرف عام پيرن وانگر پير آهن. پر اڄ خبر پئي تہ پاڻ پير هجڻ سان گڏ جيّد عالم ۽ بهترين مدرس به آهن.


حديث
عن ابي موسى قال سمعت رسول الله صلعم يقول ان الله خلق آدم من قبضة قبضها من جميع الارض فجاء بنو آدم على قدر الارض منهم الاحمر والابيض والاسود و بين ذلك والسهل والحزن والخبيث والطيب رواه احمد والترمذي وابو داؤد
حديث
عن ابي هريرة قال قال رسول الله صلعم لما خلق الله آدم مسح ظهره بيمينه وهو خالقها من ذريته الى يوم القيمة وجعل بين عينى كل انسان منهم وبيصا من نور ثم عرضهم على آدم فقال اى من هؤلاء قال ذريتك فرأى رجلا منهم فاعجب وبيص بين عينيه قال اى من هذا قال داؤد فقال اى ربكم جعلت عمره قال ستين سنة قال رب زده من عمرى اربعين سنة قال رسول الله صلعم فلما انقضى عمر آدم الا اربعين جاءه ملك الموت فقال آدم اولم يبق من عمرى اربعون سنة قال اولم تعطها ابنك داود فجحد آدم فجحدت ذريته ونسى آدم فاكل من الشجرة فنسيت ذريته وخطأ آدم وخطأت ذريته رواه الترمذي

حضرت محبوب الاهي جا طالب علمي جي دور جا عربي اکر :

سندن کجھ فتوائون:

هي فتوائون پاڻ پنھنجي مبارڪ هٿن سان لکيائون.

ياءِ ۾ چاڇي هوندي ڇا ماءُ نڪاح ڪري ڏئي سگھي ٿي؟

سوال : (صغيره)نابالغ نياڻي جو پيءُ غير حاضر هيو ۽ ان جو چاچو ۽ ياءِ موجود هيا ۽ ماءُ ۽ موجود هئي پر نڪاح ماءُ وڃي ڏنو آهي. هاڻي پڌايو تہ اهو نڪاح جائز آهي يا نہ؟

جواب : صغيره جي ياءِ ۽ چاچي جي موجودگي ۾ انجو نڪاح ماءُ پاران ڪري ڏيڻ قبول نہ آهي. ڇو جو اقرب صغيرة جو ياءِ آهي اهو موجود آهي ان کان پوءِ چاچو آهي اهو ۽ حاضر آهي. ماءُ ان وقت اقرب تہ نہ آهي پر ابعد ۽ نہ آهي ڇو تہ ابعد مان مراد آهي جو اقرب کي ويڃھو هجي پيءُ کي پٽ ۽ ياءِ ويجھا لڳن ٿا نہ ڪہ ماءُ.

قال في الشامي الْمُرَادُ بِالْأَبْعَدِ مَنْ يَلِي الْغَائِبَ فِي الْقُرْبِ كَمَا عَبَّرَ بِهِ فِي كَافِي الْحَاكِمِ. وَعَلَيْهِ فَلَوْ كَانَ الْغَائِبُ أَبَاهَا وَلَهَا جَدٌّ وَعَمٌّ. فَالْوِلَايَةُ لِلْجَدِّ لَا لِلْعَمِّ

(رد المحتار (9/426)

پيءُ جي غائب هجڻ وقت ولايت صغيره جي ياءِ کي آهي ان جي غير موجودگي وقت چاچي کي آهي پر اهي ٻئي حاضر آهن تہ پوءِ ماءُ پاران نڪاح وڃي ڏيڻ درست نہ آهي.

ڪنزِ ۾ ان طرح آهي: وَإِنْ لَمْ تَكُنْ عَصَبَةٌ فَالْوِلَايَةُ لِلْأُمِّ

اگر عصبہ نہ هجي تہ پوءِ ماءُ جي ولايت آهي. مذڪوره صورت ۾ جدّهن عصبہ موجود آهي پوءِ ۽ ماءُ جو نڪاح ڪري ڏيڻ، هاڻي انهن جي اجازت تي موقوف آهي.

فلو زوج الأبعد حال قيام الأقرب توقف على اجازته

(الدر المختار شرح تنوير الأبصار في فقه مذهب الإمام أبي حنيفة (3/81)

اگر ابعد (ماءُ) نڪاح ڪري ڏنو ۽ اقرب (ياءِ ۽ چاچو) راضي آهن تہ نڪاح بحال آهي اگر راضي نہ آهن. مجلس مان اٿي ويا تہ نڪاح نہ ٽيندو. والله تعالىٰ ورسوله اعلم بالصواب

فقير الاهي بخش

عفا عنه رب العرش والفرش

فاسق جي امامت بابت فتويٰ:

سوال :هڪ شخص مسجد جو پيش امام آهي پر ان ۾ لِواطت ۾ زنا ڪاري جو شاهدن جي نشاندهي سان عيب آهي. ڪيترا ڀيرا ان کي ان گناهه ۾ پڪڙيو ويو آهي ۽ ان کي شرعي تعزير ۽ ڏنو ويو آهي. مگر توبہ تائب ٿيڻ بعد ۽ وري ان بد ڪم ۾ مبتلا ٿيندو رهي ٿو ۽ ماڻهو ان جي پويان نماز نہ ٿا پڙهڻ چاهن پوءِ ۽ اهو امامت تي بضد آهي. هاڻي اسان کي شريعت موجب فتويٰ ڏيندا تہ اهو پيش امام ٿيڻ جو لائق آهي يا نہ ۽ ان جي پٺيان جيڪڏهن نماز پڙهي وئي تہ جائز ٿي يا نہ؟ ٻيو تہ ڪو پيش امام ڏاڙهي ڪوڙائي يا ڪٽائي ٿو ان جي پويان نماز ٿيندي يا نہ؟ بينوا توجروا

جواب : امامت جو حقدار اهو آهي جيڪو صالح هجي ۽ ان منصب جو اهل هجي. جيئن حديث ۾ آهي تہ :

قَالَ رَسُولُ اللهِ صلى الله عليه وسلم إِذَا سَرَّكُمْ أَنْ تُقْبَلَ صَلاَتُكُمْ فَلْيَؤُمَّكُمْ خِيَارُكُمْ فَإِنَّهُمْ وَفْدُكُمْ فِيمَا بَيْنَكُمْ وَبَيْنَ رَبِّكُمْ (سنن الدار قطني 2/464)

پوءِ جيڪو شخص پڌرو فاسق آهي ان جي پويان نماز پڙهڻ مکروه تحريمي آهي. صالح جماعتين کي اُها نماز موٽائي پڙهڻ واجب آهي.

(ولو أم قوما وهم له كارهون إن) الكراهة (لفساد فيه أو لأنهم أحق بالإمامة منه كره) له ذلك تحريما لحديث أبي داود لا يقبل الله صلاة من تقدم قوما وهم له كارهون

(الدر المختار شرح تنوير الأبصار في فقه مذهب الإمام أبي حنيفة (1/559)

ان مان ثابت ٿيو تہ اهو امام جنهن جي ڪَڏن ڪمن سبب جماعت کي ان جي امامت مان نفرت آهي تہ ان جي پويان نماز پڙهڻ مکروهہ تحريمي آهي. نيڪ صالح جماعتين کي ان جي پويان ادا ڪيل نماز موٽائي پڙهڻ واجب آهي. درالمختار هي قاعدو واجبات صلواة ۾ لکيو آهي:

كُلُّ صَلَاةٍ أُدِّيَتْ مَعَ كَرَاهَةِ التَّحْرِيمِ تَجِبُ إعَادَتُهَا .(رد المحتار (3/420)

ان جي لاءِ خود حديث دليل ڪافي آهي جو رسول الله ﷺ فرمايو آهي تہ :

قَالَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وسَلَّمَ : ثَلَاثَةٌ لَا يُقْبَلُ لَهُمْ صَلَاةٌ : الرَّجُلُ يَؤُمُّ الْقَوْمَ وَهُمْ لَهُ كَارِهُونَ . وَالرَّجُلُ لَا يَأْتِي الصَّلَاةَ إِلَّا دِبَارًا . يَعْنِي بَعْدَ مَا يَفُوتُهُ الْوَقْتُ . وَمَنِ اعْتَبَدَ مُحَرَّرًا . (سنن ابن ماجه)

الله ان ماڻهو جي نماز ئي قبول نہ ٿو ڪري جيڪو امڙن ماڻهن کي نماز پڙهائي ٿو جيڪي ان کي مٿيان سمجهن ٿا. ان جي برن اعمالن سبب.

لذا كره إمامة (الفاسق) العالم لعدم اهتمامه بالدين فتجب إهانته شرعاً فلا يعظم بتقديمه للإمامة وإذا تعذر منعه ينتقل عنه إلى غير مسجده للجمعة وغيرها وإن لم يقم الجمعة إلا هو تصلى معه.

(مراقي الفلاح بإمداد الفتاح شرح نور الإيضاح ونجاة الأرواح (1/143)

ان عبارت مان صريح ثابت ٿيو تہ فاسق ماڻهو توڙي عالم هجي ان جي پويان نماز پڙهڻ ڪراهت آهي چو تہ ان پنهنجي فسق جي ڪري دين جي عزت نہ ڪئي آهي تنهنڪري شرعاً ان جي اهانت يعني خواري ڪرڻ واجب آهي. امام بڻائي ان جي عزت افزائي ڪرڻي نہ آهي. پر اگر ان کي سمجهائڻ اوکو آهي تہ اها مسجد ڇڏي وڃي ٻي مسجد ۾ جمعو ۽ ٻيون نمازون پڙهجن پر جيڪڏهن شهر ۾ نماز پڙهائي اهو امام فاسق ٿو تہ پوءِ لاچار ان جي پويان پڙهجي. پر تاهم ڪراهت تحريمي ڪان اها نماز خالي نہ آهي.

اگر پيش امام ڏاڙهي ڪوڙائيندڙ يا ڪترائيندڙ آهي. ينگ نوش يا تارک الجماعة يا فاسق آهي توڙي عالم هجي تہ بہ ان جي پويان نماز پڙهڻ مڪروهہ تحريمي آهي.

والله تعالىٰ ورسوله اعلم بالصواب

فقير الاهي بخش

عفا عنه رب العرش والفرش

افضليتِ ابوبكر صديق رضي الله عنه بابت محبوب الاهي جي فتويٰ

چا ٿا فرمائن علماءِ دين ۽ مفتيانِ شرع هن مسئلي بابت تہ اهلسنت و جماعت جي مذهب ۾ حضرات خلفاءِ اربعہ ابوبكر صديق، عمر فاروق، عثمان ذي النورين ۽ علي رضي الله تعالىٰ عنهم اجمعين کي مرتبي ۾ برابر ڄاڻڻ گهرجي يا انهن وچ ۾ فرقِ مراتب سمجهڻ گهرجي؟

بَـيِّنُوا تُوجَـرُوا

جواب : اهلسنت وجماعت جي مذهب ۾ حضرات خلفاءِ اربعہ رضي الله عنهم اجمعين جي شان ۽ مرتبي جي ترتيب ائين آهي، جنهن ترتيب سان سندن خلافت آهي. جيئن امام اعظم ابو حنيفہ رحمت الله عليه فقہ اڪبر ۾ فرمايو آهي تہ :

وأفضل الناس بعد النبيين عليهم الصلاة والسلام أبو بكر الصديق ثم عمر بن الخطاب الفاروق ثم عثمان بن عفان ذو النورين ثم علي بن أبي طالب المرتضىٰ رضوان الله عليهم أجمعين (الشرح الميسر على الفقهين الأبسط والأكبر أبو حنيفة (1/41)

۽ حضرت غوث اعظم سيدنا عبدالقادر جيلاني قدس سره غنية الطالبين ۾ فرمايو آهي تہ :

افضل الاربعة ابوبكر ثم عمر ثم عثمان ثم علي رضي الله عنهم

ربيع بن سليمان چيو تہ مون امام شافعي رضي الله عنه کان پڌو پاڻ فرمايائين:

أفضل الناس بعد رسول الله صلى الله عليه وسلم أبو بكر وعمر وعثمان وعلي

(معرفة السنن والآثار للبيهقي (1/193)

امام ابونُعيم فرمايو تہ :

أفضل الناس بعد الرسول ﷺ وأولاهم بالإمامة بعده أبو بكر الصديق رضي الله عنه ثم عمر بن الخطاب رضي الله عنه ومنهم من يقول : أبو بكر ثم عمر ، ثم علي رضي الله عنه

(الإمامة لأبي نعيم (1/206)

امام بغوي چيو تہ :

وترتيبهم في الفضل ، كترتيبهم في الخلافة ، فأفضلهم أبو بكر ، ثم عمر ، ثم عثمان ، ثم علي. رضوان الله عليهم اجمعين (شرح السنة (1/208)

ائمہ اهلسنت جي انمن قولن مان ظاهر آهي تہ انبياء عليهم السلام کان بعد سڀ انسانن کان افضل حضرت ابوبکر صديق رضی الله عنه آهي. ان کان بعد افضليت حضرت عمر فاروق رضی الله عنه جي آهي. ان کان بعد افضل حضرت عثمان رضی الله عنه آهي. ان کان بعد افضل حضرت علي رضی الله عنه آهي.

امام سيوطي تاريخ الخلفاء ۾ ان ڳالهہ تي اهلسنت جو اجماع بيان ڪيو آهي :

أجمع أهل السنة أن أفضل الناس بعد رسول الله ﷺ أبو بكر ثم عمر ثم عثمان ثم علي ثم سائر العشرة ثم باقي أهل بدر ثم باقي أهل أحد ثم باقي أهل البيعة ثم باقي أهل الصحابة هكذا حكى الإجماع عليه أبو منصور البغدادي و روى البخاري عن ابن عمر قال : كنا نخير بين الناس في زمان رسول الله ﷺ فنخير أبا بكر ثم عمر ثم عثمان و زاد الطبراني في الكبير : فيعلم بذلك النبي ﷺ و لا ينكره (تاريخ الخلفاء (1/44)

هن عبارت مان ثابت آهي تہ خلفاء راشدين جا درجا سندن ترتيبِ خلافت مطابق آهن، جيڪي عهدِ رسالت مآب ﷺ کان اڳين ئي مشهور ۽ معروف آهن ۽ رسول الله ﷺ به انهيءَ ترتيب وار فضيلت بيان ڪرڻ کي جاڻندا هيا ۽ پاڻ رسول الله ﷺ به انڪار نہ ڪيو تہ ان مان ثابت آهي تہ رسول الله ﷺ ۽ صحابہ ڪرام رضوان الله عليهم اجمعين وٽ به ترتيب وار زياده ۽ گهٽ فضيلت خلفاء رضي الله عنهم اجمعين جي آهي. پوءِ جيڪو اها ترتيب نہ سمجهيو ۽ سيني کي برابر سمجهيائين تہ مخالفُ رسول الله ﷺ ۽ صحابہ ڪرام رضي الله عنهم ۽ مخالفُ اجماع اهلسنت و جماعت جو ٿيندو ۽ خارج دائره اهلسنت و جماعت ٿيندو.

خود حضرت علي کرم الله وجه کان ثابت آهي.

عَنْ مُحَمَّدِ ابْنِ الْحَنَفِيَّةِ ، قَالَ : قُلْتُ لأَبِي أَيُّ النَّاسِ خَيْرٌ بَعْدَ رَسُولِ اللهِ صلى الله عليه وسلم قَالَ : أَبُو بَكْرٍ قُلْتُ ثُمَّ مَنْ قَالَ ثُمَّ عُمَرُ وَخَشِيتُ أَنْ يَقُولَ عُثْمَانُ قُلْتُ ثُمَّ أَنْتَ قَالَ مَا أَنَا إِلاَّ رَجُلٌ مِنَ الْمُسْلِمِينَ . (صحيح البخاري 5/9)

يعني حضرت علي ﷺ جي فرزند حضرت محمد فرمايو ته مون پنهنجي والد يعني حضرت علي ﷺ کان سوال کيو ته رسول الله ﷺ کان بعد کير بهتر آهي؟ حضرت علي ﷺ فرمايو ته ابوبکر صديق بهتر آهي. مون چيو ان کان بعد بهتر کير آهي؟ حضرت علي کرم الله فرمايو ته ان کان بعد حضرت عمر ﷺ بهتر آهي. حضرت محمد چيو ته مون کي خوف ٿيو ته پوءِ جيکڏهن مان سوال کندس ته ان کان بعد بهتر کير آهي ته حضرت علي ﷺ فرمائيندا ته حضرت عثمان ﷺ بهتر آهن. ان خوف ۾ مون اهو سوال نه کيو ۽ مون عرض کيو ته حضرت عمر ﷺ کان پوءِ توهان بهتر آهيو. حضرت علي ﷺ فرمايو ته مان مسلمانن منجهان هڪ مرد آهيان.

ان مان معلوم ٿيو ته خود حضرت علي ﷺ وٽ به اهڙي ئي فضيلت جي ترتيب هئي، جيڪا عقائدِ اهلسنت جي موافق آهي.

کنز العمال ۾ خود حضرت علي ﷺ کان مروي حديث آيل آهي ته:

عن سعد بن طريف عن الأصبغ بن بنانة قال: قلت لعلي: يا أمير المؤمنين؟ من خير الناس بعد رسول الله ﷺ ؟ قال: أبو بكر. قلت: ثم من؟ قال عمر. قلت: ثم من؟ قال: عثمان. قلت: ثم من؟ قال: أنا. رأيت رسول الله ﷺ بعيني هاتين وإلا فعميتا وبأذني هاتين وإلا فصمتا يقول: ما ولد في الإسلام مولود أزكى ولا أطهر ولا أفضل من أبي بكر ثم عمر . (كنز العمال في سنن الأقوال والأفعال (13/244)

هن مان به ثابت آهي ته خود حضرت علي ﷺ فرمايو رسول الله ﷺ ۽ انبياء عليهم السلام کان پوءِ بهتر حضرت ابوبکر صديق ﷺ آهن ۽ پوءِ حضرت عمر ﷺ بهتر آهن

۽ پوءِ حضرت عثمان ﷺ بهتر آهن ۽ پوءِ حضرت علي ﷺ فرمايو مان بهتر آهيان. پوءِ فرمايائون اسلام ۾ پاکيزه پاڪ ۽ وڏيڪ افضل حضرت ابوبکر ﷺ آهي. ان کان بعد حضرت عمر ﷺ جهڙو ڪو پيدا نہ ٿيو.

حضرت علي ﷺ جو قول جلال الدين سيوطي تاريخ الخلفاء ۾ تحرير ڪري ٿو:

لا يفضلني أحد على أبي بكر و عمر إلا جلدته حد المفتري

(تاريخ الخلفاء 1/44)

حضرت علي ﷺ فرمايو تہ ڪوبہ مون کي حضرت ابوبکر ۽ حضرت عمر رضي الله عنهما کان افضل نہ ڄاڻي اگر ڪو ائين ڄاڻيندو تہ مان ان کي ڪوڙي سان ماريندس ۽ اها حد جاري ڪندس جيڪا ڪوڙي تهمت لڳائڻ واري تي قائم ڪئي ويندي آهي.

ان مان ثابت ٿيو تہ جيڪو ماڻهو ترتيب وار چئني جي فضيلت جيئن مٿي ذڪر ڪيو ويو تي اعتقاد نہ ٿو رکي تہ اِها حضرت علي ﷺ جي عقيدي جي مخالفت آهي ۽ رسول الله ﷺ ۽ صحابہ ڪرام ۽ سڄي اهلسنت و جماعت جي عقيدي جي خلاف آهي. اهڙو ماڻهو حضرت علي ﷺ جوبہ دشمن آهي جڏ تہ اهو پنهنجي فاسد سوچ ۾ حضرت علي ﷺ کي پنهنجو دوست سمجهي ٿو پر اهو هرگز دوست نہ آهي. اهو اهلسنت و جماعت جي دائري مان خارج آهي.

ينبغي للمسلم أن يعتقد اعتقاداً جازماً أن أفضل البشر بعد الأنبياء هو صديق هذه الأمة المحمدية وهو أبو بكر (عقيدة أهل السنة والجماعة في الصحابة الكرام (1/219)

هذا ما ظهر لي في هذا الباب والله تعالىٰ ورسوله اعلم بالصواب

كتبه

فقير الاهي بخش

عفا عنه رب العرش والفرش

حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه
جون علمي خدمتون

پاڻ وڏا عالم ۽ محقق هيا. علم تفسير، علم حديث، فقه، اصول فقه، علم معاني ۽ منطق تي کين عبور حاصل هيو. رب کريم کين فتويٰ نويسي، تقرير ۽ تصنيف ۾ وڏي مهارت عطا ڪئي هئي. بيان ۽ نصيحت وقت قرآن ۽ حديث جا اهي ڳڇا راز ۽ مخفي اسرار ظاهر ڪندا هيا جو وقت جا جيد عالم به محو حيرت ٿي ويندا هيا. سندن زبان گوهر افشان مان نڪتل بيان عاليشان ۽ بي بها نصيحتون ملفوظات جي صورت ۾ قلمبند ڪري ڪتابي شڪل ۾ بنام "**جلاءُ القلوب**" ۽ "**حق نما**" ۾ محفوظ ڪيون ويون آهن جن جي مطالعي سان دل جي ڪيفيت بدلجي وڃي ٿي ۽ ڪٽيل قلب روشن ٿي وڃن ٿا ۽ پڙهڻ وارو سندن علمي شخصيت کي تسليم ڪرڻ تي مجبور ٿي وڃي ٿو.

پاڻ علم پڙهڻ بعد بهترين انداز ۾ علمي خدمتون سرانجام ڏنائون. انهن خدمتن ۾ تدريسي، تصنيفي، تاليفي، تقريري، تحريري ڪاوشون شامل هيون. جن جو بيان اوهان ايندڙ ابواب ۾ ملاحظه ڪندا.

بهترين استاد هئا:

پاڻ محقق مصنف هجڻ سان گڏ بهترين معلم پڻ هيا. تفسير، حديث، اصول معاني ۽ منطق وڏي رواني سان پڙهائيندا هيا. سبق دوران معتبر مفسرن ۽ محدثن جي قولن ۽ حوالن سان سبق جي جامع ۽ مانع تشريح ڪندا هيا. سندن پڙهائڻ جو اهڙو ته آسان ۽ سهڻو طريقو هوندو هيو جو طالبن کي هڪ پيرو سندن زبان ولايت مان ٻڌڻ مهل ئي سبق ياد ٿي ويندو هيو. علم الانشاء تي به کين وڏي مهارت حاصل هئي. فارسي کي مادري زبان وانگر پڙهي ۽ سمجهي ويندا هيا.

خطاطي:

سندن لکڻي تمام دلنشين هوندي هئي ۽ سندن خط (لکڻ جو انداز) تمام بهترين هوندو هيو. پاڻ سنڌي، اردو، عربي ۽ فارسي لکڻ ۾ وڏي مهارت رکندا هئا.

حاشيه آرائي: سندن مطالعي ۾ رهيل ڪتابن تي اڪثر فارسي جا محبت پريا شعر ۽ نصيحت پريا حاشيه لکيل آهن. جيڪي پاڻ پنهنجي هٿن مبارڪن سان لکيا هيائون. ڪتابن جي مطالعي دوران کو مشڪل مقام ايندو هيو تہ ان تي فارسي يا عربي ۾ حاشيو لکي ان جي وضاحت ڪندا هيا.

هڪ عربي تفسير جي ڪناري تي لڳايل سندن وضاحتي حاشيه



هڪ ڪتاب جي غلاف تي سندن هٿ سان لکيل سندن اسم

باب ٽيون

محبوب الاهي رحمت الله عليه تلاشِ منزل ۾

سندن طبيعت مبارڪ ننڍپڻ کان ئي محبت پري هوندي هئي. پاڻ ٻالڪپڻي کان نهايت رقيق القلب هئا. جڏهن ڪا محبت جي ڳالهه غزل يا ڪافي ٻڌندا هئا تہ بي اختيار سندن اکين مان آب جاري ٿي ويندو هيو. پڙهڻ ڏوران ۾ جڏهن حضور اڪرم نور مجسم هاديءِ عالم حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جو اسم مبارڪ ٻڌندا هئا يا سندن سيرت پاڪ پڙهندا يا ٻڌندا هئا تہ سندن اکيون مبارڪ ڳوڙهن سان تربتر ٿي ويندين هيون. جيڪڏهن ڪي صوفي فقير مدرسي ۾ اچي مهمان ٿيندا هئا تہ انهن جي خدمت پنهنجي متان واجب سمجهندا هئا. سڄي رات سندن صوفيانہ ۽ عارفانہ ابيات تي جيئن اهي فقير رئندا هئا تيئن پاڻ ۾ انهن سان گڏ رئندي رڙندي ڏسبا هئا. صوفي فقير جڏهن موڪلائي هلندا هئا تہ پاڻ شهر کان ٻاهر انهن سان گڏجي هلندا هئا ۽ موڪلائڻ وقت ٻي اختيار روئندا هئا. سندن طبيعت مبارڪ اهڙي تہ حساس هوندي هئي جو ڪو دوست يا مدرسي جو طالب موڪلائي ويندو هيو يا ڪو ڇوٽ جو ماڻهو لڏي ويندو هيو تہ اها جدائي ۾ سهي نہ سگهندا هئا. ان جدائي تي روئي روئي ٻي خود ٿي ويندا هئا.

ڪانہ ڏُسڪي ڏک رِي: سندن ننڍپڻ جو واقعو آهي تہ هڪ ڏينهن حضرت سائين مشوري صاحب رحمة الله عليہ پير واري ڇوٽ ۾ دعوت تي آيا. ساڻن گڏ غزل پڙهڻ وارا فقير هئا انهن نهايت خوش الحاني سان غزل پئي پڙهيا اهي ٻڌڻ سان پاڻ ٻي اختيار ريهون ڪري روئڻ لڳا. حضرت مشوري صاحب رحمة الله عليہ سندن اها حالت ڏسي عجب ۾ پئجي ويا. فرمايائون:

ڏکويون ڏُسڻ ۽ ڪانہ ڏُسڪي ڏک رِي،
ٻيون ائين سَڏون ڪن، پِٽڻَ واريون پڏريون.

حضرت جن کي طالب العلمي جي زماني ۾ ئي الله وارن جي صحبت جي پياس رهندي هئي. مدرسي مان موڪل واري وقت ٻيا طالب ڳوٺ گهمڻ يا ڪنهن هنڌ تفريح لاءِ ويندا هئا پر حضرت جن ڪنهن الله واري جي صحبت ۾ وڃي فيضياب ٿيندا هئا. فراغت جو ڏينهن اجايو نه ويهندا هئا بلڪ الله وارن جي صحبت مان بهره ور ٿيندا هئا.

جنهن زماني ۾ پاڻ ڪڙيه واري مدرسي ۾ پڙهندا هئا تہ اتي پير ۾ هڪ نيڪ صالح الله جو دوست ٻانهو رهندو هيو. موڪل واري مهل پاڻ وڃي ان جي خدمت ڪندا هئا. سندس پاڻي پريندا هئا. ڪيس زور مروڙا ڏيندا هئا. اهو بزرگ چوندو هيو تہ ابا تون چو ٿو مون ڏي اچين؟ پاڻ عرض ڪندا هئا تہ سائين ٻيا طالب اڄ موڪل تي ڳوٺ ويا آهن آءٌ توهان جي خدمت ۾ دعا ونڊ آيو آهيان. پوءِ اهو بزرگ سندن حق ۾ تمام ڊگهيون ڊگهيون دعائون گهرندو هيو. تانجو انجا نيٽ جاري ٿي ويندا هئا. پوءِ فرمائيندو هيو تہ ابا تون اسان سان محبت رکين ٿو اسان جي دعا ونين ٿو اسان ٻ اهڙي دعا ٿا ڏيون جو تون پاڻهين اکين سان ان جو اثر ڏسندين. فَوَقَعَ كَمَا قَالَ.

هڪ پيري فرمايائون تہ اسان جڏهن يارو ديرو ۾ پڙهندا هئاسين تہ ٻيا سڀ طالب جمعي جي ڏينهن شهر گهمڻ ويندا هئا تہ اسان وري هڪ فقير جي خدمت ۾ ويندا هياسين، جيڪو اتان پرسان رهندو هيو. ذات جو دايو هيو. قداور مڙس هيو. سڀ ڪپڙا سفيد پهريندو هيو. وڏو عابد شخص هيو. ساري رات عبادت ڪندي گوڏا ۽ پير سُڄي ويندا هئس. ڪنهن کان سوال ٻ نہ ڪندو هيو. هڪڙو نيڪ شخص ان جي خدمت چاڪري ڪندو هيو. ماني پاڻي ٻ اهو ڏيندو هيس. اسان ان فقير وٽ ويندا هياسين. پنهنجون ٻالميون ڪندو هيو. چوندو هيو تہ ابا ٻيا طالب شهر گهمڻ وڃن ٿا اوهين مون وٽ اچو ٿا. الله اوهان کي خوش رکندو پوءِ اسان جي حق ۾ تمام گهڻي دير تائين دعا گهرندو هيو ايترو رئندو هيو جو ڏاڙهي مبارڪ ٻ پُسي ويندي هئس. اسان کي يقين ٿيندو هيو تہ هن فقير جي دعا رد نہ ٿيندي.

عمد طفلي ۾ تيا ظاهر سعادت جا نشان
واهه محبوبِ الاهي جوت وارا اي جوان

پسند پنهنجي پنهنجي :

جڏهن پاڻ استاد محمد اسحاق رحمة الله عليه وٽ پڙهندا هئا تہ استاد صاحب کڏهن هر هڪ طالب کان پڇندو هيو تہ توهان علم پڙهي پوءِ ڇا ڪندا؟ ڪو چوندو هيو تہ مان علم پڙهي مدرسو کوليندس ۽ ٻار پڙهائيندس. ڪو چوندو هيو تہ مان طبيب ۽ حڪيم ٿيندس. ڪو چوندو هيو تہ مان زميندار ي ڪندس. الغرض هر ڪو پنهنجي پنهنجي پسند بيان ڪندو هيو. جڏهن حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه کان پڇندو هيو تہ پاڻ فرمائيندا هئا تہ آءٌ علم پورو ڪري الله وارن وٽ وڃي علمِ باطن حاصل ڪندس. انهن جي صحبت مان تزڪيہ نفس ۽ تصفيہ قلب حاصل ڪري پوءِ مخلوق کي دين سيکاريندس. استاد کلي فرمائيندو هيو تہ هائو تون پير ٿيندين پوءِ مزاحًا فرمائيندو هيو : اڙي طالبو اهي ماڻهو ڏسو خلق خدا جي ڪاڏي ٿي وڃي؟ ڏسو تہ سمي اهي سڀ پير الاهي بخش ڏانهن تہ نہ تا اچن. معلوم ٿو ٿئي تہ پير جي زيارت لاءِ تا اچن. ائين چئي خوشطبعي ڪندو هيو ۽ سڀ شاگرد پيا کلندا هئا.

پوءِ اهي ڏينهن بہ آيا جڏهن رب العالمين کين باطني نعمت سان نوازيو. پاڻ جتي ويندا هئا تہ سندن پٽيان خلقِ خدا جا هجوم هوندا هئا. هڪ پيري ان استاد صاحب جي پرسان هڪ وڏيري صاحب حضرت جن جي دعوت ڪئي جڏهن پاڻ اتي ويا تہ اهو پنهنجي پوري خاندان سميت طريقي ۾ داخل ٿيو. جڏهن پاڻ واپس وريا تہ کين استاد صاحب سان ملڻ جو شوق ٿيو. پاڻ جماعت سميت استاد جي ملڻ لاءِ روانا ٿيا. ان وقت پاڻ ڪهري تي سوار هئا، پويان سوين فقير الله الله ذڪر جَهر جي ڏم مچايون جذبا ڪندا پي آيا. جڏهن استاد صاحب جي ڳوٺ کان آيا تہ ساري ڳوٺ جا ماڻهو باهر نڪري آيا. تڏهن استاد ڪريم بہ مدرسي کان مٿي پيرين اگهاڙو باهر نڪري آيو. پايائين شايد ملتان وارا پير آيا آهن. ڳوٺ وارا ۽ عالم ۽ طالب سڀ آڇيان لاءِ اچي ٻيٺا. جڏهن پاڻ ويجهو آيا تہ استاد صاحب هي نظارو اکين سان ڏسي روئي ڏنو ۽ حضرت جن جا هٿ چميائين. چيائين تہ بيشڪ اوهان جيڪو ارادو ڪيو هو سو رب پُڄايو. اسان مذاق ڪندا هئاسين، پر رب ڪري ڏيکاريو. پوءِ حضرت جن جي مهماني ڪيائين ۽ دعائون گهرايائين. پاڻ پنهنجي استاد کان دعا گهرايائون.

محبوب الاهي رحمة الله عليه
حضرت ميان محمود رحمة الله عليه
جي صحبت ۾

حضرت محبوب الاهي جا والد ميان محمود سائين جا مريد هئا. پنهنجي خاندان سميت سندن صحبت ۾ ويندا هئا. ننڍپڻ ۾ طالب علمي جي زماني ۾ حضرت محبوب الاهي ۽ سندن صحبت ۾ گهڻو ويندا هئا ۽ روحاني فيوضات حاصل ڪندا هئا. ميان سائين جن جو مختصر تعارف هن طرح آهي. [1]

حضرت ميان محمود بن حضرت ميان محمد قاسم لاکير ڳوٺ صلحاءَ آباد عرف "پوڙا لاکير" لڳ خيرپور ناٿن شاهه شهر ۾ تولد ٿيا. ملڪن جي ڳوٺ ۾ پڙهيا. اتي ئي دستاربندي ڪيائون. سندن والد درس ڏيندو رهيو. مولانا جن فارغ ٿي پنهنجي والد صاحب وٽ ذڪر اذڪار ڪندا رهيا. آخر ۾ تصوف جي تڪميل لاءِ والد مرحوم ڪيس پاڻ شريف موڪليو ۽ ميان محمود پاڻائي کان تڪميل ڪيائون. سير سلوڪ ٽئي ڪري اچي ديني خدمت ۾ مشغول ٿيا. گهڻي خلقِ خدا کانئن مستفيد ۽ مستفيض ٿي. سندن هٿن ۾ برڪت، ڏيٽي ۾ شفا هوندي هئي. پري پري جا ماڻهو اچي کانئن پاڻي پڙهائي ويندا هئا. ڪنهن لاعلاج مريض کي به اهو پاڻي پيارينداهئا تہ اهو شفايابٿي ويندو هيو. ٻڌڻ ۾ آيو آهي تہ ايا تائين ڪن ماڻهن جي گهرن ۾ سندن پڙهيل پاڻي موجود آهي. گهٽ ٽينڊو آهي تہ ان ۾ ٻيو ملائي ڇڏيندا آهن. ان مان شفا حاصل ڪندا آهن. پاڻ عشق رسول (ﷺ) ۾ شعر به چيا اٿن. مولانا ميان محمد صالح گاجي کاوڙ واري ۽ مولانا محمد صالح ماڏوي سان سندن تعلقات هوندا هئا. مولوي محمد ابراهيم کلهوڙو ڪوهه جي ڳوٺ وارو وڏو حڪيم هيو ۽ اهو به سندن مريد هيو.

---

[1] حضرت ميان محمود رحمت الله عليه جي زندگي ۽ سندن تعليمات ۽ سندن شاعري بابت هن فقير "تذڪرة المحمود" نالي ڪتاب لکيو آهي. جيڪو ڇپجي چڪو آهي. هتي ان ڪتاب مان ڪجهه تعارفي سٽون پيش ڪيون ويون آهن.

مريد ٽيئ بعد ڪنهن کان به دوا جا پيسا نه ونندو هيو. سون ۾ هيري جي ڪُشتي جو ان وٽ خاص نسخو هيو. پاڻ متوڪل علي الله هوندو هيو. هڪ ڏينهن ان مولوي صاحب کي سندس والده چيو ابا سُڳا مينهن تي گذر آهي. مولوي محمد ابراهيم چيو واهه امان ! اسان جو گذارو خدا تي نه آهي هن مينهن تي آهي! ائين چئي اها سُڳا مينهن ڪُهائي ان جو گوشت ڳوٺ ۾ ورهائي ڏنائين. اهو سڀ حضرت ميان محمود رحمة الله عليه جي صحبت جو اثر هيو.

حضرت ميان محمود سائين سادو لباس پهريندا هئا ۽ سادي زندگي گذاريندا هئا. ڪيترا ماڻهو اچي ڪانئس پڇندا هئا ته بزرگ ڪٽي آهي؟ ڪثير ماڻهو ڪانئن روحاني فيض حاصل ڪري ويا. پاڻ 27 رمضان 1363ھ تي وفات فرمايائون. سندس مزار صلحاء آباد ٻوڙا لاکير ۾ سندس والد گرامي جي پر ۾ آهي. ڪيس به پٽ ميان صفي الله ۽ ميان صبغة الله ٽيا. سندن گهراڻي ۾ حضرت امام رباني مجدد الف ثاني رحمة الله عليه جا تبرڪات هئا. جيئن جبو مبارڪ، دستار شريف وغيره. انهن تبرڪات ۾ هڪ ڪٽ جو پيالو به هيو جنهن تي قرآن ڪريم جون آيتون لکيل هيون.

اڪثر سندن زبان تي هي مصرعو هوندو هيو: **"الاهي عاقبت محمود گردان"**.

سندن شعر جو نمونو آهي. علم سان ٿي آشنا بي علم کان تون پڇ پري
جاگهرين شيءِ علم سان ان کي سگهين حاصل ڪري.

سخت ڏڪ جي خبر: حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه فرمائيندا هئا ته جڏهن آءٌ مدرسي ۾ پڙهندو هيس منهنجو والد مون کي حضرت ميان محمود رحمة الله عليه جي صحبت ۾ وٺي ويندو هيو. مون کي دل ۾ اشتياق رهندو هيو ته علم پڙهي پوءِ ان بزرگ کان روحاني فيض حاصل ڪندس. هڪ ڏينهن خبر پئي ته ميان سائين جن جو انتقال ٿي ويو آهي. اها افسوسناڪ خبر ٻڌي مون کي ڏاڍو ڏڪ غم ۽ اندوه ٿيو. ايترو رُنس جيئن کو صادق مريد پنهنجي ڪامل مرشد جي جدائي ۾ روئندو آهي.

رهبر جي تلاش: پوءِ پاڻ ان تلاش ۾ هئا ته ڪنهن ڪامل هستي کان باطني فيض حاصل ڪجي. ان تلاش ۾ جتي به ڪو بزرگ ٻڌندا هئا انجي صحبت ۾ ويندا هئا.

حضرت ميان محمود سائين جي اچانڪ موت سبب پاڻ حجر ۾ فراق ۾ نمايت رنجور رهڻ لڳا. تانجو اڃا مدرسي ۾ زير تعليم هئا تہ پرسان واري ڳوٺ ۾ مخدوم المخاديم قطب الاقطاب، قُدوة السالڪين حضرت مولانا محمد قاسم مشوري رحمة الله عليه دعوت تي تشريف فرما ٿيا. محبوب الاهي رحمة الله عليه سندن ديدار لاءِ مجلس ۾ ويا.

بيعتِ اول سلسلہ عاليہ قادريہ

ان وقت حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه ڪپور جواني ۾ هئا ۽ حضرت سائين مشوري صاحب رحمة الله عليه جي ان وقت سونهاري مبارڪ بلڪل سفيد هئي. پاڻ علم ڪان فارغ ٿيڻ جو انتظار ڪرڻ بجاءِ اتي ئي ساڻن سلسلہ عاليہ قادريہ ۾ بيعت ڪيائون ۽ تلقين ذڪر حاصل ڪيائون. اها ماه ذوالحج جي ايڪيهين تاريخ سنہ 1364 هـ ۽ صبح جو وقت هيو.

حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه جي مرشدِ اول سرتاج العلماء، زينت الصلحاء، قُدوة الاتقياء، شيخ الاسلام والمسلمين حضرت خواجہ **محمد قاسم** مشوري رحمة الله عليه جي ذات ستوده صفات، محتاج تعارف نہ آهي.[1] پاڻ علم جا گوهر هئا. شريعت ۾ طريقت جا ماهر هئا. عشقِ رسول سندن نس نس ۾ سمايل هيو. بيحد شفيق هئا. بي انداز سخاوت ڪرڻ وارا هئا. ممان نوازي سندن عادت هئي. پاڻ حسين اخلاقن جا مالڪ هئا. بي انتها اديب ۽ خليق هئا. پوري زندگي الله جي دين جي خدمت ڪي ارپي ڇڏيائون.

---

[1] سندن مي مختصر تعارف ڪتاب تاج العارفين تان ورتو ويو آهي جيڪو انٽر نيٽ جي هن سائيٽ تي رکيل آهي: http://www.qasimia.org ان کان علاوہ گهڻو مواد هن فقير جي ذاتي مشاهدن ۽ ياد داشت تي مشتمل آهي.

سندن ولادت باسعادت 12 ربيع الاول 1316هـ مطابق 1898ع سومر جي سهڻي رات درگاهه عاليه مشوري شريف ڳوٺ صاحب خان مشوري جي پلاري سرزمين تي ٿي. پاڻ جمندي ئي جام هئا. ننڍپڻ ۾ ئي سندن پيشاني ۾ نور نروار هوندو هيو. سندن ننڍپڻ عام ٻارن وانگر نه هيو. بلڪ ننڍپڻ کان ئي اولياء جا اوصاف منهنجن ظاهر ظهور هوندا هئا. سندن جواني توڙي پيري، بلڪ پوري عمر مبارڪ الله جي عبادت، زهد ۽ طاعت، تقويٰ ۽ ورع ۾ گذري. پاڻ خلق خدا جي علمي ۽ فڪري، روحاني ۽ باطني تربيت ڪندي گذاريائون. الله جي دين جي ترويج ۽ تبليغ، علم پڙهڻ ۽ پڙهائڻ سندن محبوب مشغلو هيو.

خاندان ۽ ولادت : سندن والد گرامي جو اسم مبارڪ حضرت سائين محمد عثمان بن محمد نهال بن الله بخش بن يار محمد بن پيارو خان بن شاه محمد. رحمة الله عليهم اجمعين هيو. سندن آباءُ واجداد شورڻ نازي بلوچستان جنهن کي شوران"ضلع ڊاڊر بلوچستان "چيو وڃي ٿو ڪان سنڌ ۾ آيا. هاڻي جتي درگاهه مشوري شريف آهي اتي رهيا. سندن والد گرامي هڪ دیندار متقي ۽ باشرع انسان هيو ۽ حضرت پير سائين سيد امام الدين شاه راشدي رحمة الله عليه جو مريدِ خاص ۽ محرمِ اسرار هيو.

تعليم ۽ تربيت:

حضرت سائين محمد قاسم رحمت الله عليه قرآن پاڪ پنهنجي والده ماجده وٽ پڙهي پورو ڪيو. سندن والده عابده زاهده شب خيز قرآن شريف جي شائقه ۽ عامله هئي ۽ حضرت پير سائين نلاه شريف وارن جي مريدياڻي هئي. قرآن شريف پڙهڻ بعد پاڻ فارسي ڪتاب ڳوٺ ملان ابڙا ڳوٺ جي مدرسي ۾ پڙهيائون. جتي حضرت مولانا محمد عالم ابڙو سندن استاد هيو. جيڪو نهايت متقي، پرهيزگار، متشرع عالم باعمل شخصيت جو مالڪ هيو. بلڪ سلف صالحين جي نشاني هيو. پاڻ نهايت ذهين ۽ ذڪي هيا ۽ قدرت کي به ڪائنڪ دين جي اشاعت جو ڪم ونڊو هيو تنهنڪري پاڻ ٿوري ئي عرصي ۾ سڄي فارسي بهاردانش تائين مولانا محمد عالم صاحب وٽ پڙهي پوري ڪيائون. ان وقت علمي ذوق بابت پاڻ خود فرمايائون ته اسان کي علم جي طلب جو ايڏو شوق هوندو هيو جو سڄي سڄي رات مطالعو ڪندا هياسون.

ٻارهن سالن جي ننڍي عمر ۾ سنہ 1327 هـ مطابق 1908 ع ۾ مزيد تعليم لاءِ سندن والد ڪريم ڪين ڳوٺ "سوني جتوئي" جي عظيم علمي درسگاهه "دار الفيض" ۾ داخل ڪيو. جتي ٻاڻ استاد العلماء شيخ الحديث والتفسير حضرت علامہ مفتي غلام عمر جتوئي قدس سره وٽ تعليم گير ڪيا.

شادي مبارڪ

طالب علمي جي زماني ۾ ئي يعني سنہ 1337 هـ مطابق 1918 ع سندن شادي خانہ آبادي محترم جناب الله بخش مشوري جي نياڻي سان ٿي. ان شادي مبارڪ جي پررونق تقريب ۾ سندن پير ومرشد حضرت سائين ٽلاه شريف وارا ۽ سندن استاد محترم حضرت علامہ ابوالفيض غلام عمر رحمة الله عليهما به شريڪ ٿيا هئا.

ٻيي سائٽ عابده، زاهده قرآن شريف جي شائقہ، ڪثرت سان درود شريف جو ورد ڪندڙ هئي. سڄي عمر ننگر شريف جي خدمت ڪيائين. جنهن وقت ۾ ڪارخانا ڏر پيس جون مشينون نہ هيون هي ٻيي سائٽ ٻاڻ جنڊ پيهي جماعت ۽ طالبن جي خدمت ڪندي هئي. طالب ۽ جماعت ڪيس ادب مان" امان ننگر واري"ڪري سڏيندا هيا.

دستار فضيلت ۽ مدرسي جو بنياد رکڻ:

سندن دستار فضيلت سن 1339 هجري مطابق 1920 ع ۾" مدرسہ دارالفيض "سوني جتوئي ضلع لاڙڪاڻي ۾ ولي ڪامل عالم رباني حضرت علامہ مفتي ابوالفيض غلام عمر جتوئي قدس سره العزيز وٽ ٿي. ان کان پوءِ سنہ 1340 هجري مطابق 1921 ع ۾ ٻاڻ پنهنجي ڳوٺ ۾ سندن استاد محترم جي دستِ ڪرم سان هڪ عظيم ديني اداري جو سنگ بنياد رکايائون. ان جو نالو رکيائون:

"**مدرسہ قاسم العلوم جامعہ عربيہ دار الافتاء الشرعي" مشوري شريف** جتي ٻاڻ هم تن و گوش خدمتِ دين ۾ مشغول ٿي ويا.

صورت ۽ سيرت

سندن قد مبارڪ بلند، نہ تمام ڊگهو نہ ننڍو، مگر درميانو رنگ مبارڪ ڪليل ڪڪ رنگو، بدن جي ٻيمڪ سهڻي، مضبوط نفيس ۽ خوبصورت، بدن مبارڪ جا هڏا ۽ پنا مبارڪ فراخ

ٻانهون ڍگهيون، ڏورا مضبوط ، سينو ڪشادو علم ۾ عرفان جي نور سان معمور، سندن سيني مبارڪ مان خوشبو ايندي هئي. هٿن مبارڪن جون آڱريون مبارڪ ڍگهيون ۾ ڪجهه ٽلهيريون پنيون مبارڪ سنهيون ڍگهيون، قدم مبارڪ پر گوشت ڍڳها، پيرن جون تريون سڌيون، نفيس ۾ نهايت صاف، ساڄي پير تي ترين جي هيٺان پپ تي تر جو نشان هوندو هيو. سندن متو مبارڪ گول، سهڻو، شرعي وارن مبارڪن سان سينگاريل، پيشاني مبارڪ نوراني چمڪندڙ، چهرو مبارڪ روشن لطيف، البت درازي ڏاڙهن ڪجهه مائل گول ۾ نوراني تروتازه گلاب جي گل وانگر دلڪش ذهانت ۾ دانائي فراست سان روشن، ڳل مبارڪ سهڻا ۾ چمڪندڙ ۾ داغ کان پاڪ. اکيون مبارڪ چمڪندڙ بارونق دلڪش هونديون هيون. سندن سونهاري مبارڪ مُٽِ برابر هوندي هئي. سندن سيرت سنت شريعت جي موافق هوندي هئي. سندن پيار ۾ پاڻهر محبت ۾ شفقت کي ڏسي مخالف بہ مجندا هئا. پاڻ امين اهڙا هيا جو امانتون ساڻي حالت ۾ واپس ڪندا هيا .ايتري تائين جو پئسا بہ متائڻ نہ ڏيندا هيا. فرمائيندا هيا تہ پئسا کپائي متائي پيا ڏيڻ اها بہ امانت ۾ هڪ خيانت آهي. سندن گفتگو نهايت شيرين، فصيح بامقصد ۾ ميناج واري هوندي هئي. سندن تقرير ذهن کي لوڏيندڙ ۾ دلين تي اثر وجهندڙ هئي. پاڻ گهٽو نہ ڳالهائيندا هيا ۾ مختصر ۾ بامعني جواب فرمائيندا هئا. ڳالهائڻ ۾ مخاطب کي ڊيگهہ ڪرڻ کان منع فرمائيندا هيا .پاڻ تکرّو نہ ڳالهائيندا هيا. عمومن نرم ۾ آهستگي سان گفتگو ڪندا هيا. تقرير مبارڪ ۾ آواز بلند ڪندا هيا ۾ تقرير دوران گريہ بہ ٿيندو هيو تڏهن بہ سندن آواز مبارڪ ۾ الفاظ صاف ٻڌبا هيا ۾ آواز ٻاڙو نہ ٿيندو هيو نہ وري ٻتجي ويندو هيو. سندن زبان مبارڪ مان هميشہ فقط قال الله تعاليٰ وقال رسول الله صلي الله عليہ وسلم جو گفتو نڪتو. سندن مزاج مبارڪ ۾ جمال ۾ جلال جو امتزاج هوندو هيو. جنهن ۾ جمال جو غلبو هوندو هيو. عين جلال ۾ بہ جمال جو اظهار فرمائي ويندا هيا .پاڻ نهايت همدرد، هڏ ڏوکي، پين جي ڏک ۾ درد کي پنهنجو سمجهندڙ، تمام رقيق القلب هوندا هئا. تحمل ۾ درگذر، شفقت ۾ پيار سندن جي اهڙي صفت هئي جو هرهڪ ماڻهو محسوس ڪندو هيو.

پاڻ سفيد لباس پهريندا هئا. سندن پهراڻ مبارڪ گوڏن کان هيٺ ڪشادو ۽ بنا ڪيسن جي هوندو هيو. سلوار مبارڪ وچٿري ۽ ٽٽين کان ٿورو مٿي هوندي هئي. پاڻ موسم موافق لباس پائيندا هيا .گرمين ۾ سنها پهرياڻ تہ سياري ۾ ٽلها ڪپڑا پائيندا هيا. سردين ۾ ڪوٽ ۽ مٿان سائي لوئي پائيندا هيا.اوائلي وقت ۾ هرڪ جي اڇي چادر پهريندا هيا . ان کان بعد سائي لوئي کان علاوه هي چادر استعمال ڪو نہ فرمايائون. جمعي يا عيدن جي ڏينهن يا دعوت جي موقعي تي دستار مبارڪ ٻڌندا هيا، باقي عام اوقات ۾ فقط تاج مبارڪ ۽ سفيد رومال مبارڪ هوندو هين. سندن دستار مبارڪ سفيد هوندي هئي.

بيعت ۽ خلافت

پاڻ عارف بالله ڪامل ولي الله حضرت سيد امام الدين راشدي رحمة الله عليه ٽلاهه شريف وارن سان سلسلہ عاليہ قادريہ راشديہ ۾ بيعت ڪيائون. نهايت محنتن ۽ رياضتن سان سلوڪ ڪاهيائون ڪمايائون ۽ اعليٰ باطني مقام ماڻيائون. تانجو مرشدن ڪريمن کين 1350 هـ 1931 ع ۾ خلافتِ قادريہ سان نوازيو ۽ کين تبرڪات عنايت فرمايا.

ادب ۽ احترام

ادب ۽ احترام جي معاملي ۾ پاڻ صفِ اول جا اديب ۽ خليق هئا. هر عزت واري شيءِ جو بيحد بيحساب ادب ڪندا هئا. ابي امان جو، استادن مشائخن جو تمام گهڻو ادب ڪندا هئا. آلِ رسول جي تمام گهڻي تعظيم ڪندا هئا. مديني پاڪ شهر جو بي حد ادب ڪندا هيا. جڏهن اتي ويندا هئا تہ ڪڏهن بہ هن پاڪ شهر جي حد ۾ قضا حاجت نہ ڪيائون وٺ پچائڻ جا پتر بہ هتان سنڌ مان ساڻ ڪنيون ويندا هئا. فرمائيندا هئا تہ جنهن کي مديني شريف جي آبهوا ۽ کاڌو پاڻي موافق نہ اچي تہ سندس ايمان ۾ شڪ آهي يا فرمايائون تہ سندس ايمان ضعيف آهي ڪيس توبہ تائب ٿيڻ گهرجي.

حرمين شريفين جا سفر : پاڻ نوَ حج ۽ بہ عمرا شريف ڪيا هئائون.

پهريون حج شريف 1357 هجري مطابق 1938 ع.

ٻيون حج شريف 1365 هجري ۾ ادا ڪيائون.

ٽيون حج شريف 1367 هجري ۾ ادا ڪيائون.

چوٽون حج شريف 1384 هجري ۾ ادا ڪيائون.
پنجون حج شريف 1385 هجري مطابق 1965 ع ۾ ادا ڪيائون.
ڇهون حج شريف سن 1387 هجري مطابق 1968 ع ۾ بذريعہ هوائي جهاز ادا ڪيائون
ستون حج شريف سن 1388 هجري مطابق 1969 ع بذريعہ هوائي جهاز ادا ڪيائون.
اٺون حج شريف سن 1390 هجري بذريعہ هوائي جهاز ادا ڪيائون.
نائون حج شريف سن 1394 هجري مطابق نومبر 1984 ۾ ادا ڪيائون.
پهريون عمره شريف بتاريخ 2 شعبان 1396 هجري مطابق 1976 ع ۾ ادا ڪيائون.
ٻيون عمره شريف سن 1403 مطابق 1983 ۾ ادا ڪيائون.

تصنيف و تاليف

پاڻ تقريري توڙي تحريري ميدان ۾ اڻ مٽ آثار ڇڏي ويا. سندن تصنيفات اهي علمي شہ پارا آهن جن مان اڄ بہ عوام توڙي خواص فائدو حاصل ڪري رهيا آهن. سندن تصانيف مان ڪجھ هي آهن: فتاويٰ قاسميہ ، معلم الفرائض، پردہ عورت، ارشاد الطريقت، هدايہ الابرار في تحقيق ان المصطفيٰ نورالانوار، البشريٰ لمن الحتفل بميلاد المصطفيٰ، تقصيص اللحيہ وتسويد اللحيہ، فتح الودود في تحقيق المرأة المفقود، رحمتي رات شب برات، ارشادِ طريقت، شمس الهديٰ لعيون الاعميٰ، ڪتاب الناسخ والمنسوخ، اتحاف الاشراف في احڪام تبديل الاوقاف، مجموعہ رسائل قاسميہ، مواعظ قاسميہ وغيره

وصال پُر ملال

لڳ ڀڳ هڪ قرن الله جي دين جي خدمت ڪندي هي علم ۽ عمل جو چراغ چورانوي سالن جي جمار ۾ ڇهرين رمضان المبارڪ 1410 هجري مطابق 28 مارچ سنہ1990 ع ڇهين وڳي سحري جي وقت روزي جي حالت ۾ وصال فرمايائون.

محبوب الاهي حضرت سائين مشوري صاحب جي صحبت ۾ :

حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه جيئن ساڻن بيعت ڪري تلقين حاصل ڪئي تيئن پاڻ ذڪر اذڪار مجاهدا ۾ مراقبا شروع ڪري ڏنائون ۽ وڏي محنت ۽ مشقت سان سلسلہ عاليہ قادريہ جا اسباق ڪمايائون. پاڻ ظاهري علم ۾ پڙهندا رهيا ۽ باطني منازل ۾ طئي ڪندا رهيا. ڪتابن جي مطالعي بعد ساري ساري رات مراقبي ۾ گذاري ڇڏيندا هئا ۽ اوراد ۽ وظائف پائبندي سان ادا ڪندا هئا. مرشدن جي نظرن ۾ ۽ خاص مريدن مان ليکيا ويندا هئا. مرشد ڪريم ۽ مٿن خصوصي نظرِ ڪرم ڪندا رهندا هئا. رقت قلبي عشقِ رسول ﷺ جون عجيب واردات ۽ ڪيفيات جڏهن پنهنجي مرشد سان بيان ڪندا هئا تہ مرشد ڪريم نهايت خوش ٿيندا هئا ۽ مٿن اڇا وڏيڪ مهرِ نظر فرمائيندا هئا.

عجيب خواب

تقريباً ۾ اڍائي سال حضرت مشوري صاحب رحمة الله عليه جي صحبت ۽ ارادت ۾ رهيا ۽ فيوضات و برڪات حاصل ڪيائون. سندن باطن جي پياس ۽ اداس اڇا ڏينهون ڏينهن وڌندي رهي. سندن اشتياق جو ٽانوءِ اڇا وڏيڪ ڪشادو هيو. سندن طلب ۽ تڙپ اڇا ڪنهن اهڙي هستي جي تلاش ۾ هئي جيڪو سيني ڪي عشق الاهي سان مالا مال ۽ لبريز ڪري ان ڳالهہ جو اظهار مرشد ڪريم مشوري رحمت الله عليہ سان ٻہ ڪيائون. بزرگن فرمايو اڇا انتظار ڪيو. اهي ڏينهن ٻہ جلد ايندا جڏهن ڪو جوان ايندو جو توهانجي سيني ڪي پرپور ڪندو. پوءِ سندن رات ڏينهن اها تمنا ۽ اندر ۾ آس ۽ مالڪ الملڪ جي اڳيان التجا هوندي هئي تہ :

"يا الله اهو جوان جلدي ملاءِ جيڪو باطني نعمت جي آس پوري ڪري."

فرمايائون : هڪ رات خواب ڏٺم تہ هڪ بزرگ نوراني صورت سان ڪشادي پيشاني پريل جسم، سفيد سونهاري، هڪ ڪٽ تي ويٺو آهي ۽ پرسان ٻي ڪٽ تي حضرت سائين مشوري صاحب رحمة الله عليه ويٺل آهن. آءٌ اڇي پنهنجي پيرَ حضرت سائين مشوري صاحب جي قدمبوسي ڪرڻ لڳس تہ انهن فرمايو : "پٽ هن جوان سان مِلُ هي تنهنجو پير آهي. توکي جنهنجي تلاش آهي سو هيءُ ئي آهي".

فرمايائون: ان بزرگ سان مصافحو ڪرڻ لڳس تہ اهو هٿ ملائڻ بجاءِ ڪٽ تان اڇي ٻينو ۾ مونکي ڪڍي پاکر پاتائين ۾ سينو سيني سان ملايائين. بس سينو سيني سان ملڻ شرط ڏٺم تہ هڪ وڏو ٻاهہ جو آرانيو ان بزرگ جي سيني کان منهنجي سيني ۾ داخل ٿيو. مون کان رڙ نڪري وئي. **"يا الله منهنجو سينو سڙي ويو".**

جيئن سجاڳ ٿي پيس تہ سارو سينو گرم هيو ۽ قلب ۾ حرارت هئي. دل زور زور سان ڏڙڪي رهي هئي. اندر مان چتو الله الله جو آواز اچي رهيو هيو. پوءِ ڪيتري وقت تائين ان خواب جو اثر جسم تي طاري رهيو.

تلاشِ رهنما: فرمايائون: ان خواب ڏسڻ کان پوءِ منهنجي حالت اهڙي بنجي وئي، جيڪا حضرت يوسف عليہ السلام کي خواب ۾ ڏسڻ کان پوءِ بي بي زليخا جي بنجي وئي هئي. بقول جامي بي بي صاحبہ چوندي هئي تہ :

ندانم نام تو تا ساز مش ورد * نيايم جاءِ تو تا گرد مش گرد
دلم بردی و دلداری نہ کردی * غم دادی و غمخواری نہ کردی

اي محبوب تنهنجي نالي جي خبر ناهي نہ تہ ان کي وظيفو ڪري پڙهان ها. تنهنجي جاءِ جي خبر ناهي نہ تہ ان جي چوڏاري ڦران ها. اي محبوب دل ڦري دلداري نہ ڪرڻ آئين غم ڏئي غمخواري ڪرڻ نہ آئين.

فرمايائون ان ڏينهن کان خيالن ۾ تصورن ۾ ان سهڻي صورت جي اداس پياس رهڻ لڳي.

ڪڏهن ٿيندا اهي ڏينهڙا ملڻ جا * اکيون عيدون ڪنديون دلبر ڏسڻ سان.

پوءِ پاڻ حجري ۾ فراق جون گهڙيون ڪٽيندا رهيا. جتي بہ ڪنهن بزرگ جو ٻڌندا هئا هلي ويندا هئا متان اهو دل جو دلبر ملي پوي. جيڪو من جي پياس اجهائي سيني ۾ عشق الاهي جي باهہ ٻڙڪائي. هڪ رات سندن پراڻو دوست ۽ هم سبق مولانا مولوي نبي بخش زرداري وٽن اچي مهمان ٿيو. چيائين تہ "اي دوست تو کي محنتون رياضتون ڪندي سال ٿي ويا آهن هتي ڪچي ۾ هڪ بزرگ پنجاب کان آيو آهي وڏا وڏا ظالم چور زاني ان جي صحبت ۾ نيڪ صالح ٿي ويا آهن ڪچي ۾ دين پور نالي ڳوٺ اڏايو اٿس. ان کي **"پير منو"** تا چون هل تہ ان جي زيارت ڪري اچون."

فرمايائون : مولوي نبي بخش صاحب جون ڳالهيون ٻڌي منهنجو اشتياق ٻيڻو ٿي ويو ته شايد اهو ئي من جو مطلوب هجي. مولوي صاحب سان تِڻ ٻڌم. پوءِ مولوي صاحب سان گڏجي راڻا استيشن کان لهي ڪچي ۾ ڏهه يارهن ميل پنڌ ڪيوسين ته ان بزرگ جي دربار نظر آئي. ڪکاوان گهر، ڇپر جا مڪان . سادگي وارو ماحول.

خواب جي حقيقت : فرمايائون : سومهٽي نماز جي وقت دينپور پهتاسين. ڪيئي ماڻهو جذبن ۾ نظر آيا. ڪي محبت جون ڪافيون پيا پڙهن ته ڪي پيا روئن رڙن، ڪي پيا رقص ڪن. اهڙو منظر عمر ۾ اڳ نه ڏٺو هيوسين. عمر گذري مدرسن ۾ پڙهندي ۽ بزرگن جي صحبتن ۾ وينديءَ پر هڙئي حالت اڳ ڪڏهن نه ڏٺي هئي سين. فرمايائون سومهٽي نماز جو وقت ٿيو بزرگ ٻاهر نڪتا. ائين لڳو جيئن ڪو بادشاهه تخت تان لهي آيو هجي. جڏهن سندن صورت تي نظر پئي ته يڪدم اهو خواب ياد اچي ويو. جنهن لاءِ مرشد ڪريم حضرت سائين مشوري صاحب رحمة الله عليه نشاندهي ڪئي هئي. اهو ساڳيو حسين چهرو اکين اڳيان نظر آيو، جنهن عشق جو آلاڻيو سيني ۾ وڌو هيو.

فرمايائون : رات جو نماز پڙهائي پاڻ حويلي ڏانهن هليا ويا پر ساري رات جماعت ۾ جذبا جنون چالو هئا. وري صبح جو به اها ساڳي حالت نظر آئي. ٻئي ڏينهن به ترسي پياسين.

فرمايائون: دل ۾ جيڪي پيون نسبتون هيون سي سڀ يڪدم ڏوپجي ويون پير سائين جن جو تصرف هيو يا سندن توجه هيو سندن صورت جو نقش اندر ۾ چٽجي ويو.

ڪَٽِي نينَ خُمارَ مان، جان ڪيائون نازُ نَظَرُ؛
سُورجَ شاخُون جَهڪِيُون، ڪُوماٽو قَمَرُ؛
تارا ڪَتِيُون تائب ٿيا، ديڪيندي دِلبَرُ؛
جَهڪو ٿيو جَوهَرُ، جانبَ جي جَمالَ سين.

محبوب الاهي رحمة الله عليه
قطب عالم حضرت پير منا سائين
خواجہ محمد عبد الغفار[1] رحمة الله عليه
جي صحبت ۾

بيعتِ ثاني سلسلہ عاليہ نقشبنديہ

12 جماد الثاني 1367 هـ ٽپهري نماز بعد پاڻ خواجهءِ خواجگان، قطبِ جهان، قيومِ زمان حضرت خواجہ محمد عبد الغفار فضلي نقشبندي المعروف "پير منا سائين" رحمة الله عليه جي دست مبارک تي بيعت ثاني فرمايائون ۽ سلسلہ عاليہ نقشبنديہ ۾ قلبي ذڪر جي تلقين حاصل ڪيائون.

قُطبِ عالم حضرت پير منا سائين جو شمار انهن چوٽي جي اولياءَ ۾ ٿئي ٿو جن زماني جي ماڻهن جي رخ ڪي موڙي ڇڏيو. قومن ۽ قبيلن جي تقديرن کي مٽائي ڇڏيو. پاڻ چنڙ قبيلي منجهان هيا. سندن نسب سورهين پيڑهي ۾ حضرت عماد الدين عرف "چنن پير يا چنڙ پير" رحمة الله عليه جي پاڻ سان ملي ٿو. جيڪي زماني جا قطب ڪامل اڪمل ولي ٻلڪہ مادر زاد ولي الله هئا. جن جي مزار صوبي پنجاب جي شهر بهاولپور جي ڏکڻ اوپر ۾ چاليهہ ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي ريگستاني علاقي ۾ هڪ واريءَ جي ڍب مٿان واقع آهي.

حضرت پير مٺاسائين رحمة الله عليه عشقِ الاهي جا علمبردار هئا. عشقِ رسول ۾ يڪتاءِ روزگار هئا. اهلبيتِ اطهار جا حبدار هئا. قافلءِ عُشاق جا سالار هئا. سلسلہ نقشبنديہ جا تاجدار هئا. ٻلڪہ نقشبنديہ، قادريہ ، چشتيہ ۽ سهروردييہ سلاسل جا مَجمعُ البِحَار هئا. پاڻ عارف اڪمل ۽ مرشد مڪمل هئا.

---

[1] قطبِ عالم حضرت پير منا سائين رحمت الله عليه جي سيرت ۽ سوانح تي هن فقير هڪ مستقل ڪتاب لکيو آهي، جيڪو ڇپجي چڪو آهي. هتي ان ڪتاب مان سندن تعارف خاطر ڪجهہ سڱون پيش ڪجن ٿيون.

عُلوم نقليہ وعقليہ ۾ علوم شرعيہ وروحانيہ جا جامع هئا. پاڻ صاحبِ ارشاد و تلقين هئا. پاڻ پنهنجي نوراني نظر ۾ فيضاني اثر سان هزارن انسانن جا احوالِ حيات بدلائي ويا. پاڻ عالمَ هئا، عابدَ هئا، زاهد هئا، مُتّقي ۽ مُصلح هئا. راتين جو جاڳي عبادت ڪرڻ وارا، ڏينهن جو خلقِ خدا جي اصلاح احوال ڪرڻ وارا هئا. سندن صورت حسين ، هَٿ جبين هئي، سندن گفتار پر اسرار، پر انوار هئي، جيڪا ماڻهن جي دلين جي دنيا بدلائي ڇڏيندي هئي. سندن سيرت سُنّتِ نبوي جي عملي تصوير هئي. پاڻ راڄن کي رنگ لاتائون، گمراهن کي گس لاتائون. وڇڙيل پانهن کي رب سان ملايائون.

سندن ولادت پاڪستان جي پنجاب صوبي جي ضلعي ملتان جي شهر جلالپور پير والا جي قريب هڪ ننڍڙي ڳوٺ لنگر شريف ۾ ٿي. سندن آباء و اجداد پُشتان پُشت علم ۽ عرفان ۾ ماڻهن جا مهندار ۽ عالمن ۽ صالحن جا پڳدار ٿيندا ٿي آيا. سندن پورو گهراٽو عملي ادبي ۽ صالح گهراٽو هيو پر سندن والد ڪريم جو ته علمي مقام ئي نرالو هيو. سندس نامِ گرامي مولانا يار محمد رحمت الله عليه هيو. پاڻ جيّد عالمِ دين ۽ صاحبِ تصانيفِ ڪثيره هيو. خلقِ خدا جو رهبر هيو. ان عظيم پيءُ جي پيار ۽ پرت پري صحبت ۾ پير منا سائين جي تعليم ۽ تربيت جو آغاز ٿيو ۽ پوءِ وقت جي جَيّد عالمن وٽان ظاهري عُلوم ۽ فُنون جي تڪميل ڪيائون.

مختلف مدارس ۾ علوم شرعيہ حاصل ڪيائون تانجو آخر ۾ علامہ عاقل محمد رحمت الله عليه (ولادت 1813 ع ـ وفات 19 جون 1923 ع) وٽ پاڻ آخري ڪتاب ۽ دورهِ حديث پڙهيائون جيڪو پنهنجي دور ۾ شيخ الاسلام ۽ مفتيءِ هند جي لقبن سان مشهور هيو. سندن سلسلهِ نسب ايڪيهين پيڙهي ۾ حضرت غوث بهاؤالحق ملتاني رحمة الله عليه سان ملي ٿو ۽ عرب جي مشهور عالمِ دين حضرت علامہ احمد زيني دهلان رحمة الله عليه کان سندِ فراغت حاصل ڪئي هئائين. علامہ دهلان حضرت خواجہ محمد حسن جان سرهندي رحمة الله عليه ، حضرت مولانا احمد رضا خان بريلوي رحمة الله عليه جو به استاد آهي.

پير منا سائين رحمة الله عليه وٽ قرائت جو وافر علم هيو. حديث نبوي کي پڙهيائون، پُرجهيائون، سيني ۾ سمايائون ۽ اهڙي انداز ۾ نبوي ادائن کي پڙهيائون جو سيرتِ نبوي

جي رنگ ۾ رنگجي نڪتا. پاڻ فقہ جا ماهر هئا. فلسفي ۽ منطق ۾ يدِ طولیٰ رکندا هئا. حصولِ علوم تصوف جو آغاز قادري سلسلي جي شيخ طريقت حضرت خواجہ فتح محمد قادري ﷺوتان کيائون. جتان فيوضاتِ قادري حاصل کيائون. پوءِ سلسلہ عاليہ نقشبنديہ ۾ بقيہ سلاسل روحانيہ جا فيوضات حضرت پير فضل علي شاهہ قريشي رحمۃ اللہ علیہ ﷺجي صحبتن مان حاصل کيائون.

قادر قدير کين وڏي فياضي سان حسن صورت ۽ حسن سيرت عطا کيو هيو. استادن کين علم جا حسين پوش پهرايا. مرشدن متن معرفت الاهي جا چٽ چٽي صبغة الله جي رنگ ۾ رنگي، اسرارن ۽ انوارن جو امام بنايو. هڪ ڏاتر جي ذات ۾ استادن ۽ مشائخن جي سوغات پاڻ "تَخَلَّقُوا بِاَخْلَاقِ اللهِ" جو مظهر بنجي نڪتا. مالڪ ڪريم سندن گفتار کي پر اسرار ۽ پر انوار بنائي چڏيو هيو. جڏهن ڳالهايائون ٿي تہ دلين جا زنگ ڏوئي ٿي چڏيائون. جنهن ڏانهن نظر ٿي کنيائون تہ ان جي تقدير متائي ٿي چڏيائون. جنهن شهر ڳوٺ وستي يا واهڻ ۾ ويا ٿي تہ الله جي ذڪر اسم ذات جي جھونگار جاري ڪندا ٿي ويا

حُليو شريف

پاڻ بُت ۾ پريل، چاڦين ۽ سفيد سونهاري، قد جا درميانہ هوندا هئا. اکيون وڏيون، پرون جاڙا رنگ جا پورا هوندا هئا. متي متان زريدار ڪلاهہ ۽ عمدي لونگي زريدار سائي يا ڪاري يا اڇي يا فيروزي رنگ تي پڌندا هئا. قميص بنا ڪف، ڪالرن جي ڍڳهي پائيندا هئا ۽ ڪانڇ يا گوڏ پائيندا هئا. ڪانڇ جا پاڇا وڏا ڪندا هئا. رومال ريشمي تمام سنهڙو ۽ بدن جو لٽو.ہ تمام نفيس ڏيکيندا هئا. ڪانڇ گهٽو ڪري صبح جي وقت يا سفر ۾ ڏيکيندا هئا. اڪثر وقت گوڏ پڌندا هئا سابہ قيمتي هوندي هئي.

خدمات وتعليمات

حضرت پير مٹا سائين رحمۃ اللہ علیہ شخصيت ساز هئا، تاريخ ساز هئا. بلڪ عهد ساز ۽ غريب نواز هئا. پاڻ الله جي پيغام پهچائڻ لاءِ پنهنجي اباڻي ڳوٺ لنگر مان مسافر ۽ مهاجر بنجي نڪري پيا تہ پوءِ ڪنهن جاءِ تي قرار نہ ورتائون. الله جي ڏرتي تي الله جي ٻانهن جي اصلاح احوال لاءِ مختلف ڳوٺن شهرن، واهڻن ۽ وستين ۾ مراڪز بنائيندا ويا.

جتي ماڻهن ۾ جهالت جو انڌارو ڏنائون اتي ديرو دمايائون. عشق محمد ﷺ جي سوجهري سان اهو علائقو منور بنائي وري ڪنهن پي جاءِ ڪي شرفِ قيام بخشيائون.

مليل جاءِ مطابق پاڻ پنجاب، سنڌ ۽ بلوچستان جي سترهن جاين تي نقل مڪاني ڪيائون. جتي پهتا اتي ذڪر الاهي جي جهونگار جاري ڪري ڇڏيائون. بستي آرائين ۾ آيا تہ اها "جذبي والي بستي" جي نالي سان مشهور ٿي وئي. پوءِ قريہ بقريہ سفر ڪندا آيا. ڪنهن قريہ ۾ قرار ڪونہ ورتائون. "عاشق آباد" ۾ عشق جا دونهان ڏکائيندي سڳوري سنڌ ۾ پهتا. سنڌ جي وستي وستي واهڻ واهڻ، شهر شهر، نگر نگر سفر ڪندا آيا. دين جا رنگ لائيندا آيا. آخر لاڙڪاڻي ساهہ سيباڻي ڪي آخري آرامگاه جو شرف بخشيائون. قادر ڪريم کين سنڌ متان رحمت جو ڪڪر بنائي موڪليو. سنڌ ڏرتي اڳ ئي پيرن، فقيرن، صوفين ۽ صالحن جي سرزمين مشهور ۽ معروف هئي.

پاڻ چوڏهين جو چنڊ بنجي سنڌ جي افق تي طلوع ٿيا تہ سندن روشني سنڌ جي هر ضلعي هر تعلقي تقريباً هر شهر وستي ۽ واهڻ ڪي پرنور بنائي ڇڏيو. جاهلَ سندن صحبت ۾ عالمِ ٿي ويا. عالم سندن نگاهہ سان عارف ٿي ويا. پوليس جي جمعدار تي نگاهہ ڪيائون تہ ان کي ولي الله بنائي، هزارين انسانن جو اڳواڻ بنائي ڇڏيائون. ڏنارن ۽ پنهوارن تي نگاهہ ڪيائون تہ اهي بہ قَالَ الله ۽ قَالَ الرَّسُولُ جون پوليون پولڻ لڳا. جهنگن ۽ برن ۾ ٽرن جي ٻٽُن تي بہ الله الله جي تنوار جاري ٿي وئي. سندن قدمن جي برڪت ناري ڪي نور پور بنائي ڇڏيو. سنڌ جي مختلف ڳوٺن شهرن ڪي روحاني رنگ ۾ رنگيندي آخري عمر جا ايام لاڙڪاڻي ۾ گذاريائون. سندن قدمن جي برڪت سان رامپور "**رحمتپور**" بنجي پئي. اها ئي رحمتن جي جاءِ سندن مرقدِ منور ٻڌجي وئي. سندن نگاهہ سان پار ۽ ٻُڌيا الله جي ٻاجهاري پولي پولڻ لڳا. جذبي واري پير مٹي جي فيض واري شمس جي شعاعن ۽ نوراني ڪرڻن سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ڪي منور ڪري ڇڏيو. جنهن جي قلب تي آڱر رکندا هئا، ان جو قلب ڪڙڪا ڪري هلندو هيو. هر پاسي هو هو جي جهونگار جاري ٿي وئي. عورتون پردي دار تمجد گذار بنجي ويون. پاڻ اهڙو شخصي انقلاب پيا ڪيائون جو لکين ڪَتِيلَ قلبن ڪي روشن ڪيائون.

سندن صحبت ۾ اخلاقِ ذميمہ وارا اخلاقِ حسنہ جا پيڪر بنجي ويا. پاڻ ڏوهي بنجي قلبن کي ڏوتائون. ماڻهن جا مَنَ مانجهيائون، سينا صاف ڪيائون.

اوٽين ۾ اعرابين کي قربٽون قريب ڪري انهن جا ميرا منهن ڏوئي اونداها قلب اُجاري انهن کي فنا ۾ بقا جي منزلن تي فائز ڪيائون. پاڻ محسن سنڌ هٺا پاڻ ابر رحمت هٺا، پاڻ ڪرِ ڪرامت هٺا. پاڻ نور هدايت هٺا. پاڻ شمع ولايت هٺا.

سجاده نشينان

پاڻ پوري عمر الله جي دين متين جي خدمت ڪندي جڏهن وڃي پنهنجي پالڻهار سان مليا تہ پنهنجي پويان لائق ۾ فائق فرزند دلبند حضرت خواجہ خليل الرحمان رحمة الله عليه صاحبِ مسند ڇڏيائون. جنهن سندن مشن کي جاري ۾ ساري رکيو. هن پاڪيزه پدر جو پاڪيزه پسر عالم هيو، عاقل هيو، رهبر هيو، رقيق القلب هيو، سريع الاثر هيو. سندس صحبت ۾ گمراهن کي گس مليو. پٽڪِيلَ مسافرن کي منزل ملي. پاڻ مختلف علوم مثلاً عروض ، صرف، نحو ، منطق ۾ فلسفي جا پارکو هٺا. علم تفسير ۾ حديث جا غواص هٺا. فقہ ۾ وڏي مهارت رکندا هٺا. معرفت الاهي جي حقيقت کين پاڪ پيءُ جي گود ۾ ملي هئي. سندن فضيلت لاءِ اها ڳالهہ ڪافي آهي جو پير مناسائين خود فرمائيندا هٺا تہ:

" منهنجو پٽ محمد خليل رئيسُ العلماء آهي".

سندس وصال پُر ملال ۾ برزخ طرف اِرتحال بعد سندس نور نظر، لختِ جگر حضرت خواجہ مظهر جان جانان ﷺ سندس جانشين ٿيو. جنهن جي پيشاني ۾ ننڍپڻ کان نور الاهي چمڪندڙ هيو. ايامِ طفلي ۾ ئي قطبِ عالم پير منا سائين جن کيس پنهنجي پاڪ پڳ پهرائي ۾ صدري سيني تي اوڀائي هئي. هن مائيٽي محبوب پنهنجي آپ اڪرم ۾ جَدِ اعظم جي سجاده نشيني کي سهڻي طرح نڀايو. دنيا کي روحانيت جو رنگ لڳايو. جنهن کي بہ تلقين ذڪر ڪندو هيو تہ ان کي جذبو چالو ٿي ويندو هيو.

وري سندس گهر ۾ هڪ اهڙو گلاب جو گل ٽڙيو جنهن جو اسم گرامي پنهنجي جدِ اعليٰ جي نامِ نامي مطابق "**عبدالغفار**" رکيو ويو. هن نامياري نينگر جي پيشاني ۾ بہ ننڍپڻ کان نور الاهي جلوہ گر هيو.

عظيم استادن جي تعليم ۽ تربيت سندس صلاحيتن کي ويتر نِکاري نروار ڪيو. پنهنجي والدِ گرامي جي انتقال پُر ملال بعد جدّهن پاڻ آباءُ واجداد جي مَسند مبارڪ تي فائز ٿيو تہ دنيا ڪيس "**حضرت پير منا سائين ثاني**" جي سڏڻ لقب سان سڏڻ لڳي. پاڻ نهايت محنت ۽ محبت سان پنهنجي اجداد جي عظيم سرمايي کي سنياڻي رهيو آهي. خانقاهه عاليہ رحمتپور ۾ هر مهيني جي يارهين جي رات هڪ پرڪيف نوراني محفل ٿيندڙ آهي. ان کان علاوه سالياني پروگرام بہ عظيم الشان ٿيندڙ آهن.

قطبِ عالم حضرت پير مناسائين جا نوراني نواسا حضرت سائين خواجہ محمد "**ديده دل**" مدظلہ بہ ان چمن غفاري جا حسين خوشبوئدار گل آهن. جيڪي پنهنجي اسلاف ۽ اڪابرين جي نقش قدم تي هلندي سلسلي پاڪ جي ترويج ۽ اشاعت ۾ شب وروز ڪوشان آهن. سندن آستانو لاڙڪاٽي شهر ۾ درگاه "**غريب آباد**" جي نالي سان معروف آهي. جتي بہ ماهانہ محفل ٿيندڙ آهي.

خُـلـفـاءِ غفاري

قطبِ عالم پير منا سائين رحمة الله عليه جي وصال بعد جهڙي طرح سندن دربار رحمتپور شريف ۾ فيض برڪت جاري رهيو ۽ جاري آهي. اهڙي طرح پاڻ پنهنجي پويان هڪ وڏو تعداد پنهنجي خلفاءِ جو چڏيائون جن پنهنجي نوراني نگاهن سان فيضانِ نظر سان خلقِ خدا جو اصلاح ڪيو. پير منا سائين جا خليفا الله جا عارف، ڏاڍيءِ جا ڏُڏيل صالح، سدورا، عابد ۽ متقي ٻانها هئا. جن پنهنجون توانائيون الله جي راهہ ۾ وقف ڪري چڏيون. انهن جون پيشانيون سجده گاهن سان خاڪ آلوده ٿي پيون. انهن جا مصلا ۽ وهاڻا اکين جي لڙڪن سان آلا ٿي پيا. انهن پنهنجون جانيون ۽ مال، مالڪ ڪريم کي وڪٽي جنت حاصل ڪري ورتي. انهن عربي ڪريم جو عشق پنهنجي سينن ۾ سمايو. انهن دنيا جي مِهٽن ۽ ميارن کان مٿيرو ٿي "لَا يَخَافُونَ لَوْمَةَ لَائِمٍ [المائدة: 54]" واري پڙ پاريندي، پاڪ پيغمبر ﷺ جي سنتن تي عملي زندگي گذاري ڏيکاري.

هڪ سئو کان وڌيڪ "خلفاءِ غفاريہ" ابرار ۽ اخيار بلڪ مقربين ٻانهن جي اها جماعت آهي جن پنهنجي زندگي جو لمحو لمحو اِعْلَاءِ كَلِمَةِ الله جي لاءِ وقف ڪري چڏيو

هيو. جن سنڌ جي سِينڊِ کي عشقِ حبيب جي حُسن حقيقي سان سينگاري چڏيو. جن پنهنجي توجهات سان هزارين تهجد گذار مريدن جي جماعت جوڙي چڏي.

انهن کثير الکمالات ۽ مجمع الفيوضات خليفن ۾ سر فهرست جيکي خلفاءِ محاسن ۽ محامد جو مجموعو هئا ۽ جيکي هم گير کمالات ۽ خوبين جي جامع شخصيتن جا مالڪ هئا. تن مان هڪ خليفءِ خاص، محرمِ راز، قدوة الاولياءِ حضرت خواجہ محمد الاهي بخش المعروف محبوب الاهي رحمة الله عليه آهن.

خلفاءِ غفاريہ "صالح سلف" پنهنجي پويان "خائف خلف" چڏيا. اڄ به انهن جون گاديون آباد آهن. اڄ به انهن تڙن تي ملي پاٽي جا چشما جاري آهن جتان اڄ به لکين اجارا پنهنجي اندر جي اڃ اجهائن ٿا ۽ انهن سينگاريلَ ۽ سنواريل مريدن کي "غفاري جماعت" سڏجي ٿو.

خانقاهِ غفاري جو نظام

قطبِ عالم، غوث زمن حضرت پير منا سائين رحمة الله عليه وقت جا مجدد هئا. زماني جا قيوم ۽ جهان جا غوث هئا. سندن آستاني پاڪ رحمتپور شريف ۾ ستر اسي فقيرن جا گهر هئا. جيکي مختلف قومن ۽ قبيلن جا مختلف علائقن کان لڏي اچي پنهنجي پير جي پاڙي ۾ رهيا هئا. ان نوراني بستي ۾ پاڻ عملي طرح جيکو خانقاهي نظام لاڳو ڪيائون. ان جو نقشو ڪجهہ هن طرح هيو:

* هن ساري بستي ۾ ڪوبہ فقير بي نماز، بغير ڏاڙهي وارو ڪو نہ هيو.
* هن بستي ۾ ڪوڙ ڳالهائڻ واري، چوري چغلخوري ڪرڻ واري لاءِ رهائش نہ هئي.
* ڪوبہ هتي پيڙي نوش، يا حقہ نوش نہ هيو.
* ڪوبہ انهن مان تجهد چڏڻ وارو ڪونہ هيو.
* رات جو ڏندڻ ۽ تهجد جي حاضري پوري ويندي هئي.
* عورتون بہ تهجد نماز جون پائبند هيون.
* هتي شادي توڙي غمي شريعت مطابق ٿيندي هئي.
* چار پنج سالن جي ڇوڪري بنا برقعي جي باهر نہ نڪرندي هئي.

* سٽن سالن جي هر بار لاءِ نماز پڑهڻ ضروري هوندي هئي.
* ورٿو، ترڪو، خريد و فروخت، ڏيتي ليتي، متي، مائتي، اٺڻ ويهڻ، هلڻ چلڻ، شرعي قانون مطابق هوندو هيو.
* ننگر جي هر شيءِ سڀ فقيرن جي گڏيل ملڪيت ليکي ويندي هئي، پکين جو ٽُکيل پيرُ به بنا اجازت جي کائڻ منع هيو.
* گفتار ۾ لفظ لفظ جو مواخذو ڪيو ويندو هيو. مثلاً ڪو ماڻهو خوش خير عافيت ڪرڻ وقت ائين چوي: "نوڪر، ٻيلي، ٻانهو" ته ان کي به ڪوڙ ۾ شمار ڪيو ويندو هيو.
* گهر ۾ زال اڇيان پرائي مرد جي ڳالهه ڪرڻ، يا مرد اڇيان پرائي زال جي ڳالهه ڪرڻ ممنوع هئي. ڏاريي ماڻهو جو ڪپڙو گهر ۾ ڏوئڻ به ممنوع هيو.
* درگاهه شريف ۾ هر روز اندر ٻاهر دين جي تعليم سبقاً ملندي رهندي هئي.

جذبن جي ڪثرت : مٺي پير جي دربار تي جذبن جي ڪثرت هئي. ٻاڻ جڏهن حويلي مان ٻاهر تشريف فرما ٿيندا هئا ته ماڻهن ۾ بي اختيار جذبا ۽ روح راڙا پئجي ويندا هئا ۽ جڏهن ڪرسي تي ويهي تقرير فرمائيندا هئا ته عشق جو عجيب نظارو نظر ايندو هيو. جنهن به موضوع تي وعظ فرمائيندا هئا ته عالمن جا عقل محو حيرت رهجي ويندا هئا. هر طرف ڪان الله الله جي نالي جا نعرا لڳي ويندا هئا. سندن مجلس ۾ حبِ الاهي ۽ عشقِ رسول ﷺ جو غلبو رهندو هيو.

تقويٰ ۽ پرهيزگاري: چوڏهين صدي جي پر آشوب دور ۾ پير مٺا سائين جي تقويٰ دنگ هئي. سندن صحبت ۾ اچڻ وارن جاهل ۽ گنوار ماڻهن مان به شريعت، طريقت، حقيقت ۽ معرفت جي عطر وانگي خوشبوءِ پئي ايندي هئي.

* ٻاڻ بازاري سايون ٻاجهون جيڪي ڪِني پاڻي تي پيدا ٿيندڙيون آهن جهڙوڪ واڳڻ ، بصر، ٿوم، بهه، پتاڙا اهي نه واپرائيندا هئا.
* بازاري هٿ جون ٺهيل شيون جيئن ڳُڙ، مٺايون، ملايون، جليبيون، حلوا، بازاري ٺهيل شيون يا نانواين جا تيار ٿيل طعام يا گوشت نه واپرائيندا هئا.
* پڙين جا مال يا ڪاساين جا ڪُنل جانور ڪڏهن به استعمال نه ڪندا هئا.

* کير، مکڻ، گيهه پنهنجي ڌاريل مال جو ئي استعمال ڪندا هئا.
* نيڪي جي ڏينڌ تلائن، واري مڇي جا بازار ۾ ايندي هئي تہ اها نہ ڪائيندا هئا.
* عام ڪُهين، ڪُوهن يا تلائن يا ڪُليل نادين ۾ متن جو پاڻي جنهن ۾ ماڻهو هٿ هوڙن سو نہ واپرائيندا هئا. سواءِ نلڪي جي پاڻيين جي ان جو بہ سخت احتياط رکندا هئا.
* اهو تقويٰ جو روزو نہ رڳو پاڻ رکيائون بلڪ عام جماعت لاءِ خاص اهو تقويٰ جو روزو رکايو هوائون. جڏهن سفر تي ويندا هئا تہ بہ پنهنجو گيهه، تيل پاڻ سان کڻندا هئا.
* ميزبان جيڪو دعوت ڪندو هيو تہ ان کان تقويٰ جي ڪاڏي جو لکائي ونڊندا هئا. رهائش جا ڏينهن ۾ طعام ۾ ڪير مصالح ۾ پاڻي نلڪي جو ۾ جاءِ خلاصي جو سپ لکائي پوءِ ان وٽ ويندا هئا.

هڪ فقير جو سوال: هڪ پيري قطبِ عالم پير منا سائين رحمة الله عليه جي نوراني محفل ۾ ڪچي جو هڪ فقير جيڪو سائينجن جي صحبت ۾ اچڻ کان اڳ چورين ۾ مشهور هيو. سائين جن کان مسئلو پڇڻ لڳو تہ سندس ڳئون پرائي پوک ۾ ٻڌي وات هٽي ڪاڏو آهي. ان ڳئون جو گهٽا ڏينهن ڪير نہ ڪاڏو وڃي؟ حضرت جن کلڻ لڳا. فرمايائون تہ جڏهن پراوا مال ڳئون، مينهون، چمڙن سوڏيون کايون ويندو هئين تہ ان وقت ڇو نہ مسئلو پڇندو هئين؟ ان وقت حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه روئي عرض ڪيو تہ يا حضرت اڳي تہ اکين جا ۾ قلبن جا اندا هئاسون جو حلال حرام جو پتو ڪونہ پوندو هيو. اڄ اوهان اکيون ڏنيون آهن پوءِ ڪيئن نہ مسئلا پڇون. اهو ٻڌي حضرت صاحب جن مسڪرايا ۾ الحمد لله پڙهيائون.


مزار پير منا سائين

مسجد شريف

مزار جو قديم ڪوٽو

حضرت محبوب الٰہي جو نقشبندي سلسلو



بسم الله الرحمٰن الرحيم

سلسلہ عالیہ نقشبندیہ مجددیہ غفاریہ الاھیہ کرمیہ

اول فضل مان تنھنجو گھران يا رب سچا سائين | برکت ساڻ نبي سائين جي منزل عشق پچائين
برکت ساڻ حضرت صديق اڪبر جي پھريون يار پيارو | بخش محبت پنھنجي مون کي ڀلي وڃي جڳ سارو
برکت ساڻ حضرت سلمان جي جو سچو يار پيارو | خاطر ان جي ڪيو عنايت رستو سنئون ڏيکاريو
برکت ساڻ حضرت قاسم جي جو پوٽو يار اول جو | راتيان ڏينمان آھيان سوالي بخش نصيب فضل جو
برکت ساڻ امام سڳوري جعفر صادق سيد عالي | يا رب سائين تنھنجي در کان ڪوئي نہ موٽيو خالي
برکت ساڻ بايزيد اويسي ابو الحسن خرقاني | طفيل انھن جي ڪيو عنايت ڇڻن ڪم شيطاني
برکت ساڻ ابوالقاسم گرگاني يوعليءَ جي | مرضئون قرضئون ڪٽي ڇڏايو برکت ان ولي ءَ جي
برکت ساڻ ابويوسف ۽ حضرت عجدواني | ڪيو زبان منھنجيءَ ڪي ذاڪر دل ڪيو نوراني
برکت ساڻ محمد عارف ۽ محمود ڀياري | مطلب منھنجا پنھين جھانن حل ڪري ڏيو ساري
برکت ساڻ علي عزيزان صاحب ۽ محمد سائين | جو مان گھران ڏي تون مون کي ڪيو قبول دعائين
برکت ساڻ سيد امير محمد ۽ ھاڏالدين بخاري | ھر دم تنھنجو نالو منھنجي دل ۾ ھجي جاري
برکت ساڻ عبيدالله ۽ محمد زاھد | عشق محبت تنھنجي مون کي دم دم ھجي زائد
برکت ساڻ درويش محمد ۽ امڪنگي جي خاطر | منجھ عبادت پنھنجي رک تون مولا مون کي شاطر
برکت ساڻ محمد باقي ۽ مجدد صاحب | بخش ايمان مڪمل ربا ھجان گناھئون تائب
۽ خواجہ معصوم طفيلئون سيف الدين حضوري | روا ڪيو حاجات مطالب جيڪي آھن ضروري
برکت حافظ محسن جي ۽ نور محمد عالي | عشق محبت پنھنجي کان رب رک نہ مون کي خالي
برکت شمس الدين منور ۽ غلام علي جي | وصفون بخش حميده مون کي جو اخلاق ولي ءَ جي
خاطر ابو سعيد مبارک شاھ سعيد قريشي | بخش رضا لقاءِ الاھي اھو سوال ھميشي
برکت حاجي دوست محمد ۽ عثمان رب جي پياري | تنھنجو فضل ھميشہ رب سائين منھنجا غم سڀ ٽاري
برکت حضرت خواجہ صاحب لعل شاھ ھمداني | غالب ھجي ذڪر فڪر ۽ عشق سدا صمداني
برکت ساڻ سراج الدين محمد پير ولايت | قطع محبت غير خدا جي مون کي ڪيو عنايت
برکت پير ضمير منور فضل علي وڏي شانا | مصدر فيض انيس الغُرباءِ ڪاشف راز حقانا
ڏي ڏاتار ذڪر منجھ مون کي شوق شديد تمامي | مست ھجان مخمور محبت ليل و نھار مدامي
برکت حضرت خواجہ عبدالغفار سمٿي صورت واري | دشمن منھنجا ڇڄھا پٽرا زير ڪري ڏيو ساري
برکت خواجہ الاھي بخش جي فضل ڪيو رب سائين | رحمت تنھنجي ھجي نازل روز قيامت تائين
برکت حضرت فضل آبادي قلب منھنجي ڪي جياريو | مني محبت پير سندي جو مون کي جام پياريو
رحم ڪرم ڪر "ڪرم الله" تي منھنجا مالڪ سائين | صدقي پير ڪامل جي مون کي جلد مديني پچائين
صدقي سڀ ولين جي ھيءَ پيڙي منھنجي تاريو | فنا بقا ۽ موج درياءِ جي ھر دم مون کي ڏياريو
راتيان ڏينمان تن ۾ منھنجي ھجن يار تنوارون | مدني گھوٹ محمد (ﷺ) واريون پلهل منجھ پچارون

وصلى الله تعالىٰ علىٰ خير خلقه سيدنا محمد و آله و اصحابه اجمعين برحمتك يا ارحم الراحمين

قلبي كيفيتون

حضرت محبوب الاهي رحمت الله عليه فرمايو ته جيئن ئي پنهنجي ساڻي مولانا نبي بخش سان گڏ دينهور مٿ پير منا سائين وٽ پهتس ۽ سندن پهرين نگاهه پئي ته منهنجي دل ۾ هڪ هلچل مچي وئي. پوءِ جيئن مرشد ڪريم کان قلب تي آگر رکايم پاڻ فرمايائون:

"هتي دل آهي، اتي اهو خيال رکو ته دل چئي رهي آهي الله الله الله".

بس آگر لڳڻ سان دل جي ڪيفيت متجي وئي. دل ۾ ذڪر جاري ٿي ويو. دل مان گهڙيال وانگر ٽڪ ٽڪ جو آواز خود پڌران پيو. پوءِ پنهنجي ساڻي کي چيم يار هي مون کي الائي چا ٿي ويو آهي؟ ان چيو ته دوست تو کي مبارڪ هجي جو تنهنجو ذڪر چالو ٿي ويو آهي. جيڪا چيز ٻين کي سالن ۾ به نه ملي سگهي سا توکي ساعتن ۾ حاصل ٿي وئي آهي.

فرمايائون: ذڪر ۾ اهڙي ته حالت پيدا ٿي جو غير الله کان دل صفا صاف ٿي وئي من ۾ هڪ محبوب جي تات تنوار جاري ٿي وئي. ٻئي ڏينهن مولوي صاحب چيو ته هاڻي هلو ته ڳوٺ هلون. مون چيو مولوي صاحب توهان پلي وڃو مونکي جنهن محبوب جي تلاش هئي سو ملي ويو. هاڻي آءٌ هتي ئي آهيان. پوءِ پاڻ هفتو کن ٽکي پيا. فرمايائون: چند ڏينهن ۾ منهنجي اندر جو حال اهڙو ٿي ويو جو رڳ رڳ ۾ انگ انگ ۾ الله جو ذڪر جاري ٿي ويو. بي اختيار اسم ذات جون ضربون نڪرڻ لڳيون. سجاڳي ۾ توڙي ننڊ ۾ ظاهر ۾ توڙي باطن ۾ الله الله جي تنوار جاري ٿي وئي.

جڏهانڪر ٽيام ساجاهه سُپيرين جي ،
تڏهانڪر تِر جيترو ويل نه وسريام،
اندر روح رهيام سڃڻ اوطاقون ڪري.

مجمع البحرين: سلسلہ عاليہ قادريہ جي فيض سان سندن سينو اڳي ئي معمور ، منور ۽ معطر هيو. وري هاڻي جو نقشبندين جي نگاه پئي ته ڪير ۾ ڪنڊ پئجي وئي. محبت جو بارود جيڪو دل ۾ دُکندڙ هو ان ۾ عشق الاهي جي تيلي لڳي ته عشق جي باهه پڙڪي پئي. روچ راڙا چالو ٿي ويا. سچ چيو آٿن:

نظر جنهانڈي ڪيميا سونا بناون وٽ، ذات تي ڪائي ذات نهين سيد هو يا جٽ.

ذكر و فكر

پوءِ جڏهن پاڻ واپس ڳوٺ آيا تہ ان وقت پاڻ مدرسي ۾ پڙهائيندا هئا. هاڻي سندن اڳيون حال نہ رهيو. رات ڏينهن روج راڙو چالو ٿي ويو. نہ کين گهر وٽي نہ پار پچا وٽن. دل ماٺهن جي صحبت کان بلکل کناره کشي کرڻ تي آماده ٿي وئي. تن من ۾ هر وقت ذکر الاهي ٻڌڻ ۾ پيو اچي.

فرمايائون: ان وقت منهنجو کتب بيني تان صفا روح کجي ويو. کتاب کولي پڙهان تہ صرف کارا اکر نظر پيا اچن مگر معنيٰ ۾ مطلب سمجهہ ۾ نہ پيو اچي. مون مٿان هک جنوني کيفيت طاري ٿي وئي. اکثر هي بيت پڙهندو هيس:

هيانوءِ ڦاٽي ڦارون ٿيو هانهيءَ جو هيرا،
دردن اچي دل ۾ دوست وڏَم ديرا،
آري تنهنجي عشق جا اندر آکيرا،
جلي ويم جيرا سڄڻ سوز فراق ۾.

ان سرمستي جي حال ۾ پاڻ شاعري بہ کيائون. هي سندن شعر ان وقت جو چيل آهي:

کافي:

ديوانن جان دانهون کري ٿي، دلڙي منهنجي يار منا،
دردن لاتي آ ڏُمَر ڏڙي، الا وس کان نکتي ڳالهہ منا.

دلڙي چوي ٿي الفي پايان، مستن جان ٿي وارِي وسايان،
متو اگهاڙو جُتي نہ پايان، اهڙا عشق کيا ٿَمِ حالَ منا. [1]

هن کافي جي اکر اکر ۾ پنهنجي اندر جي کيفيت جو نقشو چٽيو اٿن. لفظ لفظ ۾ درد ۽ سوز سمايل آهي. اندر جا اُڌما سورن جا صدما ۽ محبت جا مذکور بيان کيا اٿن.

درازیٔ شب از خرگان من پرس،
کہ یک دم خواب در چشمم نگشت است

---

[1] هي مڪمل کافي شاعري واري باب ۾ ملاحظہ ڪندا.

مُرلي جو آواز : هڪ دفعي پاڻ حويلي مبارڪ ۾ چار پائي تي سُتل هئا تہ ٻاهران پينو فقير مُرلي تي عشق و محبت جي ڪافي پڙهي. ان جي سوز ۾ رئي آواز ٻڌڻ شرط پاڻ وجد ۾ اچي ويا ۽ جوش ۾ جذبي ۾ ڪٽ ڪان هيٺ ڪِري پيا. هي سندن عشق ۽ محبت هئي.

ڪيفيات درد و سوز : ڪو زمانو مٿن درد ۽ سوز جون عجيب ڪيفيتون طاري رهيون. ڪڏهن گهر جو در بند ڪري اند ريمون رڙيون ڪري روئي روئي اندر جي آڳ هلڪي ڪندا هئا. ڪڏهن جهنگن ٻرن ڏانهن نڪري ويندا هئا. شل نہ ڪو غزل پڙهي، شل نہ ڪو نعت پڙهي پوءِ تہ مٿن ڪلاڪن جا ڪلاڪ گريو طاري رهندو هيو. ڪين ايترو تہ جذبو ٿي ويو جو بي اختيار اسم ذات جو ضربون نڪري ويندیون هين. ڪيڏي مهل ننڍ مان زور زور سان الله الله جا آواز ڪري اٿندا هئا.

خلافت نقشبنديہ

باطني فيوضات جو دروازو پير ڪامل جو سينو هوندو آهي. پير جي ئي محبت منجهان الله ۽ انجي حبيب ڪريم ﷺ جي محبت ملندي آهي. حضرت جن ڪي پنهنجي پير ڪامل سان والهانہ محبت هوندي هئي. اڪثر اوقات ديس پرديس ۾ سندن هم رڪاب رهڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. صحبت ۽ خدمت جا حق ادا ڪيائون. پرپٽ مرشد جي ڏسيل راهہ تي هلندي زندگي جا لمحات گذارڻ جي ڪوشش ڪيائون. ذڪر وفڪر ۾ وڏي محنت ۽ رياضت ڪيائون. شب خيزي ۽ گريہ زاري سندن عادتِ ثانيہ بنجي پئي. سندن محبتن ڪي ڏسي مرشدن ڪريمن کين خلافت ۽ اجازتِ عامہ سان نوازيو. ان اجازت ۽ خلافت بابت پاڻ پنهنجي قلمي بياض ۾ تاريخ ۽ وقت لکيو اٿن.

پاڻ 12 جمادي الثاني 1367 هـ تي دينپور ۾ پير مٹا سائين سان بيعت ڪيائون. سندن لياقت ۽ همت جو مشاهدو ڪندي بيعت کان صرف نَوَ مهينا ۽ نَوَ ڏينهن بعد ربيع الاول سنہ 1368 هـ ۾ حضرت پير مٹا سائين رحمة الله عليه کين سلسلہ عاليہ نقشبنديہ جي اشاعت ۽ تبليغ دين جي اجازت خلافت عطا ڪئي.

تبليغي ڪاوشون

خلافت ملڻ بعد پاڻ مختلف ڳوٺن ۾ شهرن ۾ تبليغ شروع ڪري ڏنائون. جيئن بيد، ڪلر، ماڏو، ڪُنب، رام، انبار، ٽلهو، ٽرڙي محبت، ڪاڇو، دولتاڻي، ٽوڙ، سم، راجو ديرو، سالاري، مري جو کوهه، جروار، باغائي چانديا، چوپار، جوهي، نارو شاهه، فضل سمتو، ڏل، لاڙ، گولاڙچي (شهيد فاضل راهو) کورواهه، بنورو، شاهه ڪريم، جميجا، ماتلي، سيل گائون، سونهارو خاصخيلي، ٺري، سنيا، پارچاڻي، ٽنبو محمد خان وغيره وغيره انهن ڳوٺن ۾ شهرن ۾ گهٽي تبليغ ڪيائون.

حضرت پير مڻا سائين رحمة الله عليه جا ٻيا خليفا تحريص ۾ ترغيب ڏئي جماعت کي رحمتپور شريف وٽي ايندا هئا پوءِ اتي جماعت کي فائدو ٿيندو هيو پر حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه جي اها خوبي هئي جو پاڻ جتي ب ويندا هئا، خلقِ خدا سڏري پوندي هئي. نيڪ نمازي بنجي پوندا هئا. پوءِ انهن کي پنهنجي پير و مرشد جي خدمت ۾ وٽي ايندا هئا. سندن بيان جو اثر "رڪت" وانگر نه پر "دست بدست سودي" وانگر هوندو هيو. ماڻهن کي اتي جو اتي فائدو ٿيندو هيو.

پاڻ جتي ب وڃي بيان ڪندا هئا ته پوري جماعت مٽان وجد طاري ٿي ويندو هيو. هڪ ٻيري پاڻ گولاڙچي تعلقي جي ترائي ڳوٺ ڪان تيرهين چڪ جي چانڊين فقيرن وٽ تبليغ تي آيا. ان وقت جنهن جي نظر سندن چهري تي ٿي پئي ان کي جذبو چالو ٿي ويو. ننڍا وڏا، پوڙها، پڪا، مرد مايون سيني ۾ الله الله جي تنوار ذڪر جي جهونگار جاري ٿي وئي. پوري پوري رات فقيرن مٽان جذبو چالو رهيو. ان طرح پاڻ خود ب پنهنجون منزلون طئي ڪندا رهيا ته خلقِ خدا کي ب فيضياب ڪندا رهيا.

گهوٽ جي شادي ۾ دين جي آبادي :

فقير محمد اسماعيل باهوٽو جيڪو خانصاحب امام بخش جو ڀرائيور هيو. ان ٻڌايو ته اسان درگاهه رحمتپور شريف تي هئاسين، هڪ رات ادائي بجي جو ٻي گاهه وقت هيو قطبِ عالم حضرت پير مڻا سائين رحمة الله عليه حويلي کان ٻاهر آيا اهو سندن ٻاهر نڪرڻ جو وقت ب نه هيو. اچانڪ ٻاهر آيا ۾ فرمايائون:

"خليفه الاهي بخش کوں، صوبيدار کوں، مولوي عاشق محمد کوں منگواؤ"

خانصاحب حاجي امام بخش کي صوبيدار چوندا هئا. جڈهن سڀ حاضر ٿيا تہ پاڻ فرمايائون: مون کي خبر پئي آهي تہ هڪ ڳوٺ ۾ بيديني تمام گهٽي آهي اوهان اتي وڃي تبليغ ڪيو الله اوهان جي مدد ڪندو. هتان ڇڏهي وڃجو فجر نماز واٽ تي پڙهجو ڏهه ميل ويندئو تہ هڪ شاخ ايندي ان شاخ جي ٽاپ سان وڃجو اڌ ميل کان پوءِ کاڀي طرف هڪ واٽر نکرندو واٽر ۾ شاخ جي وچان هڪ ڪچو رستو نکرندو جيڪو سڌو ان ڳوٺ تي ويندو. ان ڳوٺ ۾ وڃي تبليغ ڪيو.

مون خانصاحب جي جيپ پئي هلائي ۽ ٽئي ڄڻا سوار ٿيا. سائين جن جي هڏايل پار پٽن ۾ تر تفاوت نہ نظر آيو. جڈهن ان ڳوٺ ۾ پهتاسين تہ ڳوٺ جي باهران هڪ ڏٽل اجڙيل مسجد شريف نظر آئي. ڳوٺ ۾ گهر گهر تي وڏا وڏا علم لڳل هئا. حضرت محبوب الاهي رحمہ الله عليہ فرمايو تہ هيءَ آهي سائينجن جو ڏسيل ڳوٺ. جيپ تان لٿاسين. مون لائوڊ مٿي چاڙهيو. جيپ جي بيٽري تي لائوڊ استارٽ ڪيم. پوءِ مسجد صاف ڪري ڇنڪار ڪري شمر ويس. ۽ نکون ورتم چار ڪوڙرا ورتم تہ ڪنهن ۽ نہ پڇيو تہ ڪير آهين؟ ڇا لاءِ ٿو وڻين؟ بهرحال مسجد ۾ موٽي آيس. سائينجن حڪم فرمايو تہ محمد اسماعيل لائوڊ تي پنهنجي گذريل ۽ موجوده زندگي تي تبصرو ڪر. پوءِ تہ سائينجن جي نگاهه پئي جو منهنجي زبان مان اهڙا لفظ پئي نڪتا جو مان خود حيران ٿي ويس تہ اهي لفظ ڪيئن آيا. پوءِ مولوي عاشق محمد کي فرمايائون تہ ظهر جي اذان ڇوٺ ۾ هڪ رڪوع ۽ پڙهه. نماز ظهر تي ڪير ۽ نہ آيو. عصر نماز تي هڪ ڄڻو آيو، جيڪو نماز هٿ ڇوڙي پڙهي هلي ويو ۽ ڪنهن سان ۽ نہ ملیو. مغرب جي اذان تي ڳوٺ جو وڏيرو ۽ ان جا چار ٻاڍي گارڊ هٿيارن سميت آيا جيڪي هٿيار رکي سائينجن سان وڏي ادب سان مليا. نماز اسان سان پڙهيائون پوءِ وڏيري محبت منجهان عرض ڪيو تہ سائينجن اڄ رات منهنجا ممهان ٿين تہ اوهان کي هڪ عجيب ڳالهہ ٻڌايان. منهنجي نياڻي جي شادي منهنجي پائٽي سان آهي. منهنجي خواهش آهي تہ ان جو نڪاح ۽ توهان پڙهايو. ڇوتہ منهنجي نياڻي کي رات خواب ٿيو آهي تہ سياڻي الله جا نيڪ ٻانها ايندا آهي منهنجو

نڪاح پڙهائيندا. اڄ توهان کي ڏسي مون کي عبرت ٿي آهي ته واقعي نياڻي جي ڀالم سچي نڪتي آهي. هاڻي اچو اسان پٽڪندڙن کي سنئين راهه تي آڻيو. پوءِ لاڙوڻ وڃيري جي ڪنڊي ۾ لڳايا ويا. عشاء جي نماز کان پوءِ حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه تقرير پُر تاثير فرمائي جنهن جي پڌڻ سان سخت دليون نرم ٿي ويون. ماڻهو پنهنجي گناهن کي ياد ڪري سَڏڪي رهيا هئا. هر اڪ اشڪبار هئي. حالانڪ سڀ ڳوٺ وارن جو تعلق اهل تشيع سان هيو. فجر نماز کان پوءِ وڃيري جي گهر ۾ پاڻ ذڪر جي تلقين فرمايائون. پوءِ حلقو مراقبو ڪرايائون ته مردن عورتن ۾ رڙيون پئجي ويون. مرد عورتون دانهون ڪوڪون ڪري روئي رهيا هئا. پاڻ فرمايائون: اي مسلمانو اوهان سڀ سنت طريقي تي هلو ۽ اسان جي مرشد جي درگاهه شريف لاڙڪاڻي ۾ رحمپتور شريف ۾ آهي. اتي هر مهيني نوراني، ۽ روحاني محفل ٿيندي آهي. توهان ڳوٺ وارن کي دعوت آهي ته ان محفل ۾ ضرور شريڪ ٿيو. پوءِ اُهي ڳوٺ وارا رحمتپور شريف آيا ۽ پير منا سائين جي نگاهِ ڪرم سان سارو ڳوٺ سڌري صالح ٿي ويو.

خلفاءِ ڪرام سان مددگاري :

حضرت محبوب الاهي نڊيي هوندي کان ئي پاڪيزه دل ۽ نيڪ نيت هئا. دين جي خدمت جو شوق سندن رڳ رڳ ۾ سمايل هيو. سندن گفتار پر اثر هئي. پير منا سائين جي جماعت جي سرگرم مبلغن جي صفِ اول جا مبلغ هئا. بلڪ سڀني کان وڌيڪ تبليغ ڪندا هئا. ماڻهو سندن وعظ جا عاشق ۽ شائق هوندا هئا. اڪثر پير منا سائين جا خلفاء به کين پنهنجي مدد ۾ سندن جماعتن ۾ وڃي ويندا هئا. پاڻ جنهن به خليفي سان گڏجي ويندا هئا ته اتي ان خليفي صاحب جي تائيد ڪري ماڻهن کي ان ڏانهن راغب ڪندا هئا. ماڻهو وري چوندا هئا ته اوهان اسان کي ذڪر جي تلقين ڪيو. اسين اوهان جا مريد ٿيندا سين. پاڻ ڪسر نفسي ڪندي فرمائيندا هئا ته هي خليفو صاحب باڪمال اتقو مان ته هڪ ناچيز فقير آهيان. ان طرح خلفاء جون به ڪافي جماعتون وڌايائون. پاڻ بي نفس هئا ۽ اسلام جو درد رکڻ وارا هئا.

استاد جو اقرار:

پاڻ تبليغ ڪري جماعتون وٺي هر مهيني جي يارهين شريف تي پير مڻا سائين رحمة الله عليه جي خدمت ۾ ايندا هئا. پاڻ فرمايائون: هڪ پيري پنهنجي استادِ محترم کي پنهنجي پير ڪامل جي محفل ۾ وٺي آيس، جيڪو خود وڏو عالم صالح ۽ حافظِ قرآن هيو. اتي فقيرن کي جذبا جوش ڏسي، چوڻ لڳو ته هي جذبو ڪوڙو ٿا ڪن. مون چيو ته سائين ڪيئن جذبو ڪوڙو ٿا ڪن؟ چيائين ته جذبي وارو بي هوش ٿي ويندو آهي. ان کي خبر نه رهندي آهي. پر هي جذبو به ڪن ٿا ۽ هوش به اٿن. مون چيو استاد سائين جذبو ٻن قسمن جو هوندو آهي. هڪ اختياري ٻيو بي اضطراري. اختياري اهو آهي جيڪو ڄاڻي واڻي مصنوعي طرح ڪيو وڃي. سو ته بي شڪ منع آهي. ٻيو جذبو اضطراري ۽ بي اختياري هوندو آهي. ان جا وري ٻه قسم هوندا آهن. هڪڙو اهو جذبو جنهن ۾ سالڪ اهڙو بي هوش ٿي وڃي جو عقل ۽ شعور نه رهيس. ٻيو اهڙو جنهن ۾ هوش ته هجيس مگر بي وسي ڪان رڙيون دانهون نڪرن.

جيئن ڪنهن کي سردي لڳندي آهي ته بي اختيار ۽ رڙيون ۽ هو هو ڪندو ۽ هُڙڪندو آهي. ڄاڙيون ڏڪنديون اٿس. يا جيئن ڪنهن کي نانگ يا وڇون ڏنگ هڻي ته به بي اختيار دانهون ڪندو آهي. خبر به هوندي اٿس ته ماڻهون ڪلندا ته به بي وس رڙيون ڪندو آهي. هنن فقيرن کي به ائين الله جي محبت جو ڏنگ لڳل آهي. تڏهن ٿا رڙيون ڪن. هوش اٿن اڳڙ جي به خبر پوين ٿي. ٻلا اگر ڪوڙو جذبو ڪن، مکر ۽ فريب ڪن ته مکاري ماڻهو نماز، روزو ، ڏاڙهي ، ڏندڻ نه ڪندو آهي. نڱ ماڻهو دين جو ائين ڪم نه ڪري سگهندو آهي، جيئن هي فقير ٿا ڪن. ٻيو ته ڪوڙو جذبو ڪرڻ ۾ هنن کي ڇا ٿو ملي؟ هنن جا ته پٽڪا لهي پون ٿا. ڏڪ لڳن ٿا. پوءِ به جذبي ۾ سرشار آهن. ٽيون ته اگر ڪوڙو جذبو هجي ته صرف پراڻا فقير ڪن. هتي ته نوان نوان ماڻهو جيڪي پهريون پيرو اڇ پهتا آهن سي به جذبي ۾ آهن. پوءِ استاد صاحب تسليم ڪيو ته جذبو صحيح آهي.

استاد صاحب وري چوڻ لڳو ته پير صاحب ڪپڙا سنها پايون وينو آهي،

حديث ۾ آهي ته:

من رق ثوبه فقد رق دينه [1] جنهن جا ڪپڙا سنها آهن ان جو دين به سنهو آهي.
پاڻ ان جو جواب ڏنائون ته اها حديث ناهي مگر ڪنهن جو مقولو آهي.
پلا جيڪي جاهل ٽلها ڪپڙا پايون ٿا وتن، تن جو ڪهڙو دين ٽلهو آهي؟ پلا سنها ڪپڙا عورتن جي پائڻ لاءِ ناهن ناهيا ويا. اهي مردن جي لاءِ ئي آهن. پوءِ جي بي دين سنها ڪپڙا ڍڪن جائز آهي باقي جي الله واري پاتا ته ڪهڙو گناهه تي پيو! مرد جي اگهڙ ڈَنَ کان هيٺ گوڏن تائين آهي. سو حصو ته سائينجن جو ساتر ڪپڙي سان ڍڪيل آهي. باقي پهراڻ سنهو اٽن ته ان ۾ ڪهڙو حرج آهي. پوءِ استاد صاحب خاموش ٿي ويو. پوءِ استاد کي پاڻ فرمايائون ته پلا هن جلسي ۾ ٻڌاءِ ڪيترا ماڻهو آهن ؟ چيائين ته ٽي هزار ڪن ٽيندا. سائينجن فرمايس ته ٻڌاءِ اهي ديندار ٿا نظر اچن يا بي دين؟ چيائين دينددار آهن. پاڻ فرمايائونس ته پوءِ هن جوان جي محنت نه ٿا ڏسو جو هڪ پرديسي پنجاب مان اچي دنيا کي رنگ لاتو اٽس. لکين ماڻهو سڏاريا اٽس. اوهان به عالم آهيو پر اوهان جا شاگرد به ائين دينددار تهجد گذار ۽ تقويٰ شعار نه آهن. توهان وٽ محنت جو قدر اهو آهي؟ پوءِ چوڻ لڳو ته بيشڪ الله وارو آهي. پاڻ فرمايائونس جڏهن الله وارو تسليم ڪيو ٿا ته پوءِ اعتراض بند ڪيو. پوءِ جڏهن پير مٺا سائين جن وصال فرمائي ويا ته پوءِ حضرت جن وٽ آيو چوڻ لڳو ته پير سائين بي شڪ الله وارو هيو. اسان نه سڃاتو. هاڻي اوهان مون کي پنهنجي بيعت ڪيو.

محبوب الاهي جون مخالفتون: پاڻ جيئن تبليغ زور شور سان ڪيائون تيئن مخالفتن به مُنهن ڪڍيو. اوڙو پاڙو، يار دوست، هم سبق مولوي ، مِٽ مائٽ مخالف ٿي ويا. پر جيئن جيئن مخالفت ٿي تيئن تيئن الله ڪريم جا مٽن مهر جا مينهن وسڻ لڳا.

لانچي لَک، لَطيفُ چئي، هلي ڏانهن حُضُورَ؛
رَهيا سَپِ رُجَنِ ۾، سَسُئِيءَ جا سالُورَ؛
ساجَنُ ميڙيُس سُورَ، سُکَ نه ميڙيُس سُپِرين.

---

[1] حضرت ملا علي قاري ان کي بعض صوفياء جو قول سڏيو آهي. وقد قالت الصوفية: من رق ثوبه رق دينه. مرقاة المفاتيح شرح مشكاة المصابيح (7/2930) امام مناوي ان کي بعض اڪابر جو قول چيو آهي. ڏسو: قال بعض أكابر السلف كما نقله الغزالي من رق ثوبه رق دينه. التيسير بشرح الجامع الصغير (1/226)؛ امام غزالي ان کي قول سلف قرار ڏنو آهي؛ ڏسو: إحياء علوم الدين (2/97)

سندن والد کريم ۾ سندن شديد مخالف ٿي ويو. ماڻهن کي سڀ عام روڪيندو هيو ته منهنجي پٽ کي مون وڏي محنت سان پڙهائي عالم بنايو پر هاڻي اهو چريو ٿي ويو آهي، خبردار کو ۽ ان جي صحبت ۾ نه وڃي. پر والده ماجده جي وري حضرت جن سان تمام گهڻي محبت هئي. گهر ۾ ئي زال مڙس گڏجي ويهندا هئا ته پيءُ سائينجن جي شڪوه شڪايت ڪندو هيو. پين پٽن جي واڪاڻ ڪندو هيو ته والده ماجده وري سندن واڪاڻ ڪندي چوندي هئي: "سويا مڙن سوَ ته ۽ متُ نه پايان مينڊري".

هڪ ڀيري حضرت جن جي محفل جاري هئي. پاڻ عشق الاهي ۽ وحدانيت جون ڳالهيون بيان فرمائي رهيا هئا. اتفاقاً والد کريم ۽ ان مجلس ۾ ڪنڌ ڪان ويٺا هيا. گفتگو ٻڌندي سندس اکين مان جر جاري ٿي ويو. گهڻي دير بعد گهر واپس آيا ته گهر واري پڇيس، سائين اڄ گهڻي دير ڪري آيا آهيو؟ فرمايائون اڄ تنهنجي پٽ اهڙي تقرير ڪئي جو هيانوَ ئي ناري چڏيائين. مون ان کي نه سڃاتو هيو. اڄ مون سندس مقام ڏٺو آهي. برابر ولي الله آهي. بيبي صاحبه چيو ته آءٌ نه چوندي هئس ته: "سويا مِڙن سؤ ته ۽ مٽ نه پايان مينڊري" فرمائيندي هئي تنهنجا سڀ پٽ هڪ پاسي منهنجو پنهل هڪ پاسي.

محبوب الاهي رحمة الله عليه
جي پير کامل سان محبت

پير سان محبت جو مقام [1]

تصوف ۾ راهِ سلوڪ ۾ پهريون ڏاکو پير کامل سان محبت رکڻ آهي. پير جي محبت ۾ گم ٿي وڃڻ کي "فنا في الشيخ" سڏبو آهي. ان کان پوءِ فنا في الرسول ۾ فنا في الله ۽ بقا بالله جون منزلون آهن. مولانا رومي رحمه الله فرمايو آهي ته:

گر تو ذاتِ پير را کردی قبول * هم خدا در ذات آمد هم رسول

جيڪڏهن پير جي وجود کي قبول ڪيئي ته پڪ جاڻ ته الله تعالیٰ ۾ اتهون ملندئي ۽ رسول پاڪ ۾ اتهون ملندئي.

گر همی خواهی مرد گردی ای فقير * صحبت صاحبدلان را پيش گير

جيڪڏهن گهرين ته مرد مولا جو ٿين ته الله وارن جي صحبت لازم وٺ اتهون نعمت الاهي نصيب ٿيندئي. جيڪي ۾ اولياء الله ٿيا سي ۾ سڀ پنهنجي مرشدن جي محبت منجهان رڇي راس ٿيا. مرشد سان محبت گهٽي رکجي چو ته پير سان محبت رکندڙ جو درجو ان مريد کان مٿي آهي جيڪو عابد ۽ زاهد ته گهٽو ئي هجي پر مرشد سان محبت گهٽ هجيس. مرشد جي تعريف کرڻ ۾ مريد کي فائدو بخشيندي آهي. چيو ويو آهي ته:

ذکر الشيخ في الکلام کالملح في الطعام او کالنور في الظلام

مرشد جي تعريف مريد لاءِ ائين مفيد آهي جيئن طعام ۾ لوڻ هجي. يا جيئن اونداهي ۾ نور هجي. ائين فائدو ڏيندي آهي.

ذکر پيران تازه ايمانش کند * ذکر پيران جلوه بر جانش کند

پير جي تعريف مريد جي ايمان کي تازو ڪندي آهي ۽ مريد جي ساهه کي نور بخشيندي آهي.

---

[1] هي مضمون حضرت جن جي بياض مبارڪ تان ورتل آهي.

مرشد کامل جي محبت الله تعاليٰ جي نعمتن مان هڪ نعمت آهي. جنهن کي الله تعاليٰ پنهنجي درگاهِ معليٰ ۾ نوازيندو آهي تہ اول ان کي مرشد کامل جو سونهون ڪندو آهي. جنهن کي پنهنجي مهرباني کان محروم ڪندو آهي ان جي دل ۾ الله وارن ڏانهن بغض ۽ عداوت پئجي ويندي آهي ۽ اهو بدبختن مان بنجي پوندو آهي.

حب درویشان کلید جنت است * دشمنِ ایشان سزائی لعنت است

الله وارن جي محبت بهشت جي ڪنجي آهي. انهن جي دشمن جي سزا لعنت آهي.

سلسلہ عاليہ نقشبنديہ جي اصولن مان اصول آهي مرشد سان محبت رکڻ. حضرت امام رباني مجدد الف ثاني رحمة الله عليه مڪتوبات شريف ۾ فرمايو آهي تہ:

ذکر با محبتِ پیر کثیر النفع ذکر بي محبت پیر قلیل النفع

پير جي محبت سان گڏ ذڪر ڪرڻ گهڻي نفعي وارو آهي ۽ پير کامل جي محبت بنا ذڪر ڪرڻ ٿوري نفعي وارو آهي. جيئن تہ هي طريقو سيدنا صديق اڪبر رضی اللہ عنہ کان جاري ٿيل آهي. انڪري هن طريقي ۾ جيڪو بہ پنهنجي مرشد سان صداقت ۽ محبت سان پيش ايندو، اهو جلد ڪامياب ٿي ويندو. هن طريقي جي وڏي رياضت ۽ محنت پير سان محبت رکڻ آهي. پير جي محبت ۽ اتباع ڪرڻ وارو ائين آهي جيئن ڪو پلي گهوڙي جو سوار سنئين رستي سان وڃي تہ جلد منزل تي پهچي. پر جنهن کي پير سان محبت نہ آهي ان جو مثال ان ماڻهو وانگر آهي جيڪو ولي واري ڏڳ سان پيادل پنڌ ويندڙ هجي.

راهِ سلوڪ ۾ اهو سالڪ جلد منازلِ سلوڪ طي ڪندو جنهن جي پير کامل سان گهڻي محبت هوندي. ان تي اهي حقائق ظاهر ٿيندا جيڪي محنت واري مريد تي مشڪل ظاهر ٿين. جيڪو حق ۾ انهي کي الله تعاليٰ سان دل لائڻ جو آهي، ان جو آغاز مرشد سان دل لائڻ کان آهي. امام رباني فرمايو تہ: رضاءِ خدا پس پردہ رضاءِ پیر نہادہ اند خدا جو رضامندو پير جي رضامنديءَ ۾ رکيو اٿن. جيڪڏهن پير راضي تہ الله تعاليٰ راضي. جيڪڏهن پير ناراض تہ الله تعاليٰ ناراض. وري هي جاءِ تي فرمائن ٿا: مريد جيتري محبت پير سان رکندو اوتري الله سان محبت ملندس. هاڻي اختيار وارو آهين ٿوري محبت لائيندين تہ ٿوري محبت ملندئي جي گهڻي محبت لائيندين تہ گهڻي محبت ملندئي. (انتهيٰ ڪلامہ)

محبوب الاهي جي محبت

حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه پنهنجي پير جا عاشق صادق هئا. اڪثر وقت مرشد جي آستاني تي گذاريندا هئا. ايستائين جو ڪو ايڊريس پڇندو هيو تہ ان کي پنهنجي ڳوٺ جي بجاءِ پنهنجي مرشد جي دربار جي ايڊريس ڏيندا هئا. ننگر جو ڪم، دربار جو ڪم، حويلي جو ڪم، فقيرن ۽ مهمانن جي خدمت ڪرڻ پنهنجو فرض سمجهي بي لوث خدمت ڪندا هئا. جيستائين سندن مرشد ڪامل ظاهري زندگي ۾ هيا تيستائين پاڻ حج ڪرڻ ۾ نہ ويا. مرشد ۽ والدين جي وصال کان پوءِ پاڻ حج ادا ڪري آيا. مرشد کان جي ڏينهن پري ويندا هئا تہ انهن ۾ ماهيءَ بي آب وانگر تڙپندا هئا. خود سفر ۾ ويندا هئا تہ پنهنجي مرشد ڪريم کي خط لکي پنهنجي حال احوال کان آگاهہ ڪندا هئا. خليفي محمد حسين جي بقول پاڻ جڏهن ۾ پنهنجي مرشد ڪريم کي خط لکندا هئا تہ ان جي آغاز ۾ هي بيت لکندا هئا:

من کیستم کہ با تو دم دوستی زنم * چندیں سگان کوءِ تو یک کمترین منم

آءٌ ڪير آهيان جو توسان دوستي جي دعويٰ ڪيان، تنهنجي در جا ڪيئي پهريدار آهن انهن مان هڪ آءٌ به آهيان.

جڏهن مجلس ۾ مرشد جي واکاڻ ڪندا هئا تہ ڪلاڪن جا ڪلاڪ تعريف ڪندا رهندا هئا، جيئن ڪو عاشق پنهنجي معشوق جا اوصاف بيان ڪندي نہ ڏاپندو آهي.

هڪڙي ڏينهن جي ڳالهہ آهي تہ حضرت پير مڻا سائين رحمة الله عليه حويلي شريف مان باهر جلوه افروز ٿيا تہ محبوب الاهي کين عرض گذاريو: حضرت توهان پيري ۾ هزارين ماڻهن کي بي تاب ڪري ڇڏيو آهي تہ اوهان جي جواني الائي ڇا هوندي. ان چوڻ تي ڪيترن فقيرن ۾ جذبو شروع ٿي ويو. پاڻ عرض ڪيائون حضور اوهان جو هلڻ ٿو وڻي، اوهان جو ويهڻ ٿو وڻي، اوهان جو ڪلهڻ ٿو وڻي، اوهان جو ڳالهائڻ ٿو وڻي، اوهان جو مرڪڻ ٿو موهي، اوهان جي ڪاوڙ وارو گهنڊ وجهي نمارڻ ٿو وڻي، اوهان جو سامهون اچڻ ٿو وڻي، اوهان جو پٺيرو وڃڻ ٿو وڻي، اوهان الائي ڪي ملائڪ آهيو الائي ماڻهو آهيو!

اوهان جي اچڻ ۾ ناز پيرئي پنڌ کي ڏسي بي اختيار زبانن مان هي لفظ نڪري وڃن ٿا:

حَاشَ لِلّٰهِ مَا هٰذَا بَشَرًا ۱۱ اِنْ هٰذَآ اِلَّا مَلَكٌ كَرِيْمٌ

الله جي پناهه هي بشر ته نه آهي بلڪ هي ملائڪ سڳورو آهي.

ان تي پير سائين جن پاڻ مسڪرايا ۽ فرمايائون آئيني ۾ هر هڪ کي پنهنجي صورت نظر ايندي آهي.

مرشد جي دعوت ڪرڻ:

پاڻ مرشدن جي درگاه تي مهينن جا مهينا وڃي ٽڪندا هئا. خاص ڪري رمضان شريف ته پورو اتي گذارينداهئا. اتي رهائش دوران پنهنجي حال آهر مرشدن جي دعوتِ طعام ڪندا هئا. سندن دل گهريو طعام رڌي پير سائين جي ساري خاندان جي دعوت لاءِ درگاه تي پنهنجي اهلين کي طعام ڏئي چوندا هئا ته هي طعام جڏهن خدمت ۾ پيش ڪيو ته عرض ڪجو هي غريباڻي دعوت اهڙّي آهي جيئن حضرت سليمان جي دعوت ڪوِلِ ڪئي هئي. جيڪا مڪڙّ جي جنگهه کڻي آئي هئي. پوءِ جڏهن حضرت پير سائين وٽ اها دعوت ۾ اهي ڪلمات پيش ڪيا ويندا هئا ته پاڻ نهايت خوش ٿيندا هئا. دعوت کائڻ بعد برڪت لاءِ دعائون گهرندا هئا.

من پرين پڃن هي قرباني ڪنهن ڪئي؟ هڪ پيري حضرت جن پنهنجي گهر واري (امان سائڻ) کي فرمايو ته پنهنجا زيور لاهي پير سائين جن جي بيبي صاحبه کي وڃي پاراءِ. پاڻ ضرور پڃندا ته هيءَ قرباني ڪنهن ڪئي آهي؟ من پاڻ راضي ٿي پون. پوءِ امان بيبي پاڪ کي اهي زيور وڃي پهرايا. جڏهن پير سائين جن جي انهن تي نظر پئي پڃيائون. اها قرباني ڪنهن ڪئي آهي؟ بيبي سائڻ عرض ڪيو ته خليفي محبوب الاهي جي گهر واري زوري پهرائي وئي آهي. پاڻ فرمايائون اهو ته خود مسڪين آهي. پوءِ انين ڏينهن پير سائين جن کين تسبيح خاني ۾ طلب فرمائي اهي زيور واپس ڏنا ۽ فرمايائون اوهان جي خيرات اسان قبول ڪئي هاٿي اسان جي پاران تحفو قبول ڪيو. توهان جو ننگر اسان جو آهي. توهان جا پڃا پار اسان جا پڃا پار آهن. اسان اوهان کان گهڻو خوش آهيون. اوهان کو بہ فڪر نه ڪريو.

سر گھر ۾چا ۾ار ڪيان قربان

هڪ پيري حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه پنهنجي مرشد ڪريم جي نالي دستاويز لکيو جنهن ۾ لکيائون ته : "منهنجي گهر جا سڀ اسباب، مال ملڪيت، زمين، زالون، پٽ، ڌيئر، زر زيور ۽ جيڪي ڪجھ منهنجي ملڪ ۾ آهي سو سڀ ڪجھ سِرّ سُودو پنهنجي مرشد ڪامل جي حوالي ڪيان ٿو. الله جو واسطو اتوّ ، پنهنجي مرشد جو واسطو اتوّ منهنجو هي نذرّو نذرانو قبول فرمايو." پاڻ فرمايائون: اهو لکڻ کان پوءِ پنهنجي دل کان پڇيم ته اگر اهي شيون مرشد طلب ڪري، اگر سِرُ گهري ته پوءِ؟ دل چيو هي ته هڪ سر آهي هزار سر هجن ته به پير ڪامل تان قربان ڪبا. ۾چا ۾ار گهر تڙ گهور ڪبا. فرمايائون : پوءِ اهو ڪاغذ پنهنجي اهل خاندان پير سائين جي حويلي ۾ ڏياري موڪليم. پير سائين جڏهن ٽهري نماز تي آيا اهو ڪاغذ ڪنيون آيا. نماز بعد جماعت کي ڪلندي پڙهي ٻڌايائون ۽ تمام گهڻو خوش ٿيا. جماعت اڳيان محبوب الاهي رحمة الله عليه جي گهٽي واکاڻ ڪيائون ۽ فرمايائون اسان کي انهن شين جي ضرورت ڪانه آهي. باقي توهان کي الله تعالي انهي جو اجورو عطا فرمائيندو.

تمناءِ دل : حضرت جن کي پنهنجي پير سان اهڙي ته محبت هوندي هئي جو ڪابه اُڃي جاءِ ڏسندا هئا ته تمنا ڪندا هئا اها منهنجي پير جي جاءِ هجي ها. جيڪڏهن چگّي سواري ڏسندا هئا ته تمنا ڪندا هئا ته جيڪر اها منهنجي پير وٽ هجي ها. اگر ڪو لٽو ڪپڑو چگّو ڏسندا هئا ته چوندا هئا ته جيڪر اهو منهنجو پير پهري ها.

ڪيترا دفعا پاڻ پنهنجي مسڪيني حال آهرعمدو ڪپڑو وڻي سبرائي ٿمرائي مرشدن جي حضور ۾ موڪليندا هئا. پوءِ پير سائين جن جڏهن اهي ڪپڑا پهري نماز تي ايندا هئا ته پاڻ نهايت خوش ٿيندا هئا. گهڻو روئندا هئا ته مون مسڪين جا ڏنل قبول ڪري زيبِ تن فرمايا اٽن. اهو رب جو احسان سمجهي شڪراني جا نفل پڙهندا هئا.

مجبوري : پاڻ پنهنجي پير ڪامل جي جدائي ۾ مجبوري تي ڏاڍا روئندا هئا. هڪ پيري سندن ڳوٺ ۾ پير سائين جن دعوت تي آيا جڏهن موڪلاڻي جو ڏينهن آيو.

صبح جي نماز پڙهي سَنبتِ ڪيائون تہ حضرت جن لائوڊ مِ هي ٻہ ڪافيون پڙهيون جنهن سان ساري جماعت روح راڙي مِ اچي وئي ۽ پاڻ روئي روئي بي هوش ٿي ويا. ڪافي

جهوڪ لڏائي ويندئين يار سُهانا، وڃي جو وسايئي سهٽا ملڪ بيگانا.
ڪنهن سِکلائي ناتي ٽوڙڻ، درد وندان نون روئندا ڇوڙڻ،
وطن تي اپٽيان واڳان موڙڻ، هڪ دل کس ڏيون ٻي ڪيڏون آڻان.

ٻي ڪافي:

وڃن ٿا ويراڳي ويراڳي وطن تي
ڪنهن نہ جهليا ڪنهن نہ پليا هتون ويا ٿم هاڻي

پاڻ فرمائيندا هئا اهو ڏينهن اسان پنهنجي لاءِ قيامت جمڙو سمجهيو هيو.

ننگر جي خدمت:

حضرت محبوب الاهي پاڻ عالم هيا پنهنجي گهر مِ ٻہ ڪڏهن ائين جسماني مشقت ۽ محنت ڪو نہ ڪئي هئائون جمڙي مرشد جي آستاني تي خدمت ڪندا هئا. تغاريون ۽ گارا ڪٽندا هئا. سرون ڍوئيندا هئا. فرمايائون اهڙو ڪنهن ٻئي شغل باطني مِ سُرور نہ مليو جيڪو مرشد جي دربار جي خدمت ڪرڻ مِ مليو.

حضرت پير مڻا سائين حضرت جن سان بي انداز پيار رکندا هئا. جماعت غفاريہ جو هر فرد ٻہ ساڻن والهانہ محبت رکندو هيو. پير ڪامل جي صحبت ڪين ڪُندن بنائي ڇڏيو هيو. جڏهن پاڻ مهينن جا مهينا هِچڙن سميت جاءِ وٽي وڃي مرشد ڪريم جي صحبت مِ رهندا هئا. سندن گهر جا پاتي اندر درگاهہ جي خدمت ڪندا هئا ۽ پير سائين جي محافل مان فيض ۽ فائدا حاصل ڪندا هئا تہ وري باهر پاڻ پنهنجي پير جي صحبت مِ عاشقن وانگر رهندا هئا. پير سائين جن سفر تي اسرندا هئا تہ محبوب الاهي ٻہ سندن رفيقِ سفر هوندا هئا. جلوتن توڙي خلوتن مِ پنهنجي پير ڪامل وٽان سکندا ۽ پرائيندا رهندا هئا سلوڪ ٻہ سکندا هئا ۽ باطني توجهات مان ٻہ مستفيض ٿيندا رهندا هئا. جڏهن ننگر تقسيم ٿيندو هيو تہ پير سائين جن فرمائيندا هئا تہ:

مولوی صاحب بڑے ٹہر والا ہے انہن دے گھر زیادہ ننگر بھیجو

محبوب الاهي رحمة الله عليه
سان سندن مرشد جي محبت

حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه پنهنجي مرشد کريم وٽ منظور نظر هئا. جڏهن يارهين جو موقعو ٿيندو هيو ته قطبِ عالم رحمة الله عليه صبح جي وقت وعظ و نصيحت کندا هئا. رات جو علماءِ خلفاء تقريرون کندا هئا. ساري جماعت کي محبوب الاهي رحمة الله عليه جي وعظ جو انتظار هوندو هيو. جڏهن پاڻ تقرير کندا هئا ته منتشر ماڻهو مجتمع ٿي ويندا هئا. ستل ماڻهو سجاڳ ٿي پوندا هئا. پير منا سائين جن کي به محبوب الاهي جي وعظ ۽ تقرير پُر تاثير وٺندي هئي. جڏهن پاڻ وعظ فرمائيندا هئا ته محبت الاهي ۾ گهٽو روئندا هئا ۽ ساري جماعت به پئي روئندي هئي مستورات ۾ به گريه و زاري طاري ٿي ويندي هئي. حضرت پير منا سائين جن به گريه فرمائيندا هئا. جماعت کي فرمائيندا هئا ته: فقيرو الله جي ملڻ لاءِ ائين روئو جيئن مولوي صاحب ٿو روئي".

تدريس بجاءِ تبليغ جو حڪم:

قطبِ عالم رحمة الله عليه پنهنجي جماعت مان ان فقير ۽ خليفي کان گهٽو خوش ٿيندا هئا جيڪو گهٽي تبليغ کندو هيو. فرمائيندا هئا: "مرشد ته هر ڪنهن جي دل کسي وٺندو آهي پر اهو خليفو جيڪو گهٽي تبليغ ڪري اهو خود پير جي دل ڦُري وٺندو آهي".

محبوب الاهي رحمة الله عليه جي بي انداز تبليغي ڪاوشن سبب پير سائين جن ڪائنڪ تمام گهٽو خوش هئا ۽ مجلسن ۾ به سندن گهٽي تعريف جا ڪلمات فرمائيندا هئا. حضرت جن به اڻ ٽڪ جدوجهد ۽ ذوق شوق سان تبليغ دين کندا هئا. پاڻ جتي به ويندا هئا ته ماڻهو ڪشان ڪشان سندن مجلس ۾ اچي شريڪ ٿيندا هئا. چو ته الله ڪريم سندن آواز ۾ ميناڻ رکايو هيو ۽ سندن تقرير مدلل هوندي هئي. ان دوران پاڻ تدريس جو سلسلو به جاري رکيائون. وڏي تعداد ۾ طلباءِ سندن مدرسي مان علم جي اڃ اجهائي رهيا هئا. اچانڪ هڪ ڏينهن ڪين مرشد ڪريمن جو خط مليو جنهن ۾ پاڻ لکيائون:

تبلیغ از تعلیم صد گونہ افضل است کوشش بکنید

تعليم کان تبليغ سئو ڀيرا ياڻي آهي کوشش کيو.

ان خط ملڻ سان پاڻ مدرسو پنهنجي لائق طالب حوالي ڪري خود همہ تن و گوش تبليغ ۾ مصروف ٿي ويا. سندن تبليغ جو مرڪز اباڻو ڳوٺ ڪرڪٽ هيو. اتي هر پاسي کان فقيرن جون فوجون اچڻ لڳيون الله الله جون ضربون، جذبا ۾ جوش چالو ٿي ويا تہ شيطان ۽ چوٽان چوٽ مخالفت شروع ڪري ڏني. پوءِ پاڻ اتان هجرت ڪري خير محمد چانڊيو ڳوٺ ۾ آيا ۽ اتان وري مرشد ڪريم جي حڪم سان خانصاحب حاجي امام بخش جي ڳوٺ خانپور اچي رهيا. (جنهن جو بيان عنقريب اچي رهيو آهي)

خلافتِ مطلقہ

تقريبًا نوّ سال مرشد جي خدمت ۾ رهڻ سلوڪ جا سبق طئي ڪرڻ بعد کين محرم الحرام 1377 هـ ۾ خلافت جي سَنَدَ عنايت ڪئي وئي. اها اجازت انمن ئي لفظن ۾ لکيل آهي جن لفظن ۾ حضرت پير قريشي رحمت الله عليہ خود پير منا سائين رحمة الله عليه کي خلافت جي اجازتِ مطلقہ ۽ اجازت بطورِ اصالت عنايت ڪئي هئي. ان سند جي ڪاپي پيش ڪجي ٿي. جيڪا حضرت جن جي بياض تي لکي هٿائون.

قطبِ عالم پير منا سائين ياران حضرت محبوب الاهي جي سندِ خلافت



اجازت نامہ حضرت قطب زمانہ مجدد زیفضلہ عالیہ

بسم اللہ الرحمن الرحیم

یا ایھا الذین امنوا اتقوا اللہ وابتغوا الیہ الوسیلۃ وجاھدوا فی سبیلہ لعلکم تفلحون ۔ المجاھد من جاھد نفسہ فی طاعۃ اللہ

الحمد للہ رب العالمین والصلوٰۃ والسلام علی حبیبہ المرسلین وآلہ الطاہرین واصحابہ الطیبین اجمعین الی یوم الدین ۔

اما بعد می گوید فقیر لاشی محمد الغفار از اولاد حضرت خیر قدس اللہ سرہ العزیز کہ ایں عاجز خاکسار در سلسلہ خاندان نقشبندیہ مجددیہ فضلیہ داخل شدہ معاملہ تا دائرہ العین از حضرت قطب الارشاد خواجہ خواجگان پیران عرف عظم محمد منور ماکہ ادام اللہ تعالیٰ فیوضہ علینا وعلی الامۃ المحمدیۃ ومن التحیات اکملہا سیدی وسندی قبلۂ عالم محمد فضل علی قریشی دہلوی دعا می طلبی روحی فداہ ابی وامی فداہ حاصل نمودہ وشرف اجازت از آنحضرت قرۃ عینان محمد بہ جای یافتہ وبرای تحقیق سلسلۂ شریف موجود ست پس ازیں عاجز لاشیٔ برادر طریقت مولوی اللہ بخش ولد خدا بخش قوم انصاری

باشندہ علاقۂ سندہ علم سلوک وجذبہ وحالات عبادات صحیحہ حاصل نمودہ برای تعلیم اسم ذات وسلوک مراقبہ لائسان مولیٰ وبرای خدمت اسلام بموجب ضرورت اجازت دادہ شد طالبان راہ حق جل وعلا از مبتدی کہ نو دو فیض ظاہری وباطنی ازیں سلسلہ کامل حاصل نمایند وہیچ حرفے شک وشبہ در دل نیارند کہ جناب خلیفہ صاحب موصوف للہ فی اللہ خدمت اسلام وبرادران اسلام کنند فقط بتاریخ مورخہ ۲۵ ماہ محرم الحرام سنہ ۱۳۷۷ ہجری مطابق ماہ اگست سنہ ۱۹۵۷ عیسوی

(فقیر لاشیٔ محمد الغفار سکنہ تانہ فضلی)

قطبِ عالم حضرت پير منا سائين رحمت الله عليه جي پنهنجي سنڌ خلافت

اجازت نامہ حضرت نقشبندیہ مجددیہ عثمانیہ

یا ایھا الذین امنوا اتقوا اللہ وابتغوا الیہ الوسیلۃ وجاھدوا فی سبیلہ لعلکم تفلحون

ترجمہ

اے جاھد من جاھد نفسہ فی طاعۃ اللہ

بسم اللہ الرحمن الرحیم

الحمد للہ رب العلمین والصلوٰۃ والسلام علی سید المرسلین وآلہ الطاہرین واصحابہ اجمعین الی یوم الدین اما بعد۔ می گوید فقیر حقیر لاشی محمد فضل علی قریشی ہاشمی عباسی کہ این عاجز خاکسار وزہ بمقدار در خاندان نقشبندیہ مجددیہ عثمانیہ داخل شدہ علم سلوک تمام وکمال فاقد الیمن از حضرت قبلہ عالم حاجی حافظ مولانا المعوی محمد سراج الدین صاحب لاہانی حاصل نمودہ وشرف اجازت از حضرت قبلہ یافتہ برائے تحقیق سلسلہ شریف موجود است پس ازیں عاجز لاشی برادر طریقت جناب مولانا الحاج مولوی محمد عبدالغنی صاحب وجناب مولوی محمد صادق صاحب لنگر علم سلوک وجذب حالات وواردات صحیحہ حاصل نمودہ برائے تعلیم آمدہ ذات وعلم سلوک برائے طالبان مولیٰ وبرکات وفیوضات اسلام موجب ضرورت اجازت داده شد طالبان راہ حق جل وعلی را مناسب است کہ رجوع فیض ظاہری وباطنی ازین شیخ کامل حاصل نمایند وسیچ خطرہ وشک وشبہ نباشد کہ جناب خلیفہ صاحب موصوف لائق اللہ حضرت اسلام وبرادران اسلام کنند فقط

وتسخط

مقام بقلم خود

وقت یوم

خاکسار وزہ بمقدار محمد فضل علی قریشی ہاشمی عباسی از فقیر پور شریف

هن سَنَد جي اصل ڪاپي پير منا سائين جي ڏوهٽي حضرت سائين محمد ديده دل وٽ درگاهه غريب آباد شريف لاڙڪاڻي ۾ موجود آهي.

حضرت پیر متّا سائین رحمت الله علیه **جي سندِ خلافت جا هي الفاظ قابلِ توجه آهن:**

علم سلوک وجذب وحالات وواردات صحیحہ حاصل نمودہ برائے تعلیم اسم ذات و علم سلوک برائے طالبانِ مولیٰ وبرائے خدمتِ اسلام بموجبِ ضرورت اجازت دادہ شد وطالبان راہِ حق جل وعلیٰ را مناسب است کہ زود فیض ظاہری و باطنی ازین شیخ کامل حاصل نمایند وہیچ خطرہ وشک در دل نیارند کہ جناب خلیفہ صاحب موصوف للہ فی اللہ خدمتِ اسلام وبرادرانِ اسلام کنند۔

ترجمو :علمِ سلوک ۽ جذبو ۽ حالات و وارداتِ صحیحہ حاصل کیا اٿس. هاڻي الله جي طالبن کي اسم ذات ۽ سلوک جي تعليم ڏيڻ لاءِ ۽ ضرورت موجب اسلام جي خدمت لاءِ کيس اجازت ڏني وڃي ٿي. الله جل وعلا جي طالبن کي مناسب آهي تہ جلد فيض ظاهري ۽ باطني هن مرشد کامل کان حاصل کن ۽ دل ۾ کوبہ شک شبهو نہ آڻن ڇو جو مٿين صفتن وارو خليفو صاحب لله في الله اسلام ۽ برادرانِ اسلام جي خدمت کندو. فقط

محبوب الاهي رحمة الله علیه **کي لکت ۾ ڏنل خلافت ۾ بہ اهي ئي لفظ آهن:**



(فقیر الشیخ محمد الفقار گدی آستانہ فضلی)

شيـــخ كامل

حضرت پير مڙا سائين رحمت الله عليه جا لکين مريد هئا. پاڻ هر مريد کي ته اهو اجازت نامو کوند ڏنو هئائون. پر جن خوشنصيبن سلوڪ کاهيو، کمايو، سبقَ طئي کيا، حالات وواردات باطني حاصل کيائون. نقشبندي سلسلي جون منزلون طئي کيائون. سالن جا سال مرشد جي دروازي جي غلامي ڏنائون. ان کان پوءِ ئي انهن لائق ۽ اهل ماڻهن کي پاڻ اجازت نامو ڏنائون. جنهن ۾ پاڻ ان خليفي کي شيخ کامل جو سرٽيفڪيٽ ڏنائون.

جڏهن پير مڙا سائين پاڻ پنهنجي خليفي کي فيض ڏئي شيخ کامل جو لقب ڏين تا ۽ فرمائن تا ته الله جا طالبو هن مرشد کامل کان فيض حاصل ڪيو ڪو به شڪ شبهو دل ۾ نه آڻيو. پاڻ انهن کي فيضوَر ۽ فيض رسان جي خلعت سان نوازن تا ته پوءِ انهن خليفن جي فيض ۾ شڪ ڪرڻ خود پير مڙا سائين جي ولايت جو انڪار ڪرڻ آهي. مڇ گهرجي ته پير مڙا سائين جا سڀ خليفا فيض وارا آهن. جن به درگاهون کولي دين جي خدمت ڪئي آهي ۽ ڪري رهيا آهن، انهن جي دربارن تي اڄ به لکين ماڻهو سڌري رهيا آهن.

رحمتپوري رنگ

هڪ پيري پير مڙا سائين خانپور ۾ آيا. اتي اعلان فرمايائون: "جنهن شخص کي به الله جي محبت جي ضرورت آهي ۽ مسڪين آهي اسان وٽ نه ٿو پهچي سگهي ان لاءِ آڻ توهان کي بشارت ٿو ڏيان هن اسان جي خليفي صاحب (حضرت محبوب الاهي) جي صحبت ۾ يا حلقي مراقبي ۾ ايندو ويندو رهي ته :

"جا شيءِ اوهان کي رحمتپور ۾ ملندي هئي سا اوهان کي خانپور ۾ ملندي"

اها نعمت جيڪا توهان کي رحمت پور شريف ۾ ملندي آهي اها توهان کي هن جوان جي صحبت ۾ حاصل ٿيندي. توهان هت ارادو رکندئو ته توهان کڏهن به خالي نه ويندئو. هڻي نعمت هتان نه وڃائجو کوشش ڪجو".

ماهه پهريون جمعه مقرر ڪرڻ : پوءِ پير مڙا سائين رحمة الله عليه حضرت محبوب الاهي کي خانپور ۾ مرڪز کولي ماهه پهريون جمعه جلسي جو ڏينهن مقرر ڪري ڏنو.

مرشد ڪريم جي وصال پُر ملال ڪانپوءِ ۾ الله آباد شريف خانپور ۾ ان ديني ۽ روحاني مرڪز ڪي قائم رکيائون. جتي هزارين ماڻهو سندن صحبت، فيض ۽ برڪت سان سُڌري نيڪ ۽ نمازي بنجي ويا. سندن فيض گلاب جي گل جي خوشبوءِ جيان هر هنڌ پهچڻ لڳو. سندن سهڻي سيرت مَن موهڻي صورت ۽ اعليٰ اخلاق ڏسي پنهنجا توڙي پراوا سندن قرب جا قيدي بنجي ٿي ويا. پاڻ خانپور ڪان پوءِ ماتلي مقدس ۾ پنهنجو تبليغي مرڪز مقرر ڪيائون ۽ پنهنجون سڀ توانائيون الله جي راهه ۾ وقف ڪري ڇڏيائون.

فقيرن ڪي فرمان:

فقير عبد القادر سومري بيان ڪيو ته هڪ ڀيري اسان ڪاڇي جي جماعت حضرت پير مڻا سائين رحمة الله عليه ڪي عرض ڪيو ته اسانجو وطن دور دراز آهي ٻيو مسڪيني تار آهي. اسان هر يارهين تي پهچي نه ٿا سگهون. اسان تي اهڙي ڪا مهرباني ڪيو جو گهر ويٺي قرب الاهي حاصل ٿيندو رهي. ان تي پير سائين جن اسان ڪي فرمايو ته اسان جو خليفو صاحب (محبوب الاهي) اوهان ڪي قريب آهي. اسان عرض ڪيو ته جي ها. فرمايائون اتي ايندا ويندا رهو توهان ڪي اهوئي فيض رحمتپور شريف وارو خانپور ۾ نصيب ٿيندو. پوءِ وري دوبارو فرمايائون ته: جو شخص چاهي ته رحمت پور وارو فيض حاصل ڪريان ته اهو شخص وڃي خانپور ۾ فيض حاصل ڪري ۽ جو شخص چاهي ته سڄل سرمست ڏسان ته وڃي خليفي الهڏتي جمعدار ڪي ڏسي. پوءِ فرمايائون:

"همت ڪيو، ڪوشش ڪيو، سست نه ٿيو، هن طريقي جو دارومدار صحبت تي آهي ۽ ائين به فرمايائون ته پڪي عقيدي ۽ يقين وارو شخص جيڪڏهن ڪوهه قاف تي وينو هجي پنهنجي مرشد جي فرمان موجب عمل ڪري ان ڪي اتي به فيض پهچي سگهي ٿو".

وليءَ محفوظ هوندا آهن

فقير عبد القادر بيان ڪيو ته هڪ دفعي اسان پير مڻا سائين رحمة الله عليه جي خدمت ۾ ويٺا هئاسين ته حضرت محبوب الاهي جو والد گرامي قاضي خدابخش جيڪو ان وقت متن ناراض هيو تنهن سائينجن جي اڳيان محبوب الاهي جا شڪوه ۽ شڪايتون بيان ڪيون. گهرو اختلاف پئي بيان ڪيائين. پير سائين جن خاموشي سان سندس پوري گفتگو ٻڌي:

پوءِ فرمايائون: قاضي صاحب ڳالهه ٻڌ توهان جون ڳالهيون سڀيون آهن. توهان کي مان کوڙو نه ٿو چوان. مگر ياد رکي ڇڏ ته : انبياءَ گناهن کان معصوم هوندا آهن ۽ اولياءَ گناهن کان محفوظ هوندا آهن. اسان جو خليفو مولوي الاهي بخش صاحب وڏي درجي جو ولي الله آهي. ان ۾ کو به شڪ شبهو نه آهي. ڪڏهن ڪڏهن صغيرا، سهو خطائون ولين کان به سرزد ٿي پوندیون آهن. ڪبيرن گناهن کان قطعي محفوظ آهن. سو حضرت مولوي صاحب جن کان نا انصافي جمڙا ڪم ڪڏهن نه ٿي سگهندا". پير مڻا سائين جن جي اها گوهر جهڙي گفتار ٻڌي قاضي صاحب جن خاموش ٿي ويا.[1]

فنا في الله بقا بالله

هڪ دفعي حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه پنهنجي مرشدن ڪريم کي عرض ڪيو ته حضرتا منهنجو حال الائي ڪيئن ٿي ويو آهي؟ اڳ ۾ مرشدن ڪريمن جا غزل بيت ڪافيون ڏاڍا وڻندا هئا پر هاڻي الله جي ثنا کان سواءِ ٻئي ڪنهن جي تعريف نه ٿي وڻي. چوان ٿو ته هجي کو جيڪو مون کي الله تعالىٰ جي صفت ثنا وحدانيت ۾ الوهيت جي واکاڻ ڪري ٻڌائي. حضرت پير سائين جن فرمايو:

"تُساں کون مبارک هووے تُساں کوں فنا فی اللہ دی منزل نصیب تھی گئی اے۔"

وري فرمايائون هڪ اهڙو وقت آيو. جو تبليغ جو ذوق شوق مَنَ ۾ جنون جي حد تائين لڳي ويو. رات ڏينهن قرآن حديث پڙهان ماڻهن کي نصيحت ڪيان ته ٿڪ ئي نه ٿئي. پوءِ حضرت جن کي عرض ڪيم سائين هي مون کي الائي چا ٿي ويو آهي؟ تبليغ ۾ ماني پاڻي وسري وڃي ٿو. پاڻ فرمايائون:

"تُساں کون مبارک هووے تُساں کوں بقا باللہ دی منزل نصیب تھی گئی اے۔"

---

[1] ڏاڍا سائين رحمت الله عليه جي ناراضگي جو سبب هي هيو جو پاڻ حضرت محبوب الاهي کي سندس نياڻي جو رشتو ڪندن اهڙي جاءِ تي ڪرڻ لاءِ فرمايائون جيڪو ماڻهو طريقت جو مخالف هيو. پوءِ پاڻ پير مڻا سائين سان اهو احوال اوريائون، پير سائين جن حڪم ڏنو ته فلاڻي فقير سان اوهان پنهنجي نياڻي جو رشتو ڪري ڇڏيو. پاڻ ائين ڪيائون، جنهن تي ڏاڍا سائين ڪجهه وقت لاءِ ناراض ٿيا هئا. بعد ۾ جلدي راضي ٿي ويا. تانجو بفيه عمر سائين جن وٽ گڏاريائون ڏاڍا سائين جو وصال به محبوب الاهي جي گهر ۾ ٿيو.

رباني عالم ۽ ولي الله

هڪ ڏينهن حضرت پير مڻا سائين رحمت الله عليه ٽپهري جي نماز پڙهائي مجلس ۾ وينا هئا. خلفاءَ ۾ ڪثير جماعت موجود هئي. پاڻ مجلس ۾ وهاٽي کي ٽيڪ لڳائي ويهندا هئا. ان وهاٽي جي پاسي ۾ سندن بلڪل قريب حضرت محبوب الاهي وينا هئا. پير سائين جن فرمايو: "اوهان کو رباني عالم ڏٺو آهي؟ جيڪو عالم باعمل آهي ۽ الله جو ڪامل ولي آهي؟ مان اوهان کي اهو ڏيکاريان؟ پوءِ حضرت محبوب الاهي رحمت الله عليه جي ڪُلهي تي هٿ رکي فرمايائون اهو منهنجو هي خليفو اٿو".

ولي الله خليفو

صاحبزاده شفيع الله بيان ڪيو ته ساڻس فقير الله بخش چانڊيو چوڌهين چڪ واري بيان ڪيو ته اسان حضرت پير مڻا سائين رحمة الله عليه کان خليفي جي گهر ڪئي. پاڻ فرمايائون: "مان اوهان ڏانهن هڪ ولي الله خليفي کي مقرر ڪيان ٿو. اوهان مولوي الاهي بخش (حضرت محبوب الاهي) کي وٺي وڃو".

پوءِ حضرت جن کي فرمايائون ته: "بھائی اے لاڑ والے لوک بڑی محبت والے ہن تسان کون انہاندی دنیا آخرت وچ پارت ہووے انہاں کوں سنبھالو' انہاں دی خدمت کرو"

پوءِ جڏهن حضرت محبوب الاهي اسان وٽ پهتا ته اسان جي ڳوٺ وارا نندا وڏا مرد عورتون ڏاڍو خوش ٿياسون ڳوٺ ۾ الله،الله جون تنوارون جاري ٿي ويون. نئين محبت ۽ نوان نينهن لڳي ويا. پاڻ ظاهر باطن جا عالم هئا. سندن آواز پر سوز هيو. سندن چهرو حسين، طبع نازنين، مه جبين قد و قامت دلنشين، مرڪندڙ چهرو ۽ سهڻي صورت، جيڪو پيو کين ڏسي يا سندن مٺڙي گفتگو ٻڌي سو سندن محبت جو گرويدو بنجندو پيو وڃي.

محبت جي يڪرنگي

خليفي مولوي محمد اسماعيل ڏيپر بيان ڪيو ته هڪ پيري آءِ درگاهه رحمت پور شريف ۾ پنهنجي پير يعني محبوب الاهي جي حڪم سان ننگر جي ڪم ڪار لاءِ رهيل هيس.

جماعت ڪثرت سان رهيل هئي. هڪ ڏينهن مون کي خيال دل ۾ آيو ته هيتري جماعت ۾ پير سائين جن کي الائي مان ياد آهيان الائي نہ؟ مون اڃا دل ۾ ائين سوچيو ئي مس هيو ته پير مڙا سائين جن منهن مبارڪ مون ڏانهن ڦيرائي فرمايو: "مولوي اسماعيل آهي؟" فقير عرض ڪيو هائو سائين هي ويڙو آهي. پوءِ مون اڳيان اچي دستبوسي ڪئي پاڻ فرمايائون: "توهان مون کي ياد آهيو. ڏنار کي پنهنجي هر ڦهرو جو پتو هوندو آهي. توهان مولانا مولوي الاهي بخش کي پيارا آهيو ته مونکي ب پيارا آهيو. ان جو دوست منهنجو دوست آهي ان جي محبت وارو جڻ منهنجي محبت وارو آهي. مان ان جو آهيان اهو منهنجو آهي. ڪوب تفاوت نہ آهي".

پير مڙا سائين جو وصال پر ملال
۽ محبوب الاهي جو مصلحانہ ڪردار

قطبِ عالم حضرت پير مڙا سائين رحمة الله عليه جو آچر 8 شعبان المعظم 1384 هـ تي وصال پُرملال ٿيو. محبت وارن مڙان جڻ ته ڪو غم الم ۽ اندوه جو پهاڙ ڪِري پيو. ان دوران دربار رحمتپور شريف تي سجاده نشيني جي معاملي ۾ جيڪو اختلاف ڪڙو ٿيو هيو، ان جي صُلح ڪرائڻ ۾ عظيم ڪردار حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه جو هيو. پاڻ خانصاحب امام بخش جوٽيجو سان گڏجي طرفين پاران علماءَ امين مقرر ڪرايائون ۽ انهن جي شرعي فيصلي تي عمل درآمد لاءِ طرفين کي قائل ڪيائون. پوءِ فيصلي واري ڏينهن تي جڏهن حضرت سائين صاحبزاده رحمة الله عليه جي پاران مقرر ڪيل امين حضرت سائين مشوري صاحب رحمة الله عليه فيصلي واري ماڳ تي اڃا پهتا ئي نہ هئا ته سندن پاران ٻي ڏر جي امينن سان حضرت محبوب الاهي ڳالهائي دلائل ۽ براهين سان انهن کي قائل ڪيو ۽ سجادگي جو فيصلو حضرت صاحبزاده رحمة الله عليه جي حق ۾ ٿيو. پوءِ حضرت مشوري صاحب جن جڏهن پهتا هئا محبوب الاهي اتي وڃي ڪين ساري ماجرا کان آگاهه ڪيو. حضرت مشوري صاحب جن محبوب الاهي رحمة الله عليه جي پيشاني کي چُمي فرمايو ته اوهان اڄ اهو ڪم ڪيو آهي جيڪو لنواري شريف وارن بزرگن جي وصال بعد گرهوڙي صاحب صلح ڪرايو هيو.

پير منا سائين رحمة الله عليه

جي وصال بعد جماعت جي ساڻ تجديد بيعت:

حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه اٺويهه سال پنهنجي پير کامل جي صحبت پُر برڪت ۾ رهيا. ان عرصي ۾ پاڻ سڀ مبلغن کان وڌيڪ تبليغ دين ڪيائون ۽ ان سان گڏ باطني فيوضات ۽ برڪات ۽ سلوڪ جا اسباق طئي ڪيائون ۽ روحاني مقامات ۽ حالات واردات دائره لاتعين تائين حاصل ڪيائون. مرشد جي وصال پُرملال تي پاڻ غم اندوهه ۾ بيتاب ۽ بي قرار هئا. رات ڏينهن روئڻ ريءَ پي وائي وات نه هين. "جني کاڻ مُياس سي کانڈي نه ٽيا ڪيچ جا". جي مصداق مرشد جي دل جھوريندڙ سانحي بعد پاڻ شعبان ۽ رمضان روئندي گھاريائون بيحد اداس ۽ نراس هئا تہ رمضان المبارڪ ۾ پاڻ هڪ خواب ڏٺائون: "ڪو غيب مان آواز ڪندڙ پيو چوي تہ توهان ڪو بہ فڪر نہ ڪيو توهان جو ڪم شوال مهيني ۾ چالو ٿيندو". پوءِ جڏهن شوال مهيني جو ماهوار جلسو ٿيو تہ ماڻهو جيئن ايندا وڃن تيئن انهن کي جڏبا ٿيندا وڃن. سندن پوري جماعت ساڻن تجديد بيعت ڪئي. ماڻهو جيئن بيعت ڪندا وڃن تيئن متن ڪيفيتون شروع ٿيندیون وڃن. جيڪي نوان ماڻهو ذڪر پچندا وڃن تن کي جذبو ونندو وڃي.

ڳوٺن جا ڳوٺ مرد توڙي عورتون طريقي عاليہ ۾ داخل ٿيندا ويا.

روز بروز جماعت وڌندي وئي.

اهي ڪيفيات ڏسي ماڻهن کي پير منا سائين رحمة الله عليه جون محفلون ياد اچي ويون.

دنياوي لحاظ سان بہ غيبي مدد جا دروازا کلي ويا.

ٿوري ڏينهن ۾ حضرت جن جي رهائش لاءِ سندن شايان شان ماڙي تعمير ڪئي وئي.

فقيرن ۽ فقيراڻين جي رهائش لاءِ ننگر خانن جون جايون جُڙي راس ٿي ويون.

ننگر جي ضرورت جو سڀ سامان اچي ويو.

ننگر لاءِ چاليهه جريب زمين خريد ڪئي وئي.

زمين کي آباد ڪرڻ وارا بي لوٽ خدمتگار مهيا ٿي ويا.

جلسن ۽ تبليغ لاءِ بہ هزار روپين ۾ لائوڈ خريد ڪيو.

حضرت جن جي سواري لاءِ وليز جيپ ورتي وئي.
ننگر جي خدمت ۾ تبليغي مساعي لاءِ سندن صادق ۽ پر خلوص ساٿي ميدان ۾ اچي ويا.
هر طرف کان فتوحات ۽ سوغات جا الله تعالىٰ در کولي ڏنا.
هر ڏينهن ۾ الله تعالىٰ جي فضل ۽ کرم جي کا نه کا نئين راهه کلندي رهي.
الله کريم پنهنجي انعامن ۽ اڪرامن سان کين نوازيندو ويو.
پاڻ کنهن ماڻهو تي پروسو کو نه کيائون نه کنهن انسان ۾ اميد ۽ آسرو رکيائون. فقط پنهنجي پالڻهار رب العالمين جي فضل جا طالب رهيا.
رب العالمين کين دييٰ کمن ۾ خانصاحب حاجي امام بخش معاون ۽ مددگار بنائي ڏنو.

ڏکن پئيان سُک:

دنيا ۾ ڏک نه هجن ته سکن جو کو قدر ئي کونه ٿئي. رات نه هجي ته ڏينهن جي روشني جو قدر نه ٿئي. دلو ميٽي ڇوهڻ وقت کنيار جي مار کائيندو آهي، وري ٽٽڻين جا ڏک جهليندو آهي ۽ پوءِ آويءَ جي باهه ۾ پيو سڙندو آهي جڏهن پڇي رڇي راس ۽ ڳاڙهو لال ٿيندو آهي ۽ ٺرندو آهي تڏهن ان جو ملهه ٿيندو آهي ۽ پوءِ ٽڏو پاڻي ۾ ڏيندو آهي ۽ چانوَ تي ۾ رکيو ويندو آهي. اهو قدرت جو قانون آهي ته ڏکن پئيان سک هوندا آهن. ڏکن بعد محبوب جو ميلو ٿيندو آهي. شاهه سائين فرمايو:

ڏيکارِيُس ڏُکَنِ، گُونڊرَ گَسُ پِريُنِ جو؛
سُونهائي سُورَنِ، کِي هيکاندِي هوتَ سين.

ڏُکَ سُکَنِ جي سُونهَن، گهوريا سُکَ ڏُکَنِ ري!
جنين جِيءَ وِرُونهَن، سَجَنُ آيو مان گَري.

حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه جڏهن پنهنجي پير کامل جي اجازت سان تبليغ شروع ڪئي هئي ته ان راهه ۾ کين سوين سورن ۽ سختين، عداوتن ۽ مخالفن سان منهن ڏيڻو پيو هيو ۽ غربت ۽ مسڪيني ۾ بي حد ڏڻي هئائون، پر پوءِ ۾ الله تعالىٰ جي کمن ۾ ثابت قدم رهيا ۽ پوءِ وري الله کريم جي مهر ۽ مهرباني جا مٽن اهڙا بادل انا جو سندن ڏکڙا ڏور ٿي ويا.

پاڻ دنياوي طرح بہ مستغني الحال بنجي ويا تہ باطن جا بہ بادشاھ بنجي ويا. دنيا دولت جي لحاظ کان بہ بي پرواہ بنجي ويا تہ باطني نعمت جي لحاظ کان بہ پنھنجي همسرن ۾ منفرد ممتاز مقام جا مالڪ بنجي پيا.

سندن عيال بہ ڪثير ٿي ويو ۽ درگاہ شريف تي هر وقت سَوَن جي تعداد ۾ مرد ۽ پرديدار نياٽيون مھمان موجود رهڻ لڳا. انھن جي طعام ۽ قيام جو بندوبست بہ سندن طرفان ٿيڻ لڳو. اهو عجيب انتظام ڏسي هر ڪو حيرت ۾ اچي ويندو هيو. پاڻ سدائين چار جريب زمين ۾ پوک پوکيندا هئا. الله ڪريم ان ۾ بي حساب برڪت نازل فرمائيندو هيو. ٻارهن مهينا ننگر جو آڻُ نہ ڪتندو هيو. هر طرف کان رب ڪريم فتوحات جا دروازا کولي ڇڏيا. گهر ۽ ننگر جي استعمال جي هر شيءِ الله ڪريم پنھنجي فضل سان کين مهيا ڪري ٿي ڏني. ڪو ان کنيون پئي آيو تہ ڪو ڪپڑا. ڪو کير تہ ڪو ڪنڊ. پاڻ ڪنھن کان ڪجھ گهر يا سوال نہ ڪندا هئا. نہ مريدن کان ڏن يا ڪو چندو وٺندا هئا. پر الله ڪريم هر چيز پنھنجي فضل سان کين مهيا ڪري ٿي ڏني. ٽورن ڏينھن ۾ ننگر خانا ٺهي ويا. مسافر خانا جڙي راس ٿي ويا. هڪ ڏينھن پاڻ فرمايائون: "اسان جنھن ڳالھ جو دل ۾ ارادو ڪيون ٿا، الله ڪريم اها شيءِ بنا دير جي مهيا ڪري ڏئي ٿو".

سندن محبت ۽ باطني ڪشش هئي جو پري پري کان الله جا طالب پنھنجا ڳوٺ وطن ڇڏي باطني نعمت جي حصول لاءِ حضرت جن جي دربار جا ممھان ٿي رهڻ لڳا. پاڻ هر نماز بعد انھن جي تعليم ۽ تربيت جو اهتمام ڪندا هئا. فقيرن جي ذڪر جون تنوارون، هوهو جون هونگارون ۽ هر وقت جذبن جي ڏماچوڪڑي لڳل هوندي هئي. هر قوم هر علاقي جا ماڻھو، چا عالم چا جاهل، چا امير چا غريب، چا لاڙ چا پار چا ڪچو چا ڪاچو، چا ٿر چا ڪوهستان، چا سنڌ چا پنجاب چا سرحد چا بلوچستان جا ماڻھو ڪشان ڪشان اچڻ لڳا. پاڻ هر اسلامي مهيني جي ٻارهين تاريخ محفل مقرر ڪيائون. سندن هڪ ئي صحبت ۾ حضور دل سان ويھڻ واري جو قلب ذڪر الاهي ۾ جاري ٿي پوندو هيو. اهي شريعت جا تابعدار بنجي پوندا هئا. چور چوريون، زاني زنائون ۽ بي حيا بي حيائون ڇڏي ظاهر با شرع ۽ باطن با خدا بنجي پوندا هئا.

جيڪو فقير محبت ۾ سندن وڏيڪ قريب هوندو هيو ان سان اوتري وڏيڪ پيلائي ٿيندي هئي. دربار سدائين فقراء سان آباد هوندي هئي. رات ڏينهن ذڪر جا نعرا ۽ جذبا فقيرن ۾ جاري هوندا هئا. جڏهن به رات جو اٺبو هو ته مردن ۽ عورتن ۾ ذڪر ۽ جذبي جي تنوار ٻڌڻ ۾ پئي ايندي هئي.

فيوضات جي پالوٽ:

مديني واري مير ﷺ جي محبوب الاهي مٽان اهڙي ڪا خصوصي نظرِ ڪرم هئي جو هر وقت مٽن روحاني حالات و واردات جاري رهندا هئا. سندن مزاج ۾ اهڙو ڪو درد ۽ سوز سمايل هيو جو جڏهن به عشق حقيقي جو مضمون بيان ڪندا هئا يا الله جي محبت بابت بيان ڪندا هئا ته پاڻ ته بي اختيار روئندا هئا پر سامعين جون ڪيفيات به متائي ڇڏيندا هئا. پاڻ جنهن به محفل ۾ آيا ان کي پنهنجي رنگ ۾ رنگي ڇڏيندا هئا.

پاڻ محبت وارن نعت خوانن کي گهرائيندا هئا ۽ انهن کي فرمائيندا هئا ته ڪا عشق جي ڪافي ٻڌايو. پوءِ جڏهن به ڪا عشق جي ڪافي ٻڌندا هئا ته بي خود ٿي پاڻ به روئندا هئا ۽ جماعت ۾ روچ راڙو پئجي ويندو هيو. جماعت ۾ هر پاسي هاءِ هاءِ آه و فغان شروع ٿي ويندي هئي. وعظ و نصيحت ۾ اول امر نهي بيان ڪندا هئا آخر ۾ عشق جو مضمون ضرور بيان ڪندا هئا. ان ۾ پاڻ جڏهن عشقي بيت يا ڪافي پڙهندا هئا ته جماعت ۾ ڪڙ واري تڪبير پئجي ويندي هئي. اڪثر ڪري زنده دل اولياڻن جو ڪلام پسند ڪندا هئا. جڏهن فنا جي حالت هوندي هين ته وينيءِ، اتي، نماز ۾ يا وعظ ۾ هر وقت محبت ۾ مخمور نظر ايندا هئا ۽ جڏهن بقا جي حالت هوندي هين ته وري پيغام خداوندي جي پهچائڻ ۾ چست هوندا هئا.

جڏهن جماعت گهٽي ايندي هئي ته انهن کي ڪارائڻ ۽ محبوب حقيقي جو پيغام پهچائڻ ۾ پاڻ بلڪل خوش پيشاني ڏسبا هئا. وعظ ۽ تقرير ڪرڻ ۾ ڪڏهن ڏيءُ نه ٿيندو هين ۽ جي جماعت گهٽ ايندي هئي ته پاڻ مغموم ڏسبا هئا. جيئن بي بي رابعه بصري کي چوندا هئا ته تون ڪيئن معلوم ڪندي آهين ته مون تي الله تعالي راضي آهي چوندي هئي ته جڏهن الله تعالي جا دوست مون وٽ مهمان اچي ٿيندا آهن تڏهن معلوم ڪندي آهيان

الله تعالي مون تي راضي آهي ۽ جڏهن ٻاهران هليا ويندا هئا تہ مان معلوم ڪندي آهيان تہ الله تعالي مون سان ناراض آهي جو سندس دوست ٻاهران هليا ويا آهن. حضرت جن جو حال ٻہ ائين پيو معلوم ٿيندو هيو. جڏهن جماعت سان مخاطب ٿيندا هئا تہ اڪثر هي بيت پڙهندا هئا:

پلي ڪئي پؤنرن جو واس وڻڻ آئيا،
تني ڪي ڪؤنرن، ڏنا هند هيانؤ مِ.

پاڻ هر وقت باطن جي ملڪ جون پچارو پيا ڪندا هئا. جن جي ٻڌڻ سان ماڻهو پنهنجا غم الم پلائي ويهندا هئا.

راڻي جي رِهاڻِ مان، ڪو آيو آديسِي؛
ڪُتُوريءَ خوشبُوءِ سين، وِلاتَ سَپِ واسي؛
سُوڌو سَناسِي، اُتانهين ٿي آيو.

غيبي اشارا:

ماڻهن کي سندن صحبت ۾ خدمت ۾ اچڻ لاءِ غيبي اشارا ٿيندا هئا. اهل مماتي وارا بزرگ ماڻهن کي خوابن ۾ اچي محبوب الاهي رحمة الله عليه جي صحبت ۾ وڃڻ جون صلاحون ڏيندا هئا. حافظ محمد حسن لغاري جيڪو پير منا سائين جو مريد هيو. ان بيان ڪيو تہ : " پير سائين رحمة الله عليه جي وصال بعد آءٌ پريشان هيس تہ ڪنهن جي بيعت ڪيان؟ پوءِ هڪ رات خواب ۾ ڏٺم تہ هڪ بزرگ اچي رهيو آهي ان سان تمام گهٽي جماعت ساڻ آهي. سڀ نوان ماڻهو ڏسان پيو ٻڌڻ ۾ آيو "پير منو" اچي رهيو آهي. مون ارادو ڪيو تہ مان وڃي زيارت ڪريان. جڏهن پرسان ويس تہ ڏٺم پير منو نہ آهي بلڪ سندن خليفهِ خاص حضرت محبوب الاهي آهن. پاڻ جماعت جو امام ٻنجي نماز پڙهائي اٿن. جڏهن سلام ڦيرايو اٿن تہ جماعت ۾ تمام گهٽو جذبو ٿي ويو آهي. اهڙو جو ماڻهو هوش کان نڪري ويا آهن. ٻئي ڏينهن سندن خدمت ۾ خانپور آيس ۽ اهو ئي منظر ڏٺم سڀ نئين جماعت هئي ۽ پاڻ نماز پڙهائي سلام ڦيرايائون تہ جماعت ۾ ٻي انداز جذبو ٿيو. پوءِ ان خواب کي غيبي اشارو سمجهي سندن بيعت ڪيم.

ماستر محمد صادق خانپور وارو جيڪو هڪ صالح مرد هيو. هڪ ڏينهن درگاه الله آباد آيو حضرت سائينجن سان پنهنجو خواب بيان ڪيائين اڄ رات خواب ڏٺو اٿم ته چار نوراني چهرن وارا بزرگ گهوڙن تي سوار آهن جيڪي اوهان جي درگاهه تي آيا آهن. انهن مان هڪ سڃاتم ته منو پير هيو. جڏهن اوهان جي درگاهه تي آيا آهن ته اوهان پنهنجي جاءِ ڪان نڪري آيا آهيو. ته اهي اوهان سان پاڪر پائي مليا آهن. ڏسان پيو ته مٿي پير اوهان کي پاڪر پاتو آهي ۽ اوهان جي پيشاني تي چميون ڏنيون آهن ۽ چوي پيو ته : اوهان اسان جا آهيو اسان اوهان جا آهيون. اسان هتي ايندا رهنداسين. اوهان خدا جي دين جي خدمت دل سان ڪندا رهو. پوءِ اوهان کي ڪنهن ڳالهه جي مبارڪ ڏنائون. ته اوهان کي جذبو ٿي ويو آهي. اوهان جذبي ۾ زمين تي وڃي ڪِريا آهيو. اها جاءِ به ڏيکاريائين جتي اوهان جذبي ۾ ڪريا آهيو".

نور جي لات

حاجي محمد ابراهيم چانڊيو مراد جي ڳوٺ واري بيان ڪيو ته پير مٺا سائين رحمة الله عليه جي وصال بعد مون کي شوق هيو ته ڪنهن ڪامل جو مريد ٿيان. پير سائين جن جي ڪافي خليفن جي دربارن تي ويس پر ڪٿي قلب کي قرار نه آيو. هڪ رات خواب ۾ ڏسان ته هڪ مسجد آهي انجي اڳيان پير جو وڻ ٻيٺل آهي. هڪ نُور جي لات ڏسان ۾ جيڪا مسجد کان آسمان تائين آهي. مسجد ۾ ويس ته هڪ نوراني صورت وارو بزرگ وينو آهي ان سان مليس ته سڃاڻ ٿي پيس. پوءِ تلاش ڪيم ته ان بزرگ کي ڏسان ان جو مريد ٿيان. خبر نه هئي ته ڪير آهي؟ ڪاڏي جو آهي؟ هڪ دفعي خانپور حاجي امير بخش سان ڪم سانگي ويس. اها ساڳي مسجد ڏٺم. ساڳيو وڻ ڏٺم اندر آيس ته حضرت محبوب الاهي سائينجن ويٺا هئا. ساڳي صورت ڏٺم پوءِ مريد ٿيس.

باب چوٿون

قومن ۾ ڪڏهن ڪڏهن ڪي اهڙا انمول انسان پيدا ٿيندا آهن، جيڪي انفس جي نفسيات کي پرکي پروڙي، آفاق ۾ آيات الاهي جو مطالعو ڪري، احوالِ امم مان عبرت پرائي، ڪتبِ تاريخ جا ورق ورائي، انهن مان عبرتون ۽ نصيحتون پرائي، قومون ڪيئن ايرن ٿيون ۽ ڪيئن ڪِري پون ٿيون. قومن جي نشو نما لاءِ ڪهڑا اصول اهم آهن. انحطاط جا اسباب ڪهڑا آهن؟ ادوارِ متعاقبہ کي ڏسي ۽ انهن مان سبق سکي ۽ پنهنجي تجربات مان افڪار صحيحہ حاصل ڪري، ٻين جي علوم ۽ تجربات مان لاڀ پرائي، ايمان جي قوت ۽ قلب جي بصيرت سان قومن جون تقديرون ناهيندا آهن ۽ مقدر سنواريندا آهن. اهي افراد قومن لاءِ صدين جو سرمايو هوندا آهن.

اهڙن عظيم مصلح انسانن منجهان هڪ عظيم علمي فڪري ۽ روحاني شخصيت حضرت پير الاهي بخش محبوب الاهي رحمة الله عليه جي به هئي. الله ڪريم منجهن عجيب ۽ عظيم، علمي ۽ فڪري قائداڻ صلاحيتون رکيون هيون. پاڻ هڪ عزم ۽ ولولي سان جوش ۽ جذبي سان اڻيا ۽ تبليغي ۽ تحقيقي، فڪري ۽ نظرياتي ميدانن جا شهسوار بنجي فڪر ۽ نظر جي گهوڙي کي خوب دوڙايائون. بد مذهبن جي زهريلي مسموم فتنن، گستاخانہ قولن ۽ ڪردارن جي بيخ و بُن اکيڙيائون. سنگيت ڀڙڪ وارن کي تحقيق ڀڏايائون. توحيد ۽ محبت الاهي جا جام پري تشنگانِ ازل جا سينا سيراب ڪيائون. بي خبرن کي شانِ رسالت، سيرتِ طيبہ، حبِ اهلبيت، حبِ صحابہ ۽ عظمتِ اولياء الله سيکاريائون. چوڏهين صدي جي پڇاڙڪن ۽ پندرهين صدي جي پهرڪن سالن جي پُر آشوب دور ۾ پاڻ قرونِ اولیٰ جي صوفياءِ ڪرام جي ياد تازي ڪري ڇڏيائون. ماڻهن کي ڪنهن جزوي فڪر يا مخصوص ۽ محدود مسلڪي گهُٽيل ۽ ٻوساڻيل ماحول ۾ واڙڻ بجاءِ انهن کي دين ڪل ۽ دين معتدل تي هلڻ سيکاريائون.

انتها پسندي يا سنگل پوائنٽ (single point)ايجنڊا تي ماڻهن جي برين واش (brain wash)ڪرڻ بجاءِ زندگي جي هر شعبي ۾ دين اسلام جي حقيقي تعبير ۽ تشريح نه صرف پيش ڪيائون پر ان تي پاڻ به عمل ڪيائون ۽ پين کي به عمل ڪرائي ڏيکاريائون. پاڻ دين ۾ تفرقي يعني (سيڪٽيرينزم sectarianism) جي بجاءِ ڪُليت (توٽيلٽي totality) جا داعي هيا. پر ان ساري تعليمات ۾ پاڻ فقہ ۾ امام اعظم جا مقلد ئي رهيا ۽ تصوف ۾ شيخ بهاؤ الدين نقشبندي، امام رباني مجدد الف ثاني شيخ احمد فاروقي سرهندي ۽ پنهنجي شيخ ڪامل حضرت پير منا سائين جا شدت سان پيروڪار رهيا. زعماءِ اهلسنت جمهور اهل حق جي راهه تي قائم دائم رهيا. دين ۾ نه پاڻان ڪنهن نئين شيءِ کي ايجاد ڪيائون نه وري اهڙين ايجادن جي حمايت ڪيائون نه وري اهڙين ايجادن تي عمل ڪيائون. نه ڪڏهن به ڪنهن لومه لائم کان ڊنا. چو ته اهو نه ڊڄڻ ئي صالحين جي علامت آهي. نه وري ماڻهن ۾ پنهنجي مقبوليت جو سڪو ويهارڻ جي تمنا رکيائون. پوري عمر ماڻهن کي دين معتدل تي هلائڻ جون ڪاوشون ڪيائون.

پنهنجي خدا داد صلاحيتن سان قوم، مُلڪ ۽ مِلت جون علمي، فڪري، روحاني، سماجي، معاشي ۽ معاشرتي خدمتون سرانجام ڏنائون. بيديني ۽ بدعقيدگي جي خلاف هر محاذ تي ڪمر ڪشي طاغوتي ۽ شيطاني قوتن سان مقابلو ڪيائون. پنهنجي خداداد صلاحيتن سان، پنهنجي علم ۽ قلم سان، فڪر ۽ فهم سان ماڻهن جون زندگيون متائي چڏيائون. کين تبليغ دين جو بيحد شوق ۽ ولولو هوندو هيو. ڪچي ۽ ڪاچي، لاڙ ۽ پار، ٿر ۽ ڪوهستان الغرض سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ تبليغ لاءِ ويا. جتي به ويا دين جو رنگ لائيندا ويا. ماڻهن جي انفرادي توڙي اجتماعي طرح اهڙي تربيت ڪيائون جو پنهنجي صحبتن ۾ ڪافرن کي ڪلمو پڙهائي مسلمان ڪيائون.

شيعا ، وهابي، بد عقيده ماڻهو سندن صحبت ۾ راسخ العقيده سُني بنجي پيا.

بي دين سندن صحبتن ۾ ديندار صالح سدورا بنجي پيا. ڏاڙيل ۽ چور سندن فيضانِ نظر سان دين جا مور بنجي پيا. جتي ضرورت سمجهيائون اتي مرڪز جوڙيائون. آس پاس جا ماڻهو سندن صحبتن مان فيضياب ٿيا وري کو پيو مقام ڳولي اتي خدمتِ دين ڪيائون.

ڪافي تعداد ۾ مدرسا ڪوليائون. مسجدون تعمير ڪرايائون. اصلاح احوال لاءِ ڪتاب لکيائون. شعر شاعري جي ذريعي ماڻهن کي دين ڏانهن راغب ڪيائون.

ڏنو وڃي ته هر دور ۾ قومن ۾ همیشہ گهڻا انهن بصيرت کان ٻي بهره افراد جي هوندي آهي، جيڪي دلين هوندي بہ سمجهندا نہ آهن، ڪنن هوندي بہ ٻڌندا نہ آهن، اکين هوندي بہ انڌا هوندا آهن. چو ته انهن جون دليون انڌيون ٿي پونديون آهن. انهن بابت رب فرمايو:

اَفَلَمْ يَسِيْرُوْا فِي الْاَرْضِ فَتَكُوْنَ لَهُمْ قُلُوْبٌ يَّعْقِلُوْنَ بِهَآ اَوْ اٰذَانٌ يَّسْمَعُوْنَ بِهَا ۚ فَاِنَّهَا لَا تَعْمَى الْاَبْصَارُ وَلٰكِنْ تَعْمَى الْقُلُوْبُ الَّتِيْ فِي الصُّدُوْرِ ۴۶ (الحج)

ته ڇا انهن زمين ۾ سير ۽ سياحت نہ ڪئي جو (شايد انهن ويرانين کي ڏسي) انهن جون دليون (اڻين) ٿي وڃن جن سان اُهي سمجهي سگهن ها يا ڪَنَ (اڻين) ٿي وڃن ها جن سان اُهي (حق جي ڳالهہ) ٻڌي سگهن ها، ته حقيقت هيءَ آهي جو (اهڙن جون) اکيون ته انڌيون نہ هونديون آهن پر دليون انڌيون ٿي پونديون آهن جيڪي سينن ۾ آهن.

بلاشڪ اهي ماڻهو انڌن جي آڇار هوندا آهن جن مٿان موج در موج حادثات ڪڙڪندا آهن مگر اهي انهن تان بغير تدبر ۽ تفڪر جي گذري ويندا آهن ته جڏهن اکين جي باوجود نابينا هوندا آهن. سڄ جي روشني جي باوجود بہ اهي انڌارن ۾ ٽاپا ڪائيندڙ هوندا آهن. اهڙن ماڻهن کي رهبر ۽ رهنما جي ايتري ئي ضرورت هوندي آهي، جيتري انڌي کي لٺ جي يا ٻُڪئي کي ماني جي يا اڇيئي کي پاڻي جي. انبياءَ جي بعثت جو مقصد بہ اهڙن اٻوجهن کي سٻوجهہ بنائڻ هيو. خاتم الانبياءَ جي بعثت بعد اها ذميداري نبيءِ مڪرم هادي، عالم ﷺ جي تعليمات جي ئي روشني ۾ اولياء ڪاملين، صلحاء ۽ُصلحين جي مٿان لڳائي وئي آهي. جيڪي هر دور ۽ هر خطي ۽ هر قوم ۾ پيدا ڪيا ويندا آهن، جيڪي ٻڏندڙ کي راهہ سان لائيندا آهن. پنهنجي مالڪ کان نا آشنا بنجي ويلن کي مالڪ ڪريم جي شناسائي ڪرائيندا آهن. اهي قوم جا مصلح هوندا آهن. انهن جو وجود بَاجُودُ ماڻهن لاءِ الله جو انعام هوندو آهي. حضرت محبوب الاهي بہ اهڙن عظيم انسانن مان هيا. هن باب ۾ اسان سندن انهن خدمتن جو مختصر جائزو پيش ڪنداسين. جيڪي پاڻ قوم ملڪ ۽ ملت لاءِ ڪيائون.

خدمت جي پهرين صورت

ديني مراڪز قائم ڪيائون

حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه پوري عمر ڪنهن هڪ جاءِ تي قرار ڪو نه ورتو. جتي ماڻهن ۾ وڃڻ جهالت جو انڌيرو ڏٺائون اتي تڏڙو وڃائي ويهي رهيا. تبليغ ۽ تربيت جو سلسلو شروع ڪيائون. مسجد جوڙيائون، مدرسو کوليائون. پوءِ سندن علم ۽ عرفان جي مٺي چشمي ۾ اوڙو پاڙو، تر پاسو اچڻ لڳو. ماڻهن جو اصلاح ڪيائون وري ڪنهن ٻي جاءِ تي ديرو دمايائون. ان طرح سڄ جي مختلف علائقن ۾ اٺ جاين تي پاڻ ديني مرڪز جوڙيائون. انهن جو مختصر جائزو پيش ڪجي ٿو.

پهريون مرڪز

ڪُرڪٽ ڳوٺ

ڪرڪٽ سندن اباڻو ڳوٺ هيو جتي سندن ولادت ٿي. سندن ننڍپڻ ۽ طالب علمي جو دور گذريو. پوءِ هيءَ سرزمين ئي سندن ابتدائي تدريسي ۽ تبليغي سرگرمين جو مرڪز ٿي. پير ڪامل جي خلافت ۽ اجازت ملڻ بعد پاڻ تبليغ شروع ڪيائون ۽ پنهنجي مدرسي ۽ مسجد کي مرڪز بنايائون. ماهه پهرئين جمعي جي رات محفل جو آغاز ڪيائون. اوري پري کان ماڻهو اچڻ لڳا. پاڻ انهن کي وڏي فراخ دلي سان خوش آمديد چوندا هئا. دين جون ڳالهيون سيکارينديا هئا. انهن جي ظاهر باطن کي سنوارينديا ۽ سينگارينديا هئا. ڪنهن کي نيرانو نه ڇڏينديا هئا. اهل خانه پاڻ پنهنجي هٿن سان اٽو پيهندا هئا ۽ جماعت لاءِ ننگر حويلي ۾ تيار ٿيندو هيو. ٽورن ئي ڏينهن ۾ پري پري کان مخلوق اچڻ لڳي ۽ ديني رنگ ۾ رنگجڻ لڳي. پاڻ پنهنجي تبليغي سرگرمين جو آغاز پنهنجي ڏاڏاڻن ۽ ناناڻن کان ڪيائون. هر ڪنهن جي گهر در هلي ويا، انهن کي نماز روزي حلال روزگار بابت سيکاريائون. انهن کي الله جي خوف کان ڊيجاريائون.

گويا هن فرقاني فرمان تي عمل ڪيائون:

وَ اَنْذِرْ عَشِيْرَتَكَ الْاَقْرَبِيْنَ ۝ ۲۱۴ الشعراء

۽ اي حبيب پنهنجي ويجهن رشتيدارن کي ڊيجار.

هر پاسي کان جماعتون جوق در جوق اچڻ لڳيون. الله تعالي جي اسم ذات جي ذڪر جو شور ۽ غلغلو تي ويو ته وري ساڻن مخالفت جو دور ٻ شروع تي ويو. مسجد جي پاسي ۾ هندن جو هڪ پلات خالي پيل هيو پاڻ اتي فقيرن لاءِ مسافر خانو ٺاهڻ جو ارادو ڪيائون. ان تي سندن عزيز و اقارب شديد مخالفت ڪئي. پاڻ فرمايائون : اسان ٻ انهن کي ڏمڪي ڏني ته اسان ڪم ڪرايون ٿا پلي کو روڪي ڏسي. فرمايائون پوءِ رات جو دل ۾ خيال آيو ته ضد ۽ هوڏ ته فقيرن جو شان ڪونهي. پوءِ هي بيت دل ۾ آيا:

شنيدم ڪه مردان راهِ خدا * دلِ دشمناں هم نه کردند تنگ

تراڪے ميسر شود اين مقام * ڪه با دوستانت خلاف است جنگ

پوءِ پاڻ پنهجي عزيزن قريبن ۽ ڳوٺ وارن کي گهرائي فرمايائون: "آءٌ اوهان جي ڳوٺ ۾ مفت ۾ دين جي خدمت ڪري رهيو آهيان. پر اوهان اگر منهنجي رهڻ ۾ خوش نه آهيو ته آءٌ اوهان جو شهر ڇڏي ٿو وڃان. پوءِ پاڻ روئندي هي بيت چيائون :

اوهان جاٽو اوهان جو ڳوٺ جاٽي،
مسافر آءٌ هليو ويندس سياڻي.

ڳوٺ وارن تي ايترو اثر ٿيو جو سڀ اوچنگارون ڏئي روئڻ لڳا. چيائون اهو پلات ته اوهان رکو پر اسان پنهنجا گهر ٻ اوهان جي حوالي ڪيون ٿا اسان کي ڇڏي نه وڃجو. پاڻ فرمايائون: اسان هاٽي هن ڳوٺ ۾ هڪ شرط تي رهنداسين اوهان سڀ نماز پڙهو مسجد کي آباد ڪيو. پوءِ ڳوٺ وارن ۾ ڪافي سڌارو آيو.

آس پاس جي ڳوٺن شهرن جا ماڻهو ڪثير تعداد ۾ اچڻ لڳا ۽ پاڻ مدرسو ٻ پڙهائيندا رهيا ۽ تبليغ ٻ ڪندا رهيا. تانجو مرشدن جو حڪم مليو ته تدريس کي ترڪ ڪري تبليغ ۾ لڳي وڃو. پاڻ ائين ئي ڪيائون.

ٻيون مرڪز

خير محمد چانڊيو

ضلع دادو تعلقہ خيرپور ناٽن شاھ ۾ خير محمد چانڊيو ڳوٺ جي پرسان ڏيپر قوم جا گھرڙا ھئا. انھن جو چڱو مڙس سارنگ نالي ھيو. جيڪو علائقي جي چورن جو چڱو مڙس ليکيو ويندو ھيو. پر جڏھن حضرت محبوب الاھي جي نوراني نگاھ ان تي پئي تہ نيڪ ۽ صالح تمجد گذار بنجي ويو. جنھن اوطاق ۾ بي حيائي جا ڪم ٿيندا ھئا، نشا واپرايا ويندا ھيا، ان اوطاق کي ڍھرائي اتي عاليشان مسجد ٺھرايائين. ان حضرت جن کي اصرار ڪيو تہ سائينجن سندس ڳوٺ ۾ ھلي رھن ۽ اطمينان سان دين جي تبليغ ڪن. پاڻ ان جي اھا درخواست قبول ڪري خير محمد چانڊيو جي ڳوٺ ۾ اچي رھيا. اتي چانڊيا، لغاري، پنھيرا، قمبراڻي، ڏيپر ۽ ٻيون گھڻيون قومون ڪائنہ فيضياب ٿيون. اھا سندن پھرين ھجرت ھئي جيڪا پاڻ الله جي رضا خاطر ۽ محض خدمتِ دين لاءِ پنھنجا اباڻا ڪڙا ڇڏي ڪئي ھئائون. ھاڻي پاڻ ڳوٺ "خير محمد چانڊيو" کي پنھنجي تدريس ۽ تبليغ جو مرڪز ۽ محور بنايائون. ھتي ڏيپر قوم وارا وڏي تعداد ۾ سندن حلقہ ارادت ۾ داخل ٿيا. نھايت نيڪ صالح ٿيا. پنھنجا ٻچا حضرت جن جي مدرسي ۾ ديني علم پڙھڻ لاءِ داخل ڪرايائون. انھن مان مولوي محمد اسماعيل ڏيپر، مولوي غلام رسول ڏيپر ۽ نورل ولد سارنگ فقير جا نالا قابل ذڪر آھن. ڳوٺ جي محبت وارن فقيرن مان فقير محمد يوسف ڏيپر وڏيرو سارنگ ڏيپر قابل ذڪر ھئا. جيڪي ڳوٺ جا ڇڳا ھئا ۽ حضرت جن سان والھانہ محبت رکندا ھئا. فقير محمد يوسف ڏيپر جي ماءُ زليخا نالي تمام نيڪ ۽ صالحہ ۽ عابدہ عورت ھئي، جنھن ڪڏھن نماز ۽ تمجد نماز نہ ڇڏي.

ٻيو فقير : محمد جمن ٻير ۽ محمد حسين ٻير ان وقت سارنگ ڏيپر جا ھاري ھئا، اتي ئي ويڙل ھئا، اھي بہ طريقي ۾ داخل ٿي نيڪ بنجي ويا. محمد حسين ٻير کي ايترو جذبو ٿيندو ھيو جو سندس رڙيون ۽ دانھون ميلن تائين ٻڌڻ ۾ ايندیون ھيون.

خير محمد ڳوٺ تي نور جي بارش:

سندن سيني ۾ رات ڏينهن تبليغ دين جو فڪر سمايل هيو. مختلف ڳوٺن شهرن واهڻن وستين ۾ بغير ڪنهن دعوت جي خود بخود هلي وڃي محمدي پيغام پهچائيندا هئا. مرڪز تي هر جمعي تي محفل ٿيندي هئي. عجيب منظر هوندو هيو.آس پاس جي ڳوٺن ڪان هزارين مرد ۽ عورتون اچي گڏ ٿيندا هئا. سڄي رات وعظ ۽ نصيحت ۽ ذڪر اذڪار جو شغل جاري رهندو هيو. ايترو تہ جذبو ۽ دانهون، فغان ۽ گريہ زاري جاري ٿي ويندو هيو جو ان وجداني ڪيفيت ۾ جماعت ڪي صبح ٿي ويندو هيو. فقيرن جو تعداد روز بروز وڌندو ئي ويو. جماعت ڪي پاڻ حڪم فرمايائون جڏهن پنهنجي ڳوٺن ڪان نڪرو تہ الله الله جو بلند آواز سان ذڪر ڪندا اچو. پوءِ تہ جمعي جي رات هر طرف ڪان جماعتن جي اچڻ تي ذڪر جو شور مچي ويندو هيو. ايترو تہ اچي سڏارو ٿيو جو ڪيترا ماڻهو فاسق، فاجر، زاني، چور، شرابي، بي نمازي، چلمي، چرسي مردين توڙي عورتين سڌري نيڪ بنجي پيا. ڪيترين ويران مسجدون آباد ٿي ويون. ڪيترن جا جُمڱا دين ۽ اسلام سان سينگارجي ويا. حلقہ مراقبي ۾ ايترو تہ جذبو جاري ٿي ويندو هيو جو ماڻهن جي پُٽين جون ڪلون لهي پوندیون هيون. مسجد رَت ٿي ويندي هئي. پر ڪنهن کي درد جو احساس نہ ٿيندو هيو. ڪي بي هوش ٿي ويندا هئا ،ڪن جي روئندي رات رمي ويندي هئي.

سِڪان صَائمَ وانگيان، جيئن ٿي دِلي شام،
روئي رَچ پريامِ، پرين تنهنجي پريم ۾.

سَڏَن مٿي سَڏَ، سِڪَ نہ ڪٽي ساهہ،
ووڙيندي جنهن وَدَ پيا، پرتِ ڪئي سا پاهہ،
برهہ واري باهہ، اُجهائي اڪڙين سان.

مخالفتون: جيئن ان ڳوٺ ۾ ذڪر فڪر جو غلغلو ٿيو. هزارين ماڻهو جوق در جوق اتي اچڻ لڳا تہ مخالفت بہ جام شروع ٿي وئي. هڪ پيري تہ حضرت جن جي گهر مبارڪ ۾ چور موڪليائون. سائينجن تي ڪوڙا ڪيس ڪيائون. فقيرن کي سخت ايذايائون، ان جو بيان ايندڙ ابواب ۾ پڙهندا.

خيرخواهن جو وفد

جڏهن هن ڳوٺ جي ٻڇي ٻڇي ۾ الله جي تنوار جاري ٿي وئي. مسجد نمي وئي. هر وقت ذڪر فڪر قرآن جي تلاوت ۽ درود ۽ سلام جي تار تنوار لڳي وئي ان وقت علائقي جا چند مولوي صاحب انهن ڏيهرن فقيرن وٽ آيا ته اسان توهان جا پاڙيسري آهيون اسان تي حق آهي ته توهان کي گمراهي کان بچايون. حضرت جن جي باري ۾ چيائون اهو اسان سان گڏ پڙهيو آهي پر هاٿي لاڙ ڪاٿي ۾ پنجاب مان پهتل هڪ پير صاحب جو مريد ٿي آيو آهي. اهو پير صاحب وڏو جادوگر ۽ ساحر آهي. جو ٻکري کي سرمو ٿو پارائي ته ٻکري پئي ٿي نچي. اوهان ان پير ۽ ان جي خليفن کان بچو.

وڌيري سارنگ ڏيهر انهن کي چيو مولوي صاحب اسان توهان جا پاڙيسري آهيون جڏهن اسان جي اوطاقن ۾ گناهن جا ڪم ٿيندا هئا ان وقت اوهان ڪڏهن پاڙي جو حق ادا ڪرڻ ۽ اسان کي گناهن کان بچڻ جي نصيحت ڪرڻ کو نه آيا. اڄ جڏهن اسان ان گناهن جي مرڪز رهڻ واري ان اوطاق کي ڊاهي اتي مسجد نمرائي آهي. راڳ ٿيڻ واري جاءِ تي قرآن جي تلاوت ٿي رهي آهي. اسان جا ٻچا ٻار نمازي تهجد گذار ٿي ويا آهن. اسان جون عورتون پرديدار ۽ پرهيزگار بنجي ويون آهن، اڄ اوهان اسان کي دين جي ڪم کان روڪڻ آيا آهيو. اگر مون کي تڏي جو خيال نه ٿئي ها اڄ توهان سان کو ٻيو ورتاءُ ڪيان ها. اٿي وجو هن اوطاق مان وري ان مقصد لاءِ اسان وٽ نه اچجو. پوءِ اهي لاجواب ٿي هليا ويا. خليفي محمد حسين جي بقول خير محمد چانڊئي ڳوٺ ۾ پاڻ ٻه سال رهيا هئا.

وَحدهُ جي وڊيا، اِلَا الله سين اورين؛
هنيون حقيقت گڏيو، طريقت تورين؛
معرفت جي ماڻ سين، ڏيساندرُ ڏورين؛
سُک نه سُتا ڪڏهين، ويهي نه ووڙين؛
ڪُلهنئون ڪورين، عاشق عَبْدُاللَطِيفُ چئي.

ٹيون مرڪز

الله آباد خانپور

انڊس هاءِ وي روڊ تي خيرپور ناٽن شاهه ۽ ڪڙ جي وچ ۾ خانپور جو شهر اچي ٿو ان جي اڌ ڪلوميٽر اوپر ۾ علي بخش جوٽيجو نالي ننڍڙو ڳوٺ آهي. جتي محترم خانصاحب حاجي امام بخش جوٽيجو جي رهائش هئي. جيڪو پوليس جو صوبيدار هيو. پوءِ جڏهن قطبِ عالم حضرت پير منا سائين رحمة الله عليه جي مٺس نگاهِ ڪرم ٿي ته نهايت نيڪ صالح ۽ ديندار بنجي ويو. رشوتون چڏي متقي ۽ پرهيزگار بنجي پيو. ان هڪ پيري پير مناسائين رحمة الله عليه کي عرض گذاريو ته اسان کي کو خليفو ڏيو جيڪو اسان وٽ رهي. اسان زميندار طبقي جا ماڻهو آهيون. اسان وٽ سائينجن جو خليفو رهندو ته ضرور اسان کي گناهه ڪندي شرم اچي ويندو. پير سائين جن فرمايو ته جيڪو توهان خليفو چونڊيو اهو اوهان کي ڏيون. صوبيدار صاحب حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه جي باري ۾ عرض ڪيو. اهو پڌي محبوب الاهي تمام گهٽو رُنا. صوبيدار چيو ته سائين چو ٿا روئو؟ آءُ توهان کي ڏاڍو خوش رکندس. پاڻ فرمايائون ته مان پنهنجي قسمت تي ٿو روئان جو مان طالب علمي جي دور کان وٺي ۽ دعائون گهرندو هيس : هڪ ته يا الله مون کي ڪنهن جو پگهاردار نه بنائجانءِ. پيو زميندارن جي پاڙي ۾ نه رهائجانءِ. سو اڄ زميندار جي پاڙي ۾ رهڻ جو حڪم ٿيو آهي. اتي آءُ ڪهڙو دين جو ڪم ڪري سگهندس. وڏيرن جي ڳوٺ جا ۽ آس پاس جا ماڻهو هميشه وڏيرن جي رُخ رواز تي هلندا آهن. حديث ۾ آهي ته:

اَلنَّاسُ عَلٰى دِيْنِ مُلُوْكِهِمْ [1] اڪثر ماڻهو باد شاهن جي دين تي هلندا آهن.

اها ڳالهه پير سائين جن کي معلوم ٿي ته پاڻ فرمايائون :

تساں الله واسطے ونج رهو اساں دعا منگندے ہاں اے زميندار تساں ڈے تابع تھی رھسن تساں انہاں دے تابع نہ تھیسو۔

---

[1] مرقاة المفاتيح شرح مشكاة المصابيح (5/1893) فتح الباري لابن حجر (7/151)

پوءِ مرشدن کريمن جو تاکيدي حڪم ٽيو پاڻ پنهنجي پڇڻ سميت خير محمد چانڊيو جي ڳوٺ کان نقل مڪاني ڪري حاجي امام بخش جي ڳوٺ ۾ اچي محبت جا خيما کوڙيائون. اهو سنه 1375 هـ هيو. ان تي هن فقير تاريخي شعر چيو آهي:

قطعه تاريخ هجرت حضرت محبوب الاهي خانپور ۾

منهنجو پير ڪامل اندر جو اوجار، هيس شوق تبليغ جو تارو تار
موڙيائين ٽي ان جاءِ تي واڱ کي، ٽيو ڪم تبليغ جنهن ماڳ تي
اباڻو آيو ڳوٺ ڪرڪٽ ڇڏي، ويئو خير محمد ۾ پکڙا اڏي
ڪيائين هي هجرت طرف خانپور، رجب جي ستين رات هئي ياد ڪر
تيرهين سو پنجهتر سندو سنّ هو، اهو **خادمِ خلق** جو ڏَڻُ هو
1375

استغنا : حضرت جن پنهنجي پير ڪامل جو حڪم مڃي هن ڳوٺ ۾ اچي ويٺا. آستاني جو اسم "الله آباد" رکيائون. وڏيري جي ڳوٺ ۾ ڪمال استغنا سان رهيا. ڪڏهن ڪنهن کان به گهُر سوال کو نه ڪيائون نه ڪڏهن ڪنهن کان پگهار ورتائون. في سبيل الله خدمتِ اسلام ڪندا رهيا. ۽ جريب زمين پاڻ پنهنجي هٿن مبارڪن سان آباد ڪندا هئا. ان مان جيڪي داڻا ايندا هئا اهي ننگر ۾ استعمال ڪندا هئا. الله ڪريم ان ۾ اهڙي برڪت نازل ڪندو هيو جو پورو سال سندن ان نه کُٽندو هيو. الله ڪريم رزق جا غيبي رستا کولي ڏنا. پاڻ شب و روز تبليغ ۾ مصروف رهندا هئا.

قطبِ عالم رحمة الله عليه جي آمد

قطبِ عالم حضرت پير منا سائين رحمة الله عليه ۽ پيرا درگاهه الله آباد شريف خانپور ۾ خانصاحب جي دعوت تي جلوه نما ٿيا هئا. پهرئين پيري پنج راتيون ترسيا هئا. موڪلائڻ محل جڏهن حضرت سائينجن شعر پڙهيا هئا ته پوري جماعت متان جذبي ۾ افتان وخيزان جي ڪيفيت طاري ٿي وئي هئي. خود قطبِ عالم جي اکين ۾ ٻه لڙڪ هئا. جيئن اول بيان ٽيو.

هُنَ پَرِ سُيَمِ هُوءِ، سُتي سَنياڻن جِي؛
چِتُ چَرَّن چوريو، جوڙڪ ٿِيَرَّمِ جُوءِ؛
مُحَبَتِي ميهارَ جِي، بِاللهِ پِيئَمِ بُوءِ؛
وڃِي رُوءِ بَرُوءِ، ديڪيان دوستَ ميهارَ ڪي.

ٻيو ٻيرو : 1962ع ۾ قطبِ عالم حضرت پير مڻا رحمة الله عليه سندن دعوت تي اتي تشريف فرما ٿيا. هن ٻيري چار راتيون رهيا هئا. تمام پري پري کان ماڻهو اچي مستفيض ٿيا هئا. ان ٻيري ۾ اعلان فرمايو هئائون ته جا شيءِ اوهان کي رحمتپور ۾ ملندي آهي سا اوهان کي هتي خانپور ۾ ملندي.

ابليس جون آهون

حضرت محبوب الاهي فرمايو ته جن ڏينهن ۾ پير سائين جن اسان وٽ ڪرمنوازي فرمائي آيا هئا. هڪ رات تمجد پڙهي مصلي تي مراقبي ۾ ويٺل هيس ته ڏسان اڇيان هڪ شخص اچي وينو جنهن جا لٽا ليڙون ليڙون ۽ وار گهنڊڙيل متيءَ ۾ پريل سارو جسم زخمي هيس جنهن مان گند وهي رهيو هيو. زاروزار روئي چوڻ لڳو هاءِ مري ويس. مون چيو تون ڪير آهين توکي ڪنهن ماريو آهي؟ چوڻ لڳو جنهن پاسي ٿو وجان اڇيان کو فقير وٺي ضرب ٿو هڻي "الله" وري ٻئي پاسي ٿو پجان اوڏهون کو فقير ڪري ٿو "الله" اهي مون کي تير ٿي تا لڳن. ٻاڻ فرمايائون مان سمجهي ويس ته هي ابليس آهي. پوءِ چوڻ لڳو "منو پير" اڄا گهٽا ڏينهن هتي هوندو؟ مون چيو اڄا ٻه ٽي ڏينهن هوندو. چوڻ لڳو : "تامو ته مون لاءِ هاڻ مچندو". فرمايائون مون کان ٽهڪ نڪري ويو. صبح جو اها واردات قطبِ عالم جي اڇيان بيان ڪيم ٻاڻ ڏاڍو خوش ٿيا. فرمايائون اها ڳالهه جماعت اڇيان بيان ڪيو. بيان ڪري ويٺس ته ڪجهه ٻي جماعت آئي. ٻاڻ فرمايائون هنن کي وري بيان ڪري ٻڌايو. پوءِ پير سائين جن فرمايو: "بين الله وارن شيطان کي ڪک ڏنو هيو منهنجي پير ان کي ٻُنڊِ ڏنو آهي چيخون ڪندو ٿو وتي".

الله آباد ۾ رنگي جا رنگ

هتي اول ماهه پهريون جمعه ۽ پوءِ هر مهيني جي ٻارهين تاريخ جي رات جلسو مقرر ڪيائون. ٽورن ڏينهن ۾ اهو جلسو اهڙو مشهور ٿيو جو تر پاسي کان علاوهه لاڙ، پار، ڪچي ۽ ڪاڇي ۽ هر طرف کان فقيرن جو فوجون اچڻ لڳيون. سڄي رات جلسو وعظ ۽ نصيحت ۽ ذڪر اذڪار سان ملهايو ويندو هيو.

سجي رات عشق الاهي جي برسات پئي وسندي هئي. سومهٽي نماز بعد جڏهن طريقي نقشبنديه جو حلقو لڳايو ويندو هيو ۽ مراقبو شروع ٿيندو هيو تہ جماعت ۾ اهڙو جذبہ شروع ٿي ويندو هيو جو ڪيترا ماڻهو پاڻ خود ٿي ويندا هئا. ڪيترا رقص ۾ اچي ويندا هئا. ڪيترا ڪپڑا ڦاڙي مست ٿي ويندا هئا. سجي جماعت ۾ عشق جو وڏو شور متل رهندو هيو. لائوڊ جي آواز تي اندر عورتن ۾ ذڪر الاهي شروع ٿي ويندو هيو. پوري جماعت ۾ اهڙي عجيب ڪيفيت ٿي ويندي هئي جا بيان کان ٻاهر آهي. جلسو ختم ٿيڻ بعد جماعت تهجد نماز پڙهندي هئي. صبح جي نماز کان بعد وري حلقہ مراقبہ ٿيندو هيو. وري ساڳي حالت ٿي ويندي هئي. پوءِ پاڻ پهر سوا تائين تقرير پر تاثير فرمائيندا هئا. رات جي تقرير قال هوندي هئي تہ صبح جي تقرير حال هوندي هئي. اها مجلس ختم ڪري جڏهن پاڻ حويلي ڏانهن اسرندا هئا ۽ جماعت ننگر ڪندي هئي پوءِ وري عورتن ۾ مراقبو ۽ تلقين ذڪر ۽ وعظ ارشاد فرمائيندا هئا. ڪڏهن منجهند جو واندا ٿيندا هئا تہ ڪڏهن ٻپهري جي بانگ اچي ويندي هئي پوءِ نماز کان بعد آرام فرمائيندا هئا. وري ٽپهري کان بعد پاڻ ويٺي تقرير فرمائيندا هئا. سندن رقت قلبي ۽ نرم دلي هئي جو جڏهن ٻ پرينءَ جي ڳالهہ شروع ڪندا هئا تہ گهٽو روئندا هئا. حلقہ مراقبہ ۽ وعظ نصيحت ۾ ٻ گهٽو روئندا هئا. گهٽو ڪري هي بيت پڙهندا هئا :

جڏهانڪر ٿيام، ساجاهہ سپرين جي،
تڏهانڪر تِـرَ جيترو، ويرَ نہ وسريام،
اندر روح رهيام، سڃڻ اوطاقون ڪري.

جن سجاتو اللّٰهہ، پرت پيتائون،
لائون لتائون، ساءُ چڪيائون سڪ جو.

لنؤ تهين سين لاءِ، جنهن لنؤ لڳي لعل ٿين،
ٻئي سين لنؤ مَ لاءِ، متان ڪس لڳي ڪارو ٿين.

سندن گفتار جي ميناڻ ۽ مزاج جي عشق و محبت جون ڪهڙيون ڳالهيون لکجن. جڏهن پاڻ پنهنجي پرينءَ جي پچار ڪندا هئا تہ هڪڪ مست و بيخود ٿي ويندا هئا.

خانصاحب جون محبتون

خانصاحب حاجي امام بخش جوٽيجو[1] جيڪو حضرت جن کي وڏي آيو هيو سو صوبيداري تان رٽائرڊ ٿي چڪو هيو. وڏو زميندار ۽ اثر رسوخ وارو ماڻهو هوندي به حضرت جن سان والهانه محبت رکندو هيو. جيئن عاشق کي پنهنجي محبوب سان محبت هوندي آهي. هر وقت حضرت جن جي رضا جوئي جو خيال رکندو هيو. کڏهن حضرت جن ٻني جي ڪم ۾ مشغول هوندا هئا ته خانصاحب پاڻ لکڻ کٽي اچي ڳاهه وهندو هيو.

خليفي محمد حسين بيان فرمايو ته : هڪ دفعي کنهن شرعي ڳالهه سبب حضرت جن خانصاحب تي ناراض ٿيا. پاڻ خليفي محمد حسين ۽ حافظ نظام الدين کي وڏي سائينجن جي ڏيڍي مبارڪ تي آيو. پاڻ جيئن آيا ته خانصاحب پنهنجي پڳ لاهي حضرت صاحب جن جي پيرن مبارڪن تي رکي. اتفاق سان ان وقت خانصاحب وٽ فيصلن لاءِ گهٽا ماڻهو آيل هئا. ڪمدار عرض ڪيو سائين پڳ ته پايو. خانصاحب چوڻ لڳو : "ماڻهن کي ڪمڙي خبر؟ مرشد جي قدمن تي منهنجي پڳ هجي ته اها منهنجي عزت آهي". پاڻ پڳ کٽي پنهنجي هٿن سان ڪيس پهرايائون. خانصاحب جو مال جو ڍڳ هوندو هيو. ان مان جيڪي نَرُ پاڏا ٿيندا هئا، سي سائينجن جي لنگر ۾ خيرات ڪندو هيو. سندس محبت جو عالم هي هيو ته حضرت جن نماز لاءِ حويلي مان نڪرندا هئا ته خانصاحب سندن حويلي جي در تي ايستائين ٻينو رهندو هيو جيستائين پاڻ باهر نه نڪرن پلي کٽي ڪيڏي به گرمي ۽ سردي ڇونه هجي. پاڻ پنهنجي ڳوٺ وارن ۽ سندن ٻني جي هارين کي گڏ ڪري نصيحت ڪيائين ته منهنجي پاڙي ۾ ڳوٺ ۾ اهو رهي جيڪو نماز پڙهي. آءٌ هاريي تي ٻني ۽ ان کي ڏيندس جيڪو نماز پڙهندو. پاڻ غريبن جو همدرد هيو. هارين سان حساب ڪتاب صحيح ڪندو هيو. علائقي ۾ ڪو به بدمذهب شيعو يا وهابي اچڻ نه ڏيندو هيو. نه ئي انهن کي ڪو جلسو يا جلوس ڪيڻ ڏيندو هيو.

---

[1] حضرت جن خانصاحب جي نيڪائي ۽ ديندارين جي گهڻي تعريف ڪندا هئا. فرمائيندا هئا اگر ان جي تعريف لکان ته جيڪر ڪتاب نه ٿي پوي. جماعت عاليه اللهيه غفاريه لاءِ ۽ خصوصا حضرت جن لاءِ سندس گهڻيون خدمتون هيون. سائين جن جي سوانح بيان ڪئي ۽ خانصاحب جو ذڪر نه ڪئي ته اها ناانصافي ٿيندي. انڪري سندس سوانح پيش ڪرڻ ضروري سمجهان ٿو. (ڪرم الله)

اوڙي پاڙي جي ڪا ڄڃ سندس ڳوٺ کان گذرندي هئي تہ اهي سرود، دهل ڏڪڙ جو آواز بند ڪري پوءِ گذرندا هئا. پاڻ حق سچ وارا فيصلا ڪندو هيو انڪري پوري تر ۾ مشهور هيو. حضرت جن جڏهن لاڙ يا پار يا ڪنهن بہ پاسي تبليغي سفر ۾ نڪرندا هئا تہ خانصاحب هفتن جا هفتا سائينجن سان گڏجي تبليغي سفر ۾ هلندو هيو. وڏو زميندار هجڻ جي باوجود مسافري ۾ سائينجن جي آڏو پٽَ تي زمين تي بسترو لڳائي سمهندو هيو. ڪڏهن بہ حضرت سائينجن جي آڏو ڪٽ تي نہ ويٺو. اڪثر سفرن ۾ پنهنجي جيپ سواري لاءِ سائينجن کي پيش ڪندو هيو. هڪ دفعي حضرت سائيجن ڪنهن سبب ڪري مٺس ناراض ٿيا تہ ٽي ڏينهن خانصاحب گهر نہ ويو. نہ ماني کاڌائين. سندس گهر جا ماڻهو حضرت جن وٽ ميڙ ڪري آيا سائين خدارا راضي ٿيو ٽي ڏينهن خانصاحب ٻاهر ويٺو آهي، نہ ماني ٿو کائي نہ پاڻي ٿو پيئي. گهٽي عاجزي کان پوءِ سائينجن راضي ٿيا.

حضرت سائين جن جڏهن ٽين شادي خليفي ڪمال الدين جي نياڻي سان ڪئي تہ شادي جو سارو انتظام خانصاحب پاڻ ڪيو. سائينجن جي سهري کي لاڙان لڏائي ڳوٺ جو گهٽوءِ لاڙيچي کي پاڙيچو بنايائين. ان جي گهرتر وکر ويڳر جو بندوبست پاڻ ڪيائين.

هر مهيني جلسي ۾ پاڻ فقيرن جي خدمت ۾ شامل هوندو هيو. لنگر جي ماني ڪٽي فقيرن کي کارائيندو هيو. حضرت جن رمضان ڪريم جو مهينو اهل وعيال سميت پير منا سائين جي صحبت ۾ رهندا هئا تہ ستاويهين بعد خانصاحب سواري سنواري سائينجن کي لاڙڪاٽي ساهہ سيباٽي مان پنهنجي پٽَن تي آڻي عيد ملهائيندو هيو.

هڪ دفعي پير منا سائين حضرت جن کي فرمايو تہ اوهان اسان وٽ رحمت پور ۾ ئي رهي پئو. پاڻ عرض گذاريائون اسين اوهان جي حڪم جا تابعدار. اُتي بہ اوهان جي ئي امر سان رهيا آهيون. فرمايائون هائو برابر حاجي امام بخش جي جسم جا روح اوهين آهيو. اهو اوهان کي ڪو نہ ڇڏيندو. پير سائين جي وصال کان بعد خانصاحب بيعت جي لاءِ حضرت جن ڏانهن هٿ وڌايو. پاڻ فرمايائون توهان زميندار پنهنجي شان موافق پير ڳوليو. عرض ڪيائين پير سائين سڀ خليفا فيض وارا پر اوهان جو فيض اعليٰ ۾ بالا آهي. پوءِ حضرت سائينجن کيس بيعت فرمايو.

حويلي جي تعمير: حضرت جن نهايت سادگي پسند هئا. سندن رهائش جي جاءِ ۽ مسافر خانا ككاوان ٺهيل هئا. انهن ككاون جموپڙن منجهان جڏهن پاڻ باهر نكرندا هئا سندن چهري ۾ اهڙو رعب تاب ڏيڪاءِ ۽ هيبت هوندي هئي جو ائين لڳندو هيو جيئن كو باد شاه تخت تان لهي آيو هجي.

هڪ دفعي جماعت گڏجي عرض كيو ته مسافرن جي كثرت سبب جماعت كي ۽ مستورات كي تكليف ٿئي ٿي، سائينجن اجازت عنايت كن ته حويلي ۽ مسافر خانا تعمير كيا وڃن. پاڻ بي پرواهي سان فرمايائون اسان لاءِ اهي جموپڙا بهتر آهن.

كاكِ نہ جَهليا كاپڑي، موهيا نہ مَحلنّ؛
هاڻُن ءِ هانهيُن جي، هَندَنّ كِينَ هَجَهنّ؛
لكين لاهُوتين، اَهڙيُون اوريان جَڏيُون.

كاكِ نہ جَهليا كاپڑي، موهيا كَنهن نہ مالَ؛
سوڌيُون سجهائي ويا، هَهڙا جَنين حالَ؛
جي چورِيُن ڏنا چالَ، تَپ لاهُوتي لنگهي ويا.

جماعت وري بہ اصرار كيو خصوصا خانصاحب نهايت نماڻائي سان عرض كيو ته اسان كي اجازت ملي ته حويلي ۽ مسافر خانا ٺهرايون. پوءِ پاڻ كين اجازت ڏنائون. رازا مزدور اچي ويا. فقراءِ وڏي تعداد ۾ كم ۾ مشغول هيا. خانپور جو هڪ مشهور زميندار اتان اچي گذريو ته حضرت جن كت تي ستل هئا فقير الله الله جو ذكر بہ كري رهيا هئا ۽ كم بہ كري رهيا هئا ته اهو زميندار چوڻ لڳو: " هائو سائين هڪ رب كي ريجهايو اٿئي، هاٿي پاڻ پلي ستو پيو هج خلق تنهنجي خدمت ۾ مشغول آهي". خليفي محمد حسين جي بقول صرف اناويهه ڏينهن ۾ عاليشان بہ ماڙ جاءِ حويلي لاءِ ۽ فقيرن فقيرياٽين لاءِ جڙي وئي.

خانصاحب پاڻ تغاري كٽي رهيو هيو. كيس اچانك هانهن ۾ ڏڪ لڳو. رت وهڻ لڳس ته چوڻ لڳو قيامت واري ڏينهن الله پچندو ته كهڙو عمل آندو اٿئي ته عرض كندس هڪ الله جي ولي جي خدمت كندي هي رت وهايو هيم. مون كي اميد آهي ته ان جي صدقي منهنجي مغفرت ٿي ويندي. اها خانصاحب جي عقيدت ۽ محبت هئي.

ننگر لاءِ ٻني: حضرت جن پنهنجي من ۾ ڪڍهن ٻه "ڏرتي ۽ ڌن" جي لوڀ ۽ لالچ کي جاءِ نه ڏني. پر الله ڪريم پنهنجي ٻانهن جي ظاهري ضرورتن جو پورائو پاڻ ڪندو آهي. ٽيو ائين جو انشاء الله نالي هڪ پنجابي جي ڪليمنٽ واري زمين ڪوسن جي واهه تي هوندي هئي. اِن اها حافظ نور محمد جوٽيجي کي وڪرو ڪري ڏيڻ پئي چاهي ته خانصاحب پنهنجي پُٽَ امير بخش کي چيو ته اها زمين پنجابي کان سائينجن کي وٺرائي ڏي چو ته سائينجن جي زمين جو بنياد هوندو ته هميشه سائينجن اسان وٽ رهندا. سائيجن اسان وٽ هوندا ته اسان جي ڳوٺ ۾ ۽ اسان جي ٻچن ٻارن ۾ دين رهندو. پوءِ اها زمين پنجابي کان سائينجن کي وٺرائي ڏنائين. ان لاءِ پاٽي جو بندوبست پنهنجي واٽرڪورس مان ڪرايائين. خانصاحب چوندو هيو ته هي منهنجي ساري زمين، مال ملڪيت سائينجن جي آهي. مان پاڻ سائينجن جو لنگر پيو ٽوڪاوان.

خانصاحب جي وفات : وصال واري وقت پاڻ پنهنجي پُٽَ امير بخش کي گهرائي چيائين ته منهنجي وصال بعد منهنجي جنازي جو وارث تون نه آهين پر منهنجا مرشد وارث آهن. جيئن سائينجن چون ائين ڪجانءِ. پوءِ ان ائين ئي ڪيو جيئن حضرت جن فرمايو. جنازي تي دادو جي ٻه ٽي تعلقن جا مولوي ۽ هزارن جي تعداد ۾ جماعت آئي. نماز جنازه حضرت جن پاڻ پڙهائي. نماز جنازه بعد سائينجن فرمايو ته "اسقاط يا قرآن بخشڻ" جو عمل کو ٻه مولانا صاحب ڪري ته ان کي اجازت آهي. اسان اهو ڪم نه ڪنداسين. حاجي امير بخش چيو ته سائينجن جيڪو ڪم نه ٿا ڪن ته پوءِ ٻين کي ڪرڻ جي ڪابه ضرورت نه آهي. جنازو ڪنيائون مولوي صاحبن چيو ته افسوس جيڪڏهن سائينجن قرآن بخشن ها ته هزارن روپين جون جمولیون پري نڪرن ها. پاڻ فرمايائون اسان کي اها دنيا دولت نه ڪپي. اسان جي مرشدن ڪريمن جو ڪم نه ڪيو آهي اسان ٻه اهو ڪم ڪونه ڪنداسين. ٿوڙهي ڳوٺ جو مولوي احمد علي دايو ڪيترا ڏينهن سائيجن سان خط ڪتابت ڪندو رهيو ۽ مروجه اسقاط بابت بحث ڪندو رهيو. سائينجن فرمايو ته مولانا صاحب اسان انڪار ته ڪونه ٿا ڪيون! اسان جي مرشدن ڪريمن اهو ڪم نه ڪيو آهي تنهنڪري اسان ٻه اهڙو ڪم تڏهن نه ٿا ڪيون. نہ این کار می کنم نہ انکار میکنم

خانصاحب جي مزار : سندن جنازي کي مسجد شريف جي ڏکڻ طرف دفنايو ويو.

ويا سي وينجهارَ! هيرو لال وِنڍين جي؛
تنين سَندا پويان، سِيهي لَهَن نہ سارَ؛
کُٽين کُٽ لُهارَ، هاڻي اُنين پيٽيين.

پاڻ ٽي شاديون ڪيائين جنهن مان هڪ پٽ حاجي امير بخش ۽ ٽي نياڻيون ٿيون.

مخالفتون :

هتي حضرت جن جون مخالفتون گهڻيون ٿيون پر ٻاهر ٻاهه پئي هرندي هئي خانصاحب جي ڪري کوبہ ظاهر مخالفت ڪونہ ڪري سگهندو هيو. باقي ٻاهر حاسد پيا بکندا هئا ۽ سندن خلاف فتوائون پيا ڏيندا هئا ۽ جلسن جلوسن ۾ حضرت جن جي شڪايت جو فقرو بيان ڪري ماڻهن تي خراب اثر پيا وجهندا هئا. ڪجهہ وقت حضرت جن خانپور شهر جي لڳ ٻ فقيرن جو ڳوٺ ٻڌرايو هيو پر اهو ٻوڏ اچڻ سبب ڏهي ويو.

رهائش جو عرصو:

هتي پاڻ 1375هـ ۾ آيا هئا ۽ 1400هـ ۾ ماتلي مقدس ڏانهن هجرت فرمايائون. ان طرح هن مرڪز تي پاڻ پنجويهہ سال قيام فرمايائون. جيڪو سندن زندگي مبارڪ جو وڏو، اهم ۽ مصروف ترين حصو هيو.

الله آباد خانپور واري مسجد

خانصاحب حاجي امام بخش جي مزار

چوٽون مرڪز

غريب آباد

جڏهن سندن قيام خانپور ۾ هيو تہ پاڻ اڪثر لاڙ جي تبليغي سفرن تي ويندا هئا. تنهن وقت ۾ پاڻ ضلعہ بدين تعلقي گولاڙچي (ايس ايف راهو) جي نديڙي ڳوٺ تيرهين چڪ ۾ چوڏهين چڪ جي وچ ۾ فقراء اهلِ ذڪر جي هڪ بستي "غريب آباد" نالي آباد ڪيائون. هتي قطبِ عالم حضرت پير مڻا سائين رحمة الله عليه جي پراٽي جماعت رهندي هئي جن وٽ سندن خليفو حضرت مولانا سعد الله سومرو ايندو هيو. ڪيس حضرت پير قريشي صاحب رحمة الله عليه کان بہ خلافت مليل هئي. تمام نيڪ ۽ صالح انسان هيو. ان جي وصال کان پوءِ سندس پٽ مولانا حبيب الله هتي تبليع لاءِ ايندو هيو. پر ڪن سببن جي ڪري جماعت ۾ بي اتفاقي پيدا ٿي پئي ۽ جماعت منتشر ٿي وئي. ساري جماعت حضرت پير مڻا سائين کان حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه جي گهرَ ڪئي. جيڪا مرشدن منظور ڪئي. پوءِ حضرت سائين جن پوري لاڙ ۾ تبليغ ڪئي. قطبِ عالم رحمة الله عليه جي وصال کان بعد هن جماعت محبوب الاهي سان بيعتِ ثانيہ ڪئي. پاڻ ويہ ڏينهن مسلسل ضلعي حيدرآباد، بدين ۽ ٺٽي ضلعن جو تبليغي دورو ڪيائون. ماڻهو جوق در جوق سندن حلقہءِ ارادت ۾ شامل ٿيا. ماڻهن جي محبت ۽ ديني فائدو ڏسي پاڻ هي اسلامي مرڪز "غريب آباد" قائم ڪيائون. آس پاس جا اهلِ ذڪر فقير لڏا ڪٽي اچي اتي سڪونت پذير ٿيا. رات ڏينهن جذبن جي ڏماچوکڙي لڳل هوندي هئي جهر جهنگ مان الله الله جون تنوارون پيون ايندیون هيون. هن نوراني بستي جا باسي سڀ نمازي تهجد گذار ذاڪر ۽ شاڪر هوندا هئا. پرديدار عورتون بہ تهجد جون پائبند هوندیون هيون. صبح شام حلقو مراقبو ٿيندو هيو. محبت الاهي جا هر وقت مچ متل هوندا هئا. نامیارن فقيرن ۾ خليفہ محمد موسيٰ رند، خليفہ الهڈتہ چانڊيو، محمد عارف، طالب فقير، فقير محمد دائود، فقير محمد مسلم، فقير محمد موسيٰ ۽ محمد بخش چانڊياوغيره بہ هئا.

لنگر شريف جو انتظام گھٹو ڪري حضرت خليفہ ميان المدّتہ صاحب جن ڪندا هئا. الله تعالىٰ ڪيس جنت الفردوس ۾ جايون عطا فرمائي آمين. سواري جي سهولت نہ هجڻ جي باوجود بہ هتي پري پري ڪان جماعتون ايندیون هيون. پاڻ اتي هر مهيني يارهين شريف ملهائيندا هئا. اتي چاڊين ڪان علاوہ ٻيون قومون بہ ڪائنہ مستفيض ٿيون جمڙوڪ سيد، سميجا، سرڪي، ماڇي، پٽي، نظاماڻي، نوحاڻي، شيدي، نومڙيا، برهماڻي، مگسي، ملاح، چانگ، لاشاري، ڪوسا، خاصخيلي، سومرا وغيره.

پهرئين پيري پاڻ برابر بہ مهينا اتي رهيا. هر پاسي تبليغ لاءِ خليفا سڳورا موڪلياٿون جن نهايت زور شور سان مسجدن ۾ وعظ تقريرون ڪيون. ديهہ ڪاڪيجاڻي تي قرب الاهي ٿي ويا. هر طرف ڪان ٻي انداز مخلوق اچڻ لڳي ۽ حضرت جن جي صحبت ۾ برڪت ڪان مستفيد ٿيڻ لڳا. هر روز جماعت جو وڏو مجمع هوندو هيو. آس پاس جا ماڻهو پنج وقتي نماز اچي سندن پويان پڙهندا هئا ۽ نصيحتون اچي ٻڌندا هئا. جمعي تي تہ وڏو ميڙاڪو مچي ويندو هيو. ان جو اثر اهو ٿيو جو ڳوٺن جا ڳوٺ نمازي ٿي ويا فسق فجور جي ڪمن ڪان توبہ تائب ٿي با خدا بنجي پيا. رات ڏينمن ذڪر اذڪار ۽ حلقہ مراقبہ ۽ نعت خواني جي ڪري جماعت ۾ نهايت جذبہ جنون روج راڙو لڳو پيو هوندو هيو. ڪيترا چور، زاني، ٻنگي، بي نمازي، وياجي ۽ جواري، ڏاڙهي ڪوڙ توبہ تائب ٿي صالح ۽ مرد مولا بنجي ويا. مستورات ۾ حضرت جن جا اهل خانہ نماز روزي ۽ حيض نفاس وضوء ڪرڻ ۽ تڙ لاهڻ جي مسئلن جي تعليم ڏيندا هئا. باهر وري هڪ خليفو مردن لاءِ ۽ ننڍين ٻارن چوڪرن ۽ چوڪرين جي قرآن جي تعليم لاءِ نماز روزي جي مسئلن سيکارڻ لاءِ مقرر فرمايائون. پاڻ وري صبح ۽ شام جو تقرير پُر تاثير فرمائي سوين ماڻهون جون دليون نرم ڪري دين سيکاريندا هئا ۽ الله جي ذڪر جون برڪتون بيان ڪندا هئا. اهڙيون اهڙيون ڳالهيون سمجهائيندا هئا جو ماڻهو حيران ٿي چوندا هئا تہ هي ڳالهيون اسان سڄي عمر نہ ٻڌيون آهن. پري پري ڪان فوجن جون فوجون ايندیون رهنديون هيون. هر مهيني ۾ هڪ بہ وڏو جلسو ڪري عام تقرير فرمائي خدا جي مخلوق کي خدا جو سونهون بنائيندا هئا. سندن تقرير اهڙي تہ پُر تاثير هوندي هئي جو ڪلندڙ بہ خوف الاهي ۾ روئندا ويندا هئا.

جو ڀڏندو هيو پنهنجي گذريل حياتي تي افسوس جا ڳوڙها ڳاڙيندو رهندو هيو. سندن تقرير ۾ اڪثر عشق الاهي جو مضمون هوندو هيو جنهن ۾ پاڻ ۽ روئندا هئا ۽ ٻيا ماڻهو ۽ زار زار روئي ڏيندا هئا. لاڙ واري جماعت ۾ ۽ ايتري سڪ ڇانيل هوندي هئي جو ڪن مهينن ۾ هڪ ڏينهن ۽ حضرت جن جي گهر ۾ ڪين ننگر ڪرڻ نه ڏنائون. هر روز کو نه کو محبت وارو پنهنجي گهران سائينجن لاءِ ۾ سندن حرمن لاءِ ننگر تيار ڪرائي ڪٽي ايندو هيو. پاڻ هڪ ئي جاءِ تي سکونت پذير هوندا هئا. ڪنهن جي ۽ در تي يا گهر ۾ عام پيرن وانگر نه ويندا هئا. ان سفر ۾ ساڻن فقراءِ ۾ رفقاء ۽ ٽيهارو ڪن هئا. جلسن ۾ ڦنڊرون ڪُسنديون هيون، عاليشان ننگر ٿيندو هيو پر ڪنهن کي ڪل نه هئي ته هي نظام ڪيئن الله جي فضل سان هلي رهيو آهي.

ان کان پوءِ پاڻ ٽئين چوٽين مهيني لاڙ جي علائقي ۾ تبليغ لاءِ ايندا رهندا هئا. سندن تبليغ جو مرڪز غريب آباد هوندي هئي. پوءِ ٻين ڳوٺن ۾ شهرن ۾ ۽ تبليغ لاءِ نڪري ويندا هئا. جيئن متارو، منڊره ڳوٺ، لنواري شريف، احمد راڄو، ڪوروام شاهه ڪريم، ٻنورو، لانجاري ڳوٺ ۾ نور محمد هالپوٽي وٽ، سيلگام ۾ محمد صديق وٽ، ٺري ۾ حاجي جاني نظاماڻي وٽ، مسو لغاري، ڳوٺ چنيسر ڪُهيلڙو وغيره ڳوٺن ۾ تبليغ لاءِ ويندا هئا. اڪثر ڪري خليفه مولوي اسماعيل، خليفه محمد يوسف چانڊيو، خليفه محمد حسين خليفه محمد روشن، فقير لال بخش پنهور سندن سفر جا ساٿي هوندا هئا.

هڪ ڀيري سال 1389 هـ ۾ پاڻ لاڙ جي سفر تي فقيرن جي دعوتن تي آيا. جڏهن بدين ۾ پهتا ته اتي ڪافي تعداد ۾ جماعت استقبال لاءِ آئي. پوءِ اتي رات گذاري صبح جو سواري ۾ سوار ٿيا الحمدلله فقير جي ڳوٺ وڃي منزل ڪيائون. پاڻ اتي 27 راتيون ٽڪيا سيني فقيرن جون دعوتون اتي ورتائون جڏهن دعوتون پوريون ٿيون. پوءِ پاڻ پنهنجو ننگر شروع ڪيائون ايترو ته سندن رهڻ سان اثر ٿيو جو سَوَن جي تعداد ۾ جماعتون طريقي عاليه ۾ داخل ٿيندیون ويون. پري جا ماڻهو سندن قيام جو ٻڌي روحاني فائدو وٺڻ ايندا هئا. سندن خدمت ۾ رهي پر اثر تقريرون ٻڌي روئندا رهندا هئا. تانجو ڪورواه ۽ ميرپور ٻنوري ۽ سجاول ڪڙيه گهنور ۽ ماتلي ۽ گولاڙچي جا ماڻهو به ٽولن جا ٽولا هتي اچڻ لڳا.

هر ڏينهن ۾ هر نماز تي 60_70 ماڻهو آس پاس جي ڳوٺن جا کهي اچي سندن اقتدا ۾ نماز ادا کندا هئا. خصوصا صبح جو حلقي مراقبہ ۾ شريک ٿيڻ ۽ سندن فيض واري تقرير ٻڌڻ ايندا هئا. پاڻ روزانو صبح جو حلقي کان بعد ۽ ٻيو ٽپهري کان بعد سانجهي تائين پر سوز ۽ پُر محبت عالمانہ ۽ عارفانہ تقرير دلپذير کندا هئا. ان وقت سامعين جو عجيب حال ٿي ويندو هيو. کي جذبن ۾، کي روئڻ ۾، کي هاءِ هاءِ کرڻ ۾ مشغول ٿيل ڏسبا هئا. کيترا مولوي به اچي تقرير ٻڌي طريقي ۾ داخل ٿيا. مولوي عبدالکريم جت نمايت وڏو عالم فاضل هيو اهو به اتي اچي وعظ پُر اثر ٻڌي طريقي ۾ داخل ٿيو. پر ساري پنهنجي قوم ۽ برادري ۽ دوستن کي چوندو هيو ته هلو هڻو الله وارو پير کامل ٻيو کونہ ملندو. اها غنيمت اٿو. سوَن ماڻهن کي ترغيب ڏئي حضرت جن جو مريد کرايائين ۽ طريقي عاليہ ۾ داخل کرايائين. هر جمعہ جي رات ۽ جمعي جي نماز تي ته تمام گهٽي خلقت اچي گڏ ٿيندي هئي ننگر ۾ جماعت لاءِ ديگيون چڙهنديون هيون. اتي فقيرياڻين لاءِ خاص جڳهہ ٺهرائي وئي. سومر ۽ خميس جي ڏينهن باپرده سوين عورتون ايندیون هيون پاڻ انهن کي حلقو مراقبو ۽ تقرير ۽ تبليغ کندا هئا. جنهن سان سوين عورتون نمازي تهجد گذار صالحات ۽ عابدات بنجي ويون. جن جو ماضي گناهن ۾ گار هيو تن جو حال نيکوکار بنجي ويو. سندن روحاني توجهات پوري خطي کي ديندار جي رنگ ۾ رنگي ڇڏيو.

نِئين ڏينهن نِمکائين، دُونهيُون دائِرَن ۾:
ميڙيو کَرَجَ کائِيُون، جوڳي جَلائِين؛
سَنديُون کامَڻَ خَبَرُون، آديسِيُن آهِين،
گُجُهہ نہ گالهائِين، لِکا پُٹَن لوکَ ۾.

هک ماڻهو جيکو ازحد جاهل، بي دين، زبان دراز ۽ نمايت بد خُلق هيو ان کي آزمودي طور کي ماڻهو حضرت جن جي اڳيان وٺي آيا. جڏهن پاڻ بيان کيائون ان مٿان گريہ جي حالت طاري ٿي وئي. ان ئي مجلس ۾ توبہ تائب ٿيو ۽ بقيہ زندگي عابدن ۽ صالحن واري گذاريائين. هر کو چوڻ لڳو بيشک الله جا ولي ئي اهڙن ماڻهن کي سڏاري سگهن ٿا.

سورهن گهوٽن جي اجتماعي شادي:

خليفہ محمد حسين بيان ڪيو تہ: حضرت سائين جن کي ٻڌايو ويو تہ هتي جا ماڻهو جوان نياڻيون ويهاريون ويٺا آهن، انهن جي شادي نہ ٿا ڪرائن. پاڻ جلسي ۾ اهڙي پر اثر گفتگو ڪيائون جو هر ماڻهو عمل لاءِ آماده ٿي ويو. پوءِ نڪاح جي تاريخ مقرر ڪئي وئي غريب آباد جي آستاني تي هڪ ئي رات ۾ سورهن جڻن جا نڪاح ٿيا. سڀ گهوٽ ۽ ڪنواريون درگاهہ شريف تي آيا ۽ نڪاح خواني بعد هر هڪ گهوٽ پنهنجي ڪنوار وٺي پنهنجي ڳوٺ روانو ٿي ويو.

1390 هـ ۾ جڏهن پاڻ جماعت سميت لاڙ جي سفر آيل هئا. پاڻ فقير محمد مسلم وٽ نزول فيض شمول فرمايائون. ان ميزباني جا بهترين فرائض سرانجام ڏنا. حضرت جن صبح شام تبليغ ڪندا هئا، هر روز ميلن جا ميل ماڻهو صبح جو مراقبي ۽ تقرير ٻڌڻ لاءِ اچي گڏ ٿيندا هئا. لائوڊ تي حلقہ مراقبو ۽ وعظ تقرير ۽ محبت جا شعر ۽ ڪافيون پڙهيون ويندیون هيون جن ۾ ايترو تہ اثر ۽ جذبو ٿيندو هيو جو ماڻهو پي حال پي خود ٿي ويندا هئا. روح ۽ راڙو پي انداز ٿي ويندو هيو. عام جُمال ماڻهو چوندا هئا تہ هي جادوگر آهي. اصل ۾ اهو عشق الاهي جو رنگ هيو جنهن ماڻهن جي زندگي جا حالات متائي ڇڏيا.

جڏهن پاڻ اتي ترسيل هئا ڏاڍي برسات پئي جاءِ بجاءِ پاڻي ٿي ويو. جماعت جي جلسي جو مقرر ٽيل موقعو بہ موقوف ٿي ويو پوءِ پاڻ اتان الله ڏتي فقير وٽ اچي ترسيا. اتي بہ 15 ڏينهن گذاريائون پوءِ برسات بند ٿي ۽ جلسي جي تاريخ مقرر ڪيائون جنهن ۾ پري پري جا ماڻهو اچي گڏ ٿيا. وڏو جلسو ٿيو. پاڻ جمعہ نماز کان بعد الله تعالىٰ کان بخشش گهرڻ جي باري ۾ تقرير ڪيائون. پاڻ بہ ڏاڍو رُنا ۽ جماعت ۾ سخت گريو ۽ روڄ پئجي ويو. ڪيترا ماڻهو پي حال ٿي ويا ان ڏينهن اهڙو تہ توجهہ ڪيائون جو طريقي جا سخت مخالف بہ روئي پشيمان ٿي اچي قدمن ۾ ڪريا ۽ ذڪر پچيائون ۽ دعوتون ڏنائون. هتي اڃ وڃ لاءِ نہ رستو هيو نہ سواري جي سهولت هئي پوءِ بہ هي ڳوٺ محبتن جو مرڪز رهيو. هتي هر وقت الله ۽ انجي حبيب ﷺ جي ياد بنا پي ڪا پچار نہ هوندي هئي.

محبتي ميڙي ڳوٺ ٻَڌجي هيڪڙو. تني جي ويڙهي پاٿهي ايندو پاتشاهہ.

پنجون مرڪز

تماچي جهيجو

حيدرآباد شهر کان ماتلي ايندي مين روڊ تي ماتلي کان ڪجهه ڪلوميٽر اڳ ۾ روڊ جي الهندي طرف هڪ ننڍڙو ڳوٺ "تماچي جهيجو" نالي اچي ٿو. ان ڳوٺ ۾ به پاڻ ڪجهه عرصو رهيا هئا. اتي به هڪ روحاني مرڪز قائم ڪيو هئائون. ان جو سبب هي ٿيو جو بدين ضلعي ۾ سندن رات ڏينهن جي مسلسل تبليغ جا بهترين اثرات ظهور پذير ٿيا. ماتلي جا پنجابي، مهاجر ۽ ٻيون قومون به طريقي عاليه ۾ داخل ٿيون. هڪ پيري کين محمد عمر ميمڻ ۽ وڏيرو احمد جهيجو دعوت ڪري سندن ڳوٺ ۾ وٺي آيا. عرض ڪيائون ته تي ڏاڍا اسان جي ڳوٺ ۾ هلي رهي تبليغ ڪيو. پاڻ مذڪوره ڳوٺ ۾ آيا. جڏهن اتي دين جو درس چالو ڪيائون ته ٻي انداز ماڻهو طريقي عاليه نقشبنديه ۾ اچي داخل ٿيا پوءِ سڀني گڏجي استدعا ڪئي ته جيڪي به ڏاڍا گرمي جا آهن سي اسان وٽ رهو. وٽندڙ آب هوا کي به ڏنائون ۽ ماڻهن جي محبت کي به ڏنائون پوءِ پاڻ اتي ترسي پيا. الله جي ڪامل ولي جي برڪت سان ان ڳوٺ ۾ ايترو ته فائدو ٿيو جو ڪوبه مرد عورت ڪونه رهيو جو نمازي نه ٿيو هجي ۽ ڪيترا مرد عورتون تهجد گذار بنجي ويا. هر جمعي نماز تي ڪثير تعداد ۾ آس پاس کان جماعت ايندي هئي، مسجد ۾ نماز پڙهڻ جي جاءِ نه ٿيندي هئي. مسجد کان باهر به صفون لڳي ويندیون هيون. جڏهن سندن وعظ چالو ٿيندو هيو ۽ عشق جون ڳالهيون ۽ محبوب حقيقي جون رهاٽيون ڪندا هئا ته پاڻ زارو زار روئندا هئا ۽ عام خلق کي به رئارينداهئا. سندن محفل ۾ هر انسان اکين پُسيلن سان پيو ڏسبو هيو. پنهنجي گذريل گناهن تي هر انسان افسوس ڪندڙ ۽ پشيمان پيو پائنبو هيو. سندن مٺڙي گفتار ۽ حسين ڪردار جو اهڙو اثر ٿيو جو هن ڳوٺ جا وڏيرا، زميندار ۽ ڪثير تعداد ۾ عوام طريقي ۾ داخل ٿيا. هتي جي معززين ۾ خصوصا هي ماڻهو شامل هيا: وڏيرو احمد جهيجو، وڏيرو عبدالحڪيم جهيجو، وڏيرو زڪريا جهيجو، وڏيرو ولي محمد

جميجو، عبدالرحمان جميجو ۽ محمد فقير ترک وغيره. اتي حضرت سائينجن کي پلاٽ ڏنائون. پاڻ اتي حويلي لاءِ هڪ جڳهه ٺهرايائون. پردي جو بندوبست پورو ڪرايائون. هر مهيني پهرئين جمعي جي رات جلسو مقرر فرمايائون. پوءِ اتي دور دراز کان سفر ڪري جماعتون ايندیون هيون. مين روڊ تي ڳوٺ هيو. پوءِ غريب آباد کي الوداع ڪري جماعت جي سهولت لاءِ جميجن جي ڳوٺ کي تبليغي سرگرمين جو مرڪز بنايائون. پوري ڳوٺ ۾ وڏن خواهنڊين ۾ تمام گهٽي محبت هئي.

عظيم الشان جلسو : هتي پاڻ 12 رجب 1392 هـ ۾ هڪ عظيم الشان جلسي جو اهتمام ڪيائون جنهن ۾ هر پاسي کان مردن توڙي عورتن جون لاريون پرجي آيون. اهو تہ ڪو اهڙو ڏهاڙو ۽ اهڙي رات هئي جنهن جي تعريف ڪرڻ کان قلم قاصر آهي. پاڻ تقرير جي شروعات ئي محبوب حقيقي جي محبت جي لفظن سان ڪيائون. بس ساري خلقت جذبي ۽ روچ ۾ اچي وئي. جڏهن پاڻ هي بيت پڙهيائون :

ڪيان ٿو يار جون ڳالهيون اوهان سان، سليان ٿو سور مان دل جا اوهان سان.
منهنجي محبوبُ دل موهي ويو آ، اندر ۾ يارُ لنؤ لائي ويو آ.
اندر ۾ يار جا ٻارڻ ٻريا هِن، جگر جيرا منهنجا سارا سڙيا هن.
منهنجا محبوب لهي وڃ يادگيري، روئي روئي منهنجي ٽي وئي ٽئي پيري.

پوءِ تہ پوري جماعت تي ڪيف طاري ٿي ويو. ڪي رقص ڪرڻ لڳا. ڪي آهون دانهون ڪرڻ لڳا. ائين پئي لڳو جڏڪ ڳوٺ جا درودیوار وڻ ٻوٽا بہ حالتِ رقص ۾ آهن. بقول حافظ:

گر مطربِ حریفان این پارسی بخواند * در رقص حالت آرد پیرانِ پارسا را
دل می رود ز دستم صاحبدلان خدا را * دردا کہ راز پنهان خواهد شد آشکارا

فقير محمد صديق مستانو چُڪ وارو تہ باهہ باهہ پڪاري رهيو هيو. ڪن حالتِ وجد ۾ پنهنجون قميصون قاڙي چڏيون. جڏڪ هڪ وڏو عجيب حادثو پيا ٿي ويو. اهي ماڻهو جيڪي پهريون پيرو سندن مجلس ۾ شريڪ ٿيا هئا سي بہ آهہ و زاري ۾ مصروف هئا. هي سندن روحاني توجہ ۽ تصرف هيو. پوءِ ان محفل مان جو بہ ماڻهو موٽيو تہ ان جي دل جي دنيا بدلجي چڪي هئي. اهو دل ۾ الله جي محبت جو جذبو کڻي موٽيو.

عجيب واقعو: ڳوٺ جي هڪ ماڻهو حضرت سائينجن جي مخالفت ڪئي ته هي جادوگر آهي. ماڻهن مٿان جادو ڪري ٿو چڏي. ڳوٺ وارن کيس منع ڪئي ته دُرويش جي گلا نه ڪر. پر اهو نه مڃيو. اتفاق اهڙو ٿيو جو ان ئي شام جو ان جو جوان پٽ پٽ هيڻان ڏهجي وفات ڪري ويو. ان واقعي جو پوري ڳوٺ مٿان تمام گهٽو اثر ٿيو. هر کو چوڻ لڳو ته الله وارن جي مخالفت جي سبب هن شخص کي صدمو رسيو آهي.

اجتماعي شادي: ان ڳوٺ ۾ ڪافي عرصي کان جوان نياڻيون ويٺل هيون. برادرين جي تنازعن سبب هڪ ٻئي کي نه پيا ڏين. ڏرين حيلا هلايا، پير فقير گهرايا پر برادرين جا مسئلا حل نه ٿيا. پوءِ هڪ دفعي حضرت سائين جن سڀني ڳوٺ وارن کي گهرائي الله تعالىٰ جو پيغام پهچايو ته آءٌ توهان وٽ الله تعالىٰ جو قاصد بنجي الله تعالىٰ جو پيغام ڪٽي آيو آهيان. آءٌ اوهان کي چوان ٿو ته سڀ جوان نياڻين جي شادي ڪرايو. سندن رعب تاب هيبت ۾ حشمت واري تقرير اهڙو اثر ڪيو جو ڳوٺ جا سڀ ماڻهو زار زار روئڻ لڳا. ان محل اٽي سيني عرض ڪيو ته سائين اسان پنهنجون نياڻيون هاٽي ئي شادي ڪرائي ڏيئڻ لاءِ تيار آهيون. پوءِ تاريخ مقرر ڪئي وئي جنهن ۾ پنج نڪاح هڪ رات ۾ ٿي ويا. اهي ڳهوٽ سائينجن جي آڏو اچي ويٺا ۽ ڪنواريون سائينجن جي حويلي مبارڪ ۾ آندائون. نڪاح خواني کان بعد هر هڪ ڳهوٽ پنهنجي پنهنجي ڪنوار وٺي گهر روانو ٿي ويو. ٻئي سال پاڻ هن ڳوٺ ۾ آيا ته هر هڪ ڳهوٽ ننڍڙا ڇاول ٻار کڻي حضرت جن جي خدمت ۾ دعائون حاصل ڪرڻ آيو.

اصلاح عوام : ڳوٺ جي ماڻهن جا سالن کان هڪ ٻئي ۾ تنازعا هلندڙ هئا. ميڙيون موٽائي چڏيون هئائون، حضرت جن انهن جا شرعي فيصلا ڪري ڏرين کي پاڻ ۾ ڪير ڪنڊ بنائي چڏيو. هڪ ٻئي جون ڦٻايل ملڪيتون واپس ورايائون. هتي هر طرف کان ايتري ته خلق اچڻ لڳي جو هر روز ميلو لڳو پيو هوندو هيو. جمعي جي رات ڏينهن ۾ ته ديڳيون چڙهنديون هيون. عام ننگر جاري هوندو هيو. فقير محمد دائود چانڊيو جون اتي ڪيل خدمتون اصل وسارڻ جهڙيون نه آهن. سوين بدڪردار ماڻهو صالح ٿي ويا. شيعا، وهابي ۽ بدمذهب به سندن صحبت ۾ سچا سُني بنجي ويا.

ڇهون عارضي مرڪز
ٽنڊو جام

دادو جي شديد گرمين سبب رمضان المبارڪ جا روزا رکڻ لاءِ پاڻ ڪافي سالن تائين مسلسل ٽنڊو جام ايندا هئا. ڪڏهن رمضان جو مهينو هتي قيام فرمائيندا هئا. روزا رکندا هئا ۽ آس پاس کان جماعتون ايندڙيون هيون انهن کي تبليغ ڪندا هئا. ذڪر وفڪر جو عجيب چمڪتو هوندو هيو. صبح شام فيض ۽ روحانيت واريون مجلسون هونديون هيون. جذبن جي ڏم ڏڙي هوندي هئي. ماڻهو اچي سندن صحبت مان مستفيد ٿيندا هئا. هتي سندن ميزبان جناب حاجي شير محمد راجپوت هوندو هيو. جيڪو سندن حج جو رفيق به هيو.

حاجي شير محمد وڏو زميندار هيو پر جڏهن حضرت جن جي مٿس ڪرمنوازي ٿي ته شب بيدار عابد ۽ زاهد بنجي پيو. هڪ ڏينهن هن فقير سان بيان ڪيائين ته ماڻهن کي ڏينهن جو انتظار هوندو آهي پر آءٌ رات جو انتظار ڪندو آهيان. ماڻهو سمهن خلوت ٿئي ته الله جي ذڪر ۽ مناجات جي لذت حاصل ڪيان.

حاجي صاحب بيان ڪيو ته مون کي نون نوٽن سان محبت هوندي هئي. پراڻا خرچ ڪندو هيس نوان لکائي رکندو هيس. هڪ ڏينهن حضرت جن جي اڳيان آيس پاڻ مون ڏانهن نهاري مسڪرائي فرمايائون:

لَنْ تَنَالُوا الْبِرَّ حَتّٰى تُنْفِقُوْا مِمَّا تُحِبُّوْنَ ۝ وَمَا تُنْفِقُوْا مِنْ شَيْءٍ فَاِنَّ اللّٰهَ بِهٖ عَلِيْمٌ

اوهان تيستائين پلائي حاصل نه ڪندئو جيستائين پنهنجي پياري شيءِ الله جي راهه ۾ خيرات نه ڪندئو ۽ اوهان جا به شيءِ (الله جي راهه ۾) خرچ ڪيو تا ته الله ان کي ڄاڻي ٿو.

سندن ان فرمان ٻڌڻ بعد جيئن گهر ويس جمع ٿيل سڀ نوان نوٽ الله جي راهه ۾ خيرات ڪري ڇڏيم ان کان پوءِ وري ڪڏهن به مون کي نون نوٽن جي من ۾ محبت نظر نه آئي. سندن ڪشف، سندن توجه ۽ تربيت جي انداز کي ان واقعي مان ملاحظ ڪري سگهجي ٿو.

ستون مرڪز

فضل آباد ماتلي

خانپور ۾ وڏيرڪي پاڙي کان کين اصل کان نفرت هئي. ٻيو ته دادو جي موسم گرمين ۾ شديد گرم ۽ سردين ۾ شديد سرد هجڻ سبب پاڻ اونهاري جا ٻه مهينا ٽنڈو جام يا ٻي ڪنهن معتدل جاءِ تي وڃي گذارينداً هئا. ان سلسلي ۾ جڏهن پاڻ ٽنڈو جام رونق افروز ٿيندا هئا ته ماتلي جا ماڻهو هر رات گاڏين يا اسڪوٽرن تي ايندا هئا. رات ۽ صبح وارين مجلسن ۾ شريڪ ٿي صبح جو واپس ماتلي ويندا هئا. انهن جي ان الفت کي ڏسي پاڻ فرمائيندا هئا ته: "ماتلي جا ماڻهو وڏي محبت عشق ۽ الفت وارا آهن".

هڪ ڀيري پاڻ ان خيال جو اظهار فرمايائون ته ڪنهن ٻڌي علائقي ۾ ڪو پلاٽ ونجي مسجد ۽ اڏائجي تبليغ ۽ ڪجي گرميون ۽ گذارجن. ٽنڈي جام واري جماعت چيو ته ٽنڈو جام مناسب شهر آهي، سائينجن هتي مستقل مسڪن بنائن. فقير منظور احمد راجپوت ۽ انجي ساڻين عرض ڪيو ته ماتلي جي شهر جي موسم ۽ پلي آهي. اتي تبليغ جي ضرورت ۽ گهڻي آهي. هُوسڙي جي جماعت وري سندن شهر ۾ رهڻ جي درخواست ڪئي. پوءِ پاڻ ماتلي جي ماڻهن جي محبت کي ڏسي ان پاسي جو ارادو ڪيائون. فقير منظور احمد راجپوت ۽ فقير محمد رمضان رحماني ماتلي شهر جي اوپر واري طرف لائينڊ چينل واهه جي پرسان حويلي لاءِ پلاٽ خريد ڪيو ۽ حضرت جن کي ان ڳالهه کان آگاهه ڪيائون. پوءِ پاڻ فقيرن جو هڪ وفد خليفه محمد حسين سان گڏائي پلاٽ ڏسڻ لاءِ روانو ڪيائون. انهن ۽ اچي وڏي واکاڻ ڪئي. پوءِ هڪ ڏينهن پاڻ آيا پلاٽ ڏسي دعا جا هٿ کنيائون. ڪنهن کي خبر هئي ته هن جهنگل ۾ منگل ٽيڙو آهي. الله جي ولي جي دعا جي برڪت سان اڄ اها جاءِ مرجع خلائق آهي. سنه 1400هـ ۾ پاڻ خانپور مان منتقل ٿي ماتلي شريف ۾ سڪونت اختيار ڪيائون. هجرت جي ٻئي سال تي پاڻ وڏي ڪوشش سان پلاٽ وٺي ان تي مسجد شريف تعمير ڪرايائون.

سنہ 1401 ھ ۾ ٽن قبن واري مسجد جُڙي راس ٿي وئي. پوءِ اتي مدرسہ عربيہ انوار الاهي نالي ديني درسگاھ ۾ شروع ڪيائون. شهر ماتلي جي ان ڪالوني جو نالو برادرم فضل الله جي نالي جي نسبت سان "فضل آباد" رکيائون. مسجد تيار ٿيڻ تائين پاڻ پنج وقتي نمازون فقير محمد رمضان جي پلاٽ ۾ باجماعت پڙهائيندا هئا ۽ جمعہ نماز شهر ۾ قبرستان واري جامع مسجد ۾ ادا ڪندا هئا.

حضرت جن جي اچڻ کان اڳ اتي نہ گهر هئا نہ شهر هيو. بلڪ پوري ماتلي شهر کان هيڻاهون علاقو هيو. برساتن جو پاڻي اتي جمع ٿيندو هيو. ايستائين جو ڪنهن وقت اتي ٻيڙيون هلنديون هيون. پوءِ جڏهن حضرت جن جا قدم پاڪ لڳا تہ هن وقت فضل آباد شريف ماتلي جي گنجان آبادي آهي ۽ پوري شهر ۾ سڀ کان مهانگا پلاٽ هن محلي جا آهن.

فضل آباد ۾ دين جي آبادي:

هتي پاڻ هر مهيني جي ٻارهين جي رات مقرر ڪيائون. هر موقعي تي هر پاسي کان فقيرن جون جماعتون الله تعالىٰ جي ذڪر حاصل ڪرڻ ۽ سندن مواعظ حسنہ ٻڌڻ لاءِ اچڻ لڳيون. مخلوق کي ٻي انداز فائدو ۽ فيض حاصل ٿيڻ لڳو. بدبخت بخت وارا، ٻي نصيب نصيب وارا بنجڻ لڳا. سوين چور، فاسق، فاجر نيڪ بنجي ويا. ٻي راهہ روي ۽ دين کان دوري جي ماحول ۾ پاڻ ماڻهن کي هڪ نئين سوچ ۽ نئون شعور ڏنائون.

ماتلي اچڻ جو سبب:

جڏهن پاڻ خانپور مان ماتلي شريف هجرت ڪري آيا، ڪنهن پڇيو تہ سائين اوهان پنهنجو اباڻو وطن ڇڏي آيا آهيو؟ پاڻ ٿڏو ساهہ ڀريائون ۽ هي بيت پڙهيائون:

رشتهٔ در گردنم افگنده دوست، ے برد ہر جاکه خاطر خواه اوست۔
برنگ آسیا سنگ ست حال جسم زار من، بدست دیگرے افتاده ام ناچار میگردم،
عنانِ اختیار خویشتن دارم بدست او، برفتاریکه خواہد برہمان رفتار میگردم.

فرمايائون اسان جي ڳڇي ۾ مالڪ جي رَسِي پيل آهي جاڏي ڇڪيندا ان پاسي ويندا سين. "واڳ ڏٽيءَ جي وس، آءٌ ڪا پاڻ وهيٽي".

هن وقت: دربار فضل آباد شريف هڪ ايڪڙ ايراضي تي مشتمل هڪ علمي، فڪري، اصلاحي ۽ روحاني اداري جي صورت ۾ موجود آهي. جتي هر اسلامي مهيني جي ٽيويهين جي شام چوويهين جي رات روحاني ميڙاکو ٿيندو آهي. ان کان علاوه سالانه عرس مبارڪ جو جلسو به فقيد المثال ٿيندو آهي. صبح شام قال الله ۽ قال الرسول جي تعليم ۽ تدريس جاري آهي. ان کان علاوه فقراء جي تربيت ۽ روحاني اسباق جو سلسلو به جاري آهي. غفاري مسجد جديد ۽ قديم طرز تعمير جو حسين شاهڪار تيار ٿي چڪي آهي. سندن مزار پر انوار مرجع خلائق آهي.

غفاري مسجد ماتلي شريف

اڻون مرڪز
ڪرمپور دادو

شهر دادو محلي مرڪپور کان جيڪو لنڪ روڊ اتر طرف سونمياڻي ڳوٺ ڏانهن نڪري ٿو ان سان تقريباً هڪ ڪلوميٽر هلبو ته سامهون عظيم الشان مسجد نظر ايندي، جنهن جا پُرڪشش مينار پري کان نظر اچن ٿا. ويجهو وڃبو ته جاگير شاخ جي ڪناري هي هڪ ننڍڙي بستي آهي. جنهن کي "ڪرمپور" نالي سان سڏيو وڃي ٿو. هي اهو روحاني مرڪز آهي جتي هر اسلامي مهيني جي ٻارهين جي رات هڪ روحاني محفل ٿيندي آهي. جتي ملڪ جي چڪني صوبن کان مسلمان اچي شريعت طريقت ۽ معرفت جا سبق سکن ٿا. ان روحاني اداري مان ڪيئي اڃايا اچي پريت جو پلر پي اڄ اجهائن ٿا.

هن عظيم روحاني مرڪز جي بنياد جي پهرين سر الله جي رضا ۽ مصطفيٰ ﷺ جي منشا سان الله جي ڪامل اڪمل ولي سيدي و مرشدي حضرت محبوب الاهي رحمت الله عليہ پنهنجي پاڪ هٿن سان رکي هئي. هن فقير ناچيز سان جيڪا سندن محبت هئي ان جي سبب هن آستاني جو نالو فقير جي نالي جي نسبت سان "ڪرمپور" رکيائون. هن درگاهہ ۽ درسگاهہ جو بنياد وجهڻ جا بنيادي سبب چار هئا.

پهريون سبب: حضرت جن ڳوٺ خانپور ۾ وڏو عرصو تبليغ دين ڪئي هئي. جنهن جي نتيجي ۾ ڪچي ۽ ڪاچي، لاڙ ۽ پار سنڌ ۽ بلوچستان مان هزارين انسان اچي عشق الاهي جو درس سکندا هئا. پوءِ پاڻ جڏهن اتان هجرت ڪري ماتلي ڪي مسڪن بنايائون ته هتان جا مسڪين ماروئڙا اتي پهچي نه ٽپي سگهيا. ان لاءِ پاڻ اهو خيال ڪيائون ته ڪو اهڙو مرڪز ناهجي جتي غريب مسڪين ماڻهو ڪراڙا ۽ ڪمزور بہ آساني سان اچي سگهن، پوءِ پاڻ ڪرمپور شريف جو بنياد وڌائون.

ٻيو سبب : دادو جو شهر سنڌ جو تقريباً وچ آهي، جتي لاڙ، پار، ڪچي ڪاچي جا ماڻهو آساني سان اچي سگهن ٿا. ان ڪري هن شهر جو انتخاب ڪيائون.

ٽيون سبب : پاڻ فرمايائون اسان جي طريقہ عاليہ نقشبنديہ جو بنياد صحبتِ مرشد تي آهي. هي طريقو ڪڪن جي ٻاهر وانگر آهي. ڪڪ وجهبا تہ مچ متل هوندو، اگر ڪڪ نہ وجهبا تہ ٻاهر تہ اجهامي ويندي پر خاڪ ۾ اُڏامي ويندي. فرمايائون اسان وڏي محنت سان هي جماعت جوڙي آهي، اگر اهي صحبت ۾ نہ ايندا تہ انهن جي نيڪائي جي عمارت ڍهي پوندي. هاڻي اهي ماڻهو پهچي نہ ٿا سگهن تہ اسان وٽن هر ٻئي مهيني هلي ويندا سين

ڇوٽون سبب : فرمايائون: اگر هيڏي ڏڻ جي سنيال نہ ڪيون تہ الله وٽ اسان کان پڇاڙو ٿيندو. ان ڪري ڪرمپور جي درگاهہ ٺاهيائون ۽ اتي محفلن جو آغاز ڪيائون.

پيش گوئي : هڪ ڏينهن پاڻ فرمايائون: "ڪرمپور ۾ اڄ کا اهڙي آبادي ناهي پر هڪڙو ڏينهن اهڙو ايندو جو هتي وڏي آبادي ٿيندي. پير رکڻ جي جاءِ ۾ نہ ملندي".

پاڙيسري: فقير محمد جمن ۽ محمد حسين ٻير جيڪي سائينجن سان خير محمد چانڊئي جي ڳوٺ ۾ گڏ هيا ۽ خانپور ۾ ۾ پاڙيسري ٿي ويٺا سي هن آستانہ عاليہ تي ۾ حضرت جن جا پاڙيسري ٿي ويٺا. الله سندن گهراٽي کي شاد آباد رکي.

ڪرمپور ۾ فيض ۽ فائدي جو منظر:

ڪرمپور ۾ يارو لڳي وئي ٻهاري، الله هو الله هو جي ٻولي ٻاجهاري.

1. ڏٺا مون پانڊيئڙا پرين ۽ جا ڪرمپور، روئندي ۽ رڙندي نشي ۾ ٽيا پُر، ٽيو فيض جاري آ پير غفاري.

2. قلندر پٽائي گهٽا پير پيٽيئي، وڃي در انهن جي باسون يار باسيئي، هاڻي وارو آهي هتان جو ٽيو جاري.

3. برن ۾ بازاريون لاتيون پيرڪامل، بتيون بجليون تنهن سان ڪيون يار شامل، نظر ساڻ روشن ٽيون دليون اناڙي.

4. ڏٺا مون اکين سان وڏيرا جمالي، سيد خود مجن پيا ڏسي هي ڪمالي، ڪاڇي جا اچن پيا هتي هڙ لغاري.

5. قاسم خان جي ڳوٺ جا رودناٽي، هليا رات جو سي ڪاڏئون آڻ نہ پاٽي، اچي پنهنورن ٽي پنهنجي پرت پاڙي.

6. ٻہر ميربحر ۽ ٻيا ماڃي موچارا، پتوجا جوڙيجا ۽ هالا هنگورا، چانڊيا چاهه مان ٻيا اچن ٻيا مزاري.

7. مهاجر، پنجابي، بروهي ٻلارا، سمتا وسڻا، راجپر ۽ ڪلهوڙا، جماعت ۾ داخل ڏنا مون لا شاري.

8. مولا ميمڻن ۾ رکي آهي محبت، جتوئي ڪلوئي ڪن روز صحبت، ٽيا مست محبت ۾ بيخود مشوري.

9. ڏاتر ڏيپرن کي آندو آهي هاٽي، چنا ۽ کوسا ٻيا اچن پلاٽي، ڪلندي ڏسان پيو هتي يار ڪوري.

10. رندن۽ لُنڊن جو وريو يار وارو، سمن سومرن کي مولا ڪيو موچارو، جِهنجِهي۽ جميجا ڪنيار ۽ ڪپري.

11. نظاماڻي نازڪ ۽ چانگ چگيرا، مشائخ موچارا ساکاڻي سدورا، گوپانگ ٽيا گوهر ٻيا شيخ ۽ شڪاري.

12. اچن يار هتڙي ٻيا مگسي مگهار، منگي ۽ يڙي ٽا رکن پير سان پيار، ذڪر پاڪ ڪن ٻيا قرب سان ڪميري.

13. ميڙو ٻڌي مهيني ٽئي ٽو فقيرن، زالين مڙسين واعظ ٻڌي ٽين سي جذبن، اچي هر طرف کان ٽي پرجي پو لاري.

14. وسي مينهن رحمت ڪرمپور ۾ هتڙي، اچي پير ڪامل رهي ٽو جو هتڙي، وڃن بخشجي تا هتي سڀ ڏوهاري.

15. سخي صاحبزادن کيا سيني ٽورا، لاڻائون جماعت تان ٻلڪار ٻولا، ويهي هن برن ۾ چڙهيا جوان سواري.

16. اٽي پٽ تون اکڙي پائي يار جماتي، ڪهڙي پير ڪامل اچي دل آ لاتي، قدر ڪر تون موڪا متان ٽين ميارِي.

17. حضرت "فضل آباد" ڇئي ڏئي مون هي مجلس موچاري سڪون ٽي لاڻائين تنهن پير غفاري هميشہ رهي شل اها سوڀ واري.

ڪرمپور لاءِ دعا ۽ التجا :

هڪ ڏينهن پاڻ ڪرمپور شريف لاءِ هي دعا گهريائون ۽ تمام گهڻو گريہ ڪيائون:

خدايا ڪرم پور آباد ڪر تون، مٿي پاڻيءَ جِيان شيرين ڪر تون اچن جيڪي هتي پاندي پرينءَ جا، پورا هنڌي ٿين مقصد انهن جا وٺي فيض ٿين راهي وطن تي، ڪري جذبا وجن روئندا وطن تي لڳن ميخون محبت جون انهن ڪي، پُسيل پنبٽيون ڏسان تنجون سدا سي عشق جي باھ تو ہار دلين ۾، وهائج نينهن جا نار اکين ۾ خدايا تون دکاءِ دونهان درد جا، وڌن سيني اندر سور عشق جا منهنجا مولا اهي آسون پڄائين، ههڙي در کان تون خالي نا موٽائين ڪري سانگ جيڪي در تي اچن ٿا، ڏسڻ مرشد مٿي اولا لهن پيا الاهي تون ڪرمپور کي وسائين، جيڪي ويهن هتي تن کي وڌائين ظاهر باطن انهن جو تون اجارين، ويڑها تن جا سدائين تون وسائين الاهي نور پنهنجي سان نوازين، محمد گهوٽ جي پاڪر رهائين دليون ڏوئين مٿا پاڙيسرين جون، روئن اکيون تني جوگيئڙن جون جيڪي طالب اچن ٿين دين وارا، پڙهن درس ٿين صالح سڳورا معلم ۽ مبلغ ڪرمپور جا، ڪرين سائين سدائين فيض وارا رزق روزي تني تي ڪر ڪشادي، الاهي تون ڪرين تن جي آبادي ڏينهون ڏينهن وڌاءِ فوجون فقيرن، رکن محبت ٿين وانگر عزيزن ڪرمپور ۾ اهو شل ڏينهن ٿيندو، مهابي مصطفيٰ جي يار ملندو پٽيو اکيون فقيرو يار هاڻي، ڪر رحمت سندو وسندو سپاڻي قدر ڪيو وقت اهڙي جو فقيرو، متان پوءِ هاءِ هاءِ جو ڇوڙهو ڇاڙيو مٿا مرشد اچن دليون سڏارڻ، ڪري توجهہ پنهنجي سينا سڏارڻ اهڙا سڃڻ نہ ملندا يار ڪاڻي، رکي رب خوش وسن پيا جوان جاڻي آهي ڏوري پيل هٽڙو انهن جو، گناهن کان مٽيو تڏ منهن اسانجو جيڪي ڪمڙا چگّاين جا ٿين ٿا، نظر پير پنهنجي سان ئي ٿين ٿا الاهي آس من جي هي پڄائين، مرڻ ويل مٿو ڪلمو پڙهائين.

خدمت جي بين صورت

مسجدون تعمير ڪرايائون

ننڍپڻ ۾ جيئن سندن امڙ باس باسي هئي تہ پنهنجي ٻچي کي مسجد جو خدمتگار ڪنديس. امڙ جي اها آس الله پڄائي. پاڻ پوري زندگي مسجدن جي خدمت ڪندا رهيا. نيون مسجدون تعمير ڪيائون، زبون حال مسجدن جي نئين سر تعمير ڪيائون. جتي ويا اتي نمازين کان خالي مسجدن کي پنهنجي فيضان نظر سان جماعتن سان پرپور ڪري ڇڏيائون. اهڙين چند مسجدن جو ذڪر ڪجي ٿو:

غفاري مسجد : دربار فضل آباد ۾ جڏهن پاڻ پهرئين سال هجرت فرمائي آيا تہ فقير محمد رمضان جي پلاٽ کي جاءِ نماز بنايائون. اتي با جماعت نماز پڙهائيندا هئا. هڪ دفعي وڏو جلسو ٿيو ان ۾ جماعت سان گڏجي دعا گهريائون: يا الله ايندڙ سال جو جلسو اسان کي هن پلاٽ ۾ وڏي ٽن قبن واري مسجد ۾ نصيب ڪجانءِ. وري هڪ دفعي رمضان جي تراويحن پڙهڻ بعد ب اها دعا گهريائون تہ: يا الله ايندڙ سال رمضان جا روزا ۽ تراويحون وڏي ٽن قبن واري مسجد ۾ پڙهائجانءِ. حالانڪ ان وقت ايجا مسجد جو ڪو بنياد ب پيل نہ هيو. سندن دعا جي اثر سان صرف ڇهن مهينن ۾ ٽن قبن واري مسجد تيار ٿي وئي ۽ ٻئي سال وارو عرس مبارڪ ۽ رمضان جا روزا ۽ تراويحون سڀ ان نئين مسجد ۾ ادا ٿيا. جڏهن مسجد جي بنياد جي چري پئي کوٽي وئي کوڏر جا پهريان لپا پاڻ هنيائون ۽ ڪم ۾ پهرين تغاري ب پاڻ کنيائون. جڏهن مسجد جُڙي راس ٿي وئي تہ فرمايائون: مسجد وڏن قبن ۽ وڏن منارن ۽ نيلن سان ان کري نهرائي اٿم تہ جيئن غافل ۽ جاهل ڏسن تہ هي خدا جو گهر آهي من کو نماز لاءِ وري پئي.

قطب تارو ۽ قطب نما: جڏهن غفاري مسجد جون چريون کوٽن پيا تہ فقيرن ب ٽي قطب نما آندا. هر هڪ پنهنجو رخ ٻڌائي رهيو هيو. پوءِ پاڻ فرمايائون تہ هي سڀ قطب نما غلط آهن پوءِ پاڻ رات جو بيهي قطب تاري تي مسجد جو رخ ٻڌايائون پوءِ ان مطابق مسجد جو بنياد رکيو ويو.

هڪ خواب: جڏهن غفاري مسجد جي تعمير هلي رهي هئي تہ پاڻ هڪ خواب ڏٺائون. جيڪو جماعت سان بيان ڪيائون تہ: ڏٺوسين هڪ جاءِ آهي ان ۾ هڪ ننڍي دري آهي چون تہ اوهان کي هن سوڙهي دري مان لنگهڻو آهي. اسان چيوسين هن سوڙهي دري مان ڪيئن لنگهي سگهبو؟ چيو ويو ان مان اوهان کي لنگهڻو ئي پوندو. پوءِ فرمايائون الله تي پرسو ڪري دري مان لنگهياسين تہ الحمد لله آساني سان لنگهي وياسين. پوءِ ان جو تعبير سمجهيوسين تہ بي سروساماني جي عالم ۾ هيڏي وڏي مسجد ٺاهڻ سوڙهي دري مان لنگهڻو آهي. پر الله جي فضل سان اُڪري پار پهتاسين ۽ ٽن قبن واري مسجد تيار ٿي وئي.



ٽن قبن واري غفاري مسجد دربار فضل آباد شريف ماتلي



فضلي مسجد ڪرمپور شريف جو نقشو پاڻ پنهنجي هٿن مبارڪن سان ٺاهيائون

فضلي مسجد ڪرمپور دادو :

درگاهه ڪرمپور دادو ۾ پاڻ بهترين مسجد ٺهرايائون. ان جو ابتدائي ڪم هن فقير ڪرايو هيو. بقيہ ڪم پاڻ اچي ڪرايائون. جڏهن مسجد چت تي پهتي تہ ايترا پئسا نہ هيا جو چت وجهرائي سگهجي.

حضرت جن کي واپس ماتلي شريف موڪلڻو ٻه هيو مسجد جي چت ٻه ڏکائيٽي هئي. ان دوران هڪ ماڻهو يارهن هزار روپيا آڻي ڏنا. چت جي گاڏرن ٽيئرن لاءِ اڄا ٻه چار هزار روپين جي ضرورت هئي. پاڻ فرمايائون ڪنهن کان گهر سوال يا چندو ٻه ڪرڻو ناهي. مسجد جي چت وجهائڻ بغير واپس وڃڻو ٻه نه آهي. صبح جو فرمايائون: اڄ رات رب ڪريم کي عرض ڪيو اٿئون: "اي الله گهر ٻه تنهنجو ٿو نهي، آسان جي مدد ٻه تون ڪر، چار هزار عطا ڪر ته مسجد مڪمل ٿئي". فرمايائون ڏسو رب ڪيئن ٿو مدد ڪري؟ ڪچڙي منجهند جو وقت ٽيو ته هڪ ماڻهو اسڪوٽر تي آيو حضرت جن سان اچي مليو. چيائين مون کي خيال آيو ته مسجد جو ڪم هلي رهيو آهي چو نه مان ٻه ان ۾ پنهنجو حصو گڏايان سو هي چار هزار روپيا آندا اٿم. قبول فرمايو. پاڻ ان مهل خليفي محمد صديق کي موڪليائون لوهه اچي ويو ۽ مسجد مڪمل ٿي وئي. الحمد لله .

ڪنهن کان سوال نه ڪجانءِ :

جناب مولوي محمد اسماعيل بيان ڪيو ته منهنجي رشتيدار حاجي سارنگ بيان ڪيو ته: "مون کي حضرت محبوب الاهي ڳوٺ ۾ مسجد نهرائڻ لاءِ فرمايو. فرمايائون مسجد نهراءِ پر ڪنهن کان سوال نه ڪجانءِ. تون ڪم شروع ڪر خدائي مدد پهچي ويندئي. ان وقت منهنجي گهر ۾ صرف چهه سو روپيا هئا. سوچيم ڪنهن دوست کان قرض ونان. پر مرشدن جو فرمان ياد اچي ويو ته ڪنهن کان سوال نه ڪجانءِ. پوءِ چهن سَون مان ٻه سو کٽي چارسئو جون ڪامون وٺي آيس ۽ وري اچي ڏٺم ته پورا چهه سو روپيا رکيل هئا. پوءِ وري ٻه سو کٽي پڪيون سرون ادائي هزار بنياد لاءِ وڻڻ ويس وري اچي ڏٺم ته سا ڳيا چهه سو رکيل هئا وري ٻه سو کٽي چت جو سامان وڻڻ ويس وري ٻه ڏٺم ساڳيا چهه سو رکيل هئا. آخر ڪار انهن چهن سون مان سجي مسجد تيار ٿي وئي. مزدورن جو مزدوريون ڪاڌا پيتا سڀ ٿي ويا. مسجد نهي وڃڻ بعد ٻه چهه سو موجود رهيا".

تعمير مڪمل ٿيڻ بعد ان مسجد ۾ حضرت جن جو جلسو رکايائين. پاڻ آيا جماعت ٻه گهٽي آئي پوءِ جماعت اڳيان حاجي سارنگ قسم کٽي اها ڪرامت بيان ڪئي. حضرت جن جي فرمان مطابق ڪنهن کان چندو ٻه نه ڪيم ۽ مسجد نهڻ بعد ٻه اهي چهه سو بچي پيا.

ڏهه روپين ۾ مسجد تيار :

نصير فقير لغاري بيان ڪيوتہ هيڪر حضرت جن منهنجي دعوت تي ڳوٺ گهاري ۾ آيا اتي مسجد ٺهيل نہ هئي. پاڻ فرمايائون تہ مسجد ناهہ سندن فرمان مڃڻو پيو گهر ۾ ان وقت صرف ڏهہ رپيا رکيل هئا. فرمان مطابق بسم الله پڙهي ڪم شروع ڪرايم اهڙو فتوحات جو دروازو کليو جو عاليشان مسجد تيار ٿي وئي ۽ اهي ساڳيا ڏهہ رپيا بہ بچي پيا.

هفتي ۾ مسجد تيار:

ڪڙيو گهنور لڳ تيرهين چڪ ڳوٺ جي مسجد شهيد ٿي چڪي هئي. جماعت کي نماز پڙهڻ جي تڪليف هئي. حضرت جن هن فقير (ڪرم الله) کي پنج هزار روپيا پنهنجي هڙان ڏنا. فرمايائون اتي رهي ويهي مسجد ٺهرائي اچو. سندن حڪم مڃي فقير ويو جمعہ نماز ادا ڪري مسجد جي تعمير شروع ڪئي سين. ڪٽان سرون پئي آيون ڪٽان، ريتي پئي آڻي؟ فقير ڪم وارا رازا مزدور اچي ويا حضرت جي توجہ ۽ تصرف سان صرف هڪ هفتي ۾ مسجد چار صفن واري گاڏرن ٽيئرن جي ڇت واري تيار ٿي وئي ۽ ۾ئي جمعي جي نماز ان مسجد ۾ ادا ڪئي سين. رازا مزدرو سڀ حيران هئا تہ هڪ هفتي ۾ هيڏي مسجد ڪيئن تيار ٿي وئي.

مسجد ڏاڍي سٺي ٺهرائي اٿئي!

حاجي طالب ميمڻ ٻڌي واري بيان ڪيو تہ منهنجي مسجد شريف ڪچي مٽي جي ٺهيل هئي، جڏهن حضرت جن جو مريد ٿي آيس تہ دل ۾ سوچيم تہ مريد بہ نئون ٿي آيو آهيان تہ مسجد بہ نئين پڪي ٺهرايان پر هڙ ۾ ڪي بہ ڪين هيم. جن دوستن ۾ ڪا اميد هئي تن وٽ ويس پر هر ڪنهن عذر بهانا ڪري ٽاري ڇڏيو. حضرت سائين جن وٽ جلسہ تي ويس تہ ڪين دل جي خواهش بابت عرض ڪيم. پاڻ دعا جا هٿ ڪنيائون. پوءِ فرمايائون فقير غم نہ ڪر الله جو گهر آهي الله پاڻ انتظام ڪندو. جيئن ئي جلسہ تان موٽي گهر آيس تہ هڪ ماڻهو ڪوڙ ڪنيون ڪچي مسجد شهيد ڪري رهيو هيو. مون چيو چا ٿو ڪرين؟ چيائين مسجد پڪي ٺهرائيندا سين. مون چيو آءٌ تو وٽ هلي آيو هيس تہ تو بهانا ڪري ٽاري ڇڏيو. چيائين اها ڳالهہ نہ پڇ.

پوءِ جيئن مسجد جي ڪم ۾ هٿ وڌوسين تہ ہن مهينن ۾ مسجد ٺهي تيار ٿي وئي. پوءِ حضرت جن کي اچي عرض ڪيم مسجد جڙي راس ٿي وئي آهي اوهين هلي افتتاح ۽ ڪيو دعا ۽ گهرو. پاڻ فرمايائون اسان هلي ڪونہ ٿا سگهون باقي اسان جو فرزند مولوي ڪرم الله ايندو ان کي ائين سمجهدا جاڻ مان پاڻ آيو آهيان. فرمان اڪين تي رکيم پر دل ۾ سوچيم تہ جيڪر حضرت صاحب پاڻ هلن ها تہ ڏاڍو سنو ٿئي ها. دل ۾ ٿورو غم رهيو. بهر حال ڳوٺ آيس. خواب ۾ ڏسان تہ ہ نوراني شخص گهوڙي سوار منهنجي اڳڻ تي آيا آهن. جيئن ئي ڏٺم تہ هڪ بزرگ اسان جا مرشد ڪريم محبوب الاهي آهن سائينجن کي ڏسڻ سان وجد ٿي ويو. روئڻ شروع ڪيم پاڻ سڏو مسجد شريف ۾ آيا ۽ سجي مسجد ڏسي فرمايائون فقير مسجد ڏاڍي سهڻي ٺهرائي اٿئي. ڪجهہ ڏينهن بعد وري جڏهن ماتلي جلسي تي آيس تہ پاڻ مرکي اهي ئي لفظ فرمايائون جيڪي خواب ۾ فرمايا هئائون تہ فقير مسجد ڏاڍي سهڻي ۽ سڻي ٺهرائي اٿو.

مسجدون آباد ڪيائون:

هي چند مثال مسجدون تعمير ڪرڻ جا هيا پر مسجدن جي اصل آبادي نمازين سان هوندي آهي. مسجد ڪيتري به سهڻي ٺهيل هجي پر اگر نمازي نہ هجن تہ ڪهڙي ڪم جي؟

مسجد تو بنادی شب بھر میں ایماں کی حرارت والوں نے
مَن اپنا پرانا پاپی تھا برسوں سے نمازی بن نہ سکا

حضرت جن پنهنجي فيضان نظر ۽ روحاني توجهات سان ماڻهن جون دليون سنواريون ۽ پاپي مَن سڌاريا. هزارين بلڪ لکين بي نمازين کي نمازي بنائي ڇڏيو. سندن پر تاثير تقريرن سان ڳوٺن جا ڳوٺ نمازي بنجي ويا. سوين ويران مسجدون آباد ٿي ويون. اهي ماڻهو جيڪي ڪڏهن عيد جي نماز نہ پڙهندا هئا سي سندن فيض سان پنج وقت جا نمازي بلڪ آڌي رات جو اٿي تهجد پڙهڻ وارا بنجي ويا.

خدمت جي ٽين صورت

ديني مدرسا قائم ڪيائون

اتحادِ علماءَ جون ڪوششون ڪيائون:

حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه خود عالم هئا. عالم ساز هئا. عالم گر هئا. پاڻ جيتريقدر ٻي عمل مولوين جا نقاد هئا، اوتري قدر رباني ۽ حقاني عالمن جا قدر شناس هئا. سندن محفل ۾ علماء جو جُمرمت رهندو هيو. سندن گفتار کان علماء گهڻو متاثر ٿيندا هئا. پاڻ هميشہ اتحادِ امت جا داعي رهيا. افتراق ۽ انتشار کي ناپسند ڪندا هئا. فرمائيندا هئا تہ اگر علماء ۾ مشائخ پاڻ ۾ گڏجي ڪو لائحہ عمل ناهي گڏيل جدوجهد ڪن تہ يقينا دين جو وڏو ڪم ٿيندو. خلق خدا سڌري پوندي. ان جذبي تحت هڪ پيري پاڻ تعلقي ميڙ ۽ خيرپور ناٿن شاهہ جي علماءَ کي دعوت ڏنائون. جنهن ۾ سڀ نامياريا عالم شريڪ ٿيا. ان دعوت جو اهتمام خانصاحب حاجي امام بخش جوٽيجو ڪيو. ڏينهن جو علماءَ جي گڏجاڻي ٿي. پاڻ علماءَ اڳيان اهڙي پر سوز گفتگو فرمايائون جو پاڻ ہ روئي رهيا ۽ سڀ علماء ۽ حاضرين مجلس ہ زار و زار روئي رهيا هئا. حضرت سائينجن جو والد ڪريم ہ ان مجلس ۾ موجود هيو ان کي تہ تمام گهڻو روئڻ جو جذبو ٿيو. پاڻ صحابہ ڪرام اهلبيتِ عظام جي دين جو جذبو بيان فرمايائون تہ ڪيئن انهن دين جي خدمت ڪئي؟ سوا لک صحابن مان صرف ڏهہ هزار اصحابن جون قبرون مديني پاڪ ۾ آهن، باقي سڀ دين جي خاطر وطن کان نڪري ويا. پاڻ اهڙي پُرجوش تقرير فرمايائون جو مولوين صاحبن چيو تہ بيشڪ هي حق جي ڳالهہ آهي پر ڪن چيو تہ سائين مولانا سيد چٹل شاهہ نہ پهچي سگهيو آهي. پوءِ پي ميٽنگ خيرپورناٿن شاهہ ۾ سندس مدرسي ۾ رکي وئي. ان گڏجاڻي ۾ حضرت جن تشريف فرما ٿيا. اتي گهڻا علماءَ آيل هئا پوءِ گهڻا وات گهڻيون ڳالهيون علماءَ ڪنهن منشور تي متفق ٿي نہ سگهيا. ان طرح جون پاڻ ڪيئي ڪوششون ڪيائون پر ڪڙ تيل ڪو نہ نڪتو پوءِ انهن مان مايوس ٿي پاڻ پنهنجي جماعت جي علماء ۽ خلفاءَ سميت پنهنجي سگهہ ۽ صلاحيتن سان تاحيات دين جي خدمت ڪندا رهيا.

مدرسہ کرکٹ: پاڻ جيئن ئي مدرسي مان فارغ التحصيل ٿيا هئا تہ سڀ کان اول پنهنجي ڳوٺ ۾ پنهنجي عزيزن جي تعاون سان هڪ مدرسو کوليائون. جنهن ۾ ابتدا ۾ ئي پنجاهه طالب چوڪرا ۽ يارهن چوڪريون داخل ٿيا هئا. جنهن جو اظهار پاڻ پنهنجي استاد کي لکيل خط ۾ ڪيو هئائون:

دیگر ایں کہ نزد فقیر پنجاہ طلاب مذکر دہ یا یازدہ مونث در طلب علوم مشغول اند و قوی امید باری تعالی از یھان زیادہ خواہند شد۔

ان مدرسي ۾ تدريسي فرائض خود بنفس نفيس سرانجام ڏيندا هئا. پاڻ رات ڏينهن ايڏي محنت سان پڙهائيندا هئا جو پري پري کان علم جا اڃايا هن مدرسي ۾ اچي علم جي اڃ اجهائڻ لڳا. مولوي محمد اسماعيل ڏيپر، مولوي غلام رسول ڏيپر وغيره به حضرت جن وٽ هن مدرسي ۾ پڙهيا هئا. جڏهن پاڻ خير محمد جي ڳوٺ آيا تہ اتي به درس جو سلسلو جاري رکيائون.

مدرسہ رياض الهدیٰ خانپور:

درگاه الله آباد خانپور ۾ پاڻ هي مدرسو کولايائون. ان جي خرچ پکي جو انتظام خانصاحب حاجي امام بخش ڪندو هيو. هن مدرسي ۾ مختلف اوقات ۾ جن نامياڻن عالمن تدريس جا فرائض سرانجام ڏنا. انهن مان حضرت علامہ مولانا يار محمد جويو رحمة الله عليه مولانا شفيع محمد واڌو، مولانا امير بخش سومرو ڦل ڳوٺ وارو، مولانا غلام قادر لغاري ولي محمد ڳوٺ وارن جا نالا قابل ذڪر آهن. هن مدرسي مان فارغ ٿيڻ وارن ۾ مولانا مولوي غلام شبير جوٽيجو جنهن کي پاڻ خلافت به عنايت ڪئي هئائون. مولانا لال محمد عرف "لالڻ" جوٽيجو وغيره قابل ذڪر آهن.

هن فقير (ڪرم الله) فارسي ڪتاب ڪريما، نام حق، گلستان، بوستان، زليخا وغيره استاذيم مولانا ڏٽي بخش لغاري، مولانا فيض محمد کوسو وٽ ۽ عربي گرامر (صرف ۽ نحو) جا ڪتاب ارشاد الصرف، علم الصيغ، نحومير، مأة عامل منظوم، شرح مأة عامل بمع ترکيب هڪ نوع تائين استاذي و ملاذي مولانا غلام قادر لغاري وٽ ان مدرسي ۾ پڙهيا هئا.

مدرسي ۾ هڪ سئو کان مٿي مسافر طالب رهندا هئا. تن ڏينهن ۾ طلباءَ ۾ عجيب ذوق ۽ شوق هوندو هيو. طالب پاڻ ۾ ويهي بيت بازي جو مقابلو ڪندا هئاسين. بيت پڙهندي پڙهندي رات رمي ويندي هئي. وقت گذرڻ جو احساس نه ٿيندو هيو. اسان جي حويلي ۽ مدرسي جو مفاصلو سئو فوٽ به نه هيو پر پوءِ به حضرت جن فرمايو اوهان مدرسي ۾ رهو. هاڻي سوچيندو آهيان ته اصل ۾ پاڻ تڏي تي سمهڻ ۽ مسافرانه زندگي گذارڻ جي تربيت پئي ڏنائون. فجزاه الله خير الجزاءِ.

جلسه دستارِ فضيلت ۾ سندن خطابِ دلنواز:

هن ئي مدرسي ۾ جڏهن مولانا خليفه غلام شبير جوٽيجو وارن جي دستار فضليت جو جلسو ٿيو. ان جلسي ۾ گهڻي تعداد ۾ علماءِ ڪرام به شريڪ هئا. خصوصاً ديوبندي مسلڪ جا مولوي صاحبان دادو ميهڙ، خيرپور ناٿن شاهه کان آيل هئا. انهن ۾ مولانا منظور احمد سومرو دادو وارو، مولوي تاج محمد کوهارو خيرپور وارو، مولانا سائين محمد چٽل لغاري جيڪو حضرت سائينجن جو استاد به هيو. ڀٽي شريف جي مدرسي جا سڀ علماءَ ۽ طلباءَ به آيل هئا. جلسي جو اهتمام حاجي امير بخش صاحب ڪيو هيو. رات جو مولانا تاج محمد صاحب تقرير ڪئي ۽ بين عالمن به وعظ ڪيو. صبح جو فجر نماز بعد حضرت سائين جن انهي بينا ۽ اهڙو ته علمي فڪري ۽ روحاني پُرتاثير خطاب دلنواز فرمايائون جو مولوي صاحبان انگشت بدندان رهجي ويا. وَيُزَكِّيهِمْ وَيُعَلِّمُهُمُ الْكِتَابَ وَالْحِكْمَةَ (الجمعة: 2)

پاڻ اها آيت پڙهي پوءِ تزڪيءِ نفس، تصفيءِ قلب، تجليءِ روح ۽ تخليءِ سِر بابت اهڙو اسرار ۽ معارف سان پرپور بيان ڪيائون جو سڀ مولوين جي اکين ۾ ڳوڙها پئي ڳڙيا. مولانا منظور احمد ديوبندي به ڏاڍو پئي رنو. مجلس کان بعد سڀني مولوين چيو ته بيشڪ سائينجن عالم باعمل آهن، بيشڪ باخدا آهن، بيشڪ علم اهڙي چيز آهي جن سائينجن کان اهڙا لفظ ڇوڙايا. سائينجن جو استاد مولانا مولوي محمد چٽل تمام ضعيف ۽ وڏي عمر وارو هيو اهو به حضرت سائينجن کي پاکر پائي ڏاڍو رُنو.

جڏهن پاڻ ماتلي شريف منتقل ٿي آيا تہ هن مدرسي مان درس نظامي جو شعبو ختم ٿي ويو باقي قرآن شريف جي ناظره ۽ حفظ جو شعبو اڃا تائين قائم آهي.

مدرسہ عربيہ انوار الاهي ماتلي:

جڏهن پاڻ ماتلي ۾ فضل آباد جو مرڪز قائم ڪيائون تہ هتي "مدرسہ عربيہ انوار الاهيہ"" نالي هي درسگاهہ قائم ڪيائون. جتي مختلف اوقات ۾ جن اساتذه تدريسي خدمتون ڪيون، تن مان مفتي مولانا نثار احمد لغاري، استاذيم مولانا گل حسن وغيره جا نالا قابل ذڪر آهن. خصوصاً حضرت حضرت جن پاڻ بہ درس ڏيندا هئا.

ميٽرڪ پاس ڪرڻ کان بعد هن فقير کي پاڻ حيدرآباد جي مدرسي مفتاح العلوم ۾ داخل فرمايو هيو. جتي استاد محمد امين تونسوي جون محبتون ۽ الفتون ناقابل فراموش آهن. صرف نحو ۾ پاڻ وڏو درڪ رکڻ وارا هئا. ان کان پوءِ جڏهن ماتلي ڪاليج ۾ داخلا ورتم تہ علوم شرعيہ جو سلسلو بہ هن مدرسي شريف ۾ شروع ڪيم. استاذيم مولانا گل حسن سومرو وٽ فقہ جا ڪتاب نورالايضاح، قدوري، ڪنزالدقائق، شرح وقايہ ، هدايہ اولين واخيرين پڙهيم. پوءِ آخر دورۂ حديث تائين حضرت محبوب الاهي وٽ پڙهيم. اهي لمحا عمر پر ياد رهندا. جڏهن پاڻ احاديث پڙهائيندي ڳالهہ ڳالهہ تي روئي پوندا هئا.

سندن قائم ڪيل اهو مدرسو هن وقت تائين قائم آهي. برادرم مولوي نعمت الله، مولوي عبد القادر لغاري، مولوي عارف الحق، حافظ علي شير، حافظ سيف الله، حافظ حامد مدرس آهن. مدرسي جي پر شڪوه عمارت زير تعمير آهي. جنهن ۾ انشاء الله درس نظامي سان گڏ جديد عصري علوم جي تعليم جو پڻ ارادو آهي.

مدرسہ عربيہ مخزن الاهي ڪرمپور: جڏهن حضرت جن درگاهہ ڪرمپور جو بنياد وڌو تہ هتي هن مدرسي جو بنياد بہ وڌائون. جيڪو اڄ تائين جاري آهي. هن وقت اتي حفظ جو شعبو هلندڙ آهي.

مدرسہ عربيہ انوار الاهيہ جي زير تعمير عمارت

خدمت جي چوٽين صورت

قلمي تبليغ ڪيائون

قلم جهان جو بادشاهہ آهي. قلم انسان کي سوين سالن تائين زنده رکندو آهي. قلم زبان کان وڌيڪ بقادار آهي. زبان جا الفاظ هوائن ۾ تحليل ٿي وڃن ٿا پر قلم جا لکيا صدين تائين سانڊيا وڃن ٿا. جيڪي هر دؤر، هر علائقي، هر هولي ۾ منتقل ٿيندا رهن ٿا. قلم جي لکت پري پري تائين پُڄي ٿي ۽ اها اهڙين جاين تائين رَسي ٿي جتي لکڻ وارو خود به پهچي نہ سگهي. قلم ڪلام جا لشڪر تيار ڪري ٿو. قلم جا اکر ڪارا پر انهن جو بيان اجرو هوندو آهي. قلمَ ڪاغذ تي يا جنهن به شيءِ تي لکي ٿو تہ ان مان عاقل نصيحت پرائن ٿا. ڪنهن داناءِ چيو آهي تہ: "نصيحت اگر پت تي به لکيل هجي تہ لکي وٺو ڪڏهن نہ ڪڏهن ڪم ايندي". قلمَ ڪتابَ لکندو آهي ۽ ڪتابَ عالمن جا باغيچا هوندا آهن.

قُدوة الاولياء حضرت پير محبوب الاهي رحمة الله عليه جتي زباني تبليغ ڪئي اتي پاڻ پنهنجي قلم کي به الله جي راهہ ۾ خوب هلايائون. سندن قلم جو برق رفتار گهوڙو قلمي ميدانن ۾ به خوب ڊوڙندو رهيو. ان جا چند مثال پيش آهن:

پهرين قلمي خدمت

تبليغي خط لکيائون

پاڻ فرمايائون: جنهن به طرح ٿي سگهي دين جي تبليغ ڪجي. خط وڪتابت ۾ انجو ذريعو آهي جنهن جي ذريعي ۾ ماڻهن تائين دين جو پيغام پهچائي سگهجي ٿو. ڪيترا اهڙا بزرگ ٿي گذريا آهن. جن خطن ذريعي وڏو دين جو ڪم ڪيو. پوءِ ڪنهن بزرگ جو نالو ڪنيائون ته انجا ڪيترا اهڙا مريد هئا، جن بزرگ کي ڏٺو به نه هيو. صرف خطن ذريعي پنهنجو حال ڪيس لکندا هئا. بزرگ وري ان جو جواب لکندو هيو. بيعت ۾ خط ذريعي ڪيائون. اهي خط گڏ ڪيا ويا ته اهو سلوڪ ۽ آداب طريقت جو هڪ ڪتاب ٺهي پيو.

ڪن بزرگن کان ماڻهن خطن ذريعي مسئلا پڇيا ته اهي لکتون گڏ ٿيون ته اهي وري فقه ۽ فتويٰ جا ڪتاب ٺهي پيا. حضرت محبوب الاهي ۾ خطن جي ذريعي ماڻهن کي پيغام حق رسايو. سندن انهن حڪمت جي موتين سان ڀرپور خطن مان ڪجهه جيڪي اسان کي ميسر ٿي سگهيا سي هن ڪتاب ۾ مڪتوبات شريف واري باب ۾ شامل ڪيا آهن.

ٻين قلمي خدمت
شرعي فتوائون لکيائون

حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه پاڻ جيد عالم هئا. فقهي جُزئين کُليين تي عبور رکندا هئا. توڙي جو وٽن باقائده فتويٰ نويسي جو سلسلو نه هيو، پر پوءِ ۾ ڪافي شرعي معاملن تي پاڻ فتوائون لکيائون. افسوس جو انهن کي ڪنهن محفوظ نه ڪيو ۽ اهو علمي ذخيرو هٿن مان هليو ويو. جڏهن پاڻ خانپور ۾ رهندا هئا ته خانصاحب حاجي امام بخش ۽ سندس پٽ امير بخش جوٽيجو وٽ جيڪي فيصلا ايندا هئا، انهن متعلق شرعي فتويٰ محبوب الاهي رحمة الله عليه کان وٺي پوءِ فيصلا ڪندا هئا. سندن هڪ فتويٰ بطور نمونے جي پيش آهي:

سوال: هڪ شخص پنهنجي زال کي طلاق ڏني آهي ان جي مهر ۾ اختلاف ٿي پيو آهي مڙس جي طرف وارا چون ٿا ته اسان مهر ۾ چاندي جي پانهين مقرر ڪئي هئي. عورت جي طرف وارا چون ٿا ته توهان سوني نَقّ مهر ۾ مقرر ڪئي هئي. سا ڏيو. انهي اختلاف موجب شريعت پاڪ ڪمڙو حڪم ڏئي ٿي ته ان کي مهر ڪمڙو ڏيڻو آهي ؟ بينوا توجروا

جواب: جيڪڏهن اصل مهر ۾ طرفين جو اختلاف ٿي پيو تہ شريعت پاڪ حڪم ڏئي ٿي تہ ان عورت کي مهر مثل ڏيڻو پوندو . ولو كان الاختلاف في اصل المسمىٰ يجب مهر المثل بالاجماع هدايہ ۾ لکيل آهي تہ جيڪڏهن مهر جي مقرر ائي ۾ طرفين جو اختلاف ٿي پيو آهي تہ ان عورت کي مثل مهر جو بالاجماع ڏيڻو آهي. مثل مهر جو اهو آهي جيڪو ان جي پيڻرن کي يا سوٽيئن کي يا پڦائيئن کي مهر ڏنو ويو آهي اهو مهر ڏنو ويندو. هٰكذا في كتب الفقه

حرره الفقير الاهي بخش غفاري

تين قلمي خدمت

اصلاحي كتاب لكيائون

كتابي تبليغ : پائدار موثر ۽ متاثر ڪُن هوندي آهي، جيڪا صدين تائين سانديي ويندي آهي. بزرگانِ دين ڪتابن جي ذريعي دين جي وڏي خدمت ڪئي. وڏا وڏا ڪتاب لکي پوين لاءِ وڏو سرمايو ڇڏي ويا. حضرت امام محمد غزالي رحمة الله عليه ڪيئي ڪتاب لکيا آهن. جهڙوڪ احياءُ العلوم الدين چار جلدن ۾ ۽ ڪيمياءِ سعادت وغيره اهي اهڙا ڪتاب آهن جو صديون گذري ويون ماڻهو اڄ بہ انهن مان فائدو ۽ فيض حاصل ڪري رهيا آهن. ان طرح اسان جا محبوب حضرت پير فضل آبادي رحمة الله عليه بہ ڪتابي ميدان ۾ پاڻ ملهائي ويا. سندن ڪتاب اڄ بہ انسانن لاءِ هدايت جو ذريعو آهن. سندن ڪجھ ڪتابن جو تعارف پيش آهي.

1. قوة السالكين

هي ڪتاب تصوف جو بيمثال ۽ انمول تحفو آهي جنهن ۾ شريعت، طريقت ۽ حقيقت جي روحاني رازن کي سمجهايو اٿن. سلوڪ جي مخفي اسرارن کي عيان ڪيو اٿن. هن ڪتاب ۾ باطني بيمارين ۽ انهن جي روحاني علاج جو خاص طور ذڪر ڪيو اٿن. تزڪيہ نفس، تصفيہ قلب، تخليہ سر، تجليہ روح، معرفت، حقيقت، شريعت، منزل، مقصد، جذبو ۽ وصول وغيره تي تحقيقي ۽ روحاني تجزيو ڪري سالڪ کي با خبر ڪيو اٿن. هن ڪتاب

ٻ مرشد جا آداب ۽ بيان ڪيا اٿن. فيض ڇا آهي؟ ۽ مرشد کان فيض ڪيئن حاصل ڪري سگهجي ٿو. اصحابن سڳورن رسول اڪرم ﷺ کان فيض ڪيئن پرايو؟ ڪامل مرشد جي سڃاڻپ ڪهڙي آهي؟ طريقہ نقشبنديہ جا ورد، اذڪار ۽ انمن جي پڙهڻ جا اوقات ۽ آداب تحرير ڪيا اٿن. سنت ۽ بدعت جي فرق کي ظاهر ڪيو اٿن. ڪتاب ٻ اهڙن نايابن ۽ مستند ڪتابن جا حوالا ڏنا اٿن جن جو في الوقت ڪتب خانن ۽ مارڪيٽن ٻ ملڻ مشڪل آهي. 209 صفحن تي مشتمل هي ڪتاب ڇپيل آهي.





حضرت محبوب الاهي جا ڇپيل ڪتاب

2. خطبات الاهي

هن ڪتاب جو پورو نالو "خطبات محبوب الاهي رموزات شمنشاهي" آهي. هن ۾ سال جي ٻارهن مهينن جا خطبا ۽ هر مهيني جي هر جمعي جو الڳ الڳ خطبو وڏي فصاحت ۽ بلاغت سان آسان نظم ۾ آندل آهي. خطبي جي اول آخر ۾ عربي عبارت آيل آهي، وچ ۾ ٻه سٽا شعر آهن ۽ شعرن ۾ نصيحت آميز ۽ پُر سوز حڪايتون ۽ روايتون قرآن ۽ حديث جي دلائل سان سينگاريون ويون آهن.

سندن شاعري جي ردیف، قافيي ۽ حروف تجنيس ۽ بحر وزن جي جائزي وٺڻ سان ائين ٿو معلوم ٿئي تہ گويا پاڻ سرتاج الشعراء هيا. سنڌي کان علاوه فارسي هولي ۾ پڻ ڪجھ شعر چيا اٿن. خطبي جي مٿان لکيو اٿن:

جمع کردم خطبہ ماہواری* درین شد پندہا پیر غفاری

هي ڪتاب گھٽو زمانو اڳ مولوي امير بخش سومرو سکندري ڇپايو هيو. جنھن ۾ ڇپائيندڙ جي بي احتياطي سبب ڪجھ پريس جون غلطيون ٿي ويون هيون. ان خطبي جي تلخيص ڪري هن فقير ڇپايو هيو. ان تلخيص ۾ ڏگھن خطبن کي گھٽائڻ ۽ ڪجھ شعرن جو اصلاح ڪرڻ ۾ شامل هيو. (سندن پٽ ۽ سجاده نشين ۽ وارث هجڻ جي سبب آءٌ ان ڳالھ جو مجاز آهيان). پراٽو خطبو عرصہ دراز کان نايابَ ٿي ڇڪو هيو. سوءِ اتفاق سان ان جي ڪاپي ڪن جلد باز ماڻھن جي هٿ چڙھي وئي سو تن بغير ڪنھن تحقيق ۽ غور فڪر جي ڪفر جي فتويٰ مڙھي ڇڏي. الله ڪريم شال اھڙن جلد باز ماڻھن کي سمجھ عطا ڪري ۽ بزرگن جي شان سڃاڻڻ جي ساڃاھ عطا ڪري. ان خطبي جي اصل ڪاپي جيڪا خود حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه جي مبارڪ هٿن جي لکيل آهي، مولوي امير بخش صاحب وٽان هٿ آئي آهي. انشاء الله جلد ان کي اصل صورت ۾ شايع ڪرايو ويندو. نموني طور ۾ خطبا شاعري واري باب ۾ شامل ڪيا ويا آهن.

3 . جـــام عـشق

جيئن نالي ۾ هي ڪتاب جامِ عشق يعني عشق جو پيالو آهي تيئن حقيقت ۾ به هي عشق جو جام آهي بلڪ جي بحرِ عشق چڪجي ته ٻيجا نه ٽيندو. هي ڪتاب سندن علمي وسعت، شاعري جي فن ۾ عظيم شاهڪار آهي. هن ڪتاب جي خاص خوبي هيءَ آهي جو هر سِٽ "عشق" جي لفظ سان شروع ٿئي ٿي. صرف لفظِ عشق نه آهي بلڪ ان ۾ عشق الاهي جون موجون ۽ مستيون پڻ ٻي پايان سمايل آهن. هن ڪتاب کي پڙهڻ سان سندن جي محبتِ الاهي ۽ عشقِ رسول ﷺ جي پرک پوي ٿي ته پاڻ کيترو عشق جي بحر عميق ۾ غوطه زن هيا. ڪتاب پهريون پيرو سندن زندگي ۾ هن فقير چڀايو هيو.

ان کان پوءِ ٻيو پيرو نئين ايڊيشن ۾ آندو ويو ان جو تعارف ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب لکيو آهي. شعرن جو نمونو شاعري واري باب ۾ ملاحظ ڪندا.

عجيب ڳالهه آهي جو هي ڪتاب جڏهن حيدري پرنٽنگ پريس لجپت روڊ حيدرآباد ۾ ڇپجي رهيو هيو، پريس جي مالڪ نعيم صاحب هڪ ڏينهن هن فقير کي چيو ته : پير صاحب هي ڪهڙو ڪتاب ڏنو اٿو جو اسان جي پريس جو ڪمپوزر مست ٿي ويو آهي. مون کيس چيو بابا : "کلامِ کاملان جان می دارد" ڪاملن جي ڪلام ۾ جان هوندي آهي.

4 . راحت الـقلوب

هن ڪتاب کي پڙهڻ سان واقعي بيقرار دلين کي راحت ۽ سڪون ملي ٿو. هن ۾ اسلام جي پنج رڪنن ڪلمي، نماز، روزي، حج، زڪوات بابت قرآن و حديث جي روشني ۾ نصيحتون ٽيل آهن. عشقِ حبيبِ مصطفيٰ ﷺ جي اهميت حقيقت ۽ حيثيت ڇا آهي؟ ان کان علاوه مواعظ و نصائح سان گڏ تصوف ۽ اخلاقيات جي تعليم ڏنل آهي. روحاني رمزن ۽ غيبي اسرارن کي چٽيو ويو آهي. هن جي اکر اکر پڙهڻ سان وجداني ڪيفيت ۽ تزڪيه نفس سان تصفيه قلب به ٿئي ٿو. اندر ۾ رب جي محبت ۽ اتباع رسول ﷺ جو جذبو جاڳي پئي ٿو. مئل دل کي حيات طيبه ۽ ڪتيل قلب کي جلاءِ ملي ٿو. ڪتاب اڃ ڇپيل آهي.

5. سُرور القلوب

هي ڪتاب حضرت جن جي مڪتوبات طيبات تي مشتمل آهي. جيڪي پاڻ مختلف ماڻهن کي لکيا هئائون. جن مان هر خط علمي ۽ فڪري شعر پارو آهي. جن ۾ تصوف جا رموز ۽ اسرار بيان ٿيل آهن. اهي خط هن ناچيز (ڪرم الله) جماعت مان ميڙا ڇُونڊي ڪري سميڙيا ۽ سمپٽيا هئا. ڪجھ وقت اڳ مڪتوباب محبوب الاهي نالي ڇپيا هيا. هن ڪتاب ۾ اهي خط مڪتوبات واري باب ۾ شامل ڪيا ويا آهن. جن جي پڙهڻ سان قلب کي سرور ۽ سڪون حاصل ٿئي ٿو. خطن ۾ شريعت، طريقت، حقيقت ۽ معرفت جا سڌا سبق سيکاريل آهن. معاشرتي مسائل ۽ انهن جو حل پيش ڪيو ويو آهي. اهي خط بهترين تعليمي ۽ تربيتي مواد تي مشتمل آهن. فقراءِ لاءِ انهن ۾ سکڻ ۽ پر ائڻ لاءِ گهڻو ڪجھ سرمايو سمايل آهي.

6. نُور القلوب

هي سندن دستِ ڪرم سان لکيل ڪتاب لاجواب آهي. جنهن ۾ پاڻ علم ۽ حڪمت جا هيرا ۽ موتي پوئي روحانيت جو هيرن جو هار بنايو اٽن. هن ڪتاب جي پڙهڻ سان دلين جون ڪيفيتون متجي وڃن ٿيون. ڪجھ حصو عربي ته ڪجھ حصو فارسي ۾ آهي. ڪتاب اڻ ڇپيل آهي.

7 . بهجة القلوب

هي ڪتاب سندن مبارڪ هٿن سان لکيل تصوف جي معارف جو خزينو ۽ اسرار باطن جو گنجينو آهي. جنهن ۾ سالڪانِ طريقت لاءِ ۽ طالبان مولا لاءِ قربِ الاهي جي حصول جا اسرار لکيا اٽن. ڪتاب ڇپيل آهي.

8. اخلاق محمدي

حبيبِ عربي ﷺ جي سيرت پاڪ جي موضوع تي سنڌي ۾ هي منفرد ڪتاب آهي جنهن ۾ پاڻ آسان سنڌي ۾ محبوب ڪريم ﷺ جا شمائل، فضائل ۽ خصائل بهترين انداز ۾ لکيا اٽن. ڪتاب جي لفظ لفظ ۾ سڪ ۽ سوز سمايل آهي.

7. جلاءُ القلوب

هي ڪتاب سندن زبان گوهر افشان مان نڪتل عاليشان، بيان ۽ بي بها نصيحتون آهن، جيڪي ملفوظات جي صورت ۾ هن فقير قلمبند ڪيون هيون ان ڪتاب جي مطالعي سان دل جي ڪيفيت بدلجي وڃي ٿي ۽ ڪتيل قلب روشن ٿي وڃن ٿا ۽ پڙهڻ وارو سندن علمي شخصيت کي تسليم ڪرڻ تي مجبور ٿي وڃي ٿو. هي ڪتاب ڇپيل آهي.

10. حق نُما

هي ڪتاب حضرت جن جي سفر جي روئداد آهي. جيڪا هن فقير ناچيز لکي هئي. سندن اقوالِ زرين ۽ احوالِ شيرين جو مجموعو آهي.

خدمت جي پنجين صورت

معاشي ۽ سماجي سڌارا آندائون

حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه حبيب ڪريم ﷺ جي امت جا سڀڻ ۽ سچا خير خواهه هئا. ماڻهن جي غمن ۽ ڏکن کي پنهنجو غم سمجهندا هئا. مشڪل زدن جي جاني مالي ۽ روحاني مدد ڪندا هئا. انهن جي بي راهه روي، بدعات ۽ خُرافات کي ڏسي پاڻ نهايت افسرده ٿي پوندا هئا. پوءِ انهن کي ان ڇڏڻ مان ڪيڻ جي جدوجهد ڪندا هئا. سندن پوري عمر اهڙين سرگرمين ۾ گذري. ان جون چند صورتون پيش آهن.

محتاجن جي معاشي مدد ڪيائون:

- ڪو مريد هجي يا غير مريد پر محتاج يا مسڪين آ يا حاجتمند آ ته پاڻ پنهنجي هڙان وڙان انجي مالي سَهائتا ڪندا هئا.
- آلِ رسول سيد ايندا هئا يا ڪن بزرگن جي اولاد مان ڪي ايندا هئا ته پاڻ دل کولي انهن کي هدايا تحائف ڏيندا هئا. بوقتِ ضرورت انهن جي مالي مدد ڪندا هئا.
- غريب ۽ مسڪين مريدن جي گهرن ڏانهن اٽو ۽ لٽو، ضرورت جو سامان ۽ سيڏو ڏياري موڪليندا هئا. عمر جي آخري ايام ۾ جڏهن پنهنجا مالي معاملات هن فقير جي

حوالي کيا هئائون پوءِ خبر پئي ته کيترا اهڙا گهراٽا هئا جن جي دال روٽي جو انتظام حضرت جن پاڻ کندا هئا.

* کيترا ڀيرا هن فقير کي حڪم ڏنائون ته هي هي ضرورت جون شيون ونو ۽ فلاڻي فلاڻي فقير جي گهر پهچائي اچو.

بي روزگارن کي حلال روزگار سان لاتائون:

* پاڻ بي روزگارن کي حلال روزگار سان لائڻ جون عملي کوششون کندا هئا.
* مريدن کي سختي سان حلال ڪمائي ڏانهن راغب کندا هئا.
* کو دڪاندار مريد ٿيندو هيو ته ان کي فرمائيندا هئا ته دڪان تي ناس، نسوار، ٻيڙي، حقو، ڪنهن به قسم جي نشيدار شيءِ نه رکجو.
* ڪڏهن امير يا آفيسر وٽ ڪنهن غريب کي صحيح روزگار سان لائڻ جي سفارش کندا هئا.
* اگر ڪنهن مريد جو ذريعہ معاش دُرست نه هوندو هيو ته ان کي صحيح ذريعہءِ معاش اختيار ڪرڻ جو حڪم کندا هئا. مثلاً:

تلهار جو هڪ مريد حجام هيو پاڻ ان کي ماٹهن جي ڏاڙهين ڪوڙڻ کان منع ڪيائون.

فقير علي حيدر منگي ٽرڙي محبت وارو حجامت کندو هيو. هڪ دفعي حضرت جن فرمايس ته اسان وتون محبوب جو باغ آباد کندا ۽ تون وري پيو پيليندو وتين، اهو ڪم ڇڏ. پوءِ ان حجامت ڇڏي ڏني. اهو بي روزگار ٽي ويو ، غربت وڌندي ويس. آهستي آهستي زيور ۽ گهر جو سامان وڪڻندو ويو تان جو قرض ڪٹڻ لڳو. پوءِ ماٹهن چيس ته اسان کي پنهنجا پئسا واپس ڪر نه ته جيل موڪليندا سين. پوءِ اهو سائينجن وٽ آيو ۽ سمورو حال عرض ڪيائين. سائينجن فرمايس توکي مبارڪ آهي تو اسان جي فرمان تي عمل ڪيو آهي، هاڻي هرگز غم نه ڪر اسان جو دوست ڏاڍو شاهوڪار آهي اسان ان کي عرض ڪيون تا تون جيئن ڳوٺ پهچندين تنهنجي مدد ٿي ويندي. ٿيو به ائين جيئن ٿي اهو فقير ڳوٺ پهتو ته اچانڪ دروازي تي سڏ ٿيس. ٻاهر نڪتو ته هڪ نوراني چهري وارو شخص ٻيٹو هيو، ان جي هٿ ۾ هڙ هئي، اها فقير جي حوالي ڪري هليو ويو. پاڻ ڪوليائين

تہ ان ۾ ايترا پيسا هيا جو سندس قرض بہ لهي ويو ۽ حلال روزگار جو انتظام بہ ٿي ويو. اهو ماڻهو هڙ ڏئي جيئن تکڙو واپس ٿيو فقير بہ پويان ويس پر وري نظر نہ آيس.

فقير علي مردان سولنگي ٽرڙي جادو شهيد وارو جيڪو مسجد جو پيش امام هيو. حضرت جن سان پنهنجي مسڪيني وارو حال عرض ڪيائين. ڇيائين گهرواري مون کي چوي ٿي تہ: ميڪوں ڇيل گهن ڀڙے مي ڀڙے پير ڀيے سڙے ڻ۔ مان چواس ٿو:

پير لوڙے ڇ گهت ٻهہ۔ وري چوي ٿي: ميڪون دهري گهن ڏے. مان چوانس ٿو: مينڊي تسبي گل وچ پا ڇوڙ پاڻ فرمايائونس: جيئن مان چوان ۽ تو ائين وڃي عمل ڪر، امير بنجي ويندين. تون دادو ڪنهن واقف دڪاندار کان ڪجهہ ڪپڑو اڌارو ونڻي ڳوڻن ۾ وڃي ڪپاءِ ۽ ڳوڻن مان مکڻ ونڻي ان مان گيهہ ٺاهي دادو ۾ وڃي وڪڻ. ان ائين ئي وڃي ڪيو. واپار ۾ اهڙي برڪت پيس، جو ٿوري وقت ۾ قرض لهي ويس. مالدار ٿي ويو. پوءِ چوندو هيو تہ سائين جن جا احسان آهن جن مون کي اها وات سيکاري. مسجد ۾ جن ماڻهن کان ماني ونڻي کائيندو هيس اڄ اهي سڀ منهنجا قرضي آهن.

نياٽيون پرٽائڻ ۾ مدد ڪيائون:

* پاڻ پنهنجي تبليغي مساعي ۾ هزارين ويندل نياٽين جا رشتا ڪرايائون.
* برادرين ۾ جن جون پاڻ ۾ رنجشون هونديون هيون تہ انهن کي گهرائي سمجهائي نصيحتون ڪري ڪير ڪنڊ ڪندا هئا.
* اگر ڪنهن وٽ ڏاج نہ هوندو هيو تہ ان جي جائز ڏاج جو انتظام ڪندا هئا.

بيمارن جو علاج ڪرايائون:

* مريض محتاج مريضن جو خود علاج ڪرائيندا هئا.
* جنهن کي جهڙو مرض هوندو هيو ان جو اهڙو علاج ڪرائيندا هئا.
* ڪنهن کي ڊاڪٽري علاج جي ضرورت هوندي هئي تہ ان کي پنهنجي هڙان پيسا ڏئي يا ڪنهن مريد ڊاڪٽر جي ذريعي يا ڪنهن مخير مالدار کي صلاح ڏئي ان جو علاج ڪرائيندا هئا.

روحاني علاج ڪيائون:

الله کريم سندن ڦيٽي ۾ اثر رکايو هيو. سندن دعائن کي مستجاب بنايو هيو. کڏهن کنهن مريض کي روحاني علاج جي ضرورت هوندي هئي تہ پاڻ دم درود جي ذريعي ان جو علاج کندا هئا. هن فقير جو ذاتي مشاهدو آهي سوين اهڙا بيمار وٽن ايندا هئا پاڻ انهن تي دم کندا هئا ۽ روحاني تصرف فرمائيندا هئا تہ اهي صحتياب ٿي موٽندا هئا.

خانپور ۾ هڪ بيمار ڏولي ۾ وجهي وٽن آندو ويو پاڻ فرمايائون هن کي ٽي ڏينهن هتي رهايو. ٽي ڏينهن پاڻ مڙس دم کندا رهيا. ٽئين ڏينهن خود پنڊ ڪري ڳوٺ ويو.

حضرت جن جو چاچو اکثر بيمار رهندو هيو. ڊاڪٽرن چيس ست سو روپيہ ڏي تہ تنهنجو علاج ڪيون. اهو چلم چڪيندو هيو. وٽس ست سو روپيا نہ هيا پوءِ حضرت جن وٽ آيو. پاڻ فرمايائونس. چاچا مان ٿو تنهنجو مفت ۾ علاج ڪيان پر منهنجو چيو مڃ.

چيائين ٻڌايو. فرمايائون: چلم ڇڏ. نماز پڙھ الله کي دل سان ياد ڪر. چيائين چلم جو عادي آهيان ڇڏي نہ ٿو سگهان. فرمايائون: چلم ڇڏڻ سان مُئين تہ تنهنجو خون مان پريندس. پوءِ چوندا آهن تہ: صَاحِبُ الْغَرض مَجْنُون. مجبور ماڻهو مجنون هوندو آهي. چوندو آهي تہ ڪٽان مشڪل آسان ٿئي. پوءِ سندن ڳالهہ مڃيائين ذکر ۽ پڇيائين نماز ۽ چالو ڪيائين. اهڙو فائدو ٿيس جو ڪاڏي ويس بيماريون، مرض ۽ درد! نمازي ٿي ويو. پوءِ کيس جذبو ٿيندو هيو. هڪ ڏينهن الله الله ڪندو گهر ۾ آيو. چاچي صاحب روئندي حضرت جن وٽ آئي. ابا منهنجي مڙس ڇڙي وال کي الائي ڇا کيو اٿئي؟ رڙيون ڪندو ٿو وتي. پاڻ فرمايائون: چاچي فڪر نہ ڪر ذکر جو جذبو اٿس. پوءِ پاڻ فرمايائون: ماڻهو جڏهن الله جي حڪمن جي پيڇڪڙي ڪري ٿو تڏهن اهو ڏک ڏسي ٿو وري جڏهن الله جي در تي موٽي تہ ان جا سڀ درد رب دور ڪري چڏي ٿو. غمن مرضن دردن جو علاج رجوع الي الله آهي.

❋ پاڻ اهڙن هزارين بيمارن کي دعائون، دوائون ڏئي شفايياب ڪيائون.

مريض جو تعويذ ذريعي علاج ڪيائون:

حضرت جن کڈھن مريضن کي تعويذ لکي ڏيندا هئا تہ کڈھن ڏاڳو ب پڑھي ڏيندا هئا. جنهن سان اهو مريض صحتياب ٿي پوندو هيو. ان دعا ڪيٽي جو ڪو ب معاوضو نہ ونڊندا هئا. في سبيل الله ماڻهن جي خدمت ڪندا هئا.

بعض ماڻهن کي تعويذن تي اعتراض هوندو آهي پر بزرگانِ دين جو اهو دستور رهيو آهي جو اهي ماڻهن جي غمن بيمارين ۽ بدنظري کان بچڻ لاءِ انهن کي تعويذ ٺاهي ڏيندا هئا.[1] جنهن جي پائڻ سان الله ڪريم انهن کي شفا عطا ڪندو هيو.

حضرت عبد الله بن عمر جو فرزند عبيد الله ڏوري سان پڑهيل ڏاڳو پڌندو هيو.[2]

اسان جي محترم دوست حافظ محمد رمضان مصطفائي پڌايو تہ هڪ بزرگ وٽ ڪو ماڻهو آيو تہ دڪان نہ ٿو هلي. بزرگ پڇيس ڇا جو دڪان اٽئي؟ چيائين پکوڙا ڪپائيندو آهيان. بزرگ تعويذ لکي ڏنس. فرمايائين دڪان ۾ وڃي رک پر کولجانءِ نہ. ان شخص کي ايتري برڪت پئي جو خوشحال ٿي ويو. هڪ ڏينهن دل ۾ خيال آيس تہ تعويذ کولي ڏسان تہ ان ۾ لکيل ڇا آهي؟ کوليائين تہ ان ۾ لکيل هيو : "اے لوگو ان سے پکوڑے خريدو" اهو سڀ بزرگن جو توجہ ۽ تصرف هيو.

حضرت جن جي تعويذ ۾ ب الله ڪريم وڏي شفا رکائي هئي. پاڻ في سبيل الله ماڻهن جو ان طرح روحاني علاج ڪندا هئا. ڪيترا لاعلاج ماڻهو سندن دعا تعويذ سان صحتمند ٿي ويا. ڪيترا لااولاد ماڻهو سندن دعائن سان صاحبِ اولاد ٿي ويا.

برين رسمن جي پاڙ پٽيائون:

پاڻ پوري عمر معاشري جو ناسور ٻنيل برين رسمن جون پاڙون پٽيندا رهيا.

---

[1] كَانَ مُجَاهِدٌ يَكْتُبُ لِلنَّاسِ التَّعْوِيذَ فَيُعَلِّقُهُ عَلَيْهِمْ. مصنف ابن أبي شيبة (5/ 44) عَنْ جَعْفَرٍ. عَنْ أَبِيهِ «أَنَّهُ كَانَ لَا يَرَى بَأْسًا أَنْ يَكْتُبَ الْقُرْآنَ فِي أَدِيمٍ ثُمَّ يُعَلِّقُهُ» مصنف ابن أبي شيبة (5/ 44) قَالَ رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ: "إِذَا فَزِعَ أَحَدُكُمْ فِي نَوْمِهِ فَلْيَقُلْ: بِسْمِ اللَّهِ. أَعُوذُ بِكَلِمَاتِ اللَّهِ التَّامَّاتِ مِنْ غَضَبِهِ وَسُوءِ عِقَابِهِ. وَمِنْ شَرِّ عِبَادِهِ. وَمِنْ شَرِّ الشَّيَاطِينِ وَأَنْ يَحْضُرُونِ «فَكَانَ عَبْدُ اللَّهِ يُعَلِّمُهَا وَلَدَهُ مَنْ أَدْرَكَ مِنْهُمْ. وَمَنْ لَمْ يُدْرِكْ كَتَبَهَا وَعَلَّقَهَا عَلَيْهِ» مصنف ابن أبي شيبة (5/ 44) عَنْ يُونُسَ بْنِ خَبَّابٍ. قَالَ: سَأَلْتُ أَبَا جَعْفَرٍ عَنِ التَّعْوِيذِ يُعَلَّقُ عَلَى الصِّبْيَانِ. «فَرَخَّصَ فِيهِ» مصنف ابن أبي شيبة (5/ 44)

[2] حَدَّثَنَا أَيُّوبُ. «أَنَّهُ رَأَى فِي عَضُدِ عُبَيْدِ اللَّهِ بْنِ عَبْدِ اللَّهِ بْنِ عُمَرَ خَيْطًا» مصنف ابن أبي شيبة (5/ 44)

مثلاً : شادي جي موقعن، طعر جي وقتن ۾ سنڌ ۾ جيڪي بد رسمون جيئن ڳائڻ وڄائڻ، رقص و سرود جون محفلون لڳائڻ وغيره هيون پنهنجي مريدن مان ان رسمن جون پاڙون پٽيائون. عوام الناس تي به سندن پر تاثير تقريرن جو تمام گهٽو گهٽو اثر ٿيندو هيو.

* چتي جي رسم جو جماعت مان خاتمو ڪيائون.

* پيءُ جي مرڻ بعد وڏي پٽ متان پڳ رکڻ جي رسم کي ٽوڙي، ولي عهدي يا جائنشيني جو حق اهليت جي معيار تي مقرر ڪيائون. خود پنهنجي جائنشيني لاءِ به پنهنجي صوابديد ۽ اهليت جي بنياد تي پنهنجي زندگي ۾ فيصلو ڪيائون.

خدمت جي ستين صورت

صالح افراد تيار ڪيائون

حضرت محبوب الاهي رحمه الله عليه پنهنجي خداداد صلاحيتن سان معاشري ۾ طالحن کي صالح بنايو. جيڪي بگڙيل هئا تن کي سنواريو ۽ سڌاريو. ان جو ڪجهه بيان ڪجي ٿو:

1. ضمير جا زنگ لاٿائون

الله جي ولين جي من ۾ جيڪو معرفت الاهي جو نور هوندو آهي. ان سان جڏهن ڪنهن سالڪ يا عام انسان ڏاڍهن متوجهه ٿيندا آهن ته ان جي قلب ۽ باطن جي ڪيفيت متجي ويندي آهي. ان جي ضمير جا زنگ لهي پوندا آهن. ان کي باطن ۾ بي پناهه ترقي ملندي آهي. جا شيءِ محنت ۽ رياضت سان نه ملي سا ڪامل جي هڪ نظر سان ملي پوندي آهي.

فقير عبد القادر سومري بيان ڪيو ته مختيارڪار منگي صاحب جيڪو قطبِ عالم حضرت پير منا سائين رحمة الله عليه جو مريد هيو. ان مون سان بيان ڪيو ته جڏهن سائين محبوب الاهي رحمة الله عليه اسان جي ڳوٺ دعوت تي تشريف ونئي آيا. آءٌ سندن تقرير وقت سندن سامهون ٿي ويٺس.

بيان دوران پاڻ مون متان اهڙو توجه ڪيائون جو منهنجي رڳ رڳ ۾ ذڪر جاري ٿي ويو. هڏ چم، لڳ لحم، ٻلڪ ڪپڑا ۾ ذڪر پيا ڪن. منهنجي جان جسم ته ٺهيو پر جاڏي

ڏسان پيو هر شيءِ پتر، نڪر، ڪک پن ۾ تسبيح پيا پڙهن. جيڪا مان ڪنن سان ٻڌان پيو. جايون، جڳهيون، پتيون، ڇتيون ۾ جذبي ۾ اچي ويون. قرآني آيت:

وَاِنْ مِّنْ شَيْءٍ اِلَّا يُسَبِّحُ بِحَمْدِهٖ وَلٰكِنْ لَّا تَفْقَهُوْنَ تَسْبِيْحَهُمْ ؕ

جو رنگ ڏسان پسان پيو. هيڏي وڏي واردات ڏسي مون کي سخت عجب لڳو. تانجو جڏهن سائين وڏن وٽ رحمت پور شريف پهتس ۽ عرض ڪيم ته آءٌ سائين جن جي خدمت ۾ اچان وڃان پيو، حلقي مراقبي ۾ ويهان پيو مگر اهڙي مهرباني نه ٿي جيڪا اوهان جي خليفي صاحب جي توجه سان نصيب ٿي آهي. ان جو ڇا سبب آهي؟

پوءِ منهنجي مٿي پير جواب ڏنو ته ديڳ واري شيءِ ٽالهي ۾ پوندي آهي. خليفي جي توجه جي تاثير پير سان ڪامل محبت ۽ نسبت سبب هوندي آهي. اسان پنهنجي ان خليفي تي ائين راضي آهيون جيئن پيءُ پنهنجي پٽ جي ڪم ڪرڻ ۽ خدمت تي خوش ٿيندو آهي.

خلفاءَ ڪي توجه : حضرت جن ڪڏهن ڪڏهن خلفاءَ کي تسبيح خاني ۾ اندر گهرائيندا هئا ۽ خصوصي توجه ڏيندا هئا. محترم خليفه حافظ محمد امين سجاول واري بيان ڪيو ته مون پنهنجي دور جي هر بزرگ جي صحبت ڪئي سندن مجلسن ۾ وينس پر ڪٽي اهڙو قرار ڪو نه آيو جيڪو محبوب الاهي جي محفل ۾ نصيب ٿيو. وري جڏهن پاڻ تسبيح خاني ۾ در دريون بند ڪرائي جيڪو توجه ڏيندا هئا اهڙو توجه ۽ نظر ڪرم ڪنهن بزرگ وٽ نه ڏٺم.

فقيرن مٿان حالات ووارداتِ : رڳائرڊ انجنيئر جناب عبدالحڪيم چانگ ماتلي وارو ڪنهن فيصلي جي سلسلي ۾ حضرت جن جي خدمت ۾ آيو. فيصلو ته ٿي ويو پر پوءِ پاڻ جيڪا نصيحت ڪيائون سان سندس دل ۾ ويهي وئي. ذڪر اذڪار حاصل ڪيائين. وڏو محنتي ۽ جاکوڙي ماڻهو هيو. ساري ساري رات ذڪر ڪندو هيو. حضرت سائينجن جي نگاهه ڪرم به مٿس هئي. ٿوري وقت ۾ مٿس عجيب غريب واردات جاري ٿيڻ لڳيون. هڪ ڏينهن هن فقير (ڪرم الله) سان پنهنجون ڪيفيات بيان ڪيائين: چيائين آءٌ گهڻو ذڪر ڪندو آهيان ۽ گهڻو درود پڙهندو آهيان، پوءِ آءٌ هر شيءِ الله جو ذڪر ۽ تسبيح ڪندي ڏسندو آهيان. مون تي حضرت جن جي ايتري مهرباني ٿي آهي جو منهنجا ڪپڑا

بہ ذکر کن ٿا. کمري جا در ودیوار بہ ذکر کن ٿا. اهي آواز خود کنن سان ٻڌان ٿو. جڏهن ذکر جي حلقي ۾ ويهان ٿو تہ فرشتن کي اکين سان ڏسان ٿو.

سنگدل بہ روئي ويهندا هئا: غازي فقير چانڊيپي چيو تہ حضرت سائين محبوب الاهي رحمہ الله عليہ مون کي چيو تہ غازي فقير تقرير جي وقت سڀ فقير روئن ٿا پر تنهنجي اکين ۾ ڳوڙهو ئي ناهي. عرض کيم سائين مان بلوچ آهيان مون کي ڊپ کونہ ٿو ٿئي. پاڻ فرمايائون غازي فقير هاٿي تنهنجو وارو آهي. ٻئي ڏينهن جيئن سندن مجلس ٿي آءٌ بہ سندن سامهون اچي ويٺس. پاڻ جڏهن بيان کيائون اهڙو کو روحاني توجہ ڏنائون جو مان بي هوش ٿي کري پيس. هوش آيو دل ٻئي چوي تہ ريهون کري روئان. پوءِ اها روچ راڙي جي کيفيت بہ سال لاڳيتو هلي.

سنگدل روئي ويٺو: حضرت خليفہ محمد حسين نانگري پان سعيدآباد جي پرسان سامتاٽي ڳوٺ ۾ تبليغ لاءِ ويو. اتي هڪ شخص رٽائر فوجي هيو. تمام سرکش ۽ بي دين هيو. هڪ دفعي رائيفل کٽي مسجد مان ساري جماعت کي ٻجائي کڏيو هئائين. تمام شرابي ۽ بدکردار هيو. اهو ماڻهو خليفي صاحب سان مليو چيائين تہ سڀ فريبي ۽ مڪار آهيو. مخلوق کي ٺڳيندا ٿا وتو. جي توهان سچا آهيو تہ مون کي روئاري ڏيکاريو. جيکو مون کي روئاري وجي آءٌ ان جو مريد ٿيندس. خليفي صاحب چيس تہ تون منهنجي مرشد وٽ هل پوءِ ڏس تہ چا ٿو ٿئي؟ پوءِ اهو فوجي خليفي صاحب سان گڏجي خانپور ۾ آيو. اجا حضرت سائين جن جي چهري تي نظر پيس تہ بي اختيار روئڻ لڳو. نہ تقرير ٻڌائين نہ مجلس ۾ ويٺو صرف سندن رخ زيبا کي ڏسندي بي اختيار روئڻ لڳو. پوءِ ان حضرت جن جي بيعت کئي. نيڪ صالح ٿي ويو. ان کي ايتريقدر جذبو ٿيندو هيو جو بي خودي ۾ کڻڙا ڦاڙي پوندا هئس. بي انداز روئندو هيو. هي سندن فيض ۽ نگاهہ جو اثر هو.

نور محمدي ﷺ : حضرت خليفہ المڏتہ چانڊيو لاڙ واري بيان کيو تہ رمضان المبارک جي ٽين تاريخ هئي ننڊ ۾ خواب ڏسان پيو تہ منهنجي ماءُ جيکا گهڻا سال اڳ فوت ٿي چڪي هئي. اها منهنجي منهن مٿان رلهي لاهي چوي پئي "ابا المڏتہ هي نور تہ اتي ڏس ايجا ستو پيو آهين". پوءِ مان اوڏانهن خيال نہ پيو کريان. تانجو زور تي اڌاري مون کي

ويهاريو اٿس مان جو اک پٽيان ٿ سارو ملڪ روشن ٿي ويو آهي. اجا کٽي ڏسان ٿ حضرت محبوب الاهي نظر آيا اهو نور سندن سيني مان نڪري رهيو هيو. آءٌ حيرت ۾ نمارڻ لڳس ٿ حضرت محبوب الاهي فرمائن پيا ٿ هي نور جيڪو ڏسين پيو هوڏانهن ڏس ٿ نبي پاڪ ﷺ روضي پاڪ مان توجھ ڏئي رهيا آهن. هي اهو نور محمدي اٿئي. حضور نبي پاڪ ﷺ جماعت کي توجھ ڏين پيا فيض پهچائن ٿا پيا".

جنت جون ٽڪيٽون: رمضان المبارڪ جي پين تاريخ جو صبح هيو حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه حلقہ مراقبہ کان فارغ ٿيا ٿ خليفہ محمد يوسف چانڊيو عرض ڪيو حضرتا اڄ رات خواب ڏئو اٿم اجازت هجي ٿ بيان ڪيان. پاڻ فرمايائون بيان ڪر. عرض ڪيائين رات ڏسان پيو ٿ مرشد ڪريم محبوب الاهي ﷺ مسجد شريف ۾ ويٺا آهن تمام گهٽي جماعت موجود آهي. حضرت جن وٽ تمام گهٽا ٽڪرا پنن جا موجود آهن جن مٿان سونهري اکرن سان ڪجھ لکيل آهي. پاڻ اهي ماڻهن جي هٿن ۾ ورهائي رهيا آهن. مون عرض ڪيو حضرتا هي ڇا ورهائي رهيا آهيو؟ پاڻ فرمايائون ٿ هي جنت جون ٽڪيٽون آهن جيڪي فقيرن کي ورهائي ٿا ڏيون". پوءِ سجاڳي ٿي پئي. پاڻ فرمايائون: الله جو گهٽو ذڪر ڪيو ۽ نماز جماعت سان پڙهو اها ئي جنت جي ٽڪيٽ آهي.

توجھ جي تاثير: هڪ پيري حضرت جن گوزي جي شهر ۾ دعوت تي آيل هئا. جڏهن محفل مراقبہ ٿي ٿ جماعت توڙي غير جماعت ۾ اهڙو ٿ جذبو چالو ٿي ويو جو فقير ناري واه جي پاٽي ۾ باهہ باهہ ڪري ڪري پيا. ڪي پٽين تي چڙهي ويا. ڪي رقص ڪرڻ لڳا. ساري مخلوق ۾ ايترو ٿ شور پئجي ويو جو ڪنهن کي تقرير ٻڌڻ جو به وقت نہ ملي سگهيو. ڪي تماشبين بنجي آيا هئا اهي به جذبي ۾ اچي ويا. ڪي هندو ڪي شڪاري ۽ ٻاليشاهين جا ٻار تماشو ڏسڻ آيا، اهي به جذبي ۾ اچي ويا. انهن ٻارن مٿان ايترو اثر ٿيو جو ڪيترن سالن تائين اهي راند ڪيڏندي "الله الله" ڪن ٿ ٻي اختيار ٿي روئڻ ۽ دانهن ۾ اچي وڃن. الله ڪريم ايڏو حضرت جن جي توجھ ۾ تاثير رکائي هئي.

هڪ پيري مجلس ۾ پاڻ اهڙو توجهه ڏنائون جو سَوَن جي تعداد ۾ ماڻهو بي حال ٿي ويا. اتي شيعا ۽ ينگي چرسي تمام گهڻا ماڻهو هئا انهن کي به جذبو ٿي ويو. پر وات ويندڙ ماڻهو به جذبي ۾ اچي ويا. پوءِ انهن ماڻهن تي ايترو ويهي ويو حضرت صاحب جي مجلس ۾ ڪوند ايندا هئا پر ڪا ڪافي يا ڪو غزل جو آواز ٻڌندا هئا تہ اتي ڪم ڪندي جذبو شروع ٿي ويندو هين. ڪيترا ينگي چرسي چرس ۽ ينگون چڏي ڏنائون. نمازي نيڪ پابند شريعت جا بنجي ويا.

هڪ پيري حضرت جن لاڙ جي سفر تي آيل هئا اتي پنجاپين جي ڳوٺ رات گذاريائون صبح جو مراقبي کان بعد تقرير پُر تاثير فرمايائون. اها الله تعاليٰ جي محبت جي مضمون ۾ هئي. ان ۾ پاڻ گريہ ۾ هئا تہ جماعت به فغان فرياد ۾ هئي.

پر جيڪي نوان ماڻهو اچن پيا انهن تي به اهڙو توجهه ڪيائون پئي جو اهي به فقيرن کان وڌيڪ مجنون مست ٿي رڙيون ڪيائون پئي. جيئن صديق سمتو، محمد هاشم ماچي، غلام محمد پنجاپي ۽ پيا. وري ٽنبي غلام علي کان چانيهن جي دعوت تي اسميا. ان وچ ۾ 12 ميلن جو پنڌ هو. ٽپري جي نماز به اتي پڙهي اٽن پاڻ پلي گهوڙي تي سوار هئا. 10_12 فقير ساڻن گڏ هئا. انهن ۾ کي ڪراڙا به هئا. پوءِ پاڻ انهن کي فرمايائون تہ ذڪر بلند آواز سان ڪندا هلو. ان ۾ انهن فقيرن کي اهڙو توجهه ڏنائون جو گهوڙو پلو به انهن کي نہ پيو پهچي سگهي. سڀ جذبن جي اندر اچي ويا مست ٿي ننڍين ٻارن وانگر اهي ڪراڙا به ڊوڪڙيون پريندا پئي هليا. جو سج لٿي کان بعد چانهين ۾ پهچي ويا. جڏهن اتي پهتا تہ سڀني جماعتن کي حلقو ڪرائي هڪ ٻئي کي زورن ڏيڻ جو حڪم فرمايائون. پاڻ به ان حلقي ۾ ٿي وينا. جڏهن زور ڏيڻ شروع ڪيائون تڏهن فقيرن عرض گذاريو تہ يا حضرت خدا جو قسم ٽڪ جي تہ ڪابہ خبر نہ آهي . الاهي ڪيئن پهچي ويا آهيون.

هڪ پيري سندن درگاه شريف تي ۽ چونڊيل بدمعاش ماڻهو آيا. چيائون جي اسان کي اثر ٿيو تہ پوءِ پائيندا سين تہ برابر فيض آهي پر جي اثر نہ ٿيو تہ سمجهندا سين هي فريب ڪاري آهي. رات جڏهن حلقو مراقبو ٿيو ۽ الله جي اسم جي ضرب لڳي پڻ سان انهن مان هڪ جيڪو زور فاسق هيو ان کي تہ اتي جذبو ٿي ويو. ڏهڪو ڪري ڪري پيو

سجي رات کيس جذبو ۽ روح بند نہ ٿيو. ٻيو وري جڏهن ڏينهن ٿيو حضرت جن ٻنگلي تان لٿا. ماٹهن ۾ هُل ٿيو ته سائينجن اچن ٿا. بس ان لفظ ٻڌڻ سان ۽ سندن ديدار ڪرڻ سان ان جي سجي وجود ۾ ڏکٽي وٺي وئي ۽ وٺي دانهون ڪيائين. پوءِ ته ان جي عجيب حالت بنجي ويئي. اهي ٻئي نيڪ بنجي ويا.

فقير سلطان احمد سومرو ڳوٺ سوياٹي کاڇو بيان ڪيو ته مان حضرت سائينجن جي خدمت پاڪ ۾ حاضر ٽيس چار راتيون سندن حضور ۾ حاضر رهيس. پوءِ جڏهن سائين جن کان موڪلايم ته پاڻ مُسڪرائي مون ڏانهن مِهر جي نظر فرمايائون. سندن نمازڻ سان منهنجي دل جي دنيا منجي وئي. اکيون سانوڻ جي مينهن مثل وسڻ لڳيون. ساري راھ روئندو ڳوٺ پهتس. پوءِ ته ذڪر جاري ٿي ويو.

تهجد، سنت، شريعت جي پابندي سان گڏ دل ۾ راتو ڏينهن عجيب حال ۽ ذوق طاري ٿي ويو. ماٹهن جي ملاقات بجاءِ اکيلائي وڻڻ لڳي. کڏهن جهنگ ٻر ۾ نڪري وڃان ته سارو سارو ڏينهن عشق الاهي ۾ رئندي گذري وڃي. کنهن ماٹهوءَ کي سنت جي خلاف ڏسان ته ڏک ۾ ٻي وس روئڻ اچي وڃي ته هي ماٹهو منهنجي محبوب مدني ﷺ جي دين کان چوپري آهن؟ اها کيفيت مسلسل اڍائي سال رهي پوءِ پنهنجي غلطين ۽ قصورن سبب ان حال ۾ کمي اچي وئي. هي ته سندن صحبت ۾ چار ڏينهن رهڻ واري جو حال هيو. جن پاڳ وارن ان مرشد مجيب، لائق لبيب جي سنگت ۾ سال گهاريا انهن متان چا ڪرم جا ڪر انا هوندا!

2. ڪردار سازي ڪيائون

بدڪردار ماٹهن جا ڪردار سڌاريائون. جيڪي ماءُ پيءُ کان نہ سڌريا، استادن وٽ نہ سڌريا تن کي هن مردِ مولا نگاهن سان نوازي سنواري ۽ سڌاري ڏيکاريو.

هڪ پيري حضرت جن خيرپور ناٹن شاهه جي پرسان ڪيڪراٹي جي ڳوٺ ۾ آيا. اتي فقير انور جيڪو حضرت جن جي سامهون غزل مولود ٻ پڙهندو هيو. ان عرض گذاريو يا حضرت مون کي صحبت ۾ ڪيترا ڏينهن ٿيا آهن ٻين تي پيا مهربانيون ڪريو مون کي ڪو ٻ توجهه ڪونہ ٿا ڏيو. مون ۾ اجا کي خرابيون آهن سي نہ ٿيون نڪرن. هاٹي مون

سان وعدو ڪريو تہ رات مون کي بہ توجہ ڏيندا. سندن التجا تي پاڻ مسڪرائيندا رهيا. جڏهن رات ٽي ۽ جماعت جو حلقہ مراقبہ شروع ٿيو تہ پاڻ انور فقير ڏاڻهن متوجهہ ٿي الله جي نالي جي ضرب هنيائون. فقير انور جذبي ۾ اچي ويو. دانهن ڪندي پُرهہ ڪن مٿي هليو ويو، اتان ٽي دانهون ڪري اچي هيٺ ڪريو پوءِ تہ ڦٽڪندو ڦٽڪندو ان ٽلهي تان بہ هيٺ ڪري پيو. پهر سوا برابر اتي پئي ڦٽڪيو ۽ دانهون ڪيائين ۽ گهٽي دير کان بعد هوش ۾ آيو. پوءِ منجهس جيڪي خرابيون هيون سي سڀ نڪري ويون.

هڪ پيري پاڻ محمد يوسف نالي هڪ شخص کي نصيحت ڪندي فرمايائون: گهٽو ذڪر ڪريو ۽ حلقي مراقبہ ۾ ويهندا ڪريو. ان ماڻهو مزاح ڪندي چيو سائين حلقي مان ڪجهہ نہ ٽيندو اسان تي ڪو ڳروبار رکو.

اسان گهٽا گنهگار آهيون دليون سياهہ ٻنيل آهن. پاڻ ڪيس فرمايائون تون گناهن کان توبہ تائب ٿي انشاءَ الله توکي گهٽو اثر ٽيندو. ان چيو مان وعدو ٿو ڪيان هر گناهہ کان توبہ تائب ٿو ٿيان، پاڻ فرمايائون :ڇار پهر ڏسون ٿا تہ تون توبہ ۾ سچو آهين يا نہ؟ چار پهر گذريا جيئن اچي حضرت جن جي مجلس ۾ ويٺو تيئن ڪيس جذبو وٺي ويو. سندن توجهہ جي تاثير سان محمد يوسف ڏهڪو ڪري ڪِري پيو. چار پهرن تائين مسلسل روئندو ۽ رڙيون ڪندو رهيو. تمام نيڪ صالح ٽي ويو. وري ڪڏهن برن ڪمن ۾ نہ ڦاٿو تانجو سندس اهل عيال بہ نيڪي ۾ نوازجي ويا.

فقير الله ڏنو خيرپور ناٿن شاهہ وارو جيڪو ڳائڻ وڄائڻ جي پيشي سان وابستہ هيو. شادين ۾ وڃي ڳائي وڄائي گذر ڪندو هيو. هڪ پيري حضرت جن جي خدمت پاڪ ۾ آيو. سندن گفتار ڪيس اهڙو متاثر ڪيو جو حضرت جن سان بيعت ڪيائين ۽ ان پيشي کان توبہ تائب ٿي ويو. پوءِ حضرت جن ڪيس پڙهايو سيکاريو تانجو وعظ نصيحت ڪرڻ لڳو. ماڻهو ڪيس جلسن ۾ دعوتون ڪري وڻي وڃن تہ اهڙي تقرير ڪري جو عالم بہ حيران رهجي وڃن. ان بهترين شاعري بہ ڪئي. هي شعر اڪثر پڙهندو هيو:

ڪر ياد الله الله پيارو، رک عشق رب سان هٺ نينهن جو نعرو.

سندن اولاد ۾ سائينجن جا فقير ٿيا. عالم فاضل ۽ نعت خوان ٿيا. سندس هڪ فرزند فقير علي احمد به آهي جيڪو تمام نيڪ دل فقير آهي.

1399هـ جي ڇالھ آهي جڏهن پاڻ ڪنڊياري جي قريب ڳوٺ فضل سمتي ۾ رونق افروز ٿيا. ان ڳوٺ ۾ انگريزي خوانده ۽ ملازم پيشہ ماڻهن جي ڪثرت هئي. جيڪي پيرن فقيرن مولوين جو وعظ ڪونہ ٻڌندا هئا. جڏهن حضرت جن جي مٺڙي گفتار جو آواز لائوڈ ڏيعي فضائن ۾ گونجڻ لڳو تہ ماڻهو اوطاقن ، گهرن مان نڪرندا آيا. ايترا ماڻهو آيا جو مسجد شريف تہ پرجي وئي پر باهر گهٽيون بازارون ۽ عورتن مردن سان پرجي ويون. پاڻ توحيد ۽ عشق الاهي جو اهڙو پر سوز بيان ڪيائون جو هر اک اشکبار ٿي وئي. گهڻا ماڻهو طريقت ۾ داخل ٿيا. انهن ۾ ماستر گهڻا هئا جيڪي مستفيد ٿيا. جڏهن پاڻ ٻئي ڏينهن ڪنڊياري لڳ سولنگين جي ڳوٺ ۾ پهتا اتي ۽ ماستر ان شهر جا اچي پهتا.

هڪ ماستر چوڻ لڳو تہ سائين جن جو هليا آيا تہ منهنجي دل روح ۽ پاڻ سان گڏ ڪنيون هليا آهن. هاڻي اسڪول جي چار پنج ڏينهن جي موڪل لکي آيو آهيان. پوء سائين جي صحبت ۾ چند ڏينهن رهڻ سان ان جي دل جي دنيا بدلجي وئي ۽ تهجد گذار صالح انسان بنجي ڏيو.

نظر جنہاندی کیمیا سونا بناون وٹ ، ذات تے کائی ذات نہیں سید ہو بھانویں جٹ .

3 . ڳوٺن جا ڳوٺ سڌاريائون

هڪ ڀيري پاڻ تبليغي دؤرو ڪندي ضلع قمبر شهداد ڪوٽ جي شهر وارهہ جي پاسي ۾ ڪنهن ڳوٺ ۾ اچي رسيا. اتي شادیء جا شاميانا لڳا پيا هيا ۽ دهلن شرنائين جا پڙلاء پئي پيا. عورتن جي سهرن ۽ لاڏن، ڳائڻ وڄائڻ جا آواز پئي آيا. ڇني ۾ واجت پئي وڄيا. ماڻهو به تمام گهڻا آيل هيا. پاڻ ڳوٺ جي مسجد ۾ وڃي عشاء جي نماز پڙهيائون پر ڪير به نماز لاء نہ آيو. هر ڪو شادي جي خوشي ۾ مست ۽ محو لڳو پيو هيو. پاڻ جڏهن نماز کان فارغ ٿيا تہ خليفي کي فرمايائون تہ هت مسجد ۾ وينا هونداسين تہ ڪجهہ به نہ ورندو. اڄ پاڻ کي مرد مجاهد ٿي جهاد ڪرڻو آهي ۽ شيطان جي غرور جو ڳاڻو پيڇڻو آهي. هل تہ

شادي جي ڇني ۾ هلي کا مڙسي ڏيکاريون. پاڻ ڇني ۾ ويا ۽ فرمايائون ته ڪجھ دير اسان کي به وارو ڏيو. مفت ۾ الله ۽ ان جي حبيب ﷺ جون ڳالهيون ٻڌائيندا سين. ڇيائون بيشڪ توهان کي اجازت آهي پر هتي راڳ ٽينڊو. هتي ناچو به وينا آهن. حضرت جن وٽ ننڍڙو لائوڊ پاڻ سان گڏ هيو. هڪ اسپيڪر باهر لڳرايائون ۽ ٻيو اندر عورتن ۾ لڳرايائون. جڏهن سڀ ننڍا وڏا جاجي ماجي اچي مڙي مُڇ ڪري وينا، چوڌاري روشني جا چمڪار هيا. رنگ برنگي شاميانن مٿان مرچي بلب جھمڳ ڪري رهيا هئا. هڪ عمدا ڪپڙا اوڍي آيو هيو. هڙئي ان انتظار ۾ هيا ته ڪهڙي معمل ٿو راڳ شروع ٿئي. اچانڪ فضا ۾ هڪ الله جي عاشق ۽ محبوب ﷺ جي مستاني جي صدا بلند ٿي. هر طرف خاموشي طاري ٿي وئي. ڪنَ متوجھ ٿيا. اکين ڏٺو ته الله جي ڪامل ولي جنهن جي پيشاني مان نور چمڪي رهيو هيو. سِيمَاهُمْ فِي وُجُوهِهِمْ مِنْ أَثَرِ السُّجُودِ [الفتح: 29] سجدن جا آثار انهن (الله جي ٻانهن) جي منهن ۾ پيا نظر ٻا آهن.

فرمايائون مسلمانو! ياد رکو اڄ توهان جي ڳوٺ ۾ هڪ طرف الله جو قرآن مهمان ٿيو آهي. ٻئي طرف شيطان پنهنجي ساز سامان سميت توهان وٽ آيو آهي. اڄ تاجدارِ مدينہ محبوب ڪريم ﷺ روضي پاڪ مان هن ڳوٺ ڏانهن نهاري رهيا آهن. اوهان شيطان کي قبول ٿا ڪيو يا قرآن کي. اڄ الله جو ذڪر ٿا پيارو رکو يا شيطاني راڳ رنگ !!

اُدھر قبیلہ ابوجہل کا، اِدھر قافلہ محمد کا ہے

مسلمانو! الله پاڪ توهان کي دنيا دولت انهي لاءِ ته نه ڏني آهي جو توهان غير شرعي شيطاني شاديون ڪري رب ۽ رسول کي رنجايو. هڪ طرف نبوي فيض جي پالوٽ هئي ٻئي طرف سندن لفظن ۾ اهڙوڪو غيبي اثر هيو جو ڏسندي ڏسندي ڇني ۾ هر اڪ ڳوڙها ڳاڙڻ لڳي. چؤ طرف هاءِ هوءِ جي پڪار جاري ٿي وئي. هر شخص ندامت جا ڳوڙها ڳاڙي رهيو هيو. انهن سڏڪن ۾ الله جي عارف جو آواز گونجڻ لڳو:

پائرو! هي دنيا فاني آهي. نه ابو رهيو نه امڙ رهي. مٽ مائٽ لڏي ويا. توهان کي به ان اوپري اڙهانگي سفر تي هلڻو آهي. بس هيڏاهن هي من موهڻي گفتار هئي، هوڏانهن ڪاريون ڪتيل ديون ڏوپجي رهيون هيون. اندر عورتن جا سمورا بند ٽي ويا، دهل ڏڪڙ بند، ڳائڻ

وڃائڻ بند ٿي ويو. سبحان الله! اهو ڪيڏو نه عجيب منظر هيو. هي عشق رسول ۽ الله جي محبت وارو درد هيو جنهن شيطاني محفل کي رحماني محفل ۾ بدلائي ڇڏيو.

تڏهن خواجه معين الدين اجميري رحمۃ اللہ علیہ اهڙن عاشقن جي محفل طرف سڏيندي فرمايو:

ولا بحلقہ بزم رنداں عشق در آ ❊ کہ جرعہ زشراب بقا دہند ترا

اي دل الله جي عشق وارن رندن جي محفل ۾ اچ جو تو کي به الله جي محبت واري شراب جو ڏڪ ملي وڃي. ظاهر جي علم وارا جيڪي بيان ڪندا آهن انهن جي گفتگو رکت جو سودو هوندي آهي، پر الله وارن جي گفتار دست بدست سودو هوندو آهي. ڪنهن چيو ته:

هُو روادار زَکَتِ جا هِي هٿئون هٿ ڏين.

چار ڪلاڪ پاڻ پر جوش خطاب لاجواب فرمايائون. جڏهن سندن گفتگو پوري ٿي ته دهل واري دهل تي ڏٺونڪو هنيو ۽ ڇوٽ جي وڏيري هڪل ڪئي.

او مگٹھار بند ڪر دهل اڄ اسان قرآن جي مجلس ٻڌنداسين. پوءِ پاڻ پنهنجي ساٿي کي تقرير لاءِ اتاريائون. ان بيان ڪيو اونهاري جي رات هئي مجلس هلندي باک ڦٽي وئي. پاڻ ان چني ۾ ڳهوٽ ۽ جاجيين ماجين کي امامت ڪرائي نماز پڙهايائون. ساري ڳوٺ وارن ذڪر جي تلقين حاصل ڪئي. سبحان الله!

نگاہِ ولی میں یہ تاثیر دیکھی، بدلتی ہزاروں کی تقدیر دیکھی

لاڙ ۾ هڪ مهيني جو سفر : جنهن وقت پاڻ خانپور ۾ رهندا هئا. هڪ پيري لاڙ جي هڪ مهيني جي سفر تي نڪتا. جڏهن گولاڙجي جي پرسان چڪ نمبر 13_14 ۾ آيا ساٿين کي فرمايائون ته ڪنهن به صورت ۾ لائوڊ هٿ ڪريو ته جيئن گهر ويٺلن کي به الله تعاليٰ جا احڪام ۽ پيغام پهچائجن. جيڪي مجلس ۾ نه ٿا اچن يا عورتون گهرن ۾ ويٺل آهن انهن جي ڪنن تائين به هي آواز پهچايو وڃي. پوءِ جڏهن پاڻ بيان ڪيائون ته ماڻهو گهرن مان ائين نڪري آيا جيئن اجايا پاڻي تي ورندا آهن. يا جيئن ماکي جي مک ماکي ڏانهن موٽندي. مرد توڙي عورتون، ٻار توڙي ٻڍا جذبي ۾ بي هوش ٿي ويا. مرد مٽين پيرين اگهاڙا ٿي رقص ۾ لڳي ويا. عورتون روئي روئي گناهن کان تائب ٿي ويون. پوءِ پاڻ اتان کان بدين جي پرين اولهه طرف ويا.

پاڻ جڏهن ماتلي کان اوپر طرف اسريا. نوتکاٽين، پنجاپين، چانيهن ۽ ڇهيلڙن جي ڳوٺن ۽ ٽنبو غلام علي طرف هليا. عجيب نظارو هيو. فيض ۽ فتوحات جي اهڙي ڪثرت هئي جو پاڻ جيڏي مهل توجهه ڏنائون تہ ڪراڙا فقير ۽ ننڍن ۽ ڏاهن وانگر ڏوڪڙيون پريندا پيا هلن. الله الله جي ذڪر جي تنوار جاري هئي. حضرت جن گهوڙي تي سوار هئا ۽ فقير جذبي وارا ان گهوڙي سان گڏ ڊوڙي رهيا هئا. سندن قافلو جتان پئي گذريو تہ سوين ماڻهو گهرن مان نڪري ٽي پيا. هر ڪو عجب ۾ هيو تہ هي ڇا ماجرا آهن؟ ڪيترا ماڻهو تقرير ٻڌڻ ۽ بنا ذڪر پڇڻ جي ئي دانهون ۽ ڪوڪون ڪري رنا پئي. ڪيترا بدڪار ۽ بدڪردار ماڻهو، ان سفر ۾ صالح بنجي پيا. ان سفر ۾ ڪامورا، زميندار ۽ سرمايه دار ۽ سندن زيارت لاءِ حيران هئا. بنا اجازت دربان جي ڪنهن کي ۽ اندر اچڻ جي اجازت نہ هئي. پاڻ ۽ن وقتن تي تلقين عام ٽي فرمايائون،

هڪ صبح جي نماز بعد پهر سوا تائين، ٻيو ٽهري بعد سج لٿي تائين. ڪڏهن پهري نماز بعد ۽ ڪجهه گهڙيون مسجد ۾ ويهي پرين جي پچار ڪيائون ٽي. وڏن جلسن ۾ رات جو ۽ تقرير ٽي ڪيائون.

هڪ پيري پاڻ پاڳ ناڙي ۾ جلسي ۾ ويا. جڏهن رات جو سندن بيان شروع ٿيو تہ آس پاس ڪيترن ڪوهن کان مرد عورتون سندن تقرير پر تاثير ٻڌڻ آيا. اهڙو اثر ٿيو جو سڄي رات مردن تہ سندن مٺڙي گفتار ٻڌي پر عورتون ۽ پنهنجا ٻار بغلن ۾ ڪري ٻيهي سڄي رات ٻڌندیون رهيون. جماعت ۾ اهڙا جذبا ٿيا جو جيئن ڪلا پُڄندا آهن ائين ماڻهو جذبن ۾ مدهوش ٽي ويا. چون پيا تہ هتي ڪڏهن ۽ ڪو وعظ نہ ٿيو آهي نہ ڪنهن بزرگ جو اچڻ ٿيو آهي. اڄ اسان تي رب اهي احسان ڪيا آهن جي احسان قيامت سوڌا نہ لاهي سگهون. جڏهن صبح ٿيو پاڻ حلقۂ ذڪر لڳايائون تہ ماڻهن ۾ ذڪر الاهي جو عجيب شور بپا ٽي ويو. جڏهن پاڻ صوفيانہ عارفانہ ۽ عاشقانہ تقرير شروع ڪيائون مجلس ۾ چيڙل شاهه ۽ پير رکيل شاهه جا مريد ۽ موجود هئا. جن مان ڪي عالم ۽ هئا. پوري جماعت عوام توڙي خواص عالمن توڙي بي علمن بي انداز روچ راڙو شروع ٽي ويو. جڏهن تقرير ختم ٽي تہ ماڻهو ديوانہ وار ساڻن ملڻ لڳا. اهي عالم چوڻ لڳا تہ هي توهان جو وعظ ۽

ار شاد نہ هيو بلڪ کو ملائڪ توهان سان شامل هيو جي بس نہ ڪيو ها تہ ماڻهن جا هيانو ڦاٽي پون ها. سندن تقرير پر تاثير سان سوين ماڻهو سڏري نيڪ ٿي پيا جيڪي پوءِ حضرت پير منا سائين رحمة الله عليه جي درگاه شريف تي ايندا رهندا هئا.

مولانا اشرف علي لغاري ٻڌايو مون کي اهو منظر چڏو ياد آهي، نندپڻ جو زمانو هيو. ڳوٺ جي اپرندي طرح کبڙن تي چڙهيا ٻينا هئا سين. پانڌن ۾ پيرون ٿي چونڊياسين. اونهاري جو چالیهو نڏهڻ گرمي هئي. اوچتو ڏسون تہ ان کاڙهي ۾ حضرت جن اچي رهيا آهن. مولوي گل حسن ساڻن گڏ هيو. اسان ڊوڙندي ڳوٺ وارن کي ٻڌايو تہ سائينجن اچي رهيا آهن. پوءِ ڳوٺ وارا ڊوڙندا سندن آجيان لاءِ آيا. اهڙي مشڪل موسم ۾ سندن ائين سفر ڪرڻ يقينا دردِ دل ۽ دين سان سندن سچي محبت جو دليل هيو.

ڪاڇي تي ڪرم جو ڪر:

فقير عبد القادر سومري جي بقول سنہ 68 يا 67 هـ جي ڳالهہ آهي تہ اسانجي ملڪ ڪاڇي ۾ سخت ڏڪر پئجي ويو هو. ماڻهو مايوس ٿي پيا. ان پريشاني سبب ٽوڙ جا ماڻهو سندن مرشد کي دعوت ڏئي وٺي آيا. جمعي نماز تي ان بزرگ وعظ فرمايو تہ هي تنگدستي نافرمانين جو نتيجو آهي. جي اوهان پنهنجي رب کي ياد ڪيو ۽ فرمانبردار ٿي هلو تہ روز رحمت جي برسات جو مٹو پاڻي پيئو ۽ ملڪ آباد ٿئي. پوءِ ان رات مينهن جي هلڪي ڦوهار پئي. گاج ۾ پاڻي ڪجهہ سُرڪي آيو. جنهن تي زمين جا ڪجهہ ڏڪر آباد ٿيا. ٻہ چار ماه گذريا تہ ڳوٺ ڪسبو جا فقير حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه کي دعوت ڏئي ڪاڇي وٺي آيا.

تنهن وقت سائينجن اجا اباڻي شهر ڪُرڪٽ ۾ قيام پذير هئا. جڏهن سائينجن ڪسبو شهر ۾ تشريف فرما ٿيا تہ ماڻهو چڱي انداز ۾ گڏ ٿيا. حضرت صاحبن وعظ تقرير فرمائي ڪيترن ماڻهن ذڪر اذڪار پچيو ڏايو اثر ٿيو . پوءِ اسماعيل نالي هڪ شخص عرض ڪيو تہ سائي گاج جو هلي سير ٻہ ڪيو اتي هلي دعا ٻہ گهرو جيئن نئين گاج سدائين وهڻ لڳي ۽ ملڪ آباد ٿين. حضرت صاحبن اها ڳالهہ منظور فرمائي. اتي وڃي دعا گهريائون. ان کان بعد بار شون وسڻ لڳيون .

گاج وهڻ لڳي مسلسل 18، 19 سال لڳاتار مينهن وسندا رهيا، گاج وهندي رهي آبادیون ٽيندیون رهيون. پوءِ تہ حضرت صاحب جو بہ ٻئي ٽئي مهيني اچڻ ٽيندو هيو. ڪاچي جي ڳوٺن جهڙوڪ دولتاڻي، ڪسبو، سم، راجو ديرو، لڏو ديرو، فتو ديرو، مري جو ڪوهہ ۾ راجي ڪوهہ وغيرہ ۾ بہ تشريف فرما ٽيندا هئا. مطلب تہ ظاهر باطن ملڪ آباد ٿي ويا. هر طرف الله جي ذڪر جون تنوارون ٿي ويون. ڪاچي جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ اسلام جا نعرا لڳي ويا. فقير عبد القادر چيو تہ ان وقت مون سندن شان ۾ هي غزل چيو هيو:

هديہ عقيدت:

مرشد سهڻو سخي مان فياض چوان،
جنهن تي غوث غفاري جا راز نوان.

خدمت خاص ڪئي مرشد سائين آ، ڪچي کان تہ وٺي ڪاچي تائين آ،
ماڏي سورين ۾ نور نائين آ، ساري ملڪ جو ساجن ساز چوان.
الله آبادئون اچي احمد خان شهر، رام دالي ۾ لاتئين عشق لهر،
وڏا قرب ڪيئين ڪيئي ڪاچي اندر، هر جا حق منا جو آواز چوان.
ڪري قرب آيو اول ويري ۾، دولت خان شهر ڦتيئين ڦيري ۾،
ڪوليئين درد وڏا لڏي ديري ۾، ڏئي سِم کي سبق ڪيئين روح روان.
ٽائيم ٽوڙ ڏنئين انهي ويري ۾، بوندون برس اُٿو تنهن پيري ۾،
راضي روح ڪيئين راجي ديري ۾، راجي کوهہ مري ۾ نياز چوان.
ڪامل ڪسبي کان ويو گاج گهمڻ، ڪيئين نور نظر لڳي وير وهڻ،
ڪِن سالن کان تنهن جو ناهي سُڪڻ، ٽيو ملڪ سجو نوري ناز چوان.
ڏاڍي قوم هروچ لغاري چا، چانڊيا مست الهوت لاشاري چا،
شاهي شودا چور بازاري چا، ڏئي سِڪ جو سبق ڪيئين سات سنوان.
"عبدالقادر" جي ويا بي ڏوهہ پڇي، وين قلبئون سارو قرب ڪڇي،
جيڪو نعرو محبت ويو هو وڃي، سو پور ڪري ويو پرواز چوان.

ٻيڙي پار پهچي وئي: غازي فقير چاندبيو ٻڌايو هڪ پيري نٽي جي تبليغي سفر ۾ حضرت سائين محبوب الاهي رحمه الله عليه سان گڏ هيس. پاڻ باد شاهي مسجد ۾ اهڙي تہ پر سوز تقرير ڪيائون جو هر اڪ اشکبار ٿي پئي. اچانڪ لائوڈ اسپيڪر بند ٿي ويو. مون ٻڌو خطيب صاحب لائوڈ واري کي چئي رهيو هيو. بند ڪر بند ڪر. ايندڙ جمعي تي منهنجي تقرير وري ڪير ٻڌندو؟ پاڻ نٽي کان واپس موٽيا درياءَ ۾ ٻيڙي تي سوار ٿياسين. جڏهن ٻيڙي وچ درياءَ ۾ پهتي تہ پاسيري ٿي وئي ۽ ٻڏڻ جي قريب ٿي وئي. ٻيڙي واري چيو تہ بابا سڀ کو پنهنجي جان بچائي. ماڻهو ويچارا پريشان ٿي ويا.

ٻيڙي ۾ ڪجهہ سادات وينا هيا. ماڻهن سيدن کي دعا لاءِ چيو. انهن حضرت جن ڏانهن اشارو ڪري چيو تہ ان بزرگ کي عرض ڪيو اهو دعا گهرندو تہ ٻيڙو پار پهچي ويندو. پوءِ سيني گڏجي حضرت جن کي دعا لاءِ عرض ڪيو. پاڻ دعا جا هٿ کنيائون ۽ سندن اکين ۾ لڙڪ ٽمي پيا. " دعا جا لفظ هي هئا، اي الله آءٌ تنهنجو گنهگار بندو آهيان هي سڀ تنهنجا پيلا ٻانها مون کي پلو سمجهي دعا لاءِ چون تا اي الله هنن جو پرم رکجاءِ". حضرت جن جي دعا جا اهي لفظ نڪتا ئي هئا تہ ائين محسوس ٿيو جڙ کنهن ٻيڙي کي ڏکو ڏئي سڏو ڪري ڇڏيو هجي. ٻيڙي صحيح سلامت ڪناري تي اچي پهتي. ماڻهو سائينجن جي قدمن تي ڪِري پيا چوڻ لڳا تہ اگر توهان نہ هجو ها تہ اسان سڀ ٻڏي وجون ها.

حضرت جن اتان سفر ڪندا مختلف ڳوٺن، شهرن ۾ تبليغ ڪندا ڪور واهہ پهتا. جمعي جي نماز نورنگ واري جامع مسجد ۾ ادا فرمايائون. نماز کان پوءِ حاجي جمال الدين چانڊئي کين پنهنجي ڳوٺ هلڻ لاءِ عرض ڪيو. پاڻ سندس ڳوٺ آيا، جيڪو ڪورواهہ کان ڪجهہ مفاصلي تي آهي. پاڻ اتي آيا تہ ميزبان عرض ڪيو: مون شادي ڪئي آهي پر اڃا اولاد نہ ٿيو آهي. پاڻ فرمايائون تہ حاجي صاحب اسان دعا تا گهرون انشاء الله تنهنجو مطلب پورو ٿيندو. سندن دعا سان کيس پيري ۾ بہ پُٽ ٿيو ان جو نالو "الله ڏنو" رکيائين.

4. فاسقن کي سڏاريائون

اهو عام معمول هيو جو حضرت جن وعظ فرمائيندا هئا تہ سندن گفتار پر اسرار ۾ڪ شرط بي نماز نمازي بنجي ويندا هئا. بي ريش سونهاري مبارڪ رکائي ڏيندا هئا. فاسق ۽ فاجر ماڻهو نيڪوڪار ۽ ديندار بنجي پوندا هئا. الله ڪريم سندن گفتار ۾ اهڙي تاثير رکائي هئي جو بد مذهب ماڻهو به سندن واليت کي تسليم ڪندا هئا.

خليفي محمد حسين بيان ڪيو تہ جڏهن پاڻ خير محمد چانڊيو ڳوٺ ۾ سڪونت پذير هئا اتي جو هڪ شخص جيڪو فسق ۽ فجور ۾ مشهور هيو ۽ مجازي محبت ۾ مبتلا هيو. جڏهن حضرت سائينجن جي صحبت ۾ آيو ۽ سندن فيض وبرڪت سان نهايت نيڪ ۽ صالح بنجي ويو ۽ هر برائي کان توبہ تائب ٿي ويو. هڪ ڏينهن ان جي آزمودي خاطر سندس هڪ دوست زنانا ڪپڑا پهري سندس مجازي محبت واري روپ ۾ وٽس ويو. جڏهن ان جي نظر پئي تہ الله جي ذڪر ۽ جذبي ۾ اچي ويو. چيائين او ابليس هاڻي تنهنجي ڪا شرارت مون تي اثر انداز ٿي نہ سگهندي. ان قسم جا هزارين ماڻهو سندن نوراني نظر سان صلاح ۽ فلاح جي منزلن کي رسي ويا.

فقير محمداسحاق پنگر ضلع نواب شاهہ، نيازي سيال ڳوٺ واري ٻڌايو تہ 1970ع ۾ سائين محبوب الاهي رحمہ الله عليہ اسان وٽ تبليغ لاءِ آيا. ان دؤر ۾ اسان جي ڳوٺ ۾ ڪين مڃڻ وارا ماڻهو گهٽ هئا ۽ مخالفن جو تعداد گهڻو هيو. جڏهن پاڻ تقرير فرمايائون تہ ماڻهن ۾ وجداني ڪيفيت پيدا ٿي وئي. پوءِ مخالفن به ساڻن بيعت ڪئي ۽ پڪا، سچا مريد بنجي ويا جو ڏاڙهي، پٽڪو ۽ تهجد نماز به نہ ڇڏيندا هئا.

بي انتها بدڪار: فضل آباد شريف ماتلي ۾ هڪ شخص آيو خلاصو ملڻ جي فرمائش ڪيائين. حضرت جن کي چيائين مان پنهنجي سڳي ماءُ سان زنا ڪئي آهي، مون کي پاڪ ڪيو. پاڻ حيرت، غضب ۽ غصي ۾ اچي پڇيائونس تہ پيءُ جي زال يعني ماسي هئي يا سڳي ماءُ ؟ چيائين سڳي ماءُ. پاڻ ان کي استغفار پڙهايائون ۽ ان کي ذڪر جي تلقين

ڪيائون. چند مهينن بعد هو شخص وري واپس آيو سندس ڏاڙهي باشرع هئي. نماز روزي جو پابند ٿي چڪو هيو. پر تهجد نماز بہ نہ ڇڏيندو هيو.

5. چورن کي مور بنايائون

فقير "ق" بروهي هڪ زميندار جو خاص ماڻهو هيو. ان جي اشاري تي هر روز نت نئون گناهہ ڪندو هيو. ماڻهو مارڻ، ڦرڻ، لُٽڻ سندس عادت بنجي چڪي هئي. پر جڏهن حضرت جن جي صحبت ۾ پهتو تہ ان جي ظاهري صورت ۾ باطني ڪيفيت متجي وئي. باشرع ڏاڙهي، پٽڪو، نماز روزو ۽ تهجد جو پائبند ٿي پيو.

هڪ ڏينهن ڪنهن ماڻهو ان زميندار سان سندس نيڪ ٿيڻ جي ڳالهہ ڪئي ان چيو تہ اگر اوهان قرآن ڪٽي ڳالهہ ڪندئو تہ "ق" نيڪ ٿي ويو آهي تہ بہ مون کي اعتبار ڪو نہ ايندو ڇو تہ ان جي ڀرڪارن جي مون کي پوري پروڙ آهي. هڪ ڏينهن اچانڪ رستي تي آمهون سامهون ٿيا. زميندار منجهس اها تبديلي ڏسي عجب ۾ پئجي ويو. چوڻ لڳو: هي تو کي ڇا ٿي ويو آهي؟ چيائين هي سڀ الله جي ولي جي نگاهہ ڪرم جو ڪمال آهي.

هڪ دفعي پاڻ ناري جي ڪنڊي تي هڪ ڳوٺ ۾ تبليغ تي آيل هئا. صبح جي وقت آزمودي لاءِ چورن جي ٽولي حضرت صاحب جن کي اچي چيو تہ اسان کي ذڪر سمجهايو دل ۾ چيائون هي ڪل مڪر آهي. جي اسان کي اثر ٿيو چوندا سون برابر فيض آهي. حضرت صاحب جڏهن انهن جي دل تي آگر مبارڪ رکي چيو تہ ڪريو الله الله. جڏهن الله الله شروع ڪيائون تہ وٺي بي اختيار دانهن ۾ پيا تان جو وڏي واڪي الله الله ڪري پٽ تي ڪري پيا. لڇڻ ۾ ڦٽڪڻ لڳا ڪيترو وقت بي حال پيا هئا جو اهي سڇي دل توبهہ تائب ٿي نمازي نيڪ بنجي ويا. ان مجلس ۾ هڪ شخص ڏاڙهي ڪوڙ جذبي جي هر اس کان گهٽو پري ٿي ويٺو هيو. قدرتاً جڏهن حضرت صاحب جماعت کي توجهہ ڏنو تہ اهو اتي بنا ذڪر پڇڻ جي ڦٽڪڻ لڳو پوءِ بي اختيار ٿي اچي ذڪر پڇيائين ۽ فقير بنجي پيو.

فقير غلام محي الدين رند ٻڌايو تہ جاتي چوڪ جي مسجد ۾ هڪ پيري حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليہ جمعي جي نماز پڙهائي، وعظ فرمايو اتي "س" نالي هڪ شخص

آيو. جيڪو علائقي جو مشهور چور هيو. سندس طبيعت ڏاڍي خراب هئي. ڊاڪٽرن کان مايوس ٿي موٽيو هيو. حضرت جن کي اچي نماڻائي سان پنهنجي مرضن جا سور سليائين پاڻ فرمايائون اسان پاڻي پڙهي ٽيا ڏيون تون بلڪل ٺيڪ ٿي ويندين پر اسان سان وعدو ڪر ته تون ٺيڪ ٿي وئين ته چوريون زوريون نه ڪندين. نماز پابندي سان پڙهندين. عرض ڪيائين جيڪو وعدو ونو حاضر آهيان. پر هن مرض مان منهنجي جان ڇڏي. پاڻ پاڻي تي دم ڪري ان کي پياريائون. ٿورن ڏينهن ۾ اهو صحتمند ٻه ٿي ويو ۽ نيڪ صالح تهجد گذار ٻه ٿي ويو. سيئي برائيءَ جون واٽون وسري ويس.

يار محمد فقير بيد واري بيان ڪيو ته هڪ پيري حضرت جن بيد وارن پنهورن وٽ آيل هئا. رات جو تقرير ڪيائون. صبح جو ٻه پُر تاثير تلقين ڪيائون. پاسي واري گهر ۾ پار ڪان چار چور آيل هئا. انهن جڏهن حضرت جن جي تلقين ٻڌي ته انهن تي اهڙو اثر ٿيو جو ميزبان کي چيائون اسان کي حضرت جن وٽ وٺي هلو. اسان توبه تائب ٿيندا سين. پر اسان کي هي جيڪي ڪپڙا پهريل آهن سي ٻه چوراٽا آهن. اهي چوري جا ڪپڙا ساڙيون ٿا. مهرباني ڪري اسان کي ٻيا ڪپڙا ڏيو. آخر دوستن کان پاڪ ڪپڙا اڌارا ورتائون چوراٽا ڪپڙا ساڙي حضرت جن جي هٿ تي اچي بيعت ڪيائون. اسم ذات جو ذڪر حاصل ڪيائون توبه تائب ٿي نيڪ ۽ صالح بنجي ويا.

6. نشيباز سڌاري ڇڏيائون

سندن مجلس ٻڌڻ بعد ماڻهو ٻاهر نڪرندا هئا ته سگريٽن جا پاڪيٽ جموري اڇلائي ڇڏيندا هئا. سندن وعظ بعد اڪثر ڏسبو هيو ته سگريٽن جا پاڪيٽ ۽ ٻيڙيون ٻڳل نظر ايندیون هيون. پاڻ الائچي پڙهي ڏيندا هئا، جنهن جي چٻاڙڻ سان ماڻهو هر نشي کان تائب ٿي ويندو هيو. سندن نگاهه ولايت سان:

- سگريٽ ۽ ٻيڙين جا موالي سگريٽ نوشي ترڪ ڪري ويا.
- حقي ۽ چلم جا موالي ان کي بيزار ٿي ويا.

* پنگ چرس، ڏوڏي، آفيم تانجو هيروئن جا عادي ۽ سندن صحبت ۾ اهي عادتون چڏي ويا. اهڙا ماڻهو جي پنجاهه سالن کان عادي هئا اهي ۽ انهن نشن کان تائب ٿي ويا.

هڪ پيري حضرت جن کاچي جي علاقي ۾ ڳوٺ مري جي کوهه ۾ آيا. اتي معلوم ٿيو ته هن ڳوٺ ۾ هر گهر ۾ چلم رکيل آهي، ماڻهو چلم جا شديد موالي آهن. پاڻ تقرير ۾ فرمايائون: "مسلمانو پڌايو حقي يا چلم ۾ ڪهڙو نفعو آهي؟ ان سان جان جو نقصان مال جو نقصان آهي، گهر گهر ۾ اهي بت رکيون ويٺا آهيو، چڏيو ان بري عادت کي. لعل بخش نالي هڪ شخص اٽيو ساري ڳوٺ ۾ ويو. گهر وارن کان موکل ونڊو چلمون ۽ حقا پيچندو پري ٻڌي ڪٽي آيو. پاڻ اڃا تقرير مان مس فارغ ٿيا ته پڳل چلمن جي پري اڳيان آڻي رکيائين. چيائين اسان سڀ وعدو ٿا ڪيون وري چلم کو نه چکينداسين. ان طرح هڪ ئي مجلس ۾ پوري ڳوٺ مان چلمن ۽ حقن جي پاڙ پٽجي وئي.

7. جوا جا اڈا بند ڪرايائون

دادو شهر جي نزديڪ ڇهه ميلن جي مفاصلي تي ڪڪڑهوري جو ڳوٺ هيو جيڪو جوا جو اڈو ۽ فسق و فجور ۾ مشهور ڳوٺ هيو. پوليس ۽ ان ڳوٺ تي چڑهائي جي همت ڪري نه سگهندي هئي چو ته ان اڈي هلائڻ ۾ وڏن ماڻهن جو هٿ هوندو هيو. پري پري کان ماڻهو اتي جوا کيڏڻ لاءِ ايندا هئا. ان ڳوٺ ۾ حضرت خليفه محمد حسين تشريف وٺي ويا. گهڻو ديني فائدو ٿيو. پوءِ هڪ پيري ڳوٺ جي وڏيري غلام محمد مرحوم حضرت جن کي دعوت ڪئي. هزارن جي تعداد ۾ پري پري کان جماعت آئي. پاڻ رات جو تقرير ڪيائون ۽ وري جڏهن صبح جي پُرتاثير تلقين فرمايائون ته ساري جماعت مٽان وجداني ڪيفيت طاري هئي. فقير محمد صديق ملاح چُڪ واري جو جذبو ته ڏسڻ وٽان هيو. ڳوٺ جا مرد مايون سڀ گهرن مان ٻاهر نڪري آيا. ڪڪڑهوري ۾ پهريون جذبو ان ڏينهن تي ايوب ملاح کي ٿيو. ان محل ماڻهن مڇون ڪٽايون. حضرت جن جي هڪ مجلس سان پوري ڳوٺ جا مرد توڙي عورتون نمازي ٿي ويا. جوا جو اهو اڈو جنهن کي پوليس ۽ بند ڪرائي نه سگهي هئي، سندن هڪ نگاهه سان بند ٿي ويو. جوا واري جاءِ کي ٻاهه ڏئي ساڙيو

ويو. ان ڳوٺ جي سڌرڻ بعد ڪيترا ماڻهو درگاه ڪرمپور شريف ۾ سائينجن کي ڏسڻ آيا تہ توهان اهي بزرگ آهيو جن ککڑ هوري جهڙي شهر جي ماڻهن کي سڌاريو آهي.

8. شيعن کي سُني بنايائون

هڪ پيري حضرت جن شهداد پور شهر ۾ خليفي محمد صديق راجپوت جي دعوت تي آيل هئا. رات جو سيدنا ابوبڪر صديق رضي الله عنه جي شان ۾ پر سوز تقرير فرمايائون. جنهن ۾ پاڻ دلائل ۽ براهين سان ثابت ڪيائون تہ خليفہ اول ۽ خليفہ بلا فصل حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه آهي. ان مجلس ۾ ڪافي تعداد ۾ اهل تشيع وارا به آيل هئا.

شام جو ٽهڪي نماز تي اتان جي شيعن جو اڳواڻ حضرت جن جي خدمت ۾ آيو. نماز سائين جن سان گڏ ادا ڪيائين. پوءِ چوڻ لڳو تہ توهان جو رات وعظ ٻڌم. دل ۾ ڏاڍو شوق ٿيو تہ توهان جي زيارت ڪري اچان. ڏاڍي اعتقاد ۽ ارادي سان ٽهڪي بعد حضرت جن جي نصيحت ٻڌائين چوڻ لڳو تہ الله جا ولي ائين ٿيندا آهن. چيائين اوهان حق بيان ڪيو آهي. اسان برابر پُليل آهيون. اڄ اوهان اسان جو اکيون کولي ڇڏيون آهن. ان ئي مجلس ۾ هڪ سائل پنهنجي ڪنهن مشڪل لاهڻ لاءِ حضرت جن کي دعا جو عرض ڪيو تہ اهو اهل تشيع جو اڳواڻ چوڻ لڳو تہ بابا هي وقت جو غوث اٿئي هن جي پيرن کي چنبڙي پوءِ تہ هڪ نظر سان ڪم سرانجام ڪري ڇڏئي.

۽ شيعو سُني بنجي ويو: هڪ پيري حضرت جن خليفي محمد عالم صاحب چانڊيہ جي دعوت تي ڪور واهہ ۾ آيل هئا. پاڻ بيان فرمايائون صبح جو هڪ شخص چيو تہ آءٌ هتان جو رهاڪو آهيان. منهنجو تعلق اهل تشيع سان آهي. مان سنين جي ڪنهن پير بزرگ يا مولوي عالم کي ڪو نہ مڃندو هيس. پر رات جيڪو مون وعظ ٻڌو آهي ان منهنجي دل جي دنيا متائي ڇڏي آهي. هاڻي آءٌ سُني ٿي طريقي ۾ داخل ٿوٽيان. پوءِ اهو طريقي ۾ داخل ٿيو ۽ ذڪر پچيائين. نماز جماعت سان پڙهڻ لڳو ۽ پنهنجون مڇون ڪٽايائين.

مکان ۾ تقرير : هڪ پيري حضرت جن خيرپور ميرس ۾ مير جي مهاڙي تي جيڪا هنگورجن جي شهر جي پرسان آهي اتي تبليغ لاءِ تشريف فرما ٿيا. اتي اهل تشيع جي مکان ۾ آيا ۽ فقيرن عَلم ۾ لائوڊ جا ناد لڳايا.

جڏهن سندن تقرير شروع ٿي ته هُوٽ جا سوين مرد عورتون اچي گڏ ٿيا. جن ۾ سُنين کان شيعن جي اڪثريت هئي. پاڻ ڪنهن تي جرح ڪرڻ بجاءِ اهڙي پيار ۽ پاڻهه سان تقرير پُرتاثير ڪيائون جو هر سني ۽ هر شيعي جي اکين جا نار جاري ٿي ويا. جڏهن بيان ختم ٿيو ته ڪيترا ماڻهو طريقہ عاليہ ۾ داخل ٿيا. ان هُوٽ جو چگو مڙس چوڻ لڳو ته جي اهڙا ٻي ريا عالم ۽ فياض هجن ته فرقا ئي نہ ڏهن نہ ماڻهو گمراھ ٿين.

9 وهابين کي سُني بنايائون

هڪ پيري حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه ٽنڊي محمد خان جي مضافات ۾ سَنيَن جي هُوٽ ۾ تشريف فرما ٿيا. هڪ ملان اچي عرض ڪيو ته هڪ ماڻهو حج پڙهي آيو آهي پر اتان پڪو وهابي بنجي آيو آهي. ڪنهن ٻ پير فقير کي نہ ٿو مڃي. ان کي ڪجهہ سمجهايو ۽ تقرير ۾ ان کي کا تنبيهہ ڪيو. جڏهن پاڻ وعظ فرمايائون توحيد ورسالت بابت پر اثر بيان ڪيائون ته اهو وهابي اڇيان آيو ۽ چيائين مان پلجي پيو هيس. مون کي پنهنجي طريقي ۾ داخل ڪيو. پوءِ حضرت جن کان ذڪر پاڪ پڇيائين.

الله جو ولي : غازي فقير پڌايو ته 1965ع ۾ حضرت جن کي ٽنڊو غلام جي قريب ڪُميلڙن جي هُوٽ ۾ دعوت هئي. ڪافي جماعت ساڻن گڏ هئي. جڏهن پاڻ وعظ فرمايائون ته پوري هُوٽ تي تمام گهٽو اثر ٿيو. اتي ڪجهہ وهابي فرقي جا ماڻهو بہ آيل هئا. اهي چوڻ لڳا سبحان الله اڇ اسان الله جو ولي ڏٺو آهي. پوءِ انهن حضرت جن جي هٿن تي بيعت ڪئي ۽ سندن مريد ٿي پيا.

10 ڪافر مسلمان ڪيائون

سندن پر تاثير تقريرون ٻڌڻ سان ۽ روحاني توجهہ سان ڪيترا ڪافر ڪلمو پڙهي مسلمان ٿي ويا. هڪ پيري چوويهين شريف جو جلسو هيو حضرت جن جي پر سوز تقرير

جاري هئي. الله جي هيڪڙائي بيان فرمايائون. درگاهه جي پاسي ۾ پاولي واهه جي ڪناري پيلن جا گهر هئا. هُتي ڏينهن اهي به گهر ننڍا وڏا حضرت جن وٽ اچي مسلمان ٿيا. پاڻ انهن کي ڪلمو پڙهائي مسلمان بنايائون انهن جا اسلامي نالا رکيائون. دين محمد شيخ جيڪو پڻ اصل ۾ غير مسلم هيو مسلمان ٿيڻ بعد پنهنجي قوم جا گهٽا ماڻهو حضرت جن وٽ وٺي ايندو هيو پاڻ انهن کي نصيحت ڪري مسلمان بنائيندا هئا. افسوس آهي جو انهن جي لسٽ ۾ تفصيل محفوظ ٿي نه سگهيا.

11 عورتن جو اصلاح ڪيائون

هڪ پيري پاڻ ڪاڇي جي سفر کان واپس موٽندي ڪُور راهو جن جي ڳوٺ ۾ آيا. ان ڳوٺ ۾ هڪ مشهور زمانه بدڪردار عورت هئي. ان کي حضرت جن جي خدمت ۾ آندو ويو ته هن کي ڪجهه نصيحت فرمايو. پاڻ تلقين ذڪر ڪرڻ بعد نصيحت ڪندي اسم "الله" جي ضرب هنيائون ته اها عورت الله ڪندي روئندي بيهوش ٿي وئي. حضرت جن ته خير سان روانا ٿي ويا پر اها عورت روئندي ئي رهي. تانجو ٿورن ڏينهن ۾ اها عابده زاهده بنجي پئي. اها ڳالهه اهڙي مشهور ٿي جو ان علائقي جو هڪ مولوي صاحب خاص حضرت جن جي زيارت ڪرڻ ۾ ملڻ آيو. چيائين ٻڌو سين ته جيئن بايزيد بسطامي جي توجهه سان بدپيشه عورت نيڪ بڻي هئي ائين اوهان جي توجه سان به اهڙي مشهور زمانه بدڪردار عورت صالحه بنجي وئي آهي آءٌ صرف اوهان جي ديدار لاءِ آيو آهيان.

هڪ پيري پاڻ جيئن حويلي شريف ۾ تشريف فرما ٿيا. ڪجهه فقيرياڻيون پنهنجي وطن وڃڻ لاءِ موڪلائڻ آئيون. انهن مان ٽن فقيرياڻين عرض ڪيو ته يا حضرت فقيرياڻيون به سڏجي رهيون آهيون ماڻهو به ڪِلي رهيا آهن، اسان جي مٿان ڪو حال به وارد ڪونه آهي. تنهنڪري اهڙو ته توجهه ڏيو جو پِلي الله جي محبت ۾ مست ٿي وڃون. پِلي ته يڪا ماڻهو پيا ڪلن. پوءِ حضرت جن تقرير شروع ڪئي ان ۾ انهن کي سمجهاڻي ڏينديِ اهڙي ته نصيحت ۽ وصيت ڪيائون جو سيني ۾ جذبا ٿي ويا. پاڻ هڪ محبت جي ڪافي پڙهيائون ان ۾ اهڙو ڪو توجهه ڏنائون جو خدا جو قسم ساري جماعت فقيرياڻين ۾

تہ وجد شروع ٿي ويو پر اهي ٽئي فقيرياڻيون اهڙي حال ۾ ٿي ويون جيئن ککڙ کي تکبير پوندي آهي. ساري صحن ۾ ڦٽڪي ڦٽڪي بي هوش ٿي ويون. سڄي رات انهن جو جذبو بند نہ ٿيو. انهي جذبي ۾ وطن هليون ويون.

هڪ ڏينهن حضرت جن خيرپور ناٿن شاهه جي قريب بيد نالي ڳوٺ ۾ نزول فرمايائون. جڏهن رات جو لائوڊ تي حلقو مراقبو ڪرايائون جماعت ۾ اهڙو جذبو شروع ٿي ويو جو ماڻهو ڪپڑا ڦاڙي چريا ٿي ڪي جهنگ ڏي ڀڄي ويا تہ ڪي وري اتي رقص ۾ اچي ويا. ڪي ڪري ڦٽڪڻ لڳا ڪي روئڻ ۾ پئجي ويا. اندر مستورات عورتن ۾ جن جو ذکر پچيل هيو تہ وس کان بي وس ٿي ويون پر جيڪي ذکر پچيل ۾ ڪونہ هيون ڪٽن تي هارن کي ٽچ ٿي پياريائون يا وعظ ويني ٻڌائون سي الله جي ضرب ٻڌڻ سان ڪٽن تان پٽن تي ڪري پيون. آڳندن تي ڦٽڪڻ لڳيون. هارن جا منهن پنهنجا ٿي ويا تہ فقيرياڻين جا منهن پنهنجا ٿي ويا. هار ٽچ لاءِ روئڻ ۾ اچي ويا تہ فقيرياڻيون خدا لاءِ روئڻ ۾ اچي ويون.

ڪاڇي جون عورتون رود ناڻي قوم جا پنهنجن وارثن سان مريد ٿيڻ آئيون اتان ٽي گهہ ٻاهيون، بولا ، نڏون ، ڪوڪا لاهيون آئيون تہ اتي ويندي‌وسين اتي جذبو ٿي ويندو. اها اميد رکيون ٿيون وڃون . قدرت الاهي ٿيو ۽ ائين جو جڏهن حضرت صاحب جي نظر تي چڙهيون ۽ سندن ديدار فرحت آثار ۽ تقرير پُر تاثير ٻڌائون. اچي ٿو انهن کي جذبو ٿئي. پوءِ تہ سڀ عورتون آيل جذبي ۾ بي هوش ٿي ويون. جيئن نيت ڪري آيون هيون ائين حالت ٿي وين. اهڙو سندن توجهہ زبردست هوندو هيو ٻاهر انهن جا فقير ائين مست ٿي ويا.

عورتون سَڏي پيون: هڪ پيري حضرت جن ٽلهي سمراب ۾ فقير غلام قادر جيڪو مولوي مٹل ملاح جو پيءُ آهي جي دعوت تي آيل هئا. رات جو مجلس ٿي. هڪ طرف پردي ۾ ڳوٺ جون عورتون ويٹل هيون ٻئي طرف مرد. پاڻ عورتن ۽ مردن جا حقوق بيان فرمايائون. صبح ٿيو تہ هڪ شخص نماز تي آيو. ڪنهن پچيس ميان تون تہ عيد نماز ۾ ڪونہ پڙهندو آهين، اڄ ڪيئن نماز تي آيو آهين؟ چيائين اڄ رات سائينجن منهنجي نئين شادي ڪرائي آهي، اڄا نہ نماز نہ پڙهان! مون کي شادي ڪئي اٺکل ٿي سال ٿي

ويا هئا. پهرئين رات منهنجي زال مون وٽ آئي. وري نه آئي پنهنجي ماءُ پيءُ وٽ وڃي ويهي رهي. ٽي سال منهنجي ويجهو به نه آئي. اڄ رات سائينجن جو وعظ ٻڌي مون وٽ پاٽهي هلي آئي. اچي زَئو لاهي منهنجي پيرن تي رکيائين، چيائين ته خدا واسطي مون کي معافي ڏي. رات مون سائينجن جو وعظ ٻڌو آهي. مان خدا جي خوف کان ڊجان ٿي هاٿي پوري طرح تنهنجي فرمانبردار ٿي رهنديس. مون کان معافي ورتائين ايڏا به نماز نه پڙهان. توهان رات منهنجي نئين شادي کرائي آهي. اهو مرشدن کريمن جي فيض جو ڪمال هيو جو اهڙا ماڻهو به توبه تائب ٿي نيڪ ۽ صالح بنجي ويا.

12. علماءَ جو اصلاح ڪيائون

پاڻ علماءَ جا نقاد هئا. انهن کي حق سچ چوڻ ۾ اصل عار کو نه ڪندا هئا. هڪ پيري خليفي محمد صديق راجپوت جي دعوت تي پاڻ شمدادپور شهر ۾ جلوه گر هئا. رات جي محفل ۾ ڪافي علماءَ آيل هئا. پاڻ بيان ڪندي علماءَ کي پنهنجي علم تي عمل ڪرڻ ۽ بدعملي کان بچڻ تي سخت تنبيه ڪيائون. علماءَ جي اکين مان لڙڪ وهي رهيا هئا. پنجاب جو عالم جيڪو بهترين مقرر پڻ هيو. حضرت علامه غلام حيدر تونسوي رحمة الله عليه ان حضرت جن جي هٿن تي بيعت ڪئي.

هڪ پيري شڪار پور ۾ ڳڙهي ياسين جي وچ تي ڪنهن ڳوٺ ۾ حضرت جن سفر ۾ اسريل هئا. رات جو مجلس ٿي شڪار پور ۾ ڳڙهي ياسين ۾ آس پاس جا گهڻا ماڻهو آيا. حاضرين ۾ چگي تعداد ۾ علماءَ به آيل هئا. جيڪي ٻئي مڪتبهءِ فڪر سان تعلق رکڻ وارا هئا. ميزبان سائينجن جي ڪن ۾ عرض ڪيو ته سائين هتي گهڻا مولوي به لڳل آهن. خيال سان تقرير ڪجو. جڏهن سندن تقرير پُر تاثير شروع ٿي ته ماڻهن ۾ ايترو اثر ٿيو جو ڪيترا ماڻهو پي خود ٿي ويا. پر اهي عالم به اوچنگارون ڏئي روئڻ لڳا. جڏهن پاڻ وعظ پورو ڪيائون ته اول انهن عالمن اٿي حضرت جن جا هٿ چميا ۽ پاڪر پاتا.

13 . جنن کي فيض ڏنائون

سندن صحبت ۾ ڪثير تعداد ۾ جن پي فيضياب ٿيا. جيڪي ڪڏهن ظاهر ظهور ته ڪڏهن ڪنهن انسان جي اندر ۾ اچي محبوب الاهي جون تعريفون پيا ڪندا هئا.

هڪ ماڻهو ۾ جن آيو ان هن فقير سان خود بيان ڪيو ته اسان گهٽا جن حضرت محبوب الاهي جا مريد آهيون. درگاهه تي رهندا آهيون. سائين جن سان گڏ تبليغي سفرن ۾ هلندا آهيون. مزيد پڌرائيائين ته ڪيترا جن حضرت جن جا خليفا آهن جيڪي جنن ۾ تبليغ ڪري جنن جون جماعتون جلسن ۾ وٺي ايندا آهن.

فقير علي جان ڪمبوهه ماتلي شهر جي رهڻ وارو بيان پيو ڪري ته هڪ جنّ اسان جي گهر ۾ رهندو آهي. مون سان ۾ منهنجي فقيرياڻي سان گفتگو ٻه ڪندو آهي. اسان ان کي روبرو ڏسندا آهيون. ڏاڙهي باشرع رکيل اٽس، پتڪو ٻڌندو آهي. تمام نيڪ ۽ صالح آهي. صبح جو منجهند تائين مصلي تي ويٺو هوندو آهي. وري ظهر نماز بعد ٻه شام تائين مصلي تي ويٺو ذڪر ۽ مراقبو ڪندو آهي چوي ٿو ته:

آءٌ حضرت محبوب الاهي جو مريد آهيان. نماز سائينجن جي پٺيان پڙهندو آهيان. جلسن جمعن ۽ تقريرن ۾ ٻه شريڪ ٿيندو آهيان. توهانجي گهر ۾ پاڪائي آهي، توهان ٻه فقير آءٌ ٻه فقير انڪري توهان جي گهر ۾ رهان ٿو. مون مان ڊپ يا خوف نه ڪيو. فقير علي جان پڌرايو ته هڪ پوري رات اهو سجدي ۾ روئندو رهيو. ايترو رنو جو ان جا ڳوڙها زمين تي وهي هليا. مون خود اکين سان ڏٺا.

هڪ پيري اهو جن حج تي ويو آتان ٽوپي تسبي ۽ زمزم جو پاڻي هن فقير (ڪرم الله) لاءِ ڪٽي آيو. جيڪي فقير علي جان جي هٿان موڪلياٿين.

باب پنجون

حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه پنهنجي ظاهري علم ۽ باطني فيض، مٺڙي گفتار ۽ اعليٰ ڪردار، علم ۽ قلم، تواضع ۽ حلم جي ذريعي سماج تي بيحد اثرانداز ٿيا ۽ معاشري جي بگڙيل افراد جي ذهن سازي ڪيائون. انهن کي گمراهي ۽ ظلمات مان ڪڍي علم جي نور طرف آندائون. فسق ۽ فجور جي ڪُن ۾ غوطا کائيندڙ بلڪ ٻڏندڙ ماڻهن کي هٿ ماڻ وٺي محمدي محل واري ڪنڌي ڪناري آندائون. امت جا جهاز ٻيڙي مٿي محمد ڪريم ﷺ جي ڪچهري ۾ موڪليائون. هزارين ماڻهو جيڪي ٻي دين ۽ گمراهه هئا. سي سندن صحبت ۾ اچي صالح ۽ ديندار بنجي ٻيا. جن ڪڏهن عيد جي نماز نه پڙهي هئي سي به سندن صحبت ۾ اچي تهجد گذار بنجي ٻيا. عورتون پرديدار بنجي ٻيون. ٻار ۽ ٻيا علم جي نور ۽ ذڪر جي سرور ۾ معمور ٿي ويا.

سندن روحاني رموز سان ۽ باطني فيوض سان، چپن جي چُر پُر سان، گوهر جهڙي گفتار سان، وسنديون ۽ واهڻ، ٽر ۽ بر، صحرا ۽ جبل، پُنگا ۽ پيٽيون، رَند ۽ پنڌ محمدي محبتن جي رنگ ۾ رنگجي ويا. پاڻ ضميرن جا زنگ لاهي سڪ جي صيقل سان انهن کي اجاري اڇو ڪيائون. شراب ۽ شباب جي شائقن کي سوز ۽ ساز رومي فڪر ۽ فلسفهِ رومي سان آشنا ڪيائون. اولياء الشيطان کي اولياء الرحمان بنايائون. ڪراڙن کي ڪٽڻ سيکاريائون. جوانن ۾ جوت جاڳايائون، ٻڌن توڙي ٻارن ۾ دين جو شعور پيدا ڪيائون. پيرن فقيرن جي سنڌڙي سونهاري ۾ علم ۽ عرفان جو هڪ نئون باب رقم ڪيائون.

پاڻ انڪار ۽ تڪرار بجاءِ اقرار ۽ پيار سان پراون کي پنهنجو ڪيائون. سندن قرب جي ڪشش ويري به ويجها ڪيا، دشمن به دوست بنايا. اجمل ۽ ايائا به صالح ۽ سياڻا ٿي پيا. پاڻ هزارن جي هجوم سان ملڻ ۾ ملول نه ٿيندا هئا. هرهڪ سان مشڪندي ملندا هئا. هر وقت سندن ننگر ۽ نياز جاري رهندو هيو.

سندن مجلسي زندگي

هن فقير کي ننڍپڻ کان ئي سندن فيض پرين مجلسن ۾ صحبتن ۾ ويهڻ جو شرف حاصل ٿيو. جيئن اک کوليم تہ جيکو رنگ منهنجي اکين ڏنو ۽ ڏسنديون رهيون سو خالص عشق الاهي ۽ حب رسول ﷺ سان سرشار صبغة الله وارو پاڪ رنگ هيو. گهر ۾ يا ٻاهر اکين اڳيان اهو مقدس ماحول ڏٺم، جيکو منهنجي رڳ رڳ ۾ رچي ويو. روح ۾ رَسي ۽ وَسي ويو. مون ائين ڏٺو تہ حضرت جن جي زندگي جو مقصد ئي ماڻهن جي تربيت کرڻ هيو. هر متعلق ماڻهو کي رُشد و هدايت جي راهن سان همڪنار کرڻ هيو. هڪ مصلح ۽ مربي لاءِ اهم ڳالهہ هوندي آهي مجلسن ۾ محفلن لاءِ صاف ۽ پاڪ ۽ پر اثر ماحول پيدا کرڻ. جنهن کي ڏسي هر اچڻ وارو ٻاڻ کي هڪ نئين دنيا ۾ محسوس کري. منهنجي سمجهہ ۾ تہ جيستائين کنهن بہ مصلح ۽ مبلغ جو مجلسي ماحول درست نہ آهي تہ ان جي تبليغ ۽ رشد و هدايت جو اهو اثر پيدا نہ ٿو ٿي سگهي جهڙو ٿيڻ گهرجي. پر جڏهن مجلس روحانيت جي رنگ ۾ رنگيل هجي تہ ان مجلس متان انوارات جي بارش برسڻ لڳي ٿي اهڙي مجلس جي هڪ گهڙي کي سو سال جي بي ريا عبادت کان افضل چيو ويو آهي.

يک زمانہ صحبتِ با اولیا* بہتر از صد سالہ طاعت بی ریا

انهن مجلسن ۾ ئي ماڻهن جون تقديرون تبديل ٿينديون آهن ۽ رخ جهان بدلبو آهي. حضرت جن جي حياتي مبارک جو وڏو حصو انهي مجلسن ۾ مصلي تي ويٺي گذريو. فقير جي حساب مطابق عموماً رات ڏينهن ۾ 35٪ حصہ زندگي ۽ خاص ڏاڙن ۾ 40٪ حصہ زندگي حالتِ نشست ۾ مجلسن ۾ گذاريائون. عمر جي آخري ايام ۾ جڏهن ٻاڻ ضعيف العمري ۽ عوارضات جسماني ۾ مبتلا هئا تڏهن بہ سندن تبليغ جو حرص جوان هوندو هيو.

ٻاڻ ننڍپڻ جي دور کان جيئن مذهبي ماحول ۾ قدم رکيائون تيئن وفات تائين ان ئي ماحول سان لاڳاپيل رهيا. ننڍپڻ جو گهڙو حصو مدرسن ۾ تحصيل علم بعد بزرگن جي صحبتن ۾ تقريباً سترهن سال تہ پنهنجي مرشد پير مڻا سائين جي صحبت ۾ گذاريائون ۽ پوري زندگي تبليغ ۽ اصلاح احوالِ امت ۾ بسر کري ڇڏيائون.

سندن پوري زندگي ديندار ي واري پاڪ ۽ مقدس ماحول ۾ گذري. يقيناً متن الله جو خاص فضل هيو. اهو دستور آهي جڏهن کو ماڻهو کنهن چيز سان دل لائيندو آهي يا کنهن شيءِ تي هميشگي کندو آهي تہ اها چيز ان جي عادت بنجي ويندي آهي ۽ عادت مرڻ تائين کو نہ بدلبي آهي. کنهن چيو آهي تہ :

العادة لا يرد الا بالموت عادت موت تائين متبي ناهي.

دنيا ۾ ڏٺو وڃي ٿو تہ کو ماڻهو کنهن شيءِ جو عادي بنجي پوي ٿو تہ اها شيءِ ان جي جسم جو حصو بنجي پوي ٿي. پوءِ ان کان سواءِ گهڙي گهارڻ ۾ ان کي سک نہ ٿو اچي. ان ۾ تکليفون ۽ سور بہ سهي ٿو پر ان عادت واري چيز تان هٽ نہ ٿو کڻي. هي تہ دنياوي علتن ۽ عادتن جو مثال آهي پر جيکو ماڻهو ساري عمر دين جي تبليغ کندي خدا جو ڪم کندي گذاري ٿو ان جو ڇا حال هوندو؟ اها چيز بذاتِ خود لذيذ ترين آهي. فقير جي خيال ۾ کنهن بہ چيز ۾ اهڙو مزو نہ آهي جهڙو تبليغ ۽ خدائي ڪم ۾ مزو آهي تہ جنهن ماڻهو ساري حياتي ان دين واري ڪم لاءِ وقف ڪري ڇڏي هڻي، ان کي ڪيتريقدر نہ ان چيز سان محبت هوندي ان شيءِ جو ڇڏڻ ان لاءِ ڪيترو نہ دشوار هوندو. پاڻ فرمائيندا هئا تہ : "تبليغ منهنجي خوراڪ بنجي وئي آهي. جيستائين تبليغ نہ ٿو ڪيان کاڌو پيتو بہ نہ ٿو وٺي".

سندن سامهون هزار ماڻهو هيا يا صرف هڪ هر وقت تبليغ کندا رهندا هئا. نہ رات ڏٺائون نہ ڏينهن، نہ سردي نہ گرمي، جيکي گهڙيون مليون سي دين متين ۾ خدمت ۾ صرف ڪيائون. مسجد ۾ آيا تہ مريدن، مهمانن ۽ مسافرن کي تبليغ، جي گهر ۾ آيا تہ پنهنجي گهر وارن کي تبليغ، کو ڪٽيٽي چنڊي لاءِ آيو، ان کي تبليغ، کي فيصلي لاءِ آيا انهن کي تبليغ. کو مسئلو پڇڻ آيو، کو فتويٰ وٺڻ آيو ان کي تبليغ.

آيات، احاديث، اقوال، ابيات ۽ بزرگن جي حالات واقعات جو وڏو ذخيرو سندن ذهن ۾ محفوظ هيو. جا ڳالهہ ٿي تہ ان موضوع تي سندن بيان شروع ٿي ويو. ان عنوان جون آيتون، حديثون پڙهندا ويا، بيت جهونگارينداويا تہ ڪلاڪن جا ڪلاڪ ٿي ويا. کنهن موضوع کي جي ڪنيائون تہ سامع کي عمل لاءِ عازم بنائي پوءِ چڏيائون.

سندن مجالس ۾ سُنبل جي سُرهاڻ ۽ محبت جي مهماڻ هوندي هئي. جنهن ساري سَر کي سُرهو ڪري ڇڏيو. ڪڏهن هي شعر آلاپيندا هئا:

پلي ڪئي پؤنرن جو واس وڻڻ آئيا،
تني کي ڪؤنرن، ڏنا هنڌ هيانوَ ۾.

مجالس ۾ بسا اوقات سندن حال هي هوندو هيو جو جڏهن محبوب حقيقي جي توحيد جي مذاڪري ۾ ايندا هئا تہ سخت بي حال ٿي ويندا هئا. رات جي مجلسن ۾ مولا سائين جي وحدت جي درياء ۾ وڃي پوندا هئا ۽ ڏاڍو روئندا هئا. ڏينهن جي محفلن ۾ به جماعت جو عجيب حال هوندو هيو. جيڪو دل سان سندن وعظ يا تقرير ٻڌندو هيو تہ روئڻ کان سواءِ ٻيو ڪو به ڪم نہ هوندو هيس. مستورات ۾ به جڏهن مراقبو ۽ وعظ ٿيندو هيو تہ انهن جو به اهو حال ٿي ويندو هيو. ڪابہ عورت روئڻ رڙ نہ رهندي هئي. جن ڏينهن ۾ پاڻ لاڙ ۾ آيل هئا، مولانا عبد الڪريم جت جيڪو پاڻ وڏي علم ۽ عقل وارو هيو به گاڏيون پنهنجي گهر اٽي جون پر ائي آيو جنهن ۾ سندس پٽ، پائيٽا، پائر، نُهون ۽ نياڻيون هيون. حضرت جن اڳيان عرض ڪيائين عمر افراد وجائي ڇڏيم. هاٽي هي ٻڇڙا ميڙ وٺي آيو آهيان، ڪو رحم ڪرم فرمايو تہ اسان پنهنجي رب کي سجاڻون ۽ الله تعالي جا ٿي رهون ۽ مَرون. پاڻ جڏهن بيان فرمايائون تہ انهن سيني جي دل جي دنيا بدلائي ڇڏيائون. ڏوپي پنجي دليون ڏوتائون.

تبليغ اخلاص سان ڪيائون

پنهنجي تبليغي مساعي ۾ ڪڏهن پنهنجي نام ۽ ناموس، عزت ۽ شُهرت جي طلب نہ رکيائون. خدمتِ دين خاطر جا لساني لياقت يا قلمي قوت استعمال ڪيائون، ان جو اجورو يا عيوض الله عزوجل بنا ڪنهن کان طلب نہ ڪيائون. سندن قول ۽ ڪردار ۾ خلوصِ دل سمايل هيو. ان جي ئي برڪت سان خلقت ڪائنڪ مستفيض ٿي. مالڪ ڪريم سندن مان متاهون ڪري ڇڏيو.

سا ستَ ساريائون، اَلف جنهن جي اَڳ ۾:
"لاَ مَقصُودَ فِي الدَّارَينِ" اِن پَر اَتائون:
سَگَّرُ سونائُون، ٿيا رَسِيلا رحمانَ سين.

دور دراز سفر ڪيائون

پاڻ تبليغ دين سانگي سنڌ ۾ بلوچستان جي تمام گھٽن شھرن ۾ ھراڙين ۾ ويا. سنڌ جو مشڪل سان ڪو اھڙو ضلعو ۾ تعلقو ھوندو جتي پاڻ تبليغ لاءِ نہ ويا ھجن. اڻ، گھوڙن، سائيڪلن، موٽر سائيڪلن کان علاوہ گھٽا سفر پيادل پنڌ ڪيائون. جتي ب ويا اتي دين جا رنگ لڳائيندا ويا. بلوچستان جي دور دراز علائقن ۾ سنڌ جي سمورن ضلعن، ڪراچي کان ڪشمور تائين جا سفر ڪيائون. انھن وقتن ۾ سوارين جون ايتريون سھولتون ب نہ ھيون. جن شھرن ۾ پاڻ سفر ڪيائون انھن مان ڪجھ ھي آھن: ڪنڊ ڪوٽ، خانگي، شھداد ڪوٽ، رتو ديرو، مسو ديرو، بنگل ديرو، ڏامراھا، ڪچو، ڪاڇو، خيرپور ناٿن شاھ، ميھڙ، نصير آباد، واره، سن، مانجھند، حيدر آباد، ھٽڙي، لٽو ننگر، جُنگ شاھي، غلام الله، ميرپور بٹورو، کوروام ٽنڊو الميار، وغيره. دادو ۾ لاڙڪاڻي جي ٽ تمام گھٽن ڳوٺن شھرن ۾ وڃي دين جو پيغام پھچايائون. زندگي جو گھڻو حصو سفرن ۾ گذاريائون. خالص الله جي رضا لاءِ دين جي راھ ۾ محنتون ۽ رياضتون ڪيائون.

سفرن ۾ ساٿن عجيب واقعا، معاملا ۽ مقابلا ٿيندا رھيا. انھن کي منھن ڏيئي اسلام جي خدمت کندا رھيا. انھن سفرن ۾ جيڪي حقيقتون اسرار ۽ رموزات ڏٺائون سي جي لکجن ٽ وڏي دفتر جي درکار آھي. آخر عمر ۾ جڏھن جسماني طرح ناچاڪ رھڻ لڳا ٽ پوءِ گھڻو وقت خانقاھ تي ويھي ماڻھن کي رشد و ھدايت عنايت کندا ھئا. پوءِ الله جي دين خاطر سفر ترڪ نہ ڪيائون.

سنڌن تبليغي ۽ مجلسي زندگي جا ڪجھ اصول ھيا پاڻ ڪڏھن ب انھن اصولن تي سوديبازي ڪو نہ ڪيائون. انھن مان ڪجھ پيش آھن:

اصولن تي ڪاربند رھيا

سنڌن طبيعت ۾ بي پناھ بيباڪي ھئي. حق چوڻ ۾ امير ھجي يا غريب ڪنھن سان کا رعايت ڪو نہ کندا ھئا. ڪو ڪٽي ڪيترو ب ويجھو ھجي يا ننگر جو خدمتگار ھجي يا پٽ ھجي يا پاڻ ھجي، ڪنھن ۾ ب کا شريعت جي خلاف ڳالھ ڏسندا ھئا ٽ،

هڪدم بنا ڪنهن رڪ رکان جي حق چئي ڏيندا هئا. ڪڏهن ب ڪنهن مصلحت جو شڪار نه ٿيندا هئا. بلڪ پوري عمر پنهنجي اصولن تي ڪاربند رهيا. هڪ پيري ٽنڊو محمد خان جي قريب هارچاٽي ڳوٺ جا ماڻهو کين جلسي جي دعوت عرض ڪرڻ آيا. پاڻ فرمايائون : " آءٌ ب پيرا اڳ اوهان جي ڳوٺ ۾ آيو آهيان پر اوهان دين جون ڳالهيون ٻڌي عمل ڪو نه ڪيو آهي. اوهان پيغامِ خدا ۽ ارشادِ رسول ﷺ ٻڌي پوءِ ب نماز نه ٿا پڙهو، شاديون شريعت جي خلاف ڪيو ٿا ۽ دينداري جو اوهان ۾ نشان نه ٿو ليڀي. اوهان کي رسول الله ﷺ جي دين جي دعوت نه ٿي وڻي ته اسان کي وري توهان جي ماني ٽڪر جي دعوت نه ٿي پسند اچي. برابر توهان وٽ هلبو ته توهان اسانجي لاءِ ڪڪڙن چيلن جي دعوت ڪندؤ. اسان کي هنڌ بسترا ب سُڻا وڇائي ڏينڈئو. هٽ ب ڏوئارينڈئو. سائين سائين ب ڪندئو وعظ ب ٻڌندئو. دعائون ب ونندئو. اسان جون هر طرح خدمتون ب ڪندئو. نڊرانا ب ڏينڈئو پر اسان کي اوهان جي اها ڪا ڳالهه قبول نه آهي جيستائين الله جي دين تي عمل نه ڪندئو. اوهان اسان ڏانهن نه سواري موڪليو نه نڊرانو ڏيو پر دين جي ڳالهين تي عمل ڪيو ته اسان گڏهه تي چڙهي يا پيادل پنڌ ب هلي اچي اوهان کي پيغام محمدي پهچائينداسين ".

پوءِ فرمايائون: "ڪو ماڻهو اسان کي لک روپيا نڊرانو ڏئي اسان کي بلڪل خوشي ڪونه ٿيندي پر ڪونبي ڪريم ﷺ جي هڪ سنت تي عمل ڪري ته اسان جووار وار ٿري پوندو".

محبت جو پيغام ڏنائون

الله ڪريم سندن آواز ۾ بي پناهه ڪشش، عجيب سوز و گداز رکيو هيو. جڏهن بيان ڪندا هئا ته ماڻهو گهرن مان نڪري ايندا هئا. سُتل سجا ڳ تي پوندا هئا. واٽ ويندل بيهي رهندا هئا. سندن گفتار ۾ انس ۽ الفت سمايل هوندي هئي. ڪڏهن ڪنهن تي تنقيد جا تير نه وسائيندا هئا. نه ڪنهن جي دل آزاري ڪندا هئا. ان جي باوجود پنهنجو مسلڪ وچ وچائي پوري قوتِ استدلال سان پيش ڪندا هئا. سندن محفل ۾ هر مڪتبءِ فڪر جو ماڻهو اچي ويهندو هيو ۽ هر ماڻهو سندن محفل مان لاڀ پرائي موٽندو هيو. پاڻ وعظ ۾ اڪثر امر و نهي بيان فرمائيندا هئا. تلقين تمام جوش خروش سان ڪندا هئا. وعظ ۾ ڪنهن شخص يا مذهب يا طريقي تي حملو نه ڪندا هئا.

هر طريقي واري سان بلڪل خوش پيشاني ۽ خوش اخلاقي سان پيش ايندا هئا. سندن دلربانه ادائن سبب ڪيترا بدمذهب مسلڪِ حق اهلسنت جا پيروڪار بنجي پيا.

لوڀ ۽ لالچ نہ رکيائون

پنهنجي تبليغي سرگرمين ۾ ڪڏهن ب ڪنهن کان گهر سوال، چندو ڪو نہ ڪيائون. نہ مريدن کان ڏَنُ ورتائون. اڇڪلھ رواج پئجي ويو آهي تہ ماڻهو هلندڙ تقرير ۾ مقرر مٿان پيسا گهوري ٽيبل تي رکندا آهن، پاڻ ان رواج جي سخت خلاف هئا. پوري عمر ڪنهن کان پگهار ڪو نہ ورتائون. ماڻهن جي ڪيسن بجاءِ ماڻهن جي دلين تي نگاهہ رکيائون. پاڻ ڪڏهن پنهنجي وعظ ۾ فرمائيندا هئا تہ: "آءُ اوهان وٽ الله جو قاصد بنجي آيو آهيان. توهان وٽ چندي لاءِ يا نذر نياز اڇاڻڻ لاءِ نہ آيو آهيان. نہ مون کي ڪا مسجد ٺهرائڻي آهي نہ ڪوهہ ڪوٺائڻو آهي. توهان کان ونڊ نہ آيو آهيان پر توهان کي اها شيءِ ڏيڻ آيو آهيان جو جيڪڏهن اها شيءِ توهان عقيدي سان خريد ڪئي تہ توهان خود شاهوڪار بنجي ويندو. وري ڪنهن جا محتاج نہ بنجي سگهندو". فرمايائون: جڏهن ناصح جي دل ۾ لالچ اچي ويندي آهي تہ ان جي نصيحت مان اثر نڪري ويندو آهي. ان جي تقرير ماڻهن جي دلين ۾ اندر ڪو نہ لهي سگهندي آهي.

هاڻي قدوة الاولياء حضرت پير محبوب الاهي رحمة الله عليه جا مبارڪ ارشادات پيش ڪجن ٿا، جيڪي مختلف مواقع تي مختلف موضوعن تي پاڻ ارشاد فرمايا هئائون. جن ۾ شريعت، طريقت، حقيقت ۽ معرفت جا راز ۽ اسرار بيان فرمايا اٿن. ڪي ارشادات تہ هڪ ئي مجلس ۾ بيان ڪيل آهن، جيڪي هن فقير روبرو ويهي لکيا هئا. ان جي عنوان هيٺان اها تاريخ ب لکي اٿم. ڪي مختلف وقتن ۾ سندن بيان ڪيل ارشادات آهن جن کي يڪجا ڪري مٿان عنوان ڏنو اٿم.

اڄ فجر جي اذان بعد فقير محمد حسين ملاح لائوڊ ۾ ڪافي پڙهي رهيو هو:

پنهل ڪي ڏيندس مان ڏوراپو ڏکن جو،
قدر ڪونہ ڪيو تو نماڻيءَ نڏر جو.

حضرت جن ان وقت سنتِ فجر ادا فرمائي رهيا هئا ۽ زاروقطار روئي رهيا هئا. سُڏڪن جو سلسلو جاري هيو. سندن نماز عشقِ الاهي جي رنگ ۾ رڱيل هئي. سبحان الله ڇا تہ ڪين درد جي چوٽ لڳل آهي! نماز بعد مسجد ۾ فقير محمد حسين کي دوباره ساڳي ڪافي پڙهڻ جو حڪم فرمايائون. پوءِ فرمايائون تہ الله جي ذاڪرن جو اندر رڌيو پيو هوندو آهي. وري جي ڪا عشق جي ڪافي ٻڌندا آهن تہ جڏ ڦٽن تي لوڻ ٻُرڪجي پوندو آهي. صوفين ۽ الله جي عارفن جي ڪلام ۾ ڪافين ۾ درد سمايل هوندو آهي.

ڪلامِ ڪاملان جان دارد ڪاملن جي ڪلام ۾ ساهہ هوندو آهي.

باقي ٻيا شاعر ائين قافيا ۽ ردیف ملائي مصرعا جوڙن ٿا انهن ۾ نہ حظ هوندو آهي ۽ نہ چس هوندي آهي. خود نبي ڪريم ﷺ ٻہ حضرت حسان رضی الله عنه ۽ ٻين اصحابن کان شعر پڙهائيندا هئا. هڪ ڀيري هڪ اصحابي سندن سامهون شعر پڙهيا. محبوب سڻا رضی الله عنه زاروزار رنا. سڀ صحابي ٻہ رنا. پوءِ پاڻ پنهنجي چادر مبارڪ جا ٽڪرا ڪري سڀ صحابن کي ورهائي ڏنائون. اتان صوفياءِ ڪرام "خرقہءِ خلافت" ثابت ڪيو آهي.

محبت ۽ جذبي جي هڪ گهڙي ٻہ تمام قيمتي آهي. حديث شريف ۾ آيو آهي:

جَذْبَةٌ مِنْ جَذَبَاتِ الْحَقِّ تُوَازِي عَمَلَ الثَّقَلَيْنِ. ①

---

① تفسير الرازي، مفاتيح الغيب أو التفسير الكبير (4/134) تفسير النيسابوري، غرائب القرآن ورغائب الفرقان (20/2) روح البيان (4/486) قال ابو فلاح هذا من كلام ابو عبد الرحمان السلمي انظر شذرات الذهب في أخبار من ذهب (4/357)

حق واري جذبي جي هڪ دانهن ٻنهين جهانن جي عملن کان ٻلي آهي.

حضرت شاهه عبد اللطيف ڀٽائي رحمة الله عليه لنواري وارن بزرگن سلطان الاولياء رحمة الله عليه وٽ ويو. بزرگن فرمايس ته تنهنجي منزل متي کنداسين پر اهي روج راڙا سرود سڀ بند ٽي ويندا. فرمايائين ته سائين اهڙي منزل ئي نه ڪپي جو هي فراق وڇوڙو ، درد جون دانهون بند ٽي وڃن. شاهه سائين درد ۾ فراق کي وصال تي ترجيح ڏيندي فرمايو آهي ته:

ڏورياں، ڏورياں، مَ لَهان! شالَ مَ مِلان هوتَ!
مَنَ اَندَرِ جا لوچَ، مَچُٹِ مِلَنَ سان مائِي ٽِئي.

نٽي جا عالم سوال ڪرڻ آيس ته سائين هي توهين يڪتارو وڃايو تا اهو شريعت ۾ جائز نه آهي. بزرگ وٽ آيا اجا سوال ئي نه ڪيائون ته بزرگ انهن کان پڇيو ته مولوي صاحب هڪڙو وڏو وڻ آهي جنهن جي ڇانوَ ۾ هزارين ماڻهو آرام ڪن تا. پگهر سڪائن تا. پر صاف پاڻي نه ٿو ملي. خراب گندو پاڻي آهي اهو نه ٿو ڏجي ته وڻ سڪي ويندو پوءِ اهو خراب پاڻي ڏجي يا نه؟ چيائون ها سائين پلي ڏجي. بس ائين چوڻ سان ساز سرود اندر ڪوٽي ۾ رکيل هٿا سي پاڻهي وڄڻ لڳا. سرودن بابت ڪن بزرگن چيو آهي ته:

زندہ دلاں راشنیدن رواست ھر چہ چنیں نیست شنیدن خطاست

زنده دلين کي ٻڌڻ جائز آهي. پر جيڪو ان حال جو نه آهي تنهنجي لاءِ ناجائز آهي.

فرمايائون: اسان تي عشق ۾ مستي وارو حال گهٽو غالب ٿي ويندو آهي. پوءِ ٻيون ڳالهيون ڪري ان خيال کي متائيندا آهيون. جيڪڏهن ان طرف خيال جاري رکون ته هي تبليغ وارو ڪم بند ٿي ويندو. عشق جي شورش ۾ مستي ٻي خود ڪري ڇڏي ٿي. محبت جو حال ڏاڍو لذيذ آهي.

درد دل کے واسطے پیدا کیا انسان کو ، ورنہ طاعت کے لئے کچھ کم نہ تھے کروبیاں
درد حاصل کن کہ در ماں درد تست ، داروئے جاں درد و عالم درد تست
گر بود ایں درد دامنگیر تو ، بس بود ایں درد دائم پیر تو

فقيرو! ڪوشش ڪيو هي درد حاصل ڪيو ۾ هي شيءِ ملندي ۽ سمي. ائين ناهي ته هي شيءِ نه ملندي.

حضرت مرشد كريم جن فرمائيندا هئا ته دنيا جو سوال كندؤ ته اهو الله جي مرضي تي آهي. وٽيس ته ڏئي وٽيس ته نه ڏئي. پر الله جي محبت جا طالب ٿيندؤ ته اها شيءِ رب ضرور عطا كندو چو ته هن شيءِ جا گهورا تمام ٿورا هوندا آهن. الله سان دل لايو. دنيا جا سڀ سامان مال ملكيتون متاع سڀ فاني آهن. پٽن زالن كي آزمائي ڏسو هكڙي فرمائش پوري نه كيو ته پوءِ ڏسو توهان جي ساري عمر جو پورهيو برباد كري ڇڏيندا. دل الله جو محل آهي ان كي صاف كيو.

قلب المومن بيت الله مؤمن جي دل الله جو گهر آهي.

الله جي محبت دل ۾ كنهن غير جي شراكت هرگز منظور نه كندي آهي. هر چيز كان دل صاف كبي تڏهن رب جي محبت ملندي.

تا بجا روب لا نه روئی راه، نه رسی در سرائے الاالله

جيستائين لا جي ٻهاري سان باطن جي راهه صاف نه كندين تيستائين الاالله واري حويلي ۾ كونه پهچي سگهندين.

كافرن بيت الله ۾ 360 بت ركيا هئا. مشرك ٿيا وينا هئا . تو وري دل ۾ هزارين غير جا بت ركيا آهن ته تون به مشرك في الطريق بنيو وينو آهين.

تيغ لا در قتل غير حق بماند، در نگر آخر چه بعد لا چه ماند
ماند الا الله باقی جمله رفت، مرحبا اے عشق شركت سوز رفت

لا سان دل جي حويلي كي صاف كيو. لا اله الا الله جو ورد كمايو. هن وكر جا وٽجارا ٿيو. خريدار كي سودو ملندو آهي، جيكو رڳو بازار گهمي واپس ويندو ان كي هي وكر نه ملندو. مراقبي وقت اگر دل ۾ دنيا جا خيال پيدا ٿين ته پوءِ گهڙي كن لا اله الا الله پڙهي دل كي صاف كري پوءِ ذكر الله الله كيو.

بين مجلس

تلاوتِ قرآن جي فضيلت

فرمايائون : فقيرو ! روزانو قرآن جي تلاوت كندا كيو. اگر روز نہ ٿا كري سگھو تہ گھٽ ۾ گھٽ جمعہ جي ڏينھن ضرور تلاوت كيو. سال ۾ ھك ٽيھو ضرور پورو كيو. رمضان المبارک ۾ تہ گھٹي تلاوت كيو. حديث پاڪ مان ثابت آھي تہ قرآن جي تلاوت سان ھك اكر جي بدلي ڏھن نيكين جو ثواب آھي. اگر كو ماڻھو "الـــم" پڑھي ٿو ان كي تہ ٽيھ نيكين جو ثواب ملي ٿو. الف جون ڏھ نيكيون آھن، لام جون ڏھ نيكيون آھن ميم جون ڏھ نيكيون آھن.[1]

فرمايائون: قرآن الله جو كلام آھي سڀ كلامن كان افضل، اشرف ۽ اعليٰ كلام آھي. ان كي پڑھڻ بہ ثواب، ان جي زيارت كرڻ بہ ثواب آھي. قرآن جي زيارت كرڻ سان اكين جو نور وڌي ٿو. اھو الله پاڪ جي رسي آھي. جيئن حديث ۾ آيو آھي سمٹي نبي كريم ﷺ فرمايو تہ :

إِنَّ هَذَا الْقُرْآنَ مَأْدُبَةُ اللَّهِ. فَتَعَلَّمُوا مَأْدُبَةَ اللَّهِ مَا اسْتَطَعْتُمْ. إِنَّ هَذَا الْقُرْآنَ حَبْلُ اللَّهِ الَّذِي أَمَرَ اللَّهُ بِهِ. وَهُوَ النُّورُ الْمُبِينُ. وَالشِّفَاءُ النَّافِعُ. وَعِصْمَةٌ لِمَنْ يَتَمَسَّكُ بِهِ. وَنَجَاةٌ لِمَنْ تَبِعَهُ[2]

هي قرآن الله جو دستر خوان آھي، پوءِ جيترو ٿي سگھي الله جي دسترخوان تان حاصل كيو. هي قرآن الله جي رسي آھي جنھن سان چنبڙي پوڻ جو الله امر كيو آھي ۽ اھو چتو نور آھي ۽ شفا آھي نفعو ڏيندڙ ۽ جيكو ان سان چنبڙي پوي ان كي پناھ ڏيندڙ آھي ۽ جيكو ان جي تابعداري كري ان كي چوٽكارو عطا كندڙ آھي.

---

[1] إِنَّ اللَّهَ يَأْجُرُكُمْ عَلَى تِلَاوَتِهِ بِكُلِّ حَرْفٍ مِنْهُ عَشْرَ حَسَنَاتٍ. أَمَا إِنِّي لَا أَقُولُ أَلِفٌ وَلَامٌ. وَلَكِنْ أَلِفٌ عَشْرًا. وَلَامٌ عَشْرًا

مسند ابن أبي شيبة (1 / 251)

[2] الترغيب في فضائل الأعمال وثواب ذلك لابن شاهين (ص: 69)

قرآن جو ادب :

فرمايائون: ادب آهي ته سڀ کجهہ آهي، ادب ناهي ته کجهہ بہ ناهي. فرمايائون هڪ بزرگ کان پڇيو ويو ته قرآن جو ڪيتري قدر ادب آهي؟ فرمايائين جيڪڏهن سؤ ائن جو قافلو هجي پوئين اٹ تي سامان جي مٹان قرآن شريف رکيل هجي ته پهرئين اٹ جي مهار کي بغير وضو جي نہ وٺندس.

فرمايائون: عرب ۾ ڏٺوسين ته قرآن کي کابہ چولي نظر نہ آئي ۽ پڙهندي پڙهندي جڏهن ننڊ ٿي آين ته قرآن کي سيراندي ڪري ٿي سُتا. بيت الله جي سامهون ويهن پيا ته ٽنگون بيت الله ڏي ڏ ڳهيون ڪري پيا سمهن ادب جو لحاظ نہ هين.

ڏسي قرآن پڙهڻ:

فرمايائون قرآن ياد پڙهڻ ۾ هڪڙو تلاوت جو ثواب آهي. پر ڏسي پڙهڻ ۾ بہ ثواب آهن. هڪ تلاوت جو ٻيو زيارت جو.

سورت يٰس جي تلاوت جو اجر :

هي فقير (ڪرم الله) جڏهن وٽن مشڪواة المصابيح پڙهي رهيو هيو. جڏهن ڪتاب فضائل القرآن فضل ثاني جي هن حديث تي پهتاسين، جنهن کي حضرت انس رضي الله عنه روايت ڪيو آهي ته پاڻ فرمايائون اها حديث پاڻ وٽ لکي ڇڏ ماڻهن کي پڙهي ٻڌاءِ ته من مسلمان فائدو وٺن. حديث پاڪ هي آهي:

إِنَّ لِكُلِّ شَيْءٍ قَلْبًا وَقَلْبُ الْقُرْآنِ (يس) وَمَنْ قَرَأَ (يس) كَتَبَ اللَّهُ لَهُ بِقِرَاءَتِهَا قِرَاءَةَ الْقُرْآنِ عَشْرَ مَرَّاتٍ [1]

رسول الله ﷺ فرمايو ته هر شيءِ کي دل هوندي آهي قرآن جي دل سورة يٰس آهي. جنهن هڪ دفعو سورت يٰس پڙهي ته ان جي عيوض الله تعاليٰ ان لاءِ ڏهہ ڀيرا قرآن پڙهڻ جو ثواب ان جي دفتر ۾ لکي ٿو.

---

[1] مشكاة المصابيح وقال رَوَاهُ التِّرْمِذِيُّ وَالدَّارِمِيُّ وَقَالَ التِّرْمِذِيُّ هَذَا حَدِيثٌ غَرِيب (661/1) معجم ابن الأعرابي (1026/3) شعب الإيمان (95/4)

بعض سورتن جي تلاوت جو اجر :

فرمايائون سمٿي حبيب ڪريم ﷺ فرمايو آهي ته:

اذا زلزلت الارض سورت پڙهڻ سان اڌ قرآن جي تلاوت جو ثواب ملي ٿو.

قل هوالله احد پڙهڻ سان ٽئين حصي قرآن پڙهڻ جو ثواب ملي ٿو.

قل يا ايهاالكافرون پڙهڻ سان چوٿين حصي قرآن پڙهڻ جو ثواب ملي.

حضرت ابو هريره رضي الله عنه كان مروي حديث ۾ آهي ته : هڪ شخص قل هو الله پڙهي پاڻ فرمايائون وجبت يعني واجب ٿي اصحابن عرض ڪيو ته وما وجبت چا واجب ٿي؟ فرمايائون وجبت الجنة ان پڙهڻ واري لاءِ جنت واجب ٿي وئي. [1]

* حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه روزانو مخصوص سورتن جي تلاوت كندا هئا. جمع جي ڏينهن گهٽي تلاوت كرڻ سندن معمولات ۾ شامل هيو.
* هر جمعي جي رات بعد نماز عشاء پاڻ سورت يس جي تلاوت كندا هئا.
* مريدن كي فرمائيندا هئا ته نمازن ۾ پڙهڻ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ ٽيهون سيپارو ياد كيو.

---

[1] عَنْ أَبِي هُرَيْرَةَ: أَنَّ النَّبِيَّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ سَمِعَ رَجُلًا يَقْرَأُ قُلْ هُوَ اللهُ أَحَدٌ. فَقَالَ: "وَجَبَتْ" قَالُوا: يَا رَسُولَ اللهِ. مَا وَجَبَتْ؟ قَالَ: "وَجَبَتْ لَهُ الْجَنَّةُ" مسند أحمد (13/386) إسناده صحيح. رجاله ثقات رجال الشيخين غير عبد الله بن عبد الرحمن ويقال في اسمه أيضاً: عُبيد الله، وهو ابن أبي ذباب فقد روى له أبو داود والترمذي والنسائي. وهو ثقة. أبو عامر: هو عبد الملك بن عمرو العقدي، وابن حنين: هو عبيد. وهو في "الموطأ" 208/1، ومن طريق مالك أخرجه الترمذي (2897)، والنسائي في "المجتبى" 171/2، وفي "الكبرى" والحاكم 566/1. قال الترمذي: هذا حديث حسن. لا نعرفه إلا من حديث مالك بن أنس. وصححه الحاكم ووافقه الذهبي.

رات رمضان المبارڪ جي ستاويهين اچڻ واري آهي انڪري جماعت ڪافي آيل آهي. هڪ پراٽو فقير ذات جو زئونر گهٽي عرصي بعد اڄ آيو آهي، سندس ڏاڙهي ڪتيل آهي. پاڻ نماز بعد سيني سان پليڪار ڪيائون پوءِ ان زئونر کي مخاطب ٿي فرمايائون ته تون اسان جو پراٽو فقير آهين، ٻڌاءِ ڏاڙهي ڇو ڪٽائي آيو آهين؟ تو ڏاڙهي ڪٽائي آ، ڪَنُ ڇو نه ڪپائيءِ! چپ ڇو نه ڪپائيءِ! هٺ ڇو نه ڪپائيءِ! اچي اچي منهنجي محبوب ڪريم ﷺ جي سنت ڪپائيءِ! افسوس صد افسوس. تنهنجي ڏاڙهي ڪٽائڻ تي مون کي شديد صدمو رسيو آهي.

هڪ وزير ڏاڙهي پيو ڪوڙائي ته هڪ عالم ڏٺس. چيائين:

ريش مي تراشي؟ گفت ريش خود مي تراشم دول کسے را نمي آزارم گفت ريش خودمي تراشي دول حضرت محمد رسول الله مي آزاري

ڏاڙهي ٿو ڪوڙائين؟ چيائين پنهنجي ڏاڙهي ٿو ڪوڙايان دل ته ڪنهن جي ڪو نه ٿو ڏکايان. عالم چيو ڏاڙهي پنهنجي ٿو ڪوڙائين پر دل حضرت محمد رسول الله ﷺ جي ٿو ڏکائين. حجام کي چيائين اُسترو هلائڻ بند ڪر. هي عالم سچ ٿو چوي. ان کان پوءِ وري ڪڏهن ڏاڙهي نه ڪوڙايائين.

هڪ صوبيدار سائين جن جو مريد هيو. ڏاڙهي رکيائين پوءِ چمندو هوس ته هن ڏاڙهي مون کي گهٽن گناهن کان بچايو آهي. جڏهن گناهه جو ارادو ڪندو آهيان، وري ڏاڙهي تي جو نظر پوندي آهي ته گناهه کان رکجي ويندو آهيان.

ولايت ۽ بزرگي، غوث ٿيڻ، قطب، قلندر ٿيڻ سڀ محبوبن ڪريمن ﷺ جي سنتن ۾ آهي. پيو ولايت کي ڪو پَرَ ڪونه پوندا آهن. اڏامندو ڪونه آهي. بس جيترو سنتن سان محبت ۽ اتباع نبوي ڪندو اوترو ان جو شان وڌندو.

حضرت امام رباني رحمة الله عليه فرمايو ته عشاء جو پويون نفل محبوب كريم ﷺ ويهي پڙهندا هئا اهو اڃ ثواب اسان كي سجي كان پلو آهي جنهن مٿ سنت جو طريقو آهي.

حضرت پير سائين روضي ڏٹي رحمة الله عليه هڪ ڏينهن پنهنجي هڪ مريد جي هٿ مٿ هٿ ملائي اڃ كوه كن پنڌ هليا. فرمايائون ته نبي كريم ﷺ جن اصحابن سگورن سان هٿ مٿ هٿ ڏئي پنڌ هلندا هئا اسان به اها سنت ادا تا كيون. [1]

هڪ پيري پير سائين روضي ڏٹي رحمة الله عليه پنهنجي ٻن مريدن كي هڪ ٻئي جي كنڌ تي كلهن مٿ ٻانهون ركي هلندي ڏٺو ته پاڻ گهوڙي تان لهي پيا هڪ مريد سان ائين هليا فرمايائون انهن كي ائين هلندي ڏسي اسان كي سنت ياد اچي وئي اها ادا كرڻ لاءِ ائين كيوسين. [2] ڏسو بزرگن كي سنت جي ادائگي جو كيترو خيال هيو.

فرمايائون: هڪ پيري حضرت پير روضي ڏٹي رحمة الله عليه جو هڪ مريد نماز تي دير كري آيو جماعت سان نه پهتو ان تي پاڻ ايترو كاوڙيا جو فرمايائونس اسان وڃي تنهنجو گهر ٽا ساڙيون نه ته توبه كر ته وري جماعت سان نماز پڙهڻ مٿ سستي نه كندين. [3]

حضرت پير سائين روضي ڏٹي رحمة الله عليه هڪ پيري سنت جي متابعت خاطر كڃيءَ جي پيالي مٿ پيشاب فرمايو هيو. [4]

هڪ پيري حضرت پير سائين روضي ڏٹي رحمة الله عليه تبليغي سفر مٿ هئا، ان سفر مٿ تمام گهٽا ماڻهو سندن طريقي مٿ داخل ٿيا. مخلوق ايتريقدر متوجه ٿي جو پنج وقتن جي نماز كان سواءِ ٻين نفلن وغيره جي به كين فرصت نه پئي ملي پوءِ جڏهن فارغ ٿيا ته خليفي عابد عرض كيو ته هينئر ماڻهن كي كنهن واقعي جو ڊپ آهي ان كري اوهان جا اڃي مريد ٿيا آهن بزرگن فرمايو: خليفا ائين نه آهي هي سنت جي ادائگي جي بركت آهي جو اسان پهريائين سنتون به فرض نماز سان گڏ مسجد شريف مٿ پڙهندا هئاسين،

---

[1] ملفوظات شريف باب پيون فصل پهريون ص 77 سال طباعت 1421 هـ

[2] ملفوظات شريف باب پيون فصل پهريون ص 78 سال طباعت 1421 هـ

[3] ملفوظات شريف باب پيون فصل پهريون ص 78 سال طباعت 1421 هـ

[4] ملفوظات شريف باب پيون فصل پهريون ص 81 سال طباعت 1421 هـ

پوءِ حديث مٿ نظر آيو ته نبي كريم ﷺ سنتون حويلي شريف مٿ ادا كندا هئا اسان به اها سنت ادا ڪئي سين ، هي ان سنت جي ادائگي جو نتيجو آهي جو مخلوق مستفيد ٿي رهي آهي. ①

حديث شريف مٿ آيو آهي ته:

عَمَلٌ قَلِيلٌ فِي سُنَّةٍ، خَيْرٌ مِنْ عَمَلٍ كَثِيرٍ فِي بِدْعَةٍ، وَمَنِ اسْتَنَّ بِي فَهُوَ مِنِّي، وَمَنْ رَغِبَ عَنْ سُنَّتِي فَلَيْسَ مِنِّي. ②

سنت مطابق ٿورو عمل ڪرڻ بہ بدعت جي گھٽي عمل کان پلو آهي. جو منهنجي سنت تي هليو اهو مون مان آهي ۽ جنهن منهنجي سنت کان منهن موڙيو اهو مون مان ناهي.

دوستو ! اگر الله کي راضي ڪرڻ چاهيو ٿا ته منهنجي محبوب ڪريم ﷺ سان محبت ۽ سچو عشق رکو. عشق وارو ڪڏهن بہ سندن سنتن جي خلاف کو نہ هلندو.

نبي پاڪ ﷺ جون سنتون ادا ڪيو ته بس ان جمڙو کو پيو ثواب ناهي اڄ ليلة القدر جاڳڻ آيا آهيو، جاڳڻ اهو ناهي جو اڄ جاڳي سياڻي وري نماز نہ پڙهو. ڪم اهو ڪجي جيڪو هميشہ ڪجي پوءِ ڪٽي ٿورو ئي هجي. محبوب ڪريم ﷺ جي فرمانن تي هلو مٽ مائٽ رسي وڃن ته رسڻ ڏي شال عربي گھوٽ راضي هجي.

آءٌ توهان کي گھٽيون سمجھاٽيون ڏيان ٿو پر توهان وري ساڳن ڪمن مٿ لڳي ٿا وڃو جو جو توهان کي شوق ناهي. اسان سان محبت ناهي.

❁ الحمد لله هن مجلس جي گفتگو جو هي اثر ٿيو جو ان زٿونر جي ته خبر ناهي پر سجاول کان هڪ ماستر صاحب فياض احمد ڏاڙهي ڪوڙ آيل هو ان باشرع ڏاڙهي ان ڏينهن بعد رکائي ڏني آهي.

---

① ملفوظات شريف باب پيون فضل بحرين ص 91, 92 سال طباعت 1421 هـ

② جامع معمر بن راشد (291/11)

غفاري مسجد ماتلي شريف ۾ پاڻ هي گفتگو فرمايائون:

فقيرو پنهنجي زبان کي قابو ۾ رکڻ گهرجي. ماڻهن سان اجائي کچهري کرڻ، اجائي گفتگو کرڻ، عبث ڪلام کرڻ کان سخت پرهيز کرڻ گهرجي.

حضرت ابوبکر صديق رضي الله عنه هڪ دفعي زبان کي ٻاهر ڪيڏي هٿ سان مروڙي رهيو هيو. ته کنهن اصحابي پڇا ڪئي ته هي ڇا ڪري رهيا آهيو؟ فرمايائون: زبان کي چوان ٿو ته اهڙي گفتگو نه ڪري جنهن سان مون کي الله اڳيان حساب هيٺ نه آڻي.

حديث شريف ۾ آهي ته قيامت واري ڏينهن گهٽا ماڻهو پنهنجي زبان جي ڪرتوتن سبب اونڌي منهن جهنم ۾ سٽيا ويندا. [1]

کي بزرگ اجائي گفتگو کان بچڻ لاءِ پنهنجي وات ۾ پٿريون وجهي ڇڏيندا هئا. ضرورت جي ڳالهه ڪرڻي هوندي هين ته پٿريون ڪيڏي ڪلام ڪندا هئا.

ان طرح اکين کي به بري نظر کان بچائڻ گهرجي. بعض بزرگ پنهنجي اکين تي پٽي ٻڌي ڇڏيندا هئا ته انهن اکين سان غير تي نظر نه پوي.

هڪ بزرگ جي نظر اوچتو ڪنهن هندو تي پئجي وئي پوءِ ٽياسي (83) سال تائين اکين جو روزو رکيائين.

بايزيد بسطامي رحمة الله عليه کي سندس ٻانهي چيو ته سائين توهانجو هڪ انڊرو فقير ٻيو ڏينهن آهي اچي ٿو پر توهان نه ٿا ملوس. پاڻ فرمايائون: اهو شخص انڊو ناهي مگر اهو سدائين اکيون هيٺ رکندو آهي ته متان غير محرم تي نظر پوي.

---

[1] اخرجه الترمذي عن معاذ قال له رسول الله ﷺ وهل يكب الناس في النار على وجوههم أو على مناخرهم إلا حصائد ألسنتهم (12/5) سنن ابن ماجه (1314/2)

حضرت باقي بالله رحمة الله عليه کپڑي سان منهن متان جُهنبڙ هٽي هلندو هيو. جڏهن منهن تان پردو هٽائيندو هيو ته خلقن مٿ جذبا پئجي ويندا هئا. فرمايائون: جڏهن سالڪ پنهنجي وات ۾ اکين جي حفاظت ڪري ٿو ته الله ڪريم طرفان ان تي راز ظاهر ٿين ٿا.

فرمايائون: اسان جي ڳوٺ ۾ محمد رمضان نالي هڪ ماڻهو آيو. هڪ گوڏ ٻڌل هيس باقي بدن اگهاڙو هيس. چرين وانگر پريشان حال نظر ٿي آيو. پڇا ڪيم هن کي ڇا ٿيو آهي؟ ماڻهن جيو ته هي خير پور جي ميلي تي ويو اتي هڪ فاحشہ ڳائڻي عورت کي ڏٺائين ان تي عاشق ٿي پيو. پيسا ڏوکڙ سڀ ان کي ڏنائين ڪپڑا ب ان کي لاهي ڏنائين. جيستائين اها عورت اتي هئي تيستائين ڏسندو رهيو. هاڻي هو لائي ڪتان جي هئي هلي وئي. هي چريو لڳو ٿو وتي. پوءِ آخر ڪار ان چريائي جي حالت ۾ مري ويو. اهو سڀ بدنگاهي جو برو نتيجو آهي. تڏهن شريعت اکين جي حفاظت جو حڪم ڏنو آهي ۽ عورتن کي ب ان کي پردي جو حڪم ڏنو ويو آهي. پاڻ ڪريم ﷺ فرمايو آهي ته:

نَظَرُ الرَّجُلِ فِي مَحَاسِنِ الْمَرْأَةِ سَهْمٌ مِنْ سِهَامِ إِبْلِيسَ مَسْمُومٌ، فَمَنْ أَعْرَضَ عَنْ ذَلِكَ السَّهْمِ أَعْقَبَهُ اللَّهُ عِبَادَةً تَسُرُّهُ[1]

ماڻهو جي پرائي عورت جي خوبين ۾ نظر وجهڻ شيطان جي تيرن مان هڪ زهر آلوده تير آهي. جيڪو ان کان پاڻ بچائي الله ان کي اهڙي عبادت جي توفيق عطا ڪندو جنهن سان ان جي دل مسرور ٿي ويندي. فرمايائون: مارئي پردو ڪري ها ۽ ڪوهه تي وڃي پاڻي نه پيري ها ته چو عمر عاشق ٿئيس ها. سسئي پردو ڪري ها ته چو پنهل پرديسي ان تي عاشق ٿي پوي ها. ان طرح هير رانجهو، مومل راڻو سڀ عاشق ۽ معشوق بي پردگي جو نتيجو آهن.

فرمايائون: شريعت جي خلاف هلڻ سان سوين برايون پيدا ٿين ٿيون. چو ته پرائي عورت کوجهي ۽ ڪاري هوندي ته ب شيطان ان کي سهڻي زيب زينت ونائي ڏيکاريندو. پنهنجي عورت ڪهڙي ب سهڻي هوندي ته ب اها ايترو نه وٽندي جيترو پرائي عورت ڏسڻ ۾ نفس کي حظ ايندو.

---

[1] اخرجه الخرائطي في اعتلال القلوب عن علي بن ابيطالب ﷺ (1/137) المعجم الكبير للطبراني (10/173)

نقل فرمايائون: برصيصا نالي هڪ عابد جهنگل ۾ رهندو هيو. وڏو عابد ۽ متقي ماڻهو هيو. ماڻهن کي چنڊا ڏيڻا ڪندو هيو تہ ماڻهو خوش ٿي ويندا هئا. هڪ دفعي بادشاهہ جي ڏيءَ بيمار ٿي پئي. بادشاهہ سان فقير جي ڳالهہ ڪيائون. بادشاهہ پنهنجي ڏيءَ سميت اتي آيو. فقير کان چنڊا ڏيڻا ڪرايائين. فقير صاحب چيو تہ هن کي ڪجهہ وقت هتي رهايو خوش ٿي ويندي. بادشاهہ اتي رهائي واپس ويو. عابد ان کي هر روز ڏيڻا وجهندو هو. هڪ ڏينهن شيطان دل ۾ خيال وڌس تہ عورت کي ڏس تہ سهي اکيون الله ڏسڻ لاءِ ڏنيون آهن. ڏنائين ڏسڻ سان ان جي صورت دل ۾ نقش ٿي ويس. عبادت، مراقبي ۾ ہہ اها تصوير نظر اچيس پئي. پوءِ آخر ڪار ان سان زنا ڪري وڃائين. قدرتاً شهزادي کي حمل ٿي پيو. هاڻي شيطان پليت ماڻهو جي صورت ۾ اچي چيس تہ هاڻي تنهنجو جيئڻ مشڪل آهي. جو بادشاهہ توکي قتل ڪرائي ڇڏيندو. چيائين تہ پوءِ ڇا ڪيان؟ شيطان چيس تہ شهزادي کي ماري پوري ڇڏ. ڇڪجانءِ تہ بيمار هئي سا مري وئي ان کي دفن ڪري ڇڏيوسين. آخر عابد ائين ڪيو. هڪ زنا ڪيائين ٻيو ہہ قتل ڪيائين. بادشاهہ آيو پڇا ڪيائين. عابد چيو تہ اها مري وئي ان کي دفن ڪري ڇڏيوسين. بادشاهہ واپس ويو تہ شيطان پليت ماڻهو جي صورت ۾ اچي بادشاهہ کي چيائين تہ عابد تنهنجي ڏيءَ سان زنا ڪئي آهي سو ان کي حمل ہہ ٿي پيو ان ڪري ان کي ماري حجري ۾ دفن ڪري ڇڏيو اڃس اعتبار نہ هجئي تہ کوٽي ڏس. بادشاهہ اچي کوٽايو تہ واقعي لاش نظر آيو. پوءِ بادشاهہ عابد کي قتل ڪرڻ جو حڪم ڏنو ان وقت وري شيطان انساني شڪل ۾ آيس اگر مون کي سجدو ڪرين تہ جان ڇڏي پوندئي. پوءِ ان کي سجدو ڪيائين ۽ بادشاهہ قتل ڪرائي ڇڏيس. [1] ڏسو بي پرديگي ۽ پرائي عورت ڏي نگاهہ ڪرڻ ۾ ڪيڏو نقصان آهي.

---

[1] وذكر الزجاج أن اسمه برصيص. قالوا إنه استودع امرأة وقيل سيقت إليه ليشفيها بدعائه من الجنون فسول له الشيطان الوقوع عليها فحملت. فخشي الفضيحة. فسول له قتلها ودفنها. ففعل ثم شهره. فلما استخرجت المرأة وحمل العابد شر حمل وهو قد قال: إنها قد ماتت فقمت عليها ودفنتها. فلما وجدت مقتولة علموا كذبه فتعرض له الشيطان فقال له: اكفر واسجد لي وأنجيك. ففعل وتركه عند ذلك. وقال إِنِّي بَرِيءٌ مِّنكَ. وهذا كله حديث ضعيف. تفسير ابن عطية المحرر الوجيز في تفسير الكتاب العزيز (5/290)، تنبيه الغافلين بأحاديث سيد الأنبياء والمرسلين للسمرقندي (ص: 602)

پنجين مجلس

گهريلو زندگي جا مسائل ۽ مشاڪل

جڏهن هن فقير جي شادي ٿي پاڻ هي نصيحت فرمايائون: شادي سمٿي نبي ڪريم ﷺ جي سنت آهي. زال نفس کان ڏال آهي. گهر جي انتظام هلائڻ واري آهي. حضرت نبي پاڪ ﷺ فرمايو آهي ته : "مون کي دنيا مٿي شيون پسند ڪرايون ويون آهن. عطر، نڪاح واريون گهر واريون ۽ منهنجي اکين جي ٺڏاڻ نماز مٿي آهي". [1]

فرمايائون : زال زندگي جي رفيقهٔ حيات آهي. ان سان ساري عمر جو ساڻ آهي. انهن مٿ قدرت ڪشش رکائي آهي. پر انهن جي محبت مٿ ايترو گرفتار نه ٿجي جو خدا جي ڪمن مٿ ڪوتاهي اچي وڃي. فرمايائون: گهٽي مجامعت کان حذر ڪجي ڇو ته مادهٔ توليد مرد جو خزانو آهي. اهو رت مان ٺهندو آهي، رت کاڌ خوراڪ مان. ان کي مناسب انداز سان خرچ ڪجي. جوانيءَ مٿ ته خبر نه ٿي لڳي پر پوءِ پوڙهاپ مٿ ان جو قدر ٿئي ٿو. زال ۽ مڙس جو هڪ ٻن ڏينهن جو رشتو ناهي پر عمر جو ليکو آهي. نه مڙس کي زال مان ڏوڻ ٿيندو نه زال کي مڙس مان. [2] ان ڪري اهڙي ريت اختيار ڪجي جو پوءِ پريشاني نه ٿئي.

فرمايائون: مرد اگر پنهنجي گهر واريءَ جي شرعي حقوق پورا ڪري ۽ عورت مڃان جيڪي مرد جا حق آهن سي ادا ڪري ته جيڪر گهر مٿ جهيڙو جهڳڙو هرگز نه ٿئي.

فرمايائون: گهر وارن سان سٺو سلوڪ ڪرڻ گهرجي. اهي اسان جي نڪاحن جي قيد مٿ آهن. زال کي گهٽي مار ڪٽ ڪرڻ ٺيڪ نه آهي.

---

[1] اخرجه النسائي عن انس ﷺ بلفظ "حبب إلي من الدنيا النساء والطيب، وجعل قرة عيني في الصلاة" (61/7)، مصنف عبد الرزاق الصنعاني (4/ 321)

[2] عن عائشة، رضي الله عنها، قالت: قال رسول الله صلى الله عليه وسلم: أربع لا يشبعن من أربع: عين من نظر، وأرض من مطر، وأنثى من ذكر، وعالم من علم. المعجم الأوسط (8/ 159)

چهين مجلس

ذكر خفي ۽ ذكر جلي

فرمايائون ته نقشبندين جو اصل ذڪر خفي آهي. يعني دل جو ذڪر، جيڪو خاصانِ خدا جو طريقو آهي. بزرگن فرمايو آهي ته:

عام را نبود بجز ذکر زبان ، ذکر خاصاں باشد از دل بیگماں
ذکر خاص الخاص ذکرِ سر بود ، ہر کہ ذاکر نیست او خاسر بود

عام ماڻهن وٽ زباني ذڪر بنا پيو ڪجهه نه هوندو آهي. پر خاصانِ خدا جو ذڪر دل سان هوندو آهي. پر خاصانِ خاص ٻانهن جو ذڪر سِري ذڪر هوندو آهي پوءِ جيڪو ذاڪر ناهي سو نقصان ۾ آهي.

فرمايائون: حضرت خواجه باقي بالله جي مجلس ۾ هڪ شخص زور سان "الله" چيو ته پاڻ ان کي مجلس مان اڌاري ڇڏيائون. ته اي بي ادب تو اسان جي طريقي جي خلاف ڪيو آهي. يعني اصل ذڪر نقشبندين جو خفي آهي مگر متاخرين اوليائن غفلت کي وڃائڻ خاطر ذڪر جهر جي به اجازت ڏني آهي.

حضرت خواجه دوست محمد قندهاري به اها اجازت ڏني آهي اسان به مريدن کي چوندا آهيون ته ننڊ جي غفلت ٽئي ته پوءِ زبان سان به ذڪر ڪيو. مگر اصل ذڪر خفي کي نه ڇڏيو. پوءِ فرمايائون: ته جيئن ڪو شخص طوطي کي قرآن پڙهائي. پوءِ زبان سان اهو طوطو قرآن پيو پڙهي پر ان جي دل ۾ اها پنهنجي هولي سمايل هوندي آهي انڪري جڏهن تڪليف ايندس يا هلو ڪٽندس ته قرآن پڙهڻ جي بجاءِ "چين چين" ڪندو ڇوته دل ۾ جو اها هولي اٿس. بزرگن فرمايو آهي ته: الذاكر لله من يذكر بقلبه ومن لم يذكر بقلبه فليس بذاكر الله جو ذاڪر اهو آهي جيڪو دل سان ذڪر ڪري. جيڪو دل سان ذڪر نه ڪري ته اهو ذاڪر ناهي.

ستين مجلس

فقيرن جي خدمت ڪرڻ

جمعو 11 جمادي الاول 1408 بمطابق 88-1-2

اڄ يارهين جو ڏينهن آهي موسم تمام ٺڏي آهي. سارو آسمان ڪڪرن جي چادر ويڑهيو ٻينو آهي. جُهڙ جي جُهرمٽ وڃان ڪيڏي مهل سج لياڪا پائي ولي ٿو. هڪ سيارو پوهه مهينو مٺان جهڙ وري ٺڏي ٺڏي هوا. موسم نرالي آهي. اڄ جيئي سنڌ وارن هڙتال ڪرائي آهي ته جي ايم سيد کي آزاد ڪيو وڃي. انهن عذرن سبب جماعت کجهه گهٽ نظر اچي ٿي. حضرت مرشد ڪريم جي طبيعت بہ ڪجهه ناساز آهي. فجر جي نماز جي امامت لاءِ هن عاجز کي حڪم فرمايائون. نماز بعد حسبِ دستور مراقبو ٿيو. مراقبو بہ هن فقير ڪرايو. ان کان پوءِ پاڻ پنهنجي مٺڙي زبان سان خدمت جي باري ۾ گفتگو فرمايائون.

طريقت بجز خدمتِ خلق نيست، نہ تسبيح و سجاده و دلق نيست،

يعني فقيري خلق جي خدمت کانسواءِ ٻي ڪابہ شيءِ نہ آهي. گودڙيون پائڻ يا تسبيون ڪڙڪائڻ فقيري نہ آهي. فرمايائون: نفلن پڙهڻ کان تسبين وڃائڻ ۾ ورد وظيفن ڪيڻ کان فقيرن جي خدمت جو درجو وڌيڪ آهي. فقيرن جي جاءِ ٻهارڻ پنهنجي دل جي غير کي ٻهارڻ آهي. بزرگن فرمايو آهي تہ: کناکیءِ فقراءِ بہ از صدر نشینیِ اغنیاءِ

فقيرن جو ڪاکوس ٻهارڻ بادشاهن ۾ اميرن جي ڪرسي نشيني کان بهتر آهي.

فرمايائون: هڪڙا چور ڪنهن گرجا گهر ۾ رات جو ممان ٿي رهيا. گرجا جي پادرين کي چيائون تہ اسين حاجي آهيون. حج تي وڃي رهيا آهيون. پادري هنن جي تمام گهٽي خدمت ڪئي. هنن جا هٿ پير ڏٺاريائين. اهو پاڻي گهر ۾ ڪٽي آيو. سندس نياڻي سخت بيمار پيرن کان منڊي هئي. اهو پاڻي ان کي مليائين تہ بلڪل تندرست ٿي پئي. صبح جو اها ڳالهہ کين ٻڌايائين. اهي چور ڏاڍا شرمندا ٿيا ۽ سچي دل سان تائب ٿيا. الله انهن کي ولي الله بنائي ڇڏيو. پادري بہ ڪلمو پڙهي مسلمان ٿيو. اهو سڀ خدمت جو اثر آهي.

هر که خدمت کرد او مخدوم شد، هر که خود را دید او محروم شد،

جو خدمت ڪندو سو مخدوم ٿي ويندو. جيڪو صرف پنهنجي پاڻ کي ڏسندو (پنهنجي چنڊَ ڦوڪ ۾ هوندو سو) محروم رهجي ويندو.

حضرت شاهہ عبدالڪريم بلڙي وارو رحمت الله عليہ هر رات جو سڀني مسجدن جي صفائي ڪندو هيو. مسجدن جا دلا مٽ ڀريندو هيو. وضو جا ناد پاڻي سان ڀري ڇڏيندو هيو. ڪنهن مسجد ۾ ڪو مهمان مسافر رهيل هوندو هيو تہ ان کي هنڌ بسترو ماني پاڻي آڻي ڏيندو هيو. ڪڏهن پاڻ وٽ نہ هوندو هيس تہ نامعلوم ٿي شهر مان سوال ڪري اچي مهمانن کي کارائيندو هيو. ڏسو الله وارن ڪيئن خدمتون ڪيون. حديث آهي تہ:

من يكن في حاجة أخيه يكن الله في حاجته ①

جو ماڻهو ڪنهن ڀاءُ جي حاجت کي پورو ڪرڻ ۾ هوندو آهي تہ الله ان جي حاجتن کي پورو ڪري ڇڏيندو آهي. چيو ويو آهي تہ: افضل الاشغال خدمة الناس

سڀ ڪان ڀلي مشغولي ماڻهن جي خدمت ڪرڻ آهي.

اڄ ٽيهري نماز تي سخت سردي ۽ ٻين مذڪوره بالا عذرن جي باوجود ڪافي تعداد ۾ جماعت اچي وئي. عصر نماز بعد خليفي روشن علي صاحب تقرير ڪئي.

مغرب نماز جي جماعت جي امامت لاءِ پاڻ هن عاجز کي مصلي تي بيهاريائون. عشاءَ نماز بعد هن عاجز ذڪر جي دعوت ڏني ڪافي نوان ماڻهو طريقہ عاليہ ۾ داخل ٿيا پوءِ حضرت مرشدي ومحبوبي فداه قلبي وروحي و جسدي. ذڪر جي تلقين فرمائي. پوءِ پاڻ علالتِ طبع سبب واپس حويلي ڏانهن آيا ۽ جلسي جي ڪارروائي جو انتظام ناچيز جي سپرد فرمايائون. پوءِ غزلين غزل پڙهيا. پوءِ صاحبزادي خليل الله صاحب تقرير ڪئي.

بعد ازان برادرم حسن الله ۽ خليفہ منظور احمد کي دعوتِ خطاب ڏني وئي پر ٻئي صاحبان موجود نہ هئا پوءِ هن عاجز ڏيڍ ڪلاڪ تقرير ڪئي. حضرت جن گهر وينئي هئڙي. الله ڪريم ڪين شادان فرحان رکي.

---

① رواه ابن أبي الدنيا عن جابر وصححه الشيخ بارع في كنوز السنة النبوية (1/181)

اڄ صبح جي نماز بعد فقير محمد حسين کي ڪافي پڙهڻ جو فرمان ٿيو. هن عاجز جي شاعري مان هڪ ڪافيون پڙهيائين.

1. ويو يار جاني ويرا اڳي بنائي. ڪيان حال ڪنهن سان وينس دل اڙائي.

2. عشق آيو آزار سورن جي اڄ سيج وڇايم، نينهن ڪيو نروار پيئن پرهڻ جي ٻَرَ مِ وڇايم.

جڏهن فقير صاحب سوز پرئي آواز سان هي ڪافيون پڙهي رهيو هيو ته حضرت مرشد ڪريم قلبي و روحي فداه زارو زار روئي رهيا هئا. سندن نازڪ گلابي ڳلن تي ڳوڙهن جون قطارون ائين ٿي نظر آيون جئن چمڪندڙ آبدار موتين جو هار ڇڇي پيو هجي. سندن روشن رخسار چمڪي رهيا هئا. خبر ناهي انهن اکين ڪيترا ڳوڙها ڳاڙيا هوندا منهنجي عمر جو تقريباً هي 22 -23 سال هلي رهيو آهي. جڏهنڪر مون هوش سنڀاليو آهي تڏهنڪر انهن اکين کي لڙڪ وهائيندي ڏٺو اٿم. ڪڏهن هزارن انسانن جي مجمعي مِ ته ڪڏهن راتين جي خلوتن مِ هنن اکين اشکن جا وهڪرا وهائي ڇڏيا.

اي اکيون آءٌ اوهان جي تقدس تان قربان وڃان !

آءٌ توهان جي ڇُلڪندڙ ٽمندڙ ڳوڙهن تان قربان وڃان.

اي نماڻيون اکيون!! توهان جي ڳهورن هزار گهائي وڏا توهان ڇاچا ناهي ڏٺو.

حسنِ مطلق جا نظارا توهان جي مشاهدي مِ آيا هوندا.

مالڪ جي مُلڪن جون عجيب وغريب صنعتون توهان ڏٺيون هونديون.

غيبي راز ۽ اسرار اوهان پسيا هوندا.

ڪاش ! اي ڪرم الله تون اهو رومال هجين ها !

جنهن سان انهن نورپرين اکين جا اشڪ اگهيا وجن ها.

سوڇون مون کي ڪاڏي ڪٽي ويون مون پئي ڇيو ته فقير محمد حسين ڪافيون پڙهي رهيو هو ۽ مرشد ڪريم روئي رهيا هئا. مون ڪافي تعداد ۾ غزل ۽ ڪافيون ناهيون آهن پر حضرت جن کي اها ڪافي تمام پسند هوندي آهي. جڏهن به ڪو اها ڪافي پڙهندو آهي ته پاڻ آبديده ٿي پوندا آهن.

ويو يار جاني ويراڳي بنائي،
ڪيان حال ڪنهن سان وينس دل اڙائي.

ان کان پوءِ خليفہ محمد حسين نانگري تقرير ڪئي. سندس موضوع هيو محبت الاهي پاڻ وڌي غور فڪر سان خليفي صاحب جي تقرير ٻڌي رهيا هئا. ڪيڏي ڪيڏي مهل ٽڏا ٽڏا ساهہ پري رهيا هئا. پوءِ ڪرسي آندي وئي. پاڻ ان تي جلوه افروز ٿيا. گفتگو شروع ڪيائون. وري سندن اکڙين مان لڙڪن جو سيلاب وهڻ شروع ٿي ويو. گفتگو جو آغاز گريہ روج آه وبڪا سان ٿيو. هونئن به هميشہ سندن صبح جي تقرير حال واري هوندي آهي. اسان فقير پاڻ ۾ ڳالهيون ڪندا آهيون ته سائينجن جي تقرير رات جو "قال" ته صبح جو "حال" هوندي آهي. رات جو تقرير ته صبح جو تلقين هوندي آهي. صبح واري تقرير عموماً عشق الاهي جي موضوع تي فرمائيندا آهن ۽ ماڻهن جي ضميرن جا زنگ ڏوئي چڏيندا آهن. پر اڄ ته رات جو تقرير نہ ٿي هئي سو پاڻ نهايت دردمند ۽ پرسوز آواز ۾ تلقين فرمائڻ شروع ڪيائون. حاضرين مڙن به روج راڙي جي حالت طاري ٿي وئي. سندن آواز جي ترنم ۽ تغنم، درد ۽ سوز ستل دل ۾ ستل ضمير جا سوز وارا ساز ڇيڙي چڏيا. دل واري طنبور تي عشق جا آلاپ اچڻ لڳا.

الله الله جي منڙي تنوار ڪنن ۾ گونجڻ لڳي. پاڻ فرمائي رهيا هئا.

فقيرو توهين منهنجا روحاني ٻچا آهيو. پيءُ ماءُ چاهيندا آهن ته منهنجا ٻچا سڀ ڪاتيدار هجن خوشحال هجن ڪنهن جا محتاج نہ هجن. آءٌ اوهانجو روحاني پيءُ آهيان. آءٌ چاهيان ٿو ته توهان کي جنت جو ڪاتيدار ڏسان. آخرت جي نعمتن جو وارث پسان. اوهان دنيا آخرت اندر سکيا رهو. اي فقيرو منهنجو چيو مڃو. منهنجي رب سان دل لايو، منهنجي دوست کي راضي ڪيو، پوءِ ڏسو دنيا آخرت جون نعمتون رب توهانجي قدمن تي رکي ڏيندو.

چاکي وڃي ڇو؟ ٻيلي ٻين جو ٽئين؟
وٺ ڪنجڪ ڪريم جي جڳ جو والي جو،
سکيو هوندو سو، جنهن جو عشق الله سين.

فقيرو! ويل نہ وڃايو. وقت جو قدر ڪيو. پوءِ ارمان جا هٿ ملڻا پوندو. اڄ ڪوشش ڪيو رب توهان کي دنيا آخرت جي سورن کان بچائي ڇڏي. الله جو ذڪر ڪندا رهو. الله وارن جي صحبت ۾ اڇ وچ رکو تہ توهان جي دل جو اصلاح ٿئي. الغرض اهڙي طرح منڙيون منڙيون ڳالهون ٻڌائيندي ڏيڍ ڪلاڪ پورو ڪيائون. ان کان پوءِ دعاءِ خير گهري گهر ۾ آيا. وري ننگر ڪري ٻياره فقيرياڻين ۾ وعظ نصحيت فرمايائون حتيٰ ڪہ ظهر نماز جو وقت ٿي ويو. ظهر نماز جماعت کي پڙهائي پوءِ خليفن سان خاص گفتگو فرمايائون. وري ٻپهري نماز بعد ساڳي طرح من موهيندڙ گفتار سان اندر اجاريندا رهيا. سندن اها عام گفتگو هلندي هلندي هڪ درد انگريز عاشقانہ گفتار جو روپ اختيار ڪري وئي. سندن روحاني توجهات جي سبب اچانڪ خاموش سامعين سڏڪار پرڻ لڳا. اکيون پُر نم ٿي ويون. هاءِ هاءِ شروع ٿي وئي.

هي منهنجي محبوب مرشد ڪريم جي گفتار جو خاصو آهي جو پاڻ ڪنهن مهل ڪلائڻ واري ڳالهہ ڪري جماعت جي ذهن کي تازو ڪندا آهن. وري انهي گهڙي توجهہ فرمائي ڪلندڙن کي رٽاري بہ ڏيکارياندا آهن. هڪ ئي مجلس ۾ ڪيترا رنگ نظر ايندا آهن. ڪنهن مهل جماعت کي عمل صالحن لاءِ ذڪر فڪر لاءِ ائين اپارياندا آهن، جيئن ڪو سپهہ سالار فوج کي جنگ لاءِ سنباهيندو آهي. سندن اندازِ بيان پر جوش هوندو آهي لفظن ۾ رعب هوندو آهي. جڏهن هينئر مٽان کو واقعو ٽيڻ وارو آهي. الغرض ٿوري دير اڳ محض تقرير هئي پر چند گهڙين ۾ پرسوز تلقين جو رو پ اچي ويو. حضرت جن خود بہ آبديده هٿا تہ جماعت بہ جذبات ۾ هئي.

ڏکويون ڏُسکن، کاڻ ڏُسکي ڏک ري،
ٻيون ائين سڏون ڪن، پر پِڙ واريون پڏريون.

مغرب جي اذان آئي تہ نماز پڙهائڻ لاءِ هن فقير کي فرمايائون.

تائين مجلس

ڊگهي عمر ۽ نيڪ عمل

اڱارو 14 جمادي الاول 1408هـ بمطابق 1988-1-05

فرمايائون: پلو موت اهو آهي جو ماڻهو پنهنجي هلندي هلي. اهڙي ڊگهي عمر يا اهڙي ڊگهي بيماري جنهن ۾ ماڻهو الله جو بي شڪر ۽ بي فرمان ٿي پئي سا به عذاب الاهي آهي. يا وري گهر جا ياتي بيزار ٿي پون. ڊگهي عمر کان نبي ڪريم ﷺ پناه گهرڻ سيکاري آهي.

أَعُوذُ بِكَ أَنْ أُرَدَّ إِلَى أَرْذَلِ الْعُمُرِ [1] اي الله ڊگهي عمر کان پناهه گهران ٿو.

ماءُ جي دعا: فرمايائون ماءُ پنهنجي اولاد کي دعا ڪندي آهي ته ڇا الله تعالي تنهنجي جبل ڏونگر جيڏي عمر ڪندو. اها آهي دعا پر اصل ۾ اها به بد دعا آهي. ماءُ دعا ڪري مري وڃي. اولاد وڏو ٿي پوءِ لوڙيندو رهي. تڏهن چوندا آهن. ماءُ مَرادون پُنيون مڻان آئي موڻ. هائو عمر اگر وڏي ٿئي ۽ اها صالح عملن ۾ گذري ته اها الله جي نعمت آهي. اهڙن ماڻهن کي خود نبي ڪريم ﷺ مبارڪ ڏني آهي ته: طُوبَىٰ لِمَنْ طَالَ عُمُرُهُ وَحَسُنَ عَمَلُهُ [2]

مبارڪ آهي ان ماڻهو کي جنهن جي عمر ڊگهي ٿي ۽ عمل سٺا ٿيا.

هڪ حديث ۾ آيو آهي ته رسول الله ﷺ کان پڇيو ويو ته يا رسول الله ماڻهن مان سڀ کان پلو ماڻهو ڪير آهي؟ پاڻ فرمايائون: مَنْ طَالَ عُمُرُهُ وَحَسُنَ عَمَلُهُ

اهو ماڻهو سڀني کان پلو آهي جنهن جي عمر ڊگهي ٿي ۽ عمل سٺا ٿيا.

وري پڇيو ويو ته يا رسول الله سڀني ماڻهن مان برو ماڻهو ڪير آهي؟ پاڻ فرمايائون:

مَنْ طَالَ عُمُرُهُ وَسَاءَ عَمَلُهُ. [3] اهو ماڻهو جنهن جي عمر ڊگهي ٿي ۽ عمل بچڙا ٿيا.

---

[1] صحيح البخاري (4/27) سنن الترمذي (5/562) سنن النسائي (8/256)

[2] اخرجه البغوي في شرح السنة (5/16) عَنْ عَبْدِ اللّٰهِ بْنِ بُسْرٍ الْمَازِنِيِّ.

[3] اخرجه البزار في مسنده (9/92) سنن الترمذي (4/565) مسند أحمد بن حنبل (4/188) مسند الطيالسي (2/194)

استقامت کرامت کان پلي آهي:

ان کان پوءِ پاڻ استقامت جي باري ۾ گفتگو فرمايائون:

فقيرن کي دين جي راهه ۾ ثابت قدم ٿي رهڻ لازم آهي. ڏک توڙي سک ۾ سردي توڙي گرمي ۾ رب جو در نه ڇڏجي. فقير ٿيڻ سولو آهي پر نيائڻ ڏکيو آهي. توڙ پڇڻ مشڪل آهي. انکري بزرگن فرمايو آهي ته: استقامت کرامت کان افضل آهي.

دل مان غير جا تعلقات ٽوڙڻ:

کجهه گفتگو بعد فرمايائون: فقيري جي راهه ۾ دل مان غير جا لڳ لاڳاپا ٽوڙڻ ضروري آهن. جيستائين دل ۾ غير جا لڳ لاڳاپا هوندا، اوستائين ان کي الله جي معرفت نصيب نه ٿي سگهندي. جسم سان پلي ماڻهن سان گڏ رهجي انهن جا شرعي حق حقوق ادا کجن پر دل کي غير کان بلڪل خالي رکجي. فقيرڇ خليفا اڃا دل مان غير جا لاڳاپا نه ٽا ٽوڙن.

تعلق حجابست بي حاصلي * چون پيوندها بگسلي واصلي

غير جا تعلقات پردا آهن، جيڪي حقيقت کان محروم رکن ٿا. جڏهن اهي غير جا پيوند دل مان ٽوڙيندين تڏهن واصل بالله ٿيندين. اهي تعلقات حجاب ۽ پردا بنيا پيا آهن. جيستائين اهي پردا نه هٽندا تيستائين کڏهن رب جو قرب وصال نه حاصل ٿيندو.

اولياءَ الله جا اقسام:

فرمايائون: هڪڙا الله جا ولي پنهجا ڳوٺ وطن مائٽ مٽ ڇڏي مسافر ٿي رب جي رضا خاطر تبليغ لاءِ نڪتا ته الله تعالي وري دنيا آخرت جون سڀ نعمتون انهن کي عطا فرمائي ڇڏيون. ٻين وري پنهنجي گهر ۽ ڳوٺ ۾ ويهي دين جي خدمت ڪئي. انهن وٽان به دين جو ڪم ٿيو پر ايترو نه ٿيو جيترو انهن کان ٿيو جيڪي الله جي رضا خاطر پنهنجا ڳوٺ وطن ڇڏي تن تنها ٿي نڪتا. اهي نياڻا ٻڌجي ويا. جئين وڏا ڪنڊال ۽ بئراج وهندا آهن. جتان وهندا آهن اتان سر سبزيون شادابيون کندا ويندا آهن.

هڪڙا ولي ڏيئن مثل ٽيا جن پنهنجي گهر ۾ روشني ڪئي. بيا وري سج وانگر روشن ٿي جهان کي روشن ڪيائون. تبليغ جي رستي ۾ نکري پوڻ اهو به جهاد آهي. هڪڙن گهرن ۾ ويهي جهاد ڪيو ٻين الله جي راهه ۾ نکري ڳوٺ وطن ڇڏي وڃي جهاد ڪيو.

ٻنهين سان الله جا وعدا آهن. پر فضيلت ۾ ٻاهر نڪري جهاد ڪرڻ وارا وڌيڪ آهن.

فَضَّلَ اللَّهُ الْمُجَاهِدِينَ بِأَمْوَالِهِمْ وَأَنْفُسِهِمْ عَلَى الْقَاعِدِينَ دَرَجَةً وَكُلًّا وَعَدَ اللَّهُ الْحُسْنَىٰ وَفَضَّلَ اللَّهُ الْمُجَاهِدِينَ عَلَى الْقَاعِدِينَ أَجْرًا عَظِيمًا [النساء: 95]

جيڪي الله جي راهه ۾ پنهنجي مالن ۽ جانين سان جهاد ڪرڻ لاءِ نڪري پون تا ان کي الله تعالىٰ ويٺلن مٿان فضيلت ڏني آهي ۽ سڀني سان الله جنت جو وعدو ڪيو آهي ۽ مجاهدن کي ويٺلن مٿان الله وڏن عظيم انعامن سان فضيلت ڏني آهي.

اي خليفئو ! مجاهد ٿيو دين خاطر نڪري پئو. ٻاهر نڪري هلندڙن جا درجا ويٺلن کان وڌيڪ ڪيا ويا آهن. منهنجا مرشد ڪريم (پير مٺا سائين رحمت الله عليه) فرمائيندا هئا ته :

"ڀائي ساهه ڪون هڪ جهاتے ڪُٽ ٻهو ته ساهه ڪون ماندڪائي تهي سيں ٿُسان اے خليفو هڪ جهاتے ڪيون ٻَهَ رهندے او. وطن ڪيا ہے؟ وطن تاں آخرت والا ہے۔ اے دنيا مسافر خانه ہے۔ جتھاں ديڻ دا ڪم تھيوے اوں جهاکوں اپنا وطن بنا ڈيوو".

پير سائين جن خود ڪيترن جاين تي هجرت ڪئي هئي. آخر عمر ۾ اچي رحمت پور شريف ۾ سڪونت اختيار ڪيائون. الله تعالىٰ به وري کين بادشاهي ڏئي چڏي هئي. ڪُهڙو صاحب اتي آيو. ڏسي حيران ٿي ويو. چيائين : يل ! هت ته بادشاهي نظام لڳو پيو آهي. سو جيڪو ماٹھو الله جي رضا خاطر الله جي دين جي خدمت ڪندو ، پلي جهنگ ۾ ۽ وجي ويهي ته الله ڪريم اتي به ان لاءِ هر ۾ بازاريون بنائي ڏيندو.

فقيرو دوستي اُن سان رکو جيڪو الله کي سجاڻي. جيڪو رب کي نه ٿو سجاڻي ان سان ڪهڙي دوستي؟ ڪهڙي رشتيداري؟ اسان دعا گهرندا آهيون الله تعالىٰ خواب ۾ به انهن جي صورت نه ڏيکاري جيڪي الله جي دين جا دشمن آهن.

حضرت سائين جن جو وڏو پاڻ هيو. وڏو عالم هيو. پر پير سائين قريشي صاحب رحمت الله عليه جو مخالف هيو. ان جو پٽ مري ويو. برادري مطابق سائين جن ڏي پيغام موڪليائين ته سائين منهنجو پٽ گذاري ويو آهي توهين ان جو جنازو اچي پڙهايو. پاڻ ان قاصد کي جواب ڏياري موڪليائون ته هي ته تنهنجو هڪڙو پٽ مري ويو آهي. ٻيو مري وڃي ٽيون مري وڃي. زال مري وڃي تون پاڻ مري وڃين مونکي کو اچي ٻڌائي ،

تہ مان الله جو شڪر ادا ڪندس تہ الحمد لله منهنجي پير جا دشمن مري ويا.
ڏسو تعلقات ٽوڙيائون تہ جوانن اهو ڪم ڪري ڏيکاريو جو ساري دنيا کي دين جو رنگ لائي ويا. اسان بہ پنهنجي پير جي فرمان کي مڃي هتي (ماتلي شريف ۾) پرديسي ٿي اچي رهياسين. اسان جو ڪو هت مائٽ مٽ ناهي ڪا بہ جاءِ سڃاڻ نہ هئي صرف هڪ رب جو آسرو هيو. هتي اچي ٻٽيءَ تي نمازون پڙهيوسين اڄ ڏسو هتي ڇا رنگ لڳي ويو آهي. هاٽي هڪڙو ماٽمو 32000 ٻٽيهہ هزار رپيا ڏئي ويو آهي تہ مسجد کي ٽائلس (Tiles) لڳايو. ان ماٽمو کي اسان سڃاڻون بہ نہ تا. هي سڀ ڪم الله تعالىٰ ٿو ڪري.
ملان چندو ڪري ڪري بہ ائين ڪم نہ ڪري سگهندا جيئن هت الله جي فضل سان بنا چندي جي ڪم ٿي رهيو آهي. رب تي توڪل رکو. دورنگا نہ بنجو. بہ طرفا نہ ٿيو. هڪ طرف اختيار ڪيو فقير ٿيا آهيو تہ سچا فقير بنجي ڏيکاريو.

دو رنگي ڇوڙ ڪريک رنگ ٻوجا، سراسر موم ٻو يا سنگ ٻو جا.
جي پائين جوڳي ٿيان سَهُ سِرَ مٽي سيءُ،
نہ تہ پڇي پري ٿيءُ ، متان لانگونيا بہ لڄائيين.

فرمايائون : فقير تہ ٿيا آهيو پر هي مسئلا بہ سکو ۽ انهن تي عمل ڪيو. مجاهد ٿيو. سچا فقير ٿيو. پوءِ فائدو حاصل ٿيندو. دنيا وارن جي رُسڻ جو هرگز غم نہ ڪيو.

هڪ نہ رُسي هوت گهوري ٻاجهہ ٻين جي.

اڄ جيڪي توهان دين جا ڪم ڪيو تا اهو سڀ مرشدن جو تصرف آهي. توهان ۾ جيسين پاڻ ۾ پلائي نہ ايندي تيسين توهان هرگز ڪامياب نہ ٿي سگهندئو.
فرمايائون: مريد اهو آهي جيڪو مرشد جو فرمان مڃي. جيڪو فرمان نہ مڃي اهو مُريد نہ پر مَريد يعني بي فرمان آهي.
فرمايائون : ديندار نياڻي جو نڪاح بي دين ۽ موالي سان نہ ڪيو. بي دين ماٽمو کي ديندار نياڻي ڏيڻ سان ان جي ديندار ي بہ ختم ٿي وڃي ٿي.
ان بعد پاڻ دعا گهري حويلي ڏانهن روانا ٿي ويا.

ڏهين مجلس

ظلم کان بچو

25 جمادي الاول 1409 هه رات

فرمايائون: ظلم کان بچو. ظلم دنيا جي ذلت ۽ آخرت جو عذاب آهي.

ظالم جي پڇاڙي هميشه خواري ۽ خرابي هوندي آهي. الله عزوجل فرمايو آهي ته:

وَ اللّٰهُ لَا يُحِبُّ الظّٰلِمِيْنَ ۝۵۷ (آل عمران) ۽ الله ظالمن کي پسند نه ٿو ڪري.

ظالم متان الله اهڙو ڏمرجي ٿو جو ان کي هدايت واري راهه به نه ٿي ملي. رب فرمايو آهي:

وَ اللّٰهُ لَا يَهْدِي الْقَوْمَ الظّٰلِمِيْنَ ۝۸۶ (آل عمران)

۽ الله ظالمن جي قوم کي هدايت نه ٿو ڏئي.

فرمايائون: ظالم هڪڙ کان مظلوم هڪڙ پلو آهي. بزرگن فرمايو آهي ته:

من آن مورم که در پايم بمالند * نه ز نبورم که از نيشم بنالند

مان اها ڪِول آهيان جنهن کي پيرن ۾ لتاڙن ٿا. اهو ڏينهو نه آهيان جنهن جي ڏنگ کان ماڻهو دانهن ڪن ٿا.

هڪ بادشاهہ: هڪ پوڙهي عورت جي زمين ڦهائي، ان تي پنهنجو محل ۽ باغيچو ٺهرايو. پوڙهي وقت جي قاضي کي دانهن ڏني. قاضي حيلو ڪيو. هڪ ماڻهو کي چيائين ته اڄ آڌ بادشاهہ سان گڏجي محل گهمڻ ايندس. جيڏي مهل اسان اچون تون محل جي باغ مان هوري متي جي پيري ٻيهي رهجان. جڏهن اسان لنگهون ته چئجانءِ مون کي هي هوري کٽايو. پوءِ جيڏي مهل بادشاهہ ۽ قاضي اتان اچي لنگهيا ته ان ماڻهو چيو مون کي هوري کٽايو. بادشاهہ هٿ وڌو پر کٽائي نه سگهيو. قاضي چيس: بادشاهہ سلامت هي هوري نه ٿو کڻي سگهين ته قيامت واري ڏينهن هي ساري زمين ڪيئن کڻندين. جيڪا تو ظلم سان ڦهائي آهي. بادشاهہ نادم ٿيو ۽ اها زمين محل سميت پوڙهي کي واپس ڏنائين.

فرمايائون: ڪنهن سان ظلم نه ڪيو. ڪنهن کي هيڏو ڏسي ان سان نا انصافي نه ڪيو. ظالمن جو انجام هميشه برو ٿيندو آهي. الله جي مخلوق الله کي تمام پياري آهي. پلي جو پکي يا جانور چونه هجي ان سان به ظلم نه ڪيو. پوءِ پاڻ هڪ حڪايت بيان فرمايائون ته :

حڪايت : هڪ پوڙهي عورت هئي. ان جي جھوپڙي بادشاهه جي محل جي پر ۾ هئي. هڪ ڏينهن بادشاهه محل گھمڻ آيو. ايڏي عظيم محل جي پاسي ۾ اها جھوپڙي ڏسي چيائين هن اسان جي محل جي رونق وڃائي ڇڏي آهي. ان کي ڍاهي ميدان صاف ڪيو. شام جو جڏهن ٻيڙي آئي ته پنهنجو اجھو نه ڏسي پڇيائين؟ ماڻهن ساري ماجرا ٻڌايس. ٻيڙي آسمان ڏانهن نهاري چوڻ لڳي: اي الله اي سپ طاقت وارن کان وڌيڪ طاقت وارا ! اي منهنجا رب ! اگر مان نه هيس تون ته موجود هئين. هي بادشاهه مون کان ڏاڍو آهي پر توکان ته ڏاڍو ناهي. مون سان انصاف ڪر. بس مظلوم جي اها دانهن الله وٽ اهڙي پهتي جو اهو بادشاهه محل شاهي سميت زمين ۾ غرق ٿي ويو. (العياذ بالله)

فرمايائون: اسان رات هڪ خواب ڏٺو آهي: فلاڻي وڏيري کي ڏٺو سين (اهو هڪ قوم جو سردار هيو ۽ ڪجھ سال اڳ فوت ٿيو هيو) تمام پريشان حال ۽ بري هيئت هيو. اسان کي ڏسي چوڻ لڳو : سائين خدا جي واسطي منهنجي مدد ڪيو. هي ملائڪن جي پوليس مون کي زوري قيد ۾ وڌيو ٿي وڃي. خدا جي واسطي منهنجي واهر ڪيو. اوهان جو پيءُ منهنجو دوست هيو. ان جي مهابي منهنجي مدد ڪيو. اسان چيو تنهنجو ڪمڙو ڏوهه آهي جو تو کي قيد ٿا ڪن؟ چيائين مون پرايون زمينون ڦهايون هيون ان ڪري مون کي قيد ڪن ٿا. اسان چيو ته بيهه ته اسان تنهنجي مدد ڪيون ٿا، الله جي حضور ۾ تنهنجي سفارش ڪيون ٿا. ايتري ۾ سجاڳي ٿي وئي. اسان کي به ڳالهه دل سان لڳي ته واقعي به ان وڏيري صاحب ماڻهن جون زمينون ڦهايون هيون.

پوءِ فرمايائون: حقوق العباد جو معاملو ڏاڍو ڏکيو آهي. پر اوا حق ڪائڻ جي الله وٽ وڏي سزا آهي. الله پنهنجا حق بخشي ڇڏي ٿو پر ماڻهن جا حق تيسين معاف نه ٿا ٿين جيسين اهي خود معاف نه ڪن.

يارهين مجلس

عورتن جي عبادت ۽ زهد

سومر 22 جمادي الاول 1409هـ 1989-01-02

16 آڪٽوبر 1988 تي پاڪستان ۾ قومي ۽ صوبائي اسيمبلين جي اليڪشن ٿي. جنهن ۾ ذوالفقار علي ڀٽي جي نياڻي محترمہ بينظير ڀٽو اڪثريت سان ڪامياب ماڻي ۽ اها پاڪستان جي چونڊيل وزير اعظم ٿي. ان تي مذهبي حلقن ۾ وڏي بي قراري ۽ بي چيني پکڙيل آهي. ڪي چون ٿا تہ عورت جي حڪمراني شرعًا جائز نہ آهي. ڪي چون ٿا جائز آهي. ان موضوع تي اڄ رات عشاء نماز بعد پاڻ هي گفتگو فرمايائون جنهن ۾ عورتن جي عبادت ۽ زهد جا واقعا بيان ڪيائون:[1]

فرمايائون: اخبار ۾ آيو آهي تہ ملتان ۾ مولوين ۽ طالبن گڏجي جلسا ڪيا آهن ۽ جلوس ڪڍيا اٿن تہ اسان کي عورت جي حڪومت نہ گهرجي. اصل ۾ اسان جو بادشاهہ صدر آهي جيڪو مرد آهي، باقي عورت ان جي وزير اعظم ٿي آهي. ڏٺو وجي تہ عزت ۽ ذلت سڀ الله جي هٿ ۾ آهي. حقيقي بادشاهہ اهو آهي جنهن کي حاڪم بنائي سندس اختيار آهي.

قُلِ اللَّهُمَّ مَالِكَ الْمُلْكِ تُؤْتِي الْمُلْكَ مَنْ تَشَاءُ وَتَنْزِعُ الْمُلْكَ مِمَّنْ تَشَاءُ وَتُعِزُّ مَنْ تَشَاءُ وَتُذِلُّ مَنْ تَشَاءُ بِيَدِكَ الْخَيْرُ إِنَّكَ عَلَى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيرٌ [آل عمران: 26]

اي محبوب تون فرماءِ تہ: اي الله ملڪن جو تون ئي مالڪ آهين. جنهن کي حڪومت ڏين تنهنجي مرضي جنهن کان حڪومت ڦرين تنهنجي مرضي ۽ تون جنهن کي چاهين عزت عطا ڪرين ۽ جنهن کي چاهين ذليل ڪرين سڀ خير تنهنجي هٿ ۾ آهي بيشڪ تون هر شيءِ تي قادر آهين.

---

[1] عورت جي حڪمراني جو مسئلو اڪابرين امت ۾ مختلف فيہ رهيو آهي. ڪي ان جي جواز جا قائل آهن تہ ڪي وري ان جي مخالفت ۾ آهن. هر هڪ وٽ پنهنجا پنهنجا دليل آهن. حضرت محبوب الاهي رحمت الله عليہ عورت جي حڪمراني جي جواز جا قائل هتا. جيئن سندن هن بيان مان واضح آهي.

بي بي رابعه بصري رحمت الله عليها

كان هڪ ماڻهو پڇيو ته ٻڌاءِ ته سڀ پيغمبر ۽ نبيءَ مردن مان پيدا ٿيا. ڪا به عورت نبيءَ نه ٿي. ان جو سبب ڇا آهي؟ بي بي سائڻ فرمايس ته پلا اهو ته ٻڌاءِ پيغمبر پيدا ڪڏن ٿيا؟ عورت ماءُ نه هجي ها ته پيغمبر ڪيئن پيدا ٿين ها. جنت به ته ماءُ جي قدمن هيٺان آهي. [1] وري چيائين ته اڄ تائين ڪا عورت امام نه ٿي آهي. فرمايائين پلا ڏس مردَ امام اڳواڻ ته ٿيا آهن پر ڪدڙا ۽ نامرد به مردن مان آهن. ڪا عورت ائين نه ٿي آهي. هو سوال ڪندو رهيو پاڻ جواب ڏيندي رهي آخر لاجواب ٿي ويو.

سيده فاطمة الزهراء (سَلَامُ اللهِ عَلَيْهَا وَعَلٰى اَبِيْهَا وَعَلٰى بَعْلِهَا)

حضور نبي ڪريم ﷺ جي نياڻي هئي. حضور ﷺ جي سامهون ايندي هئي ته پاڻ اٿي ان جو استقبال ڪندا هئا. ان جا هٿ چمندا هئا. ان کي پنهنجي جاءِ تي ويهارينداهئا. [2]

حضرت مرشد ڪريم رحمة الله عليه فرمائيندا هئا ته: عورت جيڪا روزا رکي ٿي پر مهيني ۾ عذر وارا ڏينهن اچڻ سبب باقي روزا وري پئي مهيني ۾ رکي ٿي ته ان کي بن رمضانن جو ثواب ملي ٿو ۽ مرد کي صرف هڪ جو. حديث ۾ آهي:

بي بي ام عماره رضي الله عنها

رسول الله ﷺ وٽ اچي عرض ڪيو يا رسول الله قرآن ۾ سڀ ڳالهيون رڳو مردن بابت آيون آهن عورتن جو ته ڪٿي ذڪر ئي ناهي.

---

[1] عن معاوية بن جاهمة السلمي أن جاهمة جاء إلى النبي صلى الله عليه و سلم فقال : يا رسول الله أردت أن أغزو وقد جئت أستشيرك فقال هل لك من أم قال نعم قال فالزمها فإن الجنة تحت رجليها سنن النسائي (11/6)

[2] عن عائشة أم المؤمنين رضي الله عنها أنها قالت : ما رأيت أحدا كان أشبه كلاما و حديثا برسول الله صلى الله عليه و سلم من فاطمة و كانت إذا دخلت عليه قام إليها فقبلها و رحب بها و أخذ بيدها فأجلسها في مجلسه و كانت هي إذا دخل عليها رسول الله صلى الله عليه و سلم قامت إليه مستقبلة و قبلت يده هذا حديث صحيح على شرط الشيخين و لم يخرجاه تعليق الذهبي في التلخيص : حذفه الذهبي من التلخيص لضعفه . المستدرك على الصحيحين للحاكم مع تعليقات الذهبي في التلخيص (3 / 174)

ام المؤمنين بيبي عائشه صديقه رضي الله عنها روايت ڪئي جيائين ته مون رسول الله صلي الله عليه وسلم جهڙي گفتار واروسواءِ فاطمه الزهراءَ جي پئي ڪنهن کي ڪوٽو ڏٺو. جڏهن پاڻ رسول ڪريم ﷺ وٽ ايندي هئي ته پاڻ ان ڏانهن اٿي ايندا هئا. کيس چمندا هئا ۽ کيس مرحبا چوندا هئا. سندس هٿ کان ولي کيس پنهنجي ويجهو واري جاءِ تي ويهارينداهئا ۽ سائڻ جو به دستور هيو ته جڏهن رسول الله ﷺ وٽس ايندا هئا ته پاڻ ڪريمن ڏانهن اٿي اچي آڇيان ڪنديءَ هئي سندن هٿ مبارڪ کي چمنديءَ هئي.

مائي صاحب جي ان چوڻ تي قرآن جي هي آيت نازل ٿي. جنهن ۾ هر معاملي ۾ مردن سان گڏ عورتن جو به ذڪر ڪيو ويو. ①

إِنَّ الْمُسْلِمِينَ وَالْمُسْلِمَاتِ وَالْمُؤْمِنِينَ وَالْمُؤْمِنَاتِ وَالْقَانِتِينَ وَالْقَانِتَاتِ وَالصَّادِقِينَ وَالصَّادِقَاتِ وَالصَّابِرِينَ وَالصَّابِرَاتِ وَالْخَاشِعِينَ وَالْخَاشِعَاتِ وَالْمُتَصَدِّقِينَ وَالْمُتَصَدِّقَاتِ وَالصَّائِمِينَ وَالصَّائِمَاتِ وَالْحَافِظِينَ فُرُوجَهُمْ وَالْحَافِظَاتِ وَالذَّاكِرِينَ اللَّهَ كَثِيرًا وَالذَّاكِرَاتِ أَعَدَّ اللَّهُ لَهُمْ مَغْفِرَةً وَأَجْرًا عَظِيمًا [الأحزاب: 35]

عورتون ۾ شڪ ناقصات العقل و ناقصات الدين آهن. پر الله جو قرب نرالو آهي. قيامت واري ڏينهن ڪيترا اهڙا مرد هوندا جيڪي عورتن جي صدقي ڇٽندا. ڪي عورتون اهڙيون به هونديون جن جي عبادت ۽ بندگي سبب هزارين گنهگارن کي معافي ملندي.

بي بي رابعه بصري رحمها الله تمام گهٽي عبادت ڪندي هئي ساريون راتيون رئندي گذارينديون هئي. پڇا ڪائونس ته ايڏي عبادت ڇو ٿي ڪرين؟ فرمايائين ته عورت هڪ ڪمزور صنف آهي منهنجي عبادت کي ڏسي رب قيامت ڏينهن فرمائي ته هن امت جي ڪمزور طبقي جي عبادت جو هي حال آهي ته مرد ڇا هوندا ۽ من رب فرمائي ته مصطفيٰ ڪريم ﷺ جي امت کي ڇڏيو ته بنا حساب جي وڃن جنت ۾.

هن فقير (ڪرم الله) عرض ڪيو ته : محبوب سائين ! اسان راڄي ديري تبليغ تي وياسين پرسان ڪير شاهه جو مقام آهي. شام جو ختم شريف لاءِ ويا سين ته اتي فقيرن ٻڌايو ته حضرت ميان محمود رحمت الله عليه ٻوڙن لاکيرن وارو به هتي ايندو هو. ان فرمايو ته هتي هڪ نوجوان ڇوڪري جي قبر آهي. جيڪا وڏي ولايت جي صاحب آهي الله وٽ ان جو وڏو مقام آهي. اها حضرت غوث ٻهاڙ الحق ملتاني رحمت الله عليه جي مريديااٽي هئي. بزرگ جڏهن به ايندا هئا ته ان عورت کي ضرور ختم شريف بخشيندا هئا. پاڻ فرمايائون سچ آهي پوءِ هڪ عجيب نقل بيان فرمايائون:

---

① روى الترمذي عن أم عمارة الأنصارية أنها أتت النبي ﷺ فقالت: ما أرى كل شي إلا للرجال. وما أرى النساء يذكرن بشيء! فنزلت هذه الآية: "إِنَّ الْمُسْلِمِينَ وَالْمُسْلِمَاتِ وَالْمُؤْمِنِينَ وَالْمُؤْمِنَاتِ" هذا حديث حسن غريب. تفسير القرطبي (14 / 185)

عجيب نقل: الله جون اهڙيون ٻانهيون ب ٿي گذريون آهن، جيڪي صاحبِ ڪرامت هيون. پر مرڻ کان پوءِ ب ڪرامتون ڏيکاريائون. اسان جو استاد وڏو عالم هيو. ڀالم ڪندو هيو ته آءٌ سفر کان پڻي موٽيس رستي ۾ رات پئجي وئي. مينهن ب وسي پيو. هڪ قبرستان هيو ان جي اندر هڪ متمّ ٺهيل هيو. مان اتي رات رهي پيس. جڏهن نند آئي ته ڪنهن مون کي اڌاريو. سجاڳ ٿيس ڏسان ته هڪ خوبصورت عورت متان بيٺي آهي. هٿ ۾ پليتون اٽس ان ۾ سگداسي چانورن جو پٿ آهي. ان متان هوٽيون رکيل آهن. مون کي چيائين ته کاءِ. مون وٽي کاڏو چانور هيٺ ب هارجي پيا. کائي سمهي رهيس صبح جو ڏسان ته پليتون ڪونهن باقي چانور جيڪي هيٺ ڪريا هئا سي پيا هئا. هڏيون ب پيون هيون. پوءِ ڇوٽ آيس ماٺهن کي وٽي ان قبر تي ويس. چيائون ته هي عورت ڏاڍي سخياٽي نيڪ عورت هئي. مهمانن جي خدمت ڪندي هئي اڌ رات آڏي بکيو نه ڇڏيندي هئي. هاٽي قبر ۾ ب اهو حال اٽس. ڪيترن ٻين کي ب ائين ماني کارائي اٽس.

حديث ۾ آهي ته جيڪو جهڙي حال ۾ زندگي گذاريندو ان جو موت ب ائين ٿيندو:

كما تعيشون تموتون وكما تموتون تحشرون ①

توهان جيئن حياتي گذاريندئو ائين اوهان جو موت ٿيندو ۽ جيئن مرندئو ائين اوهان اڌاريا ويندئو. جيڪي ماٺهو دنيا ۾ سخي ۽ جواد آهن مزارن ۾ ب انهن جي اها سخاوت جاري رهي ٿي. قيامت واري ڏينهن اڳندا ته ب ان صفت سان موصوف هوندا.

فرمايائون: اسان جي ڏاڏي صاحب تمام نيڪ صالح وليءِ عارف ٻانهي هئي. جنهن نوڪروڙ پيرا صلواة شريف پڙهي هئي. وڏي ڪشف جي صاحب هئي. اڄا حضرت سائين جن سنڌ ۾ آيا ئي نه هئا ته هڪ ڏينهن مون کي چيائين ته ابا مون تنهنجو مرشد ڏٺو آهي. جتان توکي فيض ملندو. پوءِ سائين جن جا پار پتا ڏنائين شڪل شباهت صورت سيرت بيان ڪيائين. پوءِ سالن بعد جڏهن ڪڇي ۾ وڃي حضرت جن جي زيارت ۽ بيعت ڪيم ته اهي ساڳيا پار پتا صورت سيرت نظر آئي جيڪا ڏاڏي صاحب اڳ ٻڌائي هئي.

---

① تفسير حقي (125/3)

حضور نبي كريم ﷺ جو ذكر ٻڌي تمام گهٽو رئندي هئي. جڏهن حضرت مشوري صاحب رحمة الله عليه جن اسان وٽ آيا ڈاڈي صاحب سائين ملي ته پاڻ ڈاڈي سائٺ جي گهٽي تعريف كيائون. هي لفظ فرمايائون: "هن جي گهر مَنهن وٽن سينهي تي نور ٽووسي".

پوءِ پاڻ ٻئي هنڌ جلسي تي ويا اتي به وعظ ۾ ڈاڈي صاحب جي گهٽي واكاڻ كيائون. سائينجن پاڻ وڏي مقام جا مالك ۽ صاحبِ نظر هئا. ڈاڈي صاحب ساري رات جاڳندي هئي. شهر وارا ڈوكڙ سون وٽس امانت ركي ويندا هئا. كنهن فرمايو آهي ته:

نه هر زن زن است و نه هر مرد مرد * خدا پنج انگشت يكسان نه كرد

هر زال زال نه هوندي آهي. نه وري هر مرد مرد هوندو. الله تعالىٰ پنج آگريون به پاڻ ۾ برابر كو نه كيون آهن.

وَاللَّهُ يَخْتَصُّ بِرَحْمَتِهِ مَنْ يَشَاءُ وَاللَّهُ ذُو الْفَضْلِ الْعَظِيمِ [البقرة: 105]

۽ الله جنهن كي چاهي پنهنجي رحمت سان نوازي چڏي ۽ الله تمام وڏي فضل وارو آهي.

هن ناچيز عرض كيو ته: چا عورتون غوث قطب به ٿي سگهن ٿيون؟ پاڻ فرمايائون: "الله جو وهب ۽ قرب نرالي شيءِ آهي. اهو جنهن كي نوازي ان جي فضل كي كو روكڻ وارو نه آهي. پوءِ فرمايائون: حضرت شبلي رحمة الله عليه هك مجذوبه عورت كي ڈٺو. پاڻ فرمايائينس ته: "سر برهنه ے روی" مٿي اگهاڙي ٿي وڃين؟ مجذوبه جواب ڈنو ته:

"گل برهنه ے باشد" گل كليل ئي هوندو آهي. بزرگ فرمايو: "خلق راے فريبی" خلق ٿي ڏكيين؟ چيائين "دل راے فريبم" پنهنجي دل كي ٿي آڇت ڈيان. هن جون عاشقانه ڳالهيون ٻڌي حضرت شبلي چيو "الله"! ته مجذوبه دانهن كري ۽ دم پرواز ٿي ويس. رب كي عرض كيائين ته اي خدا هي چا؟ آواز آيو ته ان عورت سجي عمر ۾ هك پيرو منهنجو نالو ٻڌو هيو ته پنهنجو حسن جمال ڈٺائين اڄ وري ٻيو پيرو ٻڌائين ته پنهنجو ساهه ڈئي چڏيائين.

اصل عاشقن جو سِرُ نہ ساندئُ كمُ:
سَوَ سِينٽان اڳَروِ سَندو دوسان دمُ:
هِيُ هڏو ۽ چمُ پِكَ پِريان جِيَ نہ پَڙي.

فرمايائون فقيرن کي ڪاوڙ غصو ڪرڻ نہ گھرجي. اگر ڪاوڙ اچي وڃي تہ ان کي ڪائي ڇڏي. ڪاوڙ جو اظهار پنھنجي ھٿ يا زبان سان نہ ڪري. چوندا آھن: "جي مُڙيا سي جُڙيا" الله جي پاڻھن جي سونھن اھا آھي جو اھي برن سان بہ پلايون ڪندا آھن.

چگن ساڻ چگائيون ھر ڪو ڪري ھوءِ،
اھا سھڻي خوءِ جو ڪري برن ساڻ پلائيون.

ڏسو الله تعاليٰ قرآن مِ فرمايو آھي:

وَسَارِعُوا إِلَىٰ مَغْفِرَةٍ مِنْ رَبِّكُمْ وَجَنَّةٍ عَرْضُهَا السَّمَاوَاتُ وَالْأَرْضُ أُعِدَّتْ لِلْمُتَّقِينَ الَّذِينَ يُنْفِقُونَ فِي السَّرَّاءِ وَالضَّرَّاءِ وَالْكَاظِمِينَ الْغَيْظَ وَالْعَافِينَ عَنِ النَّاسِ وَاللَّهُ يُحِبُّ الْمُحْسِنِينَ [آل عمران: 133، 134]

ھ جلدي ڪيو پنھنجي رب جي پاران بخشش ڈانھن ھ جنت ڈانھن جيڪا آسمانن ۽ زمينن کان وڌيڪ ڪشادي آھي. جيڪا پرھيزگارن جي لاءِ بنائي وئي آھي. جيڪي ڪشادگي توڙي تنگي مِ الله جي راھ مِ خرچ ڪن ٿا ۽ ڪاوڙ کائن ٿا ۽ ماڻھن کي بخش ڪن ٿا ۽ الله نيڪي ڪرڻ وارن سان محبت رکي ٿو.

ھن آيت مطابق رب جا متقي بڻايا اھي آھن جي ڪاوڙون کائن ٿا ۽ معاف ڪن ٿا.

ھڪ وڌيرو وڏي ھيبت ۽ حشمت وارو ھيو. ھڪ ڏينھن گھر مِ ڪٽ تي ويٺو ھيو تہ سندس نوڪرياڻي ماني پئي پچائي. ڪتو آيو سو مائي لاڙ ڪٽي ڪتي کي ھنئي. پر اھا وڃي وڏيري کي لوندڙي مِ لڳي رت وھڻ لڳس. مائي ڏکڻ لڳي تہ وڏيرو الائي ڇا ڪندو؟ وڏيري چيس تہ مائي ڍڄ ۽ روءِ نہ . تو ڄاڻي واڻي تہ ڪو نہ ھنئي آھي. ڏھ روپيا بہ ڏنائينس ۽ جوڙو ڪپڙن جو بہ ڏنائينس پوءِ تہ ساري تر مِ وڏيري جي تعريف ٽيڙ لڳي.

توهان فقير هتي اسان جي پاڙي ۾ اچي وينا آهيو ۽ ٿوري گهٽي ڳالهه تي پاڻ ۾ تنازعا ۽ تکرار ڪيو ٿا ، هڪ ٻئي سان ڪاوڙون ڪيون وينا آهيو ته اها فقيري نه آهي. پرائي گلا نه ڪيو. اهو ماڻهو مفلس آهي جيڪو ڪنهن مسلمان ڀاءُ جي گلا ڪري ٿو. پرائي گلا ڪرڻ ائين آهي جيئن مئل ڀاءُ جو گوشت کائڻ.

هڪ اصحابي عرض ڪيو ته : يا رسول الله فلاڻو منهنجي برائي ڪري ٿو. پاڻ فرمايائون تون ان سان چگائي ڪر. وري آيو ته حضور مان ان سان پلائي ٿو ڪيان هو برائي ڪندو رهي. وري حضور جن فرمايس ته وڃي چگائي ڪريس. ڪجهه ڏينهن بعد وري شڪايت ڪيائين حضور ﷺ فرمايس افسوس هو برائي ڪندي نه ٿو ٽڪجي تون چگائي ڪندي ٽڪجي پيو آهين.

فرمايائون: ڪاوڙ گهٽي ٽيڻ اها نفسانيت جي نشاني آهي. ڪاوڙ کائي وڃڻ فقيري جي علامت آهي. فرمايائون: پنهنجي مٿان ديد قصور جي غالب رکو. پاڻ کي سڀني کان گهٽ سمجهو. هر ڪنهن کي پاڻ کان بهتر پائيو اها فقيري جي علامت آهي.

هڪ بزرگ کي ڪنهن ماڻهو گاريون ڏنيون پاڻ خاموشي سان پئي ٻڌائين. ڪو جواب نه ڏنائين. ڪنهن ماڻهو چيس ٻڌو ٿا اوهان کي چا ٿو چوي؟ فرمايائون هائو ٻڌان ٿو. چيائين پوءِ جواب نه ٿا ڏيوس. بزرگ فرمايو:

دلم خانهٔ مهر يار است بس * ازان مي نه گنجد درون کين و کس

منهنجي دل منهنجي محبوب جي محبت جو گهر بنجي وئي ان ۾ ڪا جاءِ خالي نه رهي آهي جتي ڪاوڙ ۽ ڪينو رکان.

پوءِ پاڻ شاهه سائين جو هي شعر پڙهيائون:

جن کي دَورُ دَردَ جو، سبق سُورَ پڙهنّ؛
فِڪرَ قُرهِي هٿ ۾، ماڻ مُطالع ڪنّ؛
پَنو سو پڙهنّ، جنهن ۾ پَسن پِرينءَ کي.

تيرهين مجلس

تبليغ جا فضائل

24 جمادي الاول 1409هـ

صبح جو هن عاجز کي مخاطب ٿي فرمايائون: چند ڏسجي ته تبليغ تي نڪري پئو. الله جو پيغام ڪٽي در در گهر گهر پهچايو. اهڙو ڪو به عمل رب کي پيارو نه آهي جهڙي تبليغ.

كُنْتُمْ خَيْرَ أُمَّةٍ أُخْرِجَتْ لِلنَّاسِ تَأْمُرُونَ بِالْمَعْرُوفِ وَتَنْهَوْنَ عَنِ الْمُنْكَرِ [آل عمران: 110]

اوهان سيني کان پلي امت بنائي ماڻهن ۾ اتاريا ويا آهيو جو اوهان نيڪين جو امر ڪيو ٿا ۽ برائين کان روڪيو ٿا. فرمايائون: اسان جا خليفا تبليغ نه ٿا ڪن. اسان ته انهن کي تمام سٹي ڪم سان لڳايو آهي پر هر ڪنهن جي قسمت موتيءَ جو داڻو ڪو ٿيندو آ.

اگر يالہ ہر قطرہ دُر شدے چو خر مہرہ بازار پُر شدے

اگر مينهن جا سڀ ڦڙا موتي ٿين ها ته بازار ۾ موتي ڪوڏيُن جيان وڪامن ها ۽ پوءِ انهن جو اڳهه نه ٿئي ها. تنهن ڪري موتي جو داڻو ڪو ٿيندو آهي.

اوهان انهن جي سستي ڏسي همت نه هارجو بلڪ مجاهد ٿي تبليغ ڪجو. اها سعادت الله اوهان جي حصي ۾ رکائي آهي. اگر خليفا سستي ڪن ٿا ته توهان مڙس ٿي دين جو ڪم ڪيو.

فرمايائون مال ۽ ملڪيت جيتري ٿوري ته حساب ڪتاب ۾ ايترو گهٽ فڪر ۽ پريشاني ۾ نه هوندي مال ملڪيت گهٽي ته پريشاني ۾ گهٽي. چوندا آهن ته:

گهٽو اوچڻ گهٽو سِيءَ ناهي اوچڻ ناهي سيءَ.

سري سقطي رحمت الله عليه جو گرم مصالحي جو دڪان هيو. هڪ فقير دڪان تي ايمي چتائي ڏسڻ لڳو. شيخ چيس ونڏو اٿئي وٽ نه ته هليو وڃ. فقير چيوهليو ته هر ڪو ويندو پر مان سولو ويندس تون ڏڪيو ويندين. شيخ فرمايس جيئن تون تيئن آءٌ ساه ڏيندا سين. فقير چيس تون منهنجي ريس ٿو ڪرين فقير اتي ستو پوتي مٹان وڏائين ته دم پرواز ٿي ويس. ان واقعي کي ڏسي شيخ سري توبه تائب ٿي ولي الله بنجي ويو.

چوڏهين مجلس

اول خود عمل کيو

4 جمادي الثاني 1409 14-1-1989 بعد عصر

فرمايائون: ٻين کي وعظ ڪرڻ کان اڳ پاڻ کي عمل ڪرڻ گهرجي. رب فرمايو آهي ته:

يَا أَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا لِمَ تَقُولُونَ مَا لَا تَفْعَلُونَ

كَبُرَ مَقْتًا عِندَ اللَّهِ أَن تَقُولُوا مَا لَا تَفْعَلُونَ [الصف:2،3]

اي ايمان وارئو اوهان اهڙي ڳالهه (ٻين کي) چو ٿا چئو جنهن تي پاڻ عمل نه ٿا ڪيو الله وٽ اها وڏي ناپسنديدگي جي ڳالهه آهي جو ٻين کي چئو پاڻ عمل نه ڪيو.

هڪ بزرگ کي ڪنهن ماڻهو چيو ته منهنجي چوڪري ڇڙ ٽي کائي. اڪيون ٻه اُٽي پيون اٽس ان کي نصيحت ڪيو. فرمايائون ته سياڻي وٽي اچجانءِ. ٻئي ڏينهن تي بزرگ ان چوڪري کي چيو ته ابا ڇڙ نه کاءِ. ان چيو ته سائين اڳتي نه کائيندس ان ماڻهو چيو ته سائين اها ڳالهه ڪالهه چو نه چيوَ. فرمايائون ته ابا ڪالهه مان پاڻ ڇڙ ڪايو وينو هوس اگر چوانس ها ته عمل نه ڪري ها.

هڪ بزرگ کي ڪنهن ماڻهو اچي چيو ته سائين توهان جو فلاڻو مريد منهنجو ساڻهرو آهي. مون کي زال نه ٿو ڏئي ان کي سمجهايو. بزرگ فرمايس ته فلاڻي شهر ۾ وچ منهنجو نياڻو اٽئي ان کي وٽي اچ. اول بزرگ ان کي گهرائي ان کي سمجهايو ته بابا پنهنجي زال کي وٽي رهاءِ. ان سان قرب قرينو ڪر. ان جي زال ان جي حوالي ڪيائين پوءِ ان مريد کي گهرائي چيائين ته هن کي سندس زال ڏي. چيائين ته هائو سائين پلي وٽي وڃي.

ڏسو مبلغ ۽ خليفي کي اول پاڻ عمل ڪرڻ گهرجي. پوءِ ٻين تي ان جو اثر ٿيندو. جيڪي واعظ ۽ مقرر خود عمل نه ٿا ڪن، انهن جي زبان ۾ تاثير نه هوندي آهي. پلي ڪٽي فصيح بليغ وعظ تقريرون ڪن. پر اثر ظاهر نه ٿيندو. حضور نبي ڪريم ﷺ جي سنتن تي پوري طرح عمل پيرا ٿيڻ سان مقرر جي زبان پُر تاثير ٿيندي آهي.

پندرهين مجلس

صحبتِ صالحين

10 جمادي الثاني 1409ھ بعد نماز فجر

فرمايائون: دنيا جا كم بہ ضروري آهن. اهي بہ كجن پر دين جا كم ترك نہ كجن. مڙسي اها آهي جو دنيا جا كم بہ كجن ۽ رب جي كمن ۾ بہ سستي نہ كجي ۽ دينداري جي كمن ۾ سستي تڏهن ايندي آهي جڏهن ماڻهو الله وارن جي صحبت كان پري ٿي ويندو آهي. پلي كٽي كو عالم يا عامل هجي، حاجي يا حافظ هجي. نيك يا صالح هجي. پر صالحن جي صحبت نہ كندو تہ شيطان كٽي نہ كٽي ان كي گمراهہ كري وجهندو. چو تہ شيطان پليت نيكن كي نيك بنجي، وڏيرن كي وڏيرو بنجي. صوفين كي صوفي بنجي، علم وارن كي علم وارو بنجي گمراهہ كندو آهي. كڏهن اهو نيكي جي صلاح ڏئي بہ گمراهہ كندو آهي. كو ماڻهو هزار نفل پڙهي، هزار روزا ركي، هزار بيمارن جي عيادت كري، هزار ڏوكڙ خيرات كري پر انهن سيني كان خداوارن جي صحبت جي هك گهڙي زياده پلي آهي.

يک زمانہ صحبت با اوليا بہتر از صد سالہ طاعت بی ريا.

الله وارن جي صحبت جي هك گهڙي سو سالن جي بي ريا عبادت كان بهتر آهي.

هك شخص روزانو شيطان تي لك لعنت وجهندو هو. هك ڏينهن ستو پيو هو تہ كنهن اچي جلدي سان اٹاريس تہ پٽ ٿي كري. هي اٹيو تہ پٽ بہ كري پئي. چيائين تہ تون كير آهين چيائين اهو آهيان جنهن تي لك لعنت پڙهندو آهين. چيائين تون دشمن پوءِ كيئن مون سان پلائي كيئي؟ چيائين پٽ هيئان ڏهجي مرين ها تہ شهيد ٿي وجين ها سڀ گناه معاف ٿي وجنئي ها. ڏسو تہ شيطان جي سڃڻپائي ۾ بہ مدائي ركيل آهي. ابليس جي انهن مكرن كي خدا وارا ئي سمجهندا آهن. هر كو ان جي فريب كارين كي سمجهي نہ سگهندو آهي. هزارين پيرن ۾ چور جو پير صرف پيري وائڙو ئي سڃاڻندو آهي

حضرت پير متا سائين رحمت الله عليه فرمايو ته منهنجو استاد هڪ وڏيري صاحب وٽ پڙهائيندو هيو. ڳالهه ڪيائون ته اهو وڏيرو صاحب تمام نيڪ صالح آهي. مون چيو ته اهڙي شخص جي زيارت ڪندو وڃان. آيس پڌايائون وڏيرو صاحب مسجد ۾ آهي. اشراق نفل ذڪر فڪر ۾ مشغول آهي. پهر ڪن ڪان پوءِ ٻاهر نڪتو ته اوطاق ۾ هڪ شخص ڪٽ تي ويٺو هيو. چيائين تون ڪير آهين؟ ان چيو "وال وٽ" چيائين ته وال وٽ ڪوري آهن. تون ڪوري وري ڪٽ تي چڙهي ويٺو آهين. لهه هيٺ. مون دل ۾ چيو ته ڏسو هيڏو عابد زاهد پر خدا وارن جي صحبت ڪان سواءِ ڪيئن شيطان گمراهه ڪري ڇڏيو اٿس.

الله ڪريم فرمايو آهي ته:

وَاصْبِرْ نَفْسَكَ مَعَ الَّذِينَ يَدْعُونَ رَبَّهُمْ بِالْغَدَاةِ وَالْعَشِيِّ يُرِيدُونَ وَجْهَهُ وَلَا تَعْدُ عَيْنَاكَ عَنْهُمْ [الكهف: 28]

۽ پنهنجو پاڻ ڪي انهن ماڻهن سان رهاءِ جيڪي صبح سانجهي پنهنجي پالڻهار ڪي سڏن ٿا. ان رب جي رضا چاهين ٿا. انهن ڪان اکيون نه ٽيراءِ.

تفسير قرطبي ۾ آهي ته جڏهن اها آيت نازل ٿي ته خود حضور ڪريم ﷺ انهن اصحابن وٽ وڃي انهن کي پنهنجي صحبت جو شرف بخشيو.[1] حضور ﷺ خود اولو العزم پيغمبر هئا. جن جي زيارت جا انبياء و اولياء ۽ فرشتا مشتاق هئا. پاڻ هلي وڃي انهن کي پنهنجي فيض برڪت سان نوازيائون. الله پاڪ فرمايو آهي ته:

وَاتَّبِعْ سَبِيلَ مَنْ أَنَابَ إِلَيَّ

۽ تابعداري ڪر واٽ ان ماڻهو جي جنهن مون ڏانهن موٽ ڪئي آهي.

فرمايائون: خدا وارن جي صحبت انسان کي انسان بنائيندي آهي. ماڻهن کي ماڻهپو سيکاريندي آهي. بي همتن کي مرد بنائيندي آهي. جن اها صحبت ڇڏي ته شيطان انهن کي عبادت هوندي به گمراهه ڪري ڇڏيندو.

---

[1] فقام النبي صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يلتمسهم حتى إذا أصابهم في مؤخر المسجد يذكرون الله قال: الحمد لله الذي لم يمتني حتى أمرني أن أصبر نفسي مع رجال من أمتي. معكم المحيا ومعكم الممات. تفسير القرطبي (10/ 391)

بي قدري جو نتيجو : فرمايائون: الله وارن وٽان اهو ڪامياب ٿيندو آهي جيڪو قدردان هوندو آهي. جيڪو بي قدري ڪندو تہ مليل نعمت کان بہ محروم ٿي ويندو. پوءِ بطور تمثيل جي هڪ حڪايت بيان فرمايائون تہ:

حڪايت : هڪ بزرگ وٽ هڪ ڪوئو روز انو ايندو هيو. بزرگ ويٺو هوندو هيو تہ ڪيس ڪَانهِ ڪندو هيو. هڪ ڏينهن ڪوئو ديرسان آيو. بزرگ چيو ڪوئا اڄ ديرسان ڇو آيو آهين؟ چيائين تہ واٽ تي ٻلو ٻيٺو هو. ان ڪري ڊنس ٿي تہ متان کائي وڃي. بزرگ فرمايس تون ٻلو آهين. بزرگ جي لفظن نکرڻ سان اهو ٻلو ٿي پيو. پوءِ بزرگ جي مجلس جي ٻاهران اچي ويهندو هيو. هڪ ڏينهن ديرڪري آيو. بزرگ فرمايس اڄ ڇو ديرڪري آيو آهين. چيائين سائين واٽ تي شينهن ٻيٺو هيو. بزرگ فرمايو تون بہ شينهن آهين. تہ اهو شينهن ٿي پيو. پوءِ بزرگ وٽ ايندو رهندو هيو. جهنگ ۾ هڪ شينهڻ هئي. ان کي چيائين مون سان شادي ڪر. ان چيو تون شينهن جهنگ جو بادشاهه وري ان فقير اڳيان وڃي نيازمندي ٿو ڪرين سو ان کي ماري اڄ پوءِ توسان شادي ڪنديس. شينهن بزرگ وٽ آيو ۽ مارڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو تہ بزرگ فرمايس ڪوئا هي ڇا ٿو ڪرين. بزرگ جي لفظن نکرڻ سان اهو ڪوئو ٿي پيو.[1] سو جيڪي ڏئي جاڻندا آهن سي ڦري بہ جاڻندا آهن. الله وارن وٽ وڃجي تہ قدردان ٿي وڃجي.

اِجهو سانوڻ آئيو:

فرمايائون هڪ عورت ڪنهن بزرگ وٽ آئي تہ سائين منهنجو ٻچو گم ٿي ويو آهي. ڏاڍي تلاش ڪئي اٽئون نہ ٿو ملي. پاڻ فرمايائون نالو ڇا اٿس؟ چيائين. سانوڻ. بزرگ قلم ڪاغذ گهرائي ان تي لکيو: "ڪنڌيءَ ڪانهہ سنواريا اجهو سانوڻ آئيو". فرمايائون هي ڪاغذ گهر ڪٽي وڃ. مائي گهر پهتي تہ سانوڻ گهر ويٺو آهي. ملاقات ڪري خوش ٿي وري بزرگ وٽ موٽي آئي تہ سائين اوهان جي ڪاغذ کان اڳ ئي منهنجو سانوڻ اچي ويو هيو. پاڻ اهو ڪاغذ وٺي ڦاڙي ڇڏيائون.

---

[1] اولياء ڪرام جو دستور رهيو آهي جو اهي مائٽن کي سمجهائڻ لاءِ بطور تمثيل جي امڙيون حڪايتون بيان ڪندا آهن. اولياء ڪرام وصوفياء متقدمين و متاخرين جا ڪتاب خصوصاً مثنوي مولاءِ روم جا دفتر امڙن تمثيلي حڪايتن سان پريل آهن.

مائي گهر وڃي تہ نہ ڪي سانوڻ نہ ڪي سيارو. پوءِ تہ ڏاڍو پشيمان ٿي. بزرگ وٽ موٽي آئي. سائين سانوڻ آهي ئي ڪونہ! پاڻ فرمايائون: "هاٿي وڃي سانوڻ ڪي ڳول".

ڏسو ٿوري بيقدري سبب پنهنجو نقصان ڪري ويٺي.

حضرت يوسف عليہ السلام جي دعا : الله جو نبي آهي. نبي ابن نبي ابن نبي آهي. ڪريم ابن ڪريم ابن ڪريم آهي.[1] پر سندس دعا قرآن پاڪ ۾ آئي آهي. ڏسو الله ڪان گهري پيو. تَوَفَّنِي مُسْلِمًا وَّاَلْحِقْنِي بِالصّٰلِحِيْنَ [يوسف: 101]

اي الله مون کي مسلمان ڪري مار ۽ صالحن مان بنائي اتار.

اسان کي به الله جي بارگاهہ ۾ اها دعا گهرڻ گهرجي تہ يا الله اسان کي صالحن جي صحبت نصيب فرماءِ. الله جا ولي اسان جي لاءِ الله جي دربار ۾ وڪيل آهن. اسان کي پنهنجو اهڙو فڪر نہ آهي جيڪو انهن کي اسان جو فڪر آهي.

شاهہ نقشبند حضرت خواجہ بهاؤ الدين بخاري رحمت الله عليہ فرمايو آهي تہ منهنجي در تي جيڪو ماڻهو پراٽي جُتي به وساري ويندو تہ ان جو به ننگ سڃاڻي ان کي جنت ڏانهن وڻي ويندس. پاڻ فرمايو اٿس تہ چاليهہ ڪوهن تائين منهنجو پاڙو آهي. انهن جي سفارش ڪري جنت ۾ وڻي ويندس. خداوارا مفت ۾ دين جي خدمت ڪن ٿا. بي لوث بي لالچ ٿي ڪم ڪن ٿا تہ تڏهن هنن وٽان دين جو ڪم ٿو ٿئي. باقي جيڪي پنهنجي دين جو هر ڪم پئسن تي ويڻا وڪٽن تہ انهن وٽان دين جو ڪم نہ ٿو ٿئي.

نبوي دعا : پاڻ ڪريم ﷺ امت کي دعا سيکاري آهي تہ الله کان هن طرح سوال ڪيو:

اَللّٰهُمَّ اِنِّيْ اَسْاَلُكَ حُبَّكَ وَحُبَّ مَنْ يُّحِبُّكَ وَحُبًّا يُّبَلِّغُنِيْ حُبَّكَ [2]

اي الله توکان تنهنجي محبت گهران ٿو ۽ ان ماڻهو جي محبت گهران ٿو جيڪو توسان محبت رکي ٿو ۽ ان شيءِ جي محبت گهران ٿو جيڪا تنهنجي محبت تائين پهچائي.

اها محبت جيڪا الله جي محبت تائين پهچائي سا خداوارن جي محبت آهي.

---

[1] عَنِ النَّبِيِّ ﷺ قَالَ: اَلْكَرِيمُ بْنُ الْكَرِيمِ بْنِ الْكَرِيمِ بْنِ الْكَرِيمِ يُوسُفُ بْنُ يَعْقُوبَ بْنِ إِسْحَاقَ بْنِ إِبْرَاهِيمَ. البخاري (6/95)

[2] التوحيد لابن خزيمة (1/324) المعجم الكبير للطبراني (15/63)

فقيرن جي خدمت جا فائدا:

فرمايائون: الله جي ذڪر وارن جي خدمت ڪيو. انهن جون جُتيون ناهي رکو. اگر ڪو ذاڪر اوهان وٽ مهمان ٿي اچي تہ پنهنجي لاءِ پاڻ پائيو. انهن جي خدمت لاءِ پاڻ کي وقف ڪري ڇڏيو. مون ڏٺو تہ منهنجا مرشد ڪريم خود فقيرن لاءِ ماني کٽي آيا. وري انهن جاهٕ ڏٺارڻ لڳا. فقيرن ۾ جذبا چالو ٿي ويا. پوءِ مولوي غلام رسول پوڙهو هيو. ان کي فرمايائون مولوي صاحب تون هٕ ڍگها ڪر منهنجي دل جي اميد پوري ٿئي.

ڏسو اها تعليم هئي تہ پلي نيڪ صالح هجو تہ بہ خدمت ڪيو تہ توهان جو درجو وڌي.

هڪ فقير سفر ۾ هيو رات پئجي ويس. زوردار مينهن وسي پيو. جنهن بہ در تي وڃي تہ ڪو در نہ ڪولي. هڪ ڪنيار جي آوي پچي رهي هئي. اهو جو باهر ڏسڻ نڪتو تہ فقير تي نظر پيس. ان کي پنهنجي گهر ۾ رهايائين. ڪيس ماني کارايائين سندس گڏهہ کي گاهہ وڌائين. ڪنيار بار بار باهر ٿي ويو تہ بزرگ فرمايس چو ٿو باهر وڃين؟ چيائين آوي ٿي پچي. فقير چيو آوي مان هڪ ٽڪري کٽي اچ. ان تي بزرگ لکيو:

جي نہ هووي ها نورا يار ڪنيارا، هلاڪ ٿي وڃي ها بلخ و بخارا

صبح جو سوير فقير تہ هليو ويو. ڪنيار آوي ڪولي تہ دلا مٽ ٽڪر پٽر سڀ سونا ٿي پيا. بادشاهہ کي خبر پئي ان ٽڪري گهرائي پڙهي. بادشاهہ چيو تنهنجو اسان سڀني تي احسان آهي. اگر ان جي خدمت نہ ڪرين ها تہ بلخ بخارا برباد ٿي وڃن ها.

هڪ شخص هتي حيدرآباد ڪان آيو چيائين تہ اهو وڏو مالدار ۽ دولت مند هيو. هڪ فقير مجذوب رات جو وٺس آيو. اچي در ڪڙڪائي چيائين "باهو در لاهہ". هن چا ڪيو جو گرم پاٽي چُلهہ تي ٽمڪي رهيو هيو، اهو فقير جي پيرن تي هاريائين. فقير دانهن ڪيون هليو ويو. بس ان ڏينهن ڪان ترپاتار ٿي ويو. ملڪيتون مال ختم ٿي ويا ۽ پنڌ ٿي ويو. مون چيو تہ فقيرن جي دعا وٺي آهي يا پاڻ ٻِتائبو آهي! ڪم ناهيندا بہ فقير آهن، ڏاهيندا بہ فقير آهن. فقيرن جي دل آزاري نہ ڪجي. رات جو سائل هر گز خالي نہ وراڻيو.

ہر ڪاغذ دي عزت ڪرين متان قرآن دي آيات هووئي، ہر فقير دي خدمت ڪرين متان خواجہ حضر حيات هووئي، ہر پاڻي دي عزت ڪرين متان اهو آب حيات هووئي، ہر قافلے دي عزت ڪرين متان پاڪ نبي دا ساتھ هووئي۔

سورهين مجلس

گمراهه ماڻهن جا طبقا

11 جمادي الثاني 1409هـ بعد نماز عشاء

فرمايائون: هن دور ۾ گمراهه ماڻهن جا ڪيئي طبقا ٻنجي چڪا آهن. هر طبقي کي شيطان پليت پنهنجي نوعيت تي گمراهه ڪري رهيو آهي.

1. جديد تعليم يافته طبقو

گهٽا پڙهيل لکيل انگريزي دان طبقي وارا الله کي نه ٿا مڃن. خدا جا منڪر ٻنجي چڪا آهن. اسلام ۽ قرآن مٿان ڪُلي تنقيد ڪري رهيا آهن. حضور ﷺ جي شان ۾ نازيبا لفظ ڳالهائي رهيا آهن. نماز روزي حج زڪواة تي تنقيد ڪري رهيا آهن. مسلمانو ان پڙهيل لکيل جاهل ماڻهن کان بچو.

هڪ ماڻهو هن عاجز کي چيو ته خدا آهي ئي ڪونه. اگر آهي ته ان کي ڪنهن پيدا ڪيو؟ ان کان اڳي ڪير آهي؟ مون چيو ته هڪ کان ڏهن تائين ڳڻ. ڳڻيائين مون چيو وري ڏهن کان پوئتي ڳڻ. ڳڻي هڪ تي اچي ٻيئو مون چيو اڳتي. چيائين اڳتي ڪجهه نه آهي. مون چيو هڪ کان اڳتي انگ تون ثابت ڪر ته هن خدا کان اڳ ٻيو خدا مان ٿو ثابت ڪيان. پوءِ خاموش ٿي ويو. وڌيڪ ڪجهه ڪُچي نه سگهيو.

فَبُهِتَ الَّذِي كَفَرَ وَاللَّهُ لَا يَهْدِي الْقَوْمَ الظَّالِمِينَ [البقرة: 258]

پوءِ مون کي ٻڌايائون ته اهو شخص هڪ بزرگ جو مريد هيو تمام نيڪ صالح با شرع هيو پوءِ آمريڪا مان پڙهي آيو آهي هاڻي اهو حال ٿي ويو اٿس جو خدا کي ئي نه ٿو مڃي.

اسان جي استاد وٽ هڪ مولوي ايندو هيو. سنڌ جي نامياري علمي گهراڻي جو فرد هيو. ان جو ڏاڏو منطق جي ڪتاب خيالي تي وڏو عبور رکندو هيو. وڏا وڏا عالم وٽس خيالي پڙهڻ ايندا هئا. هي نينگر به عالم هيو پر پوءِ:

أَضَلَّهُ اللَّهُ عَلَى عِلْمٍ وَخَتَمَ عَلَى سَمْعِهِ وَقَلْبِهِ وَجَعَلَ عَلَى بَصَرِهِ غِشَاوَةً [الجاثية: 23]

الله کي نہ مجندو هيو خدا آهي ئي کو نہ. جڳ پاڻمي ٿو هلي. اگر قادر آهي تہ هي کم تہ کري ڏيکاري. پيءُ ڏاڏو عالم پٽ وري همڙو بد عقيده.

اسکولن کاليجن ۾ پڙهڻ وارا نوجوان کي کي ائين کامريڊ بنجي وڃن ٿا. دهريت جو زور وڌندو ٿو وڃي. اهو سپ بري صحبت جو اثر آهي.

2. بي ادب مولوين جو طبقو

اهي وري حضور نبي کريم ﷺ جي شان کي نہ ٿا مڃن. رسول الله ﷺ جي علم غيب جا منکر. سندن نور انيت جا منکر. چون تہ نبي ﷺ اسان جھڙو بشر هيو. العياذ بالله.

نصر پور جي مدرسي ۾ مان پڙهندو هيس اتي اسان جو استاد صاحب وڏو عالم هيو پر پکو وهابي هيو. نفل نہ پڙهندو هيو. وَتَرُ نہ کندو هيو. جُمُعہ هڪ نہ ڏيندو هيو. صوفياءِ کرام جو سخت مخالف هوندو هيو. اتي مولوي اسماعيل دهلوي جو کتاب نڊين نڊين طالبن مبتدين کي بہ پڙهائيندا هئا تہ جيئن عقيدن جا پکا وهابي ٿي وڃن.

اسان حج تي ويا سين اتي بہ ڏٺو سين تہ ملان ڊگهين ڏاڙهين وارا ٻيون عبادتون کن پيا پر درود اصل نہ پڙهن. پر سمٽي نبي کريم ﷺ جي روضي پاڪ ڏانهن منهن کري دعا بہ گهرڻ نہ ڏين. چون تہ اها غير جي پوجا آهي.

اتي هڪ مولوي تقرير پيو کري حديث پيو پڙهي تہ حضرت عمر ﷺ بيت الله جو طواف کندي حجر اسود کي چيو تہ اي پٿر آءٌ سمجهان ٿو تہ تون پٿر آهين نہ نفعو ڏيندين نہ نقصان. آءٌ توکي ان کري چمان ٿو جو نبي کريم ﷺ توکي چميو آهي.[1] ايتري تائين پڙهي پيو پر اڳتي حديث مکمل نہ پيو ٻڌائي تہ جڏهن حضرت عمر اهي لفظ چيا تہ پويان حضرت علي ﷺ ٻڌي آيو ان فرمايس تہ: اي عمر ائين نہ چؤ مون خود حضور ﷺ کان ٻڌو پاڻ فرمايائون تہ:

---

[1] عَنْ عَابِسِ بْنِ رَبِيعَةَ عَنْ عُمَرَ أَنَّهُ جَاءَ إِلَى الْحَجَرِ فَقَبَّلَهُ فَقَالَ إِنِّي أَعْلَمُ أَنَّكَ حَجَرٌ لاَ تَنْفَعُ وَلاَ تَضُرُّ وَلَوْلاَ أَنِّي رَأَيْتُ رَسُولَ اللَّهِ صلى الله عليه وسلم يُقَبِّلُكَ مَا قَبَّلْتُكَ. رواه الجماعة

يؤتى يوم القيامة بالحجر الأسود و له لسان ذلق يشهد لمن يستلمه بالتوحيد فهو يا أمير المؤمنين يضر و ينفع فقال عمر : أعوذ بالله أن أعيش في قوم لست فيهم يا أبا الحسن

قيامت ڏينهن حجر اسود کي آندو ويندو تہ ان کي ڳالهائڻ جي زبان هوندي پوءِ جنهن بہ توحيد سان ان کي چميو هوندو يا ان جو استلام کيو هوندو تہ ان جي شاهدي ڏيندو. اي امير المؤمنين اهو نقصان بہ ڏئي سگهي ٿو نفعو بہ ڏئي سگهي ٿو. پوءِ حضرت عمر ﷺ فرمايس تہ : اي علي جنهن قوم ۾ تون نہ هجين مان ان قوم سان گڏ رهڻ کان الله جي پناهہ ٿو گهران. [1]

هاڻي ڏسو ملان حق کي کيئن ٿا لکائن. وري چون ٿا تہ رسول بخش، علي بخش، عبدالنبي، عبد الرسول نالو رکڻ حرام آهي. حالانکہ اسان جا اسلاف اهي نالا رکي ويا آهن. شيخ عابد انصاري ان نالن جي جواز جي موضوع تي هڪ مکمل رسالو لکيو آهي.

هڪڙو ملان تہ تمام گستاخانہ الفاظ ۾ سهٹي حبيب کريم ﷺ جي باري ۾ بيان کري رهيو هيو جو اهڙا لفظ هڪ مؤمن کي زبان تي آڻڻ بہ نہ سونهن. اهڙن بدعقيده مولوين لاءِ پاڻ کريمن ﷺ فرمايو آهي تہ: أَشَدُّ النَّاسِ عَذَابًا يَوْمَ الْقِيَامَةِ عَالِمٌ لَمْ يَنْفَعْهُ عِلْمُهُ [2] روز محشر سڀني کان وڌيڪ عذاب ان عالم کي هوندو جنهن کي ان جي علم نفعو نہ ڏنو.

---

[1] عن أبي سعيد الخدري رضي الله عنه قال : حججنا مع عمر بن الخطاب فلما دخل الطواف استقبل الحجر فقال : إني أعلم أنك حجر لا تضر و لا تنفع و لولا أني رأيت رسول الله صلى الله عليه و سلم قبلك ما قبلتك ثم قبله فقال له علي بن أبي طالب : بل يا أمير المؤمنين إنه يضر و ينفع قال : ثم قال : بكتاب الله تبارك و تعالى قال : و أين ذلك من كتاب الله ؟ قال : قال الله عز و جل : { و إذ أخذ ربك من بني آدم من ظهورهم ذريتهم و أشهدهم على أنفسهم ألست بربكم قالوا : بلى } خلق الله آدم و مسح على ظهره فقرر هم بأنه الرب و أنهم العبيد و أخذ عهودهم و مواثيقهم و كتب ذلك في رق و كان لهذا الحجر عينان و لسان فقال له : افتح فاك قال : ففتح فاه فألقمه ذلك الرق و قال اشهد لمن وافاك بالموافاة يوم القيامة و إني أشهد لسمعت رسول الله صلى الله عليه و سلم يؤتى يوم القيامة بالحجر الأسود و له لسان ذلق يشهد لمن يستلمه بالتوحيد فهو يا أمير المؤمنين يضر و ينفع فقال عمر : أعوذ بالله أن أعيش في قوم لست فيهم يا أبا الحسن. المستدرك على الصحيحين للحاكم مع تعليقات الذهبي في التلخيص (1/628)

[2] عَنْ أَبِي هُرَيْرَةَ رَضِيَ اللَّهُ عَنْهُ، قَالَ: قَالَ رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ: "أَشَدُّ النَّاسِ عَذَابًا يَوْمَ الْقِيَامَةِ عَالِمٌ لَمْ يَنْفَعْهُ عِلْمُهُ" المعجم الكبير للطبراني (19/65) المعجم الصغير (1/305) المجالسة و جواهر العلم للدينوري المتوفى 333هـ (1/393) شعب الإيمان للبيهقي (3/274) معجم ابن المقرئ 381 (1/78) أخلاق العلماء للآجري (1/72) عمدة القاري (18/162)

اهلسنت جي مقابلي ۾ هي فرقا ۽ ٽولا سڀ پڙهيلن ماڻهن بنايا آهن. دين جا وڏا دشمن اهي بي ادب ملان آهن. اهي شر الناس آهن. ڏسو وقت جي هر ولي الله جا دشمن ملان ٿيندا رهيا آهن. اولياء ڪبار تي ڪفر جي فتويٰ ڏني اٿن. الله جي نبي ﷺ اهڙي علم کان الله جي پناهه گهري آهي.

اللَّهُمَّ إِنِّي أَعُوذُ بِكَ مِنْ عِلْمٍ لاَ يَنْفَعُ وَمِنْ قَلْبٍ لاَ يَخْشَعُ وَمِنْ نَفْسٍ لاَ تَشْبَعُ وَمِنْ دَعْوَةٍ لاَ يُسْتَجَابُ لَهَا [1]

اي الله مان توکان پناهه گهران ٿو اهڙي علم کان جو نفعو نه ڏئي ۽ اهڙي دل کان جنهن ۾ خشيت نه هجي ۽ اهڙي نفس کان جيڪو نه ڀاڪي ۽ اهڙي دعا کان جا قبول نه ڪئي وڃي. اهڙي علم کان رب پناهه ڏئي جنهن مان فائدي جي بجاءِ نقصان ملي ۽ آخرت جي بربادي حاصل ٿئي.

3. جاهل ماڻهن جـــو طبقو

هي وري اهي آهن جيڪي صحابه ڪرام جي شان جا گستاخ آهن. حالانڪ صحابه ڪرام جو ساري امت تي احسان آهي. اهي نه هجن ها ته اڄ اسان تائين دين نه پهچي ها. انهن پنهنجون جندون جانيون قربان ڪري اسان تائين دين پهچايو. اسان ڪٽي جبل احد سونو خيرات ڪيون ته به صحابه ڪرام جي ذري کي به پهچي نه ٿا سگهون. حديث ۾ آهي ته:

لاَ تَسُبُّوا أَصْحَابِي فَلَوْ أَنَّ أَحَدَكُمْ أَنْفَقَ مِثْلَ أُحُدٍ ذَهَبًا مَا بَلَغَ مُدَّ أَحَدِهِمْ ، وَلاَ نَصِيفَهُ [2]

منهنجي اصحابن کي گهٽ وٽ نه ڳالهايو اگر اوهان مان ڪو احد جبل جي مثل سون خيرات ڪري ته انهن جي مُد يا اڌ مد جي برابر به نه ٿو ٿي سگهي.

صحابه ڪرام جي شان عزت ۽ عظمت جو الله عزوجل قرآن ۾ اعلان ڪري ڇڏيو آهي.

---

[1] صحيح مسلم (81/8)

[2] عَنْ أَبِي سَعِيدٍ الخُدْرِيِّ ، رَضِيَ اللَّهُ عَنْهُ ، قَالَ : قَالَ النَّبِيُّ صلى الله عليه وسلم : لاَ تَسُبُّوا أَصْحَابِي فَلَوْ أَنَّ أَحَدَكُمْ أَنْفَقَ مِثْلَ أُحُدٍ ذَهَبًا مَا بَلَغَ مُدَّ أَحَدِهِمْ ، وَلاَ نَصِيفَهُ. صحيح البخاري (10/5)

صحيح مسلم (188/7) سنن أبي داود (346/4)

وَالسَّابِقُونَ الْأَوَّلُونَ مِنَ الْمُهَاجِرِينَ وَالْأَنْصَارِ وَالَّذِينَ اتَّبَعُوهُمْ بِإِحْسَانٍ رَضِيَ اللَّهُ عَنْهُمْ وَرَضُوا عَنْهُ وَأَعَدَّ لَهُمْ جَنَّاتٍ تَجْرِي تَحْتَهَا الْأَنْهَارُ خَالِدِينَ فِيهَا أَبَدًا ذَلِكَ الْفَوْزُ الْعَظِيمُ [التوبة: 100]

ع سيني كان اڳيان پهريان مهاجر ع انصار ع جن نيكي م انهن جي پيروي ڪئي الله انهن كان راضي ٿي ويو ع اهي الله كان راضي ٿي ويا ع الله انهن لاءِ باغ بنايا آهن جن جي هيٺان نهرون وهن ٿيون. هميشه هميشه ان م رهندا اهائي وڏي كاميابي آهي.

حضرت عمر فاروق ﷺ جڏڙا جوان جن جي زندگي مثالي آهي. جڏهن ڏکر پيو ته پاڻ مٽي نه سمهندا هئا. چٽيل اٽو نه کائيندا هئا ته مسلمان بکيا هجن آءِ ڏؤ ڪري کاوان. جبو تڏهن لاهيندا هئا جڏهن سترهن پيوند پوندا هئا. سو به هڪڙو هوندو هين. هڪ جمعي تي پاڻ دير سان آيا جو ڪڙا ڏاڙيائون جيستائين سُڪا ته دير ٿي وين.

پاڻ ڪريم ﷺ فرمائين ٿا ته:

شَفَاعَتِي لأَهْلِ الْكَبَائِرِ مِنْ أُمَّتِي. ①

منهنجي شفاعت منهنجي امت جي ڪبيرن گنهگارن لاءِ به هوندي.

اها حديث اڄ تائين به مسجد نبوي شريف م لکيل آهي. آءٌ خود پڙهي آيو آهيان.

پر جيڪي صحابہ ڪرام جا گستاخ آهن اهي سندن شفاعت کان محروم هوندا.

شفاعتي مباحة لعموم المؤمنين إلا من سب أصحابي ②

منهنجي شفاعت سڀ ايمان وارن لاءِ جائز هوندي سواءِ ان ماڻهو جي جنهن منهنجي ڪنهن به اصحابي کي گار ڏني.

بلڪ پاڻ ڪريمن ﷺ فرمايو آهي ته منهنجي اصحابن کي جنهن به گار ڏني ان تي الله جي ملائڪن جي ع سيني جي لعنت آهي. جيئن حديث پاڪ م آهي ته:

---

① عَنْ أَنَسِ بْنِ مَالِكٍ عَنِ النَّبِيِّ صلى الله عليه وسلم قَالَ: شَفَاعَتِي لأَهْلِ الْكَبَائِرِ مِنْ أُمَّتِي. سنن أبي داود (4/379) سنن الترمذي (4/625) صححه الباني. سنن ابن ماجة (5/363)

② التيسير بشرح الجامع الصغير. للمناوي (2/152)

مَنْ سَبَّ أَصْحَابِي فَعَلَيْهِ لَعْنَةُ اللَّهِ وَالْمَلَائِكَةِ ، وَالنَّاسِ أَجْمَعِينَ. ①

اصحابن جي شان ۾ گستاخي ڪرڻ سخت گناھ آھي. پر شيعن کي ڪهڙي خبر اصحابن جي شان جي. انهن جي مذهب ۾ آزادي آھي. ڀنگ، چلم، نشا پتا عام جام ڪن. نہ نماز نہ روزو. صحابہ جي شان ۾ گستاخي ڪرڻ خود حضور ﷺ جي شان ۾ گستاخي آھي. جن کي الله پاڪ رَضِيَ اللَّهُ عَنْهُمْ وَرَضُوا عَنْهُ جو اعزاز عطا ڪري ذَلِكَ الْفَوْزُ الْعَظِيمُ [المائدة:119] جي خوشخبري ڏئي چڏي آھي.

(الله انهن راضي ٿي ويو ۽ اهي به الله کان راضي ٿي ويا اها تمام وڏي ڪاميابي آھي)

اهي جاهل چون تہ حضور ﷺ کان بعد سڀ صحابہ ڪري ويا هئا. صرف چار باقي رهيا هئا. الله شال پناھ ڏئي اهڙن عقيدن ارادن کان. حالانڪ صحابہ مان هڪ هڪ جوان جي سوانح پڙهي ڏسو تہ عقل حيران آھن. اهڙا جوانن ڪم ڪري ڏيکاريا. پنهنجا ڳوٺ، وطن چڏي مسافر بنجي الله جو دين عرب عجم مشرق مغرب تائين پهچائي ويا.

هڪڙي پرفتن دور جي اندر خدا وارن جي صحبت ڪرڻ فرض آھي. خدا وارن جي صحبت کان سواءِ هنن فتنن گمراھ ڪُن عقيدن کان بچڻ مشڪل آھي.

پير را بگزين كه بي پير اين سفر * هست بس پر آفت و خوف و خطر

تہ اهي ٽن قسمن جا طبقا اسان جي معاشري ۾ زور پکڙي رهيا آھن.

هڪڙا الله جي وجود جا منڪر. ٻيا رسول الله ﷺ جي شان جا منڪر . ٽيا صحابہ ڪرام جي شان جا منڪر. الله ڪريم شال انهن فرقن ۾ طبقن کان پنهنجي پناھ ۾ رکي.

وَڏا وَنَّ وَٽڪارِ جا، جِتِ نانگ سُجَن نِيلا؛
اُتي عَبدُاللَطِيفُ چئي، ڪيا هيڪلِيُن حِيلا؛
جِتِ ڪَڙمَ نہ قَبِيلا، اُتِ رَسج، رَهبَرَ! راهَ مِ.

---

① عَنِ ابْنِ عَبَّاسٍ ، قَالَ: قَالَ رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ: مَنْ سَبَّ أَصْحَابِي فَعَلَيْهِ لَعْنَةُ اللَّهِ وَالْمَلَائِكَةِ ، وَالنَّاسِ أَجْمَعِينَ. المعجم الكبير للطبراني (10/289)

ستر هين مجلس

رچي جي ريتا ٽيا

11 جمادالثاني 1409 هـ بعد نماز فجر

سونماٽي واري رستي کان درگاهه ڪرمپور شريف دادو ڏانهن درگاهه تائين سرڪاري طرح رستو منظور ٿيو. پر زمين جو مالڪ جيڪو تر جو با اثر زميندار هيو. ان اهو رستو نٿو نہ ڏنو. بلڪ نٿيل ڪچو رستو بہ ڏهرائي ڇڏيائين. درگاهه ۾ فقيرن جي شديد مخالفت ڪيائين. اها ڳالهہ حضرت سائين جن کي پڌائي وئي. ان وقت پاڻ هي گفتگو فرمايائون: مخالفت هن طريقي جو ڏاڍ آهي. ڪوبہ اهڙو الله جي دين جي خدمت ڪرڻ وارو نہ ٿيو آهي جنهن جي مخالفت نہ ٿي هجي. اوهان غم نہ ڪيو. عنقريب نہ اهو مخالفت ڪرڻ وارو رهندو نہ ان جي مخالفت رهندي انشاءالله جلد اتي پڪو روڊ نهندو. [1]

خواجہ دوست محمد قندهاري رحمة الله عليه جو مرشد دهلي ۾ هيو. فرمايائينس تہ اهڙي جاءِ تي وڃي تبليغ ۽ دين جي خدمت ڪر جتي هڪ طرف پٺاڻ ٻئي طرف پنجابي هجن. پوءِ پاڻ موسيٰ زئي شريف ۾ آيا. اتي هڪ ڪاريز وهي پئي. اتي پاڻ آستانو لڳايائون. اتي هڪ زميندار مخالفت ڪئي. آخر ڪار مختيار ڪار کي دانهن ڏنائين مختيارڪار هندو هيو. سو سرزمين تي چڙهي آيو. بزرگ کي اچي چيائين تہ آءٌ عملدار آهيان توهان کي چوان ٿو تہ هتان اتي وڃو. بزرگ فرمايس تہ هي غير آباد جاءِ هئي اسان هتي پاٽيءِ جي سانگي ويٺا آهيون. الله الله ڪري رهيا آهيون. هُن چيو آءٌ چوان ٿو اتي وڃو. بزرگ فرمايو اسان نہ اٿنداسين. وري ٽيون ڀيرو جوش سان چيائين "اتي وڃو". بزرگ فرمايس "شيخ صاحب" اسان نہ اٿندا سين. بزرگ جي هڪل سان مختيار ڪار هيٺ وڃي گهوڙي تان ڪريو شيخ نئين مسلمان کي چوندا آهن. پوءِ تہ هن کي وجد اچي ويو بزرگ کي چيائين تہ مون کي معاف ڪيو.

---

[1] الحمدلله اڄ درگاهه ڪرمپور شريف تائين پڪو روڊ نٿيل آهي. نہ اهو مخالف آهي نہ ان جي مخالفت آهي. جيئن فرمايائون تيئن ٿيو

فرمايائون معاف تڏهن کنداسين جڏهن کلمون پڙهندين. چيائين منهنجا ٽي شرط آهن پوءِ کلمو پڙهان ٿو. پهريون منهنجي نوکري بحال رهي. ٻيو منهنجي زال مسلمان ٿئي. ٽيون منهنجي ملکيت هندو ڦري نه وڃن. بزرگن فرمايو : ٺئي شرط قبول آهن. پوءِ ٻه شرط ته پورا ٽي ويس. باقي زال مسلمان نه پئي ٿئي. آخر کار مائي بيمار ٽي پئي. اهڙي لا علاج ٽي وئي جو بچڻ جو آسرو نه رهيو. پوءِ چيائيس ته هل منهنجي مرشد ڏانهن. پوءِ بزرگن وٽ وٺي آيس. بزرگ چيس کلمو پڙهه پوءِ تندرست ٿيندينءِ. کلمو پڙهيائين ته تندرست ٽي پئي. پوءِ اهو مختيار کار خود معاون ٽي ويو. اهي سڀ زمينون خريد کري بزرگن جي حوالي کيائين. الله پنهنجي ٻانهن جي ائين مدد کندو آهي. سو فقيرن کي هرگز گهبرائڻ نه گهرجي. امتحان نه هجن ته سچي کوڙي جي خبر کيئن پوندي؟ جڏهن رچي راس ٿيو پوءِ ان جو ملهه ٿيندو.

تمثيل : مِٽيءِ جو مُلهه نه هوندو آهي. پر جڏهن کنيار ان کي سَٽي کُٽي پورا پورا کري وري پاٽي مِ پُسائي ڳوهيندو آهي. لٽن مُکن جي مار ڏيندو آهي. پوءِ ان مان ٻِنوڙو ٺاهي چَڪَ تي چاڙهيندو آهي. وري ان کي ٽڦڻين جي مار ڏيندو آهي. چَڪ تي سوين ڦيريون کائي دلي جي شکل بنبي آهي. پوءِ وري ان کي نِٽمڻ کاڙهي مِ سُکائيندو آهي. وري ان کي آوي جي باهه مِ وجهندو آهي. کيترا ڏينهن دلو آوي مِ پچندو رهندو آهي. جڏهن اهي سڀ اهنجايون اوکايون سَهي رَچي راس ٽي نڪرندو آهي ته هاٿي ان جو ملهه ٿيندو آهي. تيئن فقير به جڏهن آزمائشن امتحانن جي بَٽِيَن مان پچي رچي راس ٽي نڪرندا آهن تڏهن انمن جو الله وٽ ملهه ٿيندو آهي.

امام رباني مجدد الف ثاني رحمت الله عليه جي لاءِ بادشاه کي ماٺهن وڃي غلط خبرون ٻڌايون. بادشاهه امام رباني کي چيو ته مون کي سجدو کر. فرمايائين ته آءٌ هرگز تو کي سجدو نه کندس. چيائين جي سجدو نه ٿو کرين ته هن دري مان کنڌ جهکائي لنگهي اچ ته به سمجهندس ته تو سجدو کيو. بزرگ وري اول دريءِ مان پير لنگهايا. وري بادشاهه ڏهن ٻارهن نوجوانن کي چيو ته هن جو کنڌ منهنجي اڳيان جهکايو ته بزرگ جو کنڌ لوهه وانگر مضبوط بنجي ويو. جهکائي نه سگهيا.

فرمايائين منهنجو گردن خدا کان سواءِ ڪنهن ٻئي جي اڳيان نہ جھڪندو. بادشاھ بزرگ کي گوالیار جي قلعي ۾ مريدن سميت قيد ڪرائي ڇڏيو. مريد وري ڪرامتون ڪري اڏامن پيا قلعي جي ڪُنگرن تي. بزرگ فرمايو خبردار ڪرامتون نہ ڏيکاريو اسان الله جي حڪم سان هتي بند آهيون. اسان جا مقام رهيل آهن. جيڪي ذڪر فڪر سان ٿئہ نہ ٿيندا تڪليفن سان ٿئہ ٿيندا. هڪ رات بادشاھ خواب ڏٺو تہ امام رباني سندس تخت کي اونڌو ڪري اڇلايو آهي. بادشاھ جاڳيو تہ ساري جسم ۾ سور هيس علاج ڪرايائين پر فائدو نہ ٿيس. زال چيس تہ تو فقير کي تنگ ڪيو آهي، ان کان معافي وٺ. بزرگ فرمايو تہ آءٌ تيستائين جيل مان نہ نڪرندس جيستائين هنن شرطن تي عمل نہ ڪندين. اهو بادشاھ اڪبر جو پٽ جھانگير هيو. فرمايائون: اول گاءِ ڪُشي تنهنجي پيءُ اڪبر بند ڪرائي هئي سا جاري ڪر. ٻيو مندرن واري جاءِ تي مسجدون ٺهراءِ. ٽيون : ڪافرن کان جزيہ وٺ. چوٿون: هندن جي ڳهرن ۾ مسلمان عورتون ۽ مسلمانن جي ڳهرن ۾ هندواڻين جون شاديون بند ڪراءِ. پنجون اڪبر جو دين الاهي بند ڪر. بادشاھ چيو تہ مون کي سڀ شرط قبول آهن. پوءِ بزرگن لاءِ جيل جا ڪڙا ڪوٽ پاڻهي کلي پيا. پوءِ بزرگ هن کي چيو تہ غسل ڪري نماز پڙهي پوءِ تون روءِ تہ مان تو لاءِ دعا ڳهران. جيائين روئڻ نہ ٿو اچي. فرمايائين تہ روئڻ جي صورت بناءِ. پوءِ بزرگ دعا ڳهريس تندرست ٿي پيو. پوءِ بادشاھ جي هٿان گاءِ ڪُشي ڪرايائين شرطن تي پوري طرح عمل ڪرايائين.

حضرت امام رباني رحمة الله عليه جا پندرهہ بادشاھ مريد ٿيا. پنجاھ هزار خليفا هيس روءِ زمين ۾ نقشبندي فيض پکيڙيائين. ساري دنيا ۾ سندس خليفا دين جي اشاعت ڪيائون. اهو سڀ آزمائش ۽ امتحان تي استقامت ڪرڻ جو اثر هو.

حضرت پير سائين جن جي لاءِ هڪ ڪليڪٽر نيڪالي جو آڊر ڪڍيو اخبار ۾ آرٽيڪل وڌائون تہ سڀ ايڪڙ زمين تي ناجائز قبضہ ڪيو وينو آهي. ان کي حڪم ڏيون تا جلد اسان جي ضلعي لاڑڪاڻي مان نڪري وڃي. سائين جن وري رات جو دعا ڳهري. صبح جو پاڻ فرمايائون اسان وينا هونداسين اگر ڪليڪٽر کي اسان نہ ٽا وٺون تہ هو وري اسان کي نہ ٽو وٺي. صبح جو ان ڪليڪٽر جي بدلي جو آرڊر اچي ويو.

ڪليڪٽري جي پوسٽ تان بہ لاهي پي هلڪي نوڪري ڏنائونس. سو جيڪو الله وارن جو دشمن ٿيندو تہ اهو الله سان جنگ ٿو ڪري فقيرن جو محافظ الله آهي. الله وٽ دير آهي پر انڌير نہ آهي هيٺا هر گز نہ ٿيو. سو فقير و تاڙي ڦوڪ کان نہ ڊجو.

طعنا مهٽا تاج اسان ڏا، عشق وجايا لاج اسان ڏا،
رو رو خلق ڪلايوسين، ديدان رليان ديدان دي نال ديدان دلڙي اڙايوسي.

عجيب ڳالهہ فرمايائون هڪ شخص اسان کان ذڪر پڇي ويو. ڪجهہ ڏينهن بعد موٽي آيو. اسان پڻي تي ويل هڻاسين. اتي اچي ڳولي لڌائين. چئي جيڪو مون کي ذڪر ڏنو اٽو سو مهرباني ڪري موڪلائي ونو. جڏهانڪون ذڪر پڇي ويو آهيان، تڏهانڪون بيمار ٿي پيو آهيان. مون چيو الله جا ٻانها ذڪر تہ بيماري کو نہ ڏيندو آهي. چيائين نہ مهرباني ڪري مون کان ذڪر واپس ورائي ونو. ڏسو ماڻهن جي مزاج ۾ طبيعت ڪيئن ٿي وئي آهي. الله ڪريم شال پنهنجي راهہ ۾ استقامت نصيب ڪري. الله جي ڳالهين تي راضي رهو. ائين نہ چئو تہ نماز بہ مان پڙهان روزا بہ رکان فقير بہ ٿيس وري مشڪلاتون بہ مون تي.

حديث : ۾ آهي تہ عابدن ڪي جڏهن عبادتن جو بدلو ڳٽجي ملندو پر بيمارن ۾ مشڪل زدن ڏکايلن ڪي وري رب فرمائيندو تہ هنن جو حساب ڪتاب نہ ڪيو. ڳٽي انعام نہ ڏيو، بلڪ اڄ ڳڻيا انعام ڏيو. جو دنيا ۾ ڏاڍا ڏک سٺا هئائون. تہ پوءِ:

يَوَدُّ أَهْلُ الْعَافِيَةِ يَوْمَ الْقِيَامَةِ أَنَّ جُلُودَهُمْ قُرِضَتْ بِالْمَقَارِيضِ مِمَّا يَرَوْنَ مِنْ ثَوَابِ أَهْلِ الْبَلَاءِ.[1]

مصيبت زدن جا انعام ڏسي تندرست تمنا ڪندا تہ هائو جي دنيا ۾ اسان جو جسم بہ قينچين سان ڪپجي ها تہ اهڙو انعام ملي ها.

الله تعالىٰ وڏو مهربان آهي. ان جي پاران آيل تڪليف ڪي بہ پنهنجي لاءِ پلائي سمجهو. امتحانن ۾ پاس ٿي ڏيکاريو تہ اوهان کي انعام الاهي عطا ڪيا وڃن.

---

[1] السنن الكبرى للبيهقي وفي ذيله الجوهر النقي (3/375)

ارڙهين مجلس

محبت پري گفتار

13 جمادي الثاني 1409هـ

فجر نماز بعد خليفہ محمد موسيٰ کي کافي پڙهڻ جو حڪم ڪيائون. ان ۾ ڪافيون پڙهيون. اتر کان هڪ نابينا حافظ آيل هيو. آواز ڏاڍو درد پريو هيس. ان کي پاڻ فرمايائون حافظ کا درد سوز جي کافي پڙهي ٻڌاءِ. پوءِ حافظ صاحب هي کافي پڙهي .

ساهہ ڪيان قربان، پياري پنهل جي نالي تان گهوري،
پياري پنهل جي نالي تان گهوري، ڏيهہ ڏسان مان تن کي ڏوري.
طعنا مهڻا سون ٽي پايان، ڳل ڳچي ڪري ڳهڻا پايان،
رب جاڻي سڀحان، عشق پنهل جو چاڪ ٽو چوري.
ساه ويو ٽم ساجن ساڙي، حَبِ ويندس مان تنهن لاءِ هاڙي،
من ٽئي مهربان، آهون ٻڌي اچي آري اوري.
سڪ وارن سان "صالح" سرچي، پاٽمي آيو پنهل پرچي،
غم لٽو ارمان، پاڻُ پسايئون پنهنجي ٽوري.

حضرت جن ڪافي ٻڌندا رهيا زارو زار روئندا رهيا. سندن نماڻن نيڻن مان نالیون وهي رهيون هيون ۽ جماعت ۾ بہ افتان خيزان هاءِ هوءِ شروع ٿي وئي. پوءِ هن عاجز کي فرمايائون صالح فقير جي کافي پڙهہ. پوءِ هن عاجز کافي پڙهي:

ويندي ڙي اديون اوهان پنهل کو ڏئو هو،
گوليءَ هن ٻانهيءَ جو پنهل کي پڇيو هو.

پوءِ تہ منهنجا محبوب مرشد ڪريم بيحد زار و قطار رنا وري ساڳئي حافظ کي کافي پڙهڻ لاءِ فرمايائون. ان کافي پڙهي:

مِلُ محمد اڻ ڏٺي مان، اڄ سفر تي ٽو وڃان،
بس ڪنيون سڀ بار پنهنجي، سور سر تي ٽو سهان.

ان دوران پاڻ مسلسل روئندا ئي رهيا. پوءِ پنهنجي مبارڪ زبان مان گوهر افشاني ڪندي **فرمايائون** دنيا ۾ آهي ئي محبت، دولت به اها آهي ته خزانو به اهو آهي. بيا وعظ ڪمڙا ڪجن. بس الله جي محبت جو ذرو ملي وڃي ته دنيا عقبيٰ جي دولت ملي وئي. الله جي حبيب ﷺ جي محبت جو ماسو ملي وڃي ته دنيا آخرت جا ڇٽڪ خزانا ملي ويا.

سيوا ڪر سموند جي جتي جر وهي ٿو جال،
سوين وهن سير ۾ ماڻڪ موتي لال،
جي ماسو جُڙي مال ته پوڄارا پُر ٿئين.

فقيرو ! الله جو ذڪر گهٽو ڪيو ته اها جموري لوري قلب ۾ پيدا ٿئي. ذڪر ڪندي ڪندي اهو حال ٿي ويندو جو ذڪر به گم ته ذاڪر به گم ٿي ويندو. مذڪور ذات جا جلوا قلب ۾ نظر ايندا. اندر باهر الله ئي الله هوندو. پي ڪاشيءِ نظر نه ايندي. جڏهن اها ڪيفيت پيدا ٿيندي ته ان وقت سالڪ جاڏي نظر ڪندو ته الله جي حسن جا پرتوا نظر ايندا. اهڙي مقام تي منصور "انا الحق" چيو هيو. هن ڪي الله ڏسڻ ۾ آيو تڏهن ائين چيائين يا بزيد بسطامي رحمت الله عليه ڪي درتي ڪنهن سڏ ڪيو پاڻ به اهڙا لفظ چيا هئائين خيال تصور صرف الله جو پيدا ٿيندو. سوز گداز ڳڻتي فڪر ان ذات جو پيدا ٿيندو. اهو سڀ حال الله جي ذڪر سان نصيب ٿيندو آهي. ذڪر ڪندي اندر ۾ هڪ فراق پيدا ٿيندو ته جنهن محبوب جو ذڪر ڪري رهيو آهيان، جيڪر ان محبوب جو ديدار به ڪيان. پوءِ ان ۾ سيرَ به ٿيندا آهن. لاهوتي سير، ناسوتي سير، جبروتي سير نصيب ٿيندا آهن. فقيرو هي عجيب حال آهي جيڪو ڳالهين سان سمجهه ۾ نه ايندو جيستائين اهو حال پيدا نه ٿئي. الله جا دوست انهي فراق ۾ گهر وطن ڇڏي مرليون ڪٽي جهنگن جبلن ڏي نڪري پيا.

آهن قلندر روز شب پنهنجي خودیٰ ۾ خود غرق،
زال دي نه بال دي نه ملڪ ملڪ تي مال دي،
هڪ مستي خدائي خيال دي آڻن نه آدم جائي تي تڪ.
رل وسدي لوڪين نال هن، پر اصل فارغ بال هن،
هر آن غرق خيال هن، شاغل اٽن شاغل سمهن.

دوستو ! جيئن تاڙي وڄندي آهي تہ پوک تان جھار اڏامي ويندي آهي، ائين الله جي ذکر کرڻ سان دل مان غير جا خيال اڏامي ويندا آهن. هر گھڙي رب ياد رهندو آهي. اهو شخص رهندو بہ ماڻھن ۾ پر خيال رب جو ئي دل ۾ هوندس. مستي شورش اهڙي پيدا ٿيندي جو فقيرو کمڙي ڀالھ کيان!! ذکر سان اندر اهو حال بنجي وڃي ٿو ۽ وري ظاهر ۾ شريعت جي پائبندي بہ ڇڇيءَ مان نہ ٿي نکري. هن راھ ۾ مرشد کامل شرط آهي. اگر مرشد کامل نہ هوندو تہ مريد راهن ۾ رلي ويندو منزل مراد ماڻي نہ سگھندو. مرشد کامل هوندو تہ شريعت جو لغام بہ ڏيون ايندو ۽ عشق جو مزو بہ چکائيندو ايندو. ورنہ تہ ڪيترا سالک هن راھ کان هٿي پي راھ ٿي ويا. جو نماز کونہ پڙهن. جڏهن بہ ڪن پي هوش ٿي وڃن. پي شڪ عشق وارا ٿي ويا پر شريعت ڇڏي ڏنائون تہ فقيري کوڙي ٿي پئي.

ولايت آ شريعت سان، شريعت کان سواءِ آهي ابليس جو ثاني.

اهي گمراھ صوفي چون ٿا تہ : تُسان پنج ويلي اسان هر ويلي.

مرشد شريعت وارو ونجي جو عشق جي شورش بہ مڃايون اچي، شريعت جي راهہ ونايون اچي.

حضرت پير سائين جن فرمائيندا هئا تہ عشق ۾ منهنجو اهڙو حال هوندو هو جو ٿي سال متو اڳاڙو هوندو هيم. پر گوڏ ڪڏهن بہ نہ لٿي چوندو هوس تہ هي مرشد کامل آهي جيڪو شريعت جي راھ تان هٽڻ نہ ٿو ڏئي. پير قريشي صاحب رحمت الله عليه فرمائيندا هئا تہ مولوي صاحب ڪڙي ڏوڀي کونہ ڏي آئين. مون چيو سائين توهان لاڻا آهن جڏهن پارايو. سو مرشد شريعت وارو ونجي. اهي غالي صوفي آهن جيڪي نماز روزو ئي نہ ڪن. صوفي ۽ فقير اهو ڇئبو جيڪو شريعت جو اتباع ڪري نہ تہ گمراهي آهي. جي رسول الله ﷺ جي سنتن تي نہ هلن. الله وارو مرشد صاحبِ طريقت هوندو سو عشق جي موج مستي سان بہ هلائيندو ۽ شريعت بہ سيکاريندو. جاهل صوفي چوندا هئا:

عشق شرع سان شامل ناهي، موڳا مُلڻا متو نہ مار.

حضرت سائينجن جي فقيرن وري شعر ناهيو تہ:

واهہ واهہ منڻا ڪمال اوهان جو، عشق شرع ٻئي سيکارين ٿو.

وڏاڻ عشق جو بہ پيو لڳي ۽ شريعت جو شيشو بہ نہ ڀڃي.

صوفي اڳواڻ آهن جماعتون انهن جي پويان آهن. اهي گمراه ٿيا ته جڳ کي گمراه کندا. کي صوفي نماز نہ پڙهندا هئا ته انهن جا پوئلڳ اڄ بہ نماز نہ ٿا ادا کن. چون ٿا ته مرشد جي سنت تي ٿا هلون. رسول الله ﷺ جي سنت تي چو نہ ٿا هلن جيکي سڀ مرشدن جا مرشد آهن. صحابہ ڪرام تابعين تبع تابعين جي سنت تي چو نہ ٿا هلن. جيکي امت جا اڳواڻ آهن. ڪن جا مريد وري چوندا وتن سائين مجذوب آهي ۽ مجذوب مرفوع القلم هوندا آهن. ٻيو سڀ عقل اٿن باقي رسول الله ﷺ جي شريعت تي عمل ڪرڻ جو عقل نہ اٿن. مرشد اهو ونجي جيڪو متبع سنت هجي.

مرشد اهڙو ڳول جو پوکي سلا سڪ جا،
ڏئي اوڙ الفت جي وجهي ٻلائي سندو ٻاڻ،
اهڙو رهبر هوندو ساڻ ته رسندين وڃي رب کي.

حضرت سائين جن فرمايو ته هتي کو اڏامندو اچي. سڄي دنيا چوي اهو الله وارو آهي اسان ڏسنداسين ته شريعت اتس يا نہ اگر شريعت هوندس ته اول اسان ان جا هٿ چمندا سين. اگر شريعت نہ هوندس ته اول اسان ان کي کلوهٽندا سين.

سچي کوڙي فقير جي سڃاڻ شريعت محمدي آهي. اهڙو پير ڪامل ملي ته پاڻ سمجهو ان جي صحبت سنگت نہ ڇڏبي.

بد مذهب مولوين جي صحبت کان بچو. مان چوان ٿو بدعقيده ۽ بد عمل ۽ گستاخانِ رسول (ﷺ) مولوين جي منهن کي بہ ڇتائي نہ ڏسو. هن امت کي هن طبقن وڏو نقصان رسايو آهي هڪڙا بي عمل، بد عقيده گستاخانِ رسول مولوي ۽ ٻيا جاهل صوفي.

اهي صوفي سڏائڻ وارا جن کي نہ شريعت جي خبر آهي نہ طريقت جي. نہ تصوف جي "ت" جي خبر اٿن. اهي تصوف جي آڙ ۾ خلقِ خدا کي گمراهہ ڪري رهيا آهن.

ہم تو ڈوبے ہیں صنم تمہیں بھی لے ڈوبیں گے

اهڙن جُهالن جي صحبت سان سخت پرهيز ڪيو. چوندا آهن ته: "ڪتر پنهنجو ته هاري پر اوڙي پاڙي جو بہ هاري"

حديث پاڪ ۾ بہ ائين آيو آهي.

هلاك أمتي: عالم فاجر وعابد جاهل [1]

منهنجي امت جي هلاكت (بن قسمن جي ماڻهن کان ٿيندي) عالم فاجر ۽ عابد جاهل.

حضرت عبد الله بن مبارک جو قول آهي ته:

تعوذوا بالله من فتنة العالم الفاجر. والعابد الجاهل، فإن فتنتهما فتنة لكل مفتون [2]

فاجر عالم ۽ جاهل عابد جي فتني کان الله جي پناهه گهرو. چو ته انهن بنهين (ڏرين) جو فتنو هر فتني باز ماڻهولاءِ آهي.

سو اڄ ڏسو ته اکثر اهي نام نهاد صوفي شريعت کي چڏيون وينا آهن. نه شريعت نه طريقت. وري ملان به ڏسو بي عمل بنيا وينا آهن. پين کي نصيحتون کندا وتن پاڻ وري عمل ئي نه کن. انهن جون دليون حسد بغض ۽ کينه سان پريل آهن. حالانکه پاڻ کريم ﷻ تلاوت آيات بعد اول مِ نفوس جو تزکيه کرائيندا هئا پوءِ انهن کي کتاب ۽ حڪمت سيکارينداهئا.

وَيُزَكِّيهِمْ وَيُعَلِّمُهُمُ الْكِتَابَ وَالْحِكْمَةَ [آل عمران: 164]

۽ انهن جو تزکيه (نفوس) کري ٿو ۽ (پوءِ) انهن کي کتاب ۽ حڪمت سيکاري ٿو.

---

[1] مكمل حديث هن طرح آهي: أن رسول الله صلى الله عليه وسلم قال: هلاك أمتي: عالم فاجر وعابد جاهل. وشر الشر أشرار العلماء، وخير الخير خيار العلماء. انظر جامع بيان العلم وفضله تأليف: أبي عمر يوسف بن عبد الله النمري القرطبي مطبوعة مؤسسة الريان (1/ 346) قال المحقق **أبو عبد الرحمن فواز أحمد زمرلي** قال علي القاري: لم يوجد. انظر الأسرار المرفوعة ص364، وكشف الخفاء 2/ 442، والمصنوع ص203، والفوائد المجموعة ص288، واللؤلؤ المرصوع ص213، وتحذير المسلمين ص183، وروى شطره الثاني الدارمي "370" 1/ 116، وهو مرسل، وسنده واه. انظر تخريج المشكاة 1/ 89، وروى ابن عدي في الكامل 2/ 446، وابن عساكر في تاريخ دمشق 10/ 29، وفي جزء ذم من لا يعمل بعلمه "3" ص3028. وذكره الذهبي في الميزان 1/ 313311. عن أبي أمامة مرفوعًا: "رب عابد جاهل، ورب عالم فاجر. فاحذروا الجهال من العباد، والفجار من العلماء، فإن أولئك فتنة الفتناء". وفي سنده: بشر بن إبراهيم: وضاع. وانظر الميزان 1/ 313311. ورواه ابن عدي 6/ 2433 من طريق عمر بن موسى، عن خالد بن معدان به. وعمر: متروك الحديث. ذاهب الحديث. كان يضع الحديث. انظر الجرح 3/ 133، والميزان 3/ 244. ورواه الحاكم 4/ 315 عن أنس مرفوعًا: "يكون في آخر الزمان عباد جهال وعلماء فساق". وفي سنده: يوسف بن عطية: متروك. انظر الميزان 4/ 470468. التهذيب 419/11.

[2] جامع بيان العلم وفضله مؤسسة الريان (1/ 345)

پاڻ ڪريم ﷺ اول تزڪيہ نفوس ڪري ضد، حسد، بغض وڌائي، دنيا جي محبت جھڙين بيمارين کان سينا پاڪ ڪري پوءِ و يعلمهم الكتاب ڪتاب سيکارينداھئا. تہ حضور ﷺ تربيت جي معاملي ۾ پن علمن سان موصوف ھئا.

پير ڪامل ۾ بہ اهي بہ صفتون هجن. مُزَڪِي بہ هجي ۽ مُعلم بہ هجي. حسد، ساڙ، بغض، ڪينو ٻيائي، نفاق، رياءِ ڏيکاءُ کان اول مريدن جا سينا صاف ۽ پاڪ ڪري. پوءِ انهن کي الله جي معرفت جي تعليم ڏئي. ڏسو ساڙ اهڙي بيماري آهي جو ڪيڏيون عبادتون عمل توڙي علم هجن تہ بہ انهن کي چٽ ڪري چڏي ٿو.

إِيَّاكُمْ وَالْحَسَدَ فَإِنَّ الْحَسَدَ يَأْكُلُ الْحَسَنَاتِ كَمَا تَأْكُلُ النَّارُ الْحَطَبَ [1]

حسد کان بچو چو تہ حسد نيڪين کي ائين کائي وڃي ٿو جيئن سڪل ڪاٺين کي باھ.

ڪوڙ بہ ھڪ بيماري آهي. اھا وري ائين آهي جو سمٿي نبي ڪريم ﷺ فرمايو تہ:

الكذب مقراض الايمان ڪوڙ ايمان جي ڦڻچي آهي.

پرائي گلا ڪرڻ بہ ھڪ مرض آهي. ان لاءِ حضور ﷺ فرمائن ٿا تہ جيڪو ٻين جي گلا ڪندو سو عملن ۾ سڃو ٿي ويندو. گلا خور جون نيڪايون هن جي دفتر ۾ هن جا گناھ هن جي دفتر ۾ لکجي ويندا. اهي بيماريون عام جام ٿي ويون آهن. اهي جيسين نہ نڪرنديون تيسين اهو ماڻهو سچو مؤمن ۽ متقي ٿي نہ ٿو سگهي. من ۾ اهي مرض موجود هجن پوءِ عبادت ڪندو رهي تہ اهو ائين آهي جيئن ڪتو ڪوھ ۾ منھ پيو هجي هزار ڀرڪا ڪيڏجن تہ ڪوھ پاڪ نہ ٿيندو جيستائين اول ڪتو ڪيڏجي. اهي ڏونڏ دنيا جا جيستائين دل مان نہ نڪرندا تيستائين اھا عبادت ڪم نہ ايندي. ڊاڪٽر وٽ وڃبو آهي تہ مرض ختم ٿين. مرشد ڪامل بہ ڊاڪٽر مثل هوندو آهي. اهو سالڪ جي اندر جي اهڙي صفائي ڪندو آهي جو الله کان سواءِ دل ۾ ڪا بہ شي نہ رهندي آهي. جنت ۾ نفس ۽ شيطان نہ هوندو نہ ضد، نہ ٻيائي، نہ نفاق نہ خودي وغيره هوندي.

---

[1] عَنْ أَبِي هُرَيْرَةَ ﷺ أَنَّ النَّبِيَّ صلى الله عليه وسلم قَالَ: إِيَّاكُمْ وَالْحَسَدَ فَإِنَّ الْحَسَدَ يَأْكُلُ الْحَسَنَاتِ كَمَا تَأْكُلُ النَّارُ الْحَطَبَ.
سنن أبي داود (4/427) سنن ابن ماجة (5/295) مسند البزار (12/336)

هتي به اهو جوان جنتي آهي جيڪو انهن برائين کان پاڻ کي پاڪ بنائي.

دوستو! پنهنجي دل کي ٺاهيو. دل جي مرمت ڪيو. "لا" جي تلوار سان، غير جون سريون وڍيو. پوءِ اندر جهاتي پائيندا ته "الا الله" نظر ايندو.

تيغ لا در قتل غير حق بماند در نگر آخر چه بعد لا چه ماند

لا جي ڪهاڙي سان اهي غير جا بت ڇڄ جيئن حضرت ابراهيم بت ڇڳا هئا. پڙهو:

لا اله الا الله لا اله الا الله لا اله الا الله لا اله الا الله.

محمد رسول الله صلي الله عليه وسلم

ناهي ڪو معبود معشوق مطلوب مرغوب الا الله سواءِ هڪ الله جي. جڏهن غير جا خيال ختم ٿيا ته پوءِ:

ماند الا الله باقی جمله رفت مرحبای عشق شرکت سوز رفت

پوءِ اندر ۾ هڪ ذات جو جلووءِ جمال نظر ايندو.

مراقبي کان اڳ ۾ به چار پيرا لا اله الا الله پڙهي پوءِ مراقبي ۾ ويهو. دل جي صفائي ڪيو مراقبہ ۾ دل ۾ اگر غير جا خيال ڪيو وينا آهيو ته اهڙو مراقبو ڪمڙو نفعو ڏيندو!

مقصود من ز کونین توئی از براءِ تو میرم واز براءِ تو زیم

خدايا هنمين جهانن ۾ منهنجو مقصود تون آهين. جيان ته به تنهنجي لاءِ جي مران ته به تنهنجي لاءِ. فقيري ۾ اهي ٻئي شيون ضروري آهن. پهريون تصفيہ قلب جو. يعني دل مان غير جي محبت ختم ڪرڻ. ٻيو تزڪيہ نفس جو. اندر مان ضد سازٔ حسد ۽ باطني بيماريون ختم ٿين. تانجو پنهنجي هستي ۽ مستي به ختم ٿي وڃي.

نفيءَ ذاران ناهه کا ويراڳي هي واٽ.
ساميئڙا سر کاٽ ته اوڏو ٿين اثبات کي.

نفي کان سواءِ اثبات نہ ٿيندو. هر چيز کان دل صاف ٿئي اها فقيري آهي. پنهنجي تعريف ٻڌي نہ خوش ٿئي، گلا ٻڌي غم نہ ڪري. تانجو خواهن، خيالن ڪشفن ڪرامتن جي طلب ۾ نہ رهي. ماڻهن جي تسخير يا دنيا جا مال ملڪيت زمينون، جنت ملي حورون غلمان ملن اهي سڀ غير الله جا خيال آهن.

فقيرو جڏهن هن محبت جو مزو چکندئو پوءِ اوهان کي خبر پوندي ته الله جي محبت کيڏي عجيب ۽ لذيذ شيءِ آهي. اهڙو مزو آهي جو چوندئو ته مان ته اجايو پلجي ويو هيس. چو پنهنجي عمر غفلت ۾ گنوائي ڇڏيم! اندر ۾ محبوب حقيقي جي محبت جي ٿوري چٽنگ ۾ لڳي پوي ته سڀ غير سڙي ويندا. جيستائين غير جا غرض ختم نه ٿيا آهن تہ مراقبو ۽ ڪنڌ جو سور آهي. جڏهن ذڪر ڪرڻ ويهو تہ اول هي دعا گهرو:

" اي خدا وند عالم مقصود منهنجو تون آن تنهنجي رضا.

مون کي پنهنجي محبت ۽ معرفت عطا ڪر."

پوءِ هر چيز جي نفي ڪري صرف هڪ ذات جو خيال رکو. خواجہ غلام فريد رحمت الله عليہ ڪمڙو سمٹو فرمايو آهي:

ہک ہے ہک ہے ہک ہے ، ہک دی دل کوں سک ہے،

ہک کوں جیکو ئی ڈوں کر جانے، اہو کافر تے مشرک ہے۔

ہک ہے ہک ہے ہک ہے ہک ہے ہک ہے ہک ہے۔

طريقت جي راهہ ۾ اهو اڃا مشرڪ آهي جيڪو پنهنجي عزت شان ۽ شُهرت جو طالب آهي مال ملڪيت جو طالب آهي. اسان کي پنهنجي پير اهي سبق سيکاريا هئا.

هن عاجز کي هڪڙي ماڻهو ٻڌايو تہ فلاڻو وڏيرو مري ويو آهي ان وصيت ڪئي آهي تہ توهان کي چار ايڪڙ آباد زمين ٽڪا ڏين. مان اهڙو رُنس جو ڪتاب پسي پيو. عرض ڪيم اي الله مان تو کان گهران ٿو پنهنجي محبت ڏي تون مون کي دنيا جون شيون ڏئي ريجهائين ٿو. مسڪيني ۽ غربت ۾ تارو تار هئي پر عشق ۾ تارو تار هو.

اهڙي ڪيفيت هوندي هئي جو گهر نہ وٽي ٻار نہ وٽن. گهر وارا اڇي چون توهان کي چا ٿيو آهي؟ مان چوان جيڪو مون ڏنو آ توهان نہ ڏنو آ. چڏيو تہ اها گهڙي ۾ پنهنجي محبوب جو ذڪر ويهي ڪيان. ماڻهن سان رستي ۾ گڏجي نہ هلندو هيس. چو تہ ماڻهو ڳالهيون ڪندا هلندا اهو ۾ ذڪر کان سيڙائو ٿيندو. اڪيلو ايندو ويندو هيس.

ذڪر تمام گهڻو ڪندو هوس. سائين جن فرمائيندا هئا ذڪر خوب ڪرو. مزا نہ آوي تہ رڙيان ڪرو.

حضرت سائين ملڪاڻي صاحب رحمة الله عليه کان پڇيائون سائين عورت ڏاڏيان ذڪر ڪري سگهي ٿي؟ پاڻ فرمايائون: ابا عورت کي آهستي ذڪر ڪرڻ گهرجي. چو ته عورت جو آواز به اگهڙ آهي. پر جڏهن محبوب حقيقي جا پور پونس ته پلي ريهون رڙيون ڪري پنهنجي محبوب کي پرچائي.

سڏن پنيءَ سڏڙا واڪو هَڏُ مَ لاهِ،
مانَ تنهنجي ڪا سُڱر مِ سار ٿئي.
سڏن پنيءَ سڏڙا، ڪر پئي واڪا منجهه وٽين،
پنهل پنڌ گهٽي من ڪوهيارو ڪوڪ ستي.

يڪ دان ويڪ ٻين ويڪ گو، يڪ خوان ويڪ خواه ويڪ جو

هڪ کي جاڻ هڪ کي سيجاڻ، هڪ کي ڏس، هڪ جو ذڪر ڪر، هڪ کي سڏ هڪ کي چاهه ۾ هڪ جي تات طلب ر ک.

انمي حال وارو فقير اڃا کوکو نه ٿيو آهي. منهنجو هيانوَ ناريو. جو يار جي خاطر رڙيون دانهون ڪرڻ وارو بنجو. آءٌ اوهان سان وڏي محنت ڪري رهيو آهيان. اوهان لاءِ دعائون ۾ گهري رهيو آهيان . الله شال اوهان کي پنهنجي محبت ۾ معرفت نصيب ڪري.

اي فقيرو جنهن کي سور هوندو آهي ان کي کا شيءِ نه وٽندي آهي. هنڌ بسترا نه وٽندا آهن. جنهن جي اندر ۾ الله جي محبت جا سور ۾ پور هوندا ته ان کي ڪٽي آرام ايندو. رب کان گهرو ته رب اها شيءِ ڏي . اٽئي به سهي پوءِ چو نه ٿو اها چيز ڏين!. مَ ڇڏُو ٿي رب کان گهرو. مون مسڪين جو هي پچاڙي جو وقت آهي. اها چيز حاصل ڪيو. مون کي دل ۾ ارمان رهجي ويندو اها چيز ڪنهن حاصل نه ڪئي. توهان به ارمان ڪندؤ ته سائين جن هوکا ڏنا پئي. پر اسان اها شيءِ حاصل نه ڪئي.

(هن وقت پاڻ زار زار روئي رهيا آهن. جماعت جي ڪيفيت اها آهي جيئن اڌ ڪنل ڪڪڙ ڦٽڪندو آهي)

فقيرو ! دنيا جا اسباب نه مليا ته چا ٿيو شال الله جي محبت ملي. اهو درد ۾ سوز ملي. رات جو روئي مٿا اگهاڙا ڪري دعا گهرو رب اسان کي اها شيءِ عطا ڪر جيڪا پنهنجي دوستن کي عطا ڪندو آهين.

درد حاصل کن کہ درمان درد تست * داروءِ جان در دو عالم درد تست
گر بود این درد دامنگیر تو * بس بود این درد دائم پیر تو
درد دل کے واسطے پیدا کیا انسان کو، ورنہ طاعت کے لئے کچھ کم نہ تھے کُروبیان
قال را بگزار مرد حال شو ، پیش مرد کاملے پیال شو

ڀالمين کي ڇڏيو پنهنجي اندر جو حال متايو. اهو تڏهن نصيب ٿيندو جڏهن ڪامل مرشد جي قدمن جي خاڪ بنجي ويندئو.

پاڻهي ايندم هوت پر آءٌ بہ ڪجھ اڳيري ٿيان،
متان چئي بلوچ تہ ڪميٽيءَ مان ڪين ٿيو.

اهڙو حال بنايو ۽ اهڙي نياز مندي ڪيو الله اوهان تي راضي ٿي اوهان کي پنهنجي دوستن ۾ داخل ڪري ڇڏي.

نقشبندين جا اصول :

فرمايائون : هن طريقي نقشبنديہ جا چار اصول آهن.

1. الله جو ذڪر.
2. انڪساري ، زاري ۽ نيزاري.
3. تقويٰ ۽ پرهيزگاري.
4. مرشد سان رابطو.

جيڪو شخص انهن اصولن تي قائم رهندو انهن جو روزبروز مرتبو وڌندو ويندو.

فرمايائون: ڪو به دين جو ڪم ڪجي تہ استقامت سان ڪجي ان ۾ ناغو نہ وجهجي.

حضرت جنيد بغدادي رحمة الله عليه فرمايو تہ استقامت ٽنڊيڙ ڪان سکيس. مسجد جي ڇت تي پيو ڇڙهي. پٽ تان تري پيو سارو ڏينهن ڪِرندو رهيو تہ به نہ مُڙيو آخر صبح جو اچي ڏٺم تہ ڇت تي ويٺو آهي. ان جي استقامت ان کي منزل تي پهچايو تہ فقيرن کي به ائين استقامت ڪرڻ گهرجي.

حضرت پيران پير محبوب سبحاني رحمت الله عليه فرمايو تہ سويل اٺڻُ ڪانوَن ڪان سکيس. بردباري تحمل اُڻن ڪان سکيس.

هڪ بزرگ فرمايو تہ يڪسوئي ٻلي ڪان سکيس ڪوئي جي انتظار ۾ ٻرَ جي اڳيان ويٺو هو. مون ٻہ ٽي ڀيرا اورانگهيو پر ان کي خبر نہ پئي اهڙي ڪوئي جي محويت ۾ هيو. مان مراقبہ ۾ يڪسوئي ان ڪان سکيس. وٽن مان عبرت حاصل ڪيم. جيڪي سڌا ٻيڻا آهن سمجهيم تہ قيام ۾ آهن. جيڪي جهڪيل آهن سي سمجهيم تہ رڪوع ۾ آهن. جيڪي ستل آهن سي سمجهيم تہ سجدي ۾ آهن. خداوارن هر چيز مان عبرت حاصل ڪئي آهي.

الله فرمايو آهي تہ: فَاعْتَبِرُوا يَا أُولِي الْأَبْصَارِ [الحشر :2]

دين جو ڪم هميشہ ۽ آرِڇائي سان ڪجي، ان ۾ سستي نہ ڪجي. هڪڙو ڏينهن ايندو جو ضرور منزل مراد تي پهچي ويندئو.

ٻُک وِڌائون بُگرين، جوڳي ڪندا جُجَّ،
طلب نہ رکن طعام جي، اوتيو پِينِ اُجَّ،
اديون عبد اللطيف چئي، مَنُ ماري ڪيئون مُجَّ،
سامي جهاڳي سڄ، وڃي وسهن کي ويجها ٿيا.

مجاهد ٿيو. اخلاص سان دين جو ڪم ڪيو. پين کي برو نہ سمجھو. پراوا عيب ڳوليندا رهندئو تہ فائدو نہ ٿيندو. پنهنجي عيبن تي نظر رکو.

روز محشر هڪڙا ماڻهو گناهن هوندي جنتي پنجي ويندا ۽ ڪي وڏن عملن هوندي به دوزخ ۾ ويندا. ڇو تہ عمل ڪري پوءِ خودي ۽ تڪبر ۾ مبتلا ٿي ويا. پاڻ کي عالم عابد صوفي صالح سمجھائون. بس انهي ناز انهن جي عملن جي مُوڙي برباد ڪري ڇڏي. جيئن ايريو ماکي کي وجائيندو آهي. ائين تڪبر رياءِ ۽ ڏيکاءَ به عملن کي برباد ڪري ڇڏيندا آهن. گنهگار وري پشيماني، شرمساري سبان جنتي پنجي ويندا.

گناہ آمرز رندان کدھ خار، بہ طاعت گیر پیرانِ ریاکار

گنهگار توبہ تائب ٿيندڙ ريڪار عابدن کان پلا آهن.

گر خدا خواهد کہ مایاری کند، میل ما را جانب زاری کند.

جڏهن الله کنهن کي دوست بنائڻ چاهيندو آهي ان جي اندر ۾ عاجزي پيدا ڪندو آهي

آسمان شو ابر شو باران ببار، نادوان بارد نیاید ہیچ کار،

ابر بارد گل بیارد رنگ رنگ، نادوان ہمسایہ را آرد بجنگ

آسمان وانگر بنجي وڃ. ڪڪرن وانگر وَسُ. نيسارو به وهندو آهي پر ان مان کو ڪم نہ ٿيندو آهي. ڪڪر وسندو تہ رنگارنگي گل پيدا ٿيندا. پر نيسارو وهندو تہ رهندو پاڙيسري جو جھيڙو شروع ٿي ويندو آهي.

زور بگزار وزاری را بگیر، رحم آید سوئ زاری اے فقیر،

اي فقير زور ڇڏي زاري اختيار ڪر. الله کي زاري وارن تي رحم اچي ويندو آهي. پنهنجي خطائن تي پشيمان ٿي معافي ونو. ايمان آڻي عمل صالح ڪيو.

إِلَّا مَن تَابَ وَآمَنَ وَعَمِلَ عَمَلًا صَالِحًا فَأُولَٰئِكَ يُبَدِّلُ اللَّهُ سَيِّئَاتِهِمْ حَسَنَاتٍ وَكَانَ اللَّهُ غَفُورًا رَحِيمًا [الفرقان: 70]

سو جن توبہ ڪئي ۽ ايمان آندائون ۽ صالح عمل ڪيائون تہ الله انهن جي گناهن کي نيڪين ۾ بدلائي ڇڏيندو ۽ الله وڏو بخشڻهار وڏو مهربان آهي.

ويهين مجلس

مبلغن جي همت افزائي

الجمعة بعد نماز عصر ٢٠ رمضان المبارك 1410 هـ 30-3-1990

فرمايائون حضور نبي پاک ﷺ جا سوا لک کان وڌيڪ اصحابي هئا. مدينہ منوره ۾ صرف ڏهہ هزار اصحابن جون مزارون آهن. باقي اڪثر اصحابي تبليغ لاءِ نڪتا تہ وري واپس نہ آيا. محبوبن کريمن ﷺ کي جو تبليغ وٹندي هئي تہ صحابہ ۾ بہ اهو جوش خروش رهندو هو. هزارن لکن کي دين جو رنگ لاتائون.

فرمايائون مبلغن کي سُست ٿيڻ نہ گهرجي. ائين نہ چئو تہ مان مولوي ناهيان سوال کن تہ ڇا جواب ڏيندس؟ جواب اچي تہ ٻڌائجي نہ تہ چئجي "لا ادري". مون کي خبر نہ آهي. بس جيڪي ڳالهيون پير جي زبان تان ٻڌيون ويون اهي ڳالهيون ماڻهن کي ٻڌائجن. انهن ۾ اثر هوندو. فرمايائون مون کي سائينجن خلافت ڏني تہ اول ئي پنهنجي مائٽن کي تبليغ ڪيم. چاچي جي گهر ويس چيائون ڪيئن آيو آهين؟ مون چيو توهان کي خدا رسول جون ڳالهيون ٻڌائڻ آيو آهيان. انهن کي نصيحت ڪيم خدا کان ڊڄو خدا کي ڪمڙو جواب ڏيندئو. پوءِ وعدو ڪيائون تہ نماز پڙهندا سين پوءِ مامن سؤٽن مائٽن اوڙي پاڙي وارن کي گهر گهر هلي وڃي تبليغ ڪيم. اگر دين جو ڏک رکي تبليغ ڪجي تہ پوءِ ضرور فائدو ٿيندو. جمعي نماز مان پنهنجي ڳوٺ نہ پڙهندو هيس ڪڏهن ڳاهن جي ڳوٺ ۾ ڪڏهن ڪڏهن چوڪندي ۾ پڙهندو هوس ڪيترا ماڻهو نيڪ صالح ٿي ويا سائين جن وٽ هلندا هئا. حضرت صاحب جن فرمائيندا هئا تہ: پير جي مٿان تہ هر مريد عاشق هوندو آهي پر اهڙو کو هجي جو پيرکي پاڻ تي عاشق بنائي. اهو هو آهي جيکو گهٽي تبليغ ڪري. پوءِ اسان کي بہ تبليغ جو گهڻو حرص هوندو هيو. پوءِ وڏو فائدو ٿيندو هيو. وري اهي ڳالهيون ڪڏهن روبرو تہ ڪڏهن خط جي ذريعي سائينجن کي لکندا هئاسين. پاڻ تمام گهڻو خوش ٿيندا هئا. تبليغ ۾ لالچ نہ رکجي. لالچي ماڻهو کان دين جو ڪم نہ ٿيندو.

ايڪيهين مجلس

اصطلاحات حضرات نقشبنديہ

صبح جي مجلس ۾ حلقہ مراقبي بعد فرمايائون: اسان جي حضرات نقشبنديہ ڪجھ اصطلاحات مقرر ڪيا آھن. راهِ مولا جي طالبن کي اهي سمجھڻ گھرجن ۽ انھن تي عمل ڪرڻ گھرجي. ان سان طريقت جي راھ آساني سان طئي ٿئي ٿي.

1. هوش در دم

هن جو مطلب اهو آهي تہ سالڪ هر ساھ سان گڏ بيدار ۽ هوشيار رهي جو ان جو ڪو پساھ الله جي ذڪر کان سواءِ نہ گذري. پوءِ ذڪر لساني هجي يا ذڪر قلبي حضور دل سان هجي نہ ڪہ سُستي سان. سالڪ هميشہ بيدار رهي تہ ان جو ساھ ڪڍڻ الله جي ياد ۾ گذريو يا سستي ۾؟ ان سان آهستہ آهستہ ڪيس هميشہ جي حضوري حاصل ٿي وڃي ٿي. متبدي لاءِ ان جي پابندي تمام ضروري ۽ بي حد مفيد آهي.

حضرت خواجہ عبيدالله احرار رحمہ الله عليہ فرمايو: هن طريقي ۾ دم جي نگهباني تمام ضروري آهي ۽ جيڪو ماڻهو ساھ جي نگهباني نہ ٿو ڪري ڇڏ تہ ان طريقو وساري ڇڏيو.

حضرت خواجہ نقشبند رحمہ الله عليہ فرمايو تہ هن طريقي جو دارومدار ئي ساھ تي آهي. ڪوبہ ساھ اندر وڃي ۽ باھر اچي ان جي وچ وارو وقفو الله جي ياد کان سواءِ نہ گذري.

دم بدم دم را غنيمت و ہمدم شو بدم * واقفِ دم باش در دم ہيچ دم بے جا مدم

هروقت هر ساھ غنيمت ڄاڻ ۽ دم سان همدم ٿي، ساھ جو واقف رھ ۽ ڪوبہ ساھ بيڪار نہ ڪڍ

2. خلوت در انجمن

هي بہ اسان جي حضرات جو اصول آهي، ان جو مطلب آهي تہ: سالڪ جي دل الله تعالىٰ جي ياد ۾ ائين مشغول ٿي وڃي جو جڏهن اهو ماڻهن سان گڏ ويٺو هجي تہ بہ

ان جي دل الله جي ذڪر کان غافل نہ هجي. انجو ظاهري جسم ماڻهن سان مشغول هجي پر انجو باطن الله جي ياد ۾ مصروف هجي. صوفياءِ ڪرام ان بابت چيو آهي تہ:

كائن في الظاهر و بائن في الباطن

ظاهر ۾ هت ڪم ڪار سان هجي پر باطن ۾ دل ان کان خالي هجي.

اصل ۾ اها ئي مردانگي آهي، جنهن جو ذڪر الله پاڪ قرآن شريف ۾ ڪيو آهي.

رِجَالٌ ۙ لَّا تُلْهِيْهِمْ تِجَارَةٌ وَّلَا بَيْعٌ عَنْ ذِكْرِ اللّٰهِ (نور:37)

مرد اهي آهن جن کي تجارت ۽ خريداري ۽ وڪرو الله جي ياد کان غافل نہ ٿو ڪري.

جڏهن سالڪ جو اهو حال دائمي بنجي وڃي ٿو تہ پوءِ عين تفرقہ ۾ ہ ان کي جمعيتِ قلب حاصل رهي ٿي. عين غفلت ۾ ہ ان کي حضورِ دل رهي ٿو. الله تعالىٰ پنهنجي محبوب ڪريم ﷺ کي فرمايو آهي تہ : وَ اذْكُرِ اسْمَ رَبِّكَ وَ تَبَتَّلْ اِلَيْهِ تَبْتِيْلًا ۝ (المزمل)

۽ تون پنهنجي رب جي نالي جو ذڪر ڪندو رهہ ۽ (پنهنجي قلب ۽ باطن ۾) هر هڪ کان الڳ ٿي ان جو ئي ٿي وچ.

ابتدا ۾ اهو مشڪل هوندو آهي پر جڏهن حاصل ٿي وڃي تہ ان ۾ ڏاڍو مزو هوندو آهي.

3. نظـــر بـر قدم

فقير کي ضروري آهي تہ جڏهن هلي پنهنجي نگاهہ پنهنجي پير جي پُٺيءَ تي رکي هلي. ان مان هي فائدو آهي جو نظر جي حفاظت ٿئي ٿي. رب فرمايو آهي:

قُلْ لِّلْمُؤْمِنِيْنَ يَغُضُّوْا مِنْ اَبْصَارِهِمْ (نور:30)

اي محبوب مؤمن مردن کي فرماءِ تہ اُهي پنهنجي نظرن کي هيٺ رکن.

پيو هيڏي هوڏي نهاريڻ سان نگاهہ تفرقہ ۾ پوي ٿي، دل جي جميعت ٽٽي پوي ٿي. پر هيٺ نهاريڻ سان دل گهٽن اجاين خيالن کان محفوظ رهي ٿي. گهمڻ ڦرڻ وقت نظر پير جي پُٺيءَ تي رکڻ ۽ ويهڻ وقت پنهنجي اڳيان نظر رکڻ جمعيتِ قلب جي حصول جو ذريعو آهي. اهي ۽ ٻالهيون مبتدي سالڪ لاءِ اهم ۽ ضروري آهن.

وچولي درجي جي سالڪ جي حق ۾ نظر برقدم مان هي مراد آهي جو هر حال ۾ ۽ هر وقت هوشيار ۽ دانا بينا رهي تہ جيئن غفلت جو دخل سالڪ جي دل ۾ نہ ٿئي. اگر زمين ۽ آسمان ۽ ان جي وچ وارين شين تي نظر ڪري تہ عبرت سان نهاري چو تہ سالڪ معرفت جي سمنڊ مان بذريعہ عبرت گهٽو ڪجهہ حاصل ڪري ٿو. ان لاءِ رب ڪريم فرمايو:

فَاعْتَبِرُوْا يٰٓاُولِي الْاَبْصَارِ ۝ اي اکين وارؤ عبرت حاصل ڪريو.

منتهي سالڪ جي حق ۾ نظر برقدم مان مراد آهي تہ نظر هميشہ پيرن کان بلندي جي طرف وڌندي رهي ۽ قدم ان جو همسفر بنجي، تانجو اهو مقام اچي جو قدم رکجي وڃي ۽ سير قدمي کان ارفع ۽ اعليٰ سير نظري ٿئي. چو تہ بلندين جي ڏاکڻن تي پهريائين نظر چڙهي ٿي انکان پوءِ قدم اچيان وڌن ٿا. پوءِ جڏهن قدمَ نظر جي مرتبي تي پهچن ٿا تہ نظر ان کان بہ مٿي تائين پهچي ٿي جتي قدمن جي رسائي مشڪل آهي.

4. سفر در وطن

هن مان مراد باطني ۽ روحاني سفر آهي. جيڪو هڪ سالڪ صفاتِ رزيلہ جئين ڪوڙ، ڪاوڙ، ڪينو، حسد، تڪبر، رياڪاري وغيره کان صفاتِ حميده جيئن : نياز، صبر، برداشت، شڪر وغيره ڏانهن ڪري ٿو. ان کان پوءِ ان جي باطن جو سفر الله جي راهہ ۾ ٿئي ٿو. اهو شب و روز مقامات طئي ڪندو وڃي ٿو. اهو فقير اگر مراقبي ۾ هڪ جاءِ تي ويٺو آهي پر حقيقت ۾ اهو باطن جي مقامات جي سفر ۾ روان دوان آهي. اهو مقاماتِ سير ۾ سفر ڪرڻ لڳي ٿو جيئن ولايت صغريٰ، ڪبريٰ ۽ عُليا، ڪمالاتِ نبوت، رسالت، اولوالعزم، حقائقِ الاهيہ ۽ حقائقِ انبياء ۾ سير ڪندو اهو اهڙي باطني مقام تي رسي ٿو، جتي ان جو واسطو بلاواسطہ ذاتِ باري تعاليٰ سان جڙي وڃي ٿو.

5. ياد ڪرد

مان مراد آهي الله کي ياد ڪرڻ، پوءِ اها زباني هجي يا قلبي، نفي اثبات هجي يا اسمِ ذات. سالڪ کي لازم آهي تہ هر حال ۾ هر جاءِ تي الله جي ذڪر ۾ مشغول رهي. اگر فراغت واري وقت ۾ ذڪر دوران منهن مٿان ڪپڙو وجهي ذڪر ڪري تہ ان سان وڌيڪ

يڪسوئي حاصل ٿيندي. بزرگن فرمايو آهي:

چشم بند و گوش بند و لب ببند * گرنہ بيني سر حق بر من بخند۔

اک، ڪن ۾ چپ يعني ظاهري عضوا بند ڪر، پوءِ اگر تون رب جا اسرار نہ ڏسين تہ مون تي ڪِلجانءِ.

6. بازگشت

ان جو مطلب آهي تہ جڏهن ذاڪر خيال ۾ تصور سان نفي اثبات جو ذڪر اڪي جي عدد سان ڪري ٿو تہ وچين وقفي ۾ وڏي عجز ۾ آزي سان هيءَ دعا گهري:

"خداوندا! مقصود من توئي ورضائے تو مرا محبت و معرفت خود بده"

اي خداوندِ عالم مقصود منهنجو تون آن ۾ تنهنجي رضا. مون کي پنهنجي محبت ۾ معرفت عطا فرماءِ.

7. نگهداشت

پنهنجي قلب ۾ باطن جي نگهباني ڪرڻ، دل ۾ ڪنهن وسوسي کي اندر اچڻ نہ ڏيڻ. اگر اچي وڃي تہ فوراً ان کي تڙي ڪيڻ. ان کي نگهداشت سڏبو آهي.

8. ياد داشت

جو مطلب آهي تہ پنهنجو مڪمل توجہ جيڪو لفظن ۾ خيالن کان خالي هجي ذاتِ حق ڏانهن لڳائي. ان جي گڏ هجڻ جو تصور رکي.

وَ هُوَ مَعَكُمْ اَيْنَ مَا كُنْتُمْ ؕ (حديد:4) اهو توهان سان گڏ آهي توهان جتي ۾ هجو

خواجہ عبدالخالق غجدواني رحمة الله عليه فرمايو آهي تہ ياداشت کان اڳيان پنداشت ۾ وهم آهي. يعني پيو مرتبو ڪوبہ نہ آهي ۾ دوامِ آگاهي ۾ ان ياداشت کي چوندا آهن.

خواجہ نقشبند رحمة الله عليه حبس دم يعني ساهہ بند ڪرڻ ۾ رعايت اڪي جي رعايت رکڻ کي ذڪر ۾ لازم نہ فرمايو آهي، باقي وقوفِ قلبي کي لازمي قرار ڏنو آهي. ائين نہ ٿئي جو:

بر زباں تسبیح و در دل گاؤخر، ایں چنیں تسبیح کے دارد اثر

زبان تي تسبيح هجي ۽ دل ۾ ڏاند ۽ گڏهه يعني دنياوي خيالات هجن تہ اهڙي تسبيح مان ڪهڙو فائدو؟

بزرگن فرمايو آهي :

عَلٰى بَيْضِ قَلْبِكَ كُنْ كَانَّكَ طَائِر * فَمِنْ ذَالِكَ الْاَحْوَالُ فِيْكَ تَوَلَّد

مانندِ مرغے باش تو بر بيضهء دل پاسباں،
كز بيضهء دل زايدت مستی و شور و قهقه۔

تون پنهنجي دل جي بيدي تي پکيءَ وانگر نگران ٿيءُ تہ جيئن ان جي پابندي سان تو ۾ جوش و جذب و قهقه پيدا ٿئي.

حضرت مجدد الف ثاني رحمة الله عليه فرمايو آهي تہ جنهن ماڻهو کي ذڪرِ قلبي اثر نہ ڪري ان کي ذڪر کان روڪي صرف وقوفِ قلبي جو حڪم ڪيو وڃي ۽ ان طرف توجهہ ڪرڻ گهرجي تہ جيئن ذڪر اثر ڪري.

راهہ جون رڪاوٽون

فرمايائون: الله جي راهہ ۾ سالڪ ۽ طالب لاءِ ٻہ وڏيون رڪاوٽون آهن.

هڪ آفاقي: يعني دنيا ۽ جيڪو ڪجهہ ان ۾ آهي. انسان انهن جي لذتن ۽ طلب ۾ مبتلا ٿي ياد الاهي کان غافل ٿي وڃي ٿو.

ٻيو انفس : يعني انسان پنهنجي نفس جي رضا جوئي ۽ ان جي موافقت ۾ پئجي رضاءِ مولي کان پري ٿي وڃي ٿو. نظر بر قدم هجي تہ آفاقي رڪاوٽون لهي وڃن ٿيون. هوش دردم هجي تہ انفس جون رڪاوٽون لهي وڃن ٿيون.

فرمايائون: اسان جا مرشد ڪريم ياد ڪرد تي گهڻو زور ڏيندا هئا.

فرمائيندا هئا تہ طالب کي ڪو لمحو الله جي ياد کان غافل ٿيڻ نہ گهرجي. ڇو تہ راهہ سلوڪ ۾ غفلت کي ڪفر سان تشبيہ ڏني وئي آهي. بزرگن فرمايو آهي تہ :

جو دم غافل سو دم کافر

باويهين مجلس

بيعت اول ۽ بيعت ثاني

فرمايائون: هر ماڻهو کي ضروري آهي ته ڪنهن ڪامل مرشد جي بيعت ڪري. جيڪو ان کي سنئين راهه تي هلائي. جو ته مرشد ڪامل، رهبر ۽ راهه ڏيندڙ هوندو آهي. پر جيڪو خود شريعت ۽ طريقت جي راهه جو سونهون ئي نه هجي اهو ٻين کي ڇا راهه ڏيکاريندو. جيڪو ماڻهن کي نه شريعت جا احڪام سيکاري نه طريقت جا آداب سيکاري بس رڳو ڏن وٺڻ لاءِ مريدن جي در منگتو بنيو وتي اهو رهبر ناهي بلڪ راهزن آهي. بيعت اهڙي ڪامل جي ڪجي جيڪو بي طمع ٿي الله جو دين سيکاري.

ٻيو مرشد وٺڻ : فرمايائون: مريض جو مقصود شفا هوندي آهي نه ڪ طبيب. اگر ان کي هڪ طبيب وٽان فائدو نه ٿيو ته ضرور ڪنهن ٻئي طبيب کان وڃي دوا وٺندو آهي. ان طرح مرشد ۽ باطني مرضن جو معالج هوندو آهي. نه ڪ مقصود. پوءِ اگر ڪو ماڻهو پير جي صحبت ۽ خدمت ۾ سڄي اعتقاد سان رهيو ۽ سندس فرمانبرداري ۾ ڪندو رهيو سلسلي جا سبق ۾ ڪمائيندو رهيو پر پوءِ ان کي ان جي صحبت مان ڪو فائدو نه ٿيو. ان جا مرض مهلڪ ختم نه ٿيا ته ان مريد کي ضروري آهي ته ان مرشد جي بيعت کي ترڪ ڪري ۽ ٻيو پير تلاش ڪري. جو ته مقصود رب جي ذات آهي نه ڪ مرشد.

حضرت عزيزان علي راميتني رحمة الله عليه فرمايو ته :

با هرکه نشستی و نشد جمع دِلَت، وز تونه رميد صحبت آب و گِلَت
زنهار ز صحبتش گريزاں می باش، ورنه نکند روح عزيزاں بحلت

جڏهن تون ڪنهن جي صحبت ۾ ويٺين ۽ تنهنجي دل کي الله تعالي جي ياد ۾ جمعيت حاصل نه ٿي ۽ آب و گل جا اثرات تو کان زائل نه ٿيا ته توکي گهرجي ته ان جي صحبت کان ٻچ ورنه عزيزان جو روح توکي چڏي ڏيندو.

پر پوءِ بہ ان پير ۾ نيڪ گمان رکبو ڇو تہ ٿي سگھي ٿو تہ اھو بزرگ تہ ڪامل ھجي پر ان مريد جي فيض جو ان وٽ حصو نہ ھجي.

ان طرح اگر سلوڪ ڪاھڻ ڪمائڻ دوران مرشد دنيا تان پردو ڪري وڃي تہ ان مريد کي ڪنھن ٻئي ڪامل مرشد جي صحبت ۾ وڃڻ لازمي آھي. بيشڪ الله جا ولي مزارن ۾ بہ زندھ آھن. فيض ڏين ٿا. رھبري ۽ رھنمائي ڪن ٿا، پر انھن کان فيض اھو ئي سگھندو جيڪو فناءِ نفس جي منزل حاصل ڪري چڪو ھجي. اھو ان جي زيارت بہ ڪري سگھي ٿو ۽ ان کان ھدايت بہ حاصل ڪري سگھي ٿو. فيض جي حصول جي ان طريقي کي اويسي طريقو سڏيندا آھن. جيئن سيدنا اويس قرني ﷺ سھٽي نبي ڪريم ﷺ جو ظاھري ديدار بہ نہ ڪيو ھيو پر ڪائنڪ فيض محمدي حاصل ڪيائين.

فرمايائون: ھر شخص لاءِ ڪامل مرشد سان بيعت ڪرڻ تمام ضروري آھي. الله جي ولين جي دامن ونجي نڏڪو نہ ٽجي. مرشد جي وصال بعد ان جي اولاد کي ڏسجي اگر انھن ۾ صلاحيت نظر اچي تہ انھن جي بيعت ڪجي نہ تہ خليفن کي ڏسجي انھن مان کنھن ۾ صلاحيت ھجي تہ انھن جي بيعت ڪجي نہ تہ کنھن ٻئي بزرگ سان بيعت ڪجي.

ڏسو نبي ڪريم ﷺ جھڙو دنيا ۾ ڪو مرشد نہ ٽيندو. سندن اصحابن جھڙو ڪو مريد نہ ٽيندو پر محبوبن جي وصال بعد صحابہ ڪرام سيدنا صديق اڪبر ﷺ جي ھٿ تي بيعت ڪئي. يعني بيعت اھڙي تہ اشد ضرورت آھي جو صحابن ۾ کان اصل ان کي مقدم ڪيو.

فرمايائون: قبر پرست نہ ٽيو. مرشد وفات ڪري وڃي تہ قبر مٿان چلہ نشين ٿي ويھي نہ وڃو. بيشڪ الله وارا قبرن ۾ بہ حيات آھن پر ظاھري طرح ڪامل مرشد جي بيعت ضروري آھي.

ڦوٽو پرستي: ٻڌڻ ۾ آيو آھي تہ ھڪ بزرگ جي وفات بعد ان جا مريد ڇا ٿا ڪن جو ڪٽ تي سھٽو ھنڊ بسترو وڇائي بزرگ جو وڏو ڦوٽو ان تي رکن ٿا پوءِ بزرگ جي تقرير جو ريل (ڪيسيٽ) چالو ڪن ٿا پوءِ چون ٿا تہ اسان کي ان مان فيض ٿو ملي. اھا سراسر جھالت آھي. اسان جي مرشدن ڪريمن حج تي وڃڻ جو ارادو ڪيو پاڻ ڦوٽو ڪيرايائون ان تان فقيرن ڪيئي ڦوٽو ڪيرائي گھرن ۾ رکيا. حضرت سائين جن کي خبر پئي تہ فلاڻن فقيرن وٽ سندن ڦوٽو آھي تہ پاڻ انھن کان پچيائون؟

انهن چيو تہ برابر اسان وٽ وٽ ڦوٽو آهي. پاڻ کٽي اچڻ لاءِ چيائون اهي کٽي آيا. پاڻ فريم ڀڃي ڦوٽو کي ڪيڏي ڏسندا رهيا. گهٽي دير بعد پاڻ ان کي ڦاڙي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيائون. پوءِ پاڻ فرمايائون خبردار فقيرو! ڦوٽو پرستي نہ ڪيو. متان ڦوٽن جي پوجا ۾ لڳي وجو. مان زنده وينو آهيان مون سان محبت رکو. مون کان فيض وٺو توهان ڦوٽن جي سيوا چوٽا ڪيو.

بزرگن جو توجهہ : پوءِ فرمايائون: الله جي دوستن ۾ رب کريم جيڪا روحاني قوت رکائيندو آهي، ان سان اگر اهي ڪنهن پاسي متوجهہ ٿين تہ ان کي توجهہ سڌبو آهي. پوءِ جيڪو ولي جيترو خود باڪمال ۽ يڪسوئي جو صاحب هوندو ان جي توجهہ ۾ اوتري تاثير هوندي. اهو توجهہ وات ويندن متان بہ اثر ڪندو آهي. مثلاً شهباز کي اڏائبو آهي تہ اڏامندڙ پکي کي بہ رستي ۾ قابو ڪري سگهندو آهي. توجهہ اگرچہ غير مرئي ۽ غير حسي شيءِ آهي پوءِ بہ اهو حسي شيءِ وانگر اثر ڏيکاريندو آهي. بزرگن جو توجهہ ٽن قسمن جو هوندو آهي. اصلاحي، القائي ۽ اتحادي.

1. **اصلاحي توجهہ** : هي آهي تہ مرشد پنهنجي باطني قوت سان ڪنهن مريد جي سيني کي صاف ڪري. پنهنجي همت جي صابڻ سان مريد جي دل کي پاڪ و صاف ڪري ۽ ان جي من جي ميل ڪي، گناهن جي گندگي کي ڌوئي صاف ڪري.

2. **القائي توجهہ**: هي آهي تہ ڪنهن جي اندر جي احوال کان آگاهي حاصل ڪري، پوءِ جو ڪجهہ روحاني فيض ڏيڻو آهي اهو ان جي باطن ۾ القاءِ ڪري. ان لاءِ مريد جو يا جنهن تي توجهہ ڪري ٿو ان جو ويجهو هجڻ يا پري هجڻ شرط نہ آهي. اهو توجهہ سوين ڪوهن تي بہ ڪار آمد ﷺ هوندو آهي.

3. **اتحادي توجهہ**: هي آهي تہ ڪامل ولي ڪنهن اهڙي ماڻهو کي توجهہ ڏئي جنهن جي قلب جو تصفيو ۽ نفس جو تزڪيو بہ نہ ٿيل هجي. پر ان تي توجهہ ڪري ان کي باطني فيض عطا ڪري. پر ان قسم جو توجهہ تمام گهٽ ولين کان صادر ٿيو آهي. چو تہ ان ۾ صاحبِ توجهہ جي وڏي همت جي درڪار هوندي آهي.

حضرت خواجہ باقي بالله رحمة الله عليه هڪ نانوائي تي توجهہ فرمايو هيو تہ

ان جي اندر جو حال تہ بزرگ جھڑو ٿي ويو هيو پر نانوائي جي ظاهري صورت ۾ لٽا کپڑا ۽ بزرگن جھڑا ٿي ويا.

4. **احساني توجھ**: هي اهو توجھ آهي جو بزرگ کنھن مريض مٿان توجھ ڪري تہ ان جو مرض ختم ٿي وڃي. کنھن جن واري مٿان توجھ ڪري تہ ان مان جن نڪري وڃي. کنھن پريشان حال جي مٿان توجھ فرمائي تہ ان جون پريشانيون دور ٿي وڃن. پر توجھ ۾ ان بزرگ جي همت ۽ يڪسوئي ضروري هوندي آهي.

شريعت جو اتباع : فرمايائون : اصل شريعت آهي. طريقت، حقيقت معرفت سڀ ان جي تابع آهن. حضرت جنيد بغدادي رحمه الله عليه فرمايو آهي تہ :

كُلُّ طَرِيْقَةٍ رَدَّتْهُ الشَّرِيْعَةُ فَهُوَ الزَّنْدَقَةُ

اها طريقت جنھن کي شريعت رد ڪيو اها زندقہ آهي.

ڪرامتن کان استقامت افضل آهي:

فرمايائون: ڪرامتون ٻن قسمن جون هونديون آهن : 1. حِسي 2. معنوي. عام ماڻهو اڪثر حِسي ڪرامتن کي سڃاڻن ٿا ۽ ان کي ڪمال سمجھن ٿا جيئن کنھن جي دل جي حال کان واقف ٿي وڃڻ، پاڻي تي هلڻ، هوا ۾ اڏامڻ وغيره ۽ پر اولياءِ ڪرام وٽ وڏو ڪمال معنوي ڪرامت آهي. يعني شريعت تي قائم رهڻ، سٺن اخلاقن جي عادت هڻڻ، نيڪ ڪمن جي پابندي ۽ بي تڪلفي سان هجڻ، حسد ، ڪينو ۽ ٻين برين عادتن کان دل جو پاڪ ٿي وڃڻ. ان ڪري بزرگن فرمايو آهي:

الاستقامة فوق الكرامة: استقامت ڪرامت کان مٿي آهي.

ساري سِکُ سَبَقُ، شريعَتَ سَندو، سُهٽي!
طريقتان تکو وَهي، حَقيقَتَ جو حَقُ:
مَعرِفَتَ مَرَکُ، اَصلُ عاشقِن کي.

تيويهين مجلس

سُهڻا خواب

هڪ ڏينهن پاڻ فجر نماز پڙهي وينا هئا فرمايائون: حضور نبي كريم ﷺ كڏهن فجر نماز پڙهي صحابہ كرام ڏانهن متوجہ ٿي ويهندا هئا، انهن كان پڇندا هئا تہ اوهان مان كنهن اڄ كو خواب ڏٺو هجي تہ بيان كري. پوءِ اگر كنهن اصحابي ڏٺو هوندو هيو تہ بيان كندو هيو. اگر خود نبي كريم ﷺ ڏٺو هوندو هيو تہ پاڻ بيان فرمائيندا هئا. [1]

فرمايائون: سهڻا خواب بشارتون آهن. جن جي ذريعي الله كريم پنهنجي پاڻهن جي دلين كي تسلي سكون ۽ فرحت عطا كندو آهي. سهڻي نبي كريم ﷺ فرمايو آهي تہ:

لم يبق من النبوة إلا المبشرات. قالوا: وما المبشرات؟ قال: الرؤيا الصالحة. [2]

نبوت جو هاڻي كو بہ حصو نہ بچيو آهي سواءِ مبشرات جي. صحابہ چيو مبشرات چا آهن؟ پاڻ فرمايائون سڻا خواب. يعني حديث ۾ آهي تہ:

الرؤيا الصالحة جزء من ستة وأربعين جزءا من النبوة. [3]

سڻو خواب نبوت جي چاليتاليهين پتي آهي.

جماعت كي مخاطب ٿي فرمايائون: اوهان مان كنهن ماڻهو كو خواب ڏٺو هجي تہ بيان كري. ماستر غلام قادر جيكو حضرت جن جو سوٽ آهي ان بيان كيو تہ حضرت سائين! مان رات خواب ڏٺو آهي. ڏسان ٿو تہ هڪ نهايت وسيع سرسبز ميدان آهي اتي هزارين انسانن جو مجمع آهي پر گول دائري ۾ بيٹا آهن.

---

[1] عن سَمُرَة بن جُنْدُبٍ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ. قَالَ: كَانَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ مِمَّا يُكْثِرُ أَنْ يَقُولَ لِأَصْحَابِهِ: «هَلْ رَأَى أَحَدٌ مِنْكُمْ مِنْ رُؤْيَا» قَالَ: فَيَقُصُّ عَلَيْهِ مَنْ شَاءَ اللهُ أَنْ يَقُصَّ. صحيح البخاري (9/ 44)

[2] صحيح البخاري (9/ 31)

[3] اخرجه البخاري عن ابي سعيد الخدري (9/ 31)

وچ خالي آهي ان ۾ سائو تنبو لڳل آهي ڏسان تہ اتي اوهان (حضرت مرشد فضل آبادي) لڪ هٿ ۾ ڪنيون بيٺا آهيو. مان مليو آهيان پڇا ڪيم تہ هي ڇا لقاءِ آهي. اوهان فرمايو تہ تہ هت محبوب محمد ڪريم صلي الله عليہ وسلم اچڻ وارا آهن هي جلسو سندن استقبال لاءِ ڪيو ويو آهي. پر هن جلسي جو سارو انتظام منهنجي حوالي ڪيو ويو آهي. سائين جن سان ماڻهن کي ملائڻ منهنجي ذمي آهي. ان تي پاڻ گهٽو گريہ فرمايائون.

فرمايائون: هن عاجز بہ هڪ خواب ڏٺو آهي تہ سڌي نبي ڪريم ﷺ جي دربار ۾ ويو آهيان. سندن هٿ ۾ هڪ پهرياڻ آهي. پر اهو هنڌان ماڳان ڦاٽل نظر اچي ٿو. پاڻ فرمائن ٿا ڪو آهي جو هن کي سبي. حبيب ڪريم ﷺ جي پاسي ۾ سيدنا ابوبڪر صديق بيٺل آهي. اهو هن عاجز ڏانهن اشارو ڪري عرض ڪري ٿو تہ: يا رسول الله اگر هن مجاهد کي سبڻ لاءِ ڏيو تہ هي ڳنڍ ٽوپ تمام سُني جاڙتندو آهي. پوءِ پاڻ ڪريمن اهو پهرياڻ سبڻ لاءِ هن عاجز جي حوالي ڪيو آهي. ڏسان پيو هر پاسي کان ڦاٽل نظر آيو. سبڻ شروع ڪيو اٿم، سبندي اک کلي وئي.

فرمايائون: اسان ان مان اهو تعبير ورتو آهي تہ اهو پهرياڻ دين محمدي آهي. سبڻ مان مراد دين جي خدمت ڪرڻ آهي. ابوبڪر صديق ﷺ اسان نقشبندين جو مرشد آهي، تڏهن ان اسان جي باري ۾ سفارش ڪئي آهي.

پوءِ فرمايائون: خواب ۾ جنهن بہ رسول الله ﷺ کي ڏٺو ان سچ پچ سندن ئي ديدار ڪيو چو تہ شيطان سندن صورت وٺي نہ سگهندو آهي. جيئن حديث ۾ آيو آهي تہ:

مَنْ رَآنِي فِي الْمَنَامِ فَقَدْ رَآنِي. فَإِنَّ الشَّيْطَانَ لَا يَتَمَثَّلُ بِي [1]

پوءِ فرمايائون: ڪوڙو خواب بيان ڪرڻ گناهہ آهي. جيڪو ماڻهو رسول الله ﷺ ڏانهن ڪوڙو خواب منسوب ڪري ان جي جاءِ جهنم ۾ هوندي. روايت ۾ آهي تہ جيڪو ماڻهو ڪوڙو خواب بيان ڪري قيامت واري ڏينهن ان کي جَوَن جا ٻہ جا داڻا ڏنا ويندا ۽ چيو ويندو تہ انهن ٻنهين کي پاڻ ۾ ڳنڍ ڏي ۽ اهو ڏئي نہ سگهندو.

---

[1] اخرجه ابن ماجه في سننه عن ابي هريرة ﷺ (2/1284)

چوويهين مجلس

دل جي دنيا

آچر 22 جمادالثاني 1408هـ درگاه حضرت پير محبوب الاهي

فرمايائون: هرعضوي ۾ رب كريم كا نه كا قوت ركائي آهي جيئن : اكين ۾ ڏسڻ جي قوت، ڪن ۾ ٻڌڻ جي قوت، اهڙي طرح دل ۾ الله پاڪ پنهنجي ياد جي قوت ركائي آهي. دل جياپي جو اوزار آهي. جسم جو جياپو به دل سان ته روح جو جياپو به دل سان آهي. دل بدن جو اعظم، اشرف ۽ اكرم عضوو آهي. دل علم، حلم، كرم، شجاعت، سخاوت، عنايت جو سرچشمو آهي. دل محبت، الفت، كلفت، كدورت، رنج رضا واريں كيفيتن جو بنياد آهي. بدن جي عضون جي لشكر جو سالار دل آهي. دل جسم جو بادشاهه آهي. حضرت ابوهريره رضي الله عنه چيو ته :

القلب ملك وله جنود. فإذا صلح الملك صلحت جنوده، وإذا فسد الملك فسدت جنوده. [1]

دل بادشاهه آهي ۽ ان جو هڪ لشكر آهي جي بادشاهه سڌري ويو ته لشكر به سڌري ويندو پر جي بادشاهه بگڙي ويو ته لشكر به بگڙي ويندو.

فرمايائون: ماڻهو جسم جي ناهه ٿوهه كندا آهن پر الله جا عارف وري دل كي سنواريندا آهن. بدن جو سڌرڻ دل جي سڌرڻ سان مشروط آهي. جيئن حديث پاڪ ۾ آيو آهي ته :

أَلَا وَإِنَّ فِي الْجَسَدِ مُضْغَةً إِذَا صَلَحَتْ صَلَحَ الْجَسَدُ كُلُّهُ، وَإِذَا فَسَدَتْ فَسَدَ الْجَسَدُ كُلُّهُ. أَلَا وَهِيَ الْقَلْبُ. [2]

خبردار بيشڪ جسم ۾ هڪ گوشت جو ٽڪر آهي سو جي سڌري ويو ته سارو جسم سڌري ويندو پر جي اهو فاسد ٿي ويو ته سارو جسم فاسد ٿي پوندو. خبردار اها دل آهي.

---

[1] شعب الإيمان (1/257)

[2] بخاري (1/20)، مسلم (3/1219)، مسند أبي داود الطيالسي (2/138)، مسند أحمد (30/324)

فرمايائون: هرعضوي ۾ رب كريم كا نه كا قوت ركائي آهي جيئن : اکين ۾ ڏسڻ جي قوت، ڪنن ۾ ٻڌڻ جي قوت، اهڙي طرح دل ۾ الله پاڪ پنهنجي ياد جي قوت رکائي آهي. دل جيڪي جو اوزار آهي. جسم جو جياپو به دل سان ته روح جو جياپو به دل سان آهي. دل بدن جو اعظم، اشرف ۽ اڪرم عضو آهي. دل علم، حلم، ڪرم، شجاعت، سخاوت، عنايت جو سرچشمو آهي. دل محبت، الفت، ڪلفت، ڪدورت، رنج رضا وارين ڪيفيتن جو بنياد آهي. بدن جي عضون جي لشڪر جو سالار دل آهي. دل جسم جو بادشاهه آهي. حضرت ابوهريره رضی الله عنه چيو ته :

القلب ملك وله جنود. فإذا صلح الملك صلحت جنوده، وإذا فسد الملك فسدت جنوده. ①

دل بادشاهه آهي ۽ ان جو هڪ لشڪر آهي جي بادشاهه سڌري ويو ته لشڪر به سڌري ويندو پر جي بادشاهه بگڙي ويو ته لشڪر به بگڙي ويندو.

فرمايائون: ماڻهو جسم جي ناهه نوهه ڪندا آهن پر الله جا عارف وري دل کي سنواريندا آهن. بدن جو سڌرڻ دل جي سڌرڻ سان مشروط آهي. جيئن حديث پاڪ ۾ آيو آهي ته :

أَلَا وَإِنَّ فِي الْجَسَدِ مُضْغَةً إِذَا صَلَحَتْ صَلَحَ الْجَسَدُ كُلُّهُ.

وَإِذَا فَسَدَتْ فَسَدَ الْجَسَدُ كُلُّهُ. أَلَا وَهِيَ الْقَلْبُ. ②

خبردار بيشڪ جسم ۾ هڪ گوشت جو ٽڪر آهي سو جي سڌري ويو ته سارو جسم سڌري ويندو پر جي اهو فاسد ٿي ويو ته سارو جسم فاسد ٿي پوندو. خبردار اها دل آهي.

---

① شعب الإيمان (1/257)

② بخاري (1/20)، مسلم (3/1219)، مسند أبي داود الطيالسي (2/138)، مسند أحمد (30/324)

فرمايائون: ايمان، ڪفر، ادب، بي ادبي، صفاتِ حسنه ۽ صفاتِ خبيثه جو محل دل آهي. جڏهن دل ۾ ايمان اچي وڃي تہ ان ۾ ادب اچي ويندو آهي. الله جي نشانين جي عزت تعظيم ۽ ادب ڪرڻ اها دلين جي تقويٰ ۽ پرهيزگاري آهي.

وَمَنْ يُّعَظِّمْ شَعَآئِرَ اللّٰهِ فَاِنَّهَا مِنْ تَقْوَى الْقُلُوْبِ ۝ ۳۲ (الحج)

۽ جيڪو الله جي نشانين جي عزت ڪري تو تہ اها دلين جي تقويٰ آهي.

دليون سينن ۾ آهن. پوءِ ڪن جون دليون بينا هونديون آهن تہ ڪن جون دليون نابينا ٿي پونديون آهن اها حقيقت الله قرآن ۾ بيان ڪئي آهي.

فَاِنَّهَا لَا تَعْمَى الْاَبْصَارُ وَلٰكِنْ تَعْمَى الْقُلُوْبُ الَّتِيْ فِي الصُّدُوْرِ ۝ ۴۶ (الحج)

پوءِ بيشڪ اکيون انڌيون نہ ٿيون ٿين پر سينن ۾ موجود دليون انڌيون ٿي پونديون آهن. معلوم ٿيو تہ خير جي عملن ۽ تقويٰ جو تعلق دل سان آهي. ڪن جي دل ائين بگڙي ويندي آهي جيئن ڪاڇي جي پٺ ۾ يا ٽر جي پٽن ۾ ڪو ماڻهو پٽڪي ويندو آهي. ان دل کي راهِ راست تي رکڻ لاءِ مرشد ڪامل ضروري آهي ۽ الله جي ذڪر سان دل جي صفائي حاصل ٿيندي آهي.

دل جا سٺا اوصاف: جيئن الله جي محبت، رسول الله ﷺ سان محبت، اولياءِ ڪرام جي محبت، خوف خشيه، اميد، سچائي، توبہ، توڪل، رضا تسليم، قناعت، تعظيم وغيره اهي شيون دل جون سٺيون وصفون آهن.

دل جا ردي اوصاف : جيئن: مڪر، فريب، حيلہ بازي، غرور، تڪبر، ڪاوڙ، ظلم، حسد، خودثنائي، خودپرستي وغيره. اهي سڀ دل جا ردي اوصاف آهن.

خاموشي : دل جڏهن سڌريل هوندي آهي تہ زبان مان علم حڪمت جا معارف نڪرندا آهن. پر جيڪڏهن زبان خاموش رهندي آهي تہ ان جي خاموشي بہ حڪمتن سان پريل هوندي آهي. حڪيمن جو قول آهي تہ خاموشي ۾ ست هزار خير آهن. اُهي سڀ هن ست ڪلمن ۾ گڏ ڪيل آهن.

1. خاموشي عبادت آهي بنا محنت جي.
2. سينگار آهي بنا زيور جي.

3. خاموشي هيبت آهي بنا حڪومت جي.
4. خاموشي ڪوٽ آهي بغير پٽ جي.
5. خاموشي ڪنهن اڳيان عذر ڪرڻ کان بي پرواهه ڪري ٿي.
6. خاموشي عزت وارن جي راحت آهي.
7. خاموشي عيبن تي پردو آهي.

ڪنهن چيو ته خاموشي عالم لاءِ سينگار جاهل لاءِ پردو آهي.

طمع: فرمايائون دل جي برن اوصافن مان سڀ کان بري وصف "طمع لوڀ ۽ لالچ" آهي. طمع جا ٽئي حرف نقطن کان خالي آهن ته طمع وارو ماڻهو به ائين پلائي جي نقطن کان خالي هوندو آهي.

بدوز و طمع ديده، هوشمند، در آرد طمع مرغ وماهي به بنند.

طمع عقلمند ماڻهو جون اکيون بند ڪري ڇڏيندي آهي. مرغ يا مڇي به شڪار جي لالچ ۾ خود شڪار ٿي ويندا آهن.

دل جو وڏو دشمن : شيطان آهي. جيڪو ان کي ٻڌائيندو آهي. حق جي راهه کان هٽائيندو آهي. رب پاڪ خود فرمايو آهي ته:

اِنَّ الشَّيْطٰنَ لِلْاِنْسَانِ عَدُوٌّ مُّبِيْنٌ ۝۵ بيشڪ شيطان انسان جو چٽو دشمن آهي.

جنهن کي الله دشمن سڏيو سو پلا سڃڻ ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟ اهو دشمن ايمان جو ڦورو آهي. ان کان چوڪارو ڪيئن ٿيندو. رب فرمايو:

اِنَّ الَّذِيْنَ اتَّقَوْا اِذَا مَسَّهُمْ طٰٓئِفٌ مِّنَ الشَّيْطٰنِ تَذَكَّرُوْا فَاِذَا هُمْ مُّبْصِرُوْنَ ۝۲۰۱

بيشڪ اهي ماڻهو جي متقي آهن، جڏهن انهن کي شيطاني خيال جي چوٽ لڳي ٿي ته ذڪر ڪن ٿا ان وقت انهن جون اکيون ڪلي پون ٿيون.

الله جي ذڪر سان دل جي ديد ڪلي پوي ٿي. ذڪر هڪ لائٽ جي مثال آهي. اکين جي نور مثل آهي. ان سان هر شيءِ ڏسي سگهبي آهي.

بزرگن فرمايو آهي ته:

ياد او سرمايہء ايمان بود ہر گدا از ياد او سلطان بود
پس بزرگي ہست اندر ياد او ياد او كن ياد او كن ياد او

الله جو ذكر ايمان جي موڙي آهي. الله جي ذكر كرڻ وارو گداگر بہ بادشاھ بنجي وڃي ٿو. پوءِ شان آهي ئي الله جي ذكر مِ انكري الله جو ذكر كر ءِ كر.

فقيرو غافل نہ ٿيو. الله جي ذكر سان محبت ركو. محبوب جو نالو توهان كي نہ ٿو وٺي؟ حضرت يوسف تي زليخا عاشق ٿي تہ چوندي هئي :

ندانم نام تو تا سازمش ورد نيايم جاہ تو تا گردمش گرد
دلم بردی و دلداری نہ كردی غم دادی و غمخواری نہ كردی

سارا خزانا حضرت يوسف جي نالي تي خيرات كري ڇڏيائين .

فقيرو! يا تہ هيڏي نہ اچو ها ! جي آيا آهيو تہ منهنجو چيو مجو. هر دم كيو الله الله الله. دنيا جي چيزن جا طالب نہ ٿيو. اهي شيون سڀ فاني آهن. اولاد بہ صالح هجي تہ بهتر نہ تہ اهڙي طالح اولاد كان ماڻهو نپُتو پلو آهي. كيترن اولادن پنهنجي پيءُ ماءُ كي قتل كري ڇڏيو. اسان وٽ كيترا اهڙا ماڻهو روز انو دانهين اچن پيا اولاد جا سور كٽي. تڏهن رب دعا سيكاري آهي تہ رب كان اها دعا گهرو.

رَبَّنَا هَبْ لَنَا مِنْ اَزْوَاجِنَا وَ ذُرِّيّٰتِنَا قُرَّةَ اَعْيُنٍ وَّ اجْعَلْنَا لِلْمُتَّقِيْنَ اِمَامًا ۝ ۷۴

بس اولاد اهو ئي آهي جيكو صالح ءِ فرمانبردار هجي. انهن چيزن جا طالب نہ ٿيو. طلب كيو تہ الله جي محبت جي اها باقي ءِ هميشہ رهڻ واري آهي. پلارو ءِ بخت وارو انسان اهو آهي، زمين تي رهڻ بہ ان جو ئٹي ٿو جنهن كي هردم رب ياد هجي.

پلي ڇايون مائرون سنديون صالحن،
حشر ويل انهن كي ڏاڍا ڏيب ملن،
ٻين ويچارين اوجاڳا ئي اجايا كيا.
ناڇٽن ها مائرون اهڙا پٽڑا ندورا،
جي رسائن رسول رب جو موذي مردارا،
تني جا راڑا ٻڌندؤ ڏينهن قيام جي.

دوستو هر دم ان ڳالھ جا طالب ٿيو تہ شال رب ملي.

رب مليو تان سڀ مليو، رب نا مليو کجھ نا مليو.
کيھي کام کاپڙي تا اھڙي روش رون،
نہ کي دل دوزخ ڏي نہ کي بھشت گھرن،
نہ کي کم ڪفار سين نہ کي مسلماني من،
سدا ائين چون تہ پرين ڪجوم پانھنجو.

بادشاھ کان ٽکي پيسي جو سوال نہ ڪبو آھي. پر شاھي شان مطابق سوال ڪبو آھي. الله بہ باشاھن جو بادشاھ آھي. ان کان سوال بہ سندس شان مطابق ڪيو، اھو سوال اھو آھي تہ: "اي الله تون منھنجو ٿي مون کي پنھنجو بناءِ".

دعا ڪيوم ڙي جيڏيون شل پرين ڪري پانھنجو،
آءٌ ٿيان ان جو دوست ٿئي منھنجو،
ھوندس نہ اھنجو جانب ڪھين جوءِ مِ.

مرشد وٽان فائدو ۽ فيض ان کي ملندو، جيڪو اعتراض نہ ڪندو بلڪ محبت ڪندو.

اگر شہ روز را گويد شب است ايں، ببايد گفت اينڪہ ماہ پروين
بمئہ سجاد رنگيں کن گرت پير مغان گويد کہ سالک بے خبر نبود ز راہ و رسم منزلہا

مريد اھو آھي جيڪو پنھنجي ارادن کي ڇڏي پنھنجي پير جي ارادي تي ھلي. الله بہ ھڪ رسول بہ ھڪ دل بہ ھڪ. ڏجي بہ ھڪ کي. پير بہ ھڪ وٺجي. جي ائين نہ آھي تہ انڌي جھڙي پيڪين وئي تھڙي نہ وئي. اھو کوبہ فائدو حاصل نہ ڪري سگھندو.

بے ادب خود را نہ تنہا داشت بد بلکہ آتش درہمہ آفاق زد

بي ادب رڳو پنھنجو پاڻ کي محروم نہ ڪندو آھي، پر انجي بي ادبي جي باھ جھاڻ ساڙي وجھندي آھي. سچا فقير ٿيو. حضور نبي ڪريم ﷺ فرمايو آھي:

من عرف نفسہ فقد عرف ربہ جن الله وارن کي سجاتو ان خود خدا کي ڳولي لڌو.

نظرہ شفاء دعاءہ دواء و کلامہ ضياء الله وارن جي نظر شفا دعا دوا ۽ گفتار دلين جو نور ھوندو آھي.

انسان جي اندر نفس ۽ روح ۾ شيون آهن. نفس جي خوراڪ ماني ۽ پاڻي آهي. هڪڙو ڏينهن ماني نه کاڌايوس تہ اکين اڳيان تڏيون اچي ويندس. پيو آهي روح ان جي خوراڪ آهي 1. ذڪر الله 2. صحبت صالحن جي.

صحبت جا صالحن جي آهي اندر جو اوجار،
من ملي صاف ڪن جيئن ڪٽ لاهي قلعيدار،
تن وٽ ساري سپ ڇمار گولي ٽي گذارجي.

ڪو به هنر بنا استاد جي حاصل نہ ٿيندو تہ الله جي ملڻ جي واٽ ۾ بنا رهبر ڪامل جي ملي نہ سگهندي آهي.

هر آں کارے کہ بے استاد باشد یقین دانی کہ بے بنیاد باشد

مرشد ڪامل اهو آهي جيڪو گناهن جا لباس لهرائي. شريعت محمدي جو لباس پهرائي.

ڊاڪٽر ۽ دوا : فرمايائون : مرشد ڪامل ڊاڪٽر آهي ۽ ذڪر دوا آهي. جو ڊاڪٽر ۽ دوا سان واسطو نہ رکندو ہڏايو تہ ان کي صحت ڪيئن حاصل ٿيندي !

فرمايائون: جاهل ۽ غافل ماڻهن جي صحبت ۾ هر گز نہ ويهو چو تہ انهن جي دز گرد غبار توهان تي چڙهي ويندي.

پير جي مخالف سان ميل جول نہ رکو:

فرمايائون جيئن ايريو ماکي کي کاري ڇڏيندو آهي، تيئن پير جي مخالفن جي سنگت ۾ فقيري ۽ نيڪائي کي وڃائي ڇڏيندي آهي. مرشد جي مخالف جي منهن کي ۾ چٽائي ڏسڻ نہ گهرجي. حضرت رباني مجدد الف ثاني رحمة الله عليه جو قول مبارڪ آهي تہ:

کسے کہ با پیر تو بد باشد و تو بہ آں نکو باشی از تو سگ بہتر است

جيڪو تنهنجي پير سان برو هلي ۽ تون ان سان دوستي رکين تہ توکان ڪتو ۾ پلو آهي.

پنجويهين مجلس

عادتون ۽ مجبوريون

فرمايائون: رات ڏينهن ۾ ماڻهو جا چو ويهه هزار پساهه هوندا آهن. اگر ڪنهن جو هر پساهه ذڪر الاهي سان گڏي ته اهو ماڻهو صاحب اللفظ ٿي پوندو آهي. ان جي زبان مان جيڪو به لفظ نڪرندو آهي ته الله ائين ڪندو آهي. ان لاءِ چيو اٿن ته:

لسان الفقراء سيف الرحمان فقيرن جي زبان رحمان جي ترار آهي.

فرمايائون: ولي ۽ ڪامل پنهنجي زبان مان اگر اڻ سُهائيندڙ الفاظ به ڪڍي ته هين جي سُهائيندڙ الفاظن کان وٽيڪ الله کي اهي پيارا هوندا آهن.

فرمايائون: انسانُ عادت کان مجبور هوندو آهي. جو ته عادت انسان جو عضوو بنجي ويندي آهي. چوندا آهن ته: "هِريي جي هيرتنگ پڳي نه لهي".

نقل: ڪو بادشاهه هڪ پينار عورت جو حسن ۽ جمال ڏسي ان تي عاشق ٿي پيو. ان کي خريد ڪري ان سان نڪاح ڪيائين ۽ پنهنجي گهر وٺي آيس. شاهي محل ۾ ڪنهن چيز جي ڪمي ڪا نه هئي. هر قسم جا عجيب لذيذ ڪاڌا موجود هيا. پر هن عورت کي پني ڪائڻ جي عادت پيل هئي. سو چا ڪندي هئي جو ڪمري کي بند ڪري، اندر ماني ڪائيندي هئي. هڪ ڏينهن اوچتو بادشاهه دريءَ جي سوراخ مان اندر نهاريو ته ڏٺائين ته عورت ماني کي ٽڪر ٽڪر ڪري اول جارن ۾ رکي وئي. پوءِ پنهنجي گندي مان گودڙي ڪاهي ڇڪيءَ ۾ ڀڃائين ۽ هر جاري جي اڇيان ٻيهي صدا هڻي چوي پئي:

"جارا ڏني والا اسان ٽڪر ٽيري والا.... آهي الله"

پوءِ جاري مان ٽڪر ڪٽي گودڙي ۾ وجهي تانجو سيني جارن کان ٽڪر پني پوءِ ويهي ڪائڻ لڳي. بادشاهه چيس ته هي چا ٿي ڪرين؟ چيائين ته نندپڻ جي پٽڻ جي عادت اٿم ان کان سواءِ آرام نه ٿو اچي. ڏسو هري عادت ڪهڙي خراب شيءِ آهي.

فرمايائون: عادتون ۾ قسمن جون هونديون آهن. پهريون اهي عادتون جيڪي ماڻهو پاڻ ۾ خود انهن جي هير وجهي ٿو. اهي عادتون گهٽجي ۽ سگهن ٿيون، مٽجي ۽ سگهن ٿيون، ختم ۽ ٿي سگهن ٿيون. مثلاً هڪ ماڻهو بري صحبت ۾ ويهي ٻڙي جو يا حقي جو عادتي بنجي ويو. اگر اها عادت متائڻ، يا گهٽائڻ يا ڇڏڻ چاهي ته ڪري سگهي ٿو.

ٻيون عادتون اهي آهن جيڪي ماڻهو جي من ۾ جائي جم کان ئي رکايون ويون آهن. اهي کڏهن ۽ بدلجي نه ٿيون سگهن. سهڻي نبي ڪريم ﷺ ۽ فرمايو آهي ته: "اوهان ٻڌو ته جبل پنهنجي جاءِ تان هٽي ويو آهي ته يقين ڪجو پر هن ڳالهه تي يقين نه ڪجو ته ڪو ماڻهو پنهنجي جِبلي عادت تان مٽجي ويو آهي". ها البته انهن جو رخ متائي سگهجي ٿو، انهن جو اصلاح ڪري سگهجي ٿو. الله وارن جي صحبت ۾ پهرئين قسم جون بريون عادتون ڇڏائجي وڃن ٿيون. جيئن ڪو موالي ٿي ويو آهي ته ان عادت کان ڇوٽڪارو حاصل ڪري ٿو ۽ ٻئي قسم جي عادتن جو اصلاح ٿئي ٿو. مثلاً هڪ ماڻهو ۾ ڍڇڻ جي ازلي عادت آهي. هر شيءِ کان ڍڇي ٿو. الله وارن جي صحبت ۾ اڇڻ سان ان جي ڍڇ جو اصلاح ٿيندو. هاڻي الله کان ڍڇندو. جهنم کان ڍڇندو.

فرمايائون: الله وارن جي صحبت ۾ رهو پوءِ توڙي ڪميون ڪوتاهيون ڏِنگ ڦير آهن ته به آخر انهن جو علاج ۽ ازالو ٿي ويندو. ڇو ته خداوارن جي صحبت ۾ اثر هوندو آهي. آخر ان برابر جو علاج ٿيندو. جيئن دروازو سڌو هوندو آهي ۽ ڪڙو ڏڏو هوندو آهي پر ان ڏڏي ڪڙي کانسواءِ سڌو دروازو به محفوظ نه ٿو رهي.

سَبَبَ سِياهِي، آهي آرِيءَ جامَ ري؛
کڏهن پَسي کا نه کا، رِءَ لالَنَ لالائِي؛
دُودُ دِل تان دُورڪَري، ڪَر، ساجَنَ! صَفائِي؛
مَنْ لاَ شَيْخُ لَهُ فَشَيْخُهُ الشَّيْطَانُ، اِنَ رِءَ اُونداهِي؛
هُوءَ جا هَلِي هيڪلِي، سا گيرَبَ گمائِي؛
بِلَا شَيْخٍ مَنْ يَمْشِيْ فِي الطَّرِيْقِ، اِهڙِي آوائِي؛
تنهن رِءَ تَوائِي، ڪوڙين ٽِئِن ڪيتَريُون.

پنجويهين مجلس

مستورات ۾ مجلس

دربار کرمپور ۾ شام جو وقت آهي، حضرت جن ڪٽ تي جلوه نما آهن. ڪٽ جي پاسي ۾ اُم المريدين امڙ "هدايت" سائڻ ويٺل آهي. سندن گردن مبارڪ جُهڪيل آهي. بيان ڪري رهيا آهن، سندن اکين مان آب جاري آهي. فقيرياڻين جي اکين ۾ به ڳوڙهن جو سيلاب آهي. پاڻ پنهنجي نوري زبان مبارڪ مان فرمائي رهيا آهن:

"اي الله جي ذڪر ڪرڻ واريون ! نيڪ ٿيو صالح ٿيو. الله کي ياد ڪيو. حياتي بي وفا آهي. ابو امان، مٽ مائٽ ويا لڏي آخرت ڏي. اڄ سڀان اسان جو وارو اچڻ وارو آهي. شريعت جي تابعداري ڪيو. نماز پڙهو. ذڪر ڪيو. غير شرعي شادي ۾ هرگز نه وجو. سهڻي نبي ڪريم ﷺ فرمايو آهي ته:

صوتان ملعونان في الدنيا والآخرة: مزمار عند نعمة ورنة عند مصيبة. [1]

به آواز دنيا آخرت ۾ لعنتي آهن ، خوشيءَ جي وقت سرودن جو آواز ۽ مصيبت جي وقت پار ڪيڻ جو آواز.

نماز نه ڇڏيو هڪڙي نماز ڇڏڻ جي سزا سوين سالن جو عذاب آهي. تهجد نماز پڙهو.

اي الله جون ڀانهيون ! مارئي کي پنهنجا اباڻا وٽندا هئا. اباڻي لوئي ملهائي ڏيکاريائين. عمر کي چوي پئي ته:

تنهنجا بخمل باه ۾ ساڙيندس،
لوئي ڪين اباڻي لڄائيندس
وڃي ڏڻ ته اباڻن جا چاريندس.

اوهان کيڻ محبوب عربي ﷺ جي شريعت جي لوئي ٿيون لڄايو.

---

[1] مسند البزار - البحر الزخار (14/62)

پردي سان رهو. جيڪا عورت هار سينگار ڪري ٻاهر نڪري ٿي تہ جيسين واپس موٽي نہ ٿي اچي تيسين ملائڪ ان تي لعنت وسائيندا رهن ٿا. جيڪا عورت مڙس جي راضي ڪرڻ لاءِ سينگار ڪري ٿي تہ ان کي بهشت جي اٺن دروازن کان سڏ ڪيو ويندو. جيڪا عورت ٻار کي کير پياري ٿي تہ هڪ ڇڇڙ جي بدلي ان کي ڏهن نيڪين جو ثواب ملي ٿو. ٻيهي نماز پڙهو. ٻيا سڀ ڪم دنيا جا ٻيهي ڇڱي طرح ڪيو ٿيون ۽ نماز وري ويهي پڙهو ٿيون. اهو نيڪ نہ آهي. ٻيهي ۽ دل جي حضور سان نماز پڙهو. ٻي نمازڻ جهنمڻ عورت آهي. پنهنجي مڙس جي فرمانبرداري ڪيو. حديث شريف ۾ آهي تہ :

إذا دعا الرجل امرأته إلى فراشه فأبت فبات غضبان عليها لعنتها الملائكة حتى تصبح. ①

جنهن عورت کي مڙس پنهنجي بستر ڏانهن سڏي ٿو ۽ اها انڪار ڪري ٿي پوءِ مڙس کاوڙ ۾ رات گذاري ٿو تہ صبح تائين ملائڪ ان عورت تي لعنت وسائيندا رهن ٿا.

حديث پاڪ ۾ آيو آهي تہ جا عورت مڙس کي راضي ڪري مُئي تہ اها جنتڻ آهي. ②

پنهنجي پاڙي ۾ ڪنهن کي نہ ايذايو. نيڪي جي ڪمن ۾ حرص رکو.

هر وقت اهو فڪر رکو تہ شال الله جي ذات راضي ٿئي. پوءِ دنيا رُسي يا نيڪي جي راهہ ۾ طعنا مهڻا ڏئي تہ پلي ڏئي شال هڪ مالڪ ڪريم راضي هجي.

پرين وٽ هجان پياري، ٽيان نہ ڪٽنياري،
ڇا ڪندیون ڏيهہ جون پو ڏنگايون.
آگو نہ اگهاڙي عيب لاءِ، مونجهہ انهيءَ آهيان ماري.

① صحيح البخاري (4/116)

② أيما امرأة ماتت وزوجها عنها راض دخلت الجنة سنن الترمذي (3/458)

چويهين مجلس

لاالٰه الاالله جو ذكر

فرمايائون : اي فقيرو روز انو گهٽ ۾ گهٽ ٻه سئو ڀيرا كلمه طيبه "لااله الا الله" جو ذكر كندا رهو. ان كان جي وڌيڪ كندئو ته اجا وڌيڪ فائدو آهي. ان سان اوهان جا گناه معاف ٿيندا ۽ درجا بلند ٿيندا. بزرگن فرمايو آهي ته:

"جنهن ماڻهو كي الله جي ذكر جي توفيق ملي وئي ان كي ولايت ۽ بزرگي جو چنو ملي ويو."

حضرت ابو سعيد خُدري رضي الله عنه كان روايت آهي ته هك پيري حضرت موسيٰ عليه السلام الله جي بارگاهه ۾ عرض كيو ته:

يَارَبِّ عَلِّمْنِي شَيْئًا أَذْكُرُكَ بِهِ، أَوْ أَدْعُوكَ بِهِ.

يا الله مونكي اهڙو كو كلمو سيكار جنهن جي ذريعي مان توكي ياد كندو رهان يا توكان دعا گهران. رب كريم فرمايس اي موسيٰ "لا اله الا الله" گهٽو پڙهه. حضرت موسيٰ عليه السلام عرض كيو ته يا الله "لا اله الا الله" ته عام ذكر آهي جنهن كي هر ماڻهو پڙهندو رهي ٿو، آءٌ اهڙي خاص ذكر لاءِ عرض كيان ٿو جنهن كي مون سواءِ كوبه نه جاڻندو هجي. رب فرمايس:

يَا مُوسَىٰ لَوْ أَنَّ السَّمَوَاتِ السَّبْعَ وَعَامِرَهُنَّ غَيْرِي، وَالأَرَضِينَ السَّبْعَ وُضِعْنَ فِي كِفَّةٍ، وَلا إِلَـهَ إِلا اللَّهُ فِي كِفَّةٍ، لَمَالَتْ بِهِنَّ لا إِلَـهَ إِلا اللَّهُ [1]

---

[1] شرح السنة (ج 1/ ص 313)، واخرجه ابن حبان في صحيحه (ج 25/ ص 477)، واخرجه الحاكم في المستدرك على الصحيحين (ج 4/ ص 484)، وقال هذا حديث صحيح الإسناد، ولم يخرجاه. السنن الكبرى للنسائي (ج 6/ ص 209) الجواهر الحسان للثعالبي (ج 3/ ص 278)، الأسماء والصفات للبيهقي (ج 1/ ص 198)، كنز العمال في سنن الأقوال والأفعال (ج 1/ ص 441) جمع الجوامع أو الجامع الكبير للسيوطي (ج 1/ ص 15297)، فتح الباري لابن حجر (ج 18/ ص 208)

اي موسيٰ (هيءُ اهڙو خاص الخاص ذڪر آهي جو) جيڪڏهن چوڏهن طبق ست آسمان ۽ ست زمينون ڪنهن ترازي جي پڙ ۾ وڌا وڃن، ۽ ٻئي پڙ ۾ "لا اله الا الله" وڌو ويڃي تہ اهو ذڪر ان کان ٻرو ٿي ويندو.

ان جي ٻري ٿيڻ جو سبب هي آهي جو چوڏهن طبقن جو وجود، وجود حقيقي ذات رب العالمين جي قدرتن جو پاڇو ۽ اولڙو آهي. انڪري اهو پاڇو پنهنجي وجود ڪان ضرور هلڪو هوندو.

فرمايائون : سڀ کان پلو ذڪر "لا اله الا الله" آهي. جيئن حديث ۾ آيو آهي تہ:

محبوب ڪريم ﷺ فرمايو :

أَفْضَلُ الذِّكْرِ لَا إِلَـٰهَ إِلَّا اللَّهُ وَأَفْضَلُ الدُّعَاءِ الْحَمْدُ لِلَّهِ ①

سڀ کان پلو ذڪر "لا اله الا الله" آهي ۽ سڀ کان پلي دعا الحمد لله آهي.

سمٿي نبي ڪريم ﷺ ارشاد فرمايو آهي تہ:

مَنْ قَالَ لَا إِلَـٰهَ إِلَّا اللَّهُ أَوْجَبَ اللَّهُ عَزَّ وَجَلَّ لَهُ بِهَا الْجَنَّةَ وَأَعْتَقَهُ بِهَا مِنَ النَّارِ ②

جنهن ماڻهو "لا اله الا الله" پڙهيو تہ ان جي صدقي الله ان لاءِ جنت واجب ڪري ڇڏي ٿو ۽ ان جي صدقي ان کي جهنم جي باهہ کان آزاد ڪري ڇڏي ٿو.

چار هزار گناهن جي معافي : پاڻ فرمايائون جيڪو ماڻهو هڪ ڀيرو "لا اله الا الله" پڙهي ٿو تہ الله ڪريم ان جا چار هزار ڪبيرا گناهہ بخشي ڇڏي ٿو.

من قال لا إلـٰه إلا الله ومدها هدمت له أربعة آلاف ذنب من الكبائر. ③

---

① اخرجه الترمذي عن جَابِرَ بْنَ عَبْدِ اللَّهِ رَضِيَ اللَّهُ عَنْهُمَا (ج 11/ص 239) قَالَ أَبُو عِيسَى هَذَا حَدِيثٌ حَسَنٌ غَرِيبٌ وابن ماجه (ج 11/ص 245) والحاكم في المستدرك (ج 4/ص 381) وقال هذا حديث صحيح الإسناد. ولم يخرجاه وابن حبان (ج 4/ص 184) والنسائي في السنن الكبرى (ج 6/ص 208) والبيهقي في شعب الإيمان (ج 9/ص 401) والهندي في كنز العمال في سنن الأقوال والأفعال (ج 1/ص 414)

② مسند أحمد (ج 31/ص 481) مسند عبد بن حميد (ج 2/ص 60)

③ كنز العمال في سنن الأقوال والأفعال (ج 1/ص 60)

جنهن شخص "لا اله الا الله" چيو ۽ انجي حرفن کي ڪشش سان پڙهيائين تہ الله تعالي ان جي بدلي ۾ ان جا چار هزار ڪبيرا گناهہ بخشي ڇڏيندو.

هڪ روايت ۾ ائين ب آيو آهي تہ : جيڪڏهن انتي چار هزار گناهہ نہ هوندا تہ انجي گهر پاتين ۽ پاڙيوارن جا گناهہ معاف ڪيا وڃن ٿا. سبحان الله.

فرمايائون: دل جي صفائي ۾ قلب ۽ باطن جي پاڪائي ۾ ان ذڪر جو وڏو اثر رهي ٿو.

فقيرو ڪوشش ڪري پنهنجي رب جي ذڪر کي دل جي مڪان متبرڪ ۾ آٽي آباد ڪيو. خود الله تبارڪ و تعالي ان ڳالهہ کي پسند ڪيو آهي جيئن فرمان آهي:

لا يسعني أرضي ولا سمائي ولكن يسعني قلب عبدي المؤمن ①

مون کي نہ زمين نہ آسمان سمائي سگهن ٿا ۽ پر مؤمن ڀانهي جو قلب سمائي سگهي ٿو.

يعني مان مومن ڀانهي جي دل ۾ رهي سگهان ٿو. پوءِ حيف آهي جو رب جي جوڙيل ان پاڪ جاءِ کي رب جي وصال سان آباد نہ ڪريون. رب ٿو فرمائي:

عن أبي ذر ، عن النبي ﷺ يقول الله تعالىٰ : مَنْ أَتَانِي يَمْشِي أَتَيْتُهُ هَرْوَلَةً ②

جيڪو آهستي آهستي منهنجي طرف اچي ٿو تہ مان ان ڏي ڊوڙي اچان ٿو.

پوءِ هر هڪ مؤمن تي فرض آهي جو رب جي محبت جي ڪوشش ڪري تہ اهو رب پنهنجي فضل سان انجي قلب کي پنهنجي جمال سان منور فرمائيندو. جڏهن الله جو اِهو حضور انسان جي قلب ۾ آباد ٿي ويو تہ قلب عارف بالله بنجي پوندو. ③

بيت الله قلب عارف است لامكان است ونداند فوق پست

---

① مرقاة المفاتيح ۾ اها روايت آڻيڻ بعد حضرت ملا علي قاري لکو فرمائي تہ، ولذا قيل قلب المؤمن عرش الله انڪري جيڪو ويو آهي تہ مؤمن جي دل الله جو عرش آهي. مرقاة المفاتيح شرح مشكاة المصابيح (ج 1/ص 147) وذكره ابن عربي في كتاب التراجم ص 224، كتاب التجليات 331، ورسالة الجلال والجمال ص/31 مجموع الرسائل، وجواهر المعاني ص 1/133، وص 2/181.

② غريب الحديث لإبراهيم الحربي (ج 3/ص 29).

③ ان ڪوشش مان سندن مراد الله جو ذڪر ڪرڻ آهي. جيڪو ڀانهي جي دل ۾ الله جي محبت ۽ معرفت پيدا ڪري ٿو. ذڪر دل کي ڦوٽي پاڪ ۽ صاف ڪري ٿو. ذڪر ڪرڻ سان الله جي محبت ۽ معرفت جا دروازا کلن ٿا. ذڪر روح جي غذا آهي، مجروح دلين جي دوا آهي.

ستاويهين مجلس

حلال ۽ حرام بابت

فرمايائون: هر مسلمان کي لازم آهي تہ بسم الله الرحمن الرحيم اسلام جي رکن جاڻڻ کان بعد حلال ۽ حرام، مکروه ۽ مشتبہ شين بابت ڄاڻ حاصل ڪري. اهو جانور جيڪو بنا ذبح جي از خود مري وڃي جيئن مٽاهين کان هيٺ ڪِري مري وڃي يا لٺ هڏ سان مري وڃي يا پٿر هڏ يا پٿر هڏ سان يا قاڙيندڙ غير معلوم جو ماريل هجي يا غير خدا جي نانوَ سان ذبح ڪيل هجي اهو جانور حرام آهي. يا اهو جانور جو ڪافر غير ڪتابي جو ذبح ڪيل هجي. مثلاً مجوسي يا بت پرست يا اسلام کان ڦري ويل مرتد جو ڪنل هجي تہ بہ حرام آهي. يا حرام ٽيل حالت ۾ مسلمان ڪُهي تہ بہ حرام آهي يا اهو جانور جيڪو مسلمان ڪهي يا ڪتابي ڪهي پر بسم الله نہ پڙهي جاڻي واڻي تہ بہ حرام آهي ۽ جيڪڏهن ويسر ۾ بسم الله نہ پڙهيائين تہ اهو جانور امام اعظم وٽ حلال آهي ۽ جيڪڏهن "بسم الله الله اڪبر" جي بجاءِ الحمدلله يا سبحان الله يا الله الله جو ذڪر ڪري يا اللهم اغفرلي چوي تہ اهو ذبح حلال نہ آهي . درمختار ۾ آهي هر جانور جون چار رڳون آهن هڪ حلقوم جا ساهہ ڪڍڻ جي رڳ آهي. بي مِري جا ڪائڻ پيٽ جي رڳ آهي. ٻہ ودجان رڳون جيڪي سِيرن جون رڳون آهن. انهن مان رت وهندو آهي. جيڪڏهن انهن رڳن مان ٽي رڳون ڪچي ويون تہ اهو جانور بہ حلال آهي جيڪڏهن بہ ويڙيون ، بہ نہ تہ اهو جانور مکروه آهي جو غريب ماڻهو کي ڏيڻ کپي امير ماڻهو نہ ڪائي. جانور تکي اوزار سان ڪُهجي جيئن رڳون ڪچي وڃن ۽ رت جاري ٽي وڃي. ڏاڙي جو ڪُنل جانور حرام آهي چو تہ ڏاڙو رڳون چنندو آهي. ڪاتي ۽ ڪاني جي چيت، پٿر جي تيز ڌار واري ٽُڪري جو ڪنل جانور حلال آهي ۽ چوپايين مان قاڙيندڙ جانور ۽ پکين مان قاڙيندڙ پکي حرام آهن. جانورن مان جهڙوڪ چراغ، ڪيکاري، هاٿي، ڪڍه، خچر، زمين ۾ ڪُريون هڻندڙ جانور مثلاً ڪوئو، نور، ڳوهہ، سانبو ۽ بلاڻون، ڏينيو ۽ ٻيا اهي جانور جن جو غالب قوت پليتي هجي. ڪانوَ جيڪو داڻا ۽ پليتي کائي اهو بہ حرام آهي. گهوڙو حلال آهي امام اعظم وٽ مکروه آهي. درياءِ حيوان سواءِ مڇي جي امام اعظم وٽ حرام آهن. مڇي جيڪا پاڻي ۾ پاڻ مرادو مري ٻاهر اڇي تہ اها حرام آهي.

ماتلي شهر ۾ فرقهء اهلحديث جو هڪ مولوي روزانو فجر نماز بعد اڏ ڪلاڪ ڪن تقرير ڪندو هيو. پنهنجي دونهين دار تقرير ۾ اهو پيرن فقيرن، بزرگن اولياڻن کي گهٽ وڌ ڳالهائيندو هيو. خصوصاً حضرت جن لاءِ سخت ناشائسته لفظ ڳالهائيندو هيو. پاڻ ڪڏهن ب پنهنجي بيان ۾ ان جو جواب ڪو نہ ڏنائون. باقي حضرت حبيب ڪريم ﷺ جي عظمت ۽ اولياءِ ڪرام جو شان ۽ عزت بيان ڪندا رهندا هئا.

فرمايائون: ضدي ۽ حاسد ماڻهن جي ڳالهين جو جواب ڏيڻ انهن جي اهميت کي وڌائڻو آهي. انهن کي انهن جي حال تي ڇڏي ڏجي. پنهنجي مسلڪ پنهنجي دين جي خدمت ۾ مشغول رهڻ گهرجي.

جنن جو مبلغ: دربار شريف تي هڪ فقير محمد رمضان نالي رهندو هيو. عجيب انسان هيو. آڌي رات جو اٿي تهجد پڙهي پوءِ پاڻي کي گول ويڙهي لائوءِ جي مائڪرو فون وانگر بنائي اهو وات تي جهلي تقرير شروع ڪندو هيو. ڪالڪن جا ڪلاڪ اڪيلو اڪيلو تقرير ڪندو رهندو هيو. هڪ رات هي عاجز (ڪرم الله) مسجد جي ڪنڊ ۾ ويٺو هيو. فقير تقرير شروع ڪئي. اي منهنجا دوستو ! اي جنو انسانو ! ٻڌو اڄ دجالي دور آ، شيطان جو زور آ. جيڪو رب کي نہ سُجاڻي سو ڏور آ. جيڪو الله کي ياد ڪري سو مور آ.

سندس تڪ بندي تي مون کي عجب لڳو. صبح مون پڇيومانس فقير اهو رات جو ڪنهن کي تقرير پئي ڪيئي؟ چيائين درگاهه تي سائينجن جا هزارين جن مريد رهن ٿا. اهي مون کي رات جو آڌي بعد سمهڻ نہ ٿا ڏين. چون ٿا اُتي اسان کي تقرير ٻڌاءِ. مون چيو تون جنن کي ڏسندو آهين چا؟ چيائين هائو.

صبح ان اهلحديث مولوي تقرير ۾ حضرت جن کي تمام گهٽ وڌ ڳالهايو. فقير محمد رمضان شاعري ب ڪندو آهي سو ان ب تڙي ڪڙي هڪ شعر ٺاهيو.

هن جي تقرير ختم ٿي ته هن به مسجد جي لائوڊ ۾ غزل پڙهڻ شروع ڪيو. مطلع هيو:

هت عشق شرع جي بازي آ، اندا مُلان متو نہ مار،
علم عقل جي ڳالهه ۾ ناهي ، عشق شرع جي بازي آ.

حضرت جن فجر نماز پڙهائڻ بعد ان فقير کي فرمايو: فقير صبح جا ٿي پڙهيئي؟ عرض ڪيائين ملان جا جيرا ٿي جلايم. پاڻ فرمايائون : فقيرو ٻڌو. ڪنهن کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ فقيرن جو شيوو نہ آهي. اگر ڪو ٻيو اسان کي ڳالهائي جواب ۾ اهڙو ڳالهايون ته پوءِ ان ۾ اسان ۾ فرق ته ڪو نہ رهيو. فقيري سمپ ۾ برداشت جو نالو آهي.

هو چونئي تون مَ چئو واتان ورائي،
اڳ اڳرائي جو ڪري خطا سو ڪائي،
پلئ ۾ پائي، هليو ڪيني وارو ڪينكي.

الله تعالي قرآن ۾ فرمايو آهي ته:

وَلَا تَسُبُّوا الَّذِينَ يَدْعُونَ مِنْ دُونِ اللَّهِ فَيَسُبُّوا اللَّهَ عَدْوًا بِغَيْرِ عِلْمٍ [الأنعام :108]

جيڪي ماڻهو الله کان سواءِ (بتن) جي پوجا ڪن ٿا، اوهان انهن ماڻهن کي به گار نہ ڏيو. جو ته اهي دشمنيءِ جهالت جي سبب الله کي گار ڏيندا.

فرمايائون : مناظرن، مقابلن، مناقشن سان دين نہ وڌندو آهي پر دين اخلاق ۾ قرب سان وڌندو آهي. اهي مخالفتون گلائون سپ نہ نبين ۾ ولين سان ٿيون. الله جي دوستن سان مخالفتون ٿيندیون رهيون آهن. اها اڄ جي ڳالهه نہ آهي. پينو فقيرن کان عبرت سيکو. ڪُتا پوڪندا رهندا آهن فقير پنندا رهندا آهن. سال ٿي ويا نہ ڪتن پوڪڻ ڇڏيو نہ فقيرن پنڻ ڇڏيو. اگر فقير پنڻ ڇڏي ڏئي ته فقير نہ آهي. ڪتو پوڪڻ ڇڏي ڏئي ته ڪتو ناهي. سو اگر ڪي ماڻهو اسان جون مخالفتون ڪن ٿا ته پيا ڪن. پر اسان کي اشتعال انگيز ڳالهيون ڪرڻ نہ جُڳائن.

حضرت پيران پير محبوب سبحاني قطب رباني سيدنا عبد القادر جيلاني، حضرت امام رباني مجدد الف ثاني، حضرت جنيد بغدادي، حضرت شبلي، حضرت منصور رحمت الله عليهم اجمعين جهڙن جوانن کي به مولوين کو نہ بخشيو هيو. انهن جي خلاف به فتوائون ڏنيون هئائون.

دنيا ۾ ڪهڙو ولي ٿيو آهي جنهن جي مخالفت نه ڪئي وئي هجي. پر جڏهن حضرت حبيب ڪريم ﷺ پوري ڪائنات مٿان الله جي رحمت جو ڇت بنجي آيا تہ سندن مخالفت يهود ۽ نصاريٰ جي مذهبي اڳواڻن ڪئي هئي. قرآن ۾ آهي تہ:

لَمْ يَكُنِ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ اَهْلِ الْكِتٰبِ وَ الْمُشْرِكِيْنَ مُنْفَكِّيْنَ حَتّٰى تَاْتِيَهُمُ الْبَيِّنَةُ ۙ رَسُوْلٌ مِّنَ اللّٰهِ يَتْلُوْا صُحُفًا مُّطَهَّرَةً ۙ فِيْهَا كُتُبٌ قَيِّمَةٌ ؕ وَ مَا تَفَرَّقَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ اِلَّا مِنْۢ بَعْدِ مَا جَآءَتْهُمُ الْبَيِّنَةُ ؕ

اهل ڪتاب ڪافر ۽ مشرڪ پنهنجو دين ڇڏڻ وارا نہ هئا ايستائين جو انهن وٽ روشن دليل آيو. (اهو) الله جو رسول آهي، جيڪو پاڪ صحيفا پڙهي ٿو جنهن ۾ سڌيون ڳالهيون لکيل آهن ۽ اهل ڪتاب تيستائين تفرقي ۾ نہ پيا جيستائين جو انهن وٽ روشن دليل نہ آيو.

اهي سڀ ڪافر ۽ مشرڪ پاڻ ۾ ان ڳالهہ ۾ متحد هئا تہ هڪ پيغمبر ضرور ايندو. تعريفون ۽ ثنائون ڪندا هئا. پر جڏهن محبوب عربي ﷺ ڇتو دليل بنجي آيا تہ اهي جدا ٿي ويا ۽ احبار ۽ راهب محبوب ڪريم ﷺ جا مخالف ٿي ويا. [1]

سو ڪي ڪي ملان هميشہ اهل حق جا مخالف ٿيندا رهيا آهن. حضرت عيسيٰ عليہ السلام ۽ امام مهدي آخر الزمان جڏهن ايندا تہ انهن جا بہ ملان مخالف ٿيندا. طاهر القادري وڏو نيڪ صالح اهل الله آهي، دين جي خدمت ڪري رهيو آهي. ان جي خلاف بہ فتويٰ ڏني اٿن. ڇيو اٿن تہ جيڪو ان کي ڪافر نہ چئي سو بہ ڪافر آهي. (استغفر الله)

نقل: آهي تہ حضرت عيسيٰ عليہ السلام هڪ ڏينهن شيطان کي ڏٺو تہ پنج ڳڏهہ سامان جا پريون پئي ويو. پڇيائينس تہ هنن تي ڇا ڪنيو اٿئي ؟ ڇيائين : سامان آهي گراهڪن جي ڳولا ۾ آهيان. پڇيائين ڪهڙو سامان آهي. ڇيائين هڪ ڳڏهہ تي ظلم آهي اهو بادشاهن کي ڏيندس. بئي تي وڏائي آهي اها دهقانن کي ڏيندس.

---

[1] تفسير قرطبي ۾ آهي تہ : أي لم يكن أهل الكتاب تاركين صفة محمد ﷺ في كتابهم. حتى يبعث. فلما بعث حسدوه وجحدوه. تفسير القرطبي (20/ 141) تفسير روح البيان ۾ آهي تہ : والمراد اهل الكتاب بعد الجمع بينهم وبين البشر كين للدلالة على شناعة حالهم وانهم لما تفرقوا مع علمهم كان غيرهم بذلك اولى فخصوا بالذكر لأن جحود العالم اقبح واشنع من انكار الجاهل. تفسير حقي (17/ 370)

ٽئين تي حسد آهي ان جا خريدار عالم آهن. (يعني علماءِ سُوء) چوٿين تي خيانت آهي انجا گراهڪ واپاري آهن. پنجين تي مڪر آهي اهو عورتن کي ڏينڊس. [1]

سو ڏسو ته اڄ شيطان جي ورهاست بلڪل پوري نظر اچي رهي آهي.

اسان جا مرشد ڪريم جڏهن لاڙڪاٽي ۾ آيا. فيض برڪت به چوٽان چوٽ هئي ته مخالفتن جي به انڊوڪار هئي. هر طرف هزارين مخالفتون هيون. ملان مولوي مسجدن ۾ قرآن ڪٽي سائينجن جون گلائون ڪندا هئا. هڪ ملان جمعه جي ڏينهن قرآن هٿ ۾ ڪٽي قسم ڪٽي حضرت سائين جن جي گلا ڪئي خدا جي قدرت الله جو فرمان آهي ته:

مَنْ عَادَى لِي وَلِيًّا فَقَدْ آذَنْتُهُ بِالْحَرْبِ [2]

جنهن ماڻهو منهنجي دوست سان دشمني ڪئي مان ان سان جنگ جو اعلان ٿو ڪيان. ان ملان کان اهڙو ڪم ٿيو جو پوليس گرفتار ڪيس. ڇهه مهينا جيل ڪاٽيائين. خلق ۾ به وڏي رُسوائي ٿيس. سو فقيرن کي اهڙيون ڪافيون غزل اشتعال انگيز ڳالهيون نه ڪرڻ گهرجن. جيڪو مخالفت ڪندو خدا خود ان کي سزا ڏيندو. اسان جي جيڪي مخالفت ڪن تا اسان ائين تا چئون:

سپردم بتو مايهِ خويش را ، تو دانی حسابِ کم و بيش را
نياوردم از خانه چيزی نخست، تو دادی همه چيز من چيز تست

اي الله مون پنهنجو سڀ ڪجهه تنهنجي حوالي ڪيو، تون ئي سڀ ڪجهه ڄاڻڻ وارو آهين. پهريان به گهران ڪجهه ڪونه آندو هيم، تو هر چيز ڏني، مان به تنهنجو آهيان.

---

[1] علامه دميري الشافعي (المتوفى: 808هـ) كتاب ابتلاء الأخيار جي حوالي سان اهو قصو هتن لفظن ۾ آندو آهي: أن عيسى عليه الصلاة والسلام لقي إبليس وهو يسوق خمسة أحمرة عليها أحمال، فسأله عن الأحمال فقال: تجارة أطلب لها مشترين. قال: وما هي التجارة؟ قال: أحدها الخمر. قال: ومن يشتريه؟ قال السلاطين. والثاني الكبر. قال: ومن يشتريه؟ قال: الدهاقين. والثالث الحسد. قال: ومن يشتريه؟ قال: العلماء. والرابع الخيانة. قال: ومن يشتريها؟ قال: عمال التجار. والخامس الكيد. قال: ومن يشتريه؟ قال: النساء. حياة الحيوان الكبرى (1/ 351)

[2] صحيح البخاري (8/ 131)

باب چهون

الله جي عارفن جو ڪلام معنيٰ خيز هوندو آهي. سندن گفتا گمراهن لاءِ هدايت جو خزينو، مفلسن لاءِ دفينو ۽ مجلسن لاءِ نگينو هوندا آهن. سندن قول ۽ پول مجلسن جو چراغ هوندا آهن. سندن نقطا مدبرن ۽ مفڪرن لاءِ سنگِ ميل هوندا آهن.

عارفن جو ڪلام انهن جي زندگي جي شيرين و تلخ تجربن جو نچوڙ هوندو آهي. انسان جيسين پنهنجا تجربا ڪري ڪنهن مقام تي پهچي، تنهن جي بجاءِ تجربيڪارن جي قولن مان نفعو وٺڻ دانائي آهي.

سردي جي موسم ۾ جڏهن انسان جو اندر گرمائش وارو هوندو آهي تہ پوءِ جڏهن ڀالمائيندو آهي تہ ان جي لفظ لفظ سان گڏ وات مان ٻاڦ پئي نڪرندي آهي. الله جي ولين جي اندر ۾ عشق و محبت ۽ معرفت الاهي جو ڪورو ٻيو پچندو آهي پوءِ جڏهن انهن جي زبان مبارڪ مان گفتا نڪرندا آهن تہ انهن ۾ محبت ۽ معرفت جو بخور شامل هوندو آهي. يا جيئن هوا جو جهوٽو گلاب جي گلن سان گسندي گذرندو آهي تہ ان ۾ بہ سُرهاڻ پيدا ٿي پوندي آهي. اها هوا جتان گذرندي آهي تہ ان سَرَ ڪي سڃڻڻ سان واسي ڇڏيندي آهي. تيئن الله جي عارفن جي زبان ۽ دهان مان نڪرندڙ ڪلام بہ دلين جي دنيا ڪي معرفت و محبت سان سُرهو ڪري ڇڏيندو آهي.

الله جي محبوب ۽ مقبول ٻانهن جي ڪلام ۾ روحانيت هوندي آهي. انهن جو ڪلام علمي، عملي ۽ فڪري نڪتن تي مشتمل هوندو آهي. انهن جي ڪلام ۾ رس مٺاس ۽ محبت هوندي آهي. سندن سُريلو ۽ من موهيندڙ ڪلام دلين جون تارون چيڙي ڇڏيندو آهي. پڙهندڙ ۽ ٻڌندڙ مٽان وجداني ڪيفيت طاري ٿي پوندي هئي. هن باب ۾ محبوب الاهي رحمة الله عليه جي انهن عالمانہ ۽ ناصحانہ، صوفيانہ ۽ عارفانہ ڪلام جي راهِ مان ڪي رتيون پيش آهن. جن لفظن ۾ لطف، جملن ۾ جمال ۽ ستن ۾ سوز و گداز سمايل آهي.

(1)
مصريءَ جون تڙُون

* جيئن الله جي ذات بي مثل آهي. تيئن الله جي محبت بہ بي مثل آهي. جنهن ماڻهو الله سان محبت رکي اهو بہ بي مثل آهي.
* اسم ذات جمڙو مؤثر وظيفو پيو کو بہ نہ آهي. پين وظيفن جو اثر سرد آهي. اسم ذات جو اثر گرم ۽ تکڙو آهي.
* خدا جو جو، خدا تنهن جو. خدا جنهن جو، سڀ تنهن جو.
* جنهن جو الله تي پروسو آهي. ديس پرديس ۾ الله انجو نگهبان آهي.
* قرآن خدا جي قانونن جو ڪتاب آهي. جنهن ۾ ساري زندگي جا احڪام بيان ٿيل آهن. اهو صرف چمڻ يا قسمن کڻڻ لاءِ نہ آهي. (پر عمل ڪرڻ لاءِ آهي)
* نماز پڙهو پرين وانگر (يعني آهستہ ۽ ناهي ناهي) ذڪر ڪيو چرين وانگر. (يعني گهڻو)
* ذڪر اسم ذات جيڪو گهٽ ۾ گهٽ يارهن سو پيرا ڪري اهو غافلن ۾ نہ لکيو ويندو. جيڪو ايڪيہ هزار پيرا روزانہ ڪري اهو "صاحب اللفظ" ٿي ويندو يعني جيئن وات مان لفظ ڪيندو ائين ٿي پوندو.
* فقيرن جي دعا سُوا آهي. بادشاهہ فقيرن جي دعا تي بادشاهي ڪري ويا.
* جنهن جي دل ۾ غير الله جي محبت جو هڪ ذرو باقي آهي تہ ان لاءِ الله جي محبت حرام آهي.
* جنهن الله ۽ انجي حبيب ﷺ جي محبت جي لذت حاصل نہ ڪئي آهي. اهو اڃا جاڄيين وانگر آهي. گهوٽ وانگر نہ آهي.
* ماڻهن کي ڏينهن جو انتظار هوندو آهي. پر الله جي عارفن کي رات جو.
* جنهن جي دل محبت کان خالي آهي. انجو دنيا تي جيئڻ بيڪار آهي.

- فقير سڏائي وري ذڪر ترڪ ڪري تہ انجي فقيري جي دعويٰ ڪوڙي آهي.
- دنيا غمن جو گهر آهي. ذڪر غم تاريندڙ آهي.
- فقيري جي عمارت چئن بنيادن تي بيهي ٿي هڪ بہ گهٽ هجي تہ فقيري نامڪمل آهي. 1. الله جو ذڪر. 2. شريعت جو اتباع.
  3. مرشد جي محبت ۾ صحبت. 4. تقويٰ ۾ پرهيزگاري.
- اگر توهان کي رات جي پوئين حصي ۾ ذڪر ۾ مناجات جي لذت جي خبر پوي تہ توهان کان سڀ لذتون وسري وڃن.
- محبوب طرفان مليل رنج ۾ بہ راحت ۾ گنج آهي.
- محبوب ۾ عيب نظر اچڻ محبت جي ڪمي جي نشاني آهي.
- جنهن مدينو ۾ ڪونہ ڏٺو آهي، اهو جڏڪ دنيا تي جائو ئي نہ آهي.
- اسانجو سڀڻو حبيب ﷺ حيات النبي آ. حيات النبي آ. حيات النبي آ.
- ساري دنيا ۾ جيڪي اٽن جا قافلا هلن ٿا. انهن جي پلاٽن جا چيڪات بہ محبوب سڀڻا ﷺ روضي انور ۾ ٻڌن ٿا.
- هڪڙو الله جو ڪامل ولي ساري دنيا کي ائين ڏسي ٿو[1] جيئن هٿ جي تري تي ڪا شيءِ ڏسجي تہ ڇا حبيب عربي ﷺ ساري ڪائنات کي نہ ٿا ڏسي سگهن؟
- شريعت غنا آهي، طريقت فنا آهي، حقيقت بقا آهي.
- شريعت اتباع آهي، طريقت انقطاع آهي، حقيقت اطلاع آهي.
- شريعت بندگي آهي. طريقت پاڻ وڃائڻ آهي ۾ حقيقت محبوب حقيقي جو ملڻ آهي.
- دنيا دارن کي دنيا داريءَ مان ٽي شيون ملن ٿيون.
  دل جي پريشاني. 2. دين جو نقصان. 3. آخرت جو پڇاڙو.
- فقيرن کي فقيري مان بہ ٽي شيون ملن ٿيون.
  دل جو اطمينان. 2. دين جي سلامتي. 3. آخرت ۾ معافي.

---

[1] بحول الله، وبقوة الله، وبقدرة الله و بمشية الله.

* درود دنيا آخرت جي نعمتن جي کنجي آهي. درود دلين لاءِ آب حيات آهي. درود شريف عاشقن ۾ عارفن جي روح جي خوراڪ آهي.
* حضور نبي کريم ﷺ جو عرس ايمان وارا ئي ملهائيندا آهن.
* اي فقيرو سڀ نبي کريم ﷺ جو ميلاد ملهايو. پيو ڪجھ به نہ آهي ته هڪ ڏينهن جو ننگر جيڪو پنهنجي ۾ ڪائو تا اهو ميلاد جي نيت سان ڪائو.
* محبوب عربي ﷺ الله جو نور آهن. بشريت جو ويس پائي اسانکي دين سيکارڻ آيا.
* محبوبن کريمن ﷺ جو اسم پاڪ ٻڌي آڱوٺا چمڻ مستحب فعل آهي ۾ حضرت آدم عليہ السلام جي سنت آهي. پلي ان تي عمل ڪيو . ڇا توهان کي آدم عليہ السلام جي سنت وٹي ٿي. خود نبي کريم ﷺ جون سنتون ڏاڙهي،ڏندن،پٽڪو توهان کي نہ ٿيون وٹن؟
* مشڪل ۾ محبوبن کريمن ﷺ کي مدد لاءِ سڏجي ته پاڻ سڏ ۾ ساٹي ٿين تا.
* الله جو قرب آهي ئي ڏکن کي برداشت ڪرڻ ۾ ڏک آيا ته هاٹي سمجهو ته الله جي قرب جا وڻ تمام ويجها آهن.
* مرشد جي اولاد کي به مرشد واري نگاهه سان ڏسجي.
* مرشد جي خليفن، مرشد جي دربار جو به ادب ۾ احترام ڪرڻ گهرجي.
* مرشد جي در جي ڪائي ڏنگي هجي ته به انکي ڏنگو نہ چئجي.
* خلافِ سنت ڪنهن به ڪم ۾ اسان کي ڪوبه خير ۾ برڪت نظر نہ آئي.
* ذڪر فڪر مراقبي ۾ مشاهدي جي لذت انکي ملندي جنهن جي پيٹ ۾ حلال لقمو هوندو. حرام جي هڪ لقمي ڪائڻ سان باطن جو ڪارخانو تباهہ ٹي وڃي ٿو.
* سرمون رات جو پائڻ سنت، صبح جو زينت ۾ منجهند جو زحمت آهي.
* دهل سمرن، راڳ گانن، ڀڳائڻ وڄائڻ واري ۾ غير شرعي شادي نہ پاڻ ڪيو نہ ان ۾ شريڪ ٹيو پر منهنجي دل چوي ٹي ته اهڙي شادي جو ويٹ پنهنجي ڪتن کي به نہ ڪرايو.
* نوڪرين ۾ پلي ۾ آسان نوڪري ماستري آهي.
* عورتن کان ٻني هاري جو ڪم ونڊ يا ميلن کان پاڻي پرائڻ سراسر ظلم آهي.

* زالون ٻار ٻچا ڇڏي مسجد جي ڪنڊ ۾ ويهي الله الله ڪرڻ اهو ڪمڙو ڪمال آهي؟ ٻهادر تہ اهو آهي جيڪو دنيا جا ڪم ڪار ٻہ ڪري ۽ دل ۾ الله جو ذڪر ٻہ ڪري. هٿ ڪار سان دل يار سان هجيس.
* فوجي جيڪي سرحدن جي حفاظت لاءِ سر جي بازي لڳايون ٻينا آهن. انهن جو ملڪ وارن جي صالح عملن ۾ حصو آهي.
* سڀ کان پلو ڏنڏو زمين جو آهي. پوءِ هارپو هجي يا زميندار. اهو حلال وڃ جو پورهيو آهي.
* ڏاند کي پوئي ڪري ان تي سواري ڪرڻ يا مينهن يا ڳئون کان هَرُ ڪهرائڻ جائز نہ آهي.
* رشوت واري نوڪري کان ڇولا ڪپائي گذر ڪري تہ اهو پلو.
* چانهہ گرم پاڻي پيئڻو آهي. اها نہ دوا آهي، نہ غذا.
* روزانو پنج روپين جا ڪو سگريٽ پيئي تہ سال ۾ ارڙهن سو روپيہ ۽ پنج سالن ۾ نو هزار روپيہ ٿيندا. ان جو رب وٽ ضرور حساب ٿيندو.
* گهر ۾ ماکي ضرور رکو. حڪيمن جو چوڻ آهي تہ :
"مريون ٻيريئون ماکي. جاٹي رب شافي تہ وڃي ڪنگهہ ورهن جي".
* شهرن جي پرسان گندي پاڻيءَ تي جيڪي پاڇيون ٿين ٿيون، اهي نہ ڪائڻ بهتر آهن. بازاري گوشت ڪائڻ بجاءِ دال ڪائڻ پلي آهي.
* عالم جيڪڏهن الله وارن جي صحبت ڇڏيندو تہ انجو علم جهل ٿي ويندو. جاهل الله وارن جي صحبت ڪندو تہ انجو جهل علم بنجي ويندو.
* چگي ڪم جي ڪرڻ کان چگن جي سنگت چگي آهي. بري ڪم جي ڪرڻ کان، برن جي سنگت بري آهي.
* مرشد ڪامل ماڻ ٻيءِ، استاد ۽ سيني عزيزن، دوستن کان وڌيڪ سڃڻ آهي
* مرشد تن قسمن جا هوندا آهن. 1. زباني 2. ڏاني 3. جاني. جاني اهو آهي جو مريد کي جهنم کان بچائي.
* جسماني رشتن کان روحاني رشتا وڌيڪ مضبوط هوندا آهن.

* آسمان تان ڪيريل بچي سگهي ٿو پر ولي الله جي نظر جو ڪيريلُ هر گز نه ٿو بچي سگهي.
* جڏهن ڪنهن بزرگ جو عرس ٿيندو آهي ته سندس سلسلي جي سڀ بزرگن جا روح اتي حاضر ٿيندا آهن منگتن لاءِ اها ديري جي بتّائي هوندي آهي.
* مرشد ڪامل اُهو جو مريدن کي دين سيکاري، ورنه ته اهو رهبر نه آهي بلڪ اهو رهزن آهي.
* دين جا اڳواڻ ٻہ ٽولا آهن: 1. عالم 2. پير انهن جو هر ڪم ماڻهن لاءِ حجت آهي انهن کي سنياڻي قدم کڻڻ گهرجي.
* مان نندپڻ کان ٻہ دعائون گهرندو هيس. 1. يا الله مون کي ڪنهن جو پگهاردار نه بنائجانءِ. 2. مون کي وڏيرن جي پاڙي ۾ نه رهائجانءِ. الحمد لله الله پاڪ اُهي ٻئي دعائون قبول فرمايون. هڪڙي بروقت، ٻي ڪجهه دير سان.
* الله تعالىٰ پڙهيل ماڻهو تي ڏمرجي ته وهابي ٿئي ۽ جاهل تي ڏمرجي ته شيعو ٿئي. اهي ٻئي ڏمريل ٽولا آهن. مسلمانن کي گهرجي ته انهن جي جار ۾ نه ڦاسن.
* عام جلسن ۾ نه وڃو جو خيالات منتشر ٿين ٿا.
* زاني جي چهري تي نيمڪ نه هوندو. ٻي نماز جي چهري تي نور نه هوندو.
* ذاڪر جي پيشاني پري کان پڌري هوندي.
* جنهن سفر ۾ ڪوڙو نه ڪنيو ان نماز تان آسرو ڪنيو.
* جنهن تهجد نماز ڇڏي انهيءِ فقيري ڇڏي.
* جنهن مرشد جي صحبت ڇڏي اهو پڪ سمجهو ته جاڻ شيطان جو شڪار ٿيو.
* ٻي نمازي يا تڙواري جي پڪل ماني، وڏيرن جي گهر جا طعام، مشڪوڪ ۽ بازاري شيون(جن جي ناهڻ ۾ پاڪائي صفائي جو احتياط نه ڪيو وڃي)اُهي ڪائڻ سان ذڪر بيهي وڃي ٿو. عبادت جي حلاوت ۽ لذت ختم ٿي وڃي ٿي. ڇو ته باطني عنايت جو تعلق لقمي سان آهي.
* روحانيت جي ترقي جيڪا رمضان المبارڪ ۾ ٿئي ٿي سا ٻئي ڪنهن وقت نه ٿي ٿئي. ٿوري محنت سان گهڻو نفعو ملي ٿو.
* عارفن جو سينو اسرارن جو خزانو هوندو آهي.

* الله جا ولي، الله جي قرب جي لباس ۾ مستور هوندا آهن، انهن کي هر کو سُڃاڻي نه سگهندو آهي سواءِ انهن جي جن کي الله پاڻ سڃاڻ نصيب ڪري. پوءِ جن الله جي عارفن کي سڃاتو ان جڪ دنيا آخرت جا خزانا حاصل ڪري ورتا.
* نماز بدن کي پاڪ ڪري ٿي. روزو روح کي اجاري ٿو ۽ ذڪر دل کي صاف ڪري ٿو.
* پاڻ تي هر وقت ديد قصور جي رکو. (يعني پاڻ کي پين کان گهٽ سمجهو)
* رياڪار کي رَتي جيترو به آخرت ۾ فائدو نه رَسندو، پلي کير ٿر جي جبلن جيترا عمل چو نه هجنس!
* پنهنجي بدن جو پاتل ڪپڙو سادات اهل بيت کي نه ڏيو بلڪ نئون ڪپڙو وٺي ڏيو.
* اهل بيتن جي محبت ايمان جو جزو آهي جنهن جي آل رسول ﷺ سان محبت ناهي انجو ايمان ڪامل ناهي.
* وڏيرن جي اولاد کي نوڪر ۽ ڪمدار ڪاريندا آهن.
* پيرن جي اولاد کي خوشامدي مريد ڪاريندا آهن.
* تزڪيه نفس، تصفيه قلب، تجليه روح کان سواءِ فقيري جي دعويٰ ڪرڻ اجائي آهي.
* هي سڀ عبادت سولي آهي پر نفس مارڻ ڏاڍو ڏکيو آهي.
* غافل دل امام جي پويان نماز به نه پڙهو چو ته قرآن ۾ آهي ته

وَلَا تُطِعْ مَنْ اَغْفَلْنَا قَلْبَهٗ عَنْ ذِكْرِنَا ﴿الكهف﴾ ٢٨

ان جي تابعداري نه ڪر جنهن جي دل اسان پنهنجي ذڪر کان غافل ڪري ڇڏي آهي.
* فقيرن جي خدمت سعادت آهي. خادم مخدوم ٿيندا. متڪبر محروم ٿيندا.
* اسان کيترا پيرا ليله القدر کي ستاويهين رمضان ۾ ڏٺو آهي.
* شاهه جو رسالو، رومي جي مثنوي وساڻل محبت کي پڙکائن ٿا.
* هنن ڪتابن جي مطالعي سان ايمان تازو ٿئي ٿو روحانيت ۾ ترقي ٿئي ٿي.
1. هدايت الانسان. 2. فيض الكريم . 3. مشائخ نقشبنديه
4. هشت بهشت . 5. فوائد الفواد.
* محسن سان مدائي ڪرڻ ڪميٽائپ جو ڪمال آهي.

* مدائي ڪرڻ واري سان احسان ڪرڻ انسانيت جو ڪمال آهي.
* جمال ۾ ڪمال ۾ وصال، الله جون عطائون آهن، جنهن کي عطا ڪري.
* زن ـ زر ـ زمين پائڻ کي به دشمن بنائن ٿيون.
* پائيواري ۾ جيڪو خيانت ڪري اهو هميشہ پريشان حال ۾ قرضي رهندو.
* جيڪو مزدور پنهنجي مالڪ جي اجازت کانسواءِ انجي شيءِ کائي ان جي نہ نماز قبول آهي، نہ روزو، نہ کا عبادت.
* بري مان پلائي جي ۾ چگي مان مدائي جي اميد نہ رکو.
* پلي ۾ پلو ماڻهو اهو آهي جيڪو ٻين کي پلو سمجهي. بچڙي ۾ بچڙو ماڻهو اهو آهي جيڪو ٻين کي بچڙو سمجهي.
* مِتن کان جيترو پري رهندو اوترو خوش رهندئو. نہ قطع ڪيونہ گهٽي حجت رکو.
* اسان کي عزيزن مان جيتري اذيت پهتي اوتري ڪنهن مان نہ پهتي.
* بي فرمان اولاد کان نپتو هجڻ پلو آهي.
* بي دين ۾ بي فرمان پٽ کان فرمانبردار نياٽي پلي آهي.
* بالغ نياڻي گهر ۾ ويهارڻ شادي نہ ڪرائڻ اشراف ماڻهو جو ڪم نہ آهي.
* گهمندڙ عورت کي پنهنجي گهر ۾ اچڻ نہ ڏيو.
* اڄ اهڙو وقت اچي ويو آهي جو ڪنهن سان چگائي ڪري پوءِ انتظار ڪري ويهو تہ ڪڏهن ٿو توهان سان مدائي ڪري.
* ناواقف ماڻهو جي امانت پاڻ وٽ نہ رکو.
* جنهن ڏاريو ماڻهو گهر ۾ اندر آندو ان پنهنجو پاڻ پنهنجي عزت لاٿي.
* جيڪو نياڻيون وڪڻي پئسا وٺي کائي ان کان ائين نفرت ڪيو جيئن ڇُهڙي چمار، حرامخور ڏونڊي کائيندڙ کان نفرت ڪبي آهي.
* اکين ۾ ڪنن ۾ به چار آڱرين جو مفاصلو آهي جا شيءِ ڪنن سان ٻڌجي سا اکين سان وڃي ڏسجي.
* اخبارون، رسالا، ڊائجسٽ، آکاڻين، قصن ۾ ڪهاڻين جا ڪتاب دل کي ڪارو ڪن ٿا

* ظاهر بين عالمن ۾ مولوين جا لکيل ڪتاب بہ نہ پڙهو الله وارن جا ڪتاب پڙهو جو اهي سالڪن کي خدا جي راهہ ۾ هلڻ لاءِ همت افزائي ڪن ٿا.
* دنيا ساري مسافر خانو آهي وطن تہ آهي آخرت وارو. دنيا سان دل لائڻ هرگز نہ جڳائي.
* مهمان ٿن قسمن جا آهن.

نوري: جي ماني جي وقت کان اڳ اچن.

حضوري: جي حاضر طعام وقت اچي پهچن.

سوري: جيڪي ڪَٺلا اچن.

* اڄ ماڻهن جو حال هي آهي جو هڪڙو پاتي نماز پڙهي ٿو تہ اٺ نہ ٿا پڙهن. هڪڙن جي نحوست ٻين جي روزي مان برڪت کڻائي وڃي ٿي.
* مؤمن ٻانهي جي واتان جيڪا ڳالهہ نڪري ان ۾ بدگماني نہ ڪيو. اگر اوهان کي سمجهہ ۾ نہ بہ اچي تہ بہ ان مان مطلب سنو ڪيو.
* بخيل ماڻهوءَ حاجت ڪٽي وڃڻ وارو ندامت ئي ڏسندو آهي.
* سهڻي صورت واري کان خير طلب ڪيو.
* ماڻهن سان سٺو سلوڪ ڪيو. چگن سان تہ هرڪو چگائيون ڪندو آهي پر مرد اهو آهي جيڪو برن سان بہ سٺو برتاءُ ڪري.
* بري کي برائي جو بدلو ملندو جيڪڏهن اوهان چگائي ڪئي تہ اوهان جو ذرو ضايع ڪو نہ ٿيندو.
* فقيرو! هر ڪم ۾ اخلاص رکو يعني هر ڪم ۾ رب جي رضامندي جو خيال ڪندا ڪيو.
* فقيرو انڪساري ڪيو يعني پاڻ کي گهٽ سمجهو. جڏهن پاڻ کي گهٽ سمجهندو تہ الله تعالي توهان جي عزت وڌائيندو.
* توهان دنيا ۾ ڪانئر پکيءَ وانگر رهو ڪانئر پکي پاڻيءَ ۾ رهي ۽ ٻهي هڏي مڇي کائي وري اڏامي ويندو آهي. ان جي پرن تي پاڻي جو اثر نہ هوندو آهي. توهان دنيا ۾ دنيا جا ڪم ڪار ڪريو توهان جي دل تي دنيا جو اثر نہ رهي.
* رات الله ڪريم عاشقن لاءِ ٺاهي آهي. ماڻهو سمهن هو اٿي پنهنجي محبوب کي ياد ڪن.

* فقيرو توهان منهنجا هٿ چمو تا منهنجي دل خوش نه ٿي ٿئي جڏهن شريعت جا پابند ٿيندئو تڏهن منهنجي دل خوش ٿيندي.
* اسان جي محنت، تبليغ ۽ تعليم مان هڪڙو به شخص سڌري صالح بڻجي ويو ته اسان جو جلسو، بيان ڪرڻ، جلسي جا خرچ سڄايا ٿي ويا.
* ڏاريا، اجنبي انسان جيڪي رب ۽ رسول کي سڃاڻن تا اهي اسان کي پنهنجي بي دين متن کان هزار ڀيرا وڌيڪ پيارا لڳن تا. جيڪي خدا کي سڃاڻڻ وارا آهن.

بقول سعدي جي:

هزار خويش كه بيگانه از خدا باشد، فدائے يک تن بيگانه كاشنا خدا باشد

* شريعت ظاهر تي آهي.

هر كرا نيک و پارسا بيني، پارسا دان و نيک بخت انگار،
ورنه داني كه نهانش چيست، محتسب را درون خانه چه كار۔

* طمع، منع ۽ جمع ٿئي ٻالميون فقيرن کي زيب نه ٿيون ڏين.
* ڏسو اڄ ڪهڙو دور اچي ويو آهي، اخبار پڙهو ته ڪا به چڱائي جي خبر ٻڌڻ ۾ نه ٿي اچي. ٻهراڙي ۾ ڏاڙيلن جو زور آهي ۽ شهرن ۾ وري مهاجرن ۽ سنڌين جو فساد برپا ٿي ويو آهي. رمضان جو مهينو هلي رهيو آهي پر مسلمانن کي ان جو به ڪو احترام ناهي. شهرن کي ٻاهيون ڏنيون اٽن. ماٹهو روز انو ٿا مارن. اڄ اخبار ۾ هيو ته سترهن ماٹهو هڪ ئي جاءِ تان ڏاڙيل کڻي ويا آهن. رب کان دعا گهرو شال خير سان حياتي پوري ڪري.
* وهابي ملان چون ٿا ته اسان کي حڪومت ملي. اگر انهن کي حڪومت ملي ته هڪ ٻئي جون ڪلون لاهي ڇڏن. نيت بري اٽن تڏهن حڪومت نه ٿي ملين.
* مبلغن کي تبليغ ۾ وعظ ۾ عبارتن جو خيال رکڻ گهرجي. آيت اها پڙهو جيڪا صحيح طرح ياد هجي ڇو ته زبر زير جي فرق سان معني ۾ فرق اچي وڃي ٿو ڏسو. پِتِ، پَتَ. پِتُ، پِتَ، پُتُ. زبر زير جي فرق سان معنيٰ ۾ فرق ٿي وڃي ٿو.
* هر ڪو پنهنجي حال ۾ مست آهي. مرڪے اندر شكار كرم بود، گربہ آمد ناگهان اورا ربود ڪڙ ڪيڙي جي شڪار لاءِ وينو هيو پلي جو آئي ته ڪڙ کي شڪار ڪيون وئي.

(2)

سُرهاڻ پريون سِنڌون

اخلاص و محبت

فرمايائون: فقيري جو بنياد اخلاص آهي. اخلاص چئبو آهي استرضاءِ حق سبحانہ و تعالىٰ کي. يعني الله جي رضا ڳولڻ. کو بہ عمل تڏهن قبول ٿيندو جڏهن ان ۾ اخلاص هوندو. جيسين فقير مخلص نہ ٿيندو تيسين کامياب نہ ٿيندو. اخلاص اهو آهي جو صرف ۽ صرف الله جي رضا مقصود هجي پيو کو بہ غرض يا مقصد نہ هجي. حضرت شبلي رحمۃ اللہ علیہ فرمايو آهي تہ دنيا جوطالب خاڪ جو طالب آهي. آخرت جي نعمتن جو طالب سون جو طالب آهي. رب جي ذات جو طالب سچن موتين جواهرن جو طالب آهي. ڪنهن چيو تہ:

ڪي دان ويڪي ڌين ويڪي گو، ڪي خوان ويڪي خواه ويڪي جو

عرفاء فرمائن ٿا تيسين الله جي محبت نہ ملندي جيسين غير جي محبت ختم نہ ٿيندي. تيسين روح زنده نہ ٿيندو جيسين نفس نہ مرندو. الله جي محبت تڏهن ملندي جڏهن الله وارن جي صحبت نصيب ٿيندي.

دلا بحلقهٔ بزم رندانِ عشق درآ * که جرعهٔ ز شرابِ بقا دهند ترا
اگر بقا طلبی اولت فنا باید، که تا فنا نه شوی ره نکے برے ببقا

اي دل عشق جي رندن جي محفل ۾ اچ تہ توکي شرابِ بقا جو هڪ ذرو عطا ڪن. اگر بقا چاهين تو تہ اول فنا ٿي وڃ. چو تہ جيسين فنا نہ ٿيندين بقا جي واٽ نہ ماڻيندين.

جن کي دَورُ دَردَ جو، سبق سُورَ پڙهنّ؛
فِڪرَ فَرَهِي هٽ ۾، ماڻ مُطالع ڪنّ؛
پَنو سو پڙهنّ، جنهن ۾ پَسن پِرينءَ کي.

علم ۽ عقل

فرمايائون: پاڻ علم جي لاءِ مٿ عقل جي ضرورت هوندي آهي. علم تہ گهڻو ئي هجي پر جي عقل نہ هجي تہ علم ڪهڙي ڪم جو! هڪ بادشاهہ پنهنجي پٽ کي علم نجوم سيکارڻ لاءِ هڪ نجومي اتاليق ويهاريو. وزير جو پُٽ بہ سندس هم سبق ٿيو. جڏهن سکي پورو ڪيائون تہ بادشاهَ امتحانُ ونڍ لاءِ پنهين کي سامهون ويهاريو. مُٺِ بند ڪري چيائين پڌايو منهنجي مٺ ۾ ڇا آهي؟ بادشاه جي پٽ چيو: بابا اوهان جي هٿ ۾ هڪ شيءِ آهي جيڪا گول آهي، وچ خالي اٽس هجي نہ هجي، جَنبَ جو پُڙُّ آهي. وري وزير جي پٽ کان پڇيائين؟ ان چيو اوهان جي هٿ ۾ گول شيءِ آهي، وچ خالي اٽس. هجي نہ هجي مُنڊِي آهي. هٿ کوليائين تہ مُنڊي هئي. بادشاهہ نجومي کي چيو وزير جي پٽ کي جيئن سيکاريئي منهنجي پٽ کي چو نہ سيکاريئي؟ چيائين سائين مون پنهين کي علم هڪ جهڙو سيکاريو آهي. پر پنهين جي عقل ۾ فرق آهي. تنهنجي پٽ کي اهو عقل بہ تہ هجي تہ جنبِ جو پُڙُّ مُٺِ ۾ ڪيئن ٿو اچي سگهي؟

حذر ڪيو

فرمايائون: جتي جان، مال، عزت ۽ آبرو وڃڻ جو خطرو هجي ان جاءِ تي وڃڻ کان حذر ڪيو. تهمت وارين جايين کان بچو. ڪنهن چيو آهي تہ:

اتقوا مواضعَ التُّهَمِ [1] تهمت وارين جايين کان بچو.

ميلا ۽ ملاکڙا

فرمايائون: ميلو شيطان جو سڏ آهي، جتي بيحيائي جا ڪم ٿين ٿا. نہ نماز نہ روزو. پر نمازي بہ اتي وڃي نماز نہ ٿو پڙهي. اسان پنهنجي فقيرن کي سختي سان منع ڪيون ٿا تہ ميلن ۾ نہ ويندا ڪريو.

---

[1] اتقوا مواضعَ التُّهَمِ (البخاری فی التاریخ) [کنوز الحقائق] قال العراقی فی تخریج الإحیاء (کتاب شرح عجائب القلوب . رقم 2): لم أجد له أصلاً. جامع الأحادیث (ج 1/ ص336)

اگر بزرگن جي مزار تي وڃو تہ ميلي کان سواءِ ٻئي وقت ۾ وڃي دعا فاتحہ ڪري اچو. بزرگن جون مزارون ادب ۽ عبرت ۽ فيض جي حصول جون جايون آهن.

لساني جهيڑا

حيدرآباد ۾ هلندڙ لساني جهگڙن جي ڳالهہ ٿي تہ پاڻ فرمايائون: ڪافر بہ پنهنجي پاڪ مهينن جو احترام ڪندا هئا انهن ۾ جنگ جدل ڪو نہ ڪندا هئا، هينئر هي مسلمان سڏائن ٿا پر رمضان المبارڪ جو مقدس ماه هلي رهيو آهي تہ بہ وٺ پڪڙ مار ماران ڪري ڏني اٿن. ڪالهہ بہ پنج ڇهہ ماڻهو ماريا اٿن. انسان جو خون هارڻ ڪيڏو وڏو ڪبيرو گناهہ آهي. اسلام قوميت عصبيت ۽ لسانيت جي بنياد تي جهيڙن جي اجازت نہ ٿو ڏئي. سڀ مسلمان جن بہ ڪلمو پڙهيو آهي سي سڀ پاڻ ۾ پائر آهن.

ننگر جي خدمت

فرمايائون :اسان جا پير سائين جن فرمائيندا هئا تہ سڀ فقير ننگر جو ڪم ڪيو. پير جي در تي خدمت ڪرڻ اها رياضت آهي. جيڪو ڪم نہ ڪري تہ ان کي چوڻ تہ هليو وڃي. چو تہ ان جي ڪاهلي ۽ سستي جو اثر ٻين تي پوندو. فرمايائون درگاهہ رحمتپور شريف ۾ هڪ هڪ فقير کي چيائون هلي ننگر جي ڳئون جو گاهہ ڪر. چيائين بابا ان گاهہ جي باهہ کان تہ مان پنهنجي ڳئون کپائي آيو آهيان. ان تي پاڻ مسڪرايا.

عارفن جو رياءُ

فرمايائون: الله وارن کي پاڻ تي قياس ڪرڻ نہ گهرجي. انهن جو ڪو ڪم حڪمت کان خالي نہ هوندو آهي. بزرگن فرمايو آهي تہ :

رياءُ العارفين خير من اخلاص المريدين عارفن جو ڏيکاءُ مريدن جي اخلاص کان پلو آهي.

فرمايائون : عابدن جي عبادت وانگر گنهگارن جو انڪسار بہ الله کي وڻي ٿو. ڪنهن چيو انڪسار العاصيين خير من صولة المطيعين گنهگارن جو نياز عابدن جي ناز کان پلو آهي.

نياز ۽ ناز

فرمايائون: جسم ۾ متو سيني کان متاهون ۾ شرف وارو عضوو آهي. زينت ۾ زيب ان ۾ آهي پٽکو ب ان ۾ ٻڌجي ٿو ۽ هٿ پير هيٺ آهن. انهن ۾ هيناهين ۾ نياز آهي. انکري هٿ پير چميا ويندا آهن. متو کو نہ چميو ويندو آهي، چو ته متي ۾ متيرائي آهي. هٿن ۾ هيناهين آهي. پوءِ جيکو نياز اختيار کندو ان جي ئي عزت ٿيندي آهي. ناز وارو پلي متاهون هجي ته ب ان جي ايتري عزت نہ ٿيندي جيتري نياز واري جي. نياز کندو ب اهو آهي جنهن ۾ برکت ۽ پلائي هوندي آهي جيئن وڻ جي اها ٽاري جنهن ۾ ميوو هوندو آهي سا هيٺ جُهکيل ۽ نويڙ هوندي آهي، خالي ٽاري متي ايي ٻيني هوندي آهي.

آزمائشون

فرمايائون: جيکي سور، صدما ۽ مسکينيون ۽ تکليفون ۽ آزمائشون اصحابن کرامن ڏنيون، جيکي امتحان انهن متان آيا جيکڏهن اسان مان کنهن تي اهي هک ڏينهن ب اچن ته اسان جو خبر ناهي چا حال ٿئي.

وڏي عقلمندي

فرمايائون: سڀ کان وڏي سياڻپ ۽ دانائي ۽ عقلمندي اها آهي جو هر حال ۾ الله جو يادگيرو هجي جنهن خوش نصيب کي صبح شام رات ڏينهن بيماري يا چڳيلائي ۾ سفر حضر ۾ ڏک يا سک ۾ مطلب ته هر حال ۾ الله تعاليٰ ياد هجي ان جمڙو ٻيو کو ب پلارو برگزيده عالم عابد يا صوفي نٿو ٿي سگهي.

وقت جو قدر

فرمايائون: اي دنيا جا طالبو ! اي دنيا جا عاشقو ! الله تعاليٰ کي ياد کيو نہ ته ڏاڍا ڏکيا ٿيندئو عملن کرڻ الله تعاليٰ ۽ انجي محبوب کي راضي کرڻ جو وقت هي حياتي آهي. سرکار مدينہ ﷺ فرمايو: الدنيا مزرعة الآخرة دنيا آخرت جي پوک آهي.

هر کا پوک پنهنجي مند تي پوکبي آهي. جڏهن مند گڏري وئي تہ پوءِ ارمان جا هٿ ملٹا پوندا. هي زندگي عملن صالحن جي پوک پوکڻ جي مند آهي. عمر وهامي پئي پوءِ ڪجهہ نہ ٿي سگهندو.

جي روئي رات ڦڙا تہ راڻو راضي نہ ٿئي،
اڄ هڪ پساهہ پرين پرچائي وڃ.

پاڻ ڪريمن ﷺ فرمايو آهي تہ جيڪو شخص الله تعاليٰ جي خوف کان رنو جو انجي پنبڻي جو وار پسي پيو ان ڄاڻهي تان دوزخ جي باهہ حرام ڪئي وڃي ٿي.

پوکڻو اٿئي تہ پوک جيسين حياتي اٿئي پاڻ ۾ ،
نہ تہ مندہ ويندئي نڪري پوءِ سڪي ٿيندي سوڪ،
جاتي لٹندو لوڪ، اتي سڪندي سنگ لاءِ.

هڪ شخص خواب ۾ پنهنجي فوت ٿيل گهرواري کي ڏٺو تہ انجو منهن چوڏهين جي چنڊ وانگر چمڪي رهيو هيو. پڇا ڪيائينس تہ هي حسن تنهنجو ڪيئن ٿيو؟ چيائين تہ هڪ رات تون الله تعاليٰ جي خوف ۾ ويڻي رنين، تنهنجا ڳوڙها مون پنهنجي هٿن ۾ جهلي پنهنجي منهن کي مکيا هيا انهن ڳوڙهن جي صدقي الله تعاليٰ مون کي بخشي چڏيو آهي ۽ هي جنت جو حسن ڏنو آهي. امان عائشہ صديقہ رضي الله عنها حضور عليہ الصلوة السلام کان پڇيو تہ يارسول الله اهڙا ماڻهو ڪهڙا هوندا جيڪي بنا پڇا جي جنت ۾ ويندا پاڻ فرمايائون هائو اهي ماڻهو جيڪي پنهنجا گناهہ ياد ڪري رنا هوندا انهن جو دوزخ ۾ وڃڻ ائين آهي جيئن ڏڏل کير وري ٿڻن ۾ وڃڻ مشڪل آهي.

دنيا سان دل نہ لايو

فرمايائون: فقيرو دنيا ۾ ڪجهہ وقت لاءِ مهمان آهيو دنيا سان دل نہ لايو. گذريل سال ۾ ڪجهہ اسان جا ساٿي هن سال ڏسڻ ۾ نہ ٿا اچن. خبر ناهي ايندڙ سال اسان مان ڪير هجن ڪير نہ هجن؟ آخرت جي سفر جي تياري ڪريو، دنيا خواب جي مثال آهي.

جي ويجهي ٻيان وَرَ کي، تہ سياڻوم سَنئون،
نِتُ نِتُ آهِ نَئون، مون کي پَسَنُ پنوهارَن جو.

خدمتِ مرشد

فرمايائون: هڪ دفعي خواجہ معين الدين چشتي اجميري حج لاءِ پئي ويا، سندس خليفو خواجہ بختيار ڪاڪي ب ساڻ هيو. خليفہ صاحب جي مٿي تي چلهو رکيل هو. ان جي مٿان هوڙ جي هنڌي رکيل هئي. ڪنهن پڇا ڪيس تہ ان ۾ ڇا آهي. ڇيائين حضرت سائين جن هميشہ تازو طعام کائڻ پسند ڪندا آهن. ان لاءِ هي مٿي تي کنيون ٿو وتان ڪٽي ب ضرورت پوي تہ تازو طعام حاضر ڪيان. پڇيو ويو تہ ان کي گهٽو وقت گذريو آهي؟ ڇيائين تہ ان کي ويهہ سال ٿيا آهن. پوءِ پاڻ فرمايائون تہ فيض وٺڻ سولو نہ آهي جفا ڪشيءِ محنت ڪرڻي پوي ٿي مرشدن جي در جي غلامي ڪرڻي پوي ٿي.

فرمايائون: خواجہ فريد الدين عطار ڏهہ سال محبوب سبحاني رحمت الله عليہ جي دربار جا بيت الخلا صاف ڪيا. اهڙي طرح بزرگ محنتون ڪري هي نعمت حاصل ڪري ويا.

ولين سان ويڑ

فرمايائون: الله جي دوستن سان دشمني نہ رکڻ گهرجي. انهن سان عداوت الله جي عذاب کي دعوت ڏيڻ آهي. فرعون کيترا سال پاڻ کي خدا سڏايائين پر جڏهن موسيٰ عليہ السلام جو دشمن ٿيو تہ رب درياءِ مٿ ٻوڙي ماريس. نمرود ب جڏهن حضرت ابراهيم عليہ السلام جو دشمن ٿيو تہ رب مڇرن مڇر هٿان مارايس. شيطان رب کي مڃندو هيو عابد زاهد صالح هيو پر جڏهن حضرت آدم عليہ السلام جو دشمن ٿيو تہ رب روز محشر تائين لعنتي بنائي ڇڏيس. سو فقيرن جو دشمن رب جي قهر کي ٿو سڏي. آسمان جو ڪريو بچي سگهي ٿو، درياءِ جو ٻڏو بچي سگهي ٿو. باهہ جو سڙيو بچي سگهي ٿو پر الله وارن جو دشمن رب جي قهر کان هر گز بچي نہ سگهندو. الله وارن جي دشمن سان گڏجي ب نہ ويهڻ گهرجي. انهن جي منهن کي ب چتائي ڏسڻ نہ گهرجي. رستي مٿ اگر کافر گڏيو اچي تہ نقصان ناهي پر طريقت جي مخالفءِ مرشد جي مخالف سان گڏجي نہ هلجي. ڇو تہ کافر اهڙي ڇيڙ ڇاڙ نہ ڪندو پر مخالف ماڻهو تہ قصو ئي اهو شروع ڪندو.

فرمايائون: هڪ بزرگ جماعت سان وينو هيو تہ سندن هڪ مخالف آيو. بزرگ نبوي اخلاق مطابق ان سان مليو. هڪ مريد ب ان جي خاطر تواضع ۾ ب چار قدم اڳتي هليو. بزرگ صاحب تمام ناراض ٿيو. فرمايائين بي ادب تو کي خبر هئي تہ هي منهنجو دشمن آهي پوءِ چو ان جي لاءِ استقبال ۾ ب چار قدم هليئن؟ تون بي ادب آهين نکر منهنجي درگاه مان. تنهنجي بي ادبي جو اثر ٻين تي ب پوندو.

بے ادب خود رانہ تنہا داشت بد، بلکہ آتش در ہمہ آفاق زد

پير جي مخالف جي صحبت زهر قاتل جي مثال آهي.

لٺ جا فائدا

حضرت جن جڏهن سفر ۾ نکرندا هئا تہ پاڻ سان لٺ ساڻ کڻندا هئا. فرمايائون جو شخص چاليهہ سالن جو ٿي ب لٺ نہ کڻي ان جو شمار متکبرن ۾ ٿيندو. حضرت امام شافعي رحمۃ اللہ علیہ هميشہ لٺ ساڻ رکندو هيو. کنهن سبب پڇيس. فرمايائين هن لاءِ تہ ياد رهي تہ آءٌ مسافر آهيان. حضرت حسن بصري رحمۃ اللہ علیہ فرمايو آهي تہ لٺ رکڻ ۾ اٺ فائدا آهن.

1. لٺ نبين جي سنت آهي. 2. صالحن جي زينت آهي.
3. دشمن لاءِ هٿيار آهي. 4. ضعيفن جي مددگار آهي
5. لٺ واري کان شيطان پڇندو آهي. 6. بدڪار ان کان ڊجندو آهي.
7. نماز وقت سُتري جو ڪم ڏئي ٿي. 8. ٽڪل ماڻهو لاءِ ٽيڪ آهي.

چغلخوري جا نقصان

فرمايائون: چغلخوري تمام بري عادت آهي.

وَيْلٌ لِّكُلِّ هُمَزَةٍ لُّمَزَةٍ ۝١ هر عيب جوئي ڪندڙ غيبت ڪندڙ لاءِ بربادي آهي.

سيدنا ابن عباس رضی اللہ عنہ فرمايو آهي تہ "همزه لمزة" انهن ماڻهن کي چئبو آهي جو هڪ ٻئي جي چغلخوري ڪري مسلمانن ۾ تفريق وجهن. بعض بزرگن فرمايو آهي تہ :

همزة : آهون سامهون برائي ڪندڙ ۽ لمزة : پر پٺ گلا ڪندڙ کي سڏبو آهي.

يحي بن اڪثم فرمايو ته چغلخور جادوگر کان بہ برو آهي چو ته چغلخور هڪ ڏينهن ۾ اهڙا فتنا کڙا کندو جيڪي کو جادوگر هڪ مهيني ۾ بہ نہ ڪري سگهي.

شب معراج : حضور نبي پاڪ ﷺ هڪ اهڙي قوم ڏٺي جنهن کي تامي جا ننهن هيا جن سان اهي پنهنجا چهرا گهائل ڪري رهيا هيا. جبرئيل ٻڌايو ته اي نبي الله هي چغلخور ماڻهو آهن. فرمايائون: چغلخور کي قبر ۾ بہ سخت عذاب ڪيو ويندو.

گهر وارن سان سلوڪ

فرمايائون: گهر وارن سان سنو ۾ سهڻو سلوڪ ڪيو. توڙي جو انهن ۾ فطري طرح ڏنگاڻ رکيل آهي. چو ته حديث شريف ۾ آيو آهي ته عورت ڏنگي پاسراٽي مان پيدا ڪئي وئي آهي، ان کي زبردستي سڌو ڪرڻ جي ڪوشش ڪبي ته ڀچي پوندي. ان جو ڀچڻ ان جي طلاق آهي. پر ڏنگاڻ جي باوجود ان مان نفعو حاصل ڪبو ته نفعو ملندو. [1]

پاڻ ڪريم ﷺ فرمايو آهي ته :

خَيْرُكُمْ خَيْرُكُمْ لِأَهْلِهِ. وَأَنَا خَيْرُكُمْ لِأَهْلِي. [2]

اوهان ۾ سيني کان پلو اهو آهي جيڪو پنهنجي گهر وارن سان پلو هلندو آهي. مان اوهان سيني کان وڌيڪ پلو آهيان پنهنجي گهر وارن سان پلو هلڻ ۾.

---

[1] صحيح البخاري (4 / 133) : استوصوا بالنساء. فإن المرأة خلقت من ضلع. وإن أعوج شيء في الضلع أعلاه. فإن ذهبت تقيمه كسرته. وإن تركته لم يزل أعوج. فاستوصوا بالنساء.

[2] سنن ابن ماجه (1/ 636)

(3)
حڪايات و واقعات

شريعت ۽ طريقت

هڪ شخص حضرت جن جي خدمت ۾ عرض ڪيو: سائين اسانجي ڳوٺ ۾ هڪ فقير آيو آهي اهو نماز ڪونہ ٿو پڙهي، نہ ڪنهن ديني ڪم جي ويجهو آهي. گهٽا ماڻهو ان جا مريد ٿيا آهن. چون ٿا تہ هي حقيقت جي درياءَ ۾ آهي هن تان نماز معاف آهي؟ ائين ٻہ ٽي سگهي ٿو چا؟ پاڻ فرمايائون: حضرت امام رباني مجدد الف ثاني رحمۃ اللہ علیہ فرمايو آهي:

"طريقت، حقيقت و معرفت غلامانِ شريعت اند."

طريقت، حقيقت ۽ معرفت سڀ شريعت جون غلام آهن.

جيڪو شريعت جو تابعدار ناهي ان کي ڪڏهن بہ ولايت ڪونہ ملندي. ان کان اگر ڪي عجيب ڪالهيون ظاهر ٿين تہ ان کي ڪرامت نہ سڏبو بلڪ اهو شيطاني استدراج سڏبو. اسان جا پير سائين رحمتپوري رحمۃ اللہ علیہ فرمائيندا هئا تہ: هتان ڪو ماڻهو اڏامندو وڃي، سڀ ان کي ولي پيا سڏن، پر اسان ڏسندا سين تہ ان ۾ شريعت بہ آهي يا نہ؟ اگر ان ۾ شريعت هوندي تہ اول اسان ان جا هٿ چمندا سين. پر جي ان ۾ شريعت نہ هوندي تہ پهريون ڪلو اسان ان جي منهن تي هڻندا سين.

دل اوطاق مثل آ

هڪ ماڻهو عرض ڪيو حضرتا دل ۾ ڏاڍا خيال اچن تا؟ پاڻ فرمايائون: دل اوطاق جي مثل آهي. اوطاق ۾ چڱا مڙا هر قسم جا ماڻهو ايندا آهن. اوطاق جو مالڪ چگو هوندو تہ ٻُري ماڻهو کي اوطاق ۾ ٽِڪڻ نہ ڏيندو. اهڙي طرح دل ۾ بہ سُڀا ۽ برا خيال ايندا رهندا آهن. پوءِ نيڪ ماڻهو برن خيالن کي اندر ٽِڪڻ نہ ڏيندو آهي.

ڪانگن ڪي بُک ؟

هڪ دفعي پاڻ وينا هئا تہ ڪانگ ننڍڙي ٻار جي هٿ مان ٽڪر کسي اڏامي ويو. پاڻ اهو ويٺي ڏٺائون. پوءِ مسڪرائيندي فرمايائون تہ ڪانگ الله جو گهڻو ذڪر نہ ٿا ڪن ان ڪري پين جانورن کان وڌيڪ بکيا آهن. تڏهن جَهٽ هٽندا آهن. پيا جانور الله جو گهڻو ذڪر ڪن ٿا تہ انهن کي الله تعالي ڪشادو رزق ڏئي ٿو.

مرد مفلس را خدا زر می دہد ، جوہری رااز فضل جوہر دہد
بی مگس ہرگز نہ ماند عنکبوت ، رزق رارو زی رسان پر می دہد

بـــيمار پُرسي

حضرت جن جي عادت مبارڪ هئي جو ڪو بہ مريد يا پاڙيسري بيمار ٿيندو هيو تہ پاڻ انکان پڇڻ ويندا هئا ۽ بيمار کي نصيحت سان نوازيندا هئا. فقير نور محمد ملاح جيڪو ڪرمپور ۾ سندن پاڙيسري هيو، سو سائيڪل کان ڪِريو انجي ٽنگ پڇي پئي هئي. جمعہ 9 جمادي الثاني 1408 ھ صبح جي مجلس بعد پاڻ فقير نور محمد ملاح جي بيمار پرسيءَ لاءِ ويا. ان کي فرمايائون تہ تڪليفن ۾ بيمارين ۾ گناهن جو ڪفارو ۽ درجات جي بلنديءَ آهي. گهبرايو هرگز نہ. فرمايائون هڪ رات جو بخار ۾ سالن جي گناهہ ميٽي چڏي ٿو.

ڪيفياتِ اولياءِ

فرمايائون الله جي ولين مٿان هر وقت ڪيفيتون رهنديون آهن. ڪڏهن اهي پاڻ کان بہ بي خبر ٿي ويندا آهن. هڪ ولي سڳوري جو جوان پٽ وفات ڪري ويو ان کي پڌايائون اوهان جو جوان پٽ فوت ٿي ويو آهي. فرمايائين: سگ بچہ ء سگ مردہ دفن بکیند

ڪتي جو پچو مري ويو ان کي دفن ڪري چڏيو.

فرمايائون: اسان جي پير سائين جن جي هڪ خليفي صاحب جو پٽ وفات ڪري ويو تہ ان جي جنازي تي نوان ڪپڙا پائي آيو. ماڻهن چيو هي چا؟ فرمايائين: جڏهن الله اهو پٽ ڏنو هيو تہ ائين خوشي ڪئي هيم اڄ جي واپس ورتو اٿس تہ پوءِ بہ آءٌ خوش آهيان.

ترک ماسوي الله

طلب جي ابتدا جا ذوق ۽ شوق وارا ڏهاڙا هئا. هن فقير (کرم الله) متان اهڙي کيفيت طاري ٿي جو سوچيم ته وڃي کنهن جهنگ يا ٻر يا کنهن ويران جاءِ ۾ وڃي چلو ويهان. الله جي عبادت کيان. ان لاءِ ڪڙيو گهنور جي پريان سخي سرور جي دربار منتخب کيم، اتي ماٹهن جو ايرپير گهٽ آهي. پاسي ۾ جهنگ ٻه آهي. سوچيم اتي وڃي چلو ويهان. دل ۾ پوري پڪ هئي ته اگر شاهه بابا کان اجازت گهرندس ته ڪو نه ڏيندا ائين بغير موڪلائڻ جي هليو ٿو وڃان. رات جو مڪمل تياري کيم صبح فجر پڙهي نڪرڻ جو پڪو پهه کيم. فجر سندن پٹيان ادا کيم مراقبه بعد گفتگو جو آغاز هن طرح کيائون: "جيڪو چوي ٿو کنهن جهنگ ۽ آڻ وس ويراني جاءِ ۾ وڃي عبادت کيان، اهو ٻه مرد نه آهي. مرد اهو آهي جو رهي ٻه دنيا ۾ کم کار ٻه دنيا جا ڪري ۽ دل ٻه دنيا کان پلي چڏي. الله پاڪ قرآن ۾ ان کي مرد سڏيو آهي:

رِجَالٌ ۙ لَّا تُلْهِيْهِمْ تِجَارَةٌ وَّلَا بَيْعٌ عَنْ ذِكْرِ اللّٰهِ

اهي مرد آهن جن کي سوداگري خريد فروخت الله جي ذڪر کان غافل نه ٿي ڪري. مردانگي اها آهي جو هٹ کم کار ۾ هجي دل يار سان هجي. دنيا جي هر شيءِ کان دل پلجي وڃي. کنهن ٻه شيءِ جي محبت من ۾ نه رهي سواءِ الله جي ياد جي".

فرمايائون: برابر طالبُ جيستائين سڀ شيءِ کي ترک نه ڪندو تيستائين انکي "وصول الي الله" نصيب نه ٿيندو. پهريائين ان کي هر شيءِ تان هٹ کٹڻو پوندو. جيئن بيمار ماڻهو کي ڊاڪٹر ڪِري کرائيندو آهي ته فلاڻي شيءِ نه کاءِ. تانجو ان جون سڀ شيون بند ڪندو آهي. پوءِ جڏهن بيمار تندرست ٿيندو آهي ته پوءِ ان کي هر شيءِ کائڻ جي اجازت ملندي آهي. اهڙي طرح سالڪ پهريائين هر شيءِ ترک ڪندو ان لاءِ برابر کي بزرگ جهنگن ۾ غارن ۾ بيابانن ۾ ٻه وڃي رهيا هئا ته جيئن ترک ماسوي الله حاصل ٿي وڃي پوءِ دنيا ۾ اچي دنياوي کم کار ۾ لڳا پر اسان جي حضرات نقشبنديين وٽ جهنگن برن ۾ وڃڻ جي اجازت نه آهي. رهو ٻه دنيا ۾ دل ٻه دنيا کان پلي چڏيو.

نمی گویم که از عالم جدا باش، بهر جائی که باشی با خدا باش.

ائين كونہ ٿو چوان تہ دنيا كان ڌار ٿي وڃ، پر جنهن جاءِ تي بہ هجين الله جي ياد سان هج. جڏهن مجلس ختم ٿي تہ قسم سان ٿو لكان تہ منهنجي دل بلكل ڏوئي چڏيائون. اهو خيال بہ دل مان نكري ويو.

ذكر جا اثرات

فرمايائون ذكر كرڻ سان هر شيءِ تان دل كجي ويندي آهي جيئن عورت كي ادبيڙ ٿيندا آهن تہ چوندي آهي تہ فلاڻي شيءِ بہ نہ ٿي وڃي فلاڻي شيءِ بہ نہ ٿي وڃي اهڙي طرح هر شيءِ تان ذكر كرڻ سان آرو پيجي پوندو آهي. دل مِ الله جي محبت جاگزين ٿي ويندي آهي. هلندي هلندي اهو حال ٿيندو آهي جو نہ ذكر نظر ايندو نہ ذاكر بلكہ: ذاكر همہ ذكر وذكر مذكور شود ذاكر سراپا ذكر ٿي ويندو آهي يعني مذكور مشهود ٿي ويندو آهي.

فَاَيْنَمَا تُوَلُّوْا فَثَمَّ وَجْهُ اللّٰهِ ١ پوءِ اوهان جاڏي منهن كندئو تہ اوڏهن وجہ الله ئي آهي. پوءِ ان كيفيت جو ظهور ٿيندو آهي.

فرمايائون: جنهن ماڻو الله جي ذكر جي لذت چكي ان كان دنيا عقبيٰ وسري ويندي.

مئی صرف وحدت كسی نوش كرد، كہ دنيا و عقبیٰ فراموش كرد

بخشش جا بهانا

پاڻ هن فقير كي مشكوٰة المصابيح جو سبق پڙهائي رهيا هئا. هك ڏينهن هن فقير فضائل الاعمال يعني ثواب الاعمال بابت عرض كيو تہ هي ٿورن ٿورن عملن تي هيڏا وڏا وعدا تيا پيا آهن. انهن جو چا مطلب آهي؟ پاڻ فرمايائون: الله تعالیٰ كي آهي محبوب كريم ﷺ جي امت كي معاف كرڻو، سو اهي سڀ انهن جي بخشش جا بهانا بنايا اٿس يعني چوڻكاري لاءِ واڻون ناهيون اٿس. كو كڻڻ چٽي كو كڻڻ. مثال كنهن كي قبضي آهي پوءِ مسهل شيون (جلاب) تہ جام آهن. جيئن ارنڊي، سقمونيا، جمال گهوٽو يعني لوڻ وغيره اهي سڀ جلاب آهن. پوءِ كو كهڙو جلاب كائي كو كهڙو؟ مقصود آهي قبضي ٽٽي. پوءِ كنهن كي كهڙي دوا مان كنهن كي كهڙي دوا مان نفعو ملي. سو اهي اعمال بہ الله كريم محبوب ﷺ جي امت جي بخشش جا ذريعا يعني بهانا بنايا آهن.

دين کتان ملندو

هڪ پيري حضرت جن جي سامهون ڪنهن ذي علم ماڻهو جي بدعملين جو ذڪر ٿيو. پاڻ فرمايائون: الله وارن جي صحبت کان سواءِ ستڙڻ هرگز ممڪن نہ آهي. علم ڪتابن مان ملندو آهي پر دين الله جي ولين جي صحبت مان ملندو آهي. مولانا رومي به فرمايو آهي تہ:

دين مجو اندر ڪتب اے بے خبر * علم حڪمت از ڪتب ديں از نظر

اي بي خبر دين ڪتابن ۾ نہ ڳول. علم بي شڪ ڪتابن ۾ آهي پر دين ولي الله جي نظر سان ملندو آهي. فرمايائون : امت جا امام به الله وارن جي صحبت ۾ ويندا هئا. مثلاً :

امام ابوحنيفہ رحمة الله عليه امام جعفر صادق رضي الله عنه جي صحبت ۾ ويندو هيو. امام غزالي رحمة الله عليه بوعلي فارمدي رحمة الله عليه جي صحبت ۾ ويندو هيو.

شيطان جي دشمني

هڪ فقير عرض ڪيو مان ماتلي شريف اچي رهيو هيس تہ مون کي ماڻهن روڪيو. چيائون پئي هنڌ جتي وڃڻي وچ پر ماتلي نہ وچ. پاڻ فرمايائون: الله وارن جي صحبت ۾ اچڻ کان شيطان پليت هر طرح سان رڪاوٽون وجهندو آهي. تانجو ڪڏهن انسانن جي صورت ۾ ڪڏهن وري خواهن ۽ خيالن ۾ اچي به الله وارن جي در کان روڪيندو آهي. حضرت پير سائين جن فرمايو تہ : هڪ پڻاڻ مون کي چوندو هيو تہ جڏهن به تون پنهنجي پير وٽ وڃين تہ مون کي ضرور وٽيو هلجانءِ. جڏهن وڃڻ جا ڏاڙا ٿيا. سائين جن ان وٽ ويا تہ چيائين تہ هاڻي آءٌ ڪونہ هلندس جو اڄ رات منهنجو مرشد (اهل مماتي وارو) خواب ۾ آيو هيو ان چيو تہ: بابا! تون ڪيڏانهن ٿو وڃين اسان ڪامل نہ آهيون ڇا؟ اسان ۾ ڪمڙي ڪمي آهي؟ سو مان هاڻي ڪونہ هلندس. سائين جن چيو تہ مون سوچيو جي هن کي چوندس تہ اهو شيطان هيو تہ نہ مجندو. سو مون چيو تہ پلا پڌاءِ تہ تون نماز پڙهندو آهين؟ چيائين تہ نہ. پلا روزو؟ چيائين نہ. پلا تهجد، ڏاڙهي، ڏنڊ ڪندو آهين؟ چيائين نہ. پلا زنا بدڪاري کان بچيل آهين؟ چيائين سائين گنهگار آهيان. پلا پيا برائي جا ڪم به تو ۾ آهن يا نہ؟ چيائين هزارين.

مون چيوتہ پلا اسان جي پير سائين وٽ هلندين تہ ڇا حاصل ٿيندو؟ ڇيائين نماز، روزو، حج، دين، ڏاڙهي، ڏندڻ ، پٽڪو. مون چيو ٻڌاءِ تہ گناهن جي ڪمن کندي ڪڏهن تو کي مرشد خواب ۾ اچي چيو تہ تون اسان جو مريد آهين هي برائي جا ڪم نہ ڪر. نماز پڙهہ نيڪي جا ڪم ڪر. ڇيائين تہ نہ. پلا هاٿي دين سکڻ هلين تہ منع ڪرڻ آيو آهي تہ ان کي ڇا ڇئجي؟ڇيائين تہ پوءِ اهو تہ شيطان آهي. پوءِ پٺاڻ کي ڳالهہ سمجهہ ۾ آئي. پوءِ حضرت جن وٽ گڏجي هليو ۽ نيڪ صالح بنجي ويو.

ويهہ وڃي وٽ تن، قلم جني جي هٿ ۾،
ميٽي انگ اڳيان، واري ٻيا لکن،
پنو سو پاڙهن، جنهن ۾ پسڻ ٽئي پرينءَ جو.
ويهہ تني سان ويهہ، جيڪي ويهي ٽا ڇاڻن،
ويهہ نہ ساڻ ٻين، متان ويهي وقت وڃائيين.

مخالفن کان بچو

فقير حاجي شير محمد مهاجر جيڪو حضرت سائينجن جي حج جو رفيق ٻہ هيو. حضرت جن سان وڏي محبت ۽ عقيدت رکندو هيو. حضرت جن جي ٻہ مٿس نگاهِ عنايت هئي. هڪ پيري درگاه شريف تي آيو. پويان سندس سوزوڪي جو ٽڪر ٽي پيو. ٽريڪٽر جا مزدور پڃي ويا ٻيو ٻہ ڪو نقصان ٿيو. جڏهن واپس پهتو تہ سندس پاءِ جيڪو سخت مخالف هيو ان ساري رات سمجهايس تہ اهي ڪمڙا پير آهن؟ جو ڏڪي ويل ۾ مدد نہ ڪن. تنهنجا هي هي نقصان ٿي ويا آهن پير ڪمڙي مدد ڪئي اٿئي؟ ڪيس اهڙيون مخالفت جون ڳالهيون ٻڌايائين جو اهو فقيري ٿي چڏي ويو. نہ نماز نہ روزو رهيس. هڪ پيري حضرت جن ٽنبي جام ۾ دعوت تي آيا. اتي ان کي گهرائي فرمايائون: حاجي صاحب تون الله جو ٻانهو آهين رب ڪيڏو ڪريم آهي ان تنهنجي مدد چو نہ ڪئي؟

پير انهيءَ ڪم لاءِ تہ نہ هوندو آهي. پير توکي دين ايمان جي دولت ڏني آهي. اهي دنياوي نقصان ڏسي پنهنجي دين کي چڏي ڏنو اٿئي. پاڻ اهڙي سخت تنبيہ ڪيائونس پوءِ ان وري نئين سر بيعت ڪئي وري نيڪ صالح بنجي ويو.

پاڻ فرمايائون دين جو جُهجو مرشد جي محبت سان آباد آهي. پير جي محبت ختم ٿي ته جيئن ست ماڙ جاءِ هيٺ وڃي ڪري تيئن دين جي عمارت هيٺ وڃي ڪرندي.
فرمايائون فقيرو هي جيڪا توهان جي ذڪر فڪر نماز روزي ۾ سُستي اچي ٿي ان جو سبب هي آهي ته جو توهين مخالفن جي صحبت ۾ ويهو ٿا انهن جون ڳالهيون ٻڌو ٿا.

اعتڪاف جا اعمال

هي عاجز خاڪسار ذرهِ بي مقدار گنهگار (ڪرم الله) رمضان المبارڪ جي آخري ڏهي ۾ غفاري مسجد ۾ معتڪف هيو. ايڪيهين جي رات سومهٽي نماز بعد منهنجي شاهه بابا رحمة الله عليه ناچيز کي پنهنجي حضوري ۾ طلب فرمايو. ان وقت مجلس ۾ مولوي اشرف علي، خليفه محمد حسين، فقير غلام سرور ، ماستر احمد زمان موجود هئا. پاڻ پيار ۾ پاڻهه منجهان هن فقير پر تقصير کي نصيحت ڪندي فرمايائون:
" پٽ ! اعتڪاف ۾ ويهڻ پلي عبادت آهي. الله ڪريم توکي پنهنجي در جو مهمان بنائي پنهنجي در تي ويهاريو آهي. هاڻي ان وقت کي غنيمت سمجهي الله جي عبادت ڪجانءِ. نڊ ۾ سمهي وقت نه وڃائجانءِ. صلاة شريف جون به تسبيون، استغفار جون به تسبيون روزانو پڙهجانءِ ۾ صلواة التسبيح نماز به روزانو پڙهجانءِ. قرآن شريف جو دور به هڪ سيپارو روزانو ڪجانءِ. باقي جيڪو وقت ملئي رات ڏينهن الله جي ذڪر ۾ مصروف رهجانءِ. انسان جا ڏينهن رات ۾ جيڪي پساهه آهن ڪوشش ڪجانءِ ته هر پساهه الله جي ذڪر ۾ گذري. گهٽ ۾ گهٽ ٻارهن هزار ڏينهن جو ۾ ٻارهن هزار پيرا رات جو الله جي اسم ذات جو ذڪر ڪجانءِ. تانجو اندر ۾ الله جي محبت جا مچ مچن. سڀ ڪان اهم ۾ وڏي ڳالهه هي آهي ته نيت کي خالص لوجه الله رکجانءِ. چو ته عملن جو سجو دارو مدار نيت تي آهي. پير يا بزرگ ٽيڻ جي نيت نه رکجانءِ. پنهنجي عزت آبرو جي يا دنيا مال ملڪيت گڏ ڪرڻ جي يا ڪشف ڪرامتن خواهن خيالن جي نيت نه رکجانءِ. نيت خاص اها رکجانءِ ته شال الله تعالي راضي ٿئي. اها دعا گهرندو رهجانءِ: " اي خداوندِ عالم مقصود منهنجو تون آن. تنهنجي رضا تون مون کي پنهنجي محبت ۾ معرفت نصيب فرماءِ". ان نصيحت بعد هن مسڪين جي حق ۾ دعا گهرايائون. الحمدلله علي ذالڪ.

25 رمضان المبارڪ جي شام تہجري نماز بعد پاڻ ازراهِ عنايت هن عاجز کان دريافت فرمايائون تہ ڪهڙو حال آٿئي؟ باطن ۾ ڪو فائدو يا مزو نظر اچي ٿو يا نہ؟ دست بسته عرض ڪيم : "محبوب اوهان جي نگاهِ ڪرم جي ضرورت آهي". پوءِ پاڻ هن فقير جو سبق متايائون. اهڙو خصوصي توجهہ فرمايائون جنهن سان منهنجي قلب ۽ باطن جي ڪيفيت متجي وئي. بي اختيار روئڻ اچي ويو. سيني ۾ ايڏي ڪشادگي محسوس ٿي جو جيڪر سارو درياءُ پي وڃان.

لقد شرفتني وكرمتني يا ابي ويا نور بصري وجلاء قلبي وذهاب همي وغمي جزاك الله احسن الجزاء وجعل الله الجنة دارك والرسول صلي الله عليه وسلم جارك والسندس لباسك ومن الحوض شرابك قلبي وروحي فداك يا ابي

پوءِ پاڻ فرمايائون: الله سان ملڻ کان چار شيون رڪاوٽ هوندیون آهن.

هڪ ماڻهن جي ميل جول. پيو دنيا. ٽيون شيطان. چوٿون نفس.

پهريون ماڻهن مائٽن متن جي سنگت صحبت خدا سان ملڻ جي مانع هوندي آهي. ان جو علاج هي آهي تہ گوشہ نشيني اختيار ڪجي. ان جي بهترين شرعي صورت اعتڪاف ۾ ويهڻ آهي. ٻين رڪاوٽ دنيا آهي ان جو علاج هي آهي تہ قناعت اختيار ڪجي. جيڪي ڪجهہ ملي، ٿوري تي اڪتفا ڪجي. ٽين رڪاوٽ شيطان آهي. انجو علاج آهي الله جو ذڪر آهي ڇو تہ شيطان پليت ذاڪر کان ائين پڇي ٿو جيئن باهہ جي تَوَ کان ماڻهو پڇندا آهن. چوٿين رڪاوٽ نفس آهي. ان جو علاج هي تہ الله کان دعا گهرجي استغاثو ڪري مالڪ کان مدد ونجي.

پاڻ شب قدر جا فضائل بيان فرمايائون. آخر ۾ فرمايائون تہ دعائن جي قبوليت لاءِ اول ڪجهہ نہ ڪجهہ خيرات ڪرڻ گهرجي. اهو بيان فرمائي پاڻ تسبيح خاني ۾ ويا هي فقير مسجد ۾ پنهنجي معتڪف (اعتڪاف واري جاءِ) ۾ اچي ويٺو. ان وقت فقير وٽ ڪا اهڙي شيءِ موجود نہ هئي جو خيرات ڪيان. دل ۾ سخت ملال پيدا ٿيو تہ ڇا خيرات ڪيان. اي ڪاش مون وٽ ڪجهہ هجي ها تہ خيرات ڪيان ها!

آءِ ان سوچ ۾ هيس ئي ته ننيڙو ڇوڪرو آيو. چيائين سائين جن هي اوهان لاءِ پنج روپيا ڏنا آهن ته اوهان خيرات ڪيو. مون کي خوشي ٻ ٽي ۾ حيرت ٻ ٽي. هن حديث تي حق اليقين ٻ نصيب ٿيو ته: اتَّقُوا فِرَاسَةَ الْمُؤْمِنِ فَإِنَّهُ يَنْظُرُ بِنُورِ اللهِ. ①

مؤمن جي فراست کان ڊڄو ڇو جو اهو الله جي نور سان ڏسندو آهي.

هديا ۽ تحفا

هڪ ڏينهن پاڻ ويٺا هئا ته هڪ ماڻهو ڏندڻ تحفي ۾ کڻي آيو. پاڻ عطر ان کي تحفي ۾ ڏنائون. پاڻ فرمايائون دوست وٽ وڃجي ته کو نه کو تحفو ساڻ کڻي وڃجي. ٻيو نه هجي ته ڏندڻ تحفي ۾ ڏجي. ڇو جو تحفن ڏيڻ سان محبتون وڌن ٿيون. ٻوءِ نقل بيان فرمايائون ته هڪ شخص بادشاهه هارون رشيد وٽ آيو. ميڻهن جي پاڻي مان پريل هڪ گهُڳهي (صُراحي) ٻ ساڻ کڻي آيو. چيائين سائين هي تحفو آهي. ميڻهن جو پاڻي جمع ڪيم. چيم ته بادشاهه سلامت کي هي رحمتن وارو پاڻي پيش ڪيان. بادشاهه وٽ ته عجيب لذيذ پاڻي هوندا. پر بادشاهه حڪم ڪيو ته هن جو پاڻي لاهي رکو ۽ هن کي صراحي (گهگهي) سون سان پري ڏيو. جو هي مون وٽ محبت مان تحفو کڻي آيو آهي. نبي ڪريم ﷺ جي حديث آهي ته:

تهادوا تحابوا ② تَهَادَوْا. فَإِنَّ الْهَدِيَّةَ تُذْهِبُ وَغَرَ الصَّدْرِ. ③

هديا تحفا ڏيو محبت پيدا ڪيو. تحفا ڏيو ڇو ته اهي سيني جي کوٽ ختم ڪن ٿا.

بي قدري جي سزا

هڪ شخص سندن مريد ٿيو. ڏاڙهي ٻ رکايائين نيڪ صالح ٿي ويو. ٻوءِ ڪجهه عرصي بعد پنهنجي ڪن مائٽن وٽ ويو اتي رهي ڏاڙهي کوڙائي ڇڏيائين. نماز ٻ ڇڏي ڏنائين.

---

① رواه الترمذي في السنن عن ابي سعيد الخدري (5/149) والطبراني في المعجم الأوسط (3/312)

② الأدب المفرد (ص: 208)

③ اخرجه احمد في مسنده عن ابي هريرة ﷺ (15/141)

پوءِ ٹورن ڏينهن ۾ ان شخص کي رات جو چورن مار ڪٽ ڪئي، هٿ ۾ ٽنگ ۽ پيڇي پيس. وڏي علاج معالجي کان بعد صحتياب ٿيو. جڏهن اها خبر سائين جن کي پئي تہ فرمايائون تہ فقيرو خبردار ٿيو جيڪو هن طريقي ۾ داخل ٿي ڀِري وڃي ٿو انکي جلدي ۾ سخت سزا ملي ٿي. اسان جا نقشبندي بزرگ سڀ شيرانِ خدا آهن. جئن شير کي پڃري ۾ ڪاڄي ائين اُهي امر الاهي ۾ ڪاڄيل آهن.

صحبت جي ضرورت

فقير محمد حيات فوجي گهٽو دربار شريف تي ايندو ويندو هيو. وچ ۾ وري چار پنج مهينا گم ٿي ويو. پوءِ جڏهن خدمت پاڪ ۾ آيو تہ پاڻ فرمايائونس: "فقير صاحب ايتري دير ڪري ڇو آيو آهين؟ توکي خبر آهي تہ نئون فقير ڪچو طالب آهي ان کي جلد جلد پير جي صحبت ۾ وڃڻ گهرجي. ڇو تہ ڪچو طالب نندي ٻار مثل آهي جيئن نندي ٻار کي جيڪا شيءِ هٿ ايندي آهي سا کڻي وات ۾ وجهندو آهي تانجو تاندو چمڪندي ڏسندو آهي تہ ان کي بہ کڻڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. پوءِ ماءُ ان کان نقصانڪار شين کي پري ڪري ان کي سنياليندي آهي. اهڙي طرح نئون طالب بہ مرشد جي صحبت ۾ ايندو رهندو تہ شيطان جي مڪرن کان بچندو نہ تہ شيطان پليت ان کي گمراهہ ڪري وجهندو".

شجرهِ مشائخ

هڪ پيري حضرت سائينجن کي پيٽ ۾ شديد سور ٿي پيو. امڙ سائڻ کي فرمايائون تہ مون تي سلسلہ عاليہ نقشبنديہ پڙهہ. امڙ کي ياد هيو. جيئن پڙهڻ شروع ڪيائين تہ کين فرحت ٿيندي وئي. تانجو اجا اڌ مس پڙهيائين تہ کين آرام اچي ويو. جڏهن اٿيا تہ فرمايائون اسان خواب ۾ ڏٺو تہ مرشد منا سائينجن آيا آهن، فرمائن ٿا تہ "مولوي صاحب اسان تساڏا سور چمڙائي ويندي هان". جيئن پاڻ سجاڳ ٿيا تہ سور صفا ختم ٿي چڪو هيو. ان کان بعد پوري عمر وري ڪڏهن بہ کين پيٽ ۾ سور نہ پيو.

پاڻ جماعت کي فرمائيندا هٿا تہ: سلسلہءِ مشائخ روزانو پڙهندا ڪريو. ان جي پڙهڻ سان روحانيت ۾ ترقي ٿئي ٿي. مشڪلات آسان ٿين ٿيون. نہ ٿيڻا ڪم بہ ٿي پون ٿا.

كافي جو كيف

ٻارهين ذي القعد 1404هـ درگاه كرمپور دادو ۾ صبح واري مجلس جاري هئي. فقير محمد ابراهيم كيڙي واري كي كافي پڙهڻ لاءِ فرمايائون. ان كافي پڙهي: "اڄ عيد منهنجي ٽي وئي پنهنجي يار كي ڏسي". ان وقت پاڻ ٻي تحاشا روئي رهيا هئا. سندن نماڻن نيڻن مان لڙكن جو لشكر روان دوان هيو. سندن مبارك اكيون سانوڻ جي برسات وانگر برسي رهيون هيون. پوري جماعت متان وجداني كيفيت طاري هئي. فقير كافي پوري كئي تہ ان كي وري ٻيو پيرو ساڃي كافي پڙهڻ جو ارشاد فرمايائون. اها پوري مجلس سڏكن ۾ لڙكن جي حوالي رهي. جلسي بعد هن عاجز عرض كيو، فقير صاحب كي ساڃي كافي ۾ دفعا پڙهڻ جو حكم ڇو فرمايو ويو؟ فرمايائون: "جنهن وقت فقير كافي پڙهي رهيو هيو، ان محل پنهنجي سامهون پنهنجا محبوب كريم مشكندڙ ڇمري سان ڏسي رهيو هوس". اللهم صل وسلم علىٰ نبينا الاكرم وحبيبنا الاعظم وعلىٰ آله وصحبه

نور جو شُعاءُ

فقير عبد المجيد لغاري دولتاڻي واري بيان كيو تہ حضرت جن اسان جي ڳوٺ آيل هئا. پاڻ امام علي فقير جي كونڙي ۾ ترسيل هئا. مان ان رات پنهنجي ٻني ۽ تي پاڻي جو وارو ورائڻ لاءِ ويل هيس. ڳوٺ متان مون هك نور جو شعاء ڏٺو. جيكو آسمان كان اسان جي ڳوٺ تائين لائيٽ وانگر نظر اچي رهيو هيو. مان تكڙو تكڙو ڳوٺ آيس تہ ڏسان هي ڇا جو شعاءِ آهي؟ جڏهن ڳوٺ پهتس تہ ڏٺم ان شعاءِ جو مركز اها كونڙي هئي جنهن ۾ حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه مراقبي ۾ ويٺل هئا. متان آسمان تائين اهو نور نظر پئي آيو. پوءِ مون سندن بيعت كئي ۽ مريد ٿيس.

اَڳي كيا اڳهين، نسورو ئي نُورُ؛
لَا خَوفٌ عَلَيهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُونَ، سچن كونهي سُورُ؛
مولي كيو مَعمُور، اَنگُ اَزَلَ ۾ اُن جو.

آگر جو اشارو

حضرت جن جڏهن کنهن کي ذکر جي تلقين ڪندا هئا تہ ان جي قلب تي پنهنجي ساڄي هٿ جي اڇمد آگر مبارڪ رکي ٽي ڀيرا "الله الله الله" فرمائيندا هئا ۽ توجہ فرمائيندا هئا تہ ان ماڻهو جي قلبي ڪيفيت متجي پوندي هئي. گهڻن جا قلب اوڏي مهل ئي ذڪر الاهي مٿ جاري ٿي پوندا هيا.

پاڻ فرمائيندا هئا تہ "نقشبندين جي آگر مرڻ مهل بہ ڪم ايندي".

فقير احمد زمان پهنور راجي ديري واري کان هڏم تہ چيائين تہ مان هڪ دفعي خانپور مٿ حضرت سائين جي خدمت مٿ آيس. رات رهيس، جڏهن صبح جو واپس وڃڻ لاءِ اجازت گهريم تہ پاڻ منهنجي قلب تي آگر رکي ذکر جي تلقين ۽ توجہ فرمايائون. آءٌ جيئن واپس وريس تہ منهنجي ڪيفيت متجي وئي. ڳوٺ تائين يڪو روئندو آيس. سندن آگر جو اثر ڪيترن ڏينهن تائين محسوس ڪندو رهيس. دل مٿ حلاوت ۽ لذت محسوس ٿيندي رهي.

نانگ جي حاضري

هڪ دفعي حضرت جن رحمة الله عليه مغرب جي نماز بعد وعظ فرمائي رهيا هئا. نهايت رقت انگيز گفتار جاري هئي. سائين جن گفتار مٿ مشغول ۽ فقير ديدار مٿ مصروف . هڪ نانگ آيو جيئن پاڻ پلٽي هينئون وينا هئا تہ ٽنگن جي وچ مٿ اچي ويهي رهيو. پاڻ تبليغ مٿ مستغرق هئا ۽ فقير سندس ڪلام جي هٿرٽ جي لذت مٿ مسرور هئا. ڪنهن کي بہ هن ڪاريهر جي آمد جو پتو نہ پئجي سگهيو. جڏهن نانگ ڇُري تہ پاڻ ٽنگ کي ڪنهي وري تبليغ مٿ شروع ٿي وڃن پيا. تانجو مُٽي ڪلاڪ تقرير ڪرڻ بعد جڏهن پاڻ اٿيا تہ نانگ بہ هلڻ لڳو. هڪ فقير ان کي ماري وڌو. پاڻ فرمايائون فقيرو هن مان سبق ونو جو الله کي راضي ڪندو تہ ڪابہ شيءِ ان کي ضرر پهچائي نہ سگهندي.

رُئُنُ ۽ راڙو، مُون نِماڻِيءَ جي نِجهُري؛
ڪُنَلِ کي قَلبَ مِ، قُرب جو ڪاڙهو؛
هوتَنِ لَءِ هاڙهو، رِجائِيندِيَس رَتَ سين.

ترکِ خواهشات

فرمايائون: جيڪو ماڻهو الله جي خوف ۾ ۽ الله جي رضا خاطر پنهنجي نفساني خواهشن کي ترڪ ڪندو ته الله پاڪ اها شيءِ ڪيس ملائيندو. پوءِ پاڻ فرمايائون حضرت پير سائين روضي ڏڻي رحمة الله عليه جي ملفوظات ۾ آهي ته: هڪڙو ماڻهو چوري جي ارادي سان باشاهي محل ۾ آيو. ڏٺائين محل ۾ اندر ڏيئو ٻري رهيو آهي. رسو اڇلائي ماڙي تي مٿي چڙهي اندر لنگهي ويو. اندر وڃي ڏسي ته بادشاهزادي هنڌ تي ننڊ پئي آهي ۽ ننڊ جي غلبي ۾ جسم تان ڪپڙا سُرڪي ويا اٿس چور جو شهزاديءَ کي ان حال ۾ ڏٺو ته اندر ۾ اچي شهوت جي خيال غلبو ڪيس ته ايتري ۾ دل اندر الله تعالىٰ جي طرفان ڪيس هي فڪر اچي پيو ته اي فلاڻا جيڪڏهن هينئر تون هي ڪم ڪري ويندين ته ان نينگري کي حمل ٿي ويندو پوءِ انهيءَ ڪري بادشاهه جي گهر ۾ ڏاڍي خواري ۽ خجالت پيدا ٿي پوندي پوءِ رڳو الله جي خوف ۽ ڊپ ڪري انهيءَ بدفعلي کان باز اچي ويو. وري ارادو ڪيائين ته ٻي ڪا شيءَ کڻي وڃان اڇتي وڌي ڏسي هڪڙو ڏاڪُون تمام عمدي طعام سان پريو رکيو آهي. ڪيس بک ته اڇُئي هئي ڏاکو جو ڏڪ لاهي کائڻ لاءِ منجهس هٿ وڌائين آگرين سان گرهه ناهيائين ته وري دل ۾ خيال آيس جيڪڏهن آڻون هتان کجهه کائيندس ته صبح ساڻ بادشاهه جي ڏيءُ ٻانهي کي بهتان ڪري ونڊي ويندي ته تو کاڌو آهي پوءِ ناحق ٻئي تي ظلم ڪرائي وجهندس انهيءَ ڪري وري ٻه الله تعالي جي خوف سبب گرهه اتي ئي ڏتو ڪري ڏاکون کي ساڳي طرح ڏڪي خالي هٽين ماڙي تان هيٺ لهي آيو ۽ اچي مسجد شريف ۾ ويهي رهيو. هوڏانهن گهڙي ڪن کان پوءِ بادشاهزادي ننڊ مان جاڳي ٻانهي کان کاڌي جي طلب ڪيائين ٻانهي اهو ڏاکو کڻي اچي سندس آڏو رکيو بادشاهزادي ڏڪ لاهي ڏسي ته ان ۾ هڪڙو گرهه نٰميو رکيو آهي ۽ آگرين جا نشان ٻه مٿس ٻيٺا آهن ٻانهي کي چيائين ته شايد تو هن طعام ۾ هٿ وڌو آهي ٻانهي قسم کڻي عرض ڪيو ته مونکي ڪا خبر ڪانهي. تڏهن شهزادي حڪم ڪيو ته هي ڏاکو کڻي ڪنهن مسافر کي مسجد شريف ۾ وڃي ڏيئي اچ.

ٻانهي اهو ڏاکو ڪٽي آئي ۽ مسجد شريف ۾ سڏ ڪيائين ته ڪو مسافر آهي؟ چور اتي وينو هيو تنهن ورندي ڏني ته هائو آئون مسافر آهيان ٻانهي اهو ڏاکون ڪٽي سندس آڏو رکيو. چور ڏاکو ڏسي سڃاتو ۽ ڪلي ڏنائين ٻانهي پڇيس تي اي مسافر چو ٿو ڪلين؟ پر هن کابه ورندي کانه ڏني ٻانهي اڇي بادشاهزادي وٽ مسافر جي ڪلڻ بابت ڳالهه ظاهر ڪئي. بادشاهزادي چيو ته وڃي ان مسافر کي هيڏي وٹي اڇ. جڏهن آيو تڏهن بادشاهزادي پڇيس ته تنهنجي ڪلڻ جو ڪهڙو سبب هيو؟ چور چيو ته اي بادشاهزادي انهين ڳالهه کي چڏي ڏي پڇا نه ڪر. پر بادشاهزادي وري ٻيهر زور سان پڇيائينس ته تڏهن هن شخص ذري پرزي سڀ ڳالهه ڪري ٻڌايائينس بادشاهزادي اها حقيقت ٻڌي تڏهن کيس چيائينس ته اڄ تون اتي اسان وٽ هڄ ۾ دل ۾ ڪو به خوف خطرو نه ڪر اهو شخص شهزادي جي حڪم موجب اتي ترسي پيو ۽ نينگري اتان سڏي پيڻ وٽ آئي ۽ چيائينس ته اي بابا مون اڄ پاڻ لاءِ مڙس لڌو آهي بادشاهه پڇيس ته ڪيئن بادشاهزادي سموري ڳالهه ڪري ٻڌايس بادشاهه ان شخص کي گهرائي وري احوال پڇيو. هن ساري ڳالهه ڪري ٻڌائي. بادشاهه مٺس اهڙو راضي ٿيو جو پنهنجي ڏيڻ جو يڪدم ساٹس نڪاح ڪري ڏنائين[1]

خواب ۾ اشارو

فقير علي محمد مشائخ پوٽي هن فقير سان بيان ڪيو ته: آءٕ فلاٹي بزرگ جو مريد هيس. (اهو بزرگ لاڙ جي مشهور مشائخن مان هيو) جڏهن بزرگ وصال فرمايو ته آءٕ سخت پريشاني جي حال ۾ هيس هاٹي چا ڪيان؟ هڪ رات خواب ۾ ڏٺم ته حضرت مرشد ڪريم رونق افروز آهن، ساٹن گڏ هڪ ٻيو نوراني چهري وارو بزرگ ويٹل آهي. مون ساٹن ملڻ جي ڪوشش ڪئي ته پاڻ مون کي ان بزرگ ڏانهن اشارو ڪري فرمايائون هن بزرگ سان مل. هاٹي اهو تنهنجو مرشد آهي. مون عرض ڪيو سائين اهو بزرگ ڪٽي ملندو؟ فرمايائون ماتلي ۾. سجاڳ ٿيس ته سڏو ماتلي آيس حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه جي دربار ۾ آيس ته اها ساڳي خواب واري صورت نظر آئي. پوءِ مون سندن بيعت ڪئي.

---

[1] ملفوظات شريف حصو ٽيون باب چوٽون فصل ناڻون ص 93, 94, 95

تقويٰ ۽ پرهيزگاري

هڪ دفعي حضرت جن روداڻي فقيرن جي دعوت تي ڳوٺ قاسم روداڻي ۾ ترسيل هئا. حضرت خليفہ روشن علي عرض ڪيو تہ حضرتا تبليغ تي وڃون ٿا اتي تقويٰ واري ماڻي نہ ٿي ملي ان جي ڪري فائدي کي ڏڪ لڳي ٿو. ان لاءِ چا ڪرڻ گهرجي؟ پاڻ فرمايائون اسان تبليغ تي ويندا هئاسين تہ پاڻ سان "سَتُو" ناهي ڪٺندا هئاسين يا تہ پڪل مانيون ساڻ ڪٺندا هئاسين. انهن دعوتين کي چڪجي تہ اسان نمازي جي هٿن جي ماني کائيندا آهيون. پوءِ جي اها ملي تہ واہ نہ تہ پوءِ پنهنجي ماني کائجي. جيستائين ماڻهو الله جي محبت ۾ مستغرق ٿي وڃي ۽ ذڪر الاهي نس نس ۾ جاري ٿي وڃي. پوءِ منتهي سالڪ اگر اهڙي ماني کائي ويئو تہ ان کي ائين محسوس ٿيندو جيئن درياء ۾ ڏونڍ لڏهي ويو. پر مبتدي طالب کي سخت تقويٰ جي ضرورت آهي.

کيفيات نماز

محمد فقير ترک کي هن عاجز ڏنو تہ نماز پڙهندي جڏهن سجدي کان اٿي قعود ۾ ٿي ويئو تہ ٻئي هٿ زمين تان کٽي بلند ڪري پوءِ ستڻ تي هنيائين. جو انهن جو آواز بہ گهٽي پنڌ تائين ٻڌڻ ۾ ٿي آيو. پوءِ گهٽا ٻيرا هن عاجز ان سان بحث ڪيو تہ ائين نہ ڪر. پر فقير هي جواب ٿي ڏنو تہ آءٌ جاڻي واڻي نہ ٿو ڪيان مگر بي اختيار ٿو ٿئي. پوءِ هن عاجز حضرت سائين سان اها ڳالهہ ڪئي. پاڻ فرمايائون هڪ فقير هيو اهو نماز پڙهندو هيو تہ نماز پڙهندي ٻہ ٽي قدم اڳتي هليو ويندو هيو. ماڻهن پڇيس تہ ائين ڇوٿو ڪرين؟ چيائين تہ جڏهن نماز پڙهان ٿو تہ سامهون بيت الله نظر ٿو اچي پوءِ سوچيان ٿو تہ ڇو نہ بيت الله ۾ اندر وڃي نماز پڙهان انڪري اڳتي وڌي ٿو وڃان.

پوءِ فرمايائون تہ اهل ذڪر تي ڪي اهڙيون حالتون ٻہ ايندیون آهن جن ۾ خلافِ معمول ڪم ڪري ويهندا آهن . پر انهن تي مواخذو ناهي . جاڻي واڻي عبث ڪرڻ سان نماز ۾ خلل پوي ٿو. پر جا ڳالهہ بي خودي ۾ سرزد ٿئي تہ ان تي ميار نہ آهي.

ڪنن ۾ آواز

هڪ دفعي محمد فقير ترڪ چيو ته حضرت سائين کان پڇا ڪري ڏي ته آءٌ جڏهن رات جو سمهان ٿو ته ڪنن ۾ آواز ٿين ٿا. جيڪي ساري رات هلن ٿا اهو ڇا آهي؟ هن فقير حضرت سائين کان ان بابت پڇيو پاڻ فرمايائون ته توهان ان کان پڇو ها ته اهي ڪمزي قسم جا آواز آهن. ڪنن ۾ جيڪي آواز ٿيندا آهن. انهن جا ٻي قسم هوندا آهن.

هڪڙا خدا جي ٻانهن کي آواز ٿيندا آهن. جن کي الهام ٿا چون انهن ۾ چگهائي رکيل هوندي آهي. ٻيا وري شيطاني آواز ٿيندا آهن. جي بچڙائي جا هوندا آهن. ٽيان آواز دماغ جي ڪمزوري کان ٻ ٿيندا آهن جيڪي سڄي رات ڪنن ۾ شور ٻڌڻ ۾ ايندو آهي .

وضو گناه ميٽي ٿو

هن فقير کي هڪ دفعي سخت بخار ٿيو. پوءِ وضو ڪيم ته بخار هلڪو ٿي ويو. وري ٻئي وقت تي وضو ڪيم ته بخار اڃا ٻ هلڪو ٿي ويو. اها ڳالهه حضرت جن جي خدمت ۾ عرض ڪيم پاڻ فرمايائون بيماريون گناهن سبب آهن، وضو گناهن جو ڪفارو آهي. جڏهن بيمار بنجڻ جو سبب هٿي ٿو ته بيماري ٻ هٿي وڃي ٿي.

اتباع سنت

فرمايائون : اسان جي سلسلي عاليہ نقشبنديہ جو بنياد سنتن جي تابعداري ۾ بدعتن کان بيزاري متان آهي. بدعات ۾ انڌيرو آهي. سنت نبوي ۾ نور ۾ دلين جو سرور آهي.

ڏاڙهي جو وعدو

هڪ فقير حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه جي خدمت ۾ عرض ڪيو ته مون کي زال نہ ٿي ملي دعا ڪيو. پاڻ فرمايائون: "تون اسان سان ڏاڙهي رکڻ جو وعدو ڪر، اسان ٻ توسان وعدو ٿا ڪيون ته توکي جڏهن ڏاڙهي مُٺ ٿيندي ان ڏينهن تو کي سڏي زال ڏينداً". الله جي قدرت ان فقير ائين ڪيو جڏهن ان جي ڏاڙهي پوري مُٺ برابر ٿي ته ان کي سڏي سگ ڏنائون.

ڏنڊ سان پيار

محبوب الاهي شاهه بابا رحمة الله عليه جو هميشه دستور هيو ته پاڻ جڏهن به وضو ڪندا هئا ته اول ڪافي دير تائين ڏنڊ ڪندا هئا. هڪ دفعي پاڻ ڪنهن تبليغ جي سفر ۾ هئا. سندن ڏنڊ مبارڪ ڪٽي ڪِري پيو. ڏنڊ جي ويڇوڙي تي تمام گهڻو رُنا ۽ ڳوٽ تائين ڳوڙها ڳاڙيندا آيا. گهر وارن حال احوال پڇيو ته پاڻ فرمايائون اول مون کي ڏنڊ ڏيو. منهنجو ڏنڊ منهنجي مرشد مون کي سفر حضر جو رفيق بنائي ڏنو هيو، سو ڪِري پيو آهي. پوءِ جڏهن کين ڏنڊ پيش ڪيو ويو، اهو کيسي ۾ رکيائون پوءِ سفر جا حال احوال اوريائون. هي سندن سنتِ رسول ﷺ سان ڪمال محبت جو عالم هيو.

گڏهه جي سواري

ڪرمپور شريف جي پرسان لنڊ فقيرن سندن دعوت ڪئي. ان وقت ڪا ٻي سواري نه هئي، پاڻ فرمايائون گڏهه ڪاهي اچو ته ان تي هلنداسين. منهنجي محبوب ڪريم ﷺ خود گڏهه جي سواري ڪئي آهي. پوءِ پاڻ گڏهه تي سوار ٿيا. فقير پويان ذڪر ڪندا هليا. دعوت تان واپس ورڻ بعد فرمايائون ان سنت جي ادائگي سان اسان کي روحانيت ۾ تمام گهڻي ترقي نظر آئي آهي. چوته فيض برڪت آهي ئي سنتن جي ادائگي ۾ .

والدين جي وفات

هڪ ڏينهن پاڻ قبرستان ڏانهن ويا ۽ هلندي هڪ جاءِ تي اچي ٻيٺا. فرمايائون ته هي جاءِ اسان جي فقيرن ۽ عزيزن جو قبرستان ٿيڻ گهرجي. ٻئي ڏينهن سندن والد وفات ڪئي ان کي ان جاءِ تي دفنايو ويو. پاڻ هر جمعه جي رات سورة يس پڙهي انهن جي ارواحن کي ختمو ڏيندا هئا ۽ جڏهن خانپور ۾ هوندا هئا ته هر جمعه تي قبرستان وڃي ختمو ڏيندا هئا. جڏهن فضل آباد هجرت ڪري آيا پوءِ جڏهن به جلسو ملهائڻ خانپور ويندا هئا ته ضرور والدين جي قبر تي ويندا هئا. جڏهن قبرستان تي ايندا هئا ته مسنون سلام ڪندا هئا.

السَّلَامُ عَلَى أَهْلِ الدِّيَارِ مِنَ الْمُؤْمِنِينَ. أَنْتُمْ لَنَا سَلَفٌ وَإِنَّا إِنْ شَاءَ اللَّهُ بِكُمْ لَاحِقُونَ. أَسْأَلُ اللَّهَ لَنَا وَلَكُمُ الْعَافِيَةَ السلام عليكم يا أهل القبور يغفر الله لنا ولكم أنتم لنا سلف ونحن بالأثر.

پوءِ ختم ڏيڻ لاءِ قبر جي ساڄي طرف اوپر ڏي منهن ڪري ويهندا هئا. ويهڻ دوز انو هوندو هين. جيڪا جماعت هوندي هئي ان کي به قل شريف پڙهڻ جو حڪم ڏيندا هئا. پوءِ انهن جي لاءِ دعا گهرندا هئا.

جڏهن حضرت جن جي والده ماجده جو انتقال ٿيو تہ پاڻ نمازِ جنازه پڙهايائون. پوءِ جڏهن قبرستان ڏانهن هليا تہ شديد گرمي جي موسم هئي. هن عاجز کي گهران چٽي ڪٽي اچڻ لاءِ چيائون. جڏهن چٽي آندم پاڻ ان جي ڇانوَ ۾ بينا رهيا. جيستائين دفن جو ڪم سر انجام ٿيو. وري واپس آيا تہ گهر اچي ماني کاڏائون. ماڻهن انهن ٻنهين ڪمن تي اعتراض ڪيو پاڻ فرمايائون تہ ڇانوَ ڪرڻ يا ماني کائڻ ۾ ڪوبہ حرج ناهي.

مريدن جي محبت

هڪ دفعي پاڻ قاسم رودناٽي ڳوٺ ۾ منزل انداز هئا. اتي ٻہ راتيون قيام فرمايائون. فقيرن جو اصرار هيو تہ اڃا ٽين رات ٻہ رهو. کين پئي هنڊ دعوت تي وڃڻو هو. رات جو فقيرن سواري جا گهوڙا چوڙي جهنگ ڏانهن رواڻي چڏيا تہ سواري نہ هوندي تہ سائينجن رهي پوندا. صبح جو پاڻ فرمايائون سواري آڻيو فقيرن ماجرا بيان ڪئي تہ گهوڙا رات جو فقيرن کولي چڏيا آهن. سامهون گڏهہ ٻيڙل هيو، پاڻ فرمايائون تہ اڄ ان سنت تي عمل ڪنداسين. چو تہ اڻتي وعدو ٽيل آهي، اتي ضرور پهچڻو آهي. پوءِ پاڻ هي نقل بيان فرمايائون تہ هڪ بزرگ جو وطن پري هيو. مريدن وٽ سفر ڪري ايندو هيو. يا وري مريد سفر ڪري مرشد ڏانهن ويندا هئا. هڪ پيري بزرگ مهمان ٿي آيو تہ مريدن خيال ڪيو تہ چونہ سائينجن کي هتي ئي دفن ڪري چڏيون تہ پوءِ صبح شام ويڙا زيارتون ڪيون پنڌن کان بہ ڇٽي پئون. بزرگ کي بہ خبر پئجي وئي سو راتو واهہ نڪري روانو ٿي ويو. کلي فرمايائون شايد اوهان بہ اهڙو ارادو ڪيو آهي. پوءِ فقير پشيمان ٿيا ۽ سواريون پيش ڪيائون ۽ پاڻ روانا ٿي ويا.

بُرا لقب نہ ڏيو

فقير جي استاد مولانا گل حسن صاحب جن بيان ڪيو ته آءٌ درگاه شريف الله آباد خانپور ۾ رهيل هوس. هڪ ڏينهن حضرت جن فرمايو ته اسان قرآن شريف جو دور ڪرڻ شروع ڪيو آهي، ڏسون ٿا اسان ۾ جيڪي غلطيون هوندیون انهن جو ازالو ڪندا سين.
پوءِ روزانو ڪنهن نه ڪنهن ڳالهه ۾ فقيرن جو اصلاح فرمائيندا هئا. هڪ ڏينهن فرمايائون ته اڄ اسان قرآن شريف ۾ پڙهيو آهي ته:

وَلَا تَنَابَزُوْا بِالْاَلْقَابِ ۱ ۚ بڇڙن لقبن سان نه سڏيو.

درگاه شريف تي هڪ فقير رهندو هيو ان کي "جمونو" سڏيندا هئا ان ڏينهن پاڻ منع فرمايائون ته هن کي جمونو نه سڏيو. جيڪو سندس نالو آهي ان سان سڏيو.

چور جي پوئواري

حضرت جن جي هڪ رشتيدار چوري جو ڏوهه ڪيو. اها ڳالهه حضرت جن سان بيان ڪئي وئي. پاڻ ان کي گهرائي پڇيائون. ان ساڻن ڪوڙ ڳالهايو ته ان اهو ڏوهه نه ڪيو آهي. پوءِ اهو ڏوهه مٿس ثابت ٿيو. پاڻ فريادي ڏر کي چيائون ته ان کي جيل ۾ وجهو. پوءِ ان کي قيد ۾ رکيو ويو. ماڻهن ڳالهه ڪئي ته اوهان جي عزيز کي پوليس سخت ماريو آهي. حويلي شريف ۾ کين عرض ڪيائون ته هاڻي ان جي ضمانت ڪرايو پاڻ فرمايائون اسان هرگز ظالم جي پوئواري نه ڪندا سون. چو ته برن جو پاسو ورتوسين ته اهو چور ته اسان پاتاريدار ٿياسين پوءِ اسان جي فقيري ڇاجي؟

مردن جو سينگار

هڪ ماڻهو سندن حضور ۾ عرض گذاريو ته حضرتا ! فقير ٿيو آهيان ۽ ڏاڙهي رکائي اٿم، هاڻي پيا ته سپ مخالف ٿي ويا آهن پر منهنجي گهر جا پاڻي به سخت مخالف ٿي ويا آهن. زال به چوي ٿي ته ڏاڙهي کوڙاءِ. پاڻ ان کي فرمايائون ته تون زال کي چؤ ته الله تعالىٰ مردن کي ڏاڙهي جي وارن سان سينگاريو آهي زالن کي مٿي جي وارن سان. هاڻي جيڪڏهن تون مٿو کوڙائين ته مان به ڏاڙهي کوڙائيان. فقير صاحب ائين وڃي زال کي چيو وري کڏهن زال ان کي ڏاڙهي کوڙائڻ لاءِ نه چيو.

فرمايائون: آسمان تي ڪجھ فرشتا اهڙا آهن جيڪي هر وقت الله جي تسبيح هنن لفظن ۾ بيان ڪري رهيا آهن: "پاڪ آهي اها ذات جنهن مردن کي ڏاڙهي جي وارن سان ۽ عورتن کي متي جي وارن سان سينگاريو آهي".

تکليفن جا اسباب

حضرت محبوب الاهي صابر ۽ شاڪر هئا. رنج توڙي راحت هر حال ۾ الحمدلله پڙهندا هئا. هڪ دفعي برسات جي موسم هئي. حويلي واري جاءِ سخت مينهن سبب وهڻ لڳي. پاڻ هن عاجز کي حڪم فرمايائون گارو ٺهرائي ڇت جي لنب ڪر. فقيرن گارو ٺاهيو ۽ آءٌ لنب ڪري رهيو هيس. اها سندن عادت هئي جو پٽن توڙي مريدن کي ڪم ڪار پورهيو ڪرڻ جو حڪم ڏيندا هئا. فرمائيندا هئا ته تن آساني نہ ڳوليو. محنت ڪيو. سندن فرمان مطابق هي فقير راڄي وارو ڪم ڪري رهيو هيو ۽ فقير گارو متي پهچائي رهيا هئا. ان وقت پاڻ ٻہ ڏاڪڻ تان متي چڙهي آيا ۽ هن فقير کي سمجهائڻ لڳا. جڏهن هيٺ لٿا ته ڏاڪڻ تي گپ لڳل هئي سندن جتي مبارڪ تِرکي پئي ۽ پاڻ زمين تي آيا. ان وقت سندن زبان تان لفظ "الله" زور سان نڪتو. هيٺ پکيون سرون ۽ ڪانڌيرا پيل هئا. ڪين سخت ضرب آئي ۽ ڪنڌا سندن جسم ۾ پيوست ٿي پيا. پاڻ اٿي جڏهن حويلي مبارڪ ۾ بستري تي دراز ٿيا ته بار بار الحمد لله پڙهڻ لڳا. سندن هٿ مبارڪ مُڙي پيو ۽ ٽنگ ٻہ ضربجي پئي. ان وقت پاڻ کي نمازون ويهي ٻہ پڙهيائون. مگر جماعت نماز نہ چڏيائون. سخت تڪليف جي حالت ۾ ٻہ تهجد نماز پڙهندا رهيا. جڏهن فقيرَ عيادت لاءِ آيا ته پاڻ فرمايائون ته هي سڀ منهنجي عملن جي شامت آهي. پوءِ پاڻ نقل بيان فرمايائون ته هڪ فقير چوندو هيو ته منهنجو گڏهہ پنڌ متائيندو آهي ته ٻہ مان پنهنجي عملن جي شامت پائيندو آهيان. سڀ پنهنجي عملن جي ڪري آهي.

فرمايائون تڪليفن ۽ ڏکن ۾ ٻہ الله جي رحمت آهي ۽ ڏک ۽ تڪليفون گناهن جو ڪفارو آهن. ان وقت پاڻ هي حديث قدسي پڙهيائون انس ﷺ چيو ته رسول الله ﷺ فرمايو ته الله عزوجل ٿو فرمائي ته:

وعِزَّتِي وَجَلَالِي لا أُخرِجُ أحَدًا مِنَ الدُّنيَا أُرِيدُ اغفِرُ لَهُ حَتَّي اسْتَوفِيَ كُلَّ خَطِيئَةٍ فِي عُنقِهِ بِسَقَمٍ فِي بَدَنِهِ وَإقْتَارٍ فِي رِزقِهِ [1]

مون کي پنهنجي عزت ۽ جلال جو قسم مان جنهن به ڀانهي کي بخشڻ جو ارادو ڪيان ٿو ان کي هرگز دنيا مان نه ڪيندس تانجو ان کي ان جي هر گناه جي سزا دنيا ۾ نه ڏيان جيڪي سندس گردن ۾ آهن. پوءِ بيماري ان جي بدن ۾ ڏيان يا انجي رزق ۾ تنگي ڪيان.

پوءِ فرمايائون: الله تعالي کان دعا گهريم ته اي خدا جيڪو تنهنجي طرفان مليو ان تي راضي آهيان مگر خدايا ايتري مهرباني ڪر جو مون کي نماز ۽ تهجد پڙهڻ جي توفيق ڏي. اي خدا تو کي منهنجي عملن جي ڪابه ضرورت ناهي مگر اي رب مون تو سان لئو لاتي آهي. تنهنجي ڪم ڪندي اڇي ڏاڙهي ٿي وئي آهي. هاڻي اها توفيق ڏي ته تنهنجي عبادت ڪري سگهان. پوءِ ان تڪليف دوران هڪ اهڙو به وقت آيو جو پاڻ اشارن سان به تهجد نماز ادا ڪيائون. [2]

شيطاني ناڪابندي

هڪ فقير سندن حضور ۾ آيو دست بوسي ڪيائين. پاڻ فرمايائونس ته گهٽي دير کان پوءِ آيو آهين؟ چيائين سائين بس شيطان لوڙها هنيون وينو آهي تياري ۾ ڪندو آهيان پر اچڻ نه ٿو ڏئي. پاڻ فرمايائون: "شيطان کي ٻيو ڪهڙو ڪم آهي نه بيمار ڏئي نه متي ۾ سور ڏئيس نه شادي تي وڃي. ڪم ئي اهو اٿس ماڻهن کي گمراه ڪرڻ. اسان وٽ اچڻ لاءِ شيطان پليت چوڌاري ناڪا هنيون وينو آهي، چو ته ابليس کي خبر آهي جيڪو الله جي ذڪر واري مجلس ۾ ويندو سو نيڪ صالح بنجي ويندو."

غير شرعي شادي

---

[1] رواه رزين.

[2] اها سندن ڪسر نفسي هئي، پاڻ کي گنهگار سڏيائون ۽ تڪليف کي گناهن جو ڪفارو چيائون. اها حقيقت آهي ته الله جي نبين صديقن، شهيدن، ولين کي جيڪي تڪليفون ايندين آهن سي انهن جي درجات جي بلندي لاءِ هوندين آهن. بدر، احد، حُنين، طائف، تبوڪ، حديبيه، ڪوفه، ڪربلا وغيره ۾ اهل حق کي جيڪي تڪليفون آيون سي سڀ سندن درجات جي بلندي لاءِ هيون.

هڪ فقير حضرت سائين جن کان مسئلو پڇيو تہ سندس پاءِ جي شادي خلاف شرع طريقي سان ٿي رهي آهي. ان ۾ ڪيس بہ دعوت آهي ان ۾ وڃڻ گهرجي يا نہ ؟ پاڻ جوش ۾ اچي ويا فرمايائون:

"منهنجي محبوب عربي ﷺ جي شريعت جي خلاف شادي هجي ان ۾ پاڻ تہ شريڪ نہ ٿيو پر ان جو پڻ پنهنجي ڪُتي کي بہ نہ کارايو". پر فقيرُ مصلحتن مجبورين جو شڪار ٿي ان شادي ۾ شريڪ ٿيو. جيئن شادي مان ٿي آيو. ڇڻ پنجن ڏينهن بعد بجلي جي ٽٽي تان ڪري پيو سخت ڏڪ لڳس اسپتال ۾ داخل ٿيو. هزارين روپيا خرچ ڪرائي چٽي آيو. پوءِ حضرت جن وٽ آيو تہ پاڻ کيس سختي سان فرمايائون تون اسان جو مريد ناهين. توکي اجازت آهي پلي ڪنهن ٻئي پير جو مريد وجي ٿي تنهنجي اسان کي ڪا بہ ضرورت نہ آهي. پوءِ اهو فقير تمام عجز ۽ نياز ۽ انڪساري سان پنهنجي ڪيل گناهہ جي سچي توبہ ڪري معافي گهرياٸين پوءِ پاڻ ان تي راضي ٿيا.

صبر ۽ توڪل

فقير عبد القادر سومري بيان ڪيو تہ جڏهن حضرت صاحب جن خانپور ۾ رهائش پذير هئا. آءِ ان وقت وٽن وڃي ممان ٿي ڪجهہ ڏينهن رهيس. مون حضرت صاحب جن جي صبر ۽ توڪل جو عجيب رنگ ڏٺو. بظاهر سندن حال تمام مسڪيني وارو هيو. پر ڪنهن کان چندو گهڙ يا سوال قطعي ڪو نہ ڪندا هئا. جيڏي مهل بہ جنهن شيءِ جي ضرورت کين پوندي هئي اها شيءِ بنا گهرڻ جي غيبي طرح ملي ويندي هئي. اهڙين عجيب ڳالهين جو مون خود اکين سان مشاهدو ڪيو. هڪ شام جو آءِ سندن اڳيان ويٺو هيس تہ حويلي مان ماڻهو آيو تہ دال جي ضرورت آهي. پاڻ خاموش وينا ٿي هئا تہ ٿوري دير ۾ خانپور جو هڪ ماڻهو مٽي تي دال جو اڌ ڪتو ڪٽي آيو. پاڻ حويلي ڏانهن ڏياري موڪلياٸون. آءِ سندن حضور ۾ ويٺو هيس تہ خدمت واري فقير چيو سائين ڪوٽ کي دروازو نہ آهي رات جو جانور اندر گهڙي اچن ٿا. پاڻ فرمايائون، دروازو بہ الله ڏيندو. ٿوري دير بعد هڪ ماڻهو هڪ دروازو ڪٽائي آيو. پاڻ پڇياٸونس هي ڇو آندو اٿئي؟ چياٸين مون پنهنجي گهر لاءِ

دروزا ڏمرايا هئا، هڪ دروازو اضافي ٿي پيو. مون چيو اهو اوهان جي درگاهه تي پچايان. ان وقت پاڻ مون ڏانهن ڏسي مشڪي فرمايائون:

وَ مَنْ يَّتَوَكَّلْ عَلَى اللّٰهِ فَهُوَ حَسْبُهٗ ١ ڄيڪو ماڻهو الله تي پروسو ڪندو الله ئي ان لاءِ ڪافي آهي.

خدمتگري

26 شوال 1404هـ اربع جي رات هئي. منهنجا آقا منهنجا مرشد ڪريم منهنجا شاهه بابا رحمة الله عليه بستري تي ليٽيل هئا. ڪين زور ڏئي رهيو هيس. ان وقت پاڻ زبان مبارڪ مان فرمايائون: حضرت پير سائين جن فرمائيندا هئا ته منهنجي بيعت اڳ مِ حضرت پير فتح محمد قادري رحمة الله عليه سان هئي. اهو اسان جو ابا جدي مرشد هيو. تمام ضعيف العمر هيو. ان جو هڪ فرزند عبدالغفار نالي هيو. تمام نيڪ صالح ۽ خدمتگذار هيو. والد صاحب کي وضو پاڻ ڪرائيندو هيو. پاڻي هاريندو هيو، پير ڌوئندو هيو. وري ڪپڙي سان هٿن ۽ پيرن کي اگهندو هيو. بزرگ هلندو هيو ته صاحبزادو سندس سهارو ٿي هلندو هيو. پاڻ جُتي مسجد جي در تي لاهيندو هيو ته اها ڪٽي پنهنجي رومال مِ ويڙهي سيني سان لائي رکندو هيو. وري بزرگ باهر نڪرندو هيو ته اڇيان جُتي رکندو هيو. بزرگ سمهندو هيو ته زور ڏيندو هيس. اول بزرگ کي ڪارائيندو پياريندو هيو. پوءِ پاڻ کائيندو پيئندو هيو. بزرگ جي ڪنهن به ڪم لاءِ گهر وارن کي نه چوندو هيو مگر پاڻ خدمت ڪندو هيو. رات جو به جيستائين بزرگ کي زور ڏئي سمهاري اجازت نه ونڊندو هيو تيسين پاڻ ماني نه کائيندو هيو. مطلب ته پنهنجي والد سان اهڙي محبت هيس جيئن عاشق جي پنهنجي معشوق سان. پوءِ بزرگ صاحب به اهڙو رنگ لاتس جو وڏو بزرگ ڪامل ٿي ويو. بزرگ فتح محمد صاحب وڏو صاحبِ درد هيو. سندس مزاج عارفانه ۽ عاشقانه هئي. هڪ ڏينهن پير سائين جن کي چيائين ته ابا هي عشق جو قصو آهي ان کي نظم مِ ناهي ڏي. مرشد ڪريم زبردست شاعر هيا. اهو قصو جامي جي ڪتاب "زليخا" جي سُر تي سرائڪي بيتن مِ ناهي ڪٽي ويا. پوءِ جمعي تي بزرگ پڙهڻ جو حڪم ڪيو. سائينجن اهو پڙهيو اڄا اڏ پڙهيائون دير ٿي وئي. بزرگ تمام گهڻو رنو بيحد جذبو ٿيس. چيائين ته ابا وري ٻئي

جمعي تي اچي باقي اڌ پڙهجان۽. پوءِ پاڻ ٻئي جمعي تي ويا باقي قصو پڙهيائون. بزرگ بي حد رنو. پوءِ هڪ ڪلاه بہ ڪين تحفي ۾ ڏنائين ۽ دعا لاءِ هٿ کنيائين. سائينجن فرمايو تہ مون بزرگ صاحب جي هٿن کي روڪي چيو تہ

سائين دعا ان وقت گهرجو جڏهن رب تعاليٰ سان خاص وقت ملي. " لِي مَعَ الله وَقت". واري ويل مون لاءِ دعا گهرجو. فرمايائين ان وقت بہ دعا گهرندس. پر هينئر بہ منهنجا هٿ نہ روڪ. پوءِ دعا گهريائين چيائين تہ ابا مان اهڙي دعا تو لاءِ تو گهران جو تو کي پاڻ منهنجي دعا جي خبر لڳندي. پوءِ حضرت جن جڏهن دين پور ۾ آيا اتي تمام ٻي حد جماعت طريقي ۾ داخل ٿي. جماعت ۾ جذبو تمام گهڻو هوندو هيو. پوءِ پاڻ فرمائيندا هئا تہ هي فائدو فيض منهنجي ان پير جي دعا جو اثر آهي. اها گفتگو ڪري پاڻ آرامي ٿي ويا.

پر قسم سان بطور تحديث نعمت جي لکان ٿو تہ منهنجي حضرت جن سان عاشقانہ محبت هئي. ڏهه سال سندن چهري کي بنا وضو جي نہ ڏٺو هيم. پر ان رات تہ سندن ان گفتار ۾ اهڙي ڪا تاثير هئي، جو هن فقير جي ڪيفيت بہ اها بنجي وئي. تيسين آرام نہ ڪندو هيس جيسين ڪين آرام نہ ڪرائيندو هيس. ڪين وضو ڪرائيندو هيس. ضرورت وقت ڪين زور ڏيندو هيس. بازار مان گوشت سبزي يا سندن پسند جا ڪاڏا وٺي اچي پاڻ پنهنجي هٿن سان رندي پچائي ڪين کارائيندو هيس. آڻ پورچي تہ ڪو نہ هيس پر منهنجي هٿن جو ناهيل ڪاڏو جيڪو بہ ڪائيندو هيو سو چوندو هيو تہ ڪاڏو ڏاڍو لذيذ آهي. حضرت جن سان والهانہ محبت هوندي هيم. ديس پرديس ساڻ رهندو هيس. سندن سامهون ڪٽ تي نہ ويهندو هيس. پوءِ پاڻ حڪم ڏنائون زمين کان صرف هڪ فوٽ اوچي ڪٽ ٺهرايم. ڏهه سالن تائين سندن ڪاڪوس ڀهارينڊو رهيس. ڪڏهن سندن جتي مبارڪ ۾ پاٽي وجهي پيالي وانگر ڪري اهو پاٽي پيئندو هيس. روزانو فجر جي نماز کان اڳ مسجد شريف ڏانهن اچڻ واري سندن گهٽي ڀهارينڊو هيس. ڪڏهن محبت جو اهڙو جنون ٿيندو هيو جو پنهنجي ڏاڙهي سان سندن گهٽي ڀهارينڊو هيس. عاجز کي تمام گهڻو سندن ويجهو رهڻ ۾ خدمت ڪرڻ جو موقعو مليو.پاڻ بہ هن فقير سان ٻي انداز شفقت ۾ محبت فرمائيندا هئا. ان جو اندازو سندن هڪ قول مان لڳائي سگهجي ٿو. سندن اهو بيان ڪيسٽ ۾ محفوظ آهي. پاڻ

فرمايائون: "جيڈي مهل بہ دعا ٿو گهران تہ ڪرم الله جي تصوير منهنجي اڳيان اچي وڃي ٿي. دعا ڪنهن ٻئي لاءِ ٿو گهران پر زوري دعا ڪرم الله ڏانهن هلي ٿي وڃي".

لک الحمد ولک الشكر يا الله ثم لک الشكر يا ابي يا قرة عيني. جزي الله عني خير الجزاءِ

استخارا

پاڻ ماڻلي جي پرسان ننگر لاءِ زمين ونڻ جو ارادو ڪيائون ۽ هن فقير کي فرمايائون: "اول استخارا ڪيو. اگر فائدي ۾ آهي تہ پوءِ وٺنداسين". هن فقير استخارا ڪئي جڏهن جواب سٺو مليو پوءِ پاڻ زمين خريد ڪيائون. پوءِ فرمايائون تہ: ڪنهن بہ اهم ڪم ۾ اول استخارا ڪرڻ گهرجي. استخاره جو مطلب الله کان خير طلب ڪرڻ آهي. فرمايائون حديث نبوي ۾ بہ آيو آهي تہ:

مَا خَابَ مَنِ اسْتَخَارَ , وَلَا نَدِمَ مَنِ اسْتَشَارَ [1]

جنهن استخارا ڪئي سو نقصان نہ ڏسندو۽ جنهن صلاح مشورو ڪيو سو پشيماني نہ ڏسندو.

دعا شفا

جڏهن سائل، بيمار، حاجتمند دعا شفا لاءِ ايندا هئا تہ پاڻ في سبيل الله انهن کي دعا تعويذ ڏيندا هئا. آخر ۾ پاڻ هن فقير کي تعويذ لکڻ جو حڪم فرمايائون. خاص طرح تبليغ ۾ گهڻا تعويذ لکي ۽ ڪٽي هلڻ جو حڪم ڪندا هئا. فرمايائون هڪ بزرگ وٽ ائين دستور آهي جو تمام گهڻا تعويذ لکندا آهن پوءِ اهي فقيرن کي ورهائي ڏيندا آهن. ڪنهن کي ضرورت نہ هجي تہ بہ انهن کي ڏيندا آهن تہ مرشد جي هٿن جو تعويذ برڪت آهي. پاڻ ڪڏهن پاڻي تي شوڪاري هڻڻ لاءِ بہ هن عاجز کي فرمائيندا هئا.

حفظِ حديث

---

[1] اخرجه الطبراني في المعجم الصغير عَنْ أَنَسِ بْنِ مَالِكٍ (175/2)

هن عاجز کي دورهٔ حديث پاڻ پڙهايائون. اڪثر حديثون پڙهائيندي پاڻ آبديده ٿي پوندا هئا. حبيبن ڪريمن ﷺ جون حديثون سندن اٽڪ ويهڻ، ڪلڪ ڪائڻ جا تذڪرا پڙهائيندا پاڻ زار و زار روئندا هئا. ڪن حديثن بابت فرمائيندا هئا ته هي ياد ڪجو، هي لکي ڇڏجو، هي جماعت کي پڙهي ٻڌائجو پوءِ فقير سندن حڪم جي تعميل ڪندو هيو.

شرفِ امامت

هڪ دفعي ڪين ڏندن ۾ تڪليف هئي. ان ڪري رت بند نه پئي ٿيو. پوءِ هن عاجز کي نماز پڙهائڻ لاءِ فرمايائون. پاڻ اقتدا ڪيائون. اهڙي طرح ٽپهري، سج لٿو، سومهٽي ۾ فجر نمازون هن عاجز پڙهايون. سلام پڙهي عاجز مصلي تان لهي پاسي تي ٿي ويهندو هيو. پوءِ دعا لاءِ ڪين عرض ڪندو هيس. پاڻ دعا گهرڻ لاءِ هن عاجز کي فرمايائيندا هئا. ان موقعي تي خليفہ محمد رمضان ، منظور احمد، محمداقبال، خليفہ محمد موسيٰ رند به موجود هئا. پوءِ عمر جي آخري ايام ۾ مڪمل امامت جي خدمت هن عاجز جي حوالي فرمايائون.

مرشد جي مزار تي

هڪ دفعي پاڻ دربار رحمتپور شريف هليا. هي عاجز ، خليفہ محمد حسين نانگري، محمد حيات فوجي به ساڻ هئاسين. پهريائين پاڻ وضو فرمايائون پوءِ مسجد شريف جي صحن ڪان ٽيندا روضي شريف ۾ آيا قبر شريف جي الهندي طرف ويٺا ۾ ڪجهہ پڙهندا رهيا. تانجو کين جذبي جي حالت طاري ٿي. خليفہ صاحب ۾ محمد حيات صاحب کي به تمام گهٽو جذبو ٿيو. گهڻي دير بعد دعا گهريائون ۾ ڪجهہ دير ويٺا رهيا. پوءِ خليفو ميان اميرالدين آيو ۾ ٻنهين جي پاڻ ۾ عجيب گفتگو ٿي. ٻئي پنهنجي مرشد ڪامل جون ڳالهيون ياد ڪندا رهيا ۾ روئندا رهيا. پوءِ ننگر خاني جي حجرن وٽ آيا اتي فقير گوشت سُڪائي رهيا هئا. پاڻ انهن سان گفتگو ڪندي فرمايائون ته ادا آءٌ ته هيئن سمجهندو آهيان ته رحمتپور ۾ رهندڙ فقيرن جي خاڪ جي برابر نه آهيان جو پير جو پاڙو ڏيون ويٺا آهن. پوءِ پاڻ سجاده نشين حضرت مظهر جان جانان سائين جي ديدار لاءِ

حجري شريف طرف آيا. خبر پئي پاڻ سفر تي اسريل آهن. پوءِ پاڻ هڪ خدمتگار فقير کي سندن واسطي نذرانو ڏنائون. جڏهن واپس آيا ريل جي پٽڑي ٽپياسين تہ فرمايائون تہ پير سائين جو فيض ائين جاري آهي، جئين جئ پاڻ وصال ئي نہ ڪيو اٽن. اسان بہ سپ ڏکن سورن جون دانهون ڏئي آيا آهيون ۽ مدد ونئي نڪتا آهيون.

نماز باجماعت

دربار فضل آباد ۾ حضرت جن جي پاڙي ۾ هڪ عمارت تعمير ٿي رهي هئي، ان جا رازا ۽ مزدور نماز پڙهڻ لاءِ غفاري مسجد ۾ ايندا هئا. اهي اڪثر ديوبندي هئا. اهي سائينجن جي پويان جماعت سان نماز نہ پڙهندا هئا. جدا نماز پڙهي ويندا هئا. هڪ ڏينهن عصر نماز بعد پاڻ انهن کي سڏي ويجهو ويهاري فرمايائون: سڻي نبي ڪريم ﷺ فرمايو آهي:

صلاة الجماعة أفضل من صلاة أحدكم وحده بخمسة وعشرين جزءا[1]

جماعت سان نماز پڙهڻ اڪيلي نماز پڙهڻ کان پنجويهہ ڀيرا وڌيڪ آهي.

ابن عباس رضي الله عنه کان پڇيو ويو تہ هڪ ماڻهو ڏينهن جو روزا رکي ٿو رات جو عبادت ۾ قيام ڪري ٿو، پر نہ جمعہ ۾ اچي ٿو نہ جماعت سان نماز پڙهي ٿو. فرمايائين اهو جهنم ۾ آهي.[2] اوهان جماعت سان نماز چونہ ٿا پڙهو؟ اها نصيحت پٽڻ بعد جماعت سان نماز پڙهڻ لڳا.

هڪ ڀيري پاڻ جمادي الاول 1409 هـ جو جلسو ڪرمپور مان ملهائي، جڏهن واپس اچي گهر پهتا تہ مسجد ۾ نماز ظهر با جماعت ادا ٿي چڪي هئي. پاڻ هن فقير ۽ صاحبزادي فضل الله کي فرمايائون تہ توهان اچي منهنجي پٺيان نماز ۾ شريڪ ٿيو تہ جماعت ڪري پڙهون. جماعت جو ثواب نہ وڃايون.

پُٽي صاحب جي وقت ۾ رمضان ڪريم جو مهينو هيو. وڏي بارش پئي هئي ڏهہ ڏينهن اسان سج جو تڙڪو ڪو نہ ڏٺو هيوسين، مسجد جي رستي ۾ پاڻي پاڻي هيو. تن ڏينهن ۾

---

[1] اخرجه مسلم عن أبي هريرة. رضي الله عنه (1/449)

[2] سئل ابن عباس عن رجل يصوم النهار ويقوم الليل. لا يشهد جمعة ولا جماعة؟ فقال: هو في النار سنن الترمذي (1/423)

پاڻ پنهنجي پٽن، نياڻين، گهر وارين کي گڏ ڪري جماعت ڪري نماز ۾ پڙهائيندا هئا تراويحون ۾. اهڙي نازڪ صورتحال ۾ به جماعت نماز نه چڏيائون. جڏهن آخر عمر ۾ ناچاڪ هئا تڏهن به پاڻ کي ڪٽائي به اچي نماز جماعت سان پڙهندا هئا.

شرعي حيلو

هڪ ڏينهن ٽهري نماز بعد خليفي روشن علي صاحب مسئلو پڇيو ته : سائين هڪ ماڻهو وٽ صريحاً حرام جا پئسا آهن. جئين وياج، جوا يا رشوت وغيره . ان رقم مان ورتل ڪا شيءِ ان ماڻهو وٽ آهي. هاڻي ڪو ماڻهو پنهنجي حلال پئسن تي ان کان اها شيءِ وڻي سگهي ٿو يا نه ؟ پاڻ فرمايائون ته جنهن جي پڪي خبر هجي ته هن وٽ حرام جو مال آهي ته ان کان اها شيءِ پنهنجي حلال پئسن تي به نه وٺجي.

فرمايائون: اڇڪلهه اسان جي ملڪ جو معاشي نظام سڄو وياج تي هلي ٿو. بينڪن ۾ توڙي حڪومتي ڪار وهنوار ۾ هر طرف سودي نظام هلي رهيو آهي. جنهن مان ڪنهن به طرح انسان بچي نه ٿو سگهي. هي ته پويون دور آهي پر حضرت حسن بصري رحمت الله عليه جيڪو خير القرون ۾ نمايان شخصيت جو مالڪ هيو سو رزق جي ڳولا ۾ هڪ بزرگ وٽ ويو. ان چيس؟ مان ٽن ڏينهن کان پوءِ جڏهن شريعت حرام ڪائي جان بچائڻ جي اجازت ڏيندي آهي. ان محل ۾ تي لقما جان بچائڻ خاطر ڪائيندو آهيان. اهو ته حسن بصري جو دور هيو جيڪو زمانءِ نبوت کي تمام ويجهو هيو. اڇڪلهه ته زمانو ڪيترو بدلجي چڪو آهي. بس ڪوشش ڪجي جيترو ٿي سگهي احتياط ڪجي.

فرمايائون: علماء هڪ حيلو ٻڌايو آهي ته : اگر ڪنهن وٽ مشڪوڪ پئسو آهي ۽ ڪو دين جو ڪم ڪرڻ چاهي ٿو ته انهن پئسن کي ان ڪم ۾ استعمال ڪري نه ٿو سگهي. پوءِ اهو اُڌار وڻي. اها رقم استعمال ۾ آڻي چڏي. پوءِ پنهنجا مشڪوڪ پئسا اوڌر ادائگي ۾ ڏئي چڏي. سندس ڪم به ٿي ويندو ۽ هُن کي به انجو قرض ملي ويندو. روايت آهي ته:

نبي كريم ﷺ وٽ صدقي جو گوشت آندو ويو. جيڪو بريرة ٻانهي ڏانهن صدقي ۾ موڪليو ويو هيو ان رسول الله ﷺ جي خدمت ۾ موڪليو. پاڻ فرمايائون هن کي رڌيو ته کائون. عرض ڪيو ويو يا رسول الله هي ته صدقي جو گوشت آهي. (پاڻ ڪريم ﷺ صدقي جي شيءِ نه واپر ائيندا هئا) فرمايائون: هُوَ لَهَا صَدَقَةٌ وَلَنَا هَدِيَّةٌ. [1] ان لاءِ صدقو آهي اسان لاءِ هديو آهي.

پير هيڪ سيوا نيڪ

فضل آباد شريف ماتلي ۾ حضرت جن جي پاڙيسرين وٽ انهن جو مرشد مهمان ٿي آيو. پاڻ نماز بعد هن طرح ارشاد فرمايائون: فقيرو! صالحن جي صحبت تمام سٺي ڳالهه آهي. پر هڪ سلوڪ جو مسئلو ياد رکو ته مبتدي مريد کي ٻئي مرشد جي صحبت ۾ نه وڃڻ گهرجي. جيستائين پنهنجي مرشد جي محبت ۾ پختو ٿئي. ڇو ته هرڪو پنهنجي تڙ جي تعريف ڪندو آهي. مريد پنهنجي من ۾ رڳو ائين چيو ته هيءَ ڳالهه هن بزرگ ۾ آهي منهنجي پير ۾ ناهي. سڀ موءِ يعني وار جي مٽي جيترو به پنهنجي مرشد جي باري ۾ دل ۾ خدشو پيس ته فيض جو رستو بند ٿي ويندس. پوءِ فائدو ڪٿي نه سگهندو. يا وري ان بزرگ تي اعتراض ڪيائين ته به فيض جو رستو بند ٿي ويندس. باقي اهو سچي عقيدي وارو مريد جيڪو ڪنهن به بزرگ تي اعتراض نه ڪري، نه وري ان جي مٿان ڪنهن ٻئي جو اثر چڙهي بلڪ سندس اثر ٻين تي چڙهي ته پوءِ اهو پلي وڃي ان کي اجازت آهي.

عجيب نسخو

پاڻ هڪ جاءِ تي ويا ته فقيرن شڪايت ڪئي ته جڏهن به اسانجو فصل لهي ٿو ته هڪ شاهه صاحب جيڪو شيعو آهي. سو اسان کان گڏو لاپو ونڊ اچي ٿو. اسان سيد سمجهي ان کي ڏيون ٿا. پر اهو ٿن يارن جي شان ۾ بد شد ڳالهائي ٿو. هاڻي ان کي خيرات ڏيون يا نه ڏيون؟ پاڻ انهن کي فرمايائون ته جڏهن اهو شاهه گڏو ونڊ اچي ته ان کي ڏيو پر هيئن چؤ ته

---

[1] صحيح البخاري (158/2) صحيح مسلم (120/3)

خيرات واسطي الله جي ثواب خاطر ٽن يارن جي. يا ان کي چئو ته هي گڏو خيرات واسطي الله جي ثواب خاطر پيران پير محبوب سبحاني جي.

پوءِ انهن ائين کيو جنهن ٻني تي وڃي ماٺو چون ته نالي نانؤ الله جي نيت ٽن يارن جي. کي چون هي سارين جو گڏو پيران پير جي يارهين ۾ آهي ته شاهه رسو ڇڪي وڻي چوي ته حرام کري ڇڏيئي. تانجو سڄي ديهه مان ان سال کجهه نه مليس ٻئي سال ساڳيو شاه صاحب آيو ته سُني ٽي چکو هيو.

تبرکات جي تاثير

فرمايائون الله جي مقبول ٻانهن جي لباس ۾ انهن جي جاين ۾ پر انهن جي پيرن جي جُتي ۾ به الله پاڪ تاثير رکائيندو آهي. پوءِ فرمايائون ته: شاهجهان پور ۾ هڪ بزرگ رهندو هيو. ان جي دعا مستجاب هوندي هئي. ماٺو وٽس دعائن لاءِ ايندا هئا. سندس پاڙي ۾ هڪ سپاهي رهندو هيو. اهو سندس مخالف هيو. هميشه کين گهٽ وڌ ڳالهائيندو هيو. کجهه عرصي کان پوءِ فقير صاحب بيمار ٽي پيو. کيس اسهال جو عارضو ٽي پيو. سپاهي سندن بيمار ٽيڙ جي خبر ٻڌي، سوچيائين ته هن فقير کي هميشه گاريون ڏيندو رهيو آهيان پر اڄ تائين هن پنهنجي واتان مون کي کجهه به نه چيو آهي، هلي سندس کجهه خدمت کري اچان ۽ پنهنجي قصور جي معافي ٻه وٺان. پهريائين معافي ورتائين. پوءِ ان بزرگ جي خدمت کرڻ لڳو ۽ ائين خدمت کيائين جيئن خدمت جو حق هوندو آهي. ٻئي اهو بزرگ وصال جي قريب ٽيو ۽ سپاهي کي فرمايائين ته منهنجي صندوق کول. ان مان هڪ صدري، گوڏ ۽ هڪ ٽوپي ڪڍي ان سپاهي کي ڏنائين ۽ فرمايائين ته هي ٽئي شيون مون کي منهنجي مرشد ڏنيون هيون سو اِهي آڻ توکي ٿو ڏيان. ائين چوندي بزرگ جو وصال ٽي ويو. سپاهي کي ڏاڍو ڏک ٽيو.

ٽئين ڏينهن تي کافي ماٺو جمع ٽيا فاتحه بعد ماٺهن چيو ته بزرگ صاحب جيکي شيون توکي ڏنيون آهن، اِهي هڪ دفعو پاءِ. پوءِ پلي لاهي رکي ڇڏجانءِ، اهو ئي طريقو

بزرگن کان هلندڙ آهي. سپاهيءَ غسل ڪري ۽ اهو لباس پهريو تہ ان جي دل جي دنيا بدلجي وئي. پنهنجو گهر ٻار ڇڏي ان بزرگ جي جاءِ تي رهڻ لڳو. انهن ڪپڙن پهرڻ ۽ خدمت سبب ان کي ان بزرگ وارو مقام نصيب ٿي ويو. تڏهن بزرگن فرمايو آهي تہ:

هر کہ خدمت کرد او مخدوم شد* هر کہ خود را دید او محروم شد

جيڪو خدمت ڪندو سو مخدوم ٿي ويندو. جيڪو پاڻ کي ڏسندو سو محروم رهندو. بزرگن جي لڳن سان لڳڻ وارن لٽن ۾ بہ تاثير هوندي آهي.

الله جـي عـنايت

فرمايائون: الله جي مخلوق ننڍي هجي يا وڏي، الله کي تمام پياري آهي. پوءِ فرمايائون تہ حضرت موسيٰ عليہ السلام جي وقت ۾ هڪ وقت بارش وسڻ بند ٿي وئي. ماڻهو پريشان هئا. نبي سڳوري کي جماعت بارش لاءِ دعا گهرڻ جو عرض ڪيو.پاڻ جماعت کي وٺي ٻاهر نڪتا. ايڏا رستي ۾ هئا تہ فرمايائون جلدي واپس ورو جو بارش برسڻ واري آهي. ماڻهن چيو سائين ايڏا دعا ئي ڪانہ ٿي آهي؟ پاڻ فرمايائون: هڪ ڪول ٽنگون مٿي ڪٽي دعا گهري آهي تہ مولا مينهن وساءِ . ان جي دعا رب قبول ڪئي آهي. ماڻهو ايڏا گهرن ڏانهن مس موٽيا تہ مينهن وسڻ شروع ٿي ويو.

فرمايائون. الله جي مخلوق مٽان ٻاجهہ ڪيو. جاٽي واٽي ڪول کي بہ نہ لتاڙيو.

عقيدو ستو هجي

فرمايائون: جڏهن حضرت موسيٰ عليہ السلام درياءَ وچان هلڻ لڳو تہ موسوي ۽ فرعوني سڀ سندس پويان هليا. موسوين جي حضرت موسيٰ سان محبت ۽ عقيدت هئي سي پار پڄجي ويا. پر فرعونين جي نہ عقيدت هئي نہ محبت تہ اهي ساڳي درياءَ ۾ ساڳي پيشرو جي پويان غرق ٿي ويا. سو سارو دارومدار عقيدي تي هوندو آهي.

فرمايائون: کو ماڻهو الله وارن سان ڀلي گڏ هجي پر فائدو ان کي ملندو جيکو سڀ عقيدي وارو هوندو.

تـــوجـــه جـــو اثر

خليفہ محمد حسين بيان ڪيو تہ حضرت جن جڏهن مون کي ڏهون سبق مراقبہ احديت سمجهايو تہ اهو خيال ڪيو تہ ذاتِ باري کان فيض اچي رهيو آهي. جيئن نلکو وهندو آهي تيئن منهنجي مٿان فيض نازل ٿي رهيو آهي. سندن زبان مان الفاظ نڪتا پئي ائين حالت محسوس پئي ٿيو جڏڪ اها فيض جي پالوٽ مون مٿان ٿي رهي آهي. ڪيترا ڏينهن اهو حال رهيو.

حصولِ رزقِ حـــلال

حضرت جن مريدن کي ڪو نہ ڪو پورهيو ڪرڻ ۾ گذر سفر جو ڪو نہ ڪو حلال وجهہ جو پورهيو ڪرڻ جو سختي سان امر ڪندا هئا. فرمائيندا هئا ٻين جي ڪُنن ڏانهن ۾ ڪيسن ڏانهن نہ نهاريو. پورهيو ڪري حلال جي روزي پاڻ ہ ڪائو پنهنجي ٻچن کي ہ ڪرايو. پاڻ خود ہ پوکي راهي زراعت ڪندا هئا. فرمائيندا هئا تہ هي خاڪ شوري جو پورهيو آهي جنهن سان حلال ڪاڌي جو آڻُ ٻچن جو گذر ملي وڃي ٿو.

فرمايائون: مون پنهجي پير کان ٻڌو تہ سڀ کان پلو وجہ معاش پني ڪرڻ (زراعت) آهي. پوءِ ہ جريب ڪندو هوس ہ خرار آڻُ ٽيندو هو. ان ۾ الله اهڙي برڪت وجهي ڏيندو هيو جو ان ہن جريبن مان پني خريد ڪيم.

بـــخـــت جي بازي

هڪ ماڻهو سندن خدمت ۾ عرض ڪيو سائين جيکو ڪم ڪيان ٿو ان ۾ ناڪام ٿيان ٿو. ٻيو ڪو ماڻهو ساڳيو ڪم ڪري ٿو اهو ڪامياب ٿي وڃي ٿو. ان تي پاڻ فرمايائون: پاڳ ۾ بخت ڪامياهي يا ناڪامي سڀ الله جي هٿ آهي.

ماءُ ڇٽيندي پُٽڑا پاڳ نہ ڏيندي ونہ.

فرمايائون: ڪو ماڻهو الله وارن سان ملي گڏ هجي ته فائدو ان کي ملندو جيڪو سڀ عقيدي وارو هوندو.

تـوجـه جـو اثر

خليفه محمد حسين بيان ڪيو ته حضرت جن جڏهن مون کي ڏهون سبق مراقبه احديت سمجهايو ته اهو خيال ڪيو ته ذاتِ باري کان فيض اچي رهيو آهي. جيئن نلڪو وهندو آهي تيئن منهنجي متان فيض نازل ٿي رهيو آهي. سندن زبان مان الفاظ نڪتا پئي ائين حالت محسوس پئي ٿيو جڏڪ اها فيض جي پالوٽ مون متان ٿي رهي آهي. ڪيترا ڏينهن اهو حال رهيو.

حصولِ رزقِ حـلال

حضرت جن مريدن کي ڪو نه ڪو پورهيو ڪرڻ ۾ گذر سفر جو ڪو نه ڪو حلال وجهه جو پورهيو ڪرڻ جو سختي سان امر ڪندا هئا. فرمائيندا هئا پين جي ڪَنن ڏانهن ۾ ڪيسن ڏانهن نه نهاريو. پورهيو ڪري حلال جي روزي پاڻ ۾ ڪائو پنهنجي پڇن کي به ڪارايو. پاڻ خود به پوکي راهي زراعت ڪندا هئا. فرمائيندا هئا ته هي خاڪ شوري جو پورهيو آهي جنهن سان حلال ڪاڏي جو اُنَ پڇن جو گذر ملي وڃي ٿو.

فرمايائون: مون پنهنجي پير کان پڏو ته سڀ کان پلو وجه معاش پني ڪرڻ (زراعت) آهي. پوءِ به جريب ڪندو هوس به خرار اُنَ ٽيندو هو. ان ۾ الله اهڙي برڪت وجهي ڏيندو هيو جو ان ۾ن جريبن مان پني خريد ڪيم.

بـخـت جـي بـازي

هڪ ماڻهو سندن خدمت ۾ عرض ڪيو سائين جيڪو ڪم ڪيان ته ان ۾ ناڪام ٿيان ٿو. پيو ماڻهو ساڳيو ڪم ڪري ٿو اهو ڪامياب ٿي وڃي ٿو. ان تي پاڻ فرمايائون: پاڳ ۾ بخت ڪاميابي يا ناڪامي سڀ الله جي هٿ آهي.

ماءُ جڏيندي پُٽڑا پاڳ نہ ڏيندي ونڊ.

هڪڙا وتن روئندا ٻيا پيا ڪائن ڪنب.

فرمايائون: مڃي جي شڪاري جو پٽ شڪار تي ويو. شام تائين ڪاب مڃي هٿ نہ آيس. مايوس وينو هيو تہ سلطان محمود غزنوي گھوڙي تي سوار ان وٽان اچي لنگھيو. پڇا ڪيائين تہ اي چوڪرا! چو تون غمگين آهين؟ چيائين سائين اسان چار يتيم پائر آهيون ۽ اسان جي ماءُ کي اڌ رنگ آهي. اگر ڪا مڃي ملي ويندي آهي تہ اسان پيٽ پيري ماني ڪائيندا آهيون. اڄ سارو ڏينھن ڪوشش ڪئي اٿم پر هڪ مڃي نہ ملي آهي. سلطان چيو تہ تون مون کي پنھنجي شڪار ۾ پائيوار ڪر پوءِ جار پاٽي ۾ اڇلاءِ. ان ائين ڪيو. ساڳي پاٽي ۾ ساڳي تڙ تي ساڳيو جار اڇلايائين تہ سارو مڇين سان پرجي نڪتو. چوڪرو خوشيءَ ۾ نہ ٽي ماپيو. سلطان کي چيائين پنھنجو حصو ورهائي وٺ.

بادشاھ چيو تہ اڄ جو شڪار سمورو تنھنجو آهي ۽ سياٽي جيڪو شڪار ٽيندو اهو ورهائيندا سين. ٻئي ڏينھن بادشاھ ان ڏانھن سپاهي موڪلي ان کي پاڻ وٽ گھرايو ۽ شاهي تخت تي پاڻ سان گڏ ويھاريائنس. ماٺھن بادشاھ کي چيو تہ سائين هي توهان ڇا پيا ڪيو. چيائين تہ هي چوڪرو غريب ۽ حقير سمي پر هڪ دفعي اسان هن کي قبول ڪري ڇڏيو آهي هاٽي هن کي پاڻ کان پري نہ ٽا ڪري سگھون. ماٺھن چوڪري کان پڇيو تہ تو ۾ اهڙو ڪھڙو ڪمال آهي جو هن مرتبي تي پھتو آهين.

گفت شادی آمد و شیون گذشت، زانکہ صاحب دولتے بر من گذشت

عرض هيءُ آهي تہ جنھن کي گھوٽ چاهي اها ئي ڪنوار ٽيندي آهي.

جذبو ۽ جوڀان

هڪ ڏينھن سندن مجلس جاري هئي پاڻ عشقيہ اشعار پڙهي رهيا هئا:

کسانیکہ ایزد پرستی کنند * بر آواز دولاب مستی کنند
نہ بم داند آشفتہ سامان زیر * بر آواز مرغے بنالد فقیر

ڪن ماٺھن ان جذبي تي اعتراض ڪيا تہ پاڻ هي شعر پڙهيائون:

جہان پُر سماع است مستی و شور * ولیکن چہ بیند در آئینہ کور
مکن عیب دُرویش نالان مست * غریق است زان می زند پا و دست

سارو جهان سماع جي مستي ۾ شور سان پرپور آهي پر انڊي کي آئيني ۾ ڇا نظر ايندو؟ رڙين ڪندڙ درويشن مستن جي عيب جوئي نہ ڪر، جو ماڻهو ہڏندو آهي سو هت پير ضرور هڻندو آهي. الله جا ذاڪر بہ الله جي محبت جي مستي واري درياءَ ۾ غوطہ زن ٿين ٿا پوءِ اهي بي وس ٿي رڙيون دانهون ڪن ٿا.

مُريد، مَريد، مُراد فرمايائون : مُريد اهو آهي جيڪو پنهنجي پير جي ارادن تي هلي. مَريد اهو آهي جيڪو پنهنجن نفساني ارادن تي هلي. مُراد اهو جيڪو پنهنجو ارادو ئي نہ رکي فقط پنهنجي پير جي ارادي تي هلي. فرمايائون: اڄ مراد تہ نظر نہ ٿا اچن پر مُريد بہ هزارن ۾ ڪو ڪو آهي باقي آهي ڍڳن جو ڏاڙ چارڻو سو چاري رهيا آهيون.

حصولِ فيض

اڪثر اوقات حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه جي مجلسن ۾ گريہ جي ڪيفيت رهندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن وري ڪلاڪ جي واردات بہ ٿيندي هئي جو پاڻ بہ گهٽو ڪلندا هئا ۽ جماعت بہ ڪلندي هئي. هڪ پيري فرمايائون : بزرگن جي فيض ۾ توجهہ حاصل ٿيڻ جون ڪيئي صورتون آهن. ڪن کي صفاءِ قلب نصيب ٿيندي آهي. ڪن کي بيخودي ۽ بيهوشي ٿي ويندي آهي ۽ ڪي ان بيخودي ۾ ماڻ ۾ رهندا آهن تہ ڪي وري دانهون ڪرڻ لڳندا آهن. ڪن کي ڪلاڪ جي ڪيفيت ٿيندي آهي. ڪن جي دل ۾ ذڪر جاري ٿي ويندو آهي. ان جي حرڪت نبض جي حرڪت وانگر محسوس ٿيندي آهي. ڪن کي ننڊ ايندي آهي ايستائين جو ليٽي پوندا آهن. ڪن کي الله الله جي ضرب دل تي محسوس ٿيندي آهي. اهي اندر مان الله الله جو آواز خود ہڏندا آهن. آهستي آهستي اهو آواز ايستائين طاقت وٺندو آهي جو اهي بغير اکيون بند ڪرڻ جي بہ بي تڪلف ہڏندا آهن. ماڻهن جو گوڙ ۽ شور ان ۾ رڪاوٽ نہ وجهندو آهي. ڪڏهن ذڪر پوري جسم ۾ اثر انداز ٿيڻ بعد اهي سموري جسم مان هڪ اهڙو آواز ہڏندا آهن جيئن ڪنهن ڦبي مان آواز ايندو آهي. ان آواز کي صوت حسن و همس چوندا آهن. الله تعاليٰ فرمائي ٿو :

وَ خَشَعَتِ الْاَصْوَاتُ لِلرَّحْمٰنِ فَلَا تَسْمَعُ اِلَّا هَمْسًا ۱۰۸ (طٰهٰ)

ع رحمان جي جلال کان سمورا آواز هيٺاهان ٿي ويندا بس توهان هلکي آهٽ کان سواءِ کجهه نه ٻڌندو. حضرت موسيٰ عليه السلام وٽ مان آواز ٻڌو هيو.

اولياءِ کي ڪڏهن اهڙن آوازن سان الهام به ٿيندا آهن. اهو آواز ڏينهون ڏينهن غالب ٿيندو ويندو آهي ع ڪڏهن گهنڊ جهڙو آواز به ايندو آهي. جيئن حافظ شيرازي فرمايو:

کس ندا نست که منزل گهِ آں يار کجاست،
ايں قدر هست که بانگِ جرسے می آيد.

کونه ٿو جاڻي ته دوست جي منزل ڪٿي آهي. ها اهو آهي جو گهنڊ جو آواز ايندو رهي ٿو.

ڪثرتِ جماعت

سنه 1399 هـ جي ڇاهه آهي حضرت جن پار ع لاڙ جي سفر تي اسريا. ان سال ساٺن تمام گهٽي جماعت گڏ هئي. ڪنهن ماڻهو پڇيو ته سائين ايتري جماعت ساڻ ڪٽي هلڻ جو ضرور ڪو سبب هوندو. پاڻ فرمايائون:

* هائو ماڻهو خير خيرات کونه ٿا ڪن تڏهن انهن جي رزقن ۾ تنگي رهي ٿي. اسان جماعت وٺي ٿا هلون ته دعوتي ضرور انهن کي ماني کارائيندا ع ان ڪري انهن جي رزق ۾ برڪت پوندي.
* ٻيو ته فقيرن کي صبح شام دين جا مسائل سکڻ جو موقعو ملندو.
* ٽيون ته الله جي راهه ۾ سفر جي صعوبتن سهڻ سبب انهن جا درجا بلند ٿيندا.

قتيل دل جو علاج

پاڻ جڏهن به ڪا عشق جي ڪافي پڙندا هئا ته گهٽو گريو ڪندا هئا. فقير محمد ابراهيم ڪڙ جي قريب ڪيڙي ڳوٺ ۾ رهندو هيو. اهو جڏهن ڪافي پڙهندو هيو ته پاڻ بي انداز روئندا هئا. جڏهن به ڪو اهم جلسو ٿيندو هيو ته ان کي ضرور گهرائيندا هئا. هڪ پيري

پير مٹا سائين جو ساليانو عرس ٿي رهيو هيو پاڻ ماستر گل محمد کي خط لکيائون : "محمد ابراهيم فقير کيڙي واري کي وٺيون اچجو ته اڇي اسان جي قتيل دل جو علاج ڪري".

آگم ڪيو اچن، سجڻ سانوڻ مينهن جان،
پاسي تن وسن، جي سپ جماندر سيکيون.

اُڏوڻ گُـــڏو

هڪ شخص حضرت جن سان بيان ڪيو ته فلاڻو پير صاحب گذاري ويو آهي ان جي پٺ کي پڳ ٻڌائي سندس گادي تي ويهاريو اٿن. پاڻ فرمايائون : بزرگن جي مسند تي ويهڻ جي لائق اهو آهي جنهن ۾ اها لياقت ۽ صلاحيت هجي. باقي ڪنهن کي اُڏو يا گڏو ڪري مسند تي ويهارڻ مان ڪهڙي هڙ حاصل ٿيندي. بزرگن فرمايو آهي ته:

دلاتا بزرگی نیاری بدست، بجائے بزرگاں نیاید نشست

اي دل جيسين تون بزرگي حاصل نه ڪرين توکي بزرگن جي مسند تي ويهڻ درست نه آهي.

میراث پدر خواہی علم پدر آموز

پيءُ جي ميراث چاهين ٿو ته پيءُ وارو علم ۽ عمل ب حاصل ڪر.

فرمايائون : جيڪو پير پاڻ گمراهه آهي سو بين کي ڪهڙي هدايت جي راهه هلائيندو!

پیرے کہ کامرانی و تن پروری کند، او خویشتن گم ست کرا رہبری کند

اهو پير جيڪو نفس پرستي ۾ مبتلا آهي اهو پاڻ گمراهه آهي ته بين جي ڇا رهبري ڪندو.

جنهن کي رب رکي

خليفي محمد عالم کور واهه واري بيان ڪيو ته مون حج جو ارادو ڪيو. حضرت جن کان دعا گهرائڻ آيس. پاڻ فرمايائون. مال جي زڪوات ادا ڪئي اٿئي؟ عرض ڪيم گڏيل مال مان ته ڪڍي اٿم. فرمايائون پنهنجي جان ۽ مال جي تون پاڻ حفاظت ڪرڻ ٿو چاهين يا الله کي پنهنجو محافظ بنائڻ ٿو چاهين. عرض ڪيم الله منهنجو محافظ هجي ته پيو ڇا گهرجي؟ پاڻ فرمايائون ته پوءِ پنهنجي حج وارن پئسن جي زڪوات ادا ڪر. پوءِ

سائين جن جي اڳيان زڪوات ڪڍيم فقيرن کي ڏنم. پوءِ حج جي سفر ۾ چار مهينا لڳي ويا. سمنڊ جي سفر ۾ حاجين سڳورن کي التيون، بخار، متي ۾ سور پيو پر مون کي متي ۾ سور به ڪونہ پيو. سفر دوران ڪن رفيقن جا پئسا وڃائجي ويا تہ ڪن جو سامان گم ٿي ويو پر الله شاهد آهي تہ منهنجو هڪ پئسو به ميرو نہ ٿيو.

اتباع سنت

هن فقير (ڪرم الله) کي اهو منظر اڄ به ياد آهي جو هڪ پيري پاڻ ٺارو شاهہ جي مضافات ۾ هڪ ڳوٺ ۾ تبليغ جي سلسلي ۾ آيل هئا. جڏهن رات جو مجلس پوري ڪري آيا تہ سندن رهائش جو انتظام هڪ ننڍڙي هٽ ۾ ڪيو ويو هيو. هڪ پاسي اناج جون هوريون رکيل هيون ڪٽ اولهہ اوپر رکيل هئي. پاڻ فرمايائون منهنجي محبوب ڪريم ﷺ جي سنت آهي جو پاڻ هميشہ قبلہ رُخ ٿي سمهندا هئا. سو ڪٽ جا پير ڏکڻ تي ڪيا وڃن. جيئن سمهڻ ۾ منهن قبلي طرف ٿئي. ڪمرو ننڍڙو هيو جنهن ۾ ڏکڻ پير ڪٽ رکڻ جي گنجائش نہ هئي. پاڻ فرمايائون اسان خلاف سنت کو نہ سمهنداسين. سخت سردي جي رات هئي پاڻ ٻاهر ٻيٺا رهيا اهي هوريون ٻاهر ڪڍي ڪٽ ڏکڻ پير رکڻ جي گنجائش بنائي وئي. ان وقت پاڻ فرمايائون: فيض برڪت آهي ئي مصطفيٰ ڪريم ﷺ جي سنتن جي ادائگي ۾. سمهڻ جاڳڻ سنت جي موافق هجي تہ باطن ۾ ترقي نصيب ٿئي ٿي.

پٽڪو عرب جو تاج

حضرت جن خود هميشہ پٽڪو پهريندا هئا ۽ جماعت کي به پٽڪي جو تاڪيد ڪندا هئا. مولوي محمد قاسم صاحب بيان ڪيو تہ علم جي دستار حاصل ڪرڻ کان پوءِ به صرف ٽوپي پائيندو هيس. پٽڪو متي ۾ سور ڪندو هيو. هڪ دفعي حضرت سائين جن جي خدمت عاليہ ۾ حاضري ٿي پاڻ فرمايائون محمد قاسم فقير تہ ٻنيو آهين پر اڄا پٽڪو نہ ٿو پائين. ابا پٽڪو ٻڌ پٽڪو ٽوپي کان افضل آهي. پٽڪو فقيرن جي نشاني آهي عربن جو تاج آهي بس سائين جن جي لفظ مبارڪن ۾ ايترو اثر ٿيو جو ان ڏينهن کان پٽڪو ٻڌڻ

شروع ڪيم. هاڻي ڏينهن رات حضر سفر ۾ هميشہ پٽڪو بدل هوندو آهي ڪڏهن پٽڪو نہ لاتم پر لاهڻ محل حضرت صاحب جا لفظ ياد ايندا آهن.

تعليم معرفت

هڪ شخص سندن خدمت ۾ عرض ڪيو الله کي راضي ڪرڻ جي راھ ڪھڙي آهي؟

پاڻ فرمايائون: نفساني هوس ۽ حرص کي ڇڏيو تہ الله جي قرب ملڻ ۾ دير ناهي. پوءِ فرمايائون: غير جا طالب نہ ٿيو الله جا طالب ٿيو. اهو سوال ڪيو تہ مولا تون منهنجو ٿيءُ مون کي پنهنجو بناءِ. حضرت پيران پير محبوب سبحاني لکيو آهي تہ هڪ بادشاهزادو آيو پئي، هڪ ماڻهو حسين ہانمي وڻيو پئي ويو. بادشاهزادي چيو اها ہانمي وڪڻندين؟ چيائين ها. چيائين ملهہ؟ چيائين هينئر جوڪجهہ تووٽ آهي اهو سڀ ڏيڻو پوندئي. پوءِ سونن سنجن وارو گھوڙو تاجُ، رقم سڀ ڪجهہ ڏئي ہانمي خريد ڪيائين. پيران پير فرمائين ٿا تہ اي الله جا طالب چوين ٿو تہ رب ملي تہ ان بادشاهہ وانگر سڀ ڪجهہ قربان ڪر.

تاثير تخم و اثر صحبت

پاڻ فرمايائون : جيئن تخم جي تاثير ٿيندي آهي تيئن صحبت جو اثر ٿيندو آهي. برن جي صحبت برو بنائيندي آهي چگن جي صحبت چگو بنائيندي آهي. الله وارن جي صحبت الله وارو بنائي ڇڏيندي آهي.

فرمايائون: اگر ستڙڻ چاهيو تا تہ الله وارن جي صحبت ۾ ويهو. جيڪو الله وارن جي قربت ۾ آيو اهو الله جي قرب ۾ اچي ويو جيڪو انهن کان دور ٿي ويو سو نيڪي کان دور ٿي ويو. شيطان ايستائين انتظار ۾ هوندو آهي جيستائين ڪنهن کي الله وارن جي صحبت مان ڏار ڪري. جڏهن مرشد جي سنگت کان ٽُٽو تہ شيطان جو قُوتُ ٿي ويندو. جيئن برَ ۾ بگھڙ کي گھٽوهت اچي وڃي.

فرمايائون: اڳي قدرداني جو وقت هيو. هڪ چين جو ماڻهو هيو ان جو مرشد دهلي ۾ رهندو هيو. چهہ مهينا مرشدن ڏانهن ايندي لڳي ويندا هيس. چهہ مهينا مرشد وٽ رهندو هيو. وري چهہ

مهينا واپس گوٹ موٽندو هيو. ڇهه مهينا گهر رهندو هيو وري ڇهه مهينا پنڌ ڪري مرشد ڏانهن ايندو هيو. ان طرح ساري عمر مرشد جي محبت ۾ گذاري نعمت حاصل ڪيائين.

الله سان ملائڻ

مولوي محمد امين سڄاول واري بيان فرمايو ته هڪ دفعي حضرت سائين جن جي خدمت ۾ حاضري ٿي. مجلس هلي رهي هئي هڪ ماڻهو اچي عرض ڪيو سائين دعا گهرو يا ڪو تعويذ لکي ڏيو منهنجي زال نه ٿي ٺهي. پاڻ فرمايائون چا مان هتي توهان کي زالن ناهي ڏيڻ جي لاءِ ويٺو آهيان؟ اڄ توکي تنهنجو الله ناهي ڏيان جي اهو رب ذوالجلال ٺهي ويئي ته زال به ازخود ٺهي ويندئي تو رب کي رُسايو آهي ته رب تنهنجي زال توکان رسائي آهي.

تهجد جي نماز

حضرت جن پنهجي جماعت کي تهجد جي ادائگي جو تاڪيد ڪندا هئا. مولوي محمد امين سڄاول واري بيان ڪيو ته مان حافظ به ٽيس، عالم به ٽيس پر تهجد کو نه پڙهندو هيس. پر جيئن محبوب الاهي جي صحبت ۾ آيس تيئن ئي تهجد نماز به شروع ڪيم ۽ ديس پرديس کڏهن نه چڏيم. هڪ رات ڪجهه غفلت ٿي ننڊ اچي وئي ته اچانڪ ڏٺم حضرت صاحب جن جو هٿ مبارڪ ظاهر ٿيو ۽ پاڻ منهنجي ڏوري ۾ هٿ مبارڪ وجهي فرمائن پيا ته حافظ صاحب اٿي تهجد نماز جو وقت ٿي ويو آهي. جيئن ئي چرڪ پري اٺيس گهڙي ڏٺم ته واقعي تهجد جو وقت ٿي ويو هيو ان مهل سائين جن جي ٻانهن ۾ گهڙي به نظر آيم جيڪا پاڻ ٻڌندا هئا.

خليفه محمد صديق مهاجر بيان ڪيو ته مان تبليغ ۾ ويل هوس هڪ رات خواب ۾ ڏٺم ته حضرت مرشد فضل آبادي آيا آهن فرمائن ٿا ته محمد صديق تو ته تهجد نماز پڙهي پر تنهنجي زال نماز تهجد کانه پڙهي آهي. تون اڄا ان تي رعايت ڪيو ويٺو آهين. پوءِ مون زال کي لپاٽ هنئي آ ته اٿي تهجد نماز پڙهه. جڏهن واپس آيس ته زال ڳالهه ڪئي ته اها ساڳي رات ساڳيو وقت خواب ۾ تو مون کي لپاٽ هٽي اتاريو ته تهجد نماز اٿي پڙهه.

محمد فقير پٽي سجاول واري بيان ڪيو ته ڪيترا پيرا خواب ۾ حضرت سائين جن مون کي تهجد نماز پڑهڻ لاءِ اڌاريو. هر بار ائين ڏسان ته سائينجن ٿا فرمائن: فقير اٺ تهجد جو وقت ٿو وڃي اٺي تهجد نماز پڙهه. فقير ب سڏائين وري تهجد ۾ سستيون پيو ڪرين.

نوٽن جا هار

حضرت جن جي استاد، حضرت مولانا عبد الرحمن جي پٽ جي شادي هئي. تمام گهڻا عالم ۽ حافظ ۽ عوام الناس گڏ هئا. گهوت کي نوٽن جا هار پارايا ويا. عالمن نماز جماعت سان ب نه پڙهي. پوءِ پاڻ تقرير دوران فرمايائون توهان عالم اسان فقيرن تي اعتراض ۽ نقطه چينيون ڪندا آهيو ته صوفي گمراه آهن. ٻڌايو هيءَ توهان ڪٽان سنت آندي آهي. نوٽن جا هار پائڻ ڪهڙي اصحابي يا امام پاتا آهن. البته خوشبوءِ جي نيت سان گلن جا هار پائجن ته ٻي ڳالهه آهي. هي اوهان ڪنهن جي سنت تي عمل ڪيو آهي. پوءِ عالمن عرض ڪيو بيشڪ اوهان حق ۽ سچ فرمايو آهي.

دلا مٽ ڏڪي ڇڏيو

صاحبزاده حضرت سائين شفيع الله فرمايو ته : هڪ پيري رات جي وقت حضرت جن مون کان پاڻي گهريو. مون پيش ڪيو. پاڻي پيئڻ بعد فرمايائون ته رات جو دلا ۽ مٽ ڏڪي ڇڏيندا ڪيو . ڇو جو رات جو آسمان تان بيماريون لهنديون آهن.

ڇونجو

هڪ پيري دادو شهر ۾ وڃ وارا بزرگ حضرت سائين عبد القادر جان آيل هيا. هي فقير (ڪرم الله) ساڻس وڃي مليو. بزرگن سان ڏاڍي سُٹي ڪڇهري ٿي. پوءِ حضرت جن کي ان ملاقات ۽ ڪڇهري بابت اڇي ٻڌايم. پاڻ فرمايائون: نيڪن صالحن بزرگن جي صحبت ۾ وڃڻ گهرجي ۽ انهن کان ڪجهه حاصل ڪرڻ گهرجي. هي چونڊبو ڪرٽو آهي. جيئن فصل لابارو ٽيڻ بعد ڪجي ويندو آهي، پوءِ کي تيلا رهجي ويندا آهن ته کو

انهن کي گڏ ڪندو آهي ته پريون ٿي ويندیون آهن. پوءِ فرمايائون ته اسان ياري ديري ۾ پڙهندا هئاسين ته پيا سڀ طالب جمعي جي ڏينهن شهر گهمڻ ويندا هئا ته اسان وري هڪ فقير جي خدمت ۾ ويندا هياسين. ان جون وڇي ڳالهيون ٻڌندا هئاسين.

وڏيرکا طعام

خليفي روشن علي عرض ڪيو ته سائين تبليغ ۾ وڃون ٿا اتي ڪڏهن وڏيرکا طعام ملن ٿا انهن جي ڪائڻ سان ذڪر جي حلاوت بند ٿي وڃي ٿي ان جو ڇا سبب آهي؟ تنهن تي پاڻ فرمايائون: قلب ۽ باطن جي معاملي ۾ لقمي جو وڏو اثر رهندو آهي. ڪير هميشہ صاف ۽ پاڪيزہ ٽانوَ ۾ جمندو آهي. خراب ٽانوَ ۾ ڦٽي پوندو آهي. الله جو ذڪر پاڪيزہ ترين شيءِ آهي اهو ہ ان قلب ۽ باطن ۾ قرار ونڊندو آهي جيڪو پاڪيزہ هوندو آهي. وڏيرکا طعام اڪثر حلال حرام جو مجموعو هوندا آهن. انهن جي ڪائڻ سان ذڪر جي حلاوت ختم ٿي ويندي آهي. پوءِ حڪايت بيان فرمايائون ته: هڪ بزرگ وٽ ڪو بادشاهہ عمدو طعام تيار ڪرائي نوڪر هٿان ڪٽائي آيو.

بزرگ ان مان هڪ گرهہ کڻي آرسي تي رکيو ته آرسي انڊي ٿي پئي. وري پنهنجي گودڙي مان جَوَن جي سُڪل ماني جا پورا ڪيڏي آرسي تي مليائين ته سڀ لهي پيو آرسي صاف ٿي پئي ۽ ان ۾ منهن نظر اچڻ لڳو. پوءِ درويش بادشاهہ کي چيو ته توهان جا لذيذ طعام ائين دل کي انڊو ڪن ٿا. اسان جا سڪا ٽڪر دل کي ائين روشن ڪن ٿا. پوءِ بادشاهہ چيس ته پلا پيو ڪو حڪم هجي ته فرمايو: بزرگ چيو ته هي مون کي مڪين ۽ مڃرن تنگ ڪيو آهي انهن کي حڪم ڪر ته هتان هليا وڃن. بادشاهہ چيو ته مڃر ۽ مڪيون منهنجو حڪم ڪيئن مڃيندا؟ بزرگ چيس اگر اهي خسيس جانور تنهنجو حڪم نہ ٿا مڃن ته پوءِ تنهنجي بادشاهي ڇاجي؟

پوءِ فرمايائون: هڪ بزرگ کي ڪنهن بادشاهہ چيو ته مون کان ڪجهہ گهر. فقير چيو ته مان پنهنجي غلامن جي غلام کان ڇا گهران؟ بادشاهہ سمجهيو ته فقيرُ مون کي پنهنجي

غلامن جو غلام سڏي ٿو. بادشاھ چيس تہ هوش رک. آءٌ بادشاھ آهيان. چيائين تہ نفس ۽ شيطان منهنجا غلام آهن. تون وري انهن جو غلام آهين توکان گهران تہ ڇا گهران!

خوشطبعي

01.01.1988 صبح جي نماز ۾ حلقہ ذکر بعد کجھ دير مجلس ٿي. خليفو محمد رمضان هڪ ڊگهو ڪٽي رنگ جو پلاسٽڪ جو ڪوٽ پهري آيو هيو. پاڻ ان کي مخاطب ٿيندي نهايت خوشگوار انداز فرمايائون حضرت جن فرمائيندا هئا تہ هڪ پيري حضرت پير قريشي رحمة الله عليه هڪ جاءِ تي ويٺا هئا. سامهون هڪ وڏيرو ويٺو هيو ان کي ٻہ اهڙو هڪ ڪوٽ پاتل هيو. هڪ غريب ماڻهو ان جي پرسان ويٺو هيو. بار بار ڪوٽ کي هٿ لائي پڇيائينس ٿي تہ سائين هي ڪوٽ ڇاجو آهي؟ ڏاڍو سٺو آهي پر وڏيري غرور ۾ جواب نہ ٿي ڏنس. حضرت پير قريشي ان شخص کي سڏي فرمايو تہ "ايڏي آ مين تيکون ڏسان تہ اهو ڪتي دي کل پائي کڙا هي" . ان ڳالهہ تي پاڻ ٻہ مسکرايا ۽ جماعت ٻہ ڏاڍو محظوظ ٿي.

الله جي حفاظت

فرمايائون: الله جنهن جي حفاظت ڪري ان کي ڪو ٻہ نقصان پهچائي نہ ٿو سگهي. پوءِ هڪ بزرگ جو واقعو بيان ڪيائون تہ ان بيت الله شريف ۾ هڪ عورت کي ڏٺو جا هر گهڙي الله جا شڪر ادا ڪري رهي هئي. ان جي پاسي ۾ هاڙو ستل هيو. بزرگ پڇيس تہ امان تون ڪير آهين؟ ۽ ڇالاءِ ايترا شڪر ادا ڪري رهي آهين؟ عورت جواب ڏنو تہ: آءٌ هڪ جهاز ۾ سوار هيس. هي ڇوڪو ساڻ هيم. اچانڪ طوفان آيو. مون کي هڪ تختو مليو. هڪ غير مرد ٻہ ان تي چڙهيو. ان برائي جو ارادو ڪيو. مون منع ڪئي هو نہ مڙيو. منهنجو هار درياءِ ۾ اڇلايائين. مون دعا گهري مولا هن ظالم کان بچاءِ. اچانڪ هڪ دريائي جانور نمودار ٿيو جيڪو ان ماڻهو کي کٽي درياءِ ۾ غرق ڪيو. مون کي پري کان هڪ جهاز

ايندو نظر آيو. اشارو كيم. اهي آيا مون كي جهاز ۾ كنيائون. جهاز وارن وٽ ڏسان تہ منهنجو هارڙو آهي. چيائون تہ هڪ جانور جي پٺيءَ تي ستل هيو. آگوٺو وات ۾ هيس ان مان كير ٽي نكتس. پوءِ پڇو ہ مليم لڄ ہ بچيم ايڏا ہ رب جا احسان نہ ڳڻيان.

مون تي ان محبوب جا ٿورا لک هزار،
پلايون بادشاهه جون اڻ ڳڻيون اپار،
كيان شكر هزار، جنهن بچايو بحر ۾.

تجديدِ بيعت

حضرت جن جو هڪ مريد سندن مخالف ٽي ويو بلكہ مخالف ساز بنجي ويو. پوءِ وري خدا كيس راه راست تي آندو. وري حضرت صاحب جن وٽ آيو ۽ پنهنجي ماضي لاءِ معافي طلب ٿيو. پاڻ ان كان نئين سر بيعت ورتائون ۽ فرمايائون تہ تنهنجي اڳين بيعت ختم ٽي چكي آهي. اهو سندن دستور هيو جو جڏهن كو مريد شريعت يا طريقت جي خلاف كم كندو هيو تہ پاڻ فرمائيندا هئا تہ ان جي بيعت ٽٽي پئي. پوءِ اگر ان گناهہ كان تائب ٽي ايندو هيو تہ ان كي نئين سر بيعت كندا هئا.

شب خيزيءَ ۽ بيداري

فرمايائون: الله جي راهہ ۾ جاڳڻ وڏي عبادت آهي. چوندا آهن: "جاڳ تہ لڳئي پاڳ". هڪ بزرگ هيو جيكو شب بيدار هوندو هيو. هڪ رات غفلت ۾ سمهي پيو. خواب ۾ ڏنائين سوين حسين جميل حورون آيس، انهن ۾ هڪ بد شكل شيدڻ بہ هئي. چيائين هي چا؟ چيائون هي حسين جميل عورتون تنهنجي جاڳڻ واريون راتيون آهن. هوءَ بدصورت عورت تنهنجي ننڊ ۽ غفلت واري رات آهي.

فرمايائون جاڳڻ منجهان مقصود الله جي رضا هجڻ گهرجي تہ پوءِ جاڳڻ سجايو آهي نہ تہ اجايو. هڪ بزرگ كي كنهن مريد چيو مان خواب ۾ ڏسان ٿو تہ مسجد ۾ كاكوس

ڪري رهيو آهيان. بزرگ فرمايس تون ڪو دنيا جو وظيفو مسجد ۾ پڙهي رهيو آهين چا؟ چيائين هائو. فرمايائون پوءِ تنهنجي خواب جو اهوئي تعبير آهي.

فرمايائون: الله جي راهه ۾ جو به محنت ڪري ٿو الله ڪڏهن به ان جو ذرو ضايع نه ڪندو.

وَالَّذِيْنَ جَاهَدُوْا فِيْنَا لَنَهْدِيَنَّهُمْ سُبُلَنَا ۭ (العنكبوت: 69)

۽ جيڪي ماڻهو اسان جي راهه ۾ مجاهدو ڪندا آهن تہ اسان ضرور انهن کي پنهنجون (پاڻ ڏانهن سير ۽ وصال جون) راهون ڏيکارينداآهيون.

فرمايائون: عبادت نہ ٿي سگهي آهي تہ پنهنجي حال تي افسوس ۽ ارمان تہ ڪيو. افسوس ۽ ندامت به صالح عملن مان آهي. پنهنجي غفلت تي ارمان جا ڳوڙها ڳاڙيو.

تبليغ دين هڪ ڏينهن حضرت جن هن عاجز ۽ خليفہ منظور احمد صاحب کي مخاطب ٿي فرمايو تہ توهان اڄ تبليغ تي وڃو پهرئين تاريخ آهي. وڃو دين جو پيغام پهچايو. پر هڪ ٻئي سان محبت رکجو ۽ هڪ ٻئي جو ادب احترام ضرور ڪجو. پوءِ فرمايائون: جڏهن حضرت غوث بهاؤالحق ملتاني جي مزار تي حضور پير سائين مراقبو ڪيو. بزرگ فرمايو تہ سائين اسان جو دور قدرداني وارو وقت هو. ماڻهو اسان وٽ هلي ايندا هئا. واهواه شان اوهان جا ٿيندا جو گهر گهر هلي وڃي هي پيغام پهچايو ٿا.

سفرِ حج 1397ھ

حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه عمر ۾ هڪ ڀيرو حرمين شريفين (زادهما الله شرفا و تعظيما) جي زيارت جي سعادت ماڻي هئي. سفر کان اڳ ان آس ۽ اميد ۾ روئندا رهندا هئا وري جڏهن زيارت ڪري موٽيا تہ بقيہ پوري زندگي ان سهڻي سفر جا تذڪرا ڪندا رهيا.

سنہ 1397ھ ۾ جڏهن پاڻ تبليغي سفر ۾ ٽنڈو جام شهر پهتا تہ اتي فقير حاجي شير محمد راجپوت وٽ منزل انداز ٿيا. ان عرض ڪيو تہ سائين جن اگر اجازت عنايت

فرمائن تہ مان اوهان جي حج جو انتظام كيان. سائين جن منهنجي والد جي پاران حج ادا كري اچن پاڻ فرمايائون: اسان كڈهن بہ پنهنجي كا عبادت وِكي كونہ آهي. ٻيو تہ شرعي مسئلو آهي تہ جنهن جو اول حج پنهنجو حج ادا كيل نہ آهي اهو ٻئي جي پاران حج بدل كري نہ ٿو سگهي. وري عرض كيائين مون كي حضور نبي كريم ﷺ جي زيارت كرايو ٻوءِ اوهان جي حج جو مكمل خرچ آءٍ پريندس. پاڻ فرمايائون تہ اسان كي هرگز ان حج جي ضرورت ناهي جنهن مٍ اسان جو امتحان ورتو وڃي. ٻوءِ ان عرض كيو آءٍ بغير كنهن شرط جي اوهان جي حج جو خرچ پريندس. ٻوءِ ان حج جا پيسا آڻي سندن حضور مٍ پيش كيا. پاڻ فرمايائون اها رقم اسان جي مِلك ٿيڻ بعد هاڻي اسان متان حج فرض ٿي ويو آهي. اها كل رقم (10968) ڏهہ هزار نو سو اٺمٺ روپيا هئي. ٻوءِ پاڻ هوائي جهاز جي ٽكيٽ ءٍ حج جو فارم پر ايائون ءٍ ان سال حج جي سعادت ماڻي موتيا.

حاجي شير محمد راجپوت، حاجي محمد قاسم لغاري ٻئي سندن رفيق حج هئا. جيكي سندن حج جي سفر جون عجيب ڳالهيون بيان كندا هئا. حاجي شير محمد چيو تہ كيس كيترا ڀيرا روبرو مدني كريم ﷺ جي زيارت جو شرف نصيب ٿيو. وري جيئن حج كان واپس وري آيو تہ هك ماٽهو اچي كيس سڏي پنهنجي زمين ڏني جنهن مٍ كيلن ءٍ كمند جو فصل ءٍ انبن جا باغ ٻينل هئا. ٻوءِ چوندو هيو تہ هي سڀ منهنجي مرشد جي دعا جي بركت آهي.

فرمايائون: جنهن سال اسان حج تي وياسين ان سال اٹ لك حجاج هيو. مدينو جي سائين ﷺ جي پنهنجي غلامن سان اهڙي قربداري آهي جو، جنهن كان پڇا ٿي ڪئي سين ان ائين ٿي چيو تہ جهڙي ان سان مهرباني ٿي آهي اهڙي كنهن سان نہ ٿي هوندي. كنهن جي واتان شكايت كونہ ٻڌي سين. محبوب سڀٹا ﷺ حيات النبي آهن. اڄ بہ پنهنجي غلامن جا سڏڻا ٻڌن ٿا ءٍ دانهن جو داد كن ٿا.

فرمايائون: سڀٹا حبيب كريم ﷺ وڏا مهربان ءٍ مهمان نواز آهن. پنهنجي در تي اچڻ واري هر هك جي سڀٹي سنڀال لهن ٿا. هك شخص مديني شريف مٍ آيو اچي دربار مٍ عرض كيائين يا رسول الله آءٍ اوهان جو مهمان آهيان ماني بہ اوهان جي هٹن جي

ڪائيندس ٻئي جي نہ. پوءِ رات خواب ۾ ڏٺائين تہ محبوبن ﷺ ڪير جو پيالو ۽ ڏڳڙ ماني جو ڏنائونس. اڌ ماني جو ڪاڌائين ۽ ڪير جو پيالو پيتائين ڏوءِ ٽي ويس. سجاڳ ٿيو تہ ماني جو باقي اڌ هٿ ۾ هيس ۽ ڪير جي اڇاڻ چپن تي لڳل هيس. عارف بالله اڄ ب محبوب ﷺ سان انگل پيا ڪن تہ انهن جا انگل پورا پيا ٿين.

فرمايائون: مدينہ منوره ۾ هڪ پٽاڻ ڏٺوسين. جڏهن نبي پاڪ ﷺ جي روضي پاڪ تي نظر پيس تہ ٻي اختيار رڙيون فغان و فرياد ڪرڻ لڳو. بيحد جذبو ٿيس. بار بار يا رسول الله يا رسول الله چئي ريهون ڪري روئي رهيو هيو. ان جي اها ڪيفيت ڏسي اسان کي جامي جا شعر ياد اچي ويا. محبوبن ڪريمن ﷺ کي سڏڙا، عرض ۽ التجائون ڪندي چوي ٿو:

نسيما جانبِ بطحا گذر * ز احوالم محمد را خبر کن
ز مهجوری بر آمد جانِ عالم * ترحم یا نبی الله ترحم

فرمايائون: هڪڙو حبشي نسل جو ماڻهو بيت الله شريف وٽ ڏٺوسين ان کي ب سخت جذبو هيو. سمجهيوسين تہ اهل دل آهي ۽ ڪنهن ڪامل جي نظر جو شڪار ٻنيل آهي.

فرمايائون: بيت الله شريف تي جڏهن نظر پوي ٿي تہ ڪيڏو ب ڪٻر دل انسان هجي ان جي ب اکين جا لڙڪ وهي پون تا. جلال اهڙو آهي جو مرد عورتون گڏ طواف ڪن تا پر هر ڪو پنهنجي حال ۾ مشغول رهي ٿو. ڪنهن کي ڪو نفساني يا شهواني يا شيطاني خيال نہ ٿو اچي. اهو الله جي گهر جو رعب آهي.

فقير حاجي محمد قاسم لغاري بيان ڪيو سفر دوران حضرت صاحب جن جنهن ڪمري ۾ رهائش پذير هئا، ان ۾ ٻيا ب ماڻهو هئا. انهن مان هڪ ماڻهو مون کي چيو تہ لڳي ٿو تہ هي بزرگ پير مريدي وارو ڪامل شخص آهي؟ مون چيو تو ڪيئن سڃاتو؟ ان چيو تہ هن بزرگ جو اٺڻ ويهڻ ، هلڻ چلڻ، ڪائڻ پيئڻ بلڪل باشرع آهي. انهي مان سمجهيم تہ ڪنهن عام مولوي جو ڪم ناهي. هي ڪو الله جو پيارو ٻانهو آهي. حاجي قاسم چيو واقعي تنهنجي سوچ صحيح آهي. هي اسان جو مرشد آهي. هن جا هزارين مريد آهن.

عجيب عنايت: فرمايائون جڏهن مدينہ منوره ۾ قيام هيو هڪ رات خواب ۾ ڏٺم تہ حضرت نبي ڪريم ﷺ جي بارگاهہ ۾ حاضري نصيب ٿي آهي. ڏاڍو روئي روئي عرض

ڪري رهيو آهيان تہ: "يا رسول الله مون کي خيرات ڏيو". اچانڪ مواجہ شريف کان دروازو کليو آهي ۽ مون کي اندر سڏ ٿيو آهي. روئندو ڏکندو اندر ويو آهيان تہ اڳيان هڪ تخت نظر آيو. جنهن تي سهڻا حبيب ڪريم ﷺ جلوه افروز آهن ۽ آءٌ روئي روئي چئي رهيو آهيان: "يا رسول الله مون کي خيرات ڏيو". پاڻ فرمائن ٿا تہ اسان کي ڇا سمجهي گهرو ٿا؟ عرض ڪيان ٿو: يا رسول الله اوهان فرمايو آهي:

انما انا قاسم والله يعطي. اوهان الله جا خزانا ونڊڻ وارا آهيو.

پاڻ مسڪرايا فرمايائون سچ آهي. اوهان کي خيرات ملي آ ۽ ملندي.

باب ستون

مکتوبات يا مڪاتيب مڪتوب جو جمع آهي. مڪتوب هڪ سان لکيل خط کي سڏبو آهي. پيغام رساني ۾ پنهنجي ڳالهه ٻڌي تائين پهچائڻ جو بهترين ذريعو خط آهي. جنهن کي "نصف الملاقات" يعني اڌ ملاقات ٻه سڏيو ويو آهي. اسان جي اسلاف خطن ذريعي دين جو پيغام ٻين تائين پهچايو. خود حضرت حبيب کريم ﷺ جن ٻه خطن جي ذريعي تبليغ ڪئي. پاڻ وقت جي بادشاهن کي تبليغي خط لکيائون. نجاشي بادشاهه سندن خط پڙهڻ بعد مسلمان ٿيو هيو. حضرت امام رباني مجدد منور الف ثاني رحمۃ اللہ علیہ جي لکيل خطن جو مجموعو "مڪتوبات امام رباني" تصوف جي دنيا جو بهترين ڪتاب آهي. جنهن ۾ غيبي اسرار ۽ باطني رموز لکيل آهي. حضرت شاهه غلام علي دهلوي جا خط "مڪاتيب شريف" جي نالي سان بهترين علمي ۽ روحاني سرمايو آهن. ان طرح ڪافي بزرگن جي خطن جا مجموعا ڪتابي شڪل ۾ موجود آهن.

حضرت محبوب الاهي رحمۃ اللہ علیہ جا گڏ ڪيل خط مبارڪ هن ڪان اڳ هڪ ننڍي ڪتاب "مڪتوبات محبوب الاهي" جي نالي سان شايع ٿي چڪا آهن. هتي انهن خطن سميت پيا ٻه خط مبارڪ شامل ڪيا ويا آهن. هنن خطن ۾ پاڻ مڪتوب اليه جي فهم مطابق انهن کي نصيحتون لکيون آهن. سندن خطن ۾ شريعت ۽ طريقت جا مسائل بيان ٿيل آهن. يقيناً روحانيت جي متلاشين جي لاءِ هنن خطن ۾ وڏي رهبري ۽ رهنمائي آهي.

هي خط مبارڪ پڙهڻ سان دل دنياوي محبتن کان بيزار ٿئي ٿي. اندر ۾ الله ۽ انجي حبيب ﷺ جي محبت اُسري ۽ نسري ٿي. راهِ مولا جي طالبن ۽ سالڪن کي منزل تائين پهچڻ جي رهنمائي ملي ٿي. هتي مڪتوب تمام گهڻي ميڙا چونڊيل ۽ بي انتها ڪاوشن بعد حاصل ڪيا ويا آهن.

پهريون خط

بسم الله الرحمن الرحيم

بخدمت گرامي درجت، محب الفقراء، محبوب الغرباء، مستغني الالقاب، مجمع فضائل خطاب، جناب حضرت شاه صاحب مير محمد [1] صاحب ادام الله وجودكم.

بعد تحفهٔ تسليم وتحيهٔ تكريم ونيازات كثير وعجزيات وفير معروض به :

المرام من الارقام ! غريب نواز ! توهان جوشفقت نامہ بوقت سعيد موصول ٿيو پر جيكو وقت معين پندرهن تاريخ جو هيو خط اوهان جو ان كان بعد مليو. جمعي جي ڏينهن هي فقير خود موجود به كو نه هيو. اميد ته پئي كنهن وقت تي شرفِ ملاقات حاصل كبو. اهو توهان جو مون جهڙي فقير كي ياد فرمائڻ ۾ فقيرن جي محبت جو هڪ دل ۾ پوکڻ الله جل شانہ جي معرفت حاصل كرڻ جو دليل آهي .

حبِ دُرويشاں كليدِ جنت است * دشمنِ ايشاں سزائے لعنت است

هي سعادت ابدي ۾ رفاقت احمدي حاصل كرڻ جو پهريون حق حضرت محمد مصطفيٰ احمد مجتبيٰ ﷺ جي آل مطهر جو آهي. آل پاڪ جيكڏهن پنهنجو معين حق احمدي ۾ فرض محمدي ادا كن ته اها آل اها شان واري آهي جو ان جي محبت هر مؤمن لاءِ ايمان كامل جو ٽلث آهي. ان جي حب واجب بلكہ فرض آهي. اهڙي آل مطهر جو استقبال ہن نفلن جو ثواب ركندڙ آهي پر جيكڏهن نيكائي كان لنگهي مولا كريم جي حقيقي عشق جو مزو چكن ته اهڙي آل جو ديدار حجن كان وڌيك آهي.

پر منا شاهه صاحب پيا سپ وهم خطرا ختم كري منهنجي حقيقي يار جي عشق جي سُرکي پيءِ ته سهي هي اهو ڏک آهي جن پيتو پنهين جهانن كي پُلائي ڇڏيائين.

---

[1] مولانا سيد مير محمد شاه رحمۃ اللہ علیہ (ولادت 1901 وفات 1986 ع) جومي جي ڏکڻ ۾ ڳوٺ پير علي شاه ۾ رهندا هئا. سيد امير محمد شاه اميناڻي واري وٽ پڙهيا. مانلي جي پير ۾ اوٽو شريف واري بيبي صاحبہ وٽان روحاني فيض حاصل كيائون. پير الاهي بخش، جي ايم سيد، ميئهون خان جنگواڻي، محمد هارون لڑڻي واري سان سندس شا لاڳاپا هوندا هيا. خود پيري مريدي وارا هيا. حكومت پاران هكورت جي قاضي جو لقب مليل هين. حضرت محبوب الاهي هي خط كين پنهنجي مرشد حضرت پير منا سائين رحمۃ اللہ علیہ جي زندگي ۾ لكيو كين مرشدن وٽ اچڻ جي دعوت ڏنائون ۽ تصوف جا نكتا لكيائون.

آنکس کہ تراشناخت جان راچہ کند*فرزند عیال خان ومان راچہ کند
دیوانہء کنی و ہردو جہانش بخشی * دیوانہء تو ہردو جہاں را چہ کند

ليلي جو ديوانو ڪنهن ٻئي جاءِ تي دل نہ ڳاسائي سگهيو پر منهنجي يار حقيقي جو ديوانو ٻي جاءِ تي ڪيئن دل ڏُرائيندو؟ محبوبَ جون ڳالهيون لکندي هن فقيرَ جي حالت ٿي ٻي ٿي ويئي آهي. پر دل گهري ٿي، مجبور ٿي ٻہ توهان تائين پنهنجي يار جون ڳالهيون لکان. يار جي گفتار روئاري ٻہ ٿي محبت جا آڙاهہ ٻہ تيز ڪري وري لذت ٻہ چکائي ٿي.

عشق آن شعلہ است کو چوں بر فروخت،
ہر چہ جز معشوق باشی جملہ سوخت.
تیغ لا در قتل غیر حق براند * در نگر آخر کہ بعد لا چہ ماند
ماند الا اللہ باقی جملہ رفت* مرحباے عشق شرکت سوز رفت
شاد باش اے عشق خوش سوداء ما* اے طبیبِ جملہ علتہاء ما
اے دوائے نخوتِ ناموس ما * اے تو افلاطون جالینوس ما

ماسوي الله جي ڪچري کان باطن واري گهر کي ٻي عبادت ائين پاڪ ڪري ٿي جيئن هٿن سان يا چَپڻيُن سان ويهي ڪڪ ڪيڊي سارا اڳڻ جايون ورانڊا صاف ڪجن. تہ ڏاڍي مدت کان بعد صفا ٿيندا. پو ٻہ صفائي اهڙي سهڻي نظر نہ ايندي پر مرشد ڪامل جي توجهہ سان عشق جي سُرکي پي وجد ۾ جذب سان باطن جي صفائي ائين ٿئي ٿي، ماسوي الله کان سينو ائين صاف ٿي وڃي ٿو، جيئن وڏي ٻهاري سان ڪو گهر جي اڳڻ ۾ جاين کي ٻهارو هٽي صفائي ڪري. تڏهن بزرگ فرمايو آهي واه واه عشق ! جو تنهنجو سوداءِ ٻہ چگو آهي. تون سيني بيمارين جي دوا آهين تون اسان جي وڏائي ۾ آکڙ جي دوا آهين ۾ اي عشق تون اسان لاءِ افلاطون ۾ جالينوس طبيب آهين. هر هر ڪهڙا پنهنجي محبوب جي محبت ۾ عشق جا حال اورجن.

عشق جِيِي جَرَ ٿئي جَرَ، جن کي لڳي پچ تن کان خبر.

هميشہ پنهنجي مولا ڪريم جي وندر ڪپي. انسان پوءِ آهي جنهن ۾ اُنس ڪونهي

اهو انسان کونهي. الله وارن جي ملکيت ۾ شاهوڪاري رب جو عشق هوندو آهي. جيئن شاهه صاحب فرمايو آهي :

ڪيهي ڪام ڪاپڙي ٿا اهڙي رَوَش رَوَن،
نَڪا دل دوزخ ڏي نَڪي بهشت گهُرن،
نَڪي ڪم ڪُفار سين نَڪي مسلماني مَن،
پر سدا ائين چَون ته پرين ڪجومِ پانهنجو.

جيڪڏهن پرين پنهنجو ٿيو ته ڪهڙي ڪاڻ جهان جي. اي شاهه صاحب ! دل گهري ٿي ته توهان ۽ انهي محبت ۾ عشق مولا جي مٽي درياء مان ڪجهه ڏک پي ڏسو. پيئندو ته ساري گذريل حياتي تي ارمان جا ڳوڙها هاريندا رهندئو ته افسوس جو مان هڪڙي يار حقيقي کان منهن ڦيرايون ٿي وتيس. جنهن عبادت ۾ يار جي وصال جي خوشبوءِ نه اچي اها ڪهڙي عبادت آهي. اها عبادت افساني جي مثل آهي. پر اهو قرب منهنجي مرشد ڪريم وٽان حاصل ٿيندئي.

سٹ ساري وهم گمان * انهاں پيراں وچ رب ملندئي

مدرسي ۾ جيڪي شاگرد پڙهندا آهن ته سڀ هڪ لياقت جا نه هوندا آهن نه سڀ صاحب ذهن ۽ فهم جا هوندا آهن. عربي وارن جي لياقت ۾ هوندي پارسي وارن جي ۾ هوندي، سنڌي وارن جي ۾ هوندي. پوءِ ممتحن کنهن جي ڪَچَائي ڏسي هر هڪ کي ناپاس نه ڪندو آهي. انهي درٻار تي پورو عقيدتمند بنجي وڃي انهي سڪ جي سُرکي پي ڏس.

سون ۽ عشق ماسي يا زَٽيئن وڪامندو آهي. پر هن جوان (پير منا سائين) وٽ مَٽين پيو ٿو وڪامي. هئي جي کو خريدارهجي! سيد علي اڪبر شاهميڙ وارو جيڪو صحيح نمونو سان اهل باطن ۽ صاحبِ ذڪر ۽ مريدن خادمن وارو هيو، منهنجي مرشدن سان روبرو مجلس ۾ سندن تقرير ويهي ٻڌائين. عقل جي تارازي ۾ توريائين جنهن مان معلوم ٿيس ته بي شڪ هي جوان کنهن ٻئي ملڪ جو ماڻهو آهي جو اُڪريلن باغن جا ميوا ٿو کارائي. يڪدم سندن هٿ تي بيعت ڪيائين. هينئر انهي حال جو انسان ٿي ويو آهي جو مهيني ۾ چار پنج دفعا ٿو حضرت صاحبن جي خدمت ۾ وڃي.

هڪ سيد، عالم، عارف، دنيا ۾ وڏيڪ عزت وارو باوجود انهن فضيلتن جي طالب مولا ٿي نهايت مؤدب نهايت نيازمند ٿيندي ڏٺوسون. سُرڪي پيتائين تہ آکڙ ويئي. گذريل ياربن تي اندر حضرت صاحب جن گهرايو حضرت شاه صاحب کي، حضرت صاحب جن ڪرسي ڏني. ڏٺوسون ٿوري دير کان بعد اٿي حضرت صاحب جن کي وڃڻو هٽڻ ٻيڻو. سو انهن رحمت وارن ڏينهن کي ياد ڪري ڪنهن ڏينهن پيو ارمان ڪبو. ڪوشش ڪريو اسان جي دلڙي ناريو. اهو ڏاڄ توهان جي خاندان جو آهي. سمڻو بہ توهان کي لڳندو. شادي واري ٽائيم گهوٽ سينگاربو آهي ان جي خوشي ۾ پيا بہ عمدا نوان ڪپڑا پائيندا آهن ۾ خوشيون پيا ملهائيندا آهن پر انصاف سان ٻڌايو گهوٽ جهڙو سينگار يا خوشي ٻئي کي هوندي؟ يا رهندي؟ هرگز نہ. سو اهل بيت جو خاندان مان ۾ شان وارو خاندان آهي. معرفت جو خزانو ٻين کي ذرو ذرو نصيب ٿيو، انهيءَ ذري ملکن کي رنگ لاتو پر جي اهو خود پنهنجي خزاني جو پاڻ مالڪ ٿئي تہ ڪهڙو نہ ڏهندو ڪهڙو وڃندو. عناد ۾ ضديت ڪيي انصاف جي پاڻ ڪندؤ تہ هڙو شخص دنيا ۾ لپڻ مشڪل آهي. جتي طمع ڪانهي، جتي دنيا جي ڳالهہ ڪانهي، جتي عشق ۾ دين محمدي کان سواءِ سبق ڪونهي، جتي پنهنجي ۾ پرائي نڻين ۾ پراٽي امير ۾ فقير شاه ۾ گدا جو سوال ڪونهي، جتي ڪنهن سان خوشامد ڪانهي، جتي ٻاهٺ گهرن ۾ هڪ بہ بي نماز پر بي تمجد ڪونهي. جتي مرڻي ۾ پرڻي ۾ شريعت کان سوا ٻيو شيطاني ڪم ڪونهي. جتي الله جي ذڪر کان سوا ٻي تنوار ڪانهي، جتي علمي تقريرم ڪنهن تي حملو يا ڪفر چوٽو ڪونهي، جتي سندس ديدار ڪرڻ سان رب کان سواءِ ٻيو ماسوي الله جو نشان ڪونهي.

الله اسان جو الله آهي، رسول اسان جو رسول آهي، مرشد اسان جو مرشد آهي. مرشد نہ الله آهي نہ رسول ﷺ آهي. بلڪ الله ۾ رسول ﷺ جي ملڻ جو در مرشد ڪامل آهي. ڪنهن جي چوڻ يا مجبور ڪرڻ تي نہ بلڪ پنهنجي انصاف سان وجي ڏس ائين معلوم ٿيندئي تہ هيئن دين محمدي ڪنهن نہ سيکاريو.

ائين عشق ۾ شرع ڪنهن نہ گڏايا،
ائين سينا روضة من رياض الجنة ڪنهن نہ بنايا.

باقي اڃين جو ڪمال ڪري ڏيکاريا تہ ماڻهو بہ قدرداني وارا، طالب مولا جا هوندا هئا. هينئر آخرين وقت آهي. باقي جو ڪنهن ڪم نصيب ڪي ڏسي محروم ٿيو اهو نامناسب آهي دربار محمدي ﷺ بہ منافقن جا ٽولا رهندا هئا. يا ڪي معاند ٿي ويندا هوا. اهو ڪو ڪمال جي گهٽتائي جو دليل ڪونهي. ڪوشش ڪري سعادت ابدي حاصل ڪيو. حضرت صاحب جن هن ايندڙ خميس تي لاڙ وڃڻا آهن. ٽنڊي الهيار جي طرف. وقت ملي تہ مختيار ڪار صاحب کي هي اسان جو نيازنامہ ڏيڪاريندا جو هنن اکرن جو انصاف اهو ڪندو. زياده خير والسلام

الباقي عند الملاقي

فقير لا شيء الاهي بخش غفاري

بيون خط

بسم الله الرحمن الرحيم

محب الفقراء انيس الغرباء جناب فقير محمد صاحب

بعد تحفۂ تسليم و تحية تكريم معروض بہ . مطلب تہ جناب عالي ! توهان جو خط پهتو احوال معلوم ٿيو. مهربان اسان اچڻ لاءِ سنبريل هواسون پر ڪن سببن ڪري اچي نہ سگهياسين پر هتي تبليغ جو ڪم جاري آهي. الحمد لله ڪهڙي فيض برڪت جي ڳالهہ ڪجي. ڳوٺن جا ڳوٺ طريقي ۾ داخل ٿي رهيا آهن. وڏا وڏا ڏاڙيل، چور، زاني، موالي، چرسي، آفيمي بہ توبہ تائب ٿي نيڪ صالح ٿي رهيا آهن. محمد صديق پنجاپي ۽ ميان حسن الله صاحب جي پارت اٽو انهن کي منهنجي اکين سان ڏسندا. ميان حسن الله صاحب کي حڪيم فيض محمد ٽري واري کان دوا ونڊي ڏيندا. ان جي بيماري منهنجي بيماري سمجهندا. اسان جي ڀچي جي پارت اٽو. فقيرن سان بہ ملاقات ڪندا رهو تہ محبت قائم دائم رهي. پاڻ بہ الله جي ذڪر ۽ فڪر ۾ ذاڪر ۽ شاغل رهندا. زيادہ خير والسلام.

فقير لا شيء الاهي بخش غفاري خانپوري

ٽيون خط

بسم الله الرحمن الرحيم

محب مڪرم، احب اڪرم، ايرادتمند جناب فقير محمد صاحب!

بعد اسلام عليڪم و رحمة الله و برڪاته. المرام غريب نواز توهان جو خط پهتو احوال معلوم ٿيو. ان جي جواب ۾ لکجي ٿو ته محبت جي گهٽ ٽيڻ ۾ مرشد کي گهڙو ياد ڪريو ۽ مرشد جي مدح جا غزل پڙهندا ڪريو ۽ الله جو ذڪر گهڙو ڪندا ڪجو. ذڪر سان محبت رکجو. منهنجي پرين سان لئو لڳائجو. اهڙو دوست دل تان نه وسارجو. پنهنجي دوست سان هوبڙل هٿانها ٿي گذارجو. وفادار ٿي گذارجو. پنهنجو قيمتي وقت دنيا جي غمن ۾ نه وڃائجو. بي بقا ۽ بي وفا دنيا سان دل نه لائجو. مسافرانه طور گذارجو.

مهربان! مخالفت ۽ عداوت ۽ ڪاوت ته هن جماعت جو ڏاج آهي. جي حضرت ابراهيم عليه السلام جو نمرود مخالف نه ٿئي ها ته رب ڪريم آڏاهه کي باغ نه بنائي ها. حضرت موسيٰ عليه السلام جو فرعون مخالف نه ٿئي ها ته سندن معجزا ڪيئن ڏسجن ها. درياءَ مان ڪيئن پار پهچي ها. طور سينا جون تجليون ڪيئن پسي ها. حضرت عيسيٰ عليه السلام جا مخالف نه ٿين ها ته چوٿين آسمان تي ڪيئن وڃي ها. حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جو ابو جهل مخالف نه ٿئي ها ته آسمان تان چنڊ ڪيئن چيرجي اچي ڪلما پڙهي ها. حجرۂ شجر مصطفيٰ ﷺ تي ڪيئن شهادت ڏين ها. مصطفيٰ ﷺ جا معجزا ڪيئن ڏسجن ها.

حضرت امام حسين رضي الله عنه جو يزيد مخالف نه ٿئي ها ته پاڻ شهادت جو جام ڪيئن پيئن ها. اوليائن جا مخالف نه هجن ها ته ڪيئن طالبن جا سينا فيض سان پرپور ٿين ها. ڪيئن دنيا تي فيض محمدي جون چوليون هجن ها. اهو سڀ ڪجهه دشمن جي دشمني جو اثر آٿئي. شيطان نه اچي ها ته سچن ۽ ڪوڙن جي پرکا ڪيئن ٿئي ها. فقيري ۽ دينداري تي دشمن جي دشمني مصطفيٰ ڪريم ﷺ جي سنت آهي. مخالفت من ۽ روح جي راحت آهي. آخرت جي نجات آهي. نيڪي ۽ پلائي جي بشارت آهي. ايمان وارن لاءِ فرحت آهي. اوليائن لاءِ باعث ڪرامت آهي. مخالفتن کي ڏسي هرگز ملول نه ٿجو پاڻ وٽيڪ دين جي رستي ۾ وڪ وڌائجو. وَالسَّلام عَلٰى مَنِ اتَّبَعَ الهُدٰى

فقير لاشيءِ الاهي بخش غفاري انصاري خانپور.

چوتــون خط

بسم الله الرحمن الرحيم

مهربان قدردان عاليشان جناب فقير محمد صاحب !

بعد تحفهء تسليم و تحية تكريم.

مهربان ! الله جو ذكر گهٹو كندا رهجو. يار جي يادگيري كان هرگز غافل نہ ٹجو. دوستن كي به اها صلاح ڈيندا رهجو. خدا جو يادگيرو ٻنهين جهانن لاءِ هر جاءِ جي عزت آهي. خدا جو ذكر مؤمن جي خوراڪ ۽ پوشاڪ آهي. حضرت مصطفيٰ ﷺ جي شريعت جو سينگار لاهي نہ ڇڏجو. اكين جو سرمون يار جي يادگيري ۾ روئڻ سمجهجو. نوڙت ۽ نياز هيٺاهين ۽ حلم بردباري پنهنجي عادت بنائجو. تهجد نماز مخفي عبادت آهي. الله تعاليٰ ان كي زور پسند فرمائيندو آهي. صلواة التسبيح هن ماه ۾ هر رات پڙهندا كجو. هن مهيني (رمضان) جا نفل ٻين مهينن جي فرضن كان به وڌيڪ آهن.

دعا وقت تمام عاجزي ۽ نياز مندي سان دعا گهرندا كجو. پاڻ كي سهڻي كان گهٽ تصور كجو. مخالفن ٻي دينن جي صحبت كان سخت پرهيز كجو. انهن سان ضرورت جي وقت ويهڻ كاكوس جي ويهڻ وانگر سمجهجو. كنهن سان حسد ساڙ بغض عداوت نہ ركجو. دنيا جو حرص نہ ركجو. پاڻ كي ٻن ڈينهن جو مسافر ۽ مهمان ڀڻيندا رهجو. گهر جي پاتين ۽ گهرواري سان اخلاق سان پيش اچجو. انهن كي به ذكر خدا جي تلقين كندا كجو. اهي به توهان جي سفر جا ساٿي آهن. اسان كان به پيرو نہ ٻيجو. اسان جي محبت توهان لاءِ ضروري آهي. جيترو محبت جو پانور هوندو تہ اوتري ايمان جي روشنائي زياده هوندي. شوال جي مهيني جي ٻارهين تي ضرور اچجو.

زياده خير والسلام

فقير لا شيء الاهي بخش غفاري خانپوري.

پنجـون خط

بسم الله الرحمن الرحيم

نور چشم و راحت جسم جناب میان حسن الله صاحب !

بعد اسلام علیکم جي لکجي ٿو ته توهان جو خط پهتو احوال معلوم ٿيو. مهربان توهان کو به فکر نه کريو. رات جو گهڻو ذکر کريو. اهي ڏاڙيل توهان کي سجاڳ کرڻ لاءِ آيا هئا ته سجاڳ ٿي الله جو ذکر پيا کيو. هک الله کان ڊجو ماڻهن کان نه ڊجو. الله جو ذکر دل سان کريو. پاڻهين الله تعالیٰ انهن جي دلين ۾ خوف وجهندو. توهان جو کو به نالو نه وٺندا. اسان به انشاءالله نائين تاريخ ذي القعد تي پهچي، جلسو ملهائيندا سون. عام جماعت کي پڌائي ڇڏيندا. کو به فکر نه کندا. سڀني نبي کريم ﷺ غار ثور ۾ ابوبکر صديق رضی الله عنه کي چيو هو ته : لا تحزن ان الله معنا غم نه کر الله اسان سان گڏ آهي.

الله جي راهه ۾ موت پلو آهي جو بنا حساب جي شهيد ٿي جنت ۾ وڃڻو پوندو. پلا جي ٽپڙ کٽي ويا اهو ڏونڍ کتا گهر مان کٽي گهر صاف کري ويا. کو به فکر نه کريو. هيڏانهن به واه واه هوڏانهن به واه واه. وڌيک والسلام فقير لا شيءِ الاهي بخش غفاري

چهـون خط

بسم الله الرحمن الرحيم

نورچشم وراحت جسم جناب کرم الله صاحب !

بعد اسلام عليکم جي لکجي ٿو ته توهان جو خط پهتو آهي پڙهي خوش ٿياسون. مهربان توهان کوبه الکو نه کريو، اسان جون دعائون توهان کي مينهن واچ کيون پيون ايندیون. ٻچا کوبه الکو نه کندا. الله تعالیٰ توهانجو مددگار آهي ۽ هوندو. آءٌ توهان تي ۽ توهان جي ساڻين تي ڏاڍو راضي آهيان. خدا وٽ توهان لاءِ هروقت درخواست گذار آهيان. شال الله تعالیٰ اوهان کي کامياب کندو. کرمپور شريف کي اوهان کي آباد کرڻو آهي.

فقير لا شيءِ الاهي بخش غفاري

ستون خط

بسم الله الرحمن الرحيم

مهربان قدردان بلند مكان جناب فقير محمد حسين صاحب

بعد تحفہ تكريم و تحيہ تسليم معروض بہ.

جناب عالي، توهان جو خط پمتو پڑهي ڏاڍا خوش ٿياسين. هاڻي هي چند ار شادات توهان ڏانهن لکجن ٿا. انهن کي دل سان پڑهو ۽ انهن تي عمل کرڻ جي کوشش کيو.

هميشہ مالک سائين جي ذکر فکر ۾ مست رهو. خدا جي فرضن ۽ حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جي سنتن تي پوري طرح پابند رهو. کنهن سان بہ جهڳڑو نہ کريو. سچ ڳالهائڻ جي عادت بنايو. پنهنجو سينو غير الله کان واندو رکو. اندر جي ميدان کي ماڻهن جي گلا غيبت کرڻ کان بچايو. سينو وڏي تلاء وانگر کشادو بنايو. پنهنجي نفس کي سيني کان ذليل ڄاڻو. کڈهن ٽهک ڏئي نہ کلو بلکہ هيئين آواز سان مشڪڻ پلو آهي. غافل کي ڏسو تہ مئي زبان سان نصيحت کريو. کنهن جي بہ ايذاء رساني نہ کريو. توڙي جو کنهن کان توهان کي ايذاء بہ پمتو هجي. اجايون فضول ڳالهيون نہ ڳالهايو.

بدخيالن ۾ بدنظرن کان بچو. شبہ ناک ۾ بازاري شين کان پرهيز کريو. غريبن ۾ يتيمن جا مددگار بنجو. منهن ۾ خوش ڏيکار جو دل ۾ سدائين غمناک رهو. کنهن جو راز ظاهر نہ کريو. کنهن جي گهٽتائي نہ کريو. هر هک کي فائدو پهچايو. خليق، صابر ۽ شاکر ٿي رهو. کو بہ توهان سان بچڑو ٿي هلي تہ ان سان بردباري سان پيش اچو کنهن سان بغض نہ رکو. وڏن جي عزت کريو. ننڍين سان شفقت کريو. امانت ۾ خيانت نہ کريو. کنهن کي برو نہ چؤ. کنهن سان گهٽ وڌ نہ ڳالهايو. نمازن سان محبت رکو. غريبن ۽ مسکينن کي پنهنجي مجلس ۾ جڳهہ ڏيو. مسکينن ۽ بکايلن کي کاڌو کارايو. پاڙيسرين کي راحت پهچايو. کنهن جي مذمت ۽ چغلخوري نہ کريو. پنهنجي حياتي تي ناز نہ کريو. پاڻ کي مسافر ۽ راهي ماڻهو سمجهو. هن حياتي کي بي وفا ۽ بي بقا سمجهي وطن آخرت جي لاءِ اداس گذاريو. يار جي يادگيري ۾ حياتي بسر کريو.

بس زياده خير والسلام فقير لا شيء الاهي بخش غفاري

انـــون خط

بسم اللہ الرحمٰن الرحیم

مکرم محترم ایراد تمند فقیر محمد صدیق بعد اسلام علیکم ورحمتہ اللہ وبرکاتہ .
جناب عالي بزرگن فرمایو آهي ته : رب جو ملڻ پیر جي صحبت مان حاصل ٿیندو آهي.
اسانجي حضرات نقشبندین وٽ پیر جي محبت ۽ رابطو وصول الي الله جو احسن ۽ اشرف ۽ اقرب رستو آهي. جن پیر کامل جي محبت جو سودو حاصل کیو سي وڏي ولایت جا صاحب بنجي ویا. خدا جي قرب جو در پیر وٽان کلندو آهي. انڌاري دل پیر وٽان روشن ٿیندي آهي. پیر وٽان اها شيءِ ملندي آهي جو دل مِ هڪ یار جي محبت پیدا ٿیندي. اها فقیري آهي جو. حضرت امام رباني مجدد الف ثاني رحمۃ اللہ علیہ فرمایو آهي ته جیتري تنمنجي پیر کامل سان محبت هوندي اوتري خدا جي محبت تو کي ملندي. ان کان هڪ ذرو به گهٽ وڌ نه ملندي. چو ته ؛

پیر کامل : الله جي تحفن مان هڪ تحفو آهي. رب جي نعمتن مان هڪ نعمت آهي.

- پیر کامل خدائي خزانن مان هڪ خزانو آهي.
- پیر کامل خدائي اسرارن مان هڪ اسرار آهي.
- پیر کامل توحید جي دریاء جي غواصن مان هڪ غواص آهي.
- پیرکامل گناهن وارا لباس لهرائي محمدي لباس پهرائڻ وارو مرد آهي.
- پیر کامل چنلن کي رب سان ملائڻ وارو جوان آهي.
- پیر کامل دنیا آخرت جي رفیقن مان هڪ رفیق آهي.
- پیر کامل دل وارن فقیرن کي جنت وٽي وڃڻ جو ضامن آهي.
- پیر کامل مریض دلین جو حاذق حکیم آهي.
- پیر کامل جي نظر ۽ مِهر کیمیا گر بنائیندڙ آهي.
- پیر کامل حضرت محمد مصطفیٰ ﷺ جي دربار مِ ویهڻ جي لائق بنائڻ وارو آهي.

الله کریم شال پیر کامل جي سچاڻ ، محبت ۽ صحبت نصیب فرمائي.

وَالسَّلام عَلیٰ مَن اتبع الهُدیٰ فقیر لا شيءِ الاهي بخش غفاري.

نائــون خط

بسم الله الرحمن الرحيم

محب مڪرم، احب اڪرم، مُحب الفقراء، انيس الغرباء ايرادتمند جناب فقير محمد صاحب ! بعدتحفۂ تسليم وتحية تڪريم معروض:

توهان ايندڙ عيد بعد ڀارهين تاريخ جي رات موقعي تي پهچي ويندا. لُنڊن مان ب جيڪي اچي سگهن انهن کي ب وٹيون ايندا ۽ الهڏنو فقير حيات آهي يا گذاري ويو جو نہ اچڻ، نہ احوال لکڻ، کو ب پتو ان جو ڪونہ ٹوپوي. ب آني جو لفافو ب نہ ٹولکي.

لاڙ جي خليفن جو حال اهو اٹوَ جو نور الله فقير جو ب اڄ تائين کو احوال ڪونہ ٹو اچي. ڪيترو دين جو ڪم ڪيو ويو هيو انهن فقيرن خليفن کي ان ڳالهہ جي ڪا ب سنيال نہ ٹي آهي نہ وري احوال ٹي لکيو اٹن. رڳو دنيا جي پوڄا ۾ مشغول ٹي ويا آهن اسان جون ڳالهيون وسري وين. اسان تہ انهن سان چگايون ڪري ويا هواسون قدر شناسي جو وقت گذري ويو.

ويا مور مري هنج نہ رهيو هڪڙو،
وطن ٹيو وري ڪوڙن ڪانيرن جو.

محبت واري جي اندر ۾ عشق جا آڙاہ ٻرندڙ هوندا آهن انهن کي سيءَ جي ڪا خبر نہ هوندي آهي. اسان اهڙن سيئن ۾ ب فقيرن وٹ دعوتن تي پيا ٹا ويجون. هاٹي ب هن جمعي جي رات ڪلہ دعوت تي ويندا سون.

تتيءَ ٹڏيءَ ڪاہ ڪانهي ويل ويهڻ جي،
جان جان اٹئي سوجهرو تان تان ڪرهلُ ڪاهہ،
وهامي ويندياءِ پو گهٹا هٹندينءَ هنڙا.

عشق کي ڪو عذر نہ هوندو آهي. اُڻ سياري جو مست ٹي ويندا آهن. پوءِ اهي وڏيڪ بار ڪٹي هلندا آهن. جئين سيارو تئين بارو. رب کان هميشہ اِها دعا هجي تہ شل محبت گهٹ نہ ٹئي.

كافي

جيڪي آهي محبت مِ محبت كان سوا چاهي؟ محبت منڊ شريعت جو شريعت كان سوا چاهي؟ محبت سان ذكر تسبيحون وٽن دؤر قران جا، خدائي قرب محبت مِ محبت كان سوا چاهي؟ سو مهربان اچ وچ جو رستو كڈهن ب بند نہ كندا. فيض جي ملڻ جو تہ دارومدار پير جي محبت تي موقوف هوندو آهي. عاشقن كي ڏسندا كريو نہ غافلن كي. اسان كي فقيرن جي محبت جي ڳالهين تي ايتري خوشي ٿيندي آهي، جيتري بادشاهن كي بادشاهي ملڻ جي.

سو مهربان جيستائين اسان جي حياتي آهي تيستائين تہ پيرا نہ پيچندا. اسان جي دل كي خوش كندا رهندا. زياده خير. سلام ساري جماعت كي چوندا

فقير لاشيءِ الاهي بخش غفاري انصاري

خانپور 9 ڊسمبر

ڏهون خط

بسم الله الرحمن الرحيم

2 محرم الحرام 1401 هـ محترم مكرم ايرادتمند فقير حاجي گل محمد صاحب!

اسلام عليكم جناب عالي توهان جو خط پهتو احوال معلوم ٿيو. مهربان! توهان كي انهن خوابن مِ انهن بشارتن جي مبارك ڏجي ٿي. اِهي اوهان جي آخرت جون جايون آهن. اوهان كي ڏيكاريون ويون آهن تہ توهان كي پورو يقين ٿئي تہ توهان جو ب پورهيو چڱائي جو يا فقيرن جي خدمت جو كيو آهي سو الله تعالىٰ ذرو ب ضايع نہ كيو آهي، نہ كندو. هاڻي ئي ڏسي وٺو. ٻيو تہ حضرت امام رباني مجدد الف ثاني رحمۃ اللہ علیہ مكتوبات مِ فرمايو آهي تہ مون سان رب تن ڳالهين جو وعدو كيو آهي. سندن جماعت نقشبندي قيامت تائين هوندي. انهن كي پهريون تہ ايمان جي سلامتي سان دنيا مان روانو كيو ويندو. ٻيو انهن كي جنت جي جاءِ ڏيكاري پوءِ ماريو ويندو. ٽيون جيكي ب رياضتون مِ محنتون مِ ذكر اذكار يا مرشد جي دروازي تي جيكي پنڌرّا كيائين، انهن جو اجورو دنيا مِ ڏئي پوءِ دنيا مان لاڏاٽو كرايو ويندو. وڌيك خير والسلام.

فقير لا شيءِ الاهي بخش غفاري

يارهون خط

بسم الله الرحمن الرحيم

عام اطلاع

سڀني فقيرن کي اطلاع ڏنو وڃي ٿو هيءُ اسان جو صاحبزادو ميان ڪرم الله صاحب توهان ڏانهن تبليغ لاءِ موڪليو وڃي ٿو. سيئي فقير ڇ خليفا ان کي اسان جي ايرادي ڇ يقين سان ڏسندا ڇ اعتقاد ڇ محبت سان ڪيس سان پيش ايندا. هن جون ڳالهيون دل سان ٻڌندا. اِهو شخص توهان فقيرن جي مٽان هميشہ لاءِ تبليغ لاءِ مقرر ڪيو ويو آهي. اميد تہ توهان جي خيرخواهي لاءِ دلي طرح خدمت ڪندو. حضرت امام رباني صاحب فرمايو آهي تہ خليفي صاحب کي يا صاحبزادي کي يعني موڪليل کي موڪليندڙ جي رنگ ۾ ڏسندا معنيٰ ان مان توهان تڏهن فائدو ورندؤ جڏهن ان کي پنهنجي مرشد واري عقيدي سان ڏسندؤ. سو هيءُ تمام نيڪ ڇ صالح شخص آهي هن سان محبت رکيوَ تہ جڻ مون سان محبت رکيوَ.

وما علينا الا البلاغ

فقير لاشيء الاهي بخش غفاري.

بارهون خط

بسم الله الرحمن الرحيم

محترم مڪرم احب اڪرم جناب حاجي گل محمد صاحب !

بعد اسلام عليڪم جي لکجي ٿو تہ توهان جو خط پهتو پڙهي خوش ٿياسون توهان جي لاءِ خاص دعا گهري سون. مهربان توهان لکيو آهي ذڪر بند ٿي ويو آهي. ٻڌو ذڪر ٽن ڳالهين جي ڪري بند ٿي ويندو آهي. مريد پنهنجي مرشد ۾ ٻي اعتقادي يا ڪو اعتراض ڪندو آهي تہ انجو ذڪر بند ٿي ويندو ڇ محبت گهٽجي ويندي آهي. ڪا شڪ ڇ شبهي واري شيءِ استعمال ڪندو، يعني بازاري شيون ڪائيندو يا هوٽلن جون شيون ڪاڌي جون ڪائيندو آهي تہ ذڪر بند ٿي ويندو آهي. جو تہ اتي پاڪائي صفائي جو خيال نہ رکيو ويندو آهي.

کو گناھ صغیرو یا کبیرو ٿي پوندو آھي ته ذکر بند ٿي ويندو آھي. انھن جو علاج دل سان توبھ تائب ٿيڻ ۾ استغفار پڑھڻ آھي. برسات لاءِ دعا گھري اٿئون. انشاء الله وسندي. انشاء الله مولوي کرم الله کي ايندڙ موقعي تي موکليو ويندو پر توهان جڏھن فضل آباد ۾ اچو ته ان کي دعوت هميشه جي ڏئي ڇڏيو انشاء الله هي مرد مجاهد اسان جو جاءِ نشين ڪيو ويندو. توهان هن کي منهنجي رنگ ۾ ڏسندا ڪريو. اوهان لاءِ هميشه دعا گھرندڙ آهيان ته الله تعالیٰ توهان کي خوش رکندو. دنيا آخرت ۾ اسان جو پاڙيسري بنائيندو. سدائين باغ بهار هوندا پنهنجي اهل عيال سوڌا.

اوهان جيترو به ننگر ۾ خير ڪريو تا سپ پنهنجي آخرت ناهيو تا . دنيا ۾ الله تعالیٰ سان واپار ڪريو تا. خدا جي واپار وارو سدائين وڌندو نه ڪٽندو. جيڪي توهان چگائي ڪريو تا پڪ جاڻو ته اها سپ اسان جي تهجد واري دعا جو اثر آهي. اسان کي سدائين ياد آهيو. توهان به الله تعالیٰ کي گھڻو ياد ڪريو تهجد نه ڇڏيو. آخرت جو گھڻو فڪر ڪريو. اڄ ڏند ٻڌگا اٿوَ، وار اڇا ٿيا اٿوَ جواني واري صورت متجي ڪراڀ واري حالت ٿي اٿوَ اهي سپ آخرت ڏي وڃڻ وارا نشان اٿوَ. فڪر آخرت جو رکو ته خير سلامتي سان هلي پنهنجي دوست سان ملون. الباقي عند الملاقي وذيک خير والسلام.

فقير لا شيءِ الاهي بخش غفاري

تيرهون خط

بسم الله الرحمن الرحيم

محترم مڪرم جناب فقير حاجي گل محمد صاحب !

بعد اسلام عليڪم و رحمة الله وبرڪاته مهربان توهان جو خط پُرنمط بوقتِ سعيد پهچي ويو. پڑهي ڏاڍي خوشي حاصل ٿي. توهان لاءِ جمعه جي ڏينهن دعا گھري اٿم. جيڪي توهان جون مرادون آهن دنياوي يا اُخروي سپ الله تعالیٰ پوريون ڪندو. انشاء الله رب اسان کي جنت ۾ پاڙيسري بنائيندو. جو هر روز ملاقاتون پيا ڪندا سون. توهان جي والد جي مطيع هجڻ جي دعا به گھري اٿم. توهان جي اولاد لاءِ ۾ توهان جي گھر جي ڀاتين لاءِ دعا گھري اٿم. انشاء الله يقين اٿم ته رب مون مسڪين جي دعا اصل رد نه ڪندو.

نہ کڈھن کئي اٿس. وڏيڪ خوشخبري ڏيان ٿو تہ توهان کي حضور نبي پاڪ ﷺ پاڪ ۾ رکيو آهي. توهان کي منهنجي روبرو مبارڪ ڏني اٿن. محمد رمضان تيل واري کي نرڙ تي چمي ڏني اٿن. انهيءَ ڪري آءٌ توهان تي راضي آهيان. توهان جي اهل عيال تي راضي آهيان. توهان جنهن گهر ۾ رهو تا، ان تي راضي آهيان. توهان جي شهر تي راضي آهيان. توهان کي الله تعاليٰ شل خوش رکندو. وڏيڪ روبرو ملاقاتون کنداسون. ٻيو اوهان محرم ۽ صفر ۾ شادي بابت پڇيو آهي؟ سو محرم ۽ صفر ۾ شادي ڪرڻ جائز آهي. هن عاجز پاڻ محرم شريف ۾ شادي ڪئي هئي. اهو جاهلن ماڻهن جو عقيدو آهي اهو عقيدو رکڻ نہ ڪپي.

اهي جهيڙا، ڦريون، ڏاڙا انهن ماڻهن سان ٿيندا جيڪي رب کي ياد نہ ڪندا. اِهو پاڻ الله تعاليٰ جو انصاف آهي، ظالمن متئون ظالم موڪليا اٿس. توهان رب کي گهٽو ياد ڪيو. نہ ڪو فڪر ڪئي ان ڳالهہ جو ڪيو. اِها خود عملن جي شامت آهي. سا بہ توبهہ تائب ٿيڻ سان جلد دفع ٿي ويندي. توهان تهجد نماز پڙهي امن امان لاءِ دعا گهرندا ڪريو گهٽو رب جو ذڪر ڪريو. هڪ فقير هر روز ڏهہ هزار ڀيرا ذڪر ڪندو آهي سو ڳالهہ ڪري پيو تہ منهنجو قلب تہ ذڪر ڪري پيو پر وار عضوا، گوشت، پوست، هڏا پر ڪپڙا بہ ذڪر پيا ڪن. مان ڪنن سان پيو ٻڌان.

ذڪر گهٽو ڪندا ڪريو آخرت جو فڪر ڪندا ڪريو آخرت لاءِ تياري پيا ڪريو. سامان پيا گڏ ڪريو. هڪ يار جي رضامندي جي تانگهہ رکو پيا سڀ فڪر وڃائي ڇڏيو ۽ موقعي تي اچي وڃجو ۽ ڪرم پور ۾ ڪرم الله ٻارهين تاريخ پنهنجي گهرواري سوڌو موڪليو ويو آهي، مسجد شريف جي ڪم ڪرائڻ لاءِ. سو اتان بہ ٿي اچجو تہ ڪم هلي ٿو يا نہ ٿو هلي. اتي انهن کي چوندا جي فقير ڪم نہ ڪن تہ پندرهن روپيہ جي تاريخ تي مزدور ڪري ڪم هلائن خليفن ۽ فقيرن جو ڪوبہ آسرو ڪونہ آهي.

وڏيڪ خير. والسلام

8_10_1984 فقير لا شيءِ الاهي بخش غفاري

فضل آباد ماتلي

چوڈهون خط

بسم الله الرحمن الرحيم

محترم مڪرم جناب حاجي گل محمد صاحب السلام عليڪم ورحمه الله وبرڪاته!

جناب عالي هت هر طرح خيريت آهي. الله تعالي اوهان پيارن ڏانهن به هر طرح خير ڪيو هوندو آمين. پيارا توهان جو خط مليو حضرت سائين جن پڙهيو پوءِ هن عاجز کي جواب لکڻ جو امر فرمايائون. پيارا توهان پنهنجي ڏکن سورن جون ڳالهيون لکيون آهن. مَينهن مري وئي، بدلي ٽي وئي وغيره وغيره. اهي ڳالهيون پڙهي اسانکي ڏاڍو ڏک ٿيو. پيارا اوهان جو ڏک اسان جو ڏک آهي. اسان جي دل توهان جي پيرن ۾ ڪنڊي جو ايذاءِ به سمي نه سگهندي آهي. اسان جون دعائون هر دم اوهان سان گڏ آهن. پر هي ڳالهه به ياد رکو ڏک ۽ غم به رب جو انعام آهن.

ڏک سکن جي سونهن گهوريا سک ڏکن ري،
تني جي ورونهن در ڏيکاريم دوست جو.

الله جي رضا تي راضي رهو. شڪايت جو حرف زبان تي نه آڻيو ۽ رب جي فرمان تي يقين رکو ته اِنَّ مَعَ العُسرِ يُسراً هڪ غم پويان الله تعالي به راحتون عطا ڪندو آهي.

روايت ۾ آهي ته: هڪ دفعي جبريل عليه السلام الله جي بارگاهه ۾ عرض ڪيو ته: اي الله تنهنجو فلاڻو بانهو فلاڻي شهر ۾ رهڻ واروڪيڏو عابد زاهد آهي جو ان جي عبادت ڏسي اسان ملائڪ به شرمسار تا ٿيون! الله تعالي فرمايو ته اي جبريل هاڻي وڃي لوح محفوظ به ڏسي اچ. حضرت جبريل ڏٺو ته ان جو نالو دوزخين جي لسٽ ۾ لکيل هيو. ڏاڍو ارمان ٿيس. رب کان اجازت گهريائين ته "مان ان بانهي سان ملي اچان" رب اجازت ڏنس. ان عابد زاهد کي اچي ساري ماجرا ٻڌايائين ته اي عبادت زهد ڪرڻ وارا تنهنجو نالو ته دوزخين ۾ لکيل آهي ان ڇيو.

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّي لَوْ لَمْ اَكُنْ لَهُ اَهْلٌ لَمَا فَعَلَ بِي رَبِّي

منهنجي رب جا شڪر ۾ احسان جنهن دوزخين جي ئي لسٽ ۾ پر نالو ته لکيو آهي. آءٌ لائق ئي ان ڳالهه جو هيس اگر لائق نه هجان ها ته ڇو منهنجو رب دوزخين ۾ نالو لکي ها." جبريل کي ويتر حيرت لڳي. رب فرمايس اي جبريل هاڻي وڃي لوح محفوظ ڏس. ڏٺائين

تہ ان جو نالو جنت الفردوس وارن مٖ آهي. اها پلائي آهي الله جي رضا تي راضي رهڻ جي. ولين جو طريقو تہ اهو هوندو آهي جو غم ڏک ايندا آهن تہ رب جو شڪر ادا ڪندا آهن پوءِ رنج ڏئي يا راحت اها سندس مرضي پر شال يار جي در تي ياد هجون.

ٻيو عرض توهان مڇي جي تلاءِ بابت لکيو آهي. سو ان لاءِ حضرت جن فرمائن ٿا تہ: "توهان کي بلڪل اجازت آهي. پلي تلاءِ ٺهرايو پر نيت خالص رب جي رضا جي رکو. ان مٖ ننگر خاني جو به حصو رکو. الله تعالىٰ اوهان کي برڪت وجهي ڏيندو."

فقط والسلام.

خاڪسار فقير ڪرم الله الاهي. پهرين رمضان المبارڪ 1409ھ

پندرهون خط

بسم الله الرحمٰن الرحيم

محترم مڪرم جناب حاجي گل محمد صاحب!

بعد اسلام عليڪم جي لکجي ٿو تہ توهان جو خط پڙهي احوال معلوم ڪيم ان جو جواب ڏجي ٿو. هر هڪ لطيفي تي جدا جدا ذڪر جو خيال ڪرٽو آهي، نہ گڏ.

عقيقو جي پٽ جائو آهي تہ به پهرون وٺي ڪهي انهن جو گوشت عزيزن پاڙيسرين کي خدا واسطي ورهائي ڏيٽو آهي. جي چوڪري جائي آهي تہ هڪ پهرون وٺي ڪهي خيرات ڪري ڇڏبي ۽ هار جي وارن کي کوڙائي انهن جي وزن برابر سون يا چاندي خيرات ڪري ڇڏبي. عقيقي مٖ پٽ ٻاٽ ڪرڻ مائٽن کي سڏائڻ، وڏو وهاڻو ڪرڻ، راڳ رنگ جي محفل ڪرڻ نہ جڳائي نہ عقيقي مٖ نہ طهر مٖ. [1]

جيڪڏهن جنس ٻڌائي هڪڙي اٽس وري ڏني پي اٽس تہ اهو انهي واپار تان قربي سگهي ٿو ۽ بيانو به موٽائي سگهي ٿو. جيڪڏهن جنس ساڳي آهي جا پولي هوائين خالي بهانو ڪري قربي ٿو تہ اهو بيانو نہ ٿو موٽائي سگهي يعني جنس ڏيندڙ بيانو نہ موٽائي ڏيندو.

---

[1] حالانڪہ بعض علماء طهر تي پٽ ڪرڻ جي جواز جا قائل رهيا آهن. پر حضرت جن طهر تي پٽ ڪرڻ کان منع ڪندا هٿا. خصوصاً طهر جي موقعي تي جيڪي غير شرعي ۽ جاهلائيون رسمون ادا ڪيون وڃن ٿيون، پاڻ سختي سان انهن کان منع ڪندا هٿا.

شادين جو مسئلو تمام ڏکيو آهي ٿوري دير ڪري سوچ سمجھ سان ڪم ڪيو جو پچاڙي پشيماني نہ پيدا ٿئي. ساري عمر جو سودو آهي جا چگي جاءِ غير قوم ۾ هجي تہ بہ پلي ڪري ڏيو چو تہ چگائي جي اميد تہ ڪاٿي بہ نہ رهي آهي. نہ برادر ۾ نہ ڏارين ۾ خيال سان ڪم ڪجو.

واٽر ڪورس لاءِ دعا گهري وئي آهي اميد تہ ٿي ويندو.

الله تعاليٰ جو ذڪر گهٹو ڪريو. دنيا جا باطل خيال دل مان ڪيو.

هڪ الله کي پنهنجو رفيق ۽ دوست بنايو. منهنجي محنت نہ وڃايو.

پاڻ ۾ پنهنجي گهر جي ياتين کي جماعت جي ماڻهن کي زور شور سان تبليغ ڪريو.

خدا ڏانهن ڏيان ڇڪايو.

خليفي صاحب (محمد حسين) کي هر مهيني لاءِ دعوت ڪري ڇڏيندا ڪريو.

سندس عزت سان نالو ونو عزت جي نظر سان ڏسندا ڪريو ۽ جڏهن واپس وڃي تہ پاڙي ڪرايي سان نوازيندا ڪريو. خليفن کي پنهنجو سڃڻ سمجهندا ڪريو. جو هلي اچي اوهان جي پيا سنيال لهن. ويچارا پنهنجا پڇا هار ڇڏيون خدا واسطي اوهان جي سڃٹپائي لاءِ هلندا وتن. انهن جي سنيال ڪرڻ لازم آهي.

پنج وقتي نماز جماعت سان ادا ڪيو.

تهجد جي نماز بہ پائبندي سان پڙهو.

الله جو ذڪر پاڻ مٹان فرض سمجهندا ڪريو.

رات ۾ توڙي ڏينهن ۾ آخرت جو گهٹو فڪر رکو

تہ الله تعاليٰ شال اڳيون سفر سجايو ڪري.

وڌيڪ خير و السلام

فقير لا شيءِ الاهي بخش غفاري

سورهون خط

بسم الله الرحمن الرحيم

محترم مڪرم جناب الحاج ماستر گل محمد صاحب !

بعد اسلام عليڪم جي لڪجي ٿو ته توهان جو خط پهتو احوال معلوم ٿيو مهربان ! هڪڙو مريد گذر سفر خاطر پئي ملڪ تي پئي ويو. پنهنجي مرشد ڪان موڪل گهريائين. بزرگ فرمايس ته ابا جڏهن اتي وڃين ته اتان جي خدا کي منهنجا سلام چئجانءِ. ان مريد چيو اتي پلا ڪو ٻيو خدا آهي ڇا؟ بزرگ چيو ته اگر جي اهو عقيدو رکين ها ته تون چو وڃين ها. سو مهربان اتي ئي الله تعالي کي گهٽو ياد ڪيون وينا رهو. ظالمن جي پڇاڙي ٺوري هوندي آهي. ڪو به فڪر نه ڪريو. الله تعالي وڏو آهي. توهان کي هن عاجز پنهنجو خواب بيان ڪيو هيو. هن عاجز ڏاڙيل ڏٺا جو اسان جي گهر لٽگهي آيا. چيائون ته هن گهر کي نه ڦرينداسون جو هي سڀ تهجد گذار آهن.

سو مهربان خدا تي يقين ڪريو. بي يقين نه ٿيو. الله جو ذڪر گهٽو ڪريو. خدا کان ڪاڏي پڇندئو؟ هر جاءِ تي خدا هوندو آهي. دادو مِ به اهو خدا آهي جيڪو ميراول مِ آهي. اکيون ٻوٽيون وينا خدا کي ياد ڪريو. جن کي ڏاڙيل ڪٽي ٿا وڃن انهن مِ کو حساب هوندو. تنهن ڪري نه ڍڇو اسان جي دعا توهان لاءِ ٻنهين جهانن مِ لوهو ڪوٽ آهي توهان ڍڇو ٿا !! وڌيڪ خير.

فقير لا شيءِ الاهي بخش غفاري

فضل آباد روز آچر 1987_12_26

سترهون خط

بسم الله الرحمن الرحيم

محترم مكرم معظم ايرادتمند حاجي گل محمد صاحب !

بعد اسلام عليكم جي لكجي ٿو ته توهان جو خط پهتو انتظار دفع ٿيو چو ته توهان اسان جا پراڻا اسلامي رفيق آهيو. هر وقت مٿ گڏ رهندا هيؤ. هن سال ڏاڍو انتظار هيو ته الائي چو نه آيا؟ الائي چا حال ٿيو؟ اسان ته وري نيڪن سان سندن نيڪائي سبب دل ڦاسائي وڌي آهي. ① جو هر وقت دل هي بيت پئي پڙهندي آهي.

ڪڏهن ايندا منهنجا پٽڑا پيارا ، ڏسي تن کي ٺاريان مان نيڙ سارا
اچي ويهندا منهنجي اکين اڳيان سي، ڪيان ڳالهيون پرين جون مان تني کي
ڪيان حال پنهنجي دل جا انهن سان، وئي ڦابو ٿي آ دلڙي انهن سان
الائي ڪڏ اهو سو ڏينهن ٿيندو، اچي مون وٽ انهن جو ساڻ لهندو

مهربان سواءِ توهان جي پيا سپ ساڻي پهچي ويا آهن. ماسٽر نانگري پارن پچن سوڌو اچي ويو آهي. منظور جي جاءِ مٿ رهيل آهي. زال ۽ سندس اچڻ سان خوش ٿي وئي آهي. مولوي اشرف علي، مولوي گل حسن ۽ ماسٽر احمد زمان راجي ديري وارو مطلب ته فقير ٽيم پنجٽيم مسافر اچي ويا آهن. پيا آس پاس جا مسافر ۽ غير مسافر ۽ رهن ٿا پيا. رات جو وڏي جماعت چار پنج صفون ٿي ويندیون آهن. ڏاڍيون هوائون ۽ جهڙ ٿوهارون وسي رهيون آهن ڪا ۽ روزي جي خبر چار ڪانه آهي. اوهان ۽ مڙس ٿي رمضان المبارڪ کي ملهائيندا هي عبادت جو مهينو آهي.

---

① عشق اول در دلِ معشوق پيدا ڪي شود عشق پهريائين محبوب جي دل مٿ پيدا ٿيندو آهي. مريد ته مرشد سان محبت رکندو آهي پر مرشد ۽ مريد سان محبت رکندو آهي. اِها أما الله واسطي واري محبت آهي جنهن لاءِ حبيب ڪريم ﷺ فرمايو قيامت واري ڏينهن الله پاڪ فرمائيندو : (اين المتحابون بجلالي اليوم اظلهم في ظلي يوم لا ظل الا ظلي) رواه مسلم ج: 4 ص: 1988 متنجي خاطر هڪ پئي مٿ محبت رکڻ وارا ڪٿي آهن؟ مون کي متنجي جلال جو قسم ته اڄ انهن کي پنهنجي سايه مٿ جاءِ ڏيندس جو اڄ متنجي سايي بنا ٻيو ڪو سايو آهي ئي ڪو نه؟ ان محبت لاءِ وعدو ڪيل آهي ته : (المرء مع من احب) انسان ان سان گڏ هوندو جنهن سان ان جي محبت هوندي. صحيح ابن حبان: ج 2 ص 316 صحيح مسلم مٿ حديث آهي: عن أنس بن مالك قال جاء رجل إلى رسول الله ﷺ فقال يا رسول الله متى الساعة قال وما أعددت للساعة قال حب الله ورسوله قال فإنك مع من أحببت قال أنس فما فرحنا بعد الإسلام فرحا أشد من قول النبي ﷺ فإنك مع من أحببت قال أنس فأنا أحب الله ورسوله وأبا بكر وعمر فأرجو أن أكون معهم وإن لم أعمل بأعمالهم رواه مسلم ج: 4 ص: 2032

وري حياتي مِ اهڙو مهينو هت اچي يا نه. مهربان گهر جي پاتين فقيرن فقيرياڻين مِ وڏي کوشش کندا تہ روزا، تهجد، صلواة التسبيح، صلواة سڳوري ءِ ذکر ءِ نماز کڏهن بہ قضا نہ ڪن.

هڙو وجهہ هٿون نہ وجائن. سلام ساري جماعت کي ڏيندا. وڌيڪ والسلام

فقير لا شيءِ الاهي بخش غفاري.

14-7-1981

ارڙهون خط

بسم الله الرحمن الرحيم

مهربان قدر دان ايرادتمند جناب حاجي گل محمد صاحب!

بعد اسلام عليڪم جي لکجي ٿو تہ هي فقير سورهين تاريخ شوال جي ضلعي نواب شاه تعلقو نوشهره فيروز ءِ تعلقہ ڪنڊيارو فقيرن جي دعوتن تي ويو هيو. الحمد لله ڏاڍو وڏو فائدو ٿيو آهي. تمام گهڻي خلقت طريقي عاليہ مِ عورتين مردين داخل ٿيا. فائدي جي ڪا حد نہ هئي. اهي جلسا ڪري واپس ماتلي شريف پهچي ويا آهيون. الحمدلله ڏاڍو خوش وقت پيو گذري. بَرن مِ بہ بهاريون لڳيون پيون آهن. نانگري صاحب جي هر طرح پارت اتو. ان توهان سان چگا وفائي جا پهر گذاريا آهن. توهان کي اسان جو در ان جوان ڏيکاريو آهي. چگائي جو ٻج اُن ئي ڇٽيو آهي. ان جي هر طرح دلجوئي کندا. تمام صالح مرد آهي. ان کي اسان جي رنگ مِ ڏسندا. ذکر نماز ءِ تهجد جو پورو پورو اهتمام کندا. ٻين کي بہ سجاڳ کندا رهندا. آخرت جي وڃڻ جو فکر گهڻو رکندا متان کڏهن ارمان جا ڪوڙها نہ هارٽا پون. دنيا سڄي سورن جو گهر آهي. ڪاڻي بہ کڏهن بہ راحت نہ ايندي راحت جي جاءِ آخرت آهي، جيڪا ايمان وارن لاءِ آهي. رات ڏينهن اوڏانهن جو گهڻو خيال فکر رکندا. فقير جون ڳالهيون دل سان لڳائيندا.

وڌيڪ خير والسلام.

فقير لا شيءِ الاهي بخش غفاري.

فضل آباد ماتلي 30 شوال 1981_9_02

اٹویھون خط

بسم الله الرحمن الرحيم

محترم مڪرم جناب الحاج گل محمد صاحب !

بعد اسلام عليڪم جي لکجي ٿو ته توهان جو خط پهتو. اوهان جي خط تي اسان کي ايتري خوشي ٿئي ٿي جيتري حضرت يوسف عليہ السلام کي ڪنعان جي طرفان ڪو قاصد يا ڪو پيغام پهچڻ تي ٿيندي هئي. مهرباني ! خيرات مِ حلال پيسو ڏيڻ گهرجي. حرام ڪمائي مان خيرات ڪرڻ جائز نہ آهي. ① باقي بعض فقيهن هڪڙو حيلو لکيو آهي ته بدپيشہ عورت جي پيسن مان خيرات ڪرڻ جائز نہ آهي. باقي اگر اها ڪنهن کان حلال جا پيسا اڌارا وٺي خيرات ڪري ڇڏي. پوءِ پنهنجا حرام ڪمائي وارا پيسا قرض مِ ڏنڪي ڇڏي ته جائز آهي. جو قرض ورتائين سو جائز هيو. ان مان خيرات جائز ٿي وئي. وري قرضخواهہ کي سندس حق مليو ان لاءِ بہ جائز ٿي ويو. ان جو دليل هي ڏنو اٿن ته : هڪ ڏينهن نبي ڪريم ﷺ بريرہ ڏانهن جي گهر آيا اها گوشت جاڙهيون ويئي هئي. پاڻ فرمايائون گوشت لاهيو ته ڪائون ان چيو ته : يا رسول الله هي گوشت صدقي جو آهي جو نبين کي ڪائڻو نہ هيو. پاڻ فرمايائون ته (عليها صدقة وهو لنا هدية) اهو صدقي جو گوشت ان لاءِ صدقو آهي پر جڏهن تون مون کي بخشش ڪندين ته مون لاءِ هديہ ٿي پوندو. ② زڪوات جو پيسو جيڪو پاڻ هٿ سان ادا ڪري اهو وڏيڪ ثواب رکي ٿو ته زڪوات لاءِ قبضو ضروري آهي. يعني پنهنجي هٿ سان حقدار کي ڏئي. نفلي خيرات لکائي ڪرڻ گهرجي، پر زڪواة ظاهر ظهور ادا ڪرڻ گهرجي. جيئن پين کي بہ همت ۽ حرص ٿئي وڏيڪ خير والسلام

فقير لا شيءِ الاهي بخش غفاري

.29-4-85

---

① ترمذي مِ حضرت ابوهريره ﷺ کان روايت آهي رسول الله ﷺ ارشاد فرمايو ته : (يا ايها الناس ان الله طيب ولا يقبل الا طيبا) اي انسانو الله پاڪ آهي مِ اهو پاڪ شيءِ کان سواءِ ٻي شيءِ کي قبول نہ ٿو ڪري. سنن الترمذي ج: 5 ص: 220

② عن انس ﷺ ان النبي ﷺ اتي بلحم تصدق به علىٰ بريرة فقال هو عليها صدقة وهو لنا هدية رواه البخاري ج: 2 ص: 543 * واخرجه الطحاوي في شرح معاني الآثار ج: 2 ص: 12 بلفظ هو عليها صدقة وهو لنا هدية

ويحون خط

بسم الله الرحمن الرحيم

محترم مڪرم جناب الحاج ماستر گل محمد صاحب

بعد تحفہ تسليم و تحيہ تڪريم معروض ٻہ .

الغرض غريب نواز توهان جو خط پرنمط پهتو احوال معلوم ٿيو. مهربان

ڏکن پڻيان سک سگها ٿيندئي سسئي،

پير مَ ڇڏ پرينءَ جو توڙي لُکون لڳن لک،

ڏورج پاسي ڏک من پوءِ ٻاجهه ٻروچ کي.

ڪنهن کان نہ ڈڄ صرف الله کان ڈڄ. دشمن ڪجهه ٻہ ڪري نہ سگهندا پلي مخالف ٿي وڃن. جي خدا کان ٿو ڈڄين تہ پوءِ :

دشمن چہ کند چوں مہربان باشد دوست

دوست راضي آهي تہ دشمن ڪجهه نہ ڪندا. تو وٽ الله تعاليٰ جي مهرباني جي امانت آئي آهي. اها شيطان نہ ٿو سمي سگهي. شيطان جو مڪر ضعيف آهي. هر صبح جي نماز ۽ سومهٽي جي نماز کان بعد يارهن پيرا سورة قريش پڙهي دشمن جي شر کان حفاظت ۾ رهڻ جي دعا گهري ڇڏيندو ڪر. تون تہ تجربو دشمنن جو ڪيون ٻہ وينو آهين. ايجا ٻہ ٿو ڈڄين. وڌيڪ سمجهاٽي ڪپي تہ روبرو اکيلائي ۾ اچ تہ وڌيڪ فائدو ٿيندو.

فقير لا شيء الاهي بخش غفاري

06-2-1978

ايكيهون خط

بسم الله الرحمن الرحيم

محترم مڪرم جناب فقير گل محمد صاحب !

بعد اسلام عليڪم جي لکجي ٿو ته : مهربان ! توهان جو قربن پريو ڪاغذ پهتو، احوال معلوم ٿيو. توهان جيڪو لکيو آهي ان جي خبر اسان کي اڳئي هئي. الله تعاليٰ قرآن ڪريم ۾ چار شادين تائين جي اجازت ڏني آهي. باقي آءٌ چونه اجازت ڏينداس. پر شرط اِهو آهي ته انصاف ضرور ڪرٽو آهي. پيو پنهنجي مند جهڙي عورت پرٽجڻ لازم آهي. باقي مند متيل آهي ته موافقت مشڪل ٿيندي. باقي زماني جي ماحول موجب شاديون گهٽيون ڪرڻ پنهنجي برباديءَ ڪرڻ آهي. گهر ويران ڪرٽو آهي چو ته نفسانيت جو جهيڙو لڳي ويندو صبر جو مادو ڏرين ۾ پيدا نه ٿي سگهندو. پوءِ آخر نوبت طلاق تي پهچي وجي ٿي. يا سجي جدائي ٿي وجي ٿي. هڪ ٻئي جو مُٽمن ٻه نه وٺندو. اسان جي پاڪ تعليم هوندي ٻه گهر ۾ گهٽين زالن سبب چڙ پڙ ٿيندي رهي پئي. سو محترم توهان جي گهرواري نيڪ بخت آهي، ڇڙا ٻه ٿي چڪا آهن. رزق روزينو ٻه الله تعاليٰ ڪشادو ڏنو اٿئي. ڪايون پيو رب کي ياد ڪر. مان ته چوان ٿو ته تون مون سان دل لاءِ شريعت جو فرمان مڃ ته الله توکي جنت جي ستر حورن جو گهوٽ ٻڌائي ڇڏيندو. جو آخرت جا مزا حاصل ڪجانءِ. هتي الله جي ذڪر جي ۾ باطني لذت حاصل ڪر. هڪ يار جي محبت جو مزو ماڻ. پر شيطان پليت جڏهن ڇاڙيندو آهي ته هي فقير مون کان زور ٿيندو ٿو وجي پوءِ ان کي شيطان گناهه جو ڪم نه ڏسيندو پر بظاهر ڪنهن چگي ڪم جي واٽ ڏيکاري گمراهه ڪندو آهي. ان جو شرح انشاء الله ڪرمپور ۾ ڏسيو ويندو. آءٌ توهان جو سڃڻ آهيان متان ناراض ٿيو. اسان انشاء الله ڏهين تاريخ جي رات ريل گاڏيءَ ۾ چڙهي صبح جو ساجهر دادو ۾ اچي لهنداسون پر باقبائل ايندا سون. ڪرمپور ۾ ڪم ڪار لاءِ انشاء الله ڪرم الله چوٽين يا پنجين تاريخ تي پهچي ويندو. اوهان هڪ ٻه ماڻهو ڪم ڪار لاءِ وٺيون ايندا. وڌيڪ خير والسلام.

فقير لا شيءِ الاهي بخش غفاري. از فضل آباد، ماتلي

پاویھون خط

بسم اللہ الرحمن الرحیم

محترم مکرم جناب الحاج گل محمد صاحب ! بعد اسلام علیکم

جي لکجي ٿو تہ جمعہ ڏينھن توھان جو قربن پريو خط پھتو پڙھي ڏاڍو خوش ٿياسون جو ملک جو احوال خيرت جو توھان کانسواءِ کو بہ فقير نہ خليفو موکلي ٿو. مھربان رڳو ڀالمين ٻڌڻ وارا فقير نہ بنجو پر کم کندڙ مجاھد بنجي وجو. الله جو ذکر گھٽو کريو. پنھنجي ڳوٺ وارن کي سمٹن اخلاقن سان مطيع کري سگھندؤ. نہ ضد نہ پيائي سان. اندر جون جيکي بہ ناپاکائيون آھن سي دل مان کڍي پورا پورا نيک بنجي ڏيکاريو. جو توھان جي موت تي ھر ھکڙو ارمان کري. پيءُ ماءُ ءِ اولاد لاءِ رب جي درگاہ ۾ دعا گھرندا رھو تہ الله انھن کي ھدايت نصيب فرمائي ءِ نيک کري. مخالفن ڏاڙيلن کان اصل نہ ڊجو اھي انھن ماٹھن سان جُڙيون کندا جيکي رب جي در کان ڦريل ھوندا. نماز ءِ تہجد ذکر فکر کري ھزار ڀيرا رب جا شکر کندا کريو ءِ استغفار گھٹي پڙھندا کريو. پنھنجي گھر جي ياتين کي بہ نيکائي ۾ کوشش کريو. ھن فقير جو لکيل نصيحت نامو بہ پڙھي ٻڌائيندا کريو. صحبت ۾ اچڻ گويا پوک کي يوريا پاڻ ڏيڻ آھي. پاڻ ٻين کي آٹيندا کريو. وڌيک والسلام. فقير لا شيء الاھي بخش غفاري

از فضل آباد کالوني 25.11.1986

ٽيويھون خط

بسم اللہ الرحمن الرحیم

محترم مکرم جناب حاجي گل محمد صاحب !

بعد اسلام عليکم جي لکجي ٿو تہ توھان جو خط پھتو احوال معلوم ٿيو. مھربان الحمدلله توھان جي بدلي پنھنجي ڳوٺ ۾ ٿي وئي. آءٌ پاڻ منتظر ھيس. ٻيو انشاء الله توھان جي چوکري کي بہ ماستري ملي ويندي فقط کوشش کريو. دعا ھن عاجز جي توھان سان شامل ھوندي. توھان اسان کي سيني کان زياده پيارا آھيو. توھانجو اچڻ اسان کي پنھنجي اولاد وانگر وٹندڙ ھوندو آھي. دل کي خوش کندو آھي. توھان نہ ايندا آھيو دل تمام مغموم ھوندي آھي. توھان کي خوابن خيالن ۾ پاڻ سان گڏ ڏسندو آھيان.

امید تہ جنت ۾ گڈ هونداسون. دنیاوي فسادن ۾ هرگز وچ ۾ نہ اچجو. هاڻي سچو خیال آخرت ڈاڻهن رکندا استغفرالله گهٹي پڑهندا رهندا. الله تعالیٰ کان هر دعا ۾ معافي جا طالب ٹیندا رهندا. پنهنجي بدکارین تي سخت پشیمان ٹیندا رهندا. روئي دعا گهرندا رهندا. روئڻ نہ اچي روئڻ واري شکل بنائي دعا گهرندا. الدُّعَاءُ مُخُّ العِبَادَةِ[1]

دعا عبادت جو مغز هوندي آهي. تهجد ۾ ذکر ۾ دعا ۾ جماعت سان نماز ۾ روئڻ آخرت جو ثمر سمجهندا. پنهنجي گهر جي پاتین لاءِ ۽ دعا دل سان گهرندا. مون مسکین جي حق ۾ دعا خیر گهرندا رهندا. وڌیک خیر والسلام. فقیر لاشيءِ الاهي بخش غفاري.

چوویهون خط

بسم الله الرحمن الرحیم

محترم مکرم جناب حافظ الهڈنہ صاحب ! بعد اسلام علیکم و رحمة الله وبرکاته ، مطلب تہ جناب عالي توهان جو خط پهتو احوال معلوم ٹیو. مهربان الله تعالیٰ توهان کي خوش رکندو. هاڻي پیا سڀ خیال چڈي آخرت جو گهٹو فکر رکو. هر شيءِ تان دل کڻي پنهنجي رب العالمین سان ڳانڍاپو رکو سُتي ۽ رب جو ذکر کندا رهو ۾ استغفار گهٹي پڑهندا کریو. پنهنجي گناهن واري گذریل حیاتي جي نهایت عجز آڑي سان معافي طلب ٹیندا رهو ۾ الله جي راهہ ۾ کجهہ خیر خیرات کندا کریو. چو جو صدقو مصیبت کي ٹاریندو آهي ۾ سهٹي نبي کریم ﷺ تي صلواة شریف چار پنج سؤ پیرا هر روز پڑهندا کریو پر وضوءَ سان. ان ۾ کنهن سان ڳالهائیندا نہ کریو. پیو سومهٹي نماز کان بعد استغفرالله جون ۽ تسبیون پڑهندا کریو تہ الله تعالیٰ باقي زندگي ایمان سان رکي ۾ ایمان سان لڈائي چو تہ ایمان ۾ عمل صالح آخرت لاءِ مؤمن لاءِ وڌي شاهوکاري آهي. جیترو ٹي سگهي تہ الله تعالیٰ جي ٻي نیازي ۾ ٻي پرواهي جو خیال کندا کریو. جڈهن انسان دنیا مان لڈیندو الله تعالیٰ کي اهو عرض کندو تہ مون کي چڈ تہ مان ۽ کم کریان هک عمل صالح کریان پیو خیرات کریان.

---

[1] سنن الترمذي (5/456) الدعاء للطبراني (ص: 24)

فَأَصَّدَّقَ وَأَكُنْ مِنَ الصَّالِحِينَ ① صدقو كريان هجان صالحن مان.

زميندارن وڏيرن ۾ سرمائيدارن جي خوشحالي ۾ انهن جي دنياداري کي ڏسي دل ۾ حسرت نہ کجو تہ اوهان کي رب انهن جمڙو نہ کيو. پر انهن جي خوشحالي کان اسان لاءِ غريبي غنيمت آهي. وڌيڪ والسلام. فقير لاشيءِ الاهي بخش غفاري از فضل آباد ماتلي

پنجويهون خط

بسم الله الرحمن الرحيم

محترم مكرم محب الفقراء جناب حافظ المدّنہ صاحب،

بعد اسلام عليكم و رحمة الله وبركاتہ ! جناب عالي توهان جو خط پُرنمط پهتو احوال معلوم ٿيو. منهنجا پيارا فقير ! توهان تہ چئو ٿا دعا گهرو پر هي عاجز توهان لاءِ پرپٽ هروقت دعاگو هوندو آهي. ڪڏهن بہ توهان کي نہ وساريو آهي نہ وساريندو. اميد تہ توهان خوش باش ٿي ويندا. ذوالحج جي پنجويهين تاريخ خانپور جي جلسہ ۾ هڪ ٻئي کي ڏسي سکون لاهيندا سون. ايندڙ مهيني ۾ اميد تہ پنجويهين تاريخ خانپور فقيرن سان اچي ملندا سون ۾ جلسو ڪندا سون. محمد اسحاق صاحب کي بہ اسان جا گهٽا سلام چوندا ان کي بہ چوندا تہ مرد مجاهد ٿي پنهنجي آخرت جي سفر جو ثمر عبادت ۾ بخشش جو ٿاهيندا پاڻ استغفار گهٽو پڙهندا رهندا ۽ الله جي يادگيري سان بچيل وقت حياتي صرف ڪندا هر وقت رب العالمين کان پنهنجي گناهن جي معافي گهرندا رهندا. توهان جي نظرن کان آءٌ دورڏسڻ ۾ اچان ٿو باقي ارادي وارن فقيرن جي دلين کان هرگز دور نہ آهيان. اسان جون هروقت فقيرن جي طرف نگاهون هونديون آهن. ان سان گڏ دعائون بہ شامل هونديون آهن. چڏيو ياريون دنيا سان نہ دل لڳايو، منهنجي محبوب سان ياري ملهايو.

منهنجو محبوب آ نار دلين جو ، منهنجو معشوق آ هار ڳلن جو. فقير لاشيءِ الاهي بخش غفاري

---

① وَأَنْفِقُوا مِنْ مَا رَزَقْنَاكُمْ مِنْ قَبْلِ أَنْ يَأْتِيَ أَحَدَكُمُ الْمَوْتُ فَيَقُولَ رَبِّ لَوْلَا أَخَّرْتَنِي إِلَىٰ أَجَلٍ قَرِيبٍ فَأَصَّدَّقَ وَأَكُنْ مِنَ الصَّالِحِينَ ۝ وَلَنْ يُؤَخِّرَ اللَّهُ نَفْسًا إِذَا جَاءَ أَجَلُهَا وَاللَّهُ خَبِيرٌ بِمَا تَعْمَلُونَ (المنافقون: 10، 11) ۽ جو ڪجهہ الله اوهان کي رزق ڏنو آهي، ان مان خيرات ڪيو ان کان اڳ جو اوهان مان ڪنهن جي متان موت اچي وڃي پوءِ چوي تہ اي پالڻهار هائو جي مون کي ٿوري دير لاءِ مهلت ڏين تہ مان صدقا ڪيان ۽ صالحن منجهان بنجان ۽ الله ڪنهن بہ جان تان هڪ گهڙي بہ پوئتي نہ ٿو ڪري ڇڏهن ان جي موت جو مقرر وقت اچي ويو ۽ الله باخبر آهي اوهان جيڪي عمل ڪيو ٿا.

چويهون خط

بسم الله الرحمن الرحيم

نورچشم و راحتِ جسم ميان مولوي ڪرم الله صاحب

بعد اسلام عليڪم جي لکجي ٿو ته 29 تاريخ بروز خميس هت پهچي ويندا. گهٽا ڏينهن گذري ويا آهن جو توهان جو ڪو خط پٽ نه آيو آهي. خبر ناهي ته چو خط ڪتابت نه ٿا ڪريو. خوب ڪوشش ڪري علم پڙهي نمبر ڪڍندا. هوڏانهن به نڪري ويا آهيو. اتهون جي ڪوشش محنت ڪم ڪيو ته هي سال ئي چٽو. اسان ايندڙ موقعي تي انشاء الله تبليغ لاءِ اچي ويندا سون. جماعت کي اطلاع ڪري چڏيندا.

اچڻ جي ڪوشش ڪندا ضرور اچي ويندا. زياده خير والسلام. [1]

فقير لاشيءِ الاهي بخش غفاري.



---

[1] ميترڪ اي گريڈ ۾ فرسٽ ايئر ۾ سيڪنڈ ايئر پاس ڪرڻ بعد جڏهن هن فقير جي ڊاڪٽري ۾ سليڪشن ٿي ته ان وقت پاڻ فرمايائون، مدرسي ۾ داخل ٿي دين جو علم حاصل ڪر. جسماني ڊاڪٽر ٿيڻ بجاءِ اسان توکي روحاني ڊاڪٽر ڏسڻ ٿا چاهيون. پوءِ جڏهن هي فقير مدرسي ۾ داخل هيو ته ان وقت پاڻ هي پيار پريو خط لکيو هٿائون. الله جون لکين ڪروڑين رحمتون سندن مزار مٿان وسنديون رهن. اِن دعا تہ من واز جملہ جہان آمین باد

ستاويهون خط

بسم الله الرحمن الرحيم

نورچشم وراحت جسم جناب كرم الله صاحب ! [1]

بعد اسلام عليكم جي لكجي ٿو ته توهان جو خط پهتو آهي پڙهي خوش ٿياسون. مهربان توهان کوبه الکو نه کريو. اسان جون دعائون توهان کي مينهن واڇ کيون پيون ايندیون. باقي فقيرن جو کوبه آسرو نه کريو. هڪ الله جو آسرو کريو. کم به الله جو کريو تا راضي به الله کي کرٽو اٽو. گهر به الله جو ٿمي ٿو نه تنهنجو نه منهنجو. الله تعالیٰ پاڻ مدد کندو. پندرهن ويهه روپين جي مزدوري وارا ٽي يا چار مزور کريو انهن کي ماني به کارايو انشاء الله اهي نه پڇندا. به رازا رکو کفايتي اگهه سان. مسجد اندران ستن گارڊن جي ٻنائيندا. دروازن ۾ محراب مٽان لينٽر وجهائيندا. کم جي کوشش گهٽي کندا. مدد الله تعالیٰ کندو دعا فقير گهرندو پيو. اهو مسجد جو ٿمڻ فقيرن جو امتحان آهي. جيکي آيا سي رڳجي ويندا. جيکي عذر کندا سي رهجي ويندا. اها درگاهه توهان جي نالي آهي توهان کي ئي سنياڻي آهي. انشاء الله آباد به توهان ئي کندئو.

ٻڃا کوبه الکو نه کندا. الله تعالیٰ توهانجو مددگار ٿيندو ۽ هوندو. آءُ توهان تي ۽ توهان جي ساٿين تي ڏاڍو راضي آهيان. خدا وٽ توهان لاءِ هروقت درخواست گذار آهيان. شال الله تعالیٰ اوهان کي کامياب کندو. کرمپور شريف کي اوهان کي آباد کرٽو آهي. پنهنجي سبق تي گهٽو ڌيان رکندا. جيکا کيفيت حاصل ٿئي اسان کي آگاهه کندا رهندا.

فقط والسلام

فقير الاهي بخش غفاري

---

[1] هي ٻيار ۽ ٻاٻوهه پريو خط، محبتن ۽ شفقتن، دعائن ۽ قربن پريو ڪاغذ پاڻ هن فقير کي ان وقت لکيو هٽائون، جڏهن درگاهه ڪرمپور شريف ۾ مسجد شريف جي ڪم لاءِ هي فقير ڪرمپور رهيل هيو. پوءِ هن عاجز کين پنهنجي ڪيفيت کان آگاهي جو خط لکيو ان جي جواب ۾ پاڻ جيڪو خط لکيائون سو ايندڙ صفحي تي ملاحظ کندا.

اڻاويهون خط

بسم الله الرحمن الرحيم

نورچشم و راحت جسم جناب مولوي كرم الله صاحب !

بعد اسلام عليكم و رحمة الله وبركاته

المرام من الارقام ، اوهان جو خط مليو حال احوال معلوم كري نهايت خوشي ٿي. الله كريم اوهان كي مزيد باطني بلنديون ۾ ترقيون عطا كري.

پيارا ٻچا ! ساري سلوڪ جو ماحاصل الله جي معرفت آهي. ان جي حصول جو ذريعو الله جو ذكر ۽ سمٽي نبي كريم ﷺ سان دلي نسبت محبت ۽ سندن اطاعت آهي. جنهن ماڻهو سندن شريعت جي خلاف كا راهه اختيار كئي تہ اهو كڏهن حصولِ مقصد ۾ كامياب نہ ٿيندو.

پيارا پٽ! راهِ مولا كاهڙ كمائڻ جا ڏهہ مقام بزرگن بيان كيا آهن. انهن كي "**مقامات عشره**" سڏبو آهي.

1. پهريون مقام توبہ آهي. كو بہ ماڻهو الله جي راهہ جو سالڪ ٿيندو تہ ان كي اول ضروري آهي تہ پنهنجي گناهن كان توبہ تائب ٿئي. جيئن مسجد ۾ داخل ٿيڻ كان اڳ بدن ۾ كپڑا پاك صاف كبا آهن تيئن الله جي محبت واري محلات ۾ داخل ٿيڻ كان توبہ كري گناهن جي ميراڻ كان پنهنجي تن ۾ من كي اجرو كرڻ ضروري آهي. الله فرمايو آهي تہ: إِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ التَّوَّابِيْنَ وَ يُحِبُّ الْمُتَطَهِّرِيْنَ ۝ ٢٢٢

الله توبہ كرڻ وارن ۽ پاكائي كرڻ وارن سان محبت ركي ٿو.

2. ٻيو مقام زهد آهي. الله جي راهہ ۾ زهد ضروري آهي. دنيا جي هر شيءِ كان دل پلي صرف الله جي ذات سان محبت ركي. دنيا جي فاني شين كي پنهنجي اندر ۾ جاءِ نہ ڏئي.

3. مقام توكل آهي. ان جو مقصد آهي تہ پروسو صرف الله جي ذات تي ركي.

وَ مَنْ يَّتَوَكَّلْ عَلَى اللّٰهِ فَهُوَ حَسْبُهٗ ١ؕ

۽ جيكو الله تي پروسو كندو تہ الله ان لاءِ كافي آهي.

4. مقام قناعت آهي. جيڪي ڪجهہ رب عطا ڪيو ان تي قناعت ۾ ڪفايت ڪري. دنيا جي حرص کان بچي. ائين تہ ٿي نہ ٿو سگهي جو ڪو ماڻهو دنيا جو بہ شائق هجي ۾ الله جو بہ طالب بنجي. بزرگن فرمايو آهي تہ :

هم خدا خواهی و هم دنیاِ دون * این خیال است و محال است جنون

5. مقام عُزلت آهي. ان جو مقصد آهي تہ سالڪ ماڻهن سان ميل جول گهٽائي ۾ تنهائي ۾ ويهي محبوب حقيقي کي ياد ڪري. جيترو دنيا جي ماڻهن سان ويجهو ويهندو اوتري الله کان غفلت ٿيندي.

6. هميشگي يا دِوام. الله جي راهہ ۾ اهو سالڪ منزل ماڻي ٿو جيڪو ڪاهيون پيو ڪاهي. پنهنجي اذڪار ۾ اشغال تي هميشگي ڪري. ان ڪري بزرگن غفلت واري گهڙي کي ڪفر وانگر ڪري سڏيو آهي.

7. توجهہ : يعني سالڪ هر وقت باخبر هجي. پنهنجو ڌيان دل ڏانهن ۾ دل جو ڌيان رب ڏانهن هجي. ان ڪري بزرگن فرمايو آهي تہ:

یک چشم زدن غافل ازان شاه نه باشی * شاید که نظری کند وآگاه نه باشی

8. صبر : هي مقام سالڪن الله جي طالبن کي حاصل ڪرڻ ضروري آهي. جنهن حال ۾ محبوب رهائي ان تي صبر هجي. آهہ، هاءِ اف ، چو ڇا ؟ نہ ڪري. پوءِ چيو اٿن تہ :

الصبر مفتاح الفرج: صبر فرحت جي ڪنجي آهي.

اِنَّ اللّٰهَ مَعَ الصّٰبِرِيْنَ ○ ۱۵۳ بيشڪ الله صبر وارن سان گڏ آهي.

9. مراقبو، پنهنجي دل جي حفاظت ڪرڻ جيئن ڪو غير جو خيال دل ۾ نہ اچي. هي سالڪن جو اهو مقام آهي جيڪو انهن کي محبوب حقيقي جي قريب ڪندو آهي.

10. رضا: هي سلوڪ جو آخري مقام آهي. هن جاءِ تي سالڪ پاڻ کي الله جي رضا ۾ گم ڪري ڇڏيندو آهي. ان جي زندگي جي هر چرپر جو مقصد صرف رب جي رضا هوندي آهي. اهي ڏهہ مقام آهن جن کي اصولِ عشره بہ چوندا آهن. انهن مقاماتِ عشره جو طئي ٿيڻ الله جي عنايت ۾ مرشد جي توجہ تي موقوف آهي ۾ اهي مقام ٽن قسم جي تجلين جي ذريعي حاصل ٿيندا آهن. انهن کي "تجليات ثلاثہ" سڏبو آهي.

1. تجلیء افعال 2. تجلیء صفات 3. تجلیء ذات.

نوَ مقام تجلیات افعال ۾ تجلیات صفات سان وابستہ آھن. باقي مقامِ رضا تجلیءِ ذات سان لاڳاپيل آھي. جڏھن سالڪ الله جي ذات کي فاعلِ حقيقي سمجھي ٿو ۽ ان جي صفاتِ قدرت جو مشاھدو ڪري ٿو تہ بي اختيار ان جي پيشاني پنھنجي مالڪ ڪريم جي حضور ۾ جھڪي وڃي ٿي ۽ اھو توبہ تائب ٿئي ٿو. الله جي خوف ۾ خشيت ۾ ڊڄي ٿو. پرھيزگار بنجي پوي ٿو. جو ڪجھ رب وٽان مليو ان تي صبر ۽ شڪر ڪري ٿو. قناعت ۽ ڪفايت وارو بنجي پوي ٿو. جڏھن مالڪ ڪريم کي متصرف حقيقي ڄاڻي ۽ سڃاڻي ٿو تہ ان وقت اھو الله جي ئي ذات متان پروسو ڪري ٿو ۽ متوڪلن مان بنجي پوي ٿو. جڏھن الله جي عظمت ۽ جلال ۽ ڪبريائي کي ڏسي ٿو تہ ان وقت دنيا کان بي رغبت بنجي پوي ٿو. فقر ۽ زھد اختيار ڪري ٿو. پر جڏھن سالڪ تجليات ذات جو مشاھدو ماڻي ٿو اھو مقامِ رضا تي فائز ٿي وڃي ٿو.

پيارا ٻچا ! ان مقامن جي ڪاھڻ ڪمائڻ وارا سالڪ ٻن قسمن جا آھن. ھڪڙا سالڪ مجذوب ٻيا مجذوب سالڪ. سالڪ مجذوب اھي آھن جيڪي تفصيلي طرح سلوڪ ڪاھيندا ڪمائيندا آھن، پوءِ جيئن جيئن قربِ الاھي جي لذت کان آشنا ٿيندا آھن تيئن تيئن اھي جذب جي ڪيفيت ۾ اچي ويندا آھن. مجذوب سالڪ اھي آھن جن تي عنايتِ ازلي ھوندي آھي انھن کي اول محبتِ محبوب ۾ قربِ حقيقي جي چاشني چکائي ويندي آھي ان ۾ اھي محو ٿي ويندا آھن. ان جذب جي ڪيف ۾ انھن کي راهِ سلوڪ ۾ ھلايو ويندو آھي. انھن جو سير ۽ سلوڪ اجمالي ھوندو آھي. ھنن ڳالھين کي غور سان پڙھندا ۽ سمجھندا. رات جو تھجد نماز پڙھي پوءِ مناجات ڪرڻ ھرگز نہ ڇڏيندا. وڏي نياز ۽ انڪساري سان الله کان الله جي محبت طلب ڪندا. مسجد جي ڪم جي گھٽي ڪوشش ڪندا ، ان ڪم ۾ خاص الله کان مدد طلب ڪندا. ٻارھين جي موقعي تي اچي ويندا.

فقط والسلام .

فقير لا شيءِ الاھي بخش غفاري

اٹنیھون خط

بسم اللہ الرحمن الرحیم

نورچشم و راحتِ جسم جناب کرم الله صاحب !

بعد اسلام علیکم ورحمة الله وبرکاتہ جي لکجي ٿو تہ شاھ صاحب فرمایو آھي تہ :

ڏاريا مڙئي ڏاريا مِتَ مُئي جا نہ ٽيا،
مدي ڏيرن من مِ کليو کيکاريان،
صبح ٽي ساريان اٹ نہ اوطاقن مِ.

خليفا اندر مِ اسان کان ڏاريا آھن جو نہ پاڻ آيا آھن نہ ٻين کي صلاحيو اٿن. توھان مرد مجاھد ٿي کم کري وڃو. اھا سعادت توھان جي ڪُٹي الله تعالیٰ منظور ڪئي آھي. جاءِ جو کم جلد سرانجام کري وڃندا. اسان انشاءالله چنڇر جي رات ھلنداسون صبح جو ساجھر پڇي ويندا سون. نانگري کي چوندا تہ ڦنڊر نہ وڃي اسان ڇڙ وڃي فقيرا ٿو پيت کندا سون. کو اچي يا نہ اچي، کائي يا نہ کائي اھي پيسا ننگر جي کم مِ خرچ کبا. اسان توھان لاءِ ھر وقت دعا گھري رھيا آھيون. انشاءالله دعا پئي پھچندي. توھان کنھن کي بہ نہ شرمائيندا نہ کنھن کي چڑپ ڏيندا. اخلاق سان کم پيا وڃندا.
توھان پنھنجو دل سان کم کندا.

وڏيک خير والسلام.
فقير لا شيء الاھي بخش غفاري.

تيهون خط

بسم الله الرحمن الرحيم

نورچشم و راحت جسم مولوي ڪرم الله صاحب !

بعد اسلام عليڪم و رحمة الله وبرڪاتہ

المرام من الارقام ، مهربان مسجد شريف جو ڪم دل سان ڪندا. رات جو وري الله تعاليٰ ڪان خاص وقت ۾ دل سان دعا گهرندا تہ الله تعاليٰ جيئن حضرت ابراهيم عليہ السلام جي دعا قبول ڪري ڪعبہ تہ ٺاهيو پئي پر ان جي آباد ڪرڻ جي ۽ ان جي شاهوڪار هجڻ جي ان جي خوشحال هجڻ جي ہ دعا قبول ڪئي، اسان مسڪينن سان ہ ائين قرب فرماءِ. مسجد شريف ہ ٺاهي ڏي پر ان جي آبادي ۽ ان جي شهر هجڻ جي ان جي خوشحالي جو بندوبست فرماءِ. تمام عجز آزي سان سڀ فقير ويهي دعا گهرجو. اسان ہ هروقت ان ڪم ۾ مشغول آهيون.

جي توهان محبت سان ڪم ڪري ان مسجد شريف جي چؤ ديواري تيار ڪري ڏيڪاريو تہ توهان جو خدا وٽ وڏو مرتبو ٿي ويندو ۽ مون پوڙهي کي تڪليف ۾ نہ وجهجو. هي همت ٿي ويندؤ تہ مونکي ضرور اچڻو پوندو.

وڌيڪ خير والسلام. فقير لاشيءِ الاهي بخش غفاري

ايڪتيهون خط

بسم الله الرحمن الرحيم

محترم و مڪرم نور چشم و راحتِ جسم ڪرم الله صاحب !

بعد اسلام عليڪم جي لکجي ٿو تہ توهان جو خط پهتو احوال معلوم ٿيو. مهربان ڏڪن جون ڳالهيون، گرمين جون، مچرن جون، ڪاڙهن جون حڪايتون نہ لکو. اهي ڪُل منهنجي دوست جون پلايون آهن.

ڏڪ سڪن جي سونهن گهوريا سڪ ڏڪن ري،
تني جي ورونهن در ڏيڪاريم دوست جو.

جي گرميون نہ هجن ها تہ سردين جو قدر ڪيئن پوي ها!

جي مڃرن جا ڏنگ نہ جھليو ها تہ دوست جي قرب جي خبر ڪيئن پوي ها. جي دادو جون گھٽيون آفيسرن جي پويان نہ گھمو ها تہ بجلي جي پکن ۾ بلبن جي روشنائين جو ڪيئن مزو وٺو ها. اڪيلاين ۾ برن ۾ مسافرن وانگر نہ رهو ها تہ فقير توهان جا هٿ ڪيئن چمن ها ۽ سائين سائين ڪيئن ڪن ها ۽ توهان جي زيارت لاءِ ڪيئن اڇن ها. جي منهنجي دوست جو چيو نہ مڃو ها پلارا ڪيئن ٻنجو ها. جي فراق دوست جو نہ لهو ها منهنجي دوست جي وصال لاءِ ڪيئن روئو ها. رات جي اوندهين کي نہ ڏسو ها تہ ڏينهن جي روشنائي جو مزو ڪيئن ڏسو ها. جي محبوب جو ذڪر نہ ڪريو ها محبوب ملڻ جو مزو ڪيئن ماڻيو ها.

جي تو سور پائنيا سي پلايون آهين
نيو دل لائين پريان سندي پار ڏي

حضرت ابوبڪر رضی اللہ عنہ کي ڏاڍ ۾ سور پيو هيو. الله تعالیٰ جبريل امين کي محبوب مصطفیٰ ﷺ ڏانهن موڪليو تہ ابوبڪر کان پڇو تہ "تون هاڻي خوش آهين". حضرت محبوب مدني ﷺ پڇيس تہ ابوبڪر الله تعالیٰ تو فرمائي تہ تون خوش آهين؟ چيائين هائو خوش آهيان. حضور ﷺ فرمايس تہ چا ٿيو اٿئي؟ چيائين تہ ڏاڍ ۾ سور اٿم. حضور ﷺ فرمايو تہ گھٽو وقت ٿيو اٿئي چيائين ٻہ سال ٿيا اٿم. حضور ﷺ فرمايس تہ تو مون سان ٻہ ڳالھ نہ ڪئي. حضرت ابوبڪر رضی اللہ عنہ چيو تہ مان پنهنجي دوست جو ڪمڙو شڪوو ڪريان.

حديث قدسي آهي تہ:

من لم يصبر علىٰ بلائي و من لم يشكر علىٰ نعمائي فليطلب ربا سوائي فليخرج من تحت السمائي فليطلب رباً سوائي [1]

انهي معنيٰ کي سمجھو. مرد مجاهد ٿي الله جو ڪم ڪريو. ٻادرن جا ٻچا ٻہ ٻادر هوندا آهن هيٺي کي نہ هوليو پيٽ ۾ اڪيلا هيئو ماءُ جي جھولي ۾ اڪيلا هيئو. اڪيلائي کان نہ ڊجو. فقط والسلام فقير لا شيء الاهي بخش غفاري

---

[1] اول ما كتب الله في اللوح المحفوظ اني انا الله لا اله الا انا من لم يرض بقضائي و لم يشكر نعمائي و لم يصبر علىٰ بلائي فليطلب ربا سوائي اخرجه الطبراني و كذا الديلمي وارو ده المناوي في فيض القدير ج: 4 ص: 470)

بتيهون خط

بسم الله الرحمن الرحيم

محترم مكرم معظم نور چشم مولوي كرم الله صاحب ! [1]

بعد اسلام عليكم و رحمة الله و بركاته !

مطلب ته مهربان پنهنجي هفتيوار حقيقت كان واقف كندا رهندا. پهرئين تاريخ هت فقيرياڻي (گهرواري) سودا اچي ويندا. توهان لاءِ هر وقت دعا گهرندڙ آهيون. كو به فكر نه كندا. مجاهد ٿي كم بجليءِ وارو ۽ اسكول وارو به كندا. الله تعاليٰ اهو توهان جو يادگار بنائيندو. انشاء الله توهان كي الله تعاليٰ كوٽ نه وجهندو.

فقط كوشش كندا رهندا. الله جو ذكر فكر گهٽو كندا. خدا جو كم مقدم ركندا. رات جو تهجد نماز، جماعت سان نماز ۽ جماعت كي همتائڻ جاري ركندا. هن وقت سردين جي موسم آهي نفي اثبات جو سبق پچائيندا. نفي اثبات اسان جي ساري سلوك جو مكڻ آهي. ان مان فنا جو بنياد پوندو آهي. هن عاجز جي طبيعت تمام رقيق القلب هوندي هئي، انكري حضرت پير سائين جن اهو سبق نه ڏنو ۽ ان كان اڳيون سبق ڏنو هيو. هك ڏينهن مون خود تجربي طور كيو ته سينو قاڻ تي اچي ويو. پوءِ گهر جي ٽنبي سان سينو لائي پاڻ كي ٻڌايم متان سينو قاڻي نه پوي. خواهن خيالن كشفن كرامتن جا طالب نه ٿيندا چو ته امام رباني فرمايو آهي ته

طالبِ ذوق و طالبِ شوق طالبِ خدا نيست ذوق ۽ شوق جو طالب الله جو طالب نه آهي.

مزو اچي يا نه اچي اندرين ره می تراش و می خراش.

وذيك خير والسلام الله بس باقي سيب هوس.

(فقير لا شيءِ الاهي بخش غفاري)

از فضل آباد ماتلي.

---

[1] هي خط مبارك به ڪرمپور شريف جي تعميراتي ڪم ۾ مشغولي وقت لکيائون. سندن عين عنايت ۽ ذره نوازي جو پاڻ هن مسڪين کي محترم مڪرم ۽ معظم جهڙن اعليٰ الذهن سان ياد فرمايائون ۽ دعائون ڏنائون.

فجزاه الله خير الجزاء اللهم انزل عليه الرحمة والبركة واجعل قبره روضة من رياض الجنة والحقني به يا رب العزة

تيتيهون خط

بسم الله الرحمن الرحيم

نور چشم و راحت جسم جناب ميان حسن الله صاحب !

بعد اسلام عليكم ورحمة الله وبركاته . لكجي ٿو ته اسان خوش باش وينا آهيون. وڏو موقعو ب گذري ويو. وڏي جماعت آئي هئي. مسجد حجرا اڳڻ سڀ پرجي ويا هئا. كرم الله صاحب جو وهانوَ ب ٽي ويو. اهي پاڻ مڙ گهٽي كان گهٽا خوش آهن. توهان ۽ توهان جي گهرواري كان ب خوش پيا رهن. هاڻي اسان پندرهين تاريخ رجب جي توهان وٽ جلسو كندا سون. ڏهين تاريخ دادو جي پرپان پيڇوهن مڙ ايندا سون. اتاهون وري رودناڻين مڙ دعوت تي ويندا سون. اتان تيرهين تاريخ اچي ويندا سون. آنُ ڇانور اٽو كائيون. ڇانور صفا كري ڇڏيندا. كرم الله انشاء الله ڏهين تايخ اسان سان زال سودو رليو ايندو جو اتان توهان وٽ پهچي ويندو. جماعت كي هر طرف كان ٻڌائي ڇڏيندا. كلر ماڏو انبار رام بيد كاڇوبڌائيندا. وڏو اجتماع كندا سون. وڌيڪ خير والسلام.

فقير الاهي بخش غفاري

چوتيهون خط

بسم الله الرحمن الرحيم

محترم مكرم مولوي عبد الرحمن صاحب !

بعد اسلام عليكم و رحمة الله وبركاته المرام من الارقام جناب عالي توهان جو خط پهتو احوال معلوم ٿيو. اسان پنهنجي صاحبزادي خليل الله كي الله جي آسري ڇڏيو آهي. توهان وطني ماڻهن كي ان جي بلكل پارت هجي. لَا تَثْرِيبَ عَلَيْكُمُ الْيَوْمَ يَغْفِرُ اللَّهُ لَكُمْ اڄ توهان تي كابه كاوڙ كانهي الله اوهان كي بخش كري. باقي خاص عرض آهي ته علم جو سينگار باطن جو اصلاح آهي. اتي حيدرآباد مڙ هك پرنسپال رهندو اٽو جو مولانا عبدالغفور صاحب مدني جو خليفو آهي ان جي صحبت مڙ ويندا كريو. صالحن جي صحبت كان سواءِ علم كفايت نه ٿو كري وڌيڪ خير والسلام .

فقير لا شيءِ الاهي بخش غفاري

از فضل آباد شريف ماتلي

پنجتيهون خط

بسم الله الرحمن الرحيم

محترم مڪرم جناب عبد العزيز صاحب ! بعد اسلام عليڪم و رحمة الله و برڪاته مطلب ته جناب عالي توهان جيڪو لکيو آهي ته عورتن جو ڏسڻ اوهان جي مجبوري آهي، انهن کي ڏسڻ بنا رهي نه ٿا سگهو. پهريائين توهان جو اسان سان صحيح اعتقاد نه آهي ڇو ته مرشد جي محبت سيني گناهن جي پاڙ پٽڻ جو علاج آهي. هڪ نه ٻه نه بلڪ هزارين بدڪار ڪبيرن گناهن جي ڪرڻ وارا، پرائين عورتن جي غلط تعلقات وارا، غلط ڪردار وارا، فحاشي جي اڈن تي رهڻ وارا، اسان جي محبت مان صفا توبه تائب ٿي ويا. اهڙا نيڪ صالح ٿي ويا جو وري گناه جي ويجهو نه ويا. سو توهان اسان جا اجا مريد نه ٿيا آهيو. تڏهن ٿا اهڙي ڳالهه لکو. ٻيو ته ان گناهه جي بند ڪرڻ جو علاج ڪتابن لکيو آهي ته ڪابه عورت نظر اچي ته يڪدم پنهنجي اکين کي بند ڪجي. پهرين اوچتي نظر پوي ته معاف آهي. پوءِ ورائي نه ڏسجي جو اها اکين جي زنا آهي. انهن اکين ۾ قيامت جي ڏينهن سيمو گرم ڪري وڌو ويندو. جيڪو پراين عورتن جي طرف بد نظر رکندو. جيڪو ٻين جي ننگن ۾ زنا لاءِ ڪوشش ڪندو ته الله تعالیٰ اهو ساڳيو حال ان جي پنهنجي گهر ۾ آڻيندو. هڪ اصحابي حضور ﷺ جي خدمت ۾ عرض ڪيو ته مون کي زنا جي موڪل ڏيو. حضور ﷺ فرمايو ته تو کي زال آهي؟ ان چيو ته هائو يا رسول الله. پاڻ فرمايائون ته ان عورت کي پنهنجي اکين سان ڪنهن ٻئي ماڻهو سان زنا ڪندي ڏسين ته سهي سگهندين؟ چيائين نه نه. پوءِ پاڻ ٻيڻ ، ڏيءُ وغيره جي لاءِ به ائين پچيائونس. ان شخص توبهه ڪئي. سو ياد رکو جو زنا ٿو ڪري سو پنهنجي هٿ سان پنهنجي عزت ٿو لاهي. جو ٻين تي ڪلندو ته الله تعالیٰ ان تي راج ڪلائي چڏيندو. سو مهربان غلط ڪم ۾ پنهنجو دين ايمان نه وڃايو. هرگز فقير کي اهو ڪم جائز نه آهي. اها شيطان جي حرڪت آهي.

ان لاءِ هڪ ته الله جو ذڪر تمام گهٽو ڪريو. ٻيو پير جي فرمان تي هلو. ٽيون اکيون هيٺ ڪري هلو. نيڪ بنجي وجو. مرشد جي صحبت ۾ گهٽو وجو ته اهي شيطاني خيال ختم ٿي وڃن. وڌيڪ خير والسلام فقير لا شيءِ الاهي بخش غفاري

چتيهون خط

بسم الله الرحمن الرحيم

04_2_1984

مهربان قدردان جناب فقير غلام سرور صاحب ! بعد تحفہ تسليم جي لکجي ٿو تہ توهان جو خط پهتو ، احوال معلوم ٿيو. مهربان توهان تبليغ جي حقيقت لکي اسان جي دل کي خوش کيو آهي. توهان کي الله تعاليٰ خوش رکندو. مهربان تبليغ وارن جو شان نهايت اعليٰ هوندو چو تہ نبين وارو کم کري رهيا آهن. چو تہ تبليغ جو کم هک لک چوويهہ هزار (کم و بيش) نبي کري ويا. اهو وڏو پاڃ وارو ماڻهو آهي جو خدا جو کم کري. پنهنجي ڳوٺ وارن کي بہ تبليغ کندا رهندا. انهن مٖ مخالف بہ ضرور هوندا. انهن کان هر گز نہ ڊجندا. جيکو الله وارن جو مخالف ٿيندو، يقين رکو اهو ضرور خدائي پکڑ مٖ پکڑبو. انهن جو دشمن الله جل شانہ جو دشمن آهي.

مهربان ! جماعت کي چؤ تہ ذکر کريو نماز پڑهو. جي چئو تا تہ اوهان جو وطن کاڇو سدا آباد رهي تہ نيڪ بنجو. پنهنجي گناهن ءٖ غلطين جي رات جو روئي معافي وٺندا کريو. تهجد نماز پڑهو. الله تعاليٰ جو رضامندو چگي کم مٖ هوندو آهي. جي زکواة نہ ڏيندئو تہ مينهن رحمت جا بند ٿي ويندؤ.

جي زنا کندؤ تہ بيماريون پئجي ويندوَ. پوءِ پاڻ نہ ڇڏائي سگهندئو. بي نماز ٿيندؤ تہ آڳن مالن ملکيتن مان برکت نکري ويندو. ٽاڪ سجا ٿي ويندؤ. جي خدا جا بي فرمان ٿي ويندؤ تہ توهان جو اولاد توهان جا ٻچا زالون نياڻيون پٽ بي فرمان ٿي ويندو. آخرت جي عذاب جا حقدار بنجي ويندؤ.

حياتي بي وفا بي بقا اٿوَ ان تي کو بہ پروسو نہ کريو. جوان ٿي رب کي ياد کريو. پين کي سجاڳ کريو. خليفن جو ادب کريو. خليفن جو چوڻ کريو ءٖ انهن کي سيجاٿو. چا تا چون کنهن جي پاسي تا سڏن. دنيا جي گهٽائي تي خوش نہ ٿيو دين ايمان جي گهٽائي تي خوش ٿيو. وڌيڪ خير و السلام.

فقير لا شيءِ الاهي بخش غفاري فضل آباد ماتلي

ستتيهون خط

بسم الله الرحمن الرحيم

نور چشم و راحت جسم جناب ميان حسن الله صاحب! بعد تحفہ تسليم و تحيہ تكريم معروض بہ . مطلب تہ مهربان اسان خوش باش وينا آهيون. كوبہ الكو نہ آهي. توهان لاءِ اسان هر وقت دعا وينا گهرون. اسان هت ڏاڍو خوش وينا آهيون. عزيزن جي عداوتن كان بہ بچيا پيا آهيون. آس پاس جي اختلافن شر شرارتن كان بہ آزاد وينا آهيون. رات ڏينهن كم خدا جو وينا كريون. هر روز تقرير تبليغ جاري آهي. جمع جي ڏينهن تي تہ وڏو اجتماع آس پاس كان جماعت جو ٽيندو آهي نئين نئين جماعت پئي تيار ٿئي. ڏاڍي دل كي راحت حاصل آهي. باقي ايڏانهن جي دوستن ۾ عزيزن جي شادين غمين لاءِ توهان بہ پاڻر كافي آهيو. انهن جي شرعي غمين شادين كي ويندا رهجو. اسان منجهان كو بہ آسرو نہ كجو. اسان هاڻي پينشني ماڻهو آهيون اسان تي كا بہ ميار كانہ آهي. كليم الله سان سمٽي سلوك سان گذاريندا. هو توهان كان وڏو آهي ان كي وڏو كري سمجهندا. پاڻ ۾ اتفاق سان رهندا ان كي مان پاڻ اچي آنَ پاڻي مان حساب كتاب ڏيندس. نماز روزي ۾ تمجد ذكر فكر جو كم شوق ذوق سان كندا رهندا. پنهنجي رب جي عبادت دل سان كندا رهندا. الله تعالىٰ جي رضامندي لاءِ دعا پيا گهرندا. الله تعالىٰ كي گهٽو ياد كجاءِ ۾ پنهنجي گهر جي پاتين ۾ كوشش چگي كم جي كندا رهندا. پراون گهرن ۾ اجايو ٻار پچا نہ ڇڏيندا جو رلندا وتن. مڙس ماڻهو ٿي دنيا جو ۾ دين جو كم كندا رهندا. آءٔ كو سدائين جيئرو كونہ هوندس جو توهان جون سنياڻون لهندس.[1] مهمان فقيرن جي ماني ٽكر جو وڏو خيال كندا. انهن سان بہ نهايت قرب سان پيش ايندا. اسان كي فقير الله جي ياد كرڻ وارا ڏاڍا پيارا آهن. وڌيك خير و السلام.

فقير لا شيءٔ الاهي بخش غفاري

---

[1] كيڏي پيار ۾ پاڻوهہ سان اولاد جي تربيت كري رهيا آهن. لفظن ۾ جيڏي سادگي ۾ بي تكلفي آهي وزن ۾ وري پهاڙن جيڏي ڳرائي آهي. كيڏا دلين كي چهندڙ جملا آهن. جزاك الله يا ابي ويا قرة عيني قلبي و روحي فداك

انتيهون خط

بسم اللہ الرحمن الرحیم

جناب محترم فقير احمد صاحب !

مهربان ! هي حڪمتون ۽ نصيحتون ياد رکجو.

مال عمر جي آسودگي لاءِ هوندو آهي نہ عمر مال گڏ ڪرڻ لاءِ.

دانائن وٽ نيڪ بخت اهو آهي جو مال گڏ ڪري ڪائي ۽ رب جي نالي تي ڏئي.

بدبخت اهو آهي جو نہ پاڻ ڪائي نہ رب جي نالي تي ڏئي.

ٻہ شخص اجايو ڏک ڪائيندا آهن:

1. جو مال گڏ ڪري نہ ڪائي . 2 جو علم پڙهي عمل نہ ڪري.

عالم نا پرهيزگار ان انڌي جي مثل آهي جو ڏيئو ٻاريون وينو آهي.

ٽي شيون ٽن شين سان وڏنديون آهن :

1. مال واپار سان. 2. علم بحث سان. 3. ملڪ سياست سان.

بچڙن تي رحم ڪرڻ نيڪن تي ظلم ڪرٽو آهي.

ظالمن کي معافي ڏيڻ مسڪينن سان ظلم ڪرٽو آهي.

وڏن ماڻهن جي دوستي تي اعتماد نہ ڪجي ۽ چوڪرن جي آواز تي اعتبار نہ ڪجي.

مخفي راز دوستن کي بہ نہ ٻڌائجي متان دشمن ٽي پون.

ٻہ دشمن جي بہ ايذاء رساني نہ ڪجي متان دوست ٽي پوي.

ضعيف دشمن جي عداوت کان بہ اونو رکجي، چو تہ باهہ جي ننڍي چڻنگ بہ ملڪ ساڙي چڏيندي آهي.

فقط والسلام

فقير لا شيءِ الاهي بخش غفاري

اٹیتالیھون خط

بسم الله الرحمن الرحيم

نورچشم وراحت جسم حاجي حسن الله صاحب !

بعد اسلام عليكم جي لكجي ٿو تہ اسان جي دعا توهان ڈانهن ائين اچي ٿي جيئن جنگ لاءِ لشڪر ۾ سامان موڪلبو آهي. توهان کو به فکر نہ ڪريو اسان توهان سان گڏ وينا آهيون. واري تي پائر به توهان وٽ پيا ايندا ويندا. هي خط هارون فقير ڈانهن اڄ جو اڄ موڪليندا پوءِ اهو اچي فقيرياڻين واري جڳهہ ۾ پردو ڪري رهي. انشاءَ الله هاڻي کابہ ڳالهہ کانہ ٿيندي. باقي جي کا ڳالهہ ابتي ٻڌو تہ مولوي اشرف کي سڏائي احوال ڪندا تہ توهان هاڻي پنهنجي مريدي جو حق ادا ڪريو.

رات جو تهجد نماز پڑهي رب کان دل سان دعا گهرندا ڪريو ۽ ذڪر زباني يارهن تسبيون هر روز پڑهندا ڪريو پوءِ مراقبو ڪندا ڪريو وڌيرن کان اصل نہ ڏجو الله تعالیٰ کان ڏجندا ڪريو ٻني جي ۽ هارين جي پوري پوري سنهال ڪندا ڪريو.

ڈُکن پٹيان سک، سگها ٿيندئي سسئي،
پير مَ ڇڈ پرين جو، توڙي لُکون لڳنئي لک،
ڈورج پاسي ڈک، من پوي ٻاجهہ ٻروچ کي.

موقعي تي دوا لاءِ اچي ويندا گهرواري کي پلي ماءُ پيءُ ڈي ڇڈيندا جماعت کي يارهين تاريخ عرس شريف جي دعوت ڈيندا.

فقط والسلام.

فقير لا شيءِ الاهي بخش غفاري

چاليهون خط

بسم الله الرحمن الرحيم

لاڑ جي فقيرن کي نصيحت لکيائون:

پياري جماعت سڳوري !

الله جو گهڻو ذڪر ڪجو. پنهنجي يار جي يادگيري ۾ حياتي صَرف ڪجو. حياتي کي مماتي کان اڳ ۾، شاهوڪاري کي مسڪيني کان اڳ ۾ ، واندڪائي کي مشغولي کان اڳ ۾، چڱيلائي کي بيماري کان اڳ ۾ ، جواني کي پيري کان اڳ ۾ غنيمت پائنجو. اي پرديسيو ! آخرت واري وطن کي نہ وسارجو. اوڏانهن جي هلڻ جي تياري ۾ رهجو، اوڏانهن جي تياري جو سَعيو ڪجو. بنا ٿمر جي ڏاڍا ڏکيا ٿيندا.

رات جو روئي زاري ڪجو. پنهنجي گناهن تي معافي طلب ٿجو. خدا جو عذاب تراريں ، بندوقن ، توپن ۾ لشکرن سان نہ ترندو آهي سواءِ توبہ تائب ٿيڻ جي.

تهجد نماز نہ چڏجو. پنهنجي هيڻائي ۽ نيازي سان دوست جي در تي مناجات ڪندا رهجو. ڏکايل ٿي پنهنجو حال پيش ڪجو. نمازن جا پائبند ٿي گذارجو. نمازون حتي المقدور جماعت سان پڙهجو. دنيا جا ڪم چڏي ۽ جمعي جي نماز ادا ڪندا رهجو. الله تعاليٰ توهان جي مال ۾ رزق ۾ برڪت وجهندو. مراقبو پاڻ تي لازم رکجو. اسم ذات جي ٻهاري سان دل جي ميدان کي غيرالله کان صفا ڪندا ڪجو. غير جي غمن ۾ پريشانين کان دل کي واندو رکجو. دل الله جو حرم پائنجو، دل جي عزت ۾ ادب رکجو. خدا جي خوف ۾ روئڻ جو سرمون اکين ۾ وجهندا رهجو. محمدي (ﷺ) لباس ۾ پوشاڪ پهرجو. صورت ۾ سيرت محمدي بنائجو.

هيڻائي ۽ هيناهين سان خدا جي ملڪ ۾ گذارجو. غريبن ۽ بي واهن جي مدد ڪجو. مظلومن جو پاسو ونجو. ظالمن، ڏاڍن، لوفرن ۽ بي دينن جي صحبت کان پرهيز ڪجو. دڪانن، هوٽلن، اجاين ڪچهرين، پرائين عورتن ۽ لَٽن چوڪرن جي صحبتن کان پاسو ڪجو. ديندارن ۽ نيڪن جي عزت ڪجو. صالحن سان وڃي صحبتون ڪجو. هر ڪنهن کي پاڻ کان پلو پائنجو. مسافرن، ناواقفن ۽ پرديسي مهمانن جي مهمان نوازي ڪجو.

خدا جي دوستن کي پنهنجو دوست بنائجو. مسجدن کي پنهنجو گهر بنائجو. هر ڪنهن سان سٺو سلوڪ رکجو. قرب، محبت ۽ مٺي زبان سان پراون کي پنهنجو بنائي دين سيکارجو.

دين جا مددگار ۽ غمگسار ٿي گذارجو. دين جو فڪر گهٽو رکجو. دين جي ڪمن ڪرائڻ ۾ پنهنجي اهل اولاد جا سجڻ ٿي گذارجو. انهن کي به دين جي ڪمن جو پابند بنائجو. انهن تي دين جي ڪمن ۾ سستي نه ڏيکارجو. هڪ ٻئي سان محبت ۾ گذارجو. ڪنهن جي گلا، غيبت ۽ چغلخوري ۽ فتنه سازي نه ڪندا ڪجو. اجايو ڪوڙ ڪيسن، ڏڻ، فسادن ۽ عيوض وٺڻ ۾ پنهنجي حياتي نه وڃائجو. پنهنجي ڪيل وعدن جي وفائي ڪجو. پنهنجي پاڙيسرين، عزيزن، قريبن، مٽن، مائٽن، استادن ۽ وڏن ننڍين سان بدسلوڪي سان پيش نه اچجو. انهن سان قرب ۽ لياقت، نرم زبان ۽ اخلاق محمدي سان هلت ڪندا رهجو. پيءُ ماءُ جو بي حد ادب احترام ڪندا رهجو. زالن ۽ ٻارن جي حقن جو خيال رکندا ڪجو. ڏيتين ليتين، وٽج واپارن، قرض پکن جي ادا ڪرڻ ۾ سچار ۽ وفادار ٿي گذارجو. حلال جي روزي ڪمائي کائجو ۽ کارائجو. حلال جي مال ۾ برڪت آهي. دغائي، ٻيائي، دولابي، نڱي چالاڪي، فريب ڪاري، حرام خوري، وياج ۽ جُوا خوري، نشيبازي وغيره ڪرڻ اهو مومن ايماندار ۽ فقير جو شان نه آهي. انهن سڀ برين وصفن کان سخت پرهيز ڪندا ڪجو. مخلص مؤمن ٿي گذارجو.

حريص ماڻهن جي ريس ۾ مبتلا ٿي دين کي نه پُلائجو. دين ۾ مرد مجاهد ٿي رهجو. ڪنهن جي به ايذاء رسائي نه ڪجو. چورن ٻارن، رنن زالن، ڪراڙن، بيمارن ۽ ضعيفن تي رحم ڪندا ڪجو. انهن تي رحم ڪندؤ تہ الله توهان تي رحم ڪندو.

اي مالدارؤ! خيرات، صدقات، زڪواة، اضحيٰ، فطرا، پاڻ تي لازم بنائجو. انهن جي ادا ڪرڻ سان آخرت جي آسودگي حاصل ڪجو. فقير جي صحبت ۾ ٻئي ٻئي مهيني ايندا ڪريو. صحبت باطني نعمت آهي.

فقط والسلام

فقير لا شيءِ الاهي بخش غفاري

ايڪيتاليهون خط

بسم الله الرحمن الرحيم

محب مڪرم احب اڪرم جناب ماستر غلام محمد صاحب .

بعد اسلام عليڪم و رحمة الله و برڪاته. مطلب ته مهربان اوهان جو خط پهتو احوال پڙهي ڏاڍو خوش ٿياسين. اسان به الله جي فضل سان خوش آهيون. وڌيڪ احوال لکجي ٿو ته : مهربان ! هر ڪم ۾ سواءِ استاد جي ڪاميابي نه هوندي آهي.

هر آں کارے کہ بے استاد باشد * يقيں دانی کہ بے بنياد باشد

ترجمو : جو ڪم به استاد کان سواءِ هوندو آهي يقين ڄاڻو ته بي بنياد هوندو آهي.

الله تعاليٰ جي معرفت حاصل ڪرڻ لاءِ به الله تعاليٰ خود قرآن شريف ۾ وسيلي وڻڻ يعني مرشد ڪامل وڻڻ جو ارشاد فرمايو آهي. حضور نبي ڪريم ﷺ به فرمايو آهي ته :

استعينوا علی کل صنعة بصالح أهلها [1] يعني هر ڪم ۾ ان جي ڄاڻو ڪاريگر کان مدد وٺو.

الله تعاليٰ جي محبت معرفت حاصل ڪرڻ لاءِ به مرشد ڪامل کان مدد وٺڻي پوندي آهي. ازانسواءِ هر اولياء الله جا بي انداز منقولات ۽ ارشادات ڪتابن ۾ مرشد ڪامل وڻڻ لاءِ لکيا ويا آهن . فرمايو ويو آهي :

من لا شيخ له فشيخه الشيطان جنهن جو مرشد ڪامل ناهي ان جو مرشد شيطان آهي.

مطلب ته هن خدائي رستي لاءِ پير ڪامل هڪ نعمت الاهي آهي. جنهن به شخص کي الله تعاليٰ گهرندو آهي ته ان جي مهار وٺي پير ڪامل جي هٿ ۾ ڏيندو آهي.

سو مهربان! انهن جي صحبت کان سواءِ حق باطل جو پتو نه پوندو آهي. انهن مردانِ خدا جي صحبت مان وسريو رب ياد ايندو آهي. خدائي خوف پلڪ پوندو آهي. ان طالب صادق جو اٿڻ، ويهڻ، هلڻ چلڻ، ڳالهائڻ هولهائڻ، ڏسڻ وائسڻ سڀ شريعت مصطفيٰ ﷺ سان سينگار جي ويندو آهي.

صحبت صاحبدلان چو کيمياست * نظر ايشاں کيمیائے خود کجاست

---

[1] المقاصد الحسنة (ص: 113)

يعني بزرگن جي صحبت ڪيميا جي مثل آهي. جڏهن انهن جي نظر ڪيميا جو اثر رکندڙ آهي تہ پاڻ ڇا هوندا؟

مهربان پنهنجي باطني نعمت حاصل ڪرڻ لاءِ دير ڪرڻ نہ جڳائي ڇو تہ حياتي تي پروسو ناهي. انسان جي حياتي بي وفا بي بقا آهي. وڌيڪ تاڪيد ڪجي ٿو تہ الله تعاليٰ کي گهٽو ياد ڪجو. الله تعاليٰ جو ذڪر پنهين جهان جي نعمت پائنجو. الله جي خوف ۾ روئڻ جو سُرمو پنهنجي اکين ۾ پائجو. رات جو تهجد نماز پڙهي نياز ۾ زاري جو پلوڙ ڳڇيءَ ۾ وجهي پنهنجي سائين اڳيان پيا ليلائجو. پنهنجي گناهن کي ياد ڪري پنهنجي حقيقي بادشاهه اڳيان معافي طلب پيا ٿجو. عملن واري شاهوڪاري کي گهٽو وڌائجو. دنيا کان دل کي صفا ڪتو ڪري ڇڏجو. دنيا سان دل نہ لڳائجو. هي ملڪ پرائو، وطن پرائو، هي جسم جو زور پرائو ڪري پائنجو. پراون ٽپڻ تي بانور نہ ڪجو. پرائي ملڪيت تي داءِ دخل نہ ڪجو. هوشيار ٿي اڳتي هلڻ جي تياري ۾ رهجو. نرم ڳالهائجو ڪنهن جي دل آزاري نہ ڪجو. سرندي آهر ڪاوڙ کائيندا رهجو.

بي دينن، گمراهن، فاسقن، اجاين ڪچهرين، هوٽلن ۾ بي درد مُلن جي مجلسن کان پرهيز ڪندا ڪجو. صالحن کي پنهنجو دوست پائنجو. مسجدن کي پنهنجو گهر پائنجو. غريبن، بي واهن، رنن زالن، مسڪينن، مسافرن، يتيمن، بکين ۾ اُڃين جي هميشہ سار لهندا ڪجو. نمازن جا پائبند ٿي گذارجو، نمازن کي جماعت سان پڙهندا رهجو. ڪنهن کي برو نہ پائنجو، پاڻ کي سڀني کان برو سمجهندا رهجو. ڪنهن جي بہ گلا غيبت نہ ڪندا ڪجو. سدائين دوست جي يادگيري ۾ مست رهجو. منهنجي دوست جي يادگيري ٻنهين جهانن جي پلائي پائنجو. پنهنجي يار جون ڪهڑيون ڳالهيون لکي ڪهڑيون لکان. اسم الله جو پڙهي، درد خدائي ۾ عشق الاهي جو پيالو تہ پي ڏسو جي توهان کان ٻئي جهان وسري نہ وڃن. سندس اسم ذات جي ميناج جي ڪهڑي حقيقت لکان، وري منهنجي دوست جي حسن جو چا بيان لکان. مهربان هاڻي ڳوڙها لکڻ نہ تا ڏين. هاڻي بس تا ڪريون. فقط والسلام

فقير لا شيء الاهي بخش غفاري

پائیتالیھون خط

بسم اللہ الرحمن الرحیم

محترم مکرم معظم جناب حافظ محمد امین صاحب . بعد اسلام علیکم ورحمة الله وبرکاتہ معروض بہ. جناب عالي توهان جو خط پھتو احوال معلوم ٹیو. مھربان توهان جي پلائي اسان جي فرمان جي بجا آوري ۾ آهي ان ۾ ائین کم کریو جیئن عاشق پنھنجي معشوق جو چیو مجیندو آهي. الله جو ذکر گھٹو کریو. پیا سپ وظیفا چڈي هي هک وظیفو پڑھو. انسان جا چوویھ هزار پساھ چوویھ کلاکن ۾ نکرن ٹا. چوویھ هزار پیرا الله جي نالي جو ورد هر روز کریو هر وقت دل جي مٹي الله جي ذکر جو خیال رکو. پیا آواندا بند کري ذکر جو آواندو جاري رکو. قرآن اوترو پڑھو جیئن وسري نہ وڃي صلواة جون ہ تسبیون پڑھڻ شروع کریو. پیو سارو وقت الله جي ذکر ۾ گذاریو پوءِ صاحب اللفظ بنجي ویندؤ. معنيٰ جیکو بہ لفظ زبان مان نکرندو، ائین ٹي پوندو.

پیو تقویٰ پرھیزگاري کریو. کائڻ ۾، پیئڻ ۾، لٹي لباس ۾، ڳالھائڻ ۾ ہولھائڻ ۾، بي نمازي جي ھٹ جي ماني، تڑ واري جي ھٹ جي، بازاري ھٹرادو نھیل شیون، جھڑوڪ پکوڑا، ملایون، میسو، مٹایون، ھوٹلن جون مانیون، بازاري گوشت هرگز نہ کائیندا کریو. پیٹ کي حرام لقمن جي کائڻ کان بچائیندا کریو ۽ شبھي وارین شین جي کائڻ کان بلکل حذر کریو. حلال ۽ پاک شيءِ کائیندا کریو.

ٹیون شریعت مصطفیٰ ﷺ جي پوري پوري پائبندي کریو. مستحب فعل بہ نہ چڈیندا کریو. چو تہ الله تعالیٰ چگن کمن ۾ راضي هوندو آهي. چگو کم ٹورو هجي تہ بہ کري چڈیندا کریو متان ان ۾ دوست راضي ٹي پوي ۽ الله تعالیٰ گناهن جي کمن ۾ ناراض هوندو آهي، پوءِ گناه جو کم ٹورو هجي تہ بہ پرهیز کریو متان الله ناراض ٹي پوي.

چوٹون پیر سان محبت رکو. جیتري پیر سان محبت هوندي اوترو الله تعالیٰ جي محبت پلئ پوندي. پیر فیض جو میزاب (نیسارو) هوندو آهي. پیر کامل جي صدقي طالب جو سینو پرپور ٹیندو آهي. انھن ڳالھین جي پوري پوري بجاوري کندا کریو. پوءِ ڈسو تہ کیئن نہ توهان جي دل جي مراد پوري ٹئي. پنھنجي جماعت کي بہ هي ارشاد ہڈائیندا.

والسلام علیکم و علیٰ من لدیکم راقم الحروف فقیر لاشيءِ الاهي بخش غفاري

تيئيتاليهون خط

بسم الله الرحمن الرحيم

عقيدت ڪيش دوست دُرويش جناب حافظ محمد حسن

مهاجر مڪي صاحب اسلام عليڪم ورحمة الله وبرڪاته.

مهربان! اتهون (مڪي يا مديني) جو رهڻ وڏي خوش نصيبي آهي، پر اُها ادب سان هجي نياز سان هجي. انهيءَ ملڪ ۾، انهي وطن ۾ جا عبادت ڪئي وڃي ان جو غرض صرف رب العالمين جو رضامندو هجي. اهو وطن ايمان وارن لاءِ وڏي پرڪا آهي. ڪي ادب، نياز ۽ عجز آڏي سان ڏايا وڃن، ڪي ابوجهل وانگر بي ادبي ۽ بي پرواهي سبب هار ايو وڃن.

سو مهربان! جي دنياوي غرض سان ٽڪيل آهيو ته اها دنيا ئي حاصل ٿيندوَ جيڪڏهن پنهنجي دوست جي پرچائڻ ۽ پرپائڻ لاءِ اچي پاڙيسري ٿيا آهيو ته واه جو مزو پر ائيندئو! دنيا به ساڳي اوهان جي پويان هوندي. خبر اٿوَ ته اهڙي محبوب جي در تي ويا آهيو جنهن جي در تي پيغمبرن، نبين، ولين غوثن، قطبن ۽ قلندرن پنڌ ڪيا آهن ۽ انهيءَ در تان نوازجي ويا آهن. ادب، اطاعت ۽ غلامي ڪرڻ وارا ڪٽي ويا. بي ادب بي فرمان بازي هار ائي ويا. ڪي بهشتي ٿي ويا ته ڪي دوزخي ٿي ويا. ڪي صديق ٿي ويا ته ڪي زنديق ٿي ويا. ڪي مومن ٿي ويا ته ڪي منافق ٿي ويا. ڪي نوري ٿي ويا ته ڪي ناري ٿي ويا. ڪي سعيد ٿي ويا ته ڪي شقي ٿي ويا. ڪي عاشق ٿي ويا ته ڪي فاسق ٿي ويا.

سو يار! هوشيار ٿي وقت گذارجانءِ، سنياڻي قدم ڪٽجانءِ، رڳو دنيا ڪمائڻي نه آهي، دنيا بي وفا آهي رڳو انهي جي فڪر ۾ نه لڳو رهجانءِ . الله جو ذڪر ڪجانءِ رات جو روئي رب ڪي راضي ڪجانءِ.

راتيان روئن رت قرّا، ڏينهان ڏاريءَ ويس،
انهي لنديءَ جي لبيس، ڪانڌ ڪميٽيءَ ڪٽيو.

حياتي مسافرانہ گذارجانءِ، آخرت جوثمر گڏ ڪندو رهجانءِ.

لِينُ الكَلامِ ءِ رَقِيقُ القَلبُ يعني نرم گفتار ۽ نرم دل وارو ٿي رهجانءِ.

فقط والسلام فقير لا شيءِ الاهي بخش غفاري

چوئیتالیھون خط

بسم اللہ الرحمن الرحیم

محب الفقراء انیس الغرباء حاجي حافظ محمد حسن صاحب

بعد اسلام علیکم ورحمة الله وبرکاته

مطلب تہ غریب نواز توهان جو خط پهتو احوال معلوم ٿیو، پر توهان جو خط سڪ پریل نظر نہ آیو. توهان جي خشڪ حالي مان پتو پیو تہ توهان رڳو دنیا ڪمائڻ جي پٺڪي ۾ پئجي ویا آهیو. سو مهربان! اهو ڪم ڪیو جو اڳتي لاءِ ڪجهہ ڪم اچیوَ. حیاتي بي وفا بي بقا اٿوَ. باقي چند ڏينهن حیاتي جا وڃي بچیا اٿوَ. ایا توهان کي ڪو فڪر نہ ٿو ٿئي. دنیا جي ڪمائڻ لاءِ هزارین هتهون جا ٻکیا ایڏانهن اچي گڏ ٿیا آهن، جن کي رب جي بارگاهہ ۾ هڪ فرض نماز بہ نصیب نہ ٿو ٿئي. متان توهان بہ انهن جي ریس ڪري خدائي ڪمن کان قاصر رهجي وڃو. اِتهون جو هڪ گناهہ پیٽي سزا ڏیارینديو. اِتهون جو هڪڙو چڱو ڪم لک گُنا درجا وڌائیندو. اهو ملڪ ایماندارن لاءِ ٻَڙن ٿرن تي وسندڙ ڪکرن مثل آهي. وڏا خوشنصیب اهي ماڻهو آهن جي پرین جي پاڙي ۾ رهن ٿا ۽ پرین جي فرمان مطابق حیاتي گذارن ٿا. وڏا بد بخت اُهي ماڻهو آهن جي پرین جي پاڙي ۾ رهي بہ ابوجهل وانگر بي فرمان ٿي وقت گذارن . مهربان! حج بہ سِڪَ سان، طواف بہ سڪ سان، صفا مروه ڊوڙڻ بہ سڪ سان، عرفات تي بیهڻ بہ سڪ سان. محبوب عربي ﷺ جي شهر ۾ رهڻ، سندن دیدار ڪرڻ بہ تارون تار عشق سان نهي ٿو. مزا پوءِ ڏسو.

حضرت سُفیان ثوري رحمة الله علیه هڪ عاشق کي ڏٺو جو ان کان هڪ ڏینهن اڳ حج پڙهجي ویو. پڇیائین تہ حج پڙهجي ویو؟ چیائون هائو. پوءِ اهو عاشق دانهن ڪري ڪِري پیو. جڏهن هوش ۾ آیو تہ حضرت سفیان ثوري رحمۃ اللہ علیہ چیس تہ مون ست حج پڙهیا آهن اُهي توکي ڏیان ٿو، عشق واري اها دانهن مون کي ڏي. هو سودو ڪري هلیو ویو. بزرگ سفیان رحمۃ اللہ علیہ فرمایو تہ مان رات جو خواب ۾ ڏسان پیو تہ آواز آیو تہ: "اي سفیان تو ڏاڍو سودي ۾ فائدو حاصل ڪیو. اها عاشق جي اُها دانهن هئي جو ساري حاجین جا حج ڏجن ها تہ بہ

عشق جي دانهن جو ملهه مهانگو هيو." سو مٺا عشق ۾ درد کان سواءِ سڀ ڪجهه بيڪار آهي.

کفر کافر را و دیں دیندار را * ذرهٔ دردِ دل عطار را
درد حاصل کن که درماں دردست * داروئے جاں دردوعالم دردتست
گر شود ایں درد دامنگیر تو * بس بودایں درد دائم پیر تو
درگذار و عابدی وزاهدی * درد باید درد کار افتادگی[1]

سو مهربان توهان کي رب برابر چگو ڪيو آهي جو اهل عيال سوڌا هجرت ڪري وڃي پرين جا پاڙيچا ٿيا آهيو پر فقير جي لکيل نصيحت جو خيال ضرور وٺجو. اسان جي حق ۾ به دعا گهرجو ته رب ڪريم شال ايڏانهن عشق، محبت ۽ درد ۽ ادب سان قسمت ڪري. هيلهه سال پوري پوري ڪوشش اڇڻ لاءِ ڪئي اٽئون. هڪ ماڻهو پڇسا ڏنا آهن ته "مون سان گڏ حج تي هلو". اهو فقير به جماعت جو آهي. وڌيڪ جئين قدرت گهريو تيئن ٽيندو. وڌيڪ ته هت جماعت جي تعليمي مشغولي ۾ انهن جي باطني اصلاح لاءِ هر طرح تي وقت گذري رهيا آهن. اها به نه ٿا چڏي سگهون. توهان جا وقت ملاقات وارا به ياد ايندا آهن. گڏجي رهڻ پير وٽ به ياد ايندو آهي. هينئر وري مسافري واري جدائي به ياد ايندي آهي.

ڪجهه ارمان به ٽيندو آهي پر مهربان! منهنجي دوست جي محبت ۾ ان جي ذڪر فڪر ۾ لڳل آهيو ته ٻوءِ الحمدلله مقصود حاصل ٿئي ٿو، ٻوءِ ڪوبه فڪر نه آهي. جي انهيءَ ڳالهه کان بي فڪر آهيو، رڳو دنيا ڪمائڻ جي پويان آهيو ته ٻوءِ ٻئي جهان توهان جا خراب ٿي ويندا. ڪنهن ڏينهن افسوس جا گوڙها ڳاڙيندئو ۾ ارمان جا هٿ ملينديو. نيٺ خدا جي سامهون حاضري ڏيڻي آهي. هوشيار ٿجو اتي به ڪنهن صاحبدل فقير جي صحبت ۾ پيا رهجو جو زنده دل با خدا شخص مرده دل جو طبيب هوندو آهي. ڏسيل ذڪر ڪندا

---

[1] ترجمو: اي خدا ڪفر ڪافر کي ڏي ۽ دين ديندار کي. مون عطار کي تنهنجي عشق جي درد جو هڪ ذرو ڪافي آهي. درد حاصل ڪر جو پنهين جهانن ۾ تنهنجي جان جي دوا درد الامي آهي. جيڪڏهن اهو درد حاصل ٿيو ته ڇڏڪ پير ڪامل ملي ويو. عابدي زاهدي کي ڇڏو ڪر. الله جو درد حاصل ڪر جو اها ئي ڪارآمد چيز آهي.

رهجو. صالحن جي صحبت ڪيميا ڪري پائنجو، انهن جي صحبت لازم رکجو. حافظ ۽ عالم جي سزا دل جو مرده ٿيڻ هوندو آهي، مرده دلي هڪ قسم جو عذاب هوندو آهي.

گر همے خواهی مرد گردی اے فقیر * صحبتِ صاحبدلاں را پیش گیر

اي فقير اگر مرد مولا جو ٿيڻ چاهين ٿو تہ ڪنهن صاحبدل جوان جي صحبت اختيار ڪر. ان مان وسريو رب ياد ايندو آهي. غفلت جي ڏوڙ قلب تان اڏامي ويندي آهي.

ويهہ وڃي وڃ تن، قلم جني جي هڻ ۾،
ميڙي انگ اڃيان واري ٻيا لکن،
پنو سو پاڙهن، جنهن سان پسڻ ٿئي پرينءَ جو.

تنهن ڪري فقيرن صالحن جي صحبت پنهنجي لاءِ خوراڪ پائنجو. اهو ملڪ تہ ولين جو مرڪز آهي. خود مدينہ منوره ۽ مڪہ مڪرمہ جي ماڻهن کي بہ ظاهري طرح پير ڪامل جي صحبت جي ضرورت هوندي آهي. اتهون جا ٻلان وهابي ان ڳالهہ جا قائل نہ هوندا آهن پر ياد رکو پير ڪامل خدائي نعمت هوندي آهي ڇو تہ ان جي صحبت کان سواءِ حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جو اتباع حاصل ٿيڻ مشڪل هوندو آهي. ان محبوب ﷺ جو اتباع پير ڪامل جي صحبت ۾ نظر سان ٿيندو آهي توڙي مديني ۾ رهي.

زياده خير والسلام

فقير لا شيءِ الاهي بخش غفاري

پنجيتاليهون خط

بسم اللہ الرحمٰن الرحیم

محب مڪرم احب اڪرم جناب فقير محمد نور و جملہ جماعت بلوچستان ① اسلام عليڪم ورحمة الله وبرڪاته

---

① فقير محمد نور بروهي خضدار بلوچستان جو رهواسي آهي. خضدار شهر ۾ زيدي جي علاقي ۾ ڪافي تعداد ۾ حضرت جن جا مريد رهن ٿا. ٻاڻ انهن ڏانهن هي اجتماعي خط لکيائون.

مطلب تہ سڀ فقيرن ۾ فقيرياڻين کي گذارش آهي تہ الله جو گهڻو ذکر ڪجو. خدا جي ذکر ۾ مست ٿي گذارجو. جيستائين توهان الله جو ذڪر ڪندا رهندا، تيستائين شيطان پليت توهان جو پاسو نہ ونڊندو. توهان الله جي حفاظت ۾ هوندؤ ۽ نفس خبيث بہ توهان جو مطيع رهندو. توهان جي اسلام جا گهر آباد هوندا.

عملن صالحن جا بہ شاهوڪار رهندئو. آخرت وارو سفر بہ توهان کان هرگز نہ وسرندو. الله جي ذکر جا هزارها فائدا آهن، آءٌ ڇا لکي ڇا لکان!!

مهربان! شريعت جا تابعدار رهجو. حرام نہ کائجو. حلال روزي ڪمائجو. شاديون غميون شريعت پاڪ جي طريقي تي ڪندا رهجو. هر وقت خدا جو خوف رکجو. مسافرانہ طور حياتي بسر ڪجو. فاني شين سان دل نہ لائجو. قبر حشر جي وطن جو الکو رکجو. يار حقيقي جي ملڻ جو عشق رکجو. يار جي محبت وڌي کان وڌو عمل پائجو. زال ۽ اولاد، دنيا جا مال متاع دل لائڻ جا حقدار ناهن، دل لائڻ جو حقدار منهنجو يار آهي، ان سان دل لائجو. اسان توهان سان وڌي محنت ڪئي آهي، توهان ۾ عملن صالحن جي پوک پوکي آهي جا نفس ۽ شيطان جي هٿان نہ پيلائجو، قدر ڪجو.

پير ڪامل جي صحبت ڪيميا آهي. انهن جي سڃڻپائي جي صلاحن کي دل تان نہ وسارجو. پير ڪامل دنيا ۽ آخرت جو رفيق آهي. طريقت جي مخالفن ۽ پير ڪامل جي مخالفن سان ۽ لوفرن سان اجاين ڪچهرين ڪرڻ کان سوَ ڪوه تي پري پڇجو. پاڻ ۾ اتفاق سان گذارجو. هڪ ٻئي جي گلا غيبت کان پرهيز ڪجو.

اسان جي ملڻ جا مشتاق رهجو. اسان جون اکيون بہ اوهان ڏانهن نهاري رهيون آهن. اسان جي دل بہ توهان جون واٽون پُڇائي رهي آهي. توهان جي وطن ۾ اسان جي دل جا پکي اڏامي رهيا آهن، جي توهانکي ڏسي رهيا آهن. توهان کي بہ ائين فقير سان محبت رکڻ کپي.

وڌيڪ خير والسلام

فقير لا شيء الاهي بخش غفاري

چائيتاليهون خط

بسم الله الرحمن الرحيم

مڪرمي محترمي جناب فقير سلامت علي صاحب !

بعد اسلام عليڪم ورحمة الله و برڪاتہ. مطلب تہ غريب نواز توهان جو خط پهتو،احوال معلوم ٿيو. مهربان شاهہ عبداللطيف پٽائي ﷺ فرمايو آهي.

سي سَدائِتيُون سَڏجن جي تار ڊِسي تِرڪن،
ڪوڙيو دهليون درياء ڪان وريو پوءِ وڃن،
اهي محب ملن جني نہ سانگو ساهہ جو.
نَڙَ تَڪَڙِ تارِ گهڙنَ، اِيُ ڪاٽِيارِن ڪَمُ؛
ڏَهَ ڏَهَ پِيرا ڏِينهَن مِ، ڏي ڏورابا ڏَمُ؛
عَقُل، مَتِ، شَرَمُ، ٽِيئِي نِينهَن نِهوڙِيا.

سڏن تي پٽ نہ جمندا آهن. رڳو نانوَ ڳٽئي فقير بنجڻ سان رب نہ ملندو آهي. هڪ فقيرَ حضرت امام رباني ﷺ کي لکيو تہ " مان هڪ پيرسن آهيان، پيو مسڪين آهيان، ٽيون پنڌ پري آهي، چوٽون اکين کان بہ گهٽ ڏسان ٿو سو توهان اتهون توجهہ فرمايو تہ منهنجو باطني اصلاح ٿئي." بزرگ فرمايو تہ : "تو الله جي محبت جو ڏُڪُ نہ پيتو آهي تڏهن تون عُذر بيان ڪري رهيو آهين. جي تون الله تعالىٰ جي محبت جي شراب مان ڏڪ پين ها تہ اها محبت توکي مٽي جي وارن کان پڪڙي ڌاهيندي، ڪيرائيندي، اٿاريندي، ويهاريندي ۽ ريڑهيون ڏياريندي، هت اسان وٽ سرهند مِ اچي ڇڏي ها."

سو مٺا! توهان الله جا طالب نہ آهيو، توهان آهيو دنيا جا طالب. دنيا جي طالبن کي سدائين عذر هوندا آهن. اسان جي فائدي پهچائڻ جو دارو مدار اسان جي صحبت تي هوندو آهي. صحبت توهان کان نہ ٿي پهچي، فيض اسان جو توهان وٽ نہ ٿو پهچي جو شيطان جو حملو نہ ٿو هٿي ۽ دنيا جي ڪمن کان فرصت نہ ٿي ٽئي جو ڪٽي ڦيرو ڪريو اهو توهان جي قسمت جو ڪم آهي. مٺڙا ادا! هت تہ سڀ ڪجهہ موجود آهي. هر ايندڙ ماڻهو خالي ڪونہ ٿو موٽي.

جائیتالیھون خط

بسم اللہ الرحمن الرحیم

مکرمي محترمي جناب فقير سلامت علي صاحب!

بعد اسلام عليڪم ورحمة الله و برڪاتہ. مطلب تہ غريب نواز توهان جو خط پهتو،احوال معلوم ٿيو. مهربان شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ﷺ فرمايو آهي.

سي سَدائِيُون سَڏجن جي تار ڏِسي تِرکن،
ڪوڙيو ڏهليون درياء کان وريو پوءِ وڃن،
اهي محب ملن جني نہ سانگو ساه جو.
تَرَ تَکَرَ تارِ گِهرَنَ، اِئُ کاٽيارِن کَمُ؛
ذَهَ ذَهَ پِيرا ڏِينهَن مِ، ڏي ڏورانہا ڏَمُ؛
عَقُل، مَتِ، شَرَمُ، ٽيئِي نِينهَن نِهوڙيا.

سڏن تي پٽ نہ جمندا آهن. رڳو ناڻو ڳٺئي فقير ٻنجئ سان رب نہ ملندو آهي. هڪ فقير حضرت امام رباني ﷺ کي لکيو تہ " مان هڪ پيرسن آهيان، پيو مسڪين آهيان، ٽيون پنڌ پري آهي، چوٽون اکيون کان بہ گهٽ ڏسان ٿو سو توهان اتهون توجهہ فرمايو تہ منهنجو ياطني اصلاح ٿئي." بزرگ فرمايو تہ : "تو الله جي محبت جو ڀُڳُ نہ پيتو آهي تڏهن تون عُذر بيان ڪري رهيو آهين. جي تون الله تعالیٰ جي محبت جي شراب مان ڀڪ پين ها تہ اها محبت توکي مٽي جي وارن کان پڪڙي ڌاهيندي، ڪيرائيندي، اٿارينديِ، ويهارينديِ ۽ ريڑهيون ڏيارينديِ، هت اسان وٽ سرهند ۾ اچي چڏي ها."

سو ٻڌا! توهان الله جا طالب نہ آهيو، توهان آهيو دنيا جا طالب. دنيا جي طالبن کي سدائين عذر هوندا آهن. اسان جي فائدي پهچائڻ جو دارو مدار اسان جي صحبت تي هوندو آهي. صحبت توهان کان نہ ٿي پچي، فيض اسان جو توهان وٽ نہ ٿو پچي جو شيطان جو حملو نہ ٿو هٿي ۽ دنيا جي ڪمن کان فرصت نہ ٿي ٿئي جو ڪٿي فقيرو ڪريو اهو توهان جي قسمت جو ڪم آهي. مڙئا ادا! هت تہ سڀ ڪجهہ موجود آهي. هر ايندڙ ماڻهو خالي ڪوندِ تو موٽي.

هڪ ماڻهو اسان جي پير سائين جن وٽ آيو. حضرت صاحب جن پڇيس تہ :
"تون دير ڪري ڇو آيو آهين." ڇيائين تہ : " مسڪين آهيان، پاڙو ڪوٺ ٿيندو هو. تڏهن دير ٿي وئي آهي." حضرت صاحب جن فرمايس تہ"تون ماني سڄي کائيندو آهين يا اڌ؟" ڇيائين تہ " سڄي کائيندو آهيان." پاڻ فرمايائونس تہ: "ان ڪاڌي واري ماني مان جيڪڏهن چوٽاڙ بچائيندو وڃين ها، تہ بہ اسان ڏي اچڻ جو پاڙو ٿي وڃئي ها. اسان وٽ پهچي وڃين ها! ايتري دير نہ لڳئي ها!" الله وارن جون صلاحون اسان جي ڪوٽن عذرن ڪي دفع ڪري ڇڏن ٿيون. سو جوان ٿي الله جو ذڪر ڪريو، نيڪ ٿي حياتي گذاريو، مسافر ٿي وقت نہ ڳايو، پنهنجي حياتي جا ڏينهن فاني، بي وفا، بي بقا ڪري سمجهو. چار ڏينهن حياتي ۾ مغرور نہ ٿجو. پير ڪامل سان نسبت رلايو. صحبت لاءِ اڇ وڇ رکو. جيڪي اٿوَ پير جي صحبت ۾ اٿوَ. رهگو دنيا لاءِ حياتي نہ وڃايو. دنيا جا ڪم اڻ کٽ اٿوَ، ڪنهن بہ نہ پورا ڪيا آهن نہ ڪري سگهندو. هوشيار ٿيو، هن گاڏهه جو مراقبو ڪيو تہ "اسان ڇا ڪري رهيا آهيون. ڪاڌي وڃڻو اٿئون، ڪاڌهون آيا آهيون؟ هت ڇاڻا ڪريون؟" اهي سمجهون ايمان وارن ڪي هوندیون آهن. سمجهدار سياڻا آدمي دنيا ۾ الله وارا اٿوَ. انهن جي صحبت هرگز غافل ۾ گمراه ٿيڻ نہ ڇڏيندي. شيطان توهان جو دشمن اٿوَ، توهان جو وجهه جاچي رهيو آهي. جيستائين صحبت ۾ هوندو اوستائين توهان کان پيو ڊڄندو. جڏهن صحبت صالحن کان ڇڏندو، بس ان ڏينهن شيطان پليت توهان جي گمراه ڪرڻ ۾ دير نہ ڪندو. حلال کائو، حلال جو مال ڪمايو، ڪوڙ نہ ڳالهايو، چغلخوري نہ ڪريو، بيائي، دغائي، فريب ڪاري، لُڇائي، لوفرائي کان پرهيز ڪريو.

ڪاڌو پاڪائي جو کائيندا ڪريو. بازاري هٿرادو ٺهيل شيون جهڙوڪ : ڀُڙ، منائي، جُليبيون، ميسو، پکوڙا، ماوا، ملايون، منايون بي نمازي ۾ تڙ واري جي ماني ، نانوائي جي ماني نہ کائڻ گهرجي جو اها تقويٰ خلاف آهي. نماز ترڪ نہ ڪريو.

تهجد، ذڪر فڪر ۾ مراقبي سان محبت رکو. رات جو اٿي تهجد پڙهي، پنهنجي گناهن کي ياد ڪري روئي معافي ونڊندا ڪريو. هر ڪنهن کي پاڻ کان پلو سمجهندا

ڪريو. پاڻ کي گهٽ پائيندا ڪريو. پراوا عيب ڏسي خوش نہ ٿيندا ڪريو. جماعت ۾ اختلاف نہ ڪندا ڪريو. ڏاڙهيون پوريون شريعت موافق (مُٹ) رکندا ڪريو.

پنهنجي عورتن کي بہ نماز لاءِ تاڪيد ڪندا ڪريو. شادين غمين ۾ شريعت پاڪ جو طريقو اختيار ڪندا ڪريو. ٻئي يا ٽئي مهيني ۾ اسان وٽ صحبت لاءِ ايندا ڪريو. ڪجهہ سکو ۽ پين کي سيکاريو. اهڙي دنيا کي منهن ۾ ڏوڙ وجهو جيڪا توهان کي آخرت ۾ شرمسار ڪرائي ۽ رت رڙاري. وَمَا عَلَيناَ اِلاَّ البَلاَغُ

فقير لا شيءِ الاهي بخش غفاري

ستيتاليهون خط

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

مُحِبّ الفقراء انيس الغرباء جناب فقير علي مراد صاحب!

بعد تحفہ تسليم و تحيہ تڪريم . مطلب تہ جناب عالي، توهان جو پيو خط اسان کي پهتو آهي. ڏاڍي خوشي حاصل ٿي آهي، جو الله تعاليٰ اوهان کي اسان جي ارادي تي هلڻ وارو فقير بنايو آهي. جو خاص الخاص فقيرن ڏاڪرن واري صفتن سان موصوف ٿي رهيا آهيو. اسان کي بہ اهو فقير ڏاڍو وٺندو آهي جو شريعت پاڪ جي تابعداري ڪري ۽ خاص الله جي ذڪر سان مصروف ٿي وڃي. ذڪر اهڙي تہ لذيذ چيز آهي جو حضرت ابراهيم بن ادهم جهڙن جوانن بادشاهيون ڇڏي ڪري ڇڏيون هيون. ڪنهن بزرگ ذڪر جي لذت جو بيان ڪندي چيو آهي تہ: نام او چوں بر زبانم مے رود * هر بُنِ مُوئے عَسَل جوئے شود

ترجمو: جڏهن انهيءَ ذات جو نالو منهنجي زبان تي جاري ٿو ٿئي تہ هر وار جي پاڙ ۾ ماکي جي نهر وهڻ شروع ٿي وڃي ٿي. يادِ او سرمايہءِ ايماں بود * ہر گدا از يادِ او سلطاں بود

ترجمو : الله جو ذڪر ايمان جي مُوڙي آهي، هر پينو انهي جي يادگيري سان بادشاهہ بنجي ويندو آهي. پس بزرگي ہست اندر يادِ او * يادِ او کن يادِ او کن يادِ او

ترجمو: پوءِ جا بہ بزرگي آهي، انهيءَ جي يادگيري ۾ آهي پوءِ ان کي ورائي ورائي يادِ ڪر. پر مهربان! ذڪر جي ڪرڻ جا شرط هوندا آهن.

1. پير سان محبت هجي، انهيءَ جي محبت مان ذڪر از خود چالو ٿي ويندو.

حضرت امام رباني رحمة الله عليه ﷺ فرمايو آهي تہ: ذڪر بے محبتِ پير قليل النفع

پير جي محبت کان سواءِ ذڪر ٿورو نفعو ڪندو آهي.

هر وقت ان جي فيض جو منتظر رهجي. دنيا جا خيال دل مِ پون تہ ان جي تصور مِ محو ٿي ويجي تان دنيا جا خيال ختم ٿي وڃن.

2. فتويٰ کان بہ تقويٰ تي عمل ڪجي. عالمن جو عمل فتويٰ تي هوندو آهي. عارفن ۽ اوليائن جو عمل تقويٰ تي هوندو آهي. تقويٰ آخرت جو ثمر آهي. الله تعالي فرمايو آهي تہ: وَتَزَوَّدُوا فَإِنَّ خَيْرَ الزَّادِ التَّقْوَىٰ (البقرة: 197) ۽ ثمرناهيو تحقيق پلو ثمر پرهيزگاري آهي. تقويٰ جي معنيٰ آهي ڪِري (پرهيز) ڪرڻ . دوا هميشہ ڪِري کان سواءِ نہ لڳندي آهي. جنهن بہ شيءِ جي حلال يا حرام هجڻ مِ شڪ پوي ان کي ڇڏڻ تقويٰ آهي.

3. ذڪر فڪر ڪرڻ مِ مقصود رب العالمين کان سواءِ ٻيو ڪو بہ نہ هجي. جيئن حضرت بي بي رابعہ بصري ﷺ دعا گهرندي هئي "اي الله منهنجون دنيا جون نعمتون جيڪي منهنجي قسمت مِ لکيون اٿئي سي پنهنجي دشمنن کي ڏئي ڇڏ ۽ آخرت جون نعمتون جيڪي منهنجي قسمت مِ لکيون اٿئي سي وري پنهنجي دوستن کي ڏئي ڇڏ. منهنجي لاءِ تون ئي ڪافي آهين." يعني عبادت جو جيڪو بہ ڪم ڪيو سو خدا جي رضامندي لاءِ ڪيو، نہ ڪنهن ٻئي غرض سان، ان کي اخلاص سڏيو آهي.

4. سڀ خواهشات نفساني کي تَرڪ ڪرڻ، سواءِ رب پاڪ جَي، دل کي سيني شين کان پاڪ ڪرڻ. هي دعا گهري پوءِ مراقبہ ڪجي. "اي خداوندِ عالم مقصود منهنجو تون آهين. تنهنجي رضا تون مون کي پنهنجي محبت ۽ معرفت نصيب فرماءِ."

چشم بند و گوش بند و لب بہ بند * گر نہ بيني نور حق بر من بخند

غير ڏسڻ کان اک بند ڪر، غير جي گفتگو ٻڌڻ کان ڪن بند ڪر، اجائي ٻڪالهائڻ کان وات بند ڪر پوءِ الله جو نور نہ ڏسين تہ پوءِ پلي مون تي ڪل.

1. پير سان محبت هجي، انهي، جي محبت مان ذڪر از خود ڇالو ٿي ويندو.
حضرت امام رباني رحمة الله عليه فرمايو آهي تہ: ذِكْرٌ بِلَا مَحَبَّةٍ قَلِيْلُ النَّفْعِ
پير جي محبت کان سواءِ ذڪر تورو نفعو ڪندو آهي.
هر وقت ان جي فيض جو منتظر رهجي. دنيا جا خيال دل مِ پون تہ ان جي تصور مِ محو ٿي وڃجي تان دنيا جا خيال ختم ٿي وڃن.

2. فتويٰ کان بہ تقويٰ تي عمل ڪجي. عالمن جو عمل فتويٰ تي هوندو آهي. عارفن ۽ اوليائن جو عمل تقويٰ تي هوندو آهي. تقويٰ آخرت جو ٿمر آهي. الله تعالي فرمايو آهي تہ: وَتَزَوَّدُوْا فَإِنَّ خَيْرَ الزَّادِ التَّقْوٰى (البقرة: 197) ۽ ٿمرناهيو تحقيق پلو ٿمر پرهيزگاري آهي.
تقويٰ جي معنيٰ آهي ڪري (پرهيز) ڪرڻ . دوا هميشہ ڪري کان سواءِ نہ لڳندي آهي. جنهن بہ شيءِ جي حلال يا حرام هجڻ مِ شڪ پوي ان کي ڇڏڻ تقويٰ آهي.

3. ذڪر فڪر ڪرڻ مِ مقصود رب العالمين کان سواءِ پيو ڪو بہ نہ هجي. جيئن حضرت بي بي رابعہ بصري رحمة الله عليها دعا گهرندي هئي "اي الله منهنجون دنيا جون نعمتون جيڪي منهنجي قسمت مِ لکيون اٿئي سي پنهنجي دشمن کي ڏئي ڇڏ ۽ آخرت جون نعمتون جيڪي منهنجي قسمت مِ لکيون اٿئي سي وري پنهنجي دوستن کي ڏئي ڇڏ. منهنجي لاءِ تون ئي ڪافي آهين." يعني عبادت جو جيڪو بہ ڪم ڪيو سو خدا جي رضامندي لاءِ ڪيو، نہ ڪنهن ٻئي غرض سان، ان کي اخلاص سڏيو آهي.

4. سڀ خواهشات نفساني کي ترڪ ڪرڻ، سواءِ رب پاڪ جَي، دل کي سيني شين کان پاڪ ڪرڻ. هي دعا گهري پوءِ مراقبہ ڪجي. "اي خداوندِ عالم مقصود منهنجو تون آهين. تنهنجي رضا تون مون کي پنهنجي محبت ۽ معرفت نصيب فرماءِ."

چشم بند و گوش بند و لب بہ بند * گر نہ بيني نور حق بر من بخند

غير ڏسڻ کان اک بند ڪر، غير جي گفتگو ٻڌڻ کان ڪن بند ڪر، اجائي ڳالهائڻ کان وات بند ڪر پوءِ الله جو نور نہ ڏسين تہ پوءِ پلي مون تي ڪل.

مطلب تہ ساري ڪائنات ڪان منهن متي ذڪر ڪمايو، دنيا، عُقبيٰ و ما فيهما کي دل مان ڪڍي پوءِ رب ڳوليو. انهيءَ طرح چلو ڪيو. غير جو خيال رکي چلي ڪيڻ مان ڪوبہ فائدو نہ ٿيندو. فقط والسلام

فقير لا شيءِ الاهي بخش غفاري

انيتاليهون خط

بسم اللہ الرحمن الرحیم

محب الفقراء انيس الغرباء جناب خليفہ الحاج محمد عالم صاحب

بعد تحفہء تسليم و تحيہ تڪريم معروض بہ .

المرام: جناب عالي توهان جو خط پر نمط بوقت سعيد پهچي ويو، احوال معلوم ٿيو. جناب عالي، آءٌ اوهان جي دنياوي يا اخروي معروضات جي حل مشڪلات لاءِ ڏٺيءِ جي در دائماً بنا لالچ جي دعاگو آهيان ۽ هوندس ڪو بہ انتظار نہ ڪندا. جيڪا توهان پنهنجي مصروفيت لکي آهي: "آءٌ هڪ دڪانداري حيثيت ۾ قابو قيد آهيان. بابو وري مال چارڻ جي ڪم ۾ مشغول آهي." اهي ٻئي ڳالهيون اسان کي البتہ غمگين ڪري رهيون آهن ڇو تہ توهان کي حلال وجهہ جي پگهار آهي، اها قناعت سان ايترو ڪفايت ڪندي جو توهان پنهنجي اهل و عيال جو سنياليو بہ لهي سگهو ٿا. حريصن ماڻهن جي صحبت انهيءَ حد تائين پهچائي سگهي ٿي جو دنيا جو قيدي بنجي هميشہ دنياوي پريشانين ۾ زندگي گذاري ٿو ۽ هميشہ انهيءَ قول موجب گذاري ٿو تہ :

اَلحَرِيصُ مَحرُوم : حريص هميشہ محروم هوندو آهي.

حريصن جي صحبت ئي خدا جو يادگيرو ٻلائي ڇڏيندي آهي. دنيا جو ڏؤ بہ نہ ٿيندو آهي ۽ انسان دارين ۾ بہ سخت غمناڪ ٿي ويندو آهي. دنيا جي آسودگي جو مزو ڇڪو هجي ها تہ نبي پاڪ ﷺ انهيءَ ڪان پناهہ نہ گهرن ها ۽ مسڪيني لاءِ دعائون نہ گهرن ها.

جو ڏڻ ڏنارئون چري ڏار، سا ڇانگ ڪٽي ڇڏ،
تن ويڑهيچن ڪان لڏ، جن جي ناه مُهارَ مليرِ ڏي.

اها سنگت ۾ برادري جا رات ڏينهن دل کي پريشان ڪري دنياوي سوداءَ ۾ مبتلا رکي، انهيءَ جھڙي ٻي کا دشمني کانهي. اسان جو هت طالبن کي اهو ئي سبق ملي پيو ته دل کي آزاد ڪريو. دنيا جي ڪثرت، وحدت الاهي جو مزو هرگز نه ڏيکارينديو. يڪسوئي پيدا ڪرڻ هن طريقہ عاليہ جو عين فرض آهي. اها دنياوي ڪثرت ۾ ڪاٽي ٿي پيدا ٿي سگهي؟ ٻيو ته شيطان کان نبي پاڪ ﷺ پڇيو ته "تون ڪاٽي رهندو آهين." چيائين ته "بازارين ۾" هاٽي توهان پاڻ انهيءَ ڳالهہ کي توريو ته جتي شيطان جو ٽڪاٽو هجي، اتي کو خدائي ڪم دل سان ٿي سگهندو؟ دنيا جو ڪم لاچار کان ائين ڪجي جيئن ڪاکوس ۾ مجبوراً ويهبو آهي. دنيا جا معروضات اڻ ڪٽ آهن جي هرگز پورا نه ٿا ٿي سگهن تادم زندگي. ڪجهہ اڃٽي جو خيال رکو.

زندگی بابندگی خور سندگی * زندگی بے بندگی شرمندگی

زندگي بندگي سان نمي ٿي، بنا بندگي جي زندگي شرمندگي آهي.

پيوتہ والد صاحب جو حق ب ائين ادا نه ڪبو آهي. ننڍڙائپ ۾ ب اوهان جي پرورش خدمت ڪيائين ۾ پچاڙي ۾ ب مال چاري توهان جي غلامي ڪري. اهو صالح اولاد جو ڪم نه آهي جو والدين جي دلجوئي نه طلبي. الله تعالیٰ فرمايو آهي ته :

فَلَا تَقُلْ لَّهُمَا اُفٍّ وَّلَا تَنْهَرْهُمَا وَقُلْ لَّهُمَا قَوْلًا كَرِيْمًا (الاسراء: 23)

ابي امان کي اف ب نه چئو، انهن کي جھڙڪيو ب نه ۽ انهن سان مٺو سٺو ڳالهايو. الله تعالیٰ اف چوڻ جو ايذاء ب ابي امان لاءِ نه ٿو سمي، تنهن جو مال چارڻ ۽ اُسن ۾ پگهر وهائڻ ڪيئن سمندو؟ هرگز نه! اها توهان جي رَوَشِ بي ادبي ۾ داخل ٿي ويندي. جي پنهنجي شوق سان وڃي ته ب منع ڪجي. والدين جي منهن کي محبت سان ڏسڻ حج قبول پيل ۽ عمري جو ثواب آهي. پيءُ ماءُ اولاد لاءِ دوزخ ب آهن ته جنت ب آهن. هاٽي توهان قياس ڪريو انهيءَ نيڪ مرد کي انهي ڪم سان لائي سگهو ٿا؟ ٻن ڏينهن جا مهمان آهن، انهن کان معافي طلب ٿيو ۽ انهن کي ويهاري کين کان دعا طلب ڪندا رهو.

پنهنجي حقيقي دوست سان دل لڳايو. پنج وقت نماز با جماعت ۽ تهجد جي پوري پابندي ڪريو. اميرن، وڏيرن، دنيادارن، حريصن، غافلن، طريقت ۽ پير جي مخالفن جي

صحبت کان سخت پرهیز کریو. پنهنجي باقي بچيل حياتي جو فکر رکو تہ الله تعالیٰ شال اها پنهنجي يادگيري ۾ پوري کري.

جي پائين جوڳي ٿيان تہ سهہ سر مٿي سِيءُ،
نہ تہ ٻڌي پري ٿيءُ متان لانگوٽيا بہ لڄائين.

هوشيار ٿيو مرد بنجي الله تعالیٰ جي ڪمن ۾ لڳا رهو. توهان جو خدائي ڪمن ۾ لڳل ٻُڌي آءٔ خوش ٿيان ۽ دلي دعائون کريان. مرد مجاهد بنجي تجريد ۽ تفريد حاصل کريو يعني ظاهراً ۽ باطناً اڪيلائي اختيار کريو. پلي ماڻهن ۾ وينا هجو تہ بہ دل ۾ اڪيلا هجو. دل خدائي محلات آهي بلڪ عرش الاهي آهي، انجي چوڪيداري دل سان کريو. غيرالله کي اندر اچڻ نہ ڏيو. جي پلا غير اندر اچي ويو تہ ان کي ٽڪڻ نہ ڏيو. فقيرانہ حياتي، اميرانہ حياتي کان زياده بهتر آهي. عجز ۽ نياز سان هلي پنهنجي رب سان ملو. عجز نياز، غريبت ۾ هوندو آهي.

فقط والسلام

فقير لا شيءِ الاهي بخش غفاري

اٹونجاهون خط

بسم الله الرحمن الرحيم

محب الفقراء انيس الغرباء جناب خليفہ الحاج محمد عالم صاحب

بعد تحفہء تسليم و تحيہ تکريم معروض بہ .

مهربان! اسان جي طريقہ عاليہ نقشبنديہ جو دارومدار شيخ جي صحبت تي هوندو آهي تنهن کري جلد جلد ايندا کريو. ٻيو دنيا جي ڪمن کان حتي المقدور ٽڏائي اختيار کندا کريو ڇو تہ دنيا جي محبت دين جي ڪمن کان ائين پري کندي آهي جيئن کافر کلمي کان پري هوندو آهي. الله تعالیٰ سان زور محبت رکو. فاني شيءِ کان بيزار ٿي وجو، پاڻ ۾ دوستن احبابن کي بہ اها صلاح ڏيندا کريو. دل الله جو بيت آهي ان کي غير کان واندو رکو. مُلان صبح جواتي مسجد کي هلارينڈو آهي، عورت اتي گهر هلارينڈي آهي، موالي اتي مکان هلارينڈو آهي، دکاندار اتي دکان هلارينڈو آهي، الله

جي ذڪر وارو اٿي وري دل جو صحن غير الله کان پهاريندو آهي. دنيا جي اندر هوشيار ٿي رهو. ايماندار ماڻهو دين جي ڪمن ۾ ڪراڙا ۽ جوان هوندا آهن. بيمار ۽ چڱا پلا هوندا آهن. ستل ۽ سجاڳ هوندا آهن. سُڄا ۽ شاهوڪار هوندا آهن. آزاريل ۽ آسودا هوندا آهن. عورتون ۾ چوڪرا ۽ مرد هوندا آهن.

دين جي ڪمن ۾ ايماندار ٻُڪا ۽ ڏاول هوندا آهن. مسافر ۽ وطني هوندا آهن. بي واها ۽ وارثن وارا هوندا آهن. يتيم ۽ ابي امان وارا هوندا آهن. ايماندار الله جي ڪمن ۾ سست ۽ چست هوندا آهن. غافل ۽ هوشيار هوندا آهن.

اوطاقي ۽ صاحب مسجدن جا هوندا آهن. بي محبتا ۽ محبت وارا بنجي ويندا آهن. بي حضوري ۽ حضوري بنجي ويندا آهن. مُٺا ۽ جيڙا ٿي پوندا آهن. جهنمي ۽ جنتي جوان بنجي ويندا آهن.

مهربان! اوهان جو ڪم هت ۽ الله سان آهي، قبر ۾ ۽ الله سان آهي، حشر ۾ ۽ الله سان آهي. پنهنجي وطن آخرت واري کي نه وساريو.

حيف تني کي هوءِ وطن جن وساريو.

دنيا مسافر خانو آهي، آخرت وطن اصلي آهي.

اَلدُّنيَا مَزرَعَةُ الاٰخِرَةِ يعني دنيا آخرت جي پوک آهي.

غافلن کي جيئن دنيا جو ڪم ياد هوندو آهي، مومنن کي تيئن الله جو هر ڪم ياد هوندو آهي. زياده خير والسلام.

فقير لا شيءِ الاهي بخش غفاري.

پنجاهون خط

بسم الله الرحمن الرحيم

مهربان، قدردان، ايرادتمند فقراء غفاري الاهي !

جناب عالي، توهان کو ۽ خط نه ٿا لکو، نکو کو خيريت جو احوال ٿي ڏيو ٿا. هن فقير ٿي نينهن لائي اوهان فقيرن سان دل ڏاڍائي هئي، جو ايتري پنڌ تي ۽ مون کان نه ٿا وسرو.

مھربان! ھن عاجز جو توھان کي ھي خاص عرض آھي تہ پنھنجي حياتي کميٹي دنيا جي اجائي ڏنڈن ۾ نہ ويڃجو. دنيا ۽ وفا ۽ بقا اٿوَ. گذريل اجائي حياتي جو قبر ۾ حشر ۾ اھڙو افسوس کندئو جو انھي افسوس ۾ ارمان کي دنيا جي ساري مخلوق کي ورھائي ڏجي تہ ساري خلقت دنيا ۾ چري ٿي وڃي.

مھربان! پوءِ جو ارمان اجايو آھي. الله جو ذکر گھٽو ڪجو، پنھنجي حياتي جي ملڪيت الله جو ذکر ۾ عملن صالحن جو ٿمر پائنجو. دنيا جي نشي ۾ اھڙا ۽ ھوش نہ ٿي ويڃجو جو نماز جا فرض ۽ پيا قضا ٿين، مسجد شريف جا پنڌ بند ٿي وڃن. منھنجي يار سان ھول ھڏل ھانھا ٿي وفاداري سان وقت گذارجو. حياتي تي پروسو نہ ڪجو. پنھنجي دنياوي سرمائيداري تي خوش نہ ٿجو.

ماڙھُو گُھرن مالُ، آڻُون سَپ ڏينھَن گُھران سُپرين؛
دُنيا تَنھن دوستَ تان، فِدا ڪَريان فِي الحالُ؛
ڪَيَس نامَ نھالُ، پَسَنُ تان پَري ٿِيو.

فقير جا جيڪي سبق توھان کي مليا آھن سي وسارڻ جھڑا نہ آھن، انھن کي دل سان ياد ڪجو. مرشد ڪامل جي حياتي پنھنجي عملن صالحن واري حياتي پائنجو. مرشد ڪان چنل خدا جو چنل سمجھو، پير ڪامل جو پيار الله جو پيار پائنجو. پير ڪامل جي محبت صالح عملن جي پاڙ آھي. پنھنجي مالڪ سان وفادار ٿي رھجو. ذکر فکر ۾ اگر مزو نہ ۽ اچي تہ ۽ ڇڏي نہ ڏجو. جو تہ مزن جو طالب ۽ الله جو طالب نہ آھي.

ڪَڏھن طاقِيُون ڏِين، ڪَڏھن ڪلَن دَرَ دوستَن جا؛
ڪَڏھن اَچان، اَچَنُ نہ لَھان، ڪَڏھن ڪوئيو نِين؛
ڪَڏھن سڪان سَڏ ڪي، ڪَڏھن ڳُجھاندَرَ ڳَرَھين؛
اَھڙائي آھين، صاحبَ مُنھنجا سُپرين.

مھربان! سمجھايل ڪي ڇا سمجھائجي؟ ولين جي صحبت ۾ اچڻ وڃڻ مريد تي فرض عين ھوندو آھي. انھن وٽان دنيا ۽ آخرت جي دولت ملندي آھي، جيڪا ڪو بہ ڦُري نہ سگھندو آھي. انھن وٽان جنت الفردوس ورثي ۾ ملندي آھي. الله جو وصال ۽ قرب پائدار نعمت

حاصل ٿيندي آهي. ولين جو دشمن الله جو دشمن بنجي ويندو آهي، توڙي ڪٽي مُلو يا مولوي هجي.

وڌيڪ خير والسلام
فقير لا شيء الاهي بخش غفاري

ايڪونجاهون خط

بسم الله الرحمن الرحيم

بخدمت فيضدرجت ايرادتمند مولوي گل حسن صاحب

بعد تحفۂ تسليم وتحية تكريم ورحمة الله وبركاته غريب نواز توهانجو خط پهتو احوال معلوم ٿيو الحمد لله توهان خوش آهيو ته جڙ آءِ خوش آهيان توهان لاءِ ۾ ساري جماعت لاءِ هر وقت دعاگو آهيان ۾ هوندس دنيا ۾ ۽ آخرت ۾. محمد مسلم فقير کي هن عاجز جي پاران نياپو ڏجو ته منهنجو ڪو اهو حڪم ناهي جو توهان پنهنجي پني ۾ انجو ان ۾ ٽپڙ ۾ ڇڏڻ جي گذر صفر جو ان ۾ ڏيڻا کپائي اسان لاءِ درگاهه ۾ مسجد ناهيو آءِ ڪکن ۾ رهڻ وارو آهيان ۾ غريب جو يار آهيان غريبي گذر کي ۾ غريبي گهرن کي غريبي ويس کي غريبي کاڌي کي پسند ڪندو آهيان. جڏهن اسانجي قسمت ايڏانهن ٿي ته الله تعالیٰ پاڻهين اسانجي پرگهور ڪندو. مون لاءِ ڪابه تڪليف نه وٺي. اهو امر ضرور مڃي پني جو لکيل احوال مليو جماعت کي چوندا ته اهو ننگر جو ڪم پاڻ لاءِ عبادت سمجهندا نيڪ نيت سان ڪم ڪندا گهر ويڻي پير جي فيض مان پاڻگا پيا وٺندا.

حضرت مرشد ڪريم فرمائيندا هئا ته ننگر جو ڪم ساري رات عبادت ڪرڻ ۾ نفلي روزن کان ثواب ۾ پلو آهي ڇو ته عبادت ڪرڻ پاڻ لاءِ آهي ننگر جو ڪم سڀ جهان جي خدمت ڪرڻ آهي اهو ڪم وڏي نصيب واري ماڻهو کي حاصل ٿيندو آهي.

مهربان دل لائي علم پڙهايو جماعت کي نماز سيکاريو. حلقي مراقبي جو ۽ شغل جاري رکجو. تبليغ دين پاڻ لاءِ فرض سمجهجو الله جو ذڪر روح جي خوراڪ بنائجو اڪيلائي پسند رکجو. عام ماڻهن جي ڪچهرين جا پياسي نه بنجو. عورتن ۾ لسن

حاصل ٹيندي آهي. ولين جو دشمن الله جو دشمن بنجي ويندو آهي، توڙي ڪٿي ملو يا مولوي هجي.

وڌيڪ خير والسلام
فقير لا شيء الاهي بخش غفاري

ايڪونجاهون خط

بسم الله الرحمن الرحيم

بخدمت فيضدرجت ايرادتمند مولوي گل حسن صاحب

بعد تحفۂ تسليم وتحيه تكريم ورحمه الله وبركاته غريب نواز توهانجو خط پهتو احوال معلوم ٿيو الحمد لله توهان خوش آهيو ته جئ آءِ خوش آهيان توهان لاءِ ۾ ساري جماعت لاءِ هر وقت دعاگو آهيان ۾ هوندس دنيا ۽ ۾ آخرت ۾. محمد مسلم فقير کي هن عاجز جي ياران نياپو ڏجو ته منهنجو ڪو اهو حڪم ناهي جو توهان پنهنجي پني ۾ انجو ان ۾ ٽهڙ ۾ پڇڻ جي گذر صفر جو ان ۾ ڏيڻ کپائي اسان لاءِ درگاهه ۾ مسجد ناهيو آءِ ڪنن ۾ رهئ وارو آهيان ۾ غريب جو يار آهيان غريبي گذر کي ۾ غريبي گهرن کي غريبي ويس کي غريبي کاڌي کي پسند ڪندو آهيان. جڏهن اسانجي قسمت ايڏانهن لي ته الله تعالیٰ پائڻين اسانجي پرگهور ڪندو. مون لاءِ ڪابه تڪليف نه ونبي. اهو امر ضرور مڃي پني جو لکيل احوال ملیو جماعت کي چوندا ته اهو ننگر جو ڪم پاڻ لاءِ عبادت سمجهندا ٿيڪ نيت سان ڪم ڪندا گهر وينبي پير جي فيض مان پاڻ پيا ولندا.

حضرت مرشد کريم فرمائيندا هئا ته ننگر جو ڪم ساري رات عبادت ڪرڻ ۾ نفلي روزن کان ثواب ۾ پلو آهي چو ته عبادت ڪرڻ پاڻ لاءِ آهي ننگر جو ڪم سڀ جهان جي خدمت ڪرڻ آهي اهو ڪم وڏي نصيب واري مائهو کي حاصل ٿيندو آهي.

مهربان دل لائي علم پڑهايو جماعت کي نماز سيکاريو. حلقي مراقبي جو به شغل جاري رکجو. تبليغ دين پاڻ لاءِ فرض سمجهجو الله جو ذکر روح جي خوراڪ بنائجو اکيلائي پسند رکجو. عام مائهن جي ڪچهرين جا پياسي نه بنجو. عورتن ۾ لسن

نينگرن جي خاص مجلسن کان پرهيز ڪجو. طريقي يا پير جي مخالف کي پاڻ لاءِ زهر قاتل سمجهجو حق چئي پڌائجو ضد نہ ڪجو. ڪنهن جي ڏڏي ۾ نہ پئجو هر ڪنهن سان نرم ڳالهائجو ڪنهن کي بہ بچڑو نہ سمجهجو خوش خُلقي عادت بنائجو ماڻهن کي سهڻين عادتن ۾ اخلاقن سان مطيع بنائجو پنهنجي سبقن جو دؤر ۾ نفي اثبات کي گهٽو ڪندا ڪجو مجاهد ٿي ڪم ڪجو روڳي نہ بنجو پوئتي جو الڪو اصل نہ ڪجو.

الله تعاليٰ کي پنهنجو ۾ پوءِ جو حافظ ناصر سمجهجو اسانجي پاران جماعت کي اسلام عليڪم چئجو انهن کي چئجو تہ ويمي ويل نہ وڃائجو الله جي ڪمن ۾ مرد ٿي گذارجو ذڪر کي محبت سان ڪندا ڪجو شريعت جي تابعداري ڪندا ڪجو حياتي کي خواب ڪري سمجهجو بي وفا ۾ فاني شين سان دل نہ لائجو هڪ الله تعاليٰ کي پنهنجو ڪارساز پائنجو هن فقير کي پنهنجو سڃڻ سمجهجو هن فقير کان پيرو نہ پيجهو پاڻ ۾ محبت رکجو هر ڪنهن کي عزت سان ڏسندا ڪجو پير جي خاطر پاڻ کي پائڙ سمجهندا ڪجو هن محمدي ڏڻ کان ڏار نہ ٿجو. مون مسڪين فقير جي دين جي پوڪ شيطان جي هٿان نہ پيلائجو مون محنت سان توهان ۾ محبت ۾ اسلام جا سلا پوکيا آهن انهن جو قدر ڪندا ڪجو مونکي ڏڪارو نہ ڪجو مون وٽ اهو فقير پيارو آهي جو الله کي گهٽو ياد ڪندڙ ۾ شريعت جو پياسي ۾ پاڻکي سيني کان بدتر سمجهندڙ آهي ۾ پين کي چگهو پائيندڙ آهي دل وارا فقير هميشہ دل ۾ گڏ آهن توڙي پري آهن ويجهي وارا بنا دل جي پري آهن جيتوڻيڪ ويجها آهن زياده خير والسلام

فقير لا شيءِ الاهي بخش غفاري خانپوري

ٻاونجاهون خط

بسم الله الرحمن الرحيم

محب مڪرم احب اڪرم جناب مولوي گل حسن صاحب

بعد اسلام عليڪم ورحمة الله وبرڪاته المرام غريب نواز هت بلڪل خيريت آهي توهانجي عزيزن ڏانهن بہ خير عافيت آهي جو ڪالهہ فتح محمد خليفي جو پٽ تاج محمد آيو هو انکان پڇا ڪئي وئي توهان ڏانهن بہ الله تعاليٰ خير عافيت فرمائيندو زياده عرض

ت جماعت سان سئو سلوک رکندا کنهن جي طرفداري نہ کندا کنهن جي فيصلي ڏڏي ۾ نہ پوندا کنهن جي بہ گهر نہ ويندا خلاصا آزاد گذارينداپير جي مخالف سان ياري نہ رکندا. کنهن جي مخالفت ۾ بہ بيهوده گفتگو نہ کندا. انهن کي خدا جي فيصلي ۾ ڇڏيندا. غافل ماڻهن جا مجلس نشين نہ رهندا. چرچن ۾ پوڳن بيهوده الفاظن جي ڀالهائڻ جي عادت وجائي ڇڏيندا. دين جو کم دل سان کندا.

حلقو مراقبو هر روز کندا رهندا. جي نہ ٿي سگهي ت جمعي جي رات يا سومر جي رات کندا تقرير ۾ تبليغ کرڻ پنهنجو شيوو بنائيندا الله جو ذکر گهٽو کندا رهندا ۾ کرائيندا رهندا عورتن کي بہ هفتي ۾ هک پيرو باپرده وعظ ۾ حلقہ مراقبہ کرائيندا رهندا. حق چوڻ ۾ سست نہ رهندا. آس پاس ۾ بہ ذکر واري فقيرن کي ماهہ پهرين جمعہ تي کوڻائي تقرير تبليغ خوب کندا رهندا. جماعت کي نہ ڇڏائيندا هر وقت پنهنجي پير جي فيض طرف متوجهہ رهندا. عبدالکريم ڏانهن ضرور ويندا نوتکاڻي ۾ موچي فقيرن ڏانهن بہ کڏهن کڏهن ڦيرو کري پيا ايندا. شعبان مهيني جو ساري جماعت سوڌو اچي ويندا. انهيءَ موقعي تي اچڻ لاءِ محمد موسيٰ رند کي رندن ۾ مهاڻن ۾ منڊرن ڏانهن موکليندا ت انهيءَ موقعي تي ضرور اچن. جني جني ذکر پچيو هو انهن کي پاڻ سان وٺيون اچن. تعليم جو کم بہ دلجان سان کندا رهندا. تهجد پاڻ بہ پڙهندا ۽ين کي بہ کوشش کندا رهندا زالن جي کچهري نہ کندا رهندا حياتي الله جي کمن ۾ صرف کندا رهندا. زياده خير والسلام فقير لاشيءَ الاهي بخش غفاري

ٽيونجاهون خط

بسم الله الرحمن الرحيم

محترم ومکرم جناب محمد موسيٰ ! بعد اسلام عليکم ورحمة الله وبرکاته

المرام جناب عالي حضرت موسيٰ عليہ السلام وانگر پنهنجي حياتي الله جي يادگيري ۾ بي مثل بنائجو. غافلن حريصن عزيزن بي قدرن وانگر الله جي دوستن جي دوستي نہ چنجو چنندڙن مان نہ بنجو. بلڪ ڳنڍيندڙن وانگر ڳنڍڻ جو کم سکجو. جيئن موچي کنڊي

سان چنل جوتن کي ڏاڍا هٿي ڳنڍيندا آهن ائين ڏاڍا درد جا هٿي دل کي هن فقير سان سبي ڇڏجو: بيت.

سَنهِيءَ سُئِيءَ سِبيو، مُون مارُوءَ سين ساهُ؛
ويڻي ساريان سُومرا! گولاڙا ۽ گاهُ؛
هنئو مُنهنجو هُٽ ٽيو، هٽ مِٽي ۽ ماهُ؛
پَکِن منجهه پَساهُ، قالبُ آهي کوڙ مِ.
آڻُون کڻَن ڇڏيان، سومرا! تِن پنوَهارَن پَچارَ؟
جَرَّ جنين جي جانِ مِ، لڳي رِءَ لُهارَ؛
ميڻُون مُحبَتَ سَنديُون، هنئڙي مَنجهه هَزارَ؛
پَکا ۽ پَنوَهارَ، ڏٺي مُون ڏينهَن ٽيا.

مهربان دل ڳنڍ ته ڪم ٽيو پيو آهي. جيئن مارئي کي مليو نه وسريو ته دل گهرئي فقير کان ٻه ائين پنهنجو پير نه وسرندو آهي جيئن جيئن ڏينهن پوندا ويندا تيئن تيئن پور زياده ٽيندا ويندا. کافي

جيئن ٽا ڏينهن لنگهن، مارو ياد ٽا پون،
منهنجا نيڻ روئڻ کان بس ڪين ٽا ڪن.

پير ڪامل دليون سڌارڻ وارو هوندو آهي پر دل جو سودو اهو ڪندو آهي، جنهن جو ڪو ازل ۾ نصيب هوندو آهي. پير ڪامل کي وسارڻ بدقسمتي جي علامت آهي. جيڪو ماڻهو پير کان ڇنو ته خدا ٿو ڇاڻي اهو الله تعاليٰ کان ٻه ڇجي ويندو. اهڙا واقعا هزارين اکين سان ڏٺاسون مرندي تائين اهو درڙو نه ڇڏجو. بيت

پلي ڇائي مارئي جنهن مارو ملهايا،
سَتي سامائي، جنهن ٻڌا موڙ مليو ڪي.

الله جو ذڪر ٻه پير جي محبت سان نهندو آهي، جيئن گوشت مرچن مصالحن ۾ گهه سان نهندو آهي بنا پير جي ذڪر ائين هوندو آهي جيئن موري سان پٽ ڪائجي نيڪ بنجي ڏيکاريو رسمي نيڪ نه بنجو بلڪ مرد مولا جا بنجي وڃي پنهنجي رب سان ملو. حياتي دنيا جي بي بقا بي وفا آهي انتي آسرو رکي پنهنجي سائين کي نه وساريو حياتي نند وارو

خواب پائڻجو پاڻ ۾ اتفاق رکجو الله جو کم هر کم کان مقدم رکجو. نيڪ يار جي مجلس نيڪ کم کرڻ کان زياده فضيلت واري سمجهجو بچڙي ماڻهو جي سنگت بچڙي کم کرڻ کان بہ بچڙي سمجهجو مراقبو لازم رکجو دل کي ماسوي الله کان خالي رکجو لاڙ ۾ نيڪ کمن ۾ گوءِ ڪٽي شيطان کي ساڙ ڏئي مارجو. پير جي محبت ۾ ذکر سان نفس ۽ شيطان جا لاهه ڪيي ڇڏجو. ابيات

عشق اوتارا ناهي ٿو يار جا، عشق ميخانا بنائي يار جا.
عشق کان ميخون محبت ٿيون لڳن، يار جون جيءَ ۾ تندون تارون وڄن
عشق مندر اندر جا ڌاهي ڇڏي، ماسوا جا پت پوجي پورا ڪري
عشق کان دردن سنديون دانهون ٿين، رات ڏينهن ۾ ڪُن جيئن دريا ڏين.
عشق کان اکيون ڪهڙو سهٽيون لڳن، جن اکين ۾ يار لئي ڳوڙها وهن.

زياده خير والسلام

فقير لا شيءِ فقير الاهي بخش غفاري

چوونجاهون

بسم الله الرحمن الرحيم

عام اطلاع

سڀني فقيرن غفارين کي اطلاع ڏجي ٿو ته اسان جي مسجد شريف فضل آباد ماتلي واري جو ويرانبو ۽ مدرسي جون جايون نامڪمل آهن. فقيرن کي اونهاري ۽ سياري ۽ سردي ۽ گرمي ۾ سخت تڪليف آهي. ان لاءِ توهان کي پنهنجي خوشي سان هن ڪار خير ۾ مدد ڪرڻ لازم آهي. گهٽ انداز هڪ سؤ روپيہ آهي وڌ انداز هڪ هزار روپيہ آهي. هيءَ مدد ساري جماعت جي آرام لاءِ آهي ۽ جنت ۾ ڪاتو ڪولائڻو آهي ۽ سچي ۽ ڪوڙي فقير جو امتحان آهي ۽ پنهنجي دنياوي ۽ اُخروي دولت وڌائڻي آهي ۽ پنهنجي ٽوٽن ۽ نقصانن جو ڪفارو ڪرٽو آهي. پنهنجي محبت ۽ خوشي سان ڏيندو ثواب بہ ملندو جي اعتراض ڪري يا مصيبت سمجهي ڏيندؤ ته اسان کي توهان جي خيرات جي ڪا بہ ضرورت ڪانہ آهي. الله تعالىٰ اسان جو مددگار آهي کو بہ ڪم درگاهن جو فقيرن جي مدد کان سواءِ نہ

ٹیو آھي. هيءُ به فقير جو آستانو توهان جي ايمان بچائڻ ۾ آخرت جي ثمر حاصل ڪرڻ جي ۾ عملن صالحن جي دولت وڌائڻ جي جاءِ آهي. ڪو به خير خيرات زڪواة فطرا نذر نياز ڪيو ته هن مدرسي ۾ داخل ڪندا ڪريو ته اهل سنت وجماعت جي مدرسي کي ترقي ٿئي. اڏاوت جو ڪم مارچ ۾ ٿيندو.

وما علينا الاالبلاغ

پنجونجاهون خط

بسم اللہ الرحمن الرحیم

مہربان بلند مکان جناب فقیر لیاقت علی پنجابی بعد اسلام علیکم ورحمۃ اللہ وبرکاتہ

المرام جناب عالی آپ کے دو خط مل چکے ہیں۔ الحمد للہ آپ بخیریت ہیں اور ہم بھی اللہ کے فضل سے بخیریت ہیں۔ جناب عالی، ہم آپکے لئے شب و روز دعاگو ہیں، آپکی نیکی اور دینداری اور دنیا کی آسودگی اور خوشحالی ہمارے لئے باعثِ فرحتِ دل ہے۔ ہم آپ کا احوال سُن کر بہت خوش ہوتے ہیں۔ وظیفہ جو ہم نے بتایا ہے اس کو خوب پڑھو انشاء اللہ آپکا کام جلد برآمد ہو جائیگا۔ ست مت بنو بلکہ نیک کام کرنے میں مرد مجاھد بن جاؤ اللہ تعالیٰ کو کارسازِ عالم سمجھتے رہو۔ دل میں شوق اللہ تعالیٰ سے ملنے کا رکھو۔ جب خدا تعالیٰ راضی ہو گیا سب کام خود بخود سرانجام ہو جائینگے۔

اللہ تعالیٰ اپنے بندوں پر ماں باپ سے بھی زیادہ مہربان ہے۔ اسکی شفقت کا کیا بیان کریں! جو کچھ آفات و بلیات اور نقصانات آتے ہیں یہ سب انسانوں کے گناہوں کے سبب سے آتے ہیں۔ جب بندہ تائب ہو جاتا ہے اور اللہ تعالیٰ سے معافی مانگ لیتا ہے تو اللہ تعالیٰ بلا تاخیر اس پر مہربان ہو جاتا ہے اور اس بندہ پر راضی ہو جاتا ہے۔ بس رات دن اس کے راضی کرنے کے فکر میں لگ جاؤ۔ رب تعالیٰ تو ویسے ہی آپکا کارساز ہے۔ وہ آپکی ہر مراد پوری کردے گا۔

یاد او سرمایہ ءِ ایماں بود * ہر گدا از یاد او سلطاں بود

اللہ تعالیٰ کو یاد کرنا ایمان کا سرمایہ ہے۔ اور اس کو یاد کرنے سے گدا گر بھی سلطان بن جاتا ہے۔

یاد او گر مونس جانت بود * ہر دو عالم زیر فرمانت بود

اگر اللہ کا ذکر تمہارا مونسِ جاں بن جائیگا تو دونوں عالم تمہارے حکم کے تابع ہو جائینگے۔

پس بزرگی ہست اندر یاداو * یاداو کن یاداو کن یاداو

پس تیری بزرگی و برتری رب کے ذکر میں ہی ہے۔ تو پھر اس کو ہی یاد کرو اور بہت ہی یاد کرو۔

مہربان! دنیا میں چند دن مسافر بن کر آئے ہو، آگے کا سامان جمع کرو۔ غفلت میں نہ پڑو، تیاری کر بیٹھو آج نہیں تو کل روانگی ہو گی۔ موت آپکے پیچھے لگا ہوا ہے۔ تم نے نہیں دیکھا کہ بڑے بڑے دنیادار بادشاہ خاک کے نیچے دب گئے۔ جو گئے پھر واپس لوٹ نہ آئے۔ سب اپنا سامان، خان، مان، حکومت و شان چھوڑ کر چلے گئے۔ ہوشیار ہو جاؤ اپنے اصلی وطن کو مت بھلاؤ۔ جہاں چلنا ہے وہاں کا خیال رکھو۔

حیاتی پر بھروسہ نہ کرو، یہ حیاتی تو بے وفا اور بے بقا ہے۔ اللہ کا ذکر ہی بندے کے لئے دولتِ جاوداں ہے۔ آپکو جتنا شادی کا شوق ہے اتنا شوق اللہ کے ملنے اور راضی کرنے کا رکھو۔ حقیقی دوست سے دل لگاؤ۔ جوانی کے دن اللہ کی رضا حاصل کرنے میں بسر کرو۔ جاگو کہ جاگنے کا وقت ہے۔

جاگنا ہے جاگ لے افلاک کے سایہ تلے * صدبرس سوتا رہے گا خاک کے سایہ تلے

عمل سے زندگی بنتی ہے جنت بھی جہنم بھی * یہ خاکی اپنی فطرت میں نہ نوری ہے نہ ناری ہے

زیادہ خیر اللہ بس باقی سب ہوس

فقیر لاشیء الاھی بخش غفاری

چاونجاھون خط

بسم اللہ الرحمن الرحیم

مشفق شفیق جناب فقیر بشیر احمد صاحب

بعد تحفہء تسلیم معروض بہ الغرض: مہربان! آپکا خط ملا۔ احوال معلوم ہوا۔

ایں سعادت بزور بازو نیست * تانہ بخشد خدائے بخشندہ

یہ نیک بختی اللہ کے فضل پر موقوف ہوتی ہے۔ یہ کسی کمائی سے نہیں حاصل ہوتی۔ اگر آپکو اس نعمت کا شوق ہے تو سلام کلام اور پیغام سے کام نہیں بنتا۔ جب تک اللہ والے پیر کامل کی صحبت اور نظر میں نہ رہا جائے۔ بیمار آدمی جب تک ڈاکٹر کے زیر علاج اسپتال میں نہیں رہتا تب تک شفائے کاملہ عطا نہیں ہوتی۔ یہ قلب بھی گناہ کر کے بیمار ہو گیا ہے۔ اللہ والے پیر کامل کی غلامی اور خدمت اور اس کی صحبت میں اس دل کا علاج ہوتا ہے۔ یہ امراضِ باطن کے حکیم ہیں۔

گر ھمے خواہی مرد گردی اے فقیر * صحبتِ صاحبدلاں را پیشہ گیر

اگر آپ کو مرد مولا بننا ہے تو بزرگوں کی صحبت اختیار کرو۔

قوی استعداد اور قوی عقیدہ والا آدمی نظر نہیں آتا جو اس کا کام ایک رات میں بن جاوے۔

البتہ صحبت میں رہنے سے عقیدہ اور پیر سے محبت بڑھتی ہے، پھر اس کا کام بن جاتا ہے۔

آنچہ سالک را رساند بامراد* اعتقاد و اعتقاد و اعتقاد

وہ چیز جو مرید کو مراد تک پہنچاتی ہے وہ اعتقاد ہی اعتقاد ہے۔

جس مرید میں اعتقاد کی دولت آجاتی ہے وہ اپنے پیر پر عاشق صادق بن جاتا ہے۔ پھر کبھی اس کو نہیں چھوڑتا۔ سفر حضر میں اس کے ساتھ رہتا ہے اور رفیق بن جاتا ہے۔ اس کی رفاقت سے اس مرید کا تعلق رب سے پیدا ہو جاتا ہے۔ اور جس کا تعلق رب سے قائم ہو گیا اس کا کام بن گیا۔

بچہ جو پیدا ہوتا ہے تو ماں کی گود میں ہی پرورش پاتا ہے۔ جب عاقل بالغ ہوتا ہے تب ماں سے جدا ہوتا ہے۔ اس وقت جدا ہو گیا تو اس کو پرواہ نہیں ہوتی۔ بچپن میں بچے کو ماں کی ضرورت ہوتی ہے، مرید کو بھی اس طرح پیر کی صحبت کی ضرورت ہوتی ہے۔

تو مہربان! بہت جلد جلد آتے رہو۔ ذکر بہت کرتے رہو۔ مراقبہ میں مرشد کی صورت کا تصور کرو، یہ وسوسہ شیطان کا کافی علاج ہے۔ پیر کی صورت کا تصور کرنے سے شیطان کا وسوسہ نہیں آئیگا۔ عاقل آدمی کے لئے اشارہ کافی ہے۔ واللہ اعلم بالصواب

لاشیء فقیر الاھی بخش غفاری

ستجو نجاھون خط

بسم اللہ الرحمن الرحیم

بروز منگل ۵ رجب المرجب سنہ ۱۴۰۳ھ

محب الفقراء انیس الغرباء جناب فقیر غلام مصطفیٰ صاحب بعد السلام علیکم ورحمۃ اللہ وبرکاتہ

جناب عالی ہم اللہ کی مہربانی سے خوش باش بیٹھے ہیں۔ رب العالمین تعالیٰ شانہ کی رضا کے بغیر کوئی فکر نہیں ہے۔ ہر فرد فقیر کو بھی یہی تعلیم تلقین کرتے رہتے ہیں کہ اپنے رب سے دل کا رابطہ ذکر اللہ کر کے اور اتباع شریعت کر کے حاصل کرلو۔

اندر ھو تے باہر ہو اُت باہو کتھ لبھدا ھو
ھو کرے روشنائی اتے چھوڑ اندھیرا ویندا ھو

ھو دا داغ محبت والا دم دم نال سڑیندا ھو
ولہ نصیب تنھاندے باہو جے ھو کوں صحیح کریندے ھو

جیسا مزہ اللہ تعالیٰ کے ذکر اور فکر میں ہوتا ہے اس کا کوئی انداز نہیں۔ لیکن نصیب شاملِ حال ہو۔ مہربان اس طریقہ نقشبندیہ کا دارومدار صحبتِ پیر پر ہوتا ہے جتنی محبت اور ارادے کے ساتھ پیر کی صحبت کرتا ہے اتنا باطن میں فیض برکت کا اضافہ ہوتا ہے۔

گر ہی خواھی مرد گردی اے فقیر صحبتِ صاحبدلاں را پیشہ گیر

یعنی اگر تو مردِ خدا بننا چاہتا ہے تو کسی اللہ والے فقیر کی صحبت کرتا رہ۔ اللہ والوں کی صحبت عین اللہ تعالیٰ کی محبت ہوتی ہے۔ یہ مسئلہ ہر آدمی نہیں جان سکتا ہے مولوی لوگ بھی اس مسئلہ میں بے خبر ہیں۔

تم آتے نہیں ہو تو خط کتابت میں اپنا حال احوال لکھتے رہو ابھی گذشتہ ماہ میں بڑا سالانہ اجتماع ہوا تھا' اس میں ہر طرف سے کثیر جماعت آئی تھی۔ پوری سندھ اور پنجاب اور بلوچستان سے بھی لوگ باقبائل آئے تھے۔

مہربان یہ طریقہ عالیہ سریع الاثر ہے۔ جلد طالب کو فائدہ ہوتا ہے لیکن شرط آنا جانا ہے آنہیں سکتے تو خط لکھتے رھو۔ تم جب خط کتابت کرتے ہو تو یاد آتے ہو اس طرف بھی ہمارا فقیر ہے۔ حال احوال دیتے رہو۔ اور ذکر فکر خوب کرو دیکھو ذکر تم کو کس طرح ہمارے پاس پہنچاتا ہے شریعت کا اتباع کرتے رہو اور اپنے گھر والوں کو بھی شریعت اور طریقت کی تاکید کرتے رہو اور اللہ والوں کی کتابیں پڑھتے رہو اور تہجد نماز پابندی سے پڑھو اور نماز باجماعت پڑھتے رہو دنیا فانی اور بے بقا ہے آخرۃ کی فکر ہر وقت کرتے رہو دنیا کے طالب نہ بنو ایک دن چھوڑ جانا ہے۔ زیادہ خیر والسلام فقیر لاشیء الاہی بخش غفاری

اٹونجاھون خط

بسم اللہ الرحمن الرحیم

محب الفقراء وانیس الغرباء جناب خلیفہ منظور احمد صاحب !

بعد تخمہء تسلیم و تحیتہ تکریم جناب عالی ! حضرت صدیق اکبر رضی اللہ عنہ نے اپنا مال واسباب میرے محبوب ﷺ پر اور آپ کے دین پر قربان کرکے وہ درجہ حاصل کیا جو کسی صحابی کو حاصل نہ ہو سکا۔ قربانی دینا ہر ایک کے بس کی بات نہیں ہوتی۔ جو قربانی دیتے ہیں وہ اعلیٰ مقام پاتے ہیں۔ جو بھی دین کے کام میں دل و جان سے کوشش کرتا ہے اللہ کریم اس کا ذرہ بھی ضایع نہیں کرتا۔ یہ جو کام آپ کر رہے ہیں مجھ پر

احسان نہیں کر رہے بلکہ اللہ کا احسان سمجھیں جو آپ سے اپنے دین کا کام لے رہا ہے۔ محمد صدیق سے بھی سلوک کے ساتھ پیش آئیں۔ اس کو نہ دیکھیں مجھے دیکھیں وہ سادہ مزاج آدمی ہے۔ اس کے ساتھ حسنِ خلق سے پیش آئیں۔ دیکھیں ہم اس سے کس طرح برتاؤ کرتے ہیں۔

آپ کا بھائی مجذوب ہو جائے اس کے ساتھ اچھا سلوک کرنا پڑتا ہے اس کا گلہ شکایت اور اس سے روگردانی اور بے رغبتی نہیں کرنی چاہیے۔ زیادہ خیر والسلام

فقیر لاشیءِ الاھی بخش غفاری

بسم اللہ الرحمن الرحیم

سیرت سیدنا خالد بن ولید رضی اللہ عنہ [1]

حضرت سیدنا خالد رضی اللہ عنہ قریشي نسل جو هيو. مكي شريف مٿ جائو. ان جو والد وليد حضور عليه الصلواة والسلام جو پكو دشمن هيو. حضور جن ﷺ كي سخت تنگ كيو هوائين. حضور عليه الصلواة والسلام الله تعالي كان ان جي نافائدي مٿ عرض گذاريو. الله تعالي فرمايو ته اي منهنجا محبوب توهان چوٽ ته ان كي هلاك كري ڇڏيون پر ان مان هك فرزند پيدا ٿيندو جو توهان جي اسلام جو حامي ۽ مجاهد ٿيندو جو وڏا وڏا دين جا كم كندو. نبي كريم ﷺ جواب ڏنو ته ان جا ايذاء اسان كي قبول آهن پلي اهو شخص پيدا ٿئي پوءِ اهو مكي شريف مٿ جائو جو وڏي ٽيڙ سان تير اندازي ۾ گهوڙي سواري ۾ بهادري جي كمن مٿ تمام هوشيار ٿيو جو مسلمان ٽيڙ سان اسلامي كمن مٿ وڏا جوهر ڏيكاريائين. جنگ جي هر محاذ تي سوپارو ٿي موٽندو هيو. انكري نبي پاك ﷺ كيس كي سيف الله (الله جي تلوار) جو لقب عطا فرمايو. حضرت عمر فاروق رضی اللہ عنہ جي وقت مٿ سندس سرواٽي مٿ تمام گهٽيون سوپون ۾ فتحون حاصل ٿيون. هي وڏو بهادر ۽ جرنيل اسلامي سپه سالار هوندو هيو.

---

[1] برادرم فضل الله گورنمينٽ هاءِ اسكول خانپور مٿ پڑهندا هتا. اتي هڪ تقريري مقابلو ٿيو. جنهن مٿ شاگردن مختلف موضوعن تي تقريرون كيون. ادا كي حضرت خالد بن وليد رضي الله عنه بابت تقرير كرڻي هئي ان كي پاڻ هي مضمون لكي ڏنائون.

جڈھن سندس هرملک ۾ شهر ۾ هر انسان مرد عورت ننڍي وڏي ۾ واکاڻ ٿي وئي تڈھن حضرت عمر ﷺ جنگ يرموڪ جي عين موقعي تي عهدي سپه سالاري تان لاهي سپاهي جو آڏر لکيو. فوج ۾ حضرت عمر ﷺ جي ان فيصلي تي گهٽي چون چرا ٿي ته ان وقت حضرت خالد بن وليد ﷺ ساري فوج کي تنبيهه ڪندي فرمايو ته ڪوبه خليفه المسلمين جي حق ۾ چون چرا نه ڪري مان جو جنگ جو ڪم ڪري رهيو آهيان سو خاص خدا جي رضامندي لاءِ ڪري رهيو آهيان. پوءِ چاهي اهو ڪم رب مون کي سپهه سالاري ۾ ڪرائي يا سپاهي ۾ ڪرائي.

اسان جي خليفه جو خيال اهو هيو ته متان عام ماڻهو سمجهن ته فتح حضرت خالد جي ترار ۾ آهي ۽ الله تعالىٰ جي طرفان سوپ آهي. ان ڪري هن کي عهدي تان بدلي ڪيو ويو هيو.

سندس اندر اسلام جو اهڙو جوش خروش هوندو هيو جو هڪ لڙائي ۾ حضرت ابوعبيده بن جراح ﷺ سپه سالار کي چيائين ته ڪافرن جي لشڪر ۾ 60 هزار فوج مقابلي لاءِ ميدان تي آئي آهي مون کي تون فقط 60 ماڻهو ڏي ته آءٌ انهن سان مقابلو ڪريان. حضرت ابو عبيده بن جراح عجب ۾ اچي چيو ته هي تون چا ٿو چوين. چيائين ته سچ ٿو چوان مونکي ڪافرن جي مقابلي ۾ ڪوبه خوف نه ٿو ٿئي جيڪڏهن تون 60 ماڻهو نه ڏين ته ٽيهه جڻا سپاهي مون کي ڏي پر جي ائين ب نه مون اڪيلي کي چڏ ته آءٌ اڪيلو 60 هزار ڪافرن سان جنگ ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. پوءِ ان کي ابو عبيده ﷺ چگي فوج ڏئي جنگ تي روانو ڪيو.

هڪ پيري هلندي جنگ ۾ سندن مٿي تان ٽوپي ڪِري پئي سا گهوڙي تان لهي ڪٽڻ لڳا. فوج کي هن جو اهو ڪم عجيب لڳو. پڇيائونس ته اوهان ائين چو ڪيو؟ فرمايائين ان ٽوپي جي صدقي ته مون کي فتح ملي پئي چو جو ان ٽوپي ۾ منهنجي محبوب مدني مرسل ﷺ جو وار مبارڪ سِيٻَلُ آهي. سو ڪئين نه لهي ڪٽان. اهڙو سندن عقيده هوندو هيو.

جڈھن سندن موت جو وقت ويجهو ٿيو ۽ اصحابي سڳورا ڪائنس پڇڻ آيا ته پاڻ ان وقت زار زار روئي رهيو هيو. تڈھن جواب ۾ چيائين ته آءٌ اهو فوجي ماڻهو هيس جو سوين جنگين ۾ شريڪ ٿيس ۽ وڏا وڏا مقابلا ڪافرن سان ڪيم . ڪيئي ڪافر دوزخ ۾ پهچايم

ڪئين فتحون حاصل ڪيم. آءِ هينئر جو روڻان ٿو سو پنهنجي قسمت تي ارمان ٿو ڪريان ته منهنجو موت هن بستري تي نه ٿئي ها، بلڪ جهاد ڪندي شهادت جو موت مون کي ٿئي ها ته ڏاڍو پلو ٿئيم ها. بهادرن جو موت هٿ تي ٿيڻ انهن لاءِ عجيب هوندو آهي. مان شهيدن سان گڏ هجان ها. ذرا ذرا ٿي ڪپجي مران ها.

بسم الله الرحمن الرحيم

فقيرن لاءِ اصول

سڀني فقيرن اهل ذڪر وارن کي اطلاع ٿو ڪجي ته هيٺين شرعي اصولن تي انهن کي هلڻ لازم آهي جيڪو ان اصولن کان بيزار هوندو اهو هن جماعت غفاريه الاهيه جو نه ليکيو ويندو. اسان به ان کان بيزار رهنداسون.

* نماز فرضي ڪڏهن به نه ڇڏي، نه تهجد نماز ڇڏي.
* ڏاڑهي پوري مٺ رکي، نه ڪوڙائي نه ڪترائي.
* پيڙي، حقو، ناس، نسوار، صُلفي، پُنگري ۽ نشو نه پيئي.
* چانهه جي عادت نه بنائي.
* نياڻين تان پيسو ۽ وياج، جوا، رشوت، مڇي جي ٺيڪي جو پيسو هرگز نه کائي.
* خلافِ شريعت شادي نه ڪري نه وڃي يعني دهلن سهرن، ناچن، راڳن تماشن سان جا شادي ٿئي ان ۾ شريڪ نه ٿئي نه پاڻ اهڙي شادي ڪري.
* ورثو ترڪو شريعت تي ورهائي پوءِ خير خيرات ڪري ۽ نياڻين کي به ورثو ڏئي.
* نياڻيون بالغ ٿين ته هڪدم انهن جي شادي ڪرائي.
* تقويٰ ڪري. مشڪوڪ ۽ بازاري هٿراڏو ٺهيل شيون استعمال نه ڪري.

هي اسلامي شرط اهل ذڪر فقيرن کي ادا ڪرڻ ضروري آهن. انهن شرطن جو باغي اسان جي جماعت جو باغي شمار ڪيو ويندو.

فقير لا شيءِ الاهي بخش غفاري

باب اٺون

ڪنهن چيو آهي تہ: "الشعراء تلاميذ الرحمان" شاعر رحمان جا شاگرد آهن. شعر گوئي ڏاتر جي ڏات آهي. جيڪا ڪنهن ڪنهن ذوق جي مالڪ ماڻهو کي قدرت پاران عطا ٿيندي آهي. هن امت جي اڪابرين جي تاريخ تي نگاهہ وڌائيجي تہ امت جون بيشمار عظيم، هستيون ۽ شخصيتون شاعري جي ذوق جون مالڪ هيون. ائمہ اهلبيتِ اطهار ۽ صحابہ ڪرام مهاجرين وانصار جي اڪثريت شعر وسخن جا مالڪ هيا. سيدنا صديق اڪبر ﷺ جي شاعري بي مثال هئي. حضرت عثمان غني ﷺ پنهنجي تقرير م پنهنجا ٻيهر شعر پڙهندا هئا. حضرت علي المرتضيٰ ﷺ جي شاعري جو مڪمل ديوان آهي. جنهن م پاڻ حسين ۽ لطيف انداز م پنهنجي من جي اسرارن کي ظاهر ۽ باهر ڪيو اٿن. اڪابرين امت جي اولياء ، صلحاء، فقهاء، محدثين، متڪلمين م عظيم هستين شعر گوئي ڪئي آهي. شاعري جي ذريعي انهن پنهنجي اندر جي آواز کي بين تائين پهچايو آهي. چوتہ شاعري جي ذريعي ماڻهو تڪڙي ۽ اثرائتي انداز م بين تائين پنهنجو پيغام پهچائي سگهي ٿو.

حضرت محبوب الاهي رحمہ الله علیہ بہ شاعري جي ذوق جا مالڪ هئا. سندن درد انگيز غزليات ۽ عشقيہ ابيات جيڪي روحاني رمزن سان پرپور آهن، جڏهن پاڻ پنهنجي سُريلي ۽ مڌڙي آواز م پڙهندا هئا تہ پاڻ بہ ڏاڍو رئندا هئا ۽ سامعين مڙن بہ روح راڻي جي ڪيفيت طاري ٿي ويندي هئي بلڪہ پوري محفل مڙن وجداني ڪيفيت طاري ٿي ويندي هئي ۽ محبت جو شور پئجي ويندو هو. سندن ڪجھ شاعري بطور نموني جي پيش آهي. سندن شعرن م ڪيفيات عشق و محبت جو وجدان بہ آهي تہ عشق جي آميزش بہ آهي تہ درد و سوز و گداز جي يورش بہ آهي. جنهن کي محبت جي چوٽ لڳل هجي سو جي سندن شعر پڙهندو تہ يقيناً پنهنجي اکين جا لڙڪ روڪي نہ سگهندو.

1. غزل مولود ۽ ڪافيون

غزل شريف

هجان جانبن جي جُتي جُتي الا، پئي هجان شل پير مِ.
هجان هردم حبيب وٽ الا، پير پِلي جي سان پِتي پِتي، الا.....
پيئي هجان ان جاءِ مِ الا، جاءِ جُتين جي جِتي جِتي، الا.....
"الاهي بخش" کي ازل کان، سڪ جي پياريئون سُتي سُتي، الا.....

غزل شريف

تنمنجي ديدار لئي دلبر، لڳم لُنؤَ لُنؤَ اندر لوري،
بره بيحال ڪيو بي وس، ڪسي دل يار وئين زوري.
هاري هاميون بره واريون، مڃائي مڃ وئين مٹڑا،
اُجهائڻ جا نہ ٹا ٹين مون، هِري اندرُ جئين ڪُوري.
ماري معذور وئين مٹڑا، ڪيئي نا ڪمل ڪا مُئيءَ تي،
فراقن مِ ڦَٽي آهيان، جانب جيءَ مِ لاتئي جهوري.
پائئيو مون هو ڪندين مون سان، پلائي ڪا پلارا تون،
دلين مِ دامَ وجهي دلبر، ڪسيئي مون ڪان سُرت ساري.
گُهورن تنمنجي گهائي آهيان، مُرڪ تنمنجي ماري آهيان،
اکين تنمنجي آزاري آهيان، ويا مون کان وطن وسري.
"الاهي بخش" تي مٹڑا، فضل جو ڪر آچي ڦيرو،
پلائيءَ جو ڪندين پيرو، ٹيندا دکڑا سيئي دوري.

غزل

سجڻ جي سِڪ اندر سرتيون، ويو منهنجو جيءُ آ جُمرجي،
فراقن جي ڦَٽن اندر، ويو جڻ لوڻ آ پڳجي.

دانهون ڪُوڪون دلبر کي، ڪندي ويا ورهه ڪئين گذري،
نڪو ڪو ٿو دلاسو ڏئي، جڏهن وئي آهي اک اڙجي.

روئي روئي نِرت نڪتم، سِڪي سُورن ڪيس سوڙهي،
ڪونهي ڪو حال پائي مون، جڏهانکر وئي آ دل ڦُرجي.

الائي مون نماڻيءَ جو، ڪڏهن ميلو ڪندو مولا؟
مليو سپ ساڻ آ سجڻين، نِدوري مان ويس رهجي.

ڏُهاڳڻ کي ڏولاوا ڏئي، چڏي ساجن ويو سرتيون،
ڪيري هن قيد فُرقت مان، الائي ڪڏهين ڪندو آجي؟

رڻ ۾ يار ويو رولي، ڏکن ۾ ڏوجهرن ڏولي،
پلو من پال کو پالي، ٻڌي من دانهن کا دل جي.

"الاهي بخش" آزي ڪر، سجڻ جي در تي نيازي ڪر،
نڪو ٻيو ڳول افضل در، ايندئي پورل ويندين رَلجي.

غزل

نہ ٿوَ دوست ڈئو منھنجو يار اديون، ڪڏھن ڪونہ ڏيو ھا ميار اديون.
جن يار ڈئو تن جا سُکڑا ويا ، سينڊيون سُرما ھار سينگار ويا،
اچي درد سندا تن ۾ دونھڑا ڏکيا، ٻي وس ٿي ڪن پيون پُڪار اديون.
جن نينھن لڳو منھنجي دوست سندو، موج مستي ۾ نا تن سِيھَن سنڈو،
پِرت پِريَن جي وسري ويُن ڏندو، ٻي حال ڪيا لئو لغار اديون.
سونھن سھڻل جي موھي مست ڪيا، مثل مجنون جي سي ٻيوس ٿي ويا،
سوز سڃڻن جي ڪيئي سينا سڙيا، راتيان ڏينھان انھن آ پچار اديون.
ڪيئي عشق عجب ڪيا چُور چريا، سي گھر ڪان وتن ڏينھن رات ڪِريا،
ماڻھو ڪوڙ سڏن پيا تن ڪي ڪريا ، ھاءِ تَنَ ۾ تَن جي تنوار اديون.
آءٌ ڪيئن ڪيان نا آرام اچي، برھہ باھہ ٻري ڪورو خام پچي،
پچر پريَن ريءَ نا آرام اچي ، ويا وسري آھن گھر ٻار اديون.
"الاھي بخش" اگھيا عرض تنھنجا ھن، ديرا دلبر دل ۾ لايا ھن،
قادر قرب لکين فرمايا ھن، ڳٽ ڳائڻ ڪان ٻہ اپار اديون.

غزل

منهنجو دوست آهي ڏسڻ جهڙو اديون،
منهنجو آهي ٻين سان ڪم ڪهڙو اديون.

جهڙو يار گهريم تهڙو دوست مِليَم، هئين ٽار پنهنجو دلدار ڏٺم،
دل ۾ دوست سندي اوطاق وڏم، ڪڏهن ڪون ڏسان ٻيو اهڙو اديون.

آهن پاڻ اسان جا يار ڪليا، گهر ويٺي آهن دلدار مليا،
هاڻي ڇو نہ ڪيون اسان شڪر خدا، وه واه لڳو آهي رنگڙو اديون.

اچي دوست منهنجي سان تون دلڙي اڙاءِ،پو جيءَ پنهنجي ۾ تون جهاتي پاءِ،
عجب وقت پنهنجو نہ تون يار وجاءِ، ڏس نينهن پنهل سان جو لڳڙو اديون.

سوال سائين اسان جا اگهايا هن، ديرا دلبر دل ۾ لايا هن،
مينهن سانوڻ وارا وسايا هن، هيو روز ازل ۾ ائين انگڙو اديون.

"الاهي بخش" اها ماڙ مرشد ڪئي، پرت پرين سندي اچي دل ۾ پئي،
پيا وهم ويا سارا دل تان لهي، پيو سڪ سندو سور سڙڙو اديون.

غزل

منهنجو دوست آهي ڏسڻ جهڙو ادیون،
منهنجو آهي پين سان ڪم ڪهڙو ادیون.

جهڙو يار گهريم تهڙو دوست ملِيُم، هئين نار پنهنجو دلدار ڏٺم،
دل ۾ دوست سندي اوطاق وڃم، ڪڈهن ڪون ڏسان پيو اهڙو ادیون.

آهن پاڻ اسان جا يار ڪليا، گهر ويني آهن دلدار مليا،
هاڻي چو نہ ڪيون اسان شڪر خدا، وه واه لڳو آهي رنگڙو ادیون.

اڄي دوست منهنجي سان تون دلڙي اڙا، پهو جي، پنهنجي ۾ تون جهاتي پاء،
عجب وقت پنهنجو نہ تون يار وڃاء، ڏس نينهن پنهل سان جو لڳڙو ادیون.

سوال سائين اسان جا اڳهايا هن، ديرا دلبر دل ۾ لايا هن،
مينهن ساڻون وارا وسايا هن، هيو روز ازل ۾ ائين انگڙو ادیون.

"الاهي بخش" اها ماڙ مرشد ڪئي، پرت پرين سندي اڄي دل ۾ پئي،
پيا وهم ويا سارا دل تان لهي، پيو سڪ سندو سور سڳڙو ادیون.

غزل

اٿي رات اٺر ٻاڏاءِ ادا، مِني ننڊ نيٺ جي ڏٺاءِ ادا،

ڪر ذڪر خدا جو شب روز سدا، اهڙي ويل وڃئي ٽي تنهنجي هٿان،
ٻاڏاءِ ٻاجهارو مَنَ ٽٽي راضي مٽان، اهڙو سانگ پنهنجو نہ وڃاءِ ادا.

محبت مولا جي ناهي ذڪر سوا، عشق عربيءَ جو ناهي ذڪر سوا،
دارون دل جو ٽيٺ ناهي ذڪر سوا، اهڙو ورد وظيفو ڪماءِ ادا.

پڪي جيت جٽيا پيا ذڪر پڙهن، پنهنجي سائينءَ کي شب روز سَڏِن،
زارون زار رويون پيا سُڏڪا پرن، تون ٻہ سائين پنهنجي کي پرچاءِ ادا.

تو کي نفس نادان نموڙيو آ، پنهنجي سائينءَ کان تو مُنهن موڙيو آ،
ڪيئي عمر تلف ڪيڏو لوڙيو آ، هاڻي پير خودیءَ جا تون ڌاهہ ادا.

"الاهي بخش" ادا هوشياري ڪر، ويل عمر پنهنجي تي غمخواري ڪر،
ڪري عمل صالح پوئواري ڪر، وڃي روح رانجهن وٽ رهاءِ ادا.

كافي

ديوانن جان دانهون كري ٿي، دلڙي منهنجي يار منا،
دردن لاتي آ ڏَمَ ڏڙي، الا وس كان نكتي ڳالهه منا.

دلڙي چوي ٿي الفي پايان، مستن جان ٿي واري وسايان،
مٿو اڳهاڙو جُتي نہ پايان، اهڙا عشق كيا تِنِ حالَ منا.

برهه اندر مِ باهيون هاريون، جيءَ مِ لاتيون جانب جهوريون،
سور وڃن ٿا سينو ساڙيون، سَمَڻَ جي ناه مجال منا.

جوڳي ٿي مان جوڳ كمايان، نفليون نينهن جون ناد وڄايان،
برهه سندا مان بَـرَ وسايان، كنهن نہ موهيو مونكي مالَ منا.

ملنگ مستانو عشق كيو آ، راتيان ڏينمان روج راڙو آ،
علم عقل منهنجو هوش ويو آ، برهه كيو بي حال منا.

عشق اندر مِ هارڻ هاريا، رنڊجي ويا جگر جيرا،
هڏا هيڪي جا يار هَجي ويا، درد جي ڇا كيان ڳالهه منا.

"الاهي بخش" جا عرض اگهائين، جانب پنهنجو پاڻُ پسائين،
دَرَ پنهنجي تي يار رهائين، اها ڳالهه نہ آهي محال منا

ڪافي

هاري هاه بره جي سُمڌا، اندر مچ مچايئي يار،
سوز فراق جون دُونهيون ڏکيون، آتش عشق اڌاريئي يار.

پرکا هاه بره جي ڏئي ٽي، نيٽن ننڊ حرام الا،
لئو لئو مِ لڳيون لاتيون تنهنجون، نعرا نينهن لڳايئي يار.

جگر جيرا جوش جلائيا، بکين لاتي بوءِ الا،
هارڻ هريا دل مِ تنهنجا، وايون کل وساريئي يار.

راتيان ڏينمان دل مِ ديرا، درد فراق جا لاتئي الا،
آهون دانهون ڪوڪون ڪيهون، روج راڙا تو لاتئي يار.

عشق تنهنجي آ مون کان مڙاڻا، شان ۽ شرم وڃايو الا،
طعنا مهڻا لوڪ سڄي جا، سونهن پانيان ٿو سوائي يار.

نالو عشق جو اڳ ٻڌوسين، آهي نسوري هاه الا،
جنهن کي لڳو آ تاءِ تهين جو، نانگو ڪري نچائي يار.

آهون آزيون عرض عاجز جا، در پنهنجي تي اڳاهِ الا،
"الاهي بخش" کي بخشي ڏي تون، ساعت سڪ جي سوائي يار.

كافي

جيءَ مِ لاتيون جانب جموريون، رڳ رڳ ٽي ڪري ريمون يار،
آڙهه عشق اندر مِ لايا، ڪُوريءَ مِ جيئن باهيون يار.

سور سانڍيڻ هي سولو ناهي، حال پائي پيو ڪونهي يار،
نينهن جا نعرا يار لڳايئي، درد کان نڪرن دانهون يار.

عشق اُماڙيون من لاتيون، جيرا جگر سڀ جليا يار،
تيرن جان لڳيون نينهن جون نوڪُون، دم دم نڪرن آهون يار.

برهه ٻلارا بابَ پڙهايا، علم عقل سڀ وسريا يار،
ڪليا دفتر درد جا دل مِ، وسريون مون کان وايون يار.

علم پڙهي ڏس عشق جو مٺڙا، روح جي راحت جنهن مِ يار،
روئندي روئندي عمر گذارين، وحدت جون ڏسين وسهون يار.

عشق جو جام جني پيتو آ، سوري تي تن سرڙو رکيو آ،
منصور واري موج متو آ، بند ٽيون تنهن کان واهون يار.

الله "**الاهي بخش**" کي ڏي تون، عشق جي مستي تارو تار،
وجن فنا ٽي فڪر سيوئي، دوست سنديون ڏسان راهون يار.

كافي

منهنجون ازل ڏينهن اڪڙيون اڙي ويون،
وس ناهي منهنجو دلڙيون اڙي ويون.
حسن يار منهنجي جي پي وس ڪيو آ، صورت سڄڻ جي پي خود ڪيو آ،
جيءَ ۾ جانب جون جايون جُڙي ويون.
جملیو ڪين جيڏيون، وس ناهيان پنهنجي، روئندي ٽي گذري رات پنهل لئي،
بره جون اندر ۾ آڇيون پري ويون.
ڪوئي وارُ واندو ناهي منهنجو سر تيون، عشق جون اماڙيون لڳيون مون کي جيڏيون،
لڳي باهه برهڻون ٻُڪيون سڙي ويون.
حسن يار منهنجي جو تجلو ڏسو ها، هيين نار جانب جو جلوو پسو ها،
چئو حيف تن کي جي پورل کان پُلي ويون.
"**الاهي بخش**" تي جو ڪيو قرب قادر، وُٹو مينهن وحدت مٽي هن احقر،
پيائي جون هوليون اندر کان هلي ويون.

كافي

مون کي مون پنهل جون، لڳيون تن ۾ تارون،
ڏسو جي سونهن سر تيون، نہ ڏيو ها ميارون.
لڳوَ هوند هيکر، نينهڙو پنهل جو، پي وس ٽي ٻيحد، ڪيو ها پُڪارون.
اديون عيد آهي، پرينءَ جي ملڻ سان، مڙيئي عيش دنيا، هان سمجهو خواريون.
وسارڻ جي لائق، پنهل ناهي منهنجو، پرين جي پچر ۾، هجو پاڙي واريون.
پتو پچو عشق جو، لڳو ڏنگ جن کي، پرين سي پسن جن، وجن سور ساڙيون.
سودو عشق وارو، "**الاهي بخش**" ونجي، پرينءَ کي پرچائيون، ڪري روچ راڙيون.

ڪافي

اچو ڙي فقيرو پنهل ڪي پرچايون،
روئي روئي در تي پنهنجو رب ريجهايون.
وساري پرين ڪي لنگهي ورهه ويا ها،
هاٿي گڏجي سڏجي، سائين ڪي سرچايون.
وجهي ڇڇيءَ ڳاري، ڪيون در تي زاري،
ڪٿي ڪِڪيءَ ڪاري، اڃيان لائق ليلاهيون.
اهڙي ميڙ مڙو، ڪڏهن نه موتائي،
گناهن جون ليڙون، اچو سپ لهرايون.
گناهن جي معافي، وڻڻ ويلَ آئي،
ويو وقت نڪري، ڪبيون ريهون راڙيون.
وٺو معافي روئي، پرور پنهنجي ڪان،
ڇڇها درد دل جا، الله ساڻ اوريون.
ميرايون مدايون، ڪسايون ڪچايون،
صدقي سيد جي ڏيندو ڏلايون.
گداگر ٿي ويهو، وٺي در سخيءَ جو،
پري باري ڏيندو، بخشش جون جهوليون.
ڪيون سوال سائين ڪي، دل سان اهو ئي،
ڏڪي ڪين در تان، ڏسي هي ڪچايون.
"الاهي بخش" آهي، وڪاڻل ازل ڪان،
پنڻ ڪان نه پلبو، ڏسي تنهنجون سخائون.

كافي

منهنجا منا پائو، هتي آهيو پرديسي،
وڃڻي يار هلندؤ، وطن تي ويراڳي.
وڪون اوهين واحد ڏي، سنياڻي تان ڪٽجو، پنڌ در پرين جو، وساري نہ ويهجو،
رکو خوف خالق، نہ ٿيو غافل موراڳي.
محمد مٺي جي غلامي دوامي، سڪ مان صلاتون پڙهو صبح شامي،
اٿي رات آڏي ڏسو جوان جاڳي.
هتان مٽڙا مارو، لڏي ويا اباڻا، ڪري ڪيئن ڇورو ڇڏي ويا وڻاڻا،
پٽيو اکڙيون پنهنجون ڇڏيو ننڍ نياڳي.
ڪٽو ثمر ساجهر اڳيان قبر ڪاري، اجهو آيو جلدي مٽان موت ماري،
هتان ويا هزارين، وريو ڪون وانگي.
جني ڏڃ ڏراوت جا وڃيا نغارا، وسايا وڃي تن قبر ڪلر کارا،
ڇڏي جوءِ جاني سگهو ويندين سانگي.
دنيا آهي فاني فنا جو مڪان آ، اهو واءِ وڇوڙي جو سيني مٽان آ،
توڙي حڪم حاڪم توڙي جهنگ جا جهانگي.
"الا هي بخش" آڙي ڪڏ نا وسارين، ملندئي محب مٽو جڏهن جر کي هارين،
جا جنت مهانگي ملي اڄ سمانگي.

كافي

اسين ڏينهن پٽڙي، مسافر ادا آهيون،
ويندا سون وطن تي، ڇڏي پنهنجون جايون.
پرديسي پکين جان، ولر ڪري ويندا سون،
ويراڳين جان وڇڙي، وطن تي ويندا سون،
ايندو موت منڙا، هاري پويان باهيون.
انهيءَ موت منڙا، سُڃا شهر ڪيڙا،
روئندا ڏٺاسون، ابهام ٻچڙا،
ڪيئن ڪوٽ ڪريا، ڦِٽا محل ماڙيون.
ڪانڌين جي ڪلهن تي، جڏهن يار هلندين،
سُرڪي سورن واري جي، خبر تڏهن ڏينديين،
ڦٽيو آ موت مون کي، ڏيو يار ساهيون.
سمجهه رک ٽي سياڻو، وطن ٽٽي پرائو،
پراڻن ديرن جو، آهين تون ڪارائو،
ڏس ڪيئن ڇڏي ويا، ادا پنهنجون راهيون.
هاءِ هاءِ قسمت، اسان ڪونَ جاتو،
پرينءَ سان نہ منڙا، اسان نينهن لاتو،
بي وس ٽي بيحد، وجون ڪاڪ ڪاهيون،
الڪو اجل جو، "الاهي بخش" رک تون،
انهيءَ موت ماري جو، فڪر يار رک تون،
پيالو هجر جو، ويندئي پياريون.

كافي

منهنجي يار جهڙو، نہ ڪنهنجو يار ٿيندو،
اهڙو سونهن پريو، سڄڻ پيو نہ ٿيندو.

جڏهن سَڌِ سڄڻ کي، پيو جيءُ جياري،
ڪوجهن ڪِنن جو، نہ پيو همراه ٿيندو.

اهڙو يار رانجهن، روئندڙ ريجهائي،
سندس ٻاجهہ جهڙو، ڪو همسر نہ ٿيندو.

جيڏيون جيان پئي، سڄڻ جي سهاري،
هٿ ٻاجهہ پريو، نہ لائق لاهيندو.

دعا ڪيو ڙي جيڏيون، هجان پرين ۽ پاڙي،
اميد آهي دلبر، نہ در تان ڏيکيندو.

نڏر ۽ نماڻي جي، ڪائي واهہ ڪانهي،
شل پرين جي پناري، پساهہ پورو ٿيندو.

اديون ٻول منهنجو، حياتي تائين آهي،
ڇڏيندس نہ درڙو، توڙي جي نہ ڏسندو.

"الاهي بخش" آزي، سدائين سڄڻَ در،
اهڙو ڏينهن ٿيندو، وٽيون نال نيندو.

كافي

اکڙين کي آرا، ماروئڙن سان هُيڙا،
ڏني تن پرين کي، ڏايا ڏينهن ٽيڙا.

دردن دکايا آتش اولانيا،
سورن وڌايا اکين اوجاڳا،
روئي روئي منهنجا، هيڏا ٽيا جي هڏڙا.

بي وس بنديائي، حجت نا هلي ٽي،
کنهن کي نه مون تي، کمل پوي ٽي،
کڏهن منهنجا ٻڌندا، سورن جا هي سڏڙا.

دانهون دردن جون، کندي ڏينهن گذريا،
آهون عرضڙا هي، کندي وره ويڙا،
ڳلين لائي مارو، شل جيارينداجڏڙا.

سانگين ساڻ هيڙس، سدائين سماڳڻ،
وڇوڙي مارن جي، کيس مون ڏاهڳڻ،
مِلان شل مارن سان، وسن مهر مينهڙا.

"الاهي بخش" مارو، قربدار آهن،
حب رک انهن جي، هو حبدار آهن،
ڏسڻ سان سانگين جي، ٺرن ٽا جي هينئڙا.

كافي

اديون حيف مونکي، مون وقت وڃايو،
پرين ۽ جي ملڻ لئِ، نہ مون پنڌ پچايو.
سجڻ جي سڏن تي، جيکر ڪَنُ ڏيان ها،
گناهن جون گهٽيون، ڪڏهن نہ گمان ها،
افسوس ارمان، ويلو ويو اجايو.
پرين جي پرچائڻ لئي، مان حيلا ڪيان ها،
روئي راتيون پنهنجون، وسيلا وٺان هان،
هُني پک پرين جي، ڪري ها سڏ سجايو.
اُتي رات آڏي، مان ريهون ڪيان هان،
پائي پانڌ ڳچي۽ مِ، مان ڪيهون ڪيان هان،
ڪري ٻاجهه ٻاجهارل، چئي ها واڳون ورايو.
عيبن مِ آهيان شرمسار ڏاڍي،
گناهن مِ آهيان، گرفتار ڏاڍي،
حيلو ڪو ڏسيو اوهين، پرين مون پَسايو.
نياڳي ندوري، ڇا جي لاءِ ڄايس،
پرين جي ملڻ جي، مون ويل وڃايس،
جيڻ آ انهن جو، جني نينهن لايو.
"الاهي بخش" آڙي، سدائين تون ڪر پيو،
شب روز سائين، اڳيان روءِ رڙ پيو،
سائين ڪندئي ستاري، نيندئي رَلايو.

كافي

رب ريجهائي وٺ ڏينمڙا ٻڌي ٺئي،
وري وجهه نہ ملندئي وقت اهو ٺئي.

ويل وئي سا هٿ نہ ايندئي،
سڄ جو سنگتي، عمل اهو ٺئي.

ذڪر خدا جو ذوق مون ذاتي،
ڪين تون ڇڏجانءِ سبق اهو ٺئي.

رب جو ميلو ائين نہ ٽيندئي،
پير مُغان وٽ، ساڻي اهو ٺئي.

پير اسان جو غوث غفاري،
ديد اتي لاءِ پاڻ اهو ٺئي.

سفر سڄ جو جاڻ پلاٽيئي،
سنهڙي ويهه تون سڏ اجهو ٽيئي.

هڪڙا سنگتي ساجهر ويڙا،
ملڪ پنهنجي ويا ماڳ اهو ٺئي.

جايون پرين جون ڏسي پيو روئندين،
جڏهن سڄڻ ڇڏي ويا ويل اها ٺئي.

"الاهي بخش" رويون رو پيو،
من محب ملڻي مهل اها ٺئي.

غزل

ذڪر ڪمائي ذڪر ڪماءِ، ڪين پنهنجو تون فڪر ڪٽاءِ،
اهڙو وجهه ٻيو ڪين ڪي ملندئي، رب پنهنجو تون انهي سان پرچاءِ.

عشق الله جو ٽيندو سمانگو، جڏهن اسم ذاتيءَ سان ٽيندو سانگو،
پنڌ پرين ڏي ٽيندو تانگهو، رمز انهيءَ سان رب ريجهاءِ.

ذڪر خدا اهڙو آهي، خاڪيءَ ٿو نوري بڻائي،
ملڪن ڪان ٻه درجو ٽپائي، ويل نه ويهي يار وڃاءِ.

آزادي دنيا ڪان جو چاهي، اسم الله جو هر دم ڪاهي،
ديرو دل ۾ يار جو پائي، نعرا نينهن جا يار لڳاءِ.

محبت پير غفاري جي، ترڪي آهي ذڪر سندي،
زنده دل پي تڏهين ٽيندئي، آگر دل تي يار رکاءِ.

ڪافي

ساڻي هوت پنهل جا ، الا ...سنجهي سج ڪري ويا.
مون پانيو منهنجا پرين، هميشه پيا هوندا.. الا ...سنجهي سج ڪري ويا.
پنهل نيائون پاڻ سان، مُئي جا مٽ نه ٽيا.. الا ...سنجهي سج ڪري ويا.
ولهيءَ ڪي وٽڪار ۾، سانڍڻ سور پيالا..... الا ...سنجهي سج ڪري ويا.
رٽن ۾ رڙندس پئي، دانهون دوست ٻڌندا الا ...سنجهي سج ڪري ويا.
جيڏيون هن جڏيءَ ڪي، ڏورڻ ڏونگر آيا.. الا ...سنجهي سج ڪري ويا.
"عاجز" هن عليل تي، پاڻون قرب ڪندا ..الا ...سنجهي سج ڪري ويا.

كافي

عمر نہ ڪر برباد ڳول اٿي تون يار الله ڪي، الا... ڳول اٿي تون يار پنهل ڪي،
سسئي ڏس ڪيئن پنهل پنهنجو ڳوليو، روئندي روئندي جبل سارو ووڙيو.
پنهل ملئي ٿي شاد.
مارئي کان ڏس ملير نہ وسريو، وطن اباڻي کان روح نہ ڪسريو،
ڪوٽ عمر جي مارو هس ياد.
رانجهن جوڳي هير لئي بنيو، تخت جو مالڪ فقير بنيو،
ڪيئن نينهن وجايس ناد.
نينهن جو لائڙ نادان سکئين، عشق جو سور سانڍڻ نہ سکئين،
عمر وجايئي افراد.
"الاهي بخش" پڙهہ سبق سڪ جو، هارج دونهون درد الم جو،
ائين عاشق هوندين آباد.

كافي

لڏ ويسين اڄ ڪي صباحين، رهسين ڪين مول اٽاهين،
اوکي پنڌڙي ريتي والي، روئندي روئندي نيٺ نياهين.
موت موراهين ڪڏهن نہ چوڙي، گهٽ ڏيسين تو وچ سوز سدائين.
اهو ويلا ول هٿ نہ آئسين، روسين ڏيک ڏکڙي ڏوراهين.
سنگتي ساڻي ٿي ڳئي پاندي، سڄ ڪرڳئي اڇٽيان جائين.
رب رساوڻ دا ڪنهن سبق سکايئي، ڪهڙا مکڙا چاسين يار اڳاهين.
"الاهي بخش" دانهون ڪرين پيا، من قربئون ڪرن نگاهين.

غزل

منهنجا مولا گناه بخشايان، وڻي ميڙ محمد آئي آهيان.

منهنجي توکان سوا واهه ناهي، سرندو تو کان سوا ساهه ناهي،
ٻڌي ٻانهون ٻاجهارل ٻاڏايان.
کيان در تي تنهنجي آهه زاري، بخشي بديون کجانءِ ستاري،
لنڊي لوڻي مان لائق ليلاهيان.
کهڙو کنڊڙو کٽان مان اڇيان تو، ماري مرم مڻا ٿو اوهان جو،
اچي سائل پئي در تي ستايان.
نکو عمل سُجهي ٿو کو مون کي، نکو آسرو سُجهي ٿو کو مون کي،
کيئن کارنهن پنهنجي مان لهرايان.
"الاهي بخش" آزيون ۽ دانهون تون کر ٻيو، وڻي محبوب مدني کي سڏ ٻيو،
چوي آگو آزيون ٿو اگهايان.

کافي

پرين وٽ هجان پياري ٿيان نہ ڪنئياري، ڇا ڪندیون ماڻهن جون پوءِ ميارون ؟
آگو نہ اگهاڙي عيب لا ، مونجهہ انهيءَ آهيان ماري.
دوست منهنجو وڃي جيڏيون، ڏکي عيب منهنجا ڪندم ستاري.
راتيان ڏينمان رڙ مِ ،ڳڻتين انهي آهيان ڳاري .
سور سمهڻ نہ ڏين الا ، روز وسايان واري .
وس تہ منهنجو ناهہ ڪو ، باهہ برهہ آ ٻاري .
"الاهي بخش" تي الا ، ڏي سنگت پنهنجي مِ ساري .

كافي

دوست منهنجو اڄ ايندو وٺيون ويندو، ڏسندو نا ميرائيون مسكين جون
در تي سائين جي ٻاڏائيان، سار مُئيءَ جي لهندو ...
روئندي گذاريان راتڙيون، دانهون دوست ٻڌندو ...
در نہ ڇڏيندیس دوست جو، شل نال نڏر كي نيندو ...
بي واهي مسكين كي الا ڏاج ڏاتر شل ڏيندو ...

كافي

عشق اگهاڙي آءٔ كيس، كل عيش ويا منهنجا اديون،
نينهن لڳايا نيش مون كي، دل ريش ٿيا منهنجا اديون.
جڏهن وحدت سنديون پيرون وڃيون، تڏهن منصور ٿي انا الحق چيو.
سر سوري تي ويو چڙهي تہ بہ چُپ كيائين نا اديون.
يعقوب يوسف لئي رنو، اَبْيَضُ اكيون ان جون ٿيون،
اِنَّمَا اَشْكُوا پڙهي ڏس، روئندو رهيو ٿي راتڙيون.
ڏس حسينڑ كربلا ۾، عاشق ڏنو سرڙو كلي،
قربان تَنُ مَنُ تنهن كيو، سجدا كيئين آخر گهڙيون.
نينهن جڏ نروار ٿيو، بيبي زليخا ٿي رني،
گهر گهاٽ گهوري ان چڏيا، كل خزانا ڏيئي اديون.
مجنون جڏهن ويو مست ٿي، ليلان كري رڻ ۾ رليو،
عشق جي آزار كان، بي وس ويو روئندو اديون.

كافي

عشق وارن جون اداء، كهڙيون كيان توسان ڳالهڙيون،
برهه جي بيمار جون، كهڙيون كيان توسان باتڙيون.

عشق آڙه جي متاء، جگر ويا جيرا جلي،
درد كان دانهون ٽيون، شب روز مون سان ساڻڙيون.

عشق خيما كوڙيا، شرم و حيا ان ڏينهن ويا،
دردن سندا دونهان ڏكيا، باهيون هريون برهه وارڙيون.

جڏهن پور پرين جا پيا، ننڊ نيڻن جي ڦِٽي،
كوكان كري كيهان كيان، پلئي پيون مون كي آزڙيون.

باب برهه جو تو نا پڙهيو، تڏهين سڏين مون كي چريو،
سوز وارو سبق تو نا پڙهيو، كوڙيون كرين سپ ڳالهڙيون.

"بخش الاهي" برهه تون، درد جو مون كي ذرو،
روئندو رهان توئي مٺا، پانيان تنهنجون اهي پالڙيون.

كافي

نينهن ڪيس نادان تنهنجي وايون ويون وسري منهنجون،
برهہ تنهنجي بيحال ڪيس دانهون ويون نڪري منهنجون.

راتيان ڏينهان آرام ناهي نند نيٽن جي ڦٽي،
لئو لئو لغارون تنهنجون لڳيون ريهون ويون نڪري منهنجون.

نندڙي لاڪون ياري لڳي جايون جڙيون جيءُ ۾ تنهنجون،
باهيون ٻريون برہ سنديون ڪيهون ويون نڪري منهنجون.

عشق اُماڙيون تنهنجي ڏنيون سينو ويو ساجن سڙي،
ٻارڻ ٻاريا تو يار ڪي، پاڙون غير جون ويون نڪري منهنجون.

سورن ستي تنهنجي آهيان، طعنا ۽ ميٽا پئي سمان،
خواري خلق کان نا ڊجان، پوکون پرت جون ويون نسري منهنجون.

عشق جي آزار کان، وار نہ ٿي واندو ڏسان،
اهڙي باهہ کان ڪاڏي پجان، سمجهون ويون سڙي منهنجون.

"الاهي بخش" کي روئندو ڏسي، رانجهن ڪٽي ريجهائيو،
در تي پنهنجي جي رهايو، سوچون وڃن سڏري منهنجون.

غزل مرشد جي شان ۾

عرض آهون مون جڏِيءَ جون، پِير منهنجا سڻ غفار،
نالي خدا ٻيڙو ٻڏي جو، سمٽا ڪري ڏي پار يار.

دامن تنهنجي آهيان لڪي، جڏڙي ضعيف وناتوان،
قبر قيامت ۾ تون لهجان سائين سمٽا سُڌ سنيار.

مُرسل مُکو توکي منا، آهين غريبن آسرو،
پُل ٻيڙ ۾ ٻيرو نہ ٻيجانءِ، آهين سمٽا غمگسار.

عيبن ڀري آهيان اصل، تہ بہ پلئ تنهنجي پئي آهيان،
لله کارڻ کين چڏجان، ڪر نہ ڏڻ کان ڏار يار.

ٻانهون ٻڏي ٻاڏائيان، درد کان دانهون ڪيان،
بي وس بندياڻي بند ۾، نرمل اچي مون ڏي نمار.

"بخشش الاهي" ٿو گهري، سائل تنهنجي در تي سدا،
فيض جو درياء وهي ٿو، موج مستي تار يار

كافي

اي پير منهنجا ڪر مدد، مان تنهنجي آهيان باندڙي،
ڪارڙي توڙي ڪوجهڙي، ته بہ آهيان تنهنجي گولڙي.
بي واهي روئندي وتان، واهون سيئي منهنجون ويون،
عيب منهنجا ڪين ڏس، پيرو نہ پڄ ڪر پالڙي.
بي وس بنديائي بند ۾، پئي درد کان دانهون ڪري،
فضل جو ڏيرو ڪري، لهہ تون مئي جي سارڙي.
سال ٽيا سڪندي مئي ڪي، سوز مان سينو سڙيو،
رب ڪري اگڙ اچان، اچي ڏيان تنهنجي ٻهارڙي.
آدر "الاهي بخش" جي، دل جو دلبر تون هئين،
هاڻي بہ آهي در تنهنجي تي، رات ڏينهن نگاهڙي.

كافي

منهنجا پير سڏا ڪجانءِ قربداري، قبر جي سُجهي ٽي اونده انڌاري.
سڪرات سولي ٽئي پير پيارا، مرڻ ويل منڙا لهن مونجهارا،
ڪلمي جي پڙهڻ جي ٽئي مون تي ستاري.
الله ڪيو آ احسان اسان تي، دل گهريو دلبر ملئين تون اسانکي،
جنت ڏي جماعت سان هلجانءِ قطاري.
پچاڻو حشر جو آهي اڻانگو، سودو عملن جو ٽيندو مهانگو،
خداءِ لڳ منڙا ڪجانءِ پوئواري.
مداين ۾ آهن ميرا مُنهن اسان جا، سڏايون تا سائين تڏ پي اوهان جا،
ڪُٽي تنهنجي آهيون منا پير غفاري.
"الاهي بخش" آهي سگ در اوهانجو، حشر تائين ڇڏيندو نہ پاند اوهان جو.
سائين ڪجانءِ سڀائي لهي انتظاري.

كافي

منهنجا مٺا مرشد لهجانءِ سنيارون، قبر ۾ حشر ۾ هلجانءِ قطاريون.
آهيون تنهنجي آڏر، قسم آ خدائي، ڏسنداسون نہ تنهنجي شل جيئري جدائي،
چني كين چڏجان ڏٺي ڏڻ كان ڏارون.
گندا گرا كوجها، پُكي تنهنجي آهيون، مندا ميرا موڳا تڏي تنهنجي آهيون،
تنهنجي مني نالي جون، چڏيون كيئن تنوارون.
عيبن ۾ آهيون تارون تار سمٺا، صبح شام ماٺهن جا ملن تا مٺا،
ائين كين وڃجانءِ وارث وساريون.
فقيرن جون فوجون در تنهنجي آيون، نيٺ نماٺن مان روئن پيا رويون،
ننگپال آهين ڏجان نہ ميارون.
مڃڻ تنهنجو آهي مڃڻُ خدائي، ڏسڻ تنهنجو آهي ڏسڻ پلائي،
ناهي شڪ انهي ۾ ديدون جن ڙلايون.
"الاهي بخش" آهي سوال اِهو ئي، ڏاتر شال ڏيندو ڏيب اهو ئي،
پرين پياليو پرِ تئون وڃجان پياريون.

غزل

منهنجو پير سمٺو كامل كوهياروِ، جنهن دين نبيءِ جو اچي آ جياريو،
مرڪڻ سانڀ موهي ٿو منڙا ماٺهن جا، ٿرن تا جي هينئڙا خلقن سارين جا،
اهڙو وجي پيو ڳول گمي ملك سارو.
روئندا ريجهائي پراوا پرچائي، چنل ٻانها ٿو رب سان ملائي،
غريبن هيٺن جو وريو آهي وارو.
چورن چنن جو چپر چانڙ ٽيڙو، بي واهن ولهين جي اچي واه ٽيڙو،
ننگپال نرمل وجايو نغارو.

كافي

منهنجي پير جهڙو آهي پير ڪٽي؟ جنهن جو فيض زمين آسمان وسي.
راتيون روشن ڪرڻ شعاع شمس سندو، دليون روشن ڪرڻ ڪم پير سندو،
منهن ميرا ڏوئڻ ڪم پير سندو، اهڙو جوان اچي ڏسو يار هتي.
چور زاني ڦنگي جي لغور هڻا، رات ڏينهن گناهن ۾ چور هڻا،
پنهنجي رب ۾ رسول کان دور هڻا، اڄ رحمت رب جي ٽي وسين مٿي.
زنا خاني اندر جي شب روز هڻا، اڄ روئندي ڏسون تا در تي خدا،
اڌ رات سندا ٻجهن روڄ ادا، ٻاريو عشق سندو ٻارڻ جُوان جٽي.
ڏسڻ مرشد جي سان ٽي دلڙي ٺري، جنهن جي مُنهن ۾ محمدي نور پري،
پريشان پٽنگن جان يار ڪري، جڏهن دلين کسڻ جو ٿو راز رٽي.
ڪر قدر فقير کو ڏيان ڏري، وڃڻ وارو جوان نہ ٻيهر وري،
آيو پرديسي پنهنجو قرب ڪري، پنهل پير سندو نہ ڇڏ درڙو مٽي.
"الاهي بخش" سندا سوال ساب پيا، منهنجي دل تہ گهريا دلبر يار مليا،
اچي غوث زمان منهنجا پير ٽيا، اهو قرب ٽيو آهي يار سُٽي.

غزل [1]

منهنجا جوڳي هليا ويا جوءِ ڇڏيون،منهنجا سانگي هليا ويا سانگ ڪيون،
ويا درد اندر ۾ يار دکايون.

آءٌ تہ انهن لئي ماندي آهيان، وار نہ تن کان واندي آهيان، عشق سندا ويا مڃ تہ مڃايون.
ڏاڍا ڏکيا ڏينهڙا گذرن، جڏهن مارو منڙا ياد پيا اچن، ويا دل منهنجي ۾ لنڊڙي لايون.
پور پرين جا جڏهن پون ٿا، رويون رويون نيٺ وهن ٿا، ويا هره سنديون باهيون ٻاريون.
"الاهي بخش" شل محبوب ملندا، هجر فراق وڇوڙا ويندا، راز رباني سان نيندا رَلايون.

---

[1] سندن مرشد قطب عالم حضرت پير منا سائين اونهاري جي موسم ۾ هڪ مهينو ڪوٽيتا ۾ وڃي رهيا هڻا. ان وقت مرشد جي جدائي ۾ هي شعر چيائون ۽ جڏهن به اهو شعر جهونگاريندا هڻا تہ گهڻو گريہ ڪندا هڻا.

غزل [1]

منهنجا پير سڻا تنهنجون مارن جدايون، وئين ڪينءَ رهبر اسان کي رُلايون؟
هاڻي هنڌ خالي ڏسون پيا وڻاٽا، روئي روئي ياد ڪيون پيا اباڻا،
ڦُري دليون فقيرن جون وئين نينهن لايون.

تنهنجي در تي عاشق روئندا ڏاڻاسون، هئي هئي جون هاڪون هر هر پڌيون سون،
وڃي خالي تنهنجون ڏاڻيون سون اوطاقون.

چورن چنن جو چپر چانوَ هيئن تون، اسان عاجزن جو همراه هئين تون،
هاڻي حال دل جا ڪهين ساڻ اوريون.

شب روز تنهنجي جدائي ٽي ڳاري، مئن کي وئين پير منهنجا تون ماري،
پاري باهه برهه جي وئين مڇ مچايون.

جڏهن پور تنهنجا مِٽڙا پون تا، وري سور ساڳيا موٽي پون تا،
جسي مِ جانب تنهنجون جموريون.

سواءِ تنهنجي سڻا **"الاهي بخش"** ماندو، ڳڻڻ ڳالهه تنهنجي کان ناهي يار واندو،
ساري تو کي سڻا راتيان ڏهاڙيون.

ڪافي شريف

هئي هئي کين ڪمايو مون، آيو جاڻ وڃوڙو مون، سُهٽي ويل پرين جي ملڻ جي، ويهي يار وڃائي مون.
نند نياڳي مون کي نهوڙيو، سمهندي سور مليا ۾ وڃوڙو، روئندي رڙندي يار جي خاطر، ساري عمر وهائي مون.
اهڙو ڏک ڏهاڳ جو آيو، وايون ويون ڪل وسري مون، ڏينهن ڏکن جو آيو اهڙو، سورن سيج وڃائي مون.
وارث وڃڙي ويا ولهيءَ جا، روڻو آيو اڪيلو مون، ڪمل ڪيائون کا نه مُئي تي، وينس يار رسائي مون.
سات سانگين جو پهتو پرين ونهه، نڏر نماڻي رهيس مون، اوکو اڻانگهو سفر آ ساهمون، سورن راهه ونائي مون.
عرض **"الاهي بخش"** ڪري تو، واهر تيءَ ولهيءَ جي تون، مير محمد مدد ڪرين مون، ساجن ڪر سڻائي تون.

---

[1] مرشد جي وصال وقت هي دردانگيز غزل پڙهيائون.

2. ابيات محبوب الاهي

ڏکن سندي ڏينھڙين، چڪيو چاڪ چڪن،
ڪيون مُھڑ ملير ڏي، روئندا نيڻ وتن،
مانَ مارو پنھنجو ڪن، ڪري فضل فقير سين.

سورن سنگھيڑا ڪيا، مڃي مڃ ويا،
عشق آرانھيون لائيون، سڙي سُڪ ويا،
اچي ڏک پيا، پرينءَ سندي پار ڪان.

دعا ڪيوم ڙي جيڏيون، جو اڇيئون شال وڻان،
ڏکارن نہ درتان پنھنجي، جو اٿم عيب گھٽان،
رُلي مان نہ مران، محبوبن جي ميڙ ڪان.

ڪوٽيون قسمت جون، رُليون جي راڻا،
ڪھڙا ڪنديون اڳتان، محبوبن سان ماڻا،
رئنديون رت اکين مان، پرينءَ پُڃاڻا،
الائي اُھي ڪھڙا داڻا، جيڪي ميرائي منظور ٿيا.

ڪارا ڪوجھا مُنھن ميرا، جن جا لَٽَا ئي لِيڑُون،
ڏُکن ڏيل وڃائيا، روئن رت سيڑُون،
پلن جي پيڑُون، من قادر ڪٽي قبول ڪري.

آهي ڪرم ڪريم جو، سدا ڪميڻن،
ڏوئي پوئي تن ڪي، جي ڪنهن کي ڪينَ وڻن،
الله آهي تن، جي ڏکيا گهمن ڏيهه مٿ.

ٿيو قرب ڪريم جو، پوريون ٿيون آسون اميدون،
آيون اڙيل جي اڳڻ، فقيرن جون فوجون،
من ميٺي مدايون، محبوبن جي ميڙ سان.

سڪ نہ سڪئين سپرين جي، جا جيءَ مٿ لائي جهاڪ،
وجهي وَڃَ وحدت جا، ماري سندس فراق،
عشق انهي ذات جو، اندر ڪري اوطاق،
چيري ڪري چاڪ، محبت محب ميهار جي.

ٿورن مٺي ٿورا، مون تي محب ميهار جا،
لاٽئين ليڑون لگن تان، ڏوتئين مَدا ۾ ميرا،
ڪيئين قرب ڪبيرا، لائق پنهنجي لُطف سان.

ڦَٽِيس فراقن، جگر جهير ٿيا،
هڏا هن مُئيءَ جا، جهُري جهُور ٿيا،
هُري ماس پيا، جڏهن آيم ڏينهن ڏاهاڳ جا.

بي حد ٿيس بي وس، ناهيان وس مان پانهنجي،
ڪندي ياد پرين ڪي، ڪانہ لڳندم ڪس،
من پوي پنهل جو ڏس، ووڙيندي وڻڪار مٿ.

جيڏيون جانب ويا، اديون آريجن جا،
ويندي هن وطن ۾، سُڃا سات ٽيا،
ڏکر ڏيڻ پيا، جڏهن پنهل ويو پرديس ۾.

دعا ڪيوم ڙي جيڏيون، آري جام اچي،
لهن درد فراق جا، محبت مڇ مچي،
رسي راس رچي، جڏهن منهن پسائي پانهنجو.

پکا پنهل جام جا، اديون شال ڏسان،
ڪيان پنڌ پرين ڏي، جيتر آءٌ جيان،
وڃي آءٌ مِلان، تہ لهي دردُ فراق جو.

روئي روئي رت ڏڙا، منهنجو جڏو جيءُ ٽيو،
نکو ڪانگو ڪيڇ جو، نکو قاصد ئي آيو،
هاٿي سمڙ سور پيو، جڏهن ويو هوت هٿن مان.

ڪٽي رهين پاڻ، ڪٽي هارين باهه برهه جي،
مُٺا وڃهين مامري، پيا سڙن سورن ساڻ،
الله لڳ تون هاڻ، رئندا ڪين رئار تون.

ٻُوندون ٻرهه وسائيون، محبت أنا مينهن،
اندر اوطاقون ٽيون، نعرا لڳايا نينهن،
اجمي آيا اهي ڏينهن، جو پسندا سون پرين ڪي.

اکين آرا لائيا، من سانگي سانگ اچن،
وڃن وڃوڙا ورهن جا، ڏت فراق ڇُٽن،
من پرين پنهنجو ڪن، نيٺ نماري ٽڪيا.

ويا جاڳائي جيءَ ۾، جهجڻ ۾ جهوري،
دردن دونهان دکائيا، ٻيو لنؤ لنؤ منجهه لوري،
ڪندا مٿي وڙ ويچاري، جو سنجي نہ ڇڏيندا سڄ ۾.

دانهون درد وندي، جون، ٻڌ پرين پيارا،
روئي روئي پنهنجا، حال وڃايم سارا،
توٽي ڏکين تون دارا، تہ ٻہ در نہ ڇڏيندس تو سندو.

عيب منهنجا سرتيون، آهن وٽن ڪان ٻہ وڏا،
ڏکن ٽا ڏوهن ۾، منهنجا هوت هڏا،
ڏيکيندو ڏول ڏيلا، مدايون مسڪين جون.

مون ۾ مدايون گهڻيون، وار نہ اٽم واندو،
سوز انهي ۾ سرتيون، من ٽيو ٽم ماندو،
جي رب بديون بخشيندو، تہ آجي ٽيندیس عيبن کان.

گناهن ڪيا اسان جا، مُنهن ميرائي ميرا،
هاڻي هلي در دوست جي، ڪيون آزيون آوازا،
من ٻلو ڪري پيرا، سونهون منڌِ محبوب جي.

قبر انڌاري ڪوڙي، جڏي نانگ ٻجهن ناري،
پوندين وڃي اوچتو، جڏي وسائيندئي واري،
ڪر توهه ۾ زاري، جو اڳيان سُجهن سُور سڄ جا.

سور پسندين سڄ جا، جڏهن در مٽيندين دوست جو،
دانهون ڪندين درد مان، جڏهن ساڏي نه ٽيندئي ڪو،
واڪا ڪندين وو، ته هڙو نه ڏنم ڏينهن ڏاڍ جو.

سوڙهي سامي سورن واري، جڏي اونده انڌاري،
ڏسي ڏک ڏائڻ جا، ڪئي زاهدن پي زاري،
اڳيان قيام سجهي ڪاري، موڳو نه رهه تون ملڪ ۾.

روئي روئي رت ڦُڙا، رب ڪي يار ريجهاءِ،
اُتي آڏي رات جو، سائين ڪي ٻه سرچاءِ،
اُتي دل اڙاءِ، جو سلهاڙيو وڃين ساڻ ۾.

جان ڪِي تان ڪِي اور، جان آهين دم دنيا ۾،
جڏهن لڳئي ڇو هو اجل جو، توکي ڇني ڪندو ڏور،
پوءِ پوندئي اُتي پور، جڏهن رَسندين وڃين تون رچ ۾.

اِجهو ڇڏڻو آئيو، هي مارن سندو ماڳ،
وَلڙ وَڳَڙ ويڙيچن جا، ٻيو سمورو ٻه سهاڳ،
وڏو تن ڏهاڳ، جن رب وساريو پانهنجو.

پير جهڙو پير نه لينديئي، جي گهمين ملڪ سارو،
وجهي دام دلين ۾، ڪياءِ محبت جو مارو،
سو سخي سوپارو، پورل پاڳي آئيو.

پلي ڇٽن مائرون، صالح سدورا،
اٿي آڏيءَ رات جو، روئي ڪن راڙا،
پرچائن پرين پانهنجو، مانجهي موچارا،
تني جا نظارا، ڏسندين ڏينهن قيام جي.

نا ڇٽن ها مائرون، اهڙا پٽڙا ندورا،
رُسائن رسول رب جو، حيضي هڇارا،
دشمن ٽيا دين جا، اهي مُوذي مُردارا،
اِهي اڇيون سردارا، روئندا رت اکين مان.

دُعا ڪيوم ڙي جيڏيون، شل پرين ڪري پنهنجو،
آءٌ ٿيان ان جو، تہ دوست ٿئي منهنجو،
پوءِ "الاهي بخش" اهنجو، هوندين نا ڪنهن جُوءِ مِ.

پير اهڙو ڳول، جو پوڪي سَلا سڪ جا،
ڏئي اوڙ الفت جي، وجهي پلائيءَ سندو پاڻ،
"الاهي بخش" اهڙو مرشد هجي ساڻ، تہ رَسندين هلي رب ڪي.

سِکي مُيڙس مرشدا، توکي سڏي ڇ ساري،
اندر هن اداسڻ جو، توکي پلپل پڪاري،
نرمل نماري، اچي پار اڪارجانءِ.

محبت مٺي مرشد جي، منهنجي جيءَ جو جياپو،
رَسي راحت روح کي، تهين کان ٿي پوءِ،
انهي کان وڌ ٻيو، ناهي سڪ ساڻيم مِ.

3. مثنوي محبوب الاهي

حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه جي هيءَ شاعري ۾ سِڱن وارن بيتن جي صورت ۾ مثنوي مولاءِ روم جي سُر ۾ آهي. اڪثر شعرن جو آغاز لفظ "عشق" سان ٿئي ٿو. هنن شعرن ۾ پاڻ عشق جا اسرار ۽ معارف بيان فرمايا آهن. جن جي پڙهڻ سان دل نرم ٿي پوي ٿي. اندر ۾ عشق ۽ محبت اپري ٿي. ڪتاب جا ڪجهه شعر نمونو طور پيش ڪجن ٿا:

جـــام عشـــق

حمد هاديءَ کي چوان سُهڻو سنو | جنهن رکايو پاڻ تي نالو مِنو
لک لائق پرين سندا ڳايان پيو | ڪرم پنهنجي ساڻ جنهن پيدا ڪيو
آ ٿورو عجب جهڙو سائين سندو | لاهي ڳائي نا سگهي ڪوئي بندو
مصطفيٰ (ﷺ) مدني مِنو رهبر ٿيو | بارُ عاصين جو جَهين سر تي ڪنيو
قربُ پنهنجو پيو جَڏن جانب ڪندو | معافي مالڪ کان مَنگي پار ڪندو
بي واهن جي واهه مدني جُوان آ | بيڪسن جو پرجهلو هي جوان آ
سرّ صدقي يار تان يارن ڪيو | سودو سر جو آل اصحابن ڪيو
دل گهريو داستان عشقي ناهيان | سُورَ دل جا عشق وارن کي چوان
من خريدار سودي هن جو ٿئي | حال پائي کو منهنجي دل جو ٿئي
عشق جو سودو آهي وه واهه جهڙو | رب ڪري پلڪ پوي سودو اهڙو
جي خريدارَ سودي هِنَ جا ٿيا | واه پلا پاڳ تني جڳ ۾ ٿيا
عشق آهي هن جهانن جو امام | عشق آهي رب سندو ظاهر انعام
عشق مولا آ ٿيندو مَردن نصيب | عشق سان ٿيندو وڃي رب جو حبيب
عشق آٿي ٿو بقا جي ملڪ تي | ٿو اُڏاري پکيءَ جان مقصد اُتي
عشق سان اعليٰ جڳهه پهچي وڃي | لامڪان کان ب لنگهي درجو پوي

عشق سان ناسوت جبروت لنگهي | عشق سان ملڪوت لاهوت پَسي
عشق سان ڪل سير سُبحاني پَسي | هر گهڙي پيو عجبَ آسماني ڏسي
عشق کان پيا ڪن ملائڪ مرحبا | با ادب ٿي عاشقن ڪن واه واهه
عشق کان رُتبو جهانن مِ وڏي | مدح عاشقَ جي پيو هر ڪو پڙهي
عشق کان برسات نورن جي وسي | لوح محفوظ سنديون تجليون پَسي
عشق اسرارن الاهي کاڻ آ | ڪنجي خَزانن خدائي جاڻ آ
عشق کان عالَمَ مٿس عاشق ٿين | جِنَ ديوَ ملڪ ڪُل مستان ٿين
عشق کان حورون بهشتي نا وٽن | عشق کان ماڙيون ۽ بنگلا نا وٽن
عشق کان غلمان غالي نا وٽن | عشق کان شربت شيرينا نا وٽن
عشق کان طوبيٰ سندا وڻ نا وٽن | عشق کان ميوا لذيذا نا وٽن
عشق کان باغَ بهشتي نا وٽن | عشق کان ماکيون ۽ مصريون نا وٽن
عشق کي پرواهه تجلّين ناهه کا | عشق کي پرواهه شاهي ڏاج نا
عشق کي نا ذوق نعمت جنتي | عشق کي نا شوق لذت جنتي
عشق آتش دوزخي کان نا ڊڄي | عشق آڙهه سوڙهه سختيون نا پڇي
عشق مولا جوبه جڻ هڪ باهه آ | باهه وانگر عشق واري آهه آ
عشق کان عاشق جڏهن دوزخ لنگهن | باهه جون دانهون منجهان دوزخ اٿن
عشق وارن عاشقن دوزخ چوي | عاشقو جلدي وجو پنڌڙو ڪري
عشق جي باهه مون لئي عذاب آ | باهه ان مون کي ڪيو ڪباب آ
عشق جي باهه ڪوهن ساڙي مونکي | آتشي اُلا تنهنجا نارن مون کي
عشق وارا رحم ڪو مون تي ڪيو | عشق وارا جلد دوزخ کان لنگهو
عشق جي باهه ڏمر دوزخ سندو | عشق کان نار سقر پيو لرزندو
عشق کي ڪشفن سندي ڪائي کاڻ ناهه | عشق خود نورن سندي اها کاڻ آهه
عشق کي درکار سبقن ناهه کا | ڪل لطيفن جي به پرواهه ناهه کا
عشق جو درجو مٿي آ سالڪن | عشق سان سڪ وارا ٿا ساجن پسن

عشق وارن دردَ گھريو ٿي ادا | ڪفر ڪافر دين ديندارن ادا
عشق مليو پير ڪامل جڙ مليو | پير وارو رستي سنڌين ڪان نا پُليو
عشق جو ذرو اگر حاصل ٿئي | بادشاهي ہن جهانن ملھ ڏجي
عشق سان ملندي ڪٽي اها عابدي | درد پرين جَي ملي ڪيئن زاهدي
عشق جي ذري سوا اعمال ڪل | نا ڪري منظور رب افعال ڪل
عشق سان مقبول رب وٽ جھٽ پوي | عشق سان عملن سندي سونھن وڌي
عشق سان عملن سندو نور ڏسي | عشق ہِن عملن سندو سور پسي
عشق سان عمل سنا سھڻا لڳن | عشق سان ڪل فعل ٿا هر ڪنھن وٽن
عشق وارو ڳالھ جيڪا پيو ڪري | جگر جيرن ۾ دلين جھير ڪري
عشق وارا نظر هڪ دليون ڪسن | جاهلن کي پڻ عمل وارو ڪرن
عشق چو جو غير کي ڏوئي چڏي | عشق جي ڳالھ تڏھن هر ڪنھن وٽي
عشق بن وعظ نصيحت جي ڪرن | ڪنھن بہ جاهل کي عمل سان نا ڪرن
عشق ہِن علم خودي آهي وڏي | جنھن سان عالم جي وجي ہيڏي ہُڏي
عشق علم جو وڏو سينگار آ | عشق بن علم وڏو آزار آ
عشق بن ملان سدائين خوار ٿيا | ان ڪري ماڻھو مُلن بيزار ٿيا
عشق سان علم عمل رب کي وٽي | عشق واري ڏي پيو هر کو تڻي
عشق سان عالم خدا خائف ٿين | اِنَّمَا يَخْشَىٰ جي آيت آ انھن
عشق سان تصيفو قلب پنھنجي ڪرن | ساڻ تزڪئي نفس پيا عالم رهن
عشق سان پيا غير جون پاڙيون پٽين | دريا وحدت جي سدا پيا موج ڪن
عشق سان عالم سنديون اکيون روئن | خوف خالق جي سدا جھجندا وتن
عشق سان اکيون ڪھڙيون سُھٽيون لڳن | جن اکين مان يار لئي ڳوڙھا وهن
عشق واري اک سدائين ڏار تون | غير کان پردو ڏئي پَس يار تون
عشق سان اکيون صحابن جون هيون | مدني سھٽي کي ڏسي ٺرنديون هيون
عشق عربي ۾ اهي بيتاب ها | يار جي ديدار جا مشتاق ها

عشق سان گوڙها اکين سرمون آڻو | سونهن اکين يار لئي روئڻ آڻو
عشق واري اک مڙان دوزخ حرام | جا پنهنجي پئي يار لئي روئي مدام
عشق واري دل مبارک ۾ نياز | جنهن اندر آ يار جو سوز و گداز
عشق واري دل عجب آهي ادا | ديرا دلبر جا لڳن جنهن ۾ ادا
عشق سان دليون سدا روشن رهن | قبر حشر ۾ پيون ذڪر پڙهن
عشق واري دل ملي مرشد هٿان | غير کان واندي رهي صبح و مسا
عشق واري پير سان رک دل ادا | تان ڪري دلڙي تنهنجي ڪي با صفا
عشق وارو پير نعمت جنتي | سانڀ توجهه جي ڪري دل فرحتي
عشق مرشد مير جو آهي عجيب | پاڪ دل کي ٿو ڪري دل جو طبيب
عشق مرشد سان رکين تون جيترو | قرب تنهنجو ربّ سان ٿئي تيترو
عشق مرشد سان رکڻ قرآن ۾ | دل مرشد کي ڏيڻ فرقان ۾
عشق جو سودو ڏئي مرشد مِلو | انڪري در تي پيو هج تون ڍِلو
عشق جي سودي سبب دلڙي رَلاءِ | پير ڪامل سان پِرت جو پيچ پاءِ
عشق مولا ۽ نبيءَ جو جَي گهرين | پير کان ملندئي جي تون دلڙي رَلين
عشق جو پي پير ڪامل پير آ | عشق ملندئي پيروي جو پيرُ پاهه
عشق اوطاق بنائي يار لئي | عشق فيراق ڏئي پيو يار لئي
عشق ديرا ٿو اڏائي يار لئي | عشق نعرا ٿو هڻائي يار لئي
عشق چيريون ٿو وڃائي يار لئي | عشق ڦيريون ٿو ڏياري يار لئي
عشق هاکون ٿو ڪرائي يار لئي | عشق لهرون ٿو هڻائي يار لئي
عشق سان مطلوب ٿئي ٿو يار جو | عشق سان معشوق ٿئي ٿو يار جو
عشق سان محبوب ٿئي ٿو يار جو | عشق سان مرغوب ٿئي ٿو يار جو
عشق جو معروض سارو رب آ | عشق جو غرض سمورو رب آ
عشق وارن کي لڳل هڪ تار آ | عشق وارن کي پچر هڪ يار آ
عشق وارن جو هلڻ آ يار سان | عشق وارن جو ويهڻ آ يار سان

عشق وارن جو گمٽ آ يار سان | عشق وارن جو روئڻ آ يار کان
عشق وارن کي آ هڪ سڪ يار جي | عشق وارن کي پئي پڪ پيار جي
عشق کان عاشق کڏهن ڪِلندا وتن | عشق کان عاشق کڏهن رئندا وتن
عشق کان عاشق کڏهن مُرليون ڪٽن | جوڳي ٻڌجي ويس پيا گيڙو رنگن
عشق کان عاشق کڏهن جَبَلّ رُلن | بر بحرن جي اندر مست رهن
عشق کي سرمد جهڙا سِرڪٽ ڪيا | عشق سوري جي مٿي سر وڍ ڪيا
عشق بيراگي ڪري بيوس ڪيا | عشق ويراڳي ڪري بي خود ڪيا
عشق حلاوت آهي ديدار جي | عشق کان لذت اڇي دلدار جي
عشق پردو ٽو ڪٽي منهن يار تان | عشق برقعو ٽو ڪٽي رخ يار تان
عشق ورونهن ٽئي عُشاق جي | عشق آهي سونهن دل مشتاق جي
عشق ملم آ دلين قتلين سندي | عشق هُورو آ دلين زخمين سندي
عشق سيني سڙيل جو آهي سُرور | عشق اونداهين دلين جو آهه نور
عشق خوشي کي اڌاريندڙ شراب | عشق عاشق کي رَسائيندڙ ثواب
عشق جو پيالو پيئندڙ مست ٽئي | عشق جو جام پيئندڙ چست ٽئي
رب جو انعام آهي "جام عشق" | درد جو پيغام آهي "جامِ عشق"
عشق محفل عاشقن جو سج آ | عشق محبت يار جي جو هج آ
عشق اندرُ نور جان روشن ڪري | عشق هڏ اوندهه اندر ڏيئو هري
عشق خوشبوئدار سهڻو واءِ آ | عشق کان ايندو پرينءَ جو ساءِ آ
عشق مکڙي دل سندي باغ ڪري | عشق پنهنجي يار جو داغ ڪري
عشق لک علم عمل کان آ چگو | عشق لک اخلاص کان آهي پلو
عشق جي درد پري دانهن ادا | لک عمل کان سا پلي آهي ادا
عشق تان مان لک حج قربان ڪيان | عشق واري دانهن تان صدقي ٽيان

قصو عاشق جو

عشق وارو حج تان رهجي ويو ڏينمن هڪ اڳ ان کنان پڙهجي ويو
عشق واري دانمن سان ڏٺڪي پيو هڪ ولي ان کي ڏسي عجب ڪيو
عشق وارو هوش ۾ جڏهن ٿيو کوٽي قسمت پنهنجي تي روئندو رهيو
عشق واري کي ولي الله چيو چو پيا سائين اوهين روئو رڙو؟
عشق سان عاشق چيو مون حج ويو ان ڪري مان درد کان دانهيان پيو
عشق سان ولي خدا ٿي ان چيو عشق واري دانمن ڏيو مون حج وڃو
عشق واري سودو هي منظور ڪيو غيب مان ولي مٿي آواز ٿيو
عشق واري کان ولي تو آ کتيو عشق واري دانمن تي تو حج ڏنو
عشق واري دانمن سان حج نا ملن سڀ حاجين جا توڙي حج گڏ ڪجن
عشق واري دانمن ٿي رب کي وٺي درد وارو سڏ سائين پيو سڻي
عشق وارو روڄ ڪيميا پائيو عشق جو آزار شاهي پائيو
عشق جا ڳوڙها جڏهن ڳل تي وهن معرفت جون دل اندر پوکون پڄن
عشق سان جڏ نار تي لوٽيون وهن درد جي آواز سان سبزيون ٿين
عشق وارا نار وانگر تون بنج درد جي دانمن ۾ روئڻ ساڻ هج
عشق سان ايئن جڏهن ٿو حال ٿئي دل اندر ٿو معرفت جو پال ٿئي
عشق وارا ڏس جڏهن پاٽي وهن هر طرف کان پوکون ۾ سبزيون ٿيون
عشق وارا جي سکو رب جو ملڻ درد جون دانهون سکو رب لئي رئڻ
عشق سان اوچنگار رب کي ٿي وٺي روڄ راڙو سوز ساڙو ٿو وٽي
عشق جو ڏنڏو سدائين روڄ آ عشق آدم کي پڄائيندو اوج آ
عشق سان روئندڙ سيان کلندڙ ٿين جي کِلن سي سڀ سُيان روئندڙ رهن
عشق وارا گوءِ رب وٽ ويا کٽي روڄ راڙي سان ويا رب کي وٽي
عشق وارن جي نظر آهي مٿي هن جهانن کان ويا عاشق لنگهي
عشق وارا ٿا جڏهن رب کان ڍجن پَنَ وٽن جان انمن عصيان ڪِرن

عاشقن تي عنايت

عشق سان وه لات لاهوتين لڌي | عشق سان سي عابدن کان ويا وڌي
عشق وارا ٽا جاڏي اکيون کٽن | تاڏي پنهنجي يار جا جَلوا پسن
عشق وارا رب کي هر جاءِ ڏسن | نور وحدت جا متن مينهن وسن
عشق وارن گم ڪئي جڏهين خودي | مثل تجلي طور تن آهي ڏئي
عشق وارا نور مِ غرق رهن | هر طرف کان نور جون لاٽون پسن
عشق وارن وارداتون پيون ٿين | رات ڏينهن مِ نور جون تجليون پسن
عشق وارن روز شب معراج آ | طور جي تجلين سندو اعزاز آ
عشق وارن لاءِ محمدي موج آ | لامڪان وارو سدائين اوج آ
عشق وارا ذات مِ فاني ٿيا | باقي بالله جي اندر باقي ٿيا
عشق وارن منزلون ڪئين ماڻيون | يار جون جيءَ مِ تني جايون جڙيون
عشق وارن جا تنبو اعليٰ لڳا | عشق وارن جا پڙها مَلڪن پيا
عشق وارن جي مدح مَلڪَ پڙهن | عشق وارن جو ادب فلڪ ڪرن
عشق وارن جا غزل غلمان پڙهن | حورون پريون پيون متن مستان رهن
عشق وارن لئي دعا درگاهه گهرن | سڀ مخلوقات پئي پنهنجي گهرن
عشق وارن جي متان ارض و سما | سڄ چنڊ تارا ۽ ڪَتيون ٿيا فدا
عشق وارن جي حياتي نور آ | عشق وارن جو لَڏِڻُ سڀ سور آ
عشق وارا سونهن دنيا لئي آهن | ڪُل عاصين لئي شفا عقبيٰ آهن
عشق وارن جو وڃڻ ويراني جاڻ | موت ولين برَ جيان بيراني جاڻ
عشق وارا جان لڏن دنيا منجهان | نور برڪت ٿو وڃي دنيا ڪنان
عشق وارا جان لڏن ماتم پون | عرش ڪرسيون لوح محفوظ روئن
عشق وارا ساهه دنيا لئي آهن | موت انهن ڪُل جهان مُردا ٿين
عشق وارا روز محشر جان اچن | در جنت جي پيا مستان رهن
عشق وارن کي وٺي زوري ادا | بهشت مِ داخل ڪرن مَلڪ خدا

عشق وارن کي جڏهن ات دير ٿئي | پسڻ پرين لئي انهن اوير ٿئي
عشق وارا بهشت ۾ دانهون ڪرن | دوزخي جيئن باهه ۾ آهون ڪرن
عشق وارن کي جنتُ دوزخ لڳي | يار جي ديدار جو جان ڪرم ٿئي
عشق وارن کي جڏهن ديدار ٿئي | چار لک ورهن سندو گذري وڃي
عشق وارن جي مٿان فرياد ٿين | حورون جنت جون آيون گهوٽ ملن
عشق وارن کي حڪم رب جو ملي | يار جي ديدار کان اڄ بس ٿئي
عشق وارا جلد حورن کي ملو | لک لنگهي ويا جلد ماڙين ۾ وڃو
عشق وارا درد کان دانهون ڪرن | پهر پاڇو مس لنگهيو ڪيئن ڏوَ ٿين
عشق وارا ٻيا ب حقدار اٿوَ | دير ٿي آ چار لک گذريا اٿوَ

عشق جو حال

عشق وارن جو ڪمڙو مان حال ڪيان | سُور وارن جو ڪمڙو سُور سليان
عشق انهن جو اندر آهي زَنڊيو | عشق سورن سان جگر آهي قَنڊيو
عشق کان اندرُ ڪُني وانگر رَجهي | عشق جي باهه کڏهن کا نہ اُجهي
عشق پڙڪا ٿو ڏياري اندر ڪي | عشق اوبارا ڏياري جگر ڪي
عشق واري باهه پڙڪا ٿي ڪري | عشق جي باهه ڪوري وانگر ٻري
عشق جو بيمار ڪڏهين نا ڇُٽي | عشق جو ڏنگيو ڪڏهن ڪونہ بچي
عشق جي بيمار جو درمل نہ ٿئي | عشق جي آزار کي فرحت نہ ٿئي
عشق لئي مُربو حڪيمن تيار ڪيو | عشق آ ان کي ڏسي بيڪار ڪيو
عشق جي بيمار جي طب نا ٿئي | عشق بيماري ڪنان حاذق پڇي
عشق جي طب آ حڪيمن نا پڙهي | عشق کان لُقمان جهڙا ٻيا مُنجهي
عشق افلاطون جالينوس کان | عشق ڏاڍو ٿي پيو ظاهر عيان
عشق کان آ سڀ حڪيمن بس ڪئي | عشق جي بيماري آ وس کان وئي
عشق جي دوا آ درشن يار جو | عشق جي شفا ڏسڻ آ يار جو
عشق باروت مثل آهي ادا | سيني هر ڪنهن جي پيو آهي سدا

عشق جي باروت ۾ تيلي لڳي | تاڙو واڙ جسم اندر ٽي وڃي
عشق لئي تيلي ذڪر آهي ادا | مرد ڪامل کان ٽئي ٿو جان عطا
عشق جي باھ تڏهن پڙڪا ڪري | خَرَ مُوسيٰ جان اندر جذبو ٽئي
عشق جي باھ سندا ٻارڻ ٻرن | ذڪر مولي جا جڏهن آلاپ ٽين
عشق جي باھ پو ڏينهون ڏينهن وڌي | پير ڪامل سان جڏهن دلڙي لڳي
عشق سان دلڙي سدا نرم رهي | پکيءَ جي آواز تي رقص ٽئي
عشق وارا نارَ جا رينگٽ ٻڌن | نار وانگر يار لئي روئندا وتن
عشق وارا ذڪر مولي جان ڪرن | بي خودي کان چولا چيهاڙيون ڪرن
عشق وارا سور مستي ۾ رهن | دانهون ڪن قول الستي ٿا ٻڌن
عشق وارن جو ڪوئي عيب نہ ڏول | ڏمر رب جي سان رُليا ٽيندين تون رول
عشق جو مذهب سين دينن جدا | عشق جو مذهب سدا آهي خدا
عشق اندر آ سدائين تون هين تون | عشق ۾ لڳي پي آهي هونگار هون
عشق وارن وات وائي ٻي نہ ٽئي | عشق کان رڳ رڳ اندر رباب ٽئي
عشق جون ڳالهيون پچين ڪهڙيون توهان | پڇ انهن کان جن عشق سان ڪئي رهاڻ
عشق ٻاري برهه جي ٿو باھ کي | پاڙئون ساڙي غير جي ٿو لاھ کي
عشق سان ٽيندو تنهنجو سينو صفا | عشق سان پسندين پرين جو تون لقاءِ
عشق مندر اندر جا ڌاهي چڏي | ماسويٰ جا بت پيڄي پورا ڪري
عشق اوتارا ناهي ٿو يار جا | عشق ميخانا بنائي يار جا
عشق اندر کي ڪري ٿو ائين صفا | جئين ڏسين منجهه آئيني جي منهن صفا
عشق آهي باھ ٽي پڙڪا ڪري | جنهن اندر ۾ ٽي اچي بيوس ڪري
عشق ويجهو دوست کي ٿو ائين ڪري | جيئن پلي گهوڙي وچين رستي سنئين
عشق آيو دوست جو ميلو ٽيو | جڏ پرين جي ملڻ جو حيلو ٽيو
عشق ۾ اسرار آهي يار جو | عشق ۾ وڏو راز آ دلدار جو
عشق جو درجو آهي قطبن متي | عشق جو شان آهي غوثن متي

عشق پهچائي اتي کنهن سُڌ نہ کا | ان جي منزل آ مٹي کل اولياء
عشق راحت روح جي يارو اٹوَ | عشق کان سينو صفا ٿيندو اٹوَ
عشق کان زينت وڏي ايمان جي | عشق کان راحت وڏي عملن سندي
عشق سان صوم صلواة سهٹا لڳن | عشق کان شرعي حڪم پيارا لڳن
عشق کان مسجد خدائي ٿي وڻي | عشق کان ويهڻ انهي ۾ ٿو وڻي
عشق کان هارڻ برهه جا تا هرن | عشق کان دردن سندا دونهان دکن
عشق ۾ آ موج مستي يار جي | لنؤ لڳي لغار مٹڙي يار جي
عشق کان دردن سنديون دانهون ٿين | رات ڏينهن ۾ ڪُنَ جيئن درياءَ ٿين
عشق ۾ سوز و گداز يار جو | عشق ۾ مجنون ٿئي دلدار جو
عشق ۾ جيرا جگر سڙيو وڃن | گوشت پوست جسم تان ڳريو وڃن
عشق ۾ ميخون محبت ٿيون لڳن | يار جون جيءَ ۾ تندون تارون وڃن
عشق ويڑها ٿو وسائي يار لئي | عشق گهر گهات رُلائي يار لئي
عشق تنبورا وڄائي اڌ رات جو | عشق ريهون ٿو ڪرائي پريات جو
عشق کان دردن سندي لڳي ڏُم ڏڙي | عشق جون دل ۾ پوَن لامُون لڙي
عشق مجنون ٿو بنائي گهڙيءَ ۾ | ڪُل حواس ٿو کسي هڪ گهڙي ۾
عشق کان عقل حيا شرم وڃي | عشق کان هوش و هوس مرم وڃي
عشق کان تا نفيءَ جا نعرا لڳن | دل اندر نينهن نغارا تا وڃن
عشق ٿو محبوب لئي مستان ڪري | عشق ٿو معشوق لئي گريان ڪري
عشق سورن جو ڏئي سامان ٿو | عشق دردن جو ڏئي داستان ٿو
عشق تڪبر ۾ خودي ڪي ٿو پيڄي | نياز نوڙت سان ٿو پوءِ رب کي مڃي
عشق آ استاد ڪل استاد جو | هر مريد کي ڪري ارشاد ٿو
عشق جي تا پيروي ڪن اولياء | تان ٿين تا خلق ۾ صاحب جِلاء
عشق ڏس مجنون بنايا ڪئين هزار | ٿي وتيا روئندا رڻ ۾ زارو زار
عشق انهن کي ڪرائي هاءِ هاءِ | رت روئي ٿي ڪيائون واءِ واءِ

عشق کي خطاب

عشق توکي مرحبا آهي روا | تون کرين ٿو باطني مرضن صفا
عشق افلاطون جالينوس تون | ٿو وجائين نخوت و ناموس مون
عشق واري تون وسائين سِرّ متي | ٿو پڌين پاڙون ٻيائيءَ جون ڪَٽي
عشق مرضن باطنين جو تون طبيب | ماسوي الله جي بيمارين جو طبيب
عشق تون ڪاوڙ حسد ڪينو ڪيين | حرص ۽ هوس سندا لاهڻ پڌين
عشق تون ٿو يار جو ميلو ڪرين | عشق تون ٿو برهه جون باهيون ٻارين
عشق تنهنجو اچڻ آ وه واهه جهڙو | عشق تنهنجو سور آ ماکيءَ جهڙو
عشق تنهنجو سوز پيو ڪڍهين وٽي | عشق تنهنجو پور پيو ڪڍهين پُٽي
عشق اکيون تو ڪنان روئنديون وتن | عشق تو کان نير جون واهيون وهن
عشق ڪڍهن رات جو ريهون کيان | عشق بي وس يار لئي دانهون کيان
عشق ڪڍهين دل چوي جوڳي ٽيان | عشق ڪڍهين دل چوي مُرلي کڻان
عشق تنهنجا سور ٽا ساڙيو چڏن | عشق تنهنجا پُور ٽا پلپل پون
عشق ڪڍهين دل چوي مجنون ٽيان | پائي ڪفني ڳچيءَ ۾ ظاهر ٽيان
عشق ڪڍهين پُور اهڙا ٽا پون | سر اگهاڙو مان کيان ليڑون لٽن
عشق تنهنجي سوز آ سوگهو ڪيو | مال ملکيت ساهه سر صدقي ٽيو
عشق آڙهه باهه تنهنجي جا ٻرن | بُتَ غير الله جا تو ۾ سڙن
عشق تنهنجي ڳالهه مان کهڙي کيان | يار لئي ٿو گم کرين ظاهر عيان
عشق تون چاليون ڪهين جون نا ڏسين | عشق تون ٻوليون ڪهين جون نا ٻڌين
عشق تون کاريون ۽ کوجهيون نا ڏسين | عشق تون رنگ روپ کي نا ٿو پسين
عشق دانا پيو ديوانا تون کرين | عشق سياڻا پيو اياڻا تون کرين
عشق وس کان بي وسي پيو تون کرين | عشق بي دل بي کسي تون ٿو کرين
عشق شاهن کي پيو پينو کرين | عشق سياڻن کي پيو مجنون کرين
عشق رُلائين پيو جوڳي کري | عشق ٻنائين پيو الفي کري

عشق سورن جا سنگهيڑا جام ڏين | عشق تون سامان سورن عام ڏين
عشق تون ٿو درد جو پيو جام ڏين | عشق تون ٿو صبر ۽ آرام نين
عشق پنهنجا عَلَمَ ۽ نيشان ڏين | عشق عِلَم و عقل شرم و شان نين
عشق ڪَلُوٽڑا مڇيءَ وارا وڄمين | عشق شاهن کان بہ تخت و تاج نين
عشق تو وٽ پير پيٽُو بادشاهه | عشق تو وٽ سڀ سلامي ٽيا سپاهه
عشق سهڻا جي تنهنجي ڪو ضِدِ پوي | آسرو سو سِرَ پنهنجي لاهي ڇڏي
عشق ڪيئن منصور کي ڦاهي ڏنئي | عشق ڪيئن سرمد سندو سرڙو وڍيئي
عشق ڪيئن ملن سندي هيڙي هوڙيئي | عشق جي تو ضِدِ پيا تن سِرُ ڪنيئي
عشق جڏهين قيس وٽ آئين هلي | عشق مجنون ٽيو اهو ويو رِڃَ رُلي
عشق ليلي ليلي وائي وات مِ | عشق ڪيئن روئندو وتيو ڏينهن رات مِ
عشق ڪيئن مُرلي ڪنئي رانجهن هٿن | عشق تو ان کي ڪيو جوگي جَڳَن
عشق تو پينو بنايو بادشاهه | عشق ان هو هير لئي سَٽيو سپاهه
عشق تو فرهاد جو ڇا حال ڪيو | عشق ان شيرين لئي شرم ڇڏيو
عشق ٽاکيندو رهيو جبل وڏو | عشق هو شيرين لئي دانهين مُئو
عشق تو ڪيئن مارئيءَ سان ماڙ ڪئي | عشق جڏ عمرَ انهيءَ سان جاڙ ڪئي
عشق مارن جي محبت هئي مُئي | عشق سانگين جي سا صحبت هئي ڪُئي
عشق اباڻا نہ وسريا مارئي | عشق مارن لئي رُني ٽي مارئي
عشق جهانگهين جيءَ ان جو جهير ڪيو | عشق تو ان کي هنيو ڪيئن تير هو
عشق تو کان عمر جا ويس وڃا | عشق تو کان روحُ ان جا ها رُنا
عشق ماڙيون عمر جون پَٽين نا پيون | عشق جهانگين جون جهُڳيون دل کي وٽيون
عشق مارن جو اباڻو وهه مليو | عشق شل ڪلندي پيان مارن جا ڪير
عشق جي مارن ملڻ کان اڳ مران | عشق مڙهه منهنجو نِجو جيئري ميان
عشق سوگهو ساهه ڪيو تو مارئي | عشق مارن لئي مُئي ٽي مارئي
عشق مجازي تون آهين يا حقي | عشق تنهنجو نانوءَ جڙ ڪاتي ڪئي

عشق جي تون پوئتان ڪنمنجي ڦوين عشق گهر سارو سندس ويران ڪرين
عشق ڏس سسئي سندو ڇا حال ٿيو عشق تو ڪُل عيش ان جو گم ڪيو
عشق پنهل جي اگهاڙي سِر وتي عشق سا روئندي بَرن بحرن وتي
عشق پنهل جي جهاڳڻ جبل پيا عشق پنهل جي ڪٹڻ پيرا پيا
عشق پنهل جي ڪرڻ ريهون پيون عشق پنهل جي ڪرڻ ڪيهون پيون
عشق پنهل جي جوڳياٽي ٿي وئي عشق پنهل جي ڇتن ڇائي پئي
عشق تو سُورن سُتي سسئي ڏني عشق تو وائي پنهل وات ڏني
عشق تنهنجي سپ مِهٹا ٿي مليا عشق طعنا تنهنجي ڪارڻ ٿي مليا
عشق سسئي حال کان بي حال ٿي عشق مجذوبن مثل اها زال ٿي
عشق تو سسئي سندا ڇا حال ڪيا عشق ان جا تو مڙوئي تال نيا
عشق تو سسئي اندر باهيون هاريون عشق اُماڙيون اندر ان جي ڏنيون
عشق ان جي وات وائي هاءِ هاءِ عشق پنهل لئي ڪيائين باهه باهه
عشق تو ڪسيو انهيءَ کان هوش هو رات ڏينهن ان کي پنهل جو جوش هو
عشق پنهل لئي ڪڍيائين پار پي سينڊ سُرما سپ چڏيائين يار لئي
عشق جبلن مِ هاڪاريندِي پئي نار اکين جا وهائيندي وئي
عشق آريءَ لئي ڦِٽو آرام هس رات ڏينهن من مِ وڏو ماتام هس
عشق ڏس تو ڪيئن وجي ميلو ڪيو ڪيئن قبر اندر پنهل ان کي مليو
عشق ڀَالهيون تو سنديون حيران ڪن عقل واري کي پيون نادان ڪن
عشق تون پيرو پائين جنهن جاءِ مِ روح راڙو ٿي وجي ان جاءِ مِ
عشق سُهٹي ڪيئن هوڙايئي سير مِ موج ميهر جي لوڙهايئي لهر مِ
عشق غوطا ٿي کاڏائين لهر مِ منَ ميهر کي ڏنائين بحر مِ
عشق چوندي ٿي وئي سڪ سوز مِ سهٹا ساهڙ گهوريس هن روز مِ
عشق غوطن جي متان غوطا هيس ذوق ميهر جي ملڻ جو وڏ هيس
عشق ڪچائي دلي جي نا ڀني ڪُنَ ڪَڙَڪن ڏُم ڏڙَڪن نا ڀَني

عشق ميهر جو لڳل کو تير هُس | جي ٻُڌَس تان يار تان صدقي ٿيس
عشق درياءِ م وڏي جيئن موج هئي | سمٿي ساهڙ سان ب پهتل اوج هئي
عشق دڙکا ٿي ڏنا تو جيترا | هو ب پيرا صدقي ٿي ٿي اوترا
عشق ازل ڏينهن تنهنجي قيد ٿي | لائون ميهر سان لهڻ پي پار وئي
عشقَ جڏ لاش انمئ ڳولي لڌئون | وائي واٽئون يار جي پي ان ٻُڌئون
عشق مقصد ان سندو پورو ٿيو | وعدو پنهنجي دوست سان پورو ڪيو
عشق پنهنجي ڳالهه تون اڳتي ڪرين | عشق وارا سر ڏيَن خوشيون ڪرين
عشق پنهنجون کاروايون تون ڪرين | عشق پَرڪائون پيو پنهنجن ڪرين
عشق تو صديق ع فاروق کيا | عشق ذي النورين ع حيدر کيا
عشق تو کيئي مسلمانَ کيا | عشق تو سبحان کيئي هامان ٿيا
عشق مولانا مُوَحّدَ تو کيا | عشق توريء کي کتا ملحد ٿيا
عشق مٽيادار تو فقير کيا | کيئي تنهنجي درد کان زهگير ٿيا
عشق تو کان سوَ پئي صالح ٿيا | عشق جن منهن ڦيريو طالح ٿيا
عشق کان دردن وارا آزار ٿيا | کيئي تنهنجي سبب کان بيمار ٿيا
عشق سانگو نا ڪرين ڪنهن جو ڪبي | عشق تنهنجي ڳالهه يَر ڪمڙي ڪبي
عشق ڪڏهين نا ڏسين شاهه و گدا | هر ڪمين جو هڪ جمڙو لهين پيو سماءِ

حضرت ابو الحسن خرقاني جو عشق

هي نقل آهي تواريخن لکيو | شهر خرقان م ولي الله هيو
بوالحسن جو نانوءِ م مشهور هو | سينو ان جو عشق سان پرپور هو
عشق سان چوندو هيو عاشق سدا | دل اندر ديرو آ دلبر جو عيان
عشق مولا آ اهڙو سيني اندر | جي ڪٽي ظاهر ڪيان مثقال زر
نوح جا طوفان برپا ٿي وجن | ملڪ سارا موج م غرق ٿين
عشق جا درياءِ دل م ٺا وهن | ڪُنَ ڪڙڪا ٺا پيا ڪوهن ڀجهن
عشق جون موجون ٿيون لهرون هڻن | دوست جا درد پيا ويرون ڏين

جيئن سمونڊن جي نہ ڪا ئي حد آ | عشق مولا جي نہ ڪا ئي مد آ
جيئن سمونڊن جي نہ لهرن جو شمار | عشق ۾ سور ۽ سختيون بي شمار
جيئن اونهائي سمنڊ جي ڪو نا لهي | عشق جو پيمانو ڪوئي نا پسي
جئين سَنڈو سمنڊن سندو ناهي ادا | عشق ۾ سورن سنڈو ناهي ادا
جيئن سمونڊن جي پَرين حد نا ڏسي | عشق جو ڪپر تيئن ڪو نا پسي
جيئن سمنڊ سياري ۾ سانوڻ موج ڪن | عشق ۾ سورن سندا چڙهه تا رهن
جيئن سمونڊن ۾ وڏي هيبت آهي | عشق رب جي ۾ وڏي دهشت رهي
سمنڊ ۾ سر جو سانگو لاهي وڃن | عشق وارا آسرو سر نا رکن
جئين سمنڊ جي سير تي سامهان وڃن | عشق وارا عشق جي ڪاتي ڪسن
جيئن اگهاڙا سمنڊ ۾ ٽهيون هٽڻ | عشق وارا بہ لاڳاپا تا ڇنن
جيئن شڪاري سمنڊ ۾ هنياتا ڪرن | عشق وارا يار جا درشن ڪرن
هُن شڪاري سمنڊ جو غرض مڇي | عشق وارن کي لڳي رب جي لڇي
جيئن سمنڊ ۾ تا وجيو موتي ڪڍن | عشق وارا معرفت موتي لهن
جيئن سمنڊ ۾ ٽوها ٽهيون تا هٽن | عشق وارا وير وحدت ۾ ٽهن
جيئن سمنڊ مان جهول موتين جا پرن | عشق وارا دامنون نورن پرن
جيئن سمنڊ مان ٽي وڏا تُجار ويا | عشق وارا پي وڏا وٽجار ٽيا
جيئن سمنڊ ڪيميا انهن لئي ٽي ويو | عشق عاشق کي ملي پارس ويو
جيئن سمنڊ کان تا سدا خوشحال ٽين | عشق وارا درد کان خوش خيال ٽين
جيئن سمنڊ کان تا وڏا ٻيڑا وهن | يُونيون لانچون وڏا جهاز وهن
عشق ۾ ڪوجها ڪِنا سمڻا سونهن | پير پينو بادشاهه علماء اڳهن
جيئن جهاز سمنڊ ۾ تيز وهن | مرد مولا عشق ۾ ائين تيز ٽين
جيئن جهازن جو نصيب آ چگو | لهر لوڏو واءِ اولو نا لڳو
پار پهچي پئي سدا ٻيڑا ويا | ڪندي ڪناري وڃي ٻيڑا ٽيا
ڪيئي بدقسمت وڃي ٻيڑا ٻڏا | ڪنهن ڪندي تختا انهن جا نا لڌا

عشق جي سمنڊ سندو اهو حال آ | عشق وارن جي ٻ ساڃي ڳالھ آ
عشق جي سمنڊ اندر ڪيئي غرق ٿيا | پاڻ وارا سي وڃي اُهي پار پيا
عشق جون موجون ۾ مستيون سمنڊ جان | عشق جون ويرون ۾ لهرون سمنڊ جان
عشق ۾ دعويٰ پيو هر ڪو ڪري | عشق وارو آهي جو توڙ چڙهي
عشق وارو آ اهو پار پڃي | عشق وارو آ اهو راس رڃي
عشق جي لهرين ڪنان مشڪل بچي | پاڻ وارو ئي اچي ڪنڌيءَ لڳي

پير ڪامل جي ضرورت

ناڪُٹا جڏ سڙھ ٽا پيڙن چاڙھن | سير سامها ٻيڙا ڪاريگر ڪاھن
قابلائي ساڻ ڪاريگر وڃن | خوف لهرين ۾ ڪُنن جو نا رکن
ان سبب قابل ڪاريگر ٿو ڪپي | ناڪئو ٻيڙو پنهنجو پار ڪري
عشق جو ٻيڙو پڃي پار چئين | پير ڪامل ڳول دنيا ۾ وڃين
عشق جو استاد مرشد مير آ | عشق جو ٻيڙو هلائيندڙ پير آ
عشق جا ٻيڙا دنيا جي ڪُن مان | پير ڪيندڙ پار آ هن ڪُن مان
عشق جا قابل ڪاها پير اٿئي | عشق جا ٻيڙا بچائيندڙ سير ٿئي
عشق جي مهري ويهندڙ پير آ | لهر لوڏي کان بچائيندڙ پير آ
عشق جو سڙھ سير سامهون ٿو ڪري | ساڻ توجھ جي وڃي پار ڪري
عشق چاهين پير ڪامل ڳول تون | هن دنيا جي بحر ۾ پوءِ گهڙ تون
عشق سان مدني مٹي فرمائيو | اَلرَفِيْقُ پوءِ اَلطَّرِيْقُ ٻوليو
عشق وارا سوز جو ساڻي ڪٹو | ان سونهين سان سفر ۾ قدم ڪٹو
عشق جو ٻيڙو نہ ناڪئي بِن هلي | پير جي ڪاھٹ سان ٻيڙو ٿو هلي
عشق جو پتو پوي ٿو پير کان | ڳلّ تي ڳوڙھن جو برسٹ پير کان
عشق جي موج وڏي ٿي پير کان | عشق جي مستي وڏي ٿي پير کان
عشق وارو پير ٻن وصفن سان جاڻ | عشق شرع ساڻ سياڻا تون سجاڻ
عشق جو ماهر وڏو قابل هجي | عشق جو گوهر وڏو ڪامل هجي

عشق سان رنڊيل اندر ان جو هجي | عشق واري باهه سان سڙيل هجي
عشق جون ڳالهيون جڏهن ڪن تي پون | ڳل ان جي ڳوڙها واهين جان وهن
عشق سان چو ته خودیءَ ڊير ڊهن | علم وارا نازَ عشق سان ٿا وڃن
عشق سان بت ماسوَي الله ٿا پڃن | غير کان سينا صفا صاف ٿين
عشق وارو پير آ جنهن کي مليو | يار سان آهي اهو رانجهن رَليو
عشق واري پير جي نظر رنگي | خالي ڪنهن کي نا چڏي جيڪو وڃي
عشق وارو پير پارس آ ادا | جنهن لڳي تنهن کي ڪري پارس ادا
عشق وارو پير ڪيميا پائيو | اهڙي جي در تي وڃي سر نائيو
عشق وارو هڪ نظر پار ڪري | جنڊ ڪاهڻ کان اهو دور ڪري
عشق وارو پير پاڃن تي ملي | پير ڪامل جي مليئي پاڃ ڪُلي
عشق وارا جنهن کي سائين ٿو گهري | پهريائين پير سان دل ٿو رَلي
عشق جا دروازا ان تي ٿا کُلن | سانڍ توجهه جي انهيءَ موجون ٿين
عشق جون پيريون انهيءَ سيني وجن | يار جي ملڻ سنديون واٽون ڏهن
عشق وارو شرع جو مالڪ هجي | شرع جي هي وصف ان پئي ليي
عشق سان صاحبِ شريعت جو هجي | پائبند شريعت سندو عالم هجي
عشق ۾ شرع سيکارينڊ هجي | شرع اڳيان سر نوائينڊ هجي
عشق شرع صحبتين سيکاري پيو | شرع واري رنگ سان رنگي پيو
عشق واري پير جي نشاني سک | محب منهنجا ڳالهه منهنجي ياد رک
عشق سان جي صحبتي رنگيل آهن | دين سان جي محبتي مليل آهن
عشق سان تون صحبتين مان فيض جاڻ | باطني توجهه اتان سياڻا سجاڻ
عشق سان ان کي ولي الله جاڻ | پير ان کي ڪل خزائن جاڻ ڪاڻ
عشق وارا دل ڏي اهڙي پير کي | سر پنهنجو ڏي تون منا اهڙي مير کي
عشق واري پير تان گهر هار گهور | پير اهڙي سان وڃي تون حال اور
عشق مولا جو سيکاري پير ٿو | يار جو در کولي سڻو پير ٿو

عشق جا مزا ڪرائي پير ٿو | دل واري ڪي ڪرائي سير ٿو
عشق جا اسرار ڪولي پير ٿو | يار جو درشن ڪرائي پير ٿو
عشق وارا قدر ڪر پنهنجي پير جو | قدر واري ڪي ڪري ڪنڌ ڪير ٿو
عشق وارو پير سڃڻ آ ادا | هن جهانن جو ٿيو ضامن ادا
عشق واري پير جو مٺ نا ڏٺم | جان ڏکن ۾ ٿي سڏيم سڏڙا هڏم
عشق وارو پير ساڻي هن جهان | قبر حشر جو آهي سمٿو ضمان
عشق وارو پير پجائي مراد | هر مشڪل ۾ ڪري سمٿو ٿو ياد
عشق وارا پير جي اهڙو ملئي | پاڻ جو دروازو جڙ توتي کلئي
عشق واري پير سان پوءِ دل اڙاء | پير بن ٻئي طرف نا منهن ڪي ڦيراء
عشق پنهنجي پير سان جيترو رکين | قرب پنهنجي رب جو اوترو پسين
عشق وارو پير جي راضي ڏسين | رب پنهنجو پاڻ تي راضي پسين
عشق واري پير کان منهن نا متاءِ | هن جهانن جي پو عزت کي وڃاءِ
عشق واري پير کان جنهن منهن متيو | هٿ خالق جو مٽان ان جي لٿو
عشق پنهنجي پير کان بيزار ٿيا | قسم رب جو هن جهانن خوار ٿيا
عشق واري پير جو جن در ڇڏيو | دين جو گهر آ انهن ڦرجي ويو
عشق واري پير کان بيگانا ٿيا | معرفت جا ويس ويا نانگا ٿيا
عشق وارو پير وسڻون جنهن ڇڏيو | قرب رب جو آ هٿڻون تنهنجي ويو
عشق واري پير سان تون نہ کيڙاءِ | قهر رب جي سان تون جلدي ٿين تباهہ
عشق واري پير تي خندان کرين | قسم بالله جلد مُلحِدُ ٿي مرين
عشق واري پير سان وير رکين | جنگ تون جڙ رب پنهنجي سان کرين
عشق واري پير تي هان هون کرين | طوق لعنت جو ڳچي پنهنجي وجهين
عشق واري پير جا عيب چُٽين | بوءِ جنت لاءِ سکي هر دم مرين
عشق بن ابليس سجدو نا کيو | نياز آدم جو ڇڏي تڙجي ويو
عشق واري پير ۾ نور اهو | ادب ولي جنهن ڇڏيو تڙجي ويو

4. خطبات محبوب الاهي

پاڻ پوري سال جا خطبا شاعري جي صورت ۾ لکيائون. هر خطبي ۾ پند و نصيحت ۽ آهي، عقائد جو اصلاح ۽ آهي. بطور نموني جي سال جو پهريون ۽ آخري خطبو پيش ڪجي ٿو.

محرم الحرام جي پهرئين جمعي جو خطبو

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْ فَضَّلَ يَوْمَ عَاشُوْرَاءَ مِنْ بَيْنِ سَائِرِ الْاَيَّامِ وَاخْتَارَهُ لِاَنْبِيَائِهِ الْكِرَامِ وَ جَعَلَ فِيْهِ الْاِنْعَامَ قَالَ اللّٰهُ تَبَارَكَ وَ تَعَالٰى كُلُّ مَنْ عَلَيْهَا فَانٍ وَّيَبْقٰى وَجْهُ رَبِّكَ ذُوالْجَلَالِ وَالْاِكْرَامِ

خدا جون بي بها آهن ٻلايون
شڪر مالڪ سندا سڀ چونڊ ڳايون
ڪري جوانُ ڏنئين عقل سندي ذات
سَڀي جنهن سان ڪيون ڪوڙي سچي بات
علمُ فهمُ ٿيو انسان جو ڏاج
ولايت ۽ نبوّت ان سندو تاج
ڪرامت ۽ شهادت ۽ امامت
اِهي ٿيون نعمتون اُن ڪي عنايت
مُحمد مصطفيٰ (ﷺ) خود آ ٻلائي
جهانن لئي ٿيو رحمت الاهي
محمد (ﷺ) ڪي ڪري پيدا نه ها جي
نه ظاهر ڪا ٿئي شيءِ ها دنيا تي
سندن آل (رضي الله عنهم) سندي الفت آ نعمت
ملي حُبدار ڪي ٿي جلد جنت
هُوا اصحاب (رضي الله عنهم) سيد (ﷺ) جا سڳورا
رهيا عربيءَ سندا ساٿي سمورا
صحابن ۾ سڳورا دوست دلي
ابوبڪر، عمر، عثمان، علي (رضي الله عنهم)
ڪتابن آ لکيو تو ڪي ٻڌايان
فضائل هن مهيني جا سُڌايان
ڏهين محرم رکيل اهڙي آ برڪت
پئي آدم (عليه السلام) سندي توبه قبوليت
ڇتي طوفان کان ٻيڙي سندي نوح (عليه السلام)
جبل جُودي متي ٻيلي لڳي لوه
خليل الله (عليه السلام) سندو آزر اُجاڻو
انهيءَ ڏينهن اندر باغُ ساماڻو

ٻڌو فرعون هو اُن ڏينهن اندر | ٿيا سيءِ موسيٰ درياءَ ۾اهر
نبي دائود (عليه السلام) جي توبه ٿي منظور | ٿيو ان ڏينهن ۾ نورُ عَلَيٰ نُورُ
سُليمان (عليه السلام) کي مليو مُلک سمورو | انهيءَ ڏينهن اندر ٿيُس ظهورو
موسيٰ (عليه السلام) ڳالهائيو مولا سان ان ڏينهن | نبوت جو ظهورو ٿيس ان ڏينهن
عيسيٰ (عليه السلام) ويو آسمان ان ڏينهن اُڏامي | وڃي رب سان سلامت ٿيو سلامي
اِمامن کي مِلي ان ڏينهن شهادت | ڪُوفين کربل ڪئي پوري عداوت
بيبي سائڻ سندا ٻچڙا ڪُسي ويا | صبر سان سور سختيون سيءِ سهي ويا
صبر سڪ سان ميڙون امر رباني | ڪَٽي شيرَ ويا درجو لاثاني
عبادت ۾ مِليا رب سائ عابد | رَسي جنت ويا مرد مُجاهدَ
قيامت ۾ ٿئي ان ڏينهن ظاهر | هوندو جمعي سندو ڏينهن نِشانبر
انهيءَ ڏينهن سندو ادبُ ضروري | ادبَ ان ڏينهن ۾ ڪَجُ نا قصوري
ڪرڻ نَوَ سُنتون ان ڏينهن لازم | ڪري مُرسَل (ﷺ) ويو سي صحي سالم
ڏيڻُ خيرُ وڃي پُڇڻُ مريضن | وهنجڻ چوڻون آهي ڏسڻ ۾ نيڪن
روئڻ روزو رکڻ پڙهڻ ۾ نفلن | سڃي توبه ڪرڻ ختمو مُقَامن
يتيمن جي مَٽن هٿَ ڦيرائڻ | زَنڊي طعام غريبن کي کارائڻ
سڏي حافظ پڙهو ختما صلاتون | غريبن کي ڏيو هٿ سان خيراتون
شهيدن کي انهيءَ جو اجر بخشيو | سڃي محبت امامن سائ ڪريو
نہ ڪريو غير شرعي ڪَمَ اوهين يار | اگر آهيو اهلبيتن جا حبدار
ڪٽن تابوت طبلا ساز سيجون | ڪاهن دُلدل ڪٽن ننڍڙن جون ڏوليون
موالين کي ڏين ماتم سندو سڏ | ٻيو بي پرده نياڻين کي ونڻ گڏ
ڪري کارا لَتَا وارَ اگهاڙا | پٽِين مُنهن تي ونڻ نالا اڏورا
پنگون ڇلمون ڇڪي وات گندا ڪن | اڏوري نانوءَ سان ماتمُ سدا ڪن
اها شيعن سندي آهي عبادت | ماتمُ ڏينهَن ڏهن پائِن عنايت
مسلمانو بچو اهڙي بَلا کان | شيعائپ آهي جڙ مرض وبا کان
"الاهي بخش" حُب رک آل پاکن | اهي مَنهدان توکي مَنَ پاڻ سان ڪن

اِنَّهُ تَعَالَىٰ جَوَادٌ كَرِيْمٌ مَلِك بَرٌّ رَؤُفٌ رَحِيْمُ

ذوالحج جي چوٽين
جمعہ جو خطبو

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْ اخْتَارَ لِنَفْسِهِ الدَّوَامَ وَ حَكَمَ الْمَوْتَ وَالْفَنَاءَ عَلَى الْخَاصِ وَالْعَامِ وَسَاوَىٰ فِي التُّرَابِ بَيْنَ الْمُلُوْكِ وَالْخُدَّامِ اَشْهَدُ اَنْ لَّا اِلٰـهَ اِلَّا اللّٰهُ وَحْدَهٗ لَا شَرِيْكَ لَهٗ شَهَادَةً لِوَحْدَانِيَّةِ اللّٰهِ الْمَلِكِ الْعَلَّامِ وَاَشْهَدُ اَنَّ سَيِّدَنَا وَنَبِيَّنَا مُحَمَّداً عَبْدُهٗ وَرَسُوْلُهٗ هُوَ رَحْمَةٌ لِلْاَنَامِ

خدا جو حمد آ پڑھڻ ضروري (سبحانہ وتعالیٰ) خدا کي جو چڏي تنهن جي قصوري
مُحَمدُ ميرُ (ﷺ) خود جاڳي سڄي رات ڪندو رب جي اڳيان روئي هو زاري
هوا آل ۽ اصحاب سڳورا (رضي الله عنهم) ڪيئون خوف ڪنان ننڊ نا پياري
اِمامن (رضي الله عنهم) صالحن جو حال هو هي اڻي اڌ رات جو رُنئون ٻي شماري
نصيحت کي ٻڌي ڪر هوش مِٽڙا اِجهو آيو متي تنهنجي موت ماري
ڪاڏي ويڙا چڏي تنهنجا اباڻا وري توڏي ڪيئون نا ورڻ واري
ويهي تختن متي جن ڪئي حڪومت تني کي به نيو قادر قهاري
چڏائيندا هُوا جي مرض مُهلڪ مرڻ واري چڏايئون نا ٻيماري
هُوا سُورهه سدائين جُوان جنگي لاهي سي ڪين سگهيا بار باري
حُسن مِ مَتُّ نه هو جن جو دنيا مِ قبر مِ پئي مٽن وڏي خاڪ خواري
وڃا ويس تي ڦهريا جان تي جن اهي پهري ويا ڪفني اڏاري
ڪائيندا جي هوا ڪاڏا مزن سان ڪائي تن کي ويا ڪيڙا ڪوهياري
هيون چؤنڪيون جني تي ڏينهن ۾ رات پيا سي سڄ مِ اوندهه انڌاري
ڪاڏي دُرويش ويا صادق ۽ صوفي ڪاڏي علم سندا علامہ قاري
ڪاڏي ويڙا وڏيرا ويڙ وريام ڪاڏي ويڙا لڏي زميندار هاري
ڪاڏي ويڙا چڏي سي محل ماڙيون قبر مِ تن ڪئي پتَ تي پاڻاري
ڪاڏي شاهه ڪاڏي پينار ويڙا ڪاڏي پيادا ڪاڏي جن ڪئي سواري

كاڏي باغ ويا بلبل جون هوليون | كاڏي سبزي سندي وئي اڄ بهاري
كاڏي عاشق كاڏي معشوق ويڙا | ركي پنهنجي يار سان جن يار ياري
كاڏي اُهي دوست ويڙا ٽي روانا | لڳي جن يار جي لُنؤَ لنؤَ مِ لوري
كيئي حاكم كيئي عالم لڏي ويا | كيئي فاضل كيئي قابل قندّاري
كيئي ويڙهن سندا ويڙها ٽيا ويران | پَكيُن جان ولر ڪري وئي خلق ساري
ڏسي فاني دنيا جو حال اهڙو | اڃا توكي نہ ٽي ٽئي كا هوشياري
اٽي تون جلد كر سنبت سويلو | اڇيان ٻُڌجي پيو پنڌڙو پهاڙي
عبادت جو ثمر كڍ مرد مانجهي | سوا ثمر كندئي كو نہ پوئواري
چو ٿو تون دوست كان مُنهڙو متائين؟ | اچين در دوست جي ٽيئي موچاري
ٻانهي كي قرب ٽئي سائين؛ جي در تي | اهڙو قرب نہ ٽئي كنهن جاءِ جاري
فاني دنيا كي چڏ ٽي تون سياٽو | متان رب جي اڇيان ٽين تون ميواري
اِجهو ٿو موت مارئي ٽين اكيلو | وجهي تو مِ چڏيندو گهوٽ گهاري
وري موٽڻ تنهنجو مشكل وطن ٽئي | گهارڻ گهر مِ چڏن نا رات ساري
اجان توكي پوي كو نا شرم ٿو | اچي ڏاڙهي كرين هٽ سانڍ كاري
كري توبهہ سگهو تون ڳاڙ ڳوڙها | ملي معافي كرين جي زور زاري
كرڻ توبهہ سان ٽئي ٿو پاڪ اهڙو | جيئن ڏوبي ڏوئي پوتي ٿو ميري
"الاهي بخش" تون اك پَتِ سويلو | پڙهي كلمو بناءِ عمر سڳوري

اِنَّهٗ تَعَالٰى جَوَادٌ كَرِيْمٌ مَلِك بَرُّ رَؤُفٌ رَحِيْمُ

باب اٺون

کرامت ڇا آهي؟

جهان ۾ جو ڪجهه دستور مطابق ٿي رهيو آهي، ان کي "حسبِ عادت" سڏبو آهي. پر جڏهن کو ڪم خلافِ دستور ٿي پوي تہ ان کي "خرقِ عادت" سڏبو آهي. جيئن: باهہ جو ساڙڻ حسبِ عادت آهي. پر کو باهہ ۾ پوي ۽ نہ سڙي تہ اهو خرقِ عادت آهي. کو ماڻهو سئو ميلن جو سفر ڪار يا ڪنهن سواري تي ڪلاڪ پن ۾ ڪري تہ حسبِ عادت آهي، پر کو ماڻهو ايڏو مفاصلو بنا سواري جي اک ڇنيڻ ۾ ٽپي ڪري تہ ان کي خرقِ عادت سڏبو آهي. اهڙو خرقِ عادت ڪم اگر نبيءَ کان ظاهر ٿئي تہ ان کي "معجزو" سڏبو آهي. اگر ڪنهن وليءَ کان ظاهر ٿئي تہ ان کي "ڪرامت" سڏبو آهي. پر اگر اهڙو عادت جي خلاف عجيب ڪم ڪنهن هندو، ڪافر، برهمڻ، بيدين، جادوگر، بدڪردار ماڻهو کان ظاهر ٿي پوي تہ ان کي "استدراج" سڏبو آهي.

ڪشف ڇا آهي؟

ڪا لڪل ۽ ڳجهي ڳالهہ ظاهر ٿي پوڻ کي ڪشف سڏبو آهي. ان جا ڪيئي قسم آهن. جيئن ڪشف ڪوني، ڪشف الصدور، ڪشف القبور وغيره

۱. **ڪشفِ ڪوني:** پري يا اوري واريون شيون، ماضي يا مستقبل جا معاملا اکين سان ڏسڻ کي ڪشف ڪوني سڏبو آهي. جيئن امام بيهقي ابن عمر رضی اللہ عنہ کان روايت ڪئي آهي تہ حضرت عمر بن خطاب رضی اللہ عنہ جهاد لاءِ هڪ لشڪر موڪليو ۽ ان لشڪر جو امير ساريہ نالي هڪ شخص کي بنايائون. هڪ ڏينهن حضرت عمر رضی اللہ عنہ خطبو ڏئي رهيو هيو جو عين خطبي ئي ۾ پاڻ فرمايائون اي ساريہ! پهاڙ جي طرف هوشيار ٿي وڃ. پاڻ اهو سڏ ان وقت ڪيائون جڏهن ڪافر پهاڙ جي پٺيان مسلمانن جي حملي ڪرڻ لاءِ ويڙل هئا.

حضرت عمر رضی الله عنه کي ايترين منزلن جي مفاصلي جي با وجود سڀ نظر اچي ويو انڪري ساريه کي خبردار ڪيائون ۽ الله تعالي سندن آواز کي اوستائين پهچايو. ان مشاهدي کي ڪشف ڪوني سڏبو آهي. ان قسم جي ڪشف ۾ زمين ۽ آسمان جون شيون، جنت، جهنم، وغيره نظر اچي ويندا آهن.

2. **ڪشف الصدور** : سيني جا راز معلوم ڪري وٺڻ. ڪو ماڻهو دل ۾ ڇا سوچي رهيو آهي ان جي ٻڌائڻ کان سواءِ دل جي ڳالهه جو اطلاع ڏي ويڃ ڪشف الصدور آهي.

3. **ڪشف القبور** : قبرن جي حالت معلوم ڪري وٺڻ. ڪنهن قبر کي ڏسي ٻڌائڻ ته هن ۾ مرد آهي يا عورت، جنت ۾ آهي يا جهنم ۾. سڪ ۾ آهي يا ڏک ۾ اهو ڪشف القبور آهي

ڪرامات و مڪاشفات اولياءِ:

الله جي دوستن جون ڪرامتون برحق آهن ته ڪشف برحق آهن. اهي الله جي قرآن ۽ رسول الله صلي الله عليه وسلم جي حديثن ۽ صحابه ڪرام جي آثار ۽ امامن جي اقوال مان ثابت آهن. اهلسنت جي جمهور عالمن، محدثن، فقيهن، اصولين ۽ صوفياءِ ڪرام جي اڳواڻن جي گڏيل فيصلي مطابق ولين جون ڪرامتون برحق آهن. صدين کان لکين ماڻهن جا مشاهدا ۽ اکين ڏٺا واقعا برانهن جا شاهد آهن. ڪرامتن جو انڪار سواءِ معتزلن ۽ منافقن ۽ ڪمزور ايمان وارن جي ٻيو ڪو برڪو نه ڪندو. هڪڙا بدنصيب وري اهڙا هوندا آهن جيڪي اولياءِ متقدمين جيئن، حضرت جنيد بغدادي، سري سقطي، معروف ڪرخي، سهل تستري، پيران پير محبوب سبحاني، معين الدين چشتي اجميري رحمت الله عليهم اجمعين، جي ڪرامتن کي ته مڃندا آهن باقي پنهنجي دور جي ولين جي ڪرامتن جو انڪار ڪندا آهن. حضرت ابوالحسن شاذلي رحمة الله عليه جي بقول انهن ماڻهن جو مثال اسرائيلين وانگر آهي. جيئن اهي حضرت موسيٰ کي ته مڃندا هئا، ان جي معجزن کي برمڃندا هئا. پر جڏهن نبو محمد ڪريم صلي الله عليه وسلم سندن زماني ۾ آيو، ڪين ڏٺائون سندن معجزا برڪئين ڏٺائون پوءِ برانڪار ڪيائون. ان طرح سان کي ماڻهو اڳين بزرگن جي ڪرامتن کي مڃندا آهن پر پنهنجي زماني جي ڪنهن خاص الله جي ٻانهي جي ولايت يا ڪرامت جو انڪار ڪندا آهن. الله ڪريم شال سڀ مسلمانن کي ولين جي سچي محبت نصيب فرمائي.

قرآن ۾: ولين جي ڪرامتن بابت ڪيئي آيتون ۽ ڪيئي قصا آيل آهن. مثلاً:

* حضرت ٻيبي مريم سائڻ وٽ اڻ منڊائتن ميون جو موجود ٿيڻ.
* ٻيبي سائڻ جو سڪل ڪجي جي ٽڙ ڪي ڏُوٽڻ سان تازي ڪجور جو وسڻ.
* اصحابِ ڪهف جو ٽي سو نون سالن تائين هڪ غار ۾ زندهه سلامت ستل رهڻ ۽ مٿان سج جو رستو متائي گذري وڃڻ.
* حضرت سليمان عليه السلام جي اصحابي آصف بن برخيا جو اک ڇنيڻ کان اڳ ۾ تختِ بلقيس حاضر ڪرڻ. وغيره.

احاديث نبويه: ۾ ٻه ڪرامات اولياء جا ٻيشمار قصا دليل آهن. مثلاً:

* صحيح بخاري ۽ صحيح مسلم ۾ عابد جُريج جو قصو جنهن ۾ آهي ته پينگهڙي واري ٻار جريج جي پاڪدامني جي شاهدي ڏني هئي.
* بخاري ۽ مسلم ۾ غار وارن جو قصو، جيڪي غار ۾ بند ٿي ويا هئا پوءِ دعا گهريائون ته جبل هٽي ويو ۽ اهي ٻاهر نڪري آيا.
* بخاري صحيح مسلم ۽ ترمذي ۾ ڊِگِيءَ جو قصو جنهن تي ان جو مالڪ سوار ٿيو هيو ته ڊِگِيءَ ڳالهايو هيو ته مان ان جي لاءِ پيدا نه ڪئي وئي آهيان. وغيره

صحابہ ڪرام جا آثار : صحابہ ڪرام جون ٻيشمار ڪرامتون ڪتبِ حديث ۾ موجود آهن، جن جو ڪو ٻه مؤمن انڪار ڪونه ڪندو. مثلاً:

* بخاري ۾ حضرت ابوبڪر صديق ﷺ جي ڪرامت سندن مهمانن لاءِ ماني جي وڌي وڃڻ واري بيان ٿيل آهي.
* حضرت عمر فاروق ﷺ جو مسجد نبوي ۾ خطبو ڏيندي سوين ميل پري جنگ جي محاذ تي ساريه نالي سپهه سالار کي ڏسڻ ۽ ان کي حڪم ڏيڻ.
* حضرت عثمان غني ﷺ وٽ هڪ ماڻهو جو اچڻ ، جيڪو وات تي پرائي عورت تي نگاهه وجهي آيو هيو. حضرت عثمان غني جو ڪشف ذريعي معلوم ڪري وٺڻ.
* امام بيهقي جي روايت مطابق حضرت مولا علي ڪرم الله وجهه الڪريم جو قبرستان وارن کي ڪشف ذريعي ڏسڻ ۽ انهن سان ڪلام ڪرڻ.

* بيهقي ابونعيم، حاڪم جي روايت مطابق عباد بن بشير ۽ اُسيد بن حضير رضي الله عنهما جون لئيون روشن ٿي وڃن.
* بخاري جي روايت مطابق انڌاري رات ۾ حمزة اسلمي ﷺ جي آڱرين جو روشن ٿيڻ.
* بخاري جي روايت مطابق غزوه رجيع جي قيدي حضرت خبيب ﷺ وٽ اڻ مندائتن انگورن جو اڇڻ.
* ابونعيم جي روايت مطابق هجرت جي سفر ۾ بيبي ام ايمن لاءِ آسمان مان سفيد رسي ۾ ٽڏي پاڻي جو دلو لڙڪي پوڻ ۽ سائڻ جو پاڻي پي روزو افطار ڪرڻ.
* ترمذي جي روايت مطابق اصحابي جي خيمي کوڙڻ وقت قبر مان سورة الملک جي تلاوت جو آواز ٻڌڻ.
* امام بيهقي ۽ ابونُعيم جي روايت مطابق سلمان فارسي ۽ ابودرداءِ رضي الله عنهما جي کاڌي کائڻ وقت پيالي مان تسبيح جو آواز ٻڌڻ.
* حاڪم جي روايت مطابق اصحابي سفينہ ﷺ سان جهنگ جي شينهن جو ڪلام ڪرڻ اهڙن واقعن سان ڪتاب ڀريل آهن. جن جو انڪار جاهل ۽ معاند ريءَ ٻيو ڪير نہ ڪندو.

ڪرامتن جا قسم: ولين جي ڪرامتن جا ڪيئي قسم آهن جمڙوڪ:

1. **دعائن جي قبوليت**: اولياءِ ڪرام جا بيشمار اهڙا واقعا مشهور آهن.
2. **مُردن کي جيارڻ**: جيئن محبوب سبحاني رحمة الله عليه جي ڪرامت مشهور آهي.
3. **بدڪارن کي نيڪو ڪار بنائڻ**: جيئن اولياءِ ڪرام لکن کي صالح بنايو.
4. **قبرن وارن سان ڪلام ڪرڻ**: جنهن کي ڪشف القبور سڏبو آهي.
5. **سينن جو راز ٻڌائڻ**: جنهن کي ڪشف الصدور به سڏبو آهي.
6. **پاڻيءَ متان هلڻ**: جيئن بيبي رابعہ بصريہ جو واقعو مشهور آهي.
7. **شين جي هيئت متائڻ**: اهڙا هزارين واقعا اولياءِ ڪرام کان صادر ٿيا آهن.
8. **زمين جا مفاصلا طئي ڪرڻ**: ٿوري وقت ۾ گهٽو مفاصلو طئي ڪرڻ.
9. **جانورن جو ٻالهائڻ**: جيئن حضرت سفينہ ﷺ سان شينهن ٻالهايو هيو.
10. **وڻن ٻوٽن جو سلام ۽ ڪلام ڪرڻ**: امت جي گهٽن ولين سان جمادات ٻالهايو آهي

11. **بيماريون جڏائڻ**: دعا، نگاهه، تعويذ دم ۽ درود وغيره سان مرض جو علاج ڪرڻ.
12. **جانورن جو فرمانبرداري ڪرڻ**: گهٽن ولين کان منقول آهي.
13. **وقت جو انگهائڻ يا ڪُٽائڻ**: جنهن کي طئي زماني پڻ سڏيو ويندو آهي.

اهي زُعماءِ اسلام ۽ علماءِ اعلام جن ڪرامات جي موضوع تي ڪتاب لکيا:

ڪراماتِ اولياءَ جي موضوع تي هزارين ڪتاب لکيا ويا آهن. جن مان ڪن چونڊي جي عالمن ۽ امامن ان موضوع تي مستقل ڪتاب لکيا آهن، ڪن پنهنجي تصانيف ۾ ان موضوع تي باب ٻڌا آهن. اهي عالمَ، علم ۽ عمل ۾ انهن جو نالو ئي سند آهي. جمڙوڪ:

- امام فخر الدين رازي رحمة الله عليه .
- شيخ ابوبڪر باقلاني رحمة الله عليه .
- امام الحرمين رحمة الله عليه .
- ابوبڪر بن فورڪ رحمة الله عليه .
- حُجة الاسلام امام غزالي رحمة الله عليه .
- ناصر الدين قاضي بيضاوي رحمة الله عليه .
- حافظ نسفي رحمة الله عليه .
- تاج الدين سُبڪي رحمة الله عليه .
- ابوبڪر الاشعري رحمة الله عليه .
- ابوالقاسم القُشيري رحمة الله عليه .
- امام نووي الشافعي رحمة الله عليه .
- امام يافعي يمني رحمة الله عليه .
- امام يوسف بن اسماعيل نبهاني. رحمة الله عليه وغيره وغيره.

ڪرامتن جو سبب : الله ڪريم پنهنجي مقبول ۽ محبوب ٻانهن جي هٿان ڪرامتن جو ظهور ڪري انهن جي شان کي ماڻهن اڳيان نروار ۽ نمودار ڪندو آهي. پيو تہ ڪمزور اعتقاد وارن مريدن جو عقيدو مضبوط ٿيندو آهي. انڪري صحابہ ڪرام کان ڪرامتون گهٽ ظاهر ٿيون آهن. ڇو تہ انهن جي دلين ۾ ايمان مضبوط هيو.

انهن جا عقيدا جبل جيڏا مضبوط هيا. امام احمد بن حنبل رحمة الله عليه کان کنهن ماڻهو پڇيو ته صحابہ ڪرام کان ايترين ڪرامتن جو ظهور نہ ٿيو آهي جيترو بعد واري اولياءِ ڪرام کان. ان جو ڇا سبب آهي؟ پاڻ فرمايائين:

أُولئك كان إيمانهم قوياً. فما احتاجوا إلى زيادة شيء يقوون به. وغيرهم كان إيمانهم ضعيفاً لم يبلغوا إيمان أولئك فقووا بإظهار الكرامات لهم. [1]

انهن جا ايمان پُختا هئا، انهن کي اهڙي شيءِ جي ضرورت ئي نہ هئي جنهن سان مزيد انهن جي ايمانن ۾ مضبوطي اچي. انهن کان بعد اچڻ وارن ماڻهن جا ايمان صحابہ جي ايمان جهڙا مضبوط نہ هئا پوءِ (ولين) انهن کي ڪرامتون ڏيکاري ايمانن کي قوي ڪيو.

ڪرامت ۽ استدراج ۾ فرق:

جڏهن ڪنهن صاحبِ شرع ولي الله ۽ صالح ۽ انهي کان اهڙي عجيب ۽ عادت جي خلاف ڳالهہ جو ظهور ٿئي ته ان کي ڪرامت سڏبو آهي. پر اهڙو ماڻهو جيڪو غير مسلم آهي يا بيدين يا گمراهہ آهي. يا سنت ۽ شريعت کان دور گذارڻ وارو آهي ان کان کنهن اهڙي عجيب ڳالهہ جو ظهور ٿئي ته ان کي ڪرامت کو نہ سڏبو آهي، بلڪ اهو شيطاني استدراج آهي. جنهن جي ذريعي ابليس ماڻهن کي گمراهہ ڪندو آهي. جيئن ولي الله کان ڪرامت جو ظهور ٿيندو آهي تيئن اهو الله جي قريب ٿي ويندو آهي ۽ الله جي خوف ۽ خشيت ۾ وڌيڪ ڏجندو آهي. پر صاحبِ استدراج ماڻهو پنهنجي ڳالهہ تي فخر ڪندو آهي. ٻين اڳيان ان ڳالهہ کي فخر سان ظاهر ڪندو آهي. ٻين کي گهٽ ۽ پاڻ کي وڌيڪ سمجهندو آهي. اها ڳالهہ ان کي الله جي قرب کان مزيد پري ڪري ڇڏيندي آهي.

سڀ کان وڏي ڪرامت:

اولياءِ ڪرام وٽ سڀ کان وڏي ڪرامت دين تي استقامت ڪرڻ آهي. پاڻ ۽ دين تي هلي، نبي ڪريم ﷺ جي سنت ۽ شريعت جي پائبندي ڪري ۽ پنهنجي مريدين

---

[1] جامع كرامات الأولياء للشيخ يوسف النبهاني ج 1. ص 20

متعلقين کي به سنت ۽ شريعت تي هلائي صوفياءِ متقدمين توڙي متاخرين وٽ اها سڀ کان وڏي ڪرامت آهي. بزرگن فرمايو آهي ته: الاستقامة فوق الكرامة

استقامت جو درجو ڪرامت کان مٿي آهي.

امام قُشيري رحمة الله عليه **جو قول**: پاڻ فرمايائون:

واعلم أن من أجلِّ الكرامات التي تكون للأولياء دوام التوفيق للطاعات، والحفظ من المعاصي والمخالفات .[1]

۽ جاڻ ته ولين جي سڀ کان وڏي ڪرامت عبادتن جي توفيق تي همیشگي آهي ۽ گناهن ۽ شريعت جي خلاف ڪمن کان بچڻ آهي.

سهل بن عبد الله رحمة الله عليه **جو قول**: پاڻ فرمايائين:

أكبر الكرامات أنْ تُبدّلَ خُلُقاً مذموماً من أخلاق نفسك بخُلق محمود [2]

سڀ کان وڏي ڪرامت پنهنجي نفس جي ڪنهن بري عادت کي سُڌي عادت ۾ متائڻ آهي.

ڪرامتن جو انڪار:

باهتر گمراهه فرقن مان هڪ فرقو معتزلي به آهي. اهي ولين جي ڪرامتن جا انڪاري آهن. اهي ولين جي شان عزت ۽ عظمت جو انڪار ڪندي انهن کي پنهنجي مثل بشر سمجهندا آهن ۽ انهن کان صادر ٿيل ڪرامتن جو انڪار ڪندا آهن. باقي اهل حق، اهلسنت مان ڪنهن به ڪرامتن جو انڪار ڪونه ڪيو آهي.

سمرقندي رحمة الله عليه **جو قول**:

ومن أنكر كرامات الأولياء فهو معتزلي[3]

۽ جنهن ولين جي ڪرامتن جو انڪار ڪيو اهو معتزلي آهي.

---

[1] الرسالة القشيرية ص160

[2] كتاب اللمع للطوسي ص400

[3] تفسير السمرقندي بحر العلوم (1/265)

امام قرطبي رحمة الله عليه جو قول:

كَرَامَاتُ الْأَوْلِيَاءِ ثَابِتَةٌ، عَلَى مَا دَلَّتْ عَلَيْهِ الْأَخْبَارُ الثَّابِتَةُ، وَالْآيَاتُ الْمُتَوَاتِرَةُ وَلَا ينكرها إلا المبتدع الْجَاحِدُ، أَوِ الْفَاسِقُ الْحَائِدُ. [1]

ولين جون ڪرامتون ثابت شده آهن. ان تي ثابت ٿيل حديثون ۽ متواتر آيتون شاهد آهن ۽ انهن جو انڪار بدعتي منڪر يا فاسق تڏيل ڪان سواءِ ٻيو ڪير ڪونہ ڪندو.

امام نووي رحمة الله عليه جو ارشاد:

إثبات كرامات الأولياء وهو مذهب أهل السنة خلافا للمعتزلة وفيه أن كرامات الأولياء قد تقع باختيارهم وطلبهم وهذا هو الصحيح عند أصحابنا المتكلمين [2]

ولين جي ڪرامتن کي مڃڻ اهلسنت جو مذهب آهي معتزلا ان جي خلاف آهن ۽ ان ۾ هيءَ بہ تہ اسان جي علم ڪلام جي علماءَ وٽ صحيح ڳالهہ اها آهي تہ ولين جون ڪرامتون انهن جي اختيار ۽ ان جي ڪُهر تي واقع ٿيندڙيون آهن.

بعض بزرگن چيو آهي تہ ڪرامت ولي جي پنهنجي مرضي سان نہ پر محض الله جي منشاءَ سان ظاهر ٿيندي آهي.

ڪرامت ولايت جو شرط نہ آهي:

ان ڳالهہ تي امت جي علماءَ جو اجماع آهي تہ: "ڪرامت ولايت جي شرطن مان نہ آهي". لازمي نہ آهي تہ هر ولي کان ڪرامت جو ظهور ٿئي. دنيا ۾ لکين اهڙا اولياءَ ٿي گذريا آهن جن کان پوري عمر ۾ هڪ بہ ڪرامت ظاهر نہ ٿي.

ولي ڪرامت کي لڪائيندا آهن:

اولياءِ ڪرام کان جڏهن ڪرامت جو ظهور ٿيندو آهي تہ اهي ان کي لڪائيندا آهن. ڇو تہ ڪرامت ۾ شُهرت آهي ۽ شُهرت ۾ آفت آهي. پر جڏهن کا ديني مصلحت هوندي آهي تہ پوءِ اهي پنهنجي ڪرامت کي ظاهر ڪندا آهن.

---

[1] تفسير القرطبي (28/11)

[2] شرح النووي على مسلم (108/16)

حضرت محبوب الاهي جا مڪاشفات ۽ ڪرامات

قُدوة الاولياء، تاج الاصفياء، حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه الله جي انهن مقبول ۽ محبوب بانهن مان هيا، جن متان مالڪ ڪريم جي خصوصي عنايت هئي. پاڻ پوري زندگي الله جي ذڪر ۽ فڪر ۾ گذاريائون. پوءِ الله ڪريم ڪنهن به نيڪي ڪندڙ جي نيڪي ضايع ڪو نه ڪندو آهي. مالڪ ڪريم سندن گفتار ۾ تاثير رکائي هئي. سندن دعائون مستجاب هيون. پاڻ صاحبِ ڪشف الصدور ۽ صاحبِ ڪشف القبور هيا. هزارين ماڻهو سندن دعائن ۾ نگاهن سان مرادون ماڻي ويا. سندن دعائن سان بي اولادن کي اولاد ٿيا. قيدي قيدن مان آزاد ٿيا. ڦاهي گهاتن تي پهتل به سندن دعائن سان آجا ۽ آزاد ٿي موٽيا. جتي به جنهن گهر ۾ قدم رکيائون اتي برڪت ئي برڪت ٿي وئي. هي عجيب ڳالهه آهي جو لاڙ جي سرزمين تي حضرت جن آمد بعد گئس ۽ تيل جا زبردست ذخيرا دريافت ٿيا ۽ علائقي ۾ گهٽي خوشحالي آئي.

سڀ کان وڏي ڪرامت

حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه کڏهن به ڪرامت جي دعويٰ ڪو نه ڪئي. اگر ڪرامت جو اظهار ٿي به پوندو هيو ان کي لکائيندا هئا. سندن سامهون ڪو ماڻهو سندن ڪرامت بيان ڪندو هيو ته نا پسنديدگي جو اظهار ڪندا هئا.

سندن سڀ کان وڏي ڪرامت هي هئي جو پاڻ لکين انسانن کي سڌاريائون، بي دينن کي ديندار بنايائون. چورن چڪارن کي عابد ، زاهد ۽ نيڪوڪار بنايائون. سنت ۽ شريعت تي خود استقامت سان هليا ۽ ٻين کي هلايائون. پوري دين متين جي خدمت ۾ گذاريائون ايستائين جو خواهن جي ذريعي به ماڻهن کي دين جي تعليم ڏنائون.

خـوابـن ۾ تـبـلـيغ

خليفي مولوي محمد اسماعيل صاحب بيان ڪيو تہ هڪ دفعي فقير قمر الدين ناريجي جي ڳوٺ ٽرڙي محبت ۾ تبليغ لاءِ آيل هيس. رات جو وعظ ڪري پوءِ مان تهجد جا نفل پڙهي ستس. ڏٺم تہ حضرت محبوب الاهي آيا آهن ۽ فرمائن پيا تہ مولوي صاحب تو تہ تهجد پڙهيو پر جماعتين کي چو نہ پڙهايو اٿئي! انهن کي ب پڙهاءِ. اها سنيال چو نہ ٿو ڪرين. پوءِ آءٌ اٽيس سيني کي اٽاري خواب ب ٻڌايم چيم تہ مرشد ڪامل ان کي چئبو آهي جو مريدن جي ديني دنيوي سنيال پيو لهي.

احمد فقير بيان ڪيو تہ هڪ دفعي شعبان جي آخري رات 29 تاريخ آءٌ هڪ هنڌ مهمان هيس. رمضان جي چنڊ بابت ڪا خبر پئجي نہ سگهي. سوچيم پئي تہ روزو رکان يا نہ رکان. ان اوني ۾ سمهي پيس. خواب ۾ ڏٺم تہ حضرت جن آيا آهن فرمائن ٿا تہ فقير رمضان جو چنڊ ڏسجي ويو آهي. اسان روزا رکيا آهن تون ب رک. فقير چيو تہ ننڊ مان اٽيس پيو ڪجهہ ڪاڏي لاءِ نہ هيو پوءِ نيرانو ئي صبح جو نيت ڪري چڏيم. صبح جو خبر پئي تہ واقعي رمضان جو چنڊ ڏسجي چڪو هيو.

فقير محمد موسيٰ ملاح بيان ڪيو تہ حضرت محبوب الاهي جڏهن خانپور ۾ رهائش پذير هئا. تن ڏينهن جي ڳالهہ آهي، هڪ ڏينهن هارپي جي ڪم ڪار جو ٽڪو ماندو هيس طبيعت ب ناساز هئي. عشاء نماز باجماعت سان پڙهي جلدي سمهي پيس. تهجد جو وقت ٿيو تہ ڪنهن مون کي ٻانهن کان ونڊي اٽاريو. مون بلڪل سجاڳي ۾ ڏٺو تہ حضرت محبوب الاهي آهن مون کي فرمائن ٿا فقير اٿي تهجد نماز پڙهہ. ائين ڏسندي سائين جن نظرن کان غائب ٿي ويا. مون تهجد جي نماز ادا ڪئي.

حسي ۽ معنوي ڪرامتون

جيئن تہ ماڻهن ۾ اهو رواج پئجي ويو آهي جو اهي ولايت کي ڪرامتن جي پيماني تي پرکيندا آهن ان ڪري حضرت جن جون ڪجهہ حسي ۽ ڪجهہ معنوي ڪرامتون ۽ سندن ڪجهہ مڪاشفات بيان ڪجن ٿا.

جيڪي چيائون تي ڀيو

فقير محمد عظيم لغاري جيڪو ڪاڇي جي علائقي ٽوڙ جو رهواسي آهي. حضرت جن جي پراڻن ساٿين فقيرن مريدن منجهان آهي. ڪرڪٽ، خيرمحمد ڳوٺ، خانپور ۾ ماتلي تائين حضرت جن وٽ پيار مان پنڌ ڏاڪندڙ آهي. ديس پرديس سفر حضر ۾ ساڻن ساڻي رهيو آهي. ان چيو ته مون پنهنجي عمر سائينجن جي خدمت ۾ گذاري آهي. منهنجو شب و روز جو مشاهدو آهي جو محبوب الاهي رحمة الله عليه جيئن زبان مبارڪ مان لفظ ڪيندا هئا ائين ٿي پوندو هيو. سندن زبان سيف الله (الله جي تلوار) هئي.

هي نينگر مفتي ٿيندو

علامہ مفتي نذير احمد سڪندري زيد مجدہ جيڪي شهر خيرپور ميرس ۾ حضرت سائين حاجي الله آندل نقشبندي قادري مدظلہ جي مدرسي **"مدرسہ عربيہ انوار مجتبيٰ"** ۾ مُدرس ۽ مفتي آهن. پاڻ هن فقير کي ڪافي پيرا روبرو ٻڌايائون ته جڏهن پاڻ ننڍا هئا ۽ ڀَئي شريف لڳ خيرپور ناٿن شاهه جي مدرسي ۾ پڙهندا هئا ته سندن والد گرامي کين هڪ پيري خانپور ۾ حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه جي خدمت ۾ وٺي ويو. سائين جن کي دعا لاءِ چيائين. حضرت محبوب الاهي منهنجي مٿي تي شفقت جا هٿ ڦيرائي فرمايو ته: "هي نينگر مفتي ٿيندو". مون کي ان وقت خبر به نه هئي ته مفتي ڇا ٿيندو آهي؟ پوءِ پڙهيس ۽ الحمد لله جيئن ولي ۽ ڪامل پنهنجي زبان مبارڪ مان فرمايو هيو ائين ئي ٿيو.

صادر ٿيو سو، جيڪي چيائون،
لِسَانُ الفُقَراءِ سَيفُ الرَّحمان، ائين اُتائون،
تني جي آئون، ڪهڙي ڪريان ڳالهڙي.

داروغـي مـان عالم

حضرت جن رحمۃ اللہ عليہ سان بيعت ڪرڻ کان پهريائين مولوي محمد قاسم لنڊ ڪورواهه وارو داروغو هيو. جڏهن سندن صحبت ۾ آيو ته سائينجن دعا ڏنس. "الله ڪندو عالم ٿيندين". پوءِ ڪيس علم پڙهڻ جو شوق ٿيو ۽ استاد العلماء شيخ الحديث علامہ عبدالرحمان نتوي جي مدرسي ۾ پڙهيو ۽ عالم ٿيو. اڄ اهو مدرسو پڙهائي رهيو آهي.

لٽو ڏول ڏيڻ تان

1390هـ جي ڳالهه آهي حضرت جن لاڙ جي سفر ۾ هئا. فقيرن عرض گذاريو ته هتي تر جي زميندار اسان کي گهٽو ستايو آهي. خدارا دعا گهرو ته ان ظالم مان اسان جي جان ڇٽي. ان وقت مٽن جلالي ڪيفيت طاري هئي. پاڻ جوش ۾ اچي فرمايائون:

".....ايندس ڪاهو، لهندو ڏول ڏيڻ تان." الله جي قدرت ٿورن ڏينهن ۾ ان سان ائين ٿيو جيئن حضرت جن زبان مان الفاظ نڪتا هئا.

لفظن جي تاثير

فقير علي شير رام واري بيان ڪيو ته: منهنجو پٽ بي فرمان هيو. نماز به نه پڙهندو هيو. هڪ ڏينهن ان کي وٺي حضرت سائين جن جي اڳيان پيش ڪري دعا لاءِ عرض ڪيم. پاڻ ان نينگر کي نهاري فرمايائون: پٽ! منهنجو مريد ٿيندين يا شيطان جو؟ چوڪري چيو ته سائين جن جو. فرمايائون پوءِ نماز پڙهه اسڪول به وڃ. چيائين هائو سائين. بس ان ڏينهن کان پوءِ ننڍڙي نماز جيئن شروع ڪئي آهي ته هڪ وقت به نه ڇڏيو اٿس پر روئندو آهي ته مونکي تهجد لاءِ به اٺاريو ۽ اسڪول به شوق سان ويندو آهي بناڇوڪ جي.

فراستِ مومنانه

هڪ پيري فقير علي جان ڪمبوهه هن فقير (ڪرم الله) سان هڪ مسئلو بيان ڪيو، چيائين ان بابت حضرت سائين جن کان پڇي ڏيو. مون کيس چيو تون خود ڇو نه ٿو پڇين؟ چيائين مان هيبت جي ڪري سندن اڳيان ڳالهائي نه ٿو سگهان. مون چيو اها حالت مون سان به آهي. سندن پٽ آهيان پر هن وقت آءٌ به ساڻن روبرو پڇڻ جي همت ساري نه ٿو سگهان. کيس چيم ته نه تون بيان ڪر نه آءٌ. هن وقت حضرت جن ٽهري پڙهي مجلس ۾ ويٺا آهن، هلي ٿا ويهي رهون پاڻمي خود مسئلو بيان ڪندا. قسم آهي ان ذات جو جنهن جي هٿ ۾ ڪرم الله جي جان آهي، اسان ٻئي اچي اڃا مس مجلس ۾ ويٺاسين ته حضرت جن مسئلو ئي اهو بيان ڪيو. اسان ٻنهين مٽان گريه جي ڪيفيت طاري ٿي وئي.

برادري جي ورهاست

هڪ شخص بيان ڪيو ته حضرت جن جڏهن خانپور ۾ هئا. مان جميجن جي ڳوٺ ويس ته اتان جي هڪ ماڻهو مون کي پنج سؤ روپيا ڏنا ته هي امانت حضرت جن کي هٿ ۾ ڏجاءِ. جڏهن خانپور پهتس منهنجي نيت بدلجي وئي. سوچيم سائينجن کي ڪهڙي خبر ادائي سؤ پاڻ رکيم ۽ باقي ادائي سؤ سائينجن کي ڏنم. پاڻ منهنجي منهن ۾ ڏسي مُشڪي فرمايائون: "اڏو اڏ ... برادري جي ورهاست سُئي ڪري آيو آهين". پوءِ ڏاڍو شرمسار ٿيس. باقي ادائي سؤ پيش ڪيم. پاڻ اهي پنج ئي سؤ مون کي ڏنائون ۽ فرمايائون: "پٽ امانت ۾ خيانت کو نه ڪبي آهي". پوءِ مون عرض اڇ کان سچي دل سان توبهہ ڪيم.

باخبري

صاحبزاده والا شان حضرت سائين شفيع الله فرمايو ته: هڪ پيري حضرت جن مون کي شهر مان کا شيءِ وٺي اچڻ لاءِ فرمايو. مون ٻاهر نڪري هڪ فقير کي چيو هي شيءِ وٺي اچ. جڏهن وٺي آيو سندن خدمت ۾ کڻي آيس ته پاڻ فرمايائون: "مون توکي چيو تون وٺي اچ يا پين ۾ اعلان ڪندوءَ". حالانڪ نه پاڻ ٻاهر نڪتا هئا نه مون ساڻن ڳالهہ ڪئي هئي.

خواب ۾ ديدار

سليمان فقير بيان ڪيو ته هڪ دفعي آءٌ سخت پريشان هيس. گهر جا پاتي سڀ بيمار ٿي پيا آءٌ خود بہ لاعلاج مريض ٿي پيس. علاج لاءِ پئسو پائي نہ هيو. ان پريشاني جي عالم حضرت مرشد محبوب الاهي کي ياد ڪري سُتس ته خواب ۾ حضرت جن جي زيارت نصيب ٿي. فرمايائون فقير فڪر نہ ڪر. الله جو ذڪر گهٽو ڪر. نيڪي جي رستي تي گامزن ٿيءِ، الله جي مدد پهچڻ واري آهي. صبح جو سڀ بيمار رو بصحت هئا. ٿوري ڏينهن ۾ سڀ پريشانيون لهي ويون.

عجيب کرامت

فقير محمد اسحاق ڀنگر بيان ڪيو تہ 1975ع ۾ مان حضرت سائينجن وٽ ننگر جي ڀني جو هاري هيس. پاڻ ٻنهنجي نفيس اسان سان گڏ ڀنيءَ جو ڪم ڪندا هئا. هڪ دفعي پاڻ ڏاند گاڏيءَ تي سوار ٿي ڀني ڏسڻ لاءِ آيا. تن ڏينهن ۾ مون سندن هڪ عجيب ڪرامت ڏٺي جو اتي هڪ پوڙهو ماڻهو ننگر جي خدمت ڪندو هيو. ان اسان کي پاڻ ٻڌايو تہ مان اکين کان نابينا آهيان. پر جڏهن حضرت سائينجن وٽ اچان ٿو تہ منهنجون اکين روشن ٿي وڃن ٿيون. هر شيءِ ڏسان پسان ٿو وري جڏهن گهر واپس وڃان ٿو تہ اکين کان ڪجهہ ڪو نہ ٿو ڏسان.

لـگن سان لڳل پاڻي

فقير غلام سرور بيان ڪيو تہ حضرت سائينجن اسان وٽ منزل انداز ٿيا. هٿ منهن ڌوتائون. مون ان پاڻي مان ڪجهہ پاڻ وٽ شيشي ۾ وجهي لکائي رکيو. منهنجو خيال هيو تہ هي الله جي ولي جي بدن جي عضون سان لڳل پاڻي آهي. هڪ ماڻهو کي اکين ۾ سخت سور ٿي پيو مون ان پاڻي مان ٻہ ڦڙا ان جي اک ۾ وڌا تہ سور بلڪل ختم ٿي ويس.

عرض جيڪو اڳهي ويو

فقير محمد يوسف بيان ڪيو تہ سخت غريبي جي حالت هيم. گهر ۾ ڪي ٻہ ڪين هيو. مائٽن اها حالت ڏسي چيو تہ پنهنجي پٽن جي اسان کان شادي ڪرائي وٺ. مون چيو تہ ادا هينئر تہ مون وٽ ڪجهہ ناهي جڏهن ڪجهہ رقم ٿيندي پوءِ شادي ڪرائيندس. آخر تنگ ڪيائون تہ سگ وٺ نہ تہ اسان ٻڌي هنڌ مٽي ٽا ڪيون. پوءِ ان پريشاني جي حال ۾ رات جو حضرت محبوب الاهي جي صورت جو تصور ڪري مراقبو ڪري عرض ڪيم تہ مرشد اڄ مدد جي ضرورت آهي. رات جو آرامي ٿيس صبح جي نماز لاءِ جيئن ئي ٻاهر نڪتس تہ هڪ شخص جنهن ۾ نہ اميد نہ آسرو هيو ان اڇي پنج سو 500 روپيا ڏنا. پوءِ مائٽن کي تمام ٿورن ڏينهن جي تاريخ ڏنم انهن جا پئسا زميندارن وٽ پيا هيا. انهن کي پئسا نہ مليا سخت پريشان ٿيا. آخرڪار شادي کان هڪ ڏينهن اڳ ڏيگو کپائي ان مان خرچ ڪيائون.

کشف القبور

هڪ ڏينهن پاڻ هڪ عجيب ڳالهه بيان ڪيائون ته جڏهن پاڻ ڪُرڪٽ ۾ قيام پذير هئا. اتي مسجد سان لڳ بيگن شاهه جو مقام آهي. فرمايائون تهجد بعد هر روز مراقبو ڪندو هيس. هڪ دفعي اهل قبور جو راز ڪلي پيو. عجب اسرار نظر آيو. هڪ طرف سُرخ ۽ سايون محلاتون هيون پئي طرف دونهون. ان دونهين واري پاسي هزارين ماڻهو هيا جيڪي صورت ۾ ڪارائيل هيبت ۾ هراسيل غم اندر ۾ گهايل هيا. حقيقت معلوم ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌيس ته مٿي کي چڪر اچڻ لڳا. پوءِ حسين جميل ماڙين ڏاڪن ويس جيڪي ڳاڙهي رنگ جون هيون. هڪ محلات ۾ داخل ٿي ڏٺم ته وچئون واٽ ٻاهر تائين آهي ڪاپي ساڄي ڏاڪ ڏاڪ ڪمرا آهن ۽ انهن جا دروازا ڪليل آهن. هر هڪ ڪمري ڏي نظر ڪندو ويس ته انهن صفن ۾ ڏاڪ ڏاڪ ماڻهو با فرحت وينا آهن تن مان هڪ شخص مون ڏي ڏسي چيو ته سائين هت ڪيئن آيا آهيو؟ پڇيم ته هي ڪنهن جون جايون آهن ۽ ڪمرو ملڪ آهي. تڏهن ان شخص چيو ته هي عالم برزخ آهي. هي جيڪو ڳاڙهو محل آهي اهو شهيدن جو مسڪن آهي ۽ جيڪي ڪارا ماڻهو ڏٺئي، اهي عذابي آهن. هن وقت هنن تي عذاب ڪونهي. اهي دوزخ جي هواڙ ڪان بيهوش بدحواس ٿي ويا آهن. اڳتي هليس ته اهڙيون ماڙيون نظر آيون جو مون دنيا ۾ ان جهڙيون ڪڏهن نه ڏٺيون. اتي هڪ نينگر ڏٺم ان چيو ته آءٌ بلا جو ڪاڏل شهيد آهيان. منهنجو نياپو پنهنجي پاءُ واحد بخش ڪي ڏجو، ائين چئجوس ته منهنجي "ڪَهُ ء جي لڪ" واه جو پهچائي اٽئي! هلندي هلندي وري اهڙي جڳهه تي پهتس جتي باهه جا ڪرٽ مجرم ماڻهن تي هلائجي رهيا هئا. اهو ڏسي مون کي ڏاڍو هراس ۽ خوف ٿيو مگر پڇڻ تي ٻڌايو ويو هي اهي آهن، جيڪي زنا ڪار ۽ بدڪردار هئا. پوءِ ان دهشت ڪان هوشيار ٿي ويس ڏسان ته مان مراقبي ۾ آهيان منهنجو ته اوڏانهن خيال ٻه نه هو. از خود ڪشف قبور ٿي ويو پوءِ واحد بخش ڪان پڇيم ته توڙ ڪا ڪموءِ جي ڪائي جي لڪ آهي ڇا؟ چيائين هائو ڪلر ڳوٺ جو ڪوسو منهنجو دوست هيو مون ان جي لڪ آندي هئي، پر ٻه ٿي مهينا ٿيندا جو ان ويچاري کي نانگ ڪاڏو مري ويو آهي. مون چيو اها پرائي امانت وڃي ان جي وارثن کي پهچاءِ، ان گهُر ڪئي آهي.

اڈيرو لال جي دعوت

حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه هڪ پيري تبليغي سفر ۾ هئا. شهداد پور کان ٽنڊو جام اچي رهيا هئا. ان سفر ۾ خليفو محمد حسين، خليفو محمد صديق وغيره به ساڻ هئا. سوزوڪي ۾ پاڻ اڳيان ويٺل هئا ڊرائيور ۽ سندن وچ ۾ هي فقير ناچيز ڪرم الله ويٺل هيو. سندن جسم شريف سان منهنجو جسم ملي رهيو هيو. دل زور زور سان الله الله پڪاري رهي هئي. سبحان الله اها ڪيفيت به ڇا ڪيفيت هئي. اهو سفر به ڇا سفر هيو!!! سوزوڪي اڈيرو لال جي درگاهه کان گذري ڇڇ پنڌ اڳتي نڪري آئي پاڻ ڊرائيور کي حڪم فرمايائون ته واپس هل. درگاهه تي هلنداسين. پوءِ پاڻ مزار تي آيا اتي ڪافي دير مراقبو ڪيائون. پوءِ دعا گهريائون پوءِ ٻاهر نڪتا دربار جي ٻئي طرف هندن جي پوجا جي جاءِ آهي. چو ته هندن جو چوڻ آهي ته اڈيرو لعل هندو هو. مسلمانن جو چوڻ آهي مسلمان هو. پوءِ پاڻ پوري دربار حجرا مسافر خانا گهميا. هندن وارو حصو به ڏٺائون جتي بزرگ سان منسوب هڪ ٿوٽو به رکيل هيو ۽ پيرن جون چاکڙيون به رکيل هيون. پوءِ وري واپس سوزوڪي ۾ سوار ٿيا. پوءِ جڏهن ٽنڊي جام پهتاسين ته هن فقير عرض ڪيو ته سائين اڈيرو لال جي شهر کان اڳتي نڪري آياسين پوءِ اوهان وري واپس موٽي هليا ان جو ڇا سبب هيو؟ پوءِ پاڻ فرمايائون ته جڏهن اتان لنگهياسين ته ڏٺوسين حضرت اڈيرو لال رحمة الله عليه مزار مان نڪتو اسان ڏانهن نهاري رهيو هيو ۽ درگاهه تي اچڻ لاءِ سڏي رهيو هيو. ان ڪري گاڏي ڪي واپس ڪري هلياسين. بزرگ وڏي ڪمال وارو نظر آيو.

دعا جي تکڙي اجابت

فقير غلام سرور بيان ڪيو منهنجي ماءُ نماز نه پڙهندي هئي. سائينجن عرض ڪيم ته منهنجي امڙ جي لاءِ اهڙي دعا گهرو جهڙي دعا حبيب ڪريم ﷺ سيدنا ابوهريره رضي الله عنه جي امڙ لاءِ گهري هئي. پاڻ دعا لاءِ هٿ کنيائون ان بعد الله جي فضل سان منهنجي والده ڪڏهن به نماز نه چڏي بلڪ تهجد جي پڪي پڙهندڙ بنجي وئي.

دعائن جي قبوليت

الله پنهنجي دوستن جون دعائون رد ڪو نه ڪندو آهي. الله وارن جا هٿ ڪڏهن آهن ته تقديرون تبديل ٿي ويندين آهن. ولين جي دعائن سان بادشاهه بادشاهيون ڪري ويا. نياڳا به سياڳا ٿي ويا. صحيح بخاري ۾ آهي ته : جڏهن الله جو مقرب ٻانهو الله کان ڪا شيءِ گهري ٿو ته رب فرمايو ته : وَاِنْ سَاَلَنِي لَاُعْطِيَنَّهُ ①

۽ جيڪڏهن مون کان گهرندو ته مان ان کي ضرور عطا ڪندس .

حضرت محبوب الاهي مُستَجَابُ الدَّعواتِ هئا. جڏهن به هٿ کڻي دعا گهرندا هئا ته الله ائين ڪري ڏيندو هيو. اڄ ٽيڻا ڪم سندن دعا سان ٿي پوندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن ائين به ڏٺوسين ته پاڻ هٿ کڻي دعا نه گهريائون رڳو زبان مبارڪ مان جي لفظ ڪيرائون بس ائين ٿي ويو . ڪڏهن ڪنهن تي راضي ٿيا ته ان کي آڏي ڇڏيائون .

هڪ شخص سندن حضور ۾ عرض ڪيو ته سائين منهنجي حق ۾ دعا گهرو. پاڻ فرمايائون ته ادا هائو مون کي الله تعالىٰ پيدا ئي دعائن گهرڻ لاءِ ڪيو آهي.

الله وٽ سفارش

فقير يار محمد بيد واري بيان ڪيو ته ڪنب ڳوٺ جي هڪ شخص سندن خدمت ۾ عرض ڪيو سائين منهنجي مينهن چوري ٿي وئي آهي. وڏيري امير بخش کي سفارش ڪيو ته منهنجي مينهن واپس موٽرائي ڏئي. فرمايائون آءٌ ان وڏيري کي ڪو نه چوندس. باقي منهنجو رب مون کي سڃاڻي مان ان کي سڃاڻان. چوين ته الله وٽ تنهنجي سفارش ڪيان. ان چيو سائين بس رب وٽ منهنجي سفارش ڪيو. پوءِ پاڻ دعا لاءِ هٿ کنيائون. وڏي نيازمندي سان دعا گهري سائل کي تسلي ڏنائون. پريشان نه ٿيءُ تنهنجو ڪم ٿي ويندو. ٻئي ڏينهن اهو ساڳيو ماڻهو خوش موٽي آيو ۽ عرض ڪيائين ته سائين توهان جي دعا سان چور منهنجي مينهن رات جو ساڳئي جاءِ تي اچي ٻڌي ويا جتان ڪاهي ويا هيا.

---

① صحيح البخاري (8/105) مسند البزار البحر الزخار (15/270) شرح السنة للبغوي (5/19)

قاسي گهات تان واپسي

فقير گل محمد قمبراڻي ڳوٺ ميراول جو رهندڙ آهي. انکي هڪ زميندار ناحق خون جي کيس ۾ جملايو. پوءِ سب جج وٽ اٺ مهينا کيس هليو وري سيشن کورٽ ۾ ٻه ٽي مهينا کيس هليو 25 فبروري 1969ع ۾ موت جي سزا مليس. ۽ دادو مان ڪٽائي حيدر آباد جيل ۾ آندائونس. ان دوران حضرت سائين جن کي خط ڪتابت ڪندو رهندو هيو. پاڻ ان کي هردم دلاسا ڏيندا رهندا هئا. پوءِ جڏهن سينٽرل جيل حيدرآباد ۾ آيو. نهايت مايوسي ۽ ڏک مان هڪ خط لکيائين ته سائين توهانجي دعائن جو هي اثر نڪتو آهي جو قاهي گهات جي کال کونڙي ۾ اچي پهتو آهيان. ان خط جي جواب ۾ پاڻ هن طرح لکيائونس ته: فقير چو سست ٿيو آهين هي تنهنجي آزمائش ۽ امتحان آهي. اسان جا هٿ تو ۾ مضبوط پيل آهن. کابو ڇڏيتي نه ڪر. قاهي گهات مان ڪيڻ ۾ ٻه رب وٽ دير نه لڳندي. اهو وقت ايندو جو تون پاڻ چوندين ته چگو ٿيو جو ائين ٿيو. جڏهن هي خط پهتس ته چيائين ته آءٌ سوچڻ لڳس ته آءٌ قاهي گهات ۾ آهيان ۽ پاڻ لکن ٿا ته تون چوندين ته چگو ٿيو جو ائين ٿيو هي چا آهي؟ پوءِ قدرت خدا جي کورٽ اسان کي کيس مان باعزت بري ڪري ڪيڻيو. جڏهن آزاد ٿي آيس ته خدا جو قسم اهڙا اسباب پيدا ٿيا جو چيم ته چگو ٿيو جو ائين ٿيو. اهي لفظ جيڪي سائينجن لکيا هئا. سچا ثابت ٿيا. اهڙي طرح قاهي گهاٽن مان ٻه سندن دعائن سان آزادي ملندي هئي.

سفيد پوش

علي شير فقير بيان ڪيو اسان جون چار ڳئون چور ڪاهي ويا پوءِ اهي هڪ نامي گرامي چور ۽ پاٽاريدار وٽ ڇڏيائون. رات جو ان پاٽاريدار هڪ شخص سفيد پوش (اڇي لباس وارو) ڏٺو. ان چيس ته هي ڳئون اسان جون آهن ڇو جهليون اٿئي. پوءِ ان تي اهڙو حراس پيو جو صبح جو سويل چارئي ڳئون اڇي فقيرن وٽ ڇڏي ويو. پوءِ جڏهن سائينجن وٽ پهتس ته مشڪي فرمايائون فقير ڳئون مليون يا نه؟ مون چيو هائو سائين ملي ويون.

باعزت بري ٿي اچڻ

هڪ شخص حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه جن جي خدمت ۾ عرض ڪيو ته سائين منهنجي پٽ کي بي گناهه وڏيرن خون جي ڪيس ۾ جَهلايو آهي. پاڻ فرمايائون ته تنهنجو پٽ واقعي بہ ڏوهي ناهي. ان شخص قسم کٽي چيو ته سائين منهنجو پٽ ڏوهي ناهي. پوءِ پاڻ دعا جا هٿ کنيائون. گهٽي دير تائين دعا گهرندا رهيا سندن اکين مان لڙڪ جاري ٿي ويا. دعا بعد سائل کي فرمايائون تون کو بہ فڪر نہ ڪر تنهنجو پٽ آزاد ٿي ايندو. ٻئي ڏينهن جڏهن شنوائي تي ويا ته فريادي ڏر جج اڳيان چيو ته هي ماڻهو (سائل جو پٽ) اسان جي ڏوهه جو ڏوهي نہ آهي. ان کي بري ڪيو وڃي. جج صاحب ان کي چيو ته بابا هيترو ڪيس هلي چڪو آهي هاڻي تنهنجو ڪمزو دماغ خراب ٿيو آهي جو هٿ سان لاش ٿو لوڙهين. وڪيل کي چيائين ته هن کي ونڊي وڃي سمجهايوس پر مدعي چيو ته ڪيس لڙهي ته پلي لڙهي پر هي منهنجي ڏوهه جو ڏوهي ناهي. آخر ڪورٽ سڳوري ان جو نالو خون جي ڪيس مان ڪڍيو ۽ نوجوان باعزت بري ٿي آيو. ٽن چئن ڏينهن بعد سائل ان پٽ سوڏو خدمت ۾ آيو ۽ ساري ماجرا بيان ڪري ٻڌايائين پاڻ نهايت خوش ٿيا. ان کي نماز جو تاڪيد ڪيائون.

مراقبي ۾ مهرباني

فقير محمد عيسيٰ روداڻي بيان ڪيو ته هڪ دفعي سندن ڏاڇيون گم ٿي ويون. ٽي ڏينهن گذري ويا گهٽي تلاش جي باوجود بہ نہ مليون. سندس پيءُ سخت ناراض ٿيو ته چوڻ لڳو اوهان ملان ٿي ويا آهيو، ڪم ڪار گهر ۾ جي نہ تا ڪيو. رڳو پير پير زبان تي اٿو. اوهان جي چورن چڪارن سان ياري هجي ها ته ڏاڇيون هٿ اچي وڃن ها. بابا جون اهي ڳالهيون ٻڌي آءٌ مراقبي ۾ ويهي رهيس. منهن مٿان ڪپڑو هيو، ڇا ٿو ڏسان ته حضرت جن آيا آهن ۽ ڏاڇين جون مهارون منهنجي هٿ ۾ ڏنائون ۽ فرمايائون ته فقير کو بہ فڪر نہ ڪر هي پنهنجون ڏاڇيون وٺ. صبح ٿيو هڪ وڏي نامي گرامي چور پيغام موڪليو ته فقير تنهنجيون ڏاڇيون اسان وٽ آهن ڪاهي وڃ.

ڏانـــدن جـو جوڙو

هڪ دفعي پاڻ ڪاڇي جي سفر ۾ هئا. جيڪو دادو ضلعي جو المندو ڪنارو آهي ۽ ڪيرٿر جبلن جي قطار تائين ڦهليل آهي. پاڻ جڏهن ڳوٺ قاسم رودناٽي ۾ پهتا. رات جو وعظ تقرير ۾ فرمايائون. ساري ڳوٺ جا ماڻهو سندن رس پرئي گفتار ٻڌڻ ۾ مصروف رهيا. پويان گهر خالي هئا. موقعي جو فائدو ونڊي چور آيا سو هڪ فقير جو ڏاندن جو جوڙو ڪاهي روانا ٿي ويا. صبح جو فقيرن اها حقيقت سندن حضور ۾ عرض ڪئي. ان وقت پاڻ دعا جا هٿ کنيائون پوءِ فرمايائون فقيرو فڪر نہ ڪيو اوهان جا ڏاند ضرور اوهان ڏانهن موٽي ايندا. پاڻ روانا ٿي ويا. ڏاندن کي چور واڌين ۾ قابو ڪيون ڪاهيون پئي ويا سي زوري ڇڻائي ڳوٺ اچي پهتا. پاڻ اڃا ڪجهه پنڌ هليا هئا تہ فقير ڊوڙندي اچي کين خوشخبري ٻڌائي پاڻ نهايت خوش ٿيا.

اجڙيل گهر جي آبادي

هڪ پيري حضرت جن ريل گاڏي جي سفر ۾ هئا. جڏهن ماتلي اسٽيشن تي آيا تہ فقيرن کي سندن آمد جو اڳواٽ اطلاع مليو هيو سي سندن زيارت لاءِ اسٽيشن تي ملڻ آيا. انهن سان گڏ هڪ ماڻهو هيو. جنهن حضرت جن کي ڏسي رڙ ڪئي: "او سائين ! منهنجي رن رُلي وئي. ٻچا ٻاکارن ٿا. گهر اُجڙي ويو. الله جو ولي آهين. مون لاءِ ڪا دعا گهر تہ منهنجي مشڪل آسان ٿئي. پاڻ ان جي حق ۾ دعا گهريائون. پاڻ ڏهه ڏينهن جو لاڙ جو سفر ڪري وري جڏهن ماتلي اسٽيشن تي آيا تہ اهو ماڻهو جماعت جي فقيرن سان گڏجي آيو. چيائين سائين لک ٿورا. منهنجي زال موٽي آئي آهي. گهر آباد ٿي ويو آهي. اسان پاڻ ۾ هاٿي ائين آهيون جيئن ليلئ مجنون. پاڻ ان کي تنبيهه ڪندي فرمايائون الله جو شڪر ڪر جنهن تنهنجو ڏتل گهر آباد ڪيو آهي. تون ہ ان مالڪ سائين جو گهر آباد ڪر. نماز هر گز نہ چڏيندو ڪر. ڏاڙهي نہ ڪوڙاءِ فاسق نہ ٿي متان رب وري نہ رسي وڃئي. حضرت جن جي ان نصيحت تي زار زار رنو ۾ توبهه تائب ٿيو. سندن اها ڪرامت ڏسي ماتلي جا ڪيترا ماڻهو طريقي ۾ اچي داخل ٿيا ۽ توبهه تائب ٿيا.

تنگدستي ختم ٿي وئي

فقير محمد اشرف بيان ڪيو تہ فقير ٽيڻ بعد هڪ وقت آيو جو ڏاڍي تنگي ۾ تنگدستي اچي وئي. ماڻهو مِٺا ڏيڻ لڳا، دوست ڪِلڻ لڳا. مون اچي سندن حضور ۾ احوال اوريو. پاڻ ليٽيل هئا ۽ اٿي وينا هٿ مبارڪ مٿي ڪٽي دعا گهريائون. پوءِ فرمايائون تو کي اهڙي شيءِ ڏيون ٿا وجون جو تنهنجا مائٽ ۽ ريسون ڪندا. هاٿي اهي ڏينهن هي ڏينهن منهنجي مائٽن وٽ اهو مال نہ آهي جيڪو مون وٽ آهي.

ستن مان ستهتر

فقير ڪريم بخش ڪوسي بيان ڪيو تہ هڪ دفعي حضرت جن لاڙ جي سفر لاءِ ٽي نڪتا. مون کي ۽ سفر ۾ هلڻ لاءِ فرمايائون. ان وقت مون وٽ گهر ۾ صرف ست رپيا رکيل هئا. ان کان وڌيڪ ڪجهہ ۽ نہ هيو. وڃڻ ۽ لازم هيو. هڪ ماڻهو کان پئسا اڌارا گهريم. ان چيو تہ توهان فقير ۽ سوال ٿا ڪيو؟ ٻين کي منع ٿا ڪيو. آخر نا اميد ٿي واپس موٽيس. رات جو تهجد نماز پڙهي دعا گهريم. صبح جو فقيرياڻي کي چيم ڪُپڙي ۾ ست رپيا رکيل اٿئي اهي ڪٽي ڏي. فقيرياڻي ڪُپڙي ۾ هٿ وجهي پيسا ڪڍيا تہ ست جي بجاءِ ستهتر روپيا رکيل هئا. مون ان کي فتوحات غيبي سمجهيو ۽ حضرت سائين سان سفر ۾ ويس. سفر جو ڪرايو وغيرہ ۽ ٽيو ۽ گهر جو خرچ ۽ ٽي ويو.

برڪتون ئي برڪتون

نصير فقير لغاري بيان ڪيو تہ حضرت سائينجن جي مريد ٽيڻ کان اڳ منهنجي گهر ۾ برڪت نہ هئي. نہ پيسي ۾ برڪت نہ ان ۾ برڪت. پريشان گذاريندو هيس. پوءِ جڏهن سندن بيعت ڪري مريد بنجي آيس تہ منهنجي هر شيءِ ۾ غيبي برڪت نظر اچڻ لڳي. ايستائين جو منهنجي گهر ۾ ان رکڻ لاءِ هڪ گندڙو هيو ان ۾ چانور رکندو هيس تہ هڪ مهينو مس هلندا هئا. پر جڏهن مريد ٿي آيس تہ اهو ساڳيو گندڙو پورا چار مهينا هليو ۽ نوان ان ۾ لهي ويا. وري جو ڪولي ڏٺم تہ اڌ اڌ هيو پوءِ ان کي پيهائي آيس نوان چانور کائڻ لاءِ رکيم هي برڪت سندن سبهان هئي.

بيمارن کي شفا

فقير محمد اشرف کوکر بيان ڪيو تہ منهنجو نندڙو پٽ سخت بيمار ٿي پيو. ٻچڻ جو حال نہ هيس رات جو رُڪندي مرشدن کي سڏيندي سمهي پيس. منهنجي گهرواري کي نند نہ هئي نندڙي کي جهولي ۾ ڪنيون ويٺي هئي. رات جو اچانڪ روئندي رڙ ڪري مون کي چيائين اتي منهنجا مرشد محبوب الاهي آيا آهن، فرمائن ٿا تہ پريشان نہ ٿيو ٻچڙو خوش آهي. مان اتي باهر نماريو مون کي ڪجهہ نظر نہ آيو پر فقيرياڻي چيو تہ مون ظاهر ظهور کين ڏٺو آهي. صبح جو ٻچڙي ۾ بہ تندرستي جا نشان نروار ٿيا. الحمدلله چند ڏينهن ۾ بلڪل ٺيڪ ٿي ويو.

فقير علي شير رام واري بيان ڪيو تہ سندس گهر واريءَ جي طبيعت تمام گهٽي خراب هئي. خيرپور ناٿن شاهہ جي سيني ڊاڪٽرن جواب ڏئي ڇڏيو. چيائون هن جو پٽو خراب ٿي ويو آهي، جامشوري اسپتال ۾ آپريشن ڪرائي پٽو ڪيرايو نہ تہ هن جي زندگي خطري ۾ آهي. جامشوري جي تياري ڪئي سين. فقيرياڻي رات تهجد پڙهي روئي دعا گهري ستي. ان سال حضرت سائينجن حج تي ويل هيا. خواب ۾ ڏنائين تہ پاڻ اچي ويا ۽ فرمايائون تہ فقيرياڻي تنهنجي حق ۾ دعا گهري الله کان تو کي شفا ونڻي اٺئون. جيئن سجاڳ ٿي تہ بلڪل صحتمند هئي. وري ڪڏهن کيس اها تڪليف نہ ٿي.

عجيب ڪرامت

فقير محمد هارون ڪائياواڙي ماتلي جي واپارين مان آهي. جمعہ جمعہ تي حضرت جن جي مجلس ۾ اچي شريڪ ٿيندو هيو. ڪڏهن پنهنجن نندڙن ٻارن کي بہ ساڻ ونڻي ايندو هيو. ان بيان ڪيو تہ سندس چار سالن جو نندو چوڪرو بہ ماڙ جاءِ تان هيٺ ڪري پيو. ان کي نہ کو ڏڪ لڳو نہ ڦٽ ٿيو بلڪہ رت جو ڦڙو بہ نہ نڪتو. ڪِرڻ بعد چوڪرو اٿي هلڻ لڳو. حالانڪ هيٺان پڪو فرش پڌل هيو. پوءِ چوڪري پڌايو تہ : بابا چينل وارو سائين جنهن وٽ هلندا آهيون، جيڏي مهل مان ڪِريس تہ ان اچي مون کي پاڪر ۾ جهلي هيٺ رکيو ان ڪري مون کي ڪا بہ تڪليف ڪانہ ٿي.

ماتلي ۾ منھنجو طبيب

فقير محمد حسين ڪائياواڙي تنبي محمد خان واري بيان ڪيو تہ ھڪ دفعي ڪيس پٽري جو آرزو ٿي پيو . حضرت جن ڪان اچي دعا گھرايم ۽ ڀيٽو رکايم ۽ ڀئي ڏينھن بغير دوا درمل جي پٽري پيشاب ذريعي باھر نڪري ڀئي. مزيد ٻڌايائين تہ ھڪ وقت ۾ ڪيس موڪن جو موذي مرض لاحق ٿي پيو وري ب حضرت سائين جن ڪان ڀيٽو رکرايائين الله جي فضل سان موڪا بلڪل ختم ٿي ويا. پوءِ ان فقير کي يا ان جي اولاد کي ڪوب مٿي ۾ يا پيٽ ۾ يا ڪٽي ڏندن ۾ ب سور پوندو ھيو تہ بجاءِ ڊاڪٽر يا طبيب وٽ وڃڻ جي سڌو حضرت جن جي خدمت ۾ ايندو ھيو. دم درود ڪرائڻ سان ان کي شفا ملي ويندي ھئي. ماڻھو چوندا ھيس تہ ڊاڪٽر وٽ وڃ تہ چوندو ھو تہ ماتلي ۾ منھنجو طبيب آھي. وفات وقت پٽن کي نصيحت ڪيائين تہ منھنجي مرشد جو در شفا جو در اٿوَ، ان کي ھرگز نہ ڇڏجو. الحمد لله سندس نو پٽ آھن سي اڄ ب سندن دربار جا سلامي آھن.

پڑھيل پاٽيءَ جا ڇنڊا

فقير غلام سرور بيان ڪيو تہ اسان جي ڳوٺ ۾ ھڪ ڇوڪرو ھئي اھا اکين کان بلڪل انڌي ٿي پئي. حضرت سائين جن جڏھن تبليغي دوري تي آيا تہ فقيرن ڇوڪرو جي معذوري بابت عرض ڪيو. پاڻ پاٽي جو گلاس طلب ڪيائون پاٽي تي دم ڪري چيائون اھو پاٽي ڇوڪرو کي اکين تي ڇنڊا ھڻو. ڇنڊا ھنيائون ان مھل ئي ڇوڪرو کي بصارت ملي وئي. ڇوڪرو اکين سان ڏسڻ لڳي.

لاعلاج جو ڪامياب علاج

فقيرعبد القادر بيان ڪيو تہ ھڪ فقير جو پٽ لاعلاج بيمار ھيو. حضرت جن وٽ ڪٽائي آيس. پيءُ روئي رھيو ھيو. نينگري جي بچڻ جي اميد نہ ھئي. ان جي ھيٽي حال تي حضرت جن کي رحم اچي ويو. فرمايائون غم نہ ڪر تنھنجو پٽ ٺيڪ آھي. اتي ٽي ڏينھن رھايائونس ۽ دم ڪندا رھيا تانجو چوڪرو بلڪل صحتمند ٿي موٽيو.

اکيون روشن ٿي ويون

نصير فقير لغاري بيان ڪيو تہ مون کي اکين ۾ شب ڪوري رهندي هئي. پوءِ علاج ۽ ڪرايم مگر فائدو نہ ٿيو. هڪ دفعي حضرت جن حاجي صدر فقير جي دعوت تي ڳوٺ ريجهپور ۾ آيا. اتي منجهند جو مسجد شريف ۾ آرامي هيا آءٌ اچي پنهنجون اکيون سائينجن جي قدمن مبارڪن سان رلائي سمهي پيس. پاڻ جڏهن جاڳيا مون کي پيرن ۾ ڏسي پاڻ پير مبارڪ ٻئي طرف ڪري وري آرامي ٿي ويا. آءٌ جو اٿيس تہ سندن قدم ٻئي طرف هٿا وري ۽ سندن قدمن سان اکيون رلائي سمهي پيس. بس ان ڏينهن کان منهنجون اکيون بلڪل روشن ٿي ويون ان بعد وري اڄ تائين مون کي شب ڪوري جي شڪايت نہ ٿي آهي. (فقير ڪرم الله عرض ٿو ڪري تہ : اڄ 2 مئي 2008 تي ۽ نصير فقير الحمد لله زنده آهي، سندس بقول سندس عمر (125 سال) سوا سو سال آهي پر اڄ ۽ بنا چشمي جي اخبار پڙهي ويندو آهي. اها مرشد ڪريم جي زنده ڪرامت آهي)

مـــجـــرن کان نـــجات

هڪ دفعي ماتلي ۾ مڇر گهٽا ٿي پيا. ماڻهن جي رات جي ننڊ آرام برباد ٿي ويو. هڪ رات پاڻ مڇرن کي مخاطب ٿي فرمايائون :"اي مڇرئو اسان مسڪينن اوهان جو ڪهڙو ڏوهہ ڪيو آهي؟ اوهان کي تہ نمرودي لشڪر لاءِ موڪليو ويو هيو، اسان محمدين کي اوهان چو تنگ ڪيو آهي". سندن ايتري چوڻ بعد مڇر بلڪل ختم ٿي ويا. پورو سال مڇرن جو ڀڻڪو نہ ٻڌوسين.

پـــريـــءَ جـا پيزار

ڪاڇي ۾ قاسم رودناڻي جو پورو ڳوٺ سندن مريد ۽ محبت ڪيش آهي. فقيرن ٻڌايو تہ انهن وٽ حضرت جن جي پراڻي جتي مبارڪ رکيل آهي. جڏهن ۽ ڪنهن کي بخار متي ۾ سور پيٽ ۾ سور وغيره ٿيندو آهي تہ سور واري جاءِ تي اها جتي مبارڪ لڳائيندا آهن تہ الله جي فضل سان ان محل ئي سور پرا ختم ٿي ويندا آهن.

بادل برسڻ آئيا

هڪ دفعي حضرت جن ڪاڇي جي علائقي ۾ تبليغي سفر ۾ نڪتل هئا. هڪ فقير اچي عرض ڪيو: سائين اسان جو ٻنو آهي جنهن ۾ پندرهن خرار ڪن جوار ٽيندي، سو سُڪي رهيو آهي. دعا گهرو تہ بارش وسي. پاڻ دعا گهرائون. ان رات ئي بادل برسيا تڙ تراٽيون پرجي ويون فقير جو ٻنو تہ پريو پر سيني جي سڌائي ٽي وئي.

ماتليءَ تي مينهن اُنا

دربار فضل آباد جي پر ۾ چينل جي پرسان ننگر جي ٻني ۾ سارين جو رونبو ٽي ڇڪو هيو. پاٽي جي اٽاڻ ٽي پئي. هاري اچي عرض ڪيو حضرتا ننگر جي ٻني سُڪي رهي آهي. پاڻ دعا جا هٿ کٹي چيائون: "اي الله اسانجي ٻني پيري ڏي". آسمان تي ان وقت ڪا ککري ب ڪانہ هئي. شام ٽيندي وئي ۽ ڪاڏهون ککر اچي ويا ۽ خوب بارش اُني. ننگر جي ٻني تہ پرجي وئي پر پوري ماتليءَ مضافات متان رحمت جا بادل برسي ويا.

ماتليءَ تي مينهن اُنا،
سانگي منهنجا سَرها ٿيا،
ٿيا ڪرمي ڪُلئي ڪَنا.

وسي وسي مينهن سيئي پَتَ پُسائيا: فقير محمد عثمان لغاري بيان ڪيو تہ هڪ پيري حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه اسان جي اگهڙ آيل هئا. سندن آمد سان اسان جا اگهڙ اجرا ٽي ويا. منهنجو هڪ پنجيتاليهہ جريبن جو جوئر جو ٻنو هيو. پاٽي نہ هئڻ سبب فصل سُڪي رهيو هيو. فقير عبدالواحد سندن حضور ۾ عرض ڪيو تہ حضرتا عثمان فقير جو ٻنو سُڪي رهيو آهي. ان مان هاٽي تہ هڪ پاڻي آنَ جي ب اميد نہ ٽي نظر اچي. اوهان دعا فرمايو تہ رب بارش برسائي. پاڻ دعا لاءِ هٿ کنيائون اهو ظهر جو وقت هيو. جڏهن ٽهپري قريب ٽي تہ اتر کان جمڙ جون ککريون نظر آيون. مان ب کوڙ ڪلهي تي کٹي ٻني تي پهتس تہ بارش ب وسڻ لڳي ۽ گاج جو پاٽي ب ڪڙڪاٽ ڪري اچي پهتو. منهنجو ٻنو تہ پريو پر اوڙو پاڙو ب آباد ٽي ويو. ان ٻَني منجهان تيرهن خرار ان لٹو.

تازو پاٹي

امداد علي فقير لغاري بيان کيو ته هڪ پيري حضرت جن اسان جي ڳوٺ آيل هئا. ان وقت پاٽيءَ جي سخت اٽاٽ هئي. ڳوٺ جي ٻاهران تلائن ۾ ٿورو ٿورو پاٽي وڃي بچيو هيو جيڪو تمام گدلو ۽ بدبوئدار ٿي چڪو هيو. چو ته ان مان ماڻهو ۽ جانور سڀ پاٽي پيئندا هئا. حضرت جن پيڻ لاءِ پاٽي طلب فرمايو. اسان اهو پاٽي پيش کيو. پاڻ پاٽي کي ڏسي فرمايائون پيو سئو پاٽي نه آهي ڇا؟ عرض کيوسين ته مرشد اسين مجبور آهيون. لاچار اهو پاٽي پيٽو پوي ٿو. اوهان فرمايو ته سم جي ڳوٺ مان اوهان لاءِ پاٽي آڻيون؟ پاڻ فرمايائون اسان تازو پاٽي پيئندا سين. پوءِ شام ڌاري تمام گهٽي برسات پئي ۽ نئين گاج جو پاٽي ٻه وهي آيو. جنهن سان تڙ تر ائيون پرپور ٿي ويون ۽ پاڻ تازو پاٽي پيتائون.

۽ بادل هٽي ويا

فضل آباد شريف ماتلي ۾ يارهين جو ڏينهن هيو. ڪثير تعداد ۾ جماعت آيل هئي. ٿڦري نماز بعد خليفو محمد موسيٰ وعظ ڪري رهيو هيو. حضرت جن مصلي تي جلوه افروز هئا. اوچتو آسمان تي ڪڪرن جي ڪارونهار چانڀچي وئي. گجگوڙون ۽ ڪنوٽين جا چمڪار ٿي ويا. سڀني سمجهيو ته اڄ ڪا زبردست بارش وسندي. مينهن وسڻ سان جلسو ٻه درهم برهم ٿي وڃي ها ۽ ڪثير تعداد ۾ آيل مهمانن کي سخت تڪليف ٿئي ها. پاڻ بار بار آسمان ڏانهن نماڻا نيٽ ڪٽي نهاري رهيا هئا. سندن چهري مبارڪ تي عجيب ڪيفيت هئي. ٿوري دير بعد آهستہ آهستہ بادل هٽڻ لڳا. هڪ ڪٽي کانپئي ۽ آسمان صاف ٿي ويو. پوءِ جلسو تمام خير خوبي سان گذري ويو. ٻئي ڏينهن تمام زبردست بارش اُٿي. ڪجهه ڏينهن بعد پاڻ بيان فرمايائون ته جلسي واري رات بارش وسڻ جو وڏو امڪان هيو. پوءِ الله ڪريم کي عرض کيوسين ته "اي الله اسان ماڻهن کي گڏ ڪرڻ تي تون جدا ڪرڻ تي. ماڻهو تنهنجي ڪم کان اڳي ئي بيزار آهن. بهانا تلاش ڪري رهيا آهن. اڄ جي بارش وسائيندين ته پوءِ ڪير ايندو؟ هي جماعت ڪٽي رهندي؟ اڄ نه وساءِ سياڻي ٻلي وسائجانءِ". پوءِ الله تعاليٰ قرب کيو ان ڏينهن بارش نه وسي ٻئي ڏينهن وسي.

ککر ویا کابل قندار

هک پیري حضرت جن ہارهین ذي القعد 1404 ھ جي جلسي ملهائڻ لاءِ ڪرمپور آيل هئا. ان ڏينهن برسات جو قوي امڪان هيو. ڪنوٽيون، گجوراڙ جا هيبتناڪ نڪاءَ هئا. فقيرن لاءِ صرف ڪچو منھ ٽهيل هيو. پوءِ پاڻ دعا جا هٿ ڪنيائون: اي الله تون ڏسين ٿو تہ فقيرن جي رهڻ لاءِ ڪابہ جاءِ ناهي جي مينهن وسائيندين تہ هي مسافر ڪاٽي رهندا. اي الله جبل بيابان ءِ ڪابل ءِ قندار وڃي وساءِ . جڏهن پاڻ اها دعا گهريائون پاڻ مشڪي رهيا هئا. برابر مينهن ڪونہ اٿوءِ اتر طرف ڪابل ءِ قندار جو رخ رکيائين.

چـــانـڊين جو پير

ڪڙيي گهنور جي پر ۾ گولاڙچي تعلقي ۾ حضرت جن جي ڪافي جماعت آهي. جن ۾ اڪثريت چانڊين فقيرن جي آهي. اتي جڏهن بہ بارش نہ وسندي هئي تہ حضرت جن کان دعا گهرائيندا هئا يا کين دعوت ڪندا هئا پاڻ جڏهن بہ اتي ويندا هئا تہ بارش وسندي هئي. تانجو علائقي ۾ اها ڳالھ مشهور ٿي وئي تہ : "اِجهو چانڊين جو پير آيو، اجهو مينهن آيو". هڪ دفعي علائقي ۾ پاڻي جي سخت ڪوٽ هئي پيئڻ جيترو بہ پاڻي نہ هيو. حضرت سائينجن بہ ان طرف تبليغي دوري تي نڪتا هئا. اتي جا ماڻهو تنگ ٿي مال ڪاهي ٻئي طرف وڃي رهيا هئا. جڏهن انهن کي حضرت جن جي آمد جي خبر پئي تہ عام ماڻهو چوڻ لڳا ابا هاڻي نہ وڃو : "اِجهو چانڊين جو پير آيو، اجهو مينهن آيو". پوءِ جڏهن پاڻ اتي پهتا دعا گهريائون تہ بارش وسي. برٿر جهنگ جمر آباد ٿي ويا.

پڪل پوڪ جي حفاظت

فقير محمد موسيٰ بيان ڪيو تہ منهنجو پوک پڪل هئي، جهار جو وڏو آزار هيو. وچ ۾ پيهو ناهي ڪانياڻي سان جهار پئي هڪليم تہ حضرت جن جو قاصد آيو ننگر جي ٻني جو ڪم آهي. سندن پيغام قبولي اوڏانهن ويس. جڏهن موٽي آيس تہ منهنجي پوک جي ٻنهين پاسن باڙ ويڙل هئا، جن منهنجي پوک تي جهار لهڻ نہ پئي ڏني

نئون ليسن کرائڻ

1983ع جي اوائل جا ڏهاڙا هيا. فوجي صدر ضياء الحق جي خلاف ايم آر ڊي جي تحريڪ زور شور سان هلي رهي هئي. پوري پاڪستان ۾ احتجاج ٿي رهيا هئا. ليڊر گرفتاريون ڏئي رهيا هئا. سيني جو خيال هيو ته اڄ ، سياڻي ضياء الحق لهي ويندو. انهن ڏينهن ۾ هڪ پيري جمعه جي نماز بعد پاڻ فرمايائون: سڄي ملڪ ۾ اهو زور شور آهي ته ضياء الحق لهي وڃي. اهي پراٽا حڪمران وري اقتدار حاصل ڪرڻ ڇاهن ٿا. منهنجي ڳالهه ياد رکو ڪٽي ڇا ٻه ڪري وڃهن في الحال ضياء الحق کي لاهي ڪونه سگهندا. پلي سڄو زور هلائن. ڇو ته هي تازو نبي ڪريم ﷺ جي روضي پاڪ جي زيارت ڪري مدد وٺي آيو آهي. پنهنجو ليسن نئون ڪرائي آيو آهي. پلي مخالف ڇا ٻه ڪن هن کي لاهي نه سگهندا. نتيجو اهو نڪتو ته سڀ ليڊر گرفتار ٿي ويا ڪو به ڪڙ تيل نه نڪتو. حضرت سائين جن جي زبان سچي ثابت ٿي.

ڪجهه وقت بعد هڪ ڏينهن فرمايائون ضياءِ الحق ماڻهن سان ڏوڪو ڪري رهيو آهي. اسلام جي نالي پنهنجي حڪومت ۽ ڪرسي کي ڊيگهه ڏئي رهيو آهي. ان کي اهڙي عبرتناڪ سزا ملندي جو دنيا ڏسندي. پوءِ دنيا ڏٺو ته ضياءِ الحق جي جهاز کي باهه لڳي. جسم ٻه جلي خاڪ ٿي ويس. الله پنهنجي ڪامل ولي جي قول کي سچو ثابت ڪيو.

ظالم جي ذلت

هڪ زميندار اليڪشن ۾ بيٺو. ماڻهن ان جي ظلمن جا داستان سائينجن کي ٻڌايا پاڻ فرمايائون الله ڪندو ڏوڙيو ڪري ڪِرندو. اليڪشن کان اڳ ان زميندار حضرت جن ڏانهن ماڻهو موڪليا ته مريدن کي چئو ته اسان کي ووٽ ڏين. پاڻ فرمايائون ته آءٌ مريدن کي ظالم جي ووٽ لاءِ هر گز نه چوندس. ٻڌي ڇڏيو اهو هرگز نه ڇڙهندو. پوءِ انهن هزارين ڪوششون ڪيون، لکين روپيا ماڻهن متان لُٽايا پر اهو ظالم ڏوڙيو ڪري ڪريو ۽ سندن زبان مبارڪ کي رب سچو ثابت ڪيو.

الله وٽــان منظوري

خيرپور ناٿن شاهه تعلقي جي ڳوٺ ڪڙ ڪان ڪجهه ڪلوميٽر اولهه ۾ ميراوال جو ڳوٺ آهي. جتي سندن ڪافي مريد ۽ معتقد آهن. اتان جي هڪ شخص سندن دربار ۾ عرض ڪيو ته اوهان جو فقير ماستر گل محمد مون کي ٻني مان ٻيڇ نه ٿو ڏئي. ان کي سمجهايو. فرمايائون ماستر گل محمد کي کوڻه چوندس باقي چوين رب وٽان توکي ٻيڇ منظور ڪرائي ڏيان. ان چيو ته بس خدا وٽان ڪرائي ڏيو. خدا جي قدرت ان ماڻهو کي اتان ٻيڇ ملي وئي. فقير گل محمد اڇي سائين جن کي چيو ته سائين ڪورٽ ۾ ڪيس ڪيو اٿم ته به مون کي نه ٿي ملي. جيئن دعا گهري خدا وٽان منظور ڪرائي ڏني اٽوَ تيئن هاٿي رد ڪرائي ڏيو. فرمايائون: رنج رهين يا راضي رهين جو ٿيڻو هيو سو ٿي ويو.

شـــــادي ۽ اولاد

مبارڪ علي راجپوت هڪ دفعي حضرت جن وٽ آيو. عرض ڪيائين: سائينجن جي صحبت ۾ اڇي ديندار ٻنيو آهيان. نماز روزو ڪيان ٿو. ڏاڙهي به رکائي اٿم .آءِ نوجوان مرد آهيان. مون کي ڪو شادي جي لاءِ سڳ نه ٿو ڏئي. تقريباً پندرهن ويهه جاين تي طلب ڪئي اٿم مگر هر ڪو منهنجي ڏاڙهي کي ڏسي جواب ڏئي ٿو ته ڏاڙهي ڪوڙاءِ ته پوءِ توسان مائٽي ڪندا سين. هاٿي نفس تنگ ڪري ٿو ته قينچي ڪٽي توهان جي هٿ ۾ ڏيان ڏاڙهي رکائي به توهان آهي ڪيو به پاڻ پنهنجي هٿن سان يا ته دعا گهرو منهنجي شادي ٿئي. پاڻ ان کي تسلي ڏيندي فرمايائون اي فقير زال جي خاطر ڏاڙهي نه ڪوڙاءِ. انشاء الله آءِ دعا گهران ٿو تنهنجي شادي به ٿيندي ۽ توکي اولاد به ٿيندو. فقير صاحب مطمئن ٿي واپس وري ويو. ٿوري ئي ڏينهن ۾ هڪ شخص سندس قوم واري ان کي سڏي سڳ ڏنو. چيائين ته مان پوڙهو آهيان هڪ ڏيءِ اٿم پيو اولاد ننڍو اٿم انهن جي پرورش به تون ڪر. منهنجي ملڪيت جائداد سڀ تنهنجي حوالي آهي. ان طرح ان جي مانائتي شادي ٿي وئي ۽ ڪيس اولاد به ٿيو.

جھوليءَ ۾ تصويرون

ميرل فقير لغاري ڳاڙهي واري بيان ڪيو ته سندس پٽ ڪي پٽ جو اولاد ڪونہ ٿيندو هيو. نهايت سِڪايل هيو. پوءِ هڪ رات سندس نُنهن خواب ۾ حضرت محبوب الاهي ڪي ڏٺو سندن جھولي ۾ سوين تصويرون هيون. ڇيائونس ته امان هتان هڪڙي تصوير تون ٻہ ڪڍ. ان هڪ تصوير ڪنئي ۽ سجاڳ ٿي پئي. ٿوري ڏينهن ۾ اميد سان ٿي ۽ ڪيس پٽ جاڻو پر تصوير اها هئي جيڪا خواب ۾ ڏٺي هئائين.

پـــــتـــن جـا نالا

مصري فقير رودناڻي بيان ڪيو ته مون کي پٽ جاڻو مون حضرت جن کي اچي عرض ڪيو ته هن جو نالو رکو. پاڻ فرمايائون هن جو نالو رک سراج الدين ۽ هن کان بعد ۾ لاڳيتو تو کي ٻيا ٻہ پٽ ٿيندا. هڪ جو نالو نثار احمد ۽ ٻئي جو گلزار احمد رکجانءِ. پوءِ خدا جي قدرت ائين لڳاتار پٽ ٿيا اهي ئي نالا رکيم جيڪي پاڻ فرمايا هئائون.

ويڑهي ۾ پُٽ ئي پُٽ

فقير محمد روشن جمنجهي بيان ڪيو ته مون کي لاڳيتو چار نياڻيون ٿيون. هڪ ڏينهن منهنجي گهر واري حضرت جن جي حويلي ۾ آئي. گهٽو روئي رهي هئي. حضرت جن پنهنجي اهل خانہ کان پڇيو ته مائي ڇو ٿي روئي روشن فقير ماريو اٿس ڇا؟ ڇيائون نہ سائين ! چار نياڻيون ٿيون اٿس، پُٽاڻي اولاد لاءِ سڪايل آهي. پاڻ فرمايائون ڇئوس روئي نہ تنهنجي ويڑهي ۾ رڳو پٽ ئي پٽ ٿيندا. سندن ان فرمان بعد مون کي چار پٽ ٿيا. وري وڏي پٽ کي چار پٽ ٿيا، ٻئي پٽ کي چار پٽ ٿيا. منهنجو سالو منهنجي ويڑهي ۾ رهندو هيو ان کي ٻہ پٽ ٿيا. اسان جي ويڑهي ۾ جيڪي ٻہ رهواسي هئا تن سڀني کي پٽ ٿيا. منهنجو سالو منهنجي ويڑهي مان لڏي پنهنجي ڳوٺ وڃي رهيو ته اتي ان کي ٻہ نياڻيون ٿيون. هن وقت تائين ٻہ منهنجي ويڑهي ۾ پٽ ئي پٽ پيدا ٿين ٿا.

چيئر مين ٿــي ويو

فقير عبد القادر سومري بيان ڪيو تہ صدر ايوب جي ڏينهن ۾ جڏهن بلدياتي انتخاب پئي ٿيا تہ رئيس دريا خان پٺائي حضرت جن وٽ دعا لاءِ آيو. جڏهن پهتو تہ ان وقت حضرت جن جي تقرير هلي رهي هئي. رئيس بہ وعظ ٻڌڻ ويهي رهيو. سندن تقرير پر تاثير ۽ رئيس زار زار رنو. مجلس پوري ٿي تہ حضرت جن کي دعا لاءِ عرض ڪيائين. پاڻ ان لاءِ دعا گهرايائون ۽ فرمايائون تون اسان وٽ اميد رکي آيو آهين چيئرمين ٿيڻو ڪو نہ هئين پر هاڻي ٿيندين. پر ڪنهن سان ظلم نہ ڪجانءِ. پوءِ مقابلو سخت ٿيو. رئيس جي ڪٽڻ جي اميد نہ رهي. پر ٿيو ائين جو چند ووٽن تي رئيس چڙهي ويو. پوءِ پوري زندگي حضرت سائين جن سان سڻي عقيدت رکندو هيو.

ڪــاري مــان مِـٺو

خليفہ اعليٰ شان جناب محمد عالم کورواهہ واري بيان ڪيو تہ اسان جي ڳوٺ جو جر کارو هيو. جتي بہ کوہ کوٽيندا هئاسين يا نلڪو لڳائيندا هئاسين پاڻي ڪڙو نڪرندو هيو.هڪ پيري حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه کي پنهنجي ان پريشاني جي شڪايت ڪئي سين. پاڻ فرمايائون تہ جنهن جاءِ تي کوهہ کٽايو ان جاءِ تي بہ رکعتون نماز پڙهي پوءِ بسم الله پڙهي کوهہ کوٽڻ شروع ڪريو. ٽي پٽر بہ پڙهي ڏنائون ۽ فرمايائون تہ اهي پٽر پورييندا ان کوهہ ۾ وجهندا رهجو. جيستائين کوهہ پاڻي ڏئي. پوءِ باقي سڀ پٽر ان پاڻي ۾ وجهي چڏيو. پوءِ اسان ائين ئي ڪيو ۽ اهو مٺو کوهہ اڄ تائين موجود آهي.

پــڪيءَ جــو ٻوڙ

امڙ سائڻ بيان فرمايو تہ هڪ ڏينهن مون حضرت جن کي عرض ڪيو تہ اوهان اڄ ڇا کائيندا؟ گهر ۾ تہ ڪو ٻوڙ نہ آهي. پاڻ فرمايائون: اڄ پڪيءَ جو ٻوڙ کائينڊس. مون کي حيرت ٿي تہ هن وقت پکين جي اچڻ جي موسم بہ نہ آهي. ايڏا وڏا ئي هئاسين تہ هڪ نيرگ پکي اڏامندو ڪمري ۾ آيو. ان کي پڪڙيو ويو. پاڻ ان جو ٻوڙ تناول فرمايائون.

دل جي تمنا پوري ٿي

فقير علي محمد ملاح سهراب ٿلهي وارو هارهين شريف جي جلسي تي خانپور آيل هيو. حضرت سائينجن جي سامهون روئڻ لڳو. پاڻ فرمايائونس چو ٿو روئين؟ عرض ڪيائين ته سائين مون کي اها اميد هئي ته مان مري وڃان ته منهنجي جنازه نماز توهان پڙهائيندا. پر هاڻي ته مان پري وڃي رهيو آهيان. بس ان ڏک مون کي روئاري ڇڏيو آهي.

پاڻ فرمايائون ته تون غم نه ڪر تنهنجو ڪفن به مان ونندس، تنهنجي جنازه نماز به مان پڙهائيندس. اهو فقير ان جلسي واري رات تهجد نماز لاءِ وضو ڪري مسجد ڏانهن پئي آيو ته وات تي ڪري پيو ۽ سندس روح پرواز ٿي ويو. پوءِ سائينجن سندس ڪفن ورتو ۽ سندس جنازه نماز پڙهائي.

دعائون سُوائون آهن

فقير عبد القادر سومري بيان ڪيو ته جڏهن حضرت صاحب جن خانپور ۾ رهندا هئا. ماستر حاجي غلام علي ساريو حج ڪري آيو ته پاڻ ان کي مبارڪ ڏيڻ هليا. ساٿن گڏ جيڪي چار پنج فقير هئا انهن ۾ آءٌ به شامل هيس. حاجي صاحب کان حرمين جون خبرو پچيائون. جڏهن پرين جي پار جون ڳالهيون ٿيون ته پاڻ گهٽو رنا. پوءِ جڏهن واپس وريا ته وات تي ميان ڪريم بخش ڪلهوڙو مليو دست بوسي ڪيائين ۽ پوءِ ميهر جي مقام تائين سائينجن سان گڏيو آيو. سائينجن فرمايس ته هاڻي موڪلايون ٿا توهان اتي بيهو. ميان ڪريم بخش چيو ته قبلا آءٌ ڏُر درگاه شريف ڏيڍي تائين هلندس. اوهان جو شان سڃاڻان ٿو اوهان کي دل جي يقين سان خدا وارو جاڻان ٿو. جيتوڻيڪ مريد ناهيان ته به ادب ۽ استقبال ڪرڻ مون تي لازم آهي. صحبت سنگت ۽ خدمت اسان کان ته نه ڇڪي جنهن ڪري اسان پنتي پئجي ويا سون. جن اوهان جي خدمت ڪئي اهي خان ٻڌجي ويا. آءٌ انهن کي ذاتي طرح سڃاڻان ٿو انهن جي اصليت چا هئي اڄ اوهان جي دعائن انهن کي رنگ لاتا آهن. چو ته فقيرن جون دعائون سوائون هونديون آهن. پوءِ حضرت جن سان حويلي جي دروازي تائين گڏجي آيو.

جيل مان آزادي

محمد فقير پٽي سجاول واري بيان ڪيو ته جيئن حضرت جن ماتلي شريف آيا تہ مان پائبندي سان هر ماهہ سندن درگاهہ جي جلسي ۾ حاضر ٿيندو هيس. ڪو جلسو ڪو نہ گسايم. هڪ ڀيري هڪ ظالم مون تي ناحق ڪيس ڪيو ۽ زندان ۾ بند ڪرايائين. سجاول جي جماعت جڏهن دربار جي جلسي تي پهتي تہ حضرت جن انهن کان پڇيو تہ : محمد فقير نظر ڪو نہ ٿو اچي؟ فقيرن ساري حقيقت بيان ڪئي تہ فقير جيل ۾ آهي. پاڻ فرمايائون : وڃي ڏسو بس انشاء الله هو آزاد هوندو. فقيرن چيو تہ اسان تڪڙ ڪري نڪتاسين ڏسون تہ اسان تا اڳ سجاول پهچون يا حضرت جن جي دعا ٿي اڳ پهچي. جڏهن سجاول پهتاسين تہ محمد فقير اسان کان اڳ آزاد ويٺو هيو ۽ چند ڏينهن ۾ اهو مخالف بہ قبر ۾ٽو ٿي ويو.

ايڏو پريشان نہ ٿبو آهي

ڏتل فقير لغاري چتي جي مياڻي واري ڳالهہ ڪئي سنہ 1396 هـ ۾ جيڪا سخت بارش پئي هئي. نَوَ ڏينهن مسلسل مينهن انو. سج صاف نظر نہ آيو. ان دوران لعل مودر سامهون اولهہ طرف ڊوري کان هڪ مٽاهين ڊب تي مال ۽ار ڇڳا وٺي رهيل هئس. هرپاسي پاڻي جا بحر ٻڏيل هئا. پاڻي اچي اسان جي پکي سان ٽڪرايو. ٻارن ڇڻن ۾ خوف هراس پئجي ويو. سڀئي دانهون ڪرڻ لڳا تہ اڄ اسانجو خاتمو آهي. ڇؤ طرفي درياء جي ڏونس مثل دڏڪار اچڻ لڳا. هڪڙي مٽاهين تي ويناهئا سين سا بہ ٻڏڻ تي هئي ڏسندڙن جون دليون دهلجي رهيون هيون. هينئان ڦاٽڻ تي هئا. پوءِ مون دل ۾ خيال ڪيو تہ چونہ اڄ پنهنجي مرشد ڪي سڏيان. هڪل ڪري چيم اي محبوب الاهي جمڙّا تمڙّا تنهنجا ٻچا آهيون. ڪرڪا نظر ڪرم. ائين چئي ايجا بس ئي نہ ڪيم تہ ڇا ڏسان ٻئي طرف وارو بند پيڇي پيو اوڏهن واهڙ وهي پيو. لهر لاڙ ڪري وئي، اسان بچي وياسين. پوءِ جڏهن حضرت جن جي خدمت ۾ آياسين تہ فرمايائون فقير ايڏو پريشان نہ ٿبو آهي.

زبانِ ولي جا الفاظ

اهو هن فقير جو ذاتي مشاهدو هيو ته حضرت جن رضا خوشيءَ سان يا کاوڙ ۾ غصي ۾ جيکي زبان مان الفاظ کڍيا ائين ٿي پيو.

❋ کاوڙ ۾ هڪ ماڻهو لاءِ چيائون ان انڊي کي کمڙي خبر؟ ته اهو واقعي انڊو ٿي ويو. شجاع آباد تائين علاج لاءِ ويو پر اکيون روشن نه ٿيس.

❋ گهر ۾ ککڙ ڏاڙ کان کين سخت نفرت هئي. هڪ صاحبزادي ککڙ ڏاريا پاڻ هي بيت چيائون:

ککڙ .....جا مري ٿين شل مات،
هوندا نه حيات ڇچو نه بچندس ٻوڙ کان.
چند ڏينهن ۾ سڀ ککڙ مري ويا ۽ ٻوڙ کان ڇچو به نه بچيس.

❋ پاڪستان جي هڪ حڪمران جي اسلام دشمني جا منصوبا ٻڌي فرمايائون:

....ايندس گهٽو لهندو ڏول ڏيهه تان.
برابر ان سان ائين ئي ٿيو.

سال ۾ گهر جُڙي ويو

مولانا امير بخش سومرو بيان ڪيو ته: منهنجو گهر نه هيو. فقط هڪ پلاٽ هيو ۽ ڏهيل نه هيو. سائين جن اسان جي ڪوٽ ڏل ۾ تشريف فرما ٿيا. مون کين پنهنجي ڀاءُ جي گهر آڻي رهايو. منهنجي ڀاءُ سائين جن کي طعني جي انداز ۾ چيو ته: مريد ته توهان جو آهي پر اڃا ته گهر به ڪونه. تنهن تي حضرت جن جوش ۾ اچي دعا جا هٿ کنيا. فرمايائون ته مولوي صاحب ايندڙ سال تنهنجي دعوت تي تيستائين نه ايندا سين جيستائين تنهنجو گهر نه ٺهي. منهنجو مسڪيني حال هيو. سندن دعا ۽ نگاهه سان سال کان اڳ ۾ گهر تيار ٿي ويو. طوفان ۾ منهنجي ڀاءُ جو گهر ڪِري پيو. اهو به اچي منهنجي اجهي ۾ رهيو. ٻئي سال سائينجن آيا. منهنجي ڀاءُ جنهن طعنو ڏنو هيو. ان جو گهر ڪريل هيو ۽ اهو به منهنجي گهر ۾ پناه گزين هيو.

نئين زندگي

هڪ پيري حضرت جن ڪَل شهر ۾ تشريف فرما هئا. پاڻ ظهر نماز لاءِ وضو فرمائي رهيا هئا ته محمد موسيٰ سومرو آيو ۽ حضرت جن جي خدمت ۾ سلام عرض ڪري چياٿين الله جو نالو اٿوَ منهنجي مدد ڪيو. منهنجي نياڻي سخت بيمار آهي. انجي زندگي مان مايوس آهيون ڪفن جوڙي پوتي ۽ وٺي رکي آهي. هلي دعا ڪيوس ته الله ايمان ۽ آساني سان اکاري پار ڪري. پوءِ سائينجن کي گهر وٺي ويو. پاڻ اتي بيهي دعا جا هٿ کنياٿون. پوءِ فرمايائون هي نياڻي نه مرندي ۽ چگي پلي ٿي اٽندي هن جو نڪاح پلي سگ عيوض ٿيندو. هن کي ۽ پٽ جمندا. پوءِ پاڻ واپس آيا. ٿورن ڏينهن ۾ اها عورت بلڪل صحتمند ٿي پئي. اها مائي اڄ تائين حال حيات آهي ۽ ڪيس ۽ پٽ آهن. ڪَل شهر ۾ اها سندن ڪرامت مشهور آهي.

تنگدستي جو خاتمو

ڪَل شهر جي رهواسي حضرت جن جي مريد فقير غلام حيدر سومرو بيان ڪيو ته هڪ وقت تمام مسڪين ٿي ويس. حضرت جن وٽ ماتلي شريف حاضر ٿيس ۽ ڪين پنهنجي مسڪيني جو حال احوال ڏنم. پاڻ فرمايائون ته اتي وڃ. مون عرض ڪيو ته مون وٽ ته پاڙو ڪرايو ۽ نه آهي. پاڻ هڪل ڏڻي فرمايائون ته اُٺ اُٺ وڃ. مان هيبت ۾ اتي هليس ۽ روڊ تي آيس ته ٽانگي واري مون سڏ ڪيو استاپ تي هلندين؟ مون چيو هائو. ان مون کي بنا پاڙي ڪٽي اچي استاپ تي چڏيو. بس چڙهي حيدرآباد آيس ۽ ان ۽ مون کان ڪرايو نه گهريو. حيدرآباد ۾ پراٽن واقف ڪار دڪاندارن وٽ ويس، جن کان اڳ ڪاروبار لاءِ سامان ڪڍندو هيس. اهي سڏ ڪرڻ لڳا هيڏي آ، اهڙي طرح واقف ۽ اڻ واقف دڪاندارن سڏ ڪيو ۽ چيو ته اڄ سامان ڪڍ جي پيسا نه آهن ته بعد ۾ ڏجاءِ. مون هنن کي چيو ته مون وٽ ته ڪرائي لاءِ ۽ پيسا ڪونهن . هڪ سيٺ سامان ۽ ڏنو ۽ ڪرائي لاءِ پيسا ۽ ڏنا. سامان ڪٽائي ميلي تي ويس. سامان مڪمل ڪپي ويو ۽ ايترو نفعو ٿيو جو پيسا سيٺين کي ڏئي ان مان باقي سفر گذر ڪرڻ لڳس ۽ ان کان پوءِ منهنجي تنگي دور ٿي وئي.

مسجد ۽ مدرسو ٺهي ويو

مولانا امير بخش سومرو سکندري بيان ڪيو ته هڪ پيري حضرت جن اسان وٽ تبليغي دوري تي آيل هئا. مون خدمت ۾ عرض ڪيو سائين اوهان مهرباني ڪري اسان وٽ اچو ٿا پر اسان وٽ ته نه مسجد آهي نه مدرسو ۽ نه اوطاق آهي ۽ توهان پر اين اوطاقن تي رهو ٿا ان لاءِ نگاهه ڪرم ۽ مهرباني ٿڪي. بادشاهن منهنجي گهر جي سامهون واري پلاٽ ڏانهن نماريو، جتي تمام وڏا سر ۽ هوڙا ۽ جهنگل هيو. ماڻهو اتي وڃي بشري حاجت پوري ڪندا هئا. پاڻ دعا جا هٿ کنيائون. فرمايائون، اتي مسجد ۽ مدرسو ٺاهه. پوءِ مون ڪوشش ڪئي. الله ڪريم اهڙي غيبي مدد ڪئي جو مسجد ۽ مدرسو ٺهي ويو. ان وقت کان وٺي مدرسي ۾ طلباءِ پڙهي رهيا آهن ۽ سندن فيض برڪت سان نماز باجماعت ۽ درس ۽ تدريس جاري آهي.

باب ڏهون

صورت ۽ سيرت

الله ڪريم جل جلاله جنهن کي پنهنجو دوست بنائيندو آهي تہ ان ۾ اعليٰ اوصاف رکائيندو آهي. ان جي پيشاني ۾ ضياءِ، صورت ۾ سُياءِ، ان جي چهري ۾ نور، دل ۾ سرور پيدا ڪندو آهي. ان جي هٿن ۾ ڪرامت، دعائن جي اجابت، نگاهن ۾ فيض، زبان ۾ تاثير، ڪلام ۾ تنوير عطا ڪندو آهي. ان جا اخلاق اعليٰ ۽ شانّ بالا بنائيندو آهي ۽ وري اهي اولياء الله جن متان خلق خدا جي سُڌارڻ جي ذميداري لڳائي ويندي آهي تہ انهن کي ايڏا بہ خصوصي عنايتن سان نوازيو ويندو آهي. اهي ابرار ۽ اخيار هوندا آهن جن جي صورتن کي ڏسڻ سان اللهَ ياد اچي ويندو آهي. جئين حديث شريف ۾ آهي تہ:

خِيَارُكُمُ الَّذِينَ إِذَا رُءُوا، ذُكِرَ اللَّهُ عَزَّ وَجَلَّ. ①

اوهان ۾ سڀني کان پلا اهي آهن جن جي ڏسڻ سان الله عزوجل ياد اچي ويندو آهي. هي عجيب راز آهي جو ڏسجي انهن اخيار ٻانهن جي چهرن کي ياد اچي وڃي الله جي. ان جو مطلب تہ انهن جي چهرن ۾ رب ڪريم کا تہ مٽيا رکائيندو آهي. اها حقيقت آهي تہ انهن جا چهرا نوراني هوندا آهن جيئن آقاءِ ڪائنات ﷺ جو فرمان عاليشان آهي:

وَاللَّهِ إِنَّ وُجُوهَهُمْ لَنُورٌ، وَإِنَّهُمْ لَعَلَىٰ نُورٍ، مَا يَخَافُونَ إِذَا خَافَ النَّاسُ، وَلَا يَحْزَنُونَ إِذَا حَزِنُوا ②

الله جو قسم انهن جا چهرا نوراني هوندا آهن ۽ اهي نور وارا هوندا آهن جڏهن ماڻهو ڊجندا آهن تہ اهي کو نہ ڊجندا آهن ۽ جڏهن ماڻهو غمگين ٿيندا آهن تہ اهي غمزده نہ

---

① سنن ابن ماجه (2/1379)

② مسند أبي يعلى الموصلي (12/234)

ٽيندا آهن. اهڙن ئي اخيار ۾ الله لوڪ ۾ عارف انسانن مان هڪ حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه هئا. هن باب ۾ آسان سنڌن صورت ۾ سيرت جو ذڪر ڪنداسين. انشاءَ الله.

(1)

جيئن ڏٺو هو مون

حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه :

1. **الله جل جلاله** : جي ذڪر ۾ الله جي محبت ۾ هر وقت مستغرق رهندا هئا.
2. **حضرت محمد ﷺ**: جي محبت ۾ مستانا درد ۾ ديوانا، پرت ۾ پروانا، عشق واتباع ۾ يگانا هئا.
3. **نماز** : اطمينان سان ناهي پڙهندا هئا.
4. **روزو**: روح جي غذا سمجهي رکندا به هئا ۽ رکائيندا به هئا.
5. **حج** : هڪ ڀيرو ڪيو هئائون.
6. **زڪواة** : متن ڪڍهن فرض ئي کانه ٿي ڇو جو پاڻ گهٽا سخي ۽ جواد هئا.
7. **خيرات** : تمام گهٽي ڪندا هئا. خصوصًا رمضان ۾ عيدن جي ڏينهن تي.
8. **وضو** : اڪثر ڪري بانگ کان اڳ سمٽي طرح ناهي ڪندا هئا.
9. **درود** : ڪثرت سان پڙهندا هئا.
10. **ڏنڊ**: سفر حضر ۾ ساڻ رکندا هئا.
11. **تهجد**: رات جو هميشہ ٽين وڳي پڙهندا هئا.
12. **ننڊ** : تمام گهٽ ڪندا هئا.
13. **تلاوت**: هر جمعي جي ڏينهن صبح جو ۾ رمضان ۾ روزانو ڪندا هئا.
14. **وظائف** : ۾ تسبيحات گهٽو ڪري مغرب ۾ عشاء جي وچ ۾ پڙهندا هئا.
15. **سفر** : گهٽو ڪري سومر يا خميس جي ڏينهن ڪندا هئا.
16. **سفر ۾** : ڪوئرو، گلاس، لٽ، سرمو، آئينو، ڪنگو، تيل، ساڻ ڪٽندا هئا.

17. **کپڑا** : ٻہ چار پيرا پائڻ بعد غريب فقيرن کي خيرات ۾ ڏئي ڇڏيندا هئا.
18. **پتکو** : ڪلاه مٿان ٻڌندا هئا.
19. **امين** : وڏيرن جي ملاقات کي ناپسند ڪندا هئا.
20. **غريبن** : جي هر طرح سار سنڀال لهندا هئا.
21. **مريضن** : کان سفر ڪري ٻہ پيڇ ويندا هئا.
22. **منگتن** : کي ڪڏهن ٻہ خالي نہ موڪائيندا هئا.
23. **مسافرن**: جي پاڻ پنهنجي هٿن سان خدمت ڪندا هئا.
24. **سيدن** : اهل بيتن، سرهندين ۽ بزرگن جي اولادن جو نهايت ادب احترام ڪندا هئا
25. **ڪراڙن** : جو تمام گهٽو خيال ڪندا هئا.
26. **ڪمزورن** : جا واهرُو ۽ مددگار هوندا هئا.
27. **جابرن** : ظالمن کي منهن تي حق سچ چوندا هئا.
28. **حاڪمن** : اميرن جي هرگز پرواهہ نہ ڪندا هئا.حق چوڻ کان نہ ڪيهائيندا هئا.
29. **گفتگو** : هرهڪ سان سندس حال مطابق ڪندا هئا.
30. **خاموشي** : سندن معنيٰ خيز هوندي هئي.
31. **ڪردار** : سندن اعليٰ هيو.
32. **رفتار** : سندن پر وقار هئي.
33. **ديدار** : سندن دل ٺارينڌڙ هيو.
34. **آواز** : سندن جي ۾ سوز ۽ گداز هيو.
35. **تقرير** : سندن جي ۾ تاثير هئي.
36. **تصوير** : ۾ تنوير هئي.
37. **صورت** : ۾ سونهن ۽ سوڀيا هئي.
38. **سيرت** : بي مثال ۽ با ڪمال هئي.
39. **خصلتون** : سندن سمٹيون هونديون هيون.
40. **ڏينهن جو** : ڪجهہ دير آرام ڪندا هئا.

41. **رات جو** : اکثر ذکر ۽ مناجات ۽ مراقبي ۾ هوندا هئا.
42. **صبح جو** : جماعت سان حلقہ مراقبو ڪندا هئا.
43. **شام جو** : گھر وارن سان بہ ديني مجلس ڪندا هئا.
44. **جمعہ** : جي رات سورة ياسين پڑهي والدين جي ارواحن کي بخشيندا هئا.
45. **عيدن** : تي گھٽي سجاوٽ ۽ بناوٽ بجاءِ سادگي کي پسند ڪندا هئا.
46. **رسمن** : ۽ جاهلاڻي طريقن جي سخت مذمت ڪندا هئا.
47. **بيمارين** : کي خنده پيشاني سان برداشت ڪندا هئا.
48. **خوابن** : ۽ خيالن جي پوئواري ضروري نہ سمجهندا هئا.
49. **ذوق** : ۽ شوق جي طالب کي خدا جو طالب نہ سمجهندا هئا.
50. **سخاوت** : سندن عادت هئي.
51. **طبيعت** : سندن جي ۾ نزاڪت هئي.
52. **امانت** : ادائي ڪرڻ سندن خصلت هئي.
53. **شجاعت** : سندن جي علامت هئي.
54. **سياست** : مروج کان کين نفرت هئي. جنهن ۾ ڪُوڙ ڪُپت ۽ دوکو آهي.
55. **قيامت** : کان هر وقت خائف رهڻ جي هدايت ڪندا هئا.
56. **ڪرامت** : کان استقامت کي افضل سمجهندا هئا.
57. **ملامت** : ۾ٿڻ کان کين ڊڄندا هئا.
58. **شڪايت** : ۽ گلا ڪنهن جي نہ ڪندا هئا نہ ٻڌندا هئا.
59. **شرافت** : سندن بي مثال هئي.
60. **محبت الاهي** : ۾ چشم گريان، سينہ بريان هئا.
61. **عشق رسول** : جي ڳالهہ يا ڪو غزل ٻڌي مرغ بسمل وانگر تڙپندا هئا.
62. **مدينہ** : وڃڻ وارن کان روئي موڪلائيندا هئا ۽ سلام دربار عالي ڏانهن موڪليندا هئا.
63. **امين** : وارو حال نا پسند ڪندا هئا.
64. **مسڪيني** : کي سنت سمجهي پسند ڪندا هئا.

65. **ذکر** : جي ذوق ۾ مگن رهندا هئا.
66. **فکر** : واري وادي ۾ گهمندڙ هئا.
67. **صبر ۽ شکر** : ۾ بي مثال هئا.
68. **قال** : واري ڳال کان ڏور ۽ حقيقت واري حال ۾ مسرور رهندا هئا.
69. **تيل** : فجر ۽ عصر جي وضوء کان اڳ مکيندا هئا.
70. **سُرمو** : فجر جي سنت ۽ فرض جي وچ ۾ پائيندا هئا.
71. **سنوارت** : هر جمعہ جي صبح جو ڪندا هئا.
72. **عطر** : گلاب، موتيو ۽ صندل جو پسند ڪندا هئا.
73. **لباس** : سفيد پهريندا هئا.
74. **پڳ** : اڪثر سفيد ڪڏهن ڪاري ۽ پهريندا هئا.
75. **گوڏ** : ڪي سنت سمجهي پائيندا ۽ هئا ۽ پسند ۽ ڪندا هئا.
76. **رومال** : هميشہ ساڻ ڪٽندا هئا.
77. **صفائي** : ۽ ستر ائي جو گهڻو اهتمام ڪندا هئا.
78. **سينڌ** : مٽي جي وارن جي وچان ڪيندا هئا.
79. **ڪنگو** : هميشہ ڪيسي ۾ ساڻ رکندا هئا.
80. **کير** : شوق سان پيئندا هئا ۽ انکي عظيم نعمت سمجهندا هئا.
81. **ماني** : صبح ۽ شام ۽ ويلا کائيندا هئا.
82. **گوشت** : نيرڳ پکيءَ جو بيحد پسند ڪندا هئا.
83. **مڇي** : ڪي جنتي ماڻهن جو پهريون کاڌو چوندا هئا.
84. **سبزيءَ** : ۾ دال، ڪدو، سرنهن جو ساڳ ۽ ٻيمَ پسند ڪندا هئا.
85. **ميوات** : ڏوئڻ کان سواءِ اصلي نہ کائيندا هئا.
86. **ماکيءَ** : ڪي شفا سمجهي کائيندا هئا.
87. **کجور** : محبوبن جي ملڪ جو ميوو سمجهي کائيندا هئا.
88. **لسي** : شوق سان پيئندا هئا.

89. **ڪاڏو** : تمام گهٽ ڪائيندا هئا.
90. **ديني ڪمن** : ۾ تمام تڪڙا هوندا هئا.
91. **حقوق العباد** : جو گهٽو خيال ڪندا هئا ۽ مريدن کي به انجو تاڪيد ڪندا هئا.
92. **پاڙيسرين** : جو گهٽو لحاظ رکندا هئا.
93. **نياڻين** : سان پٽن کان وڌيڪ ڀاجهه ۽ شفقت جو مظاهرو ڪندا هئا.
94. **پٽن**: کي هر وقت نيڪي جو امر ۽ برائين کان منع ڪندا رهندا هئا.
95. **عالمن** : جي بي حد عزت تعظيم ڪندا هئا.
96. **مشائخن** : سان ادب واحترام ۽ محبت سان پيش ايندا هئا.
97. **دشمنن** : مخالفن کي به دعائن سان نوازيندا هئا.
98. **اولاد**: کي ديني تعليم ڏيارڻ جي رغبت رکندا هئا.
99. **جانورن**: جي چاري پاڻي جي خاص نگهباني ڪندا هئا.
100. **مسجد** : سان محبت رکندا هئا.
101. **رمضان** : ۾ تمام گهٽي عبادت،سخاوت،رياضت، تلاوت ۽ تبليغ ڪندا هئا.
102. **بانگن** : کي مبلغ جو درجو ڏيندا هئا.
103. **صالحن**: جي صحبت ۾ ويهڻ جو گهٽو تاڪيد ڪندا هئا.
104. **غافلن** : جي محفلن کان دور رهڻ جي تنبيه ڪندا هئا.
105. **ميلن** : ملاکڙن ۾ وڃڻ کان منع ڪندا هئا.
106. **قول** : ۾ سچار هئا.
107. **وعدي**: ۾ وفادار هئا.
108. **هر چيز ۾** :امانتدار هئا.
109. **شادي**: واري جلسن ۾ گهٽو ڪري نه ويندا هئا.
110. **گهر** : ۾ روزانو گهر وارن سان ديني مجلس ڪندا هئا.
111. **مؤذن** : کي بانگ کان اڳي يا پوءِ ڪڏهن ڪڏهن درود پڙهڻ جو امر ڪندا هئا.
112. **ميلاد** : نبي ڪريم ﷺ جو هر سال ڏام ڏوم سان ملهائيندا هئا.

113. **ڏهاڙو** : پنهنجي مرشد جو هر سال ملهائيندا هئا.
114. **هميشه** : عشق الاهي جي درياء ۾ غوطه زن رهندا هئا.
115. **مجلس** : سندن کا به روئڻ ۽ سُڏڪن کان خالي نه هوندي هئي.
116. **سماع بالمزامير** : نه پاڻ کندا هئا نه ان ۾ شريڪ ٿيندا هئا ۽ نه ان کان منع کندا هئا.
117. **کتاب** : تصوف جو ڪوبه ڪو هميشه مطالعي ۾ رکندا هئا.
118. **ملفوظات** : فوائد الفواد ۽ ملفوظات پير روضي ڏٽي کي پسند کندا هئا.
119. **مکتوبات** : امام رباني جي مطالعه جو مريدن کي امر کندا هئا.
120. **تفسير** : روح البيان کي پسند کندا هئا.
121. **حديث** : ۾ بخاري مسلم کي وڌيڪ اهميت ڏيندا هئا.
122. **فقه** : جي مسئلن سکڻ لاءِ جماعت کي تاکيد کندا هئا.
123. **انگريزي** : پڙهڻ کي روزگار ڪري سمجهندا هئا.
124. **تعليم** : ديني حاصل ڪرڻ جو تمام گهڻو تاکيد کندا هئا.
125. **تدريس** : اسلامي کي ضروري سمجهندا هئا.
126. **تبليغ** : هر وقت کندا رهندا هئا.
127. **وهابين** : گستاخن پويان نماز پڙهڻ کان منع کندا هئا.
128. **کافرن** : جي طور طريقن تي هلڻ کان سختي سان منع کندا هئا.
129. **تقليد** : امامن جي ضروري سمجهندا هئا . خود امامِ اعظم جا مقلد هئا.
130. **عارفن** : جو ڪلام ٻڌي زار و زار روئندا هئا.
131. **ذڪر خفي** : کي افضل ۽ اعليٰ سمجهندا هئا.
132. **ذڪر جهري** : جائز سمجهي کندا هئا ۽ جماعت کي ڪرائيندا به هئا.
133. **مريدن** : سان مروت ۽ مهرباني سان پيش ايندا هئا.
134. **خليفن** : کي سال ۾ حلوي جي دعوت کارائي خصوصي توجه سان نوازيندا هئا.
135. **صاحبزادن** : کي هر وقت شريعت جي پابندي جو زور پريندا هئا.
136. **نرمي** : پيار ۽ محبت سان پراون کي به پنهنجو بنائي ونندا هئا.

نغمہ ءِ ساز ما يے باہمہ راز ما يے * راز يے نياز يے سخن يے
صدر شريعتم يے قطب طريقتم يے * سر حقيقتم يے يار يے سخن يے

نوري منظر: دربار ڪرمپور شريف جي سرزمين آهي، شام جا چار وڳا آهن. ڪٽ مٽان ڪپڙي جو ٽوال وڇايل آهي، جنهن تي ڪاري ٽُڪ جا گل نڪتل آهن، سيراندي ڪان ٻه وهاٽا رکيل آهن. چار پائي تي حضرت محبوب الاهي جلوه گر آهن. پاڻ چارزانو ويٺل آهن. سفيد ڪپڑا ۽ ڪاري رنگ جو عمامو پهريل اٿن. سفيد ريش جن ۾ ڪجهه ڪجهه ڪارا وار ٻه نمايان آهن. وڏي عمر جي باوجود ٻه پاڻ جوانن کان جوان نظر اچي رهيا آهن. چهرو اقدس نوراني جهلڪين جو منبع بنيل آهي. مٽان انوارات الاهي جي جوت جهلڪي رهي آهي. سندن سامهون والده ماجده ام المريدين ويٺل آهي. سندن اکيون هيٺ جهڪيل آهن، جن مان جر جاري آهي. مستورات جي اکين ۾ ڳوڙهن جو سيلاب آهي. ائين ٿو لڳي جيئن آسماني برسات جيڪا هن سال کان نه وُٺي آهي سا اڄ انهن جي اکين مان وسڻ لڳي آهي. آهو ٻُڪا جو اهو سلسلو ڪيتري دير کان جاري آهي. پاڻ وعظ ڪندي فرمائي رهيا آهن. " الله جو ذڪر گهٽو ڪيو، الله جي ذڪر جهڙي ٻي ڪا به لذيذ شيءِ نه آهي".

139. **پيري ۾ ٻه اهڙو حسن** : اڄ 03.01.1988 جو ڏينهن آهي، پيرانه سالي جي باوجود ٻه بابا سائين جي چهري جي هشاشت بشاشت ۾ نورانيت دوبالا نظر اچي رهي آهي. چهري جي چمڪ قابل ديد آهي. سفيد لباس، سفيد عمامه، مٽان زريدار واسڪوٽي، لبن تي لالائي، اکين ۾ عشق الاهي جو خمار هڪ عجيب منظر پيش ڪري رهيو آهي. "اي خدا شال هميشه مرشد کي شاد آباد رکين". چهڙا چوريائون ته جٽڪ ڪائنات ۾ تحرڪ اچي ويو. مٺڙي ۾ من موهٽي گفتار دلين ۾ سُرور پيدا ڪرڻ لڳي. گفتار پر اسرار شروع ڪيائون ته جماعت ۾ هاءِ هاءِ شروع ٿي وئي. دلين ڪنبڻ لڳيون، اکين مان اشڪ جاري ٿي ويا. جذبات جا طوفان موجزن ٿيڻ لڳا. حسن صورت ۾ حسن سيرت جو هي مرقعه اعظم گفتگو فرمائي رهيو هيو ۾ هر طرف نيٽن جون نالیون وهي رهيون هيون. پاڻ فرمائي رهيا هئا: "فقيرو منهنجي دل نارڻ وارو فقير اڃا کو نظر نه ٿو اچي جيڪو الله جي عشق

نغمہ ساز ما یکے باہمہ راز ما یکے * راز یکے نیاز یکے سخن یکے
صدر شریعتم یکے قطب طریقتم یکے * سر حقیقتم یکے پار یکے سخن یکے

نوري منظر: دربار ڪرمپور شريف جي سرزمين آهي، شام جا چار وڳا آهن. ڪٽ مٽان ڪپڙي جو ٽوال وڇايل آهي، جنهن تي ڪاري ٽُڪ جا گل نڪتل آهن، سيراندي ڪان ۾ وهاٽا رکيل آهن. چار پائي تي حضرت محبوب الاهي جلوه گر آهن. پاڻ چارزانو ويٺل آهن. سفيد ڪپڑا ۾ ڪاري رنگ جو عمامو پهريل اٿن. سفيد ريش جن ۾ ڪجهه ڪجهه ڪارا وار به نمايان آهن. وڏي عمر جي باوجود به پاڻ جوانن کان جوان نظر اچي رهيا آهن. چهرو اقدس نوراني جهلڪين جو منبع ٻنيل آهي. مٽان انوارات الاهي جي جوت جهلڪي رهي آهي. سندن سامهون والده ماجده ام المريدين ويٺل آهي. سندن اکيون هيٺ جهڪيل آهن، جن مان جر جاري آهي. مستورات جي اکين ۾ ڳوڙهن جو سيلاب آهي. اٿين ٽولڳي جيئن آسماني برسات جيڪا هن سالن کان نہ ڏٺي آهي سا اڄ اٿن جي اکين مان وسڻ لڳي آهي. آه و ڪا جو اهو سلسلو ڪيتري دير کان جاري آهي. پاڻ وعظ ڪندي فرمائي رهيا آهن. " الله جو ذڪر گهٽو ڪيو، الله جي ذڪر جهڙي ٻي ڪا به لذيذ شيءِ نہ آهي".

139. **پيري ۾ به اڇرو حسن** : اڄ 03.01.1988 جو ڏينهن آهي، پيرانہ سالي جي باوجود به بابا سائين جي چهري جي هشاشت بشاشت ۾ نورانيت دوبالا نظر اچي رهي آهي. چهري جي چمڪ قابل ديد آهي. سفيد لباس، سفيد عمامہ، مٽان زريدار واسڪوٽي، لبن تي لالائي، اکين ۾ عشق الاهي جو خمار هڪ عجيب منظر پيش ڪري رهيو آهي. "اي خدا شال هميشہ مرشد کي شاد آباد رکين". چهڙا چوريائون تہ جڏڪ ڪائنات ۾ تحرڪ اچي ويو. منڙي ۾ من موهڻي گفتار دلين ۾ سُرور پيدا ڪرڻ لڳي. گفتار ۾ اسرار شروع ڪيائون تہ جماعت ۾ هاءِ هاءِ شروع تي وئي. دليون ڪنهن لڳيون، اکين مان اشڪ جاري تي ويا. جذبات جا طوفان موجزن ٿيڻ لڳا. حسن صورت ۾ حسن سيرت جو هي مرقعہ اعظم گفتگو فرمائي رهيو هيو ۾ هر طرف نيٺن جون نالیون وهي رهيون هيون. پاڻ فرمائي رهيا هئا: "فقير و منهنجي دل تارڻ وارو فقير اڃا ڪو نظر نہ ٽو اچي جيڪو الله جي عشق

واري سودي جو خريدار ٿئي". طبيعت ناساز هجڻ جي باوجود ب ڏيڊ ڪلاڪ تقرير فرمايائون.

گفتار جي اثر انگيزي : سندن هر گفتو گوهر ٻي ٻها، حڪمت ۽ دانائي جو درياء هوندو هيو. سندن هر ڪم ۾ هر چرپر دانائي جو دُرَ ۽ حڪمت سان پُر هئي. پاڻ تقرير ۽ تبليغ جا اهڙا ت جاڏُو هيا جو پنهنجن مٿن پولن سان هزارين ماڻهن جون دليون ڪسي وٺندا هيا. ماڻهن جي ذهن ۾ خيالن کي فيض سان پرپور ڪري دلين کي حق ۽ سچ جي نور سان منور ۽ مجليٰ ڪري چڏيندا هيا. سندن آواز تمام مٺو، سُريلو ۽ دردبلو هوندو هيو. ڪڏهن شعلہ بياني جا جوهر ڏيکاريندا هيا ت ڪڏهن پيار ۽ پاڇو سان ترغيب ۽ ترهيب ڏيندا هيا. سندن گفتگو قرآن ۽ حديثن سان سجايل هوندي هئي. سندن طرز بيان اهڙو ت نرالو ۽ منفرد هوندو هيو جو سامعين مان هر هڪ ائين محسوس ڪندو هيو جڻ پاڻ ان سان ئي مخاطب آهن ۽ ان جو ئي دلي حال بيان ڪري رهيا آهن. ڪڏهن ب ڪنهن ماڻهو کي خاص نشانو بنائي تنقيد نہ ڪندا هيا ۽ نہ ئي ڪنهن جي دل آزاري واري ڳالھ ڪندا هيا. سندن تبليغ دنيا جي هر لالچ کان پاڪ هوندي هئي. سندن هر ڪم اخلاص سان هم ڪنار هوندو هيو. پاڻ اخلاص جا چمڪندڙ چراغ ۽ رضاءِ الاهي جا روشن قنديل هيا. مجلس ۾ موجود ماڻهن جي نفسيات کي پرکي پوءِ ان مطابق دين جو درس ڏيندا هيا. مجلس دوران سامعين کي قبر، حشر ۽ آخرت جون حقيقتون ٻڌائي روئارينديا ب هيا ت ڪين وري انهيءَ ئي محفل ۾ ڪلائڻ جو فن ب جاڻيندا هيا. ان جي باوجود سندن هر محفل، هر ڪچهري عشق جي رنگ سان رنگيل هوندي هئي. مجلس ۾ زارو زار روئندي فرمائيندا هيا: "اڄ جي مجنون هجي ها ت ليلا جون تعريفون ڪري ها، سسئي هجي ها ت پنهنجي پنهل جون پچارون ڪري ها، سهڻي هجي ها ت ميهار جون ڳالهيون ڪري ها، ٻيبي زليخا هجي ها ت حضرت يوسف عليہ السلام جي واکاڻ ڪري ها. دوستو ! الله سان محبت ڪرڻ وارو ب جيستائين پنهنجي محبوب جي ڳالھ نہ ڪندو تيسين ان جي ماني پاڻي ب زهر هوندو آهي. جيستائين يار حقيقي جي ڳالھ نہ ڪندو تيستائين سڪ آرام قتل هوندس."

عشق اوتارا ناهي ٿو يار جا، عشق ميخانا بنائي يار جا.

عشق مندر اندر جا ڌاهي ڇڏي، ماسوا جا بُت ڀڃي پورا ڪري.
عشق ۾ دردن سندیون دانهون ٿين، رات ڏينهن ۾ ڪَنَ جيئن درياءَ ڏين.

بس هنن شعرن پڑهڻ سان پاڻ ۾ سڏڪندا رهندا هيا تہ پوري جماعت ۾ جذبو، روئڻ ۽ آه وفغان جو هُل مچي ويندو هيو. ماڻهن جي حالت اهڙي ٿي ويندي هئي جيئن ڪڙ ڪي سير وجهي آهي تہ پيو ڦڪندو آهي. سندن حياتي جا ڏينهن ۽ راتيون پنهنجي رب جي آڏو سجدن ۾ قيامن ۾ روئندي ۽ سڏڪندي گذرنديون هيون. پاڻ هي بيت پڑهندا هيا:

راتياں هوون وڏياں وڏياں، عشق هووے اڏياں اڏياں،
سک لگی میکوں یار پنھل دی، روز روماں کر رڑیاں رڑیاں۔

خیال کو کسی آہٹ کی آس رہتی ہے، نگاہ کو کس صورت کی پیاس رہتی ہے،
تیرے بغیر کسی چیز کی کمی تو نہیں، تیرے بغیر طبیعت اداس رہتی ہے۔

سندن ان محبتن کي ملاحظو ڪندي قطبِ جهان حضرت پير منا سائين رحمت الله عليه کين "روئڻو خليفو" سڏيندا هيا. پاڻ دربار عاليہ رحمت پور شريف ۾ اهڙو تہ درد پريو بيان ڪندا هيا جو پاڻ تہ روئندا هيا پر ساري جماعت ۾ روڄ راڙو ٿي ويندو هيو. پيرمنا سائين خود بہ روئي پوندا هيا.

مون سي ڏٺا ماڻهو، جن ڏٺو پرين کي،
تني سندي کا، ڪري نہ سگهان ڳالهڙي.

پاڻ بيحد جري ۽ بهادر هئا. پاڻ هڪ وجود ۾ انجمن هئا. هلندڙ قرندڙ ڪتب خانو هئا. هيءُ هڪ نندڙو ڪتاب علم ۽ معرفت جي ان سمنڊ کي ڪيئن سمائي سگهندو. مون وٽ اهڙا الفاظ ڪونهن جن سان هن ولي الله جي اوصافِ حميده ۽ اخلاق عظيم کي لکي پورو ڪري سگهان.

تَنُ وتو تحويل ۾، ساجن تنهنجي سڪ،
ڇاتي اندر ڇڪ، اٿم تنهنجي ازل کان.

عاشق آهيان ازلي، اڄ جي ناهي ڳالهه،
مونکي محبت مالهه، آهي روز الست کان.

(2)

جن ڏنو ڄاڻن اُهي

جن ڏنو ڄاڻن اهي، هي کل کهين کي ناهه ڪا،
هر هميشه عاشقن کي، دردن سندو ڏڏڪار آ،
سي ڪُٽل ڪيئن ماڻ ڪن، جن کي عشق جو آزار آ،
دارون جن جي دردن سندو، دلبر جو ديدار آ.
(ڪلام فقير صاحبڏنو)

جي مُرڪڻ سان دل موهي ويا: فقير حاجي طالب ميمڻ ٿٽي واري بيان ڪيو ته جڏهن منهنجا مرشد وصال ڪري ويا ته اداس ۽ نراس هيس، ڪافي بزرگن وٽ ويس پر ڪٿي دل نه پئي لڳي. تانجو حافظ مولوي محمد امين سجاول واري سان گڏجي فضل آباد شريف ماتلي پهتس. محبوب الاهي رحمة الله عليه جي چهري پاڪ تي پهرين نظر پئي پاڻ مُرڪي پڇيائون خوش آهيو؟ بس سندن مرڪڻ منهنجي دل موهي ڇڏي. ان مهل ئي سندن دست بيعت ٿيس. بيعت ٿيڻ سان دل جي دنيا بدلجي وئي. اندر مان الله الله جو آواز اچڻ لڳو. پوءِ ته ساڻن اهڙو پريت جو پيڇ ٿي ويو جو سندن کا مجلس کو نه گُسائيندو هيس ۽ هر محفل ۾ سکڻ ۽ پرائڻ جو موقعو ملندو هيو.

جي مُرڪڻ سان دل موهي ويا، سي سونهن سندا سلطان هئا.

پيڪرِ جمال و ڪمال: فقير محمد اشرف ڪوکر ٽوڙ واري بيان ڪيو ته جڏهن پهريون پيرو منهنجي نظر سائينجن جي سهڻي من موهڻي صورت تي پئي ته منهنجي دل ڪي وڻي ويا پر منهنجي دل ڪٽي ويا. سندن قريب آيس ته سندن سهڻن اخلاقن ۽ مٺڙي گفتار مون

کي اهڙو موهيو جو مريد ٽيڻ لاءِ مجبور ٿي پيس. جڏهن مريد ٽيس ته مون سندن شخصيت کي ڪمال ۽ جمال جو پيڪر ڏٺو.

ڪَجَلَ پِنَا نيتَ، زلف ڪر ڪور، تنهن جي بَلَّ نُور، ڇُجها ڳاراتَا ڏنا.

منهن ۾ مٺيا: آءٌ فقير (ڪرم الله) جڏهن خانپور هاءِ اسڪول ۾ ستين جماعت پڙهندو هيس. هڪ ڏينهن ڪلاس ٽيچر استاد محترم محمد نواز پوري ڪلاس وارن کي چيو ته سياڻي سپ چوڪرا بوٽ پائي اچجو. ڪنهن کي به چپل پاتل نه هجي. مون به گهر اچي شاهه بابا کي عرض ڪيو. بابا بابا اڄ استاد چيو آهي ته سياڻي بوٽ پائي اچجو! پاڻ پنجاهه روپيا ڏنائون. عرض ڪيم هن مان ته پلوڙ بوٽ کو نه ملندو. فرمايائون: "پلوڙ کي ڇا ڪندين. سادگي سڻي شيءِ آهي". پوءِ ڏهه روپيا امان کان ورتم، سٺ روپئي جو سادو بوٽ ورتم. خوشيءَ ۾ نه پيو ماپان اڄ سٺ جو بوٽ پاتو اٿم. جڏهن اسڪول آيس استاد صاحب هر هڪ جا بوٽ پاڻ ڏٺا ته سيني ۾ سادو بوٽ منهنجو هيو. چوڻ لڳو هڙو سادو بوٽ پائي آيو آهين؟ عرض ڪيم استاد سائين، منهنجي شاهه بابا فرمايو آهي ته سادگي سُڻي شيءِ آهي. پوءِ بابا سائين جي باري ۾ ڪافي سوال پڇيائين. منهنجي نڙيءَ ۾ ٽئي سوال ياد به نه رهيا. پر ايترو ٽيو جو استاد صاحب کي حضرت جن سان ملڻ جو شوق ٽيو. چيائين جمعي تي مان اوهان وٽ ايندس. تنهنجو والد مون سان ملندو؟ مون چيو ڇو نه بابا سائين ته هر ڪنهن سان ملندو آهي. جمعي تي استاد صاحب آيو. حضرت جن هميشه جمعي نماز بعد تقرير ڪندا هئا. سا جو سوز پري تقرير ٻڌائين ته مون کيس روئندو ڏٺو. مون سوچيو استاد سائين روئي رهيو آهي، سياڻي مون کي الائي ڇا چوندو. خير ٻئي ڏينهن جيئن ڪلاس ۾ آيس. مون کي سڏي چيائين: "ڪرم الله تنهنجو بابا واقعي الله وارو آهي. سندس منهن ۾ مٺيا ڏٺم. جڏهن هيس صورت سٺي تڏهن هيس اخلاق پلا".

بي تڪلفي ۽ سادگي: محترم در محمد پٽي سنڌ گورنمينٽ ۾ سيڪريٽري هيو. هڪ ڏينهن پنهنجي ڪراچي جي دوست سيٺ صاحب سميت حضرت جن سان ملڻ ماتلي آيو. سيٺ صاحب جڏهن محبوب الاهي جي نوراني صورت ڏٺي ۽ مٺڙي گفتار ٻڌي ته ان تي ايترو اثر ٽيو جو چيائين منهنجي زمين ڪور واهه ۾ آهي مان ان مان اٺ ايڪڙ زمين حضرت جن کي

ننگر ۾ ڏيان ٿو. مجلس برخاست بعد چوڻ لڳو. مان ڪيترن الله لوڪ انسانن سان مليو آهيان، پر مون اهڙو حسين چهرو ۽ اهڙي سادگي ۽ بي تڪلفي ڪٿي ڪو نہ ڏٺي. اگر دنياوي مشغوليون نہ هجن تہ هتي ئي سندن صحبت ۾ رهي پوان. ڏاڍو روحاني سکون مليو اٿم.

(3)

حُسنِ صورت

حُسن و جمال ڇا آهي؟

سونهن ۽ سوڀيا، حسن ۽ جمال ٻن قسمن جو هوندو آهي. پهريون حسن ظاهر. ٻيو حسن باطن. قد درميانو هجي، رنگ وٽندڙ هجي، چهرو حسين هجي، رخسار روشن هجن، نڪ نمودار هجي، وار وٽندڙ هجن، اکيون ڪجليون ۽ ڪاريون، ڪڪوريون ۽ ڪشاديون هجن. ٻرون ڪمان وانگر خمدار ۽ نمودار هجن تہ ان کي حسنِ ظاهر سڏبو آهي.

ڪنهن ماڻهو جا اخلاق سٺا هجن، عادتون عجيب هجن. طبيعت ۾ نرمي ۽ نماڻائي هجي، سخاوت ۽ فياضي، دليري ۽ بهادري هجي تہ ان کي حسنِ باطن سڏبو آهي. جڏهن اهي ٻئي حُسن گڏيا آهن تہ اهو ماڻهو ئي حسين سڏبو آهي. ان جي تعريف هرڪنهن جي وات ۾ هوندي آهي. پنهنجن توڙي پر اون ۾ دوستن توڙي دشمنن ۾ اهو هر دلعزيز هوندو آهي.

اگر ڪو ماڻهو چهري ۾ تہ گهٽو ئي حسين جميل ۽ شڪيل هجي پر ان جا اخلاق سٺا نہ هجن، طبيعت ۾ نرمي نہ هجي، سخاوت ۽ فياضي نہ هجي، ڀالهہ ڳالهہ تي چڙيو ٻيٺو هجي. زبان سان دليون گهائي ۽ ايذائي پيو تہ ظاهري حسن ڏوئي تہ ڪو نہ پيئبو ان ماڻهو کي ڪامل حسين ڪو نہ سڏبو. پر جي ڪنهن جا اخلاق تہ گهٽا ئي سٺا آهن پر چهري جو بدصورت بد شڪل آهي، جسم جي بناوت ۾ بي ڍولو آهي، ڏسڻ ۾ نہ لاءِ نہ ساءِ تہ اهڙو ماڻهو بہ ڪامل حسين ڪو نہ سڏبو. پر الله پناهہ ۾ رکي اهڙي ماڻهو کان جنهن ۾ نہ ظاهري حسن و جمال هجي نہ وري اندر جا کي اخلاق سٺا هجن. بي وڙو، بي همتيو ۽ بي فيض هجي تہ

دليان دعا پئي نکرندي ته الله کري شال منهن نه لڳي. پر کامل اکمل حسين اهو آهي جنهن ۾ حسن ظاهر نروار هجي ۽ حسن باطن آشڪار هجي ته اهو مرڪڻ سان ماڻهن جون دليون موهي وٺندو آهي. ڏسڻ سان وٽي ويندو آهي ۽ دل کڻي ويندو آهي.

حُسن محبوب الاهي

آن عقل کجاکه در کمال تو رسد * آن ديده کجاکه در جمال تو رسد
ديدم که تو پرده بر گرفتی ز جمال * آن فکر کجاکه در خيال تو رسد

پيلي هزارن جو هجوم هجي، سوين سونهن پريا موجود هجن پر محبوب الاهي هڙن ۾ نروار ۽ نمودارهوندا هئا. سندن پيشاني انوارات الاهي سان چمڪندڙ هوندي هئي. چهري تي الاهي انوارن جي جوت جَرڪندي هئي. الله کريم کين حسن صورت ۽ حسن سيرت جو وڏو حصو عطا کيو هيو. ظاهري حسن ۾ پاڻ نهايت سهڻي صورت وارا، قد جا نه ڊگها نه بندرا مگر وچولي قد وارا، ڪشادي پيشاني وارا هئا. سندن اکيون نوراني، وڏيون، سهڻيون ۽ سدائين سُرمياڪ هونديون هيون. زلف سنت مطابق ڪنن جي پاڙين برابر پُر ڪشش هوندا هيا. سونهاري سُهڻي مٽ برابر، وار ڪارا ٿورا ٿورا خميده هر وار ۾ ڪيئي اسرار سمايل هئا. سندن ابرو هڪ ٻئي کان الڳ هوندا هيا. منهن ۾ مٺياس، هر وقت مُرڪندڙ چهرو. اخلاق اعليٰ پَلّ ۾ پراون کي پنهنجو ڪري وٺڻ جي خوبي. پاڻ مجلسن جو سينگار هئا، دلين جا دلدار هئا، روحن جا راڻا هئا، اکين جا نار هئا.

هيو حضرت سهڻو هزارن ۾، پرين پڌرو پاڻ قطارن ۾.

بے تو محال است که در چشمِ من، جائے کند در شبِ ہجر تو خواب
قتیلِ نیست کسے ہمچو من ز خنجرِ عشق، کجاست خوار از من ز زخمہائے فراق

قدو قامت ۽ جسامت

پاڻ وچولي قد وارا هئا. جسم ۾ مناسب ۽ متناسب الاعضاء هئا. سندن قد مطابق جسامت تمام سهڻي ڏهندي هئي. چو ته پاڻ نه بلڪل نحيف هئا نه لحيم ۽ شحيم. نه بلڪل ڊگها

هئا نہ وري بندرا. قد چئجي يا سَرو سهي جو درخت چئجي يا الف چئجي. جنهن جو ڪُنڍو قلب ۾ پيوست ٿي وڃي. تنِ تو ہر کہ دید گفت از شوق * اللہ اللہ این چہ سیمین تن است

با قدِ یار سَرو برابر نہ شد * پیشِ رخش شد ز خجالت گلاب
شاخ گل نازک نباشد چون نہالِ قد یار * عاقبت روزی بآبِ دیدہ آرم در برش

چهرو مبارک

تاب روئے تو شمع انجمن است * گل روئے تو زینتِ چمن است
توئی امروز یوسفِ ثانی * زان سبب عاشقِ تو مرد و زن است

مصور فطرت ڪمڙي ريت سندن سمٽي من موهڻي صورت ٺاهي هئي. سندن حسين چهري ۾ غايت درجي جي دلفريبي ۽ دل ڪشي هئي. سندن چهرو مبارک شبنم ۾ ڏوتل گلن کان زياده حسين هو. جيڏي مهل مسڪرائيندا هئا تہ دليون موهي مستان ڪري ڇڏيندا هئا.

صَدیُن کان ئي سِڪَ ۾، رڙندو رهيو روح،
الأَرْوَاحُ جُنُودٌ مُجَنَّدَةٌ [1] اتان ان صبوح،
فَمَا تَعَارَفَ مِنْهَا ائْتَلَفَ، ورهن جي ورونهن،
سَاجَنَ تُنهنجي سُونهن، عَاشقُ ڪيو ازل ۾.

چنان مائل شدم بر حسنِ جانان * کہ جز ذکرش ندارم بر زبان ہیچ
جمالش را ہزاران صاحبِ تاج * بیک دیدن بجان ہستند محتاج

بهار جي موسم ۾ چمن ۾ قدرتندر عجيب گلن ۾ جيڪا رعنائيت ۽ ڪشش، سڳنڌ ۽ سرهاڻ هوندي آهي، منهنجي محبوب جي چهري جي رعنائي ۽ لالائي ان کان هزار حصہ افضل هئي. سندن بدن جي سرهاڻ اڃا سوائي هئي.

روئی تو از گل است نازک تر * نیست گل چون رخت بے زہزار

---

[1] عَنْ عَائِشَةَ . رَضِيَ اللَّهُ عَنْهَا . قَالَتْ سَمِعْتُ النَّبِيَّ صلى الله عليه وسلم يَقُولُ الأَرْوَاحُ جُنُودٌ مُجَنَّدَةٌ فَمَا تَعَارَفَ مِنْهَا ائْتَلَفَ وَمَا تَنَاكَرَ مِنْهَا اخْتَلَفَ صحيح البخاري ج 4 ص 162

سندن چهري ۾ سکون هوندو هيو. هڪ سمنڊ جهڙو سُکوت جيکو گجندڙ درياءَ ۾ آبشارن کي پنهنجي آغوش ۾ ڪري وٺندو آهي.

ياسمين و سنبل و گلشن چه کار آيد مرا * در نظر زلف ورخ دلدار بودے کاشکے

هي اهو چهرو هو جنهن زماني جا لکين لحظا ڏٺا هئا، سوين سور سٺا هئا، مگر پوءِ به هميشه غمن تي مشڪندڙ رهندو هيو. هن چهري ۾ مون گهُنج نه ڏٺا.

هر سُور ۾ صدمي ۾ مسرور چهرو. ها مگر شريعت جي خلاف ڪنهن معاملي کي ڏسندي ئي اهو چهرو ڏاڙهون جي داڻن وانگر لعل ٿي ويندو هيو. لعل لب ڦرڪڻ لڳندا هئا. بي باڪ ۽ بي پرواهه ٿي پنهنجي پرائي جو لحاظ نه رکندي حق چئي ڏيندا هئا. ان وقت ڪنهن کي مجال نه هوندي هئي جو سامهون ڪجهه ڪُچي سگهي. جڏهن خوشيءَ جي خبر ٻڌندا هئا ته چهرو شريف گلاب جي گل وانگر ٽڙي پوندو هين. نورانيت ۽ چمڪ دلين کي سرشار ڪري ڇڏيندي هئي. چوڏهين جي چنڊ وانگر چهرو چمڪڻ لڳندو هو.

حسين پيشاني

سندن پُر گوشت پيشاني نوراني ۽ ڪشادي هئي. جڏهن پيشاني تي پگهر ايندو هين ته چمڪندڙ نظر ايندي هئي. ٻن ابروئن جي وچان وارن طرف هڪ رڳ ٿورو نڪتل نمايان نظر ايندي هئي. غصي ۽ڳريه جي حالت ۾ اها وڌيڪ ظاهر ٿي ٻيهندي هئي. پيشاني مبارڪ تي هميشه فيضان الاهي جو وسڪارو نظر ايندو هيو. سندن جبين هئي يا گلِ ياسمين هئي، سطح طور هئي يا شعلهٔ طور هئي. موج آب حيات هئي يا قدرت جي سوغات هئي. پيشاني مبارڪ جي ڏاڀي پاسي لوندڙي تي ننڍڙو ڏڪ جو نشان هيو جيکو شايد ننڍپڻ جو نشان هيو. پيشاني جي ساڄي طرف سطح کان اڌ ريل ننڍڙو تِرُ هيو. ان مٿان جڏهن به نظر پوندي هئي ته شيرازي جو شعر ذهن ۾ اچي ويندو هيو.

اگر آن ترک شيرازی بدست آرد دلِ مارا * بخالِ هندوش بخشم سمرقند و بخارا را

ابرو مبارڪ

سندن ابرو مبارڪ پهرين تاريخ جي چنڊ وانگر خميده هئا. جيڪي نه جاڙا هيا نه بلڪل ڊار پار پر اهڙي عجيب انداز ۾ هئا جو ڏسڻ سان دل چوندي هئي: جانِ جاست

بقولِ مفتون: ڪيئي ابرو تيغ شهيد ڪيا، ڪيئي ناز مزيد مريد ڪيا.

سندن ابروئن جي ٿورو مٿان ٻنهين طرف نشان نظر ايندا هئا پوءِ خبر ناهي ڇاجا هئا. سِيۡمَاهُمۡ فِيۡ وُجُوۡهِهِمۡ مِّنۡ اَثَرِ السُّجُوۡدِ ؕ جا آثار هيا يا هي ڪا شيءِ. پاڻ ڪڏهن ڪڏهن انهن تي ملم ٻه مڪيندا هئا. ابروئن جا وار ڏسڻ هئا.

ڪڏهن ڪڏهن پتڪو ٻڌندا هئا ته وار پتڪي جي ور ۾ اچي ويندا هئا. ٻن ابروئن جي وچ ۾ ٻه سنها گهنج معلوم ٿيندا هئا. غصي جي حالت ۾ اهي وڌيڪ گهرا ۽ دلفريب معلوم ٿيندا هئا. انهن ٻن گهنجن وچان هڪ رڳ پيشاني جي وارن تائين ويندڙ نظر ايندي هئي. جيڪا غصي ۽ گريه جي حالت ۾ وڌيڪ اپريل معلوم ٿيندي هئي.

اکيون مبارڪ

سندن من موهيندڙ اکيون مبارڪ، نه بلڪل ننڍيون ۽ نه صفا وڏيون هيون پر بادام نما وچوليون ۽ وٽندڙ هيون. انهن کي ڏسي جوهر جو جمال ٻ جَهڪو ٿي پوي. سندن اکين ۾ عقاب واري تيزي، ٻي ٻاکي ۽ شير جو جبروت آڻينه دار هيو. اکين جو ڪارو حصو بلڪل ڪارو هيو ۽ سفيد حصي ۾ ٿوري ڳاڙهاڻ جي آميزش هئي. هميشه سرميناڪ رهڻ واريون اهي اکيون ٿي هيون جن جي ديد سان سوين گمراه ديندار بنجي پيا هئا.

ڪٽي نيڻ نهار، آءُ آسائتي آهيان،
جا مون جم جمار، هڪ جَهلَکَ تان گهوريان.

دو چشمت عين بادام است يا دام است آن ترا
لبِ لعل تو ياقوت است و ياقوت مرجان است

پنڌٽيون شريف

سندن پنڌٽيون پاڪ ڏگهيون ۽ ڪاريون هيون. ڪارين ڪڪورين اکڙين مٿان ڏاڍيون حسين لڳنديون هيون.

صف کشیدہ ہر دو مژگان بہر جنگ ایستادہ اند * صلح خواہد شد نگاہش در میان آوردہ اند

نڪ مبارڪ

سندن نڪ پريو نڪ مبارڪ نہ ٽلهو هيو نہ سنهو. صانع قدرت سندن روشن پيشاني ۽ حسين رخسارن وچ ۾ ڏاڍي حُسن ۽ نزاڪت سان سندن نڪ مبارڪ جوڙيوهو. جيڪو هميشہ چمڪندڙ نظر ايندو هو.

روشن رُخسار

سندن ڳل مبارڪ پر گوشت چمڪدار هڻا. سونهاري مبارڪ منجهان رخسار ائين لڳندا هڻا جيئن چمڪندڙ چند. اينچ رخسارست گويا چہرہ پُر از بہار

کاش سر تا پاکشم نظر چون آفتاب * تا بر خسارِ تو ميکردم نگہ از شش جہت

جيڪو بہ هڪ پيرو محبوب الاهي جي چهري پاڪ جو ديدار ڪندو هيو ضرور سندن روشن رخسارن جي تعريف ڪندو هيو.

در دہان ہر کہ او زبان دارد * وصف رخسار یار می گوید

وات ۽ چپ مبارڪ

سندن وات مبارڪ وچولو هيو جنهن جا هڪي ڪنارا يڪدم سوڙها هڻا. چپ مبارڪ سنها، جن تي ٽوري لالائي نظر ايندي هئي. پاڻ جڏهن مُرڪندا هڻا تہ من مسرور ٿي پوندو هيو.

جاني تو جڏهن، نازان نهاريو،
سُتو سور اندر جو، عشق اڌاريو،
رِيءَ مَرنَ ماريو، مُرڪَنَ مون محبوب جي.

زان غنچہ ٔلب حکایتِ [1] من بے نہایت است
وقت است تنگ ور نہ سخن بے نہایت است

---

[1] اصل شعر ۾ لفظ شکایت آهي.

زبان شريف

سندن زبان مبارڪ سُرخي مائل هئي. ان زبان کڏهن ڪنهن کي ڪو نہ ڏکوئيو هيو ۽ هميشہ حق ۽ سچ ڳالهايو هيو.

ڏند مبارڪ

سندن ڏند مبارڪ هڪ ٻئي ۾ مليل نهايت سفيد هئا. آخر عمر ۾ سامهون وارا ٻہ ڏند ضايع ٿي ويا هئا اهي ڊاڪٽر کان لڳرايا هئائون.

زلف مبارڪ

سندن وار مبارڪ جواني ۾ بلڪل ڪارا هئا ۽ پيري ۾ وري ڪير جهڙا سفيد ٿي ويا هئا. اهي ٿورڙا خيمده هئا. انهن جا اهي خم ۽ پيچ دلين ۾ دام وجهي چڏيندا هئا.

اے دلِ من صيد دامِ زلف تو * دام دلہا گشت نازم زلف تو
زلف تو بالائے مہ دارد مقام * بس بلند آمد مقام زلف تو
بند شد در زلف تو دلہا تمام * دام بند آمد مقام زلف تو

هميشہ سنت نبوي مطابق پنهنجا زلف (وار مبارڪ) ڪنن جي اڌ کان ڪٽائيندا هئا پوءِ وڏي اچي ڪنن جي پاڙين تائين پهچندا هئا تہ ڏاڍا حسين لڳندا هئا. جڏهن ان کان وڏي ويندا هئا تہ انهن کي ڪٽائيندا هئا. هڪ دفعي شديد گرمي جي موسم هئي، پاڻ پنهنجي مٿي مبارڪ کي هٽ لائيندي فرمايائون تہ گرمي جي ڪري مٿي ۾ خارش ٿي پئي آهي. دل چوي ٿي تہ وار ڪوڙائي چڏيان پر وارن کي ڪوڙائيندس تہ نبي ڪريم ﷺ جون گهٽيون سنتون رهجي ويندیون انڪري وار نہ ٿو ڪوڙايان. ٻيو تہ فقير ٻہ پوءِ ان ڳالهہ کي پير جي سنت ڪري وٺندا. پوءِ فرمايائون: پير سائين جن جو هڪ خليفو اسان جو پير پائي پهريائين مٿو ڪوڙائيندو هيو تہ ان جي سڀ جماعت وارا ٻہ مٿو ڪوڙائيندا هئا. پوءِ هڪ دفعي حضرت پير سائين جن ان خليفي صاحب کي گهرائي سمجهايو تہ توهان نبي ڪريم ﷺ جي هي سنت چو چڏي آهي؟ ان کان پوءِ خليفي صاحب وار رکايا پوءِ سندس جماعت ٻہ وار رکڻ شروع ڪيا.

ميارا خال زلفِ خم بجم را منه مرغِ دلم در دانه در دام
من از ميم دهان و جيم زلفش * فتادم در بلا پيوسته چون لام
مه رويش نمايد از خم زلف * نشد پيدا اگر چه صبح در شام

سونهاري شريف

سنڌن سونهاري مبارڪ هميشه سنت مطابق مٺ برابر هوندي هئي. هر جمعه تي جڏهن سنوارت ڪندا هئا ته مٺ کان وڌيڪ وار ڪٽي ڇڏيندا هئا.

لطافت هائي عالم جمع کردند * وزان سيبِ زنخدان جمع کردند

ڪَنَ مبارڪ

سنڌن ڪن مبارڪ ننڍڙا خميده ۽ نهايت نازڪ ۽ نفيس هئا. ڪڏهن ڪڏهن زلفن ۾ مستور هوندا هئا. جڏهن پگ پڌندا هئا ته ڪنن جو مٿيون حصو ڪيڏي مهل پگ جي پيچ ۾ مستور ٿي پوندو هيو.

پُرڪَش ڪو پيار، پيالو اڄ پريم جو،
سُتا سُورَ اندر ۾، ساجن سي اُتيَارِ،
اهڙو آڻِ خُمارُ، مدهوشي جي مَدَ جو.

رنگ و رُوپ

سنڌن رنگ مبارڪ روشن ڪڪ جي رنگ وانگر پوراڻ مائل هيو. ان ۾ ملاحت هئي. سينو ڪشادو، ڪلها ڪليل، هٿ ويڪرا هٿن پيرن جون تريون پرگوشت، آڱريون نه ٿلهيون نه سنهيون. پنيون پُر گوشت پير موڪرا هوندا هئا. هلندا هئا ته گردن جهڪائي قدم قدم اطمينان ۽ وقار سان کڻندا هئا. هر فجر ۽ عصر جي وضو کان اول چهري شريف کي سرنهن جو تيل مکيندا هئا. وارن کي به گهٽو تيل مکيندا هئا.

حق محبوب الاهي:

تنهنجي ديد سجڻ دل گهائي، حق محبوب الاهي، تنهنجي سونهن آ مولا وڏائي، حق محبوب الاهي.

1. تنهنجي پيلرا پاڪ پيشاني، ڏسي ٿي آ دل مستاني،ڪيان جان مان توتان فدائي، حق محبوب الاهي.
2. تنهنجو سهڻو سهڻو چهرو، متان ونگڙن وارن پهرو، ماري لڙن جي لالائي، حق محبوب الاهي.
3. ڏاڍي تنهنجي ڇڳ آ پياري، وٽي دل کي تنهنجي سونهاري، تنهنجي ابرن دل اڙائي، حق محبوب الاهي.
4. تنهنجي اکڙين ۾ ڪو جادو، ڪن قيد ٿيون دلبر قابو، نڪ نازڪ ناز ادائي، حق محبوب الاهي.
5. تنهنجو قد آ سَرُو جان سهڻو، تنهنجو سينو آ من مهڻو، وڏي هنڙن قرب پلائي، حق محبوب الاهي.
6. تنهنجا پير پيارل پيارا، جنهن تي رشڪون ڪن جڳ سارا، تنهنجو شان ڪيو رب شاهي، حق محبوب الاهي.
7. تنهنجو خُلق نرالو جڳ ڪان، تنهنجي مهر سڃڻ هر ڪهن سان، تنهنجي ساڃن سڪ آسوائي، حق محبوب الاهي.
8. هي "ڪرم الله" تنهنجو خادم، آهي پنهنجي گناهن نادم، ڪر سهڻا نانڪان جدائي، حق محبوب الاهي.

(4)

حُسنِ سيرت

الله ڪريم جل جلاله جيئن حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه جي ظاهري صورت کي سهڻو سينگاريو هيو تيئن کين حسن باطن سان به مالامال فرمايو هيو. پاڻ ڪردار جا ڪامل، صورت ۽ سيرت ۾ بي نظير هئا. سندن سينو فيضانِ الاهي سان لبريز هيو. پاڻ پنهنجي لاءِ جيئڻ بجاءِ پين لاءِ مرڻ کي سعادت سمجهندا هئا. سندن هڪ نگاهه پين کي سندن صداقت ۽ خلوص جو معترف بنائي ڇڏيندي هئي. پاڻ هر وقت مُشڪندڙ ۽ ٻهڪندڙ چهري سان هوندا هئا. نه منهن ۾ گهنڊُ وڌائون نه مُنهن ڪَتو ڪيائون. مسڪين ماروئڙن سان ته وڌيڪ پيار ۽ پاڻپوهه سان پيش ايندا هئا. پنهنجي من ۾ ڪنهن سان ڪينو، بغض ۽ ويڑ رکندڙ نه هئا. بُرائي ڪندڙ سان احسان ۽ عنايت ڪندڙ هئا. برائي جو بدلو چڱائي سان ڏيندا هئا. پاڻ رحم ۽ امانت، سخاوت ۽ شُجاعت، قناعت ۽ مروت جا مجسما هئا. تدبر ۽ حلم، عفو ۽ ڪرم سندن شيوو هيو.

چاهيندا هئا ته ڪلاڪن جا ڪلاڪ هڪ موضوع تي ڳالهائيندا رهندا هئا. ذهن ۾ اڻ ڪُٽ مواد موجود هوندو هين. اگر گهٽ موضوعن تي گفتگو ڪندا هئا ته اهڙي حسين ۽ دلڪش انداز ۾ جو ٻڌڻ واري کي محسوس به نه ٿيندو هيو جو ان کي مشرق کان مغرب

وڻي ويندا هئا. ٻئي چوٽين ڏينهن پنهنجي گهروارن کي ويهاري نصيحت ڪندا هئا. فقهي مسائل ۽ آداب سيکارينداهئا. آلِ رسول سادات ڪرام جي وڏي عزت احترام ڪندا هئا. انهن کي جيءُ ۾ جايون ڏيندا هئا. بزرگن جو اولاد ايندو هيو تہ انهن لاءِ نيڙ وچائيندا هئا. تحائف ۽ نذرانن بنا رخصت نہ ڪندا هئا. مهمانوازي جو منجهن وڏو جذبو هوندو هيو. ڪڏهن مهمانن کي ماني هٿ سان کڻي کارائيندا هئا. خلفاءِ ۽ علماء کي خصوصي دعوت ڪندا هئا تہ ڪڏهن انهن جا هٿ پاڻ ڏئارينداهئا.

سندن وڏي خوبي اها هئي جو پاڻ مرده دلين کي زنده ڪيائون ۽ ويران دلين ۾ علم ۽ ايمان جي پوک پوکيائون. فَردن ۽ قومن کي سڌاريائون. سندن علمي ۽ روحاني شخصيت، سندن دعوت ۽ تبليغ ماڻهن جو تزڪيہ نفوس ڪيو. ماڻهن کي ديني، ايماني، ايقاني رنگ ۾ رنگيائون. پاڻ مصلح عصر ۽ مبلغ دهر هئا. پاڻ مستجاب الدعوات هئا، تڪڙا ڳوڙها وهائيندڙ هئا. دل جا نرم، هميشہ ذڪر ۾ رهندڙ، گهٽو فڪر ڪندڙ، سهڻن اخلاقن وارا، ڪريم النفس، هٿ جا سخي، علم ۾ سخي، نرم مزاج، عبادت گذار، شب بيدار هئا. مسڪينن سان مهر ڪندڙ، فقيرن کي فيض ڏيندڙ، هارن ٻڌن سان ٻاجهہ ڪندڙ هئا. ڪڏهن ڪنهن وڪيل يا وزير امير يا ڪبير جي در تي دنيا ڪاڻ ڪونہ ويا. ڪڏهن زبان سان ٻاڙو نہ ٻوليائون، ڪنهن جا عيب نہ ڳوليائون، پنهنجي ذات ڪاڻ ڪنهن سان ڪونہ ڪاوڙيا. پاڻ سچار هئا، وفادار هئا، صاحبِ ايثار هئا. صبر ۽ شُڪر سندن عادت هئي. حلم ۽ ڪرم سندن طبيعت هئي. تقويٰ ۽ ورع وارا هئا. شرعي مسائل ۾ نهايت ڳوڙهي نظر رکڻ وارا هئا. ڪڏهن ڪنهن کي نہ گار ڏنائون نہ گٹو لفظ ڳالهايائون. نماز روزو ۽ عبادت جيئن ماڻهن سامهون ڪندا هئا تيئن اڪيلائين ۾ اهوئي اهتمام ڪندا هئا. ظاهر توڙي باطن يڪسان رکڻ وارا هئا. سندن دسترخوان هميشہ وڇايل ئي رهندو هيو. بڪارن کي ڪارائڻ، اجارن کي پيارڻ، بيمارن کان هلي وڃي پڇڻ، قرضدارن جي مدد ڪرڻ، اوکي ۽ آئي ويل ۾ پنهنجي پرائي کي ڪم اچڻ وارا هئا. قرآن جي تلاوت ڪرڻ وارا، سهڻي حبيب ڪريم ﷺ تي گهڻي صلوات پڙهڻ وارا هئا. هر وقت سندن زبان تي تسبيح تمجيد ۽ تڪبير جا الفاظ هوندا هئا. سنتن تي عمل ڪرڻ جو گهڻو اهتمام ڪندا

هئا. ڪاڌي ۾ گھٽو احتياط ڪندا هئا. حلال طيب ۽ پاڪيزه ڪاڌو ڪائيندا هئا. سفر ۾ پاڻ سان ستُو يا مڻيون مانيون پچائي ڪڍندا هئا. پنهنجي وعظ ۽ نصيحت تي ڪڏهن ڪنهن کان اجورو نه ورتائون. اگر ڪنهن بنا گهرڻ جي ڏنو ته قبول ڪيائون ۽ پوءِ ضرورت مندن ۾ تقسيم ڪري ڇڏيائون. ڪيترا اهڙا گهر هئا جن جي پاڻ ڪفالت ڪندا هئا. جماعت ۾ ڪيترا اهڙا فقير محتاج ۽ مسڪين هئا جن کي پاڻ خرچ پکو لٽو ڪپڑو سال ۾ مهيا ڪري ڏيندا هئا. هر وقت "مراقبهء معيت" ۾ محو رهندا هئا.

هر معاملي ۾ اعتدال پسند هئا. انتها پسندي کي پسند ڪو نه ڪندا هئا. معاملو ديني هجي يا دنياوي محبوب الاهي اعتدال ۾ ئي رهڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. ڪنهن چيو:

اجتنب التفريط والافراط. تَسْتَغْنِ عن بقراط

افراط (اجائي وڌاءُ) ۽ تفريط (اجائي گھٽاءُ) کان بچ تہ بقراط (حڪيم) کان بي نياز ٿي ويندين.

پاڻ انهن دُعاة الصالحين، علماء العاملين ۽ عُرفاء الربانيين مان هئا جن پنهنجي جان جوکن ۾ وجهي بہ علم کي عام ڪيو. خلقِ خدا کي نفعو رسايو. پاڻ ڪشادي سيني ۽ وڏي دل وارا هئا، جهالتن ڪرڻ وارن سان بردباري سان پيش اچڻ وارا هئا. هر وقت مسڪرائڻ سندن عادت هئي. هر ماڻهو سان سندس علم ۽ مقام مطابق ڳالهائيندا هئا. سندن اندر تواضع ۽ انڪساري جا مڙ هئا. ننڍين توڙي وڏن، اميرن توڙي فقيرن هر هڪ سان سهڻو سلوڪ رکندا هئا. اميرن جي ڪچهرين کان ڪنارو ڪندا هئا.

نہ ڪنهن جي گلا ڪندا هئا نہ ڪنهن جي گلا ٻڌندا هئا. پاڻ اهل الخير مان هئا. اهل الاحسان مان هئا. حقوق الله ۽ حقوق العباد جي گهٽي پاسداري ڪندڙ هئا. صبر سندن عادت هئي، شڪر سندن علامت هئي. دعا ۽ التجا ڪرڻ ۾ ڪڏهن ڪوند ٽڪبا هئا. استغفار روز انو پڙهندا هئا. رات جي دعا ۽ مناجات ۾ سندن رقت ۽ روئڻ، ٻڌڻ وارن جو هيانءُ ڏاري وجهندو هيو. پاڻ نہ ڪنهن سان ڪبر (وڏائي) ڪيائون نہ مڪر. نہ ڪنهن جا حق توڙيائون نہ ڪنهن سان وعده خلافي ڪيائون. پاڻ دنيا ڪان زاهد هئا. دنيا جي بي وفائي ۽ بي ثباتي کي حق اليقين سان جاتائون ۽ سڃاتائون ۽ پوءِ ان کان زهد اختيار

ڪيائون. ڪتاب الله جي تلاوت ۽ ان جي حڪمن تي عمل ڪيائون ۽ امر بالمعروف ۽ نهي عن المنڪر ۾ عمر گذاريائون. ڪڏهن ڪنهن کي حق چوڻ ۾ عذر ۽ عار نه ڪيائون.

پاڻ سلوڪ جي رهباني راهه ۾ محبوب حقيقي جي وصال خاطر سوين سور سڻائون، اٽانگا پنڌ ۽ پيچرا طئي ڪيائون. سندن ناقابل تسخير عزم ۽ همت هڪ ڏينهن هي رنگ لاتو جو هزارن جا هادي بنيا. پاڻ ڪڏهن محبوب جي ممجوري ۾ لڙڪ وهائيندا هئا. ڪڏهن فغان ۽ فرياد ڪندا هئا. ڪڏهن نينهن جي نشي ۾ مخمور ته ڪڏهن دوست جي درد ۾ مسرور نظر ايندا هئا. ڪڏهن محبوب خاطر عاجزن ۽ عليلن وانگر پڪاريندا هئا.

ويندل جماعت ۾ حال ۽ حضوري جي ڪيف ۾ اچي ويندي هئي. ڪڏهن وري جهنگ ۾ نڪري ويندا هئا ڪڏهن شهر جي پرسان هڪ باغ هو ان ۾ اڪيلا ٽي ويهي هنجون هاريندا هئا. ڪڏهن دوست جي درشن لاءِ حجره ۾ پاڻ بند ڪري ريهون ۽ رڙيون ڪندا هئا. رات جي وقت جي سپ ڪائنات دنوي فڪرات کان فارغ ٽي ننڊ جي نشي ۾ هوندي هئي مگر پاڻ دوست جي خاطر پيا لُڇندا ۽ لوڇندا ۽ پَڇندا ۽ پَڇرندا هئا.

سندن صحبت ۾ ۽ عشق الاهي جي اها پالوٽ هوندي هئي جو مرد عورتون ننڍا وڏا ڪيڏي مهل ته رقص جي حال ۾ اچي ويندا هئا. ڪي ڪپڑا ڦاڙي ڇڏيندا هئا ته ڪي باهه باهه ڪري پاڻي جي نهر جي ڪَنن ۾ ڪاهي پوندا هئا. ڪي محبت جي مء کان سرشار ٽي ٻي هوش ٽي ويندا هئا ته ڪي نچڻ ۽ ٽپڻ لڳندا هئا. جڏهن پاڻ عشق جي ڪافي يا بيت پڙهندا هئا ته پوءِ ته ڪهرام مچي ويندو هيو. ڪير هيو جنهن تي حال نه هيو!! هر هڪ ٻي خودي ۾ ٻي حال هو. فقير ۽ فقيرياڻيون جڏهن خانپور بس اسٽاپ کان لهندا هئا جڏهن سندن نگاهه حضرت سائين جن جي حرمسراء تي پوندي هئي ته اتان کان ٻي اختيار جذب جنون چالو ٽي ويندو هين.

پاڻ فراق جي ڪوناري ۾ پچي ۽ ڳري درد جي رقت جو مزو چکيو هئائون ته وري وصل جي وادي ۾ گهڙي من جون مرادون ماڻيون هئائون، ان ڪري سندن ڪلام شنيد بجاءِ ديد تي مشتمل ۽ وجد انگيز هوندو هيو. وعظ ڪندي ڪندي جڏهن عشق جو ڪلام ڪندا هئا ته گويا حاضرين ۽ سامعين جي دلين جي سازن جون تارون چوري ڇڏيندا هئا.

عام ۾ سليس زبان استعمال ڪندا هئا. دقيق ۽ اونها الفاظ نہ ڳالهائيندا هئا مگر اهي اهڙا مئڙا ۽ من موهيندڙ هوندا هئا جو پٿر دل انسانن کان بہ لڙکن جو لڙهيون جاري ٿي ويندیون هيون. ڳالهائيندا هئا تہ جڏ موتي مالها ۾ پوئي رهيا آهن. لفظ لفظ کان جدا. نندیو وڏو مرد عورت پڙهيل اڻ پڙهيل سڀ سندن رس پرئي ڪلام کان سرشار ٿيندا هئا. هر لفظ ۾ روحاني راز سمايل هوندو هيو. سندن ڪلام ۾ سپيرين جي سُرهاڻ ايندي هئي. سندن ڪلام مڻ ۾ بہ زندگي جي حرارت ڦوڪي چڏيندو هيو. سندن ديدار ۽ گفتار سان محبت جا چشما ڦٽندا هئا.

پاڻ جڏهن محبوب محمد ڪريم ﷺ جي عشق ۾ الفت ۾ سوز ۽ فُرقت ۾ روئندا هئا تہ سندن لڙک هڪ سنگ دل سيني ۾ بہ عربي ڪريم جو عشق پيدا ڪري وجهندا هئا. ڇو تہ پاڻ فراق جي ڦوڙائي مان ڦٽجي پوءِ وصل جي وادي ۾ غوطہ زن ٿي نڪتا هئا. ان ڪري

ڪہ سالک بي خبر نبود ز راہ و رسم منزلہا جا حقيقي مصداق هئا.

هڪ پيري ڳوٺ قاسم رودناٽي ضلعي دادو ۾ تبليغ جي سفر تي هئا تہ وعظ ڪندي سندن مٿان اهڙي حالت طاري ٿي جو جنهن پئي سندن رڄ زيبا ڪي ڏٺو سو ٿي وجد ۾ جھومڻ لڳو. هر پاسي آهہ وبُڪا، هاءِ هوءِ جو جهان لڳي ويو.

سندن اٽڻ ۾ ويهڻ، ڪلهہ ۾ ڪائڻ، روئڻ ۾ رمڻ، جهجڻ ۾ جُهرڻ، ڪڙهڻ ۾ جھومڻ، مچڻ ۾ لوڙڻ، دوستي ۾ دشمني مطلب تہ هر ڪم رب جي رضا لاءِ هيو. پاڻ ڏک ۾ سک ۾، رنج ۾ راحت ۾، رات ۾ ڏينهن ۾، صبح ۾ شام ۾، مطلب تہ هر حال ۾ قال ۾، مالڪ جي مرضي کي مقدم رکندا هئا.

الله عزوجل ۾ انجي حبيب لبيب ﷺ کي راضي رکڻ لاءِ پاڻ ڪمڙي ڪمڙي مصيبت نہ ڏٺائون. مائٽن جون مخالفتون، عزيزن جون اذيتون، دوستن جون دشمنيون، رقيبن جون رقابتون، حاسدن جون حماقتون، مُعاندن جون معابتون، قتل جون سازشون، ڪورٽن ۾ دعوائون، گهرن کي باهيون، مسڪيني جون مشقتون، گهرن ۾ بيماريون، مال ۾ موت مارو مطلب تہ مٿن هر طرف کان سخت ڪٺن امتحان آيا. پر پير ڪامل جي

رهنمائي ۾ سڀ سور سهي. توکل جو ترهو ٻڌي مصيبتن جي درياء ۾ صبر جي ٻيڑي تي چڑهي سڪ جا سڑه سنوان ڪري وصل جي ساحل تي اچي سيني جي سوز کي متايائون.

ائين ٻه ٽيو جو جيئن جيئن سندن مخالفت وڌندي وئي تيئن تيئن سندن عظمت جو آفتاب روشن ٿيندو ويو. جيئن جيئن سور ۽ سختيون وڌندا ويا تيئن تيئن محبوب حقيقي جي قرب جا وڻ ويجها ٿيندا ويا. آخرڪار سامي جهاڳي سڄ اچي وسنهن کي ويجها ٿيا. دستور آهي ته جتي ڪنوٽيون ڪڪرن جي ڪارونهار ٽاڙوواڙ ۽ ٽڪاء هوندا آهن اتي وري ميِنهن ٻه وَڏَ قُـرَّا وسندا آهن. پاڻ جيترا سور سڻائون رب وري انهن جو هي بدلو ڏنو جو هزارن کي سندن در جو خادم ۽ غلام بنائي ڏنو.

پاڻ الاهي اسرارن جو پلر پيتائون ۽ ويهي وندبيائون. هر وقت پر جوش ۽ خاموش رهندا هئا. اسرارن جا درياء نوش ڪندا هئا پر عام سان آڻ ٻه نه سليندا هئا. اسرارن تي صامت ۽ راهه ۾ ثابت رهندا هئا.

ڪهڙو ڪريان حال آءُ درد مندن جي دل جو
ڪُٽا ڪچن ڪينڪي لنؤ لائي ٽيا لال
ڪوه ڪندو تن کال، مرٽئون اڳي جي مٹا

سادگي سندن عادت هئي. گفتار ۾ توڙي رفتار ۾، خوراڪ ۾ توڙي پوشاڪ ۾ تصنع ۽ بناوٽ کان بلڪل پري رهندا هئا. گهر ۾ ڪڏهن فقيرن جي ياڄي ۽ بصر پاڻ ڪٽيندا هئا. ڪيڏي مهل ڪپڑي کي پيوند پاڻ لڳائيندا هئا. ڪڏهن ڪائنڊ ۾ اڳڻ پاڻ وجهندا هئا. ڪڏهن ڪپڑو ڪٽي گهر جا در ديوارون پاڻ صاف ڪندا هئا. ٻارڙن جون منهن ڏٺاريندا هئا. هڪ پيري ڇ جو ڪتو پاڻ ڪٽي وڃي ٻني ۾ ڇڏي آيا. زمين تي ماني جو پور يا چانورن جا داڻا ڪريل ڏسندا هئا ته ڪٽي وٺندا هئا. ماني ڪائيندي دستر خوان تي ماني جو پور ڪِري پوندو هيو ته اهو ڪٽي ڪائي ڇڏيندا هئا.

پاڻ عالي همت هئا. شعور جي پختگي رکندڙ هئا. الله جي راهه ۾ مجاهدو ڪندڙ هئا. مخلوقات متان پروسو ڪونه ڪيائون، عمر پر توکل علي الله جا پيڪر رهيا. خطيب فصيح اللسان هئا. مٺڑي زبان وارا هئا. بهترين شاعر هئا. سخاوت ۽ فياضي وارا هئا، کين

بُخل سان بغض هيو. سخاوت سان پيار هيو. الله جي ڏني مال کي الله جي راهه ۾ خرچ ڪندا رهيا. فرمائيندا هئا ته: فقير کي طمع، منع ۽ جمع ٿئي ٻَالهيون معيوب آهن. ايندڙ صفحات ۾ انهن مان ڪن جملن جو تفصيل اوهان ملاحظ ڪندا. اگر سندن سوانح کي تفصيل سان لکان ته اڃا هن ڪتاب جهڙا ڏهه دفتر درڪار آهن.

يَكُو يَومُ الْاَرْوَاحَ كان، تُنهنجي الٰهه تار،
رَهلا جتي روح جا، اتي تو تنوار،
جُسي ۾ جيجل جي، ياد يڪوئي يار،
ڪونه وساريم ڪڏهين، جڏهين ٻندڻن ٻار،
هوندم ڪاري قبر ۾، تنهنجي سار سنيار،
پرين تو پچار، هوندي مون کي حشر ۾.

حاضر جوابي : هڪ ڏينهن هن عاجز عرض ڪيو ته الله پاڪ فرمايو آهي:

فَلْيَضْحَكُوْا قَلِيْلًا وَّ لْيَبْكُوْا كَثِيْرًا ۱۱ ۽ حضور ﷺ فرمايو ته إِيَّاكَ وَكَثْرَةَ الضَّحِكِ فَإِنَّهُ يُمِيتُ الْقَلْبَ (ابن حبان (2/ 79)

۽ بزرگن مشائخن ۾ ڪلڻ کان سخت منع ڪئي آهي پوءِ سائين جن جي مجلس ۾ ڪڏهن ڪڏهن گهٽو ڪلڻ هوندو آهي. هن عاجز کافي دير تائين ڪلڻ جي مذمت بابت ارشاد ۽ اقوال بيان ڪيا. پاڻ خاموش ٻڌندا رهيا. جڏهن هي عاجز خاموش ٿيو ته پاڻ فرمايائون:

وَاَنَّهٗ هُوَ اَضْحَكَ وَاَبْكٰى ۴۳ ۽ بيشڪ ڪلائي ۽ ٽوڙي رڙائي ۽ الله ئي ٿو.

هن عاجز جي هيڏي ڊگهي ٻَالهه سائين جن جو ٿورن لفظن ۾ جواب. هن عاجز کي لاجواب ڪري ڇڏيو. خير الكلام ما قَلَّ وَ دَلَّ سوال ڪرڻ وارو پلي ڪيڏو ڊگهو سوال ڪري پاڻ جواب ۾ ۽ جملا ٻَالهائي ان کي لاجواب ڪري ڇڏيندا هئا.

مريدن سان مهرباني : هر هڪ مسلمان سان عموماً هر هڪ مريد سان خصوصاً مهربان هئا. مريدن جو ڏڪ پنهنجو ڪري سمجهندا هئا انهن سان هرطرح جي همدردي غمخواري ڪندا هئا. ڪنهن کي ڪپڙن جي ضرورت ته ان کي ڪپڑا ونڊي ڏنائون. ڪنهن کي پئسن جي ضرورت ته اها پوري ڪيائون. پاڻ هر ڪس و ناڪس سان نهايت خوش اخلاقي سان پيش ايندا هئا. فرمايائون: ضيق الرزق من ضيق الخُلُق

بد اخلاقي جي سبب رزق ۾ تنگي پئجي ويندي آهي.

جانورن جي خبر گيري: اها سندن عادت هئي جو ننگر جي مال متاع جي گاهه پاڻي جي پاڻ خبر گيري ڪندا هئا. ماتلي شريف ۾ ننگر جي ڪم ڪار لاءِ گڏهه گاڏو ورتو ويو. فقير ڪڏهن گڏهه جي گاهه چاري ۾ لاغرضي ڪندا هئا تہ پاڻ بنفس نفيس ان جانور کي گاهه ڪٽي وجهندا هئا. هڪ ڏينهن پاڻ مسجد شريف ڏانهن ظهر نماز لاءِ نڪتا رستي تي گڏهه ٻڌل هئي مٿل فقير گڏهه جي گاهه ۾ خدمت تي مقرر هيو. جانور حضرت جن کي ڏسي عجيب اشارا ۾ آواز ڪيا. پاڻ فرمايائون هيءَ مون کي دانهن ڏئي رهي آهي تہ اڄ مٿل فقير مونکي گاهه پاڻي نہ ڏنو آهي. پوءِ پاڻ اول ان کي پاڻي ۾ گاهه ڏياري پوءِ مسجد ۾ نماز تي ويا. ڪڏهن گهر ۾ ڪڏهن مسجد ۾ مجلس ۾ هوندا هئا ۾ اچانڪ سلسلءِ ڪلام بند ڪري فرمائيندا هئا تہ وجو مال کي مينهن کي پاڻي پياري اچو.

(5)
خوراڪ ۽ پوشاڪ

خوراڪ : پاڻي ڪاڏي ۾ تڪلف کي هرگز پسند نہ ڪندا هئا. جا ڪجهہ روزي ماحضر هوندي هئي بي تڪلف تناول فرمائيندا هئا. نہ گهر ۾ نہ باهر ڪنهن کاڏي جي فرمائش کو نہ ڪندا هئا. هڪ پيري پاڻ رودناٽي فقيرن جي دعوت تي ڳوٺ قاسم رودناٽي ۾ تشريف فرما هئا. رات جو سندن واسطي جيڪو ننگر آندو ويو ان ۾ اونداهي رات ۾ مائي پُل ۾ سندن هوڙ ۾ ڪنڊ ۾ ڪير ۾ لوڻ وجهي ڇڏيو. جڏهن طعام سندن خدمت ۾ پيش ڪيو ويو. پاڻ بغير چُون چرا جي ان مان تناول فرمايائون. سندن بچيل طعام جڏهن فقيرن کاڏو تہ هوڙ منو ۾ ڪير ڪوڙو لڳن. پوءِ فقير سخت نادم ٿيا ۾ معافي گهريائون. پاڻ مُشڪيا فرمايائون:اسان قدرت جو هٿ ڏسندا آهيون جيڪو يار کارائيندو اهو ئي کائيندا آهيون: بخور ہر چہ آید ز دستِ حبیب دوست جي هٿان جو ڪجهہ ملي شڪر ڪري کاءِ.

پوشاڪ: ڪين سفيد رنگ جو لباس پسند هوندو هيو. پهريان، سلوار ۽ پڳ مبارڪ پائيندا هيا. پڳ مبارڪ ڪُلي واري ٽوپي تي ٻڌندا هيا. هٿ ۾ اڇو رومال کڻندا هيا ۽ ڪڏهن ڪڏهن سنڌي ٽوپي ۾ پائيندا هيا. ڪڏهن ڪڏهن محل ۽ موقعي جي مناسبت سان اڇي رنگ جي چادر ۾ زيب تن ڪندا هيا. ڪين ملتاني جتي پسند هئي. نہ رنگين ڪپڑا پاڻ پائيندا هيا ۽ نہ ئي صاحبزادن کي پائڻ جي اجازت ڏنائون. ڪڏهن ڪڏهن پرت پريل پهريان پهريندا هئا، جيڪو ڪين ڏاڍو ڏهندو هيو. سياري ۾ ڪاري رنگ جي واسڪوٽي، بادامي يا خاڪي رنگ جي شال ۾ استعمال ڪندا هيا. ڪنهن ۾ عمل يا سنت کي پنهنجي جماعت جي سڃاڻپ جو شعار مقرر نہ ڪيائون. آخري وقت ۾ پاڻ سنت جي ادائگي لاءِ ڪَٽ ۾ ڪنيائون ۽ ڪاري پڳ ۾ پاتائون. سردين ۾ ڍگهو ڪوٽ پهريندا هئا. نوان ڪپڑا پهرڻ بعد پراٽا ڪپڑا خيرات ڪري ڇڏيندا هئا.

هر هفتي ۾ ۽ پيرا سومر ۽ جمعہ تي ڪپڑا تبديل ڪندا هئا. ڪپڑن ڏوئڻ وقت فرمائيندا هئا تہ سندن ڪپڑا ڌارڻ جي ڪپڑن سان گڏ نہ ڏوتا وڃن. سندن ڪپڑن کي ٽي پيرا ڏوتو ويندو هيو، هر پيري نئين صاف پاٽي ۾ ڏوئي ۽ چڱي طرح نچوڙيو ويندو هيو. جنهن جاءِ تي سندن ڪپڑا سُڪايا ويندا هئا اها جاءِ ۽ پاڪ صاف منتخب ڪئي ويندي هئي.

ڪارو پٽڪو: پاڻ هميشہ سفيد پڳ پهريندا هئا. سندن عمر مبارڪ جي آخري ايام ۾ هڪ ڏينهن هن فقير کي فرمايائون تہ هاڻي آءٌ جلد پنهنجي رب جي حضور وڃڻ وارو آهيان، هڪ سنت رهيل آهي. اوهان وچو ڪاري رنگ جو پٽڪو وڌي اچو تہ اهو آءٌ پايان جيئن مون کان منهنجي سٺي نبي ڪريم ﷺ جي اها سنت رهجي نہ وڃي. پوءِ هي فقير سندن واسطي ڪاري رنگ جي پڳ وڌي آيو. جيڪا پاڻ ڪڏهن ڪڏهن پهريندا هئا.

فقير ڪريم بخش پتوجو ٻڌايو تہ هڪ مولوي صاحب مون سان بحث ڪيو تہ توهان چئو ٿا تہ اوهان جو مرشد سنتن تي عمل ڪري ٿو. پوءِ توهان جي مرشد ڪڏهن ڪارو پٽڪو تہ ڪو نہ ٻڌو آهي؟ جيڪو رسول الله ﷺ جي سنت آهي. ان مولوي صاحب کي مون چيو تہ ڪارو پٽڪو سنت نہ آهي. اگر سنت هجي ها تہ اسان جا مرشد ضرور اها سنت ادا ڪن ها. مولوي صاحب چيو تہ صحيح حديثن مان ثابت آهي تہ رسول ڪريم

صلي الله عليہ وسلم ڪارو پٽڪو ٻڌو آهي. مون چيو اگر ائين آهي تہ پوءِ تون مون سان گڏجي هل تہ هلي ٿا سائينجن کان پڇون. سائينجن جي صحبت ۾ مون کي ويهہ سال ٿيا آهن، مون سائينجن کي ڪڏهن بہ ڪارو پٽڪو ٻڌندي نہ ڏٺو آهي اگر سنت هجي ها تہ پاڻ ضرور ڪارو پٽڪو ٻڌن ها. پوءِ مولوي صاحب حديثون لکي مونسان گڏجي دربار شريف تي هليو. ٽپهري جي وقت اسان دربار تي پهتاسين. حضرت مرشد ڪريم ﷺ جيئن ٽپهري نماز لاءِ حويلي مان باهر نڪتا تہ کين ڪاري رنگ جي دستار ٻڌل هئي. سائين جن جي اها ڪرامت ڏسي اسان ٻنهين کي حيرت لڳي. سبحان الله بجاءِ گفت و شنيد جي پاڻ عملي طرح ان سنت تي پنهنجو عمل ڏيکاريائون.

هيـو پير منهنجو تہ روشن ضمير،
ملهايان خوشيون چونہ آهيان فقير.

(6)

محبوب الاهي جي سيرت جا درخشان پهلو

1. محبت الاهي ۾ سرشار هئا

الله جي محبت ۾ معرفت جو کين حظ وافر مليل هيو. اڪثر گفتگو ڪندي سندن نيٺ وهندا رهندا هئا. سندن مرشدن وٽ "روئڙو خليفو" جي لقب سان مشهور هئا. ڇو جو رقت ۾ ٻڪاءِ سندن عادت هئي. پوري عمر ان محبت جي ٽُپَ ۾ گذاري ڇڏيائون. روئڻ ۾ سُڏڪڻ درد وسوز کين ڏاڍ ۾ مليل هيو.

رُئَنُ ۽ راڙو، مُون نِماڻيءَ جي نِجُهري؛
ڪُنُل ڪي قَلبَ ۾، قُرب جو ڪاڙهو؛
هوتَنِ لَءِ هاڙهو، رِجائِيندِيَس رَتَ سين.

ڪيڏي معمل ائين ٿيندو هيو جو دنياوي ڳالهيون پيون هلنديون هيون پر اوچتو ئي اوچتو پاڻ الله جي محبت جي ڳالهه شروع ڪري ڏيندا هئا تہ سندن اکين مان لڙڪ وهي ايندا هئا ۽ هڪدم سندن حالت بدلجي ويندي هئي. جماعت تي به حال پئجي ويندو هيو. فرمائيندا هئا: "الله جي محبت جھڙي ہي ڪا به چيز عجيب ۽ لذيذ ناهي".

ابتدا وقت ۾ تہ مٿن ذڪر جي اهڙي حالت ۽ ڪيفيت هوندي هئي جو کين نہ گهر وٺندو هيو نہ ماڻهو وٺندا هئا. راتو ڏينهن روئڻ ۽ ڏُسڪڻ ۾ گذرندو هين. ذڪر الاهي بنا کين ہي ڪا پرت پچار نہ هوندي هئي. هڪ ڏينهن کين اهڙو حال طاري ٿيو جو ڪپڑا لاهي ستر پوشي واري حصي تي لانگوٽو ٻڌي گهر جو در بند ڪري وڻي رڙيون دانهون ڪيائون. سڄي شهر جا ماڻهو اچي گڏ ٿيا. سندن والد ڪريم اهل ذڪر هيو ان ڇيو تہ ٻيو ڪجھ ناهي هن کي ذڪر جو حال ٿيو آهي. هڪڙي وقت پاڻ شهر کان ٻاهر نڪري چنڊ طرف ويا جتي ڪو ماڻهو نہ هيو اتي وڃي رڙيون ريهون ڪري روئڻ لڳا.

ما در دو جهان غير خدا يار نداريم ، جز يادِ خدا هيچ ديگر کار نداريم
دُرويش و فقيريم درين گوشهِ دنيا ، با نيک و بد خَلقِ جهان کار نداريم

آهُون ۽ دانهون منهنجو هينئڙو ڪري هوءِ،
سڄڻ روءِ بروءِ، سڪان تہ به سڪ نہ لهي.
آهون ۽ دانهون منهنجو هيٹو ٹيم هڏ،
سڄڻ گوڏي گڏ، سِڪان تہ به سڪ نہ لهي.

سندن والده ماجده کين اچي چوندي هئي تہ : ابا تو کي چا ٿيو آهي؟ رات ڏينهن روئندو ٿو وتين؟ پاڻ فرمائيندا هئا : "امان توهان کي ڪهڙي خبر".

توکي ساري، سُپرين! رُنُمِ مَنجهِ رَتولَ؛
ٽِکاٹا ۽ ٽولَ، وِسَهُ مُون وِهُ ٽِيا.

هڪ ڏينهن جماعت کي خطاب ڪندي فرمايائون: فقيرو! پاڪ وارو اهو آهي جنهن کي محبوب جي محبت مِلي. بظاهر پلي هٹين خالي هجي تہ به ان سان بادشاهہ نہ ٽا پهچي سگهن. فقيرو! هن محبت جون ڪهڙيون ڳالهيون ڪري ٻڌايان. محبت ۾ ملامتون، مهڻا،

روح راڙا ۾ پيا وٽندا. دنيا ۾ محبت وارا عزت وارا تہ آخرت ۾ به انهن جي عزت هوندي تانجو انهن جي زيارت لاءِ ملائڪ ايندا. الله کان سوال اهو گهرو تہ مولا تون اسان جو ٿي اسان کي پنهنجو بناءِ. رب جا سچا طالب ٿيو مريد اهو آهي جيڪو محبت الاهي جو طالب هجي. دنيا تہ دنيا پر آخرت تان به هٿ کٹي وڃي.

فرمايائون: هر انسان جي اندر ۾ عشق جو بارود رکيل آهي ان ۾ جڏهن محبت جي چٽنگ لڳندي آهي اندر ۾ عشق الاهي جا مچ مچي پوندا آهن پوءِ اندر مان ماسوئ الله جا ٻيلا ٻري ختم ٿي ويندا آهن ۽ اندر ۾ باقي هڪ محبوب حقيقي جي سڪ باقي رهندي آهي.

ٻيلا سڙي رَکَ ٿيا، لٽي چوران لِکَ،
سچُ ۽ سڪ، اچي رهياسون پاڻ ۾.

فرمايائون : فقير تہ ٿيا آهيو پر محبت جي اجا چاشني نہ چکي اٿو. ان محبت ۾ پلي تہ چريا مست بنجي ويو.

فرمايائون: حضرت پير سائينجن فرمائيندا هئا تہ الله جي محبت بنا عبادت ائين آهي جيئن گهر مان هٽن سان ويهي کنڊا ڪک ٻهارجن پر الله جي محبت سان ائين آهي جيئن وڏو ٻهارو کٹي هٽجي تہ يڪدم گهر صاف ٿي پوي.

فرمايائون: الله جي محبت الله جي ذڪر سان نصيب ٿيندي آهي پوءِ گهٽو ذڪر ڪيو.

اے زدردت بے دلاں را بوئے درمان آمدہ * یادِ تو مر عاشقانرا مونس جان آمدہ
سینا بینم ز سوز ہجر تو بریان شدہ * دیدہ با بینم ز دردِ عشق گریان آمدہ

هڪ فقيرُ رات ڏينهن الله جو ذڪر ڪندو هيو. هڪ ڏينهن شيطان اچي چيس تہ : الله ٻي نياز بادشاه آهي، ان کي تنهنجي ذڪر جي ڪهڙي پرواه آهي؟ تون هروپرو عمر وڃائي رهيو آهين. ڪڏهن توکي جيءُ جو جواب مليو آهي؟ فقير ابليس جي ٻڌاهين تي لڳي ان رات ذڪر نہ ڪيو ائين ئي غافلن وانگر سمهي پيو. خواب ۾ آواز آيس: اي فلاڻا هي مون تو کي جيءُ ڇيو آهي تڏهن تہ تون مون کي ياد ٿو ڪرين. سجاڳ ٿيو وري ذڪر ۾ شروع ٿي ويو.

فرمايائون: جنهن کي الله جي محبت جو ذرو ملي ويو ان کي ٻنهين جهانن جي بادشاهي ملي وئي. پر کنهن کي بادشاهي ملي پر الله جي محبت کان ناآشنا آهي تہ ان جھڑو مفلس ۽ قلاش ٻيو کو نہ ٿيندو. ان کري بزرگن الله کان سندس عشق ۽ محبت جو ذرو طلب کيو آهي.

کفر کافر را و دین دیندار را * ذرہءِ دردِ دلِ عطار را
درد حاصل کن کہ درماں درد تست * داروءِ جاں در دو عالم درد تست
گر بود ایں درد دامنگیر تو * بس بود ایں درد دائم پیر تو
درد دل کے واسطے پیدا کیا انسان کو، ورنہ طاعت کے لئے کچھ کم نہ تھے کُروبیاں
درد دل کو جانتا ہے، وہ جو اھل درد ہو، جس کے دل میں سوز ہو اور لب پہ آہِ سرد ہو

فرمايائون: حضرت مخدوم محمد سيوهاڻي سياري جي پوهہ مهيني ۾ اڙل واهہ جي برف جھڑي ٽڏي پاڻي ۾ ساري رات ويهي رهندو هيو. پوءِ چوندو هيو تہ هاءِ هاءِ کھڑو نہ ٽڏو پاڻي آهي هيانوءِ ئي ٺري پيو. اهڙي عشق جي گرمي ٿيندي هيس.

حضرت مخدوم بلال رحمة الله عليه پاڻي جي ٽپ ۾ ويهي ذکر کندو هيو. پوءِ پاڻي جوش کائي اوپارا کندو هيو. اهو پاڻي درياءِ ۾ هاريندا هئا تہ درياءِ ۾ جوش ۾ اوپارا کائڻ شروع کندو هيو. حضرت قاضي بصرالدين سيوهاڻي رحمة الله عليه عالم هيو پر مجذوب الحال هوندو هيو. کڈهن کڈهن ٻي لباس ۾ وتندو هيو. حڪمت ۾ جاڻندو هيو. ڪک ۾ خاکا ڏيندو هيو. کڈهن ماڻهن کي زمين تان نج متي کڻي ڳوڙهيون ناهي ڏيندو هيو تہ ۾ بيمار شفا ياب ٿي ويندا هئا. اها سندس هٿن جي برڪت ۽ ڪرامت هئي. ڪيس گهٽي ذکر ڪرڻ سبب دل واري جاءِ تي ٿڪ هيس.

فرمايائون ٻي بي زليخا حضرت يوسف جي عشق ۾ سڀ خزانا لٽائي مسڪين فقيرياڻي ٻڌجي پئي. روئي روئي نرت وجائي ويئي. پوءِ حضرت يوسف جي لنگهڻ واري رستي تي جھوپڙي اڏي ويهي رهي جڏهن حضرت يوسف جي لشکر جي گھوڙن جا آواز ٻڌندي هئي تہ چوندي هئي:

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِي جَعَلَ الْعَبِيدَ بِطَاعَتِهِ مُلُوكًا , وَجَعَلَ الْمُلُوكَ بِمَعْصَيَتِهِ عَبِيدًا. ①

پاڪ آهي اها ذات جنهن فرمانبرداري سبب هانءَ کي بادشاهه بنايو ۽ بادشاهن کي بي فرماني سبب هانءَ بنائي ڇڏيو.

هڪ دفعي حضرت يوسف عليه السلام اتان اچي لنگهيو ته رستي تي هڪ پوڙهي عورت ويٺل نظر آيس گهوڙو جملي پڇڻ لڳس ته اي ٻيڙي ڪير آهين؟ بي بي سائڻ چيس ته مون کي پنهنجو لکڻ ڏي لکڻ وٺي اهڙي ته آه ڪيڏيائين جو سارو لکڻ سڙي ويو. چيائين ته سائين مان اها زليخا آهيان تنهنجي عشق منهنجو اهڙو حال بنائي ڇڏيو آهي.

فرمايائون حضرت پير سائين جن سياري ۾ برف جو پاٽي استعمال ڪندا هئا. ته سياري ۾ سنها ڪپڙا پهريندا هئا. سياري ۾ ڪڌهن لوئي وغيره نه ويڙهيندا هئا پر سياري ۾ وعظ ڪندي سندن وجود مبارڪ مان پگهر وهي پوندو هيو. جڌهن ته ماڻهو سردي ۾ ڏڪندا هئا. هي سندن عشق جي گرمي جو عالم هيو.

فرمايائون هڪ هندو حضرت شاهه غلام علي دهلوي رحمة الله عليه وٽ آيو ذڪر پڇڻ. بزرگ فرمايس ته "الله الله وڃي ڪر." چيائين ته سائين اهو ذڪر ته هر ڪو ڪندو آهي. مون کي ڪو ٻيو ذڪر ڏسيو بزرگ فرمايس ته وڃي ڪر "تون هين تون." هندو وڃي تون هين تون پڇايو بي اختيار ٿي روئڻ رمڻ لڳو. آخر ڪلمون پڙهي مسلمان ٿيو. الله جي ذڪر ۾ اهڙي پلائي آهي. اهڙي ڪا وعظ نصيحت آهي ئي ڪونه.

نماءَ ۽ ڏيکاءَ کان گهڻو پري هئا: حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه جيئن ته محبت الاهي جي رنگ ۾ رنگيل هئا ان ڪري نفسانيت واري جهان کان بلڪل ٻاهر هئا. ٻاڻ سادگي پسند هئا. بناوٽ سجاوٽ، ظاهري تڪلفات کان ڪوهين پري هوندا هيا.

فرمايائون: هڪ بزرگ ميرو ڪٽو پايون عبادت ۾ مشغول ويٺو هيو ته ڪنهن اچي چيس ته سائين اهو ميرو ڪٽو لاهيو، بادشاهه توهان سان ملاقات ڪرڻ واسطي اچي رهيو آهي.

---

① حلية الأولياء وطبقات الأصفياء (8/ 209)

فرمايائين مان بادشاهن جي بادشاهه الله اڳيان اهو ڪٿو ڏکي ويهندو آهيان. باقي جي ظاهري بادشاهه جي سامهون پاتم تہ چا ٿي پيو!

فرمايائون: حضرت پير قريشي رحمة الله عليه هڪ پيري ريل تي سوار وڃي رهيا هئا. سندن پٺڪي جا وَرَ ڊرا ٿي سندن منهن تي اچي پيا استيشن تي گاڏي پهتي. فقيرن چيو تہ سائين پٺڪي جا وَرَ ناهيو جو هزارين ماڻهو توهان جي زيارت لاءِ منتظر آهن. فرمايائون جنهن کي نہ وٽي سو اسان ڏي ڪٽي نہ ڏسي، باقي پٺڪو ائين ئي رهندو.

حریفان بادہاخوردند ورفتند، تہی خم خانہا کردند ورفتند

تعلقات جو معيار رضا الاهي رکيائون: حضرت محبوب الاهي پوري عمر جنهن سان بہ ڳنڍيو خدا خاطر، جنهن کان بہ ڇنو تہ خدا خاطر. پاڻ الحب لله والبغض لله جي عملي تصوير هئا. ڪو ماڻهو ڪيڏو بہ پيارو هيو، دل وارو هيو، ويجهو هيو پر جي شريعت جي خلاف هليو تہ پٽي پيرا سمجهيائون اگر نہ مڙيو تہ ان کان ڪناره ڪشي ڪري ويا. هڪ مريد کين تمام پيارو هيو. ان پنهنجي نياڻي کي جهاز ۾ ايئر هوسٽس جي نوڪري وٺي ڏني. پاڻ ان کي ڪيئي پيرا منع ڪيائون تہ نوجوان ڪنواري نينگري جو ائين نوڪري ڪرڻ درست نہ آهي پر ان نہ مڃيو پاڻ ان مريد کان ئي ڪناره ڪشي ڪيائون.

2. پيڪرِ عشقِ رسول ﷺ هئا

عشقِ حبيب ﷺ جي سوختگي ۽ وارفتگي سندن تن ۾ سمايل هئي. سندن نماڻا نيٺ هر گهڙي نينهن ۾ نَم هوندا هيا. اڪثر تهجد جي نماز بعد کين ايتري تہ گريي ۽ جذبي جي ڪيفيت ٿي ويندي هئي جو پاڻ دانهون ڪري روئندا هيا. گهر جا ننڍا وڏا، ٻار ٻچا اٿي پوندا هيا ۽ جڏهن کين ڏسندا هيا تہ اهي بہ روئي پوندا هيا. ان وقت هي بيت پڙهندا هئا:

منهنجا محبوب توسان دل اڙي آ * وئي سورن اندر ۾ سا سڙي آ.
منهنجا محبوب لهي وج يادگيري* روئي روئي منهنجي ٿي وئي آ پيري.

مديني واري مير ﷺ جي محبت سندن نس نس ۾ سمايل هئي. جڏهن بہ ڪو پرينءَ جي پار جي ڳالهہ ڪندو هيو تہ سندن نيٺن جا نار جاري ٿي پوندا هئا. سندن سينو ٻي کينو جيئن عشقِ الاهي سان سرشار هيو تيئن حبِ مصطفيٰ ﷺ سان تمتار هيو. جڏهن پاڻ بيان

ڪندي يا حديث پڙهائيندي محبوبن ڪريمن ﷺ جي محبت جي ڳالهه ڪندا هيا تہ سندن سيني ۾ سمايل عشق جو سمنڊ جوش ۾ اچي چوليون هٽڻ لڳندو هيو. سندن سهڻين سهڻين خوبصورت ۽ سُرميناڪ اکڙين مان بي اختيار لڙڪ ڪِري پوندا هيا.

پاڻ فرمائيندا هئا تہ نبي ﷺ جي نينهن بنا اسلام ۽ ايمان جي دعويٰ اجائي آهي. هڪ ڏينهن منجهند جو وقت هيو، هي فقير ڪاليج کان واپس آيو، پاڻ حويلي شريف جي ورانڊي ۾ اڪيلا وينا هئا ۽ هي شعر جھونگاري رهيا ۽ سندن اکين جا نار جاري هئا:

دل چڙهي وئي آ دست پرينءَ جي، سا تہ آٽڻ آهي اٽانگي.
سرتيون سهيليون پلي پاڻ سينگاريو، آءٌ تہ نينهن ڪئي آهيان نانگي.

فرمايائون: اڄ فرقا ٽولا گهٽا پيدا ٿي پيا آهن ڪي چون تہ رسول الله ﷺ کي سڏڻ جائز نہ آهي ڪي وري سندن حيات جا قائل نہ آهن. اوهان انهن مُلن جي عقيدن تي نہ هلو بلڪ الله وارن وارو عقيدو رکو. چو تہ الله تعالىٰ فرمايو آهي تہ:

فَاسْأَلُوا أَهْلَ الذِّكْرِ إِنْ كُنْتُمْ لَا تَعْلَمُونَ (النحل: 43)

جيڪڏهن توهان نہ ٿا ڄاڻو تہ ذڪر وارن کان پڇا ڪيو.

الله تعالىٰ اهل العلم نہ فرمايو بلڪ اهل الذڪر فرمايو.

چو تہ ذڪر وارا خدا جي خوف وارو مسڻلو ٻڌائيندا. بخلاف ظاهر جي علم وارن جي. ڏسو اهل ذڪر الله وارن جو عقيدو ڇا هيو؟ حضرت عبدالرحمن جامي رحمة الله عليه نبي ڪريم کي حيات النبي سمجهندي ڪين سڏيندي هوا کي مخاطب ٿي چوي ٿو تہ:

نسيما جانب بطحا گذر کن، ز احوالم محمد را خبر کن.

اي صبح جي هوا بطحا ڏانهن وڃ. منهنجي احوال کان محمد ڪريم ﷺ کي خبر ڪر.

حضرت پير سائين جن فرمائيندا هئا تہ نبي ڪريم ﷺ کي الله تعالىٰ اهو علم عطا فرمايو آهي جو دنيا ۾ جيڪي ائن جا قافلا هلن ٿا انهن جي پلاٽن جا چيڪات ٻہ پاڻ روضي پاڪ ۾ ٻڌن ٿا. دنيا جي اندر جيڪي ماڻهو آهن يا ماٽين جي پيٽن ۾ جيڪي ٻار آهن تن جو الله کين علم ڏنو آهي. جيڪو سندن روضہ اطهر تي اچي ٿو پاڻ ان کي سڃاڻن ٿا. ان جي پيءُ، ڏاڏي کي سڃاڻن ٿا. انهيءَ جي قوم ۽ قبيلي کي سڃاڻن ٿا. فرمايائون تہ:

اسمع صلاة اهل محبتي محبت واري جي صلوة مان پاڻ پڌان ٿو.

فرمايائون حضرت جامي رحمة الله عليه جي محبوبن کريمن ﷺ سان سخت محبت هوندي هئي. عشق ۾ هي بيت پڙهندو هيو.

ز مجبوری برآمد جانِ عالم ترحم یا نبی الله ترحم

فرمايائون: کنهن وهابي منکر رسول جي منهن کي به ڇتائي نه ڏسو. انهن جي صحبت ۾ هر گز نه ويهو. انهن جي صحبت زهر قاتل جي مثال آهي.

فرمايائون: حضرت پير سائين جن فرمائيندا هئا ته: الله تعالىٰ پڙهئي ماڻهو تي ڏمرجي ته وهابي ٿئي. جاهل تي ڏمرجي ته شيعو ٿئي. انهن ٻنهين فرقن کان بچو. عقيدا اهي رکو جيکي اهل سنت و جماعت جا آهن.

فرمايائون: پلي کو ماڻهو لک عبادتون کري پر جيسين دل ۾ سهڻي نبي کريم ﷺ جي محبت نه رکندو تيسين ان جي کا عبادت الله وٽ قبوليت جو شرف نه حاصل کري سگهندي. پاڻ اکثر تقريرن جي شروعات ۾ هي شعر پڙهندا هئا:

مدينني جا ميرُ، سُڻ اسان جا سڏڙا،
پر مبارک پير، جو امت تنهنجي آسري.

3. شريعت جا تابعدار هئا

سندن سموري حياتي شريعت ۽ سنت جي تعليمات مطابق گذري. ننڍي هوندي کان ئي صوم و صلاة جا پابند هيا. سندن اٺن ۾ ويهڻ، کائڻ ۾ پيئڻ، پائڻ ۾ پهرڻ، هلڻ ۾ ويهڻ مطلب ته سندن هر کم سنت ۽ شريعت مطابق هوندو هيو. نماز جي پابندي ۽ با جماعت ادا کرڻ جو اهتمام رکندا هيا. اگر کو نماز تي نه پهچندو هيو ته ٻي نماز تي ان کان سبب پچندا هيا. جيکڏهن کو غفلت سبب نه آيو ته ان کي تنبيهه کندا هيا. کڏهن کڏهن ان ماڻهو جي گهر ڏانهن ماڻهو موکليندا هيا. اگر اهو بيمار هوندو هيو ته پاڻ ان کان پڇڻ ويندا هيا. کڏهن کڏهن جلسي جي دوران ڏندڻ جو به پڇا کندا هيا. فرمائيندا هيا ته

فقيري آهي ئي حضور ﷺ جي سنت ۽ شريعت ۾. جيڪي غوث ٻڌيا، قطب ٻڌيا، اوتاد ٻڌيا، ابدال ٻڌيا، سڀ محبوب ڪريم ﷺ جي سنتن جو اتباع ڪندي ٿيا.

هڪ چويهه سالہ شاهد جي زباني : حضرت خليفہ روشن علي مزاري صاحب فرمايو تہ مون چويهه سال حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه جي صحبت ڪئي مون کين ائين ڏٺو جو پاڻ ٻہ شريعت پاڪ تي عمل ڪندا هئا ۽ ٻين کي ٻہ عمل ڪرائي جاڻندا هئا. ڪڏهن ٻہ مريدن ۾ لالچ نہ رکيائون. جا ٻہ ديني خدمت ڪيائون صرف الله جي رضا خاطر ڪيائون. مون کين هر وقت الله جي عشق ۾ پرپور ۽ عشق الاهي ۾ گهٽو روئندڙ ڏٺو. حق چياڻون، حق لکياڻون، حق جو پاسو ورتائون. ساري عمر سياست کان ڪناره ڪش رهيا. توجهہ ڏيندا هئا تہ دل ڏوئي چڏيندا هئا. جڏهن ننگر تناول ڪندا هئا تہ پنهنجي ڪاڏي مان پاڻ سان گڏ ويلن کي ٻہ ڪجهہ عنايت ڪندا هئا. هزارين پريشانيون ڪٽي جڏهن اسان سندن مجلس ۾ اچي ويهندا هئاسين تہ غم ڏک لهي ويندا هئا. دلين جا رنج ۽ ملال هٿي ويندا هئا. هڪ ڳالهہ عجيب هئي جو سندن مجلس ۾ بک ۽ اُڄ جو خيال نہ رهندو هيو. هڪ پيري پاڻ ميڙ لڳ ٽرڙي محبت شعر ۾ فقير قمرالدين ناريجي وٽ آيل هئا، اتي فقير غلام قادر جڏهن هي غزل پڙهيو:

جيئن ٿا ڏينهن لنگهن مارو ياد ٿا پون، منهنجا نينڙ روئڻ کان بس کين ٿا ڪن.

ان تي حضرت جن ٻہ تمام گهٽو رنا ۽ پوري جماعت ۾ روڄ راڙو جاري ٿي ويو. (انتهيٰ)

ساڃي ڪاپي جو سنت مطابق استعمال ڪندا هئا:

پوري عمر سندن اها عادت رهي جو سنت مطابق هر نيڪ ڪم جو آغاز ساڃي کان ڪندا هئا. مسجد ۾ داخل ٿيندا هئا تہ اول ساڄو پوءِ ڪاپو پير داخل ڪندا هئا. ٻاهر نڪرندا هئا تہ اول ڪاپو پوءِ ساڄو پير ٻاهر ڪيندا هئا. جڏهن مسجد مان اول ڪاپو پير مبارڪ ٻاهر ڪيندا هئا تہ جُتيءَ جي مٿان رکندا هئا. پوءِ ساڄو پير ٻاهر ڪيي اول جتيءَ ۾ ساڄو پير داخل ڪري پوءِ ڪاپي پير ۾ جتي پائيندا هئا. ان طرح ڪاڏي پيتي ۾ سرمي پائڻ ۾، ڪپڑا پائڻ ۾ ساڃي سان شروعات ڪندا هئا. ڪهڙي ٻہ ساڃي ٻانهن ۾ پائيندا هئا.

هڪ پيري رئيس علي احمد نظاماڻي سندن حضور ۾ عرض ڪيو تہ اوهان خود ۽ اوهان جي جماعت ۾ اڪثر ڏاڙهو ويو آهي تہ گهڻي (واڌ) ساڃي ٻانهن ۾ ٻڌو ٿا، ان جو ڇا سبب آهي؟ پاڻ فرمايائون تہ اسان مسلمانن لاءِ الله تعاليٰ سوپ ۾ برڪت ساڃي هٿ ۾ رکائي آهي. ڪافر ۾ انگريزَ ڪاهي هٿ کي اهميت ڏين ٿا. انهن جي لکڻي ۽ ڪاهي پاسي کان شروع ٿئي ٿي. پر اسان انهن جي مخالفت ٿا ڪيون. ڇو تہ حضرت حبيب ڪريم ﷺ فرمايو آهي تہ :

خَالِفُوا الْمَجُوسَ. أَحْفُوا الشَّوَارِبَ وَأَعْفُوا اللِّحَى ①

خَالِفُوا الْمُشْرِكِينَ أَحْفُوا الشَّوَارِبَ وَأَعْفُوا اللِّحَىٰ ②

مجوسين ۽ مشرڪن جي خلاف ڪيو. مُڇون ڪٽايو ڏاڙهي رکايو. اهي ڏاڙهي ڪوڙن ٿا ۽ مڇون رکن ٿا اوهان انهن جي ابتڙ ڪيو. ٻي جاءِ تي پاڻ فرمايائون:

خَالِفُوا الْيَهُودَ وَالنَّصَارَىٰ ③ يهودين ۽ نصارن جي مخالفت ڪيو.

خالفوا أولياء الشيطان ④ شيطان جي دوستن جي خلاف ڪيو.

اهي واڃ ڪاهي ۾ پائن ٿا اسان انڪري ساڃي ۾ پايون ٿا. اهي ڪاهي ڪان لکن ٿا اسان ساڃي ڪان لکون ٿا. ٻيو تہ رسول ڪريم ﷺ کي هر ڇڱي ڪم ۾ ساڃو هٿ استعمال ڪرڻ وٺندو هيو. جيئن ٻيبي عائشہ چيو تہ :

كان النبي ﷺ يعجبه التيمن، في تنعله، وترجله، وطهوره، وفي شأنه كله. ⑤

نبي ڪريم ﷺ کي جتي پائڻ، وارَ سنوارڻ ۽ پاڪائي ۾ هر ڪم ۾ ساڃو پسند هوندو هيو.

---

① مستخرج أبي عوانة (162/1) بخاري جا لفظ هن طرح آهن: خالفوا المشركين، وفروا اللحى، وأحفوا الشوارب. البخاري (160/7)

② المسند المستخرج على صحيح مسلم لأبي نعيم (317/1):

③ صحيح ابن حبان (561/5)

④ المعجم الأوسط (254/4)

⑤ صحيح البخاري (45/1)

حضرت حبيب كريم ﷺ فرمايو آهي ته: مسجد ۾ اچو ته اول ساڃو پير داخل كيو پوء كاهو. مسجد مان نكرو ته اول كاهو پير كيو پوء ساڃو. وري كاكوس ۾ وڃو ته اول كاهو پير داخل كيو پوء ساڃو. ٻاهر نڪرو ته اول ساڃو پير كيو پوء كاهو.

حضرت سفيان ثوري مسجد ۾ داخل پي ٿيو اول كاهو پير وڌائين ته الهام ٿيس ته: اَسُفيان ام ثور سفيان آهين يا ڍِگو آهين؟ پوء بزرگ سڃي عمر نالو ئي پنهنجو اهو سڏايو.

ان طرح كپڑو پائجي ته اول ساڃي عضون ۾ پوء كاهن ۾. وضو ۾ اول سڃا عضوا ڏوئجن پوء كهڻا. انكري واڃ كي ساڃي هٿ ۾ ٻڌندا آهيون ڇو ته ساڃي جي اهميت آهي ۽ كافرن جي مخالفت آهي. ٻيو ته كاهي سان استنجا كندي متان پاڻي جا ناپاك ڦڙا گهڙي كي لڳن پليت نه ٿي پوي، وري ان كي ٻڌي نماز ٻه پڙهجي ٿي.

جمال ۽ جلال: حضرت جن شريعت تي سختي سان عمل پيرا هئا. ٻين كي ان تي عمل كرائڻ لاءِ كوشان هئا. پوء هميشه نرمي ۽ مِٺ محبت سان سيكاريندا هئا پر كڏهن سختي سان ٻه ان تي عمل كرائيندا هئا. شريعت جي خلاف ڏوري ڳالهه ٻڌندا هئا ته سخت تنبيه كندا هئا ڇو ته اسلامي جذبو سندن رڳ رڳ ۾ رچيل هيو.

هڪ دفعي پاڻ دربار فضل آباد شريف ۾ ظهر نماز بعد مصلي تي ويٺل هئا ته هڪ عمر رسيده ماڻهو سندن اڳيان اچي ويٺو. عرض كيائين سائين مون كي تعويذ لكي ڏيو عورت نٿي لاءِ. پاڻ فرمايائون اها تنمنجي زال آهي، يا تنمنجو نكاح اٽس؟ چيائين ته نه منهنجو نكاح نه اٽس پر منهنجا پيسا كائي وئي آهي.

بس ان جو اهو چوڻ ۽ پاڻ جوش ۾ اچي ان كي ٻٽي زور سان لپاٽون هنيائون ته بي شرم هڪ زنا كرين ان لاءِ وري تعويذ لكرائڻ آيو آهين. سندن ان لپاٽن جي اها تاثير ٿي جو اهو ماڻهو ان برائي كان توبه تائب ٿي ويو. ان ماڻهو جي وڃڻ بعد پاڻ نقل بيان فرمايائون ته هڪ بزرگ وٽ كو شخص آيو ته سائين هڪ شخص پاڃائي سان زنا كئي آهي پوء ان جي پاڻ جو نكاح ٿئي پوندو يا نه؟ اها تحرير لكي ڏيو. بزرگ فرمايو ته اهو شخص هتي اسان وٽ اچي ته پوء تحرير لكندا سين. ان شخص چيو ته سائين اهو شخص

آءِ آهيان. بزرگ طالبن کي گهرائي چيو تہ هن جي گوشمالي ڪيو. طالبن ڦرهين سان ان جي خوب خبر ورتي.

اها سندن عادت هئي جو خلافِ شرع هلڻ واري کي سخت تنبيهہ ڪندا هئا. ان وقت سندن حسين چهرو غصي ۾ لعل ٿي ويندو هيو. چپ ۾ ڏاڙهي جا وار مبارڪ ٻ ڦرڪڻ لڳندا هئا. شريعت جي معاملي ۾ ڪنهن تي رعايت ڪو نہ ڪندا هئا پوءِ پلي صاحبزادو چو نہ هجي يا خليفو يا ڪو ويجهو عزيز يا ڪو وڏيرو خان هجي.

* اعلاءِ ڪلمة الحق ۾ پنهنجو مت پاڻ هوندا هئا. خليفہ مولانا اشرف علي جن ڏينهن ۾ درگاه ڪرمپور جي مدرسي ۾ مُدرس هيو. سندن پيءُ نماز ۾ سستي ڪئي. هڪ پيرو پاڻ ان کي نهايت سهڻي نموني سمجهاڻي ڏنائون ۽ پوءِ ٻ هو باز نہ آيو پوءِ پاڻ سخت ۾ ان کي زبردست تنبيهہ فرمايائون ۽ فرمايائون تہ تنهنجي اچڻ جي ڪابہ ضرورت ناهي تو جهڙا غافل ماڻهو سچن فقيرن کي ٻ بدنام ڪندا آهن.
* درگاهہ ڪرمپور ۾ پاڙيسرين پهرن فقيرن جي ڪا اوطاق نہ هئي. ان ڪري پنهنجن مهمانن کي ننگر خانہ ۾ رهائيندا هئا. هڪڙي پيري پاڻ انهن مهمانن مان ڪنهن کي سگريٽ نوشي ڪندي ڏنائون. پاڙيچن فقيرن کي سختي سان فرمايائون: ٻيدين ماڻهن کي هر گز هن فقيرن جي پڙ ۾ نہ رهايو.
* صاحبزاده فضل الله جي خانپور اسڪول جي هڪ دوست کي ماتلي ۾ نوڪري ملي. ان کي پاڻ وٽ رهايائين. حضرت جن فرمايو تہ پنهنجي دوست کي چئو تہ نماز پڙهي ديندار بنجي تہ ٻيشڪ هتي رهي ورنہ هتي ان کي هرگز نہ رهايو، متان انهن جو اثر ٻين تي ٻ نہ پئجي وڃي.

هي فقير ٽهري نماز بعد هڪ شخص نالي ضياءالدين مهاجر سان گڏجي چينل جي ڪناري تي گهمڻ لاءِ ويو. هڪ ڏينهن وري ٻئي ڏينهن ٻ. پوءِ پاڻ هن عاجز کي تنبيهہ ڪيائون تہ هر گز اهڙن ٻي دينن سان نہ گهمندا ڪيو جو بري صحبت منجهان ئي ماڻهو کري ويندو آهي. پوءِ هن عاجز وري ڪنهن ٻيدين سان گڏجي وڃڻ کان توبهہ ڪئي.

جو ڏڻ ڏنارئون چري ڏار سا چانگ ڪٽي چڏ
تن ويڑهيچن ڪنان لڏ جن جي ناهہ مهڑ مليو ڏي

هڪ دفعي برادرم حاجي فضل الله اجازت گهري ته ماستري جي ٽريننگ لاءِ حيدرآباد روزانو اچڻ وڃڻ ۾ تڪليف ٿئي ٿي اجازت ڏيو ته اتي هاسٽل ۾ حيدرآباد رهان. پاڻ ان کي اجازت نه ڏنائون. فرمايائون ته شهرن جو ماحول اهڙو آهي جو اتي رهي ايمان بچائڻ تمام مشڪل آهي. ماڻهو جي ڪرڻ ۾ دير نه ٿي لڳي.

پاڻ حق جا حامي ۽ حق گو هئا: پنهنجي کي، پرائي کي يا ڪنهن فقير کي شريعت جي خلاف ڪم ڪندي ڏسندا هيا ته سختيءَ سان تنبيهه ڪندا هيا. سندن ڪلام حق واري تلوار هيو جيڪو باطل کي ريزا ريزا ڪري ڇڏيندو هيو.

4. متقي ۽ پرهيزگار هئا

سندن تقويٰ جو اهو ڪمال هيو جو پاڻ ٻي نمازي مرد توڙي عورت جي هٿن جي تيار ٽيل مانيه نه کاڌائون. شهرن ۽ ٻهراڙين ۾ پريل هٿن ۽ نادين جو پاڻي نه پيئندا هيا البته دلي، صراحي يا واٽر ڪولر مان پاڻي استعمال ڪندا هيا. هوٽل جي مانيه نه پاڻ کائيندا هيا ۽ نه ئي پنهنجي مريدن ۽ متعلقين کي کائڻ جي اجازت ڏنائون. فرمائيندا هيا ته اهڙو طعام جنهن ۾ پاڪائي صفائي جو اهتمام ٽيل نه هجي ته ان جي کائڻ سان قلب تي قساوت، روحانيت ۽ عبادت ۾ غفلت پيدا ٿيندي آهي. مشڪوڪ ۽ مڪروهه شين کان تمام گهڻي پرهيز ڪندا هيا. غير شرعي شادين، محفلن، ميلن ۽ ملاکڙن ۾ وڃڻ کان منع ڪندا هيا ۽ فرمائيندا هيا ته غير شرعي شادي جو ٻيٽ پاڻ ته نه کائو پر پنهنجي ڪتي کي به نه کارايو. فرمائيندا هيا پوٽا سورهن آنا حلال جا هجن ۽ ان ۾ هڪ پيسو حرام جو هجي، انهن سورهن آنن جو ڪپڙو ونڻي پائي نماز پڙهجي ته اها نماز جائز نه ٿيندي پر ان ڪپڙي جي اڇڻي ٻئي حلال واري پيسن مان ورتل ڪپڙي ۾ ڳنڍي نماز پڙهجي ته ان ڪپڙي سان به نماز نه ٿيندي. کين مريد وڏائڻ، ظاهري ڏيک ويک ۽ شان و شوڪت جو ڪو به شوق نه هوندو هيو بلڪ اتباع سنت و شريعت ۽ تقويٰ جي دامن کي پڪڙڻ لاءِ گهڻي تلقين فرمائيندا هيا. پاڻ بازار جو گوشت ۽ سبزيون نه کائيندا هيا چاڪاڻ ته اڪثر ڪاسائين کي شرعي طريقي سان ذبح ڪرڻ جي خبر نه هوندي آهي ۽ انهن جي اڏين کي رات جو پيا ڪتا چٽيندا آهن ۽ صفائي ۽ پاڪائي جو خيال نه ٿا ڪن. شهري سبزيون وري گٽر جي ڪني پاڻي تي پيدا

ٽين ٽيون انهي کري واپرائڻ کان گريز ڪندا هيا. باقي هِراڙي ۾ پيدا ٿيندڙ پاڇيون پسند ڪندا هيا ۽ جماعت کي ب استعمال ڪرڻ جي اجازت ڏيندا هيا. ڪڙ کي ڪهڻ کان اڳ ب ٽي ڏينهن ٻڌي ٻيهاريندا هئا. تبليغي سفر ۾ پاڻ سان هميشہ مٹيون مانيون پچرائي يا پڳڙا يا ستو ڪٹندا هيا. ڪڏهن ڪڏهن ٽہ ڏينهن جا ڏينهن فاقي ۾ رهڻو پوندو هين ليکن پوءِ ب تقويٰ ۽ پرهيزگاري جي دامن نہ ڇڏيندا هيا. بيڪرين جا ٿهيل بسڪيٽ، سموسا، ٽوش وغيره ڪونہ ڪائيندا هيا پر مشينري جون ٿهيل شيون پاڻ ب استعمال ڪندا هيا ۽ پين کي ب استعمال ڪرڻ جي اجازت ڏيندا هيا.

پاڻي نہ پيتائون :هڪ دفعي ڪاڇي جي تبليغي سفر ۾ هيا. اونهاري جي سخت گرمي، ڪاڇي جو اڙانگو سفر، کين سخت اَڃ لڳي. اڳتي هليا ٽہ عنايت شاهہ جي مڪان ۾ مٹ رکيل هيا. پاڻ وڏي مشڪل سان ات پهتا. ڏٺائون ٽہ مٹ اگهاڙا هيا اهو پاڻي نہ پيتائون. رفيقن عرض ڪيو ٽہ هي ڪاڇو آهي هڏو پاڻي ب اڇيان نہ ملندو. پاڻ فرمايائون ادا توهان پلي پيئو پر مون کي منهنجي مرشد تقويٰ جو روزو رکايو آهي، آءٌ هرگز نہ پيچندس. اهڙي طرح سان اجارا ئي اجارا وري سفر شروع ڪيائون. شديد اڄ سبب وک نہ پٹي وڌي. وات مبارک خشک ٿي ويو. گهٹو پنڌ ڪري اڇيان ميان نصير محمد رحمة الله عليه جي درگاهہ جي پر واري تلاءِ تي اچي صاف ستڙو پاڻي نوش فرمايائون. سبحان الله!!!

سندن تقويٰ ۽ پرهيزگاري مثالي هئي. سفر ۾ جڏهن نمازي جي هٹن جي ماني ميسر نہ ٿيندي هئي ٽہ مٹيون مانيون يا ستو پيي گذارو ڪندا هئا. آخر ۾ وري پاڻ سان گڏ بورچي ڪٹي هلندا هئا. پنهنجي ماني تيار ڪرائيندا هئا. فرمائيندا هئا ٽہ:

ماڻهو جي متان لقمي جووڏو اثر ٿئي ٿو. جيستائين پيٹ ۾ پاڪ لقمو نہ پوندو اندر ۾ ذڪر قرار نہ ونڊندو. خليفي محمد حسين بيان فرمايو ٽہ جنهن وقت پاڻ خانپور ۾ مقيم هيا، هڪ دفعي پاڻ ماتلي جي پر ۾ هڪ ڳوٹ ۾ دعوت تي آيا. اتي ميزبانن چيو ٽہ ماني اسان ڪندا سين. بورچي چيو ٽہ سائين جن جي ماني آءٌ پاڻ تيار ڪندس. ان تي ميزبان تمام گهٹو ناراض ٿيا ٽہ اسان ڪولهي آهيون يا غير مسلم آهيون چا؟ جو اسان جي هٹن جي ماني نہ ٿا کائو. پوءِ پاڻ انهن کي

ويهاري محبت سان فرمايائون اسان ڪري ٻ آهيون. بورچي اسان جي طبيعت جي موافق ماني ناهيندو آهي اوهان ناراض نہ ٿيو. پوءِ ميزبان خوش ٿي ويا.

ڪير بابت تقويٰ: پاڻ بازاري ڪير نہ واپرائيندا هئا. هميشہ پنهنجي مينهن يا ڳئون ڏاريل هوندي هئي. ان لاءِ گاهہ چاري جو بہ خاص انتظام ٽيل هوندو هيو. ان کي ڏهڻ واري کي سندن فرمان هوندو هيو تہ اول اوهہ کي ڏوئي صاف ڪيو پوءِ پاڪ ڪپڙي سان اگهي خشڪ ڪيو پوءِ ڪير ڏهو. فرمائيندا هئا تہ عورتون مينهن جي اوهہ کي بہ ٽي ليون پاٽي جون هٽي ڪير ڏهڻ ويهن ٽيون جنهن سان مينهن جو اوهہ موٽاڻي ٻ ڇيڻن سان پريل هوندو آهي ان جا ريگاڙا ڪير ٻ پون ٽا ٻ ڪير ناپاڪ ٽي پوي ٿو. هڪ ڀيري ڪير جي تڪليف هئي. ڪير پري کان فقير ڪٽي ايندو هيو. ننگر جي مينهن کي ستن يا اٺن مهينن جو حمل هيو. پاڻ هڪ ڏينهن فرمايائون: "اي الله مونکي پاڪائي صفائي وارو ڪير پيار". الله جي قدرت هڪ ڏينهن سائينجن فرمايو ٻئي ڏينهن مينهن ويائجي پئي ٻ پنهنجي گهر جي مينهن جو پاڪيزه ڪير ٿيو.

بازاري گوشت پاڻ نہ کائيندا هئا. فرمائيندا هئا تہ خبر ناهي اهي ڪاسائي ڪيئن ذبح ٿا ڪن. انڪري پنهجو ٻکر ذبح ڪرائيندا هئا، اهو گوشت واپرائيندا هئا. ان طرح بازاري مڻايون ، ملايون، پکوڙا ، ڳڙ وغيره هر گز نہ کائيندا هئا. جماعت کي بہ ان کان بچڻ جي تنبيه ڪندا هئا. هڪ ڀيري ٽلهي سمراب ۾ آيل هئا. صبح جو ناشتي جي ماني ڪاڻ سان کين التيون ٽيون. پاڻ ميزبان فقير غلام قادر کي فرمايائون اڄ اسان کي پاڪائي جي ماني نہ ملي آهي. جاچ ڪرڻ سان معلوم ٿيو تہ جنڊ ۾ اٽو اهڙي عورت پيٻو هيو جيڪا ناپاڪائي جي حالت ۾ هئي.

5. عالم هئا ٻ عالمن جا قدردان هئا

حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه خود عالم هيا. علم دوست هيا، عالمن جو احترام ڪندڙ هئا، طالب علمن سان مهر ٻ مروت محبت ٻ عنايت سان پيش ايندا هئا. علمي مسائل ۾ مناظرن ٻ مجادلن جا قائل ڪين هئا. فرمائيندا هئا تہ افهام ٻ تفهيم سان ئي مسائل کي

حل ڪرڻ بهتر راهه آهي. علم جي طلب ۾ ڏک ڏاڍاون، سور سڀاڻون، بکون ڪاٽيڻون پرديسن جا پنڌ ڏوريائون. پوري عمر علم جي خدمت ۾ بسر ڪيائون. مدرسن مان علم سکيا ۽ زندگي کان حلم. چوندا آهن:

المدرسة تُعلم ولا تحلّم والحياة تحلّم و تُعلم

قطب بيني ۽ ڪُتب بيني : پاڻ علم ۽ اهل علم جا قدر شناس ۽ وقت جا وڏا قدردان هئا. ڪاگهڙي واندا نه ويهندا هئا. نندپڻ کان سندن اها عادت هئي جو يا ته ڪنهن الله واري جي مجلس ۾ وڃي ويهندا هئا يا ڪنهن ڪتاب جو مطالعو ڪندا رهندا هئا. ورنه ته ذڪر ۽ مراقبي ۾ مصروف رهندا هئا. ڪتابن جي مطالعي جي ته کين وڏي الفت ۽ اُڪير هوندي هئي. خاص طرح تصوف جي ڪتابن جو وڏو گهرو مطالعو هين. سندن مرشد ڪريمن حضرت پير منا سائين ﷺ جي مجلس ۾ اڪثر ائين ٿيندو هيو جو پير سائين کو مسئلو بيان ڪندا هئا پوءِ فرمائيندا هئا ته خليفہ صاحب اهو مسئلو ڪهڙي ڪتاب ۾ لکيل آهي؟ پاڻ تڙي ڪڙي جواب ڏيندا هئا ته تصوف يا فقہ جي فلاڻي ڪتاب جي فلاڻي صفحي تي اها ڳالهہ لکيل آهي.

عالِمَ هئا عالم ساز هئا: حضرت محبوب الاهي خود ته عالم هئا پر عالم ساز هئا. پنهنجي محفل نشينن کي عالم باعمل بنائي ڇڏيائون. سندن مجلس علم جو باغيچو هوندي هئي، جنهن ۾ ماڻهن کي دنيا آخرت جي معاملن جي ڄاڻ، انهن جي پريشانين جو حل ۽ دردن جو درمان ملندو هيو. هر ماڻهو پنهنجي حال آهر سندن محفل مان مستفيض ٿيندو هيو. ڪن جي دل کي سندن چهري جو نور روشن ڪري ڇڏيندو هيو ته ڪن جي قلب ۽ باطن کي سندن گفتار منور ڪري ڇڏيندي هئي. سندن مجلس خوشبوئدار هوندي هئي جنهن مان عربي گهوٽ جي عشق وارو مشڪ پيو سُرهاڻ ڏيندو هيو.

جنهن سان آيلن جا اندر دليون ۽ دماغ معطر ٿي ويندا آهن. پاڻ مجلس ۾ ان ميويدار وڻ وانگر هوندا هئا جنهن جي پڪل ميون سان ٽنبڙيل تارين مان ٽوري هوا جي جهوٽي تي تازا تازا ميوا ڪِرندا آهن. سندن قريب اچڻ وارو ڪوبہ ماڻهو محبت ۽ معرفت جي ميون ماڻڻ بنا واپس نہ ورندو هيو. ڪيڏي مهل سندن محفل مان عشق الاهي جي عنبير جون اوتون پيون

ايندين هيون جنهن سان طالبانِ مولیٰ جا من سُرها پيا ٿيندا هئا. ڪيڏي مهل سندن محفل مان فقہ، حديث، تفسير جا گوهر جهڙا گفتا پيا نڪرندا هئا جيڪي طالبانِ علوم شرعي جي اڄ پيا اجهائيندا هئا. سندن اهڙي محفل مون کا ڪونہ ڏٺي جنهن مان اڇڻ وارا پنهنجون اکيون آليون ڪري نہ نڪتا هجن.

6. عابد ۽ زاهد هئا

ننڍپڻ کان جواني تائين، جواني کان پيري تائين تا دم وصال پاڻ الله جي عبادت جا شائق ۽ عاشق رهيا. پوري زندگي دنيا کان بي رغبت رهيا. نہ مال ميڙيائون، نہ ملڪيت جوڙيائون. اهڙا اوقات بہ ڏٺائون جو سندن گهر ۾ چار آنا بہ نہ هئا، پر پوءِ بہ عبادت ۾ مسرور رهيا. وري جڏهن فتوحات جا در مٿن کليا تہ بہ جمع ڪري نہ رکيائون.

پاڻ فرمائيندا هئا تہ : زندگي جو پهريون پاڳو ۽ رات جو پويون پاڳو غنيمت آهي. جيڪڏهن انهن ۾ الله کي ياد ڪيو وجي تہ ان جا وڏا انعام اڪرام آهن. جڏهن پوڙهاپ ٽئي ٽي تہ هانءو عاجز ٽي پوي ٿو. سوين سور بيماريون مُٽهن کين ٽيون. پوءِ ائين محنت نہ ٽي ٽي سگهي، جيڪا جواني جي وقت ٽي سگهي ٽي. انڪري جواني جي وقت جو قدر ڪرڻ گهرجي. جيڪو جواني ۾ ڪمائيندو تہ پوڙهاپ ۾ ان جو کٽيو کائيندو. سرڪار پنهنجي ملازمن کي اڌ پينشن ڏيندي آهي. رب وري سڄي پگهار ڏيندو آهي. فرمايائون: جواني جي وقت جي عبادت بہ عجيب آهي.

وقت جوانی توبہ کردن شیوہ پیغمبری وقت پیری گرگ ظالم می شود پرہیزگار

جواني جي وقت عبادت ڪرڻ پيغمبري شيوو آهي. ڪراڻ ۾ بگهيڙ جا ڏند پڄي پون ہڪري ڦاڙي نہ سگهي پوءِ توبہ ڪيائين تہ ڪهڙي ڪم جي.

7. صابر ۽ شاڪر هئا

مسڪيني جا دور ڏٺائون، غم الم سٺائون پر هر حال ۾ صابر ۽ شاڪر رهيا. نہ ڪنهن سان غمن جي شڪايت ڪيائون نہ ڪنهن دنيا جي امير کان مدد طلب ڪيائون. جڏهن

کجھ نہ هوندو هيو تہ صابر رهندا هئا جڏهن ملندو هيو تہ شاکر رهندا هئا ۽ ضرورت کان اضافي شيون جمع کرڻ بجاءِ الله جي مخلوق ۾ ورهائي ڇڏيندا هئا.

مسڪيني ۽ غربت : اهو دستور آهي تہ محبوب کريم ﷺ سان محبت رکڻ وارن مٿان مسڪيني جو امتحان ضرور ايندو آهي. جيئن حديث ۾ آهي هڪ ماڻهو نبي کريم ﷺ کي عرض ڪيو تہ يا رسول الله مان اوهان سان محبت رکان ٿو. پاڻ فرمايائونس: خبر اٿئي تہ ڇا ٿو چوين؟ ٽي ڀيرا عرض ڪيائين الله جو قسم يا رسول الله مان اوهان سان محبت رکان ٿو. پاڻ فرمايائون:

إِنْ كُنْتَ صَادِقًا فَأَعِدَّ لِلْفَقْرِ تِجْفَافًا. لَلْفَقْرُ أَسْرَعُ إِلَى مَنْ يُحِبُّنِي مِنَ السَّيلِ إِلَى مُنْتَهَاهُ[1]

اگر تون پنهنجي قول ۾ سچو آهين تہ مسڪيني لاءِ تيار ٿي وچ چو تہ جيڪو به مون سان محبت رکندو آهي مسڪيني ان ڏانهن ائين ڊوڙندي آهي جيئن مينهن جي پاڻي جي ندي هيٺاهين ڏانهن تيز ويندي آهي.

ان حديث جي مصداق حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه مٿان به مسڪيني جا تمام ڏکيا ڏينهن آيا. هڪ وقت اهڙو به آيو جو وٽن ويلي جي وصيت کانه هئي. هوڏانهن وري مرشد فرمايو تہ ڪنهن کان به گهر يا سوال هر گز نہ ڪجو. پير کامل وٽان خلافت جو خرقو عنايت ٿيڻ وقت پاڻ پنهنجي پائرن سان گڏ هئا پوءِ انهن جي حالت ناموافق ڏسي انهن کان جدا ٿي ويا. جدا ٿيڻ وقت والد کريم کين صرف به ڪتون، به هنڊ، به ڳوٽيون سارين جون، هڪ پراٽي پيتي، هڪ ديڳڙي، وٽو، ٽالهي ۽ چمچو ڏنو. ان کان وڌيڪ هي کابه شيءِ کانه ڏنائين. حالانڪ پاڻ زميندار ۽ شاهوڪار ماڻهو هوندو هيو. پر پاڻ ان تقسيم تي راضي رهيا. والد کي ڪجھ کين چياٿون.

جڏهن جماعت پير منا سائين جي جلسي تي درگاه شريف ويندي هئي تہ وٽن ڪرايو نہ هجڻ سبب پاڻ گهر جي ڪنڊ ۾ يا مسجد جي ڪنڊ ۾ ويهي روئندا هئا. پوءِ سندن چاچو محمد بخش صاحب جيڪو ڏاڍو نيڪ دل ۽ سخي مرد هيو. اهو کين ڪرايہ لاءِ

---

[1] رَوَاهُ التِّرْمِذِيُّ عن عبد الله مغفل. وَقَالَ: هَذَا حَدِيثٌ حَسَنٌ غَرِيبٌ. مرقاة المفاتيح شرح مشكاة المصابيح (8/3287)

پيسا ڏينڊو هيو. ان وقتن ۾ وٽن اهو کپڑو نه هوندو هيو جو رات جو مچرن کان بچڻ لاءِ هارڙن جي مٿان اوڍن. هڪ وقت کنهن دکان تان سودو ورتائون جنهن دڪاندار جا چار آنا مٿن قرض ٻيهي ويو. ڪيترا دفعا اهو دڪاندار وٽن آيو ته پيسا ڏيو. فرمايائون الله ڏينڊو ته اول اوهان جو قرض ادا ڪندس. اهڙي حال ۾ به صبر سان وقت گذاريائون. حج ڪري اچڻ بعد الله ڪريم مٿن فتوحات جا بيشمار دروازا کولي ڇڏيا. هر شيءِ جي فراواني ۽ ارزاني ڪري ڏني. ان وقت پاڻ نهايت شاڪر رهندا هئا.

8. متوڪل علي الله هئا

پاڻ اعليٰ درجي جا متوڪل هيا. سوال، گهُرَ، چندي جي سخت خلاف هيا. مبلغن کي به سختي سان منع ڪندا هيا ته ڪنهن کان به گهُر يا سوال نه ڪجو. صرف الله جل شانه جي رضا ۽ ان جي خوشنودي جو خاص خيال رکجو. پاڻ وعظ دوران هي بيت پڙهندا هيا:

ڪے راکس بود کس راڪے کس، مرا يک نام رب العالمين بس

ڪنهن کي ڪنهن جو آسرو آهي کو ڪنهن جي سماري ٿو تڳي پر منهنجي واسطي منهنجو هڪ الله ڪافي آهي. من له المولیٰ فله الکل

خدا جو جو خدا تِنهن جو، خدا جنهن جو سپ تِنهن جو

توڪل جو بيان ڪندي شاهه عبداللطيف پٽائي جا هي بيت پڙهندا هيا:

منهنجو سائين تون، تون ئين تون،
آءٌ ٻئي در ويندس ڪينَ ڪي.

هڪ پيري هي بيت ارشاد فرمايائون:

دريا دليم ديده مامعدنِ دراست، گردست من تهی ست ولی چشم من پراست

اسان جي دل درياءَ آهي ۽ اسان جو اکيون موتين جي کاڻ آهن، اگر هٿ خالي آهن ته ڇا ٿي پيو اکيون ته پرپور آهن.

هڪ دفعي ذي القعد 1404 هـ جي جلسي تي پاڻ ڪرمپور شريف طرف روانا ٿيا. پويان درگاهه فضل آباد خالي هئي. هن عاجز کي جلسي جي انتظامات لاءِ پنج ڏينهن اڳ

مٖ موڪليو هئائون. پوءِ جڏهن پاڻ ڪرمپور پهتا هن عاجز پڇا ڪئي ته سائين گهر مٖ ڪير رهائي آيا آهيو؟ پاڻ سڃي هٿ جي اشهد آگر مٿي ڪري فرمايائون: "الله".

هن ئي جلسي تي ڪجهه لاڙ جا فقير آيل هئا. جلسي بعد پنهنجون مصروفيتون بيان ڪندي واپس وڃڻ جي اجازت گهريائون. پاڻ فرمايائون: اسان توهان کي دنيا جي فڪرات کان آزاد ڪرڻ چاهيون ٿا. توهان زوري ٿا دنيا مٖ ڦاسو. مون کي منهنجي پير اهڙو فارغ ڪري ڇڏيو آهي جو اگر سئو ڏينهن به باهر هجان ته پوئتي جو الڪو نه ٿيندو.

الله غني آهي: هڪ پيري گهر وارن عرض ڪيو ته گهر مٖ ڪجهه به ڪونه آهي ٻار ڇاکائيندا؟ آن جو بندوبست ڪيو. پاڻ فرمايائون الله غني آهي ۽ اسين سندس در جا فقير آهيون اهو ئي سنيال لهڻ وارو آهي. پاڻهي بندوبست ڪندو. صبح ٿيو ته هڪ شخص چانورن جي ڳوڻ ڪٽي آيو.

هڪ وقت پاڻ فقيرن سان ويٺا هئا ته حويلي مان پيغام آيو ته گهر مٖ پاڃي ڪانهي. رڳو رُکي ماني پيا ٿا کائون. فرمايائون الله رزاق آهي. ٿوري ئي دير گذري ته هڪ شخص مٿي تي ڳوڻ جو اڏيو ڪٽي آيو. چيائين سائين هي دال مهري ۽ ٿوم ۽ بصر آهن اسان پوکيا هئا. رات اچي خيال ٿيو ته ان مان سائينجن کي به پهچائي اچان.

هڪ پيري پاڻ تبليغ تي ويل هئا. ڪپڙا اهڙا زبون هئا جو انهن مٖ ڪيئي اڳڙيون پيل هيون. پاڻ جڪري جي ڳوڙ مٖ پهتا. ڪپڙا ميرا ٿي چڪا هيا. ميزبان عرض ڪيو ته سائينجن ڪپڙا عنايت ڪن ته ڏاري اچان. پاڻ انڪار ڪيائون. ان اصرار ڪيو. نيٺ ڪپڙا ڏوئي جو نپوڙيائون ته ڪپڙا ريڙون ٿي ويا. پوءِ ميزبان جي گهر وارن رلهين جي تهن مان اڳڙيون ڪيڙي چٽڙيون لڳايون پاڻ اها ڪائنڊ ۽ قميص ڏکي تبليغ ڪندا رهيا. ڪڏهن ڪڏهن قميص جو اڳُ هڪ ڪپڙي جو ته ٻُڌِ ٻئي ڪپڙي جي هوندي هين. اهڙو ويس ڏکي به الله جي دين جي تبليغ ڪندا رهندا هئا. پر پنهنجو حال ڪنهن جي اڳيان نه اوريندا هئا.

خانصاحب جيڪو مٹن عاشق هوندو هيو ڪڏهن به ان کان سوال نه ڪيائون نه ان سان پنهنجو حال اوريائون. ڪڏهن خانصاحب پنهنجي گهر وارن کي موڪليندو هيو ته

سائين جن جي گهران پڇو ڪنهن شيءِ جي ضرورت هجي تہ پيش ڪجي. پنهنجي گهر وارن کي فرمائيندا هئا ڪڏهن بہ پنهنجي غربت جو انهن سان احوال نہ ڪجو. چئجو تہ الله جي فضل سان سڀ ڪجهہ موجود آهي. ڇو تہ حضرات صوفياء ڪرام فرمايو آهي.

شر الطعام طعام الاغنياء بڇڙو طعام شاهوڪارن جو طعام آهي.

ان ڪري پاڻ اميرن جي طعام کان گهٽو حذر ڪندا هئا. هڪ پيري خانصاحب جي گهران ماني تيار ٿي آئي. پاڻ انهن ڏانهن چوائي موڪليائون، وري ٻيهر اها تڪليف نہ ڪجو. خانصاحب کي چئجو تہ ماني اسان پنهنجي ڪائينداسون خير توهان جو گهرنداسون. خدارا اسان جي توڪل علي الله نہ ڇڏجو. ٻين جي ڪُنن تي آسرمند نہ بنايو ۽ غريباڻي گذر تي طبيعت نہ ميل ڪي اميراڻي ڪاڏي تي نہ بدلايو.

خانصاحب جي گهرواري حضرت جن جي ننڍي گهرواري کي نياڻي ڪري سڏيو هيو، اها ان ڏانهن عمدا طعام يا ڪپڙا موڪليندي هئي. پاڻ اهي بہ بند ڪرايائون. فرمايائون: "اسان کي اها ڳالهہ نہ ٿي وڻي جو هڪڙا پاتي غربت جو گذر ڪن ۽ ٻيا اميراڻو. اسان کي پنهنجي گهر ۾ غربت وارو ۽ سڀني سان مساوات وارو گذارو پسند آهي."

پاڻ زندگي مبارڪ جو گهٽو حصو ڪاون جهوپڙن ۽ ماروئڙن وارن مَنهَن ۾ گذاريائون. ان حال تي نهايت شڪر گذار رهندا هئا.

خيرات جون مانيون: جيڪي ميت جي ايصال ثواب لاءِ موڪليون ويندين آهن، پاڻ انهن کان گهٽو اجتناب ڪندا هئا. فرمائيندا هئا تہ:

طعام الميت يميت القلب: ميت جي نالي واريون مانيون دل کي ماري ڇڏن ٿيون.

سندن مرشدن جو بہ حڪم هوندو هيو تہ مئن جي ماني وڻي نہ ڪائو نہ تہ روحانيت هلي ويندوَ. پوءِ پاڻ ڪڏهن بہ ڪنهن کان مئن واري ماني وڻي نہ ڪاڏائون. توڙي جو پاڻ ايصالِ ثواب جا قائل هئا. خود پنهنجي والدين يا گهر جي پاتين جي وفات تي انهن جي ايصال ثواب لاءِ خيراتون ۽ جماڙا ڪندا هئا پر اها ماني خود نہ ڪائيندا هئا.

اهلِ دل ۽ ظاهر جي مولوين ۾ فرق: فرمايائون هڪ فقير صاحب هڪ شهر ۾ آيو مسجد ۾ اچي مولوي کي چيائين تہ مان هن مسجد ۾ ڏهو ويهندس. مولوي چيو تہ هتي

ويهندين تہ ماني ڪٽان ڪائيندين؟ فقير چيو تہ هتي هڪڙو مجوسي آهي. اهو مون کي ماني کارائيندو. مولوي چيو تہ پوءِ پلي ڏهو ويهہ. فقير چيو تہ بيهہ تہ مان نماز موٽائي پڙهان جيڪا تنهنجي پويان پڙهي اٿم. چو تہ تو کي مجوسي تي پروسو آهي رب تي پروسو نہ آهي. پوءِ فرمايائون تہ فقيرن ۾ ظاهر جي مولوين ۾ اهو فرق آهي جو هنن کي الله تي پروسو نہ هوندو آهي. فقيرن کي الله تعالیٰ جي خزانن تي اهڙو يقين هوندو آهي، جيئن پنهنجي گهر جي گُندين پَليُن تي پروسو هوندو آهي.

پيران پير حضرت محبوب سبحاني رحمة الله عليه فرمائيندا هئا تہ جيڪڏهن سڄي دنيا جا مرد منهنجا پٽ هجن ۽ عورتون منهنجون نياڻيون هجن زمين ٽامي جي ٿي وڃي سائو سلو زمين تي پيدا نہ ٿئي رپئي ۾ ڪڪ جو داڻو ملي تہ بہ منهنجي دل ۾ هڪ ذري برابر بہ انديشو نہ ٿيندو تہ هيڏي وڏي عيال کي ڪٽان کارائيندس.

بين توكل كن ملرزان پا و دست * رزق تو برتو تو عاشق تراست

فرمايائون الله تي ائين پروسو رکڻ گهرجي تہ اگر ڪمائيندس تہ بہ رزق ملندو پر جي نہ ڪمائيندس تہ بہ الله تعالیٰ رزق ڏيندو. چو تہ رزق جو ذميدار الله آهي.

ہمچنين تا پشہ گيری تا بہ پيل شد عيال الله حق نعم الوكيل

مڙ کان هاڻي تائين سڀ الله جو عيال آهن. اهوئي بهترين کارساز آهي.

هڪڙن ۾ شخص پاڻ ۾ اختلاف ڪيو. هڪ چيو تہ ڪمائبو حيلو وسيلو ڪبو تہ رزق ملندو جي نہ ڪمائبو تہ نہ ملندو. ٻئي چيو تہ الله تعالیٰ رزاق آهي ڪمائبو تہ بہ ڏيندو پر جي نہ ڪمائبو تہ بہ گهر ويني الله تعالیٰ رزق ڏيندو. پوءِ ٻئي قاضي صاحب وٽ فيصلو کرائڻ لاءِ آيا. قاضي حڪم ڪيو تہ هنن ٻنهين کي جيل ۾ بند ڪيو. هي اجايا اختلاف ڪن ٿا. ٻنهين کي جيل ۾ داخل ڪيو ويو. هڪ ماڻهو باس باسي هئي تہ منهنجو فلاڻو ڪم ٿيو تہ مان جيلين کي پٽ جي ديڳ کارائيندس. قدرتاً انهن جو ڪم ٿي پيو پوءِ سيني جيلين کي دعوت ڪيائين ان ٻنهني جڻن مان هڪ جيڪو حيلي وسيلي جو قائل هو سو دعوت تي ويو. جنهن چيو تہ گهر ويني رزق ملندو سو جيل ۾ ئي رهيو دعوت تي نہ ويو. انجو ساڻي دعوت کائي وري هن لاءِ بہ پاڻ پري ڪٽي آيو. ان بہ کاڏو پوءِ چيائين تہ اسان

جو فيصلو ٿي ويو. تون حيلي وسيلي جو قائل هئين سو تو حيلو ڪيو. هلي وئين ته تو ڪي رزق مليو مون چيو ته گهر ويٺي رزق ملندو سو مون ڪي ائين ئي مليو. يعني رب ۾ جمڙو گمان رکبو ائين ئي الله تعاليٰ رزق ڏيندو. حديث قدسي ۾ به آهي:

أَنَا عِنْدَ ظَنِّ عَبْدِي بِي. ① مان پنهنجي ٻانهي جي مون ۾ رکيل گمان وٺ هوندو آهيان.

فرمايائون: پکين ڪي ڏسو ارڙهن هزار مخلوق ڏانهن نگاه ڪيو ڪنهن ڪي ڪا نوڪري ٻني ٻارو دڪانداري مقاطعه داري ڪجهه ناهي پر رزاق انهن سيني ڪي پنهنجي خزاني مان رزق پهچائي رهيو آهي. پکين ڪي ڏسو صبح جو ٻُکيا پنهنجي آکيرن مان نڪرن ٿا. شام جو پيٽ ڀري وري پنهنجي آشيانن ۾ اچي ساري رات ذڪر الاهي ڪن ٿا.

فرمايائون: حضرت سليمان عليه السلام هڪ دفعي الله ڪي عرض ڪيو ته يا الاهي اجازت ڏي ته مان تنهنجي سڀ مخلوق ڪي هڪ ويلو کارايان. الله فرمايس اي سليمان مان ئي پنهنجي مخلوق ڪي رزق پهچايان ٿو. آخر سندس عرض قبول پيو. ساري مخلوق جو رزق بند ڪيو ويو. کير پياڪ ٻارن جي مائن جي ڇاتين جو کير به سُڪي ويو. مخلوق ۾ واويلو مچي ويو. ڇيائون اڄ حضرت سليمان دعوت جملي آهي. حضرت سليمان سارو ڏينهن طعام کرايو سندس پنج سو ديڳيون وڏيون هونديون هيون جن ۾ ست اُٺ ڪُهي وجهبا هئا ته ان جي ڪنڌ ۾ وڄي پوندا هئا. ان ڪي ديو پچائيندا هئا. اهڙيون سوين ديڳيون رڌيون ويون شام جو سمنڊ مان هڪ مانگر مڇ ٻاهر نڪتو سارو پيٽ جو انبار کائي ويو. پچيائونس ته ڏؤ ٽيو چيائين اهڙا ٻه گراهه به هجن اهو ڏسي سليمان عليه السلام سجدي ۾ پئجي ويو. عرض ڪيائين : اي الله تون پنهنجي مخلوق ڪي پاڻ جاڻ منهنجي حاجت ناهي. اهڙيون هزارين بلائون سمنڊن جهنگن جبلن ۾ رهن ٽيون پکي پکڙ طيور ٻهائم چوپايا ڪل ارڙهن هزار مخلوق آهي انهن ڪي الله تعاليٰ رزق ڏئي ٿو باقي انسان ڪي نه ڏيندو ! پر انسان ڪي الله تي پروسو ناهي.

9. اهـلِ دل ۽ اهـلِ نـظر هئا

① سنن ابن ماجه (2/ 1255)

پاڻ پير روشن ضمير هئا. اهل دل ۾ اهل باطن هئا. اهل ديد ۾ اهل نظر هئا. الله تعالي سندن دل کي روشن بنائي چڏيو هيو. ايترا تہ صاحب بصيرت هيا جو کو ب ماڻهو کا شيءِ دل ۾ سوچي ايندو هيو تہ پڇا ڪرڻ کان اڳ ئي بيان ڪري چڏيندا هيا. سيد منير احمد شاهہ صاحب ٻڌايو تہ سندس والد سيد حاجي عمر شاهہ هڪ پيري محبوب الاهي رحمة الله عليه کي دعوت ڏئي پنهنجي ڳوٺ پيڇوها سيدن واري پاڙي ۾ جلسو رکايو. پاڻ اتي جلوه افروز ٿيا. جڏهن سندن شيرين گفتگو شروع ٿي تہ هزارين پٿر دليون نرم ٿي پيون ۾ اکيون ڪرن جيان وسڻ لڳيون. هر طرف روچ راڙو ۾ گريو طاري هيو. پاڻ اهڙي تہ علمي ۾ باطني اسرارن سان محو گفتگو هيا جو سامعين ائين محسوس ڪري رهيا هيا جڻ اهو سڀ ڪجهہ سامهون ڏسي رهيا هيا. ان ڳوٺ جا ب پيءُ پٽ هيا. اهي ٻئي وڏا موالي هيا. چرس، آفيم، ڀنگ ۾ سگريٽ پر جيڪو نشو ملندو هين اهو استعمال ڪندا هيا. رات ڏينهن نشي ۾ گذارينداهيا. اهي ٻئي پيءُ پٽ چوڻ لڳا اسان تڏهن ميجنداسين جڏهن اسان جي اندر جو احوال ٻڌائي ۾ اسان کي سڌاري. پوءِ اهي ٻئي جيئن جلسي ۾ اچي وينا تہ پاڻ انهن جي ئي اندر جون ڳالهيون بيان فرمائڻ شروع ڪيائون. تانجو مجلس جي اختتام تي اهي ٻئي توبہ تائب ٿيا. رب کان صدق دل سان معافي طلب ٿيا. نشو ۾ پيا برا ڪم چڏي نيڪ صالح ٿي پيا. هر وقت مسجد ۾ عبادت ڪندي نظر اچڻ لڳا.

مردم شناسي: پاڻ هر ڪنهن جي مزاج کي پل ۾ پرکي، پروڙي ۾ سمجهي وٺندا هئا. پوءِ هر ڪنهن سان ان جي مزاج ۾ انجي مانَ ۾ مقام مطابق پيش ايندا هئا. ماڻهن جي سمجهہ ۾ مقام آهر گفتگو ڪندا هئا. ڪنهن دنيا دار جي دنياداري جي سبب يا پنهنجي ڪنهن ذاتي مقصد ڪارڻ ڪنهن جي ڪاڻ کو نہ ڪيندا هئا پر اگر کا تبليغي حڪمت هوندي هئي تہ دنيا دارن سان ب وڏي مروت ۾ مهرباني سان پيش ايندا هئا.

رئيس عبدالغفور نظاماڻي جيڪو ماتلي شهر جو زميندار، چگو مڙس ۾ سابق ايم پي اي آهي. نمازي ۾ علم دوست شخص آهي. عالمن کي گهرائي جلسا ب ڪرائيندو آهي. هڪ دفعي حضرت صاحب کي ب دعوت ڪري جلسو ڪرايو هئائين.

مولوي محمد اسماعيل صاحب سان گڏجي کڏهن کڏهن درگاه شريف تي ٻه ايندو هيو. هڪ دفعي پاڻ پنهنجو رومال ۽ ٽوپي گهرائي ان کي رومال جو پٽڪو پنهنجي مبارڪ هٿن سان ٻڌايائون ۽ ان جي حق ۾ جماعت سان گڏ دعا ٻه گهريائون پوءِ ان کي هي تلقين ڪيائون ته توهان جي علم دوستي ۽ نيڪائي اسان کي تمام گهڻي وٽي ٿي جو اڄڪلهه ماڻهو دين کان پري وڃي رهيا آهن پر توهان محلي جا معتبر بنجي عالم آٿائي انهن کي دين جو پيغام پهچايو ٿا. ان ڪري توهان کي ٻين سڀني کان پهريائين با عمل هجڻ ضروري آهي. ظاهري باطني طرح توهان جو سڌرڻ ضروري آهي نه ته توهان پهريان انڪاري ڇڏبو. پوءِ اهي تقريرون ۽ وعظ جيڪي عالم گهرائي ٻين کي نصيحت ڪرايو ٿا سي اوهان کان ٻه ان جو پچاڻو ٿيندو ته اوهان عمل چونه ڪيو؟

سي ئي سيلهه ٿيام جي مون پڙهيا پاڻ لئي،
واڳون ٽي وريام اکر اهي ئي اڳيان.

توهان جيڪڏهن نيڪ ٿيندؤ ته توهان جو سڌرڻ ٻين لاءِ تبليغ آهي. غريب جي سڌرڻ کان شاهوڪار جو سڌرڻ سوپيرا پلو آهي. چو ته ماڻهو انهن جي پيروي ڪن ٿا.

10. خليق ۽ شفيق هئا

پاڻ سدائين سهاڄا ۽ قربدار هئا. سندن اخلاقِ ڪريماند اهڙا هيا جو دليون موهي وجهندا هئا. سندن گفتار اهڙي هئي جو مانجهين جا من ميڙ ڪري چڏيندي هئي. هڪ دفعو جيڪو سندن گفتار ۽ ديدار کان مشرف ٿيندو هيو ته هميشه وري سندس دل ۾ سندن محبت ۽ اشتياق پيدا ٿي پوندو هيو. پراون کي پنهنجو بنائڻ جا عجيب انداز جاڻندا هئا. سندن ابرو جي تيغ ۽ زلفن جي زندان ۾ ڪيترا قابو ٿي ويا. هڪ فقير جي زبان کان ٻڌم چيائين ته هڪ دفعي حضرت جن اسان جي دعوت تي آيا. جڏهن واپس وڃڻ لڳا ته هڪ شخص پر ۾ اچي آهسته سان پڇڻ لڳو ته سائين جيڪو توهان وٽ جادو جو سرمو يا رُمال آهي جنهن سان ماڻهن کي محبت جي دام ۾ ٿا قابو سو ڪٽي آهي؟ پاڻ مُسڪرائي فرمايائون ته ٻيو ڪو جادو ناهي مگر اسم ذات جو سبق ڏيندا آهيون جيڪو دلين کي قابو قيد ٿو ڪري.

11. متواضع و منڪسر المزاج هئا

پاڻ جيد عالم هئا، علم متان عامل هئا. محقق ۽ مفسر هئا. روحاني رهبر هئا. هزارن مريدن جا مرشد ۽ رهنما هئا. ان جي با وجود نياز ۽ نوڙت سندن خاص خوبي هئي. هميشہ پاڻ کي ٻين کان گهٽ، عاجز ۽ ناچيز سمجهندا هئا. قرآن جي هن آيتن تي عامل رهيا.

اِنَّمَا يَخْشَى اللّٰهَ مِنْ عِبَادِهِ الْعُلَمٰٓؤُا ۱۱ اِنَّ اللّٰهَ عَزِيْزٌ غَفُوْرٌ ۲۸ (فاطر)

الله جي ٻانهن مان الله کان اهي ڊجندا آهن جيڪي علم وارا آهن، بيشڪ الله وڏي عزت وارو وڏو بخشڻهار آهي.

وَ عِبَادُ الرَّحْمٰنِ الَّذِيْنَ يَمْشُوْنَ عَلَى الْاَرْضِ هَوْنًا ۶۳ (الفرقان)

۽ رحمان جا ٻانها اُهي آهن جيڪي زمين تي نهايت نماڻائي سان هلندا آهن.

پنهنجي هر ڪتاب ۽ خط ۾ پنهنجي نالي سان گڏ "فقير لا شيء" لکندا هيا. جنهن جي معنيٰ کا به شيءِ نه هجڻ. ماڻهن جي ميڙ ۾ پاڻ کي منفرد حيثيت سان يا نروار رکڻ کان ڪيائيندا هيا. پنهنجو ڪم پنهنجي وس آهر پنهنجي هٿن سان پاڻ ڪندا هيا. ڪڏهن ڪڏهن گهر ۾ ياڄي ۽ پاڻ ڪٽيندا هيا. اڪثر ڪري جماعت جي جمّ غفير اڳيان تقرير دوران فرمائيندا هيا ته : آءٌ نه ڪو پير آهيان، نه بزرگ آهيان. آءٌ اوهان جو جُتين جوڙڻ خادم آهيان". سندن ايتري عاجزي ۽ انڪساري هڻڻ جي باوجود به رب ڪريم منجهن ايترو رعب رکايو هيو جو مريدن توڙي خليفن کي، اولاد توڙي متن ماڻٽن کي، عام توڙي خاص ماڻهن کي سندن اڳيان ڳالهائڻ جي جرئت نه ٿيندي هئي. سندن نوراني روشن چهري ۾ ايترو ته جلال هوندو هيو جو کنهن کي اک کٽي نهارڻ جي همت نه ٿيندي هئي. پوءِ پاڻ ئي پنهنجي شفقت ۽ محبت سان سامعين جو حجاب ختم ڪري ڳالهائڻ جي همت بخشيندا هيا.

سندن ڪَسر نفسي: حضرت جن ساري زندگي خود ثنائي ۽ خود پسندي کان ڪوهين پري رهيا. هميشہ پنهنجي لاءِ نيازمندي وارا الفاظ اُچاريندا هئا. هڪ دفعي ڪنهن مولوي صاحب مجلس ۾ سندن واکاڻ ڪرڻ شروع ڪئي ته پاڻ ان کي فرمايائون:

منهنجي محبوب جي تعريف ڪر. منهنجي ڪهڙي ٿو تعريف ڪرين؟

" من آنم که من می دانم "۔ مان پنهنجو پاڻ کي سڃاڻان ٿو. اها سندن ڪسر نفسي هئي.

هڪ دفعي هن فقير کي اسڪول مان اسڪالر شپ جا پيسا مليا، انهن مان سندن واسطي ڪپڙن جو وڳو سِلائي جُتي سميت ڪٽي آيس. پاڻ پاتائون پوءِ هڪ جانور جو نالو ڪٽي فرمايائون جانور تہ ساڳيو آهي پر آٿر مٽ آهن. اها سندس ڪسرنفسي هئي.

04.2.1988 جي ڳالهہ آهي فقير محمد نواز لنڊ حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه کي سندس ڳوٺ دعوت ڪئي. پاڻ بنفسِ نفيس اوڏانهن جلوه نما ٿيا. تقريباً منو ميل ڪن کين پيادل هلڻو پيو. ضعيف العمري صحت ناساز هوندي بہ پاڻ پيدل هليا. اتي مغرب نماز کان ڪجهہ وقت اڳ پهتا. سهڻا سخن ارشاد فرمائيندا رهيا حتيٰ ڪہ مؤذن اذان مغرب چئي. نماز پڙهيائون. ميزبانن ۾ محبت جي ڪمي ملاحظہ ڪندي پاڻ تبسم ڪندي فرمايائون:

"هتن کي تہ ڏؤ لڳو پيو آهي. ڏؤ کان اوڳر ايون ڏئي رهيا آهن."

نماز بعد حجري ۾ سندن واسطي چارپائي تي بسترو وڇايل هيو ۽ فقراء جي ويهڻ لاءِ هيٺ تڏن تي رليون وڇايل هيون. پاڻ جيئن ئي اندر آيا تہ ڪٽ تي ويهڻ بجاءِ هيٺ وينا. فقيرن چيو تہ سائين متي ٿي ويهو. فرمايائون آءٌ ڪو وڏو ماڻهو نہ آهيان آءٌ بہ توهان سان گڏ هيٺ ٿو ويهان. وري فقيرن ڪوشش ڪئي تہ بسترو وڇائن پر پاڻ ان کي بہ پسند نہ فرمايائون ۽ عام نشست تي هيٺ وينا. هي سندن ڪمال انڪساري هئي. رات جا ٻارهن وڳا هئا. ٻي سواري نہ هئي پيدل هلڻ لاءِ تيار ٿيا. ميزبانن مان ڪنهن چيو تہ سائين اسان وٽ گڏهہ گاڏو آهي اگر حڪم هجي تہ حاضر ڪيون؟ فرمايائون تمام سنو اها بہ سنت آهي. ڪاهي اچو اسان ان تي هلنداسين. پوءِ گڏهہ گاڏو پيش خدمت ڪيو ويو. پاڻ ان تي چڙهيا. اڳيان پاڻ هئا. پاڻ ازراهِ ڪرم هن عاجز خاڪسار کي پويان ويهڻ جو حڪم فرمايائون. پويان ڪافي تعداد ۾ جماعت هئي ذڪر ڪندا پئي آيا. هي منظر بہ نهايت عجيب هيو. چند پنهنجي آب تاب سان ڪڙيل هيو. حضرت جن جو چهرو چند جي چانڊوڪي کي شرمائي رهيو هيو. پاڻ هن عاجز کي پاڻ سان پيلهہ سوار ڪيائون. صبح جي محفل ۾ ڪڏهن روئندي هي شعر پڙهندا هئا تہ ساري جماعت ديده گريان ٿي پوندي هئي.

آهيان بدڪار بچڙو ڪنهن نه ڪم جو * ڪوڏي ڏوڪڙ مثل نا ڪنهن رقم جو

فرمايائون: ولي الله پاڻ کي ڪڏهن ڪو نه چوندو آهي ته اهو ولي آهي بلڪ اهو پاڻ کي سڀني کان گهٽ سمجهندو آهي. قاضي بصر الدين سيوهاڻي رحمة الله عليه وٽ هڪ شخص آيو پڇا ڪيائون ته ڪيئن آيو آهين؟ چيائين ته توهان جي زيارت ڪرڻ آيو آهيان. فرمايائون: تو کي ٻيو ڪو نظر نه آيو بصر جي زيارت ڪرڻ آيو آهين. بزرگ پنهنجي سونهاري کي جهلي فرمايو ته هي بصر جي بوند آهي ڏٺئي. چيائين ته هائو. بزرگ چيو ته هل هاڻي هليو وڃ. فرمايائون نوڙت ۽ نياز ٻانهي جي شان کي وڌائيندو آهي.

مَنْ تَوَاضَعَ لِلّٰهِ رَفَعَهُ اللّٰهُ. ①

جيڪو الله جي خاطر نوڙت ڪندو الله ان جي درجن کي بلند ڪندو.

نوڙت اهو ئي ڪندو آهي جنهن ۾ ڪجهه ٻلائي رکيل هوندي آهي. جيڪو ٻلائي کان خالي هوندو آهي اهو تڪبر ئي ڪندو آهي. ڏسو ميون سان ڀريل شاخ جُهڪيل رهندي آهي. خالي ٽاري سڌي رهندي آهي. تواضع کند ہو شمند گزین نہد شاخ پر میوہ سر بر زمین

فرمايائون ڏسو پَيرن ۾ هيڏاهين هوندي آهي ۽ مٿي ۾ اوچائي ته هيڏاهين سبب پَير چُميا ويندا آهن مٿو نه.

فرمايائون: هڪ پيري حضرت پير سائين جن لاءِ هڪ وڏي تمام سمٿي ۽ گهٽي خرچ سان مسند ٺاهيائون. پاڻ آيا ان تي هڪ لمحي لاءِ ويٺا پوءِ اٿيا ۽ هيٺ ٻِتي تي وڃي ويٺا. سڀ فقير به اوڏانهن ويا. پرسان هار رکيل هئي. فقيرن جي ازدهام سبب هار ڳاهجي وئي. هي سندن عاجزي هئي مٿاهين جاءِ تحسين ۽ بناوٽ کي پسند نه فرمايائون.

فرمايائون: هڪ پيري حضرت پير سائين جن حويلي کان نڪتا ته پاڙي وارا فقير پاڻ ۾ ڪنهن ڳالهه تي جهڳڙي رهيا هئا. پاڻ فرمايائون فقيرو توهان جو ڏوهه ناهي سڀ قصور منهنجو آهي جو منهنجي نفي ناهي ٿي. منهنجي نفي ٿئي ها ته توهان ۾ هرگز لڙائي اختلاف نه ٿئي ها. پوءِ پاڻ فرمايائون ته هي سڀ حضرت جن جي انڪساري هئي.

---

① شعب الإيمان (502/10)

فرمايائون: حضرت بهاؤالدين نقشبند رحمة الله عليه کان هڪ شخص پڇيو تہ سائين مون توهان جي ڪابہ ڪرامت نہ ڏٺي آهي. بزرگن فرمايس تہ تو منهنجي هي ڪرامت نہ ڏٺي آهي جو مان اهڙو گنهگار ۽ بدڪار آهيان جو منهنجا گناهہ ڪنهن ماني جي ٽڪر تي لکي ٻن سالن جي بکايل ڪتي کي کارائجن تہ بہ نہ ڪائي. مان اهڙو گنهگار جو زمين جي ڳجهي وڇ جو حقدار هيس اجاتائين زندهہ هلندو ٿو وتان اهو منهنجي ڪرامت آهي.

هڪ دفعي: هڪ فقير حضرت جن کي عرض ڪيو تہ سائين فلاڻا فلاڻا فقير تمام زبان دراز ۽ نمازن ۾ سست ۽ دين جي ڪمن ۾ ڪاهل ٿي ويا آهن. پاڻ ٽڏو ساهہ پري فرمايائون تہ ادا اها سپ منهنجي غلطي آهي. آءٌ ڪهڙو ڇگو آهيان. پنهنجي عيبن ۾ ڏسان ٿو تہ مون ۾ ڪابہ ڇگائي ناهي.

12. صُلـح پسند ۽ مُصلح هئا

حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه معاملات ۾ هميشہ صلح پسند رهندا هئا. جڏهن وٽن فيصلا ايندا هئا تہ پوري ڪوشش سان ڏرين ۾ صلح ڪرائي پوءِ روانو ڪندا هئا. پاڻ ماڻهن جي نفسيات کي سمجهندا هئا، انهن جي ڏکن ۽ غمن کي پرکيندا هئا. زماني جي نبض متان سندن هٿ هيو. افراد ۽ مجتمعات جي مرضن کي سمجهندا هئا. انهن جو بهترين علاج ڪندا هئا. پاڻ مصلح هئا. خلقِ خدا جو اصلاح ڪيائون. پاڻ هزارين ماڻهن جي عقيدن جو اصلاح ڪيائون. هزارين انسان ڪائنہ مستفيد ۽ مستفيض ٿيا. جاهليت واري رسومات، بدعات خرافات کي توڙيائون. ماڻهن جي انفرادي توڙي اجتماعي غلطين کي پيار ۽ محبت سان سڌاريائون. سندن شمار انهن عارفن ۾ ٿئي ٿو جن پنهنجي علم ۽ حلم سان، فيض ۽ فهم سان لکين انسانن جون طبيعتون متائي ڇڏيون. پاڻ نہ صرف خود صالح هئا پر مصلح هئا. چو تہ چيو ويندو آهي تہ :

الصالحون يبنون انفسهم والمصلحون يبنون الجماعات

صالح رڳو پنهنجو پاڻ سنواريندا آهن پر مصلح جماعتون سڌاري ويندا آهن.

سندن شخصيت ۽ تعليمات مان ۽ محافل ۽ مجالس مان هر ماڻهو مستفيد ٿيندو هيو.

حقيقت هي آهي تہ هر ماڻهو جو مزاج جدا هوندو آهي، پوءِ جيستائين کو کنهن جي مزاج کي نہ ٿو سمجهي تہ اهو ان جو اصلاح پلا کيئن تہ ڪري سگهندو. ماڻهن جي ذوق ۽ مزاج کي سمجهڻ وارو ئي انهن جو اصلاح ڪرڻ جو اهل هوندو آهي.

الخاصة اذوق لحكمة البيان، والعامة اذوق لحكمة الالحان

خاص ماڻهو بيان جي حڪمت مان ذوق حاصل ڪندا آهن ۽ عوام سُرن جي ميناڻ مان مزو ونندا آهن. الله ڪريم حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه ۾ اهي خوبيون رکيون هيون جو پاڻ ماڻهن جي مزاجن کي سمجهي انهن جو اصلاح ڪندا هئا.

13. دلير ۽ بهادر هئا

پاڻ طبعًا بهادر هئا. الله کان سواءِ ٻيو کنهن جو ڊپ ڊاءُ نہ رکندا هئا. هڪ پيري ڪاڇي جي سفر ۾ ڪوٺ قاسم رودناٽي کان ڪوٺ دولتاٽي وڃي رهيا هئا. جيپ ۾ هي فقير ساٽن گڏ اڪيان وينل هيو. ان وقت ڏاڙيلن جو راڄ هيو. ڪاڇي مان ڪو سلامت واپس ڪو نہ موٽندو هيو. سيني صلاح ڏني تہ سائين جن بچاءَ بند تان نہ وڃن. ڦورن جو ڊپ آهي. پاڻ فرمايائون اسان جي دولت دل هئي سا تہ پنهنجي پريءَ وٽ ڦرائي وينا آهيون. هاڻي باقي اسان وٽ آهي بہ ڇا جيڪو ڏاڙيل ڦريندا. پوءِ پاڻ بچاءَ بند سان ويا. وات تي ڏاڙيلن جي ٽولي آمهون سامهون آئي. فقيرن الله الله پئي ڪيو تہ اهي هٿيار بند بہ الله الله ڪرڻ لڳا ۽ حضرت جي سواري خير سان وڃي منزل تي پهتي.

14. تحمل ۽ بردباري وارا هئا

سندن چهري ۾ رعب هيو منهن ۾ مٺيا هئي. هميشہ پر سکون ۽ پُر وقار رهيا. هلندا هئا تہ قدم قدم ڪٽي اطمينان سان هلندا هئا، ائين لڳندو هيو جيئن ڪو بادشاهہ تخت تان لهي آيو هجي. حالانڪہ منجهن نيازمندي بي انتها هئي.

جهالت ڪندڙ سان حلم ۽ برداشت سان پيش اچڻ وارا ۽ برائي ڪندڙ سان پلائي ڪرڻ وارا هئا. اگر لهو ۽ لغو ڳالهہ ڏسندا هئا تہ منهن موڙي هليا ويندا هئا.

وَالَّذِيْنَ هُمْ عَنِ اللَّغْوِ مُعْرِضُوْنَ ۝٣ (المؤمنون)

۽ اُهي جيڪي ڪنهن بيهودي ڳالهه جي طرف واجهائيندا نه آهن.

پيار ۽ محبت سان پراون کي پنهنجو ڪيائون. جيئن الله عزوجل فرمايو آهي ته:

اِدْفَعْ بِالَّتِيْ هِيَ اَحْسَنُ فَاِذَا الَّذِيْ بَيْنَكَ وَ بَيْنَهٗ عَدَاوَةٌ كَاَنَّهٗ وَلِيٌّ حَمِيْمٌ ۝ ۳۴ (حٰمٓ السجدة)

برائي کي پلائي سان ٽار ته اهو جو تو مٿ ۽ ان مٿ دشمني هئي ائين ٿي ويندو جڻ گهرو دوست.

هڪ پيري هڪ مخالف ماڻهو کين منهن سامهون تمام گهٽ وڌ ڳالهايو. پاڻ صبر ۽ خاموشي سان ٻڌائون پوءِ فرمايائون: ادا تو جيڪي چيو مان ان کان اڳ به وڌيڪ برو آهيان. الله توکي خوش رکي. انهن لفظن جو ان مٿان ايترو اثر ٿيو جو حضرت جن اڳيان معافي ورتائين ۽ سندن مريد ٿيو.

15. مُستغني الحال هئا

هر حال مٿ بي طمع ۽ بي لالچ رهندا هئا. دين جو ڪم محض رضاءِ الاهي خاطر ڪندا هئا. ڪڏهن ڪنهن مٿ به ڏوڪڙ پيسي جي اميد نه رکيائون. ان کري حق سچ چوڻ مٿ ڪڏهن به مصلحتن جو شڪار نه ٿيا. ان ڳالهه سبب پاڻ ابناءِ زمانه مٿ ممتاز ۽ منفرد حيثيت جا مالڪ هئا. چو ته ڪنهن به ماڻهو کي بي طمع ٻنجي دين جي دعوت ڏجي ۽ تبليغ ڪجي ته يڪدم ان تي اثر ٿئي ٿو ۽ اهو عمل ڪرڻ تي آمادو ٿي پوي ٿو. لالچ ۽ لوڀ جي شڪنجي مٿ قاتل مقرر ۽ مبلغ پاڻ کي مجبور ۽ بي وس سمجهندو آهي. ڪنهن کي حق ڇئي نه سگهندو آهي. هي منهنجو پنهنجو مشاهدو آهي ته حضرت جن ڪڏهن به ڪنهن مٿ لالچ نه رکي هرهڪ کي حق سچ چيو.

استغنا عن الخلق :1. پاڻ فرمائيندا هئا ته: "آءٌ عمدِ طالب علمي کان دعا گهرندو هيس ته اي الله مون کي ڪنهن جو پگهاردار نه ڪجاءِ." پوءِ حقيقتاً پاڻ پوري عمر ڪنهن کان پگهار نه ورتائون. فرمائيندا هئا: "مان پگهاردارن کان هزار ڀيرا وڌيڪ خوش آهيان".

هڪ دفعي خانصاحب امام بخش هڪ مولوي کي ڪاوڙ مٿ لڀاڻ هنئي. حضرت جن ان تي ڏاڍو ڪاوڙيا ۽ ان شهر مان هجرت ڪرڻ جو ارادو ڪيائون. وڏيري معافي ورتي. پاڻ فرمايائون توهان وٽ علم وارن جو قدر نه آهي ته اسان جو توهان وٽ رهڻ به درست نه آهي.

آخر گھٹي منڻ آڻي ڪيائين. پاڻ فرمايائون ته اسان تنهنجي شهر ۾ هاٿي هڪ شرط سان رهنداسين. جو توهان اسان کي ڪجھ به نه ڏيو. نه خير خيرات نه ڪو هديو نه تحفو. وڏيري چيو سائين توهان اسان کان گهرو ته نه ٿا. اسان پنهنجي رضا خوشي سان ڪجھ ڏيون ته اسان کي منع چو ٿا ڪيو؟ پاڻ فرمايائون: پلا اوهان کي انهن هدين تحفن لاءِ ٻيو ڪو ڪونه ٽوليي ڇا؟ سبحان الله

اهل دل ۽ عرفاء وٽ توڪل ۽ تسليم جو هڪ اهڙو مقام به آهي جتي بندي جي نظر هر طرف کان ڪجي صرف هڪ ذات ڏانهن ٽِڪندي آهي. ان حال ۾ ٻانهو سڀن کي ڇڏي مسبب الاسباب کي ڳوليندو آهي. عطا کي ڇڏي معطي جي تلاش ڪندو آهي.

اِسْتَغْنَا عَنْ عَرْضِ الدُّنْيَا: فقير يار محمد بيد ڳوٺ واري بيان ڪيو ته جڏهن حضرت سائينجن ڪرڪٽ ۾ رهندا هئا. ٽلهي جي ڳوٺ جي هڪ شخص فقير محمد ملاح وصيت ڪئي هئي ته حضرت محبوب الاهي کي هي منهنجي گهر جي پرسان واري ٻني اسقاط ۾ ڏيندا. ٻني ته مون کي پي به گهٽي آهي پر هي زمين مون کي زور پسند ۽ پيلي ٻني آهي. علي محمد ٽلهي وارو سائينجن وٽ آيو اچي عرض ڪيائين ته توهان مهرباني ڪري جنازي جي نماز هلي پڙهايو. حضرت سائين جن آيا، جنازي جي نماز پڙهايائون. جنازو قبرستان ۾ دفن ڪرڻ ويا. علي محمد فقير سائينجن کي مسجد ۾ ويهاريو پوءِ فوت ٿيل شخص فقير محمد ملاح جا وارث سندن خدمت ۾ عرضگذار ٿيا ته مهرباني فرمائي اها زمين قبول فرمايو. سائينجن فرمايو ته اسان جنازي جي نماز خداڪارڻ پڙهائي آهي، زمين نه ونڊاسين. وارثن تمام گهڻيون آزيون ۽ منٿون ڪيون. پر حضرت سائينجن فرمايو ته اسان کي الله تعالىٰ ۽ محبوب مصطفيٰ ﷺ جي رضا مقصود آهي، زمين جي اسان کي ضرورت نه آهي. ائين چئي پاڻ واپس هليا آيا.

ماڙهُو گُهرِن مالُ، آڻُون سَپِ ڏِينهَن گُهران سُپرين؛
دُنيا تَنهن دوسِتَ تان، فِدا ڪَريان فِي الحالُ؛
ڪَيَسِ نامَ نهالُ، پُسَڻُ تان پَري ٽِيو.

16. خوش طبع ۽ خوش مزاج هئا

پاڻ گهٽو مُسڪرائيندڙ چهري وارا هئا. مجلس ۾ ڪڏهن ڪڏهن خوشطبعي به ڪندا هئا ايستائين جو پوري مجلس مٽان ڪلڻ جي ڪيفيت طاري ٿي ويندي هئي. پر سندن خوش طبعي به معنيٰ خيز ۽ نصيحت آميز هوندي هئي. عجيب ڳالهه اها جو ڪڏهن ڪلڻ دوران ئي اهڙي گفتگو شروع ڪري ڇڏيندا هئا جو ماڻهو روئڻ ۾ شروع ٿي ويندا هئا. ڪڏهن روئڻ وارن ماڻهن جا ڳوڙها اڃا ڳل تان ڳڙندا ئي هيا تہ اهڙي گفتگو ڪندا هئا جو ماڻهو ڪلڻ شروع ٿي ويندا هئا. ائين لڳندو هيو جو جٽڪ ماڻهن جي دلين جون ڪيفيتون سندن هٿ ۾ هجن. هڪ پيري خوشطبعي ڪندي فرمايائون: هڪ حڪيم صاحب ڪنهن قبرستان کان لنگهيو تہ منهن کي ڪپڑو ڏئي هلڻ لڳو. چيائونس تہ منهن ڇو ٿو ڍڪين؟ چيائين تہ هي قبرستان جا مُردا سڀ منهنجي دوائن سان مُئل آهن. ان ڪري شرم کان منهن ڍڪي هلان ٿو.

17. احسان ڪرڻ وارا هئا

پاڻ هر ڪس و ناڪس سان احسان، نيڪي ۽ پلائي ڪرڻ وارا هئا. ايستائين جو جيڪو ساڻن مدائي ڪندو هيو پاڻ ان سان به چگائي ۽ بُرن سان به پلائي ڪري ڇڏيندا هئا. هڪ شخص سندن خدمت ۾ روئندو آيو. پنهنجي ڏکن جون ڳالهيون بيان ڪيائين. چيائين منهنجا ياٽر ۽ پيءُ منهنجا سخت مارا آهن، خنجر سان مون کي مارڻ لاءِ آيا. شهر ۾ جتي به ڪرائي تي جاءِ ونان تہ ان کي به منع ڪن ٿا. سخت پريشان حال آهيان. پاڻ ان جي ڏکن جي داستان کي ٻڌي ان مٽان رحم ڪندي فرمايائون تہ پوءِ توهان هتي لڏو ڪٽي اچو. هتي اسان جي ننگر خاني جي جاءِ ۾ اچي رهو. تيستائين پنهنجي جاءِ جو انتظام ڪري وٺو. ڪجهه مهينن بعد ننگر جي جاءِ تي قبضو ڪري اٽلندو حضرت جن تي ڪيس ڪيائين. تہ جاءِ منهنجي آهي پير صاحب زبردستي مون کي جاءِ مان ڪيڍي ٿو. حضرت جن کي ان ماڻهو جي ان احسان فراموشي جو سخت افسوس ٿيو. پوءِ شهر جا معزز وچ ۾ آيا انهن ان کان ننگر جي جاءِ خالي ڪرائي. پاڻ ان جي خطا کي معاف ڪري ڇڏيائون.

18. بي مثال مرشد ۾ مُربي هڻا

"مرشد" جي معنيٰ ارشاد ڪندڙ ۾ راهه ڏيکاريندڙ آهي. "مُربي" جي معنيٰ تربيت ڪندڙ آهي. حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه رڳو نالي جا ۽ رسمي طرح مرشد ۽ مربي نه هڻا پر حقيقت ۾ ماڻهن کي الله جي دين ۽ نيڪي جي راهه ارشاد ڪندڙ هڻا ۽ هر طبقي جي ماڻهن جي تربيت ڪري انهن کي صالح بنائڻ وارا مربي هڻا.

پاڻ هر وقت دين محمدي ۽ امت مسلمه لاءِ فڪرمند هوندا هيا. مسلمانن جي بي راهه روي ڏسي سندن گُلن جي پنکڙين کان وڌيڪ نازڪ ۽ نفيس دل بيقرار ٿي ويندي هئي. اهو ئي سبب هيو جو پاڻ پنهنجي سموري حياتي دين لاءِ وقف ڪري چڏي هڻائون. ننڍن توڙي وڏن شهرن، ڳوٺن توڙي بستين ۾ اسلام جو پيغام پهچائڻ لاءِ پاڻ پتوڙيائون. تبليغ دوران کين ڪيئي تڪليفون آيون پر پاڻ ڪڏهن به انهن جي پرواهه ڪونه ڪيائون. دين جي رستي ۾ آيل ڏکن ۽ ڏوجهرن کي دل جي درياء ۾ هوڙي حق جو پيغام در در پهچايائون. سندن ماکيءَ کان وڌيڪ شيرين زبان مبارڪ هزارين فاسق ۽ فاجر ماڻهن کي، لچ لوفن، شرابين، زانين ۽ بي دينن کي ديندار بنائي چڏيو. ڏاڙيل ڏاڙا چڏي ويا، چور چوري چڏي ويا جن کي پوليس جون مارون سڏاري نه سگهيون اهڙن پٿر دل ماڻهن جي دلين کي سندن مٺن هولن ميٺ ڪري چڏيو. سندن ڪردار ۽ صحبت جي رنگ ۾ رنگجي راهه راست تي اچي ويا. تبليغ ڪرڻ ۽ ماڻهن جو اصلاح احوال ڪرڻ سندن عادت ضروريه بڻيل هئي. جيڪڏهن اجتماع هوندو هيو تڏهن به دردِ دل سان بيان فرمائيندا هيا ۽ اگر ڪنهن هڪ ماڻهو سان به مخاطب هوندا هيا تڏهن به پنهنجي محبوب جون ڳالهيون ٻڌائيندا هيا. بيان فرمائڻ مهل ڪافي مرتبه کانئن خورد و نوش وسري ويندو هيو.

سندن تربيت جو انداز نرالو هيو: اڳاڙو 28 جمادي الاول 1408ھ 09-1-1988

پاڻ هڪ وڏي جماعت جا مرشد ۽ مربي هڻا. مريدن جي تربيت اهڙي انداز ۾ ڪندا هڻا جو اهي معاشري جا صالح افراد بنجي پوندا هڻا. سندن تربيتي اندازُ هن واقعي ۾ ڏسي سگهجي ٿو.

فقير غلام محمد ميمڻ اسسٽنٽ مختيار ڪار، احمد خان چنڊ تپيدار، خليفي محمد رمضان ۽ پين فقيرن حضرت جن کي عرض ڪيو ته:

سائين جن کرم فرمائن حج تي هلن، خرچ اسان کندا سين. اسان کي سائينجن سان گڏ حج جي سعادت نصيب ٿئي. پاڻ فرمايائون اسان هڪ پيرو حج ڪري آيا آهيون. باقي نفلي حج ڪرڻ سئي ڳالهه آهي. پر ان لاءِ شرط صحت آهي. حج تي تمام گهٽي پيڙ ۽ خلق جو ازدهام ٿئي ٿو ۽ اسان ضعيف العمر آهيون صحت ۽ صحيح نه ٿي رهي. ان ڪري اسان معذور آهيون. وري ٻئي ڏينهن تي فقيرن عرض ڪيو ته سائين جن اگر عمري تي هلن ته عمري مِ رش ۽ گهٽ هوندي آهي ۽ هن وقت موسم ۽ سئي آهي. سائين جن جو ڪل خرچ ۽ اسان پريندا سين. (جيڪو اندازاً ڏهه هزار روپين تائين هيو) پاڻ مسڪرائي رهيا هئا. فرمايائون ڏسون جيئن الله گهريو. طبيعت ساز رهي ته پوءِ ڪوشش ڪبي. پوءِ پاڻ ڪين نصيحت ڪندي فرمايائون: "فقير چون ٿا ته اسان اوهان کي عمري تي وڃي هلون ۽ خرچ اسان پريندا سين. اهي فقير شريعت جي پوري تابعداري نه ٿا ڪن. اسان کي اهو فقير وٺندو آهي جيڪو محبوب سڀٽي ﷺ جو سچو غلام هجي. توهان جي خرچ ڪرڻ خير خيرات ڏيڻ سان اسان کي خوشي نه ٿيندي آهي پر توهان هڪ سنت ادا ڪيو ته اسان جي دل ٺري پوندي. اسان هڪ اهڙي شهباز جوان جي صحبت ڪئي آهي جو اسان هاڻي شريعت جي ذري برابر پيچڪڙي برداشت نه ٿا ڪري سگهون. فقير دين جي ڪمن مِ سستي ڪن ٿا. يا تهجد ۽ ذڪر مِ سُستي ڪن ٿا ته اسان جي دل کي سخت ڏک لڳندو آهي. اهي فقير جن اجا ڏاڙهيون ۽ پوريون سنت مطابق نه رکايون آهن. پتڪا ۽ نه ٿا ٻڌن. انهن سان گڏ اسان ڪهڙي طرح حج يا عمري تي وڃي سگهنداسين. اهي ماڻهو رات ڏينهن اسان سان گڏ ۽ رهن ٿا. اها ڳالهه اسان جي طبيعت برداشت نه ٿي ڪري سگهي، جو رهن ۽ اسان سان گڏ ۽ سنتن جي پائبندي ۽ نه ڪن!!"

ان طرح جي گفتگو تقريباً هڪ ڪلاڪ فرمايائون. فقيرن جا گردن هيٺ جهڪيل هئا. هر اک مان ڳوڙها وهي رهيا هئا. پوءِ پاڻ دعا گهري حويلي شريف ڏانهن روانا ٿي ويا.

اربعاء 29 جمادي الاول 1408هـ 1988 - 1 - 10

ڪالهوڪي تنبيهه سبب اڄ فقير غلام محمد جي مٿي تي پٽڪو ٻڌل هيو. آءِ سمجهان ٿو ته شايد ساري عمر ان پٽڪو نه ٻڌو هجي.

پر حضرت جن جي اثرائتي نصيحت سبب اڄ پٽڪي ۾ تسبي سان نظر اچي رهيو هيو. احمد خان تپيدار ۽ وعدو ڪري آيو آهي تہ اهو باشرع ڏاڙهي رکائيندو. ان ۽ اڄ پٽڪو ٻڌڻ شروع ڪيو آهي. [1]

ماڻهن جي زندگين جا رخ موڙي ڇڏيائون: هن فقير سندن صحبتن ۾ رهي اهو مشاهدو ڪيو تہ حضرت جن جي تربيت جو خاص عنصر پيار ۽ محبت هوندو هيو. جڏهن نوان ماڻهو ايندا هئا تہ پاڻ انهن سان اهڙي پيار ۽ پاڻهڻ سان پيش ايندا هئا جو اهي وٽن اچي پنهنجي ابي جهڙي الفت محسوس ڪندا هئا. پاڻ انهن کي پنهنجي ڦُربت ۽ بي پناهه محبت ڏيندي انهن جي تعليم ۽ تربيت جو آغاز ڪندا هئا. انهن جي غلطين کي نظر انداز ڪندي انهن جي ذهن ۽ ضميرن دلين ۽ سينن ۾ فيضِ محمدي جو رنگ پريندا هئا. انهن جي تعميرِ اخلاق فرمائيندا هئا. ڪڏهن ۽ ڪنهن نئين ماڻهو کي حڪماً ڪنهن ۽ ڪم ڪرڻ جو امر نہ ڪندا هئا پر نيڪي جي ڪمن جا فضائل بيان ڪري انهن جي دلين ۾ ان شيءِ جي حقيقت اجاگر ڪندا هئا. الفت پرئي انداز ۾ انهن کي شريعت جي مسائل ۽ طريقت جي نشيب و فراز کان آگاهه ڪندا رهندا هئا. ابتدا ۾ الله جي لطفن رحمتن عنايتن جو بيان پوءِ دنيا جي بي ثباتي، بي وفائي جو بيان پوءِ دين جا فائدا پوءِ دنياوي الفتن جا نقصان. اهڙي طرح هڪ باقائده منظم تعليم وتربيت جي ذريعي ماڻهن جي زندگي جو ڌارو متائي ڇڏيندا هئا. هونئن ۽ حڪيم جو ڪم مرض ختم ڪرڻ هوندو آهي نہ ڪہ مريض کي ختم ڪرڻ. سو پاڻ اهڙي ئي حڪيمانہ انداز ۾ ماڻهن جو اصلاح ڪيائون. سندن طرز تعلق سان ماڻهن جون دليون موهجي پونديون هيون. قلب مطيع ٿي پوندا هئا. دليون نرم ٿي پونديون هيون. پوءِ انهن جي سهپ ۽ برداشت مطابق انهن کي ديني احڪامات سيکارينديا هئا. سڀ کان اول ڏاڙهي پوءِ پٽڪو، ڏنڊڻ، نماز ۽ جماعت وغيره. سندن ان اسلوبِ تربيت سبب هزارين ماڻهو ڪانئن مستفيض ٿيا. پر اٿا فقير جڏهن بار بار ڪا غلطي ورجائيندا هئا تہ پوءِ ڪڏهن انهن کي سختي سان ۽ نصيحت ڪندا هئا.

---

[1] ان نصيحت ٻڌڻ کان پوءِ غلام محمد صاحب باشرع ڏاڙهي رکائي، احمد خان تپيدار اهڙو صالح ٿي ويو جو اجتائين ماڻهو ان جو مثال ڏيندا آهن. حضرت جن صحت ناساز هجڻ سبب عمري ٿي ۽ نہ ويا.

ڪڏهن انهن تي غصي جو اظهار ٻه ڪندا هئا. پر سندن سختي ٻه : ضرب الحبيب ظبيب دوست جا ڏڪ ٻه ڏاکن جهڙا منا هوندا آهن. جي مصداق هوندي هئي.

بي فيض مقررن جا وڏا وڏا بيان تقريرون ۽ تحريرون بيت ۽ رباعيون هرگز هرگز اهو ڪم نه ڪنديون آهن جهڙو ڪنهن مردِ ڪامل جي سادن سادن لفظن ۾ اثر هوندو آهي. اهڙو انسان جنهن جي سڌرڻ کان علماءِ حُڪماءِ نا اميد ٿي چڪا هجن پر اولياءِ ڪرام جا محبت پريا چند لفظ ان جي زندگي جو رخ مٽائي ڇڏيندا آهن. اهو يڪدم صراطِ مستقيم تي گامزن ٿي ويندو آهي.

عتابِ محبت : سندن تربيتي انداز بيان ٿي رهيو هيو ته پاڻ پهريائين نرم روي سان تعليم فرمائيندا هئا. ڪافي عرصي بعد ٻه اگر سامع جي حالت ۾ تغير ۽ ڦيرو نه آيو ته پوءِ پاڻ عتاب ۽ ڪاوڙ جو هٿيار ٻه استعمال ڪندا هئا. جو ته محبت ته پهريائين پيدا ڪري ڇڏيندا هئا. پوءِ اگر اڃا ٻه ڪن ديني ڪمن ۾ ڪوتاهي ڏسندا هئا ته هاٿي وري عتاب ڪندا هئا. جنهن سان يڪدم جيڪو محبت ۾ نه سڌريو سو عتاب يعني ڏورانپي ۽ ڪاوڙ سبب ضرور حالت متائيندو هيو. جئين چيو ويو آهي.

لولا العتاب لهلک المحبة اگر محبوب جو عتاب نه هجي ته محبت ختم ٿي وڃي.

سو هنن فقيرن کي پهريائين پاڻ محبتن الفتن سان سمجهائيندا رهيا. پر اڃا هي سستين کان باز نه آيا ته پاڻ ان جاءِ تي تربيت جو هيو هٿيار غصي ۽ عتاب وارو استعمال ڪيائون. اڄ اهي مٿن تي سفيد پٽڪا پائي آيا. پاڻ انهن کي ڏسي رهيا هئا. سندن مسڪراهٽون ختم نه پئي ٿيون. بي حد و حساب شادان و فرحان نظر آيا. عشاء جي نماز ٿي بعد ۾ گفتگو فرمايائون: پٽڪو ٻڌڻ تمام پلي ۽ شان واري سنت آهي. نبي ڪريم ﷺ فرمايو:

العمائم تيجان العرب [1] پٽڪا عرب جو تاج آهن.

يصلون الملائكة على عمائم الرجل

پٽڪي ٻڌل مردن تي ملائڪ صلواتون پڙهندا آهن.

---

[1] الجامع الصغير من حديث البشير النذير (112/2) شرح صحيح البخاري۔ لابن بطال (89/9)

پٽڪي [1] سان هڪ نماز جي بدلي هڪ سو نمازن جو ثواب ملندو آهي .

اهڙو ثواب هٿان هر گز نہ وڃائجي. حضرت جن پير منا سائين هڪ پيري ساري جماعت جا پٽڪا لهرائي ۽ن طرن سان ٻڌرايا هئا. فرمايائون : "ڏون ٽري مارو اها سنت هي" .

گهر وارن جي تربيت: جماعت جي تعليم و تربيت سان گڏ پاڻ پنهنجي گهراٽي جي تربيت کان ۽ قطعًا صرفِ نظر کو نہ ڪيائون. هر ماهه جيڪا مجلس مردن ۾ ڪندا هئا، ان ڏينهن عورتن ۾ اهل ذڪر فقيرياٽين ۾ ۽ مجلس ضرور ڪندا هئا. انهن کي دين جا احڪام سيکارينداهئا. ان مجلس ۾ پنهنجي گهر وارن کي شريڪ ٿيڻ جو سختي سان تاڪيد ڪندا هئا ان کان علاوه سندن عادت مبارڪ هئي تہ ٻئي چوٽين ڏينهن گهر وارن کي ويهاري نصيحت ڪندا هئا. گهر ۾ ڪا ۽ نئين ڳالهہ ٿيندي هئي تہ ان بابت شرعي وضاحت ڪري گهر وارن کي آگاهہ ڪندا هئا. آخري ايام ۾ هن فقير کي فرمايائون تہ: "هاڻي توهان روزانو يا ٻئي ٽئي ڏينهن گهر وارن کي نصيحت ڪندا ڪيو" .

پاڻ جڏهن سفر کان ايندا هئا تہ پهريائين گهر ۾ اچي سلام ڪندا هئا پوءِ گهر جي هر فرد کان جدا جدا نماز ۽ تهجد جو پڇا ڪندا هئا تہ پڙهندا آهيو يا نہ؟ جڏهن ها جو جواب ملندو هيو تہ خوش ٿيندا هئا پوءِ سفر جو احوال ۽ ٻيون ڳالهيون ڪندا هئا. سفر کان واپس ورندا هئا تہ هارن کي خرچي ڏيندا هئا، ويندا هئا تہ ٻہ ڏٻي ويندا هئا. جيترا ڏينهن سفر ۾ ويندا هئا اوترن ڏينهن جو خرچ گهر ۾ ڏٻي ويندا هئا.

صاحبزادن سان مهرباني : هڪ دفعي پاڻ صاحبزاده حسن الله ۽ فضل الله کي فجر نماز لاءِ ننڍ مان اٹاريائون. پاڻ مسجد ڏانهن روانا ٿي ويا. صاحبزاده ننڍا هئا وري سمهي پيا. پاڻ جڏهن نماز پڙهي فارغ ٿي واپس حويلي مبارڪ آيا صاحبزادن کي ستل ڏسي جوش ۾ اچي لٹ مبارڪ کنيائون ۽ جيئن صاحبزاده ستل هئا مٹان زور سان هنيائون قدرتاً لٹ پينگهي جي ٻانهين کي وڃي لڳي ٻڃي ٽڪرا ٽي ڦٽي.

---

[1] امام اصمعي جيو تہ ابوالاسود رحمت الله عليہ فرمائيندو هيو تہ: قَالَ الأَصْمَعِيُّ : وَكَانَ أَبُو الأَسْوَدِ يَقُولُ : الْعِمَامَةُ جُنَّةٌ فِي الْحَرْبِ ، وَمَكَنَّةٌ فِي الْحَرِّ وَالْقَرِّ ، وَزِيَادَةٌ فِي الْقَامَةِ ، وَهِيَ عَادَةٌ مِنْ عَادَاتِ الْعَرَبِ . المجالسة وجواهر العلم (8/39)

پٽڪو جنگ ۾ ڍال آهي، سردي گرمي کان بچائيندڙ آهي ، قد ۾ واڌارو آهي. اهو عربن جي عادتن مان هڪ عادت آهي.

پتڪي [1] سان هڪ نماز جي بدلي هڪ سو نمازن جو ثواب ملندو آهي .

اهڙو ثواب هتان هر گز نه وڃائيجي. حضرت جن پير مڻا سائين هڪ پيري ساري جماعت جا پتڪا لهرائي ين طرن سان پڙايا هٿا. فرمايائون : "ڏون ڏري مارو اها سنت مي" .

گهر وارن جي تربيت: جماعت جي تعليم و تربيت سان گڏ پاڻ پنهنجي گهراٽي جي تربيت کان بہ قطعًا صرف نظر ڪو نه ڪيائون. هر ماهہ جيڪا مجلس مردن ۾ ڪندا هٿا، ان ڏينهن عورتن ۾ اهل ذڪر فقيريائٽين ۾ بہ مجلس ضرور ڪندا هٿا. انهن کي دين جا احڪام سيکاريندا هٿا. ان مجلس ۾ پنهنجي گهر وارن کي شريڪ ٿيڻ جو سختي سان تاڪيد ڪندا هٿا ان کان علاوہ سندن عادت مبارڪ هئي تہ ٻئي چوٿين ڏينهن گهر وارن کي ويهاري نصيحت ڪندا هٿا. گهر ۾ ڪا بہ نئين ڳالهہ ٿيندي هئي تہ ان بابت شرعي وضاحت ڪري گهر وارن کي آگاهہ ڪندا هٿا. آخري ايام ۾ هن فقير کي فرمايائون تہ: "هاڻي توهان روز انو ٻاڻي ٽئي ڏينهن گهر وارن کي نصيحت ڪندا ڪيو".

پاڻ جڏهن سفر کان ايندا هٿا تہ پهريائين گهر ۾ اچي سلام ڪندا هٿا پوء گهر جي هر فرد کان جدا جدا نماز ۽ تمجد جو پڇا ڪندا هٿا تہ پڙهندا آهيو يا نہ؟ جڏهن ها جو جواب ملندو هيو تہ خوش ٿيندا هٿا پوء سفر جو احوال ۽ پيون ڳالهيون ڪندا هٿا. سفر کان واپس ورندا هٿا تہ پاڙن کي خرچي ڏيندا هٿا، ويندا هٿا تہ بہ ڏئي ويندا هٿا. جيترا ڏينهن سفر ۾ ويندا هٿا اوترن ڏينهن جو خرچ گهر ۾ ڏئي ويندا هٿا.

صاحبزادن سان محبباني : هڪ دفعي پاڻ صاحبزاده حسن الله ۽ فضل الله کي فجر نماز لاء ننڍ مان اڻاريائون. پاڻ مسجد ڏانهن روانا ٿي ويا. صاحبزاده ننڍا هٿا وري سمهي پيا. پاڻ جڏهن نماز پڙهي فارغ ٿي واپس حويلي مبارڪ آيا صاحبزادن کي ستل ڏسي جوش ۾ اچي لٽ مبارڪ کنيائون ۽ جيئن صاحبزاده ستل هٿا مٿان زور سان هنيائون قدرتاً لٽ ٻينگهي جي پاڻهين کي وڃي لڳي ڇڃي ٽکرا ٿي ٻئي.

---

[1] امام اصمعي جيوند ابوالاسود رحمت الله عليه فرمائيندو هيو ته قَالَ الأَصْمَعِيُّ : وَكَانَ أَبُو الأَسْوَدِ يَقُولُ: الْعِمَامَةُ جُنَّةٌ فِي الْحَرْبِ. وَمَكَنَّةٌ فِي الْحَرِّ وَالْقَرِّ . وَرِيَاسَةٌ فِي الْقَامَةِ . وَهِيَ عَادَةٌ مِنْ عَادَاتِ الْعَرَبِ . المجالسة وجواهر العلم (8/ 369)

پنهنجو جنگ ۾ وال آهي. سردي گرمي کان بچائيندڙ آهي، ڏڍ ۽ واڌارو آهي. اهو عربن جي عادتن مان هڪ عادت آهي.

هن فقير جي نندپڻ جي ڳالهه آهي، هڪ پيري حضرت جن جي اڳيان ويٺل هيس. منهنجي هٿ ۾ شيشي هئي. ان سان زمين تي گل ڪيڙي رهيو هيس. امڙ آئي فرمائڻ لڳي پيءُ جي سامهون چا ٿو ڪرين؟ پاڻ برهم ٿيندي فرمايائون ته: "راند ٿو ڪيڏي". پوءِ هي نقل بيان فرمايائون ته هڪ مريد پنهنجي مرشد جي سامهون وڃ مان پٽ پٽي ان کي هٿ سان هٽائڻ لڳو ته بزرگ فرمايس ته تو منهنجي اڳيان ست گناهه ڪيا آهن.

1. منهنجي سامهون ويهي غير ڏي متوجهه ٿئين.
2. منهنجو رعب تنهنجي دل مان نڪري ويو.
3. هار اٽي راند ڪرڻ لڳين.
4. سائي شيءِ الله جو ذڪر ڪندي آهي. ان کي تو ذڪر کان بند ڪيو.
5. بنا ضرورت جي وڃ جو پٽ پٽي ان کي تڪليف ڏنئي.
6. تنهنجي دل غير ڏي متوجهه ٿي، الله جي ذڪر کان غافل ٿي وئي.
7. بري رسم جي شروعات ڪيئي. جڏهن سندن زبان مان هي بيان ٻڌم ان وقت آءٌ سخت پشيمان ۽ نادم ٿيس، اڳتي لاءِ دل ۾ عهد ڪيم، مرشدن جي اڳيان ڪنهن ٻئي طرف متوجهه نه ٿيندس.

منهنجي محبوب، منهنجي اکين جي نور، منهنجي دل جي سرور، منهنجي پياري مرشد ڪريم جي ان سمجهاڻين تان صدقي وڃان. سندن تربيت تان گهور وڃان سندن نصيحت اهڙي اثر انگيز هوندي هئي جو دل خود بخود ان تي عمل ڪرڻ لاءِ آماده ٿي پوندي آهي.

از خدا خواهيم توفيقِ ادب بے ادب محروم ماند از لطف رب

بے ادب خود را نه تنها داشت بد بلکه آفت در همه آفاق زد

هڪ ڏينهن حويلي شريف ۾ برادرم فضل الله ۽ برادرم خليل الله صاحب کي فرمايائون ته توهان جيستائين تهجد نماز نه پڙهندئو ۽ ذڪر فڪر نه ڪندؤ تيستائين توهان جا ڪم هرگز نه ٿيندا. چو ته الله تعالىٰ قرآن ۾ فرمايو آهي ته:

وَاسْتَعِينُوا بِالصَّبْرِ وَالصَّلَاةِ

۽ صبر ۽ نماز کان مدد وٺو. اتي نماز مان مراد تهجد جي نماز آهي[1]

---

[1] التي هي أمُّ العبادات و معراجُ المؤمنين و مناجاةُ ربِّ العالمين تفسير أبي السعود (226/1)

چوته نماز سڀ عبادتن جي جڙ آهي. مومن جو معراج آهي ۽ رب العالمين سان مناجات آهي.

تبليغ دين جو حرص: کين ديني تبليغ جو تمام گهٹو حرص هوندو هيو. حويلي ۾ هجن يا باهر هر وقت سندن تبليغ جو سلسلو جاري رهندو هيو. فرمايائون تبليغ منهنجي روح جي خوراڪ بنجي وئي آهي. دل چوي ٿي ته شال تبليغ کندي دم پرواز ٿي وڃي. جيستائين تبليغ نه ٿو ڪيان تيستائين آرام نه ٿو اچي. مانيءَ پاڻي به نه ٿووٽي. آخر عمر ۾ کين شگر جي تڪليف ٿي پئي هئي، ان ڪري بار بار پيشاب جي حاجت ٿيندي هئي. فرمايائون : الله جو فضل آهي جو جڏهن جماعت ۾ يا تقرير ۾ ويهان ٿو ته بشري حاجات جو خيال به نه ٿو رهي. فرمايائون پير سائين فرمائيندا هئا ته :

فقیر وہیں بیمار ہاں پڑ وعظ تے بہداہاں تہ خبر نہیں لگدی۔

فرمايائون: حضرت سائين جن ناچاڪ هوندا هئا ته به جڏهن وعظ لاءِ ويهندا هئا ته خبر نه پوندي هين ته ڪلاڪن جا ڪلاڪ وعظ ڪندا رهندا هئا. فرمايائون حضرت پير سائين فرمائيندا هئا ته تبليغ منهنجي خوراڪ ٿي وئي آهي. جيستائين تبليغ نه ٿو ڪيان تيسين سڪ آرام نه ٿو اچي. مان چوندو هوس اهو ڪئين ٿو ٿي سگهي، پر الحمدلله اها حالت منهنجي به بنجي وئي آهي جو جيستائين تبليغ نه ٿو ڪيان. محبوب جون ڳالهيون نه ٿو ڪيان تيسين آرام نه ٿو اچي. گويا سوداءِ ٿي ٿو پوي ته ڪو اچي ته اسان يار جون پچارون ڪيان.

19. مهمان نواز مهربان هئا

حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه بيحد مهمان نواز هئا. جڏهن وٽن گهٽا مهمان ايندا هئا ته سندن چهرو ٻهڪي پوندو هيو. مهمان موڪلائيندا هئا ته غمگين ٿي پوندا هئا. ڪڏهن پاڻ پنهنجي هٿن سان مانيءَ ڪٽي اچي مهمانن کي ڪارائيندا هئا. فرمائيندا هئا ته : مهمان نصيب پنهنجو ٿو ڪائي پاڻ ۾ بخت گهرڻ ٿي ڪي ڏياريون ٿو وڃي.

ڪو آڏي مانجهي مهمان آيو ته ان کي به ان وقت ننگر ڪرايو ويندو هيو.

صبح جو ڪنهن به مهمان کي بنا ناشتي جي نه ڇڏيندا هئا.

فرمايائون: روايت ۾ آيو آهي ته: أكرموا الضيف ولو كان كافرا (روح البيان (282/1))

ڪافر به اوهان وٽ مهمان ٿي اچي ته ان جي عزت ڪيو.

پاڻ صلہ رحمي کندڙ هئا: پاڻ پنهنجي عزيزن مٽن سان ساري عمر صلہ رحمي کندا رهيا. انهن جي هزار جفائن جي باوجود به کڏهن پنهنجي ذاتي غرض خاطر کنهن کان کو نہ ٽوڙيائون. پر هر ٽوڙيندڙ سان جوڙيائون. پنهنجي هر شادي ۽ غمي ۾ پنهنجي رشتيدارن کي سڏيندا هئا. پر انهن کي شريعت جي احڪامن کان به ضرور آگاهہ کندا هئا. شريعت جي معاملي ۾ اگر کو رُسندو هيو تہ ان جي رسڻ جي کا پرواهہ کو نہ کندا هئا.

جڏهن صاحبزاده حسن الله جي شادي ٿي تہ پاڻ پنهنجي عزيزن کي هن مضمون جو خط لکيائون تہ توهان منهنجا مائٽ آهيو برادري موجب توهان کي پنهنجي پٽ جي شادي جو سڏ ڏيان ٿو پر جڏهن اچو تہ غسل کيون ڪپڙا پاڪ پهريون اچجو . هتي توهان کي نماز پڙهڻي پوندي. وعظ ٻڌڻو پوندو ۽ پت جو کو به پوئو يا پن چري وصول نہ ڪئي ويندي. مفت ۾ اچي وعظ ٻڌو ۽ ماني کائو. جڏهن هي خط عزيزن کي پهتو تہ چوڻ لڳا تہ واهہ جو شاديءَ جو سڏ مليو آهي. نماز پڙهون نہ پڙهون خدا جو فرض آهي ان سان شادي جو کهڙو واسطو. اها خبر ٻڌي پاڻ فرمايائون: "اسانجو مائٽ اهو آهي جيکو ديندار آهي. جنهن جي دل ۾ اسلام جي عزت ناهي اهو اسان جو مائٽ ناهي".

فقيرن لاءِ تي جهاد : فرمايائون فقيرن لاءِ پهريون جهاد ڏاڙهي آهي. پيو جهاد شريعت مطابق شادي آهي. ٽيون جهاد پردو آهي. فقيرن مان سڄي کوڙي جي پرکا اتي ٽيندي آهي. کي کي جوان ان جاءِ تي پاڻ کي ثابت رکندا آهن.

فرمايائون: شريعت جي ڳالهين تي عمل کرڻ ۾ کو رنج رهي يا راضي فقيرن کي اهو کم کرڻو آهي جنهن ۾ الله ۽ انجو محبوب ﷺ راضي رهي. پوءِ اگر کو مٽ مائٽ يا وري کو يارُ دوست کاوڙجي ٿو تہ سدا پيو کاوڙجي. هڪ ڏينهن پاڻ مصلي تي وينا هئا تہ فقير حاجي علي محمد مشائخ پوٽو آيو. جيکو پنهنجي پٽ فقير محمد ابراهيم جي شادي اسلامي طريقي مطابق کرائي آيو هيو. عرض کيائين تہ جيئن اوهان فرمايو هيو اهڙي طرح پٽ جي شادي کرائي اٿم. پر گهڻا مٽ کاوڙجي ويا آهن. پاڻ نهايت خوش ٿيا. فقير کي مبارک ڏئي فرمايائون. "هڪ نہ رُسي هوت گهوري ٻاجهہ ٻين جي".

نياڻين جي شادي : هڪ دفعي پاڻ ۾ صاحبزادين جي شادي پنهنجي ۾ پائڻين سان ڪرايائون. ان ۾ نه ڏهل هيا، نڪي سمرا نه ساڻ سؤنڍ نه ٿڪر هٽايا ويا. فرمايائون ته لائون ڏيارڻ (گهوت ڪنوار جا متا ٽڪرائڻ) اها به جاهلاڻي رسم آهي. اسان انهن رسمن جي پاڙ پٽيندا سين. ڪنوارين کي گهوٽن جي گهر پهچائي اچڻ جو امر ڪيائون. فرمايائون منهنجي حبيب ڪريم ﷺ به پنهنجي نياڻي سيدة النساء کي گهوٽ جي گهر ڏياري موڪليو هيو. فرمايائون ته نياڻين کي ونواهه ويهارڻ جائز آهي. ڇو ته جڏهن صحابه ڪرام جنگين تي ويندا هئا يا سفر کان موٽندا هئا پاڻ ڪريمن انهن کي اچانڪ گهرن ڏانهن اچڻ کان منع فرمايو ۽ اول گهرن ۾ اطلاع ڪرڻ جو امر فرمايو. ته جيئن عورتن کي تياري ڪرڻ پنهنجي بدن جون سنوارتون ڪرڻ جو موقعو ملي. ته مڙس سان ملڻ کان زال کي تياري جو موقعو ڏيڻ مان ونواهه جي ثبوت ملي ٿو. باقي ان ۾ مزيد رسمون درست نه آهن.

ڪارڪون چٽڻ: هڪ پيري پاڻ نڪاح پڙهڻ بعد مجمع متان ڪارڪون چٽايائون. ان تي ڪنهن ديوبندي مولوي اعتراض ڪيو ته ڪاڏي جي شيءِ کي ماڻهن متان اڇلائڻ ڪاڏي جي بي حرمتي آهي. اهو ڪم درست نه آهي. پاڻ فرمايائون ته سنت طريقو اهو آهي. مولوي چيو ته ڪنهن ڪتاب ۾ اسان کوند پڙهيو آهي. پوءِ حضرت صاحب جن هن عاجز کي فرمايو ته مولوي صاحب کي ڪتاب فتاويٰ رشيديه کولي ڏيکار. جڏهن اهو ڪتاب کوليو سين ته ان جواز جي فتويٰ لکيل هئي. جيئن حضرت صاحب جن فرمايو پوءِ مولوي صاحب لاجواب ٿي ويو.

غير شرعي شادي جا اثرات: فرمايائون جيڪي ماڻهو دهل ڏڪڙ، ڳائڻ وجائڻ ڪري شيطاني نمونی سان شادي ڪن ٿا ته انهن جو اولاد به اهڙو ٻي فرمان ٻي ادب پيدا ٿئي ٿو جو ماءُ پيءُ کي ڏنبيندو رهي ٿو.

اَڄُ نه اوطاقُن ۾ جاڳُر جوڳيَڙَن جو؛
ساري سَناسِيُن کي، رُڻَندين تان رو؛
پَسُ! پاريان تو، لاهُوتي لڏي وِيا.

20. حقوق العباد جي پاسداري

حضرت جن الله جي مخلوق سان وڏي ہاجھ ۽ شفقت سان پيش ايندا هئا. هر حقدار جي حق رسائي جو گهڻو اهتمام ڪندا هئا. پاڻ طبعًا سخي ۽ فياض هئا. خصوصًا پاڙيسرين کي پنهنجي عطائن سخائن ۽ عنايتن سان نوازيندا رهندا هئا. جڏهن جلسن جو وقت ٿيندو هيو تہ نانگرين کي حڪم فرمائيندا هئا تہ هڪ هڪ پات پاڙيسرين ڏانهن بہ ڏياري موڪليو. جڏهن هديا ۽ تحفا يا ميوا ملندا هئا تہ پاڙيسرين کي حصو ڏياري موڪليندا هئا. ٽورو هوندو هو تہ ہارن کي گهر ۾ ئي ڪائي ڇڏڻ جو فرمائيندا هئا. هڪ دفعي صاحبزادن مان ڪنهن پاڙيسري جي ہار کي پٽر هنيو. جڏهن اها خبر کين پئي تہ ان پاڙيسري کي گهرائي فرمايائون ادا معاف ڪجو اها تڪليف توهان کي ناهي پهتي مگر مون کي پهتي آهي. آءٌ ان کي سخت سزا ڏيندس. پاڻ پير مرد ۽ ڪراڙن جي وڏي عزت ڪندا هئا. نندڙن ہارن سان ہاجھ ۽ گهڻا چالڪا ڪندا هئا. انهن کي جهولي ۾ ويهاريندا هئا. تہ رڳو پنهنجي ٻچڙن سان پر جيڪو بہ ہار سندن سامهون ايندو هيو سندن مهر مان حصو حاصل ڪري ويندو هيو. بيمارن جو علاج ڪرائيندا هئا. نياٽين جي جائز ڏاج ۾ غريبن سان معاونت ڪندا هئا. مسڪين ماڻهن جي انّي لٽي ۽ اجهي ۾ مدد ڪندا هئا. هڪ رات هن فقير کي ڪجھ رقم ڏئي فرمايائون تہ فلاڻي فقير کي گهر وڃي ڏئي اچ. جڏهن ان وٽ پهتس ٻڌايائين تہ ان وقت اهو فاقہ ڪش ۽ سخت پريشاني جي عالم ۾ هيو.

بيمارن کان پڇڻ ويندا هئا: ڪو مسلمان بيمار ٿيندو هيو تہ ان کان هلي وڃي طبع پُرسي ڪندا هئا. بيمارن لاءِ خصوصي دعائون گهرندا هئا. جڏهن ڪنهن جي حالتِ نزع جي خبر ٻڌندا هئا تہ سورت يٰس پڙهڻ جو حڪم ڪندا هئا. ڪو فوت ٿي ويندو هيو تہ ان جي نماز جنازه پاڻ پڙهائيندا هئا.

هن فقير کي خاص طور جنازي نماز، ڪفن ۽ دفن جا مسائل سکڻ ۽ ياد رکڻ جو حڪم ڪيائون ۽ سورة يٰس، تبارک ۽ آيه الڪرسي وغيره ياد ڪرڻ جي لاءِ فرمايائون. صاحبزاده حسن الله کي نماز جنازه پاڻ پڙهڻ سيکاريائون. عيدن ۽ جمعہ جي نماز سيکاريائون. فجزاه الله خير الجزاء

21. فوت ٿيلن کي ايصال ثواب

جنازن ۾ شرڪت قبرن جي زيارت ڪندا هئا: مريد توڙي غير مريد جي جنازي نماز ۾ شرڪت ڪندا هئا. فوت ٿيلن جي مغفرت جون گهٽيون دعائون گهرندا هئا. جنازي کي پاڻ کلهو ڏئي ۽ هلندا هئا. کڏهن کڏهن قبرستان تائين ۽ هلندا هئا. دفن ڪرائڻ بعد واپس ايندا هئا. سندن عادت هئي جو قبرستان ۾ پاڻ پيرن اگهاڙا هلندا هئا. پاڻ خانپور جي قريب قاضي برهان الدين رحمة الله عليه جي روضي تي جڏهن ختم ڏيڻ لاءِ ويندا هئا تہ ڳچ پنڌ اڳ ۾ جتي لاهيندا هئا ۽ ننگن پيرن سان هلندا هئا. فرمائيندا هئا تہ هتي ۽ مٿن جون قبرون آهن حالانڪہ اهو رستو هيو عام ماڻهو اتان لنگهندا هئا.

پٽڻ ڪان منع : گهر ۾ جڏهن موت فوت ٿيندو هيو تہ پاڻ سيني کي پٽڻ ۽ پار ڪيڻ کان سخت منع ڪندا هئا ۽ خدا جي رضا تي راضي رهڻ جي تنبيه ڪندا هئا. ها البتہ سندن اکيون ڳوڙهن سان آليون نظر ايندیون هيون فرمائيندا هئا تہ اهي ڳوڙها الله جي رحمت آهن. انهن ڳوڙهن کان منع نہ آهي.

چهل قدمي : جڏهن جنازو پڙهائيندا هئا تہ چهل قدمي پاڻ ڪرائيندا هئا. فرمائيندا هئا تہ چهل قدمي ڪرڻ سان چاليهہ ڪبيرا گناهہ بخشجي وڃن ٿا.[1]

قبرن متان پٿر رکائڻ : پاڻ پنهنجي والدين جي قبرن ۽ سندن نياڻي بيبي رابعہ جي قبر کي پڪو نہ ٻڌايائون. البتہ انهن تي ڪاڇي مان پٿر گهرائي رکيا هئائون.

فرمايائون پٿر ذڪر الاهي ڪندا آهن ان ڪري ميت کي ۽ ثواب ملندو آهي. برسات سبب قبر زمين ۾ ويهجي ويندي هئي تہ ان تي متي لهرائي زمين جي سطح کان گرانٽ ۽ متي ڪرائي چڏيندا هئا. بزرگن ولين ۽ رباني عالمن جي قبر پڪي ٻڌائڻ جا قائل ۽ ان تي عامل هئا.

---

[1] اخرج الطبراني في المعجم الاوسط عن ثابت البناني قال سمعت أنس بن مالك قال: قال رسول الله ﷺ من حمل جوانب السرير الأربع كفر الله عنه أربعين كبيرة. وقال لا يروى هذا الحديث عن أنس بن مالك إلا بهذا الإسناد. تفرد به علي بن أبي سارة، ولم يروه عن النبي ﷺ إلا أنس بن مالك. المعجم الأوسط (6/99)

قبرستان جون ڪائيون: پاڻ فرمايائون تہ قبرستان مان ڪو سائو وڻ نہ وڍ يا ڇانگڙ نہ گهرجي نہ ڪا ڪائي ڪٽڻ گهرجي. ڇو تہ اها الله جو ذڪر ڪري ٿي ان جو فائدو قبرن وارن کي ٻہ رَسي ٿو. باقي ڪنهن نيڪ مقصد لاءِ سُڪل ڪائي ڪٽجي تہ جائز آهي.

پاڻ هڪ پيري ڪاڇي جي سفر ۾ هئا. اتي هڪ قبرستان ۾ آيا اتي تمام گهڻيون سڪل ڪائيون پيل هيون. ماڻهو انهن کي هٽ نہ لائيندا هئا انهن جو چوڻ هيو تہ جيڪو هن دائري مان ڪائيون ڪٽندو بزرگ ان کي نقصان پهچائيندو. حضرت صاحب جن فقيرن کي موڪليو ڪهاڙا ڪٽي ويا ننگر جي ڏيڇين جي ٻاڙ لاءِ ڪاڪ وڏيائون. پوءِ ان مقام جي مجاور وڇي وڏيري کي دانهن ڏني ان چيو تہ ڪائيون ٻہ الله وارن جون هيون ۽ ڪپي ٻہ الله وارا ويا آهن. منهنجو ان ۾ ڪجهہ ٻہ نہ وڃي. مان چو پنهنجو پاڻ پٽايان. ان طرح ننگر جي رڌ پچاءِ جي ٻاڙ لاءِ پاڻ ڪافي قبرستانن مان سڪيون ڪائيون وڏايون هئائون.

ايصالِ ثواب : هڪ دفعي حضرت جن هن فقير کي تبليغ جي سفر تي موڪليو. پوءِ عجيب نصيحت فرمايائون وڪ وڪ تي اخلاص ۽ الله جي رضا جو غرض رکڻ جو امر فرمايائون. پوءِ فرمايائون تہ صبح جو مراقبي کان اول گهٽ ۾ گهٽ ٻارهن ڀيرا اسان جي مرشد ڪريم جو ختم شريف :

وَاِنِّیْ لَغَفَّارٌ لِّمَنْ تَابَ وَاٰمَنَ وَعَمِلَ صَالِحًا ثُمَّ اهْتَدٰی

پڙهجو ۽ هڪ دفعو الحمد ۽ يارهن ڀيرا قل هو الله ۽ صلواة شريف پڙهي پوءِ ختمو شريف ڏجو. پاڻ ختمي بخشڻ جي دعا ٻہ بڪ تي پنهنجي دستِ مبارڪ سان تحرير فرمائي ڏنائون جيڪا هن طرح آهي.

اللهم بلغ ثواب هٰذه الختمة الميمونة المبارکة المشرفة الی روح جناب حضرت محمد مصطفیٰ احمد مجتبیٰ صلي الله عليه وسلم والی اٰله واصحابه اجمعين والی ارواح جميع خواجگان نقشبنديه وخصوصاً الی روح خواجهء خواجگان قيوم الزمان حضرت خواجه محمد عبد الغفار رحمۃ اللہ علیہ والی اٰله واولاده اللهم متعنا بفيوضاته و نور قلوبنا بنور معرفته وصلي الله علی خير خلقه محمد اٰله واصحابه وبارک وسلم.

هڪ شخص دريافت ڪيو ته سائين ختم شريف ڪيئن بخشجي. پاڻ فرمايائون ته هڪ الحمد ۽ ٽي يا يارهن دفعا قل هو الله پڙهي دعا گهرجي ته يا الله هن ختمي شريف جو ثواب نبي ڪريم ﷺ جي بارگاهه ۾ پهچاءِ انهن جي هٿان سندن آل پاڪن اصحابن ۽ سڀني مومنن مومنياڻين جي روحن کي پهچاءِ ۽ پوءِ جنهن کي بخشجي ان جو نالو ٻڌجي. اهڙي طرح اهو ثواب سڀني کي هڪ جيترو وڃي ملندو يعني جيترا قل پڙهيا هوندس. ائين نه سمجهڻ گهرجي ته ثواب ورهائجي ملي ٿو مگر هر هڪ کي پورو ثواب ملي ٿو ڇو ته الله جي رحمت وسيع آهي.

فرمايائون: جيڪو قبرن تي سلام ڪيو وڃي ٿو سو اهي ٻڌن ٿا ۽ سلام جو جواب ٻڌين ٿا. پر حديث پاڪ ۾ ته آهي ته جڏهن ڪانڊي ميت کي پوري موٽن ٿا ته اهو انهن جي جتين جا کڙڪاٽ ٻڌي ٿو.

إِنَّ الْمَيِّتَ لَيَسْمَعُ خَفْقَ نِعَالِهِمْ، إِذَا وَلَّوْا مُدْبِرِينَ. [1]

فرمايائون: بزرگن جون درگاهون ادب ۽ احترام جون جايون آهن. اتي وڃي کلڻ، کائڻ پراوا ننگ نهارڻ درست نه آهي.

فرمايائون: ميت جي ايصالِ ثواب لاءِ قرآن جي تلاوت، نفلن جي ادائگي، ڪپڙي جي خيرات، مالي جي خيرات سڀ جائز آهن. انهن جي پاران حج يا عمرو ٻڌي سگهجي ٿو. پر سڀ کان پهلي ڀاڙهه انهن جي حق ۾ دعا گهرڻ آهي.

[1] مسند أحمد (15/463) المنتخب من مسند عبد بن حميد ت صبحي السامرائي (ص: 356)

(7)

معمولات

هردم ذکر الاهي : پاڻ جيئن طريقت ۾ داخل ٿيا ۽ ذکر الاهي جي مشغولي اختيار ڪيائون تہ وصال وقت تائين ڪا گهڙي ذکر کان غافل نہ ٿيا. ديس پرديس ۾ الله جي ذکر سان مشغول رهيا. خود فرمايائون تہ : الله جو شڪر آهي جو زندگي گذري آهي جو فقير جو ڪو پساهہ بغير الله جي ذکر جي نہ گذريو آهي. پاڻ جماعت کي ب ذکر اسم ذات پڇائڻ جو گهڻو تاڪيد ڪندا هئا. فرمائيندا هئا روزانو گهٽ ۾ گهٽ يارهن تسبيون الله الله الله جي ذکر جون بلا ناغہ پڙهندا رهو. پوءِ ڏسو تہ محبت الاهي جا مڇ توهان جي سينن ۾ ڪيئن ٿا مڇن !!

فرمايائون: ڪڏهن خلاصي وقت ۾ رات جو بارگاه ايزدي ۾ عرض گذاريندو آهيان تہ اي الله تنهنجي مٺڙي نالي ۾ ڪيڏو مٺاڻ ۽ مزو آهي جو هزار دنيا جا سپ مزا تہ ان تان قربان ڪجن پر هزار جنتون ب ان تان قربان ڪري ڇڏجن. پر تنهنجي ان نالي وٺڻ کان ماڻهن کي الائي ڇو غفلت وٺي ٿي. نوافل ۽ ٻين وردن وظيفن وارا لهن پيا پر تنهنجي نالي وٺڻ وارا تمام گهٽ آهن.

آهہ سرد : پاڻ عشاء نماز فرض ۽ سنت پڙهڻ بعد سنت جي سلام ورائڻ بعد اڪثر هڪ سرد آهہ "هاءِ" ڪيندا هئا. جيڪا سوز ۽ گداز سان پريل هوندي هئي. ان سان سارو ماحول سرهو ٿي ويندو هيو.

تقرير جي آغاز ۾ پاڻ اڪثر هي دعا گهرندا هئا ۽ جماعت آمين آمين چوندي هئي:

"الله تعالىٰ شال اسان ۽ اوهان مڙني کي هدايت نصيب فرمائي، شال ايمان سان رهائي وري شال ايمان سان لڏائي، دنيا ۾ سمٿي نبي ڪريم ﷺ جو سچو امتي بنائي آخرت ۾ ب انهن پرين جو پاڙو نصيب فرمائي. آمين.

سنتون گھر ۾ : سندن اها عادت هئي جو سج لٿي جو فرض جماعت کي پڙهائي باقي سنتون اچي گھر ۾ پڙهندا هئا. کڈهن کڈهن عشاءَ مهل ٻه ائين کندا هئا. فجر ۽ ظهر جون پهريون سنتون حويلي ۾ ادا ڪري پوءِ فرض اچي مسجد ۾ ادا کنداهئا. [1]

اورادِ طريقت :

حضرت جن جو دستور هيو ته هميشہ مغرب ۽ عشاءَ جي درميان ورد وظيفا پڙهندا هئا. ان دوران کنهن سان ڪلام کو نہ ڪندا هئا. کڈهن ظهر يا عصر بعد ٻه پڙهندا هئا. پاڻ پنهنجي مڙني مريدن کي روزانو انهن تسبيون جي پڙهڻ جو حڪم فرمائيندا هئا.

* ٻه تسبيون درود شريف جون فجر نماز بعد.
* ٻه تسبيون استغفار جون عشاءَ نماز بعد.
* ٻه تسبيون سبحان الله بحمده سبحان الله العظيم جون تهجد نماز بعد.
* ٻه تسبيون لا الٰہ الا الله جون مغرب بعد.
* هڪ تسبي حسبنا الله ونعم الوڪيل. مغرب بعد.

جيڪڈهن انهن مخصوص وقتن ۾ نہ پڙهي سگهو ته هڪ ئي وقت سڀ تسبيون پڙهڻ لاءِ فرمائيندا ها.

توبہ ۽ استغفار : پاڻ روزانو ٻه سو ڀيرا استغفار پڙهندا هئا. ان ۾ ڪڈهن ناغو نہ ڪيائون. ڪڈهن ائين ويٺي ويٺي ٻه استغفار پڙهڻ شروع ڪندا هئا. ڪڈهن مجلس هلندي ٻه استغفار پڙهندا رهندا هئا. هڪ دفعي جي ڳالھ آهي ته: پاڻ وضو ڪري رهيا هيا. گھر جا ياتي سڀ ويٺا هيا پاڻ فرمايائون توبہ ڪيم توبہ ڪيم اهي لفظ ڏهہ پندرهن ڀيرا ڏُهرايائون. فرمايائون: اي الله مون سچي دل سان توبہ ڪئي هي سڀ پنهنجا شاهد ٿو بنايان مونکي معاف ڪر. الله جاڻي راز ڪهڙو هيو؟

---

[1] حضرت حبيب ڪريم ﷺ جي سنت ٻه ائين آهي. پاڻ فرض نماز مسجد ۾ پڙهندا هئا ته بعض سنتون حويلي پاڪ ۾ ادا فرمائيندا هئا. امت کي ٻه اها ترغيب ڏني اٿن. جيئن سنن ابن ماجہ ۾ حديث آهي سيدنا عمر فاروق ؓ نبي ڪريم ﷺ کان گھر جي نماز بابت پڇيو پاڻ فرمايائون: أَمَّا صَلَاةُ الرَّجُلِ فِي بَيْتِهِ فَنُوْرٌ. فَنَوِّرُوا بُيُوْتَكُمْ. سنن ابن ماجة (2/388)

مرد جي گھر ۾ نماز ادا ڪرڻ نور آهي. پوءِ پنهنجي گھرن ۾ (نفلي) نماز پڙهي پنهنجي گھرن کي نوراني بنائيندا ڪيو.

وَتُ پچائڻ : سندن عادت مبارڪ هئي تہ جڏهن ب پيشاب ڪندا هئا تہ پٿر سان وٽ ضرور پچائيندا هئا. هڪ پيري ڪنهن اهڙي جاءِ تي هئا جتي پٿر ملي نہ سگهيو ، ان وقت پاڻ ازار بند جي پلاند سان وٽ پچايائون ۽ پوءِ ازار بند جي اها جاءِ ڏوئي ڇڏيائون.

گهر کي ڪڙو چاڙهڻ: پاڻ هر رات سمهڻ کان اڳ آيه الڪرسي پڙهي اٿندا هئا. سڄو گهر ۽ سڄو طرف شوڪاري پوءِ سمهندا هئا. فرمايائون تہ آيه الڪرسي جڻ گهر کي لوهہ ڪوٽ آهي ان گهر ۾ چور نہ ايندا ۽ بين مصيبتن کان امان ۾ رهندو.

سندن سفر جا آداب : حضرت محبوب الاهي قدس سره الاقدس جو هميشہ دستور هيو تہ پاڻ سومر يا خميس جي ڏينهن تي سنت طريقي مطابق سفر ڪندا هئا. سفر ۾ ڪنهن کي ڏاڏن، ڪنگو، لڪ سدائين ساڻ رکندا هئا. فرمايائون اجايلن کي پاڻي پيارڻ، بکارن کي ماني کارائڻ غريبن لاءِ اها ب وڏي خيرات آهي. پُليل کي رستو ڏيکارڻ اها ب مفت جي خيرات آهي. فرمايائون: جيڪو ڪنهن انڌي کي رستو ڏيکاري تہ الله پاڪ ان جا ستر ڪبيرا گناهہ بخشي ڇڏي ٿو. جيئن حديث ۾ آهي تہ:

من قاد أعمى حتى يبلغه مأمنه غفر الله تعالى له أربعين كبيرة،

وأربع كبائر توجب النار. [1]

جنهن ماڻهو انڌي کي وٺي امن واري جاءِ تي پهچايو تہ الله ان جا چاليهہ ڪبيرا گناهہ بخشي ڇڏي ٿو ۽ چار جهنم کي واجب ڪرڻ وارا ڪبيرا ب بخشي ڇڏي ٿو.

شاعري جو شغف :

حضرت جن جي زندگي مبارڪ جو هڪ اهم پهلو شعر ۽ شاعري وارو هيو. خود شاعر هئا، هزارن شاعرن جا شعر کين ياد هئا. هر موقعي جي محل ۽ مناسبت سان ڪو نہ ڪو نهڪندڙ شعر پڙهي وٺندا هئا. فرمايائون شاعري خدا جي ڏات آهي جنهن کي نصيب ڪري. فرمايائون فقيرن کي گهر جي تہ اهل دل بزرگن جاڪلام ۽ شعر پڙهن. بين عام شاعرن جا نہ .

---

[1] اخرجه الطبراني في المعجم الكبير عن ابن عباس رضي الله عنهما (12/220)

چو تہ "کلام کا ملان جان مي دارد" کاملن جي ڪلام ۾ جان هوندي آهي ۽ انهن جو مؤثر ڪلام هوندو آهي. باقي عام شاعرن جي ڪلام ۾ اوندهہ هوندي آهي.

فرمايائون: جڏهن محبت ۽ عشق جي ڪمي ٿئي تہ حضرت شاهہ عبد اللطيف ڀٽائي رحمة الله عليه جو رسالو پڙهو يا رومي جي مثنوي پڙهو تہ نئين سر محبت ۽ عشق پيدا ٿي پوندو.

فرمايائون: شاهہ صاحب جو سارو رسالو فراق ئي فراق آهي. ڪٿي مارئي جي روپ ۾ ڪٿي سسئي جي سُر ۾ تہ ڪٿي نوري جي ويس ۾ پنهنجي اندر جي حال کي بيان ڪيو اٿس. ظاهر ۾ مجازي عاشقن جي ڳالهہ ڪٿي اٿس پر حقيقت ۾ پنهنجي اندر جي اڌمن کي بيان ڪيو اٿس. شاهہ صاحب جو هر هڪ بيت وڏي معنيٰ رکي ٿو. خود فرمايو اٿس :

جي تو بيت پانيا سي آيتون آهين
نيو من لائين پريان سندي پار ڏي

فرمايائون: هڪ پيري حضرت پير سائين جن جي سامهون هڪ فقير ڪافي پڙهي پاڻ تمام گهٽو رُنا وري فقير کي چيائون تہ هي بہ پڙهہ. فقير هي ڪافي شروع ڪئي تہ فرمايائون: اها نہ هي پڙهہ. وري هين پڙهيائين تہ بہ پاڻ فرمايائونس تہ اها نہ ايجا کا هي پڙهہ وري پڙهڻ شروع ڪيائين تہ فرمايائونس ويهہ رهہ. اهو فقير وينو پوءِ پاڻ فرمايائون تہ پهرين کافي جيکا تو پڙهي سا کنهن زندهہ دل جي هئي ان مان حظ ۽ سرور حاصل ٿيو. ٻيون جي ٿي تو چيون سي عام شاعرن جون هيون انهن ۾ روحانيت نظر نہ آئي انکري منع ڪيم.

فرمايائون: حضرت پير سائين جن وٽ انهن عام شاعرن جا غزل پڙهڻ جي اجازت نہ هوندي هئي. نکو ڏاڙهي کوڙيل ۽ ڏاڙهي کتريل کي غزل يا وعظ جو وارو ملندو هيو.

فرمايائون: هڪ شاعر پنهنجو ڪتاب ناهيو پوءِ مون کي ڏنائين تہ سائين هي پڙهي ڏسو تہ ڪئين آهي. مون پڙهيو پوءِ مون چيو تہ شاعري تہ تنهنجي سٹي آهي پر هڪڙو تو تمام وڏو کوڙ هنيو آهي. چيائين تہ سائين ڪهڙو مون چيو تہ تو چيو آهي تہ يا رسول الله مان تنهنجي صحن کي ڏاڙهي سان ٻهاريندس سو ڏاڙهي تہ تو کي آهي ئي ڪونہ. پوءِ اهو شاعر شرمنده ٿيو ۽ سونهاري رکايائين.

فرمايائون: شاعر ڳالهين ۾ مبالغا گهٽا ڪندا آهن.

شعر تنبي محمد خان جو رهندڙ هڪ فقير پنهنجا ڪجھ شعر ناهي حضرت جن وٽ ڪٽي آيو ۽ پڙهڻ لاءِ ڏنائين پاڻ ان کي چيائون ته تون پاڻ پڙهي ٻڌاءِ پوءِ ان ڪجھ اردو شعر پڙهي ٻڌايا. پاڻ پسند فرمايائون ۽ فرمايائون ته شاعر بہ دين جو وڏو ڪم ڪن ٿا. پر جيڪر سندن نيت درست هجي ۽ اعمال سڻا هجن خدا جي رضامندي ۽ مخلوق جي پلي لاءِ شعر ناهجن ته پلو ڪم آهي.

فرمايائون: حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جي دربار ۾ بہ شاعر هوندا هئا. پاڻ ڪڏهن ڪڏهن انهن جو ڪلام ٻڌندا هئا ۽ پسند ڪندا هئا. ڪافرن نبي ڪريم ﷺ جي هجو ۾ شعر لکيا ته پاڻ ڪريمن ﷺ پنهنجي اصحابي حسان بن ثابت رضی اللہ عنہ کي ڪافرن جي انهن شعرن جو جواب شعرن ۾ ڏيڻ لاءِ فرمايو. پوءِ ان پاڻ ڪريم ﷺ جي دفاع ۾ ڪافرن کي تمام بهترين جواب ڏنا. پاڻ ان اصحابي کان گهڻو خوش ٿيا ۽ سندس حق ۾ دعا گهريائون.

فرمايائون: جڏهن عشق الاهي ۽ محبت دل ۾ جوش آڻيندي آهي پوءِ بي اختيار شاعري شروع ٿيندي آهي پوءِ اها ئي محبت واري شاعري ٻڌي جي دل کي ڇڪيندي آهي. ڏسو شاهه لطيف جا بيت صديون گذري ويون آهن ته بہ انهن ۾ سوز گداز اهو ئي موجود آهي.

ڪافين جو ڪيف : حضرت محبوب الاهي رحمۃ اللہ علیہ تقريبا هر مجلس ۾ ڪنهن فقير کان ڪافيون پڙهائيندا هئا. خاص طرح سُر مارئي، سُرسسئي پنهون جي ڪافين تي گهڻو ڪيف ۾ اچي ويندا هئا. شايد پنهنجي عشق واري آڳ کي ڪافين جو ٻارڻ مڃيا ڪندا هئا. هڪ ڀيري هڪ فقير سندن حضور ۾ هي ڪافي پڙهي ان تي پاڻ گهڻو گريہ ڪيائون.

ڪافي

تنهنجي نام بنا ، ٻيو نہ ٿو نام وٽي، تنهنجي محبت ۾ آهي ڪو منڻ مٽين.
تنهنجي محبت من ۾ آهي مٽي، تنهنجي قدمن ۾ هجان شال ڪٽي،
ٻانهي ٻانهوٽي آهيان ازل کان وٽي، تنهنجي ملهه ته خريد آهيان ڳڏل ڳُٽين.
تنهنجي محبت من ۾ آهي مُدا، تنهنجي سڪ ته سيني ۾ آهي سدا،
ٻلا ڪيئن ٽيان توکان جاني جدا، هڪڙي طلب تنهنجي ٻي پئي تات تٽي.
تنهنجي محبت من آهي منڊل، تنهنجي قربن جا آهن ڪيئي ڪنڊل،
تنهنجي فراقن جا آهن ڪيئي ڏونگر، جهڙي تهڙي آهيان مان اوهان جي ڪُٽي.

رمضان المبارک جا معمولات: هونئن ته پاڻ هر وقت عبادت ۾ رياضت، زهد ۽ ورع جا پيڪر هئا. پر جڏهن رمضان المبارک جو مهينو ايندو هيو ته پاڻ عبادت ۽ سخاوت جو گهڻو اهتمام ڪندا هئا. آمدِ رمضان کان ڪجهه ايام اول هن فقير عرض ڪيو سائين رمضان ۾ اچي رهيو آهي. پاڻ فرمايائون پلي اچي اسان ۾ چيلهه ڪي سندرو پڌي تيار ٿيا وينا آهيون. رمضان المبارک ۾ رات جو تراويح نماز پاڻ پڙهائيندا هئا. پوءِ ڪجهه دير درس ۾ ڏيندا هئا. پوءِ حويلي ۾ اچي ڪجهه دير آرام ڪندا هئا. آڌي رات گذرڻ بعد پاڻ اٺندا هئا. سمهڻي طرح وضو ڪندا هئا. پوءِ تهجد جا نفل ادا ڪري گهڻي دير مصلي تي وينا مناجات ڪندا هئا. ان دعا ۽ مناجات ۾ گهڻو روئندا هئا. تانجو ان مصلي تي ئي سحري ڪري اٺندا هئا. فجر نماز جي سنت ۾ حويلي ۾ ادا ڪري پوءِ مسجد ۾ اچي جماعت کي فرض نماز پڙهائيندا هئا. پوءِ حلقہ مراقبو ٿيندو هيو. ان بعد تصوف ۽ روحانيت جي مجلس ٿيندي هئي، جنهن ۾ اڪثر ماڻهو وجد ۽ جذبي جي ڪيفيت ۾ اچي ويندا هئا.

تربيتي نشستون: رمضان المبارک ۾ پاڻ عام جماعت کي دعوت ڏيندا هئا ته اچي درگاهه تي رهن ۽ دين جا مسائل سکن. پوءِ پاڻ سڄ لٿي کي چڏي باقي هر نماز کان پوءِ مجلس فرمائيندا هئا. ڪنهن مجلس ۾ فقہ جا مسائل، نماز روزي، حج زڪوات، حلال، حرام، جائز ناجائز جا مسئلا سيکاريندا هئا ته ڪنهن مجلس ۾ عقائد جو اصلاح ڪندا هئا، ڪنهن مجلس ۾ اخلاقيات سيکاريندا هئا. رمضان ۾ خصوصي طرح سندن هر مجلس ذوق ۽ شوق محبت ۽ الفت سان لبريز هوندي هئي. جنهن ۾ ماڻهن جا احوال حيات بدلائي چڏيندا هئا. هر محفل ۾ فيوضات ۽ انوارات جي بارش وسندي محسوس ٿيندي هئي. اوڙي پاڙي جي فقيرن کي فرمائيندا هئا ته رمضان ۾ سڀ اسان جا مهمان آهيو پيا سڀ ڪم چڏي اچي دين سکو. اوهان جي پوري گهر جو ننگر اسان تي آهي. پوءِ ان ڪثير جماعت جي ننگر جو انتظام ۽ اهتمام پاڻ پنهنجي هڙان وڙان ڪندا هئا.

لذتِ ذکر : ڪڏهن ڪڏهن پاڻ پوري رات الله جي ذکر ۾ گذاري چڏيندا هئا. لذتِ ذکر و لذتِ مناجات ۾ عجيب شيءِ آهي.

الحظ طير يقع غير مستاذن، و يطير غير مؤذن

سندن امڙ پچندي هئي تہ ابا اوهان کي ڪا ٽڪاوٽ نہ ٿي ٿئي. پاڻ جواب ۾ فرمائيندا هئا:

لڳم هاڻ هروچ جو امڙ وس نہ مون،
سپ رگيندیس رت سين ڪيچان اوري پون،
مادر متّان مون، ڪانگ لمندا ڪڏهين.
لڳُم هاڻُ هَروچَ جو، ڪَرَها ٽِيا قَضاکَ!
اَهڪي جا اُنَن کي، سا مَيَن پوءِ مَر ماکَ!
اَکڑين خوراکَ، پَسَنُ پَرڏيهيُن جو.

محفلِ مراقبہ: سندن دستور هيو جو روز انو فجر نماز بعد محفلِ مراقبہ ڪرائيندا هئا. ان ۾ اڪثر پاڻ ناصحانہ شعر پڙهندا هئا. ڪڏهن وري جي عشق جا ابيات پڙهندا هئا تہ پوري جماعت ۾ افتان خيزان جذبا جوش چالو ٿي ويندا هئا. هڪ ڀيري پاڻ هي شعر پڙهيائون، پوءِ تہ جماعت متّان عجيب وجداني ڪيفيت طاري ٿئي وئي.

ڪافي

مون کي تہ پنهور کان بس وو يار، ڪين جالينديس جانب ريءَ جيڏيون.
وينديس رهنديس ڪينکي، وڃي ڪيڇ لاهينديس ڪس ووير.
هاڙهي وينديس هوت پنهل ڏي، ڏونگر ڏي ڪو ڏس وو يار.
"برڪت علي" چوي پڙهہ باب برهہ جو، برهہ ڪيس ٻي وس وو يار.

ڪڏهن هي شعر بہ مراقبي ۾ روئندي روئندي پڙهندا هئا.

هوت پنهل جو ٿم حق ناهي ڪو شڪ، ووڙي ووڙي آءٔ ورايان.
هٽي تہ مون کي هوت ويو، چوري چشما چقمق. ناهي ڪو شڪ، ووڙي ....
ڪيچي ڪري تہ ڪَلُور ويو، نال نماڻيءَ ناحق. ناهي ڪو شڪ، ووڙي ....
طالب "تاج محمد" چوي، ڏونگر ڏسي پيو نا ڏک. ناهي ڪو شڪ، ووڙي ....

صحبت پير جو تاڪيد: پاڻ هميشہ الله وارن جي صحبت ۾ وڃڻ جو گهڻو تاڪيد ڪندا هئا. سندن هر تقرير جي آخر ۾ ان جو لب لباب ۽ اهو هوندو هيو تہ الله وارن جي صحبت ۾ ويهو. ڇو تہ نقشبندي سلسلي جو تہ دارومدار ئي پير جي صحبت تي آهي.

فرمايائون: اسان ٻنهين سلسلن کي ڪاهيو ڪمايو آهي. قادري سلسلو ٻنڊن جي باهہ وانگر آهي. ٻنڊن کي باهہ ديرسان لڳندي آهي پر جي لڳي وڃي تہ هاڻي جلدي کو نہ اجهامندي آهي. پر نقشبندي سلسلو ڪکن جي باهہ وانگر آهي. اگر ڪک وجهندا رهو تہ باهہ جا مڇ متل هوندا پر جي ڪک نہ وجهو تہ خاڪ ۾ اڏامي ويندي. مرشد جي صحبت ۾ بار بار وڃڻ اهي جڏڪ ڪک وجهڻا آهن.

معمولات زندگي: هي ڪم سندن پوري زندگي جي معمولات مان رهيا:

هر نماز تي ڏنڊ ڪرڻ. هر نماز جماعت سان پڙهڻ. هر نماز پٽڪي سان پڙهڻ. منجهند جو ٿوري دير آرام ڪرڻ. هر رات تهجد نماز بعد ڏگهي دعا ۾ مناجات ڪرڻ. هر جمعي تي بدن جي سنوارت ۾ غسل ڪرڻ. هر جمعي جي صبح جو قرآن جي تلاوت ۾ رات جو سورت يس جي تلاوت. خرچ پکي ۾ اعتدال ۾ معاملات ۾ وچٿرائي.

نماز حاجت ۽ دعاءِ حاجت : پاڻ حاجت مندن کي هيءَ نماز ۽ دعا سيکارينداهئا. جنهن کي خدا وٽ يا ڪنهن ماڻهو وٽ ڪا حاجت پيش اچي تہ پوءِ سمٿي طرح وضو ڪري پوءِ ٻہ رڪعتون نفل پڙهي پوءِ الله جي ثنا بيان ڪري ۽ نبي ﷺ تي درود پڙهي پوءِ پڙهي:

لاَ إِلَـهَ إِلاَّ اللهُ الْحَلِـيمُ الْكَـرِيمُ سُـبْحَانَ اللهِ رَبِّ الْعَـرْشِ الْعَظِـيمِ الْحَمْـدُ لِلَّهِ رَبِّ الْعَالَمِينَ أَسْأَلُكَ مُوجِبَاتِ رَحْمَتِكَ وَعَزَائِمَ مَغْفِرَتِكَ وَالْغَنِيمَةَ مِنْ كُلِّ بِرٍّ وَالسَّلاَمَةَ مِنْ كُلِّ إِثْمٍ لاَ تَدَعْ لِي ذَنْبًا إِلاَّ غَفَرْتَـهُ وَلاَ هَمًّا إِلاَّ فَرَّجْتَـهُ وَلاَ حَاجَةً هِيَ لَكَ رِضًا إِلاَّ قَضَيْتَهَا يَا أَرْحَمَ الرَّاحِمِينَ.

هي آزمايل دعا آهي جنهن کي ب ڪا اهنجائي هجي يا ڪو ڪم رُکيل هجي. مثلاً ڪنهن جي شادي نہ ٿي ٿئي. ڪنهن کي نوڪري نہ ٿي ملي. يا ڪو قرض آ يا ڪو درد آ، يا ڪو مرض آ يا ڪا مشڪل آ تہ هيءَ دعا پڙهي انشاءَ الله انجي مراد الله پنهنجي فضل سان پوري ڪندو.

(8)

اوراد و وظائف[1]

ديدارِ مصطفيٰ ﷺ لاءِ عمل:

پاڻ فرمايائون: جنهن کي شوق آهي تہ ان کي حضرت حبيب کريم ﷺ جو ديدار نصيب ٿئي تہ ان کي گهرجي تہ گهٽو درود شريف پڙهي چو تہ درود پڙهڻ وارا پاڻ کريم ﷺ کي تمام پيارا هوندا آهن. اهي ئي سندن ديدار کان مشرف ٿيندا رهندا آهن.

صلواة العبهر : فرمايائون حضرت سيدنا عمر فاروق ﷺ کان مروي هڪ درود آهي، جنهن بابت پاڻ فرمايو اٿن تہ جيڪو هي درود پڙهي ان کي محبوب سهٽي ﷺ جو ديدار نصيب نہ ٿئي تہ مان عمر نہ آهيان. ان صلواة جو نالو صلواة العبهر آهي. ان جو طريقو:

چار رڪعتون نفل نيت ڪبو. تڪبير تحريمہ بعد ثنا سُبْحَانَكَ اللّٰهُمَّ پڙهي پوري ڪبي پوءِ هيءَ تسبيح پندرهن دفعا پڙهبي. سُبْحَانَ اللّٰهِ وَالْحَمْدُ لِلّٰهِ وَلَا إِلٰـهَ إِلَّا اللّٰهُ وَاللّٰهُ أَكْبَرُ

پوءِ سورت فاتحہ پڙهبي پوءِ سورة القدر انا انزلناه في ليلة القدر ڏهہ پيرا پڙهبي. رڪوع جي تسبيح بعد وري ٻي پيرا اها تسبيح پڙهبي. قومي مِ بہ ٻي پيرا سجدي مِ اها تسبيح پنج پيرا پڙهبي. جلسي مِ ڪجهہ نہ وري ٻئي سجدي مِ بہ پنج پيرا اها تسبيح پڙهبي. ان ترتيب سان چار رڪعتون پوريون ڪبيون. پوءِ سورت انا انزلناه ڏهہ دفعا. ان بعد اها تسبيح ٽيتيہ پيرا پڙهي پوءِ هي صلواة شريف پڙهندو رهجي تانجو ننڊ اچي وڃي.

جَزَي اللّٰهُ تَعَالٰي عَنَّا نَبِيَّنَا وَ سَيِّدَنَا مُحَمَّدًا مَّا هُوَ اَهْلُهُ

---

[1] هي ورد وظائف ۽ عمليات حضرت محبوب الاهي جي قلمي بياض تان پيش ڪجن ٿا. پاڻ وقتاً فوقتاً حاجتمندن کي اهي لکي ڏيندا هئا. هتن مان ڪجهہ اسان ڪتاب "دردن جو درمان" مِ بہ پيش ڪيا هئا. اگر ڪو تفصيل سان ڏسڻ چاهي تہ ان ڪتاب مِ پڙهي.

(8)

اوراد و وظائف[1]

ديدار مصطفيٰ ﷺ لاءِ عمل:

پاڻ فرمايائون: جنهن کي شوق آهي ته ان کي حضرت حبيب ڪريم ﷺ جو ديدار نصيب ٿئي ته ان کي گهرجي ته گهٽو درود شريف پڙهي چو ته درود پڙهڻ وارا پاڻ ڪريم ﷺ کي تمام پيارا هوندا آهن. اهي ئي سندن ديدار کان مشرف ٿيندا رهندا آهن.

صلواة العبهر : فرمايائون حضرت سيدنا عمر فاروق ﷺ کان مروي هڪ درود آهي. جنهن بابت پاڻ فرمايو اٿن ته جيڪو هي درود پڙهي ان کي محبوب سهڻي ﷺ جو ديدار نصيب ٿئي ته مان عمر ته آهيان. ان صلواة جو نالو صلواة العبهر آهي. ان جو طريقو: چار رڪعتون نفل نيت ڪبو. تڪبير تحريمہ بعد ثنا سُبْحَانَكَ اللّٰهُمَّ پڙهي پوري ڪبي پوءِ هي تسبيح پندرهن دفعا پڙهبي. سُبْحَانَ اللّٰهِ وَالْحَمْدُ لِلّٰهِ وَلَا إِلٰهَ إِلَّا اللّٰهُ وَاللّٰهُ أَكْبَرُ پوءِ سورت فاتحہ پڙهبي پوءِ سورة القدر انا انزلناه في ليلة القدر ڏهه ڀيرا پڙهبي. رڪوع جي تسبيح بعد وري ٻي ڀيرا اها تسبيح پڙهبي. قومي مِ به ٽي ڀيرا سجدي مِ اها تسبيح پنج ڀيرا پڙهبي. جلسي مِ ڪجهه نه وري ٻئي سجدي مِ به پنج ڀيرا اها تسبيح پڙهبي. ان ترتيب سان چار رڪعتون پوريون ڪبيون. پوءِ سورت انا انزلناه ڏهه دفعا. ان بعد اها تسبيح ٽيٽيهه ڀيرا پڙهي پوءِ هي صلواة شريف پڙهندو رهجي تانجو نبڊ اچي وڃي.

جَزَي اللّٰهُ تَعَالٰي عَنَّا نَبِيَّنَا وَ سَيِّدَنَا مُحَمَّدًا مَّا هُوَ اَهْلُهٗ

---

[1] هي ورد وظائف ۽ عمليات حضرت محبوب الاهي جي فلسي پياض تان پيش ڪجن ٿا. پاڻ وقتاً فوقتاً حاجتمندن کي امي لکي ڏيندا هئا. هتي سان ڪجهه اسان ڪتاب "درمن جو درمان" ۾ پيش ڪيا هئا. اڳر ڪو تفصيل سان ڏسڻ چاهي ته ان ڪتاب ۾ پڙهي.

دعاءِ تسخير : هڪ شخص عرض ڪيو ته سائين مون کي ڪا تسخير جي دعا سيکاريو. فرمايائون ته هي دعا تسخيرِ قلوب ۽ تسخيرِ دنيا لاءِ آهي. عامل پڙهندا آهن. اڃين بزرگن ۾ به گهٽا عامل هئا. دعا مبارڪ هي آهي:

اللهم انت العزيز الكبير وانا عبدك الضعيف الذليل الذي لاحول ولا قوة الابك اللهم سخر لي رقاب جميع الناس كما سخرت فرعون لسيدنا موسىٰ عليه السلام ولين لي قلوبهم كما لينت الحديد لسيدنا داؤد عليه السلام فانهم لاينطقون الا باذنك نواصيهم في قبضتك قلوبهم في يدك جل ثناء وجهك برحمتك يا ارحم الراحمين.

روزانو ٽي دفعا پڙهڻ گهرجي. پوءِ ان دعا جي اجازت هن عاجز کي به عنايت فرمايائون. [1]

دردن جي دوا ڦيٽو شفا: سورة فاتحه ، آيه الكرسي ۽ چار قُل هڪ هڪ پيرو پڙهجي. ڪا بيماري هجي يا جسم جي ڪنهن به حصي ۾ سُور هجي ته هي ڦيٽو رکجي يا پاٽي تي پڙهي پيارجي. ڪنهن کي نانگ يا وڇُون وغيره ڏنگي ته ان تي اهو ڦيٽو رکجي يا لوڻ تي پڙهي کارائجي. زال مڙس جي محبت لاءِ ڪنڊ تي پڙهي پيارجي. ڪنهن تي جِنّ جو اثر هجي ته ان تي روزانو صبح شام ٽي ٽي پيرا اهو ڦيٽو پڙهي پوري جسم تي ڦُوڪارجي. ڪنهن تي جادو جو اثر هجي يا ڪنهن کي چتو ڪتو چَڪُ هڻي ته ان تي يارهن ڏينهن اهو ڦيٽو صبح شام رکجي. جسم جي زخمن لاءِ لوڻ تي پڙهي اهو لڳائڻ گهرجي. زمين ۽ آسمان جي آفتن ۽ مصيبتن کان حفاظت لاءِ اهي آيتون صبح شام پڙهڻ گهرجن.

پوک جي حفاظت لاءِ : هي دعا ڪاغذ تي لکي نئين ڪور ٽُکر ۾ بند ڪري ان کي پوک واري ٻنيءَ ۾ دفن ڪجي. جيتن، ڪُوئن مصيبتن کان پوک امن واري ٿي ويندي.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ يا رزاق العباد يا خلاق الخلائق يا فاطر السمٰوات يا منبت الزرع فى الارض والنبات و يا مجيب الدعوات ادفع من هٰذا الزرع شر الهوام والوحوش وشر الفارة

---

[1] هن فقير اڄ تائين ڪڏهن به تسخير لاءِ ڪنهن به وظيفي کي پنهنجو معمول نه بنايو آهي. نه ٿي ان جي ضرورت محسوس ٿي آهي.

دعاءِ تسخير : هڪ شخص عرض ڪيو ته سائين مون کي ڪا تسخير جي دعا سيکاريو. فرمايائون ته هي دعا تسخير قلوب ۽ تسخير دنيا لاءِ آهي. عامل پڙهندا آهن. اڇين بزرگن ۾ به گهڻا عامل هنا. دعا مبارڪ هي آهي:

اللهم انت العزيز الكبير وانا عبدك الضعيف الذليل الذي لا حول ولا قوة الا بك اللهم سخر لي رقاب جميع الناس كما سخرت فرعون لسيدنا موسىٰ عليه السلام ولين لي قلوبهم كما لينت الحديد لسيدنا داؤد عليه السلام فانهم لا ينطقون الا باذنك نواصيهم في قبضتك قلوبهم في يدك جل ثناء وجهك برحمتك يا ارحم الراحمين.

روز انو ٽي دفعا پڙهڻ گهرجي. پوءِ ان دعا جي اجازت هن عاجز کي به عنايت فرمايائون.[1]

دردن جي دوا ڦيٽو شفا: سورة فاتحه ، آيه الڪرسي ۽ چار قُل هڪ پيرو پڙهجي. ڪا بيماري هجي يا جسم جي ڪنهن به حصي ۾ سُور هجي ته هي ڦيٽو رکجي يا پاڻي تي پڙهي پيارجي. ڪنهن کي نانگ يا ويڇون وغيره ڏنگي ته ان تي اهو ڦيٽو رکجي يا لوڻ تي پڙهي کارائجي. زال مڙس جي محبت لاءِ ڪنڊ تي پڙهي پيارجي. ڪنهن تي جنّ جو اثر هجي ته ان تي روزانو صبح شام تي پيرا اهو ڦيٽو پڙهي پوري جسم تي ڦوڪارجي. ڪنهن تي جادو جو اثر هجي يا ڪنهن کي چتو ڪتو چڪ هڻي ته ان تي يا رهن ڏينهن اهو ڦيٽو صبح شام رکجي. جسم جي زخمن لاءِ لوڻ تي پڙهي اهو لڳائڻ گهرجي. زمين ۽ آسمان جي آفتن ۾ مصيبتن کان حفاظت لاءِ اهي آيتون صبح شام پڙهڻ گهرجن.

پوک جي حفاظت لاءِ : هي دعا ڪاغذ تي لکي ٽئين نڪور لکر ۾ بند ڪري ان کي پوک واري ٻني، ۾ دفن ڪجي. جيتن، ڪُوڻن مصيبتن کان پوک امن واري ٿي ويندي.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ يا رزاق العباد يا خلاق الخلائق يا فاطر السمٰوات يا منبت الزرع في الارض والنبات و يا مجيب الدعوات ادفع من هٰذا الزرع شر الهوام والوحوش وشر الفارة

---

[1] من فقير اڄ ٽائين ڪڏهن به تسخير لاءِ ڪنهن به وظيفي کي پنهنجو معمول نه بنايو آهي. نه ئي ان جي ضرورت محسوس ٿي آهي.

والخنازير المفسدة وارزقنا رزقا حسنا و صلى الله تعالىٰ علىٰ خير خلقه سيدنا محمد و اٰله واصحابه اجمعين.

تعويذ اسماءِ اصحابِ كهف :

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ اللّٰهمّ بحرمة يمليخا مكسلمينا ميلسنا

مرتوش دبد طنوش شادنوش مرطونس اسم كلبهم قطمير.

هي اصحابِ كهف جا نالا آهن. حضرت خواجه محمد عثمان دامانيِ رحمة الله عليه ﷺ چيو ته اصحابِ كهف جا نالا كتابن ۾ مختلف طريقن سان لكيل آهن پر مون وٽ پنهنجي مرشد وٽان هن طريقي سان پهتا آهن. اهي پاڪ نالا وڏي خير ۽ برڪت وارا آهن. گهر يا دكان يا مال جي برڪت لاءِ. پوک ۽ گهر جي نقصانن كان بچاءِ لاءِ. مرضن جي شفا لاءِ. ٻيڙي ٻڏڻ كان بچڻ لاءِ. حاجتن جي پوراڻي لاءِ. انهن متين نالن كي لكي گهر ۾ يا دكان ۾ يا ٻيڙي ۾ يا مال ۾ يا پاڻ وٽ ركڻ سان اها شيءِ الله جي امن ۾ اچي وڃي ٿي.

هر تكليف كان شفا جو تعويذ :

لَوْ اَنْزَلْنَا هٰذَا الْقُرْاٰنَ عَلٰى جَبَلٍ لَّرَاَيْتَهٗ خَاشِعًا مُّتَصَدِّعًا مِّنْ خَشْيَةِ اللّٰهِ ؕ

وَتِلْكَ الْاَمْثَالُ نَضْرِبُهَا لِلنَّاسِ لَعَلَّهُمْ يَتَفَكَّرُوْنَ يا شافي يا شافي يا شافي

متيان الفاظ تي ڏينهن لڳاتار كاغذ تي لكي پاڻي ۾ ڏوئي اهو پاڻي پياريو وڃي ۽ تكليف واري جڳهه تي مالش كئي وڃي انشاء الله فائدو ٿيندو.

سور ختم كرڻ لاءِ :

اللّٰهم انت الباعث انا المبعوث و من يدع المبعوث الا الباعث

يا رب وصلى الله تعالىٰ علىٰ خير خلقه سيدنا محمد و اٰله و اصحابه اجمعين

اهو لكي سور واري جڳهه تي ٻڌجي.

مال جي واڌاري لاءِ:

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ فَاسْتَبْشِرُوْا بِبَيْعِكُمُ الَّذِيْ بَايَعْتُمْ بِهٖ ؕ وَذٰلِكَ هُوَ الْفَوْزُ الْعَظِيْمُ

وصلى الله تعالىٰ علىٰ خير خلقه سيدنا محمد و اٰله و اصحابه اجمعين

هي لکي مال و متاع ۾ رکجي ته مال متاع ۾ قدرتي واڌارو ايندو. انشاء الله.

ذهن کي تيز ڪرڻ لاءِ:

اَللّٰهُمَّ نَوِّرْ قَلْبِي بِعِلْمِكَ وَاسْتَعْمِلْ بَدَنِي بِطَاعَتِكَ وَبَارِكْ وَسَلِّمْ عَلَيْهِ

سبق جي شروع ڪرڻ کان اڳ ۾ ست دفعا اها دعا پڙهي جسم تي ٿوڪي وجي.

بار جي روڪڻ جو تعويذ:

ط ط ط ط ط ط ه ه ه ه ه ه ه

قدوس قدوس قدوس قدوس قدوس قدوس قدوس

وصلى الله تعالىٰ علىٰ خير خلقه سيدنا محمد و آله و اصحابه اجمعين

لکي ٻار جي ڳچيءَ ۾ ٻڌجي.

سائي کي ختم ڪرڻ لاءِ:

آڇر جي ڏينهن سائي گاهه جي ٽاري ڪٽي هڪ طرف سائي واري مريض جي هٿ ۾ ڏيو ته ان کي جهلي ۽ ٻئي طرف کان پاڻ کاڌي هٿ ۾ جهلي. پنهنجي ساڄي هٿ ۾ چاقو پڪڑي هڪ دفعو سورة القريش بسم الله سان گڏ پڙهندا وجو ۽ چاقو سان ان گاهه کي ڪٽيندا وجو. اهڙي طرح سان ست دفعا ڪيو پر اول ۽ آخر ۾ درود شريف جو گهٽو ورد ڪيو. ان طرح ٽن آڇرن تائين ڪيو. انشاء الله سائي يرقان ڇڏي ويندو.

خير ۽ برڪت جي حصول لاءِ:

اللهم صل علىٰ سيدنا محمد و علىٰ آل سيدنا محمد

افضل صلواتك بعدد معلوماتك وبارك وسلم عليه

ڪمن جي آساني ۽ رزق جي ڪشادگي لاءِ بناناغي جي هزار دفعا رات ڏينهن ۾ پڙهجي، مفيد آهي.

دماغي ڪمزوري لاءِ:

"يا قوی" هي اسم پاڪ پنجن نمازن کان پوءِ مٿي تي هٿ رکي يارهن دفعا پڙهو.

دل جي گهبراهٽ لاهڻ لاءِ:

اَلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَتَطْمَئِنُّ قُلُوْبُهُمْ بِذِكْرِ اللّٰهِ ؕ اَلَا بِذِكْرِ اللّٰهِ تَطْمَئِنُّ الْقُلُوْبُ

بسم الله سميت اها آيت لکي ڳڇيءِ ۾ ٻڌو. ڏوري ايتري ڊگهي هجي جو تعويذ دل تي لٽکندو رهي ۽ دل کاڀي پاسي هوندي آهي.

ختمِ حضرت غوثِ الثقلين شيخ عبدالقادر جيلاني رحمۃ اللہ علیہ رضی اللہ عنہ

حَسْبُنَا اللّٰهُ وَ نِعْمَ الْوَكِيلُ

پنج سَوَ دفعا روزانو پڙهو. اول ۽ آخر درود شريف هڪ سو دفعا پڙهو. اهو ختم غوثيہ آهي. ان جو ثواب محبوبِ سبحاني پيران پير سيدنا عبد القادر جيلاني رضی اللہ عنہ جي روح مبارڪ کي بخشيو. پوءِ الله تعاليٰ کان سندن واسطي ۽ وسيلي سان دعا گهرو. سڀ مقصدن جي حصول لاءِ . ديني ۽ دنياوي مشڪلاتن جي لاهڻ لاءِ. هي عمل نهايت مؤثر آهي. جيستائين مقصد حاصل ٿي وڃي ۽ مشڪلاتون حل ٿي وڃن. ايستائين عمل جاري رکو. انشاءِ الله جلدي سڀ مطلب پورا ٿي ويندا.

زال مڙس جي محبت لاءِ تعويذ :

اگر مڙس سان زال نہ ٺهي يا مڙس زال سان نہ ٺوٺهي تہ هي تعويذ لکي ساڄي ٻانهن ۾ ٻڌي. ان تي عطر ۽ خوشبوءِ لڳائجي. هن تعويذ جي اجازت صرف زال مڙس جي وچ ۾ محبت پيدا ڪرڻ لاءِ آهي ٻئي ڪنهن بہ مقصد لاءِ نہ آهي. اگر ڪو شخص زال مڙس کان علاوه ڪنهن ٻي جڳهہ تي استعمال ڪندو تہ انشاءِ الله بجاءِ فائدي جي نقصان ٿيندس.

٧٨٦

يحبونهم كحب الله يا غفار 1	والذين آمنوا اشد حبا لله يا كريم 14	والقيت عليک محبة مني يا كريم 11	انه لحب الخير لشديد يا ودود 8
انه لحب الخير لشديد يا ودود 12	والقيت عليک محبة مني يا كريم 7	والذين آمنوا اشد حبا لله يا رحيم 2	يحبونهم كحب الله يا لطيف 13
والذين آمنوا اشد حبا لله يا لطيف 6	يحبونهم كحب الله يا رحمان 9	انه لحب الخير لشديد يا رحيم 16	والقيت عليک محبة مني يا رحمان 3
والقيت عليک محبة مني يا رحمان 15	انه لحب الخير لشديد 4	يحبونهم كحب الله يا كريم 5	والذين آمنوا اشد حبا لله يا رحيم 10

نقش ۾ لکيل انگن جي ترتيب سان نقش پربو. تعويذ ۾ انگ نہ لکبا.

نظر جي ڪمزوريءَ لاءِ :

يا نُور پنجنئي فرض نمازن کان پوءِ يارهن دفعا پڙهي هنين هٿن جي آڱوٺن تي ٽوڪي اکين تي گهمايو.

بيت جي سور لاهڻ لاءِ :

لَا فِيْهَا غَوْلٌ وَّلَا هُمْ عَنْهَا يُنْزَفُوْنَ

اها آيت پاڻي وغيره تي ٽي دفعا پڙهي پياريو. يا اها آيت لکي بيٽ تي ٻڌو.

نانگ وڇون وغيره جي ڏنگ جو علاج :

قُلْ يَا أَيُّهَا الْكَافِرُوْنَ لَا أَعْبُدُ مَا تَعْبُدُوْنَ وَلَا أَنْتُمْ عَابِدُوْنَ مَا أَعْبُدُ وَلَا أَنَا عَابِدٌ مَّا عَبَدْتُّمْ وَلَا أَنْتُمْ عَابِدُوْنَ مَا أَعْبُدُ لَكُمْ دِيْنُكُمْ وَلِيَ دِيْنِ.

ٽورڙي پاڻي ۾ لوڻ ملائي ڏنگ واري جاءِ تي ملیندا رهو ۽ اها پوري سورة پڙهندا شوکاريندا رهو. کافي دير تائين ائين کندا رهو انشاء الله آرام اچي ويندو.

تعويذ حضرت سيدنا علي رضي الله عنه

اگر ان جي هيٺان هي اسماءِ کهف لکجن تہ بهتر آهي.

الاهي بحرمة يعليخا مكسلينا
ميلسنا مرنوش ديدنوش شاذوش
مرطوش وابم كبيعهم فتحبرين
وصلي الله علىٰ خير خلقه محمد وآله وصحبه

هي تعويذ اسان جي مشائخ جي معمولات مان آهي. جيڪو امير المؤمنين سيدنا علي بن ابي طالب رضي الله عنه ڏانهن منسوب آهي. اسان جي مشائخ فرمايو آهي تہ: جيڪو شخص هن تعويذ کي پاڻ وٽ رکندو اهو جادو کان امن ۾ رهندو. هر مصيبت ۽ هر مرض کان الله جي حفاظت ۾ رهندو. اهو ماڻهو عزت سان رهندو. ان کي غيبي مدد حاصل ٿيندي. فيوضاتِ لاريبي ان طرف متوجہ ٿي ويندا. چانس لاءِ هي تعويذ ڳچيءَ ۾ ٻڌجي. هر مقصد جي حصول لاءِ هر مرض کان شفا لاءِ ڳچيءِ ۾ ٻڌجي.

گھر مان نانگ يا جن ڀجائڻ لاءِ:

إِنَّهُمْ يَكِيدُونَ كَيْدًا وَأَكِيدُ كَيْدًا
فَمَهِّلِ الْكَافِرِينَ أَمْهِلْهُمْ رُوَيْدًا

لوھ جا چار ڪوڪا ڪٽي هر هڪ تي هي آيتون پنجويھ پنجويھ دفعا پڙهي شوڪاريو. پوءِ اهي ڪوڪا گھر جي زمين جي چئن ڪنڊن ۾ ٽُنبي ڇڏيو. انشاء الله نانگ ان گھر ۾ نہ رهندو ۽ ان گھر ۾ جن ۽ آسيب جو اثر بہ ختم ٿي ويندو.

نرينہ اولاد لاءِ:

جنھن عورت کي رڳو ڇوڪريون ٿين ٿيون پُتاٽو اولاد نہ ٿو ٿئي. ان عورت جو مڙس يا هي ڪا عورت ان جي پيٽ تي آڱر سان ستر دفعا دائرو ناهي ۽ هر دفعي "يا متين" چوي انشاء الله پٽ پيدا ٿيندو.

غُربت ۽ محتاجي دور ڪرڻ لاءِ:

يَا مُعِزُّ سومھٽي نماز کان پوءِ اهو اسم شريف يارهن سو پيرا پڙهو. اول و آخر يارهن يارهن دفعا درود شريف پڙهي دعا گھرو. انشاء الله رزق ۾ وڌي ڪشادگي ٿيندي.

روزي ۾ برڪت لاءِ:

يَاوَهَّابُ اهو اسم شريف روزانو سومھٽي نماز کان پوءِ چوڏهن سو پيرا پڙهو. اول و آخر ست ست دفعا درود شريف پڙهي دعا گھرو. انشاء الله تعالي روزي رزق ۾ برڪت ٿيندي.

ڪشادگي لاءِ عجيب عمل:

يَا بَدِيعَ الْعَجَائِبِ بِالْخَيْرِ يَا بَدِيعُ

اهي الفاظ ٻارهن ڏينهن تائين روزانو ٻارهن سؤ دفعا پڙهي دعا گھرو. انشاء الله ڪمڙي بہ مشڪل هجي آسان ٿي پوندي. ان وظيفي جي پڙهڻ سان روزي ۾ عجيب برڪت پوندي. هن فقير (ڪرم الله) کي هڪ بزرگ ٻڌايو تہ ڪيس روزي جي ڏاڍي تنگي هئي پوءِ ان اهو وظيفو پڙهيو تہ مٽس پيسا مينھن وانگر وسڻ لڳا. يعني غيبي طرح ڪشائش جا رستا ڪلي ويا.

کارو علم جادو توٽو ختم ڪرڻ لاءِ عمل:

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ فَلَمَّآ اَلْقَوْا قَالَ مُوْسٰى مَا جِئْتُمْ بِهِ ۙ السِّحْرُ ۙ اِنَّ اللّٰهَ سَيُبْطِلُهٗ ۙ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُصْلِحُ عَمَلَ الْمُفْسِدِيْنَ وَيُحِقُّ اللّٰهُ الْحَقَّ بِكَلِمٰتِهٖ وَلَوْ كَرِهَ الْمُجْرِمُوْنَ.

سورة الفلق پوري ۽ سورة الناس پوري. اهي آيتون لکي مريض جي ڳچيءِ ۾ ٻڌو. پاٽي تي دم ڪري مريض کي پياريو. اگر وهنجارڻ نقصان نہ ڪندو هجي تہ اهي آيتون پاٽي تي پڙهي مريض کي ان پاٽي سان وهنجاريو. جيڪو پنهنجي گهر واري جي قُربت کان روڪيو ويو آهي، ان لاءِ ۽ هي عمل مفيد آهي.

ڪيمياءِ دُرويشان شاهوڪاري لاءِ عمل:

يَا وَهَّابُ اهو اسم پاڪ سومهٽي نماز کان پوءِ چوڏهن سو ڀيرا پڙهو. اول ۽ آخر يارهن يارهن دفعا درود شريف پڙهو. پوءِ هي دعا پڙهو:

يَا وَهَّابُ هَبْ لِيْ مِنْ نِعْمَةِ الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ اِنَّكَ اَنْتَ الْوَهَّابُ.

متي جي سور لاءِ تعويذ:

هي تعويذ متي سان ٻڌبو تہ متي جو سور ختم ٿي ويندو.

٧٨٦

يا بدوح	يا بدوح	يا بدوح	يا بدوح	يا بدوح	يا بدوح	يا بدوح	يا بدوح
يا بدوح	يا بدوح	يا بدوح	يا بدوح	يا بدوح	يا بدوح	يا بدوح	يا بدوح
يا بدوح	يا بدوح	يا بدوح	يا بدوح	يا بدوح	يا بدوح	يا بدوح	يا بدوح
يا بدوح	يا بدوح	يا بدوح	يا بدوح	يا بدوح	يا بدوح	يا بدوح	يا بدوح
يا بدوح	يا بدوح	يا بدوح	يا بدوح	يا بدوح	يا بدوح	يا بدوح	يا بدوح
يا بدوح	يا بدوح	يا بدوح	يا بدوح	يا بدوح	يا بدوح	يا بدوح	يا بدوح

يا روح يا روح يا روح يا روح يا روح يا روح

حمل لاءِ تعويذ:

هي تعويذ عورت پيٽ سان ٻڌندي.

يا قابض	يا قابض	يا قابض
يا قابض	يا قابض	يا قابض
يا قابض	يا قابض	يا قابض

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ . يٰيَحْيٰى خُذِ الْكِتٰبَ بِقُوَّةٍ ۙ وَاٰتَيْنٰهُ الْحُكْمَ صَبِيًّا ۙ

باب يارهون

سفرِ آخرت: پاڻ مريدن کي جيڪي نصيحتون فرمائيندا هئا، انهن مان اهم ترين نصيحت دنيا جي بي ثباتي، بي وفائي ۽ آخرت جي تياري بابت هوندي هئي. پاڻ اڪثر موت قبر ۽ آخرت جي ياري ۾ بيت پڙهندي روئندي جماعت کي آخرت جي تياري ڪرڻ لاءِ همٿائيندا هئا. پنهنجي رهڻ واري خاص ڪمري جي دروازي مٿان هي بيت پنهنجي هٿ سان تحرير فرمايائون. ايندي ويندي هڪ نظر ان بيت کي نهاريندا هئا.

الا يا ساكن القصر المعلىٰ ستدفن عنقريب في تراب

خبردار اي اوچي ماڙي ۾ رهڻ وارا جلد تون مٽي ۾ دفن ٿيڻ وارو آهين.

گريي جي ڪيفيت : عمر جي آخري ايام ۾ مٿن اڪثر اوقات گريي جي ڪيفيت طاري رهڻ لڳي. جيڏي معمل ۾ مجلس ۾ ويهندا هئا تہ اکين مان آب جاري رهندو هين. هڪ دفعي فرمايائون تہ هاٿي اهڙي حالت ٿي وئي آهي جو وعظ ۾ ويهان ٿو تہ چوان ٿو رڙيون ڪيان. دانهون ڪري ماٿهن کي الله جي محبت جو سبق سيکاريان، جڏڪ منهنجو سينو ڦاٽي ٿو. مجذوبن جهڙي حالت ٿي وڃي ٿي. پوءِ تمام گهٽي ڪوشش سان پاڻ کي قابو ڪريان ٿو.

محبت جا هوڪا : عمر مبارڪ جي آخري سالن ۾ اڪثر پنهنجي پير و مرشد جي ڳالهہ بيان ڪندا هئا تہ اهي پنهنجي آخري عمر ۾ هي بيت پڙهندا هئا، جيڪو پنجاب ۾ آرياٽيون مايون گلن جا ٽوڪرا مٿي تي کڻي هوڪا ڏيندڙ هيون تہ :

پھلاں دی کھاری سر تے ہے کوئی گھنن والا جو میں ہاں و نجن والی

پاڻ بہ اهو بيت پڙهي روئندا هئا تہ آهي ڪو الله ۽ انجي حبيب ﷺ جي محبت جو خريدار اسان وچڙ وارا آهيون. اهو شعر پڏي جماعت بہ تمام گهٽو روئندي هئي.

سدا آهي سفر جي وڃجارن وائي

ختم شريف

سنڌن دستور هيو تہ صبح جو حلقي مراقبي کان اڳ پڙين تي صلواة شريف پڙهڻ بعد پنهنجي مرشد حضرت خواجہ محمد عبدالغفار پير مناسائين رحمة الله عليه جو ختمو شريف پڙهائيندا هئا. جيڪو هيءَ آيت شريف آهي:

وَاِنِّیْ لَغَفَّارٌ لِّمَنْ تَابَ وَاٰمَنَ وَعَمِلَ صَالِحًا ثُمَّ اهْتَدٰی

هڪ ڏينهن هن فقير کانئن پڇيا ڪئي تہ : هي جيڪو ختم شريف پڙهيو وڃي ٿو تہ انجو ڇا مطلب آهي؟ فرمايائون: بزرگانِ دين بامرِ الاهي پنهنجي ايصالِ ثواب لاءِ کا آيت يا ڪو پاڪ ڪلام مقرر ڪندا آهن ۽ ان جي پڙهڻ جو بہ ڪو خاص تعداد مقرر ڪندا آهن، پوءِ جيڪو بہ ان ڪلام جو ورد ڪري ان بزرگ کي ايصالِ ثواب ڪندو آهي تہ ان بزرگ جو روح خوش ٿيندو آهي. پڙهڻ واري ماڻهو جو ان بزرگ جي روح سان هڪ خاص تعلق پيدا ٿيندو آهي، جنهن سان ان جي روح کان باطني فيض سندس عمر ۾ توڙي سندس وصال بعد حاصل ڪري سگهندو آهي. پوءِ فرمايائون تہ اسان جي حضرات مشائخ نقشبنديہ مان اڪثر بزرگن پنهنجي ايصالِ ثواب لاءِ ڪو ڪلام مقرر فرمايو هيو. حضرت پير قريشي رحمة الله عليه جو ختم شريف هن آيت سان پڙهيو ويندو هيو:

ذٰلِكَ فَضْلُ اللّٰهِ يُؤْتِيْهِ مَنْ يَّشَآءُ ۭ وَاللّٰهُ ذُو الْفَضْلِ الْعَظِيْمِ

پوءِ پير مٺا سائين پنهنجي آخر عمر ۾ پنهنجي ختم شريف جي لاءِ مذڪوره آيت مقرر ڪئي. هن فقير عرض ڪيو تہ سائينجن بہ پنهنجي لاءِ کا آيت مقرر ڪئي آهي؟ پاڻ فرمايائون تہ اڄا ڪو وقت تہ پير سائين جن جو ختم شريف پڙهندا رهو. سنڌن وصال کان هڪ سال اڳ هن فقير کي سڏي فرمايائون تہ جماعت ۾ اعلان ڪري ڇڏيو تہ هاڻي صبح جو ختم خواجگان وقت سورت قمر جي آيت نمبر ڏهہ مان هي دعائيہ الفاظ پڙهن:

رَبِّ اِنِّیْ مَغْلُوْبٌ فَانْتَصِرْ

اسان جي وفات بعد بہ انهن لفظن کي پڙهي اسان کي ايصالِ ثواب ڪن. جيڪو اهي لفظ بہ سئو ڀيرا پڙهي دعا گهرندو الله ڪريم ان جي هر حاجت پوري ڪندو.

سجاده نشيني جو اعلان

حضرت جن کي اهو فکر هوندو هيو تہ سندن وصال بعد جماعت ۾ ڪو افتراق يا انتشار نہ پيدا ٿئي. ان سلسلي ۾ سڀ کان پهريان جامع ۽ مڪمل وصيت پاڻ 12 شعبان 1408هـ درگاهہ ڪرمپور شريف ۾ حضرت پير مٺا سائين رحمة الله عليہ جي سالياني عرس مبارڪ ۾ فرمايائون. هن جلسي مبارڪ ۾ هزارن جي تعداد ۾ فقير ۽ فقيرياڻيون، خلفاء، علماء ۽ صلحاء جي ڪثير جماعت موجود هئي ۽ سندن طبيعت مبارڪ بہ ناساز هئي. پاڻ عشاء نماز بعد جماعت کي مخاطب ٿي فرمايائون تہ: [1]

"اي فقيرؤ! مون توهان سان وڏي جفاڪشي ڪئي آهي. وڏي محنت سان بنا لالچ، بنا طمع جي مون توهان کي ديندارئ جو سبق سيکاريو آهي. منهنجي اُنهيءَ اخلاص جو سبب آهي جو اسان پهريان ايڪن ۾ هئاسين پوءِ ڏاهاڪن ۾ ٽياسين پوءِ سَوَن ۾ ۽ هينئر الحمدلله هزارن ۾ پهتا آهيون. جيڪڏهن اسان ۾ اخلاص نہ هجي ها تہ هرگز ايتري ترقي نہ ٿئي ها. جيسيتائين منهنجي صحت جواني هئي توهان جي خدمت ڪندو رهيس ۽ هاٿي منهنجي طبيعت ٺيڪ نہ ٿي رهي. گهٽي دير تائين ويهي نہ ٿو سگهان. هاٿي تبليغ جي ڪم جي لاءِ مون پنهنجي صاحبزادي مولوي ڪرم الله صاحب کي منتخب ڪيو آهي. خليفن جي خلافت کي بہ رد نہ ڪيان ٿو. جيڪڏهن ڪنهن کي بہ الله تعالىٰ نوازيو تہ مان پاڻ خوش ٿيندس. باقي جيڪڏهن اتفاق ۽ ہڏيءَ سان ڪم ڪندا تہ ان ۾ وڌيڪ برڪت ۽ پلائي آهي." ان ڪانپوءِ درگاهہ فضل آباد شريف ماتلي ۾ پاڻ 12 شوال 1408هـ تي هڪ عظيم الشان جلسي ۾ جماعت کي هن طرح ارشاد فرمايائون: [2]

"مان توهان کي وسان چڏي نہ ٿو وڃان. بي وس آهيان. ويهي بہ نہ ٿو سگهان. جيڪي اڄ هتي آيا آهيو ۽ جيڪي هونئن بہ هتي ايندا آهيو توهان کي مون اڳي بہ عرض گذاريو آهي اسان سيني جي سنيال لاءِ مولوي ڪرم الله صاحب کي مقرر ڪيو آهي.

---

[1] سندن هي وصيت آن دي رڪارڊ آهي.

[2] سندن اها گفتار بہ سندن آواز ۾ محفوظ ٽيپ آهي.

اهو توهان جي دلي جاني خدمت ڪندو ۽ اوهان جي سنيهار لهندو. توهان کي الله جو رستو ٻڌائيندو. ٻيا جيڪي خليفا آهن سي سيئي هن جا معاون ۽ مددگار رهجو. دين جي خدمت خدا واسطي ڪجو. نفسانيت جي پٺيان نه لڳجو. نفسانيت جي خواهش قيامت سوڌو ختم نه ٿيندي. اسان توهان کي اصل کان وٺي اهو سبق پڙهايو آهي ته نفسانيت کي ڇڏي الله جا طالب ٿيو. جنهن جاءِ تي اوهان کي فائدو نظر اچي ٿو. اها جاءِ نه ڇڏيو. مرشد اگر ڪو حبشي مقرر ڪري ته به ارادت وارو فقير ان جو به در نه ڇڏي در نه ڇڏي....نه ڇڏي. اها مسجد نه ڇڏي، اهو آستانو نه ڇڏي. پنهنجي مرشد جو مريد سڏبو ئي ان کي آهي جو جيئن امر ٿئيس ائين ڪري.

بُخار کفارو آهي

هڪ ڏينهن سندن طبيعت مبارڪ ناساز هئي. بخار آيل هيو. ڪجهه فقير عيادت لاءِ آيا. پاڻ فرمايائون ته بيماري به جسم جي زڪواة آهي ۽ گناهن جو کفارو آهي. پوءِ فرمايائون: هڪ اصحابياڻي بيمار ٿي پئي هئي رسول الله ﷺ ان کان پڇڻ لاءِ آيا ته ان چيو يا رسول الله مون کي بخار آهي الله شال ان ۾ برڪت نه وجهي پاڻ فرمايائونس:

لَا تَسُبِّي الْحُمَّى فَإِنَّهَا تُذْهِبُ خَطَايَا ابْنِ آدَمَ كَمَا يُذْهِبُ الْكِيرُ خَبَثَ الْحَدِيدِ. ①

بخار کي گار نه ڏي چوته اهو آدم جي اولاد جي گناهن کي ائين ختم ڪري ٿو جيئن ٻئي لوهه جي ڪٽ ختم ڪندي آهي.

فرمايائون: هڪ رات جو بخار ٻن سالن جي گناهن جو کفارو بنجي وڃي ٿو.

پر الله تعالىٰ کان اهو سوال گهرجي ته رب پاڪ شال عاقبت موچاري ڪري. ڏگهي بيماري ۽ ڏگهي عمر کان بچائي. حضرت نبي پاڪ ﷺ دعا سيکارينداهئا ته:

أَعُوذُ بِكَ مِنْ أَنْ أُرَدَّ إِلَى أَرْذَلِ الْعُمُرِ ②

اي الله آءٌ ڏگهي عمر کان پناهه گهران ٿو.

---

① مسند أبي يعلى الموصلي (4/64)

② مسند ابن الجعد (ص: 90)

بسترِ علالت تي

24.9.1989 جي ڇاڪاڻ آهي سندن طبيعت ساز نہ هئي راجپوتانہ اسپتال ۾ داخل ٿيا. ڈاڪٽرن گفتگو کان منع ڪئي هئي پر جيئن جماعت عيادت لاءِ آئي تہ پاڻ انهن سان تبليغ ۾ شروع ٿي ويا. تقريبًا ڏيڍ ڪلاڪ نصيحت فرمايائون. ان بيان جا خاص نقطا هي هيا:

* فرمايائون شيطان پليت فقيرن کي فقيري روپ ۾ گمراهہ ڪندو آهي. ان جي مڪرن ۽ فريبن کي هرڪو سجاڻي نہ سگهندو آهي. الله وارا ئي ان جي مڪرن کي سجاڻندا آهن، جيئن هزارن پيرن ۾ چور جي پير کي "پيري واڏو" سجاڻي وٺندو آهي. انڪري الله وارن جي صحبت ضروري هوندي آهي.
* مريد اهو ڪامياب ٿيندو جنهن جو عقيدو صحيح ۽ سالم هوندو.
* الله جي ڪامل ولي جو هڪ توجہ هزار نفلن کان وڌيڪ باطن ۾ فائدو ڏيندو آهي.
* خدمت ۾ عظمت آهي. خدمت وارا هڪ ڏينهن مخدوم ٿي ويندا آهن.
* خدا کي ياد ڪيو اجوڪي دور ۾ اگر ان نيڪائي تي خاتمو ٿيو تہ بہ ولي ٿي اٿندو.
* اڄ الله الله ڪرڻ مسجد جو پانڌيئڙو ٿيڻ بہ نعمت عظميٰ آهي.
* هن دور ۾ نيڪ ۽ صالح ٿيڻ وارن تي قيامت واري ڏينهن وڏا ولي بہ ريس ڪندا.
* رب کي ياد ڪيو. الله کان پنهنجي گناهن لاءِ معافي طلب ٿيندا رهو.
* هر نيڪي جي ڪم تي شيطان جي ويڑهہ لڳي پئي آهي. ڪو مرد مجاهد بازي ڪٽندو.
* اجوڪي وقت ۾ پنج وقت نماز پڙهي ۽ پاڻ کي زنا کان بچائي تہ اهو بہ قيامت ۾ الله جي ولين سان گڏ اٿندو.
* اگر بزرگ نہ ٿياسون، ڪشف ڪرامتون نہ ٿيون. آسماني سير نہ ٿيا تہ بہ رڳو گناهن کان بچي الله الله ڪري زندگي پوري ڪيون تہ اهو بہ وڏو انعام اٿوَ.
* اڄڪلهين دور ۾ الله وارن کي فقير ڳوليندا هئا اڄ وري بيقدري جو دور آهي جو خدا وارا خود ڳولي فيض ڏين ٿا. حضرت بهاء الدين زڪريا ملتاني رحمۃ اللہ علیہ جي مرقد تي حضرت پير قريشي رحمۃ اللہ علیہ ويا هئا تہ بزرگن کين فرمايو:

اي قريشي اسان جو وقت قدرداني جو هيو ماڻهو اسان کي ڳوليندا هئا پر اڄ واهه اوهان جو ڪمال آهي جو ماڻهن کي هلي وڃي فيض ڏيو ٿا.

* اڄ ماڻهن ۾ طلب مولا جي نه رهي آهي. ماڻهن جي من ۾ رڳو دنيا جي طلب آهي. جيئن اُليءَ جي بيماري لڳي پوءِ درياء جي ڪناري تي ويهي نه پاڻي ڪٽي نه اڄ لهي. ائين ماڻهن کي لوري جموري دنيا جي لڳي وئي آهي.
* غم ڏڪ ڏسي هرگز نه ڪهرايو ماندا نه ٿيو. ڏکن جا ڏينهن ٿورا هوندا آهن بس رب کي راضي ڪرڻ جو فڪر رکو. اهو سوال ڪيو ته رب تون شال راضي رهه.
* فقيرو! غافل ماڻهن سان اوطاقن هوٽلن ۾ نه ويهو اهو غفلت جو اثر توهان تي چڙهندو.
* ذڪر وارن جي مجلس ۾ ويهو اها جنت جي باغن وانگر آهي.

حضرت دائود عليه السلام دعا گهرندو هو ته :

اللَّهُمَّ يَوْمَ تَرَانِي أُجَاوِزُ مَجَالِسَ الذَّاكِرِينَ إِلَى مَجَالِسِ الْمُتَكَبِّرِينَ فَاكْسِرْ رِجْلَيَّ؛ فَإِنَّهَا نِعْمَةٌ مُنَّ بِهَا عَلَيَّ.[1]

اي الله جنهن ڏينهن مون کي ذاڪرن جي مجلس کي ڇڏي متڪبرن جي مجلس ڏانهن ويندڙ ڏسين ته اتي منهنجا ٻئي پير ڀڄي ڇڏجاءِ. پوءِ نعمت آهي مون تي اها نعمت ڪجان. (ذاڪرن جي پاڙي ۾ پيو هجان، انهن کان پري نه ٿيان)

* غافلن جي مجلس ائين آهي جيئن مائي ٻهارو ڏيندي آهي ته پاڻ بہ ٻوڙ ٿي ويندي آهي. ڪيئي فقير رڳوبري صحبت سبب گمراه ٿي ويا.
* ڪو ماڻهو سالن جا سال محنتون ڪندو رهي، دينداري ۾ اڇي ڏاڙهي ٿئيس ته بہ موت واري مهل تائين شيطان نه ڇڏيندو آهي گمراه ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. ان جي شر کان الله کان پناهه گهرندا رهو.
* اگر جي ولي الله ٿيڻ چاهيو ته پوءِ دل مان ظاهري باطني غير جا خيال ختم ڪرڻا پوندا. تجريد ۽ تفريد حاصل ڪرڻي پوندي.

---

[1] الورع لابن أبي الدنيا (ص: 95)

خون جي قرباني

پاڻ اسپتال ۾ داخل هئا. طبيعت ڪافي نحيف هئي. ڊاڪٽرن چيو ته رت جي بوتل جي ضرورت آهي. برادرم فضل الله رت جي بوتل ڏني. رات جو پنج ڪلاڪن تائين هلي صبح جو فرمايائون مون کي ڪافي فائدو ٿيو آهي. ڊاڪٽرن چيو ته اجا هي بوتل جي به ضرورت آهي. پوءِ هن فقير پنهنجي رت جو گروپ ٽيسٽ ڪرايو ته O+Ve نڪتو. جيڪو حضرت جن جي گروپ سان موافق هيو. پوءِ هن فقير پنهنجي خون جي بوتل پيش ڪئي. صبح جو فرمايائون اڄ منهنجي طبيعت ڪافي بهتر آهي. فرمايائون: آخري عمر ۾ حضرت پير سائين جن کي به خون جي بوتل چاڙهي هئائون، پر کين راس نه آئي.

بيماريون

عمر مبارڪ جا آخري ٻه ٽي سال سندن طبيعت مسلسل ناساز رهي. اول شگر هئي. پوءِ بلڊ پريشر ٿيو. ان مان دل تي سوج ٿي پئي. پوءِ ان مان ڪنگھ ۾ سَھَڪَ (دم) جي بيماري ٿي. مقامي علاج هليو پر ڪجھ فائدو نه ٿيو. وري پنج مهينا ڊاڪٽر سجڻ ميمڻ جو علاج هليو مگر وقتي فائدو ٿيو. وري لطيف آباد مان حڪيم عبداللطيف غوري جو علاج چار مهينا ڪن هليو ڪجھ فائدو نه ٿيو پر ان ڪري تمام سخت بڌائي ڪڍڻ جي رَبّ ڪان سواءِ ٻيا سڀ ڪاڏا بند ڪيائين. چار مهينن جي ان ڪري سبب سندن جسم تي نقاهت ۽ ضعف تمام گھڻو اچي ويو. ان جي باوجود پاڻ سارو رمضان المبارڪ وڏي ذوق شوق سان عبادت ۾ گذاريائون. تراويح نماز به بيهي پڙهندا هئا. پوءِ ڪجھ وقت ڊاڪٽر علي اڪبر شاھ ماتلي واري جو به علاج هليو دَم سڪ، بلڊ پريشر کي وقتي طور فائدو ٿيندو رهيو. پر مڪمل آرام نه آيو. صفر مهيني جي پهرين تاريخ کان پيٽ جي تڪليف شروع ٿي. ان سان گڏ بخار رهڻ لڳو. جنهن ته هيڪاري ڪمزور ڪري وڌو. سندن بيماري جي خبر عام ٿي جماعتون اچڻ لڳيون مِٽَ مائٽَ آيا. پاڻ هر ڪنهن کي وصيتون ۽ نصيحتون فرمائيندا رهيا. ان دوران چاچي حاجي واحد بخش هڪ تعويذات و عمليات ڪرڻ وارو ماڻهو آندو جنهن چيو ته سائين جن کي نقش (بت) پيل آهن.

پاڻ فرمايائون منهنجو انهن تي نه ويساهه آهي نه اعتماد. پوءِ وري دوبارو کين راجپوتانه اسپتال ۾ داخل کرايو ويو. پي منزل تي پرائيويٽ کمرو 48 نمبر ورتل هيو. کمرو کشادو هيو. پاڻ اتي تڪليف جي باوجود به جماعت کري نماز پڙهائيندا هئا. پهرين رات کين آڪسيجن به ڏني وئي. علاج جي خرچ لاءِ مخدوم غلام محمد صاحب -/1500 روپيه ڏنا. سائين جن خود -/300 ڏنا. امان -/200ڏنا هئا. -/500 روپيه هن عاجز وٽ به ساڻ هئا. الله جون لک رحمتون هجن غلام محمد صاحب تي جنهن ان اوکي وقت ۾ تمام گهڻي خدمت کئي ۽ جاني توڙي مالي مدد کئي. حضرت جن به کيس ڏاڍيون دعائون ڏنيون هيون.

نوري نصيحت

ان اسپتال ۾ داخل هئڻ وارن ڏاڻن جي ڳالهه آهي هڪ ڏينهن هي فقير کين زور ڏئي رهيو هيو. پاڻ مڙئي مڙئي زبان سان فرمايائون: پٽ ! دين جو ڪم مرد مجاهد ٿي ڪجو. نيت خالص رب جي رضامندي جي رکجو. نه پنهنجي عزت ۽ شهرت جي نه پير بنجڻ جي نه هٿ پير چمائڻ جي. پر غرض صرف اهو رکجو ته شال الله جي ذات راضي رهي. مخالفتن جي هرگز پرواهه نه ڪجو. پير سائينجن مون کي فرمايو هيو ته جو شخص هي دين جو ڪم ڪندو آهي ته پيءُ ماءُ، پاءُ پيءُ، عزيز دوست ته مخالف ٿيندا پر جسم جا وار به سندس مخالف ٿي ويندا. سو استقامت سان رهجو. الله جو ذڪر هرگز نه ڇڏجو. جڏهن تبليغ لاءِ وڃو ته انهن ماڻهن جي سڏاري لاءِ الله کان دعا التجا به ضرور گهرجو. جماعت کي پنهنجي ٻچن وانگر سمجهجو. دل ۾ دنيا جي طلب اصل نه رکجو. دنيا پاڇي جي مثال آهي. اگر ان کي وٺڻ جي کوشش ڪبي ته هٿ نه ايندو. ان کي پني ڏبي پاڻهي پويان لڳو ايندو. پير سائين جن فرمائيندا هئا : فقيرو اوهان الله کي دل سان ياد ڪيو ته دنيا اوهان جي پويان ٽڪون پئي کائيندي. هڪ دل ۾ به شيون گڏ رهي نه سگهنديون آهن. يا ته دنيا رهندي يا الله جي محبت رهندي.

هم خدا خواهی و هم دنیاءِ دون * این خیال است و محال است و جنون

صبر ۽ شڪر

23 شعبان 1410ھ 1990-3-21 بعد نماز عصر

راجپوتانہ اسپتال ۾ پروفيسر ڊاڪٽر نور محمد (عرف پُنگري) کان علاج هلي رهيو هيو. ان اهڙيون ڪريون دوائون ڏنيون جنهن سان حضرت جن جي هنڌين گردن ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏنو. پوءِ حيدرآباد ۾ گردن جي اسپيشلسٽ ڊاڪٽر شوڪت ميمڻ کان سندن علاج ڪرايو ويو. ان چيو ته ڊائلاسز ٿيندي. يعني مشين جي ذريعي گردن جي صفائي ٿيندي. پوءِ اهو علاج ٻه شروع ٿيو. جيڪو تمام تڪليف ڏهه هيو. گهر واپس آياسين. هفتي ۾ هڪ يا ٻه ڀيرا مشين ذريعي گردا صاف ڪرائڻ لاءِ ڪين حيدر آباد وڃي ويندا هئاسين. ان تڪليف ڏهه حال ۾ ٻاڻ صابر ۽ شاڪر رهيا. ٻن ماڻهن جي سهاري سان هلي اچي ٻه مسجد ۾ نماز باجماعت ادا ڪندا هئا. آخري ايام ۾ اشارن سان ٻه تهجد نماز ادا ڪندا رهيا. شعبان جو جيئن چنڊ ٻيٺو ته سندن طبيعت مبارڪ وڌيڪ ناساز رهڻ لڳي. اهو سندن مرض الموت جو آغاز هيو. تن ڏينهن ۾ ٻاڻ امامت جي لاءِ هن فقير کي حڪم فرمايائون.

ان ڏينهن ۾ فقير ناچيز ڪرم الله هڪ رات خواب ڏٺو ته هڪ ٻه ماڙ جاءِ آهي. سائين جن مٿي بنگلي ۾ ويٺل آهن. چون ٿا ته هن رمضان بعد اسان جي الوداع آهي. ان ڪري ساري جماعت کي گهرايو اٽڪون ته انهن سان ملاقات ڪيون. ڏسان پيو ته سوين فقير نوان پراڻا موجود آهن. حضرت جن جا عزيز، مٽ مائٽ ڪرڪٽ وارا ٻه آيل آهن. هرڪو ساڻن ملاقات ڪري رهيو آهي. هن عاجز کي گهرايو اٽن ۾ ڪجهه نصيحتون ڪري پوءِ روحاني توجه ڪيو اٽن ۾ فرمائن ٿا ته نفي اثبات گهٽي پڙهندو ڪر. سڀ فقير ملندا ٿا وڃن. چاچي غلام نبي کي ڏٺو اٿم ته ملاقات ڪري نڪتو آهي هڪ ڪوٺري هٽ ۾ اٽس مون چيو ته چا ڪنيو اٽئي؟ چيائين سائين جن هڪ اليٽري روشني جي ڏني آهي. ان طرح فقيرن کي نصيحتون ۾ سوڪڙيون ڏئي رهيا آهن . تانجو هي عاجز سجاڳ ٿي پيو.

رمضان 1410ھ

هي سندن عمر مبارڪ جو آخري رمضان هيو. طبيعت مبارڪ ڏينهون ڏينهن وڌيڪ خراب ٿيندي وئي. ان جي باوجود پاڻ هر نماز مسجد ۾ اچي جماعت سان ادا ڪندا هئا. ڪيڏي

مھل هي فقير کيڏي مھل ادو فضل الله کين اسکوٽر تي ڪٽي ايندا هئاسين. جيئن رمضان شريف جو چند ڀينرو تہ پاڻ وڌيڪ عبادت جو اهتمام شروع ڪيائون. گھر وارن کي ب بار بار نصيحتون ڪرڻ لڳا تہ الله جو ذڪر گھٽو ڪيو. الله جي عبادت ڪيو. غفلت نہ ڪيو. جيڪي ماڻھو ملڻ ۾ عيادت لاءِ پئي آيا انھن کي ب نصيحتون پئي ڪيائون، پر سندن انداز ائين لڳي رهيو هيو جيئن کو موڪلائڻ وارو ماڻھو ڪنھن کي وصيت ڪندو آهي.

گُردن جو علاج

حيدرآباد جي ڊاڪٽرن صلاح ڏني تہ ڪراچي ۾ ڊاڪٽر اديب الحسن رضوي وٽ وڃو جيڪو گردن جو سپ ڪان وڏو ماهر ڊاڪٽر آهي. اهو گردن جي متا ستا ب ڪري ٿو. پوءِ ان کي سندن طبيعت ڏيکارڻ لاءِ ڪراچي وياسين. غلام محمد صاحب درمحمد پٽي سان سائين جن جي صحت بابت مشورو ڪيو. پٽي صاحب ان وقت ڪراچي ۾ سنڌ گورنمينٽ ۾ زڪواة ۽ عُشر واري ڪاتي ۾ سيڪريٽري هيو. ان جو ڊاڪٽر اديب الحسن سان تعلق ب هيو. ان ڊاڪٽر ڪان ٽائيم ورتو. پوءِ حضرت جن کي ڪراچي وٽي وياسين. اتي 22-5-1990 کان 30-5-1990 تائين جناب در محمد پٽي جي بنگلي ۾ رهيل هئاسين. محترم در محمد جي خدمت ۽ مھمان نوازي وسارڻ جھڙي نہ آهي. ان علاج معالجي دوران خدمت جي سعادت ادا فضل الله کي ۽ هن فقير کي نصيب ٿي. خرچ پکو گھٽي پاڳي مخدوم غلام محمد صاحب ڪندو هيو.

گُردي جي ضرورت : ڊاڪٽر اديب الحسن رضوي سائين جن جي طبيعت ڏٺي. چيائين ٻئي گردا ڪم ڪرڻ ڇڏي ويا آهن. اگر ڪنھن نوجوان جو گردو ڏنو وڃي تہ آءِ گردو متائي ڇڏيندس. پوءِ هن عاجز عرض ڪيو منھنجو بخت هوندو اگر منھنجو گردو حضرت سائين جن جي ڪم اچي وڃي. منھنجو سر جند جان ب حاضر آهي. ڊاڪٽر چيو ان لاءِ اول ٻنھين جون ٽيسٽون ٿيندیون. تن ڏينھن ۾ هي فقير هر رات روئي روئي دعا گھرندو هيو الله کري منھنجو گُردو قبول پوي. ب ٽي ڏينھن مسلسل ٽيسٽون ٿيڻ بعد ڊاڪٽرن رپورٽ ڏني تہ ٻنھين جا گُردا موافق اچي ويا آهن. مون کي ان ڏينھن گھٽي خوشي ٿي هئي.

سُر سندس جي ڪم اچي قربان ٿئي تان ٿي وڃي.

محل هي فقير ڪيڏي محل ادو فضل الله کين اسڪوٽر تي ڪڍي ايندا هئاسين. جيئن رمضان شريف جو چند ٻينو ته پاڻ وڌيڪ عبادت جو اهتمام شروع ڪيائون. گهر وارن کي به بار بار نصيحتون ڪرڻ لڳا ته الله جو ذڪر گهڻو ڪيو. الله جي عبادت ڪيو. غفلت نه ڪيو. جيڪي ماڻهو ملڻ ۾ عيادت لاءِ پڻي آيا انهن کي به نصيحتون پڻي ڪيائون. پر سندن انداز ائين لڳي رهيو هيو جيئن ڪو موڪلاڻڻ وارو ماڻهو ڪنهن کي وصيت ڪندو آهي.

گردن جو علاج

حيدرآباد جي ڊاڪٽرن صلاح ڏني ته ڪراچي ۾ ڊاڪٽر اديب الحسن رضوي وٽ وڃو جيڪو گردن جو سپ ڪان وڏو ماهر ڊاڪٽر آهي. اهو گردن جي متا سڏا به ڪري ٿو. پوء ان کي سندن طبيعت ڏيکارڻ لاءِ ڪراچي وياسين. غلام محمد صاحب درمحمد پٽي سان سائين جن جي صحت بابت مشورو ڪيو. پٽي صاحب ان وقت ڪراچي ۾ سنڌ گورنمينٽ ۾ زڪواة ۽ عُشر واري ڪاتي ۾ سيڪريٽري هيو. ان جو ڊاڪٽر اديب الحسن سان تعلق به هيو. ان ڊاڪٽر کان ٽائيم ورتو. پوء حضرت جن کي ڪراچي ولي وياسين. اتي 22.5.1990کان 30.5.1990 تائين جناب در محمد پٽي جي بنگلي ۾ رهيل هئاسين. محترم در محمد جي خدمت ۾ ممان نوازي وساريڻ جهڙي نه آهي. ان علاج معالجي دوران خدمت جي سعادت ادا فضل الله کي ۽ هن فقير کي نصيب ٿي. خرچ پکو گهٽي پاڻي مخدوم غلام محمد صاحب ڪندو هيو.

گُردي جي ضرورت : ڊاڪٽر اديب الحسن رضوي سائين جن جي طبيعت ڏٺي. چيائين پٽي گردا ڪم ڪرڻ ڇڏي ويا آهن. اگر ڪنهن نوجوان جو گردو ڏنو وڃي ته آءِ گردو متائي ڇڏيندس. پوء هن عاجز عرض ڪيو منهنجو بخت هوندو اگر منهنجو گردو حضرت سائين جن جي ڪم اچي وڃي. منهنجو سر جند جان به حاضر آهي. ڊاڪٽر چيو ان لاءِ اول پنهين جون ٽيسٽون ٿيندیون. تن ڏينهن ۾ هي فقير هر رات روئي روئي دعا گهرندو هيو الله ڪري منهنجو گُردو قبول پوي. ۽ ٽي ڏينهن مسلسل ٽيسٽون ٿيڻ بعد ڊاڪٽرن رپورٽ ڏني ته پنهين جا گُردا موافق اچي ويا آهن. مون کي ان ڏينهن گهٽي خوشي ٿي هئي.

سُر سندس جي ڪمر اچي قربان ٿئي تان ٿي وڃي.

ادا فضل الله جي واپس اچڻ بعد ان علالت دوران صرف هي فقير ئي سندن همسفر ۽ تيماردار هيو. ان وقت سندن خدمت جو گهڻو موقعو ملیو ۽ پاڻ وقتاً فوقتاً عجيب عجيب نصيحتون کندا هئا. هن فقير جي حال تي گهڻو توجهه ۽ نظر ڪرم فرمائيندا هئا. آپريشن جو ڏينهن مقرر ٿيو. ان ڏينهن کان هڪ ڏينهن اڳ پاڻ فرمايائون ته :

مون کي هاٽي ڳوٺ وڃي هلو. عرض ڪيم هاٽي آپريشن ٿيٽ وارو آهي، پاڻ فرمايائون توهان قرباني ڏني الله اوهان کي خوش رکي. اوهان نوجوان آهيو اوهان کي دين جو ڪم ڪرڻو آهي. آڻ پنهنجو وقت پورو ڪري چڪو آهيان. اوهان جو گردو وڃڻ نه ٿو چاهيان. بس گاڏي ڪري اچو ته واپس هلون. پوءِ سندن حڪم مطابق گاڏي آندي وئي. پاڻ واپس دربار فضل آباد شريف تي موٽي آيا.

حيدرآباد ۽ ڪراچي ۾ لساني جهيڑا: هي اهي ڏهاڙا هيا جو حيدرآباد ۽ ڪراچي ۾ سنڌي مهاجر جا جهيڑا هلي رهيا هئا. سنڌين کي شهرن ۾ هُلي هُلي قتل ٿي ڪيو ويو. ماتلي اچڻ کان پوءِ هفتي ٻئي هفتي حيدرآباد مشين لگرائڻ وڃي ويندا هئاسين. پر سندن طبيعت ڏينهون ڏينهن بگڙندي وئي. تانجو پاڻ اڪثر نمازون ويهي پڙهڻ لڳا. پوءِ اڃا به جسماني ڪمزوري وڌي وئي ته پاڻ مسجد بجاءِ گهر ۾ نمازون پڙهڻ لڳا. عجيب ڳالهه آهي جو جيئن جسماني طرح ڪمزور ٿيندا ويا تيئن سندن روحاني قوت قوي ٿيندي وئي. ان وقت جنهن ڏي نگاهه ڪنداً هئا ته اهو وجد ۾ اچي ويندو هيو. سندن طبيعت مبارڪ تي هڪ عجيب قسم جو رعب ۽ جلال طاري رهندو هيو. سندن دعائون مستجاب هونديون هيون. تن ڏينهن ۾ نئين جماعت کي بيعت ڪرڻ يا ذڪر سمجهائڻ جي ذميداري هن فقير حوالي ڪئي هئائون. پر ڪنهن خوشنصيب جي قلب تي آگر رکندا هئا ته ان وقت ئي ان جي قلب ۾ ذڪر جاري ٿي ويندو هيو. ملڻ وارا ايندا هئا، يا ڪي سائل دعائن گهرائڻ وارا ايندا هئا، پاڻ جيئن زبان مبارڪ مان الفاظ ڪيندا هئا ائين ٿي پوندو هيو. پر خود پاڻ پيڪر رضا ۽ تسليم بنيا وينا هوندا هئا.

حقوق الازواج جي پاسداري: پهريائين پاڻ هڪ رات هڪ گهر واري وٽ ٻي رات ٻي گهرواري وٽ گذارينداً هئا. هن پيرانه سالي ۽ جسماني ڪمزوري ۾ وري پاڻ چار راتيون

هڪ حويلي تہ چار راتيون پي حويلي ۾ وقت ڏيندا هئا. هي فقير يا ادو فضل الله کين اسکوٽر تي کڻي ايندا هئاسين. هڪ ڏينهن ائين ٿيو جو هي فقير به ڪونہ هيو ادا حاجي به اسکوٽر ڪاهي پني تي نڪري ويو هيو. پاڻ صبح جو سوير پيادل پنڌ ڪري ادا خليل الله وارن جي گهر ويا. اهڙي ضعيفي ۾ به عدل انصاف جو ڪيترو خيال ڪن پيا.

اهم ذميداريون: طبيعت جي ناسازي واري انهن ڏاڻن ۾ گهر ۾ جماعت جون سندن اهم ذاتي ۽ نجي ذميداريون هن فقير جي حوالي ڪيائون. جيئن: امامت جو مصلو. نئين جماعت کي بيعت ڪرڻ ۽ ذڪر جي تلقين ڪرڻ. ڪرمپور شريف جي جلسن تي وڃڻ. جماعت جي دعوتن تي وڃڻ. گهر جو خرچ پکو هلائڻ وغيره.

ان ناچاڪائي وارن ڏاڻن جي ڳالهہ آهي هڪ ڏينهن پاڻ بار بار الحمد لله پڙهي رهيا هئا ۽ فرمائي رهيا هئا تہ اي الله تنهنجا هزار احسان هزار ٿورا آهن. تنهنجا سڀ ڪم پلا آهن. اي خدا مون کي ايتري توفيق ڏي جو آءُ تنهنجو فرض جماعت سان ادا ڪري سگهان. تنهنجي دين جي ڪم ۾ مون کان ڪا ڪوتاهي نہ ٿئي. اي خدا! منهنجي حياتي جا پساهہ پنهنجي ياد ۾ پورا ڪرڻ جي عنايت ڪر.

اجتماعي وصيت

24 ذوالقعدہ 1410ھ 18-6-1990ع روز سومر

پاڻ صاحبزاده خليل الله وارن جي گهر هئا. شام جو چار بجي غسل ڪيائون، پوءِ اولهہ واري ديوار جي چانوڻ ۾ ڪٽ تي اچي ويٺا. پويان پٽ سان وهاڻن جي ٽيڪ لڳائي وئي. سڀ گهر جا پاتي سندن پٽ، نياڻيون، گهروارين نُنهون سندن سامهون اچي ويٺا. ان وقت پاڻ هن طرح گفتگو فرمايائون: "جڏهن ماڻهو جي مرڻ جو وقت ايندو آهي تہ هڪ فرشتو اچي چوندو اٿس تہ مان تنهنجي پيارڻ وارو ملائڪ آهيان، ساري دنيا ۾ درياءَ، چشما، تلاءَ پريل آهن پر تولاءِ هڪ ڏڪ بہ ناهي رهيو. وري پيو ملائڪ ايندو آهي، چوندو آهي تہ مان تنهنجي ماني کارائڻ وارو ملائڪ آهيان ساري دنيا ۾ انن جا انبار پيا آهن پر تولاءِ هڪ داڻو بہ نہ بچيو آهي. وري ٽيون ملائڪ ايندو آهي، چوندو آهي تہ مان تنهنجي هلائڻ وارو آهيان. زمينون تمام ڪشاديون آهن پر تنهنجي گهمڻ لاءِ هڪ وک جي جاءِ بہ نہ بچي آهي. تون پاڻ ڪونہ ڪائيندو پيئندو هلندو هئين پر تنهنجي هلائڻ وارا ڪي پيا هئا."

فرمايائون : "اسان جو بہ هاڻي ڪاڏو پيتو هلڻ گهمڻ بند ٿي ويو آهي. جسم ساڃيو آهي پر هلڻ جي سگهہ نہ رهي آهي. عجب ڪندو آهيان تہ ڪيئن هلندو گهمندو هوس. ساري عمر پنهنجي يار جي درجي غلامي ۾ گذاري اڃي ڏاڍهي ڪئي اٿم. هاڻي منهنجي روانگي جو وقت ويجهو آهي.

آءٌ اوهان سيني کي وصيت ڪيان ٿو تہ منهنجي رب جو ذڪر نہ ڇڏجو. سندن ائين چوڻ سان سندن اکين ۾ لڙڪ وهي آيا. سڀ گهر جا پاڻي روئڻ لڳا. فرمايائون: "روئو نہ اهو ڏينهن تہ سڀ ڪنهن تي اچڻو آهي. هاڻ هاڻ جو موت پلو آهي. اهڙو ٿي نہ مرجي جو هر کو دعائون ويلو گهري تہ الله ماريس. سڀ بيزار ٿي وڃن مون تي مالڪ ڪريم سڀ قرب ڪيا آهن. هاڻي ڪابہ تمنا نہ ڪو ارادو رهيو آهي. بس موڪلايون تيار لڳو ويئو آهيان. ڪابہ ڳڻتي فڪر نہ اولاد جو ، نہ مال جو ، نہ ملڪيت جو ، نہ زمين جو ، نہ پويون جو ڪو الڪو اٿم ، نہ ڪو موت جي سختي جو ، نہ اڳتي آخرت جو ئي فڪر اٿم. پير ڪامل اهڙو تہ دل کي صاف ڪري ڇڏيو آهي جو اندر ۾ ڳولي ڏسان ٿو تہ ڪو بہ فڪر باقي نہ رهيو آهي سواءِ هڪ يار جي. توهان کي بہ وصيت ٿو ڪيان تہ پاڻ ۾ قرب ۽ محبت سان رهجو. منهنجي محبوب حقيقي کي گهڻو ياد ڪجو. ڪڏهن بہ رب کي نہ وسارجو. جيڪڏهن رب کي وساريندؤ تہ نہ پگهارون نہ نوڪريون پوريون پوندؤ نہ ڪو فقير ئي توهان وٽ ايندا. ملي چشمي تي هر ڪو ايندو آهي. مٺا چشما بنجي وجو. تهجد نماز پڙهو. الله جو ذڪر گهڻو ڪيو. نماز پائبندي سان پڙهو. رب کي ياد ڪندؤ تہ سدائين سکيا رهندؤ. ڪڏهن بہ ڏک نہ ڏسندؤ. مون کي والد صاحب گهر مان ڪڍيو تہ زمينون سڀ پين پائرن کي ڏنائين. آءٌ پرديسي ٿي خانپور ۾ اچي رهيس رب وري اهڙو ڪرم ڪيو جو اتي بہ چاليهہ جريب زمين ورتي سين. بابو صاحب خود آيو زمين ڏسي چيائين تہ ابا مون تو کي نہ ڏني پر تنهنجي رب تو کي ڏني. رب کي ياد ڪيون ويندا آهيون تہ خوش پيا گذاريون هتي ڏسو تہ زمينون جايون ملڪيتون رب بنائي ڏنيون آهن. ڪابہ تنگي کو نہ ڏني اٿس. توهان بہ منهنجو اولاد آهيو تہ منهنجي يار کي دل سان ياد ڪيو. هڪ ٻئي سان صلح محبت سان رهجو. زالن جي چوڻ تي نہ ٽجو. زالون ويڙهائي جدا ڪنديون آهن.

اسان بہ چار پائر ھئاسون گڏ رھندا ھئا سون پر جيستائين پيءُ ماءُ جيئرا ھئا تہ ھک ٻئي جي گھر ايندا ھئاسين اھي ويا تہ زالن منھنجي ٻائرن کي مون کان پري ڪري ڇڏيو. ھک شخص مري پيو تہ پٽن کي گھرائي ھک ڪائي ڏنائين تہ ھن کي پيجو. ٻگائون تہ پيجي ٻئي. وري بہ ڪائيون گڏائي ڏنائين تہ ھنن کي پيجو. تہ گھٽي زور لائڻ سان ٻڌيون. وري وڏي ھڙ ڏنائين. زور لائي ٻينا پر پيجي نہ سگھيا. چيائون تہ ھي تہ ڪون پيجندي. چيائين جي محبت سان گڏ رھندو تہ ائين ڪو توھان کي نقصان نہ پھچائي سگھندو پر جي جدا جدا ٿي رھندئو تہ دشمن توھان کي پيجي پوري ڇڏيندا. فرمايائون: "ڪرم الله کي پارت ڪيان ٿو ماءُ، ماسي، پائرن پينرن جي، انھن جي سنيال لھندو رھي. ٻيا پائر وري سڀ ان کي وڏو سمجھي ان جا مددگار ٿين. ھي وري ننڍن جي سنيال لھي." ان وقت ھي فقير سائين جن اڇيان روئندي روئندي ڪري پيو . بابا....بابا اھي ڳالھيون نہ ڪيو اھي ڳالھيون نہ ڪيو. الله توھان کي خوش آباد رکي. جدائي جون ڳالھيون نہ ڪيو. پوءِ سڀ گھراٽو زارو زار روئڻ لڳو. پوءِ پاڻ سيني جي حق ۾ خوشحال رھڻ جي دعا گھريائون.

عجيب ڳالھ : 24 ذوالقعد تي پنھنجي پوري گھراٽي کي گھرائي ھي اجتماعي وصيت ۽ نصيحت ڪيائون. ان کان ٽيڪ چار مھينا بعد 24 ربيع الاول تي پاڻ دنيا کان پردو فرمايائون. اھا پنھنجي ٻچن کي سندن آخرين وصيت ھئي.

اَجُ پٽ وايُون ڪَنِ، وَڻجارا وَيجَ جُون؛
ھَلَ ھارا سُپرين، رُئان تان نہ رَھَن؛
آئُون جَھليندِي ڪيترو؟ آيَل! سامُوندبين؛
ٻَڌَہ ڇوڙي جَنِ، وِڌا ٻيڑا ٻارِ ۾.

بيمارين جو غلبو

مُنجھر 15 ربيع الاول 1411ھ 06-10-1990

باري تبارڪ وتعالىٰ جا ولي ہن قسمن جا هوندا آهن. هر قسم جي ولي جون ڪيفيتون جدا هونديون آهن. هڪڙا خواجہ عبيد الله احرار وانگر نازڪ مزاج هوندا آهن اهي ذري برابر تڪليف برداشت ڪري نہ سگهندا آهن. پيا وري هزارين هزار سُورَ سمي بہ مُسڪرائيندڙ هوندا آهن. هڪ بزرگ پئي ڪان پڇيو تہ تنهنجي ولايت جو چا مقام آهي؟ فرمايائين ملندو آهي تہ شڪر ڪندا آهيون نہ ملندو آهي تہ صبر ڪندا آهيون. چيائين اسان جي بلخ جي ڪتن جو بہ حال اهڙو آهي. ان چيو پلا توهان جو ڪهڙو حال آهي؟ چيائين ملندو آهي تہ خيرات ڪندا آهيون نہ ملندو آهي تہ شڪر ڪندا آهيون.

حضرت غوث علي قلندر رحمة الله عليه لکيو آهي تہ هڪ بزرگ پنهنجي خليفي سان گڏ وڃي رهيو تہ واٽ تي هڪ جاءِ تي بہ مجذوب فقير ستل هڻا. ڪنهن مخالف انهن جي سينن تي هرندڙ ٽاندا رکي چڏيا. هڪ فقير جي سيني تي ٽاندا چمڪيا پئي پر ان جي ڪپڙي جي تند بہ ڪونہ پئي سڙي. ڪابہ تڪليف نہ پئي آيس. پئي بزرگ تي ٽاندن اهڙو اثر ڪيو جو جسم پگهر جي رهيو هو. گوشت پُڄي رهيو هيس. بزرگ پنهنجي خليفي کي چيو تہ ٻڌاءِ هنن ٻنهين مان ڪامل ڪير آهي؟ خليفي چيو تہ سائين ڪامل اهو آهي جنهن تي ٽاندا رکيا آهن پر ساڙن نہ ٿا. بزرگ فرمايو ائين ناهي ڪامل اهو آهي جنهن کي ٽاندا جلائي رهيا آهن ڇو تہ هو الله جي عشق محبت ۾ اهڙو مست آهي جو تڪليف جو احساس بہ نہ اٿس ۽ پئي جو ڪجھ خيال خدا ڏي آهي ڪجھ ٽاندن ڏي توجہ اٿس تڏهن اهي نہ ٿا ساڙن. جڏهن ڏيان محبوب ڏانهن هجي تہ زنانِ مصر جون آڱريون ڪٽجي وڃن پر درد جو احساس نہ ٿو رهي.

استغراقي ڪيفيت

آخري ايام ۾ سندن يڪسوئي ڪمال درجي جي هئي. هڪ طرف جسماني تڪليفون جيئن گُردن جي صفائي لاءِ چاتي ۾ نلڪي (Sub deven) لڳل هئي. ڪاهي هٽ ۾ بٽڻ (Festula) 90-9-30 تي لڳايو ويو هيو. ساهہ جي تڪليف بہ هئي.

جسم مبارک تي سوڄ ٿي پئي هئي. جسماني نقاهت جي باوجود صبر ۽ شڪر رضا ۽ تسليم جو عجيب منظر هيو. نہ هاءِ هوءِ نہ شڪوه شڪايت هئي. ڪو عيادت لاءِ ايندو هيو تہ ان کي فرمائيندا هئا. الله جا لک شڪر آهن، خوش آهيان.

ان کان پوءِ وري اڪثر اوقات متن هڪ استغراقي ڪيفيت طاري رهڻ لڳي. ان ۾ هر وقت پاڻ پنهنجي من مشغول رهندا هئا. خاموش خاموش وينا هوندا هئا. خاموش نماڻين نظرن سان هر طرف ڏسندا رهندا هئا. نہ زبان تي حرفِ شڪايت آيو نہ حُسن ڪردار ۾ ڪا ڪمي آئي. ڪيڏي مهل چپ چورييندا هئا الله جا حمد ۽ شڪر پڙهندا هئا. هڪ ڏينهن هن فقير عرض ڪيو بابا سائين خاموش وينا آهيو. ڳالهه هولهه نہ ٿا ڪيو. فرمايائون الحمد لله خوش آهيان. هڪ ڏينهن آهستہ هي رباعي جھونگاريندا رهيا ۽ روئندا رهيا.

خواہم کہ ہمیشہ در ہوائے تو زیم * خاکی شوم و در پاءِ تو زیم
مقصود من ز کونین توئی * از براءِ تو میرم واز براءِ تو زیم

ڇهري جي چمڪ

انهن بيماري وارن ڏاڻن ۾ سندن چهري ۾ بي پناهه نورانيت نمايان نظر ايندي هئي. ڪمري ۾ پاڻ وينا هوندا هئا. ٻاهران اندر اچڻ وارو ائين محسوس ڪندو هيو تہ جڏڪ سندن چهرو چمڪي رهيو آهي. هڪ ڏينهن حاجي محمد پريل شيخ خيرپورناٿن شاهه وارو عيادت لاءِ آيو. پاڻ اندر حويلي اندر ڪيس گهرايائون. جڏهن زيارت ڪري موٽيو تہ چوڻ لڳو سبحان الله حضرت سائين مشوري صاحب رحمة الله عليه کي به مون آخري ايام ۾ ائين ڏٺو هيو پاڻ خاموش وينا هوندا هئا پر گولي وانگر سندن چهرو روشن هوندو هيو.

مزار مبارڪ لاءِ جاءِ جو انتخاب:

ٽن قبن واري غفاري مسجد جي اتر پاسي پاڻ هڪ حجرو ٺهرايو هئائون. جتي پاڻ فراغت جي اوقات ۾ اچي ويهندا هئا. ذڪر وفڪر ڪندا هئا. خلفاءِ ۽ فقراءِ کي خصوصي توجهات سان نوازيندا هئا. مهمانن ۽ مريدن سان ملاقات ڪندا هئا. منجهند جو آرام ڪندا هئا. ان حجري جو نالو "تسبيح خانو" رکيو هئائون. ان ۾ پاڻ پنهنجي نشست گاهه

جي سامهون آقاءِ ڪائنات امام الانبياء ﷺ جي نعلين پاڪ جو نقشو لڳرايو هئائون. ان کي بار بار ڏسندا رهندا هئا. تسبيح خاني جي اتر ۾ پلاٽ ۾ گونيا هجڻ سبب ٽوري کنڊ بچيل هئي. اتي هن فقير پنهنجي لاءِ "خلوت خانو" بنايو هيو. حضرت جن جي وقت ۾ گهٽو وقت اتي اڪيلائي ۾ ويهندو هيس. ڪڏهن ڪڏهن پاڻ ان خلوت خاني ۾ تشريف فرما ٿيندا هئا ۽ ڪرم تي خصوصي ڪرمنوازي فرمائيندا هئا.

علالت واري ايام ۾ هڪ ڏينهن پاڻ فرمايائون ته ان حجري ۾ منهنجي قبر بنائجو. حاضرين سڀ روئڻ لڳا، فرمايائون: "موت ناهي مهٽو شادي ناهي گار". جتي هن وقت سندن مزار آهي اها ئي اها جاءِ هئي جتي پاڻ زندگي ۾ ذڪر فڪر تلاوت ۽ نوافل ادا ڪندا هئا

سنگ مرمر جي پيتي : ٽن پاسن کان پاڻي جون وهندڙ نهرون هجڻ سبب فضل آباد شريف جي زمين ۾ هيٺ زمين نرم ۽ سيلاب گهٽو آهي. سامي جوڙڻ مشڪل آهي. ٽوري ڪڍ کوٽڻ سان اندران پاڻي نڪري پوي ٿو.

بيماري وارن ڏينهن ۾ هڪ ڏينهن مخدوم غلام محمد کي فرمايائون: اسان لاءِ سنگِ مرمر جي صندوق نهرايو. وصال کان مهينو کن اڳ حيدرآباد ۾ نهرائڻ لاءِ ڏني وئي هئي. عجيب اتفاق آهي ته جنهن ڏينهن صندوق نهي آئي، ان جي ٻئي ڏينهن وصال فرمايائون.

سفرِ آخرت

چنچر ڏينهن حيدرآباد ۾ ڊائلاسس ٿي پر پاڻ گهڙي گهڙي فرمائن پيا ته ڳوٺ هلون. گاڏي ڪاهي اچو ته ڳوٺ هلون. غلام محمد صاحب کار ڪرائي آيو. پوءِ جڏهن ڳوٺ پهتاسين ته کين غشي جي ڪيفيت هئي. ڪار مان هٿن تي کٹي گهر آيا سين.

آچر 1990-10-21 جي رات جيئن تيئن گذري آچر جي ڏينهن سارو ڏينهن سندن طبيعت تي غشي واري ڪيفيت رهي. ڪيڏي مهل اکيون مبارڪ کولي فرمائن پيا وضو ڪرايو ته نماز پڙهان. ڪجهه گرهه ماني جا هن فقير هٿن سان کين کارايا. سومر جي رات آئي عشاء نماز مهل هن فقير هٿن سان کير پٽ کنڊ ملائي کين کارايو. ائين ڪاڏائون جيئن صحتمند ڪائيندو آهي. بعد ازان وري کين غشي طاري ٿي وئي.

رات جو ڏهه بجي چانهه جا ٻه چار ڏُڪ ٻه پيتائون. اشارن سان نماز پڙهيائون. وري غش ٿي ويا. رات جو سادي ٻارهين بجي هي فقير اٿي آيو ته پاڻ آرامي هئا. امڙيون سندن پاسي ويٺل هيون. انهن کي عرض ڪيم ته هاٿي اوهين ڪجهه دير آرام ڪيو. آءٌ خدمت ۾ ويٺو آهيان. اهي آرامي ٿي ويون. هن فقير وضو ڪري تهجد جا نفل پڙهيا ۽ پوءِ سندن پرسان ننڍي ڪٽ تي اچي ويهي رهيس. هڪ بجي چاچو عبد الحق ٻه اٿيو هن عاجز چڪاس ڪئي ته نبض جي رفتار بلڪل صحتمندن جهڙي هئي. پاڻ سجاڳ هئا. اکيون مبارڪ ڪليل هيون. هن عاجز هڪ لڳي ڏهن منٽن تي پڇا ڪئي ته بابا سائين طبيعت ڪيئن آهي؟ فرمايائون الحمد لله، الحمد لله. عرض ڪيم اثاري ويهاريان. ڪنڌ جي اشاري سان نهڪر ڪيائون. پوءِ آءٌ پر ۾ ٿي ويهي رهيس. عجيب اتفاق آهي جو ان محل سندن پر ۾ هن فقير کان سواءِ ٻيو ڪو ٻه موجود ڪو نه هيو. چاچو عبد الحق ٻاهر صحن ۾ ويٺل هيو. ٻيا سڀ گهر جا ياتي آرامي ٿي چڪا هئا.

ٽيڪ سوا هڪ بجي سندن ڪاپي ٻانهن ۾ جهڪو محسوس ٿيو ته يڪدم اٿي ٻانهن کي زور ڏيڻ شروع ڪيم ۽ چاچي کي سڏ ڪيم بس ٿي پيرا ٻانهن لُڏي ۽ آهسته سندن زبان مان آواز نڪتو الله الله ۽ دم پرواز ٿي ويو ۽ پاڻ وڃي پنهنجي محبوب حقيقي سان مليا.

اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّا اِلَيْهِ رَاجِعُوْنَ

24 ربيع الاول 1411ھ سومر جي رات هئي. سوا هڪ بجي جو وقت هيو جو آفتابِ ولايت، ماهتاب ڪرامت 63 سالن جي عمر ۾ هن جهان کي الوداع چئي دار البقا جو راهي ٿي ويو.

هاءِ هاءِ سومر جي رات .....حجر ۽ فراق جي رات !! هميشہ واري وڇوڙي واري رات.....

هاءِ اها رات جنهن جي دائماً دهشت دل ۾ رهندي هئي. اسان لاءِ غمن واري رات...

جنهن ۾ هي شاهِ ولايت، قيوم زمان، قطب جهان، غوث دوران، قدوة الاولياء هميشہ لاءِ اسان کي جدائي جو داغ ڏئي وڃي پنهنجي محبوب حقيقي سان مليو.

اے کہ بودی تو جانِ محفلِ ما، دُور رفتی مگر نہ از دلِ ما

اي محبوب تون اسان جي محفل جو ساهه هئين، پري ويو آهين پر اسان جي دل کان کو نه وڃڙيو آهين.

سورن سنگهيڑا ڪيا، مڇي مڇ ويا
عشق آرانيون لائيون سڙي سڪ ويا
اچي ڏک پيا، پريان سندي پار ڪان
لڏيو لطيفن پلاڻي ٻند پيا،
هٿان حبيبن ڪڍهن ڪونہ ڏکوئيو.

ڪرامات بوقتِ وصال:

* پاڻ سچا عاشقِ رسول هئا. رسولِ اڪرم هادیءِ عالم ﷺ سان سندن غلامي جي نسبت ڪامل اڪمل هئي. سندن وصال ٽيهٽ سالن جي جمار مِ ۾ ربيع الاول جي مهيني ۾ سومر جي رات ٿيو.
* غسل ڏيڻ معمل مٹان برسات وسڻ لڳي. حالانڪ گهر ڪان ٻاهر بارش جو نام و نشان بہ نہ هيو. اهي بارانِ رحمت جون ڪٽيون فقط غسل واري جاءِ تي ۾ سندن گهر مٹان ائيون هيون. هن فقير ان معمل غسالن ۾ گهروارن کي چيو ڏسو الله ڪريم پنهنجي پياري ولي جي غسل لاءِ آسماني رحمت نازل فرمائي آهي.
* عين ان وقت جنهن وقت کين تختي تي ليڻايو ويو تہ بجلي بند ٿي وئي. حالانڪ ان وقت بجلي ڪڍهن بہ ڪو نہ ويندي هئي. شايد اهو هن لاءِ ٿيو تہ رب نہ چاهيو تہ مٹان منهنجي محبوب ٻانهي جي مستور جسم مٹان ڪنهن جي نگاه پوي. ان وقت لالٹين آندي وئي ان جي هلڪي روشني مِ غسل ٿيو.
* ان رات ماتلي جي ڪيترن ماڻهن جي مريد بہ نہ هئا انهن مشاهدو ڪيو تہ سندن حويلي مٹان آسمان تائين نور جون لاٽون نظر پي آيون.
* جتي پاڻ ستل هئا. سامهون پيت مِ گهڙيال لڳل هيو. جنهن مِ پاڻ وقت ڏسندا هئا. عين وصال معمل خود بخود گهڙيال بند ٿي ويو ۾ غسل ڏيارڻ بعد جڏهن کين واپس ساڳي جاءِ تي آندو ويو تہ خود بخود گهڙيال چالو ٿي ويو. اهو اشارو هن طرف هيو تہ هن ولي جو ۾ زماني جي نظام جو پاڻ مِ ڪو گهرو تعلق هيو.

غسل ڏيارڻ وارا : مخدوم غلام محمد، فقير محمد رمضان، فقير محمد يوسف، صاحبزاده فضل الله ۾ هي فقير ڪرم الله وغيره.

نماز جنازہ :

سندن وصال جي پيانڪ خبر طوفان وانگر پوري پاڪستان ۾ غم جو غبار بنجي پکڙجي وئي. سندن فراق ۾ هر اڪ اشڪبار هئي. سندن مريدين، متعلقين، دوستن ۽ گهروارن جي دل کي وڏو صدمو رسيو. هر پاسي کان محبين ڪثير تعداد ۾ ڪنا ٽپيا. جڏهن سندن جسم مبارڪ ٻاهر آندو ويو تہ پنهنجا توڙي پراوا، ننڍا توڙي وڏا، پوڙها توڙي جوان زارو زار روئڻ لڳا. ڏڪ ۽ غم جي لهر هر هڪ جي اک کي آلوڪري چڏيو.

24 ربيع الاول 1411ھ (15.10.1990) شام جو چار بجي سندن نماز جنازہ غفاري مسجد ۾ هن عاجز پڑهائي ۽ پوءِ ان نوراني ۽ روحاني چهري جو آخري ديدار ۽ درشن ڪرائي کين دارالنعيم ڏانهن ڪٽي هلڻ لڳا. هزار اشڪبار اکين سان کين خاڪ جي سپرد ڪيو ويو. سندن رحلت تي جڳ رنو، سجڻ تہ رنا پر دشمن بہ لڙڪ روکي نہ سگهيا. پنهنجن تہ رنو پر پراون بہ ڳوڙها ڳاڙيا. سارو آفاق اداس ۽ ويڳاٽو ٿي ويو.

جسد مبارڪ ڪٽي هلڻ محل هن فقير جي زبان تي هي شعر هئا:

سرو سيمينا بصحراء مے روی، سخت بے مہری کہ بے ماے روی

اے تماشا گاہ عالم رو ئے تو، تو کجا بہر تماشا مے روی

مزار پر انوار : پوءِ کين دربار عاليہ فضل آباد شريف ماتلي جي مانَ واري ماڳ ۾ سندن جوڙايل جامع مسجد غفاري جي پرسان سندن عبادت واري جاءِ تسبيح خاني ۾ سندن منتخب ڪيل جاءِ ۾ هزار اشڪبار اکين سان شام جو پوٽين پنج بجي آرامي ڪيو ويو. جتي سندن مزار پر انوار اڄ بہ مرجع خلائق آهي.

قطعہ وصال:

ندیدم مثل تو جاناں، شدم بہر تو دیوانہ، بیا ساقی بہ میخانہ، بدہ یک جرعِ بے غم،

شبِ فُرقت نمی گذرد، چشم از خونَ مے گرید، ترا دلبر نمی بیند، شدم مشتاق محزونم،

عجب او قات آں احسن، مثل سایہ بتو بودم، چرا کردی جدا جاناں، کہ آخر سگ درت بودم،

منم مسکین کرم اللہ، کہ تیرِ ہجر خوردہ ام، کنم فریاد از فرقت، وصالِ یارے جویم۔

بسم الله الرحمٰن الرحيم

كتبہ مزار

سخي پير خواجہ **الاهي بخش**، سڃڻ منهنجو سيني كان سهڻو سُنو.
نہ صورت ۽ سيرت ۽ ٹاني سندن، اسان كي آهي قرب تنهنجي كُنو.
جدائي ۾ جانب جي اكيون رڙن، ڏسو ڇڪ آ مينهن سانوڻ اُنو.
نگاهن ۾ نرمل جي تاثير هئي، سُخن تنهن سڃڻ جو ماكيءَ كان مِٺو.
گهائي گهور اُنجي وڏا سوَ هزار، جهين جهلك هكڙي ۾ جانب ڏِئو.
سندن در تان سوالي نہ خالي وَريو، آيو كو ۾ كهڙو ۾ مُوڙهو مُنو.
ڏيكاري ربي راهہ رانجهن اچي، مِلايئين ٿي هر هك كي جنّت ڇِنو.
شريعت طريقت حقيقت حقي، مِئي معرفت كي كيائين كُنو.
ٽيهٺ سال سهڻي سندي ٿي ڇمار، اوائل ڇوڏهن سو يارهن تنهن ڏِئو.
سومر رات ربيع الاول ماہ هو، ڇوويهين چلي پيو سو ساجن سُنو.
ڏني هر طرف هيءَ هاتف صدا، عشق ۾ هي شمس الشريعت كُنو.

1411هـ

صبر كر اي عاجز "كرم الله" فقير،
ٽيندين جلد تون جانبن سان كَنو.

سندن مزار پر انوار جي پيراندي كان لكيل كتبو.

وصال جو قطعہ:

کجا رفتی کجا بینم ، ترا دلبر کجا جویم،
کجا رفت آں رخ انور، سخن شیریں کجا شنوم۔
جگر زخمی ز فرقت تو، و دل بریاں شدم دلبر،
زمجبوری کنم فریاد ، زائد می شود دردم۔
فراقِ تو مثل محشر، شدہ بر کرم اللہ کمتر،
بیا اے مظہر نوری، ترا فریاد ایں کردم۔

۱۴۱۱ھ

پیرِ ما غوثِ زماں ، رفت آں کامل ولی،
قطبِ دوراں روح عرفاں، رفت آں دلبر دلی۔
کس ندیدہ مثل او صاحب کمال اندر جہان،
عاشق وعارف وعالم بود او شاہ شہاں۔
سال تاریخش چوں جستم، داد ہاتف ایں دلیل،
انت حسبی انت ربی انت لی نعم الوکیل

۱۴۱۱ھ

قبي شريف جي تعمير: سندن مزار مٿان قبي شريف جي تعمير جو ڪم سندن وصال کان جلد بعد سندن مريدين ۽ محبين شروع ڪيو. ڪراچي مان خطيبِ اهلسنت مولانا محمد شفيع اڪاڙوي جي قبي شريف جو نقشو آندو ويو. پنجاب جي مستري محمد اسحاق قبي شريف جو ڪم ڪيو.

باب بارهون

ازدواجي زندگي

حضرت جن جي ازدواجي زندگي نهايت قابل رشڪ هئي. گهر وارن سان وڏي محبت ۽ مروت سان پيش ايندا هئا. جيڏي مهل به گهر ۾ ايندا هئا ته مسڪرائيندا ايندا هئا. پٽن سان پيار، نياڻين سان شفقت، گهر وارين سان عنايت اهي سندن عادتون هيون.

پاڻ ٽي شاديون ڪيون هئائون. هر هڪ بيبي صاحبه مان ڪين اولاد ٿيو. وصال وقت پنهنجي پويان به گهرواريون، نوَ پٽ ۽ آٺ نياڻيون غمزده ڇڏيائون. سندن اولاد فرزند توڙي نياڻيون سڀ شادي شده ۽ اولادي آهن.

حُسنِ سلوڪ

پاڻ پنهنجي گهر وارن سان تمام سهڻي سلوڪ سان پيش ايندا هيا. سنت ۽ شريعت تي عمل ڪرڻ جو تاڪيد ڪندا هئا. گهر واريَن سان پوري انصاف سان پيش ايندا هئا. انهن ۾ خرچ پکي وقت جي ورهاست ۾ مساوات ڪندا هئا.

اعتدال پسندي

سندن گهر ياتي چالين جي لڳ ڀڳ هئا. پاڻ گهر جو خرچ نه فضول خرچي سان نه بخل سان پر وچٿرائي سان ڪندا هئا. هفتي ۾ هڪ ڏينهن گوشت هڪ ڏينهن مڇي باقي ڏينهن سبزي کي پسند ڪندا هئا. گهر ۾ سياري ۾ به وقت ڪاڏو ٿيندو هيو. هڪ صبح جو ٻيو شام جو چار ٻجي. اونهاري ۾ ڪڏهن رات جو دال چانور پسند ڪندا هئا. لوڻ مرچ گيهه وغيره مهيني جو خرچ وٺي رکندا هئا. رمضان المبارڪ ۾ اضافي سامان به ونندا هئا. سال جو ان وٺي گدام ۾ رکائيندا هئا.

رمضان المبارڪ 1410ھ جي ڇاليھ آهي گھر وارن ڪجھ سامان گھريو. پاڻ فرمايائون: "اوھان جيڪڏھن آسمان جي تارن جيترا ٿي وجو تہ بہ توھان جو رزق رب موڪلي ڏيندو". پوءِ ھن مھيني مبارڪ ۾ گھر وارن لاءِ چار ھزار روپين جو ڪپڙو ورتائون ان کان علاوہ گھر وارن مان ھر ھڪ کي ھڪ سو روپيا بہ ڏنائون. ھارن کي بہ ڪپڙا وڻي ڏنائون. گھر جي ڪاڏي لاءِ ٽيھ مڙ ڪڙڪ 96 روپيہ في مڙ جي حساب سان خريد ڪئي وئي. ڪڙڪ مدرسي واري گودام ۾ رکائي وئي. فرمايائون اڄا ڏھ مڙ پيا بہ وڻنداسين.

ننڍڙن سان پيار

ڪين ننڍڙن ھارن سان گھڻي شفقت ھوندي ھئي. انھن کي ڪٽندا ھئا. ڪارائيندا ھئا. پيار سان پاليندا ھئا. فقيرن مريدن جا ٻارڙا ايندا ھئا تہ انھن سان اھڙي ئي شفقت ڪندا ھئا جھڙي پنھنجي ٻچن سان. ھن فقير جي ننڍڙن ساجن ۾ مڙل سان تہ سندن گھڻي محبت ھوندي ھئي. فرمايائون: ٻار گھر جي سونھن ۾ ثمر آھن. ٻار بنا گھر ائين آھي جيئن وڻ بنا ميوي جي. ھڪ ڏينھن فرمايائون: بي اولاد ماڻھو جي اڳيان پنھنجي ٻار کي چمي نہ ڏيو متان ان جي دل افسرده ٿي پوي. ھڪ ڏينھن سندن نياڻي بيبي حميران کين اولاد لاءِ عرض ڪيو پاڻ فرمايائون چار پٽ جمنديئي. خالد، حامد، محمود، مسعود نالا رکجانءِ. الحمد لله ڪيس چارئي پٽ پيدا ٿيا. جيڏي مھل پاڻ ماني کائيندا ھئا تہ ٻارڙن مان ڪو نہ ڪو سندن پاسي ۾ اچي ويھندو ھيو، ھڪ گرھ پاڻ کائيندا ھئا تہ ٻيو گرھ پنھنجي ھٿن سان ان ٻار کي کارائيندا ھئا. ان طرح اسان سيني ٻچن کي پنھنجي ھٿن سان گرھ کارائي پاليائون.

تعليم و تربيت

حضرت جن کي پنھنجي ٻچڙن جي تعليم ۽ تربيت جو گھڻو خيال ھوندو ھيو. روزانو مغرب نماز کان بعد جيئن پاڻ پنھنجي اولاد مان فارغ ٿيندا ھئا تہ سيني ٻچڙن کي نماز جون دعائون، فقھي مسائل سيکارينديا ھئا. اسان سيني پائرن پينرن کي نماز روزي جي ضروري معلومات ننڍپڻ ۾ سندن ئي زبان مبارڪ مان ملي ھئي.

* نماز لاءِ ايندا هئا تہ پٽن کي پاڻ سان ڙلائي ايندا هئا.
* تهجد جي نماز ۾ فجر جي نماز لاءِ پوري گهراٽي کي پاڻ جاڳائيندا هئا.
* گهر ۾ خوش خوش رهندا هئا. ڪڏهن خوشطبعي ۽ ڪندا هئا.
* ٻارن جي پڙهائي جو وڏو اونو هوندو هيون.
* نياڻين کي پاڻ قرآن شريف گهر ۾ پڙهايائون.
* گهر وارن کي لتا ڪپڙا مناسب قيمت جا پهرائيندا هئا.
* عيدن تي پوري گهراٽي کي نوان ڪپڙا ونڊي ڏيندا هئا.
* رمضان المبارڪ جو پورو مهينو، خصوصاً آخري ڏهو، عيدن جون راتيون، شبِ برات ۾ ٻين متبرڪ ڏهاڙن ۾ پاڻ ۽ گهٽو عبادت جو اهتمام ڪندا هئا ۽ گهر وارن کي ۽ اهتمام ڪرائيندا هئا.
* ٻارن تي تعليم ۽ تربيت ۾ مار بجاءِ پيار کي ترجيح ڏيندا هئا.
* ٽنهين ٻيبين جي اولاد سان هڪ جهڙو ورتاءُ ڪندا هئا.
* ٻارن کي ريجهائڻ لاءِ عام طرح عورتون ڪوڙ ۽ هٽنديون آهن ۽ ڪوڙا دلاسا ۽ ڏينديون آهن پاڻ ان جي سخت خلاف هئا. فرمائيندا هئا تہ ٻارن جي تربيت سچ ۽ سمٽن اخلاقن سان ڪرڻ گهرجي.
* ننڍين ٻارن کي ۽ قلبي ذڪر جي اجازت ڏيندا هئا.
* ڪو ننڍو ٻار ۽ ڪا سٹي ڳالهہ ڪندو هيو تہ ان جي قدردائي ڪندا هئا.
* فروٽ ايندو هيو تہ اول ٻارڙن کي ورهائي ڏيندا هئا. وڌيڪ هوندو هيو تہ پاڙي وارن ٻارڙن ڏانهن ۽ موڪليندا هئا.
* فضل آباد شريف ماتلي جي ڳالهہ آهي صاحبزادن مان هڪڙي ڪيڏنڊي پاڙيسري جي ٻار کي ماريو. پاڻ ان پاڙيسري کي گهرائي ان سان معذرت ڪيائون ۽ صاحبزادي کي سخت تنبيہ ڪيائون ۽ اڳتي ائين نہ ڪرڻ جو وعدو ورتائون.
* جڏهن سفر کان ايندا هئا تہ پهريائين گهر ۾ اچي سلام پڙهي نماز ۽ تهجد جو پڇا ڪندا هئا. سفر تي ويندي يا ايندي ٻارن کي مناسب خرچي ڏيندا هئا.

قاضي خدابخش رحمة الله عليه جو اولاد



پهرين گهر واري
حضرت بيبي خاتون رحمة الله عليها
۽ ان مان اولاد

محترمہ بيبي خاتون: هي بيبي سائڻ سندن سؤٽ هئي. پاڻ ان سان 15 صفر 1361هـ بروز جمعہ نڪاح ڪيائون. بيبي سائڻ تمام نيڪ صالحہ ، پرهيزگار ۽ مهمان نواز هئي. سندن حياتي ۾ ئي وفات ڪري وئي. امان سائڻ مان ڪين چار پٽ ۽ چار نياڻيون ٿيون.

1. صاحبزاده باقي بالله

هي صاحبزادو نندپڻ ۾ فوت ٿي ويو. ولادت : 21 شعبان 1370 هـ دوشنبہ وقت شام . وفات : ذوالحج 1378هـ

2. صاحبزاده كليم الله

ولادت : 26 رجب المرجب 1373 هـ وقت صبح صادق. پاڻ نيڪ صورت ۽ نيڪ سيرت جا مالڪ ۽ عالم باعمل آهن. فارسي جا ابتدائي ڪتاب مولانا علي گوهر قمبراٽي وٽ پڙهيا. صرف نحو ۽ فقہ جا ابتدائي ڪتاب جيئن منيۃ المصلي، نور الايضاح قدوري وغيرہ نوڙهي ڳوٺ ۾ استاد العلماء مولانا احمد علي دايو وٽ پڙهيا. درس نظامي جا باقي ڪتاب ۽ احاديث مبارڪ جا ڪتاب شيخ الحديث استاد العلماء حضرت علامہ مفتي ڪريم بخش ميهڙ وارن وٽ پڙهيا. ڪجهہ وقت علامہ يار محمد ﷺ وٽ ب پڙهيا. دورہ تفسير القرآن رئيس التحرير حضرت علامہ فيض احمد اويسي مدظلہ وٽ خيرپور ناٿن شاه واري مدرسي خير العلوم ۾ پڙهيا. اتي سندن هم سبقن ۾ سندن سوٽ مولانا ثناء الله ۽ علامہ محمد ادريس ڏاهري ب هئا. هن وقت پاڻ اصلي ڳوٺ خانپور ۾ مقيم آهن. اسڪول ۾ عربي استاد آهن. حضرت محبوب الاهي ڪين خلافت سان نوازيو هيو. ناسازيءِ طبع جي باوجود هن وقت ب وقتاً فوقتاً تبليغي پروگرام ڪندا آهن. سندن بقيہ احوال خلفاءِ واري باب ۾ ملاحظہ ڪندا.

جڏهن حضرت جن خانپور مان فضل آباد شريف ماتلي منتقل ٿي آيا تہ ان درگاھ ۾ ٻني جي سنيال لاءِ صاحبزاده کليم الله ۾ حسن الله کي رهائي آيا هئا. ان وقت هي فقير (کرم الله) به هاءِ اسکول خانپور ۾ زير تعليم هيو. تنهن وقت ۾ حضرت جن تنهين کي گڏيل خط هنن لفظن ۾ لکيو هيو، خط مان سندن مزاج ۾ تربيت جي انداز کي سمجهي سگهجي ٿو تہ پاڻ اولاد جي تربيت کهڙي طرح کيائون:

بسم الله الرحمان الرحيم

نورچشم و راحت جسم مولوي کليم الله و حاجي حسن الله و کرم الله صاحب!

بعد اسلام عليکم جي لکجي ٿو تہ اسان تمام خوش بهار وينا آهيون توهان لاءِ درگاھ الاهي مان وينا دعا گهرون. مهربان مسجد شريف جو کم چوڌاري ديوارون کيرائي ڏي پي سي کرائي ڇڏي اٽئون. چار هزار روپين ۾ مسجد ساري ۾ مٽي جي پرائي داين کي ڏني اٽئون. مسجد ۾ ويرانڊو پري ويا آهن پرائي سبب مسجد شريف جو کم بند هيو هاڻي ايندڙ ڇنڇر تي کم شروع کيو ويندو به دکان ان ۾ رکرايا اٿم.

توهان لاءِ لکجي ٿو تہ نماز جماعت سان پڙهندا رهجو. جاڻي واڻي وقت نہ قضا کجو گهرجي پاتين کي به نماز لاءِ سخت کوشش کجو ۾ تهجد نماز به پڙهندا رهجو پاڻ ۾ اتفاق سان رهجو. هک ٻئي جي ڏک سک ۾ همدردي کندا رهجو. مڙس ماڻهو ٿي گذارجو. ٻار جي ٻتائي مان عبدالحق کي نو مڙ ڏجو ان سان به چگو سلوک رکيون اچجو. حاجي صاحب وارن جي شادي اگر خلاف شريعت کن تہ نہ وڃجوس. باقي جي دهل ۾ سمرا نہ کن تہ توهان پائرن مان هک وڃي ٿي اچي. ٻي کا به ڏي وٺ نہ کجو پنهنجي الله کي گهٽو ياد کجو. جيکو فقير دعوت کري تہ ان وٽ وڃجو ۾ الله جون ڳالهيون وعظ تبليغ کندا کجو. اسان اهو ملک توهان کي انعام ڏنو اٽئون. غور سان جماعت جي سنيال کندا رهجو. مهمان فقيرن جي دل سان خدمت کندا رهجو. کراڙي فقير جي به چگي طرح سنيال کجو. منهنجا کتاب سوانح حيات ۾ رسالہ غفاري ۾ تحفہ العشاق ۾ التکشف، مسائل سلوک وعظ جو کتاب کنيون ايندا. والسلام

فقير لا شيءِ الاهي بخش غفاري

3. صاحبزاده عطاءُ الله

عطاءُ الله اول جي ولادت : 21 ربيع الثاني 1379 هـ مطابق 1959ع تي خانپور ۾ ٿي ۽ نندپڻ ۾ وفات ڪري ويو.

4. صاحبزاده نجـــي الله

ولادت : 28 رجب المرجب 1387 هـ اربع وقت تمجد نندپڻ ۾ فوت ٿي ويو. سندس وفات بعد حضرت جن سندس مزار تي گهٽو ويندا هئا. هڪ ڏينهن فرمايائون ته : نجي الله کي الله تعالىٰ ولايت جو درجو عطا ڪيو آهي. مان جڏهن به قبرستان ۾ ويندو آهيان ته قبر مان نڪري نمارينڊو آهي.

5. محترمہ بي بي حليمان

ولادت : 14 صفر 1363هـ اربع وقت صبح ٿي هئي. پاڻ نهايت صالحہ عورت آهي. فقير حاجي محمد عثمان جي نڪاح ۾ هئي. تمجد گذار ۽ نيڪوڪار عابده عورت آهي.

6. محترمہ رابعہ (اول)

ولادت : 22 رمضان المبارڪ 1365 هـ اربع وقت صبح .

7. محترمہ رابعہ (ثاني)

ولادت : 21 شوال 1367 هـ جمعي جي رات، آڏي رات مهل.

8. محترمہ بي بي بلقيساءِ

ولادت : 21 محرم الحرام 1376 هـ بروز جمعہ. پنهنجي سوٽ محمد امين جي نڪاح ۾ هئي. حضرت جن جو ساڻس گهٽو راز هيو.

ٻين گهر واري
حضرت بيبي هدايت خاتون
۽ ان مان اولاد

محترمہ بيبي هدايت خاتون: بنت غلام رسول سلمها الله تعالىٰ.

عابده، زاهده، عفيفہ صابره شاكره آهي. حضرت جن ساڻس 22 رمضان المبارک 1374 هـ ۾ نڪاح ڪيو هيو ۽ 2 شعبان 1375 هـ ۾ رخصتي ٿي. امان سائڻ نهايت نيڪ صالحہ تهجد گذار عابده ۽ عارفہ عورت آهي. حضرت پير منا سائين جي مجلسن ۾ ويندڙ هئي. فرمائيندي آهي تہ مون ڪڏهن بہ پير سائين جي حويلي ۾ جُتي ڪو نہ پاتي. ڪڏهن پير سائين جي چهري کي بنا وضو جي ڪو نہ ڏٺم. اڄ بہ پير منا سائين جو نالو ٻڌي سندس اکيون آليون ٿي پوندیون آهن. هن وقت بہ پيري ۽ بيماري جي باوجود بہ ڪڏهن تهجد نماز نہ ڇڏيندي آهي. رات جو اڪثر حصو الله جي ذڪر ۾ گذرندو اٿس. سندس دعائون مستجاب آهن. پاڻ نهايت مهمان نواز آهي. پوري زندگي فقيرن جي خدمت ۾ گذاري اٿس. ٽي پيرا حرمين شريفين جي حاضري پري آئي آهي.

هڪ پيري مڪ مڪرمہ ۾ هٿاسين امان سائڻ کي ڪعبي جي اڳيان ويهاري دعا جي التجا ڪيم. ان مهل جيڪا روئي روئي دعا گهريائين ان جو اثر روزانو روز ڏسندو آهيان. وري جڏهن مدينہ طيبہ ۾ آياسين تہ باب جبريل جي سامهون ويهاري ڪيس دعا جو عرض ڪيم. حبيباڻي حضور ۾ ڏاڍي رقت انگيز دعا گهريائين. الله ڪريم ڪيس صحت سلامت عطا فرمائي. سندس سايو ۽ سندس دعائون اسان متان قائم دائم رکي.

پاڻ فرمائيندي آهي تہ منهنجي دل جي خواهش هوندي هئي تہ الله سائين مون کي اهڙو اولاد عطا ڪر جنهن کي رات جو مصلي تي تهجد پڙهندي ڏسان. الله ڪريم منهنجي اها تمنا پوري ڪئي آهي. سائڻ فرمائيندي آهي تہ حضرت جن سان بستري تي آرامي ٽيندي هيس تہ سندن قلب الله الله جو آواز مان پاڻ ڪنن سان ٻڌندي هيس.

9. صاحبزاده حسن الله

حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه پاڻ شريف ۾ پڙهيا هئا. سندن والد پاڻائي بزرگن جي خليفي جي خليفي ميان محمود رحمة الله عليه جو مريد هيو. ان کري پاڻ پاڻائي بزرگن حضرت ميان حسن الله ۽ حضرت ميان فضل الله پاڻائي کان گهٽو متاثر هئا. پاڻ فرمايائون مون طالب علمي جي دور ۾ تمنا ڪئي هئي ته مون کي پٽ ڄمندا ته انهن مٿان انهن بزرگن وارا نالا رکندس ۽ مون کي الله ۾ اميد آهي ته اهي به انهن بزرگن وانگر صالح ۽ فيض وارا ٿيندا. پوءِ 7 صفر بوقت ظهر سنه 1381 هـ ۾ کين پٽ ڄائو ته ان جو نالو حسن الله رکيائون. کيس وڏي پيار ۽ پاڇوهه مان پاليائون. سندس اخلاقي ۽ روحاني تربيت ڪيائون. سائين حسن الله صاحب جن قرآن شريف استاد الحفاظ حافظ نظام الدين جوٽيجو وٽ پڙهيا. فارسي جا ڪتاب مولانا غلام قادر لغاري وٽ مدرسه خانپور ۾ پڙهيا. پوءِ مزيد مٿيان ڪتاب استاد العلماء مفتي ڪريم بخش ميمڻ وارن وٽ پڙهيا.

صورت ۽ سيرت: اَلوَلَدُ سِرٌ لِاَبِيهِ جي مصداق سندن صورت ۽ قد بت محبوب الاهي رحمة الله عليه سان ملندڙ آهي. طبيعت ۾ منڊاءِ، صورت ۾ سٺا اخلاق ۾ اعليٰ آهن. مهمان نوازي ۽ خدمتِ خلق سندن امتيازي خوبيون آهن. جڏهن درگاهه ڪرمپور شريف نٿي ته حضرت جن ڪيس اتي رهڻ جو حڪم ڏنو. باوجود هزار ڏڪيائين جي حضرت جن جو حڪم مڃي پاڻ بخوشي اتي رهيا ۽ هن وقت تائين اتي ئي مقيم آهن. پري رهڻ سبب صاحبزادن مان ڪنهن ڏاڻهن حضرت جن جا ايترا خط لکيل نه آهن جيترا سندن طرف آهن. پاڻ خطن ۾ اڪثر ڪيس نور چشم و راحتِ جسم حاجي حسن الله ڪري لکندا هئا. سندن مزيد احوال خلفاء جي باب ۾ ملاحظ ڪندا.

شادي ۽ اولاد : سندن شادي مسمات حاڪم زادي سان ٿي. سندن شادي ۾ حضرت جن خود بنفسِ نفيس جلوه افروز ٿيا هئا. کين چار پٽ ۽ ڇهه نياڻيون آهن:

1. شاهه دوران، 2. محمد زمان، 3. الاهي بخش عرف پنهل 4. سعيد احمد.

1. بيبي تسليمان، 2. بيبي سلميٰ، 3. صائمه، 4. حفيظان، 5. فهميده 6. خديجه.

10. صاحبزاده فضل الله

سندن ولادت 10 جمادي الثاني بروز آچر وقت منجهد سنہ 1383 هـ م ٿي. پرائمري تعليم ۾ ميٽرڪ گورنمينٽ هاءِ اسڪول خانپور م ڪيائون. انٽر: گورنمينٽ ڊگري ڪاليج ماتلي مان، بي اي، ايم اي اڪانامڪس سنڌ يونيورسٽي مان ڪيائون. پنجويهه سال کان تعليم ڪاتي سان لاڳاپيل آهن. هن وقت پاڻ تعليم ڪاتي م فرائض سرانجام ڏئي رهيا آهن. ممدان نوازي همدردي، غريب پروري سندن خوبيون آهن. حضرت جن جو ساٽن گهڻو پيار هيو. تانجو جڏهن ماتلي شريف آيا تہ دربار جو نالو سندن نالي جي نسبت سان "فضل آباد" رکيائون.

کين اهو اعزاز حاصل آهي جو حضرت جن جي سڀ اولاد مان سڀ کان اول ۾ حضرت جن جي زندگي مبارڪ م پاڻ حج جي سعادت ماڻي آيا. جڏهن حضرت جن کان موڪلايائون پڻي تہ پاڻ کين روئي رخصت ڪيائون ۾ اتي کين ادب سان رهڻ جو تاڪيد ڪيائون. پوءِ چار مهينا حرمين شريفين م رهڻ بعد جڏهن پاڻ واپس موٽيا تہ حضرت جن کين پاڪر پائي گهڻو گريہ فرمايو هيو.

جن ڏينهن م حضرت جن جي طبيعت مبارڪ ناساز هئي تہ پاڻ حضرت جن جي گهڻي خدمت ڪيائون ۾ هڪ پيرو پنهنجي خون جي بوتل بہ حضرت جن کي ڏني هئائون. سائينجن مٿس تمام گهڻو راضي هوندا هئا.

11. صاحبزاده كرم الله

منهنجي ولادت 29 جمادي الثاني 1385 هـ سومر جي رات تهجد جي وقت درگاهه الله آباد م ٿي هئي. ايندڙ صفحات م پنهنجي زندگي جو مختصر احوال اورينديس. انشاءَ الله **فقير مير ۾ پير** : خليفہ والا شان حضرت روشن علي فرمايو تہ هڪ ڏينهن حضرت جن ننگرخاني م اچي وينا نندڙا صاحبزادا بہ ساٽن گڏ هئا. فرمايائون تہ اڄ هنن جي ماءِ چيو تہ منهنجي ڇوڪرن لاءِ دعا ڪجو. مون چيو تنهنجا ڇوڪرا آهن تہ منهنجا بہ ڇوڪرا آهن. مون هنن لاءِ دعا گهري ڇڏي آهي. "حسن الله فقير ٿيندو، فضل الله مير ٿيندو، ڪرم الله پير ٿيندو." (فوقع كما قال)

12. **محترمہ بيبي صفوران**

سندس ولادت آچر 22 رجب 1378 هـ تي ٿي. حضرت جن جي ساڻس تمام گهڻي شفقت پيار ۽ پاڻهه هوندو هيو. ننڍپڻ کان سندس انگل آرا برداشت ڪندا هئا.

13. **محترمہ بيبي حُميراءِ**

سندن نيڪ نياڻي آهي جيڪا فقير عبد الرحيم جي نڪاح ۾ آهي.

14. **محترمہ بيبي صفيہ**

هي به محبوب الاهي جي دختر نيڪ اختر آهي. فقير محمد يونس جي نڪاح ۾ آهي.

ٽين گهر واري
حضرت بيبي سعيده خاتون
۽ ان مان اولاد

بيبي سعيده بنت حضرت خليفہ ڪمال الدين رحمۃ اللہ علیہ. بيبي سائٽ سان پاڻ 10 رجب المرجب سنہ 1385 هـ شبِ جمعہ نڪاح ڪيائون. سائٽ نهايت صالحہ ۽ عابده ۽ اعليٰ اخلاقن جي مالڪ آهي. سخاوت مهمان نوازي ۽ فياضي سندس گٽ آهن. آڏي مانجهي مهمان کي بکارو نہ چڏيندي آهي.

امان سائٽ کان مون پڇيو تہ اوهان پنهنجي وَرَ کي ڪيئن ڏٺو؟ پاڻ فرمايائين : حضرت جن گهر ۾ نهايت شفيق ۽ خليق هئا. خرچ پڪو درميانو ڪندا هئا. اسراف کان بچندا هيا. سادگي کي پسند ڪندا هيا. ڪاڏي ۾ دال پسند ڪندا هيا. ڪدو شوق سان کائيندا هيا. ساڳ، پلي، ٻهَ سندن پسنديده ڪاڌا هيا. ٻچڙن سان وڏي ٻاجهہ ڪندا هيا. گهروارين سان هڪجهڙو برتاءِ ڪندا هيا. ڪا شيءِ ونڊندا هيا تہ هڪ جهڙي ونڊندا هيا. هڪجهڙو خرچ ڏيندا هيا. مال ڏارڻ پسند ڪندا هيا.

شادي جو منظر : هن امان سائڻ سان حضرت سائين جن جي شادي مبارڪ جو احوال خليفي محمد حسين هن طرح بيان ڪيو تہ خانپور ۾ سائينجن جيڪو ماهوار جلسو ڪندا هٿا. هڪ پيري ان جلسي ۾ تمام گهڻي جماعت آيل هئي. خصوصا لاڙ جا ٽيم چالیھ فقير آيل هٿا. ٽپهري جي نماز بعد حضرت خليفہ محمد موسيٰ اُتي تقرير فرمائي. ان مجلس ۾ ڪافي زميندار ۽ وڏيرا ب وينل هٿا. حاجي امام بخش جوٽيجو سان گڏ خانپور جو وڏيرو ميان ڪريم بخش ڪلهوڙو ب ان مجلس ۾ موجود هيو پاڻ تمام بهترين ۽ هر دلعزيز انسان هيو. سائينجن سان سڌو عقيدو رکندو هيو. خليفہ محمد موسيٰ تقرير ۾ فرمايو تہ مرشدن ڪريمن جا ٽورا ۽ احسان اسان لاهي نہ ٽا سگهون. اسان ڪيترين ب قربانيون ڏيون تہ ب هڪ احسان جو اجورو نہ ٽا ڏئي سگهون. اسان جند جان، مال ملڪيت، پُٽَ اولاد قربان ڪيون تہ ب ملھ انهن جو مهانگو جن اسان کي دين ايمان جي دولت عطا فرمائي. اسان سندن هڪ ٽورو ب لاهي نہ ٽا سگهون. پر پوءِ ب پنهنجي مرشدن ڪريمن جي آڏو اسان لاڙ جا فقير ڪمال الدين جي نياڻي نذرانو ڪري ڪڍي آيا آهيون. پاڻ ڪرم ڪن احسان ڪن اسان لاڙ واري اپري جماعت جو اهو نذرانو قبول فرمائن. ان ٻيبي سان سائينجن پاڻ نڪاح فرمائن. ائين چئي خليفي محمد موسيٰ ﷺ پنهنجي دستار مبارڪ لاهي سائينجن جي پيرن مبارڪن تي رکي جيڪي لاڙ کان آيل جماعت جا فقير 30_40 سيني پنهنجا پٽڪا لاهي حضرت سائينجن جي پيرن مبارڪن تي رکيا. اسان جو اهو نذرانو قبول فرمايو. حاضرين مجلس عجب ۾ پئجي ويا. ڪريمو ميان ڪريم بخش ڪلهوڙو چوڻ لڳو تہ عجب ڳالھ آهي، سائينجن بيشڪ الله وارا آهن جو ماڻهو ميڙين ۾ منتن سان ب هڪ پئي کي سگ نہ ڏيندا آهن تہ هي عجب آهي نياڻي ب ڏين ۾ پٽڪا ب پيرن تي رکن ٿا. پوءِ رات جو نڪاح ٿيو. نڪاح جي دعا خليفہ مولانا محمد اسماعيل پڙهي. فقيرن محبت وارن تمام گهڻيون خوشيون ڪيون. مجلس کان بعد تهجد نماز کان بعد فقير ماستر قادر بخش پنهور ۾ پين سائينجن جي ڏيڏي مبارڪ تي غزل پڙهيا ۽ خوشي جا گيت ۾ سهرا فجر نماز تائين پڙهيا. تمام جماعت ۾ خوشيءَ جي لهر ڇانئجي وئي. امان سائڻ مان جيڪي گلاب جا گلڙا ڇڙا پيدا ٿيا انهن جو احوال هن طرح آهي:

11. صاحبزاده خليل الله

سندن ولادت 1 ربيع الاول 1387هـ جمع جي ڏينهن شام جي وقت ٿي. پرائمري پنج درجا خانپور ضلع دادو ۾ پڙهيائون. بعد ۾ پاڻ انٽر ڊگري ڪاليج ماتلي ۾ ڪيائون. ديني تعليم ۾ قرآن مجيد ناظرہ فارسي، عربي جا ابتدائي ڪتاب حيدرآباد ۾ پڙهيائون. هن وقت پاڻ تعليم ڪاتي ۾ پرائمري استاد جا فرائض سرانجام ڏئي رهيا آهن. دعا شفا ۾ حڪمت ڪندا آهن. پري پري کان ماڻهو وٽن دعا شفا لاءِ ايندا آهن. سندن شادي چاچا عبد الحق جي نياڻي بيبي بختاور سان 12 رجب 1409 هـ مطابق 19.2.1989 تي ٿي. کين ڇهه پٽ ۽ ٽي نياڻيون ڪل 09 ٻار آهن.

1. معين الدين عرف جنيد علي 2. محمد عرف نالي منو 3. محمد سعيد 4. نويد علي 5. جاويد علي 6. سجاد علي . نياڻيون : 1. شيرين 2. نسرين 3. نوشين .

سيرت: پاڻ طبيعت ۾ بيباڪ، ڪشاده دل، همدرد، خوش خُلق، فياض، شب بيدار، مستقل مزاج، حيا ۽ ادب سان گڏ اعليٰ قد ۽ بُت جا مالڪ آهن. عبادت ۽ بندگي ۾ اٽڪ آهن. سندن اڪثر وقت خلق جي خدمت ۾ گذرندو آهي. پنهنجي اهل و عيال سان سٺو سلوڪ رکڻ سان گڏ برادري جا فرائض به سنت ۽ شريعت مطابق ڏيندا آهن.

ٻن صاحبزادن جي شادي جو احوال :

صاحبزاده سائين الحاج فضل الله ۽ صاحبزاده سائين مولوي خليل الله جي شادي جو پروگرام 12 رجب المرجب 1409 هـ جي رات مقرر ڪيو ويو. حضرت مرشد ڪريم قلبي روحي فداه هن فقير (ڪرم الله) کي بروز سومر 28 جماد الثاني 1409 هـ تي ڪرمپور روانو ڪيو. ڪجهه هدايتون فرمايائون .

- اسان توهان کي اڳواڻ ڪري تا موڪليون ان لاءِ ته اڳ ۾ وڃي سمورو انتظام ڪريو ته جيئن ڪوبه ڪم غير شرعي نه ٿئي.
- سڏ انهن ماڻهن کي ڏجو جيڪي نمازي ۽ ديندار هجن اگر نمازي نه آهن ته انهن کي اسان جو نه سڏ آهي نه اُهي اسانجا مائٽ آهن.

- اسان نائين رجب خميس 1409هـ تي ايندا سين ۾ ڏهين تاريخ جي رات رهي صبح جو جمعي جي ڏينهن ڳوٺ رحيم ڏورو ۾ حاجي فضل الله جي شادي لاءِ ويندا سين سو به آءِ ڪونه هلندس جو منهنجي طبيعت ناساز آهي.
- يارهين تاريخ تي صبح جو خانپور خليل الله صاحب جي شادي لاءِ وڃڻو پوندو. پر صبح جو وڃي ۾ ڪلاڪ ڪن ترسي واپس ايندا سين.
- سمورو سامان قنڊر چيلو وغيره وٺي چڏجو.
- ڊائسن واري سان ڳالهائي چڏجو صبح جو ائين ڪٽي ۾ ٻارهين هڪ بجي واپس چڏي.
- فقيرن کي هر پاسي جلسي جون دعوتون ۾ شادي۽ جو سڏُ ڏئي چڏجو.
- تبليغ تي وڃو. جتي نه پهچو تہ اتي خط ڪتابت ڪري چڏجو.
- پاڻ هڪ خط فقير غلام رسول ڏانهن ۾ هڪ خط چاچي عبد الحق ڏانهن لکي ڏنائون.

786

جناب محترم مڪرم غلام رسول صاحب!

اسلام عليڪم و رحمتہ الله و برڪاتہ! جناب عالي اسان پنهنجي صاحبزادي فضل الله جي شادي لاءِ ڏهين تاريخ جمعي جي ڏينهن نائين ڏهين بجي ڪرمپور مان هلندا سين اتي ڪلاڪ ڪن ترسي واپس ايندا سين. اتي پت وغيره ڪونہ ڪبو.

جنهن کي پت ڪائڻو هجي تہ اهو ڪرمپور ۾ اچي ڪائي وڃي. پر هن شرط سان تہ هتي نماز پڙهڻي پوندي. وعظ ٻڌڻو پوندو. باقي اگر ڪنواريتو پت ڪيو تہ هڪ ديگ جو خرچ ڏيندا سين ونواهہ ۾ بہ ڪنوار کي توهان پاڻ ويهاري چڏيندا. خرچ لاءِ بہ سو روپيہ مولوي ڪرم الله اوهان کي ڏئي ويندو ان پروگرام کان ڏروبہ باهر نہ ويندا. زياده خير و السلام

فقير لا شيء الاهي بخش غفاري

ان ئي موضوع جو ٻيو خط چاچا عبد الحق ڏانهن لکي ڏنائون.

جماعت ڏانهن شادي۽ جو دعوت نامو هن طرح لکيائون.

بسم الله الرحمن الرحيم

سيني فقيرن دوستن ۾ مائٽن کي دعوت ڏجي ٿي ته اسان پنهنجي ٻن صاحبزادن فضل الله ۽ خليل الله جي شادي خانه آبادي 12 رجب 1409 هـ مطابق 19 فيبروري 1998ع آچر جي رات چنچر جي شام درگاه ڪرمپور شريف دادو ۾ ڪرائي رهيا آهيون شادي جو طريقو اسلامي هوندو ان ۾ شريڪ ٿيڻ جا ڪجهه شرط آهن.

- توهان کي نماز پڙهڻي پوندي.
- وعظ تقرير ٻڌڻي پوندي.
- موسم آهر بسترو ساڻ آڻڻو پوندو.
- اهو اسلامي طريقو ڏسي سمجهي توهان کي به ائين ئي شاديون ڪرائڻيون پونديون.
- توهان کان سڌ پٽ لک پڙهه وارو ڪجهه به نه ورتو ويندو. باقي بنا لک پڙهه جي اگر ڪو مبارڪي ڏئي ته منع نه آهي.
- نوٽن جا هار وغيره نه وڏا ويندا.
- اسان جو مريد اهو آهي ۽ مائٽ به اهو ئي آهي جيڪو شريعت تي هلي. اسان جو سڌ به انهن کي آهي. فقط و السلام.

فقير لا شيء الاهي بخش غفاري.

پوءِ اها شادي مڪمل طرح شرعي طريقي سان ٿي. پاڻ فقيرن کي فرمايائون ته اسلامي طريقو سکي ونو پوءِ پنهنجي پٽن نياڻين جي شادي به ائين ڪرائجو. نه ريتون رسمون ٿيون نه ساڻ سنوڻ ٿيا. مڪمل سنت مطابق شادي ٿي وئي.

16. صاحبزاده عطاءُ الله

سندن ولادت 2 شعبان 1390هـ آچر وقت صبح خانپور ۾ ٿي. ميٽرڪ ۽ انٽر ماتلي ۾ ڪيائون. بي ايڊ جي ڊگري علامه اقبال اوپن يونيورسٽي اسلام آباد مان حاصل ڪيائون. ناظره قرآن مجيد ۽ فارسي مڪمل ۽ عربي جا ابتدائي ڪتاب مدرسه عربيه انوار الاهي ماتلي ۾ مولانا مولوي گل حسن وٽ پڙهيا.

هن وقت پاڻ تعليم ڪاتي ۾ هڪ بهترين ۽ تجربيڪار استاد آهن. پاڻ نيڪ سيرت، سٺي صورت، خاموش طبع، خوش مزاج، دُور انديش، شفيق ۽ خليق آهن. صوم صلواة جا پابند، سنت ۽ شريعت جا پيروڪار آهن.

شادي ۽ اولاد : حضرت جن جي وصال پُر ملال جي ساڻ چئن مهينن سندن شادي خانہ آبادي پنهنجي سڳي سوٽ بيبي رحيمان خاتون سان ٿي. جنهن مان ڪين الله ڪريم ٽي پٽ ۽ ٽي نياڻيون عطا ڪيون آهن.

1. عطا محمد 2. مير محمد 3. غلام محمد.

1. بيبي بُشريٰ، 2. بيبي آمنہ 3. بيبي بازغہ.

17. صاحبزاده شفيع الله

سندن ولادت 15.3.1974 ۾ خانپور ۾ ٿي. اسڪول جي تعليم ماتلي ۾ مڪمل ڪيائون. بي ايس سي سيڪنڈ ڪلاس ۾ سنڌ يونيورسٽي مان، بي ايڊ سيڪنڈ ڪلاس ۾ علامہ اقبال اوپن يونيورسٽي مان پاس ڪيائون. ديني تعليم شروعاتي حضرت محبوب الاهي ۽ هن فقير (ڪرم الله) وٽ پڙهيا. پوءِ ڪجهہ ڪتاب مولوي عبد الستار لغاري ڪرمي وٽ پڙهيا. درس نظامي جي تڪميل ۽ دورهِ حديث دار العلوم مجدديہ عثمانيہ ٽنڈو مان استاد العلماء شيخ الحديث علامہ مفتي عبدالرحمن وٽ مڪمل ڪري سند الفراغ حاصل ڪيائون. دوره تفسير القرآن پهريون علامہ فيض احمد اويسي وٽ مدرسہ جيلانيہ گمبٽ ۾ پڙهيا ٻيو پيرو مولانا اشرف علي گجراتي وٽ رکن الاسلام حيدرآباد ۾ پڙهيا. پوءِ سند الفراغ شهادة العالميہ بہ حاصل ڪيائون.

سيرت : پاڻ عالم باعمل آهن. صورت ۾ سهڻا، اخلاق ۾ من مٺا آهن. تقرير پر تاثير ڪندا آهن. هر هڪ سان مهر ۽ محبت سان پيش ايندا آهن. سدائين مرڪندڙ چهري وارا هوندا آهن.

هن فقير ڪين سلسلہ عاليہ نقشبنديہ جي خلافت بہ ڏني آهي. پاڻ سُنا شاعر بہ آهن:

سندن هڪ شعر ملاحظہ ڪندا:

غزل:

ڪري ويا ويڳاٽو ويُس ٽي نِماٽو، روئي رات ساري پُسايم وهاٽو.
لٽي دل ڪٽي ويا هٽي دل ڪي ڏاڙو، ويو آ وڏي اڄ منهنجو روڄ راڙو،
جدائي جي سورن خاطر سِرُ ساماٽو.
ڪيو قرب ڪيڏو قربين مون سان آ، ڪئي هر شئي تن متان مون فدا آ،
تڏهن تن متان مان بہ آهيان وڪاٽو.
منهنجا سمٽا سانگي سدا سُونهن وارا، ٽي ساريان انهن ڪي سڃا ڏينهن سارا،
روئي روئي راتيون ويس ٽي مان ساٽو.
پڇن مون کان ماڻهو آهين ڇو منجهايل، اٽئي اي "شفيع الله" ڪٽي دل وڪاٽل،
ڏسڻ ۾ اچين ائين جيئن گل ڪوماٽو.

اولاد سان پيار: حضرت جن کي پنهنجي اولاد سان گهڻو پيار ۽ شفقت هوندي هئي. جڏهن پاڻ حج تي پئي ويا تہ پنهنجي سهري حضرت ڪمال الدين کي هنن لفظن ۾ خط لکيائون:

بسم الله الرحمان الرحيم

اشفق شفيق احسن الخليق جناب ميان ڪمال الدين صاحب

بعد اسلام عليڪم ورحمة الله وبرڪاتہ مطلب تہ غريب نواز اسان جا پيارا پڇا پار توهان ڏانهن موڪليا اٿم انهن جو ڪو خيريت جو حال احوال ڪو نہ لکيو اٿو. دل تمام اداس آهي. الائي ڪيئن گذاري رهيا آهن. انهن جي پڙهڻ وغيره جو ڪو حال احوال ڪو نہ تا ڏيو. خليل الله ۽ عائشہ جي پڙهائڻ جي گهڻي ڪوشش ڪندا. قرآن جو سبق پاڻ ڏيندا ۽ اسڪول ۾ بہ موڪليندا. وڌيڪ خوشخبري ٻڌندا جو اسان جي پاران ميان شير محمد مهاجر 10968 روپيہ حج لاءِ پياريا آهن. ذوالقعد جي آخرين تاريخن ۾ اميد تہ هوائي جهاز ۾ حرمين شريفين وڃڻو پوندو. خاص تاريخ کا نہ ٻڌائي اٿن. جڏهن وڃڻ ٽيندو تہ اطلاع ضرور ڪندا. اسان هت خوش آهيون فقط نعمت الله ۽ شفيع الله جي هولين هولڙ جو جڏهن يادگيرو پوندو آهي تہ دل اداس ٽي ويندي آهي. اسلام عليڪم جملہ فقيرن ۽ اهل عيال کي ڏيندا.

فقير لاشيء الاهي بخش غفاري خانپوري

18. صاحبزاده نعمت الله

ڪُنيت : ابوالوفا. تخلص : گل.

سندن ولادت 3.3.1977 تي خانپور ۾ ٿي. بنيادي اسلامي تعليم مولوي عبدالستار لغاري، ۾ هن عاجز (ڪرم الله) وٽ پڙهيا. پوءِ ڪجھ ڪتاب خود حضرت محبوب الاهي وٽ پڙهيا. حضرت جن جي وقت ۾ هن فقير هڪ سلسلو شروع ڪيو هيو ۽ ان کي فقهي مسائل، نعت خواني ۾ تقرير سيکارڻ جو. تن ڏينهن ۾ صاحبزاده نعمت الله نندڙو هيو پر تقرير ۾ سڀني کان پڙ هيو. پوءِ هڪ ڏينهن حضرت جن جي اڳيان جوشيلي تقرير ڪيائين پاڻ ڏاڍو خوش ٿيا. حضرت جن جي وصال بعد هي فقير ڪيس ڪٽي وڃي ويو. اتي سندس هٿ استاد العلماء علامہ مفتي عبد الرحمان جي هٿ ۾ ڏئي ڪين عرض ڪيم تہ هي منھنجو نندو ياڻ آهي هي مون کي عالم بنائي ڏيو. پوءِ پاڻ ڪيس پڙهائي عالم بنائي فرمايائون پنھنجي امانت واپس وڃو. مفتي صاحب جن جا لک ڪورا الله ڪريم ڪين ان علمي خدمت جو بهتر صلو عطا فرمائي. فجزاه الله خير الجزاء.

پوءِ صاحبزادي صاحب جن شهادة العاليہ ۾ شهادة العالميہ تنظيم المدارس لاهور مان ممتاز ڊگري ۾ پاس ڪئي آهي. تجويد بہ ڪٽي ۾ پڙهيا هئا.

عصري تعليم : پاڻ ميٽرڪ گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول ماتلي مان انٽر ڊگري ڪاليج ماتلي مان ۾ بي اي سنڌ يونيورسٽي مان ۾ ايم. اي اسلاميات سنڌ يونيورسٽي مان پاس ڪيائون. هن وقت پاڻ دربار فضل آباد شريف جي مدرسہ عربيہ انوار الاهي جا صدر مدرس هجڻ سان گڏ سرگرم مبلغ پڻ آهن. سلسلہ نقشبديہ جي اجازت هن فقير کين ڏني آهي. پاڻ نهايت بااخلاق عالم باعمل آهن. هر ڪنهن سان مهر ۾ محبت سان پيش ايندا آهن. تقرير ۾ تحرير جو قادر ڪريم کين ملڪ عطا ڪيو آهي.

شهر شادي لارج ضلعي بدين ۾ هڪ ادارو جامعہ نعمت العلوم ۾ جامع مسجد نقشبنديہ سندن زير اهتمام آهي. جتي پاڻ هر جمعہ نماز پڙهائيندا آهن ۾ اتي هر مهيني ۾ هڪ ديني اصلاحي جلسو بہ ڪندا آهن.

تصنيفات : پاڻ کافي کتاب ۽ لکيا اٿن جن مان کجھ ٿ ڇپجي چڪا آھن.

1. نورالهدیٰ في ذكر المصطفيٰ ﷺ : هن کتاب ۾ سيد الاولين والآخرين جي خصائل ۽ شمائل جي ذکر سان گڏ سھڻي سردار مدني محمد مختار ﷺ جي ذات اقدس متعلق نور ۽ بشر جي عقيدي کي قرآن، حديث ۽ علماء راسخين جي اقوال سان بيان کيو اٿن.

2. احسن الكلام في غيب خير الانام عليه التحية والسلام : هن کتاب ۾ حضور انور ﷺ جي علم غيب متعلق مدلل بيان کيو اٿن.

3. قرة العينين في تقبيل الابهامين : هن کتاب ۾ اسم محمد ﷺ جي تعظيم و توقير ڪرڻ ۽ اذان ۾ آڱوٺن چمڻ واري عقيدي جي شرعي حيثيت کي واضح کيو اٿن.

4. سيوا ڪر سمنڊ جي : هن کتاب ۾ قرآن ۽ حديث مان اخذ ڪيل ايمان افروز روايات کي سھڻي سلوٽي آسان سنڌي ۾ تحرير کيو اٿن.

5. نعمتِ خطابت : هي کتاب واعظين ۽ مبلغين لاءِ انمول تحفو آهي جنهن ۾ پارهن مهينن جا وعظ قرآن، حديث، تفسير ۽ اقوال علماءِ سان مدلل بيان عاليشان لکيل آهن.

6. اندر تون اُجار : تصوف جي موضوع تي هي عمدو کتاب آهي.

7. بياض نعمت : (مخطوط)

8. اندر جو آواز : سندس شاعري جو مجموعو (مخطوط)

9. **نعمتِ عظميٰ**: هن کتاب ۾ سرور عالم ﷺ جا فضائل ۽ شمائل بيان ٿيل آهن.

10. **تحديثِ نعمت**: هن کتاب ۾ ميلاد مصطفيٰ ﷺ ملهائڻ جا ثبوت بيان ٿيل آهن.

سندس شاعري جي جھلڪ:

مصطفيٰ مدني پيارو نور نور ، آمنه جو لعل پيارو نور نور.
جائو مرسل آمکي ۾ مومنو، اتر اوپر بزم سارو نور نور.
بت کريا سجدي اندر عربي ڏسي، هر طرف ٿيو کفر کارو نور نور.
گلن ۾ ٿن آسمانن ۾ خوشيون، آغريبن جو سھارو نور نور.
"نعمت الله" پيو ملهاءِ ميلاد تون، رک عقيدو عشق وارو نور نور.

19. صاحبزاده حبيب الله

پاڻ حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه جا آخري شهزادا آهن. ڪجھ ديني تعليم حاصل ڪرڻ سان گڏ انٽر پاس آهن. هن وقت تعليم ڪاتي ۾ خدمتون سرانجام ڏئي رهيا آهن. پاڻ حسين صورت ۽ حسين سيرت جا مالڪ آهن. شاعري ۾ بهترين ڪندا آهن.

سندن اڪر ۾ تمام سٺا آهن.

صاحبزاده حبيب الله جي شاعري سندس هٿ اکر:

20. صاحبزادي غلام عائشه

ولادت خانپور: 12 جمادي الثاني 1388 هـ اڳاڙو وقت تهجد. پنهنجي سوٽ عبد الرحمان بن عبد الحق جي نڪاح ۾ آهي. ڪيس هڪ پٽ محمد علي ۽ چار نياڻيون: ياسمين، عنبرين، سمرين، نورين نالي ٽي نياڻيون آهن.

21. ببي حرمت خاتون

هي حضرت جن جي لاڏلي نياڻي آهي. پاڻ مڱس پنهنجي والده ماجده جو نالو رکيائون. پنهنجي سوٽ عبد الجبار بن عبد الحق جي نڪاح ۾ هئي، جيڪو هڪ رودِ حادثي ۾ شهيد ٿي ويو. انا لله وانا اليه راجعون.

22. ببي نسيما خاتون

هي حضرت جن جي سڀ کان ننڍي نياڻي آهي. سندس رهائش دربار فضل آباد شريف ماتلي ۾ آهي. الله کريم محبوب الاهي جي پوري گهراٽي کي شاد ۽ آباد رکي.

سجاده نشين

سنڌ ۾ هڪ رسم هلندڙ آهي ته: پير جي گادي جو حقدار ان جو وڏو پٽ آهي. منهنجا وڏا پائر مون کان هر لحاظ ۾ وڏا آهن. پر منهنجي نظر ۾ منهنجا ننڍا پائر به علم ۽ عمل ۾ صورت ۽ سيرت ۾ مون کان هر حال ۾ وڏا، بهتر، برتر، لائق ۽ فائق آهن. آءٌ پنهنجي سڀني پائرن ۾ قد ۾ ڪوتاهه، علم توڙي عمل ۾ ڪوتاهه آهيان. اها ڳالهه منهنجي وهم ۽ گمان ۾ به نه هئي ته حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه جهڙو عظيم عالم، ڪامل اڪمل ولي الله سنڌ جي قديم رسم کي ٽوڙيندي سندن حال حيات فرزندن مان چوٿين نمبر مون جهڙي بدڪار گنهگارپٽ کي پنهنجو سجاده نشين بنائيندو. آءٌ نه ان منصب جو لائق هيس نه وري اڄ به پاڻ کي ان منصب لاءِ مناسب سمجهان ٿو. پر هي انهن جي نگاهِ انتخاب هئي. پاڻ هن ڪمترين بندي کي پنهنجي عمر ۾ ئي پنهنجو سجاده نشين بنائي ۽ جماعت جو ڳرو بار هن ناتوان کلهن مٿان رکيائون. جيئن ته ڪنهن به بزرگ جي سوانح جو بيان تيستائين مڪمل نه ٿو ٿئي جيستائين ان جي سجاده نشين جو ذڪر نه ڪجي.

صاحبِ سوانح ڪنهن کي پنهنجو جانشين بنايو ۽ سندس بعد سندس جاري ڪيل مشن هلندڙ آهي يا رُڪجي وئي. اصل ۾ سجاده نشين جو ذڪر به ان بزرگ جي سوانح جو ئي حصو هوندو آهي. ان ڪري آءٌ پنهنجي ذاتي حيثيت سان نه پر

حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه جي سجاده نشين جو تعارف پيش ڪري سوانح ڪي مڪمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهيان. سو ۽ بطور تحديث نعمت جي جسارت ڪري رهيو آهيان. واما بنعمة ربك فحدث

منهنجو تعارف:

امت ساري توڙي پوري جماعت الاهي غفاري ۾، سيني کان گدلو ۽ گنهگار، بي عمل ۽ بيڪار، برو ۽ بدڪار، بدعمل ۽ سيه ڪار، نفساني خواهشن ۾ گرفتار ڪمترين ڪرم الله عفي عنه ايڏين اوڻائين، برائين ۽ بداعمالين جي باوجود باري تبارڪ وتعالىٰ جا مون مٿان ايڏا عظيم احسان ۽ ٿورا اپار ۽ بيشمار آهن جي ڳڻيڻ ۽ ڳائڻ کان گهٽا آهن.

ان مون مٿان اهڙيون مهربانيون ڪيون آهن جيڪر ساري عمر شڪراني جي سجدي ۾ گذاري ڇڏيان تہ بہ شڪر ادائي جو حق ادا ڪري نہ ٿو سگهان.

- ولیہ ڪامل جي بطن مان منهنجي ولادت ٿي.
- الله جو ڪامل اڪمل ولي الله منهنجو والد گرامي آهي.
- ننڍپڻ کان الله الله چوڻ وارن جو ماحول مليو.
- منهنجي ولادت 29 جمادي الثاني 1385 هـ رات سومر وقت تهجد ٿي.

منهنجي جم جي تاريخ پاڻ پنهنجي قلمي بياض ۾ هنن لفظن ۾ لکي اٿن.



- قرآن شريف الله جي ولي استاذ محترم حافظ نظام الدين وٽ پڙهيس.
- فارسي جا استاد: استاذيم مولانا مولوي ڏٽي بخش لغاري ڳوٺ راوت لغاري ﷺ پيو استاذيم مولانا مولوي فيض محمد ڪوسو. مدرسہ رياض الهديٰ خانپور.
- استاذيم محترم مولانا مولوي غلام قادر لغاري، مدرسہ عربيہ رياض الهديٰ خانپور. جنهن وٽ صرف ۽ نحو پڙهيس.
- استاذيم محترم مولانا مولوي گل حسن سومرو. مدرسہ عربيہ انوار الاهي فضل آباد ماتلي. وٽس درس نظامي جي ڪورس جا ثانيہ، ثالثہ ۽ رابعہ جا ڪتاب پڙهيس.

ان کان پوءِ درسِ نظامي جي تکميل بمعہ دوره حديث سندم والد کريم حضرت محبوب الاهي ﷺ وٽ مڪمل ڪيم. اللهم لک الحمد ولک الشکر

* قرائت استاذيم حضرت قاري غلام حيدر تونسوي وٽ پڙهيس.
* احاديثِ نبويہ جي اجازت استاذ العلماء شيخ الحديث والتفسير علامہ فيض احمد اويسي وٽان حاصل ٿيم. انهن پنهنجي شاگردي جي سند بہ عنايت فرمائي.
* سترهن حديثون مسلسل سَنَد سان جن ۾ مصافحہ واري حديث بہ شامل آهي سي عرب عجم جي استاد، استاد الکل حضرت سيد محمد بن علوي المالکي المکي کان بمعہ سند سماعت ڪيم ۽ روايت ڪرڻ ۽ مصافحہ جي لکت ۾ اجازت عنايت فرمايائون.
* بخاري، مسلم، مؤطا امام محمد، مؤطا امام مالک ۽ شمائل ترمذي جي اجازت سماعۃً ۽ قراءۃً شيخ حبيب الله مدني کان حاصل ٿي.
* ڪتب الستہ جي روايت جي اجازت استاذيم علامہ احمد ڪوهستاني کان بہ آهي، جيڪي علامہ امير محمد امينياڻين وارن جا ۽ شيخ احمد مدّائي جا سڌا شاگرد آهن. پاڻ سراجي شيخ الاسلام علامہ محمد قاسم مشوري ﷺ وٽ پڙهيا هئا.
* بخاري جي روايت جي سند هن فقير کي مولانا جلال الدين جمالي کان بہ آهي.
* حضرت علامہ محمد قاسم عباسي نصير آبادي کي شمس العلماء علامہ تاج محمد آريجوي کان ڪتبِ فقہ ۽ ڪتبِ احاديث جون اسناد حاصل آهن. پاڻ انهن اسناد جي اجازت هن فقير کي عنايت ڪيائون.
* يوم عاشوراء واري حديثِ مسلسل جي سماعت ۽ اجازت سيد محمد بن علوي کان علاوه
* استاذيم شيخ علي احمد سنديلي کان بہ آهي. شيخ سنديلي کان بيضاوي جي مختلف طُرق سان اٺيہ اسناد سان اجازت جو شرف بہ حاصل آهي.
* سلسلي عاليہ نقشبنديہ جا اسباق دائره لاتعين تائين سندم مرشد کريم حضرت محبوب الاهي رحمۃ الله عليه وٽ مڪمل ڪيم.
* سلسلہ عاليہ قاديريہ جي تکميل جي اجازت بمعہ سند شيخ المشائخ حضرت سيدي محمد بن عبد الکريم بغدادي زيد مجده پنهنجي مبارڪ هٿن سان عنايت ڪئي.

سند

حدثنی السید محمد بن علوی بن عباس المالکی قال وحدثنا ایضا بحدیث یوم عاشوراء الشیخ حسن المشاط والشیخ محمد یاسین الفاداني کلاهما عن الشیخ عمر حمدان فی یوم عاشوراء قال حدثنی به السید علی الوتری فی یوم عاشوراء قال أخبرنی احمد بن متالله الازهری فی یوم عاشوراء قال أخبرنی محمد الامیر الکبیر فی یوم عاشوراء ۰ ح وقال الشیخ عمر حمدان ایضا سمعته فی یوم عاشوراء من العلامة السید ابی الحسن علی البیلاوی عن الاستاذ ابن علی حسن العدوی الحمزاوی سماعا علیه فی یوم عاشوراء عن الشیخ مصطفی البولاقی ومحمد الامیر الصغیر سماعا علیهما فی یوم عاشوراء قال کل منهما أخبرنی محمد الامیر الکبیر فی یوم عاشوراء قال فی ثبته من طریق الغیطی أخبرنی الشهاب أحمد الجوهری الکبیر قال أخبرنی عبدالله بن سالم البصری قال أخبرنی الشمس محمد البابلی قال أخبرنا سالم بن محمد السنهوری قال سمعت النجم محمد بن أحمد الغیطی عن أمین الدین محمد بن أبی الجود بن النجار امام جامع الغمری عن فخر الدین محمد السیوطی یوم عاشوراء بقراءة عثمان الدیمی عن ابی الفرج بن الشحنة یوم عاشوراء عن ابی الحسن علی بن اسماعیل بن قریش فی یوم عاشوراء عن عبدالعظیم المنذری فی یوم عاشوراء عن ابی حفص عمر بن طبرزد عن ابی بکر محمد بن عبدالباقی الانصاری أخبرنا ابو محمد الحسن بن علی الجوهری أنبأنا ابو الحسن علی بن محمد بن احمد بن کهسان أنبأنا یوسف بن یعقوب القاضی قال أنبأنا ابو الربیع قال أنبأنا حماد بن زید عن غیلان بن جریر عن عبدالله بن معبد الزمانی بالمیم عن ابی قتادة قال: ان النبی ﷺ قال "صیام یوم عاشوراء انی أحتسب علی الله ان یکفر السنة التی قبلها"۰ قال الامیر وقال کل واحد من الرواة سمعته فی یوم عاشوراء ۰ وحدثنی ایضا العلامة الشیخ السید محمد امیر الشاه الکیلانی القشاوری فی یوم عاشوراء ۱۴۲۵ھ السابع الشامة صباحا فی منزله بکه توت القشاور ، قال حدثنی العلامة الحافظ کل فقیر احمد فی یوم عاشوراء قال حدثنی المحدث الشیخ محمد ایوب القشاوری فی یوم عاشوراء قال حدثنی العلامة السید محمد علی الوتری فی یوم عاشوراء بسند المتقدم ۰

قد أجزت روایته عنی بهذه الاسناد وغیرها فلأخ الصالح الفاضل فضیلة الشیخ الاستاذ محمد یرحمکم الله المحفظ الجلال واولاده وذریاتی بتقوی الله تعالی فی السر والعلن وصالح الدعوة لی ولوالدی ولساتذتی واشیاخی رحمهم الله تعالی اجمعین ۰

وعلی هذا جری التوقیع من المجیز

التاریخ ٦ ربیع الاول ١٤٣٠ھ
٢٠٠٩ / ٣ / ٤

عبدالله السید علوی المالکی

استاد سندیلی مدظلہ کان عنایت ٹیل سند

بسم الله الرحمن الرحيم

الإجـــــازة

الحمد لله الذي رفع لمن وقف ببابه قدراً ، وأعلى لمن انتسب لعزيز جنابه ذكراً ، والصلاة والسلام على سيّدنا محمد الذي جرى الماء النمير من بين أصبعه وبنانه وتفجّرت ينابيع الحكمة من قلبه ولسانه وعلى آله الأطهار وصحابته الأخيار ماتعاقب الليل والنهار .

أما بعد : فإن الأخ : .....

قد أحسن ظنه بي فطلبني أن أجيزه في جميع مروياتي عن مشايخي فأقول : إنني قد أجزت الأخ المذكور في كل ماتجوز لي روايته من معقول ومنقول وفروع وأصول كما أجازني بذلك أشياخي الفحول أخص بالفضل منهم والدي وسندي ومربّي روحي وجسدي السيّد علوي بن عباس المالكي الحسني المتوفى سنة ١٣٩١هـ والشيخ محمد يحيى بن الشيخ أمان المتوفى سنة ١٣٨٧هـ والشيخ محمد العربي التباني المتوفى سنة١٣٩٠هـ ، والشيخ حسن بن سعيد يماني المتوفى سنة ١٣٩١هـ ، والشيخ محمد الحافظ التيجاني المصري شيخ الحديث بمصر المتوفى سنة١٣٩٨هـ ، والشيخ حسن بن محمد المشاط المتوفى سنة ١٣٩٩هـ ، والشيخ محمد نور سيف بن هلال المكي المتوفى سنة ١٤٠٣هـ.

نسأل الله تعالى أن يرزقنا كمال متابعته صلى الله عليه وسلم وأن يحشرنا ووالدينا ومشايخنا وأحبابنا وكل من له تعلق بنا في زمرته وتحت لوائه صلى الله عليه وسلم .

وإني أوصي المجاز له أن لاينساني من دعواته في خلواته وجلواته خصوصاً في أوقات السحر أمدنا الله وإياه بمدده الأسنى وختم لنا وله بالحسنى في جوار المصطفى صلى الله عليه وسلم وعلى آله وأصحابه وأزواجه وذريانه والتابعين لهم بإحسان إلى يوم الدين .

كتبه

السيّد محمّد بن السيّد علوي

ابن السيّد عبّاس المالكي المكي الحسني

خادم العلم الشريف بالبلد الحرام

استاذ العرب والعجم سيد علوي مالكي كان مليل سند

بسم الله الرحمن الرحيم

الحمد لله سند من لا سند له وأفضل الصلوات وأزكى التحيات وأتم السلام على سيّد الكرام وسند الأنام منتهى سلاسل الأنبياء العظام وعلى آله وصحبه رواة علمه وورعة أدبه ومن تبعهم بإحسان، صلوة وسلاما تدومان علي تعاقب الملوان. وبعد:

قد طلب مني الأخ الفاضل فضيلة الشيخ الاستاذ [illegible] حفظه الله تعالى

إجازة الحديث النبوي الشريف وما أنا أهلٌ لذلك ، ولا من فرسان تلك المعارك ولكن حسن ظن منه وحسن الظن أحسن المسالك ، فها أنا أجيزه بجميع ما تصحّ لي روايته ودرايته من المنقول والمعقول والأصول والفروع عن مشايخي الأجلاء هم بدور أهلاء منهم من قرأت عليه الحديث النبوي الشريف فشرفني بالإجازة بالسند المتصل إلى سيدنا الحبيب الأعظم عليه الصلاة وألف سلام ومنهم من لازمته وأخذت منه العلوم الإسلامية فأجازني، ومنهم من أجازني تبركاً بالأسانيد المتصلة، فعدد مشايخي يجاوز أربعمائة، جزاهم الله تبارك وتعالى عني وعن أهل العلم خير الجزاء وجمعنا معهم فسيح جناته آمين.

هذا وأوصي المجاز بتقوى الله في السّر والعلن وباتباع سنن سيدنا رسول الله صلى الله عليه وسلم، والتمسك بعقيدة أهل السنة والجماعة والاجتناب من أهل البدع والهوى، وأن لا يخرجني من خاطره ولا ينساني من دعواته في جلواته وخلواته وسائر أوقاته وسائر المؤمنين والمؤمنات.

وأجيزه بما احتوى عليه ثبتي هذا الذي جمعه لي ابني العزيز الفاضل محمد منور عتيق شرح الله صدره ونفع الله بنا وبه، والذي وكلته أن يعطي عني هذه الإجازة لمن شاء من أهل العلم والفضل بشرطه المعروف عند أهل هذا الفن.

التاريخ ٦ ربيع الأول شريف ١٤٣٠هـ وأنا الفقير إليه تعالى
رقم الإجازة ١٩١ ٢٠٠٩/٣/٢٤م خادم التفسير وعلوم الحديث والفقه الحنفي
بمدينة لاهور باكستان محمد المنور عتيق الله
علي أحمد السندهلوي غفر له

ياهو

بسم الله الرحمن الرحيم

إجازة الإرشاد

قال تعالى : «ومن احسن قولاً ممن دعى الى الله وعمل صالحاً .
وقال تعالى : «ادع الى سبيل ربك بالحكمة والموعظة الحسنة وجادلهم بالتي هي احسن» .
وقال تعالى : «كنتم خير امة اخرجت للناس تأمرون بالمعروف وتنهون عن المنكر» .
قال (ﷺ) : جئنا لأتمّ مكارم الأخلاق .
وقال (ﷺ) : حدثوا عني ولا تكذبوا علي .
لقد أجزنا للمرحوم «كرم» ابن «المرحوم» بالارشاد واعطاء البيعة القادرية حسب اوامر الدين الاسلامي والعمل بالكتاب والسنة وسيرة سلسلة مشايخ طريقتنا العلية وانه هو انفادي من الضلال .

☆ كيفية إعطاء الطريقة القادرية ☆

أعوذ بالله من الشيطان الرجيم بسم الله الرحمن الرحيم اشهد ان لا اله الا الله واشهد ان محمداً رسول الله . آمنت بالله وملائكته وكتبه ورسله واليوم الآخر وبالقدر خيره وشره من الله تعالى وأسلمت ان سيدنا محمد خاتم النبيين والمرسلين ... يا ربي التوبة ...

١. استغفر الله العظيم من كل ذنب تبت وبايعت على يد سيدنا محمد (ﷺ) .
٢. استغفر الله العظيم من كل ذنب تبت وبايعت على يد سيدنا الامام علي رضي الله عنه .
٣. استغفر الله العظيم من كل ذنب تبت وبايعت يداً بيد على يد الشيخ الحسن البصري .
٤. استغفر الله العظيم من كل ذنب تبت وبايعت يداً بيد على يد الشيخ عبدالقادر الكيلاني قدس الله سره .
٥. استغفر الله العظيم من كل ذنب تبت وبايعت يداً بيد على يد الشيخ اسماعيل الوتياني .
٦. استغفر الله العظيم من كل ذنب تبت وبايعت يداً بيد على يد الشيخ عبدالكريم الشاه الكسلاني .
٧. استغفر الله العظيم من كل ذنب تبت وبايعت يداً بيد على يد الشيخ عبدالقادر الكسلاني .
٨. استغفر الله العظيم من كل ذنب تبت وبايعت يداً بيد على يد الشيخ عبدالكريم الكسلاني .
٩. استغفر الله العظيم من كل ذنب تبت وبايعت يداً بيد على يد الشيخ السلطان حسين الكسلاني .
١٠. استغفر الله العظيم من كل ذنب تبت وبايعت يداً بيد على يد الشيخ محمد الكسلاني وقبلته شهادتي ومرشدي في الدنيا والاخرة والله على ما اقول وكيل .

☆ ثم يقول المرشد : أنا اعطيتك هذه الطريقة وكالةً عن الشيخ محمد .. قبلت ؟
يقول المريد : نعم قبلت ... ثم تُقرأ سورة الفاتحة .

رئيس الطريقة القادرية
السيد الشيخ محمد بن السيد الشيخ عبدالكريم
الكسلاني

سلسله عاليه قادريه جي سند الارشاد

قلمي ڪاوشون

قادر قدير جا فقير پُر تقصير "ڪرم" تي ڪروڙين ڪرم، جنهن ڪرم جي قلم کي، جسم ۾ فهم کي، عِلم جي عَلم بلند ڪرڻ جي توفيق بخشي. هن نالائق کي نوازيندي مٿس عطائن ۾ احسانن جا واهڙَ وهائي ڇڏيا. اَللّٰهُمَّ لَكَ الْحَمْدُ وَلَكَ الشُّكْر

"اي الله ڪرم جو پرم رکجانءِ، تاڪائو ۾ طاماڻو بدنظرن ۾ بدخواهن کان ڪرم کي مامون ۾ محفوظ رکجانءِ".

ڪرم جا ڪتاب گهٽا تہ ڇپجي آيا آهن، اهل ڪرم ۾ اهل علم انهن کي ايڏو تہ پسند فرمايو آهي جو ڪتاب اڇڻ سان چند مهينن ۾ انجو ايڊيشن ختم ٿي وڃي ٿو. "گهر ۾ گهروارا" ڪتاب جو هن وقت نائون ايڊيشن شايع ٿيو آهي. اهو الله جو احسان ۾ مدني ڪريم ﷺ جي عطا ۾ سخا نہ آهي تہ ٻيو ڇا آهي! لك الحمد ولك الشكر يا كريم

ڇپيل ڪتاب

1. توحيد و رسالت. (سنڌي)
2. توحيد و رسالت (اردو) هن ۾ الله جي وحدانيت، انجي قُوّتَن ۾ قُدرتن بابت سائنسي، علمي، فڪري، روحاني ۽ اصلاحي بيان آهي ۾ نبيءِ اڪرم هاديءِ عالم ﷺ جي شان ، مان ۾ مقام مرتبي جو بيان ٿيل آهي.
3. اَيُّكُمْ مِثْلِي : حبيبن ڪريمن ﷺ جي حُسن سراپا ۾ سندن سهڻن اخلاقن ۾ عادتن، سندن صورت ۾ سيرت بابت آيتن ۾ حديثن سان سينگاريل ڪتاب آهي.
4. مديني جي حاضري شريعت جي آئيني ۾ : (سنڌي)
5. مدینہ منورہ کی حاضری شریعت کے آئینے میں : (اردو)

مدينہ منوره جي حاضري جي ثبوت ۾ نصوص شرعيہ ۾ دلائل قطعيہ ۾ مخالفين ومعترضين جي سوالن جا مدلل جواب. "شد الرحال" جي تحقيق آهي.

6. طَرِيقُ الجَنَّةِ : درود و سلام جا فضائل، درودن جو مجموعو. بزرگانِ دين کان نقل ڪيل اهڙا عجيب درود جن جي پڙهڻ سان دنيا آخرت جي پلائي حاصل ڪري سگهجي ٿي.

7. ميلادِ مصطفيٰ: حضرت حبيب كريم ﷺ جي ولادت جي خوشي ملهائڻ جي ثبوت ۾.
8. حِفظُ القُرآن : قرآن ياد كرڻ جا فضائل ۽ طريقو. قرآن شريف بابت عجيب معلومات، حافظو ۽ ويسر ڇا آهن؟ حافظو وڌائڻ جا نسخا. قرآن جي عاشقن لاءِ حسين تحفو.
9. اَلْحَدِيثُ وَعُلُومُه : علمِ حديث ۽ انجا قسم ۽ حديث جا اقسام، روايت ۽ دِرايت، اسماءُ الرجال، ضبط و عدالت، جرح و تعديل، ائمه محدثين ۽ كتب الاحاديث بابت بهترين سنڌي كتاب جيكو علم حديث جي طالبن لاءِ تحفو آهي.
10. اَلعِلْمُ وَالعُلَمَاء: علم ۽ عالمن ۽ طالب علمن جي فضيلت، عالمن جو مقام. علمي مجلسن جو شان.
11. اَلاِجْتِنَابُ عَنْ ضَرْبِ الطُّلّابِ: مدرسن ۽ اسكولن ۾ هارن كي مارڻ بابت شرعي احكام ، استادن جون خوبيون ۽ خاميون، طالبن كي پڙهائڻ جو نبوي طريقو.
12. اَلْمَسَاجِد وَالمَدَارِس : اسلام ۾ مسجدن جي اهميت ۽ مدرسن جي ضرورت، مسجدون مدرسا ناهڻ ۾ انهن جي سنيال كرڻ جا فضائل ۽ مسائل.
13. اَلْقَلَم : قلم ڇا آهي؟ ان جي اهميت ڇا آهي؟ علم ۽ قلم جو پاڻ ۾ كهڙو تعلق آهي؟ قلم جي تاريخ، لكڻ ۽ لكڻ جي تاريخ، كتاب لكڻ، كتب خانو جوڙڻ ان جي سنيال كرڻ، كتابن جي اهميت، مطالعي جا آداب، خط ۽ خطاطي، قلمي كمالات، قلمي ڏوهه، اسلام جي عظيم اڳواڻن جي هٿ سان لكيل نايات لكتن جا عكس.
14. اَلنِّفَاقُ وَالْمُنَافِقُون: نفاق ڇا آهي؟ منافقن جون نشانيون كهڙيون آهن؟ نفاق كان بچڻ جو علاج.
15. رَهْنُمَا : (فَتَاوَيٰ نَبَوِيَّة) ايمان ، اسلام، اعمالِ صالحه ، حقوق العباد، جنت ۽ جهنم وغيره بابت صحابه كرام جا پڇيل سوال ۽ سرورِ عالم صلي الله عليه وسلم جا جواب.
16. اَلْجِهَادُ اَلْجِهَادُ: جهاد جو ڇا لاءِ؟ انجي ضرورت ۽ اهميت. اسلامي جهاد ، مجاهدن ۽ شهيدن لاءِ انعام، عورتن جو جهاد، اسلام خلاف بين الاقوامي ساز شون، جنگي ترانا.

اَلمَوَاعِظ وَالنَّصَائِح:

17. مَوَاعِظِ حَسَنَة (جلد اول 1): مبلغن لاءِ هدايتون، اسلامي سال، اسلامي هفتو، اسلامي سال جي پهرين ڇهه مهينن جي هر جمعه جون وقت جي مناسبت سان تقريرون.

18. مَوَاعِظِ حَسَنَة (جلد ثاني 2): اسلامي سال جي پوين ڇهه مهينن جي هر جمعه جون وقت جي مناسبت سان تقريرون.

19. مَوَاعِظِ حَسَنَة (جلد ثالث 3): حديث جبريل جي روشني ۾ اسلام ۽ ارڪانِ اسلام، ايمان ۽ اجزاءِ ايمان، احسان، قيامت ۽ انجي نشانين بابت مدلل تقريرون. الله جي وحدانيت نبي اڪرم ﷺ جي شان بابت سائنسي دلائل. ڪميونسٽن ۽ بي دينن جي اعتراضن جا منهن توڙ جواب ڪائنات، زمينون، آسمان، هوا، باهه، پاڻي، جمڙ ڪڙ، مينهن، وجون، ڳڙا وغيره بابت اسلامي ۽ سائنسي معلومات.

20. مَوَاعِظِ كَرَمِيَه: مختلف موقعن ۽ مختلف موضوعن تي ڪيل تقريرون، جن کي ڪتابي صورت ۾ لکيو ويو آهي.

21. خوفِ خدا: (اردو)

22. خوفِ خدا: (سنڌي) خوف ۽ خشيت بابت دل کي ڏُوندا ڏيندڙ ۽ دماغ کي لوڏيندڙ تقرير.

23. گهر ۽ گهر وارا: هن شاندار ۽ جاندار ڪتاب ۾ گهريلو زندگي جا جهٽ ڪان ونڊي مرڙ تائين جا مسئلا بيان ٿيل آهن. گهر ڇا آهي؟ گهر ڪيئن ناهجي؟ گهر ۾ ڇا رکجي ڇا نه رکجي؟ گهر ڏٽي جون ذميداريون، شادي ڪرڻ، زال مڙس جا حق، اولاد جا حق، والدين جا حق، پاڙي جا حق، عقيقو، ختنو، شادي، ڪاج، ڏاج، ورثو، ترڪو، پردو، روزگار، حلال، حرام، خوراڪ، پوشاڪ، دوائون، دعائون، گهريلو جانورن جا حق وغيره بابت مدلل ڪتاب جيڪو هر گهر جي ضرورت آهي.

24. خود ڪُشي: پاڻ مارڻ کان ممانعت، خود ڪُشي ڪندڙ بابت شرعي حڪم.

25. حُسنِ اخلاق: سهڻا اخلاق ڇا آهن؟ اسانجي محبوب ڪريم ﷺ جا اخلاق ڪيئن هئا؟

26. انقلابِ مصطفیٰ (ﷺ): (اردو)

27. انقلابِ مصطفيٰ (ﷺ): (سنڌي)

حضرت حبيب ڪريم ﷺ جو دنيا تي آندل تعميري انقلاب ۾ انجا دنيا ۽ مٿان آندل اثرات ۽ مثبت تبديليون.

28. وياڄ جي وبا: وياڄ ڇا آهي؟ ان بابت قرآن ۾ حديث جا احڪام ۽ وياڄ جا سماج ۽ مٿان هاڃيڪار اثرات.

29. حسد جي باهه: حسد ڇا آهي؟ ڇو ٿيندو آهي؟ ان جا ڪهڙا برا اثرات نڪرن ٿا؟

30. دعا ڪي اہمیت (اردو)

31. دعا جي اهميت: (سنڌي) دعا جي فضيلت، طريقو، ۽ اجابت جا شرائط ۽ اوقات.

32. دوستي: دوستي ڇا آهي؟ ڪنهن سان رکجي ڪنهن سان نه رکجي؟

33. قبر جي پڪار: قبر جي عذاب ۽ ثواب بابت دل لوڏيندڙ تحرير.

34. شانِ اولياء: الله جي دوستن جو شان، انهن سان محبت رکڻ جو صلو ۽ بدلو.

35. سُنّي خُطبات: جمعه جو ڏينهن، فضائل ۽ مسائل، جمعه جا آداب، خطبي جا مسائل، عربي يا غير عربي خطبي بابت مدلل بيان. سال جي هارهن معينن جي هر جمعه جا خطبا عربي خطبن ۽ سنڌي شعرن سان.

36. عِمَادُ الدِّين: نماز جا فضائل ۽ مسائل، وضو، غسل، تيمم ، پاڪائي ناپاڪائي جا مسائل. نماز جا فرض واجب سنتون، حيض نفاس ۽ عورتن جا مخصوص مسائل.

37. فضائل شب برات: فضائل ماه شعبان ۽ پندرهين شعبان جي رات جا فضائل مسائل ۽ عبادتون.

38. فضائلِ رمضان: رمضان المبارڪ جا فضائل مسائل ۽ عبادتون . رمضان ۽ قرآن، روزا، تراويح، تقويٰ، اعتڪاف، خلوت، شب بيداري، شب قدر، فطرو، عيد الفطر وغيره

39. شوال ۾ اعمال: رمضان جي گذرڻ بعد ڇا ڪرڻ گهرجي؟ شوال جا روزا ۽ عبادتون

40. وسيلو: اسماءِ الحسنيٰ جا فضائل انهن جي ورد ڪرڻ جا طريقا ۽ مصائب ۽ مُشڪلات جي آساني لاءِ پيا ورد وظيفا.

41. نگاهِ ڪرم: نگاهه جا قسم ۽ نگاهن جي تاثير، نگاهِ ڪرم، نگاهِ عبادت، نگاهِ ولي، نگاهِ بيمثل، نگاهِ مردان، نگاهِ معصيت، نگاهِ عقيدت، نگاهِ باطن، نگاهِ بد، نگاهِ عبرت، نگاهِ عيب بين، نگاهن جي نوازش. نگاهه بابت سنڌي ادب جو شاهڪار ڪتاب.

42. روئڻ واري اک:

43. رونے والی آنکھ: (اردو) روئڻ ڇا؟ ڇو ايندو آهي؟ ڪيئن ايندو آهي؟ دنيا ۾ ڪنهن ڪنهن رنو ۽ ڪيئن رنو؟ روئڻ جا جسماني روحاني ۽ طبي فائدا.

44. جاڳڻ واري اک: جاڳڻ جي اهميت افاديت ۽ انجا فوائد اثرات ۽ ثمرات، سجاڳ اکيون، جاڳڻ وارن جو جهان، جاڳڻ جا اعمال، دنيا ۾ ڪير جاڳيا؟

45. عدل ۽ انصاف: عدل ۽ انصاف ڇا آهن؟ نيز ان جي معاشري ۾ اهميت و افاديت ڪهڙي آهي؟ شريعتِ مطهره جي روشنيءَ ۾ ڪيل شاندار بحث.

46. شامتِ اعمال: ماڻهن جي بد اعمالين سبب ايندڙ شامتن جو ذڪر.

47. ٻوڏ ستايلن جي واهر ڪريو: مها ٻوڏ جي تباهڪارين سبب ڏٽڙجي ويل غريب مسڪين ماروئڙن جي مالي سهائتا لاءِ سرنديءَ وارن کي ترغيب.

48. دردن جو درمان: جاني ۽ مالي، معاشي ۽ سماجي پريشانين جو حل.

سفرنامو:

49. حق نُما: حضرت محبوب الاهي ﷺ جي هڪ سفر جو سرسبز احوال.

50. سفرنامه حرمين شريفين: مڪ مڪرمہ مدينہ منوره جي زيارتن بابت تفصيلي احوال ۽ حج ۽ عمري جا احڪام.

51.سفر نامہ عراق شام: شام ۾ عراق جي ملڪن اتان جي شهرن ۾ اتي جي زيارتن بابت تفصيلي احوال.

52.سفرنامہ ترکي: برادر اسلامي ملڪ ترڪي جو سفر نامو، اتي جي جاگرافيائي بيهڪ، تاريخي حقائق، مسلم امت جي عروج و نزول جا اسباب، ترڪي جي عالمن سان ملاقاتن جو ذڪر ڏاڍي دلڪش پيرايہ ۾ ڪيو ويو آهي.

53.سفرنامہ امام شافعي: فقہ شافعي جي امام جو سفرنامو جنهن ۾ سندن طلبِ علم جي جاکوڙ جو ذڪر آهي. سندس علم، فضل ۾ حافظي جا حيرت انگيز ڪارنامابيان ٿيل آهن.

شعر و شاعري:

54.قَصِيدَةُ الكَرَم بِأَسْمَاءِ سَيِّدِ العَرَب وَالعَجَم: محبوب مدني ڪريم ﷺ جي نالن سان سندن شان ۾ قصيدو.

55.فَاتِحَةُ الْكِتَابُ وَشَرْحهُ فِي الْاَبْيَاتِ: سورة الفاتحہ جو ترجمو ۾ تشريح سنڌي بيتن ۾.

56.الفت جو آواز: شعرن جو مجموعو.

57.محبت جو آواز: شعرن جو مجموعو.

58.گلدسته الاهي: شعرن جو مجموعو.

59.ہوڏ ڙي ہوڏ: 2010 ع ۾ آيل مها ہوڏ جي تباهڪارين، عوام الناس کي پهتل تڪليفن، اهنجاين ۾ حڪمرانِ وقت جي بيحسيءَ واري ڪردار کي وائکو ڪندڙ شعري مجموعو.

60.سماج کي سنيهو: سماج جي ڏٽڙيل ۾ پيڙيل طبقن جو آواز.

61.سڪ نہ ڪٽي ساهہ: شاعري جي دنيا ۾ حسين ڪتاب، جنهن جي پڙهڻ سان دل ۾ روح کي تازگي نصيب ٿئي ٿي.

تصوف و اخلاقيات:

62. روحاني رمزون (خودي ۽ خدا): بزرگن اهل دل اولیائن جا قسم انهن جا قصا ۽ کرامتون.
63. روحاني رمزون (کاملن جا قصا) بزرگن اهل دل اولیائن جا قسم انهن جا قصا ۽ کرامتون.
64. طَرِيقُ الْهِدَايَة: سالکن لاءِ نصيحتون ۽ نقشبندي سلسلي جا روحاني اسباق.
65. جِلاءُ الْقُلُوب: حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه جون پر تاثير تقريرون. (جمع، تعليق و تخريج ناچيز کرم الله)
66. صِرَاطُ الصَّالِحِينَ: قرآن ۽ حديث جي روشني ۾ صالح کير آهن؟ انهن جون خوبيون خصلتون ۽ مقام.
67. اعمال جا اثرات: نيڪي يا بدي هرعمل جو هڪ نتيجو آهي. ڪهڙي عمل جو ڪهڙو اثر ظاهر ٿئي ٿو.
68. جيئڻ جا اصول: احاديث نبوي ۽ اخلاقيات جي هڪ سئو ڪتابن جو خلاصو. اسلامي زندگي جا سڀڻا اصول جن تي هلي ماڻهو دنيا آخرت جي ڪاميابي ماڻي سگهي ٿو.
69. پيغامِ حق: حق ۽ سچ جو پيغام جنهن تي عمل ڪرڻ وارو ديني دنياوي پلايون حاصل ڪري سگهي ٿو.
70. ڊائري دلبر سائين: سال 1995 جي ڊائري جنهن ۾ هر فن تي قيمتي مواد جمع ٿيل آهي.

عصري مسائل:

71. موبائل فون: موبائل فون جا فوائد ۽ نقصانات. ان جي استعمال جا قوانين، پريمي پاپ، فحاشي جو فروغ، موبائيل ميسيج، موبائيل ۽ مجاز، موبائيل مستيون. استعمال جا آداب، ڪمپنين جا ڪلور، موبائيل چوري ۽ زوري.

72. تمباکو کي تباهڪاريان : (اردو)

73. سگريٽن جا سور : (سنڌي) تماڪ جون تباهڪاريون، سگريٽن جا سور، حقي جي حقيقت، پنگري ۾ پينگ، پان دشمن جان، ڳٽڪو ساهه جو ڪٽڪو، پيڙي سورن جي سيڙهي، مين پڙي وجو مڙي، نسوار ڪري بيمار. ناس جا نقصانات، نشائين جون قهري ڪاروائيون. انهن موضوعن تي چرڪائيندڙ تحقيقي ڪتاب.

74. نڇيءَ جا ناهه: معاشري جي هر طبقي جي شاطر ۾ چالباز ماڻهن جون نڇيون ۾ انهن کان بچڻ جون تدبيرون.

75. خطبو جتوئي علماءَ ۾ مشائخ اهلسنت جي نظر ۾: مولوي غلام رسول جتوئي جي خطبي ۾ آيل غير مهذب الفاظن جي نشاندهي ۾ ان بابت سنڌ جي هڪ سو کان وڌيڪ اکابرين جا اقوال ۾ فتوائون.

76. اسلامي لباس: لباس بابت اسلامي احڪامات، لباس جي رنگن بابت شرعي حڪم، سونهن ۾ سينگار، عورت ۾ پردو، مسائل لباس، لباس بابت فقهي مسائل.

77. سائي چادر: سائي چادر حضرت حبيب ڪريم ﷺ جي سنت آهي. ان تي ڪيل بعض ماڻهن جي اعتراضن جو علمي ۾ تحقيقي جواب.

78. ڪارو پٽڪو: ڪاري پٽڪي جي سنت نبوي هجڻ بابت هڪ سو دلائل. سنت جي اهانت ڪندڙن جو مواخذو. پٽڪي جي اعتجار جو مسئلو.

79. چُمي: قرآن کي چمڻ، حديث جي ڪتاب کي چمڻ، متبرڪ شين کي چمڻ، حجر اسود کي چمڻ، ابي امان جي پيشاني چمڻ، ٻچڙن کي چمڻ، استاد عالم يا مرشد جا هٿ پير چمڻ جا اسلامي احڪام.

اَلعِبَادُ والبِلادُ (مختلف شهرن ۾ شخصيتن بابت) :

80. مَدِيْنَةُ الْمُصْطَفٰي (جلد اول) : مدينہ منوره جي مستند تاريخ، مديني جي متي، پاٽي، ماني، ميوا، مسجدون، گنبذِ خضراء جي تاريخ ۽ تعمير، بقيع الغرقد ۽ مديني وارن جو شان.

81. مَدِيْنَةُ الْمُصْطَفٰي (جلد ثاني) : هلو هلو مديني هلو، طيبہ جي تاريخ جا ورق، طيبہ تاريخ جي آئيني ۾، سلطانِ مدينہ ﷺ، مدينو شاعرن جي لفظن ۾ .(اڻ ڇپيل)

82. شهداءِ ڪربلا: حسنين كريمين رضي الله عنهما جا فضائل، ڪربلا جي سانحي جا اسباب ۽ اسباق. محرم ۾ مشروع ۽ ممنوع ڪمن جو بيان.

سلسلہ مَعرِفَةُ الكِرَام (سنڌ جي عالمن ۽ مشائخن جي سوانح

83. سوانح حيات حضرت پير مٺا سائين: قطبِ عالم حضرت پير مٺا سائين رحمۃ اللہ علیہ جي زندگي مبارڪ جي جامع سوانح. جنهن ۾ سندن خاندان، علمي روحاني تربيت، استادن مشائخن جو احوال، سندن تعليمات، ڪرامات، واقعات، حڪايات، ملفوظات، مڪتوبات، ڪلام، صورت، سيرت، سجاده نشينن، خليفن بابت جامع معلومات جمع ڪئي وئي آهي.

84. تَذْكِرَةُ الْخُلَفَاءِ الْغَفَّارِيَّة: حضرت پير مٺا سائين رحمۃ اللہ علیہ جي خليفن جو تذڪرو.

85. سوانح محبوب الاهي: حضرت خواجہ محمد الاهي بخش رحمۃ اللہ علیہ جي مختصر سوانح

86. حضرت پير محبوب الاهي : جيڪو هي ڪتاب اوهان جي هٿ ۾ آهي.

87. فرمودات محبوب الاهي : حضرت محبوب الاهي رحمۃ اللہ علیہ جا سهٽا سخن.

88. تَذْكِرَةُ الْمَحْمُود: حضرت ميان محمود لاکير نقشبندي جي سوانح.

89. كلامِ كليم : حضرت خليفہ الله ڈتہ رحمۃ اللہ علیہ جي سوانح ۽ سندن ڪلام.
كليمي گفتار: حضرت خليفہ الله ڈتہ رحمۃ اللہ علیہ جي مختصر سوانح ۽ شاعري.

90. جيئي سنڌ: سنڌ جي عالمن جون ديني خدمتون ۽ دنيا ۾ سنڌي عالمن جو فيض.

91. اَلْاَرْبَعِين فِي فَضَائِلِ بَلَدِ سَيِّدِ الْمُرْسَلِين: (عربي) مدينہ منوره جي فضيلت ۾ چاليہ حديثون بمعہ تخريج ۽ تشريح.

92. اَلْاَرْبَعِين فِي مَنَاقِب الصَّالِحِين (عربي) اولياءِ ڪرام جي فضائل ۾ چاليھ حديثون بمع تخريج و تشريح.

93. نور الصدور- ملفوظات حضرت پير مٺا سائين.

94. جلاءُ الصدور. ملفوظات حضرت پير مٺا سائين.

95. قدوة الاولياء: سوانح حيات حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه .

96. نيپاچ فضائل و مسائل: ٻارن کي نپائڻ جا فضائل ۽ مسائل.

97. يتيمن جا حقوق: شريعت پاڪ ۾ يتيمن جا حقوق ڪھڙا آھن؟ انھن جي تعليم ۽ تربيت ڪنھن جي ذمي آھي؟ انھن جي پالنا جو ڇا اجر آھي؟

98. صحت هزار نعمت: اسلامي طب ڇا آھي؟ نبي ڪريم ﷺ جي تعليمات جي روشني ۾ صحت بدني جا سونھري اصول.

99. مسنون دعائون (دردن جون دوائون) مشڪلات ٽارڻ لاءِ دعائون.

100. تعليم و تربيت: معاشري ۾ گھٽ رخي بگاڙ جا اسباب ۽ انھن جو تدارڪ. نفسياتي مسائل ۽ انھن جا حل. عصرِ حاضر ۾ علماء، خطباء، مشائخ و مبلغين جو ڪڙو ڪردار جڙي ٿو؟ قرآن و سنت جي روشني ۾ معاشري اندر اصلاحات آڻڻ لاءِ عملي اُپاءَ ڪھڙا ونڊ گھرجن؟ ھڪ فرد جي تعليم و تربيت ڪيئن ڪرڻ گھرجي؟ انھن سمورن انتھائي اھم پاسن تي مفڪرانہ انداز ۾ تحرير شده شاندار ڪتاب.

اڻ ڇپيل ڪتاب

هي ڪتاب ڪي لکائي ۽ ڪي ڇپائي جي مراحل ۾ آھن.

101. قرآن مجيد جو سنڌي ترجمو: قرآن شريف جي سنڌي ترجمن ۾ ھڪ جديد سليس ۽ سھل ترجمو.

102. اَلقُرآن وَنُزُولُه : قرآن شريف جا فضائل مسائل، ناسخ ۽ منسوخ جا مسائل.

103. معرفتِ مصطفيٰ ﷺ: نبي ڪريم ﷺ جي محبت ۾ معرفت، سندن جمال ۾ ڪمال، علوم ۾ معجزات، تعليمات ۾ ڪمالات بابت سندي هولي ۾ هي پهريون جامع ڪتاب آهي. جيڪو سيرت نبوي بابت گهڻ پاسائتي تصنيف آهي.

104. عقائد اهلسنت : جماعتِ حق اهلسنت جا صحيح عقيدا، باطل فرقن ۾ ٽولن جي سڃاڻ.

105. نَبِيُّنَا حَبِيبُنَا (ﷺ) (عربي) حضرت حبيب ڪريم ﷺ جي سيرتِ مبارڪ تي قرآني آيتن ۾ نبوي حديثن ۾ اقوالِ ائمه تي مشتمل عربي ڪتاب جنهن جي پڙهڻ سان اهل محبت جون اکيون آليون ٿي پونديون .

106. مَعْرِفَةُ الْكِرَام بِأَسَانِيدِ اَعْلَامِ بَابِ الاِسلَامِ: (عربي) سندَ جي عالمن مشائخن جو تذڪرو ۾ سندن سَنَدُون نبي ڪريم ﷺ تائين .

107. اَلفِقْهُ وَاُصُولُه : فقه حنفي جا اصول ، قواعد ۾ ضوابط.

108. اَلتَّصَوّفُ وَسُلُوكُهُ : تصوف جا آهي؟ ان جي ڪاهڻ ڪمائڻ جو طريقو .

109. اَلْكَشفُ وَحُصُولُه: اندر واري اک جا آهي؟ انجي کلڻ ۾ انجي اسرارن بابت .

110. اَلرُّؤيَا وَتَعْبِيرُهُ : (خوابن جو جهان) خواب جا آهن؟ ڇو ايندا آهن؟ انهن جا تعبير جا آهن؟

111. اَلسِّيَاسَةُ فِي الاِسْلَامِ: سياست جا آهي؟ شريعت ۾ ان جي حيثيت ۾ اهميت جا آهي؟

112. اَلمَعِيشَةُ الْاِسْلَامِيَّة: اسلام جو معاشي نظام جا آهي؟ وياجي نظام کان ڇوٽڪاري جون راهون.

113. اَلخِلَافُ وَالاِخْتِلَافُ: شرعي مسائل ۾ اختلاف ڇو ۾ ان جي اهميت ۾ حيثيت ڪهڙي آهي؟ اختلاف جي صورت ۾ اسان جي اسلاف جو طرز عمل جا هوندو هيو؟

114. اَلصِّحَةُ وَالْعَافِيَةُ: صحت ۾ عافيت بابت اسلامي اصول ، بيمارين کان بچڻ جا نبوي نسخا، بيمارين جي تشخيص ۾ انهن جي علاج جون دوائون، دعائون ۾ احتياطي تدبيرون.

115. اَلْمُوسِيقِي فِي الاسلام : (راڳ جو روگ) ڳائڻ وڄائڻ ڇا آهي؟ اسلام ان بابت ڇا ٿو چوي؟

116. تَرْبِيَةُ الاَوْلَاد : اولاد جا حق ڇا آهن؟ انهن جي پالنا ۾ تربيت جا اسلامي اصول ڪهڙا آهن؟

117. اَحْكَامُ الْاُضْحِيَّةُ: اضحيٰ جا احڪام، اضحيٰ جي جانورن جا مسائل.

118. عصري مسائل ۽ اسلام: موجوده دور جا جديد مسائل ۾ انهن جو اسلامي حل. جيئن پلاسٽڪ سرجري، عضون جي متا ستا، خون جو عطيو، ٽيوب وارا ٻار، وغيره

119. زندگي جو سفر: زندگي ڇا آهي؟ ان جو آغاز ڪٿان ٿيو؟ اسلام ۾ سائنس جو تقابلي جائزو.

120. مَوَاعِظِ حَسَنَة (چوٽون): سنڌ جي بزرگن مشائخن جون سهڻيون نصيحتون انهن جي مختصر سوانح سميت.

121. مَوَاعِظِ حَسَنَة (پنجون): مختلف مواقع ۾ مناسبات بابت تقريرون.

122. هڪ سو حقيقتون: اهڙيون هڪ سو سچيون حقيقتون جنهن جو ڪير به انڪار ڪري نه ٿو سگهي.

123. ديوانِ ڪرم : شعرن جو مجموعو.

124. ٽيهه اکري : ٽيهن اکرن مان هر اکر جا ڏهه بيت آهن. هر بيت جي منڊ ۾ پچاڙي ۾ ساڳيو اکر آهي

125. ديدارِ مصطفيٰ ﷺ :نبي ڪريم ﷺ جو ديدار جن ظاهر ۾ ڪيو ۾ جن خواب ۾ ڪيو انهن جا قصا.

126. خانقاهي نظام: قرونِ اولیٰ ۾ بزرگن جو خانقاهي نظام کيئن هيو؟ ان جا معاشري تي کڻڙا اثرات پيا. مرشد ڇا آهي؟ مريد ڇا آهي؟ انهن جي تربيت کيئن ڪجي؟

127. کوڙيون قبرون مفت خور مجاور: هٽ نوڪي قبر ناهڻ جو ڏوهه، اهڙي قبر جي زيارت ڪرڻ جو گناهه.

128. پريمي جوڙا: ڪارو ڪاري جو جاهلاڻو تصور، عرياني فحاشي ۾ بيحيائي جا ڪارڻ، عورتن جي ڇڙواڳي جا نقصانات.

129. ڳالهه جا مونکي وڻي: مؤلف جا ذاتي مشاهدا ، ڪتابن جي مطالعي مان چونڊ حڪايتون.

130. ڪَتيُون مِنيُون چِنيُون: جلسن ۾ سامعين پاران لکيل چٺيون ۾ انهن جا جواب.

131. القلم والكرم: شخصيتن کي لکيل خط ۾ مختلف ڪتابن لاءِ لکيل تقريظون

132. مکلي جا مشائخ: مکلي شريف نٽي نگر جي مشائخن جي سوانح.

133. زين العارفين سوانح حضرت ميان عمر الدين: حضرت ميان عمر الدين چنا رحمة الله عليه جي سوانح .

هدية الحرمين: جا ستاويهه ڪتاب.

يتيمن جا حق:

نيپاڇ فضائل ۾ مسائل.

134. ميلاد النبي ﷺ .

135. پيران پير محبوب سبحاني. رحمة الله عليه

136. رچي جي ريتا ٽيا.

مواعظ حسنه جلد چوٽون.

صحت هزار نعمت.

137. دعا جا در.
138. دل جي دنيا.
139. سون ورنيون ستون.
140. ذات نہ پڇي ذات.
141. هي عرض اجايل اکڙين جا (شاعري)
142. عورتن جا احکام.
143. نياڻين جا حقوق.
144. روزگار جو مسئلو.
145. عداوتون ۽ عنايتون.
146. زبان جو ناجائز استعمال.
147. سفر جو ساٿي.
148. دليل الزائرين وزادالمسافرين.
149. مسائل القبور.
150. ابواب الخير (عربي)
151. اولياء شناسي (فارسي)
152. ايمان اور اس کے تقاضے۔
153. ديدار مديني والي دا (سرائکي)
154. Way to Paradise
155. Way To Hell

تعليق ۽ تخريج کيل کتاب

156. قوة السالکين: حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه جو تصوف تي لکيل بي مثال کتاب
157. خطبات محبوب الاهي: تلخيص
158. جامِ عشق:

159. مکتوباتِ محبوبِ الاهي.

160. گوندر گهاريان ڏينمڙا: فقير عبدالقادر سومرو ڪرمي جي سوانح ۽ شاعري .

161. تربية المريدين: عشر اصلاح 2011ع ۾ دربار فضل آباد شريف ماتليءَ ۾ منعقده تربيتي پروگرام ۾ بيان ڪيل 32 علمي، فڪري و اصلاحي بيانات جو مجموعو.

خلفاءِ ڪرميه

نمبر	نالو	ائڈريس
01	خليفه سيد حاجن شاهه جيلاني ڪرمي ولد سيد محمد زمان شاهه جيلاني	شهدادپور
02	خليفه صاحبزاده حسن الله ڪرمي ولد حضرت پير محبوب الاهي غفاري	درگاهه ڪرمپور دادو
03	خليفه صاحبزاده خليل الله ڪرمي ولد حضرت محبوب الاهي غفاري	درگاهه فضل آباد ماتلي
04	خليفه صاحبزاده شفيع الله ڪرمي ولدحضرت پير محبوب الاهي غفاري	درگاهه فضل آباد ماتلي
05	خليفه صاحبزاده نعمت الله ڪرمي ولدحضرت پيرمحبوب الاهي غفاري	درگاهه فضل آباد ماتلي
06	خليفه صاحبزاده حبيب الله ڪرمي ولدحضرت پير محبوب الاهي غفاري	درگاهه فضل آباد ماتلي
07	خليفه صاحبزاده شاهه رڪن عالم ولد قبلا دلبر سائين مدظله العالي انصاري	درگاهه فضل آباد ماتلي
08	خليفه صاحبزاده محمدعرف مٺل ولد قبلا دلبرسائين مدظله العالي انصاري	درگاهه فضل آباد ماتلي
09	خليفه صاحبزاده عبدالغفار عرف سهڻل ولد سائين حاجي فضل الله الاهي ڪرمي	درگاهه فضل آباد ماتلي
10	خليفه صاحبزاده محمدزمان ولد سائين حسن الله الاهي ڪرمي انصاري	درگاهه ڪرمپور دادو
11	خليفه ميرل ولد علي نواز ڪميري	درگاهه فضل آباد ماتلي
12	خليفه عبدالستار ولد عبدالحق انصاري	درگاهه فضل آباد ماتلي
13	خليفه مولوي عبدالقادر ولد محمد چٽل لغاري	درگاهه فضل آباد ماتلي
14	خليفه عبدالرحيم ولد علي شير ملاح	درگاهه فضل آباد ماتلي
15	خليفه محمد صديق ولد جان محمد راجپوت	ٽئين موري ماتلي
16	خليفه اسلم نوري ولدحاجي محمد عباس ڪشميري	ڪشميري محلو ماتلي
17	خليفه محمدصديق(خوبرو)ولدمحمد عمر ڪتري	گل محمد ڪالوني ماتلي
18	خليفه منظورعلي ماهرو ولد حاجي محمد علي خاصخيلي	سونهارو خاصخيلي ماتلي
19	خليفه محمدصديق ٽاپرو ولد حاجي محمدعلي خاصخيلي	سونهارو خاصخيلي ماتلي

20	خليفہ عبدالکريم ولد عبدالرحيم خاصخيلي	سونهارو خاصخيلي ماتلي
21	خليفہ مولوي علي نواز ولد محمد يوسف کوسو	خورشيد کالوني ڪوٽري
22	خليفہ محمد عيسيٰ ولد فقير مصري	شادي لارج
23	خليفہ عبدالرحمان ولد لاڏو شيخ	مٹي ٽرپارکر
24	خليفہ مولوي منور علي ولد المدنو بجير	ڪيڻ شهر
25	خليفہ ڪمال الدين ولد متارو بجير	نندو بدين
26	خليفہ عبدالرحمان ولدعلي محمد مهر اٽهوٽو	ڪيڻ بدين
27	خليفہ محمد حسن ولد علي محمد ملاح	بدين شهر
28	خليفہ مولوي محمد عيسيٰ ولد علي محمد ملاح	دڙي بدين
29	خليفہ عبدالغفار ولد عبدالله ميمڻ	گولاڙچي شهر
30	خليفہ نور احمد ولد محمد يامين جت	57 چڪ گولاڙچي
31	خليفہ محمد صديق ولد محمد جعفر ملاح	زيرو پوائنٽ
32	خليفہ محمد اسماعيل ولد گل محمد ملاح	کارو ڪهونگهڙو جاتي
33	خليفہ سيد علي اصغر شاه ولرحمة الله عليه سيد پير محمد شاه	پيپلز ڪالوني ٽي ايم خان
34	خليفہ سيد محمداسماعيل شاه ولد سيد احمد شاه	سومرا محلہ ٽي ايم خان
35	خليفہ غلام نبي ولد غلام حسين سومرو	پرهياڙ محلہ ٽي ايم خان
36	خليفہ نور احمد شاهه ولد سيد غلام محي الدين شاهه	تالپر ڪالوني ٽي ايم خان
37	خليفہ سيد غلام فاروق شاه ولد سيد غلام مرتضيٰ شاه	پيپلز ڪالوني ٽي ايم خان
38	خليفہ حاجي انور ولد غلام محمد باگراٽي	مويا نزد ٽي ايم خان
39	خليفہ مولوي غلام عباس ولد احمد خاصخيلي	بوهڙ جاتي
40	خليفہ عبدالکريم ولد حاجي هاشم خاصخيلي	امين موري جاتي
41	خليفہ عبد الواحد ولد محمد سومار درس	حق آباد وارڊ 6 سجاول
42	خليفہ مولوي محمد قاسم ولد خان محمد لنڊ	103 موري ٽنڊو
43	خليفہ نور الدين ولد ميهار شيخ	جهرڪ ٽنڊو
44	خليفہ اصغر علي ولدمحمد حسين خاصخيلي	ميرپور ساڪرو
45	خليفہ عبدالغفور ولد غلام حسين مير بحر	درسائو چنو ملير ڪراچي
46	خليفہ شير علي ولد حاجي شيدو خاصخيلي	مارو ڳوٺ ڪراچي
47	خليفہ حمزه (مجاهد) ولد محمد صالح ميمڻ	ميمڻ ڳوٺ ڪراچي

48	خليفہ ساجد علي ولد محمد علي بلوچ	صالح محمد ڳوٺ ڪراچي
49	خليفہ سيد عباس شاھ ولد مراتب علي شاھ	قائد آباد ڪراچي
50	خليفہ محمد حسين ولد محمد قاسم جت	ريڑھي ڳوٺ ڪراچي
51	خليفہ روشن علي ولد فقير احمد مزاري	نيو ڪراچي
52	خليفہ غلام رسول ولد گھرام خان بروھي	موڪي ڪراچي
53	خليفہ محمد انور ولد لال محمد بروھي	گلشن معمار ڪراچي
54	خليفہ حافظ محمد رمضان ولد گل محمد کوکر	درگاھ صالح آباد ڪراچي
55	خليفہ مولوي محمد عرف نالي منو ولد مبارڪ علي ڈاھري	گلستان جوھر ڪراچي
56	خليفہ سيد مھر علي شاھ ولد وريل شاھ	ناگوري سپر ھاءِ وي ڪراچي
57	خليفہ مولوي عبدالستار ولد محمد چتل لغاري	نوري آباد جامشورو
58	خليفہ خليل احمد ولد ڪلو پالاري	نوري آباد جامشورو
59	خليفہ طالب حسين ولد عبدالستار برفت	ٽاٽو بولا خان
60	خليفہ علي احمد ولد فقير الھڈنو سمون	خدا ڪي بستي ڪوٽڙي
61	خليفہ مولوي اعجاز احمد ولد غلام محمد رند	خورشيد ڪالوني ڪوٽڙي
62	خليفہ قاري محمد عرس ولد نظام الدين چانڊيو	جامشورو شمر
63	خليفہ الھوراڻيو ولد نم خان ملاح	اڪرو جامشورو
64	خليفہ بشير احمد ولد عنايت علي راجپوت	ھالا شمر
65	خليفہ محمد امين ولد حاجي محمد بگھيو	شھداد پور شمر
66	خليفہ مولوي نذير احمد ولد جان محمد	ضلع مظفر ڳڑھ حال سنجھورو
67	خليفہ علي نواز ولد حاجي غلام محمد بروھي	سرھاڙي سانگھڙ
68	خليفہ مولا بخش ولد محمد عيدن چانڊيو	جام نوازعلي
69	خليفہ اعجاز احمد ولد محمداسحاق ڪنھر	ٽنبو الھيار شمر
70	خليفہ نور حسن ولد محمدحسين چانڊيو	ڪوٽ ميرس ميرپوخاص
71	خليفہ مولوي گل محمد لاشاري ڪرمي ولد الله وسايو	قاضي احمد
72	خليفہ حافظ محمد نواب ولد محمد سومر ملاح	دولت پور صفن
73	خليفہ پيردل ولد شيردل مري	درگاھ جام ڈاتار
74	خليفہ عبدالوحيد ولد عبدالرزاق جمالي	دڙڙ پانڊي
75	خليفہ حافظ غلام فريد ولد محمد صادق ڈاھري	منھڙو لڳ مورو

76	خليفہ محمد امين ولد فيض محمد رستماڻي	درگاھ دلبر آباد مورو
77	حافظ سانول ولد واليڏنو پرڙو	درس مورو
78	خليفہ مولوي امير بخش ولد غلام حسين	ڳوٺ ڏل، نوشهرو فيروز
79	خليفہ محمد عالم فقير محمد جمن پهر	درگاھ ڪرمپور دادو
80	خليفہ حافظ ابوبڪر ولد محمد صديق روڏناڻي	درگاھ ڪرمپور دادو
81	خليفہ سيد عبدالرحمان شاھ ولد سيد خليفہ عبدالله شاھ	مرڪپور دادو
82	خليفہ مولوي فاروق احمد ولد محمد انور سومرو	مرڪپور دادو
83	خليفہ مولوي انور علي ولد علي خان سولنگي	دادو شهر
84	خليفہ نعمت الله ولد بهرام خان شاهاڻي	دادوشهر
85	خليفہ محمد مريد ولد محمدعارف پنهور	دادو شهر
86	خليفہ سيد منير احمد شاھ ولد فقير حاجي عمر شاھ	پيچوهادادو
87	خليفہ مولوي محمد ابراهيم ولد قادر بخش ڪنوهڙ	سيوهڻ شهر
88	خليفہ الله بخش ولد حاجي محمد هاشم جمالي	پان سعيدآباد
89	خليفہ علي عباس ولد لوٽو خان لنڊ	پان سعيدآباد
90	خليفہ غلام نبي ولد الهورايو گنب	جوهي دادو
91	خليفہ عبدالحميد ولد محمد حسن روڏناڻي	قاسم روڏناڻي جوهي
92	خليفہ امان الله ڪرمي ولد محمد عثمان لغاري	ڳوٺ قصبولڳ ڪاڇو
93	خليفہ علڻ فقير ولد چٽو خان سومر	سويو خان دولتاڻي ڪاڇو
94	خليفہ مولوي محمد اشرف ولد بخشل لغاري	ڪاڇو دادو
95	خليفہ سيف الله ولد پاجهي فقير سومرو	ٽوڙ ڪاڇو
96	خليفہ حافظ علي رضا ولد محمد جمن عالماڻي	بيگو ديرو ڪي اين شاه
97	خليفہ ممتاز علي ولد محمد حسين ڪنهر	ڪڙ دادو
98	خليفہ عبدالرشيد ولد پليو فقير برهماڻي	سوچارو دادو
99	خليفہ محمد رمضان ولد خان محمد جيسر	خانپور (دادو)
100	خليفہ محمد حسين ولد محمد يوسف پنهور	خيرپور ناٽن شاھ
101	خليفہ حافظ عبدالرشيد ولد ولي محمد عباسي	خيرپور ناٽن شاھ
102	خليفہ محمد اسماعيل ولد علي نواز لاکير	خيرپور ناٽن شاھ
103	خليفہ علي حسن ولد محمد صديق کوسو	انبار لڳ ميهڙ

104	خليفہ مولوي مئير احمد ولد شير محمد کوسو	ڪولاچي لڳ ميڙ
105	خليفہ محمود فقير ولد فتح محمد پتوجو	ڳوٺ ڪلر لڳ ميڙ
106	خليفہ مولوي غلام رسول ولد محمد صديق پٺي	عيسيٰ خان ٽيهو نزد ميڙ
107	خليفہ علي اڪبر ولد محمد مراد جتوئي	پيتو جتوئي ميڙ
108	خليفہ مولوي محمد حسين ولد حاجي احمد علي پٺي	نصير آباد
109	خليفہ مولوي رمزعلي ولد محمد شريف ڪمڙو	پيرزاده ڪالوني لاڙڪاڻو
110	خليفہ خادم حسين ولد وڏن مهر	خانپور مهر گهوٽڪي
111	خليفہ منظور احمد ولد گل حسن مهر	خانپور مهر گهوٽڪي
112	خليفہ محمد اياز ولد نهال الدين گبول	خانپور مهر گهوٽڪي
113	خليفہ حافظ عبدالحڪيم ولد علي مراد خشڪ	خانپور مهر جروار
114	خليفہ حافظ محمد يعقوب ولد امير بخش پٽو	بداڻي ڪشمور
115	خليفہ حافظ محمد هاشم ولد نورالدين پٽو	شڪارپور شهر
116	خليفہ حافظ محمد بخش ولد حاجي مندو خان کوسو	ٽل جيڪب آباد
117	خليفہ مولوي عبد الحڪيم بن صاحبڈنو بکراڻي	ٽل جيڪب آباد
118	خليفہ شبير احمد ولد بشير احمد کوسو	جهٽ پٽ بلوچستان
119	خليفہ مولوي محمد حنيف ولد غلام مصطفيٰ لاشاري	ڊيره مراد جمالي بلوچستان
120	خليفہ گل حسن ولد محمد مريد سمتو	حب بلوچستان
121	خليفہ حاجي سعد الله ولد محمد عرس چٽو	دريجي بلوچستان
122	خليفہ رحمت الله ولد غلام رسول باريجو	دريجي بلوچستان
123	خليفہ محمد صادق ولد چراغ الدين راجپوت	صادق آباد پنجاب
124	خليفہ مولوي ابوبڪر ولد احمد حسن چنڙ	احمد پور شرقيہ پنجاب
125	خليفہ حافظ صغير احمد ولد الله ڈتو سيال	ملتان پنجاب
126	خليفہ مولوي فاروق احمد ولد عبدالقادر ڪٽي	لاهور پنجاب[1]

[1] هي، لسٽ خليفي منظور احمد "ماهرو" جي جوڙيل آهي.

باب تیرھون

حضرت محبوب الاھي رحمة الله عليه جا خلفاءِ کرام:

1. صاحبزاده کليم الله انصاري. خانپور تعلقہ خيرپور ناٹن شاھ ضلعو دادو.
2. صاحبزاده حسن الله انصاري کرمپور شريف ضلع دادو.
3. فقير کرم الله انصاري. دربار فضل آباد شريف ماتلي.
4. خليفہ محمد حسين نانگري لاھوري تعلقہ خيرپورناٹن شاھ ضلعو دادو.
5. خليفہ مولانا محمد اشرف لغاري دولتاڻي کاڇو خيرپورناٹن شاھ ضلعو دادو.
6. خليفہ روشن علي مزاري ڳوٺ انبار تعلقہ ميڻ ضلعو دادو (ڪراچي)
7. خليفہ محمد صديق راجپوت ماتلي تعلقہ ماتلي ضلع بدين.
8. خليفہ مولوي گل حسن سومرو سوپياڻي کاڇو خيرپورناٹن شاھ ضلعو دادو.
9. خليفہ حافظ نظام الدين جوٽيجو خانپور تعلقہ خيرپورناٹن شاھ ضلعو دادو.
10. خليفہ مولوي امير بخش سومرو ڏل تعلقو نوشهروفيروز ضلعو نوشهروفيروز.
11. خليفہ ڪمال الدين لاشاري ڍوڪيا واھ تعلقہ ماتلي ضلع بدين.
12. خليفہ محمد موسيٰ رند 13 چڪ گولاڙچي ضلعو بدين .
13. خليفہ محمد اسماعيل ڊيپر ماتلي تعلقہ ماتلي ضلع بدين.
14. خليفہ محمد رمضان رحماني ڪشميري محلہ ماتلي ضلع بدين.
15. خليفہ محمد عالم چانڈيو کورواھ تعلقو گولاڙچي ضلع بدين .
16. خليفہ محمد اسلم نوري ڪشميري محلہ ماتلي ضلع بدين.
17. خليفہ محمد حسين خاصخيلي سونهارو خاصخيلي تعلقو ماتلي ضلعو بدين.
18. خليفہ مولانا غلام شبير جوٽيجو خانپور تعلقہ خيرپورناٹن شاھ ضلعو دادو.

19. خليفہ فتح محمد لغاري	ڪاڇو خيرپورناٿن شاھ ضلعو دادو.
20. خليفہ محمد صالح چانديو	خيرپور ناٿن شاھ ضلعو دادو.
21. خليفہ علي حسن ڪوسو	انبار تعلقو ميھڑ ضلع دادو.
22. خليفہ محمد صالح ڪھيري	ڪچولڳ ڦلجي خيرپورناٿن شاھ ضلع دادو.
23. خليفہ ڪريم بخش پتوجو	ڳوٺ ڪلر تعلقو ميھڑ ضلعو دادو.
24. خليفہ محمد مراد	سکر شھر.
25. خليفہ قمرالدين ناريجو	ٽرڙي محبت تعلقو ميھڑ ضلع دادو.
26. خليفہ محمد يوسف	حاجي سانوڙ تعلقو ماتلي ضلعو بدين.
27. خليفہ الله ڈتو چانديو	13 چڪ گولاڑچي ضلعو بدين .
28. خليفہ ملڪ محمد صاحب	ٽنڊو جام ضلعو حيدرآباد.
29. خليفہ مولوي محمد امين ميمڻ	سجاول تعلقو سجاول ضلع ٺٽو (ڪراچي).
30. خليفہ قاري غلام حيدر تونسوي	تونسہ شريف پنجاب .
31. خليفہ محمد يوسف چانڈيو	گوزو تعلقہ خيرپورناٿن شاھ ضلع دادو.
32. خليفہ ماسٽر مير محمدصاحب	ٽنڊو جام ضلعو حيدرآباد.

هنن کان علاوه ٻيا ٻه ڪافي خوشنصيب هئا جن کي پاڻ تبليغ ڪرڻ لاءِ خلافت عنايت ڪئي هئائون. انهن مان ڪجھ خلفاءِ جي سوانح بيان ڪجي ٿي.

پاڻ پنهنجي خلفاءَ کي هيٺين شرطن تي خلافت ڏيندا هئا ۽ فرمائيندا هئا ته جيڪو انهن شرطن تي ڪاربند نه رهندو ته ان جي خلافت باطل سمجهي ويندي.

1. هر خليفو صاحب تبليغ جو ڪم الله جي رضا خاطر ڪري.
2. ڪو به خليفو جماعت ۾ پنهنجي ذاتي غرض لاءِ چندو گهُر يا سوال نه ڪري.
3. ڪو به خليفو صاحب عورتن ۾ ذڪر جي تلقين ۽ وعظ سواءِ پردي جي نه ڪري.
4. ڪو به خليفو ان ڳوٺ ۾ تبليغ لاءِ هرگز نه وڃي جنهن ۾ پيو خليفو ويندڙ هجي.
5. جيڪڏهن ڪنهن به خليفي جي جماعت جا ماڻهو وعظ ۽ تقرير لاءِ ٻئي خليفي کي گهرائن ته اهو خليفو ان جماعت ۾ تڏهن وڃي جڏهن اهو اڳوٽو خليفو به ان دعوت ۾ موجود هجي نه ته هرگز نه وڃي.
6. جيڪڏهن ڪنهن به خليفي صاحب جي جماعت جا ماڻهو ڪنهن به ٻئي خليفي کي ڪٽي به ملي وڃن ته انهن کي پاڻ ڏي هرگز نه ڇڪي بلڪ اڳوٽي خليفي جي طرف ترغيب ڏياري ۽ انجا فضائل بيان ڪري يعني تعريف ڪري.
7. جو به خليفو صاحب پنهنجي جماعت ۾ چئن مهينن اندر تبليغ لاءِ نه ويو ته ان جماعت ۾ پيو خليفو مقرر ڪيو ويندو.
8. جيڪڏهن ڪنهن ڳوٺ ۾ ٽي يا چار خليفا صاحب پنهنجا مريد رکندڙ آهن ته هر هڪ کي پنهنجي مريد جي دعوت وٺڻ ۽ انکي حلقو مراقبو ڪرائڻ جو حق آهي فقط ٻئي خليفي صاحب جي مريدن کي پاڻ ڏي نه ڇڪي.
9. هر خليفي کي ضروري آهي هر مهيني جي جلسي ۾ پنهنجي جماعت سوڏو شريڪ ٿئي. اگر ڪنهن سبب ڪري پهچي نه ٿو سگهي ته خط پٽ ذريعي پنهنجي حال کان آگاهه ڪري.

پهريون خليفو

صاحبزاده ڪليم الله انصاري

خانپور ضلعو دادو

صاحب العلم والفضل حضرت صاحبزاده مولانا ڪليم الله صاحب دام اقبال حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه جا وڏا فرزند ارجمند آهن. سندن ولادت 26 رجب المرجب 1373ع صبح صادق جي وقت ٿي. قرآن مجيد حافظ نظام الدين وٽ پڙهيا. دنياوي تعليم پرائمري ڪان سندي فائنل ست درجا خانپور شهر ۾ حاصل ڪيائون. ان ڪانپوءِ ايم اي اسلاميات سنڌ يونیورسٽي مان حاصل ڪيائون. ديني تعليم جن استادن وٽ حاصل ڪيائون انهن مان نامیارا نالا هي آهن. خليفہ بشير احمد، قاري نظر محمد ڪلهوڙو، قاري محمد ميمڻ وارا، مولانا تاج محمد ٽڏايو، مولانا عبدالرحمن پهر، مولانا غلام محمد جوٽيجو وغيره. پٽي شريف واري مدرسي ۾ مولانا محمد صالح جوٽيجو وٽ پاڻ علم ميراث پڙهيا هئا. اتي مولانا نبي بخش زرداري وٽ به سبق حاصل ڪيائون. ڪجھ وقت مولوي دين محمد پٽائي، مولانا غلام قادر لغاري ۾ مولوي محمد اسماعيل لغاري وٽ به ڳوٺ ولي محمد ۾ پڙهيا هئا. استاذ العلماء مولانا ڪريم بخش ميمڻ وارن وٽ آخري ڪتاب پڙهيائون.

بهترين عالمن وٽ علم حاصل ڪري پاڻ بهترين عالم، معلم ۽ مدرس بنجي نڪتا. تدريسي خدمتون به سرانجام ڏنائون. سندن مشهور شاگردن ۾ مولوي محمد حنيف چانڊيو، مولوي غلام محمد ميمڻ، مولوي بدرالدين ميمڻ، مولوي محمد حسن پٽي، مولوي محمد عظيم منگي، مولوي محمد امين منگي، مولوي شهاب الدين زئور وغيره شامل آهن.

جيئن ته پاڻ حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه جا وڏا فرزند هئا ان ڪري سندن نگاهن ۾ دعائن جو مرڪز رهيا. پاڻ ڪين پنهنجي هٿن سان پٽڪو ٻڌائيندا هئا. ديس پرديس پاڻ سان وٺي هلندا هئا. سندن تعليم ۽ تربيت ڪندا هئا. ڪين سلسلہ عاليہ نقشبنديہ جي خلافت سان به نوازيائون.

خلافت ملڻ بعد پاڻ ڪڙيو گھنور، گولاڙچي، ٽنبو محمد خان، ڪرواھ، ماتلي، خانپور، خيرپورناٿن شاھ، وسائي ۾ ٻين ڪيترن ئي علائقن ۾ تبليغ ڪيائون.

1988ع ۾ سنڌ گورنمنٽ کين عربي ٽيچر مقرر ڪري رکيو. ان سرڪاري ڊيوٽي سان گڏ پاڻ ديني تبليغ جو سلسلو جاري رکيون اچن ٿا. پاڻ سڌا مقرر ۾ خطيب ۽ آھن پاڻ شاعري تي ۽ طبع آزمائي ڪئي اٿن. سندن شاعري مان نموني طور شعر پيش آھي:

ديدار مديني جو وھوا سينگار مديني جو،
الله ڪيو احسان مليو منڌار مديني جو.
سڀ مرض لھن ٿا پيا ھڪ نوري نگاھ سان،
مؤمن در رحمت جو قربدار مديني جو.
درمان مليا در تي سوين سوز فراقن جا،
ڪن مَلڪَ فَلڪ پيا ھر دم ديدار مديني جو.
مولا ڪئي منھنجي سڌائي واڳ مديني پاڻ ورائي،
وڃي اڪڙين سان ڏئم دلدار مديني جو.
ڪيم درد سنديون دانھون پياري پنھل واريون واھون،
سڀ سانگ سڌاوا ٿيا جڏھن ڏئم مينار مديني جو.
طوفانن جي نہ ڪا پرواھ "ڪليم الله" غفاري،
سڀ دعائون قبولي ٿو سردار مديني جو.

مديني پاڪ جي انھن محبتن کين نيٺانيٺ حبيب ڪريم ﷺ جي پاڪ دربار جي زيارت نصيب ڪرائي. ھن ئي سال 2.2.2012 تي پاڻ حرمين شريفين جي زيارت جي سعادت ماڻي آيا آھن. ھن وقت سندن مستقل رھائش خانپور ۾ آھي.

پاڻ پنھنجي خانداني روايت مطابق سخي، مھمان نواز، علمي ذوق ۽ شوق جا مالڪ آھن. ھڪ شادي ڪئي اٿن، جنھن مان کين ڇھ پٽ پنج نياڻيون آھن. پٽن ۾ 1. نور الحق 2 شمس الحق. (ھنن ٻنھين جا نالا محبوب الاھي پاڻ رکيا ھئا) 3 سجاد علي 4 فياض علي 5 صدام علي 6 امير مجاھد علي آھن. الله ڪريم کين گھراٽي سميت شاد آباد رکي

ٻيون خليفو

صاحبزاده حسن الله انصاري

درگاه کرمپور لڳ دادو

ڀر ۾ محبت وارو، حلم ۾ حسن اخلاق وارو حضرت صاحبزاده محمد حسن الله الاهي ڪرمي مدظله جي ولادت 7 صفر وقت ظهر 1381 هـ ۾ ٿي. پاڻ قرآن مجيد حافظ نظام الدين جوٽيجو وٽ درگاهه الله آباد خانپور ۾ پڙهيا. ان کانپوءِ عربي فارسي حضرت علامه مفتي ڪريم بخش مگسي وٽ مدرسه دارالقرآن ميڙ ۾ حاصل ڪيائون. پرائمري ۾ انگريزي تعليم ميٽرڪ تائين هاءِ اسڪول خانپور ۾ پڙهيا.

سندن صورت شبيه قدبت حضرت محبوب الاهي سان ملندڙ آهي. طبيعت ۾ نهايت نرم، مائيٽا ۾ فقيراٽي مزاج جا مالڪ آهن. حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه جو ساٽن گهٽو پيار پاڻوهه شفقت ۾ محبت هئي. سندن تعليم ۾ تربيت پنهنجي نوراني نگاهن سان ڪيائون. کين سلسلہ عاليہ نقشبنديہ جي اجازت بہ عنايت ڪيائون. خلافت ملڻ کانپوءِ پاڻ ڪنڊيارو، محبت ديرو، ٺاروشاهه، مورو، ميڙ، خيرپورناٽن شاهه، دادو، ماتلي، ٽنڊو محمد خان، حيدرآباد، جامشورو، ڪوٽڙي، ڪراچي، ٺٽو، سجاول، نوابشاهه، پان سعيدآباد، سيوهڻ وغيره ۾ تبليغي جلسا ڪندا رهندا آهن.

حضرت جن سان گهٽو وقت سفر حضر ۾ ساڻ رهيا. جڏهن حضرت جن ڪرمپور شريف جي دربار قائم ڪئي تہ کين اتي رهڻ جو حڪم ڪيائون. پاڻ جيئن اتي اچي رهيا تہ اڄ تائين اتي سڪونت پذير آهن.

1411هـ ۾ حضرت جن جي رحلت فرمائڻ بعد پاڻ هن فقير (ڪرم الله) سان بيعتِ ثاني ڪيائون. هن فقير بہ کين خلافت ڏني آهي. نهايت اديب ۾ خليق، شفيق ۾ قلب جا رقيق آهن. سندن صورت سهڻي ۾ سيرت تہ مُهڻي آهي. وڏا مهمان نواز ۾ غريبن جا هڏ ڏوکي ۾ همدرد آهن. ڪڏهن بہ پنهنجي هٿ ۾ زبان سان ڪنهن کي ڪو نہ ڏکويو اٿن.

شروع ۾ جڏهن پاڻ ڪرمپور ۾ اچي رهيا تہ پاڻ بيان ڪيائون تہ هڪ پيري رات جو گهر ۾ اسان سڀ آرامي هئاسين تہ چورن چوري لاءِ گهر ۾ اندر اچڻ جي ڪوشش ڪئي. مان ان وقت ننڊ ۾ ستل هيس. خواب ۾ حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه جي زيارت ٿي پاڻ فرمائن پيا تہ : "ٻچا اٿي پنهنجي گهر جو خيال ڪر". جيئن ئي ننڊ مان اٿيس تہ ديوار تي چور کي ڏٺم جيڪو اندر اچڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هيو. مون زور سان چيو "الله" تہ چور پرئين پاسي ڏوڙيو ڪري وڃي ڪريو. جيئن ڪنهن ان کي لڻ هنئي هجي. اها خبر حضرت جن سان ڪيم پاڻ تسلي ڏيندي فرمايائون: "ٻچا مان توهان کي الله جي رضا خاطر هتي رهايو آهي. الله تعالیٰ هتي اوهان جي ائين حفاظت ڪندو جيئن زبان ٻتيم ڏندن جي وچ ۾ محفوظ آهي ۽ الله تعالیٰ توهان کي ڪڏهن ب ڏکيو ڏينهن کونہ ڏيکاريندو". تن ڏينهن کان هن وقت تائين الحمد لله خير سلامتي جو وقت گذري رهيو آهي.

حضرت جن اکثر ڪري خطن ۾ کين حاجي حسن الله ڪري لکندا هئا. ان لفظن جي برڪت آهي جو پاڻ ڇهه پيرا حرمين شريفين جو ديدار ماڻي آيا آهن.

ڪجهه شاعري ب ڪئي اٿن. جيڪا قلمي صورت ۾ موجود آهي. پاڻ هڪ شادي ڪئي اٿن جنهن مان کين چار پٽ ڇهه نياڻيون ٿيون آهن. 1. شاهه دوران عرف خادم حسين ڪرمي، 2. محمد زمان ڪرمي، 3. الاهي بخش عرف پنهل سائين ڪرمي، 4. محمد سعيد ڪرمي.

هن وقت پاڻ سنڌ جي گهٽن شهرن ۾ هراڙي جي ڳوٺن ۾ شب و روز تبليغ دين ۾ مصروف آهن. ان کان علاوه هر مهيني ماهوار پروگرام ب ڪندا آهن. هر اسلامي مهيني جي يارهين جي رات بعد نماز مغرب ڳوٺ گل محمد ڏاهري نزد دادو ۾ ساڳي رات بعد نماز عشاء درگاهه بهران فقير دادو شهر ۾. هر اسلامي مهيني جي چوڏهين جي رات بعد نماز عشاء ملاح چوڪ دادو ۾. هر ماهه پهرين جمعه جي رات بعد عشاء اچي مسجد نزد ٽارو شاهه ۾ ۽ هر ماهه پهرئين جمعه جي شام بعد نماز عشاءِ جامع مسجد محبت ديرو لڳ ڪنڊيارو ۾ اهي عظيم الشان پروگرام ماهوار ڪندا آهن. دربار عاليه ڪرمپور شريف سنڊن ميزباني ۾ هر ماهه ٻارهين جي رات عظيم الشان روح پرور محفل ٿيندي آهي.

ٽيون خليفو
ناچيز و ناتوان فقير ڪرم الله

هن ڪتاب جو لکندڙ فقير ناچيز ڪرم الله جنهن کي محبوب الاهي محض پنهنجي عنايت ۽ احسان سان پنهنجي خلافت، نيابت ۽ سجاده نشينيءَ جو منصب عنايت فرمايو. نندپٽ ڪان ٿي مون سان سندن تمام گهڻو پيار ۽ پاڻهه، محبت ۽ مودت هوندي هئي. پاڻ فرمائيندا هئا تہ: "ڪرم الله منهنجو بختاور ٻچو آهي. ان جي جنمڻ سان مون کي بشارت ۽ باطن جي نعمت ملي هئي. جڏهن به دعا گهرندو آهيان تہ ڪرم الله منهنجي اکين اڳيان هوندو آهي". سندن اهي پيار پريا الفاظ اڄا تائين ڪيستِ ۾ محفوظ آهن.

منهنجي تعليم ۽ تربيت پاڻ پنهنجي نگراني ۾ ڪيائون. ديني تعليم لاءِ ڪجهه وقت مدرسن ۾ داخل ڪرائڻ بعد ازراهِ عنايت بقيه اسباق پاڻ پڙهايائون.

سلسلي عاليه نقشبنديه جا اذڪار ۽ مراقبات جن ۾ لطائف خمسه، مشارب نقشبنديه، حقائق سبعه، شيور اربعه، دائرهِ امڪان ڪان دائره لاتعين تائين جا اسباق ۽ اشغال پنهنجي روحاني توجهات سان ڏئي ڪرايائون. ٽي پيرا پنهنجي لعابِ دهن منهنجي وات ۾ وڌائون. پنهنجي وصال ڪان ڪيئي سال اڳ پنهنجو مصلو ۽ امامت فقير جي حوالي ڪيائون. پنهنجي ظاهري زندگي ۾ پنهنجي جوڙيل جماعت بشمول صاحبزادگان خلفاءِ ۽ خُدام، فقراءِ ۽ عوام جي هن فقير ڏانهن رجوع ڪيائون. جيترا منهنجي بدن ٽي وار آهن ايترين منهنجون زبانون هجن تہ به سندن هڪ ٿوري جو شڪر ادا ڪرڻ جو حق ادا ڪري نہ ٿو سگهان. منهنجي تربيت ڪيئن ڪيائون؟ ڪجهه واقعا پيش ڪيان ٿو.

اسڪول ۾ اڻين جماعت پڙهڻ دوران جڏهن وڪيشن جي موڪلن جا به مهينا آيا تہ پاڻ هن فقير کي شهداد پور ۾ خليفي محمد صديق وٽ موڪليائون. اتي استاد غلام حيدر تونسوي رحمة الله عليه وٽ قرائت پڙهيس. اتان حضرت جن کي حال احوال جو هڪ خط لکيم. ان ۾ پنهنجي نالي سان گڏ "قاري القرآن" ۽ به ٽي پيا لقب به لکيم. جڏهن موٽي آيس تہ پاڻ فرمايائون: "پٽ پاڻ کي لقب القاب کونہ ڏبا آهن، فقيري نيازمندي جو نالو آهي".

اتان موٽڻ بعد مون تهجد نماز شروع ڪئي هئي. هڪ ڏينهن پاڻ فرمايائون ته ڪنهن کي ڪهڙي دوا لڳي ڪنهن کي ڪهڙي؟ ڪرم الله کي شهداد پور واري دوا لڳي آهي، جو اتان اچڻ بعد تهجد نماز شروع ڪئي اٿس.

مولوي محمد اسلم ۽ هن فقير کي گڏ خلافت عنايت فرمائي هٽائون. ٽپهري نماز بعد اسان ٻنهين کي ٽن قبن واري مسجد ۾ اندر وٺي ويا. پوءِ خصوصي توجه ڏنائون، ان سان مون ائين سمجهيو ته دل آئيني وانگر صاف ٿي وئي. ڪيڏي مهل عجيب عجيب قلبي وارداتون ٿيندیون هيون. هڪ ڏينهن اهو عرض ڪيم. پاڻ فرمايائون: خواهن ۽ خيالن کشفن ۽ ڪرامتن جا طالب نه ٿيو. اگر ٿي پون ته شڪر ادا ڪيو نه ٿين ته به شڪر ادا ڪيو.

خلافت ملڻ بعد اڪيلو اڪيلو تبليغ ۾ نڪري ويندو هيس. پاڻ فرمايائون سفر ۾ اڪيلا نه ويندا ڪيو. ساٿي ساڻ ضرور ڪٽو. هڪ ڏينهن فقير شبير احمد پتوجو کي ساڻ رلائي تبليغ تي موڪليائون. ان کي نصيحت ڪيائون ته ڪرم الله سان ائين محبت رکجانءِ جيئن مون سان رکندو آهين. هن جو ادب ائين کجانءِ جيئن منهنجو ڪندو آهين.

جڏهن به تبليغ تي ويندو هيس ته هر پيري نيت خالص الله جي رضا واري رکڻ جي نصيحت ضرور ڪندا هئا. هڪ پيري تبليغ لاءِ وڃڻ جي اجازت طلب ڪيم ته پاڻ هيءَ نصيحت ڪيائون : "پٽ نيت خالص الله جي رضا جي رکجو. دل ۾ اهو خيال به نه آڻجو ته ماڻهو اوهان کي پير سڏن. اوهان جا هٿ چمن. هر گز هرگز پنهنجي عزت، شُهرت، نام نمود جو خيال نه رکجو. بلڪ پاڻ کي مسافر غريب الوطن سمجهي الله جي اڳيان نهايت عاجزي سان دعا مناجات ڪري مدد طلب ڪجو. جنهن ڳوٺ ۾ تبليغ تي پهچو ته سواريءَ تان هيٺ زمين تي لهڻ کان اول پنهنجي نيت خالص الله جي رضا واري بنائجو. ماڻهن کان ڪنهن به شيءِ جي گهر سوال نه ڪجو. پر دل ۾ طمع به نه رکجو. ڏينهن رات جو جيترو آساني سان ٿي سگهي دل جو درد رکي، خلوص دل سان تقرير تبليغ ڪجو. رات جو وري تهجد پڙهي انهن ماڻهن جي اصلاح لاءِ الله کان دل جي حضور سان دعا گهرجو. پوءِ ڪجهه دير مراقبو ڪري پنهنجي اندر جي صفائي ڪجو. جو ته عورت گهر کي ٻهارو هٽي صاف ڪندي آهي ته آخر ۾ پنهنجو منهن به ڏوئندي آهي.

چو تہ صفائي ڪندي ڏوڙ ان جي مٿان بہ پوندي آهي. ان طرح مبلغ بہ جڏهن پين جي اندر جي صفائي ڪري ٿو تہ اها ميراڻ سندس بدن تي بہ پوي ٿي. ان جي صفائي بہ ضروري آهي.

جڏهن تبليغ تان واپس موٽندو هيس تہ پاڻ ڏاڍو خوش ٿيندا هئا. اگر سُتل هوندا هئا تہ اٿي ويهندا هئا. ذري ذري جي خبر پڇندا هئا. ڪٿي تبليغ تي ويئو؟ ڪيترن ماڻهن ذڪر پڇيو؟ ڪهڙي موضوع تي تقرير ڪيوَ؟ فقيرن جو اوهان سان برتاءُ ڪهڙو هيو. فلاڻو فقير فلاڻو خليفو ملڻ آيو هيو يا نہ؟ ان طرح سوال پڇندا هئا. نندپڻ کان وٺي مون سان جمع ۾ ڳالهائيندا هئا. دل جي ڪيفيت اها هوندي هئي جو ڪين پنهنجو محبوب ۾ معشوق ڪري سمجهندو هيس. جنهن ڏينهن دل ۾ اهو خيال ڪيم تہ پاڻ منهنجا بابا آهن تہ ان ڏينهن باطن ۾ ڪا ڪيفيت محسوس ڪو نہ ٿيندي هئي. جنهن ڏينهن سمجهندو هيس تہ پاڻ منهنجا مرشد، منهنجا محبوب آهن ان ڏينهن دل ۾ عجيب عجيب ڪيفيتون نصيب ٿيندين هيون.

ڪاڇي جي سفر ۾ هڪ پيري ساڻن گڏ هيس. دولتاڻين مان واپس پئي موتياسين حاجي جمن عالماڻي مرحوم جي ڳوٺ ڪڙيو زنگي. فقيرن مون کي موٽر سائيڪل تي حضرت جن کان بہ ڪلاڪ اڳ ۾ ڪٽي اچي ڪڙيو پهچايو. سائين جن اڃا دولتاڻين ۾ ترسيل هئا. اهي ٻئي ڪلاڪ مون روئندي گذاريا. خبر ناهي اها ڪا قلبي ڪيفيت هئي يا نندڙو هيس بابا جي جدائي ۾ پئي رنم. جڏهن پاڻ پهتا ايڏو خوش ٿيس جو ڪڏهن عيد جي ڏينهن نوان ڪپڑا پائي بہ ايڏو خوش کو نہ ٿيو هيس.

سفر مان ڪڏهن بہ هٿين خالي کو نہ موٽندو هيس. کو نہ کو تحفو يا فروٽ يا سندن پسند جي ڪا شيءِ وٺيون ايندو هيس. پاڻ ڏاڍو خوش ٿيندا هئا. امان سائڻ جو گهڻو پيار ادا حسن الله سان ۾ حضرت جن جو گهڻو پيار هن عاجز سان هيو. عمر جي آخري ايام ۾ تہ مون کي تمام گهڻو پائيندا هئا. هڪ ڏينهن امڙ چيو تہ ڪرم الله کي اجازت ڏيو ڪرمپور پنهنجي پاءُ حسن الله سان وَسنهن ڪري ويهي. پاڻ فرمايائون، ڪرم الله اسان جي هٿن جي ڏوئي وانگر آهي. ان کي ڪيئن پاڻان جدا ڪنداسين. ٻئي پيري امڙ جي اهڙي اصرار تي فرمايائون : ڪرم الله اسان جي پيري جو سهارو آهي ان کي اسان پاڻان جدا ڪو نہ ڪنداسين.

چوٽون خليفو

حضرت خليفہ محمد حسين

لاهوري ضلعہ دادو

صاحبِ محبت وصاحبِ استقامت، صاحبِ جلال وصاحبِ ڪمال حضرت خليفہ محمد حسين ولد محمد يوسف پنهور جي ولادت 6 نومبر 1942ع ۾ ڳوٺ لاهوري لڳ خيرپور ناٿن شاهہ ۾ ٿي. سندس ننڍپڻ ۾ ان ئي ڳوٺ ۾ گذريو. 1956ع ۾ سنڌي فائينل ڳوٺ وادا لڳ بهادر پور ۾ ڪيائون. ميٽرڪ هاءِ اسڪول ميهڙ ۾ 1962ع ۾ انٽر ڊگري ڪاليج دادو ۾ 1964ع ڪيائون. ناظره قرآن مجيد قاضي امان الله چانڊيہ گرڪٽ واري وٽ پڙهيا. فارسي مولانا مولوي در محمد پنهور وٽ ميهڙ ۾ پڙهيا. سندن استادن ۾ مقبول احمد شڪارپوري، قمر الدين راجپوت، نور احمد بلوچ دادو وارو وغيره هئا. پڙهڻ بعد پاڻ استاد ٿيا.

بيعتِ اول: پاڻ 1956ع ۾ حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه سان گڏجي پير مٺا سائين رحمة الله عليه سان بيعت ڪيائون. پوءِ سندن صحبت ۾ اڇ وڇ جو سلسلو 1964ع تائين جاري رکيائون.

بيعت ثاني ۽ خلافت : حضرت پير مٺا رحمة الله عليه جي وصال کان پوءِ پاڻ محبوب الاهي رحمة الله عليه سان خانپور ۾ بيعتِ ثانيہ ڪيائون. بيعت ڇا ڪيائون پر پنهنجو ڳوٺ وطن سڀ ڪجهہ ڇڏي اچي مرشد جو در وٽي وينا. نوڪري ۽ ڇڏي ڏنائون. سندس محبت ۽ الفت کي ڏسي حضرت جن ڪيس استاد حافظ نظام الدين جوٽيجو سان گڏ خلافت عنايت فرمائي. پاڻ پيار منجهان ڪيس "ماسٽر صاحب" ڪري سڏيندا هيا.

نانگري : سندس امانتداري، ڪفايت شعاري کي ڏسي حضرت جن ڪيس ننگر جي خدمت تي مقرر فرمايو. ان ڪري پوري جماعت کين **خليفو نانگري** سڏيندي آهي. حضرت جن ننگر جا مالي معاملات سڀ خليفي صاحب جي حوالي ڪيا هئا. زندگي جو

گھٹو حصو حضرت جن جي صحبت ۾ گذاريائون. هن فقير جو تجربو آهي تہ جيڪو بہ ننگر جي خدمت تي مقرر ٿيندو آهي تہ ان ۾ طبعًا سختيءَ جلال اچي ويندو آهي.
سو خليفي صاحب ۾ بہ اهو جلال هوندو هيو. اسان ننڍا هوندا هئاسين. ڪيس وجي چوندا هئاسين: "ماما ماستر ڳڙ ڏي". اول تہ ڏاڍيون چڙڦون ڏيندو هيو. پوءِ وري ڳڙ ڏئي اسان جا هٿ چمي چوندو هيو او سائين ناراض نہ ٿجو. او سائين ناراض نہ ٿجو. سندس اهي چڙڦون ۽ وري پوءِ منڦون اڃا نہ ٿيون وسرن. سندن امانتداري سبب حضرت جن جو مٿن وڏو اعتماد هوندو هيو.

تڪميل سلوڪ ۽ اجازتِ مطلقہ : محبوب الاهي رحمة الله عليه جي وصال بعد خليفي صاحب باقي اسباق جي تڪميل هن فقير وٽ ڪئي. ناچيز ڪيس خلافتِ مطلقہ ڏني آهي. هاڻي پنهنجي ڳوٺ ۾ هر ماهہ اٽيمين جي رات جلسو ملهائيندا آهن. ڪثير تعداد ۾ ماڻهو ڪانئن مستفيض ٿي رهيا آهن. الله ڪريم سندن فيض ۽ برڪت ۾ مزيد برڪتون عطا فرمائي.

سيرت: پاڻ سٺن اخلاقن سان سينگاريل آهن. سندن خاص خوبي انڪساري آهي. جڏهن بہ ڪين ڏٺو ويو تہ پاڻ صبر، برداشت ۽ عاجزي جا پيڪر نظر آيا. ڪين ڪو ماڻهو گهٽ وڌ ڳالهائي وڃي تہ پاڻ ان کي ڪو بہ جواب نہ ڏيندا آهن. سنت ۽ شريعت تي سختي سان ڪاربند رهڻ وارا آهن. مٿي تي هميشہ پٽڪو هوندو اٿن. اڪثر ذڪر ۾ مشغول نظر ايندا آهن.

دين جو درد : دين جي پرچار لاءِ پاڻ جهر جهنگ، ننڍن توڙي وڏن ڳوٺن، وستين ۽ واهٽن ۾ ستل ماڻهن کي جهالت جي ننڊ مان سجاڳ ڪرڻ لاءِ اڄ بہ پاڻ پتوڙي رهيا آهن. خيرپور ناٿن شاهہ کان سيوهڻ شريف تائين تقريبًا هر ننڍي وڏي ڳوٺ ۾ تبليغ لاءِ ويا آهن. ان کان علاوه لاڙڪاڻو، دادو، نوابشاهہ، سانگهڙ، نوشهروفيروز، بدين ۽ ٺٽي ضلعن جي ڪافي شهرن ۽ ڳوٺن ۾ دين جو پيغام پهچائي رهيا آهن. سفرن ۾ ڪين ڪافي تڪليفون بہ ڏسٽيون پيون آهن پر پوءِ بہ تبليغ دين ۽ اشاعتِ سلسلہ ۾ شب و روز مشغول آهن.

شادي ۽ اولاد : پاڻ هڪ شادي ڪئي اٿن جنهن مان ڪين ڇهہ پٽ ۽ هڪ نياڻي آهي.
1. محمد صالح 2.غلام رسول 3. محمد ابراهيم 4. احمد 5. ممتاز علي 6. عبدالقادر
هن وقت پاڻ خيرپور ناٿن شاهہ ۾ سڪونت پذير آهن.

گهٽو حصو حضرت جن جي صحبت ۾ گذاريائون. هن فقير جو تجربو آهي ته جيڪو به نگر جي خدمت تي مقرر ٿيندو آهي ته ان ۾ طبعًا سختي ۽ جلال اچي ويندو آهي. سو خليفي صاحب ۾ به اهو جلال هوندو هيو. اسان ننڍپ هوندا هئاسين. ڪيس وڃي چوندا هئاسين: "ماما ماسٽر ڳڙڪي ڏي". اول ته ڏاڍيون چڙهون ڏيندو هيو. پوءِ وري ڳڙڪي ڏني اسان جا هٿ چمي چوندو هيو ۽ سائين ناراض نه ٿيجو. او سائين ناراض نه ٿيجو. سندس اهي چڙهون ۽ وري پوءِ مٺائون ايجاد ٿيون وسرن. سندن امانتداري سبب حضرت جن جو مٺن وڏو اعتماد هوندو هيو.

تڪميل سلوڪ ۽ اجازت مطلقه : محبوب الاهي رحمة الله عليه جي وصال بعد خليفي صاحب باقي اسباق جي تڪميل هن فقير وٽ ڪئي. ناچيز ڪيس خلافت مطلقه ڏني آهي. هاڻي پنهنجي ڳوٺ ۾ هر ماهه اٺتيهين جي رات جلسو ملهائيندا آهن. ڪثير تعداد ۾ مائهو ڪائنس مستفيض ٿي رهيا آهن. الله ڪريم سندن فيض ۾ برڪت ۾ مزيد برڪتون عطا فرمائي.

سيرت: پاڻ سٺن اخلاقن سان سينگاريل آهن. سندن خاص خوبي انڪساري آهي. جڏهن به ڪين ڏوويو ته پاڻ صبر، برداشت ۽ عاجزي جا پيڪر نظر آيا. ڪين ڪو مائهو گهٽ وڌ ڳالهائي وڃي ته پاڻ ان کي ڪو به جواب نه ڏيندا آهن. سنت ۽ شريعت تي سختي سان ڪاربند رهڻ وارا آهن. متي تي هميشه پٽڪو هوندو اٿن. اڪثر ذڪر ۾ مشغول نظر ايندا آهن.

دين جو درد : دين جي پرچار لاءِ پاڻ جهر جهنگ، ننڍن توڙي وڏن ڳوٺن، وستين ۽ واهٽن ۾ ستل مائهن کي جهالت جي ننڊ مان سجاڳ ڪرڻ لاءِ اڄ به پاڻ پتوڙي رهيا آهن. خيرپور ناٿن شاه کان سيوهڻ شريف تائين تقريبًا هر ننڍي وڏي ڳوٺ ۾ تبليغ لاءِ ويا آهن. ان کان علاوه لاڙڪاڻو، دادو، نوابشاهه، سانگهڙ، نوشهروفيروز، بدين ۽ ٺٽي ضلعن جي ڪافي شهرن ۽ ڳوٺن ۾ دين جو پيغام پهچائي رهيا آهن. سفرن ۾ ڪين ڪافي تڪليفون به ڏسڻيون پيون آهن پر پوءِ به تبليغ دين ۽ اشاعتِ سلسلہ ۾ شب و روز مشغول آهن.

شادي ۽ اولاد : پاڻ هڪ شادي ڪئي اٿن جنهن مان ڪين چهه پٽ ۽ هڪ نياڻي آهي.
1. محمد صالح 2. غلام رسول 3. محمد ابراهيم 4. احمد 5. ممتاز علي 6. عبدالقادر
هن وقت پاڻ خيرپور ناٿن شاه ۾ سڪونت پذير آهن.

مدينہ منوره جي حاضري: سال 1431 هـ ۾ پاڻ حرمين شريفين جي حاضري جي سعادت ماڻيائون. رمضان المبارڪ ۾ ڪين مسجد نبوي شريف ۾ اعتڪاف جي سعادت ۽ نصيب ٿي. الله ڪين ۽ سندن گهراٽي کي شاد آباد فرمائي.

پنجون خليفو
مولانا اشرف علي لغاري
ڪاڇو ضلعو دادو

مقرر شيرين مقال، خوشخصال حضرت خليفہ مولانا اشرف علي لغاري بن بخشل فقير لغاري زيد مجده جي ولادت پهرين جنوري 1948 ع ۾ ڳوٺ تاج محمد دولتاڻي ڪاڇو تعلقو خيرپور ناٿن شاهہ ضلعي دادو ۾ ٿي. سندن والد فقير بخشل حضرت سائينجن جو پراڻو فقير هيو. پاڻ ان وٽ دعوت تي تشريف فرما ٿيندا رهندا هئا. ان ڪري مولوي صاحب کي نندپڻ کان محبوب الاهي رحمة الله عليه جن سان نسبت هئي.

حصولِ علم: پاڻ پرائمري پنج درجا پنهنجي ڳوٺ ۾ پڙهيا. پوءِ گوزي اسڪول ۾ انگريزي پڙهڻ لاءِ داخلا ورتائون. ان دوران حضرت جن سندن ڳوٺ تشريف فرما ٿيا، پاڻ کانئس پڇيائون تہ چا ٿا پڙهو؟ عرض ڪيائين گوزي انگريزي اسڪول ۾. پاڻ فرمايائون: پٽ! اسان جون تو ۾ وڏيون اميدون آهن تہ تون عالم ٿيندين. سو جلدي درگاهہ تي اچ ۽ ديني علم حاصل ڪر. پوءِ پاڻ خليفي فتح محمد سان گڏجي دربار تي ويا ۽ اتي ديني تعليم جو آغاز ڪيائون. فارسي ۽ صرف تائين مولوي علي گوهر قمبراٽي، مولوي شفيع محمد واڌيءِ مولوي عبد الرحمان ملاح وٽ پڙهيا. سندن تعليم جو خرچ پاڻ حضرت جن پنهنجي هڙان پئي ڪيو. پوءِ ٽوڙهي ۾ مولانا احمد علي دايو وٽ ڪجهہ وقت زير تعليم رهيا. پوءِ ڪڙيو غلام الله ۾ مولانا محمد اسحاق ڪوهاري رحمة الله عليه جي فرزند مولوي تاج محمد ڪوهارو وٽ درس نظامي مڪمل ڪري دورهءِ حديث پڙهيا. 1974 ع ۾ فارغ التحصيل ٿي دستار فضيلت جي سعادت حاصل ڪيائون. علم ميراث مولانا تاج محمد

سڏايو وت ميڙ ۾ پهرئين نمبر ۾ پاس ڪيائون. اهو بزرگ مدينہ يونيورسٽي ڪان فارغ هيو. پوءِ پاڻ دورهءِ تفسير مولانا محمد حسن بازري ڪانڈرو وت پڙهيائون. تعليم پوري ڪرڻ بعد پاڻ ڪجھ وقت تلهار ۾ امامت جا فرائض بہ سرانجام ڏنائون.

بيعت ۽ خلافت : پاڻ هارهن سالن جا ئي هئا تہ حضرت پير مڻا سائين وصال فرمايو. ان وقت پاڻ حضرت محبوب الاهي سان بيعت ڪيائون. پوءِ سندن حڪم سان امامت ترڪ ڪري سندن صحبت ۾ اچي رهيا.

خود بيان ڪيائون تہ ظاهري علم ڪان فارغ ٿيڻ بعد هڪ ڏينهن مان خير پور ۾ آيس تہ مولوي گلشير گاڏهي ٻگ وارو مليو جيڪو حضرت پير مڻا سائين جو مريد هيو ۽ پوءِ ڪنڀياري وارن بزرگن جو پانڊئيڙو هيو. ان مون کي چيو تہ مولوي صاحب علم ڪان فارغ ٿيڻ بعد ڪنهن بزرگ ڪان اڪتساب فيض بہ ڪيوَ. مون چيو تہ مولوي صاحب ٻڌاءِ تہ ڪنهن جو مريد ٿيان؟ چيائين توهان خانپور وارن بزرگن جا مريد ٿيو. چو تہ انهن جمڙو فياض هن دور ۾ ٻيو ڪو بہ نہ آهي. مون چيو الحمدلله مان انهن جو مريد آهيان. چيائين پوءِ اوهان کي مبارڪ هجي. سندن محبت محنت ۽ ديني خدمت کي ڏسي حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه ڪين 1974 ع ۾ خلافت جي نعمت سان سرفراز فرمايو.

مولوي صاحب جن فرمايو تہ مون حضرت محبوب الاهي جي صحبت ۾ زندگي جو وڏو حصو گذاريو. مون ڏٺو تہ جيئن پاڻ فرمائيندا هئا. ائين ٿي پوندو هيو. سندن گفتار ۾ تاثير هئي. پر سندن لباس ۾ بہ فيض هيو. هڪ ڏينهن سندن پهرياڻ مبارڪ هواءِ ۾ لُڏيو تہ منهنجي دل تحرڪ ۾ اچي وئي ۽ ٽي چار ڪلاڪ جذبي جي ڪيفيت جاري رهي.

بيعتِ ثانيہ: محبوب الاهي رحمة الله عليه جي وصال بعد پاڻ هن فقير سان بيعتِ ثانيہ ڪئي اٽن ۽ فقير بہ ڪين سلسلہ عاليہ جي اجازت ڏني آهي ۽ سندن ڳوٺ ۾ هر مهيني چوڏهين جي رات مقرر ڪئي آهي، جتي پاڻ في سبيل الله خدمت دين ڪري رهيا آهن.

مقرر شعلہ بيان: خليفہ صاحب جن پهرئين جوڙ جا مقرر آهن. الله ڪريم کين مٺڙو آواز عطا ڪيو آهي. پاڻ لاڙ ۽ پار ، ڪچو ۽ ڪاڇو، سندڙ ۽ بلوچستان جي گهٽن شهرن ۾

تبليغ ڪندا آهن، وڏن جلسن ۾ ڪانفرنسن ۾ خطاب ڪندا آهن. گهٽا ماڻهو سندن تقرير ۾ تاثير ۽ٽي صالح بنجي چڪا آهن.

شادي ۾ اولاد : ڪين پنج پٽ ۽ ست نياڻيون آهن. سندن فرزند حفيظ الله، نجي الله (مرحوم) حزب الله (مرحوم) صدام حسين، حزب الله نالي آهن.

پير سان محبت ۾ قرباني: اڄ به ڪين حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه سان بيحد محبت آهي. جڏهن سندن ذڪر ڪندا آهن يا ٻڌندا آهن ته سندن اکيون آليون ٿي پونديون آهن. سندن محبت ۾ قرباني جو اندازو هن ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو ته پاڻ پنهنجون ٽي نياڻيون مرشد ڪريمن جي گهراڻي ۾ ڏنيون اٿن، هڪ حضرت صاحبزاده فضل الله جي نڪاح ۾ ٻي حضرت صاحبزاده نعمت الله جي نڪاح ۾ ٽين نياڻي صاحبزاده شفيع الله جي فرزند الاهي بخش جي نڪاح ۾ ڏني اٿن.

شاعري: پاڻ شاعري ذوق جا مالڪ آهن، سندن شاعري محبتن ۾ نصيحتن سان ڀرپور آهي. بطور نمونو جي سندن غزل پيش آهي:

هن عشق جي آزار جون، ڪهڙيون ڪيان خبرون ڪريون،
جنهن نينهن لاتو دوست سان، سي ٿي ويون هڪدم چريون.

جن پرين پنهنجو ڏٺو، وينا پڙهن دردن ڀٺو،
ڪم ڪار سڀ تن کان ڇُٽو، جن ديد ۾ ديدون اڙيون.

سسئي ويچاري پنيور ۾، ڦاٿي پنهل جي ڏور ۾،
ڪنهن ڪي نه هو هيءُ غور ۾، رڙ ۾ ڪندي راڙي رڙيون.

عشق آيو مصعب جي گهر، مدني مٽان لُٽيئين مال و زر،
سڀ ڇڏيئين مادر پدر، پاتيون شوق مان عاشق ڪڙيون.

عشق هي هڪ نار آ، ساڙي ڇڏي ٿو ماسوئ،
مطلوب بس رهگو يار آ، "اشرف" اهي ڳالهيون ڳريون.

ڇهون خليفو

حضرت روشن علي مزاري

ڪراچي

مبلغ اسلام حضرت خليفہ روشن علي ذات مزاري. اصل ڳوٺ انبار تعلقہ ميھڙ ضلعہ دادو. سندن ولادت انبار ڳوٺ ۾ 8 آگسٽ 1949 ع ۾ ٿي. سندن والد جو نالو احمد فقير بن ڏٽي بخش بن محراب هيو. جيڪو حضرت پير مڻا سائين رحمة الله عليه جو مريد هيو. مسجد جو امام هيو. سندس قبر ب مسجد ۾ آهي. نيڪ صالح مرد هيو. بدعات رسومات کان بچڻ وارو هيو. خليفي صاحب قرآن شريف پنهنجي چاچي حافظ محمد مزاري وٽ پڙهيو. ننڍپڻ کان چاليهہ سالن تائين اتي ئي رهيو. سندس والد سان گڏجي، يارهن سالن جي عمر ۾ حضرت پير مڻا سائين جي صحبت ۾ هڪ پيرو ويو هيو.

حضرت محبوب الاهي سان 1965 ع ۾ خانپور ۾ اچي بيعت ڪيائين. بيعت ڪرڻ کان پوءِ سندس ڪيفيت متجي وئي. دل ذڪر ۾ جاري ٿي وئي کين اڪثر جذبو رهندو هيو. هن سالن بعد 1967 ع ۾ حضرت جن کين ۾ خليفي محمد صالح ڪهيري کي گڏ خلافت عنايت فرمايائون ۾ تبليغ جو امر ڪيائون ۾ چار ڳالهين جو تاڪيد ڪيائون :

1. الله جو ذڪر گهٽو ڪيو.
2. مرشد جي صحبت ۾ گهٽي اچ وچ ڪيو.
3. تقويٰ اختيار ڪيو.
4. دين جي تبليغ الله واسطي ڪيو. طمع، منع ۾ جمع ٿئي ڳالهيون نہ رکو.

ان وقت کان هن وقت تائين (1967 ع کان 2012 ع) پنجيتاليهہ سال تبليغ دين ۾ مصروف آهن. ڪجهہ وقت کان پوءِ مرشد کين بروهين لاءِ خليفو مقرر ڪيائون.1965 ع کان وٺي اڄ ڏينهن تائين ڪيترن علائقن جيئن خيرپور، ميھڙ، نصيرآباد، شهداد ڪوٽ، مورو، نوشهرو فيروز، نارو شاهہ، ڪنڊيارو، مٺياڻي، محبت ديرو، ماتلي، ٽنڊو محمد خان،

بدين، گولاڑچي، 13 ۾ 14چڪ، سجاول، ٽٽو، ڪراچي، زيدي، خضدار، حب، لسبيلو، نال، استخل، باغبان، نوغي ۾ تبليغ ڪندا رهندا آهن. 1972ع ۾ بلوچستان ۾ تبليغ لاءِ سفر ڪيائون. 1989ع رمضان المبارڪ ۾ انبار مان هجرت ڪري شهر ڪراچي ۾ لاسي ڳوٺ ۾ اچي رهيا آهن اتي خدمتِ دين ۾ اشاعتِ سلسلہ ۾ مشغول آهن. هڪ شادي ڪئي اٽن جنهن مان کين . چار پٽ : 1. اشرف علي 2. فضل علي 3. خالد علي 4. اسلم علي ۾ هڪ نياڻي حاجران ٽي آهي.

سندن آواز ۾ ميناڻ آهي. گفتگو ۾ تاثير آهي. حضرت جن جي وقت ۾ صبح جي وقت جڏهن مراقبو ڪرائيندا هئا تہ حضرت جن خود گريہ فرمائيندا هئا. سندن طبيعت ۾ نيازمندي، تواضع جا مڙ آهن. اخلاق اعليٰ آهن. پنهنجن پراون سان محبت ڪرڻ وارا آهن. خوش طبيعت ۾ خوش مزاج آهن. خانپور ۾ اڪثر ٽهري نماز بعد يا صبح نماز بعد حضرت جن جي سامهون پر تاثير تقرير ڪندا هئا.

فقهي مسائل عجيب انداز ۾ بيان ڪندا آهن. معاشرتي مسائل تي ڪُلي ڳالهائيندا آهن. ماڻهن جي نبض تي هٿ رکي ڳالهائيندا آهن. پاڻ ابتدا ۾ گهٽو عرصو خليفي مولوي محمد اسماعيل سان گڏجي تبليغ ڪئي هئائون.

ٽي عمرا ڪيا اٽن. 1998ع ۾ حج بہ ادا ڪيو اٽن.

حضرت جن جي وصال بعد هن فقير سان تجديد بيعت ڪيائون ۾ کين منصبِ خلافت نقشبنديہ جي سعادت نصيب آهي. هن فقير سان والهانہ محبت رکندا آهن. الله ڪريم کين شاد آباد رکي. سندس اهل وعيال کي نيڪي جي راهہ ۾ ثابت قدم فرمائي.

ستون خليفو

حضرت محمد صديق راجپوت

ماتلي ضلعو بدين

جيئن سندن نالو صديق آهي تيئن پاڻ سچ پچ صديق آهي. غمن تي صابر، نعمتن تي شاڪر، وفادار، غمگسار حضرت خليفي محمد صديق بن جان محمد راجپوت جي ولادت سندس اصل ڳوٺ سيلگام هندستان ۾ ٿي. سندس ننڍپڻ اتي گذريو. جڏهن پاڪستان نمیو ۾ دنيا جي تاريخي لڏ پلاڻ ٿي. هندن مسلمانن کي بي دريغ ڪُلو ان قتلِ عام ۾ خليفي صاحب جو والد ۾ ٿي چاچا هرهڪ نالي عباس، شفيع محمد ۾ فتح محمد شهيد ٿي ويا. پاڻ به پنهنجي امڙ کان وڇڙجي ويو ۾ پنهنجي ڀاءُ ماسي ۾ ڀڻيءُ سان گڏ پاڪستان پهتو. رستي ۾ بي رحم ۾ ظالم هندن سندن رفيقن کي ۾ ڪيس تمام گھٽيون تڪليفون ۾ ايذاء ڏنا. جيڪي لکڻ کان قلم قاصر آهي. اڄ به سندس ڪنڌ تي برڇي جي زخم جو نشان سندس مظلوميت جو شاهد آهي. پاڻ ريل گاڏي ۾ سوار ٿي شواٽي اسٽيشن تي آيو ۾ اتي اسپتال ۾ ڪافي ڏينهن زير علاج رهيو. نيڪ ٽيڻ کان پوءِ پنهنجي ڀاءُ عالم علي سان پاڪستان جي ضلعي بدين جي ماتلي شهر ۾ آيو. ماتلي جي پر ۾ سيلگام نالي مهاجرن جو ڳوٺ ٻڌو ويو. خليفو صاحب اتي رهيو. مولوي عبدالحق ڪچي وٽ ناظره قرآن مجيد پڙهيو. پرائمري تعليم به سيلگام ۾ حاصل ڪيائين.

بيعت: اندازاً 1960ع ڌاري حضرت محبوب الاهي رحمه الله تبليغي دوري تي فقير مبارڪ حسين وٽ ڳوٺ لانجاري ۾ منزل انداز هئا ته اتي خليفہ محمد صديق سندن بيعت ڪئي

محبتِ شيخ : سائينجن ته واپس موٽي ويا پر محمد صديق کي محبت گهر ۾ ويهڻ نہ ڏنو

مُحَبّتَ جن جي مَنَ ۾، تن تِشنگي تار،
پي پِيالو اُڃ جو، اُڃَ سي اُڃَ اُتيار،
پُنهون پاڻَ پِيار، ته اُڃَ سِين اُڃَ اُجهائيان.

نئون نينهن لڳو ڳڑي ۾ ڳالهيون ڪري جي مصداق سندن دل ۾ محبت جا مڇي ويا، اندر ۾ ذڪر الاهي جاري ٿي ويو. پوءِ محبت ۾ اڪين مان آب هارينڊو پنڌ پچائيندو مرشد محبوب جي دربار تي خانپور پهتو.

مهينو مرشد محبوب جي حضوري ۾ ٽڪي الله جي محبت جا سبق سکيائين. وري جو واپس وريو ته هر وقت پنهنجي پير جي پياري صورت جو تصور سندس اکين اڳيان ڦرندو رهيو. بيقراري کي بس ڇڻي نيٺ پنهنجا ٻچڙا وٽي خانپور ۾ پير جي پاڙي ۾ سکونت اختيار ڪيائين. سائينجن سندس سڪ ۾ صداقت کي ڏسي کيس خلافت عطا ڪئي ۽ تبليغ جو حڪم فرمايائون.

پوءِ مرشد جي حڪم سان تبليغ سانگي اٺ سال شهدادپور ۾ ٻه رهيو. سندس اتي رهائش دؤران هي فقير (ڪرم الله) ٻه ڪجهه عرصو وٽس رهيو هيو. اتي جامع مسجد لوهاري ۾ استاد غلام حيدر تونسوي رحمة الله وٽ قرائت پڙهڻ جي سعادت نصيب ٿي هئي.

خليفو صاحب ديس پرديس مرشد محبوب الاهي جو همسفر رهيو. حضرت جن جي وصال بعد هن فقير سان بيعت ڪيائين ۽ سلوڪ جا سبق مڪمل ڪيائين. هن وقت پاڻ ماتلي شريف ۾ رهائش پذير آهي. سندس صداقت ۽ محبت کي ڏسي مرشد ڪريم کيس "صديق" سڏيندا هئا.

تبليغي سرگرميون: پاڻ مختلف علاقن ۾ تبليغ ڪري رهيو آهي. جيئن هوسڙي، ٽنبو جام، جيئندل ڪوٽ، ٺارو شاهه، نوشهروفيروز، ڪنڊيارو، هالا، شهدادپور، ميرواهه گورچاٽي، ڊگڙي، ڪوسڪي، ٽنبو جان محمد، جهڊو، 13 ،14 چڪ، گولاڙچي، 90 چڪ ۽ پنجاب جي ننڍين وڏن ڳوٺن ۽ شهرن جيئن لوڌران، جهانيان، شجاع آباد، ملتان، پاڪ پتڻ، سيلگام، ٻاولنگر، گلاب علي، ڊونگا بونگا، متوتلي وغيره ۾ ٻه تبليغي دؤرا ڪندو رهندو آهي. جڏهن ماتلي ۾ هوندو آهي ته هر فجر جي نماز اچي دربار شريف تي ادا ڪندو آهي.

سعادت عمره : 2001ع ۾ ڪيس رب ڪريم عمري جي سعادت ٻه نصيب ڪئي آهي.

شادي ۽ اولاد : پاڻ هڪ شادي ڪئي اٿس، ڪين ٻه فرزند ۽ پنج نياڻيون آهن.

1. قاري صغير احمد 2. قاري جعفر صادق

اٺون خليفو
مولانا گل حسن سومرو
ڪاڇو ضلعو دادو

عالم با عمل، صوفي باصفا خائفِ خدا حضرت مولانا خليفو گل حسن ولد الله رکيو سومرو زيد مجده. جي ولادت سنہ 1942 ع ۾ سندن اصل ڳوٺ سوپياٽي تعلقو جوهي ضلع دادو ۾ ٿي. ننڍپڻ ۾ اتي گذاريائون. ديني علوم جا ابتدائي ڪتاب دربار الله آباد شريف جي مدرسي رياض الهديٰ ۾ حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه جي زير نگراني پڙهيا. فارسي مولانا يار محمد جويو وٽ شاهہ پنجو ۾ پڙهيا. صرف مولانا شفيع محمد بهادرپور وارن وٽ نحو مولانا محمد قاسم جوٽيجو پٽي شريف واري وٽ پڙهيا. بقيہ ڪتاب دورهٔ حديث سميت ٺوڙهي ڳوٺ ۾ حضرت مولانا احمد علي دايو رحمة الله عليه جي مدرسي ۾ مڪمل ڪيائون.

سلسلهٔ اساتيذ :

سندن استادن جو سلسلو هن طرح آهي جو مولانا احمد علي دايو، حضرت مولانا دين محمد گشڪوري جو شاگرد هيو. اهو وري استاد العلماء شيخ الحديث حضرت علامہ محمد حسن ڪوسو رحمة الله عليه وٽ پڙهيو هيو. جيڪو علامہ نور محمد شهدادڪوٽي جو سڏو شاگرد هيو. اهو وري حضرت علامہ خليفہ محمد يعقوب همايوني جو شاگرد هيو. سندس استادن جو سلسلو علامہ محمد محدث آريجوي کان ٽيندو امام بخاري سان ۽ پوءِ مٿي محمد ڪريم ﷺ سان ملي ٿو.

سندن دستاربندي 1385هـ ۾ سندن ڳوٺ ۾ هڪ عظيم الشان جلسي ۾ ٿي. جنهن جلسي ۾ سندن استاد، هم سبق گڏ ٿيا هئا. ان جلسي ۾ حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه جي خصوصي آمد ٿي هئي. ان جلسي ۾ کين دستار فضيلت ٻڌائي وئي. پوءِ حضرت محبوب الاهي کين فرمايو تہ:

مولوي صاحب! دستاربندي جي خوشي ۾ اوهان کي اوهان جا استاد، مائٽ، هم سبق دعوتون ڏينداَ. اسان جي به اوهان کي دعوت آهي. هڪ هفتو اڳي اسان وٽ رهجو. پوءِ پاڻ خانپور ۾ حضرت جن وٽ پورو مهينو اڳي رهيا. ان دوران حضرت جن متن تمام گهڻيون روحاني عنايتون ڪيون ۽ ڪين خلافت سان نوازيائون. پڙهائي دوران پاڻ حضرت محبوب الاهي ﷺ وٽ به ڪافي سبق پڙهيا هئا. ان طرح حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه سندن ظاهري علم توڙي باطني علم جا استاد ۽ مربي هئا.

تدريس: جڏهن حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه فضل آباد شريف ماتلي ۾ مدرسہ عربيہ انوار الاهي کوليو تہ ان ۾ ڪين بطور صدر مدرس مقرر ڪيائون. جتي هي فقير ناچيز (ڪرم الله) به وٽن فقہ جا ڪتاب نور الايضاح، قدوري، ڪنز ۽ هدايہ وغيرہ پڙهيو هيو. ان طرح پاڻ منهنجا استادِ محترم آهن.

ان طالب العلمي واري وقت ۾ هن فقير استاد سائين جن جي مزاج عارفانہ ڏٺي. رقيق القلبي ڪين ڏاتر وڻان ڏات ۾ مليل هئي. صبح جي حلقي مراقبي ۾ پاڻ گهڻو گريہ ۽ زاري ڪندا هئا. حضرت جن سان سندن والهانہ محبت هئي ۽ آهي.

فرمايائون: جڏهن حضرت جن ڪين تبليغ لاءِ حڪم فرمايو ۽ پاڻ تبليغ ۾ وڃڻ شروع ڪيائون تہ ڪين انهن سفرن ۾ ڏاڍو لطف ۽ سرور ايندو هيو. فرمايائون هڪ پيري سفر ۾ صلواة التسبيح نماز پڙهيم. ان جو لطف ۽ ڪيف اڃا تائين نہ ٽوسري.

جڏهن حضرت جن خانپور ۾ هوندا هئا تہ ان وقت استاد صاحب جن گهڻو وقت دربار تي اچي رهندا هئا. ڪڏهن ڏيڀي مبارڪ تي غزل پڙهندا هئا ۽ زاروزار روئندا هئا. اڄ تائين به جڏهن حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه جي ڳالهہ ٿيندي آهي تہ استاد سائين جي اکين مان نير وهڻ لڳندا آهن. هن وقت پاڻ پنهنجي اباڻي ڳوٺ ۾ ديني خدمات سرانجام ڏئي رهيا آهن. پيرانہ سالي ۾ شادي ڪئي اٿن. جنهن مان ڪين اولاد به ٿيو آهي.

سندن پاءُ فقير عبد القادر حضرت جن جو تمام پيارو مريد هيو بلڪ حضرت جن جو رازدار فقير هيو. جڏهن درگاهہ تي ايندو هيو تہ پاڻ ڪلاڪن جا ڪلاڪ ان سان ڪچهري ڪندا هئا. استاد سائين جو سلسلہ اساتيذ هن طرح آهي:

نبي كريم ﷺ كان استادِ محترم حضرت مولانا گل حسن تائين استادن جي سندِ متصل

استاد الكل، سيد الرسل، هادي السبل
سيدنا محمد رسول الله ﷺ

سلمة بن الاكوع رضي الله عنه
يزيد بن ابي عبيد رضي الله عنه
الشيخ مكي بن ابراهيم رحمه الله
ابو عبد الله محمد بن اسماعيل البخاري
ابو عبد الله محمد بن يوسف بن مطر
ابو محمد عبد الله بن احمد السرخسي
ابو مكتوم عيسى بن الحافظ ابي ذر
الشيخ الحافظ ابي ذر
ابو الحسين علي بن حبيد الطرابلسي
ابو القاسم عبد الرحمن بن ابي حرصي
العلامة ابو احمد بن ابراهيم الطبري
ابو مجد عبد الله بن محمد النسيابوري
شهاب الدين احمد بن حجر العسقلاني
الشيخ المحدث زكريا الانصاري
الشيخ ابو الحسن محمد بن محمد المدني
الشيخ علي بن حسام الدين المتقي
الشيخ عبد الوهاب المتقي المالكي

الشيخ عبد الحق محدث الدهلوي
الشيخ عبد الحكيم السيالكوتي
العلامة عبد الله اللبيب
العلامة ابو الحسن الشهيد
العلامة قل احمد
العلامة محمد محدث الآريجوي
السيد عاقل شاه لكياري
العلامة عبد الحليم كندوي
العلامة الخليفة محمد يعقوب الهمايوني
العلامة الشيخ نور محمد شهداد كوٹ
الشيخ محمد حسن كهوسه
الشيخ العلامة دين محمد
الشيخ العلامة احمد علي دايو
العلامة گل حسن سومرو
محمد كرم الله الانصاري

اجازت نامہ حضرت القبلہ مجددیہ غفارہ اللہ لہ

اللہ الرحمن الرحیم

یا ایھا الذین آمنوا اتقوا اللہ وابتغوا الیہ الوسیلۃ وجاھدوا فی سبیلہ لعلکم تفلحون ۔ المجاھد من جاھد نفسہ فی طاعۃ اللہ ۔

الحمد للہ رب العالمین والصلوٰۃ والسلام علی حبیبہ المرسلین وآلہ الطاہرین واصحابہ الطیبین اجمعین الی یوم الدین

اما بعد می گوید حقیر لاشئ الٰہی بخش غفاری کہ این عاجز خاکسار ذرہ بمقدار در سلسلۂ خاندان نقشبندیہ مجددیہ غفاریہ داخل شدہ علم سلوک تا دائرہ لائحین از حضرت قطب الارشاد خواجۂ خواجگان پیران غوث الاعظم مجدد منور مائۃ العاشر نائب خیر البشر علیہ وعلیٰ آلہ من الصلوٰۃ افضلہا ومن التحیۃ اکملہا سیدی وسندی قبلۂ عالم حضرت محمد عبد الغفار فضلی از اولاد حضرت مخدوم پیر قدس اللہ سرہ العزیز فذہ ای دامی حاصل نمودہ وشرف اجازت از آنحضرت قرۃ عینین محبوب سبحانی یافتہ وبرائی تحقیق سلسلۂ شریف موجود است پس ازین عاجز لاشئ برادر طریقت ولی گل حسن ولد اللہ کہ از قوم سومرہ بشکنزہ علاقہ سندہ پاک

علم سلوک وجذب وحالات ومواردات صحیحہ حاصل نمودہ برائی تعلیم اسم ذات وعلم سلوک برائی طالبان مولیٰ وبرائی خدمت اسلام بموجب ضرورت اجازت دادہ شد طالبان راہ حق جل وعلا مناسب است کہ زود فیض ظاہری وباطنی ازین شیخ کامل حاصل نمایند وہیچ خطرہ وشک در دل نیارند کہ جناب خلیفہ صاحب موصوف للہ فی اللہ خدمت اسلام و برادران اسلام کند فقط مورخہ یازدہم محرم الحرام سنہ ۱۳۹۵ ہجری

فقیر لاشئ محمد البخش سگ آستانہ غفاریہ

حضرت محبوب الاهي پاران مولانا گل حسن دامت برکاتہ کي عنايت کيل اجازت نامو

نائون خليفو

حافظ نظام الدين جوٽيجو

خانپور ضلعي دادو

شريف الطبع، خادم الخلق استاذ الحفاظ حضرت خليفہ حافظ نظام الدين ولد شفيع محمد جوٽيجو جي ولادت سندن اباڻي ڳوٺ چوڪنڊي ۾ ٿي. حفظِ قرآن حافظ محمد اسماعيل جوٽيجي وٽ ڪيائين. ڪجھ پرائمري تعليم بہ ڳوٺ ۾ حاصل ڪيائين ۽ پوءِ خانپور ۾ حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه جو اچي مريد ٿيو ۽ سندن صحبت ۾ رهيو. حضرت جن ڪيس درگاہ شريف تي امام ۽ مدرس ۽ پنھنجي پُٽن جو اتاليق ڪري رکيو. سندن چئن صاحبزادن ڪليم الله، حسن الله، فضل الله ۽ هن فقير (ڪرم الله) کي قرآن پڑھائڻ کان علاوہ علائقي جي ڪافي شاگردن کي قرآن جو حافظ بنايائين. سندس ٻين شاگردن ۾ حافظ حبيب الله نائچ، حافظ محمد عرس نائچ، حافظ قادربخش جوٽيجو، حافظ ڪريم بخش جوٽيجو، حافظ محمد قاسم ملاح بہ شامل آهن.

مرشدن ڪريمن سان سچي محبت هيس. حضرت جن ڪيس خلافت سان نوازيو. پاڻ نهايت اديب ۽ خليق هيو. ڪڏهن حضرت جن سان سفر ۾ نڪرندو هيو تہ ادب جي ڪري سواري تي سوار نہ ٿيندو هيو. بلڪ سندن سواريءَ جي پويان پيدل هلندو هيو. پوري عمر مرشدن جي در جي خدمت ۾ گذاري ڇڏيائين. آخر عمر ۾ حضرت جن سندس شادي بہ ڪرائي هئي. پر شادي جي چوٽين مهيني سندس وصال ٿي ويو. ڪيس ڪو بہ اولاد ڪو نہ ٿيو. سندس جنازي جي نماز حضرت محبوب الاهي پاڻ پڑھائي هئي. سندس غسل ڪفن دفن جو بہ انتظام مرشدن ڪريمن پاڻ ڪيو. سندس مزار مبارڪ اباڻي ڳوٺ چوڪنڊي جي قبرستان ۾ آهي. حافظ صاحب کي مرشدن ڪريمن جي محبت ۾ اڪثر جذبي جي حالت هوندي هئي. مرشدن جي محبت ۾ هر وقت روئندو رهندو هو سندن صورت سھڻي ۽ سيرت بي مثال هوندي هئي.

ڏهون خليفو

مولانا امير بخش سومرو

ڏل ضلعو نوشهرو فيروز

عالمِ باعمل حضرت مولانا مولوي امير بخش ولد غلام حسين سومرو زيد مجده جي ولادت ضلعي نوشهرو فيروز جي نندڙي ڳوٺ ابڙان ۾ 01-1-1951 ۾ ٿي. ابتدائي تعليم گورنمينٽ پرائمري اسڪول ابڙان ۾ حاصل ڪيائين.

ديني تعليم: ابتدائي تعليم پوري ڪرڻ کان پوءِ ڏل شهر ۾ پنهنجي مامي استاد حافظ محمد پريل سومرو جي مڪتب ۾ ناظره قرآن شريف جي تعليم حاصل ڪيائين بعد ۾ مدرسه مخزن العلوم ڏل ۾ قاري حافظ اسد الله بروهي صاحب وٽ ڇهه سيپارا قرآن شريف جا حفظ ڪيائين.پوءِ جامع مسجد ڏل شهر ۾ رڪوع تلاوت ڪرڻ سان هڪ ناظروءِ جي نظر لڳڻ سبب قرآن شريف حفظ نه ڪري سگهيو. پوءِ پاڻ ساڃڻي مدرسي ۾ عربي، فارسي، گلستان بوستان تائين حاصل ڪيائين. ان کان پوءِ قدوري ۽ هدايت النحو تائين استاد گل محمد ميمڻ وٽ مدرسه رحمانيه تاج مسجد مورو ۾ حاصل ڪيائين. ان کان پوءِ پاڻ مدرسه جامعه راشديه درگاهه عاليه پير سائين پاڳارا ۾ محترم استاد حضرت علامه محمد صالح عليه الرحمة، استاد مولانا تقدس علي خان صاحب، استاد سيد حسين امام صاحب، استاد ڪريم بخش دايو صاحب، استاد مفتي غلام قادر پوهيو صاحب وٽ دوره حديث تائين باقي تعليم مڪمل ڪري سن 1967ع ۾ دستار بندي ڪيائين. ان دوران علم ميراث حاصل ڪرڻ لاءِ درگاهه سائين سيد حسين شاهه جيلاني جي مدرسي ۾ تمام تجربيڪار استاد مولوي محمد يوسف ميمڻ وٽ حاصل ڪيائين. هي استاد حضرت سائين مشوري صاحب رحمة الله عليه جن سان گڏ سونا جتوئيءَ ۾ پڙهيو هيو. فارغ التحصيل ٿيڻ بعد پاڻ جن مدرسن ۾ بطور مدرس جي خدمتِ دين ڪيائين تن مان ڪجهه هي آهن:

1. مدرسه تعليم القرآن ڳوٺ پنهل خان چانڊيو (سڪرنڊ)

2. مدرسہ تعلیم القرآن ڳوٺ قیصر خان چانڈیو (سکرنڈ)
3. مدرسہ حفظ القرآن ڳوٺ ٽٽ ڳوراهو (مٹیاٹي)
4. مدرسہ شمس الهدیٰ جامعہ مسجد نارو شاهہ .
5. مدرسہ دارالقرآن والقرات مخدوم پیر ڏوٽل درپیلو.
6. مدرسہ غوثیہ کیمپ نمبر 2 نوابشاهہ.
7. مدرسہ ریاض الهدیٰ درگاهہ خانپور شریف. اتي هن فقیر (کرم الله) به وٽن کجهہ سبق پڑهیا هئا.
8. جامعہ مسجد ایس پي آفیس نوابشاهہ .
9. مدرسہ احسن البرکات لڱ نوراني مسجد ریلوي استیشن حیدرآباد .

تلاش روزگار : پاڻ به سال برابر دنیاوي کم کار محنت مزدوري به کیائین جیئن: ڪٻن، قلفي ٺاهڻ ۽دکانداري وغیره پوء 1977-9-27 ۾ کیس سرکاري نوکري عربي ٽیچر جي نوکري ملي ان کان پوء پاڻ دنیاوي تعلیم میٽرک، انٽر، بي اي ، ایم اي، بي ایڊ، ایم ایڊ، مولوي، عالم، فاضل وغیره جي تعلیم پڻ حاصل کیائین.

شادي ۽ اولاد : سن 1968ع ۾ پنهنجي مامي سیٹ محمد بخش سومرو وٽان شادي کیائین جنهن مان الله تعالیٰ کیس ٽي پٽ ۽ ڇهہ نیاڻیون عطا کیون. سندس وڏو پٽ حافظ قرآن آهي. ۽ سندن ٻیو نمبر پٽ پڻ عالم آهي.

دیني خدمات : سڀ کان اول سن 1985ع ۾ پاڻ مدرسہ عربیہ دارالقرآن غوثیہ مجددیہ ڳل شهر ۾ مسجد غوثیہ جو بنیاد رکیائین. جیکو الله تعالیٰ جي مهرباني سان ایجا تائین جاري ساري آهي. سن 1988ع ۾ گورنمینٽ پرائمري مسجد اسکول غلام حسین سومرو ڳل شهر ۾ کولرایائین.

وعظ و تقریر: پاڻ بهترین مقرر به آهي. دورانِ تعلیم ۾ فارغ ٽیٹ کان پوء وعظ و تقریر جو سلسو وقتاً فوقتاً جاري و ساري رکیون اچي ٿو. جمعي نماز، یارهین، پارهین ماهہ پهریون جمعو، یا ٻین موقعن تي مختلف درگاهن جمڙوڪ : درگاهہ ڪرم پور شریف، درگاهہ فضل آباد شریف، درگاهہ دلبر آباد شریف، درگاهہ عالیہ غوثیہ گمبٽ شریف،

درگاھ عاليہ غوثيہ مسڪين پور شريف، درگاھ عاليہ مخدوميہ ڇيهو شريف تي وڃي وعظ تقرير ڪندو آهي. 31 سال مسلسل جمعي نماز وعظ و تقرير درگاھ عاليہ غوثيہ گمٽ شريف تي ڪندو رهيو آهي. ايا تائين اهو سلسلو جاري آهي. ڇهہ پيرا حرمين جو ديدار ٻ ماڻي آيو آهي.

سفر در سفر : سندس زندگيءَ جو گهڻو حصو سفرن ۾ گذريو آهي. دوران سفر سندڙ جي ڪامل اڪمل ولين، بزرگن، صالحن، عالمن سان ٻ ڪيس ملاقاتون نصيب ٿيون آهن.

روحاني سلسلو : ننڍپڻ ۾ پنهنجي ناني دائم فقير رحمۃ اللہ علیہ جي صحبت ۾ رهيو. ان بعد سائين حاجي خدا بخش ڪتي فقير جي صحبت ۾ قادري سلسلي جا سبق اسباق حاصل ڪندو رهيو. ان کان پوءِ حضرت سائين محمد قاسم مشوري رحمۃ اللہ علیہ جي صحبت ۾ ڏهہ سال تائين ويندو رهيو پر پاڻ هن کي طالب علم سمجهي مريد نہ ڪيائون. ان کان پوءِ سندس قسمت چمڪي ۽ الله جي رحمت جي پالوٽ ٿي جو پاڻ حضرت محبوب الاهي جن جي خدمت ۾ آيو سنہ 1975ع ۾ سندن دستِ حق پرست تي بيعت ڪيائين. پوءِ ٿوري عرصي بعد ڪيس حضرت جن سلسلہ عاليہ نقشبنديہ جي خلافت سان نوازيو. سندن رحلت بعد پاڻ هن فقير (ڪرم الله) سان بيعت ڪيائين ۽ سلسلي جي ڪاهڻ ڪمائڻ ۾ مصروف آهي

شاعري: حبيبن ڪريم ﷺ جي حب ۾، سيدنا عبدالقادر جيلاني رحمۃ اللہ علیہ جي ثنا ۾ ۽ پنهنجي مرشد جي شان ۾ پاڻ ڪافي شعر ٻ چيا اٿس. جي ايا ڇپجي نہ سگهيا آهن.

تنظيمي ڪم ۽ سماجي خدمات : پاڻ ديني مدرسا قائم ڪرائڻ جي سلسلي ۾ گهڻو سرگرم رهيو آهي. مدرسہ ڪولرائڻ ۽ ڪارڪنن کي همٿائڻ ۾ پاڻ جاني توڙي مالي مدد ڪندو رهيو آهي. مدرسن کي تنظيم المدارس ۾ رجسٽر ڪرائڻ، مدرسن جي سرڪاري طرح مالي سهائتا ڪرڻ ۾ پاڻ گهڻو سرگرم رهيو آهي. ڪافي سال جمعيت علماء سڪندريہ ضلع نوشهرو فيروز جو صدر پڻ رهيو آهي. تنظيم تحفظ حقوق المدارس جو جنرل سيڪريٽري پڻ رهيو آهي. اورينٽل ٽيچرس ايسوسيئيشن ۾ پڻ ضلعي صدر

جي عمدي تي ڪم ڪيو اٿس. مختلف پليٽ فارمن تي مختلف شعري، مذهبي، سياسي ڪميٽين ۾ ميمبر طور ڪم ڪندو رهيو آهي.

يارهون خليفو
حضرت ڪمال الدين لاشاري
ماتلي ضلعو بدين

ڪمال جو صاحب، الله جو عارف حضرت خليفو ڪمال الدين ولد عبد الله بن غلام نحند بن غلام حيدر لاشاري رحمت الله عليه حضرت سائينجن جو خليفو ۽ وڏي محبت وارو فقير هيو. سندس اصل ڳوٺ باقرخان لاشاري لڳ ڊوڪيا واهه هيو. 1937_5_20 ۾ سندس ولادت ٿي. ڪيس ننڍپڻ کان پيرن فقيرن سان دلي محبت هئي. هڪ پيري سندس مائٽن ڪيس چيو ته چوڏهين چڪ ۾ فقير آهن جيڪي منهن ڏڪي مراقبو ڪن ٿا، الله الله ڪن ٿا. انهن جو پير اتر کان دادو ضلعي مان اچي ٿو. ان وٽ جادو آهي. جيڪو هڪ پيرو وٽس وڃي ٿو سو قابو ٿي وڃي ٿو. ان طرح ماٽهن تمام گهڻي مخالفت ڪئي. ڪيس شوق ٿيو ته هلي وڃي ان بزرگ کي اکين سان ڏسان. پوءِ فقيرن سان اچي مليو ته ڪيس ڏاڍي محبت ۽ مزو آيو پوءِ انهن فقيرن سان گڏجي حضرت پير مٺا سائين رحمة الله عليه وٽ رحمتپور لاڙڪاڻو آيو. پوءِ جيئن حضرت جن کي ڏنائين ته سندس دل ذڪر ۾ جاري ٿي وئي. پوءِ سندن مريد ٿي موٽيو ته سندس قلب مان غير جون محبتون ميسارجي ويون. ڪيس عجيب خواب خيال ۽ عجيب وارداتون نظر اچڻ لڳيون. سندس رات ڏينهن ذڪر الاهي ۾ گذرڻ لڳو.

پير مٺا سائين جي زندگي ۾ ئي ڪيس حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه سان انس ۽ الفت هوندي هئي. سندن صحبت ۾ خانپور ويندو هيو. پير سائين جي وصال بعد محبوب الاهي سان بيعت ڪيائين. پنهنجي دختر نيڪ اختر مخدومه محترمه بيبي سعيده حضرت جن جي حبالهءِ نڪاح ۾ ڏنائين. جنهن مان حضرت جن کي ڪثير اولاد ٿيو. جنهن جو

ذکر هاڻي مٿي بيان ڪيو ويو. پاڻ پنهنجي ڳوٺ کان لڏو ڪڻي هارن ڀڃن سميت ڏهه سال خانپور ۾ اچي رهيو.

خلافت : حضرت جن ڪيس خلافت جي خلعت سان نوازيو. پاڻ تمام گهڻي تبليغ ڪندو هيو. سندس آواز ۾ سوز ۽ گداز هيو. جڏهن سُر سان شعر پڙهندو هيو تہ ماڻهن جي دلين کي موهي ڇڏيندو هيو.

فرمايائين : هڪ ڏينهن مون مرشدن کي عرض ڪيو تہ منهنجا مائٽ مون سان ناراض آهن وڙهڻ جا سانباها ڪن ٿا. پاڻ فرمايائون فقير غم نہ ڪر. جيڪو توتي الارينده ان کي لڳي پوندو. اسان تنهنجي لاءِ دعا گهري آهي. پوءِ اهي ڏينهن هي ڏينهن اڄ تائين جيڪو مون کي الاري ٿو ان کي خدا ئي ڏڪ لڳي پوي ٿو.

عمر جي آخري حصي ۾ ڪيس رقت قلبي تمام گهڻي هوندي هئي. الله ۽ انجي رسول ﷺ جي ڪا ڳالهه ڪرڻ سان يا ٻڌڻ سان سندن اکين ۾ لڙڪ وهي ايندا هئا. ڪائڻ پيئڻ تمام گهٽ هوندو هيس. هر وقت ذڪر الاهي ۾ رهندو هيو.

هڪ ڏينهن هن فقير سان خود بيان ڪيائين تہ مان ڪثرت سان درود پڙهندو آهيان. ان جي مون کي اها برڪت نصيب ٿي آهي جو اندر نهاريان ٿو رسول الله ﷺ جو روضو پاڪ نظر اچي ٿو. وري ٻاهر نهاريان ٿو تہ رسول الله ﷺ جو روضو پاڪ نظر اچي ٿو.

هڪ ڏينهن منهنجي فرزند "ساجن" کي جهولي ۾ ڪٽي فرمايائين: "هن کي امانت ملندي". فرمايائين: هڪ پيري حضرت جن پنهنجي چادر مون کي عنايت فرمائي. اها پائڻ سان منهنجي دل جي ڪيفيت متجي ويندي هئي. هڪ ڏينهن اها چادر مبارڪ ويڙهي آيس تہ ماڻهن کي جذبو ٿي ويو. پر هڪ ماڻهو وڏو مخالف هيو. ان ۾ مون کي ڏٺو تہ ان کي ۾ جذبو ٿي ويو. پاڻ ۾ شاديون ڪيائين، جن مان ڪيس ۾ فرزند ۽ پندرهن نياڻيون ٿيون.

صورت ۽ سيرت: پاڻ نحيف بدن ضعيف جسم هيو پر سندس ارادا پهاڙن جهڙا مضبوط هوندا هئا. گهٽ ڪائڻ گهٽ ڳالهائڻ سندس عادات ۾ شامل هيو. جڏهن ڳالهائيندو هيو تہ معرفت الاهي جو عجيب ڳالهيون ڪندو هيو.

وفات ۽ مزار : پاڻ 18 جمادي الثاني 1428هـ مطابق 4 جولاءِ 2007ع اربعاء جي رات وصال فرمايائون. سندن مزار باقر شاهه قبرستان لڳ ڏندو نزد ماتلي ۾ آهي.



صاحبِ ڪرامت ، واقفِ راهِ انابت، صاحبِ رشد و هدايت، سالڪِ مسلڪِ محبت حضرت خليفه محمد موسيٰ رند ولد حاجي ليمو رحمة الله عليه جي ولادت با سعادت 1928ع ۾ ڳوٺ جام واهه تعلقو ٽنڊو محمد خان ۾ ٿي. پنج درجا پنهنجي ئي ڳوٺ ۾ پڙهيا. ناظره قرآن مجيد ۽ وڏيڪ ڪجهه ديني تعليم مويا شهر ۾ استاد مولوي محمد اسماعيل باگراٽي وٽ حاصل ڪيائون.

بيعت ۽ خلافت : جڏهن پير منا سائين مولوي محمد اسماعيل باگراٽي جي ڳوٺ ۾ تبليغ لاءِ آيا هيا تہ اتي پاڻ سندن بيعت ڪيائون. پوءِ ڪين پير سائين جن خلافت بہ عنايت ڪئي.

تبليغي سرگرميون: خلافت ملڻ بعد بيشمار ڳوٺن ۽ ٻهراڙين ۾ وڃي دين جي تبليغ ڪري امتِ مسلمہ جي افراد کي بي ديني جي انڌيري مان ڪڍي سنت ۽ شريعت سان سينگاريائون. يارهين شريف تي مرشد ڪريمن جي زيارت ۽ صحبت لاءِ درگاهه رحمتپور شريف پنهنجي جماعت کي وٺي ويندا هئا. پير منا سائين سان ويهه سال صحبت ۾ گڏ گذاريائون. پنهنجي مرشد جي محبت ۾ ڪافي شاعري بہ ڪيائون. اهو قلمي مواد اڃا تائين اڻ ڇپيل محفوظ آهي. تبليغ کان علاوه پاڻ ڪيترن ئي علاقن ۾ هارڙن کي قرآن شريف بہ پڙهائيندا رهيا. جن علاقن ۾ هلي وڃي تبليغ ڪيائون انهن ۾ بدين، سيراٽي، اڪري، گولاڙچي، 13 چڪ، 14 چڪ، ڪڙيو گهنور، ٻنورو، سجاول، جار جو ڳوٺ، ٻيو ٽالپر، دمدمہ، درياءِ جو ڪچو، پيلو، درڙو، شاهه ڪريم بلڙي وارو وغيره شامل آهن. پاڻ گهڻا سفر سائين محبوب الاهي رحمة الله عليه سان گڏجي بہ ڪيائون.

نوراني ناصح : جي نوان فقير ٿيندا هيا پاڻ انهن کي ويهاري الله ۽ ان جي حبيب ﷺ جي محبت جا سبق سيکارينداهئا. ان سان گڏ مرشد جي محبت جون ڳالهيون ۽ آداب ٻڌائيندا هيا. پير جي محبت سندن رڳ رڳ ۾ سمايل هئي.

پاڻ جماعت کي فقر جا مسئلا، روحانيت ۽ تصوف جي موضوعن تي عجيب نصيحتون ڪندا هيا. سندن نصيحت اهڙي ته اثرائتي هوندي هئي جو جيڪو به سندن محفل ۾ ويهندو هيو ان جي دل جون ڪيفيتون متائي ڇڏيندا هئا.

سندن شاعري: پاڻ بهترين شاعر به هيا. جڏهن دربار رحمتپور شريف پهچندا هئا ته پير سائين جي حويلي شريف جي دروازي تي پنهنجا جوڙيل شعر وڏي محبت مان پڙهندا هئا. پوءِ ته سامعين متان به جذب جاري ٿي ويندو هيو. پاڻ اڪثر هي شعر پڙهندا هئا.

منهن مرشد جي تي موتي ڇٽيا، جهلڪ لائي جنسار وهوا.
جنهن پير نه سچاتو سي ڪهڙا پڙهيا، موڳن نه ڏنو اسار وهوا.

خليفي حبيب الله سومري لاڙ ۾ ٻنيون آباد ڪيون هيون. ان جو حساب رهجي ويو.

ان بابت حضرت محبوب الاهي ﷺ خليفي محمد موسيٰ ﷺ کي هڪ ناصحانه خط لکيو ان جو نقل:

نوراني ناصح: جي نوان فقير ٿيندا هيا پاڻ انهن کي ويهاري الله ۾ ان جي حبيب ﷺ جي محبت جا سبق سيکاريندا هئا. ان سان گڏ مرشد جي محبت جون ڳالهيون ۽ آداب بڌائيندا هيا. پير جي محبت سندن رڳ رڳ ۾ سمايل هئي.

پاڻ جماعت کي فقر جا مسئلا، روحانيت ۽ تصوف جي موضوعن تي عجيب نصيحتون ڪندا هيا. سندن نصيحت اڃڙي ته اثرائتي هوندي هئي جو جيڪو به سندن محفل ۾ ويهندو هيو ان جي دل جون ڪيفيتون متائي ڇڏيندا هئا.

سندن شاعري: پاڻ بهترين شاعر به هيا. جڏهن دربار رحمتپور شريف پهچندا هئا ته پير سائين جي حويلي شريف جي دروازي تي پهنجا جوڙيل شعر وڏي محبت مان پڙهندا هئا. پوءِ ته سامعين مڃان به جذب جاري ٿي ويندو هيو. پاڻ اڪثر هي شعر پڙهندا هئا.

منهن مرشد جي تي موتي ڇٽيا، جهلڪ لائي جنسار وهوا.

جنهن پير ته سچاتو سي ڪهڙا پڙهيا، موڳن ته ڏٺو اسار وهوا.

خليفي حبيب الله سومري لاڙ ۾ بنيون آباد ڪيون هيون. ان جو حساب رهجي ويو.

ان بابت حضرت محبوب الاهي ﷺ خليفي محمد موسيٰ ﷺ کي هڪ ناصحاڻ خط لکيو ان جو نقل:



حضرت خليفہ محمد موسيٰ جا هٿ اکر

بيعتِ ثانيہ : قطبِ عالم پير منا سائين ﷺ جي وصال کان پوءِ پاڻ حضرت محبوب الاهي ﷺ قلبي ورحي فداه سان بيعتِ ثانيہ ڪيائون. انهن بہ ڪين خرقءِ خلافت سان نوازيو. خليفي صاحب پنهنجي پوري زندگي تبليغ دين ڪي اربي ڇڏي هئي.

محبت جي انوکي ادا : خليفي صاحب ڪي پنهنجي پير سان نہ صرف روحاني قوي تعلق هيو پر هڪ ڏينهن عرض ڪيائين تہ آءٌ چاهيان ٿو تہ مرشد سان منهنجو مائٽي جو رشتو بہ هجي. پوءِ پنهنجي نياڻي (حليمہ) حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه ڪي هديۃً پيش ڪيائين، جنهن جو نڪاح حضرت جن هن فقير سان ڪيو.

شاديون ۽ اولاد : پاڻ ٽي شاديون ڪيائون. ڪين ٽي فرزند ۽ بہ نياڻيون ٿيون.

1. محمد اشرف. 2. غلام محي الدين. 3. غلام مجدد. 4. آمنہ 5. حليمہ.

سلوکِ مجددیہ جي تکميل : خليفي صاحب حضرت محبوب الاهي ﷺ جي وصال بعد هن فقير ناچيز (ڪرم الله) سان بيعت ڪئي ۽ سلوڪ جي بقيہ اسباق جي دائره لاتعين تائين تڪميل ڪيائين. ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي قلب ۽ باطن جون عجيب عجيب ڪيفيتون ۽ قلبي وارداتون هن عاجز سان بيان ڪندو هيو تہ مون کي حيرت بہ ٿيندي هئي ۽

خوشي ب. هڪ ڏينهن ولايتِ ڪبريٰ جي تن دائرن ۾ قوس بابت پڇيائين. هن فقير کيس تشريح ڪري ٻڌائي پاڻ چيائين سائين مون کي انهن دائرن جو مشاهدو هِن طرح ڪرايو ويو آهي. سندس تشريح ٻڌي ڏاڍي خوشي ٿي. هڪ ڏينهن بيان ڪيائين ته ڪيس حضرت محبوب الاهي ﷺ سَيرِ اربعه (سير الي الله، سير في الله، سير عن الله بالله ۾ سير في الاشياءِ بالله) پنهنجي توجهات ۾ پنهنجي روحاني معيت ۾ ڪرايا هئا.

خليفي صاحب جون خوبيون جيئن ڏٺيون مون :

* هر وقت پاڻ ڪنهن نه ڪنهن روحاني ۾ باطني ڪيفيت ۾ رهندو هيو.
* جڏهن به ڪنهن نِجي مجلس ۾ ايندو هيو ته تصوف بابت پڇندو هيو.
* جنهن مجلس ۾ پاڻ ايندو هيو ان محفل ۾ روحانيت ڇانئجي ويندي هئي.
* جڏهن بيمار ٿيو ته پاڻ کي ڪٽائي اسان وٽ آيو ۽ وفات به اسان وٽ ڪيائين.
* سفر ۾ هن فقير سان گڏ هليو ته هر رات ڪيس صلواة التسبيح پڙهندي ڏٺم.
* خود فرمايائين صحت توڙي بيماري ۾ ديس توڙي پرديس ۾ چاليهه سالن کان ڪڏهن منهنجي صلواة التسبيح قضا ڪو نه ٿي آهي.
* چيائين دل چوي ٿي ته پنهنجي پير جي پاڙي ۾ هجان. ان جي مزار مٿان جيڪي انوار وسن ٿا شل انهن جو ذرو مون مٿان به پوندو رهي. (الله سندس ان مراد کي پورو ڪيو).
* ان علالت جي ڏاهاڙن ۾ جنهن مهل به آءٌ وٽس ويندو هيس ته ڪو نه ڪو علمي يا روحاني سوال پڇندو هيو.
* پاڻ رقيق القلب هيو. جڏهن به عشقِ رسول ﷺ جي ڳالهه ٻڌندو هيو يا شعر ٻڌندو يا پڙهندو هيو ته سندس اکيون آليون ٿي پوندیون هيون.

وصال پُر ملال : پاڻ 4 شعبان 1404 هـ ۾ دار الفنا کي ڇڏي دار البقا جو راهي ٿيو. سندن وصيت مطابق درگاهه فضل آباد شريف ۾ کيس دفن ڪيو ويو.

سجاده نشين : سندس پيو نمبر فرزند فقير غلام محي الدين ڪرمي دين جي خدمتن ۾ مصروف عمل آهي. کيس هن فقير خلافت به ڏني آهي. ڪافي علائقن ۾ پاڻ تبليغ ڪندو رهندو آهي. هن وقت بدين شهر جي عابد ٽائون جي اقصيٰ مسجد ۾ امام ۽ خطيب آهي.

تيرهون خليفو

مولانا محمد اسماعيل ڏيپر ماتلي ضلعو بدين

عارف ۽ عالم، صوفي ۽ سالم حضرت خليفو محمد اسماعيل ڏيپر رحمة الله عليه ولد فقير محمد يوسف جي ولادت با سعادت سنه 1938 ع ڳوٺ پانڊي ڏيپر تعلقو خيرپور ناٿن شاهه، ضلع دادو ۾ ٿي. پرائمري پنج ڪلاس پنهنجي اباڻي ڳوٺ ۾ حاصل ڪيائين ۽ ديني تعليم قرآن مجيد محمد بچل چانڊيو وٽ پڙهيو. خيرپور ناٿن شاهه ۾ مولانا يار محمد جويو رحمة الله عليه وٽ عربي، فارسي پڙهيو. درس نظامي جا ڪتاب حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه ﷺ وٽ پڙهيو. ڪجهه تعليم مولانا غلام محمد لغاري ۽ حضرت ميان محمد قاسم مشوري رحمة الله عليه وٽان ۾ حاصل ڪيائين.

بيعت : سڀ کان اول پاڻ حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه ﷺ سان بيعت ڪيائين. پوءِ ساٿن گڏجي درگاهه رحمتپور شريف لاڙڪاڻي ۾ ويو اتي حضرت پير منا سائين قدس سره العزيز سان دست بيعت ٿيو.

محبت جي يڪرنگي: مولوي صاحب جن هن فقير کي سندس آتم ڪهاڻي هن طرح ٻڌائي ته حضرت پير منا سائين جي دور جي ڳالهه آهي جڏهن رحمت پور ۾ مسجد نٿي رهي هئي سيني خليفن کي فرمان ٿيو ته ڪم لاءِ هڪ هڪ جماعت جو فقير آڻيو. پوءِ حضرت محبوب الاهي ان ڪم لاءِ مون کي درگاهه شريف تي موڪليو. هڪ خط ۾ لکي ڏنائون . ان جي آخر ۾ هي الفاظ لکيائون ته: "هي مولوي صاحب ڪم لاءِ موڪلجي ٿو هن کي تبيلغي ڪم ۾ اسان جو مددگار بنائي ڏيو." پوءِ جڏهن آءٌ اتي پهتس پير سائين کي اهو خط ڏنم، پاڻ پڙهي مشڪيا. پوءِ آءٌ ڪم ڪار ڪندو رهيس .

هڪ ڏينهن وچين نماز بعد پاڻ مون ۾ بابت پڇيائون مولوي صاحب ڪٿي آهي؟ آءٌ سندن پويان ويٺل هيس ۽ اڳيان اچي ويٺس پوءِ پاڻ فرمايائون ته مولوي صاحب تون

خليفہ صاحب (حضرت محبوب الاهي) جو آهين تہ جڏڪ اسان جو آهين تنهنجي محبت ان سان آهي جڏڪ اسان سان آهي. تنهنجي فنائيت ان ۾ آهي جڏڪ اسان ۾ آهي. مزيد فرمايائون:

آءٌ هڪ دفعي خانپور ۾ آيو هوس اتي توهان وعظ پئي ڪيو مون گهر ويني ٻڌو. سمجهيم تہ شايد خليفو صاحب (محبوب الاهي) پاڻ وعظ ٿو ڪري، توهان جا لفظ ۽ تقرير خليفہ صاحب جهڙي آهي. توهان جي ان ۾ فنائيت آهي جڏڪ اسان ۾ آهي حالانڪ ان واقعي کي ڪيئي سال گذريا هئا.

خلافتِ غفاري : پوءِ اتي رهائش دوران پاڻ مون کي خلافت عنايت فرمايائون ۽ خط جي جواب ۾ لکي موڪلياائون تہ : "مولوي صاحب کي اوهان جو ائين مددگار بنائي ڏيون ٿا جيئن تبليغي ڪم ۾ موسيٰ عليہ السلام جو مددگار هارون عليہ السلام هيو".

بيعتِ ثاني ۽ خلافت محبوب الاهي: مولوي صاحب پاڻ وڌيڪ هن فقير کي ٻڌايو تہ : حضرت پير مڙا سائين جي وصال بعد جڏهن بيعت جو مسئلو هليو. کي فقير ۽ خليفا حضرت سائين صاحبزادي رحمة الله عليه جا بيعت ٿيا. کي فقير ۽ خليفا وري وڏي خليفي حضرت سمٽا سائين الله بخش رحمة الله عليه صاحب جا وڃي مريد ٿيا. آءٌ وري حضرت محبوب الاهي جو اڇي مريد ٿيس. پوءِ هڪ رات خواب ۾ ڏٺم تہ پير مڙا سائين رحمة الله عليه جن ڪرسي تي وينا آهن. وڃان هڪ آڏ ڏهي رهي آهي. ان جي پرين طرف پير مڙا سائين رحمة الله عليه جو هڪ خليفو وينل آهي. آءٌ وري پير سائين جن جي ڪرسي جي پويان بيٺل آهيان. اهو خليفو پير مڙا سائين جن کي عرض ڪري ٿو تہ سائين مولوي محمد اسماعيل منهنجي بيعت نہ ٿو ڪري. اوهان ان کي سمجهايو. هي خليفي مولوي الاهي بخش جو مريد ٿيو آهي. ڏٺم تہ پير سائين جن خاموش وينا آهن. پوءِ مون ان خليفي صاحب کي جواب ڏنو تہ خليفا صاحب اوهان جو ڇوٽا اوهان جي بيعت ڪيون ۽ اوهين وڏا آهيو. پوءِ حضرت پير مڙا سائين ۽ پنهنجي پير جي درگاه تي وڏا خليفا نہ هئا. پوءِ توهان ڇو پير سائين جي بيعت ڪئي هئي. پهلا پير سائين جو پنجاب کان آيا هئا تہ ڪمڙي لک پڙهہ پاڻ سان آندي هيائون. پوءِ توهان ڇو بيعت ڪئي؟

اسان کي پير سائين اهو ڪو به حڪم نہ ڏنو هيو تہ مون کان بعد فلاڻي خليفي جا مريد ٿجو. ٻئي ڪنهن خليفي جا نہ ٿجو. پوءِ اسان بيعت ڪئي تہ ڪمڙي وڏي ڳالھ ٿي. پوءِ ڏٺم تہ خليفو صاحب خاموش ٿي ويو. پير سائين جن ڪرسي تي مشڪي رهيا هيا. پوءِ مون ڏانهن ڏٺائون جئين ڪجھ چوڻ پيا چاهن. مون ڪن ويجھو ڪيو پاڻ فرمايائون:

"مولوي صاحب ڏاڍا سنا جواب ڏجئيس".

عجيب خواب: خليفہ مولوي محمد اسماعيل هڪ رات خواب پيو ڏسي تہ مان ۾ اسان جي مرشد مرهي محبوب الاهي فداه ابي و امي پنڌ وڃي سمنڊ جي ڪناري تہ پھتا آهيون. اتي هڪ وڏو ٻيڙو بيٺو آهي. ان تي سوار ٿياسون ٻيڙو هواءَ تي پاڻمي پيو هلي پر وڃي اتر طرف پيو ڪوبہ ماڻھو ڪونہ ٿو ڏسان فقط اسان ٻہ جڏا آهيون. پوءِ گھڻو پنڌ ٻيڙي ڪيو پوءِ ڏسان پيو تہ اسان جي حضرت محبوب الاهي ﷺ ان سمنڊ مان هڪ ڳاڙھي شيءِ گوشت ٽڪري وانگر ھٹ وجھي ٻاھر ڪيڙي آهي. جڏهن ٻيڙي تي رکيائون تہ ان کي عضوا پيدا ٿي پيا تان جو ان ۾ ساھ پئجي ويو. وري اهو گوشت جو ٽڪر ماڻھو بنجي پيو جو ساھ پيو ڪٽي پوءِ جڏهن واپس آياسون تہ ماڻھو پيا پچن تہ توهان کاڌي ويا هئو. تڏهن مون چيو تہ حضرت مرشد ڪريم جن مڙل دين کي جيئرو ڪرڻ ويا هئا. هاڻي دين کي جيئرو ڪري موٽي آيا آهيون پوءِ اهو خواب پنهنجي پير محبوب الاهي سان بيان ڪيائون. پاڻ فرمايائون تہ اهو خواب بلڪ صحيح ۽ سچ آهي. هي جيڪي دين جا ڪم ڪرايا وڃن ٿا ۽ ان سان فاسق فاجر نيڪ پيا ٿا ٿين اهو دين جو جيئرو ڪرڻ آهي انهي ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي.

سونو لباس: خليفو مولوي محمد اسماعيل خواب پيو بيان ڪري تہ هڪ رات ڏسان پيو تہ هڪ جاءِ وڏي آهي جنهن کي چوڌاري ورانڊا ونگن سان آهن پر تمام جاءِ سھٹي آهي اتي تمام گھڻي جماعت مردن ۽ عورتن جي ڏسان پيو اسان انهن کي ماني پيا کارايون پر انهن مردن ۽ عورتن مٿان جيڪو لباس ڏسان پيو سو سڄو سون ۽ چاندي جو هيو. ڏاڍو چمڪندڙ لباس ڏسڻ ۾ پيو اچي. جماعت بہ گھڻي پئي نظر اچي. اهو خواب پنهنجي مرشد ڪريم سان بيان ڪيائين پاڻ تعبير فرمايائون تہ اهو جيڪو لباس چمڪندڙ سون ۽ چاندي جو ڏنو اٿوَ اهو لباس شريعت پاڪ جي تابعداري جو پوش پھريل

ڏنو اٿو جو هت جماعت کي پهرايو وڃي ٿو. هت آيل ماڻهو نمازي نيڪ ۽ صالح بنجي وڃن تا ۽ برن ڪمن کان توبهه تائب ٿي وڃن تا. اهو سون ۽ چاندي جو لباس اٿو.

تبليغ دين جو شوق: حضرت پير مڻا سائين جي سانحهٔ ارتحال بعد پاڻ جيئن حضرت محبوب الاهي سان بيعتِ ثانيه ڪيائين ته وڏي جوش خروش سان تبليغ ۾ مصروف ٿي ويو. خيرپور، ميهڙ، دادو، جوهي، ماتلي، گولاڙچي، ٽنبو جام، بدين ۽ ٻين گهڻن علائقن ۾ تمام گهڻي تبليغ ڪيائين. لاڙ جي علائقي ۾ به تبليغ ڪري هتان جا ماڻهو ساڻ ڪري خانپور وٺي ايندو هيو. حضرت محبوب الاهي ﷺ جڏهن 71_1970ع ۾ تبليغ لاءِ لاڙ ۾ آيا ته خليفو صاحب ساڻن گڏ هيو. جڏهن پاڻ ڳوٺ تماچي جميجي ۾ تبليغي مرڪز قائم ڪيائون ته مولانا محمد اسماعيل ساڻن شريڪ تبليغ هيو. محبوب الاهي واپس ويا ته خليفي صاحب کي ان مرڪز تي سندن جائنشين طور مقرر ڪري آيا. ان دوران پاڻ آسپاس ۾ تبليغ خوب تبليغ ڪيائين. بالآخر پاڻ خانپور کان مستقل هجرت ڪري تماچي جميجن ۾ سکونت پذير ٿيو اها سنه 1976ع جي ڳالهه آهي. ان کان پوءِ پاڻ ماتلي شهر جي جامع مسجد جنت الفردوس ۾ 1984ع ۾ خطيب مقرر ٿيو. عمر جي آخري ايام تائين اتي خطيب طور فرائض ادا ڪيائين.

صورت ۽ سيرت : سندس صورت سهڻي هئي. سندس شخصيت جاذبِ نظر ۽ پرڪشش هئي. پاڻ غريبن جو غمخوار ۽ هيڻن جو همراهه هوندو هيو.

باطني توجهه : جڏهن پاڻ تقرير ڪندو هيو ته ماڻهو وجد ۾ اچي ويندا هيا. سندس توجهه سان ماڻهو ائين ڦٽڪندا هيا جيئن ڪڙ تڪبير وجهڻ کان پوءِ ڦٽڪندو آهي.

پاڻي تي بتي برندي رهي : هڪ دفعي پنهنجي سالي محمد اسلم ڊيپر سان گڏ ڳوٺ محمد قاسم ڊيپر لڳ شاهه واهه ويو. اتي رات جو نصيحت ڪندي ڪافي دير ٿي وئي. بتي جو گاسليٽ به ختم ٿي ويو. ان مهل گاسليٽ جو دستياب ٿيڻ به مشڪل هيو. بتي وسامڻ لڳي ته پاڻ سالي کي فرمايائين ته پاڻي جو گلاس پري ان ۾ وجهه. ان جي چواڻي ته پاڻي جو گلاس پري بتي ۾ وڌم ته اها سڄي رات برندي رهي. جڏهن ڏينهن ٿيو فرمايائين ته بتي کي وسايو نه ته اها قيامت تائين برندي رهندي.

عجيب خواب : پاڻ پنهنجو هڪ خواب هن فقير سان بيان ڪيائين تہ هڪ رات خواب ڏٺم تہ حضرت سائين اٺ تي سوار آهن آءٌ سندن پويان آهيان ۽ ائين ٿو لڳي جڏڪ مٿي آسمانن طرف وڃي رهيا آهيون. پوءِ اول بيت المقدس ۾ اچي داخل ٿياسين. اتي هڪ چاڙهي ڏسڻ ۾ آئي. ڏٺم تہ حضرت جن ان چاڙهي تي چڙهڻ لڳا آءٌ سمجهان پيو منهنجي مٿي تي هڪ پيري هئي ان ڪري چڙهڻ ۾ تڪليف پئي ٿي. پوءِ اتي هڪ اوپرو شخص ڏٺم ان کي چيم تہ هي منهنجي پيري وٽ تہ مٿي چڙهان. پوءِ ان شخص پيري ورتي آءٌ مٿي چڙهندو رهيس تانجو ان چاڙهي جي انتها تي هڪ ننڍي دري ڏسڻ ۾ آئي. حضرت جن ان دري مان اُڪري ويا. مون چيو تہ آءٌ ان دري مان ڪيئن لنگهي سگهندس پوءِ اتي هڪ غيبي آواز ٻڌڻ ۾ آيو تہ سائينجن مٿي چڙهي ويا آهن تون اڪيلو نہ ٿو چڙهي سگهين پوءِ اها دري ٽپيس تہ عجيب رنگ نظر آيو. هڪ سُرور هيو. هڪ لذتِ بي ڪيف هئي، جنهن کي زبان بيان نہ ٿي ڪري سگهي. معلوم ائين پئي ٿيو تہ اهو جهان هن جهان کان پيو هيو ۽ نوراني درياءِ هيو يا نور جي برسات هئي. پر ڪيفيت پُر لطف هئي. بس ان کان وڌيڪ چا ٿيو ان جي خبر بيان کان ٻاهر آهي.

ديدارِ مصطفيٰ ﷺ : مولوي صاحب بيان ڪيو تہ هڪ رات خواب ڏٺم تہ رسول الله ﷺ اسان جي ڳوٺ تشريف فرما ٿيا آهن. پاڻ هڪ ڪُرسي تي جلوه گر آهن. صورت ۽ شبيہ، اهو نظر پئي آيو. جيڪو شمائل وارن بيان ڪيو آهي. چهري پاڪ ۾ پيشاني کان نور جون لاٽون نظر پئي آيون جيڪو آسمان تائين ڦٽيديل هيو. عرض ڪيم سائين اسان جي مسجد ۾ هلي نماز پڙهايو. پوءِ پاڻ آيا ۽ پيهري جي نماز پڙهايائون. پوءِ منهنجي رشتيدار نورل فقير عرض ڪيو تہ سائين منهنجي حق ۾ دعا گهرو. پاڻ فرمايائون هائو. پوءِ مون عرض ڪيو: يا رسول الله پير سائين لاڙڪاڻي وارا، سائين محبوب الاهي، حضرت سائين مشوري شريف وارا، ميان عمرالدين چنه اهي سڀ الله وارا آهن. اسان انهن سان محبت رکون ٿا. پر توهان تہ اسان جا نبي آهيو. اسان گنهگارن جون توهان جي شفاعت ۾ آسون ۽ اميدون آهن. پاڻ فرمايائون:

"هائو پر جيڪا ٻکري واڙ مان نڪري اڪيلي جهنگل ڏانهن وڃي ٿي ان کي خطرو آهي تہ شايد کو ٻگهيڙ يا جانور ڦاڙي يا کائي نہ وڃيس".

پوءِ آءٌ سجاڳ ٿي پيس. سندن ان فرمان مان مون اهو اندازو لڳايو ته الله وارن جي جماعت کان ڏار نه ٿيڻ جو اشارو فرمائي رهيا هئا.

تصنيفات : پاڻ شاعري کيائين پر اها ڇپيل ناهي. پاڻ هڪ ڪتاب "تنبيه الضالين هدايت الصالحين" نالي لکيائين جيڪو پڻ قلمي آهي. ڪتاب "لڳي جيءَ ۾ جهوري" ۾ سندس ڪجهه سوانحي مواد شايع ٿيل آهي.

مشهور شاگرد: مولوي الله جوڙيو صاحب، مولوي ڏٽي بخش، مقبول لغاري، عبدالرحمن خاصخيلي، مولوي غلام مصطفيٰ ڏيپر، محمد بخش سيال وغيره سندس شاگرد آهن.

شادي ۽ اولاد : پاڻ هڪ شادي کيائين جنهن مان کين چهه پٽ ۽ تيرهن نياڻيون ٿيون.

1. ماستر شبير احمد 2. منير احمد 3. منير احمد4. محمد عرف جاني 5. احمد علي6. عبدالله

سندس وصال : 13 سيپٽمبر 2002ع مطابق 4 رجب المرجب 1423 هـ جمعي جي ڏينهن 3:00 بجي وصال فرمايائين سندس مزار سيد طالب شاه ماتلي جي قبرستان ۾ آهي.

چوڏهون خليفو

جناب محمد رمضان رحماني

ماتلي ضلعه بدين

صابر ۽ شاكر، ذاكر ۽ سخي جناب خليفه محمد رمضان ولد نٿو خان ذات رحماني جي ولادت 21 مارچ 1943ع كنديال تعلقي سناح ضلع امرتسر هندستان ۾ ٿي. ننڍپڻ جا پنج سال انهيءَ ڳوٺ ۾ گذاريائين. پوءِ جڏهن هندستان مان پاكستان هجرت كري اچي رهيا هئا تہ سندن والد صاحب پاكستان جي شهر قصور ويجهو وصال كري ويو. پاكستان آزاد ٿيڻ كانپوءِ پاڻ مختلف شهرن ۽ ڳوٺن ۾ سيلانين وانگر گهمندا رهيا. لاهور ۽ پاكپتن باغ ۾ پندرهن مهينن تائين سكونت پذير ٿيا. ان كان پوءِ نٿي ۾ ٿي مهينا، ٽنبو محمد خان ۾ يارهن مهينا، ماتلي شهر جي ڪشميري محلي ۾ ٽي سال، موري شهر ۾ ٽي مهينا، ڏيرڻ جتوئي ڳوٺ ۾ ست مهينا، وڏپاڪ ۾ ساڍا چار سال، خانپور ڪٽورا ۾ پنهنجي مامي وٽ اٽويهه مهينا، حويلي لكها ۾ ايائي سال، چشتيان منڊي ۾ ساڍا چار سال، خانيوال ۾ ننڍي مامي وٽ تيرهن مهينا، حاصلپور ۾ ڏهه مهينا، وري واپس اچي مورو ۾ اٺ مهينا رهيا. آخر ۾ اچي ماتلي شهر جي ڪشميري محلي سكون ورتائون جتي اڄ ڏينهن تائين سكونت پذير آهن.

جامع مدينہ مسجد ڪشميري محلہ ماتلي ۾ قاري محمد رمضان وٽ قرآن شريف پڙهيا. حضرت خواجہ محبوب الاهي رحمت الله عليه جڏهن خانپور ۾ رهندا هيا تہ پاڻ تبليغ لاءِ 13 چڪ ۽ 14 چڪ ۾ ايندا رهندا هيا. سائينجن ماتلي شهر ۾ مولوي شبير احمد چنہ وٽ رهندا هيا ۽ جامع مسجد ۾ اكثر وعظ نصيحت كندا هيا. ان جامع مسجد ۾ حضرت سائينجن جي زيارت كان مشرف ٿيا. بالآخر پاڻ 1975ع ۾ منظور احمد راجپوت سان گڏجي خانپور ۾ وڃي حضرت جن سان بيعت كيائون. پاڻ اكثر خانپور ۾ سندن صحبت ۾ ايندا رهندا هيا.

حضرت محبوب الاهي رحمت الله عليه ڪي جن فقيرن ماتلي ۾ رهڻ لاءِ عرض ڪيو هيو انهن ۾ خليفہ صاحب جن بہ شامل هيا. پاڻ انهن جي مشوري ڪي قبول فرمائي 1980 ع ۾ ماتلي ۾ اچي رهيا. غفاري مسجد ۾ درگاھ فضل آباد شريف جو بنياد رکيو ويو تہ پاڻ ان ديني ڪم جي خاص خدمتگارن مان هيا. حضرت صاحب جن سان تمام گھٹي محبت هوندي هين. گرمي هجي يا سيءَ هجي، برسات هجي يا طوفان هجي هر حال ۾ خليفہ صاحب فجر جي نماز اچي درگاھ شريف جي مسجد شريف پڙهندا هيا. سندن خدمت، سچائي ۽ محبت ڪي ڏسي حضرت جن مجلس ۾ فرمائيندا هيا تہ خلافت جو حقدار محمد رمضان آهي. پوءِ کين خلافت عطا ڪيائون. پاڻ درگاھ فضل آباد شريف ماتلي ۾ ننگر جي خدمت ڪندا هيا. مرشد جي حڪم موجب سندن گھر ۾ هر جمعي جي رات ھڪ روحاني محفل منعقد ڪندا آهن.

شاديون ۽ اولاد : پاڻ بہ شاديون ڪيائون. کين ڏھ فرزند ۽ اٺ نياڻيون آهن.

1.فقير محمد يونس 2. فقير غلام نبي 3 فقير محمد علي 4. فقير محمد حسين 5. محمد عرفان 6.محمد 7 احمد 8. محمد يوسف 9.محمد آصف 10 محمد رضوان .

حج ۽ عمرا : پاڻ پندرهن حج ۽ اندازاً پنجتيھ عمرا ادا ڪري چڪا آهن.

پندرهون خليفو

جناب محمد عالم چانڊيو

ڪورواهه ضلعه بدين

مهمان نواز ۽ هر دل عزيز جناب محترم خليفه محمد عالم چانڊيو شهر ڪورواهه تعلقو گولاڙچي ضلعي بدين ۾ رهندڙ هڻا. سندن والد فقير جمال الدين نهايت عابد زاهد ۽ پارسا انسان هيو. سندن پورو گهراٽو حضرت جن سان والهانه محبت رکڻ وارو آهي.

هڪ ڏينهن پاڻ حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه سان سندس تعلق جڙڻ بابت ٻڌايائين ته سائينجن سان سندس اولين ملاقات جهيجن جي ڳوٺ ۾ ٿي هئي. سندس والد صاحب ڪيس چيو ته هڪ الله جو پيارو جهيجن جي ڳوٺ ۾ آيو آهي وڃي ان جو ديدار ڪري اچ. ٻڌايائين ته ان اشتياق ۾ جڏهن جهيجن جي ڳوٺ ۾ پهچي پڇا ڪيم ته ٻڌايائون ته ڳوٺ کان اتر طرف لڳو لڳ آستانو اٿس. اتي پهچڻ سان عجيب منظر ڏٺم. ڪجهه فقير نوراني چهرن وارا هڪ ڪڪائين ڇاپري هيٺان ويٺل هئا. هڪ نوراني چهري وارو مرد خدا اٺن جي وچ ۾ ويٺل ڏٺم. پيرين پوڻ لاءِ اڳتي وڌيس ته پيرين پوڻ کان منع ڪندي هٿ مبارڪ ڏيگهو ڪري ٿڏيئي فرمايائون ماستر صاحب خوش آهيو؟ حيران ٿي ويس ته نه مون سائين جن کي اڳ ڏٺو ۽ نه سائين جن مون کي اڳ ڏٺو. ڪين ڪيئن خبر پئي ته مان ماستر آهيان. خير اها ڳالهه دل جو دل ۾ رهي. جڏهن سندن گفتگو پڏم ته ايڏو ته روحاني سڪون ۽ سرور نصيب ٿيو جو پوري زندگي ۾ ڪڏهن اهڙو ڪيف محسوس ڪو نه ڪيو هيم. هڪ ئي ملاقات ۾ پاڻ منهنجي دل کسي ورتائون. رات رهيس صبح جو مراقبي کان پوءِ ذڪر پاڪ ڏنائون. ان کان پوءِ هر جمعو ٻنوري مان جهيجن ۾ اچي سندن پويان پڙهندو هوس. درگاهه خانپور ۾ هر سال ٻارهي واري جلسي ۾ ويندو هوس. سندن ماهوار جلسو به ڪڏهن کو نه گسائيندو هيس.

دليون ڏوئڻ: خليفي صاحب بيان ڪيو ته جڏهن حضرت صاحب جن مون کي خلافت عطا فرمائي. ته خدا جاڻي ٿو ته منهنجي ظاهر باطن ۾ عجيب انقلاب اچي ويو. منهنجي آواز ۾ تاثير اچي وئي. ڪلاهه مٽان پٽڪو هڏي تبليغ تي نڪتس، جتن ۾ مُغلن ۾ ڏَلن ۾ زنڊرون جي ڳولن ۾ ويس ته ڪافي ديني فائدو ٿيو. پوءِ پنهنجي عزت ۽ شُهرت ڏسي هڪ پيري منهنجي دل ۾ ڪجهه غرور پيدا ٿيو. سوچيم ته نوڪري کي ترڪ ڪري لاڳيتو يڪسو ٿي وڃي تبليغ ٿو ڪيان. پوءِ نوڪري تان استعفا لکيم ۽ ڪٽي حضرت جن جي خدمت ۾ آيس. منهنجو احوال ٻڌي پاڻ نهايت غصي ۾ اچي ويا. پاڻ فرمايائون هاڻي تون پراون ٽڪرن تي پلجڻ جا سانباها پيو ڪرين. اها درخواست منهنجي هٿان وٺي قاڙي ڇڏيائون فرمايائون حلال جي پگهار وٺي پاڻ ۽ ڪائو ۽ خيرات ۽ ڪيو پين جي ڪُنن ڏانهن تڪڻ جي بجاءِ پنهنجي محنت سان ڪمائڻ بهتر آهي. پوءِ مون کي اهڙي تنبيه ڪيائون جو منهنجي من جي ڪل ميراڻ ڏوئي ڇڏيائون.

پيريءَ ۾ پنڙا: خليفي صاحب کي نرينه اولاد نه ٿيندو هيو. ۽ شاديون ۽ ڪيائين پر پٽ جي نعمت کان وانجهيل هيو. هڪ ڏينهن حضرت جن کي اچي عرض ڪيائين ته حضرتا پتاڻي اولاد جي نعمت کان محروم آهيان. کا دعا فرمايو. پاڻ دعا جا هٿ کنيائون ۽ فرمايائون پٽ ٿين ته هڪ جو نالو محمد ٻئي جو نالو احمد رکجانءِ. پوءِ کيس ۽ پٽ ٿيا. اهي ئي نالا رکيائين.

دعا جي برڪت : خليفي محمد عالم بيان ڪيو ته هڪ پيري منهنجي گهر واري سخت بيمار ٿي پئي. طبيبن لاعلاج ڪري ڇڏي. پوءِ حضرت جن جي خدمت ۾ آيس. پٽڪو لاهي سندن پيرن تي رکيم ۽ نماڙو حال بنائي ڪنڌ جهڪائي سندن اڳيان روئندو رهيس. منهنجي حال تي ڪين رحم اچي ويو. پاڻ دعا لاءِ هٿ مٿي کنيائون ايڏي ڊگهي دعا گهريائون جو منهنجا هٿ ٽڪجي پيا ۽ سندن نيٽن مبارڪن مان لڙڪ جاري هئا. مون ڏانهن ڏسندا رهيا ۽ دعا گهرندا رهيا. دعا بعد مون کي فرمايائون ته رات رهو. صبح جي نماز کان پوءِ مون ڏانهن نهاري فرمايائون ٽن ڏينهن ۾ فيصلو ٿيندو ۽ ڳالهه هڪ پاسي ٿيندي. دل ۾ سوچيم ته فيصلو الائي ڪهڙو ٿيندو؟ چڱ ڀلائي جو الائي موت جو؟

پاڻ هڪ فقير کي فرمايائون تہ مون کي پين پنو کڻي ڏيو تہ تعويذ لکون. پوءِ مون کي پڪ ٿي تہ فيصلو بهتري وارو آهي. ٽئين ڏينهن منهنجي گهر واري بلڪل تندرست ٿي وئي.

خليفو حاجي محمد عالم عجيب انسان هيو. سندس ممان نوازي، خدمتِ خلق مثالي هئي. حضرت محبوب الاهي کيس سلسلہ عاليہ جي اجازت بہ عطا فرمائي هئي.

ڪِل پاتار ۾ : هيڪر حضرت جن خليفي صاحب جي ڳوٺ کورواهہ تشريف فرما ٿيا. اچانڪ پاڻ فرمايائون حاجي صاحب جمعہ ڪٽي پڙهندا آهيو؟ عرض ڪيائين کور واهہ شهر ۾ پاڻ فرمايائون جمعہ ۽ عيد هتي پنهنجي ڳوٺ ۾ پڙهايو. خليفي صاحب ادب جا هٽ ٻڌي عرض ڪيو تہ هي سجو علائقو کورواهہ جي نورنگ مولوين جي زير اثر آهي. اسان اگر هتي جمعہ شروع ڪيو تہ اسان وٽ ڪير پڙهندو؟ ان تي پاڻ مٽي آسمان ڏانهن نهاري پوءِ زمين تي زور سان مُڪ هٽي فرمايائون تہ: "عالم فقير الله کان ٻني تنهنجا ڪِل پاتار ۾ تا هٽي ڇڏيون ڪنهن کي بہ طاقت نہ آهي جو توکي چوري يا لوڏي سگهي. تو وٽ اهڙا ماڻهو ايندا رهندا جو تون سجاڻي بہ ڪونہ سگهندين". پوءِ ٽيو بہ ائين. اڄ تائين اتي جمعہ ۽ عيد قائم آهي. خليفو صاحب چوندو هيو تہ : "مون وٽ هر جمعي ۽ عيدن تي اهڙا ماڻهو ايندا آهن جي آءٌ سجاڻي بہ ڪونہ سگهندو آهيان".

ٻتيهن ڏندن وچ ۾ زبان: خليفي محمد عالم فرمايو تہ هڪ پيري اسان مٽان ڏاڏا ڏڪيا ڏينهن اچي ويا. حريف زميندارن اسان مٽان ڪوڙا ڪيس ڪيا. ان وقت آءٌ حضرت جن جي خدمت ۾ پيش ٿيس. روئندي پنهنجو حالِ زار بيان ڪيم. پاڻ مُسڪرائي فرمايائون، غم نہ ڪر تون دشمنن کان ائين محفوظ رهندين جيئن ٻتيهہ ڏندن جي وچ ۾ زبان. پوءِ ٽيو بہ ائين جو دشمن زير ٿيا ۽ الله ڪريم اسان جي هر طرح حفاظت ڪئي. اها سندن زبان جي تاثير هئي.

رسول الله ﷺ جي ڪرمنوازي :

حضرت خليفہ محمد عالم رحمة الله عليه هڪ پيري هن فقير (ڪرم الله) سان عمري جي سفر ۾ ساڻ هيو. پنهنجو هڪ عجيب واقعو بيان ڪندي چيائين تہ سفر ۾ ايندي نظر جي عينڪ گهر وسري وئي. قرآن جي تلاوت ۾ ڏاڍي ڏڪيائي پئي ٿي.

ساڻين مان فقير غلام محمد کي چيم تہ مون کي عينڪ نہ ٿرائي ڏيو. ان چيو اول نظر جي ڪمپيوٽر تي ٽيسٽ ٽيندي پوءِ چشمو نہندو. ڊاڪٽر عرب آهن ۽ عربي ٻولي اسان کي ڏاڍي نہ ٿي اچي. پوءِ هڪ پيري سرور عالم نور مجسم ﷺ جي بارگاهہ ۾ مواجہ شريف تي وڃي عرض ڪيم تہ يا رسول الله منهنجي عينڪ وسري وئي آهي عنايت فرمايو. قسم سان بيان ڪيائين تہ جڏهن حبيبن جي حضور ۾ اهو عرض ڪري وچين حرم ۾ اچي ويٺس تہ هڪ ماڻهو باب جبريل واري پاسي کان سڏو مون وٽ آيو. ڪيسي ۾ هٿ هڻي نظر جي عينڪ ڪڍيائين مون کي پائڻ جو اشارو ڏنائين. پاڻ قرآن شريف ڪٽي اچي منهنجي هٿ ۾ ڏنائين. جڏهن پڙهڻ لڳس تہ منهنجي نظر جي بلڪل موافق هيو. ڪيسي ۾ هٿ وجهي ڏهہ ريال ڪڍيم تہ ڪيس ڏيان تہ روضي پاڪ ڏانهن اشارو ڪيائين ۽ عربي ۾ ڪجهہ لفظ چيائين جي مون نہ سمجهيا ۽ تکڙو تکڙو هليو ويو وري ان ماڻهو کي مون کڏهن ڪونہ ڏٺو. سبحان الله ! حضرت حبيب ڪريم ﷺ حيات النبي آهن.

امت جي احوال کان باخبر آهن.

سڏڻ وارن جا سڏ ٻڌن ٿا.

دانهن ڪرڻ واري جي دانهن ورنائن ٿا.

کين اها به خبر آهي تہ منهنجي فلاڻي امتي جي نظر ڪهڙي درجي جي آهي.

مست مے بیدار گردد نیم شب ، مست ساقی روزِ محشر بامداد

سورهون خليفو

مولوي محمد اسلم نوري

ماتلي ضلعه بدين

شيرين سخن، رقيق القلب حضرت خليفه مولانا محمد اسلم ولد حاجي محمد عباس ڪشميري جي ولادت 06 اپريل 1961ع ۾ ڪشميري محلي ماتلي ۾ ٿي. قرآن شريف قاري حافظ محمد رمضان وٽ مدرسه جامع مدينه مسجد ڪشميري محلي ماتلي ۾ پڙهيا. قرائت قاري محمد ايوب الرحمان نوري وٽ نور مسجد ڪشميري محلي ۾ حاصل ڪيائون. پرائمري تعليم ڪشميري محلي ۾ حاصل ڪيائون. ميٽرڪ گورنمينٽ هاءِ اسڪول ماتلي ۾، انٽر گورنمينٽ ڊگري ڪاليج ماتلي ۾، ايم. اي (اسلامڪ ڪلچر) سنڌ يونيورسٽي ۾ ايم. ايڊ سنڌ يونيورسٽي مان ڪيائون. 1981ع ڪان وٺي H.S.T. ٽيا، هن وقت گورنمينٽ هاءِ اسڪول ماتلي ۾ تعليمي فرائض انجام ڏئي رهيا آهن. پاڻ بهترين مقرر، نعت خوان ۽ اناؤنسر آهن. تنظيم عاشقانِ رسول ﷺ ۾ فدايانِ رسول الله ﷺ جا جنرل سيڪريٽري به آهن. ماتلي ۾ ٽيندڙ پروگرام "ميلاد مصطفيٰ ﷺ" جا آرگنائيزر به آهن. 1976ع ۾ پهريون پيرو منظور احمد راجپوت سان گڏجي قبرستان واري مسجد ۾ حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه جي زيارت به ڪيائون ۽ بيعت به ڪيائون. ان وقت پاڻ نائين ڪلاس ۾ پڙهندا هئا ۽ پين شاگردن ڪي مرشد جي درگاهه شريف تي وٺي ايندا هئا. هن فقير ڪي خلافت ملڻ وقت ڪين به خلافت سان نوازيو ويو هيو. مرشد جي محبت ۽ صحبت گهٽي ڪندا رهيا. سفر حضر ۾ سندن خدمت ۾ رهيا. مرشدن جي وصال کان پوءِ پاڻ هن فقير سان بيعت ڪيائون ۽ فقير به کين سلسلہ عاليہ نقشبنديہ جي اجازت ۽ خلافت ڏني آهي. پاڻ شاعري به ڪندا آهن. ان کان علاوه فقير جي ڪجهه ڪتابن جو اردو ۾ به ترجمو ڪيو اٿن ۽ ڪري رهيا آهن. ۱۔ توحيد و رسالت ۲۔ رونے والی آنکھ ۳۔ گھریلو پاکیزہ زندگی ۴۔ سوانح حیات پیر مٹھا سائیں ۵۔ مواعظ حسنہ پاڻ نيڪ صالح ۽ اعليٰ اخلاق وارا ۽ صاحبِ تواضع آهن. 2004ع ۾ حرمين شريفين جي زيارت ڪيائون. به شاديون ڪيائون جن مان ٽي پٽ ۽ چار نياڻيون ٿيون. 1. ڪامران اسلم 2. عدنان اسلم 3. علي عباس.

سترهون خليفو

جناب محمد حسين خاصخيلي

سونهارو خاصخيلي بدين

نرم دل وارو، سچار ۽ امانتدار جناب خليفو محمد حسين ولد محمد صالح خاصخيلي ويٺل ڳوٺ سونهارو خاصخيلي تعلقو ماتلي ضلع بدين. سندس پيدائش 1948ع ۾ ڳوٺ سونهارو خاصخيلي ۾ ٿي قرآن مجيد اباڻي ڳوٺ ۾ پڙهيائين. عربي فارسي جا ڪجھ ڪتاب ماتلي شهر ۾ پڙهيائين. پرائمري تعليم بعد سنڌي فائنل پاس ڪيائين. پوءِ ڪافي عرصو پنهنجي ڳوٺ جي هارن کي قرآن مجيد پڙهايائين. تن ڏينهن ۾ حضرت جن تماچي جميجو ڳوٺ ۾ سڪونت پذير هئا، سندن خليفو جناب محمد روشن هن ڳوٺ ۾ تبليغ تي آيو تہ جماعت کي ياڏهين شريف جي دعوت ڏنائين. پوري ڳوٺ جا معززين سندس دعوت تي ياڏهين جي جلسي ۾ ويا ۽ حضرت جن کان متاثر ٿي ذکر پچيائون ۽ دست بيعت ٿي موٽيا. انهن ۾ خليفي محمد حسين سان گڏ حاجي محمد علي، حاجي ڪمال الدين، حاجي لکي، حاجي علي محمد، حاجي محمد، فقير سلامت علي، فقير غلام علي، روشن الدين، ماستر رسول بخش، حاجي امير بخش، محمد بچل وغيره بہ شامل هيا. بيعت ڪرڻ بعد پوري ڳوٺ ۾ هڪ ديني تبديلي رونما ٿي وئي. پوءِ هتان جماعت خانپور بہ حضرت جن جي خدمت ۾ ويندي هئي. جن جي مهار ڇڪي هلڻ وارو جناب محمد حسين هوندو هيو.

سندس محبت ۽ جماعتن قطاري اچڻ جي ادا حضرت جن کي ڏاڍي وٺي ۽ پاڻ ڪيس خلافت عنايت ڪيائون. خلافت ملڻ کانپوءِ پاڻ نهايت دلجمعي ۽ خلوص دل سان تبليغ ڪيائين. حيدرآباد، ٽنڈوجام، موسيٰ ڪتيار، ٽنڈو قيصر، شهدادپور، ميرپورخاص، ميرواه گورچاٽي، سنجر چانگ، ڏگهڙي، دمبالو، ٽنڈو غلام علي، ماتلي، مويا، گولاڙچي، کورواهه، ٽنڈو محمد خان، ڏندو، تلهار وغيره شهرن ۾ هلي وڃي تبليغ ڪيائين.

سندس نائي فقير محمد سعيد ٻڌايو ته پاڻ تبليغ لاءِ نديو لائوڊ ۾ ٻيٽري ۽ ورتي هئائين جيڪا ڪٽي نگر نگر شهر شهر وڃي مفت ۾ ماڻهن کي دين جو پيغام پهچائيندو هيو. سندس عادت هئي پلي جهنگ ۾ هجي يا ٻر ۾ پر جتي ۽ نماز جو وقت ٿيو ته اتي لائوڊ ڪولي اذان چوندو هيو ۽ ساڻين کي باجماعت نماز پڙهائيندو هيو. وات هُلي ڪو ايندو ويندو ملي ويس ته ان سان ۽ تبليغ ۾ شروع ٿي ويندو هيو.

سندس تبليغي ڪوشش سان ڪافي ماڻهو ديندار بنجي ويا. نهايت نرم دل هيو. مرشد ڪريمن سان والهانه محبت هوندي هيس. بيان ڪرڻ وقت گهٽو روئندو هيو. مجلسن ۾ هي بيت گهٽو پڙهندو هيو پوءِ پاڻ ۽ روئندو هيو ته جماعت ۽ پئي روئندي هئي.

عمر ساري گناهن ۾ وجايم يارسول الله
ڪري سودو ڪسي ڪڃ جو وهايم يارسول الله

ديس پرديس ۾ تهجد نماز ڪو نه ڇڏيائين. رات جي پوئين ڏهائي ۾ تهجد پڙهي مصلي تي جيئن ذڪر ۾ مراقبي ۾ ويهندو هيو ته فجر جي سنت اتي پڙهي پوءِ اٺندو هيو. گهر جي پاتين کي ۽ نماز ۾ تهجد جو تاڪيد ڪندو هيو.

ڪجهه عرصو ملازمت ۽ ڪيائين پر اتي ۽ امانتداري ۾ ديانتداري سان رهيو. 18 شوال سومر جي ڏينهن هن فاني دنيا مان لاڏاٽو ڪيائين. وفات ڪان چاليهه ڏينهن اڳ پنهنجي گهر وارن کي پنهنجي لاڏاٽي جي خبر ڏني هئائين. سندس جنازي جي نماز هن فقير سندس ڳوٺ وڃي پڙهائي هئي.

ڪيس ۽ پٽ ۾ پنج نياڻيون ٿيون. پٽن جا نالا 1. فقير محمد زمان 2.فقير عبدالرحمان.

سندس صورت سهڻي ۾ سيرت موڇاري هئي. نهايت رحمدل هيو. پاڙي وارن سان تمام گهٽو مهربان هوندو هيو. شاعري ۽ ڪئي هئائين. ڪتابن جي مطالعي جو وڏو شوق هوندو هيس. هڪ دفعه 1975 ع ۾ عمري شريف جي سعادت ۽ ڪيس نصيب ٿي هئي.

سندس بيان ڪرڻ ۾ ڳالهه مثالن سان سمجهائڻ جو عجيب انداز هوندو هيو. مٺڙي مٺڙي گفتار ڪندي راتيون ڊِلي ويندیون هيس پر ماڻهن جي سندس گفتار مان دل نه ڀرجي هئي. الله سندس مزار مٿان ڪروڙين رحمتون نازل فرمائي.

ارڙهون خليفو
مولانا غلام شبير جوٽيجو
خانپور ضلعو دادو

سالڪِ ڪامگار، محرم اسرار حضرت مولانا غلام شبير ولد علي اڪبر جوٽيجو ڳوٺ علي بخش جوٽيجو ضلعو دادو. قرآن مجيد جي تعليم استاذ الحفاظ نظام الدين جوٽيجي وٽ درگاهه الله آباد خانپور ۾ حاصل ڪيائون. وڌيڪ تعليم حضرت خواجه محبوب الاهي رحمة الله عليه جي مدرسي رياض الهديٰ خانپور ۾ حاصل ڪيائون. پوءِ حضرت جن جي ئي حڪم سان ڪجهه ٻين مدرسن ۾ پڙهيا. سندن استادن ۾ مولانا غلام قادر لغاري، مولوي شفيع محمد سومرو، مولوي يار محمد جويو، مفتي ڪريم بخش ميمڻ وارا وغيره به آهن. آخري ڪتاب دورهءِ حديث درگاهه جي مدرسي ۾ پڙهي فارغ التحصيل عالم ٿيا.

پرائمري ۾ انگريزي تعليم به خانپور جي اسڪولن ۾ حاصل ڪيائون. تعليم دوران حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه سان بيعت ٿيا ۽ پوءِ ڪين خلافت جي سعادت به نصيب ٿي. ڪافي عرصي تائين تلهار، دادو ۽ خانپور جي مدرسن ۾ ديني تعليم به ڏنائون ۽ الله ۽ انجي حبيب ﷺ جي دين جي خدمت ۾ مختلف علائقن ۾ تبليغ به ڪيائون. پاڻ هڪ حج ادا ڪيائون ۽ به ٻيرا عمري شريف جي سعادت ماڻيائون. پاڻ هڪ شادي ڪيائون جنهن مان ڪين پنج نياڻيون ٽيون. حضرت جن جي وصال بعد هن فقير سان بيعتِ ثانيہ ڪيائون. سالياني عرس مبارڪ جي تقريبات ۾ پنهنجي احبابن سميت شريڪ ٿيندا هئا. تبليغي مصروفيتن سان گڏ خانپور هاءِ اسڪول ۾ عربي ٽيچر به هئا.

15 اپريل 2009 ع ۾ هن فاني جهان مان لاڏاٽو ڪيائون. سندن مزار مبارڪ اباڻي قبرستان ڳوٺ چوڪنڊي ۾ آهي. پاڻ خوش اخلاق نيڪ طبيعت جا مالڪ هئا. بهترين مبلغ مقرر ۽ مدرس هئا. حق گوئي ۽ بيباڪي سندن فطرت ۾ سمايل هئي. قاضي برهان جي ڏاڙي تي ڪيل سندن تقريرون يادگار آهن.

اٹويهون خليفو

جناب فتح محمد لغاري

کاڇو ضلعو دادو

نمايت نماڻو، صالح سياڻو، ساهه سيباڻو، فقير فتح محمد لغاري ولد تاج محمد لغاري ڪاڇوي رحمة الله عليه جنهن کي "قاضي" جي لقب سان سڏيندا هئا. پاڻ غالباً 1935ع ۾ تعلقي جوهي ضلعي دادو جي ننڍڙي ڳوٺ تاج محمد دولتاڻي ۾ ڄائو. سندس وڏا اصل ٽرڙي جادو شهيد ڳوٺ جا رهاڪو هئا پر پاڻ پنهنجي عزيزن سان گڏ هجرت ڪري هن ڳوٺ ۾ اچي آباد ٿيو. پاڻ انتهائي شريف، صابر ۽ شاڪر انسان هيو. پهريائين حضرت پير مٺا سائين رحمة الله عليه جو مريد ٿيو سندن وصال بعد پاڻ حضرت محبوب الاهي ﷺ سان بيعت ڪرڻ وارن "سابقين الاولين" مان هيو. سائينجن سان والهانه محبت رکندو هيو. دولتاڻين کان سائيڪل تي چڙهي سردين گرمين ۾ خانپور ايندو هيو. حضرت جن کي ڪاچي وٺي وڃڻ جي خدمت گهڻي تڏي سندس ذمي هوندي هئي.

سندس فرزند مولانا تاج محمد بيان ڪيو ته هڪ دفعي ڪڙيو غلام الله واري مدرسي کان ڳوٺ وڃي رهيو هيس. ايف پي بند (بچاءُ بند) لڳ ڳاڙهي واري مسجد وٽ جيڪا ڪلهوڙن جي دور جي انتهائي پراڻي مسجد آهي اتي ڏٺم ته بابو سائين سائيڪل جو پنڪچر پيو ٺاهي. آءٌ پهتس خوشي ٿي. پاڻ چيائين ته حضرت محبوب الاهي ﷺ کي ڳوٺ وٺي پئي ويس سائيڪل پنڪچر ٿي پئي. سائينجن اندر مسجد شريف ۾ وينا آهن. اندر آيس ته پاڻ سُڪو فروٽ ڪائي رهيا هئا. چو ته پاڻ تقويٰ جي لحاظ کان ٻئي جي ماني نه ڪائيندا هئا پوءِ آءٌ سائينجن سان مليس. پاڻ جيڪي لفظ فرمايائون اهي اڄا به ياد آهن ۽ هميشه ياد رهندا. پاڻ فرمايائون قاضي صاحب منهنجو "يارِ غار" آهي. پوءِ جڏهن حضرت جن اسان جي ڳوٺ پهتا ته تمام سهڻيون محفلون ٿيون. فقيرن جي محبت ۾ مثال هئي. مولوي صاحب مزيد فرمايو ته: هڪ پيري فقير محمد صديق لغاري جي ڳوٺ ۾

حضرت جن جو جلسو هيو. مون کي والد صاحب ان جلسي ۾ وٺي ويو. صبح جي محفل ۾ پاڻ علم ۽ عالمن جا فضائل بيان ڪيائون ته والد صاحب کي به شوق جاڳيو. مجلس پوري ٿيڻ تي منهنجو هٿ وٺي حضرت محبوب الاهي جي هٿ ۾ ڏنائين. چيائين سائين هن کي دين جي علم لاءِ وقف ڪيم. هن کي پاڻ سان گڏ وٺي ويجو. پوءِ حضرت جن اتان کان سائيڪل تي مون کي پاڻ سان ٻيلهه ڪنيو ۽ خانپور ۾ اچي پنهنجي مدرسي ۾ داخل ڪيائون. تانجو آءٌ عالم ٿيس. منهنجو عالم ٿيڻ حضرت جن جي دعائن ۽ نگاهن جو اثر هيو.

خلافت ۽ اجازت : پاڻ جيئن غفاري جماعت سان تعلق جوڙيائين ته حقيقت جي رنگ ۾ رنگجي ويو. پوءِ حضرت جن ڪيس سلسلي جي اجازت خلافت به عطا ڪئي. پاڻ متقي ۽ پرهيزگار، بدعات ۽ مڪروهات کان ڪنارو ڪندڙ هيو. انتهائي غربت هوندي به متوڪل رهيو. هر وقت ذڪر الاهي ۾ رهندو هيو. پاڻ "هٿ ڪار سان دل يار سان" جو سچو مصداق هيو. زبان تي به هميشہ ذڪر جي تنوار هوندي هيس. هر وقت اها اون هوندي هيس ڪو موقعو ملي ته جلدي وڃي درگاه شريف تي پهچان. پاڻ هميشہ حق گو سچار، انصاف پسند ۽ پين لاءِ چڱائي ۽ پلائي سوچڻ وارو رهيو. ان ڪري ماڻهو ڪيس "قاضي" جي لقب سان سڏيندا هئا. پاڻ هر وقت ڪاڇي جي اڻ پڙهيل اپوجهن کي مرشدن ڪريمن جون مڻيون مڻيون پيار واريون ڳالهيون ٻڌائي درگاهہ شريف تي وٺي ويندو هيو. سندس فرزند مولانا تاج محمد بيان ڪيو ته هڪ پيري قاضي صاحب جي ڳوٺ ۾ پرواري ڳوٺ وارن جي ٻن ڏرين اوطاق جي معاملي ۾ جهيڙو ٿي پيو. معاملو وڃي لڙائي ۽ ڪورٽن ۾ پهتو. ٻنهين ڏرين فقير قاضي صاحب کي امين واريو ۽ سندس شاهدي تي اعتماد ڪيو. ڀالهہ سچي شاهدي جي هئي. ڳوٺ وارن ۽ سندن عزيزن ۽ قريبن جو تمام گهڻو زور هيو ته گواهي اسان جي حق ۾ ٿئي. تانجو عزيزن زور رکيو ۽ تعلقات ختم ڪرڻ ۽ سوشل بائيڪاٽ جون ڌمڪيون پڻ ڏنيون پر پاڻ سچي شاهدي ڏنائين، جيڪا مخالف ڏر جي حق ۾ هئي. اها اوطاق ڏهي وئي. ڪيس مخالف ڏر ڪتيو پوءِ ڪيس ان معاملي ۾ گهٽي تڪليف ڏني وئي پر پاڻ سڀ ڪجهہ برداشت ڪيائين. پاڻ اربع 21 محرم 1405ھ مطابق 17 آڪٽوبر 1984ع.

تي 49 سالن جي جمار ۾ رحلت ڪيائين. تاوقتِ وصال عابد زاهد مسجد جو خدمتگذار ۽ تهجد گذار رهيو. ذڪر فڪر ۾ دم ڏٽيءَ جي حوالي ڪيائين.

ويهون خليفو
جناب محمد صالح چانڊيو
خيرپور ناٿن شاھ ضلعو دادو

سچار ۽ وفادار، محبوب الاهي رحمة الله عليه جي دربار جو پهريدار جناب خليفو محمد صالح چانڊيو رحمة الله عليه ، پاڻ ڳوٺ باغائي چانڊيو لڳ خيرپور ناٿن شاھ، ضلع دادو ۾ 1918ع ۾ تولد ٿيا. قرآن شريف ناظره پنهنجي والد محمد چانڊيو صاحب وٽ پڙهيا. پوءِ سنڌي فائنل خيرپور ناٿن شاھ ۾ ڪيائون. ان کان پوءِ عربي فارسي ۽ پڙهيائون. قطبِ عالم حضرت پير مٺا سائين رحمه الله عليه جي شُهرت ٻڌي سندن خدمت ۾ پهتا ۽ ساڻن بيعتِ ڪري قلبي ذڪر حاصل ڪيائون. پوءِ ستت ئي مٺا سائين رحمة الله عليه جو وصال ٿي ويو تہ پاڻ حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه سان بيعت ڪيائون. پنهنجي بياض ۾ حضرت جن سان بيعت ڪرڻ جي تاريخ پنجويهه جمادي الاول سنہ 1380 هـ لکي اٿن. ديس پرديس ۾ اڪثر اوقات حضرت جن سان گڏ رهندا هئا. سندن آواز منو هوندو هيو. درگاھ شريف جي مسجد ۾ اذان چوندا هئا. جڏهن گهٽي جماعت ٿيندي هئي تہ پاڻ حضرت جن جي پويان مڪبر بنجي ڏاڍيان آواز ۾ انتقالي تڪبيرون چوندا هئا. وٽن دونالي بندوق به هئي. سفرن ۾ يا جلسن جي وقتن ۾ حضرت جي چوڌاري پهريداري جي خدمت سر انجام ڏيندا هئا. صورت جا سهڻا ۽ قدآور مرد هئا. شاعري به ڪندا هئا. سندن شاعري قلمي صورت ۾ موجود آهي. پنهنجي سموري زندگي مرشد جي محبت، رفاقت ۽ تبليغ ۾ صرف ڪري ڇڏيائون. حضرت سائين جن اٽين رمضان المبارک سنہ 1385هـ مطابق 1.1.66 تي ڪيس خلافت سان نوازيو.

مرشد کريم جي وصال کان پوءِ پاڻ هن عاجز سان بيعت ڪيائون. پاڻ هڪ عمرو ڪيائون. سندن وصال سنہ 2006ع ۾ سندن فرزند جي رهائش گاهہ ڪراچي ۾ ٿيو. کين شاهہ غوريو قبرستان لڳ ڀڳ مهدي شاهہ خيرپور ناٿن شاهہ ۾ دفن ڪيو ويو.

خليفہ محمد صالح جي سند خلافت

پاڻ ۾ شاديون ڪيائون جن مان ٽي پٽ ۽ هڪ نياڻي ٿي.

1. شاهہ محمد، ڪراچي 2. مرحوم مظهر علي 3. مرحوم قربان علي

سندن وصال کان پوءِ جماعت جي ذميداري ۾ برادري جي اڳواڻي سندن فرزند محترم شاھ محمد جي حوالي آھي جيڪو ھن وقت سول ايويئيشن ڪراچي ايئرپورٽ ۾ جنرل مينيجر آھي.

بياض صالحي: حضرت محبوب الاھي رحمة الله عليه ھن خليفي صاحب جي گھڻي عزت ڪندا ھئا ۽ ساڻس گھڻي محبت رکندا ھئا. سندس قلمي بياض ۾ حضرت جن پاڻ پنھنجي ھٿ سان ڪيس شعر لکي ڏنا آھن.

ان کان علاوه ڪجھ تعويذ ۽ دعائون ۽ وظيفا بہ لکي ڏنا آھن. انھن منجھان ڪجھ عمل پيش ڪجن ٿا.

كشف القبور لاءِ عمل: خليفي صاحب جي قلمي بياض ۾ لکيل آھي تہ:

"ڪنھن قبر واري سان ملاقات ڪرڻ لاءِ اول آخر ھڪ سؤ ڀيرا صلوات شريف پڙھي وچ ۾ يارھن ڀيرا سورة مزمل ۽ پنج ڀيرا سورة يس پڙھي انھن جو ثواب پنجن تنن کي ۽ حضور سائين ﷺ ۽ حضرت آدم عليہ السلام کي ۽ مرشدن کي بخشي ۽ جنھن قبر جي مٿان پڙھي ٿو ان کي بخشي پوءِ مراقبو ڪري ائين سمجھي تہ منھنجو روح صاحبِ قبر جي روح سان وڃي مليو آھي تہ پوءِ انشاءَ الله ملاقات ٿيندیس.

ھر قسم جي پريشاني لاھڻ لاءِ عمل:

سانجھي جي نماز کان پوءِ ٽي نفل ھرروز پڙھڻ گھرجن ہن نفلن ۾ الحمد کان پوءِ ٽي ٽي دفعا قل ھوالله احد ھر ھڪ رکعت ۾ پڙھجي ۽ ٽئين نفل جي پھرين رکعت ۾ الحمد بعد ست ڀيرا قل ھو الله احد ۽ ھڪ دفعو قل اعوذ برب الفلق پڙھي. ٻين رکعت ۾ الحمد بعد ست دفعا قل ھو الله احد ۽ ھڪ دفعو قل اعوذ برب الناس پڙھڻ گھرجن.

رزق جي ڪشادگي لاءِ عمل:

يَا كَرِيمُ يَا وَهَّابُ

يارھن سو ڀيرا پڙھجي . اول آخر ھڪ سو ڀيرا درود پاڪ پڙھجي.

حضور نبي ڪريم ﷺ ۽ پنجن تنن کي ۽ مرشدن ڪريمن ۽ نقشبندي طريقي جي جميع مشائخن کي ان جو ثواب بخشي پوءِ دعا گھرجي.

بي فرمان زال جي سڌارڻ جو عمل :

مڙس سان زال بيفرماني ڪري وڃي مائٽن وٽ ويهي تہ مڙس هي پڙهي:

بِسْمِ اللهِ الواسع جل جلاله

اهي اکر هڪ سؤ پيرا پڙهبا ۽ سورت اخلاص "قل هو الله احد" ايڪيتاليهہ پيرا سمهڻ کان اڳ مصلي تي ويهي پڙهبا پوءِ بستر تي اچي آرام ڪبو. تہ الله جي فضل ۽ ڪرم سان زال فرمانبردار ٿي اچي ويندي.

جناب محترم علي حسن ولد محمد صديق ڪوسو جي ولادت 1945 ع ۾ ڳوٺ حاجي قائم ڪوسو ۾ ٿي. سنڌي پنج درجا ڳوٺ انبار ۾ پڙهيا. قرآن شريف پهرئين محمد اسماعيل جنہ وٽ پڙهيا پوءِ حافظ محمد مزاري وٽ ڳوٺ انبار ۾ پڙهيا. والد صاحب سان گڏجي پير منا سائين سان وڃي بيعت ڪياڻون. پير منا سائين جي وصال کان پوءِ خليفہ محمد صالح چانڊيو ۽ خليفہ مولوي محمد اسماعيل ڏيپر ڳوٺ قائم ڪوسو ۾ تبليغ لاءِ آيا. پاڻ خليفن سان گڏجي يارهين شريف جي موقعي تي درگاهہ خانپور ۾ آيا ۽ حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليہ سان بيعت ڪياڻون. ڪجهہ عرصي کان پوءِ ڪين خلافت بہ ڏني وئي. مرشد جي امر موجب اڄ تائين دين جي تبليغ ۽ سلسلي جي اشاعت ۾ مشغول آهن.

پاڻ بہ شاديون ڪيون اٺن جنهن مان پنج پٽ ۽ چار نياڻيون ٿين.

1. محمد صالح 2. علي اڪبر 3. لياقت علي 4. ذوالفقار علي 5. جاويد علي.

خليفہ صاحب بہ حج ڪيا آهن هڪ 1999 ع ۾ ۽ ٻيو 1996 ع ۾.

ٻاويهون خليفو

جناب محمد صالح کهيري

قلجي ضلع دادو

متقي ۽ پارسا، عاشقِ خدا، محبِ مصطفيٰ جناب فقير محمد صالح کهيري رحمت الله عليه جهڙو نالو صالح هيس حقيقت ۾ واقعي ب اهڙو ئي صالح هيو. سندن اصل ڳوٺ ميرو پٽ کاڇو تعلق جوهي ضلع دادو هيو. سائينجن سان اکثر گڏ رهندو هيو. جڏهن جدا ٿيندو هيو ته اکثر وقت تبليغ ۾ گذاريندو هيو. بيماري جي حال ۾ ب اشارن سان ب نماز نہ چڏيائين. فرمائيندو هيو ته جيستائين تبليغ نہ ٿو کيان تيستائين آرام نہ ٿو اچي. سندس پاڻ فقير علي نواز بيان کيو ته خليفہ صاحب جي وصال بعد مون کيس خواب ۾ ڏٺو. مون چيو ته ادا ٻڌاءِ ته تون کيئن کمائي وئين؟ چيائين: کمائيندين تڏهن جڏهن پلوءِ پسائيندين. ميرو پٽ جي جامع مسجد جي ويجهو سندس مزار آهي سندس وصال بعد ڳوٺ وارن کيترن بيان کيو ته انهن خليفي صاحب جي مزار مٿان نور وسندي ڏٺو. غير شادي شده وصال کيائين. سندن ڳوٺ ۾ اکثر اهل تشيع جا ماڻهو آهن. جڏهن وصال کيائين ته شيعا ب سندس وفات تي زار و زار رُنا. انهن ب ائين چيو ته هڙو فقير صالح اسان نہ ڏٺو. سندس وصال تي حضرت جن تمام گهٽا غمگين ٿيا. ائين فرمايائون ته منهنجا ڏهہ فقير گذاري وڃن ها پر هي فقير نہ وڃي ها.

ديس پرديس کڏهن ب بي نماز ماڻهو جي هٿ جي مانيِ نہ کاڏائين.

سندس لٹ جي برکت : هک پيري هک ماڻهو پنهنجي تکليف جي ساڻس شکايت ڪئي. زميندار ۾ کم هيس. پاڻ پنهنجي لٹ ان ماڻهو کي ڏنائين ۽ چيائين ته رستي ۾ الله الله کندو وڃ زميندار وٽ پهچين ته ڇڄجانءِ اي الله هن لٹ جي مهابي منهنجي مشکل آسان کر. پوءِ جيئن تون چوندين زميندار ائين کندو. اهو ماڻهو سندس فرمان موجب لٹ کڻي ويو، جيکو چاهيائين تي ائين کم ٿيس.

صبر ۽ برداشت : فقير صاحب وڏي صبر ۽ برداشت وارو هيو. هڪ پيري هڪ مخالف کيس منهن سامهون تمام گهٽيون گاريون ڏنيون گهٽ وڌ ڳالهايو پاڻ ان کي هڪ حرف نہ چيائين خاموش ٻڌندو رهيو. سندس خاموشي ۽ صبر مخالف متان اهڙو اثر کيو جو پاڻان اچي سندس پيرن تي ڪري معافي ورتائين. جڏهن خليفي صاحب وصال کيو تہ اهي مخالف روئندا ريمون کندا آيا، چوڻ لڳا تہ اسان کيس نہ سڃاتو، هي تہ الله جو ولي هيو.

گفتار جي تاثير : هڪ پيري خليفو صاحب تبليغ لاءِ هڪ ڳوٺ ۾ ويو اتي هڪ مولوي صاحب هيو جيڪو کنهن کي اتي وعظ ڪرڻ کو نہ ڏيندو هيو. ان جو چوڻ هيو تہ نہ ان جمڙو کو عالم آهي نہ ان جمڙو کو وعظ ڪرڻ وارو ان ڪري پنهنجي مسجد بلڪ پنهنجي ڳوٺ ۾ ڪنهن ٻئي مبلغ کي اچڻ نہ سمندو هيو. جمعي جي جماعت ڪئي هئي. مولوي صاحب اڃا حويلي مان نہ نڪتو هيو. خليفي صاحب وعظ ڪرڻ شروع کيو. ان وقت مولوي صاحب نمودار ٿيو. خليفي صاحب جي چهري جي ڏيا گفتگو جي تاثير اهڙي هئي جو مولوي صاحب کي ڪچڻ جي همت نہ ٿي. مسجد ۾ اچي وينو خليفي صاحب ڏاڍي اثر ائتي انداز ۾ تقرير پئي ڪئي. تيڏي محل خبر پئي جو مولوي صاحب جي اکين مان ڳوڙها جاري ٿي ويا. اهڙو متاثر ٿيو جو پوءِ امامت لاءِ بہ خليفي صاحب کي عرض ڪيائين. پوءِ هت چميائين دعا گهر ايائين ۽ هميشہ اچڻ لاءِ عرض ڪيائين.

تيويهون خليفو
جناب ڪريم بخش پتوجو
ڳوٺ ڪلر ضلعو دادو

جناب محترم خليفو ڪريم بخش ولد علي مراد پتوجو اصل ڳوٺ ڪلر تعلق ميڻ جو رهواسي هيو. سندس ولادت ٻ ان ئي ڳوٺ ۾ ٿي. قرآن مجيد فقير عبدالرحمان پتوجي وٽ اباڻي ڳوٺ ۾ حاصل ڪيائين. هڪ دفعي خليفو محمد اسماعيل ڏيپر صاحب تبليغ لاءِ سندن ڳوٺ ۾ آيا، وعظ نصيحت بعد ڳوٺ وارن کي درگاهه الله آباد شريف خانپور ۾ ٻارهين جي رات واري جلسي جي دعوت ڏنائون. سندن دعوت تي خليفو ڪريم بخش صاحب ۾ محمد هارون، فتح محمد، گلاب ۾ ٻيا گڏجي حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه جي خدمت اقدس ۾ آيا. زيارت ڪرڻ بعد سندن بيعت ٿيا ۾ سچا فقير مريد بنجي موٽيا. ان ڏينهن ڪانپوءِ ڳوٺ ڪلر جا اڪثر فقير ٻارهين شريف جي موقعي تي ايندا رهندا هئا. هن ڳوٺ ۾ تبليغ لاءِ خليفو محمد اسماعيل ۾ خليفو روشن علي ايندا رهندا هئا. حضرت جن خود ٻ هن ڳوٺ ۾ گهٽو ايندا هئا ۾ جڏهن ٻ ايندا هئا تہ هتي ٻ ٿي راتيون قيام فرمائيندا هئا. ڪڏهن تہ پاڻ باقبائل ٻ هن ڳوٺ ۾ ويندا هئا. ڪريم بخش صاحب جي محبت ڏسي حضرت جن ڪيس خلافت سان نوازيو ۾ تبليغ دين جو امر فرمايو. پوءِ پاڻ مختلف علائقن ۾ تبليغ ڪري هر مهيني جماعت کي مرشدن جي آستاني تي وٺي ويندو هيو. خليفو مولوي اسماعيل ڏيپر سان گڏجي ٻ گهٽي تبليغ ڪيائين. نصيرآباد، ڪاڇو، ماڌو، گركڻ، سکر ۾ ميڻ، خيرپورناٿن شاهه وغيره. شهرن ۾ اڪثر ويندو هيو.

پاڻ حضرت جن سان ٻ گهٽن سفرن ۾ هم رڪاب رهيو. چند سال اڳ پاڻ حج جي سعادت ٻ ماٿي آيو آهي. حضرت جن جي وصال پر ملال بعد پاڻ هن فقير (ڪرم الله) سان بيعتِ ثانيہ ٻ ڪئي اٿس. اڄ ڏينهن تائين درگاهه شريف جو پانڌيئڙو آهي ۾ مرشدن جي حڪم مطابق تبليغ جي ڪم سان مصروف آهي.

مُحبِ يڪرنگ، نيڪ آهنگ، عاشق دلريش، صداقت ڪيش حضرت علامہ قاري غلام حيدر تونسوي رحمة الله عليه پاڻ ولين جي سرزمين تونسہ شريف پنجاب جا رهواسي هئا. شهدادپور جي لوهارڪي گهٽي واري جامع مسجد ۾ خطيب ۽ امام هئا. جڏهن حضرت جن جي شهدادپور آمد ٿي تہ پاڻ سندن اخلاقِ ڪريمانہ ۽ بيان عالمانہ نگاهِ عارفانہ کان متاثر ٿي حضرت جن سان بيعت ڪيائين. ڪجھ عرصي بعد پاڻ ڪيس خلافت بہ عنايت ڪيائون. آواز ۾ ڏاڍو ميٺاج هين. ستن قرائتن جا ماهر هيا. حضرت جن هن فقير کي وٽن قرائت سکڻ لاءِ موڪليو هيو. بخار ٿي پين هڪ بدمذهب ڊاڪٽر ڪيس زهر جي انجيڪشن لڳائي جنهن سان پاڻ شهيد ٿي ويا. انا لله وانا اليہ راجعون.

خوش الحان، شيرين بيان حضرت مولانا مولوي علي مراد رحمة الله عليه سکر جو رهواسي هيو. نندپڻ ۾ هن فقير کيس ڏٺو هيو. ڏاڙهي صفا سفيد هوندي هيس. هڪ بہ ڏند نہ هوندو هيس. پر آواز ۾ اهڙو سوز گداز ۽ ميٺاج هوندو هيس جو جيڏي مھل نصيحت ڪندو هيو تہ ماڻهن جي اکين مان لڙڪ وهي پوندا هئا. حضرت سائين جن کيس خلافت اجازت عطا ڪئي هئي. جنهن ڳوٺ ۾ تبليغ لاءِ ويندو هيو اتي خاص ڪري رات جو لائوڊ ۾ مردن عورتن کي مڙن الفاظ ۾ نصيحت ڪندو هيو تہ ماڻهن متان ان جو تمام وڏو اثر ٿيندو هيو. صبح جو مسجدون جماعت سان پر جي ويندیون هيون.

چوڏهون خليفو

محترم قمر الدين ناريجو

ٽرڙي ضلعو دادو

سندس ولادت 1932ع ڳوٺ ٽرڙي محبت جي قريب ڳوٺ جمع ناريجو ۾ ٿي، سندڙي فائنل ٽرڙي مان پاس ڪيائين. پوءِ تپيدار ٿيو. مولوي محمد اسماعيل جي معيت ۾ حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه جي صحبت ۾ آيو بيعت ڪيائين. ڪجھ عرصي بعد حضرت جن ڪيس خلافت سان نوازيو. جڏهن حضرت جن خانپور ۾ هوندا هئا تہ پاڻ تر پاسي ۾ تبليغ ڪري جماعتون وٺي خانپور ايندو هيو. گھڻن سفرن ۾ حضرت جن سان همرڪاب رهيو. سائين جن جي محبت ۾ نوڪري ۾ ڇڏي ڏنائين. پاڻ ٽرڙي محبت، راڻڻ وليج، موسو جلباڻي، ولي محمد ڳورڙ ۾ آسپاس ۾ گھٽي تبليغ ڪيائين. پاڻ هڪ حج 2006ع ۾ ڪيائين ۽ عمرو ۾ پيرا 2005،2006ع ۾ رمضان المبارڪ ۾ ڪيو اٿس. پاڻ سھٽي صورت سھٽي سيرت جو مالڪ آهي. پاڻ ۾ شاديون ڪيون اٿس، جن مان چار پٽ پنج نياڻيون ٿيون اٿس. پٽن ۾ محڪم الدين 2 شرف الدين 3 محمد فتح الدين 4 شھاب الدين آهن هن وقت سندس ڳوٺ جمع ناريجو جي مسجد ۾ خطيب آهي ۽ سلسلہ غفاريہ جي اشاعت ۾ مصروف آهي.

ستاويهون خليفو

جناب خليفہ محمد يوسف ماتلي ضلعہ بدين

جناب محترم خليفہ فقير محمد يوسف مگٽهار ولد حاجي محمد قاسم پاڻ شهباز نوتڪاڻي تعلقو ماتلي ضلعو بدين جو رهواسي هيو. ان ئي ڳوٺ ۾ سندس پيدائش ٿي. قرآن مجيد مولوي عبدالله مگٽهار وٽ گهلپور ۾ پڙهيو. عربي ۽ فارسي جا ڪجھ ڪتاب به ساڻي مولوي صاحب وٽ پڙهيو. اسڪول جي تعليم سنڌي پنج درجا پنهنجي ڳوٺ ۾ حاصل ڪيائين. حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه جڏهن ڳوٺ شهباز نوتڪاڻي ۾ تبليغ واسطي آيا تہ اتي پاڻ سندن بيعت ڪيائين ۽ ڳوٺ جا ٻيا به ڪافي ماڻهو بيعت ٿيا. پاڻ بهترين شاعر به هيو. وڏو محنتي ۽ جفاڪش انسان هيو. سندس محبتن کي ڏسندي حضرت جن کيس خلافت سان نوازي تبليغ جو حڪم ڏنو. پوءِ پاڻ مختلف علائقن ۾ وڃي غزل مولود به پڙهندو هيو ۽ وعظ ۽ نصحت به ڪندو هيو. ماتلي شريف جي قبرستان واري مسجد ۾ ويهہ سالن تائين خطيب ۽ امام طور خدمتون سرانجام ڏنائين.

تبليغ لاءِ مختلف ڳوٺن ۽ شهرن ۾ ويندو رهندو هيو جمڙوڪ حاجي سانوڻ، راجو خاناڻي، ٺري، ٽنبو غلام علي، ماتلي، گولاڙچي، جميجا، ٽنبوجام وغيره. آواز مٺو هوندو هيس. نعت خوان به بهترين هيو. مرشدن ڪريمن سان سچي محبت هوندي هيس. سندن شان ۾ غزل مولود ناهي پاڻ پڙهندو هيو. پوءِ ماتلي مان تبليغ واسطي هجرت ڪري اچي ڳوٺ حاجي خان نوتڪاڻي نزد حاجي سانوڻ ۾ رهيو ۽ وفات به اتي ئي ڪيائين. سندس مزار مبارڪ اباڻي ڳوٺ شهباز نوتڪاڻي ۾ آهي. پاڻ ۾ شاديون ڪيائين جن مان کيس چار پٽ ڇهہ نياڻيون ٿيون. پٽ 1.محمد قاسم 2.امان الله 3.ڪليم الله 4.مرحوم غلام محمد آهن. اڪثر هي شعر پڙهندو هيو:

تنهنجي نام بنا ٻيو نہ ٿو نام وٽي، تنهنجي محبت ۾ ڪو مٽاڻ مٽين

اناويهون خليفو
جناب محترم ملڪ محمد
ٽنڊو جام

خلوت گزين، گوشہ نشين، مقبول رب العالمين حضرت خليفو راؤ ملڪ محمد ولد راؤ شاهہ محمد رحمة الله عليه. سندن ولادت 1928 ع ۾ هندستان جي رياست الور جي ڳوٺ منڊاور ۾ ٿي. قيامِ پاڪستان 1947 ع تائين سندن سجو خاندان اتي ئي آباد هيو ۽ قيام پاڪستان بعد سڀ هجرت ڪري پاڪستان آيا. پر راؤ ملڪ محمد صاحب اتفاقي مصروفيت جي سلسلي ۾ رياست الور مان باهر ڪاڏي ويل هيا ان ڪري پاڻ پنهنجي خاندان سان هجرت نہ ڪري سگهيا بعد ۾ پاڻ هجرت ڪري پاڪستان تشريف وٺي آيا پر پنهنجي گهروارن سان سندن ڪو به رابطو نہ ٿيو. ٻہ ٽي سال جو عرصو ان گمنامي جي حال ۾ گذري ويو پوءِ نيٺ الله رب العزت کين پنهنجي اهل خانہ سان ملايو جيڪي ٽنڊوجام شهر ۾ آباد ٿي چڪا هئا. هتي اچي پاڻ ڪجهہ وقت فوج ۾ نوڪري ٻہ ڪيائون. پوءِ اها ترڪ ڪري ڪپڙي جو ڪاروبار ڪرڻ لڳا. ان دوران حضرت محبوب الاهي جڏهن ٽنڊو جام تشريف فرما ٿيا تہ راڻو صاحب محبوب الاهي جي دستِ حق پرست تي بيعت ڪئي. سلوڪ نقشبندي ڪاهيائون ڪمايائون. تانجو حضرت جن کيس خلافت سان نوازيو. هر وقت باطني اسباق ۾ شاغل رهندا هئا.

ڪپڙي جي دڪان تي ويٺا هوندا هئا پر حقيقت ۾ هٿ ڪار سان دل يار سان جا مصداق هئا. تانجو ان فقيري حال ۾ سنہ 2008 ۾ هن فاني دنيا ۾ رحلت رب العالمين سان مليا. الله ڪريم سندن مغفرت فرمائي ۽ جوار رحمت ۾ جڳهہ عطا فرمائي آمين.

اٺتيهون خليفو

جناب الله ڏتو چانڊيو

ڳوٺ ڳوڙچي ضلعو بدين

سالڪ مسلڪ محبت حضرت خليفه الله ڏتو چانڊيو رحمة الله عليه .

وڏي سڪ ۽ صداقت وارو فقير هيو. 1964ع ۾ جڏهن حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه لاڙ جي سفر ۾ آيا تہ اتي ساڻن بيعت ڪيائين. جڏهن حضرت جن غريب آباد ڪي آباد فرمايو تہ گهڻيون تڪيون خدمتون سندس ئي هيون. پاڻ سخي ۽ مهمان نواز هيو.

سندس محبتن ۽ محنتن ۽ تبليغي سرگرمين کي ڏسي 1986ع ۾ حضرت جن کيس خلافت سان نوازيو. تبليغ جو ذوق شوق گهڻو هوندوهيس. گهڻا تبليغي سفر ٻ ڪيائين. دين جي راهہ ۾ پنهنجو تن من ڌن لٽائڻ جي همت رکڻ وارو هيو. تبليغ جي ئي سلسلي ۾ ڏاهڪو ڪن سال شادي لارج ۾ ٻ رهيو. جتي هڪ پيري حضرت جن ٻ تشريف وٺي ويا هئا. پاڻ ٻ شاديون ڪيائين. ڪيس ست پٽ ۽ چار نياڻين جو اولاد هيو.

1985ع ۾ پنجهتر سالن جي ڄمار ۾ وفات ڪيائين. محمد شاهہ جي قبرستان ۾ سندن مزار آهي. الله ڪريم سندس مزار مٿان ڪروڙين رحمتون نازل فرمائي.

سا سِتَ ساريائون، اَلف جنهن جي اَڳ ۾:
"لاَ مَقصُودَ فِي الدَّارَينِ" اِن پَر اَتائون؛
سَگَرُ سوناڻُون، ٽيا رَسِيلا رحمانَ سين.

ٽيهون خليفو

مولانا محمد امين ميمڻ سجاول ضلعي ٺٽو

عالم باعمل، صوفي باصفا حضرت علامہ مولانا مولوي حافظ محمد امين ولد حاجي احمد ميمڻ رحمة الله عليه جي پيدائش 13 اپريل 1944ع ڳوٺ سومار ميمڻ نزد شهر درڙو تعلقو ميرپور بٹورو ضلع ٺٽو ۾ ٿي. ابتدائي تعليم قرآن مجيد حافظ عبدالله ميمڻ وٽ حاصل ڪيائون. وڌيڪ تعليم پاڻ مولوي حماد الله ميمڻ بدين وارن مولوي محمد يوسف ميمڻ مڙهي وارن وٽ پڙهيا ۽ آخري ڪتاب ۾ دورهِ حديث استاد العلماء مفتي عبدالرحمان ٺٽوي وٽ پڙهيا. پرائمري جا پنج درجا اباڻي ڳوٺ ۾ ٻيلي ۾ حاصل ڪيائون ۽ ميٽرڪ تائين تعليم هاءِ اسڪول درڙي مان حاصل ڪيائون. ديني ۽ دنياوي تعليم مڪمل ڪرڻ ڪانپوءِ پاڻ خطيب و امام طور ايريگيشن ڊپارٽمينٽ ۾ مقرر ٿيا. انهيءِ ڪالوني جي جامع مسجد ۾ امامت جا فرائض ادا ڪندا رهيا. تقريبا 35 کان 40 سال اتي رهيا تان جو پاڻ 2002 ۾ اتان امامت تان رٽائرڊ ٿيا.

پاڻ هڪ پيري فقيرن سان گڏجي درگاهه فضل آباد شريف ۾ آيا. حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه جي زيارت ۽ ڪيائون ۽ سندن هٿ تي بيعت ٻ ٿيا. پاڻ وڏا محنتي ۽ جفاڪش انسان هئا. سندن محنت ۽ خدمت ڪي ڏسي حضرت جن ڪين خلافت سان نوازيو. پاڻ خلافت کان اڳ ۾ پوءِ سندن جي اکثر شهرن ۾ خطابت ۽ تبليغ واسطي ويندا رهندا هئا. انهن شهرن ۾ ڪراچي، ٺٽو، سجاول، چوهڙ، جمالي، بدين، گولاڙچي، بٹورو، درڙو، ٻيلو، ٽنڈومحمدخان، حيدرآباد، نوشهروفيروز، دادو، مورو وغيره ٻ شامل آهن.

پاڻ بهترين عالم هئا. منڌي آواز سان قرآن مجيد پڙهندا هئا. بهترين خطيب ۽ مُدرس پڻ هئا. پاڻ حق آباد ڪالوني وارڊ نمبر 6 سجاول شهر ۾ 1992ع ۾ مرشدن جي حڪم سان مدرسہ انوار العلوم و جامع مسجد فيضان ياسين جو بنياد وڌائون.

اتي پاڻ بنفس نفيس ہارن کي حفظ و ناظره جي تعليم ڏيندا هئا ۽ جامع مسجد ۾ خطابت ۽ ڪندا هئا رٽائر ٿيڻ کانپوءِ سندن سمورو وقت ہارن کي پڑهائڻ ۽ جماعت جي تربيت ۾ گذرندو هو. پاڻ ڪافي مدرسن ۾ تعليم ۽ ڏنائون جن ۾ جامع نورالاسلام چوهڙ جمالي، مدرسه بحرالعلوم مصطفويه سجاول، مدرسه انوارالعلوم وارڊ نمبر 6، جامع مسجد ايريگيشن ڪالوني سجاول، مدرسه دارالعلوم مجدديه عثمانيه ٿٽو ۾ ۽ درس تدريس جا فرائض ادا ڪيائون پاڻ حافظ قرآن ۽ هئا. قرآن مجيد سان تمام گهٽي محبت هوندي هين. اڪثر وقت تلاوت ڪلام مجيد ۾ گذرندو هين. پندرهن سالن تائين هر سال درگاهه شاهه مسڪين رحمة الله عليه. درگاهه مخدوم هاشم ٿٽوي رحمة الله عليه تي شبينو پڑهندا رهيا. اريگيشن واري مسجد ۾ هر سال تراويحن ۾ ختم شريف پڑهائيندا هئا.

حضرت خليفه صاحب صورت ۾ سهڻا ۽ سيرت ۾ باڪمال شخصيت جا مالڪ هئا سندن مرشدن سان تمام گهٽي محبت هوندي هئي. پاڻ اڪثر ماهوار درگاهه جي جلسن ۾ حاضر ٿيندا رهندا هئا سجاول جي جماعت کي وٺي ايندا هئا. حضرت جي وصال بعد هن فقير جي هٿ تي بيعت ثاني ڪئي هئائون ۽ ساڳي محبت سان ايندا رهندا هئا. پاڻ طبيعت ۾ رقيق القلب هوندا هئا. جڏهن ۽ ڪو ساٿن مرشدن ڪريم جي محبت جي ڳالهه ڪندو هيو تہ پاڻ زارو قطار روئي ويهندا هئا.

پاڻ هڪ حج ۽ ۽ عمرا ۽ ادا ڪيائون. سنا شاعر ۽ هئا. مرشدن ڪريمن جي شان ۾ ڪافي غزل ۽ ٺاهيائون. ڪافي ڪتاب ۽ لکيائون پر اهي ڇپجي نہ سگهيا آهن. سندن هڪ ڪتاب وراثت جي موضوع تي قلمي صورت ۾ سندن فرزند حافظ عابد ميمڻ وٽ سجاول ۾ رکيل آهي. پاڻ هڪ شادي ڪيائون جنهن مان کين ڇهه فرزند ٿيا. 1 سلطان احمد2 حاجي احمد عرف بابو ميمڻ 3. محمد جمن 4.محمد عالم5. حافظ محمد عابد 6.محمد زاهد. سندن وصال 24 محرم 1432هـ بمطابق 31 ڊسمبر 2010ع تي ڪراچي سول اسپتال ۾ ٿيو. سندن جنازي جي نماز سندن استاد حضرت علامه و مولانا مفتي عبدالرحمن ٿٽوي صاحب جن سجاول ۾ پڑهائي ۽ سندن وصيت مطابق سندن تدفين مخدوم آدم نقشبندي رحمة الله عليه جي ساڄي طرف ڪلي جي قبرستان ۾ ڪئي ويئي.

خدمتگار ۽ خاص فقير

جماعت الاهيه جا ٽي خوشنصيب ماڻهو:

حضرت جن جي ساري جماعت شان ۽ مان واري آهي. جمڙو پنهل پاڻ ٿمڙي سيتا ساڻ جي. پر سندن جماعت ۾ ٽي ماڻهو سيني کان وڌيڪ گوءِ ڪٽي ويا. جيئن لاتائون توڙ نهايائون. مرڻ گهڙي تائين ڪڏهن انهن جي محبت ۽ خلوص ۾ ڪمي ڪانه آئي.

1. حاجي امام بخش جوٽيجو خانپور وارو.
2. حافظ نظام الدين جوٽيجو چوڪنڊي وارو.
3. فقير غلام محمد ميمڻ ماٽلي وارو.

غلام محمد ميمڻ کي حضرت جن خود "مخدوم" جو لقب ڏنو هيو. وڏي سڪ صداقت، محبت ۽ الفت وارو مريد هيو. حضرت جن وڏي خدمت ڪيائين. خصوصاً سندن عمر مبارڪ جي آخري سالن ۾ سندن دوا درمل سواري ۽ علاج ۾ جيڪي پاڻ خدمتون ڪيائين ان جو مثال نه ٿو ملي. جماعت جا انتظامي ۽ مالي امور سندس حوالي هوندا هئا. پاڻ دل جو سخي، همدرد هر ڪنهن سان هڏ ڏوکي ۽ مهربان هوندو هيو. حضرت جن جي وصال بعد هن فقير سان بيعت ڪيائين ته دل اسان جي حوالي ڪري ڇڏيائين. ان جمڙو خدمتگذار ۽ مخلص مريد ٻيو نظر نه ٿو اچي. حرمين شريفين جي سفرن ۾ جماعت جي وڏي خدمت ڪندو هيو. هڪ ٻه پيرو ته ڪرمي جماعت جا پورا جهاز پرجي مدينه منوره هليا هئا ته انهن سيني جي سفر جو انتظام اهتمام ڪاغذي ڪاروائي ڪان علاوه ننگر پاٽي وغيره جو سمورو انتظام مخدوم غلام محمد ڪندو هيو.

دربار تي ٻه جماعت جي خدمت، جلسن جي خدمت سندس ذمي هوندي هئي. وصال بعد وصيت مطابق سندس قبر حضرت جن جي مزار پاڪ جي قريب بنائي وئي آهي.

الله ڪريم سندس مزار کي جنت جي باغن مان هڪ باغ بنائي.

باب چوڏهون

موافقتون ۽ مخالفتون: الله عزوجل جڏهن پنهنجي کنهن ٻانهي کي منتخب فرمائيندو آهي تہ ان جي مٿان پنهنجي خصوصي عنايتن ۽ نوازشن جي ور کا کندو آهي. ان کي عزت ۽ شُهرت عطا کندو آهي. جبريل جي ذريعي آسمانن ۾ ان جي محبت جا اعلان کرائيندو آهي. پوءِ آسمان وارا ان سان محبت رکندا آهن پوءِ ان محبتن جو اثر زمين تي لهندو آهي تہ ماڻهن جي دلين ۾ ان جي لاءِ محبت ۽ چاهت پيدا ٿي پوندي آهي. هاڻي اهو ٻانهو محبوب الخلائق بنجي پوندو آهي. جيئن هن نبوي حديث ۾ اهو راز بيان ٿيل آهي.

إِنَّ اللَّهَ عَزَّ وَجَلَّ إِذَا أَحَبَّ عَبْدًا دَعَا جِبْرِيلَ فَقَالَ: يَا جِبْرِيلُ، إِنِّي أُحِبُّ فُلَانًا فَأَحِبَّهُ فَيُحِبُّهُ جِبْرِيلُ فَيُنَادِي فِي السَّمَاءِ: إِنَّ اللَّهَ يُحِبُّ فُلَانًا فَأَحِبُّوهُ. قَالَ: وَيُحِبُّهُ أَهْلُ السَّمَاءِ وَيُوضَعُ لَهُ الْقَبُولُ فِي الْأَرْضِ. ①

الله پاران مليل انهن عزتن، عنايتن ۽ نوازشن سبب عوام تورِّي خواص ان ٻانهي جا حبدار بنجي پوندا آهن. تہ پوءِ ان ميدان ۾ کي ان جا حاسد، مُعاند ۽ مُخالف ٻہ پيدا ٿي پوندا آهن. اهي حاسد ان جي مخالفت ۾ کمر کشي ٻيهندا آهن.

جيئن جيئن ان جي مخالفت وڌندي آهي تيئن تيئن ان جي مٿان الله جي انعامن جي مزيد بارش برسٽ لڳندي آهي. مخالفتن تي صبر ۽ شڪر ۽ رضا تي راضي رهڻ سبب ان جي باطن ۾ ان کي ٻي پناهہ ترقي عطا ڪئي ويندي آهي. ان جي درجات ۾ بلندي ۽ مقامات ۾ ترقي عطا ڪئي ويندي آهي.

---

① اخرجه ابو داؤد الطيالسي في مسنده عن ابي هريرة رضي الله عنه (4/181)

ڪنهن الله جي منتخب ٿيل ٻانهي خلاف جڏهن ڪي مخالف ماڻهو مخالفتن جو طوفان کڙو ڪندا آهن ۽ انهن طوفانن ۾ اهو عزم ۽ استقلال، جوانمردي ۽ پامردي، همت ۽ استقامت سان پنهنجي محبوب حقيقي جي فرمانبرداري واري راهه ۾ ثابت قدم رهندو آهي ته سندس باطني منزلن جو سالن جو سفر ساعتن ۾ طئ ٿيندو آهي. مخالفتون ان کي اڳيا مزيد بلندين طرف اڏاريندیون آهن.

تُند ئے بادِ مخالف سے نہ گھبرا اے عقاب * یہ تو چلتی ہے تجھے اونچا اڑانے کے لئے

اهو قدرت جو قانون آهي ته رب جنهن تي جيترو راضي ٿيندو آهي ۽ جنهن جا جيترا مقام بلند کرڻ چاهيندو آهي ته ان جا مخالف به اوڏا وڏا پيدا ٿي پوندا آهن. جتي لکين ماڻهو ان سان محبت کرڻ وارا هوندا آهن ته اتي ان کي کجهه گارين ڏيڻ وارا، ان جون گلائون ۽ شڪايتون کرڻ وارا به پيدا ٿي پوندا آهن. پوءِ اهو پنهنجو حوصلو تنگ کرڻ بجاءِ يا کنهن گمراهه جو شڪار ٿيڻ بجاءِ مخالفتن اڳيان سينه سپر ٿي بيهندو آهي ته الله پاڪ جا به ان مٿان اوڏا وڏا انعام ۽ اڪرام ٿيندا آهن.

حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه فرمائيندا هئا ته : جڏهن ڪرن جي ڪارونهار ٿيندي آهي، هر پاسي اوندهه انڌوڪار ٿي ويندي آهي ۽ وڃن جا چمڪار گوڙون ۽ گجڪار ٿيندا آهن ته مينهن به اوڏا وڏ ڦڙا وسندا آهن. ان طرح جڏهن فقيرن خلاف به هر طرف کان گهٽيون مخالفتون ٿيندیون آهن گارين ۽ غيبتن جي وارو وار ٿيندي آهي ته انهن مٿان الله جي رحمت جا به اوڏا وڏا مينهن وسندا آهن. (انتهيٰ)

ماڻهن جون عداوتون ۽ الله جون عنايتون، گڏوگڏ هلنديون آهن.

فَإِنَّ مَعَ الْعُسْرِ يُسْرًا * إِنَّ مَعَ الْعُسْرِ يُسْرًا [الشرح:5.6]

پوءِ بيشڪ تنگي سان گڏ آساني هوندي آهي. بيشڪ تنگي سان گڏ آساني هوندي آهي.

مخالفت جيڏي وڏي هوندي آهي ته الله جي عنايت به اوڏي عظيم نازل ٿيندي آهي. جا شيءِ زهد ۽ رياضت سان نه ملي سا تڪليفن تي صبر سان انهن کي ملي پوندي آهي.

البلاء للولاء كاللهب للذهب

آزمائشون الله جي پيارن لاءِ ائين آهن جيئن باهه سون کي ڪُندن بنائي چڏيندي آهي.

عـــداوتـــن جا اطراف

الله جي پيارن سان عداوتون ۾ انهن کي اذيتون ڪڏهن ڪافرن ۾ غير مسلمن پاران ملنديون آهن ته ڪڏهن وري مسلمانن پاران ۾ خاص طرح پنهنجي ئي مذهب ۾ مسلڪ وارن پاران پهچنديون آهن. اگر بلال ۾ صهيب رضي الله عنهما کي تڪليفون ڪافرن ۾ مشرڪن وٽان مليون هيون ته وري سيدنا امام حسين ﷺ کي ايذائڻ وارا يهودي يا نصاريٰ، هندو يا سک، ڪافر يا مشرڪ ڪونه هئا پر سندن نانيِ نبي ڪريم رئوف رحيم محمد ﷺ جو ڪلمو پڙهڻ وارا ۾ پاڻ کي مسلمان سڏائڻ وارا هئا. منصور کي قاسي ڏيڻ وارا، مخدوم بلال کي گهاٽي ۾ پيڙڻ وارا ڪافر مشرڪ يهودي نصاريٰ نه هئا پر اهي مسلمانن وارو ڪلمو پڙهڻ وارا ۾ پاڻ کي اسلام جو محافظ سمجهڻ وارا هئا. ته اهي عداوتي گروهه ڪڏهن غيرن مان ته ڪڏهن پنهنجن مان هوندا آهن. تن ۾ بطور خاص ٽي گروهه وڌيڪ سر گرم مخالفت ٽيندا آهن.

1. **عزيز و اقارب**: ويجها مائٽ عزيز ۾ رشتيدار.

عربي جو پهاڪو آهي ته : الاقارب کالعقارب: ويجها مائٽ مثل وڇُن جي آهن. پنهنجا پنهنجن جي عزت سَهي نه سگهندا آهن پوءِ مخالفت تي ڪمر ڪشي ٻيهندا آهن.

1. **مُعاصرين**: هڪ دور جا ماڻهو. چيو ويو آهي ته :

المعاصرة اصل المنافرة : هڪ زماني ۾ هجڻ مخالفت جو بنياد هوندو آهي.

2. **هم پيشه** : جڏهن ڪنهن کي ماڻهن ۾ قبوليت عام ملندي آهي ته ان ئي جنس ۾ ان ئي پيشي ۾ ان هڪ ئي فن ۾ فڪر وارا ماڻهو ان سان عناد رکندا آهن. ڪڏهن ان کي ماڻهن جي نظر مان ڪيرائڻ ته ڪڏهن رستي تان هٽائڻ جون ساز شون ڪندا آهن.

ديکها جو تير کها ڪے کمين گاہ کی طرف * اپنے ہی دوستوں سے ملاقات ہو گئی

معاند مخالفتن جا طوفان کڙا ڪندا آهن. پر جنهن کي رب رکي تنهن کي ڪير ڇکي؟

سَرَ ۾ پکي هڪڙو، متس ماري لک،
جي رب جي انّس رَکَ، ته سَر ۾ گهمي سرهو.

عـــداوتـــن جا اقسام

اسلام جي تاريخ شاهد آهي تہ مُتَشدّد ۽ متعصب، حاسد ۽ معاند ماڻهن پاران الله جي مقبول بانهن کي جيڪي ايذاءَ ۽ اذيتون مليون سي بہ ڪيئي قسمن جون هيون.

1. ڪن تي پاڻي ماني بند ڪيو ويو. جيئن سيدنا مصعب بن عُمير رضي الله عنه
2. ڪن کي زخمي ڪيو ويو. جيئن: حضرت اويس قرني رضي الله عنه
3. ڪن کي قيد ڪيو ويو. جيئن امام اعظم رحمة الله عليه .
4. ڪن کي ڪوڙن جي سزا ڏني وئي. جيئن امام احمد بن حنبل رحمة الله عليه
5. ڪن کي قِتل ڪوهن ۾ اڇلايو ويو. جيئن امام سرخسي رحمة الله عليه .
6. ڪن کي مار ڪُٽ ڪري ايذايو ويو. جيئن ابراهيم بن ادهم رحمة الله عليه
7. ڪن کي شهر بدر ڪيو ويو. جيئن امام شاذلي رحمة الله عليه .
8. ڪن تي قاضين ۽ بادشاهن وٽ ڪيس کيا ويا. جيئن: شيخ جلال الدين تبريزي.
9. ڪن کي قتل ڪيو ويو جيئن: شاهہ عنايت شهيد جهوڪ شريف وارو رحمة الله عليه
10. ڪن کي ڦاهي چاڙهيو ويو. جيئن منصور رحمة الله عليه
11. ڪن کي گهاٽي ۾ پيڙهيو ويو. جيئن : مخدوم بلال رحمة الله عليه
12. ڪن کي گاريون ڏنيون ويون. جيئن امام اعظم ابوحنيفہ رحمة الله عليه
13. ڪن کي نسب ۾ طعنا هنيا ويا. جيئن شيخ الاسلام محمد مراد انصاري رحمة الله عليه
14. ڪن کي ملحد ۽ زنديق چيو ويو. جيئن ابوالحسن خرقاني رحمة الله عليه
15. ڪن کي زهر ڏنو ويو جيئن حضرت پير مهر علي شاهہ گولڙوي رحمة الله عليه .
16. ڪن جي ايذاءَ رساني ڪئي وئي. جيئن حضرت پير روضي ڏڻي رحمة الله عليه
17. ڪن جي خلاف ڪتاب لکيا ويا جيئن قطبِ عالم پير منا سائين رحمة الله عليه .
18. ڪن کي ڪفر تہ ڪن کي شرڪ جي فتويٰ ڏني وئي. اها لسٽ تمام ڊگهي آهي.
19. ڪن جي وصال بعد متن ڪفر جي فتويٰ مڙهي وئي، جيئن حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه

عـداوتن مطابق عنايتون

اهي الله جا پيارا جن سان عداوتون ٿيون انهن متان الله جون ٻه بيشمار عنايتون ٿيون. پوءِ اهي نقصان ۾ نه ويا. اصل ۾ نقصان ۾ پوڻ وارا اهي هئا، جن سندن مخالفت ڪئي هئي.

چوں خدا خواہد کہ پردہ کس درد * میلش اندر طعنہ ٔ پاکاں زند

جڏهن الله کنهن ماڻهو جي پناهه جو پردو چاڪ ڪرڻ چاهيندو آهي ته اهو ماڻهو الله وارن کي طعنا ڏيندو آهي. جڏهن کو بدبخت ماڻهو الله جي پيارن ولين کي ايذائيندو آهي ته اهو پڪ سان دنيا ۾ عقبيٰ ۾ ذليل ۽ خوار ٿي ويندو آهي پر الله جي ڀانهن جي حق ۾ اها تڪليف ۽ اذيت گهٽڻ فائدن برڪتن ۽ پلاين جو سبب بنجي پوندي آهي. جيئن:

1. انهن جي قلب و باطن جي تربيت ٿيندي آهي.
2. انهن جي نفوس جو تزڪيه ٿيندو آهي.
3. انهن جا خلافِ اولیٰ ڪم معاف ڪيا ويندا آهن.
4. انهن جا درجا بلند ڪيا ويندا آهن.
5. انهن کي الله جي مقربن ۾ شمار ڪيو ويندو آهي.
6. فرشتا انهن جي مدد لاءِ لهندا آهن.
7. غمن ۾ انهن کي نعمتن جو قدر ٿيندو آهي.
8. مؤمنن جي صفن جي صفائي ٿيندي آهي. ڪوڙا ۽ مڪار وچان نڪري ويندا آهن.
9. پاڻ سڌارڻ جو موقعو ملندو آهي.
10. هڪ ٻئي ۾ مؤمنن جون محبتون وڌنديون آهن.
11. جماعات جو پاڻ ۾ ربط وڌندو آهي.
12. اندر جو اُپار پاڻ پائڻ ۽ عُجب ختم ٿيندو آهي.
13. جڏهن کو عارف مقامِ رضا تي فائز هوندو آهي ته ان کي مخالفتن مهل مشاهدي جي لذت عطا ڪئي ويندي آهي تانجو ان کي انهن اذيتن جو احساس به نه ٿيندو آهي.

سختيون ۾ سور درجن جي بلندي جو سبب آهن:

بد اعمال ماڻهن کي تکليفون ايندیون آهن تہ اهي الله کان پري ٿي ويندا آهن. پوءِ اهي تکليفون سندن حق ۾ عذاب ۽ سزا هوندیون آهن. پر الله وارن کي آيل تکليفون انهن کي الله جي مزيد قرب ۾ پهچائي ڇڏيندیون آهن. اهي تکليفون، طعنا ۽ مهڻا، سور ۽ سختيون انهن جي مقامن ۽ درجن جي بلندي جو سبب هوندیون آهن. سورن بنا سُک نہ ملندا آهن.

كَنهن جَنهن پُورَ پُچائِيا، پَنجين ڏِينهن پَٽِي؛
اَندَرِ آديسِيُن کي، سُورَن شاخَ كَٽِي؛
مُحَبَتَ جي ميدان ۾، لاشَكُ پيا لَهِي؛
تن کي ساري راتِ سيَّدُ چئي، گُوندرَ سَاڻُ گَٽِي؛
كَريو سيڻَ سهِي، لِكا پُٽَنِ لوكَ ۾.

سُورن سوا پٽ نہ جمندا آهن: اولاد ۽ عورت کان کير پچي تہ پٽ جي امان ٿيڻ لاءِ ان کيترا سُور سِرَ تي سَٽا آهن. کيترين محنتن ۽ مشقتن سان منهن ڏنو آهي!! کيترين راتيون ان نيڻن جي ننڊ ۽ اکين جو آرام قربان کيو آهي. حضرت پير سائين روضي ڏٽي رحمة الله عليه جي ملفوظات شريف ۾ آهي پاڻ فرمايائون: کنهن عورت کي ويم جا سور اچي ٿيا، تنهن لاءِ دائي گهرائڻ لاءِ ماڻهو موڪليائون پر جيسيتائين دائي آئي تيسيتائين سندس سور ٺري ويا. اها عورت دائي کي چوڻ لڳي تہ جلدي ڪر پار کي پاهر ڪيو. دائي چيس تہ اي مائي تنهنجا سور ٺري ويا آهن ۽ سورن کان سواءِ تہ پار ڪڍهن بہ پاهر نہ نڪري سگهندو". اها حڪايت بيان ڪري پوءِ پير سائين جن فرمايو: "اي خدا جا طالبو انهيءَ نقل مان معلوم ڪجو تہ جڏهن ظاهري پار بہ سورن کان سواءِ پيدا نہ ٿو ٿي سگهي تہ پوءِ حقيقت وارا پار انسان جي وجود مان صحبت ۽ سورن کان سواءِ ڪيئن پيدا ٿي سگهندا جيئن تہ ان معنيٰ تي شاهہ جو بيت آهي:

جان جان ناه ضرور، تان تان ناهي طبيب کو،
جسي سرئو سور، تہ کر ويج ور پيو .[1]

---

[1] ملفوظات شريف حضرت روضي ڏٽي رحمه الله عليه حصو ٽيون ص 24. جيئن تہ حضرت محبوب الاهي رحمت الله عليه حضرت پير روضي ڏٽي رحمت الله عليه سان گهڻي محبت رکندا هتا. سندن ملفوظات جا نقل مجلسن ۾ بيان ڪندا هتا. ان ڪري هن فقير بہ ملفوظات شريف جا نقل گهٽا آندا آهن.

عـداوتـــن جا اسباب

اگر ڪنهن جي ذهن ۾ سوال پيدا ٿئي تہ اگر ڪو ٻانهو الله جو چونڊيل ۽ پسند ڪيل آهي تہ پوءِ ان جي ئي مذهب وارا ان جي مخالفت چو ٿا ڪن؟ ان سان عداوت چو ٿا رکن؟ ان سوال جو جواب هي آهي تہ: سون جون ساهميون جدا هوندیون آهن.

قدر گل بلبل بداند قدر جوهر جوهري* قدر زر زرگر بداند قدر دلدل شہ علی

گل جو قدر بلبل کي، جوهر جو قدر جوهري کي، سون جو قدر سوناري کي ۽ دلدل جو قدر سيدنا علي رضي الله عنه کي هوندو آهي. جي ڪُٽين ڪُٽ لهار تن کي کهڙو قدر سون جو.

ان ڪري پٽ ڏٽي بادشاهه سون کي سمٽي صلاح ڏني آهي تہ:

جُ صَرافَنِ لَڌيو، تہ تُون پڻ لَڌج، سونَ!
قَدرُ لَهَندءِ كونَ، نيئي گَڌِيندءِ گَڏونءَ سين.

هر دؤر ۾: اهل صفا ۽ هوندا آهن تہ اهل جفا ۽ هوندا آهن. پوءِ جڏهن ڪنهن ٻانهي کي الله چونڊيندو آهي تہ اهل صفا جن جو سينو ٻي ڪينو هوندو آهي. اهي انهن جا قدر شناس ۽ انهن جي خدمتن جا معترف هوندا آهن. اهي اهل حق، الله وارن جو ساڻ ڏيندا آهن پر جن جو باطن ڪيني ۽ ڪدورت سان پريل هوندو آهي. سي مڇر وانگر مڇرجي پوندا آهن ۽ ڪکر وانگر ڪائڻ ڏنگڻ ۽ ڏنيڻ لڳندا آهن. اهي ماڻهپي جي مٿاهين منزل کان گهٽو هيٺ گمراهي جي عميق اونهائي ۾ ڪِريل ماڻهو هوندا آهن ۽ اهي ان مندبي ماکوڙي وانگر هوندا آهن جيڪا کوهه ۾ ڪِري پئي هجي. ڪنهن چيو آهي تہ:

كنز قدوري كافيا پڙهي پروڙج سيپ،
كر مندبي ماكوڙي كوهه ۾ پيئي كيچي اُپ.

پَستيُن ۾ پِيلَ ماکوڙي آسمان جي رفعتن ۽ بلنديون مان ڇا ڄاڻي؟ اهي جيڪي نفس جي فريب ۾ حق جي واٽ کان هٽيا سي آڄا پيا هتندا وڃن. سيڑهي سے جو پھسلا تو پھسلتا ہی چلا گیا.

اهڙا اڌنگا ماڻهو ئي الله جي عارفن جا ويري ٿيندا آهن. اهڙن کي سمجهائڻ ۽ سنئين راهه سُنهائڻ انڊي کي آئينو ڏيکارڻ وانگر هوندو آهي.

انبياءُ واولياءَ جا مخالفين؟

بخاري، ترمذي، مُسند احمد وغيره ۾ عبد الله بن عمر ﷺ کان مروي حديث آهي تہ هڪ ڏينهن حضرت حبيب ڪريم ﷺ دعا گهري :

اللَّهُمَّ بَارِكْ لَنَا فِي شَامِنَا. اللَّهُمَّ بَارِكْ لَنَا فِي يَمَنِنَا

اي الله اسان جي شام (ملڪ) ۾ يمن (ملڪ) ۾ برڪت نازل ڪر. ڪنهن چيو تہ يارسول الله اسان جي نجد جي باري ۾ به دعا گهرو. تہ پاڻ ڪريمن وري به شام ۽ يمن جي باري ۾ دعاگهري. تي پيرا ائين ٿيو. وري نجد جي باري ۾ دعا لاءِ عرض ڪيو ويو تہ پاڻ فرمايائون:

هُنَالِكَ الزَّلَازِلُ. وَالْفِتَنُ مِنْهَا أَوْ قَالَ: بِهَا يَطْلُعُ قَرْنُ الشَّيْطَانِ. [1]

اتان زلزلا اٿندا ۽ ان سرزمين مان فتنا پيدا ٿيندا يا هيئن فرمايائون تہ اتان شيطان جي جماعت اُپرندي.

ملڪِ شام ۽ يمن : شام نبين جي سرزمين آهي ۽ يمن ولين جي سرزمين آهي. اويس قرني ﷺ جي سرزمين آهي. انڪري نبي ڪريم ﷺ هر پيري شام ۽ يمن لاءِ دعائون گهريون. نجد مان اها وهابين جي جماعت نڪتي جيڪا نبين جي به گستاخ آهي تہ ولين جي به گستاخ آهي. انڪري تي پيرا عرض ڪرڻ جي باوجود به پاڻ نجد لاءِ دعا نہ گهريائون.

اسلام جي تاريخ شاهد آهي تہ پاڪ پيغمبر ﷺ جي برڪت واري دعا کان محروم ان نجدي ٽولي هميشہ هر دور ۾ هر خطي ۾ نالا متائي متائي الله وارن جي مخالفت ڪئي آهي. پوءِ انهن پاڻ سان اهڙن متعصب ۽ متشدد ماڻهن کي به ساڻ ڪنيو آهي جيڪي اولياءِ ڪرام جا متبع عداوت ۽ منتهاءِ جهالت هئا. يا تہ اهي حاسد ۽ حاقد هئا. يا تہ جلد باز ۽ فتنہ ساز هئا. يا وري فاتر العقل ۽ ضعيف الاعتقاد هئا. يا بي علم و بي عمل هئا يا تہ بي ڪسب و بي هنر هئا. يا تہ وري اهي نڪمٹا هئا.

---

[1] بخاري (33/2) سنن الترمذي (227/6) مسند أحمد (193/10) شرح السنة للبغوي (206/14) صحيح ابن حبان (290/16)

جيئن ته ان ٽولي جا عقائد ۾ نظريات خراب هئا. انڪري انهن الله وارن جي خلاف ڪفر ۾ شرڪ جون فتوائون ڏنيون ۾ انهن جي خلاف نفرتن ۾ عداوتن جا درس ڏنا. انهن ئي بيجا تنقيد ڪري پنهنجو ۾ پنهنجي ساٿارين جو دين ايمان خطري ۾ وڌو. انهن ئي بزرگن جي احوال يا اقوال ۾ ملفوظات يا مڪتوبات ۾ قطع وبريد ڪري ان ۾ پاڻان رطب ويابس ملائي، يا انهن جي لفظن جي غلط تعبير ۾ تشريح ڪري، سوڪياڻ تحريرون لکي الله وارن جي شان ۾ اڃڪا الفاظ اچاريا. يا طومار پري چڏيا.

ولين جي خلاف پروپئگنڊا ڪرڻ وارا پيا وري اهي جيڪي بي عمل ۾ بدعمل هيا. جو ولين جي تعليمات سان جن جي ڪُٽن ڪارنامن جا پول پڌرا ٿي پيا ته انهن ئي الله جي عارفن خلاف منفي پروپئگنڊا شروع ڪئي. ٽيان دنيا جا طالب ۾ لالچي ماڻهو هئا، جيڪي دين جي نالي پنهنجا دڪان کولي ويٺا هئا. ماڻهن وٽان مال ميڙي پنهنجا بول پريندا هئا. ولين جي سچي ۾ سٺي حقيقي تعليمات سبب انهن جي دڪانداري تي فرق پيو تڏهن انهن ولين جي خلاف مخالفت جو سندرو ٻڌو. انهن جو مقصد ماڻهن کي الله وارن کان پري ڪرڻ ۾ ولين مان انهن جي محبت کڻڻ هيو. انهن جو ٻيو مقصد الله جي پيارن کي پريشان ڪرڻ ۾ انهن کي سندن ڪم ۾ مقصد کان هٽائڻ هيو. پوءِ انهن وقتي طور الله جي پيارن کي پريشان ضرور ڪيو پر الله ڪريم هر موڙ تي پنهنجي ٻانهن جي غيبي مدد ۾ نصرت فرمائي. حق وارن جي ٻيڙي ڈُڏي ضرور پر ٻڏي ڪڏهن ٻه ڪو نه. اهي لک ڪوششن جي باوجود به ماڻهن جي دلين مان الله وارن جي الفت ڪيڊي ڪو نه سگهيا.

اولياءِ ڪرام جي سوانح پڑهڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته اڪثر ڪري اولياء الله جي مخالفت ۾ جيڪي ٻه گروه سرگرم رهيا آهن انهن کي ان مخالفت تي اپارڻ واري شيءِ "حسد" هيو. چو ته حسد ماڻهو کي نفسانيت جي ڇار ۾ ڦاسائي وجهندو آهي. حاسد ماڻهو الله جي پيارن جي عزت ۾ شُهرت برداشت ڪري نه سگهندا آهن. اها حسد جي باهه انهن کي گلائن ڪرڻ ۾ گارين ڏيڻ تي اپاريندي آهي. اهي پنهنجي دُروس ۾ خطبات ۾ تقيرن ۾ تحريرن ۾، سيمينارن ۾ سيمپوزيمن ۾، تعليم ۾ تدريس ۾، تصنيف ۾ تاليف ۾، انفرادي توڙي اجتماعي طرح الله وارن جي مخالفت ۾ شب و روز مصروف ٿي ويندا آهن.

اها ب حقيقت آهي ت الله جي ولين سان حسد رکڻ وارن کي کڏهن ب کا هڙ حاصل کا نه ٿي آهي سواءِ غم ۽ الم، پريشاني ۽ پشيماني جي.

جيکو ماڻهو هيءُ ڳالهه جاڻي ۽ سُجاڻي ت عطائن جو مالک الله آهي. نواز شون ۽ عنايتون ان جي ئي هٿ م آهن ت اهو کڏهن ب کنهن سان حسد کو نه کندو. ڇو ت کنهن ب اهل نعمت سان حسد کرڻ اصل م الله جي عطائن تي ارهو ٽيڻ آهي. بلڪ الله جي فيصلن کان پڻي ڏيڻ ۽ انهن مٿان اعتراض کرڻ وانگر آهن. ان کري بزرگن حسد کي کبيرن گناهن م شمار کيو آهي. [1]

دنيا جو اولين گناهه ڇو ٿيو؟ گناهن جي دنيا جو سڀ کان پهريون ۽ وڏو گناهه حسد هيو، جنهن عبادت ۽ زهد م عمر گذاريندڙ ابليس کي سيدنا آدم عليه السلام جي اڳيان سجدي کرڻ کان روکيو. جڏهن الله پاڪ ان کي امر کيو ت منهنجي خليفي آدم کي سجدو کر ت چوڻ لڳو ان کي متي مان پيدا کيئي مون کي باهه مان سو مان ان کان پلو آهيان. ابليس ظاهر بين هيو ظاهر کي ڏٺائين پر حقيقت جي مام پروڙي نه سگهيو ت الله جو فضل نه عمر تي آهي نه عمل تي. نه شڪل شبيه تي نه ان ڳالهه تي آهي ت ان جي متي کهڙي گاري مان ٺهيل آهي؟ ابليس آدم عليه السلام جي جسم جي ساخت ۽ پيڪر بشريت کي ڏٺو ۽ چوڻ لڳو ت هي کاري رنگ جي متي مان پيدا ٿيو آهي. ان بَشَرًا مِّنْ صَلْصَالٍ مِّنْ حَمَإٍ مَّسْنُوْنٍ ○ ٢٨ کي ت ڏٺو پر .....

وَ نَفَخْتُ فِيْهِ مِنْ رُّوْحِيْ تي ڌيان نه ڏريو. ان اهو نه سوچيو ت الله جو فضل نرالي شيءِ آهي اهو جنهن کي چاهي ان کي نوازي ڇڏي. ذَالِكَ فَضْلُ اللّٰهِ يُؤْتِيهِ مَنْ يَشَاءُ وَاللّٰهُ وَاسِعٌ عَلِيمٌ [2]

امام فخر الدين رازي رحمة الله عليه ڇيو ت :

وَذَلِكَ لِأَنَّ إِبْلِيسَ، إِنَّمَا وَقَعَ فِيمَا وَقَعَ فِيهِ بِسَبَبِ الْحَسَدِ وَالْكِبْرِ [1]

---

[1] الزواجر عن اقتراف الكبائر لابن حجر ج 1 ص 89 مطبوع دار الفكر بيروت

[2] المائدة: 54

بلاشڪ ابليس جنهن مصيبت ۾ پيو هيو سو حسد ۽ وڏائي سبب پيو هيو.

حضرت قتاده ﷺ چيو ته فرشتن کي جنهن سجدي لاءِ چيو ويو هيو سو حضرت آدم جي عزت ۽ تعظيم وارو سجدو هيو.

حسد سبب ابليس آدم عليہ السلام کي سجدو نہ ڪيو امر جو انڪاري ٿيو ۽ لعنتي بنيو.

حسد سبب آدم عليہ السلام جي هڪ پٽ هٿي کي قتل ڪيو.

حسد سبب يوسف عليہ السلام کي پائرن کوهہ ۾ اڇلايو.

حسد سبب يهودين مديني واري سائين ﷺ کي جاڻي سڃاڻي به ايمان نہ آندو.

اولياءِ ڪرام کي مخالفين پاران جيڪي تڪليفون مليون تن جو بنيادي سبب به حسد هيو. حضرت حبيب ڪريم ﷺ فرمايو ته:

إِيَّاكُمْ وَالْحَسَدَ، فَإِنَّ الْحَسَدَ يَأْكُلُ الْحَسَنَاتِ كَمَا تَأْكُلُ النَّارُ الْحَطَبَ أَوْ قَالَ: الْعُشْبَ[2]

حسد کان بچو ته حسد نيڪين کي ائين کائي ڇڏي ٿو جيئن باهہ ڪاڻين کي کائي ڇڏيندي آهي.

كل العداوة قد ترجى مودتها ** إلا عداوة من عاداك عن حسد

حسد پائرن، متن، مائٽن، پاڙيسرين، شراڪت دارن، دوستن، هڪ فن جي ۾ ماهرن، هڪ شهر ۾ موجود ۾ ساڳي هنر وارن، آمهون سامهون ۾ دڪاندارن وغيره ۾ ٿي پوندو آهي. بلڪ اقارب جو حسد اجانب کان وڌيڪ قبيح هوندو آهي ۽ جاڻ وارن جو حسد جاهلن کان وڌيڪ شنيع هوندو آهي. عربي جو هڪ قديم پهاڪو آهي:

لو بيع الحسد بالفضة لاشتراه العلماء بالذهب

اگر حسد چاندي جي ملهہ وڪيو وڃي ها ته پڙهيا ماڻهو ان کي سون جي اگهہ ۾ به خريد ڪن ها.

---

[1] تفسير الرازي، مفاتيح الغيب أو التفسير الكبير (26/409)

[2] سنن أبي داود (4/276)

حاسدن جون كاروايون

جنهن جي اندر ۾ الله جي پيارن ڏانهن حسد اچي ويندو آهي تہ حسد ان جي اندر مان الله جو خوف كسي وٺندو آهي ۽ آخرت جو فكر ڦُري وڃندو آهي. ان جي اندر مان ماڻهپائي ۽ مروت موكلائي ويندي آهي. ان كي پاڻ كي ب پروڙ نہ پوندي آهي تہ ڇا ٿو كيان ۽ ڇا ٿو ڪوان. حسد جا عمومي مظاهر هيٺين صورتن ۾ نظر ايندا آهن:

ا. عيب جوئي:

اكثر ماڻهن جي اها عادت هوندي آهي جو اگر كنهن سان محبت ركندا آهن تہ پوءِ ان جي غلطين ۽ خامين كي عين ثواب سمجهندا آهن، پر جي كنهن سان بُغض ركندا آهن تہ پوءِ ان جون خوبيون ب انهن كي خاميون نظر ايندیون آهن. ان جو حسن ب انهن كي قُبح نظر ايندو آهي. جيئن كا عورت پنهنجي پهاڃ كي ڏسندي آهي تہ كيس ان جي سهڻي صورت ب كاري كوجهي نظر ايندي آهي.

حسدوا الفتیٰ اذا لم ینالوا سعیه * فالقوم اعداء له و خصوم

كضرائر الحسناء قلن لوجهها * حسدا و بغیاً انه لدمیم

ماڻهو جڏهن كنهن جي شان كي پهچي نہ سگهندا آهن تہ پوءِ ان جا ويري ۽ دشمن بنجي پوندا آهن. جيئن پهاڃ حسد ۽ بغض جي سبب پنهنجي پهاڃ جي حسين چهري كي بدشكل كوٺيندي آهي. حسد نهايت بري بيماري آهي جڏهن كنهن جي من ۾ مچي پوندو آهي تہ پوءِ پنهنجي محسود جي عداوت ۾ وسان كو نہ گهتائيندو آهي. ان جي عيب جوئي ۽ غيبت ۾ زبان كي خوب هلائيندو آهي پر اصل ۾ ان جو اهو عمل سندس عملن جي تباهي جو سبب بنجي پوندو آهي ڇو تہ اگر كو ماڻهو ٿاڙجي پئي تہ ٻوٽ پر زمين تي ڪِرندو آهي پر جيكڏهن زبان ٿاڙجي پئي تہ اهو ماڻهو كنڊ پر جهنم ۾ ڪِرندو آهي.

يموت الفتی من عثرة بلسانه * وليس يموتُ المرءُ من عثرة الرِجل

فعثرته من فيه براسه " وعثرته في الرجل تبرا على مهل

2.**عدل جي رُخصتي**: حاسد جي من مان عدل رخصت ٿي ويندو آهي. انڪري ان کي محسود جون خوبيون به خاميون نظر ايندیون آهن. تصوف ۾ علم الاخلاق جي تعليم اها آهي ته اگر ڪنهن ۾ عيب ڏسجي ته ان کي ڍڪڻ ۾ پرده پوشي ڪرڻ گهرجي جو ته اهو آسماني قانون آهي ته جيڪو ٻين جا عيب ڍڪي ٿو الله ان جا عيب ڍڪيندو.

سيدنا عبد الله بن عباس ﷺ چيوته رسول الله ﷺ فرمايو ته:

مَنْ سَتَرَ عَوْرَةَ أَخِيهِ الْمُسْلِمِ، سَتَرَ اللَّهُ عَوْرَتَهُ يَوْمَ الْقِيَامَةِ، وَمَنْ كَشَفَ عَوْرَةَ أَخِيهِ الْمُسْلِمِ، كَشَفَ اللَّهُ عَوْرَتَهُ، حَتَّى يَفْضَحَهُ بِهَا فِي بَيْتِهِ [1]

جنهن ماڻهو پنهنجي ڪنهن مسلمان ڀاءُ جي پرده پوشي ڪئي ته الله قيامت واري ڏينهن ان جي پرده پوشي ڪندو ۽ جنهن پنهنجي ڪنهن مسلمان ڀاءُ جو پردو کوليو ته الله ان جا پردا کوليندو تانجو ان کي سندس گهر ۾ خوار ڪندو.

حديث مطابق ٻين جي پرده پوشي ڪندڙ لاءِ آخرت جي اجر جي بشارت آهي پر ڪنهن جا پردا لاهڻ واري لاءِ وعيد آهي ته هن دنيا ۾ ئي سندس گهر ۾ الله ان کي خوار ڪندو.

امام حاڪم عقبه ﷺ کان روايت ڪئي رسول الله ﷺ فرمايو ته:

مَنْ سَتَرَ أَخَاهُ فِي فَاحِشَةٍ رَآهَا عَلَيْهِ، سَتَرَهُ اللَّهُ فِي الدُّنْيَا وَالْآخِرَةِ. [2]

جنهن ماڻهو پنهنجي ڪنهن ڀاءُ جي ڪا ميرائي ڏسي ان جي پرده پوشي ڪئي ته الله ان جي دنيا آخرت ۾ پرده پوشي ڪندو. پر اگر ڪنهن کي هروپرو به ڪنهن جي ڪا خامي بيان ڪرڻي ئي آهي ته پوءِ ايتري بيان ڪري جيڪا حقيقي هجي ان ۾ وڌاءُ نه ڪري. اهڙي طرح ڪنهن جي تعريف ۾ واکاڻ ڪرڻ ۾ به اجايو وڌاءُ نه ڪجي.

مالک بن دينار جو قول:

مُذ عرفت الناس لم افرح بمدحهم ولم اكره ذمهم. لأنّ حامدهم مُفرط وذامهم مُفَرِّط [1]

---

[1] سنن ابن ماجه (2/850)

[2] مصنف عبد الرزاق الصنعاني (10/228)

جڏهانڪر مون ماڻهن جي عادت سُڃاتي آهي انهن جي تعريف ڪرڻ تي خوش نه ٿيندو آهيان ۽ انهن جي گلا ڪرڻ تي آرهو نه ٿيندو آهيان. چو ته تعريف ڪرڻ وارا وڏاءِ ڪن ٿا ۽ گلا ڪرڻ وارا وري مذمت ۾ گهٽو وڏاءِ ڪن ٿا. مطرف بن عبد الله چيو ته امام مالڪ مون کي چيو ته ماڻهو منهنجي باري ۾ چا ٿا چون؟ مون چيو ته :

اما الصديق فيثني و اما العدو فيقع فقال ما زال الناس كذالك ولكن نعوذ بالله من تتابع الالسنة كلها[1]

دوست واکاڻ ڪري ٿو ۽ دشمن گلا. پاڻ فرمايائون ماڻهو هميشہ کان ائين ئي ڪندا آيا آهن. پر اسان زبانن جي هر قسم جي خطائن کان الله جي پناهہ ٿا گهرون.

3. **بدڪلامي ۽ فحش گوئي**: جنهن جي اندر ۾ حسد پنهنجا خيما ڪوڙيندو آهي ته ان جي زبان واهي تباهي بکڻ لڳندي آهي. اهو محسود کي گاريون ڏئي پنهنجي سيني جي ساڙ ڪي ٺاهڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. حالانڪ اسلام ۾ ڪنهن عام مؤمن کي بہ گار ڏيڻ يا اخلاق کان عاري گندو ۽ گهٽيا لفظ ڳالهائڻ جائز نہ آهي. پر ڪنهن الله جي ولي بابت نا شائستہ لفظ ڳالهائڻ وڏي حماقت آهي. امام الانبياءِ محمد مصطفيٰ ﷺ فرمايو ته:

سِبَابُ الْمُسْلِمِ فُسُوقٌ، وَقِتَالُهُ كُفْرٌ[2]

ڪنهن مسلمان کي گار ڏيڻ فسق آهي ۽ ان سان لڙڻ ڪفر آهي.

4. **گلا خوري** : حاسد جتي ويهندو اتي الله جي پيارن جي گلا ۽ غيبت ڪندو. بيجا تنقيد ڪندو. دلين ۾ نفرتن ۽ عداوتن جا بج چڻيندو. ان بابت ڪوڙيون خبرون ۽ ڪوڙا افواهہ هلائي ان جي عزت کي گهٽائڻ جي ڪوشش ڪندو. حالانڪ اسلام ته سيکاري ٿو ته : پرائي گلا نہ ڪيو چو ته پرائي گلا ڪرڻ مثل پاڻ جو گوشت کائڻ جي برابر آهي.

---

[1] سير اعلام النبلاء : 362/5

[2] حلية الاولياء : ج 6 ص 321

[3] سنن ابن ماجه (27/1) مسند أبي داود الطيالسي (207/1) مسند الحميدي (212/1) مسند أحمد (19/7) مسند البزار (197/5)

ڪنهن ۾ ڪو عيب هجي اهو بيان ڪجي ته اها گلا آهي. پر اگر ڪنهن ۾ عيب هجي ئي نہ ۾ بيان ڪجي اهو بهتان آهي ان جو گناھ اڃا بہ وڌيڪ آهي.

اسلام جي ڏيڍ هزار سالہ تاريخ جو دل ڏکوئيندڙ پھلو

اسلامي تاريخ جو هي نهايت دل ڏکوئيندڙ ۾ جگر زخمي ڪندڙ حصو آهي جو هن امت جي اڪثر اڳواڻن امامن، اهلبيتن، فقهي مذاهب جي مجتهدن، سلاسل اولياءَ جي پيشوائن، صوفين، سالڪن، غوثن، قطبن، قلندرن کي سندن دور ۾ ايذايو ويو. ڪن مٿان سنگباريون ڪيون ويون، ڪن مٿان طعن وتشنيع ڪئي وئي. انهن مان ڪن کي ڪافر ته ڪن کي مشرڪ، ڪن کي ملحد ته ڪن کي زنديق سڏيو ويو. انهن خلاف ساز شون ٿيون. چوٽاڻ چوٽ مخالفتون ٿيون. ڪن کي گاريون ڏنيون ويون، ڪن کي جيل خانن ۾ قيد ڪيو ويو، ڪن کي ملڪ بدر ڪيو ويو. ڪن مٿان ڪوڙا الزام مڙهي انهن جي عزت ۾ ناموس کي ختم ڪرڻ جون ناڪام ڪوششون ڪيون ويون. وڏي ارمان جي ڳالھ آهي جو اهي اذيتون انهن کي غيرن کان گهٽ پنهنجن کان وڌيڪ مليون. اولياءَ الله جي سوانح جا ڪتاب شاهد آهن ته ولين جي مخالفتن ڪرڻ وارن جو دنيا تان نام و نشان مٽجي ويو پر الله وارن جو نالو اڄ بہ روشن آهي ۾ قيامت تائين روشن رهڻو آهي.

اي راهِ شريعت جا طالبو! اي راهِ تصوف جا سالڪو!

اي بزرگن جي مسندن تي ويهڻ وارئو! ۾ اي بزرگن سان نسبت رکڻ وارئو !!!

هن باب کي غور سان پڙهو ۾ تسلي رکو. تنقيدن جا تير ۾ مخالفتن جا نيزا ۾ پالا، فتوائن جا طومار ڏسي هرگز نہ گهبرايو. هرگز پريشان نہ ٿيو. حق وارن جي مخالفت اها ڪا اڄ جي ڳالھ نہ آهي. صوفين صدين کان سُهمون سَٽيون آهن. طعنن جا تير ڪاڏا آهن.

ڪتابن جي وڏي ووڙ ولوڙ بعد اسان اوهان لاءِ هي روايتون ۾ حڪايتون گڏ ڪري انهن کي سُوڏي سنواري پيش ڪري رهيا آهيون. ان بعد بيان ڪبو ته بطل جليل قدوة

الاولياء حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه سان حاسدن ۽ معاندن کيترين ۽ کهڙين مخالفتون کيون ۽ رباني ۽ حقاني علماء ۽ مشائخ کيئن سندن ساڻ ڏنو؟

صحابہ کرام کي ايذايو ويو:

صحابہ کرام رضوان الله عليهم اجمعين کي جيکي تکليفون ڏنيون ويون انهن کي پڙهڻ سان لڳ ڪانڊارجي وڃن ٿا.

* حضرت بلال ﷺ کي مڪي جي ڏرتي تي سخت اذيتون ڏنيون ويون.
* حضرت عمار بن ياسر ﷺ کي باهه جي ٽانڊن مٿان سمهاريو ويندو هيو.
* خباب بن الارت ﷺ کي لوهه جي زره باهه ۾ گرم ڪري پهرائي ويندي هئي ته سندس جسم پُڄي پوندو هيو. بخاري ۽ ابوداؤد ۾ حديث آهي خباب بن الارت چيو ته :

هڪ ڏينهن حبيب ڪريم ﷺ ڪعبي جي ڇانو ۾ پنهنجي چادر مبارڪ جي ٽيڪ سان ويٺا هئا ته اسان سندن خدمت ۾ دانهن ڏني: أَلَا تَسْتَنْصِرُ لَنَا أَلَا تَدْعُو اللَّهَ لَنَا

اسان لاءِ چونه ٿا مدد طلب ڪيو اسان لاءِ الله کان چونه ٿا دعا گهرو! ان تي پاڻ فرمايائون كَانَ الرَّجُلُ فِيمَنْ قَبْلَكُمْ يُحْفَرُ لَهُ فِي الْأَرْضِ فَيُجْعَلُ فِيهِ فَيُجَاءُ بِالْمِنْشَارِ فَيُوضَعُ عَلَى رَأْسِهِ فَيُشَقُّ بِاثْنَتَيْنِ وَمَا يَصُدُّهُ ذَلِكَ عَنْ دِينِهِ وَيُمْشَطُ بِأَمْشَاطِ الْحَدِيدِ مَا دُونَ لَحْمِهِ مِنْ عَظْمٍ أَوْ عَصَبٍ وَمَا يَصُدُّهُ ذَلِكَ عَنْ دِينِهِ وَاللَّهِ لَيُتِمَّنَّ هَذَا الْأَمْرَ حَتَّى يَسِيرَ الرَّاكِبُ مِنْ صَنْعَاءَ إِلَى حَضْرَمَوْتَ لَا يَخَافُ إِلَّا اللَّهَ أَوِ الذِّئْبَ عَلَى غَنَمِهِ وَلَكِنَّكُمْ تَسْتَعْجِلُونَ. [1]

اوهان کان اڳين قومن ۾ کو مرد هوندو هيو جنهن کي زمين ۾ کڏ کٽي پوري ٻيهاريو ويندو هيو پوءِ ڪرت ڪٽي ان جي مٿي تي هلايو ويندو هيو ته ان جو جسم ٻه ٽڪرا ٿي پوندو هيو پر اها اذيت ٻه ان کي پنهنجي دين کان هٽائي نه سگهندي هئي ۽ کنهن کي لوهه جي ڏندن سان ان جي جسم جو ماس هڏن تان روڙيو ويندو هيو پر اهو ان کي سندس دين کان

---

[1] صحيح البخاري (ج 11/ص 444) سنن أبي داود (ج 7/ص 243)

نہ هتائيندو هيو. الله جو قسم هي (منهنجي هن دين جو) ڪم ضرور پورو ٿي رهندو ايستائين جو ڪو گهوڙي سوار صنعاءَ کان حضرموت تائين سفر ڪندو تہ ان کي الله پاڪ کان سواءِ پي ڪنهن شيءِ جو ڊپ نہ هوندو يا ڏڻ تي بگهيڙ جو پر اوهان جلد بازي تا ڪيو.

امام جعفر صادق رحمه الله تي ڪوڙو الزام مڙهيو ويو:

هڪ دفعي ڪنهن ماڻهو جي روپين جي ٿيلهي گم ٿي وئي. ان حضرت امام جعفر صادق رحمه الله کي چيو تہ اوهان منهنجي پيسن جي ڇوٽڪاري چورائي آهي. نہ صرف ايترو پر اهو شخص امام صاحب سان جهڳڙي ڪرڻ تي ب آماده ٿي ويو. پاڻ ان کي فرمايائون تہ منهنجا پاءِ تنهنجي ڪيتري رقم آهي؟ ان شخص چيو تہ هڪ هزار روپيا. امام صاحب جن ان شخص کي پنهنجي گهر وٺي ويا ۽ ڪيس ب هزار روپيا ڏنائون.

جڏهن اهو موٽي پنهنجي گهر آيو تہ ڪيس پنهنجا گم ٿيل پيسا ملي ويا. اهو حال ڏسي هو واپس امام صاحب جن جي خدمت ۾ آيو، سمورو احوال عرض ڪري ڪائنس معافي وٺي پيسا واپس ڏيڻ لڳو تہ پاڻ ڪيس فرمايائون تہ اسان ڏنل شيءِ واپس ڪونہ ونندا آهيون.[1]

اويس قرني رضي الله عنه جي مذاق اڏائي ويندي هئي:

حضرت حبيب ڪريم ﷺ فرمايو تہ: "منهنجي امت ۾ هڪ مرد آهي جنهن جي دعا سان منهنجي امت جا ايترا ماڻهو بخشجي ويندا جيترا عرب جي قبيلي ربيعہ ۾ مضر جا ماڻهو آهن.[2] (اهو اويس قرني آهي.)

صحيح مسلم ۾ سيدنا عمر فاروق رضي الله عنه کان روايت آهي نبي ڪريم ﷺ فرمايو تہ:

إِنَّ خَيْرَ التَّابِعِينَ رَجُلٌ يُقَالُ لَهُ أُوَيْسٌ. وَلَهُ وَالِدَةٌ وَكَانَ بِهِ بَيَاضٌ فَمُرُوهُ فَلْيَسْتَغْفِرْ لَكُمْ[3]

سڀني تابعين کان پلو مرد اويس نالي آهي. ان جي والده هئي.(ان جو خدمتگار هيو) ان جي جسم تي اڇاڻ (جو نشان باقي) آهي. (جتي ب اوهان کي ملي) تہ ان کي چئو تہ اوهان

---

[1] تذكرة الاولياء: ص:19

[2] المستدرك على الصحيحين للحاكم (3/457)

[3] صحيح مسلم (4/1968)

جي حق ۾ دعا گهري. جڏهن يمن جو هڪ وفد مديني پاڪ ۾ آيو تہ حضرت عمر ﷺ انهن کان اويس قرني يمني ﷺ جي باري ۾ پڇيو تہ اهي چوڻ لڳا:

هُوَ رَجُلٌ نَذْلٌ فَاسِدٌ ① اهو تہ هڪڙو خسيس ۽ حقير بگڙيل ماڻهو آهي.

أَنَّ أَهْلَ الْكُوفَةِ وَفَدُوا إِلَى عُمَرَ. وَفِيهِمْ رَجُلٌ مِمَّنْ كَانَ يَسْخَرُ بِأُوَيْسٍ. ②

اهل ڪوفہ جو هڪ وفد عمر فاروق ﷺ وٽ آيو. انهن ۾ اهو ماڻهو بہ هيو جيڪو اويس قرني تان مسخري ڪندو هيو.(سندس مذاق اڏائيندو هيو)

هوڏهون اويس قرني يمني ﷺ جو هي مقام هيو جو نبي ڪريم ﷺ پنهنجي زبان نبوت سان سندس واکاڻ ڪري رهيا آهن. خليفہ ثاني فاروق عمر ﷺ ان کان پنهنجي ۽ محبوب جي امت جي باري ۾ دعا ٿو گهرائي. هيڏهون ڳوٺ جا ماڻهو ڪيس "نذل ۽ فاسد" سڏن تا. هاڻي مخالف ماڻهن جي زبانن کي ڏسبو يا رسول الله ﷺ جي فرمان ڏي ؟؟ حضرت اويس قرني ﷺ کي پاڙي وارا ديوانو سمجهندا هئا. انهن ڇيو تہ اسان اويس قرني ﷺ لاءِ هڪ گهر ناهيو آهي، اسان کڈهن کونہ ڏئوسين تہ هن کي روزي کولڻ لاءِ گهر ۾ کا شيءِ ميسر هجي. پاڻ کارکن جون ککڙيون گڏ ڪري شهر ۾ وڃي وڪڻندا هئا. اتان جيڪي ڪجهہ ملندو هين ان مان ماني خريد ڪري پيٽ گذران ڪندا هئا. پر جيڪڈهن کارکون ملي ويندیون هين تہ اُهي خيرات ڪري ڇڏيندا هئا. حضرت اويس قرني ﷺ جو لباس سدائين پراٽو ۽ ڦاٽل هوندو هيو. نماز بعد ان کي ويهي سبندا هئا. پاڻ صبح جو سوير گهر کان نڪري ويندا هئا ۽ عشاء جي نماز بعد موٽي گهر ايندا هئا. ماڻهو حضرت اويس رحمہ الله عليہ کي ديوانو سمجهي کين پٿر ۽ ڀٽر هڻندا هئا. پاڻ انهن کي فرمائيندا هئا ! مون کي ننڍڙا ننڍڙا پٿر هٿو تہ جيئن رت نہ وهي ۽ منهنجي پاکائيءَ ۾ خلل نہ پوي. مون کي صرف نماز جو فکر آهي، جسم جو کو غم ناهي. ③

---

① مسند أبي يعلى الموصلي (187/1)

② صحيح مسلم (1968/4)

③ تذكرة الاولياء: ص:31

حضرت مالڪ دينار رحمة الله عليه ڪي مارڪُٽَ ڪئي وئي:

مالڪ بن دينار، حسن بصري رحمة الله عليه جا همعصر ۾ سندن زماني جي جليل القدر بزرگن مان هئا. سندن ڪرامتون ذڪر ۾ رياضتون جڳ ۾ مشهور آهن. هڪ دفعي جي ڀالهه آهي ته پاڻ ڪنهن پٽ جي ڇانؤ هيٺان ويٺا هئا ۾ هڪ نانگ پنهنجي وات ۾ نرگس جي هڪ ٽاري جهليون کين پَڪي وانگر لوڏي رهيو هيو. [1]

سندن سوانح نگارن چيو ته دينار سندن والد جو نالو هيو پر ڪن لکيو آهي ته : دينار سندن ئي لقب هيو. جنهن لاءِ هيءَ روايت مشهور آهي ته هڪ ڏينهن پاڻ ڪنهن پيڙي تي سوار هئا، وٽن ڪو پيسو پائي هيو ئي ڪونه. جڏهن پيڙي درياء جي وچ ۾ پهتي ته ملاحن کانئن پاڙو گهريو. پاڻ فرمايائون ته مون وٽ ڪجهه نه ناهي. ان تي ملاحن کين ايترو ماريو جو پاڻ بيهوش ٿي ويا. جڏهن هوش ۾ آيا تڏهن وري نه ملاحن کانئن پاڙو گهريو. پاڻ وري نه ساڳيو ئي جواب ڏنائون. ملاح وري غصي ۾ غضب ۾ کين مارڻ لڳا. ايتري ۾ درياء جون مڇيون پنهنجي وات ۾ هڪ هڪ دينار کڻي ٻاهر نڪري آيون. پاڻ هڪ مڇيءَ کان هڪ دينار وٺي ملاحن کي ڏنائون. ملاح اهو حال ڏسي ڏاڍو حيران ٿي ويا ۽ شرمسار ٿي سندن پيرن تي ڪري پيا ۽ معافي طلب ڪرڻ لڳا. پوءِ پاڻ پيڙيءَ مان لهي درياء تي هلندي غائب ٿي ويا. ان واقعي کان پوءِ پاڻ "دينار" جي لقب سان مشهور ٿي ويا. [2]

سندن گهر ۾ غلاظت اڇلائي ويندي رهي: پاڻ مسواڙ تي هڪ گهر ورتائون. سندن پرسان هڪ يهوديءَ جو گهر هيو ۽ سندن گهر جو در ان يهوديءَ جي گهر جي دروازي وٽ هيو جتي هن جو پائخانو ٺهيل هيو. يهودي پنهنجي گهر جو گند ۽ غلاظت سندن گهر ۾ اڇلائيندو رهندو هيو. ڪافي وقت تائين هُو ائين ڪندو رهيو. پاڻ ان جو ذڪر ڪنهن سان به ڪونه ڪيائون. آخر هڪ ڏينهن اهو يهودي حضرت جن وٽ آيو ۽ عرض ڪيائين ته اي مالڪ! مان روز انو پنهنجي گهر جو گند ۽ غلاظت توهان جي گهر اڇلائيندو آهيان،

---

[1] تذڪرة الاولياءِ : ص: 53

[2] تذڪرة الاولياءِ : ص 51

حضرت مالڪ دينار رحمة الله عليه **کي مارڪٽ ڪئي وئي:**

مالڪ بن دينار، حسن بصري رحمة الله عليه جا همعصر ۽ سندن زماني جي جليل القدر بزرگن مان هئا. سندن ڪرامتون ذڪر ۾ رياضتون جڳ ۾ مشهور آهن. هڪ دفعي جي ڳالهه آهي ته پاڻ ڪنهن پٽ جي ڇانوَ هيٺان وينا هئا ۽ هڪ ٽانگ پنهنجي وات ۾ نرگس جي هڪ ٽاري جملیون کين ڦڪي وانگر لوڏي رهيو هيو. [1]

سندن سوانح نگارن چيو ته دينار سندن والد جو نالو هيو پر ڪن لکيو آهي ته: دينار سندن ڪي لقب هيو. جنهن لاءِ هي؛ روايت مشهور آهي ته هڪ ڏينهن پاڻ ڪنهن پيڙي تي سوار هئا، وٽن ڪو پيسو پائي هيو ڪي ڪونه. جڏهن پيڙي درياءَ جي وچ ۾ پهتي ته ملاحن کانئن پاڙو گهريو. پاڻ فرمايائون ته مون وٽ ڪجهه به ناهي. ان تي ملاحن کين ايترو ماريو جو پاڻ بيهوش ٿي ويا. جڏهن هوش ۾ آيا تڏهن وري به ملاحن کانئن پاڙو گهريو. پاڻ وري به ساڳيو ئي جواب ڏنائون. ملاح وري غصي ۾ غضب ۾ ڪين ماريندا رهيا ۽ پوءِ سندن ٽنگن کان ڇڪي درياءَ ۾ لٽو ڪرڻ لڳا. ايتري ۾ درياءَ جون مڇيون پنهنجي پنهنجي وات ۾ هڪ هڪ دينار ڪڍي باهر نڪري آيون. پاڻ هڪ مڇيءَ کان هڪ دينار ولي ملاحن کي ڏنائون. ملاح اهو حال ڏسي ڏاڍو حيران ٿي ويا ۽ شرمسار ٿي سندن پيرن تي ڪري پيا ۽ معافي طلب ڪرڻ لڳا. پوءِ پاڻ پيڙيءَ مان لهي درياءَ تي هلندي غائب ٿي ويا. ان واقعي کان پوءِ پاڻ "دينار" جي لقب سان مشهور ٿي ويا. [2]

سندن گهر ۾ غلاظت اڇائي ويندي رهي: پاڻ مسواڙ تي هڪ گهر ورتائون. سندن پرسان هڪ يهودي؛ جو گهر هيو ۽ سندن گهر جو در ان يهودي؛ جي گهر جي دروازي وٽ هيو جتي هن جو پائخانو ٺهيل هيو. يهودي پنهنجي گهر جو گند ۽ غلاظت سندن گهر ۾ اڇلائيندو رهندو هيو. ڪافي وقت تائين هُو ائين ڪندو رهيو. پاڻ ان جو ذڪر ڪنهن سان به ڪونه ڪيائون. آخر هڪ ڏينهن اهو يهودي حضرت جن وٽ آيو ۽ عرض ڪيائين ته اي مالڪ! مان روز انو پنهنجي گهر جو گند ۽ غلاظت توهان جي گهر اڇلائيندو آهيان،

---

[1] تذڪرة الاولياء، ص: 53

[2] تذڪرة الاولياء، ص: 51

چا توهان کي ڪابہ تڪليف نہ ٿي آهي؟ پاڻ فرمايائون تہ تڪليف تہ ضرور ٿي آهي پر مان هڪ تغاري ۾ هڪ ٻهاري رکي اٿم. روزانو ان کي ميڙي صاف ڪري ٻاهر ڦٽو ڪندو آهيان. يهودي، چيو تہ توهان ايتري تڪليف ڪيئن ٿا برداشت ڪريو ۽ غصي کي ڪيئن ٿا ضبط ڪريو؟ پاڻ فرمايائون تہ الله تعاليٰ جو ارشاد آهي تہ :

وَ الْكٰظِمِيْنَ الْغَيْظَ والعافين عن النّاس ۽ غصي کي کائڻ وارا ۽ ماڻهن کي معاف ڪرڻ وارا. اهو ٻڌي يهودي، جي زبان مان ازخود نڪري ويو ڪهڙو نہ سٺو دين آهي! جو الله تعاليٰ جو دوست، دشمن جي نہ صرف تڪليف برداشت ڪري ٿو پر ناراضگيءَ جو اظهار بہ نہ ٿو ڪري. اهي لفظ چوندي اهو يهودي مسلمان ٿي ويو. [1]

کين فريبي ۽ منافق سڏيو ويو: ڪنهن ماڻهو حضرت مالک دينار رحمة الله عليہ کي رياڪار، خود پرست، فريبي ۽ منافق جي نالي سان سڏيو. پاڻ کيس فرمايائون تہ ويهن سالن تائين منهنجو نالو ڪنهن بہ ڪونہ پڪاريو آهي سواءِ تنهنجي. توکي بيشڪ خبر هوندي تہ مان ڪير آهيان. [2]

امامِ اعظم ﷺ کي ايذايو ويو:

امام الائمہ سراج الامة سيدنا نعمان بن ثابت ابوحنيفہ ﷺ اڃ بہ ساري دنيا ۾ سندن فقہ حنفي جا ڪروڙين پيروڪار موجود آهن جيڪي کين امام سمجهن ۽ سڏن ٿا. پر سندن دور ۾ ساڻن شديد مخالفتون ٿيون. سندن زندگي جا آخري ايام تمام وڏي مصائب ۽ آلام ۾ گذريا کين جيل ۾ مارون ڪيڏيون ويون :

وَلَقَد ابتلى ابو حنيفَةَ بِالضَّرْبِ على رَأسه بالسياط فِي السجْن. [3]

امام ابوحنيفہ کي آزمايو ويو جيل ۾ سندن مٿي تي سوٽن سان ماريو ويو. تانجو سندن جناز و جيل کان نڪتو هيو.

---

[1] تذكرة الاولياء : ص 55

[2] تذكرة الاولياء : ص 58

[3] أخبار أبي حنيفة وأصحابه (ص: 67)

سندن ذات تي طعنا هنيا ويا، کين ٻانهن جو اولاد سڏيو ويو. [1]

محمد بن مسلم کان امام ابوحنيفہ بابت پڇيو ويو تہ اهو ڪيئن آهي؟ چيائين:

وَهُوَ دَجَّالٌ مِنَ الدَّجَاجِلَةِ [2] ابوحنيفہ تہ دجالن مان هڪ دجال آهي.

کين گاريون ڏنيون ويون : ايام تشريق جا ڏاڙا هلي رهيا هئا. مسلمانن جو امام سيدنا ابو حنيفہ منيٰ جي مسجد خيف ۾ ويٺل هيو. هڪ ماڻهو اچي کانئس ڪو مسئلو پڇيو پاڻ صحيح ۽ سليم جواب عنايت ڪيائون. ان ماڻهو چيو تہ حسن بصري تہ اهو مسئلو هن طرح ٻڌائي. پاڻ فرمايائون حسن خطا ڪئي. هڪ ماڻهو چمري کي ٻُٽَ ٻڌل چوڻ لڳو:

انت تقول اخطاء الحسن يا ابن الزانية اي بدڪار عورت جا پٽ تون ٿو چوين تہ حسن خطا ڪئي.

فما تغير وجه ابي حنيفة ولا تلون وانما اردف قائلا فی حزن اي والله اخطاء الحسن واصاب ابن مسعود [3]

ايڏي وڏي گار ٻڌڻ بعد بہ نہ امام ابو حنيفي جو چهرو متيو نہ سندن رنگ بدليو پر ڏک وچان ورائڻيائون الله جو قسم ان مسئلي ۾ حسن خطا ڪئي ۽ ابن مسعود رضی الله عنه حق چيو.

ڏسو هن امام جي ظرف کي! ڪاوڙ ڪونہ ڪيائون مسئلي جو صحيح جواب ڏنائون سوبہ پنهنجي پاران نہ پر هڪ تابعي جي قول جي سامهون. هڪ جليل القدر اصحابي جو قول پيش ڪيائون، جو رسول الله صلی الله عليه وسلم جي خدمت ۾ رهڻ وارو۽ سندن رازن جو امين هيو. هڪ پيري جڏهن مخالفن امام ابوحنيفہ رحمة الله عليه کي تمام گهٽو ڳالهايو تہ پاڻ رب سان مناجات هن طرح ڪيائون : اللهم من ضاق بنا صدره فأن قلوبنا قد اتسعت له [4]

اي الله جنهن اسان ڏانهن پنهنجا سينا سوڙها ڪيا آهن (شڪر آهي جو) تو اسان جون دليون ان لاءِ ڪشاديون ڪيون آهن. ابو خالد يزيد بن هارون چوندو هيو تہ :

---

[1] تاريخ بغداد

[2] تاريخ بغداد (15/544)

[3] الائمة الاربعة لمصطفى الشكعة دار الكتاب المصرى القاهرة ص: 91

[4] الائمة الاربعة : ص 91

مآ رئيت احدا احلم من ابي حنيفة [1] مون ابو حنيفي جھڙو بردبار پيو ڪونہ ڏٺو.

امام اعظم ﷺ پنھنجي گلا خورن ڏانھن تحفا موڪليندا ھئا تہ اوھان جو شڪريہ جو اوھان پنھنجون نيڪيون مون ڏانھن موڪليو تا ۽ منھنجا گناھ پاڻ تي ڪڍو تا. چو تہ روايت ۾ آھي تہ: گلاخورن جون نيڪيون گلا ڪيل ڏانھن موڪليون وڃن ٿيون.

امام احمد بن حنبل ﷺ کي ڪوڙا ھنيا ويا:

اڄ ساري دنيا ۾ لکين سنڌن پيروڪار موجود آھن. پيران پير محبوب سبحاني سيدنا عبدالقادر جيلاني ﷺ ۽ حنبلي ھئا. اڄ ۽ سعودي عرب جو سرڪاري مذھب حنبلي آھي. ايڏي وڏي امام کي سوا ۽ سال قيد ۽ مشقت ڏنو ويو. پاڻ عدالت ۾ ھلڻ لاءِ جيئن قدم کڻن پيا تہ قدم قدم تي جلادَ ڪوڙا لڳائي رھيا ھئا. ھڪڙا ٽڪجن پيا تہ وري پيا مارڻ وارا اچن پيا. تانجو پاڻ بي ھوش ٿي ڪِري پيا تہ ۽ مٿن ڪوڙا وسايا ويا.

فضل بن صالح چيو تہ: امام احمد بن حنبل کي ھڪ ھزار ڪوڙا ھنيا ويا ھئا. [2]

سنڌن جسم کي جوتن سان لتاڙيو ويو. مخالفن جي ايڏي زيادتيُن جي باوجود ۽ سنڌن جنازي ۾ لکين ماڻھو شريڪ ٿيا. امام ذھبي لکيو آھي تہ: سڪوني چيو تہ امام احمد بن حنبل جي جنازي ۾ جيترا ماڻھو شريڪ ٿيا ايترا ماڻھو مون ڪنھن جي جنازي ۾ نہ ڏٺا. انھن جو ڳاٽيٽو جنھن تي سڀ متفق آھن تہ اھي ست لک ماڻھو ھئا. [3]

سنڌن سوانح نگارن لکيو آھي تہ سنڌن جنازو ڏسي سوين ڪافر مسلمان ٿي ويا ھئا.

انتباھ!

زمانو وڏو منصف آھي، زماني جا ھٿ تمام گھٽا مضبوط آھن. اھو پنھنجا فيصلا پاڻ ڏيندو آھي. اڄ زماني جو فيصلو سڀني جي اڳيان آھي. ھي الله جا پيارا ڪامياب ٿيا يا انھن کي گارين ڏيڻ وارا ۽ انھن کي ايذائڻ وارا ڪامياب ٿيا؟

---

[1] النجوم الزاھرة: ج 2 ص: 13

[2] سير اعلام النبلاء (256/11)

[3] سير أعلام النبلاء (340/11)

مخالفن جي گارين ۾ گلائن سان چا ماڻهن جي دلين مان الله وارن جي محبت نڪري وئي يا ولي ۽ سڳورا اڄ بہ لکين دلين تي راڄ ڪري رهيا آهن؟ اڄ دنيا ڏسي رهي آهي تہ مخالفن پنهنجا عمل برباد ڪيا الله جا پيارا هُتي جون ڪاميابيون ماڻي ويا.

آجاڙا عَميقَ جا، گڏيا غَوَاصَن؛
جَهريُون جهاڳي آئيا، ڪارُونيارَ ڪُنَن؛
سمنڊُ سوجهي جَن، آئي اَمُلَ اولیا.

محبوب سبحاني رحمة الله عليه **سان مخالفتون ٿيون:**

قطبِ رباني، شهباز لامكاني، مرشد محبوب سبحاني سيدي عبد القادر الجيلاني حسني حسيني ﷺ سندن دور ۾ وڏي مخالفت ٿي. ابن جوزي جهڙي ماڻهو سندن مخالفت ڪئي ان ڪري ڪيس قيد بہ ڪيو ويو هيو. حُبس (ابن الجوزي) بسبب الشيخ عبد القادر، بأنه كان ينكر عليه، وكان بينه وبين ابنه عداوة بسبب الإنكار المذكور.[1]

سندن خلاف مخالفت جي تحريڪ هلي هئي. هڪ سو عالم وٽن وفد ڪري سوال ناما ڪٽي آيا ۾ سامهون آيا تہ انهن کان سي سوال وسري ويا. فرمايائون سوال ڪيو؟ مگر خاموش رهيا. پوءِ پاڻ واري واري تي هر مولوي سان مخاطب ٿي فرمائڻ لڳا، تنهنجو سوال هي آهي ان جو جواب هي آهي؟

نعيم بن حماد رحمة الله عليه **جو موت جيل ۾ ٿيو:**

مروزي چيو تہ: مصيبتن تي ڪنهن اهڙو صبر نہ ڪيو جهڙو ڇهن شخصيتن ڪيو.

أَحْمَد بْن حَنْبَل أَبُو عَبْد اللَّهِ، وأَحْمَد بْن نصر بْن مالك الخزاعي، ومحمد بْن نوح بْن ميمون المضروب، ونعيم بْن حماد، وقد مات في السجن مقيدا.[2]

---

[1] مرآة الجنان وعبرة اليقظان (3/ 361) لأبي محمد عفيف الدين عبد الله بن أسعد بن علي بن سليمان اليافعي (المتوفى: 768هـ)
الناشر: دار الكتب العلمية، بيروت لبنان

[2] تاريخ بغداد (6/ 397)

امام احمد بن حنبل ابوعبد الله، احمد بن نصر بن مالڪ خُزائي، محمد بن نوح بن ميمون المضروب، نعيم بن حماد جيڪو جيل ۾ قيد جي سزا ۾ وفات ڪري ويو.

قبر تائين قرآن پڙهندو ويو: خطيب بغدادي لکيو: عبد العزيز بن يحييٰ بيان ڪيو ته: جڏهن عباسي بادشاهه واثق بالله احمد بن نصر کي قتل ڪيو ته:

قتل أَحْمَد بْن نصر، وكَانَ لسانه يقرأ القرآن إِلَى أَن دفن [1]

جڏهن پاڻ قتل ڪيو ويو ته قبر ۾ دفن ٿيڻ تائين سندس زبان الله جو قرآن پڙهندي رهي.

حضرت ابراهيم بن ادهم رحمة الله عليه **کي سخت ڏُکويو ويو:**

پنهنجو واقعو خود بيان فرمائن ٿا ته هڪ دفعي ڪنهن مسجد ۾ سمهڻ لاءِ ويس ليڪن ماڻهن مسجد ۾ مون کي جاءِ نه ڏني. مان ان وقت ايتري قدر ته ٿڪل هئس جو اٿي بيهي نه ٿي سگهيس. جنهن ڪري ڪيترا ماڻهو مون کي ٽنگن کان جهلي گهلڻ لڳا. ان مسجد کي ٽي ڏاڪا هئا. گهلينديءَ گهلينديءَ جڏهن پهرئين ڏاڪي تي منهنجو متو لڳو ته مون تي ولايت جو راز ظاهر ٿيو. اهڙيءَ طرح مون کي هيٺ گهليندا رهيا ۽ ٽنهين ڏاڪن سان منهنجو متو ٽڪرجندو رهيو ۽ ٽئي دفعا مون تي راز ظاهر ٿيندا رهيا. اهو ڏسي آءٌ ڏاڍو خوش ٿيس ۽ دل ۾ چيم ته ڪاش! هن مسجد کي اجا به وڌيڪ ڏاڪا هجن ها. [2]

هڪ ڏينهن پاڻ جهنگ ۾ ويا اتي هڪ سپاهيءَ کانئن پڇيو ته تون ڪير آهين؟ پاڻ فرمايائون ته مان الله جو بندو آهيان. سپاهيءَ وري پڇيو ته ڪٿي رهندو آهين؟ پاڻ قبرستان جي طرف اشارو ڪندي فرمايائين ته هُن طرف. سپاهيءَ سمجهيو ته مون سان مذاق ٿو ڪري ۽ ڪين ڏاڍو ماريائين. ايتري قدر جو سندن مٿي مان خون وهڻ لڳو. پوءِ ڪين ڇڇيءَ ۾ رسو وجهي ماڻهن وٽ وٺي آيو. جڏهن ماڻهن حضرت جن کي ڏٺو تڏهن انهن چيو ته اي بدبخت! هي ته ابراهيم بن ادهم آهي. تو هي ڇا ڪيو آهي؟

---

[1] تاريخ بغداد (6/397)

[2] تذكرة الاولياء: ص 115

اهو بڌندي سپاهي سندن پيرن تي ڪِري معافي طلب ڪئي. پاڻ فرمايائون تہ مون سان جيڪو تو سلوڪ ڪيو آهي مان ان جي بدلي تنهنجي لاءِ دعا خير ٿو ڪران، چاڪاڻ تہ تنهنجي اهڙي سلوڪ جي عيوض مون کي جنت نصيب ٿي آهي ۽ مان نہ ٿو چاهيان تہ تون جهنم ۾ وڃين.[1]

شيخ احمد رفاعي رحمة الله عليه کي ايذايو ويو:

اڄ بہ عرب عجم ۾ رفاعي سلسلي سان لکين مسلمان وابستہ آهن جيڪي ان بزرگ کان روحاني فيض حاصل ڪندا آهن. سندن دور ۾ ان ولي الله خلاف فتوائون ڪڍيون ويون، کين طرحين طرحين تڪليفون ڏنيون ويون.

حضرت امام غزالي رحمة الله عليه کي ڏُکايو ويو :

جڏهن پاڻ ڪتاب احياء العلوم لکيائون تہ کين وڌيون تڪليفون ڏنيون ويون. امام يافعي بيان ڪيو تہ ابوالحسن علي بن حرزهم جيڪو مشهور فقيہ هيو اهو غزالي جي احياءِ العلوم جو شديد مخالف هيو. حڪومت ۾ هَلندي پُڄندي وارو هيو. غزالي خلاف حڪومتي سطح تي مخالفانہ تحريڪ هلايائين. سڀني کي حڪم ڏنائين تہ احياء جا نسخا جامع مسجد ۾ گڏ ڪيو تہ انهن کي جمعي جي ڏينهن ساڙيو ويندو. ان جمعي جي رات خواب ۾ ڏٺائين تہ مسجد ۾ رسول الله ﷺ تشريف فرما ٿيا آهن. ابوبڪر صديق ۽ عمر فاروق رضي الله عنهما ساڻن گڏ آهن. امام غزالي حبيبن جي بارگاهہ ۾ سامهون بيٺو آهي. جڏهن ابن حرزهم آيو تہ امام غزالي فرياد ڪندي چيو تہ يا رسول الله هي منهنجو دشمن آهي. اگر واقعي ائين آهي جيئن هي چوي ٿو تہ مان توبہ ڪيان. پر اگر ائين نہ آهي تہ يا رسول الله منهنجو فيصلو اوهان ڪيو.

ثم تأول النبي ﷺ كتاب الإحياء. فتصفحه النبي ورقة ورقة من أوله إلى آخره.

ثم قال: والله إن هذا لشيء حسن.

پوءِ ڪتاب احياءِ العلوم نبي ڪريم ﷺ جي هٿ مبارڪ ۾ ڏنائين پاڻ ڪريمن اول کان آخر تائين پنو پنو ڪري ورق اٽلايا پوءِ فرمايائون الله جو قسم هي تہ تمام سٺو ڪتاب

---

[1] تذڪرہ الاولياءِ : ص121

آهي. پوءِ ابوبکر صديق بہ ڏنو ان بہ چيو تہ يا رسول الله جنهن اوهان کي حق جو نبي بنائي موڪليو آهي هي تمام سئو ڪتاب آهي. پوءِ فاروق اعظم بہ ڏنو ۽ ان بہ واکاڻ ڪئي. پوءِ نبي ڪريم ﷺ حڪم ڏنو تہ ابن حرزهم کي پهتان هٿ واري ماڻهو جي حد جاري ڪري ڪوڙا هنيا وڃن. پوءِ ڪيس ڪوڙا هنيا ويا. جڏهن سجاڳ ٿيو تہ اهي ڪوڙن جا نشان پٺي تي هيس ۽ پوري عمر انهن ڪوڙن جو سور محسوس ڪندو رهيو. امام يافعي پنهنجي ثقہ راوين جي سند سان ابوالحسن شاذلي کان روايت آندي آهي جيڪو ابن حرزهم جو همعصر هيو چيائين:

ولقد مات الشيخ أبو الحسن ابن حرزهم يوم مات وأثر السياط ظاهر على ظهره.

جنهن ڏينهن شيخ ابوالحسن ابن حرزهم وفات ڪئي تہ سندس پٺيءَ تي ڪوڙن جا نشان ٻيئل هئا[1]

بايزيد بسطامي رحمة الله عليه ڪي پٿر هنيا ويا:

هن ڪامل ولي الله جنهن جو فيض اجتائين دنيا جي هر خطي کي منور ۽ معطر ڪري رهيو آهي ان جي خلاف وقت جي مفتي اعظم ڪفر جي فتويٰ لڳائي. ڪين بسطام کان ٻاهر ڪيو ويو. مٿن طرحين طرحين جا الزام مڙهيا ويا.

حضرت پير سائين روضي ڏٽي رحمة الله عليه جي ملفوظات شريف ۾ آهي تہ:

"فرمايائون: سلطان العارفين بايزيد بسطامي رحمة الله عليه ڪڏهن ڪڏهن هڪ شهر ۾ ويندو هو ۽ شهر جا ماڻهو شيخ سان محبت ڪندا هئا، ان شهر جي عالمن بادشاهہ کي ٻڌايو تہ هڪ فقير ڪڏهن ڪڏهن شهر ۾ اچي ماڻهن کي گمراهہ ڪندو آهي، جيڪڏهن اجازت ڏيو تہ ڇوڪرن کي چئون جو هن کي پٿر هڻي شهر مان ٻاهر ڪيڙي ڇڏن تہ جيئن ٻئي دفعي شهر ۾ نہ اچي ۽ ماڻهو سندس گمراهي کان بچي سگهن!

بادشاهہ اجازت ڏني تہ جيڪي وٽيوَ سو ڪريو، توهان کي اختيار آهي، ظاهري عالمن شهر جي وڏن ننڍين ڇوڪرن کي گڏ ڪري شيخ کي پٿر هڻي مٿو زخمي ڪري وڏائون ۽ ان کي شهر مان ٻاهر ڪيڙي ڇڏيائون، پوءِ شيخ ٻيجي وڃي جهنگل ۾ پهتو! هوڏانهن ان جهنگل ۾ ابدالن مان چار ماڻهو شيخ کي ڳولهي رهيا هئا ۽ انهن ڏنو تہ هڪ وڏو نانگ بہ

---

[1] كتاب تعريف الأحياء بفضائل الإحياء

شيخ صاحب کي ڳولهي رهيو هو، ابدالن نانگ کان پڇيو ته ڪنهن جي ڳولها ۾ آهين؟ نانگ چيو ته جنهن کي توهان ڳولهيو ٿا مان به ان کي ڳولهيان ٿو، انهن چيو ته عارفن سان تو کي ڪهڙي مناسبت ۾ معرفت؟ نانگ جواب ڏنو ته مان توهان کان وڌيڪ انهن کي سڃاڻان ٿو! ۾ توهان جو سڃاڻڻ به اهو آهي نه؟ جو اڄ ان شيخ کي پٺ هڻي زخمي ڪري، شهر مان ٻاهر ڪيي ڇڏيو اٿو!"[1]

جنهن کي ظاهر جي عالمن پٺر پئي هڻايا ابدال ان جي تلاش ۾ هئا؟
هاڻي اهي ظاهر جا عالم صحيح هئا يا ابدال صحيح؟؟

حضرت امام رباني رحمة الله عليه کي قلعي ۾ قيد ڪيو ويو:

امامِ طريق نقشبند، مُجددِ سرهند، فيوضات نقشبنديه جو بحرِ ذخار، ولين جو تاجدار حضرت امام رباني مجدد منور الف ثاني شيخ احمد فاروقي سرهندي رحمة الله عليه .

جيڪو سرزمين هند ۾ اسلام جو نگهبان هيو. ڪروڙ ارض تي اڄ به مجددي فيض جو درياءُ چوليون هڻي رهيو آهي. سندن وقت ۾ سندن ٻي انداز مخالفت ٿي. سندن مکتوبات ۾ ترميمون ڪري غلط ترجما ڪري بادشاهِ وقت کي پڙڪايو ويو. جنهن کين گوالیار جي قلعي ۾ قيد ڪرايو. مٿن فتوائون لڳايون ويون. پرپور قوت سان سندن مخالفت ڪئي وئي. پر وقت فيصلو ڏنو ته حق تي ڪير ۽ ناحق تي ڪير آهي؟[2]

دوستُ ڏِنائِين دِل سين، وِرڇِي تان نہ وِهي؛
لانچي لَڪَ، لَطِيفُ چئي، پُهتُن مَنجِهہ پِهي؛
سَندي نِينهن نِهي، ڪِي سَرفِرازُ سَسُئِي.

ابوالحسن شاذلي رحمة الله عليه کي ملڪ بدر ڪيو ويو:

امام ابوالحسن شاذلي رحمة الله عليه موجوده مراکش جي هڪ شهر ۾ پيدا ٿيا هئا. پنهنجي مرشد شيخ عبدالسلام رحمة الله عليه وٽ سلوڪ مڪمل ڪرڻ بعد مخلوقِ خدا کي فيض ڏيڻ جي

---

[1] ملفوظات شريف حضرت پير سائين روضي ڏٽي قدس سره ج 2 باب 14، فصل 1، ص 310،

[2] سندن سوانح جا ڪتاب امڙ واقعن سان پريل آهن.

غرض سان مختلف مقامات ڏانهن هجرت ڪندا اچي تيونس ۾ پهتا. تيونس ۾ تن ڏينهن ۾ ابو زڪريا نالي هڪ مسلمان بادشاهه حڪومت ڪري رهيو هيو. مُلڪ جو قاضي ابن البرا جي نالي سان هڪ تنگ نظر متعصب شخص هيو. ڪجهه ئي ڏينهن جي اندر امام شاذلي رحمة الله عليه جو فيض تيونس جي ڪنڊ ڪڙ تائين ڦهلجي ويو. ماڻهو فوج در فوج شاذلہ شهر ۾ حضرت جن جي خانقاهه طرف اچڻ لڳا. سندن وڏندڙ شهرت ابن البرا جي متعصب مزاج مٿان گران گذري. بادشاهِ وقت وٽ بزرگ جي شڪايت ڪندي چيائين تہ: "شاذلہ شهر جي رهواسين ۾ هڪ گڏهن جو چور (معاذ الله) آهي، جيڪو شرافت جي دعويٰ ڪري ٿو. ماڻهن جو جِم غفير اُن جي پٺيان آهي. ان مان اوهان جي حڪومت کي خطرو آهي. پوءِ بادشاهه کين دربار ۾ طلب ڪيو. سندن معاند ۽ مخالف بہ ڪُل اچي ڪَنا ٽيا.

اهي سوال ڪندا رهيا پاڻ انهن جو تسلي بخش جواب ڏيندا ويا. تانجو اهي سڀ لاجواب ٿي ويا. پوءِ بہ ابن البرا پنهنجي دشنام طرازين کان مائو نہ ٿيو. ①

تانجو کين ملڪ بدر ڪرايائين. پاڻ اسڪندريہ وڃڻ جو ارادو ڪيائون تہ مخالف اتي بہ پهچي ويا اتي اها پرچار ڪيائون تہ ان کي اچڻ نہ ڏجو. پوءِ پاڻ ڪيترن سالن تائين پيڙين ۾ سوار دريائن ۾ هلندا رهيا. ان بحري سفرن ۾ رب العالمين کين "حزب البحر" دعا عطا ڪئي. سوين سال گذريا ويا آهن اڄ بہ ڪامل اولياءِ دعا حزب البحر کي وظيفي طور پڙهي برڪتون حاصل ڪندا آهن. هي اهو شاذلي آهي جيڪو امام جلال الدين جو بہ استاد آهي. سندن سوانح نگارن لکيو آهي تہ پاڻ قاهره ۾ آيا تہ ازهر جي علماءِ ۾ بحث هلي رهيو هيو تہ الله جو قرب ذاتي آهي يا علمي؟ امام شاذلي کان اهو سوال پڇيائون. پاڻ فرمايائون: قرب ذاتي آهي. چيائون دليل ڏيو؟

فرمايائون دليل ٻن قسمن جا آهن. علمي ٻيو ذوقي چيائون علمي ٻڌايو؟ پاڻ جڏهن ان تي علمي دلائل ڏنائون تہ عالم حيران رهجي ويا. وري فرمايائون ان جو دليل ذوقي بہ آهي. جنهن جي دل گهري منهنجي هٿ ۾ هٿ ڏئي تہ هن ئي دم ۾ انکي قرب الاهي ذاتي

---

① درة الاسرار و تحفه الابرار جي انگريزي ترجمي تان ورتل ملخصاً ص 9 کان 10.

تائين پهچائي ڇڏيان. اهڙي الله جي عارفن متان فتوائون هنيون ويون ۽ انهن کي طرحين طرحين تکليفون ڏنيون ويون.

شيخ فريد الدين گنج شکر رحمة الله عليه **جي شان ۾ گستاخي ڪئي وئي:**

ڪتاب فوائد الفؤاد ۾ آهي شيخ نظام الدين دهلوي رحمة الله عليه فرمايو ته : هڪ پيري ڪجهه بي پرواهه ماڻهو حضرت شيخ فريد الدين گنج شڪر رحمة الله عليه جي خدمت ۾ حاضر ٿيا. پنهنجي عادت مطابق کين گهٽ وڌ ڳالهائڻ شروع ڪيائون. تانجو کين چوڻ لڳا تون مَهَنتُ (جوڳين يا ساڌوئن جو سردار) بڻيو خلق کي گمراهه ڪري رهيو آهين." حضرت شيخ فريد الدين رحمة الله عليه ورندي ڏيندي فرمايو مان پاڻ مَهَنتُ ٿي ٿورئي وينو آهيان، مون کي خدا تعالىٰ ويهاريو آهي. پوءِ اهي کين ناشائسته الفاظ چوندا هليا ويا.

خواجه نظام الدين رحمة الله عليه **کي ناشائسته ڪلما چيا ويا:**

حضرت خواجه نظام الدين اولياء دهلوي رحمة الله عليه جي مجلس هلي رهي هئي ته هڪ ماڻهو آيو جنهن روبرو کين گهٽ وڌ ڳالهايو. پاڻ ان جي بدڪلاميءَ جو ذري برابر خيال نه ڪيائون بلڪ ان جي حاجت روائي ڪيائون ۽ پوءِ فرمايائون ته اسان وٽ اهڙا ماڻهو به اچڻ گهرجن. گهٽا ماڻهو پاڻ سان نذر نياز ڪٽي اچن ٿا پنهنجو سِرُ اسان جي قدمن تي رکن ٿا. پر اهڙا ماڻهو به اچڻ گهرجن جيڪي اچڻ شرط گاريون به ڏين ۽ اسان کان ڪجهه حاصل ٻ ڪري وڃن.

ان کانپوءِ هي حڪايت بيان فرمايائون ته هڪ پيري ڪيترائي بڪواس ڪندڙ ماڻهو مون وٽ آيا ۽ مونکي گهٽ وڌ چوڻ لڳا، مون انهن کي جواب نه ڏنو. جڏهن صفا لاچار ٿي پيا ته ائين چئي هليا ويا ته جيسين تائين جهان باقي هجي اسان جي لاءِ پلائي ۽ تنهنجي لاءِ برائي هجي. [1]

خواجه بهاءالدين زڪريا رحمة الله عليه **متان پٿر اڇلايا ويا:**

---

[1] فوائد الفواد، حصو پيو پنجين مجلس ص 122 تا 123، مترجم: شمس بريلوي، ناشر: منظور بڪ ڊپو، دهلي.

هڪ پيري بعض شرير ماڻهو حضرت خواجه بهاؤ الدين زڪريا جي خدمت ۾ ويا. پاڻ اهڙن شرير ماڻهن جي اچڻ سان ڏاڍو ناراض ٿيندا هئا ۽ پاڻ وٽ اهڙن ماڻهن کي اچڻ نه ڏيندا هئا. الغرض انهن سائين جن کان ڪجهه طلب ڪيو پاڻ نه ڏنائون. ان تي باهر وڃي بيهوده گوئي ڪرڻ لڳا. ايستائين جو گاريون ڏيڻ لڳا ۽ پٿر اڇلائڻ لڳا. حضرت خواجه بهاؤ الدين ارشاد فرمايو ته خانقاهه جو در بند ڪريو. حسبِ حڪم در بند ڪيو ويو. انهن نالائقن دروازي تي پٿرن جي برسات شروع ڪري ڇڏي. پاڻ جوش ۾ اچي ويا اُنهن کي گهرائي فرمايائون مان هتي پاڻ پنهنجي مرضيءَ سان نه وينو آهيان. مون کي هڪ ڪامل قوت هتي ويهاريو آهي. جنهن جو نالو شيخ شهاب الدين سهروردي رحمة الله عليه آهي. انهن مٿان اهڙي هيبت طاري ٿي جو سائينجن جي قدمن تي ڪريا ۽ معافي وٺي هليا ويا. [1]

مخدوم آدم ٺٽوي رحمة الله عليه کي شهيد ڪرڻ جو منصوبو:

جڏهن سندن مرشدن خواجه محمد معصوم سرهندي رحمة الله عليه کين خرقهءِ خلافت عطا فرمائي سندن ڏانهن تبليغ لاءِ موڪليو. پاڻ هتي اچي تبليغ شروع ڪيائون ته سندن فيض و برڪت جي هاڪ پري پري تائين پکڙجي وئي. مخالفن جوسلسلو به شروع ٿي ويو. سندن سوانح نگار لکن ٿا: "سندن شان و شوڪت، عظمت و مقبوليت هم عصر علماء و نام نهاد صوفياء کي حسد ۽ رشڪ ۾ مبتلا ڪري وڌو. چنانچه ان زماني ۾ ٺٽي ۾ هڪ شخص رهندو هيو جيڪو ماڻهن ۾ اثر رسوخ رکندڙ هيو. پر سندن اچڻ سان ان جي ان آن و شان ۾ فرق اچڻ لڳو. هن جي آستاني تي اها رونق نه رهي جيڪا مخدوم صاحب جي تشريف آوريءَ کان اڳ هئي. جنهن ڪري هن جي اندر ۾ تعصب ۽ حسد جي باهه پڙڪي پئي. پهريان ته هُو فقط مخدوم صاحب جي برائي ڪندو هيو ۽ ان جي روحاني ڪمال جو انڪار ڪندو هيو. پر پوءِ ان جو حسد ايڏو پڙڪي پيو جو هُن حضرت مخدوم صاحب کي شهيد ڪرڻ جو ارادو ڪيو. هڪ پيرو هُو مخدوم کي هلاڪ ڪرڻ جي غرض سان اُن رستي جي ڪنهن ڪَنڊ ۾ ڇپ هٽي ويهي

---

[1] فوائد الفواد، حصو پيو پنجين مجلس ص 122 تا 123، مترجمه: شمس بريلوي، ناشر: منظور بڪ ڊپو، دهلي.

رهيو جتان مخدوم صاحب روزانو لنگهندا هئا. فردوس العارفين وارو لکي ٿو جنهن مهل حضرت مخدوم صاحب ان جي پر مان لنگهيا ۽ ان ڏانهن نگاهه ڪئي نهاريائون ته ان تي عجيب ڪيفيت طاري ٿي پئي. انهيءَ ڪيفيت ۾ ان جي هٿان خنجر ڪري پيو ۽ هُو پاڻ ۾ مخدوم صاحب جي پيرن تي ڪري پنهنجي لغزش جي معافي ونڊڻ لڳو. بعد ۾ ڪانئس ڪنهن پڇا ڪئي ته تون ته مخدوم صاحب کي مارڻ جي نيت سان ويو هئين. توکي ڇا ٿي ويو جو سائين جن جي قدمن تي ڪري پئين. ڇا ماجرا هئي؟ چوڻ لڳو ته جنهن وقت مخدوم صاحب مون کي ويڇهو ٽيا ۽ مون مارڻ جي خيال کان نگاهه سندن مٿان وڌي ته مون کي سمٿي حبيب ﷺ جي زيارت نصيب ٿي. ڏٺم ته حضور ﷺ خود مخدوم صاحب جو هٿ پنهنجي هٿ مبارڪ ۾ جهليو ۽ ان جي اڳيان اچي ويا. بس اهو ڏسي مان شرم وچان پاڻي پاڻ ٿي ويس. منهنجي حالت بدلجي وئي. ان وقت کان مان مخدوم صاحب جي عظمت جو قائل ٿي پيس.“ [1]

حضرت پير مهر علي شاهه رحمة الله عليه مٿان قاتلاڻا حملا:

جڏهن حضرت صاحب جن جي شُهرت پري پري تائين پکڙجي وئي ته حاسدن مخالفت ڪرڻ شروع ڪئي. ايتري حد تائين جو مٿن قاتلاڻا حملا پڻ ڪيا ويا:

خنجر ڪٽي آيو: هڪ پيري هڪ بدبخت سائين جن کي شهيد ڪرڻ لاءِ خنجر ڪٽي سائين جن جي آرام واري پلنگ هيٺان لکي ويٺو. عشاء جي نماز پڙهائڻ بعد سائين جن واپس وريا ۽ پنهنجي پلنگ تي آرامي ٿيا. اتفاق سان پاسو ورائيندي سائين جن جي هانءَ مبارڪ پلنگ کان هيٺ لڙڪي ان جي جسم سان ٽڪرائجي پئي. جنهن تي هُو صفا پڳهر جي ويو ۽ ڇڪجي ويو. سائين جن تي حملي ڪرڻ جي جرئت نه ڪري سگهيو.

اڳهاڙي ترار ڪٽي آيو: هڪ پيرو هڪ همراهه اُگهاڙي تلوار ڪٽي سائين جن مٿان وارُ ڪرڻ آيو. اُن وقت سائين جن وڃ جي هيٺان ڪٽ تي ليٽيل هئا. پر جاڳي رهيا هئا. پر هتي به قتل جي ارادي سان ايندڙ همراهه کي جرئت ٿي نه سگهي. ڪجهه دير اُگهاڙي

---

[1] سندهءَ صوفيائے نقشبند، صاحبزاده ابوالخير محمد زبير، ج اول، ص 77، فردوس العارفين قلمي از مير بلوچ مؤلفه 1201ھ ص 18

تلوار کٹي ويئو رهيو. سائين جن فرمايس، "ادا تون جنهن کي سان هتي آيو آهين، سو ڇو نه ٿو کرين!" همراهه تلوار اڇلائي سائين جن جي قدمن تي ڪري پيو ۽ روئڻ لڳو.

کين زهر ڏنو ويو: هڪ بدبخت ساڳ جي پاڇي رڌي اُن ۾ زهر ملائي کٽي آيو. سائين جن کي شڪ ٻ پئجي ويو هيو ته ان ۾ زهر آهي. پر پاڻ بعد ۾ فرمايائون ته اسان انهيءَ جي دل رکڻ لاءِ زهر کاڌوسين. اسان کي پڪ هئي ته ٽيندو اهو جيڪو رب چاهيندو. نيٺ کائڻ کانپوءِ ڪجهه دير تائين زهر جو اثر رهيو. پوءِ پاڻ ٺيڪ ٿي ويا.

مٿن جادو جو وار ڪيو ويو: هڪ پيري سري نگر جي برهمڻ جادوگر کان مٿن کارو جادو کرايو ويو. انڪري کيترا ڏينهن مٿن بيهوشيءَ جا دورا پوندا رهيا. نيٺ ڪجهه ڏينهن بعد کين خبر ملي ته جادوگر جو جادو آهي. پاڻ فرمائڻ لڳا ته مون کي ائين محسوس ٿيو شايد مون کي ڪا بيماري آهي. جادوگر جو جادو مون کي ماري نه ٿو سگهي. ائين فرمائي پاڻ ويهي رهيا. ڪجهه ڏينهن بعد صحتياب ٿي ويا. ①

سلطان الاولياء رحمة الله عليه **کي ايڏايو ويو:**

سلطان الاولياء خواجه محمد زمان لنواري شريف وارن کي سلسلهٔ عاليه نقشبنديه ۾ حضرت ابوالمساکين خواجه محمد رحمة الله عليه کان اجازت حاصل هئي. سندن مرشدن کين نه فقط اجازت ڏني بلڪه پنهنجي خانقاه سندن حوالي ڪري پاڻ حجاز مقدس ڏانهن هليا ويا. سلطان الاولياء رضي الله عنه جڏهن رُشد و هدايت جي سلسلي جو آغاز فرمايو ته سندن فيض هر پاسي رنگ لائي ڇڏيا. بي شمار ماڻهو سندن دستِ حق پرست تي بيعت ڪري واصل بالله بنيا. هيڏهون سائين جن جو فيض عام ٿيو ته هوڏهون حاسدن ۽ معاندن جو حسد و عناد شروع ٿيو. وڏي پئماني تي حاسدن مخالفتون شروع ڪيون. سائين جن کي تڪليفون ڏيڻ شروع ڪيائون. آخر تنگ ٿي پاڻ ڏٽي کي خيرباد چئي "لنواري شريف" ۾ اچي رهيا. ②

امام العارفين حضرت پير روضي ڏٽي رحمة الله عليه **کي تڪليفون ڏنيون ويون:**

---

① ان واقعن کان سواءِ ڪيترن ئي مولوين سندن شديد مخالفت ڪئي. طرحين طرحين طعنہ ڏنا. ان جي تفصيل جي لاءِ ملاحظہ ڪيو سندن سوانح "مهر منير" جو باب پنجون فصل يارهون بعنوان "آزمائش کي چند گهڙيان." ص 301

② سندھ کے صوفیائے نقشبند، صاحبزادہ ابوالخیر محمد زبیر، ج اول، ص320

ملفوظات شريف ۾ حضرت خليفي محمود رحمة الله عليه لکيو آهي ته ؛ هڪ ڏينهن لاڙڪاٽي جي سفر ۾ حضرت پير سائين جن وڏي صاحبزادي سان سوار ٿيو آيا پي ۾ آئون به ساٿن گڏ هيس. به هٿيار بند ماڻهو شهر ۾ تابوت جي انگاس وٽ ٻيٺا هئا. جڏهن پير سائين جن انهن وٽ پهتا، ته انهن ماڻهن تمام خراب لفظ زبان تي آندا، جيڪي بيان ڪرڻ جي لائق نه آهن ۾ اهي جميڙي ڪرڻ لاءِ تيار ٿيا. پير سائين جن جيئن ته ڪمال بردباري وارا هئا، تن اهي لفظ ٻڌا ان ٻڌا ڪري ڇڏيا ۾ اتان واپس سواري کي ورايائون ۾ فقيرن مان اها ڪنهن کي به خبر نه پئي پر هن فقير کي ويجهي هجڻ سبب خبر پئي.①

حضرت پير سائين جن فرمايو ته هڪ پيري پوک ٻاهر، پاسي ۾ مينهون ٿي چاريم. مال پوک جو ڪو نقصان به نه ڪيو هو. مگر پوءِ به هاري مون کي مُنهن تي چمات هنئي. مان ٽپ سان جواب ڏيڻ جي طاقت رکڻ جي باوجود کيس ڪجهه نه چيو ۾ ان کي معاف ڪري ڇڏيو.②

چگن ساڻ چگائيون هر کو ڪري هوءِ،
تو جيان نه کوءِ، ڪري برن ساڻ پلائيون.

الله جي عارفن جو ڪردار اهو رهيو آهي جو مخالف کي منهن توڙ جواب ڏيڻ جي طاقت هوندي به جواب نه ڏنائون. برائي کندڙن کي معاف ڪري ڇڏيائون.

ہم ہیں خاموش کہ برہم نہ ہو عالم کا نظام تم سمجھتے ہو کہ شاید قوتِ فریاد نہیں

شاهه ولي الله محدث دهلوي رحمة الله عليه جي شديد مخالفت ٿي:

1737 ع ۾ جڏهن پاڻ قرآن جو فارسي ترجمو ڪيائون علماءِ سندن خلاف مخالفت جون تلوارون مياڻ مان ڪڍيون. سندن ايتري شديد مخالفت ٿي جو کين جان جو خطرو ٿي پيو، ان ڪري پاڻ ڪافي عرصو دهلي کي ڇڏي ٻاهر وڃي رهيا هئا.③

---

① ملفوظات شريف ج 2 ص 232، 233

② ملفوظات شريف ج 2 ص 393

③ رود ڪوثر ص 519 ناشر فيروز سنز لاهور .

ڏاڳهن، ڏيرن، ڏونگرن، ٽنهي ڏنهن ڏڪ:
سي سَپ پاڻيهر سُڪ، هيڪاندِ ڪارڻ هوتَ جي.

حضرت مخدوم بلال رحمة الله عليه **کي شهيد ڪيو ويو:**

حضرت مخدوم بلال سنڌ متان راڄ ڪندڙ سما خاندان جا چشم و چراغ هئا. چون ٿا ته پاڻ سمہ عهدِ حڪومت جي مشهور و معروف بادشاهه جام نظام الدين جا سڳا پاءُ هئا ۽ سنڌ جي ان وقت جي تخت گاهه ٺٽي ۾ مقيم هئا. پر پنهنجي عارفانه مزاج باعث شاهي گهراٽي کان عليحده ٿي درويشي اختيار ڪيائون. هجرت ڪري اچي باغبان يا ٽلٽي (موجوده ضلع دادوءِ) ۾ رهائش پذير ٿيا. طريقت ۾ کين ڪبروي سلسلي جي اجازت حاصل هئي.[1] ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ خان جي تحقيق موجب کين نقشبندي سلسلي جي نسبت پڻ حاصل هئي. ان تحقيق جي بنياد تي ئي ڊاڪٽر صاحب مخدوم صاحب کي سنڌ ۾ پهريون نقشبندي بزرگ قرار ڏئي ٿو.[2]

جڏهن ارغونن سنڌ متان ڪاهه ڪئي ۽ سندن لشڪر باغبان (ٽلٽيءِ) وٽان اچي لنگهيو تڏهن مخدوم صاحب بمع مريدين ومتعلقين ساڻن زبردست مقابلو ڪيو.[3]

ان جي باوجود به ارغونن جي فوج باغبان مان گذري وڃي ٽلٽي پهتي ۽ سنڌ متان قابض ٿي وئي. ٽلٽي ۾ ان جي پسگردائيءَ جي ماڻهن ڏاريين جي حاڪميت قبول نه ڪئي. ارغونن کي اطلاع ڏنو ويو ته عوام الناس جي مزاحمت جو اصل ڪارڻ مخدوم صاحب جي ذات آهي. ان جي ڪري ئي ارغون حاڪم شاهه بيگ مخدوم کان ويرَ وٺڻ جو ارادو ڪيو ۽ آخرڪار مخدوم صاحب کي شهيد ڪيو ويو.[4]

---

[1] "تذڪره مشاهير سنڌ"، مولانا دين محمد وفائي، جلد پهريون، ص 63.

[2] "سنڌ ڪي صوفياء ڪرام"، صاحبزاده ابوالخير محمد زبير، رڄ اول، ص 461.

[3] سندن مزاحمت جي اصل سبب جي کوجنا ڪندي بعض محققين قومي غيرت کي اهميت ڏني آهي. ملاحظہ ڪيو مولانا دين محمد وفائيءِ جو ڪتاب تذڪره مشاهير سنڌ، ص 63 ۽ جي ايم سيد جو ڪتاب "سنڌ جا سورما". جڏهن ته ڪجهه محققن جي راءِ آهي ته مخدوم صاحب ۽ سندن جماعت اسلامي سلطنت جي دفاع لاءِ لڙيا. ان راءِ جو اظهار تاريخ و تذڪره بزرگان سنڌ ۾ ڪيو ويو آهي.

[4] "تذڪره مشاهير سنڌ"، جلد پهريون، ص 66.

مخدوم صاحب جي شهادت جا تفصيل قلمبند ڪندي بعض محقق لکن ٿا تہ مخدوم صاحب کان انتقام ونڻ لاءِ ارغونن ڪجھ مُلن کان ڪفر جي فتويٰ ورتي.[1]

سائين جن کي شهيد ڪرڻ جي لاءِ جيڪا سزا منتخب ٿي سا شايد روءِ زمين تي اڳ ڪڏهن نہ آزمائي وئي هئي. جنهن جي تصور ڪرڻ سان لڳ لرزي وڃن ٿا. ظالمن فيصلو ڪيو تہ مخدوم صاحب کي جيئري گھاٽي ۾ پيڙهيو وڃي. نيٺ ظالمن کين گھاٽي ۾ پيڙهي شهيد ڪري ڇڏيو.[2]

ڪوڙين ڪاياڻون تُنهنجيون، لِکَن لَکَ هزارَ؛
جِيءُ سيکنهن جيءُ سين، دَرسن ڏارون ڏَارَ؛
پِرَيمِ تنهنجا پارَ، ڪهڙا چئي ڪيئن چوان.

اختلافن جي صدي

هونئن تہ هر دور ۾ اهل حق سان مفسد ماڻهن جا اختلاف رهيا آهن انهن سان عداوتون ۽ مخالفتون ٿيندڙيون رهيون آهن. پر هي وقتُ عداوتن جي عروج ۽ ڪمال درجي جو آهي. اسلامي تاريخ جي هرصدي جي ڪا نہ ڪا خصوصيت رهي آهي. هن صدي ڪي اگر "اختلافن جي صدي" ڪري سڏجي تہ بيجا نہ ٿيندو. هن صدي ۾ اسان جي اڪابرين مان مشڪل سان ڪو بچيو هجي جنهن تي ڪفر جي فتويٰ نہ لڳي هجي. يا وري اهو ڪفر جي فتويٰ جي زد ۾ نہ آيو هجي.

---

[1] "سنڌ جا سورما"، ص 40.

[2] "تاريخ و تذڪره بزرگان سنڌ" مؤلف: مخدوم الحاج شفيع محمد عرف عبدالخالق هاشمي، ص 52، "سنڌ جا سورما"، ص 40.

ڪفر جھڙي قَبيح ۾ شَنيع ٻي ڪا شيءِ ڪانہ آهي. ڪفر جي فتويٰ جي منحوس مرضَ معاشري کي اهڙو لپيٽ ۾ ورتو آهي جو ان کان ڪو مسلمان مشڪل بچي سگهيو هجي. ڪي جلد باز ۾ ڪافر ساز مولوي جنهن تي ٿا مڇرجن تہ ان تي ڪفر جي فتويٰ ڏيڻ کان گهٽ ڪنهن ڳالھ تي انهن جو روح نہ ٿو ريجهي. وري حد تہ اها ٿي وئي جو چون ٿا تہ جيڪو فلاڻي جي ڪافر هجڻ ۾ شڪ ڪري سو پاڻ ڪافر آهي. ان طرح هڪ بزرگ کي ڪفر جي فتويٰ هٽڻ بعد ان جا لکين مُريدين، مُحبين، معتقدين ۾ عام مسلمين ۾ مؤمنين جيڪي ان بزرگ ۾ سڙو عقيدو ۾ سڙو گمان رکڻ وارا آهن سي سڀ انهن جي هڪ فتويٰ جي زد ۾ اچي انهن جي زعم مطابق ڪافر ٿي وڃن ٿا.

اسان جي اسلاف پوري عمر تبليغ ڪري ڪافرن کي مسلمان بنايو هيو ۽ اڄ جي انهن صاحبن جون سڀ توانائيون ان ڪم ۾ صرف ٿي رهيون آهن تہ ڪهڙي طرح ڪنهن مسلمان کي ڪافر بنايو وڃي. حالانڪہ حق تہ هي آهي تہ اگر ڪنهن مسلمان جي قول ۾ ڪو ڪفر جو شائبو هجي ٻہ سهي تہ ٻہ ان جي ڪا سُڻي تاويل ڪرڻ گهرجي.

خدارا امت پہ اک احسان کرو * امت کو نہ فرقوں میں پریشان کرو
آسان ہے مسلمان کو کافر کہنا * ہمت ہے تو کافر کو مسلمان کرو

استاذي و ملاذي شيخ الحديث علامہ فيض احمد اويسي رحمة الله عليه جيڪي سادا چار هزار ڪتابن جا مصنف هڻا. سندن شاگردن جو وڏو تعداد اڄ ٻہ پوري پاڪستان ۾ ديني خدمتون سرانجام ڏئي رهيو آهي. سندن صاحبزادي جناب علامہ فياض احمد اويسي هن فقير سان بيان ڪيو تہ :" جڏهن پاڻ پنجاب جي افق تي نوان اپريا ۾ سندن ڦُمرت جو سج چمڪيو تہ پنهنجي ئي مسلڪ وارن سندن شديد مخالفت ڪئي. ايستائين جو سندن خلاف ڪفر جي فتويٰ جا پوسٽر شايع ڪرائي پوري پنجاب جي اهلسنت جي مسجدن ۾ لڳرايا ويا. پر پاڻ همت ۾ استقامت سان پنهنجو ڪم ڪندا رهيا مخالفن ڏانهن ڌيان ئي نہ ڏنائون".

حضرت پير ڪرم شاهه الازهري رحمة الله عليه مسلڪِ حق اهلسنت لاءِ سندن ڪاوشون صدين تائين ياد رکيون ويندیون. پاڻ نه صرف عالم هئا پر عالم ساز هئا. نه صرف ولي هئا پر ولي گر هئا. سندن مٿان ڪفر جي فتويٰ مڙهي وئي ۽ ائين چيو ويو ته جيڪو سندن ڪفر ۾ شڪ ڪري سو به ڪافر آهي. العياذ بالله

ان طرح جي وڏي پايه جي بزرگن مٿان ڪفر جون فتوائون هٽي غيرن ڪي مواد مهيا ڪيو ويو آهي. ايستائين جو مسلڪِ حق جا مخالف اهي فتوائون ڪنيون اعلان ڪندا ٿا وتن ته اوهان وٽ باقي مسلمان ڪمڙو بچيو آهي!! انتر نيٽ جي سائيٽن تي غيرن پاران انهن فتوائن کي خوب مشتهر ڪيو پيو وڃي. الله ڪريم شال اهلسنت کي متحد ٿيڻ جي توفيق عطا فرمائي.

ڪنهن کي ڪافر چوڻ اُڌت مارڻ مثل آهي:

ڪنهن مسلمان کي ڪافر ڪوڻڻ ان کي اڌت ماري ڇڏڻ وانگر آهي. جيئن هن حديث ۾ آيو آهي.

وَمَنْ رَمَى مُؤْمِنًا بِكُفْرٍ فَهُوَ كَقَتْلِهِ .[1]

۽ جنهن ماڻهو ڪنهن مومن کي ڪافر چيو ته اهو ان کي قتل ڪرڻ وانگر آهي.

اعليٰ حضرت امام اهلسنت

مولانا احمد رضا خان بريلوي رحمة الله عليه جو قول:

ان سلسلي ۾ حضرت مولانا احمد رضا خان بريلوي رحمة الله عليه ڪيترا محتاط هئا. پاڻ فرمائن ٿا ڪنهن مسلمان جي ڪنهن قول ۾ هڪ هزار احتمالات ڪفر جا هجن پر هڪ ضعيف تر احتمال اسلام جو هجي ته ان قول کي اسلام طرف موڙائجي. سندن فتويٰ آهي:

بالجمله تكفير: اهل قبله واصحابه ڪلمه طيبه ميں جرئت وجسارت محض جهالت بلکه سخت آفت جس ميں وبال عظيم ونكال كا صريح اندیشه والعياذ بالله رب العالمين فرض قطعی ہے کہ اهل ڪلمه کے ہر قول وفعل کو اگرچہ بظاهر کیسا ہی شنیع وقبیح ہو حتیٰ الامکان کفر سے بچائیں اگر کوئی ضعیف سے ضعیف نحیف سے نحیف تاویل پیدا ہو جس کی رو

---

[1] مسند أحمد (312/26)

سے حکم اسلام نکل سکتا ہو تو اس کی طرف جائیں اور اس کے سوا اگر ہزار احتمال جانبِ کفر جاتے ہوں خیال میں نہ لائیں۔ حدیث میں ہے حضور ﷺ فرماتے ہیں: اَلْإِسْلَامُ يَعْلُو وَلَا يُعْلَى اسلام غالب رہتا ہے مغلوب نہیں ہوتا۔ احتمال اسلام چھوڑ کر احتمالات کفر کی طرف جانے والے اسلام کو مغلوب اور کفر کو غالب کرتے ہیں والعیاذ باللہ رب العالمین۔ حدیث: فرماتے ہیں ﷺ: كُفُّوا عَنْ أَهْلِ لَا إِلٰهَ إِلَّا اللّٰهُ لَا تُكَفِّرُوهُمْ بِذَنْبٍ، فَمَنْ أَكْفَرَ أَهْلَ لَا إِلٰهَ إِلَّا اللّٰهُ فَهُوَ إِلَى الْكُفْرِ أَقْرَبُ. لا الٰہ الا اللہ کہنے والوں سے زبان کو روکو انہیں کسی گناہ پر کافر نہ کہو لا الٰہ الا اللہ کہنے والوں کو جو کافر کہے وہ خود کفر سے نزدیک تر ہے۔ (فتاوی رضویہ ج12 ص317،318)

احاديثِ نبويہ ۾ كنهن كي كافر سڏڻ تي تنبيہ:

احاديثِ صحيحہ مان ثابت آهي تہ جيكڏهن كو ماڻهو كنهن مسلمان كي كافر چوي ٿو پوءِ جي اهو واقعي ۾ كافر آهي تہ نيڪ نہ تہ چوڻ وارو خود كافر ٿي پوي ٿو.

عَنْ أَبِي سَعِيدٍ الْخُدْرِيِّ قَالَ: قَالَ النَّبِيُّ ﷺ مَا شَهِدَ رَجُلٌ عَلَى رَجُلٍ بِالْكُفْرِ إِلَّا بَاءَ بِهَا أَحَدُهُمَا إِنْ كَانَ كَافِرًا فَهُوَ كَمَا قَالَ، وَإِنْ لَمْ يَكُنْ كَافِرًا فَقَدْ كَفَرَ بِتَكْفِيرِهِ إِيَّاهُ ①

عَنِ ابْنِ عُمَرَ ﷺ أَنَّ النَّبِيَّ ﷺ قَالَ: إِذَا كَفَّرَ الرَّجُلُ أَخَاهُ فَقَدْ بَاءَ بِهَا أَحَدُهُمَا. ②

صحيح بخاري كتاب الادب ۾ هك مستقل باب ٻڌو آهي: "باب من كفر أخاه بغير تأويل فهو كما قال" ان ۾ روايت آڻي ٿو: عن أبي هريرة ﷺ أن رسول الله ﷺ قال: إِذَا قَالَ الرَّجُلُ لأَخِيهِ يَا كَافِرُ فَقَدْ بَاءَ بِهِ أَحَدُهُمَا. ③

عَنْ عَبْدِ اللّٰهِ بْنِ عُمَرَ ﷺ أَنَّ رَسُولَ اللّٰهِ ﷺ قَالَ: أَيُّمَا رَجُلٍ قَالَ لأَخِيهِ يَا كَافِرُ فَقَدْ بَاءَ بِهَا أَحَدُهُمَا. ④

---

① شرح مشكل الآثار ج 2 ص 323

② صحيح مسلم ج 1 ص 56

③ صحيح البخاري ج 8 ص 26

④ صحيح البخاري (8/ 32. الموطأ رواية يحيى الليثي (2/ 984)

عَنْ عَبْدِ اللَّهِ بْنِ دِينَارٍ أَنَّهُ سَمِعَ ابْنَ عُمَرَ يَقُولُ قَالَ رَسُولُ اللَّهِ ﷺ أَيُّمَا امْرِئٍ قَالَ لأَخِيهِ يَا كَافِرُ. فَقَدْ بَاءَ بِهَا أَحَدُهُمَا إِنْ كَانَ كَمَا قَالَ وَإِلاَّ رَجَعَتْ عَلَيْهِ. ①

عن بن عمر عن النبي ﷺ قال إذا أحدكم قال لأخيه يا كافر فقد باء بها أحدهما ②

عن ابن عمر قال : من أكفر أخاه فقد باء بها أحدهما. ③

عَنْ أَبِي ذَرٍ ، قَالَ : سَمِعْتُ رَسُولَ اللَّهِ صلى الله عليه وسلم يَقُولُ : لا يَرْمِي رَجُلٌ رَجُلا بِالْكُفْرِ إِلا ارْتَدَّتْ إِنْ لَمْ يَكُنْ صَاحِبُهُ كَذَلِكَ . ④

عن أبي ذر أنه سمع النبي ﷺ يقول: لا يَرْمِي رَجُلٌ رَجُلًا بِالْفُسُوقِ وَلا يَرْمِيهِ بِالْكُفْرِ إِلا ارْتَدَّتْ عَلَيْهِ إِنْ لَمْ يَكُنْ صَاحِبُهُ كَذَلِكَ. ⑤

علماء جو احتياط: قاضي عياض رحمة الله عليه ابولمعالي جو قول نقل كندي لكي ثو ته:

إدخال كافر في الملة أو إخراج مسلم عظيم في الدين أه.

وفيه أن إدخال كافر في الملة والشهادة له باطلا بالإسلام ، لا يقل خطورةً عن إخراج المسلم منه ، فليحذر طالب الحق من كلا العقبتين فكلهما كؤود . ونقل القاضي عياض في الشفا في (فصل تحقيق القول في إكفار المتأولين) عن العلماء المحققين قولهم : (أنه يجب الاحتراز من التكفير في أهل التأويل فإن استباحة دماء المصلين الموحدين خطر ، والخطأ في ترك ألف كافر أهون من الخطأ في سفك محجمة من دم مسلم واحد) أه ⑥

---

① صحيح مسلم ج 1 ص 56)

② مسند أحمد بن حنبل ج2 ص18

③ مسند البزار (103/12)

④ مستخرج أبي عوانة (32/1)

⑤ صحيح البخاري (15/8)

⑥ الشفا277/2

ابوالحسن اشعري جو وصال وقت قول:

زاهر بن احمد سرخسي چيو ته جڏهن امام ابو الحسن اشعري جي وفات جو وقت ٿيو ان وقت پاڻ بغداد ۾ منهنجي گهر ۾ هئا ان وقت پاڻ مون کي سڏيائون ۽ فرمايائون:

اشهدْ عليَّ أَنِّي لاَ أُكَفِّر أَحَداً مِنْ أَهْلِ القِبْلَة. لأَنَّ الكلَّ يُشيرُوْنَ إِلَى معبودٍ وَاحِد، وَإِنَّمَا هَذَا كُلُّه اخْتِلاَف العِبَارَات.[1]

تون منهنجي هن گالهه مٿان شاهد ٿيءِ ته مان کنهن به اهل قبلہ کي کافر کونہ ٿو چوان، چو ته اهي سڀ هڪ معبود جي عبادت ڪن ٿا (باقي رهي گالهه انهن جي اختلافي اقوالن جي ته) اهي سڀ عبارتن جا اختلاف آهن.

قال المقديسي: وقوله (**لأن الكل يشيرون إلى معبود واحد**)؛ بين في أن تحرجه في التكفير، إنما هو في أهل التوحيد لا في أهل الشرك والتنديد، فتنبه لذلك فإن هذا هو الذي نحذر من التهور فيه، وحذار من تلاعب الملبسين والمدلسين الذين يوظفون هذا الكلام ويستعملونه في الدفع عن أعداء الملة والدين من الطواغيت المحاربين[2]

اسان جي قبلي ڌانهن منهن ڪرڻ وارن کي ڪافر نہ چئو:

أَنَّ الْحَقَّ عَدَمُ تَكْفِيرِ أَهْلِ الْقِبْلَةِ.[3]

لا يجوز تكفير اهل القبلة: (وَ) اعْلَمْ أَنَّهُ (لَا يُفْتَى بِكُفْرِ مُسْلِمٍ أَمْكَنَ حَمْلُ كَلَامِهِ عَلَى مَحْمَلٍ حَسَنٍ أَوْ كَانَ فِي كُفْرِهِ خِلَافٌ. وَلَوْ) كَانَ ذَلِكَ (رِوَايَةً ضَعِيفَةً) كَمَا حَرَّرَهُ فِي الْبَحْرِ، وَعَزَاهُ فِي الْأَشْبَاهِ إلَى الصُّغْرَى. وَفِي الدُّرَرِ وَغَيْرِهَا: إذَا كَانَ فِي الْمَسْأَلَةِ وُجُوهٌ تُوجِبُ الْكُفْرَ وَوَاحِدٌ يَمْنَعُهُ فَعَلَى الْمُفْتِي الْمَيْلُ لِمَا يَمْنَعُهُ.[4]

---

[1] سير أعلام النبلاء (88/15)

[2] الرسالة الثلاثين في التحذير من التكفير من مكتبة الشيخ أبو محمد المقديسي على الشبكة العنكبوتية.

[3] البحر الرائق شرح كنز الدقائق (110/3)

[4] رد المحتار (274/16)

ولا نكفر أحدا من أهل القبلة بذنب ما لم يستحله.[1]

هذا معتقد أهل السنة والجماعة، أنه لا يكفر أحد من أهل القبلة، وعرفنا أهل القبلة من هم أهل القبلة، هم الذين استقبلوا القبلة في الصلاة والذبح والتزموا بالإسلام.[2] لا يكفر أحد من أهل القبلة بذنب، وأن أهل القبلة كل من آمن من أمته سواء صلى أم لم يصلي[3] لا يكفر أحد من أهل القبلة كل من آمن به من أمته سواء صلى أو لم يصل.[4]

واعلم أن مذهب أهل الحق : أنه لا يكفر أحد من أهل القبلة بذنب ولا يكفر أهل الأهواء والبدع.[5]

نيتن جو مالڪ الله آهي:

اگر هڪ شخص مسلمان آهي ان جا اقوال ۽ اعمال قرآن ۽ حديث موافق آهن پوءِ ان جي زبان مان ڪو اهڙو لفظ نڪري وڃي يا انجي قلم سان ڪو اهڙو جملو لکجي وڃي جيڪو بظاهر اسلامي عقائد جي خلاف آهي پر ان ماڻهو جو عزم ۽ ارادو اهو هجي ٿي نه ته اها سبقتِ لساني يا سبقتِ قلمي سڏبي آهي. ان سان ڪفر نه ٿيندو جو ته ڪفر ۾ عمد ۽ ارادو شرط آهي. جيئن رب العالمين جل جلاله فرمايو:

وَلَيْسَ عَلَيْكُمْ جُنَاحٌ فِيمَآ اَخْطَاْتُمْ بِهٖ ۙ وَلٰكِنْ مَّا تَعَمَّدَتْ قُلُوْبُكُمْ ۭ

وَكَانَ اللّٰهُ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا ۝۵ (الاحزاب)

۽ اوهان تي ان ڳالهين ۾ ڪو گناهه ناهي جي اوهان کان نادانستہ ٿي پيون ۽ پر اهو گناهه آهي جيڪو دلين جي ارادي سان ڪيو ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي.

---

[1] شرح العقيدة الطحاوية عبدالعزيز الراجحي (1/218)

[2] شرح العقيدة الطحاوية عبدالعزيز الراجحي (1/218)

[3] شرح صحيح البخاري لشمس الدين السفيري (5/40)

[4] عمدة القاري شرح صحيح البخاري (4/41)

[5] شرح النووي على مسلم (1/69)

حديث نبوي : مسلم ۾ سيدنا انس بن مالڪ رضي الله عنه کان روايت آهي چيائين رسول الله ﷺ فرمايو ته الله پنهنجي هٿنهي جي توبہ تائب ٿيڻ تي ان ماڻهو کان به وڌيڪ خوش ٿئي ٿو جيڪو ڪنهن بياباڻ جي سفر ۾ هجي پوءِ ان کان سواري گم ٿي وئي هجي جنهن تي ان جو کاڌو پيتو رکيل هجي پوءِ ان کان نا اميد ٿي ڪنهن وڻ هيٺان اچي (موت جي انتظار ۾) سمهي پوي پوءِ اوچتو جو ڏسي ته سواري سامان سميت موجود آهي ته پوءِ ان جي واڳ وٺي خوشيءَ جي شدت ۾ چوي ٿو : اللَّهُمَّ أَنْتَ عَبْدِي، وَأَنَا رَبُّك أَخْطَأَ مِنْ شِدَّةِ الْفَرَحِ. [1] اي الله تون منهنجو هٿنهو آهين مان تنهنجو رب آهيان. گهڻي خوشيءَ ۾ اهو (لفظ ۾) خطا ڪري ويهي ٿو.

ان مان معلوم ٿيو ته الفاظ جي گرفت کان اڳ ان ماڻهو جي ڪيفيات حالات واردات جي شدّ هجڻ ضروري آهي. شدتِ خوف، دهشت، حيرت، ويسر، بي خبري جهڙين ڪيفيتن ۾ نڪتل قول تي ڪفر جي فتويٰ قائم ڪو نہ ڪبي آهي.

زين عراقي جو قول:

قَالَهُ فِي حَالَةٍ غَلَبَ عَلَيْهِ فِيهَا الدَّهَشُ وَالْخَوْفُ وَالْجَزَعُ الشَّدِيدُ بِحَيْثُ ذَهَبَ تَيَقُّظُهُ وَتَدَبُّرُهُ مَا يَقُولُهُ فَصَارَ فِي مَعْنَى الْغَافِلِ وَالنَّاسِي وَهَذِهِ الْحَالَةُ لَا يُؤَاخَذُ فِيهَا وَهُوَ نَحْوُ قَوْلِ الْقَائِلِ الْآخَرَ الَّذِي غَلَبَ عَلَيْهِ الْفَرَحُ حِينَ وَجَدَ رَاحِلَتَهُ أَنْتَ عَبْدِي وَأَنَا رَبُّك فَلَمْ يَكْفُرْ بِذَلِكَ لِلدَّهَشِ وَالْغَلَبَةِ وَالسَّهْوِ. [2]

عجيب روايت: عَنْ جَابِرٍ، قَالَ: قَالَ رَسُولُ اللهِ ﷺ تَعَبَّدَ رَجُلٌ فِي صَوْمَعَةٍ فَمَطَرَتِ السَّمَاءُ فَأَغْشَبَتِ الْأَرْضُ فَرَأَى حِمَارًا يَرْعَى فَقَالَ: يا رَبِّ لَوْ كَانَ لَكَ حِمَارٌ لِرَعَيْتُهُ مَعَ

---

[1] صحيح مسلم (2104/4)

[2] طرح التثريب في شرح التقريب (267/3)

حِمَارِي فَبَلَغَ ذَلِكَ نَبِيًّا مِنْ أَنْبِيَاءِ بَنِي إِسْرَائِيلَ فَأَرَادَ أَنْ يَدْعُوَ عَلَيْهِ. فَأَوْحَى اللهُ تَعَالَى إِلَيْهِ: إِنَّمَا أُجَازِي الْعِبَادَ عَلَى قَدْرِ عُقُولِهِمْ ①

جابر رضي الله عنه روايت كئي رسول الله ﷺ فرمايو تہ: هڪ ماڻهو پنهنجي عبادت خاني ۾ عبادت ۾ مشغول هيو. هڪ پيري مينهن اُنو زمين تي سرسبزي ٿي. هڪ گڏهه کي ڏنائين جيڪو چري رهيو هيو عابد چوڙ لڳو اي پالڻهار هائو جي تنهنجو به کو گڏهه هجي ها تہ مان ان کي پنهنجي گڏهه سان گڏ چاريان ها. سندس اها ڳالهه نبين مان هڪ نبيءَ کي پهتي ان هن کي بد دعا ڏيڻ جو ارادو کيو تہ الله ان نبيءِ ڏانهن وحي فرمائي تہ:

بيشڪ مان ماڻهن سان حساب انهن جي عقلن آهر ڪيان ٿو.

امام بيهقي ان سان ملندڙ هڪ ٻي روايت آندي آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو:

النَّاسُ يَعْمَلُونَ بِالْخَيْرِ، وَإِنَّمَا يُعْطَوْنَ أُجُورَهُمْ عَلَى قَدْرِ عُقُولِهِمْ ②

ماڻهو نيڪي جا ڪم ڪن ٿا پر انهن کي اجورا انهن جي عقلن آهر ڏنا ويندا آهن.

حضرت پير روضي ڏٹي رحمة الله عليه **جا فرمودات:**

هڪ ڏينهن حضرت پير سائين قدس سره جن ارشاد فرمايو تہ معرفت جي خزاني مان جنهن کي پورو حصو نصيب ٿيو! ان جي دل ۾ فرنگي کافر لاءِ به اعتراض نہ هوندو!" ③

اولياءَ الله جو طرزِ عمل: غلام فقير ٻهٹ نقل ڪري ٿو تہ حضرت پير سائين قدس سره جن ديهہ سانگڙ ۾ مراد علي نظاماڻي کان پڇيائون تہ علي محمد ڪٽي آهي ؟ جواب ۾ خليفي ميان سعيد خان ماباڻي عرض ڪيو تہ اهو اسان جي ڳوٺ ابراهيم نظاماڻي ۾ رهندو آهي، ۽ هميشہ شراب پيئندو آهي! انهي تي پاڻ خليفي کي فرمايائون تہ:

ائين چوڙ نہ گهرجي، چو تہ طريقت ۾ کافر سان به اصلاح جو طريقو اختيار ڪرڻو آهي، مولوي رومي رحمة الله عليه ڪهڙو نہ سنو چيو آهي:

---

① شعب الإيمان ج6 ص 353

② شعب الإيمان ج6 ص 352

③ ملفوظات پير سائين روضي ڏٹي، جلد پيون، ص 185

چون بہ بے رنگی رسی کان داشتی، موسیٰ و فرعون، دارند آشتی،

جڏهن بي رنگيءَ جي مقام تي پهچندين تہ موسيٰ ۽ فرعون جو بہ هڪ پي ۾ صلح ڏسندين ①

الله جي نالي ڏانهن ڏسون يا هندو ڏي؟ هيڪر پاڻ فرمايائون تہ حضرت ميان صاحب قدس سره جن فرمائيندا هئا هڪ ڏينهن مخدوم سائين قدس سره جن مسجد شريف ۾ وينا هئا هڪ هندو پتي اوڙاڻا پوتيءَ جي پلؤ ۾ پڏي مسجد جي دروازي تي اچي سڏ ڪيائين "مخدوم سائين هي پتي مانيون خدا ڪارڻ آنديون اٿم، سي وٺو." سائين جن هڪ فقير کي فرمايو تہ هندوءَ کان ماني وٺيون اڇ؟ فقير سندس حڪم سان وڃي هندو کان مانيون وٺي حضرت مخدوم سائين جن اڳيان اچي رکيائين ۽ عرض ڪيائين تہ حضرتا هي مانيون هندو گيم ۾ پچائي پوتيءَ ۾ پڏي ڪٽي آيو آهي. انهن جي ڪائڻ بابت ڪهڙو حڪم فرمايو تا؟ جواب ۾ فرمايائون: "الله جي نالي ڏانهن ڏسون يا هندو ڏي؟" ②

بزرگن جي مخالف جو انجام ڇا ٿيندو؟ روضي ڏٹي رهبر رحمة الله عليه جي ملفوظات شريف ۾ آهي: خليفو لقمان رحمة الله عليه نقل ڪري ٿو تہ هيڪر پاڻ درگاهہ مبارڪ واري مسجد شريف ۾ وعظ نصيحت وينڌي فرمايائون تہ اي يارو! فقيرن کي ادب درڪار آهي. ڪپي تہ پنهنجي طريقي کانسواءِ جيڪي بہ پيا طريقا آهن تن جو بہ بي ادب نہ ٿجي. ڇو تہ يهودي ۽ نصارا پنهنجي نبين جي دين تي هئا پر حضرت پيغمبر ﷺ جي دين متين کان انڪار ڪرڻ ڪري الله سبحانہ و تعالیٰ کين گمراهہ ڪري ڇڏيو. اهڙي طرح جيڪو شخص فقيرن جي ٻين طريقن جو عيب ڪيندو تہ اهو يهودين ۽ نصارن جهڙو ڇٽيو. پر سڀني کي پنهنجي مرشد جهڙو نہ سمجهبو. مرشد کي مرشد ڪري ڏسجي ۽ پين ڏي بہ ارادتمند رهڻ گهرجي. سندن انڪار نہ ڪجي. پر جي ڪو نالائق انڪار ڪندو تہ اهو يهودي يا نصارو ٿيندو. ③

محبوب الاهي سان مخالفتون

① ملفوظات پير سائين روضي ڏٹي، ج 2 ص 90

② ملفوظات پير سائين روضي ڏٹي ج 2 ص 55

③ ملفوظات پير سائين روضي ڏٹي ﷺ، جلد پهريون، باب ٽيون، ص 163

قدوة الاولياء حضرت پير محبوب الاهي رحمة الله عليه پنهنجي دور جا فياض هئا. صاحب العلم والقلم، صاحب الحلم والكرم هئا. پاڻ پنهنجي عمر الله جي عبادت، خلق جي خدمت ۽ فيض رساني ۾ پوري كيائون. وسيع پيماني تي ماڻهن جو اصلاح كيائون. سندن زندگي ۾ توڙي سندن وصال بعد ساڻن شديد مخالفتون ٿيون. انجا كجهه مثال پيش آهن.

كين گارين پريا خط لكيا ويا

معاندين ۽ مخالفين پنهنجي حسد آڳ اجمائڻ لاءِ حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه كي گارين پريا خط لكي موكليندا هئا. پاڻ اهي پڙهي فرمائيندا هئا ته الحمد لله خزاني مٺان چور پيا ڦرندا آهن. اها الله جي پلائي آهي تڏهن تا مخالف پيا سڙن ۽ شكايتون كن. فقير محمد عالم پهر بيان كيو ته هك پيري حضرت جن ٽپهري نماز پڙهي وينا هئا ته كين هك خط اچي مليو. جيكو هك معاند ۽ مخالف ماٽهو جو لكيل هيو. جنهن ۾ تمام ناشائسته الفاظ ۽ گندي زبان استعمال ٿيل هئي. پاڻ اهو پڙهيائون: جماعت ڏاڍو غمزده ٿي پئي. ان وقت پاڻ نهايت اثر انگيز بيان فرمايائون: هر دؤر ۾ الله جي ٻانهن جي مخالفت ٿيندي رهي آهي. صبر بهتر شيءِ آهي. پوءِ صبح جو صوبيدار حاجي امام بخش حضرت جن جي دست بوسي كري دعا گهرائي. عرض كيائين ته دعا گهرو ته جنهن كم سان وڃان ٿو كامياب ٿي موٽان. حضرت جن فرمايو كهڙي كم سان ٿو وڃين؟ عرض كيائين ان مخالف جو جواب بنجي ٿو وڃان. هاڻي زمين جي تختي تي يا اهو رهندو يا مان. پاڻ فرمايائون صبر كر. اسان ان كي معاف كري ڇڏيو آهي. تون به معاف كري ڇڏ. سڀ كان پلو بدلو وٺڻ اهو آهي جو مخالف كي معاف كري ڇڏجي.

هُو جَـوَنئِي، تون مَ چؤ، واتان ورائي؛
اڳُ اَڳَرائي جو كري، خطا سو كائي؛
پاندَ ۾ پائي، ويو كِيني وارو كِينَ كي.

عـزيـزن پـاران اذيتون مليون

حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه سان ڪن رشيدارن سخت مخالفتون ڪيون جن جو بيان اسان گذريل باين ۾ ڪري آيا آهيون. ڪين انهن پاران اذيتون مليون. پر پاڻ ڪمال صبر ۽ استقلال سان برداشت ڪيائون. نيٺ اهي عزيز سڀ سندن پيش پيا پاڻ ڪنهن کان انتقام ڪونہ ورتائون ۽ هر هڪ کي معاف ڪري ڇڏيائون.

محسن کي مجبور ڪرڻ: افسوس جمڙي ڳالهه اها آهي جو حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه کي جن ماڻهن اذيتون پهچايون هيون انهن مان اڪثر اهڙا هئا جن مٿان حضرت جن جا احسان ٽيل هئا. ڪيڏا بي مروت بي وڙا ۽ بي ڳُٺا آهن اهي ماڻهو جيڪي احسان ڪرڻ واري کي ايذائن. اصل ۾ انهن جي ضميرن کي زنگ لڳي ويندا آهن. انهن جي اندر مان شناس نڪري ويندي آهي. ڏيکاجو تير کاڌاڪ ڪيڻ گاهه کي طرف اپنے ہی دوستوں سے ملاقات ہو گئی مطعم بن عدي هڪ ڪافر هيو پر مشرڪن جي مخالفتن واري وقت ۾ ان حبيب ڪريم ﷺ کي پناهه ڏني هئي. پوءِ اهو ڪفر جي حالت ۾ مري ويو. ان ڪافر جي مرڻ تي حسان بن ثابت رضی اللہ عنہ مرثيو پڙهيو. أَجَرْتَ رَسُولَ اللَّهِ مِنْهُمْ فَأَصْبَحُوا ... عَبِيدُكَ مَا لَنَبِّي مُحِلٌّ وَأَحْرَمَا نبي ڪريم ﷺ ان جي احسان کي هميشہ ياد رکيو. جڏهن بدر ۾ ستر ڪافر قتل ۽ قيد ٿيا تہ ان وقت حضور جن مطعم بن عدي جي احسان کي ياد ڪندي فرمايو تہ اڄ اگر مطعم بن عدي زنده هجي ها ۽ قيدين جي آزادي گهري ها تہ انهن کي آزاد ڪري ڇڏيان ها.

لَوْ كَانَ الْمُطْعِمُ بْنُ عَدِيٍّ حَيًّا ثُمَّ سَأَلَنِي فِي هَؤُلاءِ النَّتْنَى لأَطْلَقْتُهُمْ لَهُ [1]

سندن مرشد وٽ شڪايتون

مخالفن قطبِ عالم پير منا سائين رحمة الله عليه ڏانهن حضرت جن جي خلاف خط لکيا تہ توهان ڪيئن هن کي پنهنجو خليفو بنايو آهي. قطبِ عالم وري حضرت جن مٿان ايڏا مهربان هوندا هئا جو ڪين گهرائي فرمائيندا هيا متان فڪر ڪيو آءِ توهان کان راضي آهيان.

---

[1] مصنف عبد الرزاق الصنعاني (209/5) الرقة والبكاء لابن قدامة (ص: 120) سيرة ابن كثير : ج 2 ص 154

اوهان سان گڏ آهيان. مخالفن جي ڪاغذن جو ڪو فڪر نہ ڪيو. ڪيترا مخالف روبرو وڃي پير سائين جن کي بي ثبوت ڳالهيون ٻڌائيندا هئا ۽ شڪايتون ڪندا هئا تہ پير سائين جن پاڻ محبوب الاهي جي ياران انهن کي سڏيا جواب ڏئي لاجواب ڪري ڇڏيندا هيا.

وڏيرن وٽ فيصلا ڪرايا ويا

حضرت جن جڏهن خير محمد ڳوٺ ۾ سکونت پذير هئا. ڏينهن رات جماعت ۾ واڌارو ٿي رهيو هيو. ڪيترا مرد توڙي عورتون ڳوٺن جا ڳوٺ سڌري رهيا هئا. صبح شام جڏهن جي ڏاڇوڪڙي لڳي پئي هوندي هئي. اهڙي صورتحال ۾ ابليس کي ڪٿي قرار ايندو؟ ابليس جي ڪارندن حضرت جن خلاف مخالفانہ واويلا شروع ڪري ڏني. تعلقي خيرپور ناٿن شاهہ جي هڪ با اثر زميندار وٽ دانهين ٿي ويا. زميندار جڏهن ڏرين جون روبرو ڳالهيون ٻڌيون تہ مخالف لاجواب ٿي ويا. زميندار خود حضرت جن کي پنهنجي ڳوٺ ۾ جلسي جي دعوت ڏني. ان طرح ڪافي ڀيرا مخالفن حضرت جن کي زميندارن وٽ ڇڪايو پر هر ڀيري ناڪامي ۽ نامرادي سندن مقدر ٻڌي.

سندن خلاف جلسا ڪيا ويـــا

جڏهن مخالفين ۾ معاندين جو وڏيرن نندڀرن وٽ ڪجهہ نہ ورڀو سريو تہ پوءِ حضرت جن جي خلاف جلسا شروع ڪيائون. ماڻهن کي ائين چون تہ اتي خير محمد جي شهر ۾ مندر لڳو آهي. مسلمانو پڇي پري ٽيو. اتي اسلام جا قافلا ٿا مارجن. هر طرح جا تمثيلات ڏئي سڃي رات مخالفت جو وعظ ڪن پر اتان بہ ماڻهو ڪونہ پيا مڙن. وري بي دين ماڻهن جي ٻڌ ڪن جيڪي ايندڙ فقيرن الله الله ڪندڙن کي ڪلا ڪلا چون ۾ ڦوٽون ڏين. اوڏانهن منهن ڪري بلند آواز سان ٽڪون اڇلائن تان تہ جيئن ماڻهو سندن صحبت ۾ نہ وڃن تہ بہ ماڻهو نينهن وارا نہ پيا مڙن پيا. دستور آهي تہ : الانسان حريص لما منع عنه : انسان حريص هوندو آهي ان شيءِ جو جنهن کان ان کي روڪيو ويندو آهي.

سندن حويلي ۾ چور موڪليا ويا

وري هي سازش ڪيائون جو چور بدمعاش سندن گهر جي چوري ڪرڻ لاءِ موڪليائون جيڪي سندن گهر ۾ لنگهي آيا پر اهڙو هراس پيدا ٿين جو اچي سندن عضون ۾ ڏڪڻي پئي پوءِ ڏاڍي مشڪل سان نڪري ويا. پوءِ پاڻ ڳالهيون ڪيائون ۾ سائينجن جي گهر جي سامان جا پار پتا ڏنائون. فلاڻي هنڌ ڪتولا هڻا فلاڻي هنڌ کان ڳئون ٻڌل هئي. فلاڻي هنڌ کان گهڙامنجي رکيل هئي. پر اهي پنهنجي برن ارادن ۾ ناڪام رهيا.

سنـــدن متـان ڪيس ڪيا ويا

جڏهن اهڙين گهٽيا حرڪتن مان ۽ مخالفن جو ڪجهه ڪو نه ورين ته پوءِ متن خون جو ڪوڙو ڪيس سندن چاچي جي نالي سان ڪيائون ته : " منهنجي نياڻي (پنهنجي گهر واري) کي مرٽينگ ڪيو اٿس ۽ چهه مهينن جو پٽ ۽ ماريو اٿس" جڏهن پوليس چڙهي آئي. اتفاق سان ان وقت حضرت جن تبليغي سفر ۾ نڪتل هئا. سندن والد ڪريم قاضي صاحب گهر ۾ موجود هيو. ان چيو ته اهو ڪيس سراسر ڪوڙ تي مبني آهي. ڇهن مهينن جو هاڻوٽ ۽ آٿي پوليس کي ڏيڪاريائين. پر پوليس کي پوءِ ۽ اعتبار نه آيو. ڇيائين درخواست منهنجي پاءُ (حضرت جن جي چاچي ۽ صمري) جي نالي ڪيل آهي. آءُ ان کي گهرايان ٿو پوءِ ان کي گهرايو ويو. ان چيو ته مون هي درخواست هر گز نه ڪئي آهي. ڪنهن مخالف جي ڪيل آهي. پوءِ اهو ڪيس باطل ٿي ويو.

صوبيدار مريد ٿي ويو: ان کان علاوه ۽ ڪيترائي ٻيرا مخالفن متن ڪوڙا ڪيس ڪيا. هر ٻيري حاسدن سندن عزت ۾ ناموس کي داغدار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر الله ڪريم جل مجده هر ٻيري دشمنن کي خوار ۾ کين مزيد نعمتن سان نروار ڪيو. هڪ ٻيري حاسدن خير پور ناٿن شاهه جي ٽاٽي تي ڪيس ڪيو ته : "هي پاڻ کي پنجاب واري پير صاحب جو خليفو ٿو سڏائي، ماڻهن کي گمراه ڪري رهيو آهي. وٽس چور، ڏاڙيل اچن ٿا ۽ وٽس چورن جي پاتاري آهي. ماڻهو سندس خوف کان لڏا ڪنيون ٿا وڃن، صلح ۾ وڃوڙ وجهي ڏنو اٿس ان ڪري ڪيس 107 جي قلم هيٺ يڪدم گرفتار ڪيو وڃي".

صوبيدار صاحب پوليس موڪلي. ان وقت پاڻ تبليغي سفر ۾ نڪتل هئا. جڏهن واپس آيا ته پاڻ اٺ ڏهه فقيرن کي سان وٺي خود ٽاٽي تي پهتا. فقيرن کي باشرع ڏاڙهيون، مٿن تي پٽڪا، پٽڪن جي مٿان ڏنڊ ڪوڙيل، نوراني چهرا ذڪر الله جي تنوار. صوبيدار اٿي ٻيٺو. چي سائين سائين ڪيئن آيا آهيو؟ پاڻ فرمايائون اسان مٿان ڪيس ٿيو آهي. ان جا جوابدار بنجي آيا آهيون. صوبيدار ماجرا پڇي پاڻ بيان ڪرڻ شروع ڪيائون ته :

صوبيدار صاحب ! اسان وٽ هڪ ذڪر اسم ذات جو آهي جيڪو ماڻهن کي سمجهايون ٿا جنهن سان چور چوريون چڏي ويا. ڏاڙيل ڏاڙا هٽڻ چڏي نيڪ نمازي صالح ديندار ٿي ويا. اهڙا ماڻهو جيڪي تنهنجي ٽاٽي جون مارون کائي نه سڏريا سي الله جي ذڪر سان سڏري صالح ٿي ويا. ان جي جنس هي چند فقير ڏسي وٺ توکي ڪيئن ٿا نظر اچن؟ صوبيدار چيو هي ته سڀ صالح ديندار لڳن ٿا. پاڻ فرمايائون اهڙا هزارين ماڻهو اسان وٽ نيڪ صالح بنجي ويا آهن. صوبيدار چيو ته اگر اوهان اهڙو نيڪ ڪم ڪيو ٿا ته پوءِ مولوي اوهان جي مخالفت چو ٿا ڪن؟ پاڻ فرمايائون: اگر اسان ۾ ۽ ڳالهيون هجن ته پوءِ مولوين جي مخالفت نٿي ٿي. هڪ ته اسان ماڻهن کي شريعت جي خلاف ڪا ڳالهه سيکارينداهجون يا وري ماڻهن کان چندا ڪري پيٽ پالينداهجون ته پوءِ مولوين جي مخالفت نٿي ٿي. پوري ضلعي دادو جا مولوي ثابت ڪن ته اسان جو ڪم شريعت جي خلاف ڏنو اٿن. يا اسان ڪنهن کان هڪ پائي ۽ چندو ڪيو آهي.

صوبيدار چيو ته پوءِ ته اهي اوهان سان حسد سبب ائين چون ٿا. پاڻ فرمايائون: صوبيدار صاحب تون مسلمان آهين، نيڪي جو ڪم ڪرين ٿو يا نه ٿو ڪرين ته ۽ مسلمان آهين. تون هاڻي انصاف سان هنن ماڻهن کي ڏس جيڪي تنهنجي آڏو ٻيٺا آهن نيڪ آهن يا چور آهن؟ صوبيدار چيو ته سڀ نيڪ آهن. سائينجن فرمايو اهڙا اسان توهان کي هزارين بلڪ لکين ماڻهو ڏيکاريون جيڪي پهريائين چور هئا، ڏاڙيل هئا، الله جي اسم ذات جي ذڪر سان نيڪ ٿي ويا، صالح ٿي ويا. چوريون، ڦريون، ڏاڙا چڏي نماز پٽڪا ۽ ڏاڙهين وارا بنجي ويا جيڪي پوليس جي مارن ۽ جيل نه سمجهايا، الله جي ذات جي ذڪر سان نيڪ بنجي ويا. اسان سرڪار جي مدد ڪئي آهي. پوءِ پاڻ ٽاٽي ۾ صوبيدار جي سامهون اهڙي پُرجوش تقرير

فرمايائون جو صوبيدار جي اکين مان ڳوڙها وهڻ لڳا. فرمايائون او صوبيدار صاحب ! الله کان ڊڄ سدائين تنهنجي اها ڪرسي نه هوندئي نه سدائين حسن ۾ جواني هوندئي. نيٺ الله اڳيان پيش ٿيندين. اڄ اگر ظلم ڪيئي ر شوتون ورتئي ته الله اڳيان ڪهڙو جواب ڏيندين! جڏهن پاڻ بيان ختم ڪيائون ته صوبيدار چوڻ لڳو: سائين خدارا منهنجون ٽي درخواستون قبول فرمايو: هڪ ته مون اوهان جي مخالفن جي چوڻ تي اوهان جهڙي بزرگ کي ٽاٽي تي ڪهرايو آهي الله واسطي مون کي اها غلطي معاف ڪيو. ٻيو اهو اسم ذات جو ذڪر مون کي ٻه سمجهايو. ٽيون پنهنجي فقيرن سميت منهنجي دعوت ڪائي پوءِ وڃو. پاڻ سندس ٽئي ڳالهيون قبول ڪيائون. ان صوبيدار ذڪر اسم ذات پڇيو توبه تائب ٿيو. ر شوت چڏي صالح بنجي ويو. باشرع ڏاڙهي رکيائين. تهجد جي نماز پڙهڻ لڳو. سچ ته :

نگاہ ولی میں یہ تاثیر دیکھی * بدلتی ہزاروں کی تقدیر دیکھی

اهو ڪيس ٻه ڪوڙو ڪري ڪڍي چڏيائين.

ساڻن مناظرا ۾ مباحثا ڪيا ويا

جڏهن پاڻ خير محمد جي ڳوٺ ۾ رهندا هئا. پاسي ۾ هڪ ڳوٺ ۾ وڏو جلسو ٿيو جنهن ۾ حضرت جن جا مخالفين ۾ معاندين ڪثير تعداد ۾ آيل هئا. حضرت جن کي ٻه دعوت ڏني وئي. مغرب جي نماز هڪ پير صاحب پڙهائي، جنهن جي سونهاري مٽ برابر نه هئي. حضرت جن نماز ورائي پڙهي. مخالفن جي سائينجن جي هر قول فعل تي نظر هئي. پاڻ واپس آيا ۾ مخالفن هنگامو ڪڙو ڪيو. ڏسو پير صاحب جي پٺيان پڙهيل نماز ورائي اٿس. ڏاڍو شور ڪيائون. ان محفل ۾ ڪي رباني علماء ٻه هئا. انهن ڇيو شور گوڙ ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ اوهين عالم آهيو ته هو ٻه عالم آهي. اوهان ان کان علمي طرح پڇاڙو ڪيو ته ان نماز ڇو موڙائي پڙهي آهي؟ پوءِ حضرت جن جو استاد مولانا محمد چٽل لغاري ۾ ڪجهه ٻيا علماء وفد جي صورت ۾ حضرت سائينجن ڏانهن موڪليائون. استاد صاحب پڇيو ته آهيو ته اوهان اسان جا شاگرد پر علم هڪ سمند آهي ممڪن آهي ڪي ڳالهيون اسان جي ذهن ۾ نه هجن. اوهان نماز جو اعادو ڇو ڪيو؟ پاڻ فرمايائون:

استاد صاحب ! جنهن جي ڏاڙهي مٺ برابر نہ آهي تہ اهو فاسق آهي. ان جي پويان نماز پڙهڻ مکروه آهي ۽ جيڪا نماز ڪراهتِ تحريمي سان ادا ٿئي ان جو موٽائڻ واجب هوندو آهي. [1] اوهان مسئلو فلاڻي ڪتاب فلاڻي صفحي تي ڏسي سگهو ٿا. پوءِ اهي ڪتاب گهرايا ويا. مسئلو ائين ئي لکيل هيو، جيئن سائينجن فرمايو. پوءِ مولانا محمد چٽل وجي انهن کي سمجهايو تہ اوهان پليل آهيو حضرت سائين جن حق تي آهن. اهو پير صاحب ٻئي سال ان ئي ڳوٺ ۾ آيو تہ سندس سونهاري سنت مطابق هئي.

حضرت خليفہ محمد حسين بيان ڪيو تہ سندس نڪاح واري وقت حضرت جن تشريف فرما هئا ڪافي علماءَ ٻہ ڪنا ٽيا هئا. حضرت جن نڪاح بعد ڪارڪون ڇٽڻ لاءِ فرمايو تہ ڪن عالمن اعتراض ڪيو. حضرت جن ڪتاب گهرائي مولوين کي ڏيکاريو. پوءِ اهي چوڻ لڳا تہ علم اسان پڙهياسين عمل فقيرن ڪيو.

مناظرو هارائڻ بعد مخالف کيس ڪيو: هڪ پيري لاڙ جي سفر ۾ پاڻ ديهہ ڪاڪيجاڻي چڪ نمبر تيرهن تعلقي گولاڙچي ۾ چاندبين فقيرن جي دعوت تي آيل هئا. پاڻ خليفي محمد موسيٰ رند وٽ نزول فرمايائون. جڏهن پهري جو وقت ٽيو پاڻ مسجد ۾ اچي نماز پڙهايائون. آس پاس جا گهٽا ماڻهو ملڻ آيل هئا. اتان جو هڪ با اثر زميندار ٻہ آيل هيو. جنهن جا عقائد درست نہ هئا. پاڻ نماز بعد مجلس ۾ بيان فرمايائون تہ : جيستائين ڪوٻہ انسان ڪنهن پير ڪامل جي صحبت ۾ نہ ويندو تيستائين ان کي قرآن پاڪ تي عمل نصيب ٿي نہ سگهندو. هلندڙ وعظ ۾ ان زميندار چئي لکي تہ توهان جڏهن بس ڪريو تہ آءٌ اوهان سان مناظرو ڪندس. پاڻ چئي پڙهي فرمايائونس تہ بيشڪ سوال ڪريو آءٌ توهان کي جواب ڏيندس. چوڻ لڳو: توهان ماڻهن کي چئو ٿا تہ قرآن تي عمل هر گز نہ ٿيندو جيستائين پير ڪامل نہ ونبو، اهو غلط آهي قرآن جمڙو ڪو مرشد نہ ٿي سگهندو. قرآن عرشي ڪتاب، فياض زمان آهي. قرآن پاڪ جا اڄ تائين هزارين معجزا لڳا پيا آهن. قرآن نہ هجي تہ جهان ئي نہ هلي.

---

[1] كُلُّ صَلَاةٍ أُدِّيَتْ مَعَ كَرَاهَةِ التَّحْرِيمِ تَجِبُ إِعَادَتُهَا. (رد المحتار (3/420)

قرآن کان توهان ماڻهن کي بي دل ڪري رهيا آهيو. اڄ خدا وارا ڪاڻي آهن. خدا وارا اسان کي نظر ئي ڪونہ ٿا اچن. بس قرآن مرشد ونڊ ڪپي. پاڻ فرمايائونس تہ آءٌ توهان کي جواب ڏيندس پر توهان کي مٿيان لڳندي. تڏهن ان چيو تہ توهان گاريون ڏينڈؤ ڇا؟ پاڻ فرمايائونس نہ. آءٌ توهان کي قرآن ۾ حديث سان جواب ڏينندس. پر توهان هڪ بلوچ آهيو ٻيو زميندار آهيو ٽيون حد جا چيرمين آهيو. اهو اسان جو جواب متان اوهان کي ڏکيو لڳي. چيائين پلي جواب ڏيو. پوءِ پاڻ فرمايائونس تہ توهان قرآن پڙهيل آهيو؟ چيائين تہ هائو. قرآن جي معنيٰ ڄاڻندا آهيو. چيائين هائو. پلا قرآن جو ڪٽي وعظ ٻڌو اٿوَ؟ چيائين هائو. گهٽائي دفعا. اسان قرآن کي مرشد سمجهون ٿا ٻيو کو پير مرشد اسان نہ مڃون. پاڻ فرمايائونس تہ توهان جو مرشد ٿو فرمائي:

وَاَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ وَاٰتُوا الزَّكٰوةَ وَارْكَعُوْا مَعَ الرّٰكِعِيْنَ ۝۴۳

۾ نماز قائم ڪيو ۾ زڪواة ڏيو ۾ رڪوع ڪرڻ وارن سان گڏ رڪوع ڪيو.

پاڻ فرمايائون: قرآن جا مريد سڄ ٻڌاءِ نماز پڙهندو آهين؟ چيائين نہ.

پاڻ فرمايائون: تنهنجو مرشد فرمائي ٿو تہ زڪواة ادا ڪيو. ٻڌو اٿم زميندار آهين. زڪواة ادا ڪندو آهين؟ چيائين نہ. فرمايائون تنهنجو مرشد چوي ٿو جماعت سان نماز پڙهو تون نماز پڙهين ئي ڪونہ. وري فرمايائون تنهنجو مرشد ٿو چوي:

وَمِنَ الَّيْلِ فَتَهَجَّدْ بِهٖ نَافِلَةً لَّكَ

۾ رات جي ڪجهہ حصي ۾ تهجد ادا ڪر اهو تولاءِ نفل آهي.

ٻڌاءِ تون تهجد پڙهندو آهين؟ چيائين تہ نہ. وري فرمايائونس تہ تنهنجو مرشد ٿو چوي:

وَلَا تَقْرَبُوا الزِّنٰٓى اِنَّهٗ كَانَ فَاحِشَةً ؕ وَسَآءَ سَبِيْلًا ۝۳۲

۾ زنا کي ويجهو نہ وڃو جو اهو تمام بڇڙو فعل ۾ بري راهہ آهي.

تون تہ زنا ڪونہ ڪندو هوندين. ڇو جو تون قرآن جو مريد آهين؟ تڏهن چيائين تہ هاڻي ڪهڙو ٿا بڇڙو ڪريو؟ وري فرمايائونس تنهنجو مرشد ٿو چوي رسول الله ﷺ جا فرمان مڃو:

وَمَآ اٰتٰىكُمُ الرَّسُوْلُ فَخُذُوْهُ ۗ وَمَا نَهٰىكُمْ عَنْهُ فَانْتَهُوْا ۚ وَاتَّقُوا اللّٰهَ ؕ

۽ جو ڪجهہ رسول (عربي) اوهان کي ڏئي تہ اهو وٺو ۽ جن ڳالهين کان توهان کي روڪي تہ رکجي وجو ۽ الله کان ڊجو. وري رسول الله ﷺ فرمائي ٿو تہ :

اَحْفُوا الشَّوَارِبَ. وَاَعْفُوا اللِّحَىٰ[1] مڇون ڪترايو ۽ ڏاڙهيون ڇڏي ڏيو.

اي قرآن جا مريد ٻڌاءِ تون تہ مڇون رکيون وينو آهين ڏاڙهي ڪوڙايون وينو آهين. ڪيئن ٿو قرآن جو مريد سڏائين!! قرآن جهڙي مرشد جو مريد هجين وري تنهنجا افعال اهڙا هجن!! پوءِ پاڻ ٻيون بہ گهٽيون آيتون ۽ حديثون پڙهي ان کي لاجواب ڪيائون. ڏاڍو شرمسار ٿيو. ڪابہ واهہ نہ ڏنائين نہ جواب ڏيڻ جي همت رهيس. پوءِ پاڻ فرمايائونس تہ قرآن جا مريد تہ هي مسجد ۾ وينا اٿئي. ساري مسجد جماعت سان پريل هئي. فرمايائون ڏس هي جماعت جا ماڻهو جڏهن پير ڪامل ورتو اٿن تڏهن ڪين پنج وقت نماز بہ نصيب آهي تهجد بہ پڙهن ٿا. ڏاڙهيون بہ رکيون اٿن، زنا، چوري، ظلم، حرام خوري ڪُل ڇڏايون ڇڏي ڏنيون اٿن. اهو اٿئي پير ڪامل جي صحبت جو اثر. قرآن تي عمل بہ هاڻي نصيب ٿيو اٿن. هاڻي ٻڌاءِ قرآن جو مريد تون آهين يا هي فقير آهن. قرآن جڏهن پڙهبو آهي تہ ضرور ڪو استاد وٺبو آهي. تہ جيئن قرآن ڪريم جي اکرن پڙهڻ لاءِ استاد ضروري آهي تيئن قرآن تي عمل ڪرائڻ لاءِ بہ استاد وٺبو آهي. جنهن کي مرشد ڪامل سڏبو آهي. پوءِ حضرت جن جي واپس ورڻ کان بعد حضرت جن ۽ فقيرن مٽان ڪيس ڪيائين تہ : هتي اتر کان هڪ پير اچي ٿو جيڪو ماڻهن کي قرآن کان متنفر ڪري ٿو. ان جو هتي اچڻ بند ڪيو وڃي. پندرهن ڪن فقير ٽاٽي تي حاضر ٿيا. صوبيدار سندن صورتون ڏسي اتي ٻينو چيائين سائين ڪيئن آيا آهيو؟ چيائون اسان تي ڪيس ٿيو آهي. پوءِ صوبيدار ان زميندار کي گهرائي ڏاڍو بچڙو ڪيو. چيائين همڙن الله وارن مٽان ڪيس ڪيو اٿئي. اگر مريد اهڙا نيڪ صالح باشرع آهن تہ انهن جو مرشد چا هوندو ! فقيرن کي چوڻ لڳو خدارا مون کي معاف ڪجو. پوءِ ڪيس کوڙو ڪري ڪيڏي ڇڏيائين. ٻئي سال جڏهن حضرت جن لاڙ جي سفر تي آيا تہ اهو زميندار سائين جن سان مليو چيائين بابا اوهان فقير زور آهيو. اسان بس ڪئي.

---

[1] اخرجه احمد في مسنده عَنْ عَبْدِ اللّٰهِ بْنِ عُمَرَ (8/279)

تقريرن تي بندش جي کوشش

کيترا ڀيرا اتر سنڌ توڙي لاڙ بدين ضلعي ۾ مٺن کوڙا کيس کيا ويا ۽ سندس تقريرن مٿان بندشون وجهڻ لاءِ سرکار ۾ کوششون کيون ويون. اهي تفتيشي عملي جا ماڻهو جڏهن حضرت جي محفل ۾ اچن ته محبتن ۽ الفتن جو پيغام ڪٿي موڪن.

جسماني اذيتن جي کوشش

خليفي محمد حسين نانگري بيان ڪيو ته هڪ دفعي حضرت سائينجن هڪ ڳوٺ جي مسجد ۾ ويا اتي سندن هڪ شديد مخالف رهندو هيو. ان کي جو خبر پئي ته لٺ کٽي حضرت جن سان وڙهڻ لاءِ آيو. جڏهن لٺ سائينجن کي هڻڻ جي لاءِ ورايائين ته سندس ٻانهن اتي سُڪي پئي. پوءِ پشيمان ٿيو. معافي ورتائين. پاڻ دعا فرمايائون پوءِ ان جي ٻانهن صحيح ٿي.

حسد جي بہ کا حد هجي

حسد ۽ ساڙ جي بہ کا حد هوندي آهي پر محبوب الاهي جا معاند اخلاقيات جون حدون اورانگهي ويا. هڪ جلسي ۾ هڪ معاند مٿي تي قرآن کٽي حضرت جن جي مخالفت ڪرڻ لڳو. ماڻهن کي روڪڻ لڳو ته کو سندن مجلس ۾ نہ وڃي. هڪ ماڻهو اتي چيس مولوي صاحب مان اڳي رڇ ڪتن جي بچ ڪرائيندو هيس، ڪڏهن نماز کو نہ پڙهيم نہ وري عيد جو سجدو ڏنم. محبوب الاهي جي مجلس ۾ وڃڻ بعد هاڻي نمازي ڏيندار ٿيو آهيان. ته اهو مخالف چوڻ لڳو: اهي ڪتا کاهين ها ته پلو هيئي پر ان پير جو مريد نہ ٿين ها. هڪ مخالف قرآن مٿي تي رکي حضرت جن جي مخالفت ڪندو هيو ۽ ماڻهن کي بدظن ڪرڻ ڪاڻ کوڙا الزام مڙهيندو هيو. ٿوري ئي وقت ۾ اهو اهڙي بيماري ۾ مبتلا ٿيو جو سندس گهر جا ڀاتي بہ ان کان بيزار ٿي ويا. سندس صورت اهڙي لوساڻجي ۽ کارائجي وئي جو پنهنجا دوست بہ کيس سڃاڻي نہ سگهندا هئا. آخر ذلت جي موت مري ويو.

فقيرن جون راهون روڪيون ويون

جڏهن فقير لاڙ پار کان وٽن ايندا هئا تہ انهن کي مخالف رستن تي جهلي حضرت جن خلاف نازيبا ڳالهيون بيان ڪري انهن کي سندن صحبت ۾ وڃڻ کان روڪيندا هئا. پوءِ ائين ٿيندو هيو جيئن ماڻهن کي حاسد روڪيندا هئا تيئن اهي ذوق شوق محبت ۾ الفت سان سندن پر نور محفل ۾ ويندا هئا. پوءِ جيڪو هڪ پيرو سندن صحبت ۾ پهچندو هيو سو سندن گرويدو ٿي موٽندو هيو.

سندن مٿان قاتلاڻا حملا ڪيا ويا

جڏهن مخالفن جي سڀ پروپگنڊا ناڪام وئي تہ پاڻ ۾ صلاح ڪيائون تہ سندن مارڻ کان سواءِ ٻيو ڪو بہ چارو نا هي. پوءِ اهي حضرت جن کي قتل ڪرڻ جون سازشون ڪرڻ لڳا. هڪ پيري بدمعاشن ۾ ڪرايہ جي قاتلن کي ڳري رقم ڏئي حضرت جن کي قتل ڪرڻ لاءِ آماده ڪيائون. پوءِ اهي هٿيارن سميت سندن قتل لاءِ گهر ۾ گهڙي آيا. پاڻ ان مهل آرامي هئا. جڏهن چورن جي نظر سندن نوراني چهري تي پئي تہ هڪٻئي کي چوڻ لڳا، اگر هڻڙي نوراني چهري واري کي اسان قتل ڪيو تہ اڳتي اسان جو ڇا حال ٿيندو. انهن جي وجودن ۾ ڏڪڻي پئجي وئي وڏيڪ کا ڪاروائي ڪري نہ سگهيا ۽ ناڪام واپس ويا.

مولانا محمد چٹل جون محبتون

ان ساري مخالفانہ سرگرمين جو محرڪ چند تخريبي ذهن جا مالڪ شر پسند عناصر هئا. جڏهن تہ ان وقت جي رباني عالمن پرپور انداز ۾ حضرت جن جو ساٿ ڏنو.

حضرت خليفہ مولوي اشرف علي لغاري بيان ڪيو تہ : جنهن وقت حضرت جن خير محمد جي ڳوٺ ۾ رهندا هئا. جماعت جي ڪثرت ۾ جڏهن جي ڏم ڏڻي هوندي هئي. ان وقت حاسد قرآن مٿن تي کٹي ماڻهن کي پيا روڪيندا هئا. هڪ پيري انهن حضرت جن کي قتل ڪرڻ جو منصوبو جوڙيو. انهن مان هڪ بہ حضرت مولانا محمد چٹل رحمة الله عليه جا شاگرد بہ هئا. جڏهن انهن جي ان ناپاڪ ارادي جي خبر مولانا صاحب کي پئي تہ پاڻ

انهن مولوين کي گهرائي سخت تنبيه کيائين. خبردار متان اهڙو جهالت جو ڪم ڪيو اٿئو. ڪنهن مومن کي قتل ڪرڻ واري جي سزا هميشه جهنم جي باهه ۾ سڙڻ آهي. اگر اوهان کي پير الاهي بخش سان مقابلو ڪرڻو آهي تہ دين جي ڪمن ۾ ڪيو. اگر هو ڏهه نفل پڙهي ٿو تہ اوهان ويهه پڙهو. اگر هو ويهه ماڻهو سڏاري ٿو تہ اوهان چاليهه سڏاريو. پوءِ اهي پنهنجي ارادي کان باز آيا.

پيڪر صبر و استقلال

انهن سڀ اهنجاين جي باوجود پاڻ بردبار، حليم الطبع، متواضع ۽ خائف خدا رهيا. انهن سختين کي رضا خوشي سان قبول کيائون. ڇو تہ پاڻ ظاهري ۽ باطني علمن جا ماهر هئا ۽ مقام رضا تي فائز هئا ۽ السرور علي مصائب الله مصيبتن تي سرور حاصل ڪرڻ واري مقام تي متمڪن هئا. سندن صبر جو نتيجو اهو نڪتو جو سندس دشمن هميشه خوار ۽ ذليل ٿيندا رهيا. هميشه ناڪام ۽ نامراد رهيا. الله ڪريم کين هر موڙ تي عزت عظمت سان نوازيو.

مٿن ڪفر جي فتويٰ مڙهي وئي

حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه صحيح العقيده سُني عالم ۽ الله جا ولي هئا. پنهنجي پوري عمر الله جي محبت ۽ رسول الله ﷺ جي عشق ۽ محبت ۾ روئندي گذاريائون. هميشه ناموس رسالت، عظمت مصطفيٰ، تعظيم وتوقير حبيب ڪبريا ﷺ جا پاسبان رهيا. ان عظيم شخصيت جي باري ۾ تنقيص شان رسالت يا عدم تعظيم حبيب ڪريم ﷺ جو تصور ڪرڻ بہ وڏي جسارت بلڪ جهالت جي مترادف آهي. پر علتِ عناد ۾ مبتلا ڪن ماڻهن محض حسد جي بنياد تي سندن خطبي جي ڪن شعرن کي ٽوڙي مروڙي سياق سباق کي ڇڏي، پريس جي غلطين کي بنياد بنائي، ڪن علماءِ ڪرام کي غلط خبرون پڌائي انهن کان حضرت جن جي خلاف ڪفر جي فتويٰ جاري ڪرائي. لکين مريدين ۽ محبين جي دلين کي آزاريو ۽ ايذايو آهي. انهن مان هڪ مفتي صاحب جن کي جڏهن اصل حقيقت جي خبر پئي ان لکت ۾ پنهنجي فتويٰ کان رجوع فرمايو آهي. مون کي اميد آهي تہ باقي علماءِ ڪرام بہ رجوع الي الحق فرمائي انهن مفسدن ۽ حاسدن جي حوصلہ شڪني ڪندا.

جوابي ڪاروايون؟

هن باب ۾ بيان ٿي چڪو ته هر دور ۾ بزرگن سان عدواتون ٿيندیون رهيون آهن. سوال آهي ته جڏهن بزرگن جي خلاف مخالفتون ٿيون، انهن کي هر طرح سان ايذايو ويو، انهن جي خلاف فتوائون جاري ڪيون ويون ته ان ساري مخالفانه محاذ جي سامهون انهن کهڙي جوابي ڪاروائي ڪئي؟ انهن پنهنجي معاندين، حاسدين ۽ مُڪتابين جي جواب ۾ ڇا ڪيو ۽ ڇا چيو؟ جواب هي آهي ته:

* تاريخ شاهد آهي ته الله جي عارفن هميشه دشمنن کي معاف ڪيو آهي.
* پنهنجي پاران جواب ڏيڻ جي بجاءِ معاملو الله جي حوالي ڪيو آهي.
* برايون ڪندڙن سان پلايون ڪيون آهن.
* گارين جي جواب ۾ دعائون ڏنيون آهن.
* گلائن کرڻ وارن ڏانهن هديا ۽ تحفا موڪليا آهن. چو ته:

چڱا ڪَن چڱائيُون، مَنائيُون مَنَن:
جو وَڙُ جُڙي جِن سين، سو وَڙُ سيئي ڪَنِ.

اهي ميويدار وڻ وانگر هئا.

اسلام جي ڏيڍ هزار سالہ تاريخ اهڙن واقعن سان پريل آهي. مشڪل سان ڪو بزرگ اهڙو هوندو جنهن کي ابناءِ زمانہ ايذايو نہ هجي. ان مٿان ڪفر شرڪ يا گمراهي جي فتويٰ نہ مڙهي وئي هجي. پر اهي پنهنجي ڪم سان مصروف رهيا الله انهن جي مدد ڪندو رهيو. اهي پنهنجي ارادن ۾ اٽل رهيا، حق ۽ سچ واري راهہ تي مضبوطي سان قائم رهيا. ميويدار وڻ وانگر پٽر، ڪر، ڇانڇڙون ۽ ڪائيندا رهيا ڏوٽا ۽ سهندا رهيا ۽ ماڻهن کي منا ميوا ۽ ڪارائيندا رهيا. تانجو دنيا کي فيض پهچائيندي وڃي قبرن ۾ آرامي ٿيا. اڄ ۽ اهي زماني ۾ زنده آهن. انهن جو نام روشن آهي. انهن جي محبت اڄ ۽ لکين دلين ۾ موجود آهي. جڏهن ته انهن سان عداوت رکڻ وارا دنيا ۾ ذلتن ۽ رُسوائين ۾ مبتلا ٿي ويا.

هٿيار پنهنجو پنهنجو : هڪ ولي الله کي ڪنهن ماڻهو پالو هنيو، پاڻ هيٺ زمين تي وڃي ڪريو. کڻڻا چنڊي اٿي ان دشمن ڏانهن نهاري روحاني توجهه ڪيائين ته ان جي دل ذڪر ۾ جاري ٿي وئي. ڪنهن ماڻهو چيو سائين هن چا ٻرائي ڪئي اوهان وري موت ۾ چا پلائي ڪري چڏي! پاڻ فرمايائين: ابا هُن پنهنجو هٿيار استعمال ڪيو اسان پنهنجو.

هڪ بزرگ کي ڪنهن مخالف ماڻهو گار ڏني ته پاڻ ان کي ڪو جواب نه ڏنائون. ڪنهن ماڻهو چيو ته هڏو تا هو اوهان کي چا چئي رهيو آهي؟ پاڻ فرمايائون هائو هڏان ٿو پر :

دلم خانهٔ مهر يار است بس، ازان می نه گنجد درون کين وکس

منهنجي دل منهنجي يار جي محبت جو گهر بنجي وئي ڪاوڙ ۾ ڪيني جي ان ۾ ڪا جاءِ خالي نه رهي آهي.

حضرت پير روضي ڏٽي رهبر جا عجيب مثال:

حضرت پير سائين روضي ڏٽي رحمة الله عليه جي ملفوظات پاڪ ۾ آهي : ڪاجهجٽي فقير نقل ڪري ٿو هيڪر پاڻ لاڙ جي سفر ۾ حيدر فقير پرڳڙي جي دعوت تي جو حيدرآباد جي آسپاس سندس ديهه آهي تشريف فرما ٿيا هئا. جڏهن فقيرن جي جماعت طعام ڪائڻ لاءِ ويا تڏهن حيدر فقير عرض ڪيو ته حضرتا! ماڻهو هن جماعت جي ڏاڍي گلا ٿا ڪن. پاڻ حيدر فقير جي جواب ۾ مثال طرح فرمايائون ته سامي فقيرن جي هڪڙي جماعت شهر ڪان اڇي لنگهي. تنهن تي هڪڙو ڪتو مٿن پونڪڻ لڳو ۽ اهڙو ته پونڪيو جو مقعد مان سفرو ٻاهر نڪري پيس پر اها فقيرن جي جماعت سلامتيءَ سان چپ چاپ ڪيون هليا پي ويا. ٻيون مثال بيان فرمايائون ته اونداهي رات ۾ جڏهن چنڊ اپرندو آهي ۽ اوچتي ڪتن تي روشني پوندي آهي تڏهن ڪتا وٺي پونڪڻ شروع ڪندا آهن ۽ پونڪي پونڪي ساڻا تي پوندا آهن پر چنڊ ڪي انهن جي پونڪڻ جي ڪهڙي پرواهه؟ هو اجايو وات ٿا هٽن ۽ رڙيون پيا ڪن.

ماه برآسمان چو گيرد ضو برزمين ميکنند سگان عو عو

يعني آسمان تي جڏهن چنڊ روشني وٺندو آهي ته زمين تي ڪتا پونڪڻ لڳندا آهن.[1]

---

[1] ملفوظات حضرت پير سائين روضي ڏٽي، جلد پهريون، باب ٽيون، فصل ٽيون، ص 146

حق وارن جي حمايت

هيءَ بہ حقيقت آهي تہ جڏهن ولين ۾ بزرگن جي خلاف سازشون ٿيون يا انهن جي خلاف فتوائون مڙهيون ويون تہ ان ئي دور جي يا بعد ۾ اچڻ وارن عالمن ۽ عارفن، صوفين ۽ صالحن، ذاڪرن ۽ زاهدن، محققن ۽ " اِنَّمَا يَخْشَى اللّٰهَ مِنْ عِبَادِهِ الْعُلَمٰٓؤُا " جي مصداق ماهرن؛ هميشہ الله وارن جو ساڻ ڏنو. ڪنهن بہ صاحبِ بصيرت حقاني عالم يا شيخ طريقت ڪنهن بہ صورت ۾ ڪنهن ولي الله جي نہ مخالفت ڪئي آهي نہ ان جي خلاف فتويٰ ڏيڻ آهي. بلڪ انهن هر هنڌ ولين جي حمايت ڪئي آهي. ان جا بہ مثال پيش آهن.

شيخ بهاءُ الدين زڪريا رحمة الله عليه **جي سَجاڻ** :

حضرت قطب الدين بختيار ڪاڪي قدس سره جي ملفوظات "فوائد السالڪين" جيڪا بابا فريدالدين گنج شڪر رحمة الله عليه لکي آهي ان ۾ عجيب حڪايت لکيل آهي:

"دهليءَ جي شيخ الاسلام (وڏي مفتي) حضرت شيخ جلال الدين تبريزي رحمة الله عليه خلاف شمس والي (بادشاهہ) وٽ شڪايت درج ڪرائي. سندن خلاف مقدمو درج ڪرايو. بادشاهہ چيو تہ ان کي گهرايو ۽ ان فيصلي لاءِ ڪو منصف بہ مقرر ڪيو. پوءِ شيخ بهاؤ الدين زڪريا ملتاني رحمة الله عليه کي منصف مقرر ڪيو ويو. ٻئي ڏينهن بادشاهہ جي دربار ۾ سڀ بزرگ گڏ ٿيا. شيخ جلال الدين ادنيٰ جاءِ تي اچي ويٺو. بادشاهہ ڪيس چيو تہ مٿي اچي ويهو. پاڻ فرمايائون تہ هن وقت منهنجي خلاف دعويٰ ٿيل آهي. تنهن ڪري منهنجو مقام هي آهي جتي ويٺو آهيان. جڏهن شيخ بهاءالدين زڪريا قدس سره العزيز آيا تہ پاڻ اُن جاءِ تي اچي ويهي رهيا جتي سڀني بزرگن جون جُتيون پيل هيون. پاڻ شيخ جلال الدين جي جُتي مبارڪ سڃاڻي زمين تان مٿي ڪَنيائون ۽ چُمي پنهنجي اکين سان لاتائون ۽ پنهنجي سر مبارڪ تي رکيائون. ان ڪان پوءِ جُتي مبارڪ کي پنهنجي دامن ۾ لڪائي ڪٽي اڳتي وڌيا ۽ حاضرين مجلس کي سلام ڪري شيخ جلال الدين جي پر ۾ اچي ويهي رهيا. بادشاهہ اهو منظر ڏسي چوڻ لڳو تہ هاڻي شيخ جلال الدين تبريزي جي بزرگي ۾ ڪو شڪ ڪرڻ جي گنجائش ئي ڪونهي. چو تہ جڏهن بهاؤ الدين جهڙي بزرگ بہ سندن جُتي مبارڪ

کي بوسو ڏئي آستين ۾ رکي ڇڏيو آهي. معلوم ٿي ويو تہ اُها دعويٰ باطل آهي. جيڪا دهليءَ جي شيخ الاسلام مٿن ڪئي آهي. اُن واقعي کي گهٽو وقت نہ ٿيو هيو جو اهو شيخ الاسلام پيٽ جي سور ۾ مبتلا ٿي پيو ۽ انهيءَ عارضي ۾ انتقال ڪري ويو." ①

حضرت پير سائين روضي ڏٽي جي سيوستاني رحمة الله عليهما کي سُجاڻ:

ملفوظات شريف ۾ آهي: "عبدالخالق فقير بندر مڏئي جو رهندڙ نقل ڪري ٿو تہ لغاري قوم جو هڪ فقير درگاهہ مبارڪ ڏانهن آيو ٿي، وات تي پڌائين تہ حضرت پير سائين قدس سره جن سفر تي اسريا آهن! جڏهن کمڙن جي شهر ۾ پهتو تڏهن ڪنهن کان پڇيائين تہ اسان جو امام ڪهڙي طرف سفر تي چڙهيو آهي؟ اها ڳالهہ **شهر جي مَلن جي ڪنن تي پهتي تہ انهن فتوائون لکيون** تہ پير سائين جن جو هڪ فقير هيئن چوي ٿو تہ پير سائين پاڻ کي امام تا سڏائين! (سو تہ ناجائز آهي) **آس پاس وارن عالمن ان تي مُحرون بہ هنيون!** پوءِ انهن عالمن جو لکيل ڪاغذ جڏهن مخدوم عبدالواحد سيوستاني رحمة الله عليه کي پهتو تڏهن ان لکيو تہ هن صورت ۾ پير سائين جن کان امامت جي دعويٰ ثابت نہ آهي! مگر عام ماڻهو پنهنجي اعتقاد جي ڪري امام چون ٿا ۽ **پير سائين جن سيد آهن، انهن کي قيامت تائين امامت جو ورثو مليل آهي.** جيڪڏهن پاڻ خود امام چورائين تڏهن بہ بي شبهہ جائز آهي! پوءِ اهو معاملو جڏهن پير سائين جن کي پهتو، تڏهن پاڻ مُرڪي فرمايائون تہ: هي بہ عالم هو بہ عالم پر سمجهہ ۾ تفاوت آهي؟ فرمايائون تہ مسجد جو امام اگرچہ گهٽ قوم مان مثلاً ڪوري، موچي، هجي تہ بہ ان کي امام چوندا آهن ۽ چئبو تہ امام آيو ۽ امامت ڪرايائين، اگرچہ جماعت ٿوري هجي تہ بہ ان کي امام چوڻ جائز آهي! سبحان الله جو بزرگن جي سمجهہ ايستائين بہ نہ پهتي." ②

محقق عالم ان کي چئبو آهي جيڪو ڳالهہ جي چنڊ چاڻ ڪري، اصل حقيقت تائين پهچي. جيئن مخدوم عبدالواحد سيوستاني رحمة الله عليه ڪيو.

---

① فوائد السالكين ص 24 هشت بهشت ص 120 (ملخصا)

② ملفوظات شريف حضرت پير سائين روضي ڏٽي قدس سره ج 2 باب 14، فصل 1، ص 324

باقي ملفوظات شريف جي لفظن مطابق "**مَلن فتوائون لکيون**" (جمع م) سي به امام العارفين ولين جي تاجدار سيد روضي ڏٽي رهبر رحمة الله عليه جي خلاف. وري عجب آهي انهن **آس پاس وارن عالمن** متان. اهي به ته کو مُمرون هٽڻ لاءِ تيار وينا هئا. نه کيائون هَمَ نه کا تَمَ، نه سوچ نه ويچار. فتوائين متان ممرون هٽي کڏيائون.

اي مخدوم عبد الواحد سيوستاني تنهنجي تحقيق کي سلام !تنهنجي ولين جي سڃاڻ کي سلام ! تو دنيا وارن کي ٻڌائي چڏيو ته : "پير سائين جن سيد آهن، انهن کي قيامت تائين امامت جو ورثو مليل آهي". سندن خلاف فتويٰ جلد باز ماڻهن بنا سوچ جي لکي آهي.

خلاصءِ کلام : هن ساري بيان جو مقصد ته: هر دور ۾ حاسدن الله وارن جي مخالفت ڪئي آهي. انهن کي هر طرح سان ايذايو آهي. پر الله پاڪ هميشه پنهنجي دوستن ۽ پنهنجي بارگاهه جي مقبول ٻانهن جي مدد ڪئي آهي. هر دور ۾ الله جي ولين سان سندن دور جي اهل حق عالمن، عارفن، صوفين ۽ سالڪن ساڻ ڏنو آهي.

قدوة الاولياء پير پارسا حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه سان به سندن دور ۾ چوٽان چوٽ مخالفتون ٿيون ۽ الله ڪريم هر محاذ تي سندن غيبي مدد ۽ نصرت فرمائي کين سوپارو بنايو. سندن خلاف اگر چند حاسدين ۽ معاندين زهر اوگاڇيو ۽ علماءِ ڪرام وٽ وڃي غلط بياني ڪئي ته رباني عالمن ۽ مشائخن هميشه سندن ساڻ ڏنو ۽ سندن عزت افزائي فرمائي. سندن ظاهري زندگي ۾ توڙي سندن وصال بعد الله جا صالحين ۽ ڪاملين ٻانهن، رباني ۽ حقاني علماءِ سندن ولايت ۽ سندن خدمات جا معترف هئا ۽ آهن. اهي سندن واکاڻ ۾ رطب اللسان هئا ۽ آهن. ان جو ڪجهه بيان اوهان هن ئي ڪتاب جي گذشته ابواب ۾ پڙهيو ۽ بقايا ايندڙ ٻن ٻابن ۾ ملاحظه ڪندا.

قطبِ عالم حضرت پير مٺا سائين رحمة الله عليه کين رباني عالم ۽ ولي الله قرار ڏنو. نه صرف ايترو پر پاڻ لکت ۾ کين شيخ ڪامل جي سند عطا ڪيائون.

علم سلوک وجذب وحالات وواردات صحيحہ حاصل نمودہ برائے تعليم اسم ذات وعلم سلوک برائے طالبانِ مولیٰ وبرائے خدمتِ اسلام بموجبِ ضرورت اجازت دادہ شد وطالبان راہِ حق جل وعلیٰ را مناسب است کہ زود فیض ظاہری و باطنی ازین شیخ کامل حاصل نمایند و ہیچ خطرہ وشک در دل نیارند.

حضرت پير محمد قاسم مشوري صاحب رحمة الله عليه سندن پيشاني کي چميو هيو.
مولانا محمد چتل رحمة الله عليه مخالفتن کي سندن پار ان منهن ٽوڙ جواب ڏنا هئا.
سندن استاد مولانا محمد اسحاق ته ائين چوندو هيو ته مان الله تعاليٰ جي بارگاهه ۾ حضرت محبوب الاهي کي پنهنجو صالح عمل ڪري پيش ڪندس.

سنڌ جي پيرانِ طريقت ۽ وارثانِ محراب ومنبر ۽ رباني ۽ حقاني عالمن جيئن حضرت پير عبد الخالق سجاده نشين خانقاه عاليه پرچونڊي شريف، حضرت پير منا سائين ثاني، حضرت پير سيد ضياءُ الله شاهه جيلاني، علامه پير مفتي خليل احمد جان اشرفي، حضرت علامه مولانا محمد ادريس نقشبندي، شيخ الحديث فقيه العصر حضرت علامه مولانا عبد الرحمان نتوي، مفتي اعظم سنڌ حضرت علامه مفتي محمد جان نعيمي، حضرت علامه مفتي الله ڏنو جمارا ٹي، وغيرهم ادام الله وجودهم وشفقتهم جا سندن باري ۾ تاثرات هن ڪتاب جي ايندڙ ابواب ۾ ملاحظ ڪري سگهو ٿا.

عصر حاضر جي انهن پيرانِ مسند نشينن ۽ انهن برڪ عالمن ۽ مشائخن جي محبوب الاهي رحمة الله عليه جي باري ۾ شهادت ڪافي ۽ شافي آهي. باقي نه مڃڻ وارن ته نبين ۽ رسولن کي به نه مڃيو هيو. حاسد ۽ جلد باز ماڻهن امام اعظم، امام احمد بن حنبل، امام غزالي جهڙن جوانن تي فتوائون مڙهي ڇڏيون هيون. انهن جي فتوائن سبب انهن ولين جي شان ۾ شوڪت، مقام ۽ مرتبي ۾ ڪمڙي ڪمي آئي؟ گهٽ وڌ ڳالهائڻ وارا ته الله جي پاڪ ذات ۽ ان جي بي عيب رسول ﷺ مان به نه ٿا مڙن. جيئن حضرت پير روضي ڏٽي رحمة الله عليه جي ملفوظات شريف ۾ آهي:

قيل ان الله ذو ولدا * قيل ان الرسول قد كهنا
ما نجي الله والرسول معاً * من لسان الوريٰ فكيف انا

يعني نالائق ماڻهن الله تعاليٰ تي بهتان پڌي چڏيو ته معاذ الله ڪيس پٽ آهي. جيئن عيسائي ۽ يهودي حضرت عيسيٰ ۽ حضرت عزير عليٰ نبينا و عليهما السلام بابت چوندا آهن ۽ ڪن بدبختن حضرت پيغمبر ﷺ تي ڪاهين هجڻ جو بهتان رکيو هو. پوءِ جڏهن الله تبارڪ و تعاليٰ ۽ سندس رسول ﷺ به خلق جي زبان کان نه ڇڏيا آهن آءٌ وري ڪيئن سلامت رهندس.

پوءِ پير سائين جن فرمايو تہ: اي عزيز! طالب کي ڪپي تہ ماڻهن جي چئي آکٹي تي ڪن نہ ڏئي نہ تہ خلق جي اختلافن ۾ سرگردان ٿي هلاکت جي ڪُن ۾ ڪِري پوندو. تنهن ڪري سندن چوڻ ۾ هٻڻ کان گونگو ٻوڑو ٿي گذارجي.[1]

لمحهءِ فڪريہ :

حالات حاضره ۾ مسلڪِ اهلسنت جِي باهمي چپقلش، افتراق ۽ انتشار جي طوفاني هوائن اتحاد ۽ اتفاق جي چادر کي چاڪ ڪري چڏيو آهي. جنهن جي ڪري باطل قوتون مضبوط تر ٿي چُڪيون آهن ۽ مسلڪِ حق شب و روز زبون حالي طرف ويندي ويندي اڃ هر محاذ تي دفاعي پوزيشن ۾ اچي پهتو آهي. اهڙي مخدوش حالات ۾ ڪافر ساز فيڪٽريون ايڏي تيزي سان ڪاغذ ڪارا ڪري مسلڪ جي ڪهڙي خدمت ڪري رهيون آهن!! انهن جي ان رنگ ۽ ڍنگ سان حضرت حبيب ڪريم ﷺ کي ڪيتري قدر خوشي ٿي هوندي؟ هڪ ڪاغذ جي ڇُٽڪي جي ذريعي الله جي صالح ٻانهن کي ڪافر قرار ڏيڻ ۽ ان جي لکين مريدين، متعلقين، محبين، مديني واري سائين ﷺ جي غلامن کي ڪافر سڏڻ تي انهن مٿان رسول الله ﷺ ڪيترا خوش ٿي رهيا هوندا !!

اهي آخر حبيب ڪريم ﷺ جي اڳيان ڪهڙو ڪنڌ ڪٹندا !

انهن جي ان ڪاروائين سان سندن مرشدن جا روح بہ انهن تي ڪيترا خوش ٿيا هوندا ۽ انهن کي ڪيترين دعائون ڏئي رهيا هوندا!!

مخالفين ۽ مُڪتابين، حاسدين ۽ مُعاندين جي انهن ڪاروائين سان الله وارن خصوصاً حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه جي شان ۾ شوڪت، عزت ۽ عظمت تي ڪهڙو فرق پيو آهي!! سندن هلندڙ ۽ وڌندڙ فيض ۾ ڪهڙي ڪمي آئي آهي؟ جيڪي مريد سِرَن جا سودا ڪري چُڪا آهن چا اهي محض مخالفن جي چوڻ تي پنهنجي پير جو آستانو چڏي ڏيندا !!

وَاتَّقُوْا يَوْمًا تُرْجَعُوْنَ فِيْهِ اِلَى اللّٰهِ ۱ ۫
ثُمَّ تُوَفّٰى كُلُّ نَفْسٍ مَّا كَسَبَتْ وَهُمْ لَا يُظْلَمُوْنَ ۲۸۱

---

[1] ملفوظات پير سائين روضي ڏٹي رحمة الله عليه ، ج پهريون، باب ٽيون، ص 151

باب پندرهون

حضرت محبوب الاهي مُعاصرين جي نظر ۾:

خواجهءِ خواجگان، قيوم زمان، قطبِ جهان، عارفِ رحمان، مقتداءِ عاشقان، حضرت پير محمد **الاهي بخش** غفاري فضلي نقشبندي رحمة الله عليه الله جا اهي ڪامل اڪمل ولي ۽ رب جا رازدان عارف بالله ٻانها هئا جن چوڏهين صدي جي آخر ۽ پندرهين صدي جي ابتدا واري پر فتن دور ۾ هزار ها پتڪيل انسانن کي رباني راهه تي آندو. تشنگانِ ازل کي سِڪ جي سُرکي ۽ محبت الاهي جي مئ پياري وصال جي وادي ۾ پهچايو. هُما پکي وانگر گم ٿيل عشق الاهي نروار ۽ نمودار ڪيو. بسطام ۽ بغداد، سرهند ۽ اجمير واري خوشبوءِ کي فضل آباد شريف ۾ آڻي امرُوعام ڪيو جو ان سڳنڌ ۽ سرهاڻ سان وستيون ۽ واهڻ، شهر ۽ بحر واسجي ويا. عشق الاهي جو اهو منو چشمو جاري ڪيائون جو لاڙ پار ڪچو ڪاچو پانت پانت کان هزارين پياسا اچي وٽن اندر جي پياس اجهائڻ لڳا.

هر کجا چشمهءِ بود شيرين مردم ومرغ مور گرد آيند

پاڻ محبت جو اهو ميخانو کوليائون جو هزارين ان عشق جي شراب کان مست ٿي ويا.

نه تنها اندرين ميخانه مستم ازين مئ همچو من بسيار شد مست

فيضانِ الاهي جو اهو گل ٽڙيو جو هزارين پوءِ نرا واس وٺڻ لاءِ آيا. سندن نوراني نظر پٿر جهڙيون سخت دليون نرم ڪري ڇڏيندي هئي.

سندن دور جا صاحبانِ علم و عرفان صاحبانِ ذوق و وجدان ۽ علماءِ و مشائخ قدردان ماڻهن کي سندن صحبت ۾ وڃڻ جي ترغيب ۽ تحريص پيا ڏيندا هئا. هن باب ۾ اسان سندن دور جي چند مشائخن ۽ پيرن، عالمن ۽ اديبن، دانائن ۽ دانشورن جا رايا پيش ڪنداسين تہ انهن سندن باري ۾ ڇا چيو؟ ۽ عصري ڪتابن ۾ سندن باري ۾ ڇا لکيو ويو.

حضرت ميان منظور احمد مدني جو محبتون

رحمة الله عليه

شيخ العرب والعجم حضرت ميان منظور احمد سنڌي ثم مدني رحمة الله عليه مدينہ منوره جي شيوخ مِ هڪ خاص مقام جا مالڪ هئا. پاڻ ذات جا خاصخيلي هئا. سنڌ مِ ڪوٽڏيجي جا رهواسي هئا. پهريان پاڻ اهل تشيع وارو مذهب رکندا هئا. پوءِ پير طريقت سيد حاجي محمد مجتبيٰ رامپوري رحمة الله عليه جي نگاه ڪرم سان سُڌيا ۽ باطن جي اعليٰ مقام تي ٻه پهتا. جڏهن رامپوري سرڪار جي سامهون آيا، پاڻ پڇيائون هن جو نالو ڇا آهي؟ عرض ڪيو ويو؛ منظور حسين. پاڻ فرمايائون : "منظور آهي تہ الله وٽ ٻہ منظور آهي."

تن ڏينهن مِ هڪ رات ڪين سيدنا ابوبڪر صديق رضي الله عنه جي زيارت ٿي ۽ اهل سنت مِ داخل ٿيڻ تي ڪين مبارڪ ڏنائون. سال 1936ع مِ سندن مرشد رحلت فرمائي ۽ پاڻ سنہ 1938ع مِ مدينہ طيبہ مِ هجرت ڪري وڃي رهيا. مدينہ طيبہ مِ پاڻ باطني فيوضات جو اهڙو درس ڪوليائون جو هزارين ماڻهن عرب توڙي عجم جا سندن فيض سان مستفيض ٿيا. سعودي حڪومت جا گهٽا وزير ۽ مشير سندن حلقہ ارادت مِ داخل ٿيا. پاڻ سخي ۽ جَواد ۽ مهمان نواز هئا. سندن نياز، انڪسار ۽ عاجزي بي مثال هئي. سهڻن اخلاقن جا پيڪر هئا. پاڻ شعبان 27 جي رات 1408هـ مِ ڪراچيءَ جي هڪ اسپتال مِ رحلت فرمايائون.

پوءِ سندس جسد شريف خصوصي جهاز جي ذريعي مدينہ منوره آندو ويو. سندن نماز جنازه مسجد نبوي مِ ادا ڪئي وئي پوءِ بقيع شريف مِ حضرت عثمان غني رضي الله عنه جي مزار جي اولهہ مڪين دفن ڪيو ويو.

حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه جنهن سال حج تي ويا هئا ۽ ميان سائين ڪي جڏهن حضرت جن جي آمد جي خبر پئي تہ پاڻ مولوي محمد صالح ماهوتي جي معرفت ڪين دعوت ڏياري موڪليائون. جيڪا سائينجن قبول ڪئي. اها دعوت ٻڌي مديني پاڪ جا پاڪستاني علماء اچرج مِ پئجي ويا.

چوڻ لڳا تہ بيشڪ ولي راولي ئي شاهہ ولي ڪي ولي سڃاڻندو آهي. پُر تڪلف دعوت ٿي وڏيون روح رهاڻيون ٿيون. پوءِ پاڻ موٽي آيا تہ اڪثر ميان منظور سائين جي واڪاڻ ڪندا هئا ۽ ميان سائين جن هر واقف ماڻهو هٿان سلام سنيما ڏياري موڪلينداِ رهندا هئا.



جيئن ٿئين باب ۾ بيان ٿي چڪو تہ حضرت محبوب الاهي قادري سلسلي ۾ قطب الاقطاب حضرت پير محمد قاسم مشوري رحمة الله عليه سان بيعت ڪئي هئي. سندن مٺان مرشد ڪريم جي وڏي عنايت ۽ شفقت هئي. پوءِ سندن امر سان پاڻ پير منا سائين سان بيعت ڪئي هئائون. جڏهن پير منا سائين رحمة الله عليه خلاف مولوين ڪتاب پئي لکيو تہ ان جي حقيقت کان آگاهہ ڪرڻ لاءِ پير منا سائين دربار عاليہ مشوري شريف ۾ حضرت محبوب الاهي کي موڪليو هيو. قطبِ عالم حضرت پير منا سائين رحمة الله عليه جي وصال پُرملال بعد سجاده نشيني جي معاملي ۾ جيڪو اختلاف ٿيو هيو انجي صُلح ڪرائڻ ۾ جيڪو عظيم ڪردار حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه ادا ڪيو هيو. اهو احوال ٻڌي حضرت مشوري صاحب رحمة الله عليه محبوب الاهي رحمة الله عليه جي پيشاني کي چُمي فرمايو تہ: "اوهان اڄ اهو ڪم ڪيو آهي جيڪو لنواري شريف وارن بزرگن جي وصال بعد پيدا ٿيل اختلاف کي دفع ڪرڻ ۾ گرهوڙي صاحب ڪردار ادا ڪيو هيو".

حضرت سڌا سائين ۽ محبوب الاهي جي ملاقات

رحمة الله عليهما

بلال فقير پتوجو ڳوٺ ڪلر لڳ ميهڙ واري بيان ڪيو ته آءِ ان منظر جو اکين ڏٺو شاهد آهيان. جڏهن هڪ پيري حضرت **سڌا سائين** رحمت الله عليه جي طبيعت مبارڪ ناساز هئي. پاڻ جامشوري اسپتال ۾ داخل هئا. حضرت **محبوب الاهي** رحمت الله عليه کي خبر پئي ته پاڻ سندن عيادت لاءِ جامشورو اسپتال آيا. اول اندر اطلاع ڪيو ويو. پاڻ اجازت عنايت ڪيائون. پوءِ جيئن حضرت محبوب الاهي اندر داخل ٿيا، ڏٺين بزرگن هڪ پئي کي ڏٺو ته ڏٺين جي اکين ۾ آب جاري ٿي ويو. غفاري غوث جي فيوضات جا وارث لکين ماڻهن جي ايمان ۽ عقيدن جا محافظ الله جا عارف، رسول الله ﷺ جا عاشق پئي جڏهن هڪ پئي کي پاڪر پائي مليا ته پئي زارزار روئي رهيا هئا ۽ گهٽي دير تائين روئندا رهيا. شايد ڏٺين کي رحمتپور وارو دور ۽ گڏ گذاريل گهڙيون ياد اچي ويون هيون. سڌا سائين رحمت الله عليه ان وقت شديد جسماني تڪليف ۾ مبتلا هئا. پاڻ فرمايائون اوهان جي مهرباني جو اوهان عيادت لاءِ آيا. پوءِ پاڻ ڪسر نفسي ڪندي فرمايائون مان پنهنجي گناهن جي شامت ۾ مبتلا آهيان. محبوب الاهي رحمت الله عليه فرمايو : اوهان الله جا پيارا آهيو. رسول الله ﷺ جي حديث آهي ته الله ڪريم پنهنجي ٻانهن لاءِ اهڙا درجا ٺاهيا آهن جن تي عابد عباتن سان پهچي نه ٿا سگهن. پر الله جي تڪليفن تي صبر ڪرڻ وارا انهن درجن کي پهچي وڃن ٿا. [1] پوءِ ڏٺين بزرگن جي گهٽي دير پاڻ ۾ ڪجهري ٿي ۽ پاڻ ۾ محبتون ونڊيائون.

خدا رحمت كند اين عاشقان پاک طينت را

---

[1] شايد سندن اڀارو رسول الله صلي الله عليه وسلم جي هن حديث پاڪ ڏانهن هيو: قال رسول الله صلي الله عليه وسلم : إِذَا سَبَقَتْ لِلْعَبْدِ مِنَ اللَّهِ مَنْزِلَةٌ لَمْ يَبْلُغْهَا بِعَمَلِهِ. ابْتَلاهُ اللَّهُ فِي جَسَدِهِ أَوْ فِي مَالِهِ أَوْ فِي وَلَدِهِ. ثُمَّ صَبَّرَهُ حَتَّى يُبْلِغَهُ الْمَنْزِلَةَ الَّتِي سَبَقَتْ لَهُ مِنْهُ. اخرجه احمد في مسنده (37/ 29) و ابوداؤد في سننه (ج 8/ ص 334) و لابن أبي عاصم في الآحاد والمثاني (3/ 99) و أبو يعلى الموصلي في مسنده (2/ 224) والطبراني في المعجم الأوسط (2/ 17)

حضرت ميان عمر الدين چنا جون چاهتون ۾ محبتون

رحمة الله عليهما

عالمِ باعمل صوفي با صفا حضرت ميان عمر الدين چنا رحمة الله عليه خيرپور ناٿن شاهه جي پير ۾ جوهي برانچ جي ڪناري هڪ ننڍڙي ڳوٺ ۾ رهائش پذير هئا. پاڻ جيد عالم هجڻ سان گڏ عظيم روحاني رهبر ۽ مصلح هئا. سندن مشهور ڪرامت آهي ته ڳوٺ کي باهه لڳي ته پاڻ اٿيا پنهنجي لڪ مبارڪ جو ليڪو ڪيڙي فرمائڻ لڳا: "باهه ننڍي رب وڏو". اهو جملو بار بار ورجائڻ لڳا ته باهه اجهامي وئي.

حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه جو ڳوٺ خانپور ۽ سندن قريب هيو. ٻنهين بزرگن جي پاڻ ۾ گهٽي محبت هوندي هئي. پر پٽ هڪ ٻئي جي واڪاڻ ڪندا رهندا هئا. فقير عبد القادر سومري بيان ڪيو ته هڪ پيري حضرت ميان سائين جن جي ساهمون ڪنهن مولوي حضرت محبوب الاهي جي گلا جو اوپر ڪيڏيو. ميان سائينجن ان تي ڏاڍو ناراض ٿيا ۽ ان کي پنهنجي مجلس مان اٿاري چڏيائون ۽ جوش ۾ اچي فرمايائون: "اي نادان توکي خدا وارن جي شڪايت ڪندي شرم نه ٿو اچي. اڄ ڏينهن کان اسان جي درگاهه تي نه ايندو ڪر". هن فقير حضرت جن کان ڪافي پيرا ٻڌو پاڻ فرمائيندا هئا ته: "جنهن وقت حضرت پير مڻا سائين رحمة الله عليه ڪچي ۾ سڪونت پذير هئا. اسان هڪ پيري جماعت وٽي اوڏانهن پئي وياسين، دل چاهيو ته حضرت ميان عمر الدين سان ملندا وڃون. پوءِ جيئن سندن درگاهه تي پهتاسين پاڻ مسجد ۾ ويٺل هئا. اسان کي ڏسي اٿيا ۽ وڏي پيار ۽ محبت سان مليا. اسان جي بيحد عزت افزائي ڪندي فرمايائون ته: "ابا پنجاب مان هڪ رحمت جو هڪ وڏو ڪڪر سنڌ تي وسڻ آيو، جنهن ملڪ کي آباد ڪري چڏيو. اڄ ان ڪڪر جي هڪ ڪڪري اوهان اسان تي رحمت وسائڻ آيا آهيو. مان اوهان جي قدم قدم جو شڪر گذار آهيان. پوءِ پاڻ اسان کي رات رهايائون. رات جو تمام روح وار ي ڪچهري ڪيائون.

حضرت جن فرمايو تہ اهڙي صفائي ستڑائي مون کٹي کو نہ ڏٺي هئي جهڙي ان بزرگ جي درگاھ تي ڏٺم. هر شيءِ سليقي سان رکيل هئي. کٹي کو ڪک نظر نہ آيو. پر رات جو اوڍڻ لاءِ جيڪا رلمي ۽ سوڙ ڏنائون ان جو ٽوپو به آڏو ابتو نہ هيو.

حضرت ميان گلڙ فقير
جا عجيب الفاظ

رحمة الله عليه

ڪاڇي جي علائقي واهي پانڊي ۾ هڪ دُرويش "گلڙ فقير" نالي رهندو هيو. ڏاڍو مستجاب الدعوات هيو. فقير صاحب وات مان جي لفظ ڪيندو هيو، خدا جي قدرت سان ائين ٿي پوندو هيو. نہ ڪڏهن پيرن وارو ڏڇ رکيائين نہ ڪڏهن ڪنهن کان ڪنهن شيءِ جي گهُر يا سوال ڪيائين. اڪثر ڪاڇي جي پٽن ۾ پيادل هلندو هيو.

حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه فرمايو تہ هڪ پيري اسان چتي جي مياڻي ۾ تبليغي سفر ۾ نڪتل هئاسين. اتي گلڙ فقير به آيل هيو. اسان جي ساٿس اتي ملاقات ٿي. وڏي نياز ۽ نوڙت سان نظر آيو. ڳالهين ڪندي فقير فرمايو تہ جڏهن مان حج تي ويس، ڪعبة الله شريف ۾ داخل ٿيس تہ اندران قدرتي آواز پنهنجي ڪنن سان ظاهر ظهور ٻڌم.

کم گفتن کم خفتن کم خوردن راعادت بگير

حضرت جن فرمايو: ساٿس سمٽي ڪچهري ٿي. پوءِ اسان پنهنجي تبليغ جي ڪم سان راهي ٿياسون ۽ درويش پنهنجي مُنهن نڪري ويو. ڏاڍو نيڪ نظر آيو.

نصير فقير لغاري ٻڌايو تہ آءُ اول گلڙ فقير جو مريد هيس. فقير سائين پنهنجي عمر جي پچاڙڪن سالن ۾ هڪ ڏينهن مون کي فرمايو تہ: "اسان وڃڻ وارا آهيون، تون وڃي پير الاهي بخش جو مريد ٿجان،، اهو عالم به آهي عارف به آهي". پوءِ مان اچي حضرت جن جو مريد ٿيس.

حضرت مولانا نبي بخش زرداري جا تاثرات

رحمة الله عليه

استاد العلماءِ حضرت مولانا نبي بخش زرداري رحمت الله عليه محبوب الاهي رحمة الله عليه جو ديرينہ دوست، هم سبق ۽ محرمِ راز هيو. پاڻ پوري عمر علمي خدمتن سان منسلڪ رهيو. هن فقير (ڪرم الله) کي خبر پئي تہ پاڻ سيوهڻ شريف جي مدرسي ۾ پڙهائن ٿا. وڃن ويس ۽ کين عرض ڪيم تہ اوهان منهنجي شاهہ بابا منهنجي محبوب کي ڪيئن ڏٺو؟ فرمايائين مان اوهان کي لکي موڪليندس. پوءِ هي شعر لکي موڪلياٸين:

سگهو اي قلم تيز تر ڪر زبان بحمدِ خداوند هر دو جهان
سيدنا محمد سو آهي امام وسيلو جزيلو بروزِ قيام
وري ڏي ٽُبي اي قلم ڪا ٻيهار ڪي مقصد جا موتي تون ڪاغذ تي هار
رکان عرض خدمت ۾ هي پيشڪش ڪئي خُلق جنهنجي آ دل ۾ ڪشش
قبوليت جو درجو ملي ويو اگر تہ اعزاز ملندو اسان کي ڪثر
بخدمت جنابا معزز ترين سلامت رهو تان رهي هي زمين
سدا فيض برڪت جو هوڪو هلي جيسين چند تارن جو چرخو چلي
سدا نام نيڪي هجي همقرين ٿي جيسين هي اوپڙ اُپاري زمين
اوهان جي صحن تي ستارو سعيد سدائين پيو چمڪي مثل رات عيد
حسد منجهہ حاسد سڙي خاڪ ٿيا انهن کي اندر چير ۽ چاڪ پيا
بنا صُلح دشمن نہ چارو ڏسي سجو ڏينهن توري انتارو ڏسي
سدا دوست سرها وطن ۽ وتن اهي تنهنجي آذار گويون ڪثن
اي شيخ المشائخ جا فرزند پير ٿئين ماتلي ۾ سڪونت پذير
ابو هو اوهان جو تہ غوث زمان اُٿي ان تي رحمت ڪنان آسمان
زگنجينهءِ فيض قلبِ پدر ٿُو دريافتي چند لعل و گهُر
زسينہ بسينہ روان ست نور پذيرفت در هر مريدي ظهور
اوهان جو ابو هو اسان تي شفيق هجي روح تنهنجو برحمت غريق

هو زاهد مدامي عبادت گذار ذڪي ذهن وارو وڏو نامدار
سدا خوش طبع خلق وارو خليق سندس خلق بيشڪ هو بحر عميق
ڪنهين تنهنجي مُنهن ۾ نه گهُندي ڏٺي نه ڪنهن تلخ گفتار تنهنجي ٻڌي
هيا تنهن جا اخلاق اعليٰ ترين نمازن جو پابند عُزلت نشين
اصل ڪان ئي جمندي الهي جلم ها خدا جي ذڪر ۾ صبح شام ها
سندن پاڪ باطن نُرو نور هو حسن ظاهري سان به مشهور هو
سندن منهن مبارڪ ۾ چمڪار ها سندن خَدَّ پُر نور رُخسار ها
ڪيان ڪهڙي مان وصف انجي بيان هو صاحب نظر هو چوي ڇا زبان
ٻَـڌي سر مبارڪ تي دستار ڪي ٿي شرمايئين شاهن جي سينگار ڪي
سندءِ فيض برڪت پکڙجي ويو چراغ شريعت تو روشن ڪيو
اوهان جا سيئي فيض وارا فقير ڏسان ٿو نه نيڪي ۾ تن جو نظير
فقيرن جو منهن آرسي جي مثال انهيءَ مان ڏسون پير جو ٿا ڪمال
شريعت جا پابند آهن مريد ڏسون ٿا سيئي مرد صالح سعيد
اهو آهه سپ ڪجهه اوهان جو ڪمال ڪيئي نفس نادان ڪي پائمال
اهو فيض تائين قيامت هجي مريدن جي سا استقامت هجي
لکائي رکيم روح ۾ هي خيال ته من منهنجي قسمت ڪري ذوالجلال
ڏسن نيٺ منهنجا سا مرقد مزار جتي منهنجي مشفق ڪي آهي قرار
اي صاحب ڪرم شوق دل ۾ اٿم مان ايندس جنهين وقت قسمت ڪنيم
ٿيو محسوس دل ۾ اهو افتخار جو آهيان مخاطب اڳيان شهر يار
جنهين ساڻ همت مسلسل جهاد لکن ڪي بنايو آ صوفي نزاد
فريضه الاهي ادا جنهن ڪيو خدائي خلافت جو والي ٿيو
نفاذ شريعت جو مظهر ٿيو جو نور خدا جو آ مظهر ٿيو
به يڪ وقت واعظ مدبّر ٿيو مقرر محدث مفڪر ٿيو
انهي تي اسان جا لکين لک سلام هجي شال آباد تائين قيام
وسائي خدا ان جي درگاه ڪي بقا جيسين سج چنڊ هن ماه ڪي
وسي معتقدن ساڻ درگاه هي جو ايمان جي آ پنهه گاه هي
ختم شعر ڪي ڪر اي ناڪس "نحيف" متان ڪ٦ ٿئي پير صاحب ظريف

العبد نحيف نبي بخش خادم مدرسه خيرالعلوم سيوهڻ شريف

استاد العلماء حضرت علامہ عبد الرحمان نئوي جا تاثرات

زيد مجدہ

شيخ الحديث والتفسير استاد العلماء علامہ مفتي عبد الرحمان نئوي دامت برکاتہ سنڌ جا اهي برڪ عالم آهن جن جون مسلڪ حق اهلسنت لاءِ ڪيل خدمتون صدين تائين ياد رکيون ويندیون. ماهوار رسالو "صراط الهدیٰ" جڏهن حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه جو خصوصي نمبر شايع ڪري رهيو هيو تہ ان لاءِ حضرت مفتي صاحب جيڪو مضمون حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه بابت لکيو هيو سو پيش ڪجي ٿو:

پاڻ مجمع البحرين هئا ظاهري ۽ باطني علم جا سرچشما هئا

سنڌ سونهاري اها پياري عظيم ۽ مردم خيز ڌرتي آهي، جنهن پنهنجي پاڪ پيٽ منجهان عظيم هستين کي جنم ڏنو. جن هر فن علم ۽ هر ميدان ۾ پنهنجا نالا پيدا ڪيا خواه علم ظاهري هجي يا باطني، فقہ هجي يا تصوف، تفسير هجي يا حديث، نحو هجي يا منطق، حڪمت هجي يا فلسفو هجي يا طب، الغرض تہ هرهڪ علم ۽ فن جا متبحر علماء ۽ صوفياء پيدا ٿيا. ڪٽي ڏسندا تہ ابو علي دقاق نظر ايندو، جيڪو هڪ روايت مطابق حضرت جنيد بغدادي جو مربي ۽ استاد هيو. ڪٽي ڏسندا تہ علم حديث جو حافظ ابو معشر نجيح جيڪو مغازي جو مڃيل امام هيو، جنهن کان امام ترمذي پنهنجي جامع ۾ احاديث جمع ڪيون آهن. وري ڪٽي ڏسندا تہ علم فقہ جا متبحر علماء پوري سنڌ ۾ پکڙيل ملندا. جيئن تہ مخدوم محمد هاشم نئوي رحمة الله عليه جيڪو تفسير حديث ۽ بين علوم ۽ فنون ۾ صاحب دستگاهہ هجڻ سان گڏوگڏ علم فقہ جو امام هيو.

اهڙي طرح جيڪڏهن سنڌ تي طائراڻہ نظر وجهجي تہ مخدوم جعفر بوبڪائي تہ ڪٽي مخدوم محمد عابد سنڌي، مخدوم محمد حيات سنڌي ۽ مخدوم ابو الحسن جهڙيون شخصتيون نظر ايندیون. اهڙين شخصتين بابت، جيڪڏهن اپٽار ڪجي تہ هوند دفتر پرجي وڃن.

وري سنڌ متان عقيدتمندانہ نظر وجهجي تہ سجي سنڌ اولياءِ ڪرام ۽ صوفيانِ عظام سان پريل ملندي. جيئن تہ ڏٺي جا بزرگ، حضرت شاھ مراد شيرازي، حضرت شاھ مسڪين، حضرت شاھ ڪمال، حضرت شاھ ابراهيم جيلاني، حضرت شاھ مبين، حضرت عبد الله شاھ اصحابي ۽ امام رباني جي والد جي مرشد جو مرشد حضرت فضيل قادري ، حضرت مخدوم ابوالقاسم، حضرت مخدوم محمد آدم ۽ مخدوم محمد هاشم ۽ اهڙيون ڪئي ٻيون شخصيتون آهن، جيڪي ڏٺي ۽ مڪلي ۾ آرام فرما آهن. اهڙي طرح حضرت شاھ عبد اللطيف ڀٽائي، حضرت شاھ عبد الڪريم بلڙي وارو، حضرت شاھ يقيق، حضرت شاھ ابراهيم سامونڊي، حضرت مخدوم نوح هالن وارا، حضرت مخدوم نوح بکري جيڪو امام سهروردي جو وڏو خليفو هو. جنهن جي صحبت لاءِ امام سهروردي لاءِ هن ملڪ جي رهواسي سندس مريدن کي سخت تاڪيد ڪندو هو.

اهڙي طرح حضرت شهباز قلندر ۽ حضرت بودلا بهار ۽ حضرت ميان حبيب حضوري ۽ حضرت خير الدين ۽ حضرات سرهندي ٽنبو سائينداد وارا، گلزار خليل، متياري ۽ ملير وارا، حضرت مخدوم اسماعيل پريالوي ۽ حضرات مخدوم ڪوڙن وارا ۽ حضرت سچل سرمست ۽ حضرات راشدي ۽ حضرات جيلاني ڳمبٽ ۽ راڻيپور وارا ۽ حضرات ڳڙهي ياسين وارا، حضرت مشوري صاحب ۽ حضرت شاھ صاحب ٽل وارا، حضرت شاھ صاحب امياڻي وارا ، حضرت مخدوم بلال. حضرت شهداد ڪوٽي، حضرات همايون وارا، حضرات پرچوندي شريف ۽ چوٽيار وارا، بوبڪن وارا، نورائي شريف وارا، لواري شريف وارا ۽ وصي وارا ۽ قاضي احمد دامائي ۽ گرهوڙ شريف وارا ۽ پيا بہ ڪيترائي اڻ ڳڻيا بزرگ سنڌ جي رحمت پريئي پاڪ ۾ آرام فرما آهن عليهم الرحمه الرضوان.

حريفاں باد باخوردند و رفتند ❊ تہی خمخانہ را کردند و رفتند

انهن منجهان هڪ حضرت خواجہ **"الاهي بخش انصاري"** غفاري عليہ رحمة ربہ الباري پڻ آهن. جيڪي علم ظاهري ۽ علم باطني سان سينگاريل هئا. جمڙي طرح علم ظاهري ۾ متبحر عالم هئا اهڙي طرح پنهنجي مربي ۽ مرشد حضرت خواجہ علامہ عبدالغفار رحمتپوري لاڙڪاڻو وارن جي صحبت ۾ رهي ڪري سلوڪ جون راهون

طي ڪري منزلِ مقصود تائين پهتا جنهن بعد پاڻ سندن مرشد مربي ڪان خلافت حاصل ڪري با ڪمال بنيا. ان ريت حضرت ممدوح مجمع البحرين يعني ظاهري ۽ باطني علم جا منبع هئا.

فقير هڪ پيري ماتلي ۾ زيارت لاءِ مولوي محمد امين ۽ پين سان گڏ سندن خدمت ۾ حاضر ٿيو. تقريباً سندن صحبت ۾ هڪ ڪلاڪ رهيو جيئن ته حضرت موصوف عليہ الرحمة عشق الاهي ۽ عشقِ مصطفوي ۾ محويت جي آخري ڪناري تائين پهتل هئا ان ڪري جنهن بہ وقت الله تعالىٰ ۽ ان جي حبيب عليہ الصلواة والسلام جو ذڪر خير آيو ٿي ته سندن اکين مبارڪن مان ڳوڙهن جون نمرون وهڻ ٿي لڳيون. ان ريت سندن مٿان گريہ ۽ جذبہ جو غلبہ نظر آيو ٿي. وري سندن مؤثر ڪچهري ويٺلن جي مَنَ ڪي موهي چڏيو ٿي جنهن سبب سندن صحبتي اثر ڪان خالي نہ ٿي رهي سگهيا. انهي ڪري سندن نسبت رکندڙن ۾ خلوص ۽ شريعت جي پابندي عيان آهي. سندن فيض رساني جو اندازو هن حقيقت مان بلا مبالغہ لڳائي سگهجي ٿو ته عبدالحڪيم چانگ جيڪو نٽي ۾ انجنيئر ۽ هن فقير جو دوست هو. ڪلين شيو ۽ نماز ڪان پري هو. فقير ڪي ان موقعي تي مليو سندن اندر تبديلي منهن تي ڏاڙهي، ذڪر فڪر ۽ شرعي پابندي هجڻ سبب ڪيس آءِ سجاڻي نہ سگهيس. تعارف ٿيڻ بعد مون ڪي ٻڌائين ته هن ڪامل جي صحبت ۾ اچڻ سبب منهنجي مٿان هي رنگ چڙهيو آهي. واقعي بزرگن جو فرمان حق آهي :

صحبت صالح ترا صالح کند

انهي سبب جي ڪري سچائي سان سؤ سال عبادت ڪرڻ ڪان هڪ گهڙي الله تعالىٰ جي نيڪ بانهي سان گذارڻ بهتر آهي جيئن ته حضرت مولانا فرمائي ٿو :

یک زمانہ صحبتِ با اولیاء ۔ بہتر از صد سالِ طاعت بے ریا

حرره مفتي عبد الرحمان التتوي

25.11.2007

کتاب جام عشق جو تعارف

محسنِ سنڌ عالي جناب محترم
ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب
سنڌ يونيورسٽي حيدرآباد سنڌ

ڪمرو اهلِ علم سنڌي هوندو جيڪو ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جو ممنونِ احسان نہ هجي. پاڻ پنهنجي وجود ۾ هڪ ڪتب خانو هيو. سنڌ ۽ سنڌي هولي جي جيڪا پاڻ خدمت ڪري ويو سا صدين جو سرمايو آهي. الله ڪريم سندس مزار مٿان ڪروڙين رحمتون نازل ڪري. حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه جي ڪتاب "جام عشق" جو تعارف پاڻ هنن لفظن ۾ پيش ڪيائين.

هي ڪتاب " جامِ عشق " يعني عشق جو پيالو پهريائين 1987 ۾ جناب محمد ڪرم الله الاهي جي سعي سان شايع ٿيو ۽ پاڻ ان جو پُر معنيٰ پيش لفظ لکيائون. ان وقت ڪتاب جو مصنف سندن والد ماجد خواجه محمد الاهي بخش عرف محبوب الاهي رحمہ الله حال حيات هئا جو پنهنجي پيش لفظ ۾ سندن حال ۽ قال بابت مختصر مگر جامع لفظن ۾ پنهنجا اشارات قلمبند ڪيائون تہ پاڻ هي تصنيف لطيف نينهن جي نشي ۽ سرمستي جي حال ۾ لکيائون ۽ پاڻ عشق جي معنيٰ ائين سمجهايائون ته عشق مان مراد " الله جي محبت " آهي . پڻ وڌيڪ وضاحت ڪيائون تہ : " عالم جو علم ، عابد جي عبادت ، عامل جو عمل بيڪار آ جيسين تائين ان ۾ الله جي محبت ناهي " .

فرمايائون تہ : " اوهان ظاهري عمل ڪيا آهن پر الله جي محبت ۽ عشق جون لائون لهي ڏسو تہ ان ۾ ڪهڙو مزو آهي ؛ اهي عشق جون لائون اچو تہ اوهان کي سمجهايان " !

هي ڪتاب سندن ان سمجهاڻي جو تعبير ۽ تفسير آهي ، جو ان جون منظوم سٽون گهٽي پاڳي عشق جي نالي سان شروع ٿين ٿيون جيئن تہ :

عشق آهي بن جهانن جو امام عشق آهي رب سندو ظاهر انعام
عشق علم جو وڏو سينگار آ عشق بن علم وڏو آزار آ
عشق کي عاشق قلندر مست کيا عشق مولائي ملنگ سرمست کيا
عشق جا ڪوڙها جڏهن ڳل تي وهن معرفت جون دل اندر پوکون پچن
عشق کان دلڙي ديواني ٿي رهي، دُم دڙي دردن کان ٽيندي ٿي رهي

اهي سِٽون مثالي آهن پر ڪتاب جي متن واريون جملي سِٽون معنيٰ واريون آهن . ڪتاب جو متن صورت ۾ جيتوڻيڪ منظوم آهي پر محض شعر و شاعري نه آهي بلڪ هڪ معنوي پيغام آهي. هي هڪ سالڪ جي اندر جو رقص ۽ لوچ ۽ پوچ آهي جنهن بابت حضرت شاه عبداللطيف چيو ته :

" لُڇان ٿي لاحد ۾ هادي لهان نه حد "

سلوڪ ۽ تصوف جي رنگ ۾ رتل هن " تصنيف لطيف " جي پڙهڻ سان هر سهوجهه لطف اندوز ٿيندو هر سياڻو وڌيڪ سياڻو ٿيندو .

جناب محمد ڪرم الله الاهي محترم جن شڪريي جا مستحق آهن جو هي قيمتي ڪتاب ڇپجي اٿن .

خادم العلم
نبي بخش
(ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ)

علام آءِ آءِ قاضي چيئر
سنڌ يونيورسٽي
حيدرآباد سنڌ(21000)
12 ذوالحج 1426
12 جنوري 2006

حضرت علامہ مولانا احمد ملاح رحيم آبادي

رحمة الله عليه

مولانا مولوي احمد ملاح خوش مزاج عالم دين هئا. پاڻ حضرت محبوب الاهي جي محبين مان هيا. سندن مجلسن ۾ بہ گھٽو وينا هئا. ماهوار رسالي صراط الهديٰ جي "محبوب الاهي نمبر" لاءِ پاڻ هي تاثرات ۾ محبوب الاهي جا اقوال لکيائون:

حضرت پير الاهي بخش رحمت الله عليہ وڏا مُصلح ۽ متوکل هئا. سندن دعائون مستجاب هوندیون هيون. مون کافي پيرا کين آزمايو، کو مشکل معاملو درپيش ايندو هيو، سندن خدمت ۾ اچي دعا لاءِ عرض کندو هيس. پاڻ هٿ کڻندا هئا، منهنجي گهر پهچڻ کان اڳ اهو کم ٿي ويندو هيو. کين تبليغ جو ڏاڍو شوق هوندو هيو. کنهن ماڻهو کان کنهن شيءِ جو سوال نہ کندا هئا. ماڻهن جي سڏاري لاءِ ڏينهن رات کوشان رهندا هئا. سندن کافي مجلسن ۾ مون کي ويهڻ جو موقعو مليو. پاڻ ننڍا ننڍا جملا ڳالهائيندا هئا، جيکي پر مغز ۽ معنيٰ خيز هوندا هئا. سندن کجھ اقوال مون کي اڃا بہ چگي طرح ياد آهن. پاڻ فرمايائون:

- هر کم ۾ اخلاص يعني الله جي رضا جو غرض رکو. اخلاص بنا کو عمل قبول کونہ پوندو.
- دنيا ۾ کجھ وقت لاءِ مهمان آهيو دنيا سان دل نہ لايو.
- پر سال کي ماڻهو اسان سان گڏ هئا، اهي هيلھ نظر نہ تا اچن. جيکي اڄ آهيون آئيندي سال خبر ناهي اسان مان کير هجي کير نہ هجي.
- دنيا خواب جي مثل آهي. آخرت جي تياري کيو.
- چگن ساڻ هر کو چگائي کندو آهي پر فقير اهو آهي جيکو برن سان بہ پلائي کري.
- اگر پنهنجي عزت وڏائڻ چاهيو تا تہ نيازمندي اختيار کيو.
- پُٽ اهو آهي جيکو فرمانبردار هجي. بي فرمان اولاد چهين آگر جي مثال آهي.
- دنيا ۾ کائڙ پکي وانگر رهو، اهو پکي پاڻي ۾ ٽهي هٽي وري اڏاڻو ويندو آهي ان جا پَرَ نہ پُسندا آهن. اوهان بہ دنيا ۾ رهو دنيا جا کم کيو پر دنيا جي محبت دل ۾ اچڻ نہ ڏيو.

هڪ بزرگ جو فرمان

ڏل شهر ضلع نوشهرو فيروز ۾ هڪ نيڪ صالح شخص ملان شمس الدين رهندو هيو. شهر جي جامع مسجد جو خدمتگذار ۽ حضرت جن جو مريد هيو. ان بيان ڪيو ته هڪ ڏينهن جامع مدينہ مسجد ۾ هڪ اجنبي درويش آيو ۽ مونکي چيائين ته مون کي هت رات رهڻي آهي. منهنجي هت رهڻ لاءِ هڪ بستري جو انتظام ڪيو. عشاءَ نماز بعد مون کي چيائين ته مون کي توهان جي شهر ڏل جي مقام جي زيارت ڪرڻي آهي. مان بتي ٻاري ان فقير سان گڏجي قبرستان تي آيس. اتي مون کي چيائين تون ڪنڌ هيٺ ڪري ويهہ ۽ جو ڪجهہ ٻڌين خاموش رهجانءِ. پوءِ حضرت سائين محمد اسحاق ڏل فقير جي قبر تي آيو. مون ڪيس عرض ڪيو ته بزرگ کي منهنجي پارت ڪجو. پوءِ اهو فقير عربي ۾ ڳالهائڻ لڳو. مون ۾ن ماڻهن جي عربي گفتگو خود ڪنن سان پئي ٻڌي. مان سندس حڪم موجب ڪنڌ هيٺ ڪيون ويٺو هيس. پوءِ مون کي چيائين ته ڪنڌ مٿي ڪ ۽ ظاهري اکين سان سائين اسحاق ڏل فقير جي زيارت ڪر. پوءِ خدا جو قسم مون ظاهري اکين سان سائين اسحاق رحمت الله عليہ جي زيارت ڪئي. مون کي فرمايائون: "ابا تنهنجو مرشد محبوب الاهي ڪامل اڪمل ولي آهي. تون ان وٽ پنڌ ڪندو رهہ توکي اتان سڀ ڪجهہ ملندو ۽ در در تي ڪاڏي پنڌ نہ ڪر". ان کان بعد منهنجو عقيدو وڌيڪ مضبوط ٿي ويو.

جي تو سَڌ سُڪون جي، ذڪر ڪاهيون ڪاهہ،
اَلَا بِذِكْرِ اللّٰهِ تَطْمَئِنُّ الْقُلُوْبُ، لاڳاپا ٻيا لاهہ،
ڪر تون "ڪرم الله"، اهڙو عشق الله سين.

"تون ۽ مون" کي ڇڏ، وِڪُون اِهي ڏون،
ٻاڦو ٻائين تون، اوڪا پنڌَ پهاڙ جا.

حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه بابت مختلف ڪتابن ۾ آيل مواد

مختلف ڪتابن، جرائد ۽ رسائل ۾ مختلف مواقع تي حضرت جن جي باري ۾ تعارف يا سندن زندگي ۽ خدمات بابت مضامين ايندا رهندا آهن. جن ۾ سنڌ جون شخصيات سندن ولايت بزرگي ۽ خدمتن تي ڪين خراج تحسين پيش ڪندیون آهن. انهن مان ڪجھ ڪتابن جا اقتباسات بطور نموني جي پيش ڪجن ٿا.

انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا ۾ آيل محبوب الاهي جو تعارف



سنڌ جي شخصتين، ماڳن ۽ مڪانن، بابت لکيل هي مثال انسائيڪلوپيڊيا جيڪا حڪومتي سطح تي سنڌ لئنگئيج اٿارٽي حيدرآباد سنڌ جي ياران پروفيسر ڊاڪٽر فهميده حسين صاحبہ جي زير نگراني لکجي رهي آهي ان جي ٽئين جلد ۾ حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه جو تعارف هنن لفظن ۾ پيش ڪيو ويو آهي.

پير الاهي بخش انصاري "محبوب الاهي"

معلم ۽ مدرس پير الاهي بخش ولد خدابخش ولد جان محمد انصاري. جي ولادت 1348 هـ 1929 ع ڏاري ضلع دادو تعلقي خيرپورناٿن شاهه جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ ڪرڪٽ ۾ ٿي. قرآن مجيد پنهنجي والد وٽ پڙهيائين.

فارسي تعليم مولانا محمد چٹل لغاري (82-1982ع)وٽ پوري ڪيائون ان دؤران گوڙي اسڪول ۾ سنڌي فائنل تائين تعليم ورتائين . پوءِ عربي تعليم مدرسہ ڪڙيہ غلام الله ۾ مولانا محمد اسحاق کوهارو (متوفي 1381هـ 1961ع)وٽ پڙهيو . ڪجھ وقت نصر پور ۾ مولانا عبدالحق رباني وٽ پڙهيو. سندن استادن ۾ مولانا خان محمد آڪڙو (متوفي 1388هـ1968) مولانا عبد الرحمان پئي شريف وارا بہ هئا، جيڪي قرآن جا حافظ هئا. ۽ ڪين قرآن پاڪ جي ناسخ منسوخ حڪمن تي درڪ حاصل هيو ۽ علمِ حديث فتويٰ نويسي ۽ فقہ تي وڏو عبور رکندا هئا. انهن استادن جي محنت سان ذوالحج 1365هـ ۾/آڪٽوبر1946 ۾ تحصيل علم کان فارغ ٿي اباڻي ڳوٺ ۾ هڪ ديني مدرسو جاري ڪيائين. فارسي، عربي ۽ فقہ، تفسير، حديث، اصول، منطق وغيره وڏي مهارت سان پڙهائيندو هو. تصوف ۽ روحانيت جي حصول لاءِ پير عبد الغفار عرف "پير مٹا سائين" سان سلسلي نقشبنديِ ۾ بيعت ورتائين. هو سخي وضع وارو استاد هو. بيباڪي ۽ حق گوئيءَ سبب ڪين ڪيترين تڪليفون برداشت ڪيائين، پر مستحڪم مزاجيءَ سان هر مصيبت کي منهن ڏنائين. عالم، فاضل، محقق ۽ پرهيزگار شخص هو. معقول ۽ منقول تي عبور رکندو هو. شعر گوئيءَ تي طبع آزمائي ڪيائين. خطاط بہ سٹو هو. سندن شمار سنڌ جي انهن حقاني ۽ رباني عالمن ۾ ٿئي ٿو جن قول ۽ ڪردار، علم ۽ معرفت سان اجايل دلين جي آبياري ڪئي.پاڻ ڪيترا ڪتاب لکي انڊن عقيدن جي اصلاح ڪيائين. جهالت ۽ وهم پرستيءَ خلاف لکيائين. سندن زبان ۽ قلم ۾ زور هو. فقہ تصوف علم ۽ عرفان جو صاحب هو. پاڻ سنڌ جي ڪنڊ ڪڇ ۾ ماڻهن جي خوشين ۽ غمين جي ميڙاڪن ۾ وڃي محمدي پيغام پهچائيندو هو. عمر جي آخري پساهن تائين مطالعو جاري رکيائين. سڄي عمر تهجد گذار رهيو سندن تصنيفن ۾ قوة السالڪين، بهجة القلوب، جام عشق نالي ڪتاب شامل آهن. پير صاحب 24 ربيع الاول 1411هـ ۾14آڪٽوبر 1990ع ماتلي ضلعي بدين ۾ هن فاني جهان مان لاڏاٽو ڪيو. سندس مزار ماتلي شهر ۾ تنڊي غلام علي روڊ تي عام و خاص جي زيارتگاه آهي. سندس گادي نشين پير ڪرم الله پير صاحب جي مشن کي جاري رکيو اچي. سنڌ ۾ سندس وڏي تعداد ۾ عقيدت مند موجود آهن. (انسائيڪلو پيڊيا سنڌيانا جلد ٽيون صفحو 323)

ماهوار صراط الهدیٰ
حضرت محبوب الاهي نمبر
خصوصي نمبر 5 شمارو 47

اسلامي اصلاحي فكر جو ترجمان هي ماهوار رسالو اداره علوم اسلامي گلشن اقبال كراچي پاران ڇپجندو آهي. جنهن جو سرپرستِ اعليٰ پروفيسر ڊاڪٽر علامہ مولانا غلام عباس قادري زيد مجده آهي. هن رسالي سماج تي سنا اصلاحي اثرات پيدا كيا آهن. رسالي جو ربيع الاول 1429 هـ مارچ 2008ع جو شمارو خاص حضرت محبوب الاهي نمبر هيو. جنهن ۾ رسالي جي سلسليوار مضامين كان علاوه خاص حضرت جن بابت مختلف شخصيتن جا سترهن مضمون آيل آهن.



رسالي جي ٽائٽل تي دربار عاليہ فضل آباد ۾ ڪرمپور شريف جي مسجدن جا ڦوٽو آيل آهن.

فهرست مضامين

نمبر	عنوان	ليكڪ
1	حضرت محبوب الاهي جامع الكمالات شخصيت	صاحبزاده محمد ڪرم الله نقشبندي قادري
2	پاڻ مجمع البحرين هٿا	علامہ عبد الرحمان ٽئوي
3	مقرر محدث مفڪر هيو	علامہ نبي بخش زرداري
4	جامِ عشق	ڈاڪٽر نبي بخش بلوچ
5	اقوالِ محبوب الاهي	مولانا احمد ملاح
6	پاڻ رهبر جا رهنما هٿا.	صاحبزاده مدل سائين
7	جيئن ڏٺو هو مون	صاحبزاده خليل الله
8	هڪ رباني عالم ۽ روحاني مصلح	صاحبزاده نعمت الله
9	يادگيريون	صاحبزاده حسن الله
10	ڪوهيارو ڪيچ ويو	ساجن سائين
11	تصنيفات و تاليفات	صاحبزاده شفيع الله
12	شعر و شاعري	صاحبزاده حبيب الله
13	تبليغي ڪوششون ۽ ڪارنامه	مولانا عبد القادر لغاري
14	متعنجو سائين متعنجي سونهن	فقير عبدالرحيم
15	تقويٰ ۽ پرهيزگاري	فقير منظور احمد ماهرو
16	آديسي الي ويا	فقير محمد صديق
17	ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي	مولانا امير بخش سڪندري

اهي مضامين بعد ۾ دربار شريف جي پاران "قدوة الاولياء" نالي ڪتاب ۾ شايع ڪيا ويا آهن.

ڪتاب صلواة حضوري ۾ آيل محبوب الاهي جو تعارف

هي ڪتاب حضرت صاحبزاده علامہ مولانا حضور بخش صديقي مجددي نقشبندي دامت برڪاتہ جو لکيل آهي. هن ڪتاب جي ص نمبر 104 ۽ 105، تي حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه بابت هن طرح لکيل آهي:

بر طریقت حضرت الحاج بخش بن خدا بخش خطاری مجددی نقشبندی رحمۃ اللہ علیہ
(خلیفہ حضوری مظہار رحمۃ اللہ علیہ)
(الموفی 1411ھ)
حضرت خلیفہ الحاج بخش انصاری رحمۃ اللہ علیہ نے اپنی پوری زندگی میں
104

صلوة حضوری
صحت و تندرستی، سفر و حضر میں کبھی تہجد نماز ترک نہیں کی اور آپ قرآن مجید کی تلاوت کرتے وقت رویا کرتے تھے۔ (قول صاحبزادہ ولیر سائیں)

ديوانِ غفاريه ۾ آيل محبوب الاهي جو تعارف

رحمة الله عليه

هي قطبِ عالم حضرت پير منا سائين رحمة الله عليه جي شاعري جو مجموعو آهي. جنهن کي سندن ڏوهتي حضرت سائين محمد ديده دل دامت برکاتہ وڏي محنت ۽ عرق ريزي سان جمع کري ڇپايو آهي. هن کتاب جي مقدمي ۾ پير منا سائين جي خلفاءِ جو تعارف کرائيندي حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه کي پير منا سائين جو اکرم خليفو ۽ ظاهري علوم جو ماهر ۽ باطني علوم جو خوگر ۽ جامع اخلاق سڏيو ويو آهي. سندن باري ۾ لکيو ويو آهي تہ پاڻ محنت ۽ رياضت کرڻ وارا ۽ شب بيدار هئا ۽ وڏي مخلوق کانئن مستفيض ٿي. مرشد کريم جي گهراٽي جي سندن اهڙا اوصاف بيان بعد ٻئي ڪنهن جي مدحت جي ضرورت باقي نہ ٿي رهي.



دیوان غفاریہ 45 سوانح حیات

۱۔ حضرت محبوب الٰہی رحمۃ اللہ علیہ

آپ حضرت ﷺ کے اصحاب کرام علیہم الرضوان میں سے ہیں۔ آپ کا نام نامی محمد محبوب الٰہی ہے۔ آپ کے والد ماجد کا نام نامی محمد عبد الغفار ہے۔ آپ کا سلسلہ نسب والد کی طرف سے ۲۱ واسطوں سے اور والدہ کی طرف سے ۱۹ واسطوں سے حضرت ﷺ سے جا ملتا ہے۔ آپ کی ولادت ۱۴۱۱ھ میں ہوئی۔ آپ کا وطن مالوف ضلع بدین کا مشہور شہر ٹنڈو الہ یار ہے۔ آپ نے ابتدائی تعلیم اپنے والد ماجد سے حاصل کی۔ آپ کے والد ماجد نے آپ کو ۱۴ سال کی عمر میں ہی درس نظامی کی تکمیل کرا دی تھی۔ آپ کے والد ماجد کا وصال ۱۴۳۱ھ میں ہوا۔ آپ کے والد ماجد کے وصال کے بعد آپ نے اپنے والد ماجد کی مسند پر رونق افروز ہو کر خلق خدا کی خدمت کا سلسلہ شروع کیا۔ آپ کے والد ماجد کے وصال کے بعد آپ نے اپنے والد ماجد کے مشن کو آگے بڑھایا۔ آپ کے والد ماجد کے وصال کے بعد آپ نے اپنے والد ماجد کے مشن کو آگے بڑھایا۔

۲۔ حضرت خلیفہ عبد الغفار ڈاکٹر رحمۃ اللہ علیہ

آپ نے ۱۹۲۲ء میں حضرت ﷺ کے اصحاب میں سے ایک صحابی سے جنم لیا۔ آپ نے ۱۹۵۰ء میں آپ کو خرقۂ خلافہ سے نوازا۔ آپ نے ۱۹۵۰ء میں آپ کو خرقۂ خلافہ سے نوازا۔ آپ نے ۱۹۵۰ء میں آپ کو خرقۂ خلافہ سے نوازا۔ آپ نے ۱۹۵۰ء میں آپ کو خرقۂ خلافہ سے نوازا۔

۳۔ حضرت ﷺ کے اصحاب کرام علیہم الرضوان میں سے ایک صحابی سے جنم لیا۔ آپ نے ۱۹۵۰ء میں آپ کو خرقۂ خلافہ سے نوازا۔ آپ نے ۱۹۵۰ء میں آپ کو خرقۂ خلافہ سے نوازا۔ آپ نے ۱۹۵۰ء میں آپ کو خرقۂ خلافہ سے نوازا۔

۴۔ حضرت قاضی قمر الدین رحمۃ اللہ علیہ

آپ حضرت ﷺ کے اصحاب کرام علیہم الرضوان میں سے ایک صحابی سے جنم لیا۔ آپ نے ۱۹۵۰ء میں آپ کو خرقۂ خلافہ سے نوازا۔ آپ نے ۱۹۵۰ء میں آپ کو خرقۂ خلافہ سے نوازا۔ آپ نے ۱۹۵۰ء میں آپ کو خرقۂ خلافہ سے نوازا۔

۵۔ حضرت غلام صابر قندھاری رحمۃ اللہ علیہ

آپ حضرت ﷺ کے اصحاب کرام علیہم الرضوان میں سے ایک صحابی سے جنم لیا۔ آپ نے ۱۹۵۰ء میں آپ کو خرقۂ خلافہ سے نوازا۔ آپ نے ۱۹۵۰ء میں آپ کو خرقۂ خلافہ سے نوازا۔ آپ نے ۱۹۵۰ء میں آپ کو خرقۂ خلافہ سے نوازا۔

هن کتاب ۾
حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه بابت
علماءَ ۽ مشائخ
جون تقريظون، تبصرا ۽ تاثرات [1]

پيرِ پارسا، صوفي باصفا، عاشقِ مصطفيٰ ، عالمِ باعمل، خطيبِ بي بدل حضرت خواجه
محمد عبدالغفار عرف پير منا سائين ثاني، جاناني، خليلي، غفاري، مجددي نقشبندي مدظله العالي
سجاده نشين خانقاه عاليه دارالارشاد رحمت پور شريف لاڙڪاڻو

نحمده و نصلي علىٰ رسوله الكريم اما بعد

جيئن قبلہ عالم حضرت پير منا سائين قدس سره العزيز سنڌ متان رحمت جو ڪر بنجي آيا جو سندن جي سايہ ۾ اچڻ واري هر ماڻهو ان وسڪاري مان پنهنجي عشق ۽ عقيدت مطابق روحاني فيوضات جو جام پيتو چو ته صوفياء ڪرام مثل رحمت جي ڪر هوندا آهن ۽ رحمت جو ڪر وسڻ وقت نہ ڏسندو آهي ته هي زمين پلي آهي يا غير آباد پر سين کي پنهنجي رحمت جي وسڪاري مان فيضياب ڪندو رهندو آهي اهڙي طرح پير مناسائين ﷺ جي صحبت ۾ جاهل آيا عالم بنجي ويا ۽ وري عالمن تي اهڙي ته نوراني نظر ڪيائون جو ڪامل اڪمل بنجي ويا.

سندن فيض مان فيضياب ٿيل خليفہ حضرت الاهي بخش خانپوري ﷺ به هڪ آهن. پاڻ عالم باعمل هئا. پيرمنا سائين ﷺ جن جي سندن متان اهڙي ته نوراني نظر ٿي جو هر وقت پيا عشق الاهي ۽ مرشد جي محبت ۾ روئيندا رهندا هئا.

ان ڪري جماعت ۾ سندن متان روئڻو خليفہ نالو پئجي ويو. مرشد ڪريمن کين خلافت سان نوازيو ۽ هر ماهہ جو پهريون جمعہ مقرر ڪري ڏنائون. پير مناسائين ﷺ جن جي

---

[1] هتن سڀني تقريظن جون اصل ڪاپيون انهن بزرگن جي هٿن مبارڪن سان لکيل اسان وٽ محفوظ آهن.

عاشق فقير امام بخش جوٽيجي جي عرض تي پاڻ حڪم فرمايائون ۽ خليفہ صاحب جن پنهنجو ڳوٺ ڇڏي خانپور وسايائون ۽ پڻ قبلہء عالم جي دعوت بہ ڪيائون. دين جي شوق ۽ تبليغ خاطر پاڻ پڻ وڃي لاڙ ڪي بہ وسايائون ۽ جيڪا تعليم مرشد ڪريمن کان حاصل ٿي سا وڃي مخلوق ۾ عام ڪيائون. عوام الناس کي شريعت ۽ طريقت موجب زندگي گذارڻ جو سبق ڏنائون.

جيڪو پڻ اسلاف جو طريقو رهيو آهي. يقيناً قبلہء عالم پير مٺا سائين ﷺ جن جو روح مبارڪ سندن جي علمي قلمي ۽ روحاني خدمتن کي ڏسي راضي ۽ خوش هوندو.

سندن سوانح حيات جيڪا سندن فرزند پير محمد ڪرم الله الاهي صاحب جن لکڻ فرمائي آهي سا اوهان جي سامهون آهي. يقيناً اهل دل اهل معرفت ان کي پڙهي اندازو ڪري سگهندا تہ سندن جي پير سان محبت ۽ مرشد جي فرمان تي عمل رسول الله ﷺ سان پيار ۽ مالڪ ڪريم سان عشق جو درجو ڇا آهي.

هي عاجز دعاگو آهي تہ الله تعاليٰ خليفہ صاحب جن کي خلد برين ۾ مزيد اعليٰ درجات عطا فرمائي ۽ پنهنجي پير جو رفيق هم قرين بنائي. سندن صاحبزادگان کي سندن جي نقش قدم تي محڪم بنائي ۽ سندن جي جماعت کي سندن سان ڪامل محبت عطا فرمائي.

آمين بجاہ سيد الامين

لاشيءِ فقير محمد عبدالغفار جان غفاري مجددي
دربارعاليہ رحمتپور شريف لاڙڪاڻو
02-01-2012

بسم الله الرحمن الرحيم

پيرِ طريقت رهبر راهِ حقيقت حضرت پير عبدالخالق القادري ادام الله وجوده

گادي نشين خانقاه عاليه قادريه پرچوندي شريف ڈهرڪي

مرڪزي امير مرڪزي جماعت اهل سنت پاڪستان

نحمده ونصلي نسلم علىٰ نبينا الكريم وشفيعنا العظيم امابعد

هي ڪتاب لاجواب جيڪو الله جي عارف ڪامل اڪمل ولي الله حضرت پير الاهي بخش نقشبندي مجددي رحمة الله عليه جي سيرت ۽ سوانح تي مشتمل هڪ ضخيم ڪتاب آهي. جنهن ۾ سندن صورت ۽ سيرت، علم ۽ عمل سندن ديني مِلي ۽ مسلڪي خدمات سندن ملفوظات ۽ مڪتوبات ڪي بيان ڪيو ويو آهي. ڪتاب کي پڙهڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته سنڌي هولي ۾ تصوف جي دنيا ۾ هي هڪ گرانقدر سرمايو آهي. جنهن کي پڙهي راهِ مولا جي طالبن ۽ سالڪن جي رهبري ۽ رهنمائي ٿيندي. هن الله جي ولي جي مخالفن لاءِ هي ڪتاب ستڙڻ جو سونهري موقعو آهي. انهن کي سوچڻ گهرجي ته اهي اهڙي الله جي ولي جي مخالفت ڪري پنهنجي دنيا ۽ آخرت کي برباد نه ڪن. هن ڪتاب لکڻ تي ليکڪ جناب برادرم پير ڪرم الله صاحب کي صد مبارڪ پيش ڪيان ٿو. جن وڏي ڪاوش سان هي ڪتاب لکيو آهي. پاڻ مرڪزي جماعت اهلسنت جي سپريم ڪائونسل جا ممبر آهن ۽ بي لوث ديني ۽ مسلڪي خدمت ڪري رهيا آهن. الله ڪريم سندن علم ۽ قلم ۾ مزيد برڪتون عطا ڪري. آمين يا رب العالمين .

فقير عبد الخالق

14 ربيع الاول 1433 هـ

بروز جمعة المبارک

پير طريقت رهبر شريعت سيد سردار ضياءُ الله شاهه جيلاني

سجاده نشين : درگاهه حضرت پير سخي السيد شمس الدين شاهه جيلاني رحمة الله عليه
امير و مهتمم الجامعه شمس العلوم حسيني ڪروندي شريف، تحصيل فيض گنج، ضلع خيرپور ميرس سنڌ

20 صفر المظفر 1433هـ بمطابق 13 جنوري 2012
بروز جمعه

بسم الله الرحمن الرحيم

اللهم صلي علي سيدنا ونبينا ومولانا محمد وّعلي آله واصحابه وبارڪ وسلم
الحمد الله ـ حضرت قبلہ پير طريقت پير ڪرم الله المعروف دلبر سائين دام اقبال وطول عمره جن جو لکيل ڪتاب "سوانح حيات حضرت پير محبوب الاهي رحمة الله عليه" جو ڪجهه حصو هن فقير مطالع فرمايو. جيڪو قبلہ پير صاحب جن جي هڪ عظيم ڪاوش ۽ محنت آهي. هن ۾ پاڻ تمام گهڻي محنت ڪئي آٿن. پڙهندڙن جي لاءِ هڪ عظيم ۽ جاڻ جي مطابق موتين جي کاڻ آهي. الله رب العزت کان دعا آهي ته الله سندن جي محنت کي قبول فرمائي. الله تعاليٰ سائين جن جي علم حلم عزت ۾ برڪت عطا فرمائي ته جيئن حضور تاجدار مدينہ صلى الله عليه وسلم جن جي دين جي وڌيڪ خدمت ڪن.

دعائن جو طلبگار
دعاگو
سيد سردار ضياءُ الله شاهه جيلاني سجاده نشين
درگاهه حضرت پير سخي السيد شمس الدين شاهه جيلاني رحمة الله عليه رحمة الله عليه
ڪروندي شريف تحصيل فيض گنج ضلع خيرپور ميرس سنڌ

فاضل نوجوان شيرين بيان، علامہ پير مفتي خليل احمد جان اشرفي زيد مجده

مهتمم مُدرس و مفتي دار العلوم الاشرفيہ المجددیہ ويھڑ شريف

بسم الله الرحمن الرحيم

نحمده ونصلي علي رسوله الكريم وعلي آله واصحابه اتباعه اجمعين اما بعد

جيئن ته هي كتاب مستطاب وليّ خدا، عاشقِ خيرِ الوريٰ، استاذ العلماء، مقتداء الفقراء حضرت خواجه الاهي بخش المعروف محبوب الاهي انصاري نقشبندي مجددي غفاري نَوّر الله مرقده جن جي سوانح حيات ۾ سندن ئي فرزند دلبند نورنظر، فيض ور خواجه پير دلبر سائين طول الله عمره وادام فيوضه جن لکيو آهي.

هي كتاب سوانح نگاري جي مكمل اصولن تي لکيو ويو آهي. کوبہ شعبو تشنہ نہ ڇڏيو ويو آهي. نہ صرف سوانح حيات پر کيترائي شرعي مسائل، طريقت جا رموز ۽ تاريخي واقعات منجهس سمايل آهن. حضرت پير دلبر سائين جن هيءَ كتاب لکي رڳو پنهنجي جماعت تي احسان نہ کيو آهي پر تاريخ ۽ ادب تي بہ ٿورو کيو آهي.

دعا آهي تہ الله سبحانہ وتعالیٰ کين جزاءِ خير سان نوازي، سندن اهل و اولاد ۾ علوم دينيہ ۽ فيوض روحانيہ جاري و ساري رکي ۽ هن كتاب کي قارئين ۽ متوسّلين لاءِ مشعلِ راهِ هدايت بنائي.

آمين بجاهِ سيد المرسلين صلي الله عليه وآله وصحبه اجمعين

18 صفر المظفر 1433 هـ
13 جنوري 2012ع
جمعة المباركة

الفقير ابوالمعروف خليل احمد جان
الاشرفي الازهري المجددي عفي عنہ
درگاهہ عاليہ ويھڑ شريف

مُبلغ اسلام شيرين بيان خوش الحان مفسر قرآن حضرت علامہ مولانا محمد ادريس طاهري بخشي غفاري دامت برکاتهم العالية

بسم الله الرحمٰن الرحيم

عِنْدَ ذِكْرِ الصَّالِحِيْنَ تَنْزِلُ الرَّحْمَةُ

حضرت پير روشن ضمير قبلہ سائين الاهي بخش غفاري نقشبندي عليه الرحمة جن جي متعلق سندن صاحبزاده حضرت مولانا پير ڪرم الله صاحب زيد مجدهم جن جي لکيل مواد جو ڪجهہ حصو سندن مريدن مون کي ڏئي ہہ اکر لکڻ جي لاءِ چيو. مون سجو مواد تہ پڙهي ڪونہ ڏنو پر ڪجهہ حصو نظر مان ڪڍيو. جنهن ۾ سائين جن ڪشف ۽ ڪرامات جو انتهائي علمي مواد زير قلم آندو آهي ۽ پاڻ ڪتاب ۾ پنهنجي والد ماجد جيڪو سندن جو طريقت ۾ شيخ ہہ آهي جي سوانح حيات لکي هڪ طرف والد ماجد جي محبت جو حق ادا ڪيو اٿن تہ ٻئي طرف ڪتاب جي پڙهندڙن لاءِ اهم مواد مُيَسّر فرمايو اٿن. حضرت قبلا سائين مرحوم جن سان منهنجون ہہ ملاقاتون ٿيون هيون ۽ سندن سان گفتگو دوران مون کي محسوس ٿيو هو تہ: پاڻ علم ۽ عمل ۾ ڪامل هجڻ سان گڏ حضرت حبيب ڪريم عليه الصلوٰة والسلام جا محب، عاشق، ذاڪر ۽ شاڪر هئا. الله عزوجل جي ڪامل، مڪمل ولي حضرت خواجہ محمد عبدالغفار رحمتهوري رحمۃ اللہ علیہ جا خليفا هئا. تهجد گذار، شب خيز هئا ۽ ان وقت سندن گهريل دعائن جو اثر ۽ صدقو آهي جو سندن صاحبزاده ۽ سندن درگاهہ جو سجاده نشين "دلبر سائين" علمي ۽ روحانيت جي ميدان ۾ ڪافي ترقي ڪري سڀي جماعت قائم ڪري چڪو آهي. اَللّٰهُمَّ زِدْ فَزِدْ.

آخر ۾ مون گهنگهار جي ڪين لاءِ دلي دعا آهي تہ: الله عزوجل ڪين صحت ۽ عافيت سان نوازيندي، سندن اولاد ڪي ہہ اها نعمت عطا ڪري ۽ سندن علمي ۽ عملي خدمتن جو سلسلو جاري ۽ ساري رهي. آمين يا رب العالمين

دعاگو ۽ دعاجُو محمد ادريس ڏاهري

غفرالله ذنوبه وستر عيوبه

9 صفر المظفر 1433ھ الموافق 4 جنوري 2012ع

پير طريقت رهبرِ شريعت حضرت سيد جيئل شاه مدظله العالي

درگاهه عاليه شهبازپور شريف جيڪب آباد

بسم الله الرحمن الرحيم

نَحْمَدُه وَنُصَلِّي عَلٰي رَسُوْلِهِ الْكَرِيم ،امابعد

پير طريقت رهبر شريعت عاشق صادق عاشق رسول ﷺ حضرت پير الاهي بخش عالم رباني فيض محمدي جا سرچشمه هُيا. هن عاجز جي سائينجن سان لاڙ مُلڪ ضلع بدين گولاڙچي چوڏهون چڪ ۾ ملاقات ٿي سندن زيارت سان مشرف ٿياسون دل ڏاڍي ٿڌي فرحت واري ٿي پئي. سندن نوراني چهرو ڏسي خدا ياد اچي پيو. اتباع سنت نبوي تي پوري پوري نقش قدم تي هيا.

پلي جايون مائرون سنديون صالحن،
محشر جي ميدان ۾ انهن ڏاج ملن،
پين ويچارين اوجاڳا ئي اجايا ڪيا.

جا مصداق هيا. پير حضرت عبدالغفار غوث زمان جهڙي جوان جا مريد هٿا ۾ خليفا انمي‌ء چراغ مان سندن دل روشن هئي. ان خوشبو جي سندن مان سرهاڻ ايندي هئي. سندن شان ۾ وڌيڪ ڇا لکجي قلم کي طاقت نہ آهي الله وارن جي تعريف ۾.

حب درويشان كليد جنت است،
دشمن ايشان سزاءِ لعنت است

حيف آهي انهن کي جيڪي اهڙي جوان عاشق رسول ﷺ جي هِجُو گلا ڪن ٿا مَنْ عَادَى لِي وَلِيًّا فَقَدْ آذَنْتُهُ بِالْحَرْبِ

دعاگو و طالب دعا
بنده سيد جيئل شاهه
درگاهه شهباز پور شريف جيڪب آباد
3 صفر المظفر 1433 بمطابق 07 جنوري 2012ع

پير طريقت رهبر شريعت محمد حضور بخش نقشبندي غفاري صديقي

مدرس و مهتمم دار العلوم جامعيه صديقيه درگاه مسكين پور شريف شهدادكوٹ

حمد ۽ صلوٰة كان پوءِ درويشن ۾ سڀ كان زياده حقير بلكه انهن جي لاءِ باعث عيب و شرم هي فقير ابن الصديق محمد حضور بخش صديقي مجددي صرف الله قلبي علي طاعتك۔ انزل من السماء ماءً(القرآن) الله آسمان مان پاڻي نازل فرمايو، پاڻي ۾ پسي ،الله وارا، مرشدي و مربي پير طريقت حضرت قبلہ خواجہ غلام صديق غفاري مجددي نقشبندي قدس سره سايۂ يزدان بود بندہ خدا۔ مثنوی دفتر اول۔ الله تعاليٰ جا پاچا آهن. چانؤ ۾ ٻيهي۔ با ادب باش تا بزرگ شوی۔ روح البيان ج 9۔ با ادب ٿي تان جو بزرگ ٿين۔ادب سان عرض ٿو كري ته الله تعاليٰ جي زمين متان الله وارا، پير طريقت حضرت خواجہ الاهي بخش غفاري نقشبندي رحمة الله عليه۔الوليُّ ريحان الله في ارضه (سر الاسرار) الله تعالي جا گل آهن ، الله وارا ، پير طريقت حضرت كرم الله الاهي غفاري دامت بركاتهم العاليه ۔ يشمه الصديقون(سر الاسرار) ان مان خوشبو سنگهڻ وارا ۽ قوي مشام ركندي هر عام و خاص بالخصوص عقيدتمندن كي ان باغ بنام "سوانح حيات حضرت پير محبوب الاهي ﷺ" جي خوشبو متعلق اطلاع ڏيندي دعوت ڏيئي رهيا آهن ته الله وارن جي زندگي مبارك پڙهجي۔ذكر الاولياء كفارة۔الله وارن جي ياد گناهن كي ميٽيندڙ آهي۔ ۽ اچي خوشبو ونجي. الله وارا كحامل المسك (مشكوٰة) مشك كٽندڙن جي مثل آهن. تنهن كري الله وارن جي طرف اچ وچ كجي تان جو خوشبو پهچي. گرچه بوئے ہم نہ باشد رویت ایشان بس است (مکتوبات امام ربانی ب 203) اگر خوشبو نہ پهچي ته به اهڙن كاملن غفاري مرشدن جو ديدار به كافي آهي. دعا آهي ته الله تبارك وتعاليٰ الله وارن جون هاريل بتيون۔ چراغ مقبلان هرگز نه ميرد۔ كڏهن نه وسائي.

اللهم اجعلنا من اهل النظر الي نور جمالك و من المتشرفين بشرف جمالك

آمين بجاه سيد المرسلين صلي الله عليه وسلم

فقير ابن الصديق محمد حضور بخش صديقي غفاري

مجددي نقشبندي خواجگاني

23 صفر 1433ھ

حضرت علامہ پیر طریقت صاحبزادہ غلام محمد دائودي نقشبندي

(ابن حضرت پیر وشن ضمیر محمد داؤد غفاري عرف سائین غفاري صاحب)

سابق ليڪچرار اسلامڪ سينٽر المرڪز الاسلامي بي بلاڪ نارٿ ناظم آباد ڪراچي

مهتمم و مدرس جامعہ عربيہ نورالقرآن دائوديہ غفاريہ نقشبنديہ

درگاھ دائوديہ نقشبنديہ نزد ٹري ميرواہ ضلعو خيرپور ميرس

بأسمه تعالىٰ

نحمده ونصلي علي رسوله الكريم اما بعد

قطب عالم پير روشن ضمير حضرت محمد عبدالغفار فضلي نقشبندي المعروف پير مٹا سائين ﷺ جن جي وڏي شان ۾ مان وارن پيارن خليفن سڳورن مان فضل آباد شريف ماتلي سان تعلق رکندڙ انصاري قبيلي جي انتهائي معزز ۽ محترم گهراٽي مان بيباڪ، حق گو ۽ حق پرست، اهل دل، اهل باطن، اهل نظر، مرد حق، مرد مجاهد، مصنف، مصلح محسن مهربان، هزار جفائن جي باوجود صلہ رحمي ڪندڙ.

چگن سانڍ چگائيون هر ڪو ڪري هوء،
اها سهڻي خوء جو ڪري برن سان پلائيون.

برن سان پلايون ڪندڙ، حقوق الله توڙي حقوق العباد جي پاسداري ڪندڙ، رقيق القلب، منڪسرالمزاج، جيد عالم، علم تي عامل، ولايت ۾ ڪماليت ۾ ڪامل، اُستاذ العلماء، رهبر اولياء، صادقين جو پيشوا، متوڪلين جو مقتديٰ، عارف بالله، مُتوڪل علي الله، اڪين جو نور، دلين جو سرور، عظيم روحاني رهبر، سليم دلين جو دلبر، حضرت پير روشن ضمير حضرت پير الاهي بخش انصاري غفاري نقشبندي عرف پير **محبوب الاهي** ﷺ جو اسم گرامي مبلغن، علامن، عارفن، ولين ڪاملن ۾ حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جي سچن محبن عاشقن ۾ اهڙو ته مٺڙو پيارو ۽ نرالو آهي جنهن تي الله سبحانہ وتعالىٰ سندس خاص فضل وڪرم جي صدقي فيضان مصطفيٰ ﷺ جي بحر عميق مان رحمت، فيض، علم، عمل، خير ۽ برڪت جو درياهہ جاري ڪيو هو. پاڻ جمندي ئي جام هئا. پئدائشي الله جا ولي هئا. سندن جون اڪيون مبارڪ هڪ بينظير دلپزير هر دلعزيز روحاني، ديندار ۽ علمي گهراٽي ۾ ڪليون. سندن جي والده سڳوري ﷺ انتهائي پرهيزگار الله تعالىٰ جي ڪاملہ وليہ ۽ صوم صلوٰة جي پابند نيڪ بخت ۽

نيڪ سيرت خاتون هئي. سندن جو والد نيڪ متقي پرهيزگار صوم و صلوة جو پابند هيو. اهڙي ديندار ۽ صالح گهراڻي ۾ سندن ولادت ٿي. سندن جي جمڙ کان اڳ الله جي پيارن ولين جون سندن والدين کي بشارتون ۽ مبارکون مليل ۽ پيشن گوئيون ٿيل هيون. الله سبحانہ تعالیٰ پنهنجي خاص فضل و کرم ۽ رحمة العالمين جي رحمت جي صدقي ۾ جيئن کين احسن تقويم سهڻي شباهت ۽ حسين صورت ۾ تخليق ڪيو هو تہ کين سيرت ۽ سهڻي عطا ڪئي هئي. پاڻ انتهائي صابر شاڪر مدبر مفکر دشمن کي ۽ ڳلي سان لائي پلائي ڪندڙ ۽ حسن اخلاق جا پيڪر سهڻين وصفن جا مالڪ سخي ۽ فياض هئا. پاڻ ﷺ علم جي تڪميل ڪانپوءِ جلد ئي قطبِ عالم حضرت پير منا سائين ﷺ جي خدمت بابرڪت ۾ حاضر ٿي سندن هٿ مبارڪ تي بيعت ڪري مريد ٿيا تہ تعليم وتعلم الله تعالیٰ جي مخلوق جي خدمت پلائي ۽ تبليغ ۾ مصروف ٿي ويا. جلد ئي کين خرقهءِ خلافت سان نوازي ڪامل اڪمل پير ۽ صاحب فيض و صاحب ولايت هجڻ جو کين مرشد ڪريم پير منا سائين ﷺ هڪ تحريري سرٽيفڪيٽ عطا ڪيو. پوءِ پاڻ ﷺ جهرجهنگ ۾ تبليغ ڪيائون هزارين مردن توڙي عورتن کي باطني توجهہ فرمائي نيڪ متقي پرهيزگار بڻائيون. هزارين ماڻهن جي دلين ۾ الله تعالیٰ ۽ سندس حبيب پاڪ ﷺ جو عشق ۽ محبت پيدا ڪيائون ۽ کين سنت ۽ شريعت سان سينگاريائون. پاڻ ﷺ صاحب ڪشف ۽ صاحب ڪرامت ہ هئا. پاڻ ﷺ انتهائي فياض هئا. سندن جي مبارڪ زندگي درگاهہ رحمتپور شريف ۾ مرشد ڪريم ﷺ جي خدمت ۽ جماعت جي خدمت ۽ تبليغ دين لاءِ وقف هئي. سندن جي علم ۽ عمل، سهڻي تربيت، فيض ۽ برڪت جو زنده مثال اسان جي اڳيان سندن خلف الرشيد فرزند حضرت قبلہ مولانا محمد ڪرم الله الاهي نقشبندي ۽ قادري عرف حضرت پير دلبر سائين جي سهڻي صورت ۾ موجود آهي. جيڪي سندن جو هوبهو ۽ ڪامل عڪس آهن. قصو مختصر ڪندي سندن جي سجاده نشين جي زيارت ڪرڻ گڏ گهڙيون گذارڻ گفتگو ٻڌڻ مدرسي درگاهہ ۽ جماعت جي ديدار سان حضرت پير روشن ضمير پير الاهي بخش غفاري نقشبندي عرف پير محبوب الاهي ﷺ جي ولايت، علميت، تربيت، للهيت ، صداقت، شرافت، امانت ديانت، مخلوق جي خدمت، راهہ هدايت، سخاوت ۽ فيض و برڪات جو ڪماحقہ اندازو لڳائي سگهي ٿو. هن وقت هيءَ ضخيم

ڪتاب تقريبا 800 صفحات تي مشتمل بعنوان سوانح حضرت پير محبوب الاهي رحمه الله من تصنيف لطيف حضرت صاحبزاده محمد ڪرم الله نقشبندي قادري مدظله العالي هتن مٿ آهي جيڪو گرانقدر روحاني ۽ علمي سرمايو آهي. هي عاجز ناچيز خاڪسار عاصي عبيدار الله جي ولين رسول مڪرم ﷺ جي سچن محبن عاشقن عالمن سڳورن جي جتي جوبه مٽ نه آهي ۽ نه ئي وري پاڻ کي ڪنهن تبصري ۽ تقريظ لکڻ جي لائق سمجهان ٿو. حضرت پير روشن ضمير دلبر سائين جي پياري خليفي حضرت ميان منظور علي ماهروڪرمي صاحب جي گهٽي اصرار ڪرڻ تي هن عاجز ناچيز پنهنجي وڏن بزرگن الله جي پيارن ولين بشمول مئي مرشد ڪريم والد سڳوري حضرت قبلا محمد دائود غفاري نقشبندي عرف سائين غفاري رحمه الله ڪان حضرت پير محبوب الاهي جي متعلق حاصل ڪيل ڄاڻ جو هڪ ٿورو حصو بيان ڪيو آهي. دعا ڪندا الله سبحانه وتعالیٰ رحمت العالمين رحمت جي صدقي مٿ اولياء الله جي شناس سندن سوانح حيات، مناقب پڙهڻ، ٻڌڻ ۽ علم ۽ عمل جي توفيق بخشي آمين!

آخر مٿ هڪ نديڙي منقبت پيش ڪجي ٿي

مئي محبوب مهربان تي هيو ڪرم الاهي، محب مير مدني جو مئو محبوب الاهي.
مئي مصطفیٰ جي فيضان بحر مان هڪ قطرو، ڏنو پير منل مريدن کي مئو محبوب الاهي.
نصف صدي سائين ڏني تعليم اسلام جي، هيو سو ڪامل قربدار مئو محبوب الاهي.
هيو اونو عاشقِ شرِ بطحیٰ رکي اصلاح امت جو، سو سخين جو سالار محب مئو محبوب الاهي.
سڃڻ جي سهڻي سنگت مٿ ٻڌيا چور ڏاڙيل ولي، هيو علم جو بحر علام مئو محبوب الاهي.
اوچتي ڪئي سائين سنبت ويو ڏئي بيقراري، هليو حيات جاوداني ڏي مئو محبوب الاهي.
فضل آباد ماتلي تي ٿيو ملڪ مهربان، ڏنئين نائب محبوب الاهي جو ڪَرَمُ اللّٰه الاهي.
قادر ڪرمي تي ڪر عنايت عشق عربي جو، ٿئي شفاعت ڪر عنايت قرب مدني محبوب الاهي.

ناچيز فقير حقير پُر تقصير غلام محمد دائودي نقشبندي مجددي
خادم جامعه عربيه نور القرآن دائوديه غفاريه نقشبنديه
29.01.2012
5 ربيع الاول 1433هـ
دربار عاليه دائوديه نزد ٹري ميرواه خيرپورميرس

پير طريقت حضرت سيد رازق ڏنو شاهہ بخاري

درگاهہ عاليہ حضرت غلام حسين شاهہ بخاري رحمۃ اللہ علیہ لڳ ٽنڊو باگو ضلعو بدين

بسم الله الرحمٰن الرحيم

نحمده ونصلي علي رسوله الكريم وعليٰ آله واصحابه اجمعين امابعد:

اڄ مونتي الله تعاليٰ جل جلاله ۽ سندن محبوب ڪريم ﷺ جا لک احسان جو مون ناچيز ڪان هڪ ڪامل ولي حضرت قبلہ سائين الاهي بخش نقشبندي مجددي جي شان ۾ خليفي منظور علي لکڻ لاءِ چيو.

پيارا آئون نہ عالم آهيان نہ مفتي آهيان بلڪ آئون هڪ فقير جي حيثيت ۾ ٻہ ٽي اکر لکي رهيو آهيان. انشاءَ الله اهي ٻہ ٽي اکر منهنجي لاءِ قيامت جي ڏينهن ڇوٽڪاري جو سبب ٿيندا. پيارا اسانکي سائينجن جي ظاهري زيارت نصيب ڪون ٿي بعد ۾ درگاهہ فضل آباد تي باربار اچڻ ٿئي ٿو هي نظارو ڏسي دل کي راحت ۽ سڪون ايندو آهي. حضرت قبلا سائين دلبر سائين سان گڏ 2 دفعا عمره جي سعادت نصيب ٿي. ڇا دلبر سائين جو فيض ڏسان اهو سڀ فيض حضرت قبلا سائين الاهي بخش نقشبندي جن جو آهي. جيڪو اڄ ٻہ جاري ۽ ساري آهي. ڪئي بدڪار نيڪ پيا ٿين. ڪئي بي نمازي نمازي پيا ٿين ڪئي عاشق رسول پيا ٿين ڪيئي بي ادب ادب وارا پيا ٿين ڪئي ڪافر مسلمان پيا ٿين منهنجي طرفان هر وقت اها دعا نڪرندي آهي الله تعاليٰ منهنجا محبوب مدني سرڪار هن فيض ڪي قيامت تڪ جاري ۽ ساري رکن آمين ثم آمين.

سيد رازق ڏنو شاهہ بخاري سيد سوالي

سجاده نشين درگاهہ عاليہ حضرت غلام حسين شاهہ بخاري رحمۃ اللہ علیہ

ٽنڊو باگو ضلعو بدين 23.01.2012

پیر پارسا عاشقِ رسولِ خدا سید مرید کاظم شاھ بخاري

مرکزي جماعت اھل سنت پاکستان ضلع امیر گھوٹکي

بسم اللہ الرحمٰن الرحیم

الحمد للہ رب العالمین والصلواۃ والسلام علیٰ رسولہ الکریم

خلیفہ منظور علی ماہرو نے ایک ملاقات میں پیر کرم اللہ الاہی سجادہ نشین درگاہ فضل آباد شریف ماتلی کی تصنیف پیر محبوب الاہی ﷺ کا مسودہ دیا مطالعہ سے معلوم ہوا ایسی شخصیت پر کچھ لکھنا ضروری نظر آیا۔ لیکن اتنا ضرور ہوا صاحب تصنیف کو 2007ع میں مدینہ منورہ میں روضہ اقدس کے قریب کچھ تحریر کرتے دیکھا اور ان کی گذشتہ تصانیف جو مطالعہ سے گذر چکی تھیں جن کو مدینہ منورہ میں لکھا گیا اور پاکستان میں منصہء شہود پر لایا گیا۔ وہ کچھ غلط نہیں کہہ سکتا کیونکہ بہت سی تصانیف پر مائہ ناز مفتی محمد رحیم سکندری دام اقبالہ مفتی محمد ادریس صاحب دامت برکاتہم جیسی ہستیوں نے دینی خدمات کا اعتراف فرمایا ہے اس سے پتہ چلتا ہے پیر محبوب الٰہی ﷺ کو حضرت پیر مٹھا سائیں نے دینی تربیت کا مرقع بناکر دین اسلام کی خدمت پر مامور فرمایا اور پیر محبوب الاہی نے اپنے مرشد کریم کی احکامات پر عمل پیرا ہوکر تبلیغ دین میں اپنا کردار ادا کیا ایک ولی کامل کی نگاہ کرم نے پیر محبوب الاہی کو محبوب الاہی بنادیا اور وہ اپنی زندگی دین اسلام کی سربلندی اور محبت رسول اللہ ﷺ کا درس دیتے رہے اللہ تعالیٰ ان کے مرقد پر رحمتوں کی بارش نازل فرماتا رہے بس اتنا کافی ہے۔

نور خدا ہے کفر کی حرکت پر خندہ زن
پھونکوں سے یہ چراغ بجھایا نہ جائے گا

از قلم

سید مرید کاظم شاہ بخاری

پیرِ طریقت رہبرِ راہِ معرفت، عالم نبیل فاضلِ جلیل
حضرت صاحبزادہ ابو الخیر محمد زبیر مدظلہ

سجادہ نشین آستانہ عالیہ رکنویہ محمودیہ، شیخ الحدیث رکن الاسلام جامعہ مجددیہ
صدر جمعیت علماءِ پاکستان

16 جنوری 2012

نحمدہ ونصلي ونسلم علي رسوله الكريم

بسم اللہ الرحمن الحیم

قرآن پاک میں حکم رب ذوالجلال ہے "کونوا مع الصادقین" سچون کیساتھ رہو۔ یعنی انکی سنگت اور صحبت اختیار کرو، اب صحبت دو طرف کی ہوتی ہے۔ ایک ظاہری اور دوسری باطنی۔ ظاہری صحبت تو یہ کہ آدمی ان کی محفل میں ہے اور ان کی مجلس میں بیٹھے اور روحانی صحبت یہ ہے کہ ان کی زندگی اور ان کی حیات مبارکہ کے حالات سنے اور پڑھے تو گویا روحانی طور پر وہ ان کی محفل میں حاضر ہو گیا اور اس کو ان کی روحانی صحبت میسر آگئی۔

پیر طریقت حضرت قبلہ پیر محمد کرم اللہ الاہی المعروف دلبر سائیں دامت برکاتہم العالیہ نے ایک اللہ کے سچے مقبول بندے حضرت خواجہ محمد الاہی بخش المعروف محبوب الاہی نقشبندی رحمۃ اللہ علیہ کے حالات لکھ کر بندگان خدا کو یہ موقعہ فراہم کر دیا ہے کہ وہ رب کائنات کے حکم "کونوا مع الصادقین" پر عمل کر کے عامل بالقرآن ہو جائیں اور ایک بہت بڑے ثواب کے مستحق قرار پائیں کیونکہ جب لوگ اس کتاب میں اللہ کے اس سچے اور مقبول بندے کے حالات پڑھیں گے تو ان کی معنوی صحبت حاصل کر کے اپنے رب کے حکم پر عمل کریں گے اور دارین میں اجر و ثواب کے حقدار قرار پائیں گے۔

فقیر اس عظیم کاوش پر حضرت قبلہ دلبر سائیں کو قلب کی گہرائیوں سے مبارک باد پیش کرتا ہے اور دعا کرتا ہے کہ اللہ تعالیٰ سائیں کی اس سعی کو اپنی بارگاہ میں قبول فرمائے اور مخلوق خدا کو اس سے زیادہ سے زیادہ متمتع ہونے کی توفیق عطا فرمائے۔ آمین۔

بجاهِ سيد المرسلين صلي الله عليه و آله وسلم و علي و اصحابه اجمعين

ابوالخير محمد زبير

استاد العلماءُ شيخ الفقه ابو امجد صوفي رضا محمد عباسي قادري

امام و خطيب مصري شاه تلاؤ نمبر3 مكي باغ حيدر آباد، سنڌ

بسم الله الرحمن الرحيم

الحمد لله رب العالمين والصلاة والسلام علي سيد المرسلين و علي آله و صحبه اجمعين اما بعد:

سنڌ سڳوري صدين کان صوفين ۽ سالڪن جي سرزمين طور مشهور ۽ معروف رهي آهي. جنهن جي ڪُک مان ڪروڙين ڪامل اڪمل ولي صوفي باصفا جنم ونندا رهيا آهن. جن پنهنجي فيض ۽ روحانيت سان لکين اجڙيل دليون آباد ڪيون، پٽڪيل ۽ راهه کان هٽيل ماڻهن کي رباني راهه تي آندو ۽ عشقِ محمد مصطفيٰ ﷺ جا پري پري جام پياريا.

اهڙن انمول الله جي عارفن مان هڪ عظيم عالم ۽ روحاني شخصيت قدوة الاولياءِ حضرت پير الاهي بخش نقشبندي مجددي رحمة الله عليه جي به هئي. جنهن پنهنجي مِٺي گفتار سان ۽ اعليٰ ڪردار سان هزارين انسانن کي عشقِ حبيب ﷺ سان آشنا ڪيو. پوري عمر دين متين جي خدمت ۾ بسر ڪري ڇڏي.

جس هجي سندن نورِ نظر لختِ جگر حضرت علامہ مولانا پير ڪرم الله دامت برڪاتہ کي جن پنهجي والد جي انهن خدمات کي لکي هڪ ضخيم ڪتاب جي صورت ۾ آندو آهي. سندس هي ڪارنامو صدين تائين ياد رکيو ويندو. الله ڪريم شال پنهنجي حبيب لبيب ﷺ جي صدقي سندن گادي کي قيامت تائين آباد رکي.

اين دعاز من واز جمله جهان آمين باد

العبد المذنب رضا محمد

11صفر 1433 هـ

6 جنوري 2012 ع

استاذ العلماء، فقيه العصر، شيخ السند حضرت علامه و مولانا مفتي عبدالرحمان نٿوي دامت برکاتهم العاليه

شيخ الجامعه مجدديه عثمانيه مکلي ٿٽ

14 جنوري 2012

بسم الله الرحمن الرحيم

الحمد لله الذي انعم علينا من بحار علومه واسراره وفضّل رسوله بافاضة معارفه وانواره فَصَلَّ عليه وعلىٰ آله واصحابه الذين اقتسبوا من نبراسه امابعد:

ديده زيب کندڙ ناظرين جي خدمت ۾ عرض ته ڪتاب "سوانح حيات حضرت پير محبوب الاهي" ﷺ توهانجي هٿن ۾ آهي جنهن کي حضرت علامه متبع شريعتِ ڪامل حضرت پير محمد ڪرم الله صاحب مدظله العالي پنهنجي عرق ريزي ۽ ڪاوش سان جمع فرمايو آهي. جنهن ۾ حضرت پير محبوب الاهي ﷺ جا حالاتِ زندگي ۽ سندن اساتذه ڪرام جا حالات پڻ ان سان گڏ جمع فرمايا آهن. جنهن سان گڏوگڏ مرشد جي تلاش ۽ تڙپ ۽ خدا پاران رهنمائي بابت خواب وري مرشد جي تلاش ۾ ڪشالا ڪيڻ مرشد جي ملڻ تي اندر جي آهه و بڪاء ۽ عشق پيري تڙپ من موهيندڙ آهن ۽ طالب راهه کي تسڪين سان گڏو گڏ سلوڪ بابت درس آميز نصيحت پڻ آهي.

فقير اڄ کان تقريبا 25 سال اڳ درگاهه فضل آباد شريف ماتلي سندن خدمت ۾ پهتو. حضرت صاحب مسجد شريف ۾ رونق افروز هئا. سندن دست بوسي ڪري سندن فيض پري مجلس ۾ تقريباً ڪلاڪ ڏيڍ رهيو. سندن چهره مبارڪ ڏسڻ سان رب ڪريم جي ياد تازه ٿي وئي. جيئن حضور عليه الصلوة والسلام جو فرمان آهي ته "اذا رُأوا ذُكر الله" جڏهن الله وارن جو ديدار ڪيو وڃي ته الله جي ذات ياد اچي وڃي ٿي. بلڪل اهوئي منظر سامهون هو ۽ مٿن رب ڪريم جي ذڪر شريف جي ڪيفيت طاري هئي

سندن اکين منجهان گريہ وڪاءَ سبب آب جاري هو. سندن سڄي محفل ذڪر بابت ۽ الله تعاليٰ جي محبت و طلب جي سلسلي ۾ هئي. نظر آيو ٿي تہ پاڻ الله تعاليٰ جي عشق ۾ مستغرق آهن. وري شريعت جي پابندي ۽ سنت مصطفيٰ عليہ الصلوة والسلام جي تابعداري ۾ ايتري قدر گهريل هئا جو سندن صورت مبارڪ ڏسڻ سان سلف صالحين جون يادون تازه ٿي ويون. سندن حالات تي لکيل ڪتاب"سوانح حيات محبوب الاهي"فقير چند مقامات تان ڏسڻ جي سعادت حاصل ڪئي. جنهن کي سندس ذات گرامي جي لاءِ آئينہ دار لڌم ڇاڪاڻ تہ سوانح عمري سندن جانشين ۽ فائق فرزند جي قلم جي سخا آهي ظاهر آهي تہ جيتري قدر اهو پنهنجي مخدوم ۽ مربي کي ويجهڙو ۽ ان جي رات ڏينهن کان آشنا هوندو ايتري قدر ٻئي کي ڄاڻ نہ هوندي جيئن فرمان آهي تہ: ''الولد سر لابيه'' فرزند پنهنجي پيءُ جو راز هوندو آهي يعني پيءُ جو رازدان هوندو آهي ان کري اهو ڪتاب پنهنجو مٽ پاڻ آهي. اميد تہ طالبانِ حق ۽ سالڪانِ راهہ لاءِ ڏينهن روشن وانگر سوجهري جو سبب بنجندو.

حرره ابو الفيض عبدالرحمٰن نتوي

حضرت علامہ و مولانا مفتي محمد شريف سرکي دام اقبالہ

مهتمم و مدرس مدرسہ بحر العلوم حميديہ ضلع جيکب آباد

نحمده و نصلي علي حبيبه الکريم الامين وعليٰ آله وصحبه اجمعين. امابعد عارف بالله عاشق رسول حضرت خواجہ محمد الاهي بخش نورالله مرقده جي بارگاهہ پر انور ۾ استادالعلماء شيخ الحديث حضرت علامہ مفتي عبدالرحمن نتوي دامت برڪاتهم، عالي مرتبت جناب ڊاڪٽر نبي بخش صاحب جهڙين شخصيتن خراج عقيدت ۽ نذرانہ محبت جو اظهار فرمايو آهي (سوانح حيات قدوة الاولياء) جي مطالعہ وقت معلوم ٿيو آهي. فقير ڪامل اطمينان سان عرض ڪري ٿو تہ حضرت خواجہ محمد الاهي بخش المعروف محبوب الاهي رحمۃ اللہ علیہ مخدوم الصلحاء محبوب الاولياء جي شان جا مالڪ هيا ۽ يقيناً انهن هستين ۾ شامل آهن جن جي شان ۾ عارف رومي رحمۃ اللہ علیہ فرمايو آهي:

يک زمانہ صحبت با اولياء، بہتر از صد سالہ طاعت بي رياء.

30.1.2012

خاک راه درويشان
محمد شريف سرکي

استاذ العلماء شيخ الحديث والتفسير عالمِ باعمل حضرت علامہ مفتي
محمد جان نعيمي زيد مجده
شيخ الجامعة نعيمية مجددية مليرکراچي

بسم الله الرحمن الرحيم

الحمد لله رب العالمين والصلوة والسلام علىٰ سيد الانبياء والمرسلين
وعلىٰ آله واصحابه اجمعين .امابعد:

حضرت صاحبزاده علامہ پير طريقت مولانا محمد کرم الله نقشبندي زيد مجدهم جي تاليف لطيف سندن والد گرامي حضرت پير طريقت صوفي کامل پير الاهي بخش نقشبندي رحمہ الله تعالي جي سيرت ۽ سندن ماه و سال ۽ انجا علمي، تبليغي وتحقيقي کارنامہ پنهنجي تحقيق جو موضوع بنائي کري ان جي حالات کي وڏي محنت، عرق ريزي، و کاوش سان جمع کيا. مختلف مقامات زير نظر رهيا. يقيناً حضرت مؤلف مدظلہ العالي سندن والد گرامي رحمہ الله جي خدمات کي جمع کري تاريخ جو هڪ حصو بنايو. رب کريم جل جلالہ جي بارگاه اقدس ۾ دعا آهي حضرت پير صاحب جي هن کاوش جميلہ کي شرف قبوليت عطا فرمائي ۽ سندن قلم ۾ مزيد توفيق عطا فرمائي. آمين والسلام

احقر مفتي محمد جان نعيمي
مليرکراچي
30 ربيع الثاني 1433هـ

بقية السلف حضرت علامہ و مولانا شفيق احمد قادري دامت برکاتہ

مهتمم و شيخ الحديث والتفسير مدرسہ غوثيہ جيلانيہ شڪارپور.

بسم الله الرحمن الرحيم

حضرت مخدوم ومحترم پير طريقت حضرت پير ڪرم الله صاحب جن جو پنهنجي والد گرامي پير طريقت حضرت قبلا محبوب الاهي نقشبندي غفاري رحمة الله عليہ جن جي حالات زندگي تي لکيل ڪتاب نظر کان گذريو. حضرت محبوب الاهي جن جي شخصيت علم ۽ عمل جا بحر بيڪنار هئا. پاڻ هزارين انسانن کي راهہ راست تي آندائون. صالح ٻانهن جي ذڪر سان ب رحمت برڪت ۽ هدايت حاصل ٿيندي آهي. سندن جي تذڪره پڙهڻ سان ب انشاء الله مرده دلين جي آبياري ٿيندي. الله رب العزت حضرت پير ڪرم الله صاحب جي علم ۽ قلم ۾ برڪت عطا فرمائي ۽ بين عالمن ۽ بزرگن جي اولاد کي ب توفيق عطا فرمائي تہ اهي پنهنجي بزرگن جي تاريخ ۽ سوانح حيات لکي ماڻهن کي فائدو پهچائين ۽ پنهنجي بزرگن جي تذڪره کي يادگار بڻائين آمين

ابو الطاهر فقير شفيق احمد قادري

خادم دار العلوم غوثيہ جيلانيہ شڪارپور

30.12.2011

صاحب العلم والقلم صاحب الفكر والنظر محترم و مڪرم پروفيسر اسرار احمد علوي زيد مجده

ڪنوينر الفقير اڪيڊمي علوي محلو شڪارپور سنڌ

بسم الله الرحمن الرحيم نحمده ونستعينه ونصلي علىٰ رسوله الكريم

سنڌ جي سرزمين صدين کان علم ۽ عرفان جو مرڪز رهي آهي. هتان جي متبرڪ متيءَ منجهان اهڙا اهڙا با عمل عالم، باصفا صوفي، باڪردار استاد ۽ اڳواڻ، بيمثال عابد ۽ زاهد اٽندا رهيا آهن جن پنهنجي فيض ۽ فضل، علم ۽ عرفان جي نور سان جهالت ۽ بيدينيءَ جي اونداهين کي روشنيءَ ۾ تبديل ڪري ڇڏيو. سندن پاريل لاٽ هزارين ٻلڪ لکين پٽڪيل انسانن کي مستقيم واري واٽ ڏيکاري جن تي هلندي هنن پنهنجي زندگي جو مقصد ۽ مطلب سمجهيو ته انهن الله وارن جي نظرداري هيٺ منزل مقصود ۽ ماڻي جنهن ڪري کين پنهي جهانن ۾ ڪاميابيون ۽ ڪامرانيون نصيب ٿيون.

اهڙين هستين جي وجود سان سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ هر دور ۾ جرڪندي رهي آهي. جن جو انگ ۽ عدد بي حساب آهي. جن منجهان ڪيترن ئي علمي، فڪري ۽ روحاني ڪارنامن کان اسين آگاهه آهيون ته ڪيترا وري اهڙا به هٿا جيڪي علم ۽ عرفان جا اڻ کٽ خزانا پنهنجي سينن ۾ سانڍي هن فاني دنيا مان مُنهن متي ويا. پر اڄ سندن نالي ونڊ وارو به ڪو دنيا ۾ موجود نه آهي. گذريل ڪجهه وقت کان وٺي اسان جي عالمن ۽ عارفن ۾ اهڙو طبقو پيدا ٿيو آهي جيڪي تصنيف ۽ تاليف جي ڪم ۾ به دلچسپي وٺن ٿا. جنهن ڪري اهي پنهنجن بزرگن، استادن، عالمن، عارفن ۽ مفڪرن جي زندگي جا احوال قلمبند ڪري ڪتابي صورت ۾ عوام آڏو آڻي رهيا آهن. جنهن جي نتيجي ۾ مشهور ۽ معروف واقعن کان علاوه انهن باڪمال شخصيتن جي لکل گوشن ۽ لازوال خدمتن جو ذڪر هر هڪ نظر مان گذري ٿو ۽ سندن اهڙين خدمتن ڪي اسان پنهنجن پوين نسلن تائين منتقل ڪري سگهون ٿا. بهرحال اهو اڻ ڪائيو ڪم آهي، جنهن جي همت ڪرڻ

هر هڪ جي وس ۾ وت کان وڌيڪ آهي پر حضرت پير ڪرم الله الاهي نقشبندي قادري المعروف "دلبر سائين" لکين مبارڪن جو مستحق آهي.

جنهن هن افراتفري ۾ ماده پرستي جي دور ۾ ايترو وقت ڪيي هن بابرڪت علمي ڪارنامي کي توڙ رسايو ۽ پنهنجي والد محترم مرحوم و مغفور حضرت خواجه محمد الاهي بخش عرف محبوب الاهي نورالله مرقده جي زندگيءَ بابت هزار صفحن جي لڳ پڳ هيڈو سارو ضخيم ڪتاب مرتب ڪري مارڪيٽ ۾ آندو آهي. الله تعالىٰ سندس ان لاثاني ۽ لافاني خدمت کي پنهنجي دربار ۾ قبوليت جو شرف بخشي ۽ پين سمورن کي به اها توفيق عطا ڪري ته اهي به پنهنجي سلف صالحين جي ڪارنامن کي سوڌي سنواري عوام آڏو پيش ڪن. آمين ثم آمين.

پروفيسر اسرار احمد علوي

ڪنوينر الفقير ايڪيڊمي علوي محلو شڪارپور سنڌ

31.12.2012

حضرت علامہ و مولانا حافظ الله بخش قادري

ناظم تعليمات جامعہ صديقيہ اسلاميہ ڪلفٽن ڪراچي

زير اهتمام: حافظ الملت فاؤنڈيشن پاڪستان خانقاهِ عاليہ قادريہ پرچونڈي شريف

الله رب محمد صلى عليہ وسلما نحن عباد محمد صلى عليہ وسلما

مغز قرآن روح ايمان جان دين هست حب رحمة للعالمين

الله رب العالمين جل جلاله ۽ محمد رحمة العالمين ﷺ جي حضور ۾ سعادت ماڻڻ جي طريقن مان هڪ اهم اعليٰ طريقو الله وارن جي دربار ۾ حاضر هجڻ آهي ۽ الله وارن جي حضور ۾ حاضري جو ذريعو انهن جي تصانيف ۽ سوانح حيات مبارڪ جو مطالعو ڪرڻ آهي مطلب ته حضور قبلہ پير دلبر سائين مدظله العالي پنهنجي والد گرامي جي سوانح عمري (حضرت پير محبوب الاهي) لکي پنهنجي مريدين معتقدين ۽ هر مسلم کي دربار رسالت مآب ﷺ ۾ حاضري جو هڪ عظيم ذريعو پيش ڪيو آهي ڏٺي در دعاگو آهيان ته شال رب ڪريم سائين جن جي هن ڪاوش کي قبول فرمائي. آمين بجاه طٰہٰ ويس صلي الله عليہ وسلم

حافظ الله بخش قادري ناظم تعليمات

جامع صديقيه اسلاميه كلفٽن كراچي 7.1.2012

حضرت علامه مفتي **محمد ابراهيم** نعيميءِ حضرت علامه مفتي **گل حسن** نعيمي زيد مجدهما

جامع احسن العلوم نعيميه نئين سبزي منڊي گڏاپ ٽائون كراچي

بسم الله الرحمن الرحيم

جن کي دور درد جو، سبق سور پڙهن،

فکر ڦرهي هٿ ۾، ماڻ مطالع ڪن،

پنو سو پڙهن، جنهن ۾ پسڻ پرينءَ جو (پتائي)

باب الاسلام سنڌ هميشه عالمن، ڪاملن، قلندرن، عارفن، اولیائن، اڪابرن، اديبن، فاضلن، صالحن، عاشقن، درويشن ۽ عظيم انسانن جي ڌرتي رهي آهي. الله جل شانه جي فضل و ڪرم سان ۽ مٺي مير مرسل مدني تاجدار ﷺ جي صدقي جنهن کي ڪتاب و قلم ۽ علم و عمل جون عظيم نعمتون حاصل هونديون آهن. انهن برگزيده هاڻن مان هڪ شخصيت صاحب بصيرت پير طريقت واقف اسرار معرفت حضرت الاهي بخش عليه الرحمت جي معلوم ٿئي ٿي جيئن ته سندن سوانح حيات تي تحرير شده مسوده تي سرسري نظر پوڻ بعد آشڪار ٿيو ته پاڻ هڪ نڪته رس عالم وفاضل هئڻ سان گڏ عارف جي حيثيت سان فڪر و عمل ۽ اصلاح و هدايت جا جيڪي چراغ روشن ڪيا، جنهن جي روشني ۾ تاباني ۽ سان اسان جا علمي و فڪري ايوان جڳمڳائي رهيا آهن. انهيءَ جو ثبوت، سندن خلف الرشيد سپوت، فرزند نامور اديب، بي بدل خطيب با اخلاق عجيب، عالم ۽ فاضل، حضرت علامه الحاج پير طريقت محمد ڪرم الله صاحب نقشبندي زيد مجده الڪريم آهن. جيڪي تحرير ۽ تقرير تحقيق ۽ تصنيف ۽ تبليغ جي ميدان ۾ پنهنجو ٿڪ پاڻ آهن اختصار سان عرض آهي ته نيڪن جي نيڪيءَ کي نوڪ قلم چا لکندي؟

محبوب مديني جي تاجدار جي صدقي بارگاهِ باريءَ ۾ التجا آهي ته شال عاشقن جون اميدگاهون آباد هجن. آمين بجاه نبي الامين ﷺ

ہر کہ عشق مصطفیٰ سامان اوست،

بحر و بر در گوشۂ دامان اوست

07.01.2012 راقم: احقر اگل حسن نعيمي ومفتي محمد ابراهيم نعيمي

جامعہ احسن العلوم نعيميہ

زينتِ اهلسنت فخر العلماء حضرت علامہ مولانا

سيد فهيم احمد راشدي دامت برکاتہ

مُدرس جامعہ عربيہ اسلاميہ سيد غلام مرتضيٰ شاهہ جيلاني لاڙڪاڻو

بسم الله الرحمن الرحيم

نحمده ونصلي علىٰ رسوله الكريم اما بعد

محمد ڪرم الله الاهي مدظلہ العالي جن جو پنهنجي والد ماجد پير الاهي بخش خانپوري رحمۃ اللہ علیہ جن جي باري ۾ لکيل ڪتاب نظر ڪان گذريو. سارو ڪتاب تہ نہ پڙهيو پر جيترو ٿي سگهيو ڪتاب نهايت محنت سان لکيل آهي. خاص ڪري نسب جي باري ۾ سندن جي ڪيل تحقيق نهايت پسند آئي. الله عزوجل کان دعا آهي، تہ کين ان محنت جي جزا دنيا ۽ آخرت ۾ عطا فرمائي. آمين

سيد فهيم احمد غفرلہ الاحد

جامع عربيہ اسلاميہ سيد غلام مرتضيٰ شاهہ جيلاني لاڙڪاڻو

31 ڊسمبر 2011ع

تاج العلماء، امير الفقهاء شيخ الحديث حضرت مفتي

الله ڈنو جماراڻي ابڙو نقشبندي غفاري مدظلہ

مدرسہ عربيہ انوار العلوم نقشبندي، دائود ڪاندڙہ وايہ بادھ

نحمده ونصلي علىٰ رسوله الكريم اما بعد:

احوال عرض هي آهي تہ وقت جي غوث حضرت پير عبدالغفار المعروف پير منا سائين وت آءٕ مفتي الله ڈنو ۽ مونسان گڏ مولوي الاهي بخش ۽ مولوي نور محمد ۽ پيا ڪافي خليفہ هيا پر مولوي الاهي بخش سان اسان کي تمام گهٽي محبت هئي. اسان ۾ سادي طبيعت جا

هياسين مولوي الاهي بخش تمام سادو درويش الله وارو هيو ۽ اٺڻ ويهڻ ڪائڻ پيئڻ بلڪل شريعت جي موافق هيس. سندس طبيعت مرشد ڪريمن کي تمام گهڻي پسند هئي.

۽ خاص ڪري اسان ٽنهي عالمن سان گهڻي محبت رکندا هيا مولوي الاهي بخش جي لاءِ مان ته اهو ضرور چوندس مرشد بار بار پچندا هيا. مطلب ته هين خليفن کان مرشد ڪريم اسان ٽنهي عالمن کي گهڻو پيار ڏنو ۽ پنهنجي نوراني طبيعت مان فيضياب ڪري ڇڏيائون. ان ۾ ڪو شڪ ناهي پير الاهي بخش خلافت بعد اچان به زياده نيڪ بزرگ الله وارو ٿي ويو جو چهرو چند جيان پرندو هيس. اهو سندن مرشد ڪريمن جو پيارو هيو. درگاهه رحمت پور تان پير الاهي بخش فيضياب ٿي ضلع دادو ۾ خانپور شمر آهي اتي آستانه عاليه ڪولي دين جي خدمت شروع ڪئي. دين جي خدمت جاري هلندي پوري سنڌ بلوچستان ۽ پنجاب ۾ به سائين جن ديني خدمتون تبليغون ڪندا رهيا. آخر ۾ درگاهه عاليه فضل آباد ماتلي ڪولي وڏي شان شوڪت سان دين جي تبليغ ۽ ماڻهن کي پنهنجي فيض سان نوازيائون. اها سندن ڪرامت آهي جو اها درگاهه فضل آباد ماتلي شريف ۾ سندن فرزند ارجمند پير ڪرم الله الاهي المعروف دلبر سائين وڏي زور ۽ شور، شان ۽ شوڪت دين جي خدمت تبليغ تصنيف ڏيئي ماڻهن کي فيضياب ڪري رهيا آهن. اهي سندن جون ڪرامتون آهن جو هن وقت پوري ميڊيا تي به ديني خدمتون سر انجام ڏيئي رهيا آهن ۽ مون بزرگن جون سوانحون پڙهيون آهن. پر هن سوانح پڙهڻ سان اسان جي دل تمام گهڻو خوش ٿي. اسان جي به دعا آهي بزرگن کي الله رب العزت اچان به علمي فيض سان مالا مال ڪري ته جيئن ديني خدمتون سر انجام ڏيندا رهن. غفاري جماعت اهلسنت جماعت آهي ۽ اچان ترقي ڪري ته جيئن بي دين ماڻهو به فيض وٺي نيڪوڪار ٿي وڃن ۽ سائين جن جي صحبت مان ڪيترائي ماڻهو نيڪوڪار ٿي ويا ۽ دين اسلام جا پابند ٿي ويا.

حررة الفقير الله ڏنو غفاري

مدرسه عربيه انوار العلوم نقشبنديه

استاد العلماءَ حضرت علامہ مفتي
عبد الحليم غفاري مدظله العالي
مُدرس مدرسہ عربيہ غفاريہ درگاہ رحمت پور شريف لاڑڪاٹو

بسم الله الرحمن الرحيم

نحمده ونصلي علىٰ رسوله الكريم اما بعد

هي عاجز فقير عبدالحليم غفاري ڪنبائي عرض ڪري ٿو تہ پير طريقت رهبر شريعت حضرت خليفہ عالم رباني علامہ الاهي بخش رحمة الله عليه ماتلي شريف وارا اسان جي مرشد ڪريم پير مٺا سائين رحمة الله عليه جا چونڊيل خليفہ ۽ پيارا خليفہ هيا. اسان ڪيئي پيرا ٿرڙي محبت يا ميهڙ ۾ سندن جي نوراني چهره جي زيارت ڪئي. اسانڪي ان جي جمال ۽ جملڪ نہ ٿي وسري هڪ شاعر چيو تہ مشڪ آنست کہ خود ببوید نہ آنک کے بگوید يعني مشڪ اهو آهي جو خود خوشبو ڪري نہ اهو جو ٻيو کو چوي تہ هي مشڪ آهي. بس اها تعريف ۽ تصديق ڪافي آهي جو هزارين مئل قلب زنده ڪيائون غفاري باغ جا گل گلاب هيا. اڄ بہ سندن فرزند ارجمند حضرت صاحبزاده پير ڪرم الله سائين الولد سر لابيه جا مصداق موجود آهن ۽ دنيا کي غفاري فيض سان معطر ڪري رهيا آهن. اسانجي ڏٺي اسان کي روايت ٻڌائي تہ حضرت پير مٺاسائين ﷺ پنهنجي پياري خليفي مولوي الاهي بخش ﷺ جي تقرير ٻڌڻ لاءِ پنهنجي مسجد شريف جي پويان ڪٺ رکرائي ۽ پنهنجي حرمن کي بہ گهرائي ۽ حڪم ڪيائون تہ مولوي الاهي بخش ﷺ جي تقرير غور سان ٻڌو ۽ پاڻ حرمن سان گڏ ڪن لائي ٻڌن پيا ۽ نهايت خوش ٿين پيا. خليفہ صاحب جي علمي تقرير خوش الحاني ڪمال پياري هئي. تنزل الرحمة عند ذكر الصالحين. اسان اميد ٿا ڪيون تہ اهڙن صالحن ڪاملن جي تعريف ڪرڻ سان اسان تي رحمت وسندي حضرت ابراهيم عليہ السلام جي تعريف م الله تعالي فرمايو : اِنَّ اِبْرٰهِيْمَ لَحَلِيْمٌ اَوَّاهٌ مُّنِيْبٌ ۝ ۷۵

يعني منهنجو خليل ابراهيم دل جو نرم روئندڙ ۽ رجوع ڪندڙ هيو تہ اها ساڳي وصف هن پياري ولي الله ۾ بہ موجود هئي ڇو روئڻ ۽ آهون ۽ داهون ڪثيرا ڪثيرا هين.

وري اهائي صفت سمٹي سندن دلبر پٹ ۾ موجود آهي. باقي عيب جوئي ڪندڙ ڪي عيب ڪانسواءِ ڪجھ بہ نظر نہ ايندو ڇو تہ چمڙو سج کان نفرت ڪندو آهي پوءِ اها نفرت ان جي اکين جي ڪمزوري سبب آهي واگر نہ تہ سج تہ ساري ڏيھ لاءِ نور آهي.

گرنہ بيند بروز شپرہ چشم چشمہ آفتاب راچہ گناہ

عزازيل کي حضرت آدم ۾ نور خدائي نظر نہ آيو حسد ۽ وڏائي سبب تہ پوءِ چيائين تہ مون جي لائق نہ آهي جو ڪاري گپ بدبوناڪ کان ٺهيل کي سجدو ڪيان. هي عاجز آخري اپيل ٿو ڪري تہ جيڪڏهن ڪنهن کان تعريف ڪرڻ نہ ٿي سگهي تہ مهرباني ڪري گلا تہ نہ ڪري.

گرنداری قوتی نيکی بدمکن

مولانا عطار فرمايو توکان نيڪي نہ ٿي پچي تہ رڳو برائي تہ نہ ڪر. اسان دعا گهرون تہ الله تعالیٰ حضرت مرشد مٹا سائين جي تمام خلفاءِ ڪرام وفات ڪيلن کي اعليٰ عليين ۾ جاءِ عطا ڪري ۽ جيڪي باقي موجود آهن انهن کي خضري دراز حياتي عطا ڪري ۽ انهن جي اولاد ۽ صاحبزادن کي ۽ درگاهن کي الله تعالیٰ تا قيامت آباد ۽ شاد رکي ۽ سڀن کي الله تعالیٰ توفيق ڏي جو درگاهہ رحمتپور سان بہ نينهن نياڻن ۽ هن مرڪزي درگاهہ جي گڏجاڻين ۾ شريڪ ٿين ۽ عرس شريف ۾ شامل ٿي پنهنجي مرشد مٹي جو شڪرانو ادا ڪن

يارب گرچہ نيک نيم مگردامن نيکان رامی جويم

راقم الحروف طالب دعا فقير

مفتي عبدالحليم غفاري

مدرس مدرسہ جامعہ غفاريہ درگاهہ رحمتپور شريف لاڑڪانہ

مورخ 3 صفر المظفر 1433ھ

امير الواعظين، بُلبلِ چمن غفاري حضرت علامہ و مولانا

محمد امين الدين خليلي غفاري مدظله العالي

خطيب درگاهہ حضرت مخدوم بلال شهيد ﷺ دادو

بسم الله الرحمن الرحيم

صاحب الفضل والفيض جناب پير ڪرم الله صاحب المعروف (دلبر سائين) جيڪي دور حاضر جا ڪثير التصانيف مصنف آهن ۽ ان سان گڏ بهترين اديب ۽ محقق به آهن. هن تصنيف کان اڳ سوانح حيات غوث الوريٰ قيوم زمان "پير منا سائين" ﷺ لکي دنيائي صنف ۾ ڏاڪو جمايو آهي جنهن ڪري پير صاحب جي سڃڻ سندس محنت عرق ريزي ۽ مواد اخذ ڪرڻ لاءِ دور دراز سفر ڪرڻ تي دعا جا هٿ دربار ايزديءِ ۾ دراز ڪرايا اللهم زد فيه ته وري مخالفن کي سندن ڪاوش تي ڏندين آڱريون آهن ۽ حسد جي باهه به پڙکي آهي ۽ ائين هر ڪنهن مصنف لاءِ ٽيٽو آهي. جيئن يگانہ زمانہ حضرت صاحب المعرفه مولانا سعدي شيرازي چيو آهي: مَنْ صَنَّفَ فَقَدِ اسْتُهْدَفَ. وري ميدان صنف ۾ پير صاحب ٻيو ضخيم ڪتاب هڪ هزار صفحن جي لڳ ڀڳ "سوانح حيات محبوب الاهي ﷺ" پنهنجي ڪامل اڪمل والد مڪرم قيوم زمان "پير منا سائين ﷺ" قدس سره العزيز جي ممتاز خليفي عالمِ اجل صاحب الارشاد حضرت پير الاهي بخش صاحب غفاري نقشبندي جي زندگي ۽ حالات تي آندو آهي. جيڪي وقت جا نامياريا عالم ۽ بهترين مصلح به هيا. احقر انهن سان ملاقات جو شرف حاصل ڪيو سندن وعظ پر اثر به ٻڌو سفر ۽ حضر ڏٺو واقعي پاڻ انهن صفتن جا مالڪ هئا جيڪي دلبر سائين لکيون آهن. ضرور پير صاحب جو هي ڪتاب دنياءِ ڪتابت ۾ هلچل مچائيندو ۽ وڏو آواز برپا ڪندو ليڪن مان اميد ٿو ڪريان ته ڪوربينن ۽ فيضي ۽ ابو الفضل جي نائبن جن سندن حق ۾ صحيح کي غلط ۽ غلط کي صحيح لکيو آهي ۽ اهڙي ڪامل اڪمل خدا تعالیٰ جي دوست لاءِ تعصب جو ٻڪل قلم ڪنيو آهي اهي به هن ڪتاب مان بينائي جي عينڪ حاصل

ڪري هدايت حاصل ڪندا ۽ صحيح ڪي صحيح ۽ غلط ڪي غلط لکندا ۽ پڙهندا ۽ هدايت حاصل ڪندا جيئن چوٽي آهي. پُلي پُلي پاڻ آئي تہ سا بہ نہ پُلي

احقر جي پير صاحب لاءِ دعا آهي تہ رب پاڪ کين سَماءِ تصنيف ۾ پرواز اعليٰ نصيب فرمائيندو ۽ کين ۽ اسان کي پنهنجي پير ڪريم ۽ پيران ڪبار سان اعليٰ نسبت نصيب فرمائيندو. آمين ثم آمين.

هذا من

فقير محمد امين الدين خليلي

خادم و خطيب جامع دربار عاليہ حضرت مخدوم بلال شهيد رحمۃ اللہ علیہ

6 صفر المظفر 1433ھ موافق 01.01.2012

صاحب العلم والقلم، وصاحب الحلم والكرم استاذ العلماء علامہ

حبيب الرحمان گبول طاهري بخشي غفاري ادام الله وجوده

مدرس الجامعة العربية الغفارية درگاه الله آباد شريف كنديارو

عالم ۽ عارف

حامدًا و مصلّيا و مسلّما. اما بعد:

عالم اسلام جي مشهور و معروف عالم ۽ ولي حضرت امام شعراني رحمة الله عليه پنهنجي جڳ مشهور ڪتاب اليواقيت والجواهر صفحي 88 جلد دوم ۾ لکيو آهي تہ اڳين دور جا صالحين هڪ ئي وقت ولي بہ هوندا هيا تہ عالم پڻ، پر پوءِ اهي پنهنجي علم تي عمل ڪرڻ ۾ پوئتي هٽندا ويا تہ ماڻهو انهن کي فقط عالم سڏڻ لڳا انهن کي ولي ڪير بہ نہ ٿو چوي نہ تہ حقيقت ۾ اولياء الله ئي عالم آهن، اڄ جي انسانن ۾ بہ بلا شبہ هر ولي عالم آهي، پر هر عالم ولي ڪونهي ڇو تہ اهي پنهنجي علم تي علم ڪرڻ ۾ پوئتي رهجي ويا آهن.

ڏٺو وجي تہ سنڌ سڳوري جي ماضي اهڙن عالمن سان پري پئي آهي جيڪي وقت جا ڪامل ولي بہ هيا پر وقت جي وهڪري سان انهن ۾ گمتائي ٿيندي وئي پر وري بہ سنڌ ۾

اهڙا ڪافي ڪامل فرد نوجوان رهيا جن پنهنجي وڏڙن جي علمي ۽ عملي ورثي کي صحيح معنيٰ ۾ سانڍيو ۽ سنياليو.

انهن مان ئي نامياروالو حضرت مولانا الاهي بخش صاحب رحمة الله عليه پڻ هڪ آهي جنهنجو جسماني خاندان ۽ علمي گهراڻو آهي ته سندن روحاني رشتو ۽ عالم اسلام جي مشهور پير طريقت خواجه خواجگان حضرت پير منا سائين رحمتپوري ﷺ سان آهي. جن جو فيض سڌ هنڌ عرب ۽ عجم ۾ هڪ جهڙو ڦهليو.

مولانا صاحب جن پنهنجي پير حضرت پير منا سائين رحمة الله عليه جي نقش قدم تي هلندي گهڻي ديني تبليغي خدمت ڪئي. وجيهه و جميل انسان هيا. هن عاجز 1974ع ۾ جامشورو ۾ سندن زيارت ڪئي جڏهن سيدي و مرشدي حضرت پير سهڻا سائين قدس سره جي عيادت لاءِ اسپتال ۾ آيا هيا. الله تعاليٰ حضرت مولانا الاهي بخش صاحب غفاري قدسره جا درجات بلند فرمائي موصوف جي اها ۽ وڏي خوش قسمتي چئجي جو سندن فرند ۽ صالح آهن.

خاص ڪري سندن سجاده نشين صاحبزاده مولانا ڪرم الله صاحب دامت برڪاته الولد سرلابيه جا مصداق عالم با عمل ۽ سندن اصلاحي تبليغي مشن جا وارث عاشق رسول املهه انسان آهن. پيش نظر ڪتاب ۾ سندن علمي ڪاوشن جو ثمر ۽ عملي ورثي جو ذڪر خير آهي. جنهن ۾ پاڻ پنهنجي والد گرامي جي همه جهت شخصيت جي قابل ذڪر سمورن پهلوئن تي تفصيلي تبصرو ڪيو اٿن.

هن عاجز هي ڪتاب ته براءِ نام مطالعو ڪيو آهي، پر اميد ته مولف موصوف جي مريدين پر سيني پڙهندڙ لاءِ پلائي ۽ پال ثابت ٿيندو آمين.

وصلي الله تعاليٰ عليٰ حبيبه خير خلقه سيدنا محمد وآله واصحابه اجمعين

حرره: فقير حبيب الرحمن گبول طاهري

درگاھ الله آباد شريف کنڊيارو

01 جنوري 2012 ع

امير البيان، فصيح اللسان، شيخ الحديث عالم باعمل حضرت علامہ ومولانا مفتي عبدالرحيم طاهري مدظله العالي

مُدير الجامعة العربية البخشية نو ديرو لارڪاڻ ومرڪزي صدر جماعت اصلاح المسلمين پاڪستان

نحمده نصلي علىٰ رسوله الڪريم وعلىٰ اٰله واصحابه واولياءِ امته وعلماءِ ملته اجمعين امابعد

دنيا ۾ جنهن عالم ديني تصنيفات ڇڏيون ۽ لائق شاگرد پيدا ڪيا جن جي ذريعي علم ۽ دين جي اشاعت ٿي ته اهڙي عالم دين کي خوش نصيب سمجهيو ويندو آهي. بلڪل اهڙي طرح ڪنهن بزرگ صاحب طريقت جا خلفاءِ گهٽي تعداد ۾ هجن جن جي توسط سان ان بزرگ جو فيض عام ٿئي ته ان کي به خوش قسمت مجيو ويندو آهي. اولياءِ امت ۾ حضرت غريب نواز خواجہ عبدالغفار المعروف پير منا قدس سره جن به انهن خوش قسمت ولين منجهان هڪ آهن جن جي خلفاءِ ڪرام سندن حيات مبارڪ ۾ ۽ بعد از وفات سندن فڪر ۽ فيض کي عام ڪيو ۽ اڄ تائين بحمد لله اهو سلسلو هلندو رهي ٿو ۽ انشاءِ الله تا قيامت هي سلسلو ۽ ان جو فيض جاري و ساري رهندو. پيرمنا قدس سره جن جي خلفاءِ ڪرام ۾ حضرت مولانا الاهي بخش عليہ الرحمة جن به وڏا نامور عالم ۽ دين جو درد رکڻ وارا ۽ پنهنجي پير جي نقش قدم تي هلڻ وارا صاحب فيض بزرگ هئا. مولانا عليہ الرحمة سڄي زندگي شريعت ۽ طريقت جي خدمت ڪئي ۽ پير مناسائين قدس سره جن جي پيروي ڪندي خانقاهون قائم ڪيون ۽ انهن درگاهن تي پنهنجي پير ۽ مرشد وارو طريقو رائج ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. منهنجي نظر ۾ سندن ڪاوشون صحيح همت ۽ خلوص واريون هيون جنهن جي ڪري اڄ تائين سندن اهي آستانہ سندن اولاد آباد ڪيو اڄي ٿي ۽ سندن اولاد به ان نقش پاڪ تي هلندي اڄي ٿي. اهڙي پر فيض شخصيت جي سوانح حيات تي هڪ مفصل ڪتاب لکڻ تي عاجز جامع ڪتاب پير طريقت جناب مولانا ڪرم الله الاهي صاحب زيد مجدهم کي دلي مبارڪ پيش ڪري ٿو. شال الله تعالىٰ پير صاحب جن کي شريعت ۽ طريقت جي صحيح راهہ تي هلندي مزيد اهڙا مواقع عطا فرمائي.

آمين بجاهہ سيد المرسلين صلي الله عليه وآله اجمعين

عبدالرحيم طاهري

شيخ الحديث جامعي العربيه البخشيه نئون ديرو لاڙڪاڻو

مفتيءِ اهلسنت حضرت علامه و مولانا حضور احمد نقشبندي طاهري مدظله العالي

صدر مدرس و مفتي مدرسه غوثيه انوار باهو شڪارپور

حامدًا و مصليًا و مسلمًا. امابعد، فاعوذ بالله من الشيطان الرجيمبسم الله الرحمٰن الرحيم. حمد و صلوة تسميه وتعوّذ کان پوءِ عرض گذار آهيان ته هن عالم رنگ و بو ۾ پٽڪيل انسانن کي راهه راست تي آڻڻ لاءِ خالق ڪائنات پنهنجي انبياء عليهم السلام کي مبعوث فرمايو جن الله تبارڪ وتعالىٰ جو موڪليل پيغام پنهنجي پنهنجي دور جي تقاضائن مطابق بني آدم تائين رسايو. آخر ۾ خاتم النبيين سيد الاولين والآخرين انهيءَ ساڳي پيغام کي بهترين ۽ موثر انداز ۾ رسايو. سندن جي خلق عظيم جي ئي جهلڪ هئي جو جابر، ظالم، خونخوار انسان سراپا ابرار، اخيار ۽ مبلغين دين بٽجي ويا. پاڻ سڳورن فرمايو ته علماءَ امتي ڪانبياءَ بني اسرائيل. الحمد لله سندن جي نيابت ۾ اولياءِ امت و علماءِ ملت انهيءَ فيض نبوي کي جاري وساري رکيون پيا اچن.

اسان جي هن وطن سنڌ سونهاريءَ ۾ ڪيترائي اولياء ڪرام انهيءَ فيض کي وندیندا رهيا. انهن ۾ هڪ معتبر ۽ مستند نالو حضرت خواجه محمد عبدالغفار فضلي قدس سره جن جو آهي جن پنهنجي فيض سان ٿوري وقت اندر ڪيترن ئي انسانن کي فيضياب ڪيو. سندن جي پيارن خليفن ۾ هڪ معتبر نالو حضرت علامه سائين پير خواجه الاهي بخش نور الله مرقده جن جو آهي جيڪو بيڪ وقت عالم عمل ۽ روحانيت جو پيڪر هيو سندن جي انهن ئي خوبين کي سائين پير ڪرم الله الاهي جن نهايت ئي دلڪش ۽ دلربا انداز ۾ پنهنجي هن ڪتاب بنام "سوانح حيات حضرت پير محبوب الاهي" ﷺ مرقوم فرمايو آهي. مون کي قوي اميد آهي ته هن ڪتاب جي پڙهندڙ کي ضرور قلبي سرور حاصل ٿيندو. آخر ۾ دعا آهي ته الله تبارڪ وتعالىٰ اسان سيني کي اولياء الله جي نقش قدم تي هلڻ جي توفيق عطا فرمائي آمين بجاه سيد المرسلين وعلىٰ آله واصحابه اجمعين

طالب دعا فقير حضور احمد نقشبندي طاهري

صدر مدرس و مفتي مدرسہ غوثيہ انوار باهو ﷺ

نزد بس استينڈ شكارپور

حضرت علامہ و مولانا مفتي مختيار احمد ٽالپر طاهري مدظله العالي

باني و مهتمم جامعہ مدينة العلوم طاهريہ گلشن پٹائي كالوني نواب شاه ضلع شهيد بينظير آباد

بسم الله الرحمٰن الرحيم

نحمده و نصلي علي رسوله الكريم

اڄ نہ اوطاقن ۾ سي طالب تنوارين،

جي جيءُ ڪي جيارين سي لاهوتي لڏي ويا. (شاه سائين)

الحمد لله اڄ بروز آچر 15 جنوري 2012 بمطابق 20 صفر 1433 هجري عاجز جي اداره جامعہ مدينة العلوم طاهريہ نواب شاه ۾ محترم پير طريقت علامہ مولانا حضرت پير ڪرم الله المعروف دلبر سائين دامت برڪاتهم وفيوضاتهم ابدًا وَ آبدًا جن طرفان سندن مجاز خليفہ مولانا منظور علي جن تشريف فرما ٿيا.

هڪ عظيم هستي اهل دل بلڪہ مُحي القلب عظيم بزرگ اهل معرفت ولي ڪامل واڪمل، اولياءِ اسلاف جي ياد ڏيارينڊر جيڪا عظيم هستي حضرت نبي ڪريم رئوف ورحيم صلي الله تعاليٰ عليہ وعليٰ آلہ وبارڪ وسلم جن جي هن مبارڪ ارشاد جا مظهر اتم آهن اَوْلِيَاء الله اِذَا رُؤُوْا ذُكِرَ اللّٰهُ. يعني الله تعاليٰ جا اهي دوست آهن جن کي ڏسڻ سان الله تبارڪ و تعاليٰ ياد اچي ويندو آهي. انهن هستين جا آستانہ ۾ مرڪز عشق الاهي ۾ عشق مصطفيٰ ﷺ جن جا دوڪان آهن جن جي نظر باطن ۾ تصرفات روحانيہ جاهلن کي عالم ناقصن کي ڪامل ۾ عالمن کي رباني عالم بنائيندي آهي. انهن عظيم هستين جا نمائندہ ۾ سفير آهن جن جي حق ۾ حديث قدسي ۾ فرمان خداوندي آهي مَنْ عَادٰيْ لِيْ وَلِيًّا فَقَدْ آذَنْتُه بِالْحَرْبِ يعني جيڪو شخص الله تعاليٰ جي ڪنهن بہ دوست سان عداوت ۾ دشمني رکندو انهيءَ کي الله تعاليٰ جنگ جو چيلينج ڏنو آهي. الياءِ جي دشمن اهڙن عقل جي انڌن باطن جي ڪارن دين نبي ﷺ جي دشمنن جي سڃاڻ جو معيار

انهيءَ حديث قدسي ۾ بيان ڪيو ويو آهي انهن جي مولانا فريد الدين عطار رحمة الله عليه جن به نشاندهي ڪندي فرمايو آهي: حب درويشان كليد جنت است، دشمن ايشان سزاء لعنت است

(پندنامه)

عاجز انهي عظيم روحاني رهبر حضرت قبلا محبوب الاهي رحمة الله عليه الباري جن جي طالب علمي جي زماني ۾ 1981عيسوي ۾ فضل آباد دربار عاليه تي زيارت جو شرف حاصل ڪيو هيو سندن عظيم شخصيت فقير کي بيحد متاثر فرمايو ۽ سندن جي شفقت محبت ۽ پياري روحاني گفتگو ايڏا تائين عاجز کي ياد آهي. اهڙي روحاني عرفاني هستي تي تقريبا 800 صفحن تي لکيل سوانح حيات تان چند مقامات نظر مان ڪڍيا بحمده تعالىٰ سندن جي ذات عالي صفات جو هن سوانح حيات کي ادنيٰ مظهر چئي سگهجي ٿو چو ته سندن جي ڪمالات تصرفات ۽ ڪرامات جو حق ادا ڪرڻ لاءِ ته ڪيئي عظيم و ضخيم دفترن جي درڪار آهي الله تعالىٰ سندن جي صاحبزاده پير طريقت علامه و مولانا حضرت پير ڪرم الله المعروف دلبر سائين مدظله العالي نقشبندي وقادري جن کي جزاءِ خير ۽ اجر عظيم عطا فرمائي آمين جن پنهنجي محنت کوشش ۽ عرق ريزي سان عظيم رهنما پنهنجي والد محترم مڪرم پير طريقت رهبر شريعت علامه و مولانا الحاج حضرت الاهي بخش المعروف محبوب الاهي رحمة الله عليه جن ذات عاليه صاحب صفات و تصرفات روحانيه ڪرامات و ڪمالات کي سوانح حيات حضرت پير محبوب الاهي ۾ بمصداق "سمندر در کوزه"

جي جمع ڪرڻ فرمايو آهي. شال الله تعالىٰ انهيءَ سوانح حيات کي قارئين حضرات لاءِ مفيد بنائي ۽ اسان سيني لاءِ ذريعه نجات ۽ سعادت دارين جو سبب بنائي آمين.

بحرمة سيد الانبياء والمرسلين اللهم صلي وسلم وبارك
علي سيدنا محمد وآله وصحبه بعدد كل مرة مأة الف الف مرة

الفقير لا شيء مفتي مختار احمد طاهري تائڙي
باني و مهتمم جامعه مدينة العلوم طاهريه گلشن پتائي
ڪالوني نواب شاه ضلع شهيد بينظير آباد

25 جنوري 2012ع 20 صفر 1433ھ

بادشاهِ قلم، قدردانِ علم محترم و مڪرم بيدار مورائي طاهري مدظله العالي

پنجونجاهه ڪتابن جي ليکڪ جا تاثرات

مون سي ڏٺا ماڻ جن ڏنو پرينءَ کي، تنين سندياڻ ڪري سگهان نه ڳالهڙي.

"دلبر سائين" ڪنهن به تعارف جو محتاج نه آهي سندس خطابات وتصانيف عشق ۽ مشڪ وانگر لکڻ جي نه آهي، سج ڪاري هيڻ لکي نٿو سگهي. ملامت، عشق جي ڪٽ ۽ زنگ لاهي ڪيس اڇو اجرو بنائيندي آهي. ملامت عشق جي بازار ۾ سينگار لاءِ ڪنگيءَ جو ڪم ڏيندي آهي. جنهن مخالفت ۾ محبت نه آهي، اها اڌوري آهي. جنهن محبت ۾ مخالفت نه آهي، اها به اٽپوري آهي.

"بيدار" دلبر سائين کي ان دور کان سڃاڻندو آهي جڏهن پاڻ شايد انٽر پڙهندا هيا. پاڻ مولوي امير بخش جي دعوت تي مڊل اسڪول ڪل ۾ پهچي، استادن ۽ شاگردن کي "قرآن ۽ سائنس" جي عنوان سان هڪ دلچسپ ۽ بهترين ليڪچر ڏنو هئائون، جيڪو نوجوانن نه رڳو پسند ڪيو هيو پر ان مان نفعو به حاصل ڪيائون. بيدار ان وقت ساڳئي اسڪول ۾ انگريزي استاد به هيو. پاڻ نٽيي هوندي کان ذهين با صلاحيت آهن.

پاڻ خطابات کان علاوه رات ڏينهن تصانيف جو ڪم به ڪندا رهندا آهن. سندن ڪيئي ڪتاب لکيل آهن پر سندن هڪ ڪتاب مشهور معروف بزرگ هستي حضرت خواجه غريب نواز پير منا عليه الرحمة جن جي سيرت و سوانح متعلق آهي. پاڻ ان سلسلي ۾ سنڌ پنجاب جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين جدوجهد، جاکوڙ ڪندي، حضرت صاحب جن جي خاندان ۽ رشتيدارن وٽان قيمتي بي بها مواد هٿ ڪري تقريباً ست سؤ صفحن تي مشتمل باتصوير ڪتاب لکي شايع ڪيو اٿن. ڪتاب جي سر ورق تي حضرت پير منا جو روضو مبارڪ آهي.

1. برهه سندي بازار ۾ ڪوليو، دردن وارو دڪان وڌو،
فضلي فيض جو پير منا سائين، آڻي رکيو سامان وڌو،
وڏي ماڻهن ۾ ويو مرض جڏهن، بيدينيءَ جي بيماري آ،

تڏهن ٻ الله وارن وٽ، واپار اڃا تائين جاري آ.
2. غوث غفاري جوان سندي، ان دردن واري دکان وٽان،
وحدت وارو وکر وڻي ويا، سخين جي سلطان وٽان،
گهٽن گناهن سبب توڙي جو، ڪٽيل دل هيءَ ڪاري آ،
تڏهن ٻ الله وارن وٽ، واپار اڃان جاري آ.

تاج مسجد مورو ۾ ڏهين محرم جي موقعي تي، هزارن جي تعداد ۾ ماڻهون ڪولين ۾ ماکوڙن وانگر ڪٺي ٿيندا آهن. مجلس جا مور، دلبر سائين پنهنجي خطاب دلنواز بعد، روزو افطار ڪري، بيدار جي جاءِ تي پهتا. هڪ سفر جي ٽڪاوٽ، ٻيون روزي سان لڳاتار ٻ ادائي ڪلاڪ خطاب، پوءِ ٻ بيدار وٽ ٿي ڪلاڪ ترسي، ڪانئس حضرت پير مڙا سائين جي دور جا ذاتي مشاهدات، اهم واقعات معلوم ڪري، ڪمپيوٽر اندر محفوظ ڪيائون. ان کان علاوه هن مذڪور ڪتاب اندر بيدار جي ڪتابن "گنجينءِ حيات غفاريه" (سمٿا سائين جو دور) "گلستان غفاريه" (سجڻ سائين جو دور) جا ڪافي حوالا ڏنا ويا آهن.

سندن ٻيو ڪتاب حضرت پير مڙا جي خلفاءِ جي سيرت و سوانح حيات متعلق آهي. هيءَ ڪتاب ٻ ضخيم، تقريباً ڏيڍ سؤ خلفاءِ جي تذڪري ۾ ضخامت جي اعتبار کان اٺ سو صفحن تي مشتمل ڪتاب آهي. ان ڪتاب جي ڇپجڻ کان اڳ ڪتاب جو مواد، بيدار ڪي ڏيکاري، سنت مطابق صلاح مشورو ورتو ويو.

دلبر سائين مقرر، مؤلف، مُدرس هجڻ سان گڏ "منصف" ٻ آهي. محبت ۾ عقيدت جي تقاضا هي آهي ته پنهنجي محبوب مرشد مربيءِ جو ذڪر، ڪتاب ۾ اول ڪيو وڃي ها. پر محبوب حضرت پير مڙا جي محبوب عاشق صادق، خليفه اعظم ۾ اجل جو ڪتاب ۾ اول ذڪر ڪري، خراج تحسين ۾ جس لهٽي. پنهنجي محبوبَ جي محبوب جي رضا ۾ خوشنودي، جو اظهار ڪيو آهي.

1. ساري "غفاري گلشن" مان هڪ سهڻو سائين گل نڪتو،
ويو سيني گلن مان گوءِ کٽي، هي گلُ ته صفا ٻ مُلهه نڪتو،
ڪيني، ڪدورت، ڪلفت کي، ڪري صاف هي دل سينگاري آ،

تڏهن ب الله وارن وٽ، واپار ايجا تائين جاري آ.
2. باغ انهيءَ کي "سمٿا سائين"، پيار جو پاڻي خوب ڏئي؛
سنڌ مٿان احسان ڪري ويا، سڄڻ سائين محبوب ڏئي؛
سڄڻ سوا هن دل کي ڏني، ٻئي ڪنهن نہ دلداري آ؛
تڏهن ب الله وارن وٽ، واپار ايجان جاري آ.

ٽيون قيمتي اهم ڪتاب، حضرت خواجہ پير قريشي ﷺ جن جي ملفوظات متعلق آهي. اها ملفوظات حضرت خواجہ پير مٺا ﷺ جن اردو ۾ تحرير ڪئي آهي، جيڪا تقريباً ٽي سو صفحن تي مشتمل آهي. جنهن بزرگ هستيءَ جي ملفوظات لکي ويئي آهي، اهي ب وقت جا غوث هيا ۽ جنهن بزرگ هستيءَ ملفوظات لکي آهي اهي ب وقت جا غوث هيا.

دلبر سائين پنجاب جي سفر دوران درگاھ مسڪين پور شريف پهچي، حضرت مولانا سيد محمد رفيق شاھ صاحب جيڪي حضرت پير قريشي ﷺ جن جا ڏوهتا (حضرت سڄڻ سائين جن جا استاد ۽ حضرت صاحب جن جا خليفا) آهن، انهن کان اهو قلمي بياض حاصل ڪيائون، اڄ اهو ناياب قيمتي ڪتاب چپائي هيٺ آهي. دلبر سائين اهو ڪتاب چپائڻ کان اڳ فوٽو استيٽ ڪري بيدار لاءِ تحفي طور موڪليائون.

سفر ناما ٻين ادبين ۽ دانشورن کافي ڪجھ لکيا آهن پر دلبر سائين جو ترڪيءَ وارو سفر پنهنجو مٽ پاڻ آهي. هن ڪتاب اندر علمي ادبي مواد کان علاوه علماءِ دين جي مجلسن جا منظر، تاريخي يادگار جيڪي با تصوير آهن، انهن جي پڙهڻ سان ائين محسوس ٿئي ٿو، گويا پڙهندڙ ترڪيءَ جو سفر ڪري رهيو آهي، اهڙي ته منظر نگاري ڪئي اٽن جو وقت جا اديب خود حيران آهن پر بي اديب پريشان آهن ته هن غريب مسڪين کي هي اعليٰ اعزاز ۽ اعجاز حاصل ڪيئن ٿيو؟

مدعی لاکھ برا چاہے تو کیا ہوتا ہے، وہی ہوتا ہے جو منظور خدا ہوتا ہے

هڪ اهو سخي آهي جيڪو کسي مان خرچ ڪري ڪارائيندو آهي. ٻيو اهو سخي آهي، جيڪو اڻ هوند ۾ قرض ڪٽي ب ڪارائيندو آهي. دلبر سائين نہ رڳو پنهنجا ڪتاب لکي چپائي شايع ڪيا آهن پر جن بزرگانِ دين جي لاءِ محنتون ۽ اوجاڳا ڪري، نهايت بهترين

قلمي بياض تيار ڪري رکيا پر افسوس! سندن اميدون پوريون ٿي نہ سگھيون، سندن وصال ٿي ويو ۽ ڪتاب ڇپجي نہ سگھيو. اهي انمول نايابَ قلمي نسخا دلبر سائينءَ سندن واسطيدارن کان هٿ ڪري، سھڻي نموني ترتيب ڏيئي پنھنجي گھران خرچ ڪري، منظر عام تي آندا. انھن مان هڪ حضرت مولانا جان محمد صاحب سولنگي ﷺ صاحبِ صحبت صاحبِ درد آھن جن پنھنجو طويل عرصو درگاھ رحمتپور شريف ۾ حضرت پير منا جا پاڙيسري رهي، سندن صحبت بابرڪت مان خرقءِ خلافت حاصل ڪئي. سندن وصال ڪانپوءِ درگاھ فقيرپور شريف اندر حضرت سھڻا سائين جن جي صحبت اختيار ڪئي، انھن جي وصال ڪانپوءِ درگاھ الله آباد اندر حضرت قبلا سڄڻ سائين جن جي صحبت، محبت ۽ اطاعت ۾ گذاري پنھنجي آخري پساھ پورا ڪيائون سندن نماز جنازه محبوب سڄڻ سائين جن پاڻ پڙھائي. مولانا صاحب جن نھايت بھترين عشقيہ انداز ۾ حضرت پير منا ﷺ جن جي ملفوظات تيار ڪئي پر افسوس سندن بياض، بياض ئي رهجي ويو. دلبر سائين وڏي محنت، جدوجھد جاکوڙ سان اهو قلمي نسخو هٿ ڪري سھڻي نموني ترتيب ڏيئي، ڇپائي، بيدار ڏانھن بہ ڪاپي ڏياري موڪيائون. دلبر سائين جن جا ڪافي ڪتاب انٽرنيٽ تي بہ اچي چڪا آھن.

دلبر سائين جا والد حضرت پير الاهي بخش رحمة الله عليه جن عالم باعمل واعظ با اثر صاحبِ درد هيا. بيدار حضرت پر منا جي دور ۾ بہ اهم شخصيتون ڏٺيون جن جي خطاب دلنواز اندر درد، سوز ۽ عشقيہ انداز هوندو هيو. تقرير دوران سندن جي مٺان گريہ زاريءَ جي عجيب ڪيفيت طاري هوندي هئي، سندن آواز اندر درد ۽ سوز و گداز سمايل هيو. تقرير دوران شاھ صاحب جا بيت ۽ غزل چوندا هيا. عوام سندن تقرير کان بيحد متاثر هيو. اهي اهم شخصيتون هڪ مولانا رحمت الله وندير ﷺ بيا حضرت مولانا الاهي بخش صاحب ﷺ هيا. الحمد لله! بيدار يارهن سال حضرت پير منا ﷺ جن جي صحبت بابرڪت نصيب ٿي ان دور اندر اڪثر تحرير جو ڪم حضرت مولانا حبيب الرحمان صاحب پنجاب وارا ۽ حضرت مولانا الاهي بخش ﷺ جن ڪندا هيا. مولانا حبيب

الرحمان صاحب جن جو مشهور کتاب "ملفوظات غفاريه" ۽ حضرت مولانا الاهي بخشؒ جو کتاب "قوة السالکين" هيو.

بيدار سال 1953ع ۾ حضرت پير مناؒ جن جي صحبت بابرکت ۾ پهچي دست بيعت ٿيو. بيدار، حضرت قبلا سهڻا سائينؒ جن جي تعليم و تربيت اندر رهي سندن نگراني هيٺ تحريري ڪم شروع ڪيو، هاڻيه سالن جي نندي عمر ۾ سال 1958ع کان سال 1964 تائين، ڇهن سالن جي عرصي ۾ ڇهه ڪتاب لکي شايع ڪيا. رحمتپور جي دور اندر حضرت مولانا الاهي بخش صاحب جن مون سان محبت شفقت سان پيش ايندا هيا، پاڻ ۽ پيرا مون کي صوبيدار امام بخش صاحب جن جي وقت ۾ خانپور وٺي هليا. مولانا صاحب جن جا اکر موتين جا داڻا هوندا هيا. بيدار کي اڄ ۽ اهو منظر ياد آهي جو حضرت پير مناؒ جن مراقبي دوران درد سوز وچان عشق رسول ﷺ ۾ هي اشعار پڙهيا هيا ته

عاجزم پُر ز گناہم سخت غریبی دارم؛
ای شاہِ شاہان مددے، اے شاہِ غریبان مددے؛
یا رسول اللہ بامن بے سرو سامان مددے؛
اے قبلہء دین مددے، اے کعبہء ایمان مددے.

مون کي حضرت مولانا صاحب جن پنهنجي هٿن مبارڪن سان اهي فارسي اشعار لکي ڏنا هيا. آخر ۾ آئون دلبر سائين کي اهو عرض ڪندس ته مخالفت ۽ ملامت کان مايوس نه ٿئي. پاڻ حضرت محبوب سڄڻ سائين جن جي هن نيڪ نصيحت کي سامهون رکندي پنهنجي وڪ وڌائيندو رهي. حضرت سڄڻ سائين جن پنهنجي خطاب دلنواز دوران فرمايو ته ڪنهن شخص مشڪ کان پڇيو ته تنهنجي خوبين ۽ خصلتن کان آئون ڏاڍو متاثر آهيان پر تنهنجي هڪ خصلت مونکي سمجهه ۾ نه ٿي اچي. جيڪي تنهنجو قدر ڪن تا، تنهنجي منزلت سڃاڻن تا تون انهن تائين پنهنجي خوشبوءِ پلي پکيڙ. پر اهڙن ماڻهن تائين پنهنجي خوشبوءِ ڇو ٿو پهچائين جيڪي تنهنجو قدر و منزلت نه تا سڃاڻن. مشڪ ان شخص کي جواب ڏنو ته خوشبوءِ منهنجي ذات ۾ سمايل آهي، آئون هر هنڌ

پنهنجي خوشبوءِ پکيڙيندو رهندس اهو نه ڏسندس ته ڇا! اهو شخص منهنجي قدر ومنزلت سڃاڻي ٿو يا نه. دلبر سائين کي به گهرجي ته پنهنجي محبت واري خوشبوءِ هر انسان تائين پهچائيندو رهي. طالبِ دعا بيدار موراڻي

استاذ العلماء حضرت علامہ و مولانا گل محمد سلمہ الصمد

دارالعلوم رحمانيہ متصل تاج مسجد، مورو، ضلع نوشهرو فيروز

الحمد لله الّذي منّ عَلَي الْمُؤمنين اذ بعث فيهم رسولا من انفسهم يتلو عليهم أياته ويزكيهم ويعلمهم الكتاب والحكمة وان كانوا من قبل لفي ضلٰلٍ مُّبِيْن. و افضل الصلوٰة واطيبُ السَّلام عليٰ سيّد الخلق محمّد رحمة للعالمين الّذي أُرسل هاديا للضالّين ومخرج النّاس من الظلمات الي النور. والبركات والسلام عليٰ اٰله واصحٰبه ومِنَ اتبع سنته باحسانٍ اليٰ يوم الدين. امابعد:

رب کريم جي فضل ۽ محبوب عليہ الصلوٰة والسلام جن جي نگاهہ ڪرم سان سدا هميشہ کان اولياء الله، صوفياء ڪرام ۽ علماء دين جو مرڪز رهي آهي. اهڙن بزرگ هستين مان پير طريقت رهبر شريعت حضرت علامہ و مولانا پير الاهي بخش نقشبندي غفاري نور الله مرقده جن به هڪ آهن. پير الاهي بخش رحمۃ اللہ علیہ وقت جا ولي ڪامل هئا پاڻ پنهنجي دور ۾ محبوب عليہ الصلوٰة والسلام جي دين جي خدمت ۾ مصروف رهيا. ظاهري ۽ باطني فيض سان محبوب عليہ الصلوٰة السلام جي امت کي سيراب ڪندا رهيا. سندن فيض جي برڪت سان پيا ته مستفيد ٿيا، ليڪن سندن خاندان جو چشم و چراغ صاحبزاده پير ڪرم الله دامت برڪاتهم العاليہ جن پڻ روحاني سلسلي ۾ پنهنجي والد گرامي کان فيضياب ٿيا. صاحبزاده پڻ عاشق رسول، دين جي خدمت جو درد رکندڙ، با اخلاق، خوش مزاج ۽ سخي طبيعت جا مالڪ آهن. پاڻ في سبيل الله بي لوث دين متين جي خدمت ۾ همہ تن مصروف آهن. محبوب عليہ الصلوٰة والسلام جي امت جي رهنمائيءَ لاءِ پاڻ تقرير توڙي تحرير ذريعي ڪوشش فرمائي رهيا آهن. ظاهري تقرير ۽ تحرير کان علاوه روحاني سلسلہ ۾ پڻ ماتلي، ڪراچي، دادو ۽ مورو پڻ مرڪز قائم ڪري مسلمانن جو اصلاح

فرمائي رهيا آهن، جتان کيترائي سلوڪ جا طالب فيضياب ٿي رهيا آهن. حضرت صاحب جن ٿوري عرصي ۾ تمام گهٽي تصنيف ڪئي آهي سندن ڪجهه ڪتاب جن ۾ روئڻ واري اک، گهر ۾ گهر وارا، مديني جي حاضري، ان کان علاوه سندن ضخيم ڪتاب وقت جي مشهور و معروف بزرگ ولي ڪامل حضرت محمّد عبدالغفار عرف پير مٺاسائين فضلي نقشبندي قدس سره جن جي سوانح حيات ۾ "تذڪرة الخلفاءِ الغفاريه" پڻ نظر کان گذريا جنهن مان سندن جوهر قلم ۾ علمي استعداد نمايان نظر اچي ٿي. سندن قلم جي محنت قابل ستائش آهي. هي ڪتاب جيڪو حضرت صاحب جن پنهنجي والد محترم ﷺ جي سوانح ۾ سندن ڪرامات تي مشتمل آهي اهو به سندن ان روحاني تبليغي سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي جيڪو شائقين ۾ اهل سنت والجماعت وارن لاءِ بزرگن جي حالات کان باخبر رهڻ لاءِ نهايت مفيد ثابت ٿيندو.

حضرت صاحب جن جي حڪم مطابق چند الفاظ لکي هن نيڪ ڪم ۾ شريڪ ٿيڻ جي سعادت حاصل ڪجي ٿي. دعا آهي ته الله تبارڪ وتعالىٰ سندن هن ديني خدمات کي قبوليت جو شرف بخشي ۽ عوام الناس کي سندن تصنيفات مان مڪمل فائدو عطا فرمائي. آمين بجاه سيد المرسلين ﷺ

عبده گل محمد عفي عنه
مهتمم مدرسه عربيه رحمانيه
متصل تاج مسجد مورو
مؤرخ: 13 جنوري 2012

عالمِ باعمل، واعظِ خوش الحان حضرت علامه و مولانا غلام مصطفيٰ ڀگهيو زيد مجده
مهتمم جامعه محمديه غوثيه رفيع العلوم باءِ پاس روڊ مورو.

786
92

نحمده ونصلي علىٰ رسوله الكريم ﷺ امابعد

سنڌ سونهاري صدين کان محدثن، عالمن، مجاهدن، مشائخن، صوفين، خدا رسيده ۽ صاحبِ ولايت بزرگن جو ماڳ رهي آهي، جن پنهنجي زندگي ڪتاب الله ۽ سنت رسول الله جي تعليم، تدريس ۽ دين جي اشاعت لاءِ وقف ڪري ڇڏي آهي، انهن مان هن ويجهي دور ۾ پير طريقت رهبر شريعت عالم با عمل پير الاهي بخش المعروف محبوب الاهي نورالله مرقده به هڪ آهي.

خيرپورناٿن شاهه جي ويجهو ڪرڪٽ جي ننڍڙي ڳوٺ ۾ جنم ونڊندڙ جنهن جو نالو الاهي بخش (رحمة الله عليه) رکيو ويو، اها شخصيت اسم بامسمیٰ رباني عالم ۽ روحانيت جي جهان ۾ سندن ذات ڪنهن تعارف جي محتاج نه آهي. ملتِ اسلاميه کين عارف بالله ۽ عاشقِ رسول ﷺ جي نسبت سان ڄاڻي سڃاڻي ٿي.

ديني تعليم: پاڻ ديني تعليم سنڌ جي جيد عالمن سڳورن کان حاصل ڪيائون، جن مان: حضرت مولانا مولوي محمد اسحاق ﷺ ڪڙيو غلام الله ۽ حضرت مولانا حافظ عبدالرحمان ٻير ﷺ پئي وارا مشهور ۽ معروف آهن.

باطني فيض: سنڌ ۽ پنجاب جي معروف شخصيت جنهن جي فيض کان لکين ڪتيل قلب منور ٿيا، حضرت پير طريقت رهبر شريعت سائين عبدالغفار المعروف پير مٺاسائين ﷺ جن کان حاصل ڪيائون، جن فيض جا درياء وهائي ڇڏيا. مذڪوره پير صاحب رواجي ۽ عام پير نه آهن پاڻ رباني عالم هجڻ سان گڏوگڏ معرفت جا ڄاڻو، عشق رسول ﷺ ۾ نيٺن مان نير وهائڻ وارا شب خيز ۽ سنت رسول الله ﷺ جا پابند هئا، سندن سموري زندگي اتباع سنت ۽ شريعت ۾ گذري. الله تعاليٰ سندن فرزند جيڪو الولد سر لابيه جي مصداق آهي. پير طريقت رهبر شريعت دلبر سائين جن پنهنجي والد صاحب جي سوانح حيات تي هڪ ضخيم ڪتاب تاليف فرمائي تقريظ لاءِ روانو فرمايو ڪتاب کي مطالعي ڪرڻ بعد برڪت واسطي به اکر لکيا اتم الله تعاليٰ قبول فرمائي ۽ رب ڪريم مصنف جو پورهيو قبول فرمائي. آمين

الفقير غلام مصطفيٰ

خادم جامعيه محمديه غوثيه رفيع العلوم

باءِ پاس مورو ضلع نوشهروفيروز

حضرت علامہ و مولانا مفتي نذير احمد سکندري دام فيوضہ

دار الافتاء جامعہ انوار مجتبيٰ خيرپور ميرس

الحمد لله رب العالمين والصلوة والسلام عليٰ سيد المرسلين محمد وّعليٰ آله واصحابه اجمعين. اما بعد:

حمد وصلاة کان بعد کتاب "سوانح محبوب الاهي" هڪ نظر کان گذريو. پير طريقت رهبر شريعت، قيوم زمان، عارف بالله، صاحب شريعت و طريقت، پيڪر حقيقت و معرفت، حضرت علامہ و مولانا الاهي بخش صاحب المعروف محبوب الاهي جي نوراني عرفاني زندگي جي باري ۾ مرقوم ڏسي دل کي راحت سکون حاصل ٿيو. اهڙن محبوب خدا جي باري ۾ لکيل کتاب مومنن جي قلبي سکون جو باعث هوندو آهي. بالخصوص علامہ مولانا پير الاهي بخش المعروف محبوب الاهي جي باري ۾ جو ته فقير سندن صحبت کان گهٽو مستفيض ٿيو آهي. جڏهن پئي شريف نزد خانپور تعلقہ خيرپورناٿن شاهہ جي مدرسي ۾ پڙهندو هوس هر مهيني پهرين سومر تي قاضي برهان ﷺخانپور جي عرس مبارڪ تي پنهنجي استاد الله ورايو صاحب مهتمم مدرسہ سان گڏ خانپور ايندو هوس، سائين قبلا محبوب الاهي وٽ لهي پوندو هو جو ته منهنجو والد مولوي جان محمد صاحب هر مهيني قاضي برهان ﷺجي عرس تي تقرير فرمائيندا هئا اهي پهرين سائين جن وٽ ايندا هئا. هي فقير به والد صاحب جي حڪم موجب سائين محبوب الاهي صاحب جن جي آستانہ عاليہ تي حاضري ڏيندو هو. کڈهن والد صاحب سميت سائين جن سان ملاقات ٿيندي هئي. پوءِ عشاء جي وقت آستانہ عاليہ کان سڀ هلندا هئاسين ۽ قاضي برهان تي حاضري ڏيندا هئاسين. جيکڈهن والد صاحب تشريف وٺي نہ ايندا هئا تہ قبلا محبوب الاهي سائين جن پاڻ سان گڏ ماني ۽ کارائيندا هئا ۽ پاڻ سان گڏ درگاهہ شريف قاضي برهان تي وٺي ويندا هئا ۽ وري صبح جو وري پاڻ سان گڏ پنهنجي آستانہ عاليہ تي وٺي اچي ماني کارائي ۽ خرچي وغيره ڏئي پنهنجي گهوڙي تي مدرسہ پهچرائيندا هئا. والد صاحب سان وڏ ۾ وڏ مهربانيون فرمائيندا هئا. حقيقت هي به آهي تہ هي فقير هن مسند افتاء تي ويٺو آهي اهو به انهن جو فيض ۽ نظر ڪرم آهي خاص الخاص سندن ڪرامت آهي.

هڪ ڏينهن هن فقير جو والد صاحب ۽ سائين گڏ ماني کائي رهيا هئا هي فقير به ساڻن گڏ کائي پيو تہ قبلا محبوب الاهي سائين جن فرمايو مولوي جان محمد صاحب هي تنهنجو پٽ مفتي ٿيندو ۽ دين جي خدمت ڪندو. والد صاحب ڏاڍا خوش مسرور ٿيا. منهنجي والد صاحب چيو تہ سائين بس اوهان دعا ڪيو. پاڻ فرمايائون منهنجي دعا اٿس.

نگاہ ولی میں وہ تاثیر دیکھی بدلتی ہزاروں کی تقدیر دیکھی

پاڻ بهترين مبلغ هئا حقيقت ۾ باطني معرفت جا بحر هئا هزارن کي فيضياب فرمايائون. الله تعالیٰ کان دعا آهي الله تعالیٰ سائين جن جي انهي فيض کي قيامت تائين جاري وساري فرمائي. سندن سوانح حيات پڑهندڙ کي عشق مصطفوي سان فيضياب فرماء آمين بجاه سيدالمرسلين صلي الله عليه وسلم

فقير نذير احمد سکندري
جامعہ انوار مجتبیٰ خيرپور ميرس
27.11.2011

حضرت علامہ مولانا مولوي امير بخش سومرو سکندري مدظلہ العالي

مهتمم مدرسہ عربيہ دار القرآن غوثيہ مجدديہ قُل شهر ضلع نوشهرو فيروز

بسم الله الرحمٰن الرحيم شَرَفاً تَعْظِيْماً تكريماً

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ، والصَّلواة والسَّلام عَلٰي حَبِيْبِهِ الكَرِيْمَ وَعَلٰي آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ اَجْمَعِيْنَ

اَمَّابعد: اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ منهنجي مرشد مربي قبلا پير دلبرسائين دامت برڪاتهم العاليہ جن مرشد خواجہ خواجگان پير طريقت رهبر شريعت حضرت قبلا محمد الاهي بخش المعروف خواجہ محبوب اِلاهي جن جي سوانح حيات مرتب ڪئي آهي.

ان شخصيت ڪي ويجهي ڪان ڏٺم. گڏ رهي صحبت ڪيم. تبليغي سفر ۾ رفيق رهيس سندن گفتار ڪي پرکيم سند رفتار ڪي پرکيم. سندن اٺڻ ويهڻ ڪي ڏٺم. سندن جو زهد سندن جي تقويٰ عبادت مجاهدو البتہ هرلحاظ ڪان سندن شخصيت هم جهت ۾ تابع سنت رسول الله ﷺ محبت رسول الله ﷺ ۾ شب روز مست الست بلڪ صفت قلندرانہ ۾ سندن ڪو ثاني اڄ جي دور ۾ ملڻ نصيبن تي آهي. ڪين سڄي حياتي الله جي دين لاءِ دردمند ۽ امت محمديہ جي خير خواهي لاءِ ڏينهن رات ڪوشان تہ ڏٺم پر انهيءَ درد دل ۾ سدائين اشڪبار ڏٺم. پاڻ هر بدعت ڪان بيزار سنتن سان پيار ڪرڻ ۾ پين ڪان گهٽو اڳتي رهيا. حضرت جن جي شخصيت تبليغ ۾ علم ۾ قلم ۾ زهد تقويٰ خشيت اِلاهي محبت رسول الفت سنت رسول ﷺ ۽ شاغل ذڪر الاهي، صاحب تصوف عالم با عمل غرض هڪ ئي وقت اهي سڀ خوبيون سندن قدآور شخصيت ۾ سمايل هيون. انهيءَ شخصيت جي سوانح حيات عام طرح امت مسلمہ لاءِ خاص طرح سندن جماعت لاءِ قيمتي سرمايو ۽ مشعل راهہ آهي. جيئن تہ علامہ اقبال رحمۃ اللہ علیہ اهڙين شخصيتن لاءِ چيو آهي

ہر لحظہ ہے مومن کی نئی شان نئی آن
گفتار میں کردار میں اللہ کی برہان

سگ دربار اِلاهي مولوي امير بخش سومرو
سکندري ڪرمي اِلاهي غفاري ساڪن قل
تعلقہ وضلع نوشهروفيروز

بتاريخ:07 فيبروري 2012

حضرت علامہ و مولانا غلام قادر ڏيپر سکندري مدظلہ العالي

الحمد لله رب العالمين والصلاة والسلام علىٰ سيد المرسلين وعلىٰ آله واصحابه واولياء اُمته وعلماءِ ملته اَجمعين

اما بعد مون کم علم ناقص فهم کي پنهنجي پياري دوست محترم خليفہ محمد صديق ڪٽي ڪرمي صاحب جي طرفان حڪم مليو تہ مان پنهنجي عظيم ہن محسنن تي يعني قبلا علامہ مولانا پير و مرشد ازمہ الفتيٰ علم الهديٰ رهبر طريقت امام شريعت حضرت الاهي بخش غفاري نقشبندي نوراللہ مرقدہ ۾ قبلا سائين رئيس التأليف والتصنيف والتقرير حضرت مولانا هادي طريقت پيشوا شريعت محمد ڪرم الله عرف دلبر سائين نقشبندي قادري مدظلہ العالي ادام الله علينا فيوضهم ابدا جن جي ڪتاب سوانح محبوب الاهي بابت ڪجهہ لکان. المعروض تہ قبلا سائين حضرت محبوب الاهي ﷺ جن جي شخصيت ڪنهن تعارف ۾ تعريف جي محتاج نہ آهن ڇو تہ مون احقر ناچيز ۾ پلاري سنڌ جا اهل علم، اهل قلم، هر ذوفهم ۾ ذو شعور ماڻهو سندن جي علم قلم ۾ ولايت جا معترف رهيا آهن ۾ سندن جا استاد همعصر دوست ۾ تدريس جا ساٿي اڪين ڏنا گواهہ ۾ شاهد آهن مون پاڻ اڻهن جي زبان سان تعريفي ڪلمات ٻڌا پاڻ ان وقت جي قابل عالمن وٽان علم جي تڪميل ڪئي. جيڪي سنڌ جي وڏي پاپي جا عالم مدرس هٿا. فراغت علم بعد پاڻ درس نظامي جي تدريسي ميدان ۾ قدم رکيائون ۾ پاڻ مڃرايائون. قبلا سائين محبوب الاهي ﷺ جن ايام طفلي ۾ پنهنجي طالب علمي جي دوران کين ڪنهن اهڙي ولي الله شخصيت جي جستجو ۾ ڳولا رهندي هئي جو کين روحاني ڪيفيات سان مستفيض فرمائي. پاڻ سنڌ جي ان وقت جي مشهور اولياء الله جي صحبتن ۾ شامل ٿيندا رهيا. پر سندن جي تصوف جي تشنگي قبلا پير مٺا سائين ﷺ جي فيض سان سيراب ٿي. عشق مجاز ۾ حقيقي جي منزل کي طئي ڪندا بالآخر پاڻ هڪ ڏينهن خرقہ خلافت سان مزين ٿيا. پير مٺا سائين جي وصال بعد پاڻ هن امت جي ستارڻ ۾ مرشد جي ٻڌايل گس تي عمل پيرا ٿيڻ لاءِ خانپور جوٽيجو ضلع دادو ۾ الله آباد نالي درگاهہ وجود ۾ آندائون. جتان هرعام وخاص بغير فرق جي سندن فيض مان سيراب ٿيندا رهيا. پاڻ هميشہ پنهنجي هڙان وڙان خرچ ڪري دين اسلام جي خدمت ڪندا رهيا ۾ ڪڏهن بہ ڪنهن کان سوال يا چندو نہ ڪيائون.

سندن جو اهو امر پنهنجي فقيرن ۾ مريدين لاءِ به هو ته اهي ڪڏهن به ڪنهن کان سوال يا چندو نه ڪن اگر ڪو ائين ڪري ٿو ته اهو اسان جي جماعت کان خارج آهي. پاڻ شريعت جا سخت پابند هئا. مريدن لاءِ به اها ساڳي صورت حال هوندي هئي سندن جي پوري حياتي پاڻ سڳورن ﷺ جي امت جي تربيت ڪندي گذري. الحمدلله اسان کي انهيءَ ڳالهه تي فخر آهي ته پاڻ سڄي سنڌ جا اعليٰ عظيم محسن آهن ۾ سندن جي ڪيل ديني خدمتن کي اسين ڪڏهن به وساري نه سگهون. سندن جي وصال بعد اڄ به سندن جي مرقد انور فيض جو بحر عميق آهي ۾ عوام الناس سندن جي نوراني تجليات مان مستفيض ٿي رهيا آهن. سندن فيض اڄ به جاري ۾ ساري آهي. الله تعاليٰ اسان کي سندن جي ٻڌايل هدايتن تي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

عصرِ حاضر جي عظيم شخصيت حضرت قبلہ دلبر سائين:

حضرت قبلہ سائين رئيس التاليف والتصنيف والتقرير مولانا هادي طريقت پيشواءِ شريعت محمد ڪرم الله عرف دلبر سائين نقشبندي قادري مدظلہ العالي ادام الله علينا فيوضهم ابدا حضرت قبلا دلبر سائين جن جي شخصيت پنهنجي ذات ۾ درِّ مڪنون آهي سنڌ ته ڇا پر پوري دنيا ۾ پنهنجي والدِ گرامي حضرت محبوب الاهي ﷺ جي مقرر ڪيل سجاده نشيني جي انتخاب کي صحيح سچ ثابت ڪري فيض منقسم ڪري رهيا آهن. اللهم زد فزد. آئون قبلا دلبر سائين جو عمدِ طفوليت کان چڱي ريت سونهون آهيان پاڻ سائين پهلي فارسي پڙهندا هئا ته آئون ڪنزڪافيه وغيره ڪتابن جو طالب علم هيس. پاڻ نندپڻ واري وقت کان عجيب مزاج جا مالڪ هئا ۾ آئون ان وقت کان وڏي اڄ تائين سندن جو گرويده آهيان ۾ منهنجا ته آڳاڻي زماني کان وڏي اوصاف حميده اخلاق جميلہ جي سبب محبوب نظر رهيا آهن. سندن جي هن عاجز سان شفقت باجمع مهر واري نظرجي طفيل مون سست ۾ ڪاهل کي هر ماهه چند جي چوويهين رات درگاهه فضل آباد شريف ۾ شريڪ ٿيڻ جو شرف حاصل ٿئي ٿو. (الحمد لله).

قبلا دلبر سائين جن تصنيف ۾ تقرير جي اهم فن تي پاڻ مجرايو آهي. اهلسنت والجماعت جي مبلغن ۾ مقررن عالمن جا واعظن جا جلسا ڏنا ۾ ٻڌا آهن ليڪن آنہا کجا و ايں کجا است

اهو محاورو اهو سمجهندو جيڪو بغض ۾ عناد جي نظر کان پاڪ هوندو سندن جي خطابت جي رنگيني ۾ چاشني پنهنجي آهي جلسي ۾ جڏهن به پاڻ جنهن موضوع جو انتخاب ڪندا آهن

آخر تائين ان سان نپائيندا آهن. حضرت دلبر سائين تصنيف جي ميدان ۾ بي مثال ۽ يڪتا آهن ۽ تاليف ۾ به حق ۽ انصاف جو پورو حق ادا ڪيو آٿن. سندن جو تازو نڪتو لکيل تصنيف جيڪو حضرت محبوب الاهي جي سوانح حيات بابت تاليف ٿيل آهي (سو به) افراط ۽ تفريط کان پاڪ ۽ صاف آهي دلبر سائين پنهنجي ان تصنيف تي اجر داريان جا مستحق آهن. قبلا دلبر سائين جن پنهنجي والد محترم حضرت محبوب الاهي ﷺ جيڪي سندن جا مرشد به آهن انهن کان پاڻ ظاهري علوم ۽ باطني علوم طئي ڪيا آهن انهن جي فيض کي دنيا جي ڪنڊ ڪڇ ۾ تقسيم ڪري رهيا آهن. قبلا دلبر سائين جن جي پيغام شريعت راهه طريقت کي ڏسندي مخالف به قائل آهن. سندن جو پيغام انٽرنيٽ وسيلي پوري دنيا ۾ پهچي رهيو آهي ۽ مختلف مڪاتب فڪر ۽ نظريي رکڻ وارا به سندن جي علمي قابليت ۽ ولايت جا معترف آهن. پاڻ هميشه امت مسلمه جي تربيت جي لاءِ زندگي کي وقف ڪري ڇڏيو آٿن. ليل ونهار بلا تفريق عام و خاص سندن جي فيض مان بگڙيل انسان سڌري رهيا آهن سندن حتي الامڪان جدوجهد جاري و ساري آهي ته محبوب ﷺ جن جي پياري امت مسلمه جي ظاهري ۽ باطني بيمارين کان کين پاڪ و صاف ڪري متقين ۾ انهن کي شامل ڪيو وڃي. سندن جي محنت ۽ ڪاوش جي بدولت سندن جي فيض مان طالب عشق حقيقي جون منزلون ماڻي رهيا آهن. قبلا دلبر سائين بابت آئون ڇا چوان ڇا آهن بس ايترو عرض ڪندس پاڻ سڳورن ﷺ جا پيارا آهن ۽ پاڻ سڳورن ﷺ جن جي متن خاص مهر نظر آهي. ائين چوڻ غلط نه ٿيندو ته دلبر سائين جا والد حضرت "محبوب الاهي" آهن ته پاڻ دلبر سائين وري "محبوب مدني" آهن.

آخر ۾ الله تعاليٰ جي بارگاهه ايزدي ۾ دست بدعا آهيان ته الله تعاليٰ سندن جي ظِل رحمت کي اسان جي متان جاري و ساري رکي ۽ مون گنهگار جي سندن کي قيامت جي ڏينهن پارت آهي الله جي دربار ۾ منهنجو مرقوم منهنجي مغفرت ۽ نجات جو ذريعو ٿجي. آمين

غلام قادر ڏيپر سکندري

ڪنيار محله ماتلي بدين سنڌ

ماه ربيع الاول 6 سومر 1433 هـ

30.1.2012

حضرت علامہ و مولانا سید احمد شاہ دامت برکاتهم العالية

مهتمم و مدرس مدرسہ عربيہ خير العلوم خيرپور ناٽن شاهہ ضلع دادو

حضرت علامہ مولانا خواجہ محمد الاهي بخش نور الله مرقده پنهنجي وقت جا بهترين عالم باعمل عابد زاهد شخص هئا جن پنهنجي پوري زندگي دين اسلام لاءِ وقف ڪري ڇڏي ڪجهہ عرصو پنهنجي آبائي ڳوٺ ۾ دين جي تعليم ۽ روحاني تعليم ڏيئي پوءِ وري ڪجهہ عرصو خانپور ۾ روحاني مرڪز قائم ڪيو وري هجرت ڪري ماتلي ۾ دين جو مرڪز وڌائون سموري زندگي دين جي خدمت ڪندا رهيا. دعا آهي تہ الله تعالیٰ سندس مزار مٿان تاقيامت رحمتون ۽ برڪتون نازل فرمائي ۽ سندن اولاد سندن نقش قدم تي هلڻ جي مزيد توفيق عطا فرمائي آمين

دعاگو

احمد شاهہ مهتمم مدرسہ عربيہ خيرالعلوم

خيرپورناٽن شاهہ ضلع دادو سنڌ

حضرت مولوي احمد ذهين مگسي مدظلہ العالي

خطيب و مدرس جامعہ مسجد ميهڑ

سوانح حيات حضرت پير محبوب الاهي جي جيڪا حضرت سائين پير ڪرم الله المعروف دلبر سائين لکي آهي سا ڏٺي آهي سائين جن جو تمام گهڻو تصنيف جو ڪم ڪري رهيا آهن هن ۾ ڪوبہ وڌاءِ نہ آهي. حضرت محبوب الاهي تمام بزرگ وڏي پائي جا عالم هيا ۽ حضرت سائين پير مٺا سائين جن جا پيارا خليفہ هئا سندن جي تبليغ ڪاڇي ۾ گهڻي هئي سندن جو حلقو سنڌ، بلوچستان ۽ پنجاب ۾ مريد معتقد هيا. پاڻ هر ماڻهو سان تمام خوش خلقي سان ملندا هيا. ڪڏهن بہ وڌائي نہ هئي هر مريد پنهنجي پرائي سان هڪ جهڙو سلوڪ رکندا هئا. اسانجي والد مفتي سائين ڪريم بخش مگسي رحمہ الله جن سان تمام گهڻي محبت هوندي هين. جڏهن بہ ميهڑ ايندا هيا زيارت جو شرف بخشيندا هيا. جلسن تي يا يارهين شريف تي اڪثر ڪرائيندا هيا

فقط

احمد ذهين مگسي جامع مسجد ميهڑ

28.12.2011

حضرت حافظ سيد نور مصطفيٰ شاهہ مدظلہ العالي

خطيب و امام مرڪزي جامع مسجد عمر فاروق ماتلي ضلع بدين

الحمد لله رب العالمين والعاقبة للمتقين والصلوٰة والسلام عليٰ

اشرف الانبياء والمرسلين امابعد

سنڌ سونهاري الله پاڪ جي ولين صوفين جي مسعود وجودن سان سينگاريل آهي. انهن نيڪ ٻانهن منجهان پير منا سائين ﷺ جا پيارا خليفا منهنجي مرشد مربي والد محترم جا همعصر ۽ پير ياٽي قبلا حضرت الاهي بخش المعروف محبوب الاهي ﷺ به هڪ آهن. جن جي سڄي زندگي دين متين جي تبليغ ۽ سنت رسول ﷺ جي تلقين تعليم ۽ عشق مصطفيٰ ﷺ ۾ روئندي گذري. ٻاڻ صائم الدهر قائم الليل ۽ تارڪ الدنيا هئا. سندن هڪ عقيدتمند ڪجهہ ايڪڙ زرعي زمين خدمت ۾ پيش ڪئي ان وقت جڏهن ٻاڻ سخت تنگ دست هئا ٻاڻ روئي الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ عرض ڪيائون اي منهنجا رب مون توکان زر زمين نہ گهري آ. مون کي دنيا نہ ڪپي مونکي زمين ڏيئي نہ ريجهاء. يا الله مون کي پنهنجي ۽ پنهنجي محبوب عليہ الصلواة والسلام جي محبت عطا فرماءِ سندن سيرت شاهہ صاحب ﷺ جي هڪ شعر جو هو هو نمونو هئي :

ماڻهو گهرن مال آئون سڀ ڏينهن گهران سپرين.

سندن جي وعظ ۾ الله پاڪ وڏو اثر رکيو هو. سندن جي تقرير تلقين تبليغ مان متاثر ٿي پتڪيل انسان راهہ رسي ويا رهزنن مان رهبر چورن مان مور ڏاڙيلن مان تهجد گذار ٿي ويا. شال الله پاڪ صدقي حبيب عليہ الصلواة والسلام جي هميشہ سندن مرقد متان اڀ ڇٽيون رحمتون وڏڦڙي مينهن مثل وسائيندو رهي. آمين بجاه النبي الامين ﷺ

حافظ سيد نور مصطفيٰ شاهہ بن

خليفہ مولوي سيد اميرالدين شاهہ جيلاني ماتلي شريف

خادم مرڪزي مدرسہ وجامع مسجد ماتلي ضلع بدين

حضرت علامہ مولانا محمد يامين جماري (رحماني) مدظلہ العالي

خطيب و امام درگاھ حضرت مخدوم محمد هاشم ٹنوي ﷺ مڪلي

بسم الله الرحمٰن الرحيم نحمده ونصلي علىٰ رسوله الڪريم

الله تعاليٰ جي فضل و ڪرم سان سنڌ سونهاري ڌرتي جي ڪهڙي سارا ڪجي جنهن سر زمين تي محبت پريا ماڻهو پرور پاڪ جا پيارا پهتل ٻانها پيدا ٿيندا رهيا آهن جن پنهنجي علم ۽ عمل توڙي فيض وسيلي تاريخ جي ورقن تي اهڙا يادگار نقش ۽ نشان چڏيا آهن. جيڪي صدين گذرڻ کان پوءِ به شاندار ۽ تازا آهن. جن سنڌ واسين لاءِ املهہ ماڻڪ موتي لعل ڪتابن جي صورت ۾ تحفا چڏيا آهن. جن کي پڙهڻ ۽ عمل ڪرڻ سان ٻئي جهان موچارا ٿي وڃن ٿا ۽ انهن بزرگن جو صدقہ جاريہ آهي. انهن هستين مان هڪ الله تعاليٰ جو پيارو ٻانهو پير طريقت رهبر شريعت شيخ المشائخ حضرت خواجہ الاهي بخش انصاري غفاري عليہ رحمتہ رب الباري المعروف محبوب الاهي آهن. پاڻ ظاهري علم ۽ باطني علم سان سينگاريل هئا. عامل ۽ ڪامل هيا. سخا سندن شيوو هئي ۽ ڪرامتن مان سڀ کان سندن وڏي ڪرامت هي آهي جو ساري زندگي مبارڪ شريعت مطهر جا پابند رهيا ۽ علم ۽ عمل تي اهڙا راسخ هئا جن جو اڄ تائين سندن اولاد جي سنت ۽ شريعت ۽ طريقت جي پابندي واري زندگي مان بزرگ جو تصرف نظر اچي ٿو. سندس اولاد نيڪ صالح ۽ مهمانواز ۽ صابرين آهن. مگر دلبر سائين صبر ۽ درگذري ۾ مون پنهنجي زندگي ۾ بي مثال ڏٺو آهي. ايڏي وڏي بزرگن جي ڪمالات تي آئون چا ٿو لکي سگهان مگر پٽائي سائين ﷺ جي هن ٻن شعرن تي اختتام ڪريان ٿو:

هو چون تون مَ چئو واتئون ورائي، اڳ اڳرائي جو ڪري خطا سوئي ڪائي
پانڌ ۾ پائي ڪيني وارو ڪين ڪي.

پڙهڻ تہ پروڙڻ نہ تہ پڙهڻ آهي مذاق، سبق سپرين جي اندر ڪئي اوطاق،
يار لنگهائج پاڪ آئون حرف نہ جاڻان هڪڙو.

فقير محمد يامين جماري (رحماني) خطيب و امام درگاھ شيخ الاسلام حضرت مخدوم محمد هاشم ٹنوي رحمة الله عليه ٹنڊو سنڌ 05.01.2012

حضرت علامہ مولانا جان محمد طاهري مدظلہ العالي

باني و مهتمم دارالعلوم نقشبنديہ طاهريہ لگ ريلوي اسٽيشن ماتلي

بسم الله الرحمن الرحيم نحمده نصلي ونسلم عليٰ رسوله الكريم

حضرت خواجہ خواجگان حضور سيدي ومرشدي حضرت سڀٽا سائين نورالله مرقده پاڻ اڪثر پنهنجي خطاب دلنواز ۾ فرمائيندا هئا تہ حضرت خواجہ پير فضل علي قريشي ﷺ فرمايو تہ جيڪڏهن مرڻ کان پوءِ دوباره زندگي عطا ٿئي ۽ رب تعالیٰ فرمائي تہ اي قريشي اگر توهان کي واپس دنيا ۾ موڪليو وڃي تہ ڪهڙو ڪم ڪندئو تہ مان عرض ڪندس تہ اي الله دين اسلام جي تبليغ ڪندس ۽ اهڙي طرح موت ايندو رهي ۽ وري زندگي ملندي رهي ۽ الله جي طرفان اهيو ئي سوال ٿيندو رهي تہ مان هر دفعي اهو ئي جواب ڏيندو رهندس اي منهنجا مولا دين اسلام جي تبليغ ڪندو رهندس. حضرت خواجہ غريب نواز حضور پير منا سائين ﷺ کي عمر جر آخري حصي ۾ جسماني ڪمزوري جي باوجود تبليغ جو ايڏو تہ حرص هوندو هئن جو ڪڏهن ڪڏهن نماز فجر کان مسلسل وعظ و نصيحت ۾ ايترو تہ مصروف ٿي ويندا هئا جو نماز ظهر جو وقت ٿي ويندو هو ۽ پاڻ ظهر نماز کان پوءِ حويلي مبارڪ ڏي ويندا هئا. حضرت قبلا سڀٽا سائين نورالله مرقده پنهنجي زندگي مبارڪ پنهنجي پير روشن ضمير حضرت خواجہ غريب نواز حضور پير منا سائين جي خدمت ڪندي ۽ دين اسلام جي تبليغ ڪندي گذاري. آخري ايام زندگي ۾ جسماني عوارضات جي باوجود تبليغ اسلام جي خاطر ڪالڪن جا ڪلاڪ جوش ۽ جذبي سان تقرير مبارڪ ڪرڻ فرمائيندا هئا ۽ اهڙي طرح جڏهن ماتلي ۾ ميلو متو ۽ دربار فضل آباد شريف جو بنياد پيو تہ گاهي بہ گاهي اسان جو وڃڻ ٿيندو هو. اتي هڪ مرد خدا پير طريقت رهبر شريعت حضرت خواجہ محمد الاهي بخش غفاري ﷺ جي زيارت جو شرف حاصل ٿيندو هو. سندن وعظ و نصيحت ۾ اهو ئي سوز گداز فضلي فيض نظر ايندو هو پاڻ جيترو بہ وقت مسجد شريف ۾ تشريف فرما هوندا هئا تہ تبليغ دين ۾ مصروف هوندا هئا سندن تقرير مبارڪ ايتري تہ پرجوش هوندي هئي جيڪو بہ محفل ۾ ايندو هو تہ سندن جي قرب ۾ قيد ٿي ويندو هو. انهي ۾ ڪو بہ شڪ ناهي تہ حضرت خواجہ محبوب الاهي پنهنجي دور جايگاڻ عالم باعمل مفتي ۽ خطيب هي بدل ۽ واعظ خوش الحان ولي ڪامل هئا ۽ عشق رسول الله ﷺ جو هي عالم هو جو پاڻ جڏهن شان مصطفيٰ بيان فرمائيندا هئا تہ هر اک آلي هوندي هئي. پاڻ بہ زارو قطار روئيندا هئا. پاڻ درس وتدريس سان گڏوگڏ فتويٰ نويسي ۽ دين اسلام جي نشر و اشاعت ۾ تبليغ اسلام ۾ پنهنجي ساري زندگي بسر ڪيائون.

هن صوفي با صفا تصوف جا اسباق ۽ سلوڪ جا سلسلا وقت جي ولي ڪامل قيوم زمان حضرت خواجه غريب نواز حضور پير منا سائين نور الله قده کان طئي ڪيا ۽ حضور پير منا سائين ﷺ کين خرقه خلافت سان پڻ نوازيو. پاڻ خوشنويس پڻ هٿا حضور پير منا سائين اڪثر ڪنهن خوش نصيب کي خرقه خلافت عطا فرمائيندا هٿا ته سند خلافت اڪثر حضرت محبوب الاهي کان لکرائيندا هٿا. پاڻ مورخه 24 ربيع الاول 1411هه تي هن دنيا مان وصال فرمائي وڃي مالڪ حقيقي سان واصل ٿيا. سندن فيوضات وبرڪات اڄ به جاري و ساري آهن. انهي سلسلي جي رهبري اڄ سندن لائق ۽ فائق فرزند سلطان الواعظين رئيس التحرير حضرت علامه الحاج پير طريقت رهبر شريعت محمد ڪرم الله الاهي نقشبندي المعروف دلبر سائين مدظله العالي ڪري رهيا آهن. پاڻ رات ڏينهن هڪ ڪري دين اسلام جي تبليغ ۽ خدمت ڪري رهيا آهن ۽ محبوب ڪريم ﷺ جي امت جي اصلاح جي واسطي پاڻ پتوڙي رهيا آهن. پاڻ تقرير ۽ تحرير جي ميدان جا شهسوار آهن. بيشمار جلسن ۽ خطابات جي باوجود پاڻ تصنيفات و تاليفات جي سلسلي کي جاري وساري رکيو اڇن. سندن قلم کي قادر الها سگهه عطا فرمائي آهي جو جنهن به موضوع تي صفحه قرطاس تي جاري ٿئي ٿو ته هن کي پاڻ تڪميل تي پهچائڻ کان سواءِ رکجڻ جو نالو ئي نٿو ڀائي چاهي الها حضور پير منا سائين جي سوانح حيات هجي يا سندن خلفاءِ ڪرام جو تذڪرو هجي يا وري حضرت خواجه محبوب الاهي ﷺ جي سوانح حيات هجي. سوانح حيات حضرت محبوب الاهي يقين تصوف جي بازار ۾ هڪ انمول خزانو آهي جنهن مان حق جا طالب ضرور پنهنجي طلب پوري ڪندا ۽ طريقت جي راه جا راهي پنهنجي منزل ماڻيندا. هن عظيم ڪاوش کي ڪتابي صورت ۾ آڻڻ تي حضرت قبلا دلبر سائين کي ۽ سائين جن جي برادران ۽ فرزندان ۽ خلفاءِ ڪرام و جماعت عاليه ڪرمي کي دل جي گهرائين سان مبارڪباد پيش ٿو ڪريان ۽ انتهائي مشڪور آهيان حضرت قبلا دلبر سائين جن جو پاڻ هميشه هن فقير سان محبت ۽ شفقت فرمائيندا رهندا آهن نه صرف هن عاجز سان پر منهنجي مرشد مربي حضرت خواجه محبوب سڄڻ سائين مدظله العالي جي پوري ظاهري جماعت سان محبت رکن ٿا. الله تعالي کين عمر دراز عطا فرمائي (آمين ثم آمين) ۽ هي عاجز محترم خليفه منظور علي ڪرمي (ماهرو) جو پڻ ٿورائتو آهي جنهن تقريظ لکڻ جو تاڪيد فرمايو ۽ يادگيري ڏيارينڊو رهيو. آخر ۾ ڏٽي جي دعا آهي ته هن سوانح حيات کي طريقت جي تلاش وارن لا مشعل راه بنائي. آمين ثم آمين بحق سيد المرسلين ﷺ فقط سڄڻ سائين جي غلامن جو غلام ناچيز

جان محمد جت نقشبندي ظاهري ماتلي ضلع بدين

محترم و مڪرم جناب ڊاڪٽر غلام عباس مهيسر طاهري صاحب

غفاري جماعت جي نئين ٽهيءَ جو نوجوان اديب ۽ قلمڪار

"ويو وڃجارو! آرس پريو اکڙين"

سنڌ جي ڪيواس تي، ڪيترائي املهه موتي، هيرا لعل جواهر، اپرندا آيا،
انهن هتان جي باشندن جي دل ڪولي، معاونت ڪئي،
اهي ساڻي ٻڌجي ويا هڪ انوکي شراب جا،
ڪو شرابَ طهورَا، ڪو شراب ڪافورَا، ڪو شراب سلسبيلَ،
اهي سمورا آخرت جا شراب آهن، جيڪي وڃا پري پياريا ويندا،
انهن ڪامياب ۽ ڪامران بندن کي، جن جا نالا لوح محفوظ جي قرطاس تي، رقم ٿيل هوندا!!
ليڪن اي دوست! اي ساڻي!! اي راهگير!!!
ڇا تو ڪڏهن شراب عشق ڏٺو آهي!! ان شراب جي ڇُڪي چَکِي آهي؟!!
جيڪو شراب نفس کي نه ٻلڪ، دل کي جهومائيندو آهي، مست و مدام بنائيندو آهي،
پوءِ ڪڏهن رومي ٻڌجي، ڪڏهن بُلا ٻڌجي، ڪڏهن منصوريءَ جي موج ۾،
ته ڪڏهن بلال جي بلاليءَ ۾، ڪڏهن سرمد جي جلاليءَ ۾،
ته ڪنهن سچل جي ڪافيءَ لطيف جي وائيءَ ۾، ڪڏهن لهرن جي موج ۾،
ته ڪڏهن آتش جي اوج ۾، ڪڏهن نٽهڻ اس جي وسندڙ ٽانبن ۾،
ڪڏهن ٽرندڙ رات جي ڳڙي جهڙي ٽڏاڻ ۾، دل جهومندي آهي، عشق موج ڪندو آهي،
اندر جا سُر زبان تي اُچاربا آهن ۽ مالڪ سائين پنهنجي عاشقن جي انداز کي،
سُر ۽ ساز کي، عاجزيءَ جي آواز کي، ڏسي ملائڪن ۾ آواز ڪندو آهي،
ته ڏسو منهنجو ٻانهڙو، رات جي پوئين پهر ۾، پنهنجي رڳن کي رباب ڪري،
دل کي تنبورو ڪري، الله الله جو آواز بلند ڪري،
"مي رقصم" جون صدائون هڻي،
عاجزيءَ جون ادائون اپنائي رهيو آهي!!!!

اي فقيرءِ جا پانڊيءَ!!! حق کي سُڌ آهي؟ تہ سنڊين جون رڳون،
عشق جي گلاب سان، کنهن سجايون؟؟!! هي عشق جون محفلون کنهن مچايون؟؟؟!!
تہ سياري جي ٺڏي رات ۾ هي محبت جا مڇ کنهن مچايا؟!!!
هڪ تسبي حضرت پير مناسائين، رحمتپور ۾ ويهي وڃائي، ان تسبيءَ جي مٽين ۾ پنج وڏا مٽيا،
ذڪر جي ردم ۾، هڪ ضرب جو ڪم سرانجام ڏين پيا، ذڪر ڏيري ڏيري هلندو رهي،
مٽيو آگر سان سُرندو رهي، ليکن جڏهن آگر جو ڇُهاءُ، وڏي مٽيي کي ٽي پهتو،
تہ پيرمنا سائين جن جي، سيني مان هڪ نوراني شعلو ٽي نڪتو،
هڪ الله جي آواز جي زوردار ضرب ٽي نڪتي، ۽ ان ضرب سان، وسنديون ۾ واهڻ،
ٽر بر ۾ بحر، سپ واسجي ويا. عشق ۾ هضم ٽي ويا، مٽيي جي سائز برابر،
ڊيگهه ۾ ويڪر برابر، مگر پنجني مٽين جي چا شني، پنهنجي پنهنجي، ائين پائنبو هيو،
تہ اهي پنج لطيفا آهن، ۽ حضرت پير منا سائين، پنهنجن مريدن کي سَر ڪرائڻ جي
کوشش ڪرائن پيا، مٽيو نمبر هڪ، لطيفو نمبر هڪ!!
لطيفو نمبر هڪ، اها شيرين زبان هستي، حضرت پير خليل الرحمان نورالله مرقدهٗ
جن جي زبان مان نڪرندڙ آلاپ، ائين محسوس ٿيندا هئا تہ، جڻ بهشت جون حورون
جنت جي نمرن جي، ڪنارن تي ويهي، سُر آلاپي رهيون آهن!!
مٽيو نمبر ٻہ، حضرت پير سهڻا سائين نورالله مرقده. پنهنجي سونهن ۾ سوڀيا،
پنهنجي نهنائي ۾ نماڻائي، پنهنجي مرشد جي Attachment سان، ايترو گهٽو سُلهاڙيل،
جو مرشد جو آواز پهچي، ۽ پروانو پڇڙ لاءِ، شمع تي قربان ٿيڻ جا سانباها ڪري ونيِ!!
مٽيو نمبر ٽي، لطيفو نمبر ٽي، اها شخصيت عجيب، جنهن پنهنجي فيض سان اڪيچار ماڻهو،
بلڪل ائين رنگي چڏيا، جيئن ڪو رڱڻهار ڪپڙو رڱيندو آهي،
حضرت پير محبوب الاهي الاهي بخش نور الله مرقدهٗ
جيڪو اَصَابَ مِن ذالک النور جو مظهر، جنهن جو جسم عشق الاهي ۾ ائين ڳرندو رهندو هيو،
جيئن ڪنهن برف جي ٽڪري مان، پاڻي جو ڦڙو ڦڙو ٽمندو آهي،
۽ آخر برف پنهنجو وجود وڃائي، پاڻي ٻڏجي ويندي آهي،

تيئن حضرت پير مناسائين جن جي، "روئڻي خليفي" سان القابيل،
هن بزرگ جو جسم، چنڊبو ۽ چاڻبو ويو، ۽ هڪ ڏينهن ان پنهنجو وجود گم ڪري،
ان مالڪ حقيقيءَ جي وجود ۾ پنهائيت ورتي، يُحِبُّهُم وَيُحِبُّونَه جو مصداق،
اهو سائين، هن دنيا جي تختي تي، نفس کي مات ڏئي، نفس مطمئنہ جو نغارو وڄائي ويو،
۽ طلسمي دنيا کان حجاب وڃي، پنهنجو وارو وڄائي ويو!!!
چوٽون مٽيو! ۽ چوٽون لطيفو!! منهنجو مائيٽو مرشد!!! منهنجو محبوب سائين!!!
حضرت قبلا سڄڻ سائين دامت برڪاتہ!!!
خدا شل سندن جا فيوضات، عام ۽ جام ڪري!! ان جا الفاظ عنبر ۽ مشڪ جي پاڻي ۾
ڏوتل پوتل هوندا آهن، هو جڏهن ڳالهائيندا آهن،
تہ منهنجي تصور ۽ خيال ۾ اهو منظر تري ايندو آهي،
جڏهن حضرت سيدنا غوث اعظم، بغداد جي منبر تي چڙهي وعظ فرمائيندا هئا،
۽ الفتح الرباني جون مجلسون پيون رقم ٿيندیون هيون !!
يا ائين لڳندو آهي تہ، حضرت سچل سرمست پنهنجي سُرن جا سازَ چيڙي وڌا آهن،
۽ مان ڪنهن سُرن جي پياسي وانگر، پنهنجن ڪنن کي ڪعبو بنائي سماعت جا سجدا
ڏئي رهيو آهيان!!! يا ائين لڳندو آهي تہ عثمان مروندي لعل شهباز قلندر!!!
پيرن ۾ پازيب پهري مي رقصم جون صدائون بلند ڪري رهيو آهي،
۽ ان مي رقصم جي آواز تي، ماڻهوءَ وجداني ڪيفيت ۾ تڙپي ۽ ڦٽڪي رهيا آهن!!!
پنجون مٽيو، ۽ پنجون لطيفو!! اها خوش الحاني شخصيت، اها محبوباڻي مُرڪ،
جنهن جي مُرڪ جي سُرڪ تان هزارين عاشق گهور گهور وڃن،
وَلَا هُم يَحزَنُونَ جو ترجمو، حضرت سائين دلبر سائين دامت برڪاتہ،
جيڪي جڏهن خطاب دلنواز سان دليون، روشن فرمائيندا آهن تہ،
ائين پيو محسوس ٿيندو آهي، تہ جڻ جنت جو داروغو، زمين تي لهي صوفين کي،
خوشخبري ڏيندو هجي تہ، توهان جنت جي ڳولا ۾ آهيو، توهان حورن جي ڳولا ۾ آهيو،
توهان شرابَا طهورًا جي ڳولا ۾ آهيو، توهان غلمانن ۾ ماکيءَ جي نهرن جي جستجو ۾ آهيو،

ليکن هيءَ شهسوار توهانکي سمجهائي ٿو ته، توهان آخرت جي لالچ ۾ نه اچو،
بس توهان پنهنجي رب جي ديدار جا طالبُو بڻجي، رَبِّ اَرِني جي صدا بلند ڪري،
اَنظُر اِلَيکَ جي لاءِ اکين ۾ ڳوڙها ڳاڙيو، هو رب توهانکي ملي ويو ته سپ ملي ويو!!!!
هن تسبيءَ جا ٻيا ٻه سوين مڻيا آهن، خدا ڪري هيءَ عشق عميق واري تسبي،
هيءَ خيال خلوت واري تسبي، هيءَ حُسن حُسينيت واري تسبي،
هيءَ واهُڙ وَهائڻ واري تسبي، هيءَ ڪچي گهڙي تي درياءِ پار ڪرائڻ واري تسبي،
هيءَ وَاَمَّا مَن خَافَ مَقَامَ رَبِّه جي نويد واري تسبي،
هيءَ لاتَقنَطُوا مِن رَّحمَةِ الله جي نويد واري تسبي،
جيڪا حضرت پير منا سائين جهڙي مڻيادار جي هٿ ۾ آهي،
هيءَ اچان ٻه مضبوطي پکڙي!! هيءَ اچان ٻه مضبوطي پکڙي!!
هيءَ اچان ٻه مضبوطي پکڙي!! (آمين بجاه سيدالمرسلين)

ڪتاب سوانح حيات حضرت محبوب الاهيؒ منهنجي هٿن ۾ آهي. هيءَ ڪتاب حضرت سائين الاهي بخشؒ جن جي سوانح تي مشتمل تقريبن هزار صفحن جي ضخامت تي مبني آهي. هڪ ولي الله جي سوانح عمري هڪ ولي الله جي قلم سان لکيل ڇا ته مُنڊيءَ تي ٽِڪَ آهي؟ ڇا ته اخروٽن جي وڻ تي حضرت خضر عليه السلام جي جڙ تشريف فرمائي آهي. هڪ ولي الله جي حالات زندگيءَ تي روشني ولي ابن ولي الله وجهي ته ائين آهي جيئن ڪير ۾ ڪنڊ هجي.

فتح الرباني ۾ حضرت سيدنا غوث اعظم رحمة الله عليه لکن ٿا ته: حضرت احمد بن حنبلؒ جن کان هڪ شخص سوال ڪيو ته ڪهڙي ٻاهر زياده سخت آهي؟ نَارُ الخَوفِ اَو نَارُ الشَّوقِ آتش خوف يا آتش شوق؟ تنهن تي ٻاڻ فرمايائون ته نَارُ الخَوفِ لِلمُرِيدِ وَ نَارُ الشَّوقِ لِلمُرَادِ يعني مريد جي لاءِ آتش خوف ۽ مطلوب لاءِ آتش شوق. الله تعاليٰ جو ڪامل ولي پنهي ڳالهين جو محور ۽ مقصد هوندو آهي ۽ انجي نور سان جمرجمنگ روشن ٿي ويندو آهي.

ليک نور سالڪي کي حد گذشت، نُورِ اُو پُر شد بيابانها و دشت (مثنوی مولانا رومی رحمۃ اللہ علیہ)

ولي الله سالڪ جي نور سان جهر جهنگ ۾ بيابان چمڪي اٿندو آهي

عارف بالله ۾ اهو نور هوندو آهي جنهن سان جهان پرجي ويندو آهي، ان جي خوشبوءِ سان مشرق کان مغرب ۾ شمال کان جنوب واسجي ۾ معطر بنجي ويندو آهي. عرض ۾ جوهر ۾ ڏينهن ۾ رات جو فرق هوندو آهي. عرض عام انسان آهي ۾ جوهر ولي الله آهي. عرض فنا ٿي ويندو آهي ۾ جوهر باقي رهندو آهي. قول ۾ فعل عرض آهي ۾ نور باطن جو جوهر آهي. جيڪو اولياءِ الله ۾ موجود هوندو آهي. سون جي پرک لاءِ ڪسوٽي هوندي آهي. جڏهن سون کي ڪسوٽيءَ تي هنيو ويندو آهي تہ اها هٽڻ واري شيءِ يعني ڪيميکل فنا ٿي ويندو آهي ۾ سون باقي رهندو آهي.

حضرت قبلا سائين پير ڪرم الله المعروف دلبر سائين دامت برڪاتہ جن جو نالو تہ ڪنهن بہ تعريف جو محتاج ناهي، سندن جي شخصيت تي روشني وجهڻ ائين ٿيندو جڻ مان ڏينهن ۾ ڏيئو ٻاري گهمندو هجان. هُو تمام وڏا واعظ، اولوالعزم ليکاري، متاثر ڪُن شخصيت ۾ ناماچار صاحبِ سلوڪ شخصيت جا مالڪ آهن. سندن شخصيت کي جانچڻ لاءِ ساٽن سفر ڪري ڏسو تہ هڪ غمخوار ساٿي ۾ هڏ ڏوکي ثابت ٿيندا، ساٽن مڪالمو ڪري ڏسو تہ پاڻ اهڙا صاحبِ ڪلام آهن جو محسوس ائين ٿيندو آهي تہ جڻ الفاظ سندن جي زبان جا محتاج هجن ۾ لفظن جي لائين لڳل هجي، هر لفظ پنهنجي پنهنجي واري جي انتظار ۾ قطاريل هوندو آهي ۾ جنهن لفظ کي دلبر سائين جن جي زبان جو چُهاءِ ٿيندو آهي تہ اهو لفظ امر ٿي ويندو آهي. جڏهن ان لفظ ۾ روح اچي ويندو آهي. پاڻ جيڪڏهن ائين لکجي تہ هم جهتي شخصيت آهن تڏهن بہ انهيءَ ۾ ڪنهن قسم جو واڌاءِ ڪونہ ٿيندو. مان تہ سوچيندو آهيان تہ پاڻ ڪمپيوٽر کان گهٽ ڪونهن. پيري مريديءَ کي ٽائيم ڏيڻ، مطالعي کي ٽائيم ڏيڻ، لکڻ کي ٽائيم ڏيڻ، تقريرن ۾ وعظن لاءِ سجي پاڪستان ۾ گهمڻ، گهروارن کي ٽائيم ڏيڻ، خدا تعاليٰ جي عبادت ۾ رياضت ۾ ڇڄ عرصو بسر ڪرڻ، مراقبات ۾ مجاهدات ۾ اڪيچار لمحا بسر ڪرڻ. ڪڏهن ڪڏهن تہ منهنجو ذهن سوچڻ تي مجبور ٿيندو آهي تہ آخر چوويهن ڪلاڪن مان هيترا سارا

ڪلاڪ سندن جا حقوق الله ۾ حقوق العباد جي پوئواريءَ ۾ گذري وڃن ٿا تہ باقي ڪيترا ڪلاڪ بچن ٿا، جيڪي پاڻ آرام کي ارپيندا هوندا. ڪمڙي ۽ وقت پلي تہجد جو وقت هجي يا رات جو پهريون ۾ وڃون پهر هجي ايس ايم ايس ڪيو تہ جواب ملندو ۾ جيڪڏهن فون ڪيو تہ آواز ملندو. آخر هڪ ڏينهن مان سوچيندي سوچيندي سائين جن کان پڇڻ تي مجبور ٿيس تہ قبلا! آخر توهان آرام ڪمڙي وقت ڪندا آهيو؟ پاڻي کلي نتائي ويا ۾ سوال ڪرڻ فرمايائون تہ ڈاڪٽر صاحب آخر چوويهن ڪلاڪ مان ڪيترا ڪلاڪ آرام ڪجي؟ مون عرض ڪيو تہ سائين پوءِ ۽ چھ ڪلاڪ تہ هجڻ کپي پاڻ ڳالھ گول مول ڪندي فرمايائون تہ ها بس! ايترو آرام ٿي ويندو هوندو آهي. اهي نشانيون GENIUS ماڻهن جون هونديون آهن. اهي ڳالهيون صرف انهن ماڻهن ۾ هونديون آهي جيڪي ڇهين حس جا مالڪ هوندا آهن. حضرت پير منا سائين ﷺ ڇهين حس جا مالڪ هئا حضرت پير قبلا سائين الله بخش نور الله مرقده جن ڇهين حس جا مالڪ هئا. حضرت سائين الاهي بخش نور الله مرقده ڇهين حس جا مالڪ هئا. منهنجا مرشد ڪريم حضرت محمد طاهر المعروف سڄڻ سائين دامت برڪاتهم جن ۾ ڇهين حس جا مالڪ آهن.

وسان ٿي وبياسِ، آيل لڳُم ٻاڻُ ٻروچَ جو،

پُرزا پَبَ وَرَنِ ۾، پٽُون ٿي پبياسِ، آيل! لڳُم ٻاڻُ ٻروچَ جو.
پاڻُ وِجايُم پيرَ تي، چُٽي آئون، چُٽياسِ! آيَل! لڳُم ٻاڻُ ٻروچَ جو.
هيڏي شهر پنيور ۾ نڪو پيَّ نہ ماسِ، آيل! لڳم ٻاڻ ٻروچ جو.
پيم وِچُ وِصالَ ۾، سنجهي آئون سُتياسِ، آيل! لڳم ٻاڻ ٻروچ جو.
پيم پنهونءَ جامَ سين، ڪُٽي آئون، ڪُٽياسِ، آيل! لڳم ٻاڻ ٻروچ جو.
اَلا اُنِ مَ وِسران ڏٺي جَن جبياسِ، آيل! لڳم ٻاڻ ٻروچ جو.

سر حسيني (شاهه لطيف ڀٽائي رحمة الله عليه)

حضرت قبلا دلبر سائين جن سان جاڻ سڄاڻ ڪتاب "اظهار الحق" جي لکڻ دوران ٿي. جيئن ئي هڪ شر پسند ملان الله تعالي جي ڪامل ولي الله حضرت پير الاهي بخش ﷺ جن جي "شان ولايت" تي ڪيچڙ بازي ڪئي تہ منهنجي اندر جو مرشد سڄاڳ ٿي پيو. جنهن مونکي جواب لکڻ لاءِ اتساهيو ۽ ان لکڻ دوران مان اجازت ونڻ لاءِ کين

فون ڪيو. پاڻ فرمايائون "اسان مولوي کي معاف ڪري ڇڪا آهيون باقي وڌيڪ توهان جي منشا آهي." مون بهتر سمجهيو ته ريڪارڊ جي درستگي ۽ "شان اولياء" جي سنت جي احياء لاءِ لازمي آهي ته جواب ۾ هڪ ڪتاب آندو وڃي. الله تعاليٰ جي خاص مهرباني حضور آقا ﷺ جن جي نظر شفقت و عطا مرشد ڪريم جي تائيد ڪرم يا اولياء الله جي خاص توجهه ۽ عنايت سبب هڪ پر دلائل ڪتاب ٿورڙي وقت جي اندر مون منظر عام تي آڻي ورتم. ان ڪانپوءِ مان حضرت پير صاحب جن جي ويجهو ايندو ويم. بس مونکي به معلوم نه پئي ٿيو ته آخر ڪهڙي قسم جو مقناطيس آهي جيڪو ادنيٰ ادنيٰ لوهه جي ذرڙين پرزين کي پاڻ طرف گهلي رهيو آهي ۽ آڄ مون مٿان اها مهرباني فرمائي وئي آهي جو خليفو حضرت منظور ماهرو صاحب حضرت محبوب الاهي ﷺ جن جي لائيف استائيل کي اسلام پٽي ۽ صوفياء پٽي ۾ ڊالڻ وارن طريقن ۽ سندن جي مختصر عارضي زندگيءَ جي احوالن تي مبني ڪتاب "سوانح حيات حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه " کي مطالعي جي شرف لاءِ مهرباني فرمائي ۽ حضرت پير سائين جن جو حڪم بيان فرمايو ته اوهان هن تي تقريظ لکو. مان پنهنجي لاءِ وڏي خوش نصيبي ۽ اعزاز سمجهان ٿو ته منهنجا الفاظ به سياڻي ميزان تي نيڪ اعمالن واري پلڙي ۾ تُرندا ۽ خالي هٿين هن فقير لاءِ ممڪن آهي ته هي الفاظ ڪجهه آخرت جو ٿمر بنجي منهنجي منزل آسان ڪري وٺن.

وَتِ سوريندي وَلها! ويو تيلُ هري، موتُ مسافر سُهرين، چانگي تي چڙهي،
راٽي لاءِ رڙي، ويئي وهامي راتڙي. (سر مومل راڻو شاهه لطيف)

حضرت پير الاهي بخش ﷺ جن جي اندر ۾ به حسناڪي هئي ته ظاهر ۾ به حُسناڪي هئي. جڏهن اندر جي حُسناڪيءَ جي ديگڙي ٻُنبي ڪاڏو ته پاڻ زارو قطار روئندا رهندا هئا ۽ انهيءَ گهٽي گريه و زاري سبب سندن تي لقب ئي روئڻو خليفو پيو ۽ جڏهن ظاهر جي حُسناڪيءَ جو درياءَ ٻُنبِ ڪائيندو هيو ته سندن جي لفظن ۾ عجيب و غريب تاثير پيدا ٿي ويندو هيو ۽ سينيئر فقيرن جي بقول ته پاڻ اهي عالِم ۽ واعظ هوندا هئا جن ڪان درگاهه رحمتپور شريف تي وعظ ڪرايو ويندو هيو. جڏهن قرآن پاڪ پڙهندا هئا ته آسمان تي اڏامندڙ پکي به پَرهٽڻ بند ڪري ويندا هئا.

دادو ضلعي وارن جي مٿان الله تعاليٰ جا ٽي وڏا ڪرم آهن. هڪ ته حضرت مخدوم بلال جهڙي تاريخ ساز شخصيت ۽ ڪامل اڪمل ولي الله جو نڪاٽو دادو جي قصبي ۾ رهيو ۽ آخري آرام گاهه به مخدوم بلال جي ڳوٺ ۾ موجود آهي، ٻيو ته الله تعالي جي پياري نيڪوڪار ولي الله جنهن جو اٺن ويهن ڪائٽ پيٽ مقصد ذري ذري جي چرپر ۾ خداڪارڻ هوندي هئي ۽ انهن اسلام جي پرچار ۽ تبليغ کي سنڌ مان ڪيي ملڪ جي چڻي صوبن يعني سنڌ، خيبر پختون خواهه، بلوچستان، پنجاب تائين ڦهلايو انهن حضرت قبلا الله بخش المعروف سٺا سائين ﷺ جن به ڇڇ عرصو دادو جي شهر راڻن جي قريب فقيرپور ۾ گذاريو جتي اڄ تائين هڪ مرڪز موجود آهي ۽ اتان حضرت مرشد سائين محمد طاهر المعروف سڄڻ سائين دامت برڪاته فيض جي پالوٽ گاهي ٻگاهي فرمائي رهيا آهن ۽ ٽين دادو شهر وارن لاءِ نعمت حضرت پير قبلا سائين الاهي بخش المعروف محبوب الاهي ﷺ جن جو دادو جي هڪ ننڍڙي شهر خانپور جي قريب ڪرڪٽ ۾ سڪونت پذير ٿيڻ هيو بس ائين پيو محسوس ٿيندو هيو ته حضرت پير مڻا سائين ﷺ جي ٻن لاجواب جرنيلن پاڪستان جو واڳون سنياڻي ورتيون هيون هڪ مغرب ۽ پيو مشرق واري پٽيءَ تي پنهنجي ولايت جا علَم کوڙي چڪو هيو ۽ ماڻهو جوق در جوق جماعت غفاريه ۾ شامل ٿيندا ويا. قطارن مان قطارون ۽ پوءِ شهرن مان شهر هينئر ماشاءَ الله تبليغ جو ايٽرو سلسلو وسيع و عريض ٿي ويو آهي جو آمريڪا برطانيه، سئزرلينڊ، هالينڊ سائوٿ آفريڪا، ترڪي، يو اي اي وغيره جي قلعن تي به جماعت غفاريا جا جهنڊا کوڙيا ويا آهن. خدا تعاليٰ ڪري ته جماعت غفاريه جو پرچم جيئن دنيا جي فضا تي ڦڙڪي رهيو آهي تيئن آخرت جي افق تي به شان و شوڪت سان ڦڙڪندو رهي ۽ اسان جهڙا گناهگار ۽ خطاڪار انسان به ان جهنڊي جي ڇانو ۾ ويهي بخشش جو سامان حاصل ڪري وٺن. آمين يا الٰه العالمين.

نَڪا ڪُن فَيَڪُون هئي، نڪا هُنڪ نه هُون، سڄڻ اُنهين ساعت ۾، پيتي ڏٺوسون،
مون تَنَ تَڏَهِ هَڪُون، مِلي ملاقات ڪِي. (شاهه لطيف سر مارئي)

ڊاڪٽر غلام عباس مهيسر طاهري

رفيق ميموريل ميڊيڪل سينٽر ميهڙ موبائل نمبر 03003414224
وقت 12:05 بتاريخ 29 ڊسمبر 2011ع موجب 3 صفر المظفر 1433 هجري

حضرت مولانا حافظ بدر الدين آگرو مدظلہ العالي

خطيب و امام درگاهہ سعدي موساڻي نزد ميهڙ

سنڌ جو برک بزرگ ۽ ڪامل ولي علامہ پير محمد الاهي بخش الاهيؒ تي هڪ نظر

اسان جي سونهاري سنڌ ۾ ماضيءَ قريب ۾ جيڪي ڪامل ولي ۽ دُرويش ۽ اهل الله ٿي گذريا آهن تن مان خصوصي طرح دادو ضلعي جي مَردم خَيز مٽيءَ مان جنم وٺندڙ اعليٰ صفت دُرويش انسان، انيڪ خُوبين جا مالڪ، الله لوڪ صوفي ۽ تصوف جا پرچارڪ علم ۽ حلم ۽ سچائي انسانيت جي دوستيءَ جا سبق سيکاريندڙ عارف ولي ۽ پير حضرت محمد الاهي بخش رحمة الله عليه بہ آهن. جيڪي دادو جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ ڪرڪٽ تعلقہ ڪي اين شاهہ ۾ تولد ٿيا. پر سنڌ ۾ ٿورڙي عرصي ۾ ان اعليٰ مقام تي پهتا جو اڄ ڪيٽي بندر کان ڪشمور تائين بلڪ پاڪستان ۾ سندن نانءُ روشن آهي. سندن اهو نالو روشن ڪيئن ٿيو؟ پاڻ پنهنجي محنت، علم جي دولت، حسن اخلاق، پنهنجي مرشد جي ڏنل سبق کي ڪمائڻ ۽ اتباع رسول ڪرڻ سبب ان مقام تي رسيا. راقم جي ساڻن روبرو ملاقات تہ نہ ٿي هئي پر سندن بابت تصنيف ڪيل هن ڪتاب ۾ بيان ڪيل سندن خدمتن ۽ باڪردار ماڻهن جي زبانن مان مليل روايتن مان پتو پئي ٿو تہ پاڻ هڪ اڻ ڪٽ خزانو هيا. فقيرانہ طبيعت جامالڪ هڏ ڏوکي سڀ ڪنهن سان مهر ۽ محبت سان هلڻ وارا هئا. دنيا جون الفتون هڪ پاسي ڪري للهيت سامهون رکي هن دنيا ۾ زندگي گذاريائون. دنيا کي ٺوڪر هڻي هن معاشري کي سڪ جا سبق ڏنائون.

علامہ پير الاهي بخش فيوضات نقشبنديہ جي پالوٽ ۾ اچي ولايت جي حقيقي معنيٰ ۽ حقيقي منزل مقصود تي پهچي چڪا هئا. پنهنجي مرشد سان وڏي محبت رکڻ وارا هيا. پاڻ فرمائيندا هيا تہ "اي فيض ميڏي پير مٺي دا اي".

رات دن مرشد ميرے صورت تيری ديکھا کروں، صانع قدرت کی يہ کاريگری ديکھا کروں

پاڻ هميشہ پنهنجي مرشد جي محبت ۽ فيض ۾ محو ۽ مستغرق رهندا هيا. هر وقت مراقبي جي ڪيفيت رهندي هين. پين تائين پنهنجي مرشد جي فيض کي پهچائيندا رهيا. پاڻ هن معاشري کي حقيقت واري واٽ ڏانهن وٺي وڃڻ ڪاڻ وسئون ڪين گهٽايائون.

ڪيترن ئي اهنج ايذاءَ مشقتن تڪليفن هوندي بہ پنهنجي مرشد جو سبق ۽ حضرت محبوب مدني سرڪار ﷺ جي دين جو پيغام در در تائين پهچايائون. سندن پوري زندگي قال الله وقال الرسول ﷺ جي تنوار ۾ گذري. سندن قائم ڪيل ادارن مان اڄ بہ عالم، حافظ، مبلغ، قاري ۽ پين ڪيترين ئي وصفن جا مالڪ بنجي نڪري رهيا آهن.

پاڻ تہ پنهنجي زندگي اسوه رسول ﷺ تي هلي ڏيکاريائون. پر پنهنجي اولاد رشتيدارن اهل قرباء ۽ مريدين خلفاءِ ڪرام معتقدين کي سنت رسول ﷺ تي گامزن ڪيائون. سندن صحبت ۽ محبت ۾ ڪيترائي رهزن چور سنت رسول جا مخالف بي نمازي نشي وغيره جا عادي محبت جي ميناڄ ۾ گرويده بنجي انهن عادتن کان تائب ٿي ويا. پاڻ پنهنجي شاعري ۾ بہ سڪ جا سبق ڏين ٿا.

جيڪي آهي محبت ۾ محبت کان سوا ڇاهي،
محبت منڊ شريعت جو شريعت کان سوا ڇاهي.

منجهن عاجزي انڪساري جي حد ئي ڪانہ هئي. توڙي جو پاڻ هينئر اسان جي اکين کان اوجهل آهن مگر سندس فيض علم ادب ۽ همڪايل هي چمن مصطفوي هميشہ آباد رهندو. هڪ انسان مان هيترن انسانن جو سنوارجڻ ۽ سڌرڻ ڪا معمولي ڳالهہ تہ نہ آهي. سندن سيني ۾ سمايل فيض دجلي نديءَ جيان ڏڏڪا ڏيندڙ هي ملڪ تہ ڇا مگر ٻاهرين ملڪن تائين سندن جي علم ۽ فيض جو چرچو هلندو رهي ٿو ۽ هلندو رهندو. جو سندن سجاده نشين صاحبزاده علامہ پير محمد ڪرم الله المعروف دلبر سائين مدظله العالي پنهنجي والد گرامي جي نقش قدم تي هلي ڪري اسان جي سڌ سونهاري ۾ فيض الاهي سان سرشار ڪري رهيا آهن. ڏٽي در دعا آهي تہ شال رب ڪريم پنهنجي فضل و ڪرم سان اولياء ڪاملين جي درگاهن تان اجا بہ پٽڪيل راهن وارا فيضياب ٿين ۽ سڀ درگاهون ترقي ۽ اصلي عروج تي وري اچن ۽ اولياء جو فيض دائما هميشہ وهندو اچي.

وماتوفيقي الا بالله وآخر دعوانا عن الحمد لله رب العالمين

حافظ بدر الدين آگرو

مناظرِ اهلسنت، صاحبِ تصانيف كثيره حضرت علامہ ڈاڪٽر غلام نبي پياسي

صدر تنظيم ائمہ مساجد اهلسنت و مدير مدرسة البنات سكر

نحمده ونصلي علىٰ رسوله الكريم امابعد

هي سرزمين سنڌ ولين بزرگن صوفين ۽ درويشن جي ڌرتي آهي، جن جي برڪت ۽ فيض سبب سنڌ باب الاسلام پئي سڏجي. انهن بزرگن ولين ۽ درويشن مان پير طريقت قبلا محبوب الاهي نقشبندي غفاري رحمة الله عليه به هڪ آهن. جن جي سوانح حيات حضرت صاحبزاده حضرت علامہ پير محمد ڪرم الله صاحب زيدمجدهم جن لکي آهي ان جي پڙهڻ جو شرف حاصل ٿيو. وڏي تحقيق ۽ محنت سان علمي مواد زير قلم آندو ويو آهي بزرگ جون دين لاءِ ڪيل خدمتون واکاڻ جي لائق آهن. پاڻ ظاهري باطني فيض سان خلقِ خدا کي سيراب ڪندا رهيا. دين کان اڻ واقف ۽ پٽڪيلن کي راهِ راست تي آندائون. الله الله جي ذڪر سان مرده دلين کي زنده ڪيائون. دين ۽ شريعت جا سبق پڙهايائون. پاڻ علم ۽ عمل ۾ ڪامل هجڻ سان گڏ عاشق رسول پڻ هئا. هر وقت عشق رسول ۾ سندس اکڙين مان ڳوڙها ٽمندي نظر ايندا هئا. ذاڪر ۽ شاڪر به هئا شب خيز ۽ شب گداز پڻ هئا. الحمد لله جو سندن صاحبزاده ۽ سندن درگاهِ جو سجاده نشين حضرت پير ڪامل دلبر سائين والد گرامي جي صحبت ۽ دعائن جي برڪت سان علمي ۽ روحاني تقرير ۽ تحرير جي ميدان ۾ سٺو مقام ماڻيو آهي. دعا آهي ته الله تعالىٰ سائين جن کي صحت ۽ عافيت سان سلامت رکي ۽ حاسدن جي حسد ۽ شريرن جي شرارت کان کيس محفوظ رکي آمين.

مخالف هوائون ڇيون ڪيتريون پيو، مگر مانجهي ٿي تن کي ٽاري ڇڏيائون.

سلام هجي مجاهدِ اهل سنت حضرت پير دلبر سائين جن کي

سلامت ۽ آباد هجو منهنجا سائين!
لڳي واءِ ڪوسو اوهان کي نه سائين!!

دعاگو

ڈاڪٽر غلام نبي شيخ پياسي

صدر تنظيم ائمہ اهل سنت سكر 21.03.2012

بسم الله الرحمن الرحيم

هي کتاب لاجواب

مرشدي حضرت محبوب دلبر سائين (دَامَت بَرَکَاتُهُم العَالِيه) جو تحرير شده هي شاهڪار ڪتاب لاجواب رڳو هڪ شخصيت جي سوانح نہ آهي پر هڪ دؤر جي علمي، مذهبي ۽ روحاني مستند تاريخ آهي. جنهن ۾ ڪيئي شخصيات، ان دور جي حالات، سياسي ۽ معاشي معاملات، جاگرافيائي جوڙ جڪ بابت معلومات، هن ڪتاب جون امتيازي خوبيون آهن. حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه جي مستند سوانح سان گڏوگڏ هن ڪتاب مختلف اهم موضوعن تي بيش بها علمي فڪري ۽ روحاني خزانو آهي. جمڙوڪ: علم الانساب، علم القياف، تاريخ قبائل انصار، تاريخ سنڌ، اولياءِ ڪرام سان ٽيل مخالفتن جي هڪ مڪمل تاريخ، وغيره. درج ٽيل آهي.

ڪتابن جي جهان ۾ گشت ڪندڙ هڪ الڙ استوڊنٽ جي حيثيت ۾ مون هن ڪتاب کي تصوف جو هڪ عظيم ۽ بي بها خزانو کري لڌو آهي ۽ هن شاهڪار تصنيف کي بيشمار خوبين سان مالا مال ڏٺو آهي. هي ڪتاب سالڪن توڙي عالمن جي رهبري ڪندو. تشگانِ علوم و معارف جي سينن جي سيرابي ڪندو.

هن ڪتاب ۾ حضرت محبوب الاهي رحمة الله عليه جي مشائخن، استادن، شاگردن، خليفن، صاحبزادن، خدمتگذارن ۽ متعلقين بابت ناياب معلومات کي تاريخ جي ورقن ۾ هميشہ لاءِ محفوظ ڪيو ويو آهي.

ضخامت: هن عاجز جي راءِ آهي تہ هي سوانح حيات سنڌي ادبي تاريخ جي پهرين ضَخِيم، جامع ۽ مُستَنَد ترين سوانح آهي. سنڌ جي ادبي گلشن ۾ هڪ نئين سُرهي ۽ سُڄَندِڙِي گُل جو اضافو آهي. جنهن جي هُڪارَ سان سوانح نگاريءَ جو فَنُ ترو تازه ٿي پوندو. هي ڪتابِ لاجواب هن فن ۾ دلچسپي رکندڙن جي رهنمائي ڪندو تہ حقيقي معنيٰ ۾ سوانح تحرير ڪيئن ڪئي ويندي آهي. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي صاحب پنهنجي ڪتاب "سنڌي ادب جي تاريخ" جلد ٽيئين ۾ هيل تائين سنڌي هوليءَ ۾ تحرير شده اڪثر معياري سوانح عُمرين جو تذڪرو آندو آهي.

اُنهن منجهان کافي هن عاجز جي نظر مان گذريون آهن. اُنهن ادبي سوانح ۾ ديگر علماء ۾ مشائخ متعلق تحرير شده ڪجهه سوانح حيات جي مطالعي بعد هن عاجز جي راءِ آهي ته سنڌي ٻوليءَ ۾ "سوانح حيات حضرت پير محبوبِ الاهي" جهڙي ضخيم ترين سوانح اڳ نه لکي وئي آهي. وڏي سائيز ۾ هڪ هزار صفحن تي مشتمل هي تصنيف مواد ۾ مقدار جي لحاظ کان سنڌ جي ادبي تاريخ جي ضخيم ترين سوانح آهي.

ڪتاب جي هن خوبيءَ جو قَدَرُ، اِدراڪ ۾ احساس اُن کي ٿيندو جنهن خود سوانح تحرير ڪئي هجي. ڪيس اندازو هوندو ته صاحبِ سوانح متعلق مواد گڏ ڪرڻ ڪيڏو نه مشڪل مرحلو آهي. اِن لاءِ وقت ڪيڏو ٿو. فراغت ڪيڏي ٿي. هڪ هڪ روايت گڏ ڪرڻ لاءِ در در هلي وڃڻو پوي ٿو. ڏُورانهن علائقن تائين دِڳها سفر ڪرڻا پون ٿا. گرميون سرديون ۾ سفر جون ديگر تڪليفون برداشت ڪرڻيون پون ٿيون. مواد ڏينڊڙن جا ناز نخرا، انگل ۾ آرَا کڻڻا پون ٿا. ڪن جاين تي ناقابل برداشت رويا به نهايت صبر و تحمل سان برداشت ڪرڻا پون ٿا. غرض ته تمام گهڻي ولوڙ، محنت ۾ جفاڪشيءَ ڪانپوءِ ئي ڪنهن شخصيت متعلق مواد ملي ٿو."سوانح حيات حضرت پير محبوبِ الاهي" پڻ اهڙين جفاڪشين ۾ جدوجهدن بعد ئي اوهان جي هٿن تائين پهتو آهي. هن ڪتاب ۾ موجود مواد جي لاءِ حضرت قبلہ عالم جن ڪي سوين ماڻهن سان ملاقاتون ڪرٽيون پيون آهن. گرمين توڙي سردين ۾ هزارين ڪلوميٽرن جا سفر طيءَ ڪرڻا پيا آهن. اڪثرين ڪي اوجاڳا ڏيئي بيشمار راتيون جاڳي گذارڻيون پيون آهن. وڏي عرصي تائين سندن سُک چين ۾ آرام هن ڪتاب لاءِ ٽيندڙ تحقيق ۾ تدقيق جي نظر ٽيو آهي. الغرض وڏي ذهني ۾ جسماني ۾ روحاني ولوڙ بعد هي هزار صفحن تي مشتمل سوانح تيار ٿي آهي. اسان ڪتاب پڙهڻ وارن ته هن ڪتاب ڪي ڪجهه ڏينهن اندر پڙهي ورتو هوندو پر لکڻ واري هستيءَ ڪي هن ڪتاب ۾ موجود مواد گڏ ڪرڻ لاءِ پنهنجي زندگي مبارڪ جا ڪم و بيش ويهَ وَرهيَه نظر ڪرڻا پيا آهن. ايڏي وڏي جفاڪشي، جدوجهد ۾ جاکوڙ بعد تيار ٿيل هي ضخيم ڪتاب يقيناً اهل علم ۾ اهل تصوف حضرات متان حضرت قبلہ عالم جو عظيم احسان آهي.

جامعيت و همه گيريت: هن سوانح جي ۾ خوبي موضوع جي اعتبار کان جامعيت آهي. حضرت محبوبِ الاهي (قُدِّسَ سِرُّهُ العَزِيز) جا آباؤ اجداد، ولادت کان وفات تائين جا حالات و واقعات، حصولِ علم جي لاءِ کوششون، حصولِ عرفان جي لاءِ کاوشون، خلعتِ خلافت بعد عوام جي اصلاح جي لاءِ جدوجهدون، تبليغ دين خاطر هجرتون، مراڪز جو قيام، وصال پر ملال غرض تہ قاريءَ اڳيان سندن حياتِ مبارڪ جا جملي ادوار بيان ڪيا ويا آهن. ايتري قدر جو سندن شُيُوخ، آساتِذہ برادر، اهل خانہ، خلفاء، تلامِذَہ الغرض سائين جن (قُدِّسَ سِرُّهُ) جي ذاتِ گراميءَ سان منسلڪ هر هڪ فرد جي زندگيءَ جو احوال پڻ قلمبند ڪيو ويو آهي. جنهن جي مطالعي بعد معلوم ٿئي ٿو تہ صاحبِ سوانح (قُدِّسَ سِرُّهُ العَزِيز) جي شخصيت مٿان ڪيڏيون برگزيده هستيون اثرانداز ٿيون ۽ محبوبِ الاهيءَ قدس سره جي عظيم المرتبت شخصيت جا سندن متعلقين مٿان ڪهڙا اثر پيا. ان کان علاوه سائين جن جي سيرت و صورت، خوبين ۽ خصلتن، جو بہ خوبصورت انداز ۾ ذڪر ٿيو آهي. سائين جن جي تحرير و تقرير جو انداز، گفتار و رفتار جو انداز، تعليم و تربيت جو انداز، الغرض سندن شخصيت جي هر هڪ ادا ۽ انداز جو حسين پيرائي ۾ تذڪرو ٿيل آهي. سائين جن جي علمي ۽ روحاني مقام، مڪاشفات و ڪرامات، ارشادات و فرمودات، مطلب تہ ڪو هڪ بہ پهلو حضرت قبلہ عالم جن قلمبند ڪرڻ نہ وساريو آهي. سڀني پاسن جو تذڪرو ڪيو ويو آهي. جنهن سان صاحبِ سوانح جي همہ جهت شخصيت جو مڪمل نقشو قاريءَ جي ذهن ۾ چٽجي ٿو. ان دوران بحث جو انداز ايڏو تہ پيار و ۽ دلڪش آهي جو جنهن قاريءَ حضرت محبوبِ الاهيءَ (قُدِّسَ سِرُّهُ) جي ذاتِ گراميءَ جي زيارت نہ بہ ڪئي هوندي سو بہ هن ڪتاب ذريعي سندن همہ جهت شخصيت جي زيارت ڪري ونڊندو. سندن علم و عرفان جي عظمت جو مُعترِف ٿي پوندو. سندن دلڪش ۽ دلفريب شخصيت مٿان موهِجي پوندو.

3. تحقيق: هن سوانح جي خوبين منجهان اهم خوبي هن جي حيثيت جو مُستند ۽ قابل اعتبار هجڻ پڻ آهي. هڪ تہ سوانح نگار (فِدَاهُ اُمِي وَ اَبِي) صاحبِ سوانح جا فرزندِ دلبند آهي. جنهن جي مبارڪ اکڙين اڳيان صاحبِ سوانح جي متبرڪ زندگيءَ جو وڏو حصو

گذاريو آهي. تنهن ڪري تصنيف ۾ موجود روايات جي ضعيف هجڻ جو رتيءَ برابر به گمان پيدا ٿي نه ٿو سگهي. حضرت قبلہ عالم جن ڪانسواءِ جن جن ماڻهن کان روايتون ماخوذ آهن (خليفہ حسين نانگري، فقير عبدالقادر سومرو، وغيرهم) سي به صاحبِ سوانح جا قريبي انسان آهن. جن سالن جا سال سندن بارگاهِ اقدس ۾ با ادب ويهي پنهنجي سينن ڪي سيراب ڪيو. تنهن ڪري مجموعي طور تي ماخوذ ۽ مراجع جي اعتبار کان به سوانح جي حيثيت مستند ۽ علمي آهي. مجموعي طور تي سمورو ڪتاب ۽ خاص طور تي ڪتاب جو پهريون باب حضرت قبلہ عالم جي اعليٰ تحقيق جو مظهر آهي.

4. **انداز تحرير:** حضرت سائين جن جي لکڻيءَ جي انداز عاجز ڪي تمام گهڻو متاثر ڪيو. پهرئين صفحي ڪان آخري صفحي تائين ڪتاب ۾ استعمال ٿيل اڪثر الفاظ، جملا، تمثيلون ۽ تشبيهون عام فهم ۽ سليس آهن. ڪتاب پڙهڻ دوران لغت ڪڍڻ جي نوبت نه ٿي اچي. جيئن بعض قلمڪارن جي عادت هوندي آهي ته قاريءَ مٿان علمي رعب وجهڻ لاءِ ڏکيا الفاظ استعمال ڪندا آهن. جنهن سان وڏو نقصان هي ٿئي ٿو جو قاري ڪتاب مڪمل پڙهڻ بعد به محوِ حيرت هوندو آهي ته ڪتاب جو مرڪزي مقصد ڇا آهي. ٻئي پاسي ڪان حضرت سائين جن هوليءَ ڪي عام فهم ۽ سليس بنائيندي ان ڳالهہ جو به اهتمام ڪيو آهي ته هوليءَ جو ادبي معيار به برقرار هجي. هي پڻ هڪ اهم خوبي آهي. بعض ليکڪ حضرات هوليءَ ڪي عام فهم بنائڻ جي ڪاوش ۾ هوليءَ جي سطح ڪي مروج بازاري لهجي تائين ڪيرائي وجهندا آهن. جنهن سان قاريءَ جي هوليءَ تي پڻ ناڪاري اثرات مرتب ٿين ٿا. هن ڪتاب ۾ استعمال ٿيل هولي ادبي مناس سان سر شار آهي. جنهن سان پڙهندڙ جي پنهنجي هوليءَ جو معيار پڻ بهتر ٿئي ٿو. عاجز جي راءِ آهي ته اگر ڪنهن ڪي پنهنجي هولي بهتر ڪرٽي آهي ته هن ڪتاب جو بار بار مطالعو ڪري. ڪتاب جي ورق گرداني بعد هن عاجز جي ذاتي ڪيفيت هي آهي ته دل ٿي گهري ته هن سوانح اڇيان بار بار جمول جهلي لفظن ۽ جملن جي خيرات پنجي. تحرير جي دوران تجنيس حرفيءَ جي صنعت جو به خوبصورت استعمال ڪيو ويو آهي. هڪ ئي سِتّ ۾ هڪ يا ٻن حرفن جو تڪرار پڙهڻ وقت ترنم ۽ تغنم پيدا ڪري ٿو. جنهن سان قاري لطف اندوز به ٿئي ٿو.

جملي ابواب ۾ سلاست ۽ روانگي پڻ نظر آئي. هڪ نڪتي کان ٻئي نڪتي ڏانهن منتقلي، هڪ پئراگراف کان ٻي پئراگراف ڏانهن ويندي حضرت سائين جن اهڙي انداز ۾ تحرير فرمايو آهي جو ڪٿي به قاري جھجھڪ يا رڪاوٽ محسوس نه ٿو ڪري. مطالعي جو سلسلو روانگيءَ سان جاري رهي ٿو. دورانِ مطالعہ ڪٿي به بوريت يا ڏهني ٽڪاوٽ محسوس نه ٿي ٿئي.

5. مبالغہ آرائيءَ کان اجتناب: سوانح جي تمام وڏي خوبي هي آهي ته هن ۾ مبالغہ آرائيءَ کان اجتناب ڪيل آهي. اسان وٽ اڪثر و بيشتر ائين ٿيندو آهي جو هڪ مُريد کي جڏهن پنهنجي مُرشد جي شان ۾ اظهارِ خيال لاءِ چئجي ٿو ته هُو عقيدت ۽ اُلفت ۾ تمام گھٽو مبالغو ڪري ٿو. پر عاجز جڏهن هن سوانح جو مطالعو ڪيو ته اچرج ۾ پئجي ويو ته ڪٿي به ڪا اهڙي روايت نظر نه آئي جنهن سان مبالغي جو شبهو محسوس ٿيندو هجي. حالانڪ حضرت سائين جن ته پنهنجي مرشد مربي سان والهانہ محبت ڪندڙ آهن. ناچيز اڪثر ڏٺو آهي ته حضرت قبلا محبوبِ الاهيءَ (قُدِّسَ سِرُّہ) جي تذڪري وقت سائين جن جون مبارڪ اکڙيون آبديده ٿي ويندیون آهن. ان جي باوجود به جڏهن قلم ڪٽي سندن سوانح لکڻ ويهن ٿا ته رتيءَ برابر به مبالغو نظر نه ٿو اچي. جيئن سندن شخصيت جو مشاهدو فرمايو اٿن تيئن ئي ايماندارانہ انداز ۾ پيش ڪيو اٿن. عاجز جي حضرت محبوبِ الاهي (قُدِّسَ سِرُّہ) جي پراٽي خليفي حضرت خليفہ محمد حسين پنهور خير پور ناٿن شاهہ وارن سان به ان موضوع تي گفتگو ٿي. خليفہ سائين محبوبِ الاهيءَ (قُدِّسَ سِرُّہ) جي زندگيءَ جي تمام وڏي حصي جو اکين ڏٺو شاهد آهي. پاڻ ان وقت مسجد ۾ تشريف فرما هئا. فرمائڻ لڳا ته " سائين جن (قبلہ دلبر سائين) کا هڪ روايت به اهڙي درج نه ڪئي آهي جنهن جي پڙهڻ سان مونکي ائين محسوس ٿيندو هجي ته هي وڏاءِ ڪيو ويو آهي. جيئن حقيقت هُئي، تيئن ئي بيان ڪيو اٿن." ڪتاب جي هن پهلوءَ جي جيتري به تعريف ڪجي سا گھٽ آهي. حضرت قبلہ عالم جن اهڙي انداز تحرير سان هڪ ٻي فرسوده روايت کي ضرب رسائي آهي. پاڻ ڪشف و ڪرامات جي گھٽي ذڪر بجاءِ سندن تعليمات کي اجاگر ڪيو اٿن. الله ڪريم کين جزاءِ خير عطا فرمائي. فقير جاويد احمد ڪرمي

مآخذ و مراجع

	کتاب	مصنف/ مؤلف	ناشر
1	القرآن الحکیم	کلام اللہ	
التفسیر:			
2	تفسیر الطبري	أبو جعفر الطبري	مؤسسة الرسالة
3	تفسیر ابن کثیر	علامة ابن کثیر	دار الکتب العلمیة. بیروت
4	تفسیر الدر المنثور	جلال الدین السیوطي	دار الفکر. بیروت
5	روح البیان	علامہ اسماعیل حقي	دار الفکر بیروت
6	تفسیر الرازي	فخر الدین رازي	دار الکتب العلمیة . بیروت
7	تفسیر القرطبي	علامہ القرطبي	دار الکتب المصریة القاهرة
8	بحر العلوم	السمرقندي	مکتبة الشاملة
9	مفاتیح الغیب	فخر الدین رازي	دار إحیاء التراث العربي. بیروت
10	تفسیر النیسابوري	النیسابوري	دار الکتب العلمیة بیروت
12	تفسیر أبي السعود	أبو السعود	مکتبة الشاملة
الحدیث:			
13	صحیح البخاري	امام بخاري	دار طوق النجاة
14	صحیح مسلم	امام مسلم	دار إحیاء التراث العربي. بیروت
15	سنن الترمذي	امام الترمذي	مصطفی البابي الحلبي . مصر
16	السنن الکبری	امام نسائي	مؤسسة الرسالة بیروت
17	سنن ابن ماجه	امام ابن ماجة	دار إحیاء الکتب العربیة البابي الحلبي
18	سنن أبي داود	امام ابي داود	المکتبة العصریة. صیدا. بیروت
19	مصنف عبد الرزاق	عبد الرزاق الصنعاني	المکتب الإسلامي بیروت
20	الموطأ	امام مالک	دار إحیاء التراث العربي. مصر
21	مسند احمد بن حنبل	امام احمد بن حنبل	مؤسسة الرسالة
22	السنن الدارقطني	أبي الحسن الدارقطني	مؤسسة الرسالة

23	صحيح ابن حبان	محمد بن حبان	مؤسسة الرسالة بيروت
24	مسند ابي يعلي	امام ابو يعلي	دار المأمون للتراث . دمشق
25	مسند البزار	امام بزار	مكتبة العلوم والحكم المدينة المنورة
26	المستدرك على الصحيحين للحاكم	امام حاكم	دار الكتب العلمية . بيروت
27	شعب الإيمان	امام البيهقي	مكتبة الرشد للنشر والتوزيع بالرياض
28	السنن الكبرى	امام البيهقي	مجلس دائرة المعارف النظامية حيدر آباد
29	معرفة السنن والآثار	امام البيهقي	جامعة الدراسات الإسلامية كراتشي
30	المعجم الكبير	امام الطبراني	مكتبة ابن تيمية
31	المعجم الاوسط	امام الطبراني	دار الحرمين القاهرة
32	المعجم الصغير	امام الطبراني	المكتب الإسلامي . دار عمار بيروت
33	مصنف ابن ابي شيبه	ابن ابي شيبه	مكتبة الرشد . الرياض
34	سنن الدارمي	الدارمي	دار المغني للنشر والتوزيع السعودية
35	مسند الشهاب القضاعي	أبو عبد الله القضاعي	مؤسسة الرسالة بيروت
36	مسند الطيالسي	سليمان بن داود بن الجارود	هجر للطباعة والنشر
37	الجامع معمر بن راشد	أبي عمرو راشد	المجلس العلمي بباكستان.
38	مسند إسحاق بن راهويه	ابن راهويه	مكتبة الإيمان – المدينة المنورة
39	جامع بيان العلم وفضله	امام قرطبي	دار ابن الجوزي . السعودية
40	الأدب المفرد	امام بخاري	دار البشائر الإسلامية بيروت
41	كتاب التوحيد	ابن خزيمة	مكتبة الرشد . الرياض
42	مسند ابن أبي شيبة	ابن أبي شيبة	دار الوطن . الرياض
47	المُنتخبُ من مُسْنَدِ عَبْدِ بْنِ حُمَيْدٍ	عَبْدِ بْنِ حُمَيْدِ بْنِ نَصْرٍ الكِسِّيّ	عالم الكتب
48	مسند ابن الجعد	ابن الجعد الجوهري البغدادي	دار الكتب العلمية
49	مسند الحميدي	أبو بكر الحميدي	دار السقا دمشق سورياً
50	الآحاد والمثاني	أحمد بن عمرو الشيباني	دار الراية . الرياض
51	كنز العمال في سنن الأقوال والأفعال	الهندي	مؤسسة الرسالة
52	أخلاق العلماء	للآجري	رئاسة إدارات البحوث العلمية والإفتاء والدعوة والإرشاد
53	الإمامة والرد على الرافضة	أبو نعيم الأصبهاني	مكتبة العلوم والحكم المدينة المنورة
54	الكنى والأسماء	الدولابي	دار ابن حزم بيروت لبنان

55	شرح السنة	البغوي	المكتب الإسلامي . دمشق
57	اعتلال القلوب	الخرائطي	نزار مصطفى الباز . مكة المكرمة الرياض
58	شرح معاني الآثار	الطحاوي	عالم الكتب
59	الدعاء	الطبراني	دار الكتب العلمية . بيروت
60	شرح مشكل الآثار	الطحاوي	مؤسسة الرسالة
61	المجالسة وجواهر العلم	أبو بكر الدينوري المالكي	جمعية التربية الإسلامية ، البحرين
	شروح الحديث:		
62	فتح الباري شرح صحيح البخاري	ابن حجر عسقلاني	دار المعرفة بيروت
63	عمدة القاري شرح صحيح البخاري	بدر الدين العيني الحنفي	دار احياءُ التراث العربي بيروت
64	شرح النووي على مسلم	امام نووي	دار إحياء التراث العربي . بيروت
65	شرح صحيح البخاری	ابن بطّال	مكتبة الرشد السعودية / الرياض
66	مرعاة المفاتيح شرح مشكاة المصابيح	أبو الحسن الرحماني	إدارة البحوث العلمية بنارس الهند
67	فيض القدير شرح الجامع الصغير	المناوي	دار الكتب العلمية بيروت
68	إحكام الأحكام شرح عمدة الأحكام	ابن دقيق العيد	مؤسسة الرسالة
	الفقہ:		
69	رد المحتار	ابن عابدين	دار الفكر بيروت
70	الدر المختار	محمد علاء الدين الحصكفي	دار الفكر بيروت
71	مراقي الفلاح بإمداد الفتاح شرح نور الإيضاح	حسن الشرنبلالي الحنفي	مكتبة العصرية
72	الشرح الميسر على الفقهين الأبسط والأكبر	امام أبو حنيفة	مكتبة الفرقان . عجمان
	التصوف		
76	دفينة المطالب	شيخ محمد مراد انصاري	مخطوط
	ببیاض محبوب الاهي	حضرت محبوب الاهي	مخطوط
77	حلية الأولياء وطبقات الأصفياء	أبو نعيم الأصبهاني	السعادة بجوار محافظة مصر
78	الرسالة القشيرية	امام قشيري	دار المعارف القاهرة
79	إحياء علوم الدين	غزالي	دار المعرفة . بيروت
80	تنبيه الغافلين	السمرقندي	دار ابن كثير . دمشق
81	جامع كرامات الأولياء	شيخ يوسف النبهاني	

82	الورع	ابن أبي الدنيا	الدار السلفية. الكويت
83	الرقة والبكاء	ابن أبي الدنيا	الدار السلفية. الكويت
84	صفة الصفوة	ابن الجوزي	دار المعرفة. بيروت
85	ملفوظات شریف پیر سائین روضی ڈتی	خلیفو محمود نظاماٹی	سکندریہ پبلیکیشنز جامعہ راشدیہ
86	فوائد الفواد (اردو ترجمہ)	حسن سنجری المتخلص بہ رسیلی	منظور بک ڈپو، دہلی
87	ہشت بہشت (اردو ترجمہ)		
88	تذکرۃ الاولیاء (اردو ترجمہ)	فرید الدین عطار	
89	سندھ کے صوفیائے نقشبند (اردو)	صاحبزادہ ابوالخیر محمد زبیر	ضیاء القرآن پبلیکیشنز، لاہور
90	مہر منیر (اردو۔ سوانح حیات پیر مہر علی شاہ)	مولانا فیض احمد صاحب فیض	درگاہ گولڑہ شریف
91	درة الاسرار و تحفة الابرار في مناقب ابو الحسن الشاذلي	ابن الصباغ	

السيرة، طبقات و التاريخ

92	السيرة النبوية	ابن هشام	شركة مكتبة بمصر
93	دلائل النبوة	أبو بكر البيهقي	دار الكتب العلمية
94	عيون الاثر في فنون المغازي والشمائل والسير	محمد بن عبد الله	دار القلم بيروت
95	السيرة النبوية	ابن كثير	دار المعرفة للطباعة والنشر. بيروت
96	البداية والنهاية	ابن كثير	دار إحياء التراث العربي
97	تاريخ الخلفاء	السيوطي	مطبعة السعادة مصر
99	تاريخ اليعقوبي	أحمد بن أبي يعقوب	دار الكتب العلمية بيروت
100	تاريخ بغداد	الخطيب البغدادي	دار الكتب العلمية. بيروت
101	تاريخ دمشق	ابن عساكر	دار حسان للطباعة والنشر دمشق
102	تاريخ المدينة النبوية	ابن شبة	دار الفكر بيروت
103	تاريخ ابي الفداء	إسماعيل بن أبي الفداء	دار الشؤون الثقافية العامة. بغداد العراق
104	الكامل في التاريخ	ابن الاثير	دار الكتاب العربي. بيروت لبنان
105	تاريخ خليفه بن خياط	خليفة بن خياط	دار القلم دمشق
106	فتوح البلدان	البلاذري	دار الكتب العلمية بيروت
107	معجم البلدان	ياقوت الحموي	دار الفكر. بيروت
109	مسالك الأبصار في ممالك الأمصار	ابن فضل الله العمري	المجمع الثقافي. أبو ظبي

110	سير أعلام النبلاء	الذهبي	مؤسسة الرسالة
112	البدر الطالع بمحاسن من بعد القرن السابع	علامة محمد الشوكاني	دار المعرفة بيروت
114	النجوم الزاهرة في ملوك مصر والقاهرة	ابن تغري بردي	دار الكتب، مصر
115	تهذيب الكمال	يوسف المزي	مؤسسة الرسالة – بيروت
116	تهذيب التهذيب	ابن حجر عسقلاني	مطبعة دائرة المعارف النظامية، الهند
117	أحسن التقاسيم في معرفة الأقاليم	محمد بن أحمد المقدسي	وزارة الثقافة والارشاد القومي، دمشق
118	أخبار أبي حنيفة وأصحابه	القاضي أبي عبد الله الصيمري	عالم الكتب – بيروت
119	الائمة الاربعة	مصطفى الشكعة	دار الكتاب المصري القاهرة
121	ردو کوثر (اردو)	شیخ محمد اکرام	ادارہ ثقافت اسلامیہ لاہور
122	انوار علمائے اہلسنت سندھ (اردو)	سید زین العابدین شاہ راشدی	زاویہ پبلیکیشنز لاہور
123	چچ نامو (سندي ترجمو)	علي كوفي/مخدوم امير احمد	سندي ادبي بورڊ حيدر آباد
124	تذكره مشاهير سنڌ (سندي)	مولانا دين محمد وفائي	سندي ادبي بورڊ
125	تاريخ و تذكره بزرگان سنڌ (سندي)	مخدوم عبدالخالق هاشمي	درگاه المخاديم كهڙا شريف
126	عرب ءِ هند جا لاڳاپا (سندي ترجمو)	سليمان ندوي/ر ب تميمي	مهراڻ اڪيڈمي

الانساب

127	الأنساب	ابي سعد السمعاني	دار الجنان
128	احكام النسب لحماية الاسرة في الاسلام	الدكتور محمد بنيعيش	دار الكتب العلمية
129	نهاية الأرب في معرفة أنساب العرب	أبو العباس القلقشندي	دار الكتب والوثائق القومية، القاهرة
131	الجوهرة في نسب النبي وأصحابه العشرة	محمد الانصاري	دار الرفاعي للنشر والطباعة والتوزيع الرياض
132	أنساب الأشراف	بلاذري	دار الفكر بيروت، لبنان
133	موسوعة القبائل العربيه	محمد سليمان الطيب	
134	الاستبصار في نسب الصحابة من الانصار	ابن قدامة	دار الشؤون الثقافية، بغداد
135	معجم اسر قبيلة الانصار في العصر الحديث	شيخ مرتضى الانصاري	
136	نسب الانصار في الحجاز		
137	سنڈ عرب نسل تميم "تميم" جي مختصر تاريخ	عبد الرزاق تميم	

متفرقات

138	شرح الشفا	ملا علي القاري	دار الكتب العلمية – بيروت
139	شرح عين العلم وزين الحلم	ملا علي القاري	

140	ابتلاء الأخيار	علامه دميري الشافعي	
141	معاني القرآن وإعرابه	الزجاج	
142	فهرس الفهارس	عبدالحي الكتاني	دار الغرب الإسلامي بيروت
143	المقصد العلي في زوائد أبي يعلى الموصلي		
144	التيسير بشرح الجامع الصغير	الحافظ المناوي	
145	جمع الجوامع	السيوطي	
146	شيخ الاسلام للافغاني	افغاني	
147	مقدمة ذم الكلام	ابو اسماعيل الهروي	مكتبة العلوم والحكم المدينة المنورة
148	الذيل علي طبقات الحنابلة	ابن رجب	دار المعرفة بيروت
149	الرفع والتكميل	شيخ عبدالحي اللكهنوي	مكتب المطبوعات الإسلامية حلب
150	مقدمه منحة الباري مخطوط		مكتبة الملك عبدالعزيز
151	عقيدة أهل السنة والجماعة في الصحابة الكرام	ناصر بن علي	مكتبة الرشد. الرياض
152	القاموس المحيط	الفيروز آبادي	مؤسسة الرسالة للطباعة والنشر والتوزيع. بيروت–لبنان
153	تهذيب الاسماء واللغات	العلامة النووي	دار الكتب العلمية. بيروت لبنان
154	المعجم الوسيط	إبراهيم مصطفى	دار الدعوة
155	معراج سوانح نمبر (سنڈی)		سنڈي ادبي بورڈ
156	سنڈ جا سورما (سنڈی)	جي ايم سيد	
157	تذكرة الخلفاء الغفارية	فقير كرم الله	جامعه مدينة العلم كراچي
158	المقاصد الحسنة	السَّخاوي	دار الكتاب العربي
159	إثبات صفة العلو	ابن قدامة	الدار السلفية. الكويت